سلسلو تاريخ سنڌ – جلد ٽيون

# سنڌ

## (عرب دور)

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ



سنڌي ادبي بورڊ

# تاريخ سنڌ

## عرب دور

(جلد ٽيون)

تصنيف

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

تصحيح

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2009ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون　　جولاءِ 2009ع　　تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ اسي رپيا

(Price: 480-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب پروفيسر سيد زوار حسين شاه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇام شورو سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ سرڪار سن 1951ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ترقي وٺائڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو. بورڊ متعدد اشاعتي رٿون تيار ڪيون، جن ۾ هڪ رٿ سنڌ جي مستند ۽ جامع تاريخ شايع ڪرڻ بابت آهي. هي ڪتاب مذڪوره رٿ هيٺ شايع ڪيو ويو آهي. انهيءَ رٿ جو مقصد، تاريخي دؤر کان اڳ واري زماني کان وٺي سن 1947ع ۾ پاڪستان جي نهڻ تائين، سنڌ جي جامع تاريخ نوَن جِلدن ۾ لکائڻ ۽ شايع ڪرڻ آهي. اميد آهي تہ خدا جي فضل و ڪرم سان، سنڌ جي سچي تاريخ ٽن ٻولين يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هيٺينءَ ترتيب موجب شايع ٿي ويندي:

**جلد-1:** ملڪ جي جاگرافيءَ ۽ آب و هوا جي خاصيتن جو مڪمل بيان ۽ انهن خاصيتن جو سنڌ جي سرزمين جي تاريخ تي جيڪو اثر پيو آهي، تنهن جو ذڪر، سنڌونديءَ جي وهڪرن بدلائڻ جو بيان. ان کان سواءِ، مبصرن طرفان مختلف وقتن تي سنڌ جي تمدني مرڪزن، آباديءَ جي تشڪيل ۽ مقامي ٻولين بابت لکيل احوال.

**جلد -2:** سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب - ايران پاران قبضي ۾ آندل علائقا - سڪندر اعظم جي ڪاهہ - سٿين لوڪ ۽ سندن جانشين - ٻُڌ ڌرم جو دور - برهمڻ گهراڻو ۽ ان جو زوال.

**جلد -3:** عربن جو دؤر، طلوع اسلام جي احوال سميت.

**جلد -4:** سومرا دو ر.

**جلد -5:** سما دور.

**جلد -6:**ارغون، ترخان ۽ مغل دور.

**جلد -7:** ڪلهوڙا دور.

**جلد -8:**ٽالپر دور.

**جلد -9:** انگريزن جو دور، سنڌ جي (بمبئيءَ کان) علحدگي ۽ پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ.

بورڊ انهن نوَن جـُلدن لکڻ جو ڪم جدا جدا عالمن جي حوالي ڪيو هو. پهرين ٻن جلدن جو ڪم "سر چارلس نيپئر اينڊ سنڌ" ۽ "جان جيڪب آف جيڪب آباد" ڪتابن جي مصنف ۽ جڳ مشهور هاڪاري محقق ڊاڪٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ جي سپرد ڪيو ويو هو. لئمبرڪ جو لکيل پهريون جلد (انگريزيءَ ۾) سن 1964ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ ٻيو جلد (انگريزيءَ ۾) 1973ع ۾ شايع ٿيو. بورڊ سندس پهرئين جلد جو سنڌي ترجمو سن 1982ع ۾ شايع ڪيو، ۽ سندس ٻئي جلد جو سنڌي ترجمو 1984ع ۾ شايع ڪيو ويو.

باقي رهيل جلدن منجهان ٽيون جلد "تاريخ سنڌ- عرب دؤر" انگريزيءَ ۾ سال 1978ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو ويو. هاڻي ان جو سنڌي ترجمو پڌرو ٿي رهيو آهي. سنڌي ترجمي تي نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ جو ڪم، سنڌ جي معروف عالم، محقق ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي معزز استاد ڊاڪٽر غلام محمد لاکي وڏي محنت سان مڪمل ڪيو آهي ۽ معزز فاضل مصنف ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جي شخصيت ۽ علمي خدمتن تي هڪ جامع مضمون لکي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ هن ڪتاب جي ڏسٽي پڻ ڊاڪٽر لاکي صاحب جي نظرداري ۾ ئي جوڙي وئي آهي. پنجون جلد انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر سرفراز احمد پٺي وٽان لکجي مليو آهي، جنهن جي ڇپائيءَ لاءِ ڪم هلندڙ آهي. ڇوٿين ۽ ڇهين جلد جي تياريءَ لاءِ تحقيقات ۽ مواد سهيڙڻ جو ڪم جاري آهي. ستون جلد مولانا غلام رسول مهر اردوءَ ۾ لکي ڏنو هو، جو سن 1958ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو سنڌي ترجمو سن 1963ع ۾ شايع ٿيو هو. نائون جلد اجا رهيل آهي، جيڪو انشاءَ الله ڪنهن مناسب موقعي تي راس ٿي پڌرو ٿي ويندو. اهڙيءَ ريت پنهنجي ديس جي تاريخ جي رٿا تڪميل تي رسندي ۽ بورڊ پنهنجي بنيادي مقصدن جي حصول ۾ سوڀارو ٿيندو.

ڄام شورو، سنڌ

17- جولاءِ 2009ع
بمطابق 23 رجب المرجب 1430هه

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي
سيڪريٽري

# پيش لفظ

ننڍي کنڊ جي موجوده دور ۾ لکيل اٽڪل روءِ هر تاريخي ڪتاب ۾، عام طرح سان هيءُ لکيو ويو آهي تہ ان دور جي ثقافتي اهميت ڪونهي، عربن جي سنڌ واري دور کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪجهہ تاريخدان وڌيڪ زور ڏين ٿا تہ، عرب ڦورن ۽ قاتلن جي روپ ۾ آيا، ۽ پوءِ عربستان موٽي ويا، جتي سندن سرزمين تي موجود بيابانن ۾ موجود واريءَ جي زرن وانگر منتشر ٿي ويا. هي رويو جهالت ۽ حسد تي مبني آهي. عرب سنڌو ماٿر جي ڪجھ حصن تي 313 سال قابض رهيا. هي انگ اُنهن اصحابين جيترو آهي، جي پيغمبر اسلام جي ياران بدر جي جنگ ۾ وڙهيا هئا. تاريخي شاهديون موجود آهن تہ، عرب بلوچستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ڪجهہ حصن جا حقيقي حڪمران هئا. انهن جون فوجون مالوه، راجستان، ۽ اوير پنجاب ۾ داخل ٿي ڪارروايون ڪنديون رهنديون هيون. عُربن جا بحري ٻيڙا مالابار ڪان ڪري سيلون تائين، يلغارون ڪري مقامي طاقتن کي ڊيڄاريندا رهندا هئا. سنڌ تي عربن جي سياسي غلبي سان، سنڌ ۽ عرب دنيا ۾ واپاري ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ واڌارو آيو. هن تعلق سبب هڪ نئين تهذيب وجود ۾ آئي، وچئين دور جي تهذيب، جنهن جا اڳواڻ عرب ۽ عربي ڳالهائيندڙ ماڻهو هئا.

سنڌ صوبو وڏي حد تائين، بالادست ڪلچر کان متاثر ٿيو، جنهن جو اثر اڄ بہ سنڌ جي عوام تي حاوي آهي. سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت پاڻ کي سامي نسل سان ڳنڍي، عرب اصليت جي دعويٰ ڪندي فخر محسوس ڪري ٿي. اهو ان ڪري آهي جو ”موالي“ وارو نظام، عربن جي ڪري هتي متعارف ٿيو. ان سبب اهي ماڻهو جن اسلام قبول ڪيو، انهن کي سماج ۾ هيٺين سطح تي رکيو ويو هو. ٻئي طرف عربن پاڻ کي ”اشراف“ سڏيو، جو تہ اهي فاتح بہ هئا تہ اعليٰ نسل جا بہ هئا. ويس، کاڌي جي طور طريقن، شادي ۽ ڏک جون تقريبون، روزمره جا ڪم ڪار، هلت چلت ۽ نفسياتي خاصيت ۾، عرب ۽ سنڌي گھڻي حد تائين قريب ڏسجن ٿا. ترڪن، افغانن، منگولن ۽ ٻين قومن جي ڀيٽ ۾، جن وٽ ڪلچر جي واڌاري لاءِ گھڻي گنجائش نہ هئي، سنڌين مٿان عربن پنهنجو ڪلچر چٽي نموني ۽ وڏي وقار سان نافذ ڪيو هو.

هن ڪتاب ۾ هي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ، عربن سنڌ مٿان گھڻو وقت سياسي بالادستي قائم ڪئي، ۽ سنڌ جي فتح هڪ داستان نہ آهي، جيئن ڪجھہ غير مسلم اسڪالر لکن ٿا. بنواميہ جي خليفن ۽ پوءِ بنو عباس جي خليفن، المتوڪل جي وفات تائين، سنڌ مٿان مستحڪم ۽ طاقت جي زور تي حڪم هلايو. ان بعد سنڌو ماٿر ۾ بہ جدا جدا عرب رياستون وجود ۾ آيون. ملتان جي بادشاهت جنهن ۾ ڏکڻ پنجاب جو اڪثر علائقو شامل هو، اتي بنو اسد قبيلي جي عرب سربراھہ جي حڪومت هئي. ان جو تختگاھہ بہ ملتان هو. جڏهن تہ ٻي سنڌ جي رياست هئي، جنهن جون حدون اروڙ کان عربي سمنڊ تائين هيون، جتي بنو اسد قبيلي جي هڪ شاخ بنوهبار، جيڪي اصل ۾ قريش هئا، منصوره ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪئي. سنڌو ماٿر ۾ عربن ايسين حڪومت ڪئي، جيسين محمود غزنوي طاقتور نہ ٿيو هو. محمود سنڌ ۾ عرب حڪومت جو خاتمو ڪيو.

سنڌ کي وچئين دور جي عرب ڪلچر جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار هو. سنڌ مان سائنس جي مختلف علمن بابت آندل ڪتابن جو مکيہ اثر هو، جو انهن جو بغداد ۽ مسلم دنيا جي ٻين مرڪزن ۾ اڀياس شروع ڪيو ويو هو. سنڌ جي ڪتابن جي اهميت ۽ سنڌي عالمن پاران عرب دنيا ۾، مختلف علمن جي واڌاري لاءِ ادا ڪيل ڪردار کي، خود عرب عالمن بہ تسليم ڪيو آهي. عرب ليکڪن ان ڏس ۾ واضح طرح سان، سنڌو ماٿر جي اڪابرن ۽ ڏاهن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ انساني تهذيب ۽ تمدن جي واڌاري ۾ ادا ڪيل سنڌن ڪردار کي ساراهيو آهي.

ڪيترو بہ گهٽ پر هن ڪتاب ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ جي ٽن صدين جي خال کي پرڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ذريعي پڑهندڙن کي سنڌ جي عام حالتن بابت بنيادي ڄاڻ ملندي، ۽ وچئين دور ۾ تهذيب جي واڌاري جي جهلڪ پڻ مهيا ٿيندي.

**ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ**
حيدرآباد

# فهرست

## (سنڌ جو 'عربي' دور حڪومت)


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب پهريون: سنڌ جي تاريخ جا ماخذ** | |
| **همعصر ماخذ** | 29-19 |
| جاگرافيائي جا ڪتاب ۽ سفرناما | 33-29 |
| پوءِ جا ڪتاب ۽ شعر ناما | 42-33 |
| آثار قديمه | 44-42 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 45 |
| **باب ٻيون: سنڌ ملڪ ۽ ان جو جاگرافيہ** | |
| **سنڌ ملڪ ۽ ان جي جاگرافيہ** | 49 |
| حدون ۽ بيهڪ | 49 |
| طبعي بناوت ۽ ورهاست | 50 |
| ڍنڍون ۽ نديون | 54 |
| آب هوا | 58 |
| **زمين ۽ پوک** | 59 |
| سنڌ جا جانور | 60 |
| ڪاٺيون ۽ ڌاتو | 60 |
| گهمڻ جون جايون | 61 |
| ڪڇ جو رڻ | 62 |
| آدمشماري | 63 |
| ٻولي ۽ رسم الخط | 66 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 68 |

## باب ٽيون: سنڌ جي قديم تاريخ


| | |
|---|---|
| **قديم تاريخ** | 71 |
| **ڏارين جون ڪاهون** | 88 |
| ڪول ۽ سونٿال | 89 |
| آريا نسل | 90 |
| ايرانين جي ڪاهه | 92 |
| يوناني حملا | 94 |
| سٿيا ۽ ساڪا قومون | 98 |
| سفيد هُن | 100 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 102 |


## باب چوٿون: عربن جي فتح کان اڳ سنڌ جون حالتون


| | |
|---|---|
| **سياسي حالتون** | 107 |
| انتظامي جوڙجڪ | 113 |
| قانون ۽ انصاف | 117 |
| **سماجي حالتون** | 120 |
| گهرو زندگي | 121 |
| ريتون رسمون | 123 |
| ڪاڏو يا ڪاڄ | 125 |
| **اقتصادي حالتون** | 126 |
| ٻولي ۽ ادب | 127 |
| **مذهبي حالتون** | 128 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 132 |


## باب پنجون: اسلام کان اڳ جا عرب


| | |
|---|---|
| **اسلام کان اڳ جا عرب** | 137 |
| عربن جي ورهاست | 138 |
| عرب بائده | 139 |
| اڪاد | 141 |
| بائيبلائن قوم | 145 |
| حمورابي جا قانون | 146 |

اسيريا (آشور) 148
ڪلداني 152
ڪنعاني قوم (فينقي) 154
آرامي 158
ثمود، طسم ۽ جديس ۽ عمالقہ قبيلا 160
عرب عاربہ 162
معين جو دور 163
سبا ڄڃي قوم 164
حمير خاندان 167
عرب مستعربہ 170
اتر عرب رياستون - پطرا 172
پالميرا جي حڪومت 176
بُصريٰ جي غساني حڪومت 178
حيره جي بنو لخم 181
حضر موت جا بنو ڪنده 182
بنو قريش ۽ ان جي اهميت 183
حجاز تي ٻاهرين مذهبن جو اثر 188
اسلام کان اڳ جي عربن جو شجرو 191
قريش قبيلي جو شجرو 192
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 194
**باب ڇهون: سنڌ ۽ عرب ناتا، عربن جي حملي جا سبب**
**سنڌ عرب ناتا** 201
سنڌ تي عربن جا اوائلي حملا 207
سنڌ تي عرب حملي جا ڪارڻ 219
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 226
**باب ستون: محمد بن قاسم جو سنڌ فتح ڪرڻ**
**محمد بن قاسم الثقفي هٿان سنڌ جو فتح ٿيڻ** 231
سندس ڪارناما 233
سنڌ تي حملو 236

| | |
|---|---|
| ديبل جو گهيرو | 238 |
| اروڙ جي جنگ | 241 |
| برهمڻ آباد جي فتح | 248 |
| اروڙ جي فتح | 251 |
| ملتان جو قبضو | 252 |
| محمد بن قاسم جي معزولي ۽ موت | 254 |
| محمد بن قاسم جي ترت ڪاميابي جا سبب | 256 |
| محمد بن قاسم جو اخلاق ۽ حاصلات | 260 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 263 |
| **باب اٺون: سنڌ جا عرب گورنر** | |
| **بنو اميه جا گورنر:** | 269 |
| يزيد بن ابي ڪبشه السڪسڪي | 270 |
| حبيب بن مهلب بن ابي صفره | 271 |
| عمرو بن مسلم الباهلي | 272 |
| جنيد بن عبدالرحمان المري | 272 |
| تميم بن زيد العتبي | 274 |
| حڪم بن عوانه الڪلبي | 274 |
| عمرو بن محمد بن قاسم الثقفي | 275 |
| يزيد بن عرار | 275 |
| منصور بن جمهور الڪلبي | 276 |
| **عباسي گورنر:** | |
| مغلس العبدي | 279 |
| موسيٰ بن ڪعب التميمي | 279 |
| هشام بن عمرو التغلبي | 280 |
| عمرو بن حفص المهزار مرد المهلبي | 281 |
| دائود بن يزيد المهلبي | 282 |
| بشر بن دائود | 282 |
| موسيٰ بن يحييٰ برمڪي | 283 |
| عمران بن موسيٰ البرمڪي | 283 |

گورنري دور جو مختصر جائزو 285
حوالا ۽ سمجهاڻيون: 289

## باب نائون: منصوره جو هباري خاندان

منصوره گهراڻي جو بنياد 293
اصليت ۽ نسب 297
عمر بن عبدالعزيز الهباري 300
اوائلي زندگي ۽ ڪردار 301
عمر بن عبدالعزيز هباري بادشاهه جي حيثيت ۾ 302
عبدالله بن عمر 304
قرآن شريف جو پهريون ترجمو 305
عبدالله بن عمر هباري دور جا سڪا 305
موسيٰ بن عمر هباري 306
عمر بن عبدالله هباري 307
عمر بن عبدالله جا چانديءَ جا سڪا 308
عمر بن عبدالله جو ٽامي جو سڪو 308
محمد بن عمر 309
منصوره جي عرب حڪومت جو خاتمو 310
حوالا ۽ سمجهاڻيون: 313

## باب ڏهون: منصوره شهر جو بنياد ۽ ان جي پيهڪ

منصوره جو بنياد 317
منصوره جي پيهڪ 323
منصوره جو اوج 333
حوالا ۽ سمجهاڻيون: 339

## باب يارهون: منصوره جا هاٿوڪا ڪندر

منصوره جا هاٿوڪا ڪندر 345
حوالا ۽ سمجهاڻيون: 357

## باب ٻارهون: سنڌ ۾ عرب انتظاميه

سنڌ ۾ عرب انتظاميا 361
فوجي انتظام 363

| | |
|---|---|
| منصوره جا هاٿي | 365 |
| بچاءَ ۽ جنگي ترڪيبون | 366 |
| **مالياتي انتظام** | 367 |
| خراج ۽ عشر | 367 |
| زڪوات ۽ صدقه | 368 |
| جزيہ يا پول ٽيڪس (مٿڳي) | 370 |
| غنيمة ۽ خمس | 371 |
| عُشور | 372 |
| **عدالتي انتظام** | 372 |
| جيل ۽ قيد خانا | 373 |
| غير مسلمن سان ورتاءُ | 373 |
| **اقتصادي ترقي** | 376 |
| زرعي سڌارا | 376 |
| واپاري مال | 377 |
| واپاري سرگرميون | 378 |
| زرمبادلہ (مٽاسٽا جو ذريعو) | 380 |
| عربن جا سڪا | 381 |
| هباري حاڪمن جا سڪا | 381 |
| **حوالا ۽ سمجهاڻيون:** | 385 |
| **باب تيرهون: ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون** | |
| **ادبي سرگرميون** | 389 |
| **عربي نظم** | 390 |
| ابو عطا السندي | 398 |
| ابو ضلع السندي | 400 |
| ڪشاجم بن شاهڪ السندي | 401 |
| محمد بن محمد السندي | 402 |
| **عربي نثر** | 402 |
| **ديني ادب** | |
| احمد بن محمد المنصوري | 407 |

ابو جعفر المنصوري 408
محمد ابن ابي سوراب 408
ابو جعفر ديبلي 408
احمد بن عبدالله ديبلي 409
الحسنين حامد ديبلي 409
احمد بن محمد ديبلي 410
خلف بن محمد ديبلي 410
محمد بن محمد ديبلي 410
شيخ الاسلام امام الاوزاعي 411
ابو معشر السندي 412
ابو نصر السندي 412
ابو محمد السندي 412
عربي گرامر 413
**ٻولي ۽ رسم الخط** 414
عربي انگ 415
**ثقافتي سرگرميون** 416
زراعت 416
صنعت 417
واپار ۽ تجارت 418
**تجارتي رستن جا فاصلا** 419
چوپايو مال 421
لباس رسمون ۽ هلت چلت 422
**عرب تعميرات** 423
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 427

**باب چوڏهون: عرب دور ۾ سنڌ جا شهر**

**شهر**

نيرون 434
ديبل 439
اروڙ 446

سيوستان (سيوهڻ) 449
بانيہ 451
ڪلري 452
ٻلري 453
منجابري 453
انري يا اتري 454
برهمڻ آباد 455
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 458


## باب پندرهون: ملتان جي عرب حڪومت

**ملتان جي نالي جي اصليت** 463
ملتان ۽ ان جي مندر جي قدامت 464
ملتان جي عرب حڪومت 465
ملتان جا حاڪم 466
ملتان جو بت 467
ملتان جو عرب دور 469
ملتان جي عرب حڪومت جو خاتمو 472
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 474


## باب سورهون: سنڌ جا قرمطي

**سنڌ جا قرمطي** 479
قرمطين جي اصليت 48
سنڌ ۾ قرمطين جو ظاهر ٿيڻ 482
اسماعيلي فاطمين طرفان انهن سان ڏاڍائي 484
اسماعيلين جو سنڌ ۾ خاتمو 485
سنڌ تي سومرن جي حڪومت 487
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 490


## باب سترهون: عرب سائنس جي واڌاري ۾ سنڌ جو حصو

**عرب سائنس جي واڌ ۾ سنڌ جو حصو** 493
علم الحساب 494
علم النجوم 495

طب
علم الحيوان 500
ڪيميا ۽ ٻوٽن جو علم 501
سياست 501
جاگرافي 502
فلسفو 502
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 505

## پڇاڙي: سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر

**سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر** 509
سنڌ ۾ تصوف 511
نتيجو 512
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 514

## تعليقات:1

**ڀنڀور جا ڪنڊر ۽ انهن جي ديبل سان تشبيهه**

ڀنڀور جي بيهڪ 517
ڪوٺائي 517
نالي جي اصليت ۽ تاريخ 518
ڀنڀور جو ديبل سان لاڳاپو 520
ديبل سان ان جي تشبيهه جا دليل 522
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 525

## تعليقات: 2

حيدرآباد شهر جي قدامت ۽ تاريخ 529
حوالا ۽ سمجهاڻيون 534

## تعليقات: 3

سنڌي ٻولي 537
سنڌي ٻوليءَ جي اصليت 538
لهندا ۽ داردي ٻولين سان ناتو 542
سنڌي لهجا 543
ٻاهريون اثر 544

سنڌي صورتخطي 545
سنڌيءَ جو مستقبل 546
**حوالا ۽ سمجهاڻيون:** 548
متفرقه 549

## عربي ۽ فارسي ڪتابن مان اقتباس

عربي ۽ فارسي ڪتابن جي اقتباس جو سنڌي ترجمو 567
سامي نسل جي قومن جو چارٽ 587
منصوره جي عرب حاڪمن جو شجرو 588
سنڌ جي عرب گورنرن جي فهرست 589
منصوره جي هباري حاڪمن جي فهرست 591
ببليوگرافي 592
نقشا، پٽي ۽ لڪت 601
ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ۽ عرب دور (از: غلام محمد لاکو) 609
**ڏسٽي** 617

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ

## عرب دور

1- همعصر ماخذ

2- همعصر جاگرافي جا ڪتاب ۽ سفرناما

3- پوءِ جا ڪتاب ۽ ديوان (شعرناما)

4- آثار قديمه ۽ کوٽائي

باب پهريون

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ

## همعصر ماخذ

### فتوح البلدان:

همعصر ماخن ۾ سڀ کان پهرين "فتوح البلدان" جو نالو اچي ٿو جو جڳ مشهور ليکڪ البلاذري جو تصنيف ڪيل آهي ۽ انهيءَ ۾ انهن سڀني ملڪن جي فتوحات جو ذڪر آهي جيڪي عرب مسلمانن اسلام جي پهرين صدين ۾ فتح ڪيا هئا. احمد بن يحيٰ بن جابر، تاريخ دان جو اصلي نالو آهي پر ڪيس عموماً بلاذري سڏيو ويو آهي. چاڪاڻ ته هو بلاذر نالي هڪ نشي آور ٻوٽيءَ جو استعمال ڪندو ذو، جا آخر ۾ سندس موت جو سبب بني[1]. البلاذري، خليفي المتوڪل جي زماني جو آهي، پر هُن خليفي المستعين ۽ خليفي المعتز جو دور پڻ ڏٺو. هو تاريخ، جاگرافي، علم ادب، علم نسب ۽ روايت جي علم جو ماهر هو ۽ جئن ته هو بغداد جو رهاڪو هوان ڪري ڪيس فارسي ٻوليءَ جي ڄاڻ پڻ هئي. انهيءَ سبب هن ڪيترائي ڪتاب فارسي مان عربي ۾ ترجمو ڪيا آهن. پر سندس ٻه ڪتاب جڳ مشهور آهن. اهي هي آهن: فتوح البلدان ۽ ڪتاب الانساب الاشراف. فتوح البلدان ۾ سنڌ جي عربن هٿان فتح ٿيڻ کان اڳ جيڪي سنڌ تي عربن طرفان حملا ٿيندا رهيا، انهن جو احوال پڻ فتوح البلدان ۾ موجود آهي. هن شاهڪار ۾ عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي تاريخ تي خليفي المتوڪل عباسي جي دور تائين پڻ روشني وڌي ويئي آهي.

فتوح البلدان. سن 1319هه /1901ع ۾ قاهره (مصر) مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

### تاريخ اليعقوبي:

اليعقوبي جو تاريخي شاهڪار[2]، سنڌ جي تاريخ تي فتوح البلدان کان پوءِ سند جي حيثيت رکي ٿو. تاريخ اليعقوبي جي مصنف جو سچو نالو هي هو: احمد بن يعقوب بن جعفر اليعقوبي. هو بغداد ۾ علم ادب جي شعبي ۾ هڪ

وڏي عهدي تي فائز هو. ٻڌايو ويو آهي تہ هو وڏو سياح هو جنهن اسلامي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو. هن ننڍي ڪتاب جو بہ دورو ڪيو هو. هن ڪيترائي ڪتاب جدا جدا مضمونن جهڙوڪ تاريخ، جاگرافي، طب، نجوم ۽ بين فنون تي لکيا آهن. سندس لکڻ جو لهجو شيعا مذهب ڏانهن مائل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ لڳي ٿو اهائي ان وقت بغداد جي عباسي خليفن جي پاليسي هئي. جاگرافي تي سندس لکيل تصنيف "ڪتاب البلدان" دنيا جي ملڪن بابت طبقات الارض ۽ اقتصاديات جو هڪ نادر تحفو آهي. جنهن مان هاڻوڪي دور جا ماڻهو بہ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ انهيءَ ڪتاب ۾ گهڻو تفصيل ان وقت جي اسلامي سلطنت جو ڏنل آهي جنهن مان هڪ تاريخ دان ۽ اقتصاديات جو ماهر، انيڪ ڪمائتيون ڳالهيون هٿ ڪري سگهي ٿو. اليعقوبي جي تاريخ، جنهن کي تاريخ اليعقوبي جو نالو ڏنل آهي، هڪ مڪمل بين الاقوامي تاريخ آهي جنهن ۾ انسان ذات جي تاريخ - آدم عليہ السلام کان وٺي خليفي المعتمد علي الہ عباسي تائين درج ڪئي ويئي آهي. تاريخ اليعقوبي ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ ننڍي کنڊ جي تهذيب ۽ تمدن جو ذڪر آهي ۽ ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ علم - ادب ۽ سائنس جي ڪهڙن شعبن ۾ ترقي ڪئي ويئي ۽ ان مان عربن کي ڪهڙو فائدو رسيو. ان ۾ ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي ثقافت جو بہ بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سنڌن ريتون رسمون سنڌن اٺ ويهہ جا طريقا. سنڌن دين ۽ مذهب ۽ پڻ انهن سائنسن جو ذڪر آهي جي ننڍي کنڊ مان سنڌ جي معرفت، عرب دنيا ۾ پهتيون ۽ انهن جي ترقي ڪئي ويئي. اليعقوبي جي تاريخ ۾ تورات مقدس جا ڪيترائي حصا نقل ڪيا ويا آهن. جن ۾ عرب ۽ يهودي قومن جي نسل تي کوجنا ڪئي ويئي آهي ۽ ثابت ڪيو ويو آهي تہ اهي ٻئي سامي (سامٽيمڪ) قوم جون شاخون هيون ۽ انهن جي شروعات حضرت ابراهيم کان ٿي. تاريخ اليعقوبي - سڀ کان پهرين سن 1883 عيسوي ۾ ليدن (هالينڊ) ۾ ٻن جلدن ڇپجي پڌري ٿي ۽ پڻ دارالعراق بيروت مان سن 1375ھ/1955ع ۾ ڇپجي چڪي آهي. بيروت وارو ڇاپو ٽن حصن ۾ آهي. جنهن مان پهريون حصو انسان ذات جي تاريخ سان وابستہ هئڻ ڪري آدم عليہ السلام کان وٺي حضرت محمد ﷺ تائين عام تاريخ آهي. ٻيو حصو اسلامي تاريخ جو آهي، جا حضرت محمد ﷺ جن کان وٺي مروان پهرئين تائين ۽ ٽيون حصو بنو اميہ جي سونهري دور کان وٺي عباسين جي اوائلي دور خليفي المعتمد عباسي جي حڪومت تائين مڪمل تاريخ آهي.

تاريخ اليعقوبي جي اهميت انهيءَ حقيقت مان واضح آهي تہ ان ۾ انهن سڀني عرب گورنرن جو ذڪر آهي، جي سنڌ تي وقت بہ وقت، بنواميہ ۽ عباسي دور ۾ موڪليا ويا هئا. اهو اطلاع بي ڪنهن بہ تاريخ جي ڪتاب ۾ موجود نہ آهي ۽ جي ڏنل آهي تہ اهو بہ بنا ترتيب جي. اليعقوبي گهٽ ۾ گهٽ ڪري هر ڪنهن گورنر لاءِ سن ۽ سندس گورنري جو عرصو پڻ بيان ڪيو آهي. جنهن سبب سنڌ جي عربي دور جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ قسم جو خال نہ ٿيڻ ڏنو ويو آهي. اليعقوبي جيتوڻيڪ هڪ شيعا مؤرخ جي حيثيت ۾ پنهنجي ڄاڻ قلمبند ڪئي آهي ۽ ڪانئس جيترو ٿي سگهيو آهي اوترو تعصب ۽ پاسخاطري کان هن پاسو ڪيو آهي.

## تاريخ طبري:

تاريخ طبري، انساني تاريخ جي وچئين دور جي نهايت ئي معتبر ۽ عبارت جي خيال کان عظيم تصنيف مڃي ويئي آهي. ڪتاب جو مڪمل نالو "تاريخ الرسل والملوڪ" آهي ۽ ان ۾ دنيا جي تاريخ - انسان ذات جي خلقڻ کان وٺي سن 302 هہ تائين بيان ڪيل آهي. ابوجعفر محمد بن جرير الطبري آمل ۾ ڄائو هو جو طبارستان (ايران) ۾ آهي. اتي ئي هن قرآن ۽ حديث ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ اجا عمر جو ننڍو ئي هو تہ هن سياحت ۽ سفر کي پنهنجو پيشو بنايو. اسلامي دنيا جي سڀني ملڪن ۾ گهميو ۽ علم حاصل ڪيائين ۽ زندگي جو گهڻو وقت بغداد ۾ گذاريائين ۽ وفات پنهنجي ابائي وطن آمل ۾ ٿيس جتي سن 310هہ / 923ع ۾ گذاري ويو. الطبري جي تاريخ، آدم جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي سن 302 هہ تائين ڏنل آهي ۽ اسلامي تاريخ وارو حصو نهايت ئي خبرداري سان هجري سن مطابق هڪ ٻئي پٺيان وقت ۽ واردات مطابق بيان ڪيو ويو آهي. الطبري جي روايت پيش ڪرڻ جو طريقو تواريخي آهي جنهن ۾ اسناد (سندن) کي مذهبي حديثن تائين ڳوليو ويو آهي. تاريخ تي سندس جمع ڪيل مواد زباني روايتن تي مبني آهي جيڪي هن پنهنجي سير ۽ سفر جي وقت جمع ڪيون هيون ۽ پڻ انهن تقريرن تي بہ انهن جو دارومدار آهي جيڪي هن وڏن عالمن، محدثن ۽ اديبن جي واتان اسلامي دنيا جي جدا جدا مرڪزن ۾ ٻڌيون ۽ انهن ۾ بيان ڪيل ڳالهين جي تصديق

ڪرائي. اسناد ۾ معتبر روايتن کي قلمبند ڪيو ويو آهي ۽ غير معياري يا غير معتبر ڳالهين کي لکڻ کان پرهيز ڪئي ويئي آهي.

تاريخ الطبري ۾ سنڌ جي فتوحات جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ان سان گڏ انهن گورنرن جو بہ بيان ڏنو ويو آهي جي وقت بوقت سنڌ ۾ موڪليا ويا هئا.

بغداد جي مرڪزي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ عربن جي خالص حڪومت جو بہ ذڪر ٿيل آهي، جيڪا بنو هبار خاندان جي عربن منصوره شهر ۾ قائم ڪئي هئي ۽ ان جو سڄي سنڌ تي اثر هو. الطبري جي پهرين حصي ۾ عرب قوم جي مڪمل تاريخ، انهن جا حصا، انهن جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ آثار قديم جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي.

تاريخ اخبار الرسل الملوڪ سڀ کان پهرين سن 1861 عيسوي ۾ ايڊٽ ڪئي وئي ۽ بريل ليدن (هالنڊ) مان ڇپائي پڌري ڪئي ويئي. انهيءَ جا ڪل ساڍا ٻارنهن حصا آهن. پر جيڪي ڪجهہ ڇپيو آهي اهو اصلي ڪتاب جو ڏهون حصو بہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ قيمتي ڪتاب جو گهڻو حصو ضايع ٿي ويو آهي.

## آثارالبلاد :

هن ڪتاب جو سڄو نالو "آثارالبلاد وَ اخبارالعباد" آهي ۽ ان ۾ دنيا جي مختلف شهرن ۽ سمنڊن بابت بيان قلمبند ڪيا ويا آهن. اهو ڪتاب ايراني سياح نالي ذڪريا جو قزوين جو رهاڪو هو، مرتب ڪري لکيو. زڪريا قزويني انهيءَ ڪتاب ۾ ننڍي ڪنڊ جنهن ۾ سنڌ بہ شامل آهي، ان جي ماڻهن جي حالت، سندن تهذيب ۽ ثقافت ۽ سندن مذهبي زندگي جو ذڪر ڪيو آهي، جو گهڻو ڪري اکين ڏٺو احوال آهي. هن سنڌ جي ٽن شهرن ملتان، منصوره ۽ ديبل جو احوال ڏنو آهي، ۽ ٻڌايو اٿس تہ هي شهر نهايت ئي آباد ۽ ڳتيل هئا، ۽ واپار جا وڏا مرڪز هئا جتي مارڪيٽون لڳنديون هيون ۽ جدا جدا ملڪن جو مال ڏي وٺ ۾ ايندو هو.

آثارالبلاد وَ اخبارالعباد وستنفيلڊ طرفان سن 1848عيسوي ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو سنڌ ۾ اهو ڪتاب فقط ڪراچي جي مجلس علمي لئبرري ۾ ڏٺو ويو جا بهادر آباد ڪالوني ۾ آهي.

## اخبارالطِوال:

اخبارالطوال، ابو حنيفہ احمد بن دائود الدينوري جو لکيل آهي ۽ تاريخ جو اهم ڪتاب آهي. دينوري صاحب ٽين هجري جو ليکڪ آهي[3] سندس لکڻ جو طريقو بہ انوکو آهي. هن پنهنجي تاريخ ايرانـي نقـط نظر سان لکي آهي ۽ اسلامي تاريخ جو ان ۾ ڪوبہ خيال نہ ڪيو آهيس. هن پنهنجي تصنيف ۾ شخصيتن، حادثن، وارداتن ۽ واقعن کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. مثال طور شخيصتن ۾ نوشيروان عادل جو ذڪر ڪيو آهيس جو ايران جي ساساني خاندان جو باشاه هو ۽ حادثن ۾ قادسيہ ۽ ڪربلا جو بيان ڏنو آهيس، جيڪي بئي ايراني نقطہ نگاهہ کان اهم ۽ ايران لاءِ تباهہ ڪن هئا. وارداتن ۽ واقعن ۾ صفين ۽ نهروان جو احوال ڏنل آهي جي پڻ تاريخ جا اهم واقعا هئا. عرب تاريخ ۾ الدينوري جو ڪتاب پنهنجي نوعيت جو اهم ۽ عجيب ڪتاب آهي، جنهن ۾ البت شيعہ نقطہ نگاهہ جو بہ خيال رکيو ويو آهي.

الدينوري بيا بہ گهڻئي ڪتاب لکيا آهن جنهن ۾ مئثميٽڪس (حسابن) ۽ الجبرا تي سندس لکيل بہ ڪتاب، الڪتاب البحث في حساب الهندي ۽ ڪتاب الجبر والمقابلہ وڏي اهميت رکن ٿا.

اخبارالطوال جنهن جا ڪي حوالا هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن، بريل طرفان سن 1912ع ۾ ليدن (هاليند) ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## سلسلة التاريخ:

هيءُ هڪ ننڍو ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪن عربن سياحن ۽ جاگرافي دانن جي گڏ ڪيل بيانن جو ذڪر ڪيل آهي. اهي عرب سياح جن مان ٻن جا نالا هيٺ اچن ٿا. ننڍي ڪنڌ جنهن ۾ سنڌ بہ شامل آهي. ان جا بندر ڏسي ۽ گهمي ويا هئا، ان ڪري سندن لکتون اکين ڏٺو احوال آهن جن مان ان وقت جي حالتن جي خبر پوي ٿي. انهن سياحن ۽ تاجرن مان، سنڌ تي اهم احوال سيراف جي ابوزيد ۽ سليمان تاجر جا آهن ۽ همعصر سَنَـدن جي حيثيت رکن ٿا.

سلسلة التاريخ، دارالطبعة السلطانيہ پيرس (فرانس) مان سن 1811ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## سيرة النبوية:

پيغمبرالاسلام محمد ﷺ جي سوانح تي ابن هشام جو لکيل ڪتاب پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي. ابن هشام جو سڄو نالو عبدالملڪ بن هشام هو ۽ ڏکڻ عربستان جي حمير قبيلي مان هو جن يمن مان هجرت ڪري، شام ملڪ وسايو هو. ابن هشام سن 213هه ۾ بغداد ۾ وفات ڪئي، سندس تصنيف اصل ۾ ابن اسحاق جي مشهور ڪتاب "ڪتاب سيرت الرسول" جو اختصار آهي.

سنڌ جي عرب دور لاءِ انهيءَ ڪتاب جي اهميت انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته، ان ۾ منصوره جي بنو هبار خاندان جو نسب ۽ انهي جي قبيلي بنواسد جو اسلام جي خلاف ۽ اسلام لاءِ جنگ ڪرڻ جو ذڪر آهي. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت بنو هبار جي خاندان جي غزنوي سلطان محمود جي هٿان پڄاڻي ٿي. هبار بن الاسود پاڻ به نبي سڳوري جي مخالفت ڪئي هئي ۽ سندن ڌيءَ زينب کي ڀالو هڻي زخمي ڪيو هو. پر پوءِ ڪيس معاف ڪيو ويو.

سيرة، ابن هشام سن 1355 هه ۾ چئن جلدن ۾ قاهره ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جو عيسوي سن 1936 جي برابر آهي.

## عجائب الهند بره و بحره:

عجائب الهند (هندوستان جا عجائبات) ۾ رام هرمز بندر جي مشهور تاجر ۽ سياح بزرگ بن شهريار جون جمع ڪيل ۽ لکيل ڪهاڻيون ڏنل آهن جو پاڻ ايراني هو پر ڪهاڻيون عربي ۾ لکيون اٿس. بزرگ بن شهريار چوٿين صدي هجري جو آهي ۽ هن جا ڏنل بيان فقط انهن ملڪن تائين محدود آهن جيڪي بحر هند جي ڪناري تي آهن. اهم ڳالهه جيڪا بزرگ پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪئي آهي، اهو آهي قرآن جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ تفسير ۽ اها حقيقت ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ موجود نه آهي. جيئن ته اهو سياح همعصر ليکڪ جي حيثيت رکي ٿو، ان ڪري سندس بيان وڏي اهميت رکي ٿو. هن پنهنجي تصنيف ۾ سنڌ جي منصوره واري عربي حڪومت جي بادشاهه جو نالو پڻ ڏنو آهي. يعني ته عبدالله بن عمر الهباري جو منصوره جو ٻيو نمبر حاڪم هو. ۽ عمر بن عبدالله الهباري جو پٽ هو. عبدالله بن عمر جا ڪي سڪا دلور جي پڙي

مان پڻ مليا آهن جن مان ان جي حڪومت جي تصديق ٿئي ٿي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن ۽ بندرن جو ذڪر بہ ملي ٿو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ جو واپار نہ فقط عرب دنيا سان هلندڙ هو، پر سنڌ جا واپاري ٻيڙا بحر هند مان ٿيندا. انڊونيشيا ۽ چين تائين ويندا رهندا هئا ۽ اتي جو مال ديبل بندر تي آڻي ڪنو ڪندا هئا.

عجائب الهند ۾ جيڪا عربي استعمال ڪئي وئي آهي ان ۾ وچئين دور جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جڏهن تہ ان ٻوليءَ تي ٻاهرين ٻولين جو اثر پيو ۽ ان ۾ اهڙا لفظ ۽ محاورا شامل ڪيا ويا، جن جو عربي ٻوليءَ سان پري جو بہ واسطو نہ آهي. عجائب الهند جو نسخو پهريون دفعو قاهره (مصر) ۾ 1908ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. فرينچ ٻوليءَ ۾ انهيءَ جو ترجمو جي. ساواگوت، 1954ع ۾ دمشق (شام) مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو روسي ٻوليءَ وارو ترجمو مسٽر اهلريچ ماسڪو (روس) مان 1959ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

## طبقات الڪبير:

هي مشهور ڪتاب ابي عبدالله محمد بن سعد لکيو ۽ ٻارنهن جلدن ۾ ورهايل آهي. انهيءَ ۾ مضمونن ۽ مقالن کي طبقات (حصن) ۾ ورهايو ويو آهي جنهن ۾ سڀ کان پهرين نبي سڳورو، ڪانئس پوءِ سندس اصحاب، مهاجرين ۽ انصار، پوءِ تابعين ۽ ان کان پوءِ تبع تابعين جو وقت، ڪم ۽ ڪارنامن وغيره جو ذڪر "طبقات" مطابق ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو مصنف ابن سعد، بغداد جو رهاڪو هو جتي هن 845 عيسوي ۾ وفات ڪئي. هو الواقدي جو سيڪريٽري هو جنهن "ڪتاب المغازي" لکيو آهي. ڪتاب المغازي ۾ حضور ﷺ جن جي انهن سيني جنگين جو ذڪر آهي جي، دين اسلام جي ڦهلائڻ خاطر پاڻ سڳورن ڪافرن سان جوٽيون هيون. ابن سعد جي ڪتاب جو گهڻو مواد "ڪتاب المغازي" تان ورتل آهي پر سندس ڏنل ترتيب "ڪتاب المغازي" کان بلڪل مختلف آهي ۽ اهائي انهيءَ ڪتاب جي خوبي آهي. هن ڪتاب جي سنڌ جي تاريخ لاءِ اها اهميت آهي تہ ان ۾ بنواسد قبيلي جو تفصيلوار ذڪر ڪيل آهي جنهن سان پيغمبر ﷺ جن جو مائٽاڻو ناتو هو. بنو هبار جنهن سنڌ ۾ منصوره جي عرب حڪومت قائم ڪئي هئي. بنو اسد قبيلي جي شاخ هئي.

طبقات الڪبير، پروفيسر زخائو ايڊٽ ڪيو ۽ ليدن ۾ 1322 هـ /1904ع جي ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب البيان والتبيين:

ڪتاب البيان کي عربي علوم جي هڪ ياداشت تصور ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي تہ عربي ڳالهائيندڙ ماڻهو هر فن مولا آهن ۽ انهن کي نظم تي مهارت حاصل آهي. ڪتاب جو مصنف ابوعثمان عمرو بن بحر الجاحظ الفخيامي البصري هو ۽ هو وچئين دور جو وڏو نثر نويس سمجهيو وڃي ٿو. الجاحظ، بصره شهر ۾ سن 160 هـ /776ع ۾ ڄائو. غريب خاندان سان سندس تعلق هو. حبشي هئڻ ڪري سندس تعلق موالي طبقي سان هو جن کي عرب سلطنت ۾ ٻئي درجي جي حيثيت حاصل هئي. هو معتزلہ خيالن جو حامي هو ۽ هن علم لسان، ڊڪشنري جي علم ۽ شعر وشاعري ۾ چڱو نالو ڪڍيو. هن اٽڪل ٻہ سؤ ڪتاب لکيا آهن پر فقط ٽيهہ هيل تائين دستياب ٿي سگهيا آهن. ٻيا انساني غفلت ۽ علم سان لاپرواهي هئڻ سبب ضايع ٿي ويا. جيڪي ڪتاب باقي دستياب ٿيا آهن انهن مان ڪتاب البيان ۽ ڪتاب الحيوان کي عربي علم ۽ ادب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

ڪتاب البيان ۾ سنڌو ماٿر جي علوم جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪهڙا ڪهڙا علم، ليکڪ، شاعر ۽ سائنس دان سنڌ مان بغداد پهتا هئا ۽ انهن ڪهڙي طرح پنهنجي تصنيفن ۽ ٻين آندل ڪتابن جي وسيلي عربي ادب، سائنس ۽ ٻين علمن ادب ۾ واڌارو آندو. اهي عالم ۽ فاضل شخص عباسي خليفن جي دعوت تي سنڌ مان بغداد ويا هئا ۽ البرمڪي وزيرن انهن جي مان ۽ شان کي برقرار رکڻ لاءِ، سنا پگهار ۽ ٻيون رعايتون ڏنيون هيون.

ڪتاب البيان ٽئن جلد ۾ قاهره (مصر) ۾ سن 1367هـ / 1948ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## جمهرة انساب العرب:

جمهره هڪ همعصر ماخذ آهي جو اسپيني عرب ليکڪ ابو محمد علي بن احمد لکيو جو علمي دنيا ۾ ابن خرم طور مشهور آهي. هن ۾ هبار بن اسود، سندس پاران ڪيل پيغمبر اسلام جي مخالفت، سندس اولاد جن پوءِ

عربن جي منصوره جي بادشاهت جو بنياد رکيو. ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ محمود غزنوي هٿان عربن جي خاتمي جو بيان پڻ ملي ٿو. دائره معارف قاهره هي ڪتاب 1948ع ۾ ڇپيو آهي.

## الفهرست:

وچئين دور جي مشهور ۽ اهم ڪتابن مان هڪ آهي. هن ڪتاب ۾ دنيا جي مشهور ادبي، علمي ۽ تاريخي شخصيتن جي زندگي، سندن ڪارنامن ۽ سندن خدمتن جو تفصيلوار بيان ڏنل آهي.

ڪتاب جو ليکڪ محمد ابن اسحاق ابن ابي يعقوب آهي پر کيس عموماً ابن نديم سڏيو ويندو هو. سندس بيا تخلص "ابو الفتح" ۽ "ابوالفرح" پڻ هئا. هو بغداد جو وڏو لئبررين (ڪاتب) هو. الفهرست ۾ دنيا جي ملڪن جي مذهب، ادب، علم، ٻولين، رسم الخط (صورتخطي) وغيره جو تفصيلوار ذڪر ڪيو ويو آهي. ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت مختلف علوم ۽ سائنس ۾ انسان ذات ترقي ڪئي.

الفهرست جو سنڌ جي تاريخ بابت ڪمائتو مواد، عباسي دور ۾ سنڌ جي عالمن ۽ ڪتابن متعلق آهي، جي سنڌ مان عراق موڪليا ويا هئا. ننڍي کنڊ جي ڪتابن جي ترجمن سبب ڪهڙن ڪهڙن علمن ۽ سائنس ترقي ڪئي. ان بابت منصل بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪا اهم ڳالهه بيان ڪيل آهي اها سنڌ جي رسم الخط متعلق آهي. سنڌي ٻولي ان وقت عربي ۽ ناگري رسم الخط جي ميلاپ مان ناهيل صورتخطي وسيلي لکي ويندي هئي. افسوس هي آهي ته انهيءَ صورتخطي سان لکيل ڪتاب اڄ تائين نه ملي سگهيو آهي. انگن لکڻ جو طريقو به ساڳيو هو جو اڄ لکيو وڃي ٿو. البت ٻڙي يا صفر لکڻ جو طريقو اڄ کان نرالو هو. ٻڙي ڪي انگ جي اڳيان ڏيڻ جي بدران انگ جي هيٺان هن ريت لکيو ويندو هو. ١ ٢ ٣ ٤ ٥ ٦ ٧ ٨ ٩ ابن نديم سن 375هه /995ع بغداد ۾ وفات ڪئي. الفهرست قاهره ۾ ايڊٽ ٿي. سن 1348هه /1930ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## تاريخ بغداد:

هي نامور شاهڪار حافظ ابي بڪر احمد بن علي ابن ثابت ابن مهدي ابن ثابت جو لکيل آهي. جنهن کي الخطيب البغدادي سڏيو ويندو هو. الخطيب بغداد جو رهاڪو هو ۽ کيس قرآن، حديث، فقه ۽ تاريخ جي علم ۾ سند تسليم ڪيو ويو آهي. ابن الخطيب 3 جمادي الثاني سن 392 هه /1002ع تي بغداد ۾ جائو ۽ اتي ئي ذي الحجة جي مهيني ۾ سال 463 هه /1071ع ۾ وفات ڪيائين.

تاريخ بغداد ۾ انهن سيني سنڌي عالمن ۽ فقيهن، اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر آهي. جن عرب دنيا ۾ نالو ڪڍيو. تاريخ بغداد قاهره (مصر) ۾ ايڊٽ ٿي سن 1359ع/1931ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي.

## اعلاق النفيسه:

اعلاق النفيسه ٽين صدي هجري جي هڪ عالم ابوعلي احمد بن رسته جي تصنيف آهي. هو ابن فقيه همداني جو همعصر هو ۽ هن پنهنجو ڪتاب 290هه ۾ لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي عبادتگاهن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ماڻهن جي مذهبي حالت جو جائزو ورتل آهي. ملتان جي مندر جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. جتي ننڍي ڪنڌ جا ماڻهو هر سال مقرر ڪيل ڏينهن تي ايندا هئا ۽ قربانيون ڪندا هئا. انساني قرباني ۽ خودڪشي ڪرڻ جا طريقا بہ بيان ڪيا ويا آهن.

اعلاق النفيسه بريل ليدن ۾ ايڊٽ ٿي سن 1891 عيسوي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب الورقه:

ڪتاب الورقه ۾ انهن عالمن، شاعرن ۽ اديبن جون سوانح ڏنل آهن جن عربي علم ادب جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ٻن وڏن شاعرن ابو عطا سنڌي ۽ ابو ضلع سنڌي جا بيت ڏنا ويا آهن، جي اصل ۾ موالي طبقي سان وابستہ هئا ۽ بغداد جا رهاڪو هئا. ابوضلع لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هن ڪيترا ڀيرا سنڌ ۽ هند جو سفر ڪيو ۽ انهن جي ساراهہ ۾ هڪ ڊگهو قصيدو لکيو آهي. اهو ساڳيو قصيدو زڪريا قزويني نالي هڪ تاجر ۽ سياح جي ڪتاب آثار البلاد ۾ بہ ڏنل آهي، جنهن جو هن ڪان اڳ ذڪر ڪيو

ويو آهي. ڪتاب الورقه جي مصنف جو نالو ابي عبدالله محمد بن دائود آهي ۽ ڪيس "ابن جراح" جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي جو سندس تخلص هو.

الورقه دارُالمعارف قاهره (مصر) مان ڇپجي پڌرو تيو پر ان تي ڇاپي جو سن ڏيڪاريل نه آهي.

## همعصر جاگرافي جا ڪتاب ۽ سفرناما:

همعصر تاريخي شاهڪارن کان سواءِ جاگرافي جا ڪتاب ۽ سفرنامه پڻ آهن، جيڪي سنڌ جي عرب دور تي تاريخي سند جي حيثيت رکن ٿا ۽ انهن ۾ سنڌ جي ثقافت تي به ڪافي مواد موجود آهي. اهي ڪتاب انهن نامور جاگرافي جي ماهرن ۽ بين سياحن جا لکيل آهن جن سنڌ جو سفر پڻ ڪيو هو ۽ اتي جي تاريخ، جاگرافي (علم الارض)، ثقافت، انساني زندگي، عام حالتن ۽ معاشري تي نهايت ئي ڪمائتا رايا ڏنا آهن. انهن علم الارض جي ماهرن مان المسعودي، الاصطخري، ابن حوقل، بشاري مقدسي، وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. ڇاڪاڻ ته انهن سنڌ جي عربي دور ۾ سنڌ جي سياحت ڪئي هئي ۽ اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي. انهن اهي بيان به قلمبند ڪيا آهن جيڪي ڪيس مقامي ماڻهن وٽان هٿ لڳا. هنن مختلف مضمونن ۽ عام مروج ڳالهين بابت پنهنجا رايا ڏنا آهن جي وڌيڪ صحيح ۽ مستند آهن.

## مروج الذهب ومعادن الجواهر:

مروج الذهب جو درجو سنڌ جي تاريخ تي همعصر شاهڪارن مان آهي. اهو ڪتاب ابوالحسن علي المسعودي لکيو آهي جنهن کي يورپ جي عالمن، "عربن جو هيروڊوٽس" سڏيو آهي. هو چوٿين صدي هجري جي اوائل ۾ ملتان مان سنڌ پهتو. منصوره ۾ ڪيس سنڌ جي هباري بادشاهه عمر بن عبدالله بن عمر بن عبد العزيز طرفان عزت ۽ احترام سان استقبال ڪيو ويو. المسعودي سرڪاري خرچ تي سنڌ جو دورو ڪيو ۽ اتي جي شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ معاشرتي نظام جو تفصيلوار ذڪر ڪيو آهي[5]. هن سنڌ جي ماڻهن جي سماجي، ثقافتي زندگي جو جائزو ورتو آهي ۽ ٻڌايائين ته ڪهڙي ريت دربار ۾ فيصلا ڪيا ويندا هئا. سنڌ جي عرب حاڪمن جي فوجي قوت جو بيان به ڏنل آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته منصوره جي هباري بادشاهه وٽ 80 هاٿي هئا

۽ هر هڪ هاٿي پويان 500 تيرانداز جنگ جي ميدان ۾ موڪليا ويندا هئا. المسعودي، الجاحظ جي سنڌوندي بابت بيان ڪيل اصول کي رد ڪندي ٻڌايو آهي تہ، سنڌوندي ۽ نيل ندي جو سرچشمو ساڳيو نہ آهي پر مختلف آهي. سنڌوندي ڪشمير مان اچي ٿي ۽ نيل ندي ايٿوپيا جي جبلن مان. الجاحظ جو خيال هو تہ جيئن تہ سنڌو ۽ نيل ۾ واڳون تمام گهڻا آهن ان ڪري اُهي ٻئي نديون هڪ هنڌان ئي نڪرن ٿيون. المسعودي، منصوره شهر جي نهڻ بابت پڻ پنهنجو رايو ڏنو آهي جو ٻڌل ڳالهين تي مبني ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن انهيءَ شهر جي باني ۽ بنياد رکجڻ بابت تي رايا قلمبند ڪيا آهن. وڏي اهم ڳالهہ جا المسعودي بيان ڪئي آهي، اها آهي منصوره جي بادشاهہ جو نالو. جيڪو ڪانئن پوءِ سنڌ ۾ آيل سياحن جهڙوڪ الاصطخري، ابن حوقل ۽ بشاري مقدسي ڪو نہ ڏنو آهي.

مروج الذهب ومعادن الجواهر، دارالرجا بغداد ۾ ايڊٽ ٿي سن 1238 هہ /24-1823ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## المسالڪ والممالڪ:

المسالڪ والممالڪ، ابو اسحاق ابراهيم بن محمد الفارسي "الاصطخري" جو لکيل آهي ۽ چوٿين صدي هجري ۾ اسلامي دنيا تي ڇاڻ جو پندار آهي[6]. الاصطخري جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي، الاصطخر جو رهاڪو هو، جو ايران جو مشهور شهر هو. انهيءَ شهر کي پرسيپولس جو نالو ڏنل آهي، جنهن کي ايراني تخت جمشيد سڏيندا آهن ۽ اهو ايران جي پراڻي ۾ پراڻو گادي جو هنڌ تسليم ڪيو ويو آهي. اصطخري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو دورو ڪيو ۽ سنڌ ۾ بہ آيو هو. سندس اهو سفر المسعودي جي اچڻ کان پوءِ ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ ابن حوقل سنڌ ۾ آيو. سندس ڪتاب جو نالو المسالڪ و الممالڪ يعني تہ ملڪ ۽ انهن جا رستا آهي. جنهن ۾ اسلامي دنيا ۾ سنڌ جي مختلف شهرن جا نالا ۽ انهن جي ڪيفيت، ماڻهن جي عام حالت ۽ بنوهبار خاندان جي حڪومت تي لکيو آهي. افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ هن سنڌ جي حاڪم جو نالو نہ ڏنو آهي، جا نهايت ئي عظيم غلطي آهي. الاصطخري جي ڏنل بيان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ مغربي پاڪستان جنهن کي اڳ سنڌ سڏيو ويندو هو، ڪيترن ئي ملڪن ۾ ورهايل هو. جن مان پنج حڪومتون مشهور رهيون. ملتان

جنهن ۾ ڏکڻ ۽ اولهہ پنجاب اچي ٿي ويو، بنو اسد قبيلي جي قبضي ۾ هو. بنوهبار جو سنڌ تي قبضو هو ۽ اهڙي طرح ٻڌيہ جنهن ۾ مري بگٽي ۽ پاڳ ناڙي جو حصو اچي ٿي ويو هڪ غير مسلم راجا جي هٿ ۾ هو. قلات علائقي جي گادي ڪزدار ۾ هئي ۽ اِتي بہ هڪ عرب جي حڪومت هئي ۽ مڪران جو خودمختيار ۽ جداگانہ علائقو هو.

المسالڪ والممالڪ بريل ۽ ليدن مان سن 1927 ۾ ايڊٽ ٿي ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب صورة الارض:

صورة الارض جي لکت جو نمونو اهو ئي آهي جيڪو الاصطخري اختيار ڪيو هو ۽ انهيءَ ۾ اسلامي دنيا جي ملڪن جي تاريخ ۽ جغرافيائي حالتون ڏنيون ويون آهن. اهو ڪتاب هڪ همعصر ليکڪ جو آهي. سندن سچو نالو محمد بن ابي القاسم النصيبي هو پر ڪيس ابن حوقل جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. ابن حوقل سنڌ ۾ آيو هو يا نہ، ان لاءِ تصديق سان چئي نٿو سگهجي پر جيڪي احوال هن قلمبند ڪيا آهن اهي اکين ڏٺا ۽ آزمودي تي مبني آهن. ابن حوقل جيڪي ڪجهہ لکيو آهي اهو الاصطخري جي ڏنل بيان سان نهڪي ڦهڪي اچي ٿو ۽ آهي بہ ساڳيو. فقط جتن جي باري ۾ هن تفصيلوار ۽ وڌيڪ بيان ڏنو آهي. جتن سان گڏ جنهن بي قوم جو احوال ڏنل آهي، اهي آهن سيد جي سنڌ ۽ بلوچستان ۽ تر ۾ وڏي تعداد ۾ ڏنا ٿي ويا. اهي ٻئي قومون اصل ۾ ايران جا رهاڪو آهن پر پوءِ عيسوي صديءَ کان اٽڪل 500 سال اڳ اهي هجرت ڪري سنڌ ۾ نِنڌي ڪنڌ جي بين علائقن ۾ پهتا.

ابن حوقل پهريون جاگرافي دان آهي جنهن سنڌ ۾ ان سان لاڳو علائقن جو نقشو ڏنو آهي جو، جيتوڻيڪ آهي تہ ڪَسو، پر ان هوندي بہ ان مان مختلف شهرن، ايراضين، ٻنڍين، ٻورن ۽ درياءُ جي وهڪرن جو پتو پئجي سگهي ٿو. ڪتاب صورة الارض جو ٻيو نالو المسالڪ والممالڪ پڻ آهي ۽ اهو بريل ليدن ۾ ايڊٽ ٿي سن 1938ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## احسن التقاسيم في معرفت الاقاليم:

احسن التقاسيم، هڪ مشهور عرب جاگرافي جي ماهر البشاري المقدسي جي قلم جي ڪاوشن جو نتيجو آهي جو چوٿين صدي هجري جي اوائلي عرصي ۾ بيت المقدس ۾ ڄائو هو. هن اهو ڪتاب 375 هه کان پوءِ لکي پورو ڪيو. جيئن تہ سندس پنهنجي بيان مان ظاهر آهي. البشاري جو سچو نالو شمس الدين ابي عبدالله محمد بن احمد بن ابي بکر الشامي المقدسي هو ۽ هن اسلامي دنيا جي سيني ملڪن جو دورو ڪيو هو. سنڌ ۾ هو سن 350 هه ڌاري آيو جو عيسوي سن 961 جي برابر آهي. البشاري جي لکڻ جو طريقو الاصطخري ۽ ابن حرقل کان بلڪل مختلف آهي. سندس لکت مان ظاهر آهي تہ جڏهن هو سنڌ ۾ آيو تڏهن ملتان ۾ شيعن جو زور هو. جمع جي ڏينهن خطبي ۾ شيراز جي ديلمي حاڪم "عضدالدوله" جو نالو ورتو ٿي ويو ۽ منصوره جي شهرن ۾ جتي سنين جي حڪومت هئي خطبي ۾ شيعن جو نالو ورتو ويندو هو. بشاري مقدسي بہ اهائي غلطي ڪئي آهي جيڪا ڪانئس اڳ الاصطخري ڪئي. يعني ڪ سنڌ جي هباري بادشاهہ جو نالو نہ ڏنو آهي.

احسن التقاسيم مان اهو بہ ظاهر آهي تہ ديبل جو شهر سمنڊ جي بلڪل ڪناري تي هو ۽ وير چڙهڻ مهل سمنڊ جو پاڻي قلعي جي پيتين تائين پهچي ٿي ويو. احسن التقاسيم بريل ليدن ۾ ايڊٿ ٿي سن 1906ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## المسالڪ والممالڪ:

المسالڪ والممالڪ، نالي وارو ٿيون ڪتاب ابوالقاسم، عبيدالله بن عبدالله جو گڏ ڪيل آهي جو بغداد جو رهاڪو هو. هن پنهنجي اصليت خراسان مان ٻڌائي آهي. جتان سندس ڏاڏي خردازبہ کي عباسين جا وزير برمڪي وٺي آيا هئا ۽ پوءِ کيس مسلمان بنايو ويو. اهو ئي سبب آهي جو ڪتاب جي مصنف کي ابن خردازبہ جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. ابن خردازبہ لاءِ ٻڌايل آهي تہ هو بغداد ۾ ٽپال کاتي جي متان مقرر ڪيل هو ۽ مٿس عباسي دشمن ماڻهن جي متان جاسوسي جو ڪم بہ سونپيل هو. ابن خردازبہ عباسي خليفي معتمد علي الله جي دور جو آهي[7]. جتان عباسين جو زوال شروع ٿيو.

المسالڪ والممالڪ ۾ سنڌ جي شهرن، سنڌ جي پيدائش ۽ اتي جي آمدني ۽ روانگي، واپار ۽ ٻين اهم ڳالهين جو ذڪر آهي، جو ٻين ڪتابن ۾ نظر نه ٿو اچي. ماڻهن جي عام حالتن جو پڻ هن ڪتاب ۾ جائزو ورتو ويو آهي. ابن خردازبه جو هي ڪتاب عربي ۾ آهي ۽ اهو ٻين عربي ڪتابن وانگر سپ ڪان ڀهريون بريل ليدن ۾ ايڊٽ ٿي سن 1889 عيسوي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## پوءِ جا ڪتاب ۽ ديوان (شعرنامه):

همعصر عربي شاهڪارن ڪان سواءِ سنڌ جي تاريخ (عربي دور) تي پوءِ جي ڪتابن ۾ ابن اثير جو "الڪامل" ابن خلدون جو "ڪتاب العبر" ابن حامد جو فارسي ڪتاب "چچ نامو" ابن خلڪان جو "وفيات الاعيان" قاضي رشيد جو "ذخائر والتحف" البيروني جو "ڪتاب الهند" ابن ماعد جو طبقات الامم، الادريسي جو "نزهة المشتاق" ۽ الذهبي جو "تذڪرة الحفاظ" وڏي مشهوري رکن ٿا. انهن ڪتابن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت چڱو مواد موجود آهي.

## الڪامل في التاريخ:

عربيءَ جي هي مشهور تاريخ ابوالحسن علي بن عبدالڪريم محمد بن محمد بن عبدالڪريم الشيباني جي لکيل آهي، جنهن کي ابن اثير جي نالي سان پڻ ياد ڪيو وڃي ٿو. هي هڪ نهايت وڏو ڪتاب آهي جنهن ۾ اسلامي دنيا جا سپ واقعا ۽ وارداتون سن 626 هه / 1230ع تائين ڏنل آهن. ابن اثير پنهنجي ڪتاب ۾ هجري سالن ۾ سڄي اسلامي دنيا جي تاريخ سال به سال جي تيل واقعن تي جمع ڪئي آهي. تي سگهي ٿو ته هن اهو ڪتاب البلاذري، الطبري ۽ ٻين اوائلي ليکڪن جي تاريخن تان نقل ڪيا هجن. چاڪاڻ ته سندس لکڻ جو طريقو به ساڳيو الطبري جهڙو آهي. الڪامل ۾ سنڌ جي عربن هٿان فتح ۽ گورنرن جو تقرر تفصيلوار بيان ڪيل آهي. پر اهم ڳالهه جيڪا هن بيان ڪئي آهي، اها آهي سنڌ جي هباري خاندان جي محمود غزنوي جي هٿان پڄائي، جيڪا ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ بيان ڪيل نه آهي.

الڪامل في التاريخ، قاهره ۾ ايڊٽ ٿي سن 1301هه (1884 عيسوي) ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ستين جلد ۾ نهايت ئي اهم خبر ڏني ويئي آهي. جنهن ۾

ديبل بندر جي ڌرتي ڌٻڻ سبب تباهي جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ بيان جي تصديق ابوالفدا جي تاريخ الخلفاءَ ۾ پڻ موجود آهي.

## ڪتاب العبر:

ڪتاب العبر جي تاريخي اهميت ٻئي درجي جي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ جيڪو سنڌ لاءِ لکيو ويو آهي، اهو ٻئي ڌل ۽ نقل ڪيل ڳالهين تي آهي. سندس بيان گهٽو ڪري اهو ئي آهي جيڪو ابن اثير پنهنجي ڪتاب الڪامل ۾ ڏنو آهي. ڪتاب العبر جو سچو نالو نهايت ڊگهو آهي ۽ اهو عبدالرحمن ابن خلدون لکيو جو تيونس جو رهاڪو هو. ڪتاب جو نالو هن ريت آهي "ڪتاب العبر وديوان المتبداءَ والخبر في ايام العرب والعجم والبربر" پر ان کي عموماً تاريخ ابن خلدون سڏيو ويندو آهي. ابن خلدون ٻڌائي ٿو تہ هو بنوڪنده مان هو جن دين اسلام جي ظهور کان اڳ حضرموت ۽ عربستان جي ٻين ڏاکڻي علائقن تي حڪومت ڪئي. هو پهرين فاس (فيز) ۾ اعليٰ عهدي تي هو پر پوءِ غرناطہ ويو، جتان کيس قسطاليہ (Castile) جي ڪرستان بادشاهہ ڏانهن سفير بنائي موڪليو ويو هو. ان کان پوءِ هو مصر ۾ آيو. جتي سلطان ظاهر برقق کيس قاهره ۾ مالڪي مذهب جو قاضي القضاة مقرر ڪيو. 1401 عيسوي ۾ هو مصر جي مملوڪ سلطان الناصر سان گڏجي دمشق ويو ۽ تيمورلنگ جو ان وقت شام تي چڙهائي ڪري آيو هو ان وٽ سفير بنجي ويو.

ڪتاب العبر جو اهم حصو جلد 2 آهي جنهن ۾ سنڌ جي هباري خاندان جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ انهيءَ خاندان جي اصليت ڪهڙي هئي ۽ ڪهڙي ريت انهن جي حڪومت جو سنڌ ۾ خاتمو آيو.

ڪتاب العبر قاهره (مصر) ۾ سَن 1284هہ /1867ع ۾ ايڊٽ ٿي.

## چچ نامو:

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي عربن هٿان فتح ٿيڻ کان اڳ جي تاريخ، سنڌ جي اوائلي حملن جو بيان ۽ آخر ۾ محمد بن القاسم جي جلهہ جو تفصيلوار ذڪر ڪيل آهي. انهيءَ ڪتاب جو اصلي نالو "فتح نامو" ٻڌايو ويو آهي جو عربي ٻوليءَ ۾ هو. پر ان جو ڪو بہ نسخو اڃا تائين (عربي جو) دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. علي بن حامد بن ابي بڪر الڪوفي هن ڪتاب جو فارسي ترجمو

اچ ۾ ملتان جي گورنر ناصر الدين قباچہ جي دور ۾ ڪيو. علي بن حامد جو دور سن 613 هہ /1217ع ۾ پڌايو ويو آهي. جيئن تہ هن ۾ برهمڻ خاندان جي تاريخ مذڪور آهي ۽ برهمڻ خاندان جو باني چچ بن سيلائج هو. ان ڪري متس ”چچ نامہ“ جو نالو پئجي ويو. چچ نامي ۾ واقعن ۽ وارداتن جو تفصيلوار بيان قلمبند ڪيل آهي پر ڪن حالتن ۾ وڌاءُ کان ڪم پڻ ورتل آهي. انهن مان هڪ ڳالهہ راجا ڏاهر جي پنهنجي ڀيڻ سان شادي بابت آهي. هي نسورو ڪوڙ آهي ۽ اهڙي طرح محمد بن قاسم الثقفي جو راجا ڏاهر جي ڌيئرن سان ڪيل زنا بہ هڪ هٿ ٺوڪيل افساني کان وڌيڪ نہ آهي. انهن چند ڳالهين کان سواءِ چچ نامو، بلاذري جي فتوح البلدان کان پڻ وڌيڪ مواد رکي ٿو ۽ سنڌ جي عربن هٿان فتح ٿيڻ بابت نهايت ئي اهم ۽ تفصيلوار ڪتاب آهي. چچ نامي مان عربن جي فتح کان اڳ سنڌ جي حالتن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ مان انهن قبيلن ۽ ماڻهن جو پتو پوي ٿو جي سنڌ جا ان وقت رهاڪو هئا. سنڌ جي راءِ گهراڻي جي حڪومت ۽ ان کان پوءِ برهمڻ خاندان جو اقتدار ۾ اچڻ چچ نامي مان ئي واضح آهي. نہ تہ ٻئي ڪنهن بہ لکيل ڪتاب يا نسخي ۾ ان جو بيان ڪو نہ ٿو ملي. چچ نامو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي فارسي ۾ ايڊٽ ڪيو ۽ اهو بمبئي مان سن 1939ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. چچ نامي جو انگريزي ۾ ترجمو ميرزا قليچ بيگ ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو مخدوم امير احمد صاحب مرحوم سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪيو.

## وفيات الاعيان:

عربيءَ جو هي مشهور ڪتاب، جو سوانح نگاريءَ جو بهترين نمونو آهي شمس الدين احمد بن محمد لکيو. جنهن کي ”ابن خلڪان“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هي صاحب يحيٰ بن خالد برمڪي جي اولاد مان هو، جو خليفي هارون رشيد جو استاد، اتاليق ۽ پوءِ وزير بڻيو. ”ابن خلڪان“ اربيلا شهر ۾ سن 1211 عيسوي ۾ ڄائو ۽ حلب ۽ دمشق ۾ تعليم ورتائين. سن 1261 عيسوي ۾ کيس شام جو وڏو جج (قاضي القضاة) مقرر ڪيو ويو ۽ هو انهيءَ عهدي تي (ستن سالن جي وقفي کان سواءِ) 1282ع تائين قائم رهيو. سندس لکيل ڪتاب، وفيات الاعيان 865 ماڻهن جي زندگين (سوانح حيات) جي

احوال جو مجموعو آهي، جن اسلامي تاريخ ۾ نالو ڪڍيو. مصنف نهايت محنت ۽ جفاڪشي سان ماڻهن جي نالي جو صحيح تلفظ، انهن جي ڄمر ۽ موت جي تاريخ، سندن شجرو ۽ ٻيون حقيقتون "اسناد" جي اصول تي هٿ ڪيون آهن، جنهن لاءِ ڪيس جُس هجي. تاريخ جا جيڪي به اهم واقعا رونما ٿيا آهن انهن کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ هُن نظم ۽ مثال ڏنا آهن. جنهن سبب هي ڪتاب، وچئين دور جو هڪ نهايت ئي دلچسپ ڪتاب تصور ڪيو ويو آهي. ڪن عالمن جي راءِ آهي تہ سوانح نگاريءَ تي هن جهڙو ڪتاب نہ اڳي لکيو ويو ۽ نہ پوءِ. ان ڪري هو پنهنجي طرزتي يگانو ڪتاب آهي.

وفيات الاعيان، عربي ۾ ايڊيٽ تي قاهره ۾ سن 1299 هه ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ ڪتاب جو انگريزي ترجمو چئن جلدن ۾، پيرس (فرانس) مان سن 1843ع کان 1871ع جي وچ واري عرصي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب الذخائر والتحف:

هي مشهور تصنيف قاضي رشيد بن زهير جي آهي جو پنهنجي وقت جو وڏو عالم شمار ڪيو ويو آهي. سندس تعلق شيراز جي ديلمي بادشاهہ ابوڪالنجر سان هو ۽ هن جي مرڻ کان پوءِ هو مصر لڏي ويو جتي سن 467 هه /1070ع ۾ وفات ڪيائين. هي ڪتاب نندڙين ڪهاڻين جو مجموعو آهي. جن ۾ عباسي خليفن جي طرفان دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن موڪيل سوکڙين پاکڙين ۽ تحفن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اتان واپسي ۾ جيڪي ڪجهہ مليو انهن جو بہ ذڪر ڪيل آهي. سنڌ جي تاريخ متعلق هن جيڪا ڪهاڻي ڏني آهي اها بغداد جي عباسي خليفي "المعتمد" ڏانهن سنڌ جي هباري خاندان جي عرب حاڪم موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز الهباري جي موڪليل سوکڙي جو ذڪر آهي، جو ان وقت منصوره تي حڪومت ڪندو هو. انهيءَ حقيقت جو ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ذڪر نہ ڪيل آهي. ان ڪري ان مان اهم ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون. هڪ تہ عمر بن عبدالعزيز هباري جي وفات کان پوءِ سندس پٽ موسيٰ منصوره جي تخت تي ويٺو ۽ ان کان پوءِ عبدالله تخت نشين ٿيو. ۽ ٻيو تہ ان مان هباري خاندان جي حاڪمن جي سياسي "حڪمت عملي" جو بہ پتو پوي ٿو. جن پاڻ کي عباسي خاندان سان منسلڪ رکيو تہ جيئن اهي سنڌ تي پنهنجي حڪومت برقرار رکي سگهن.

ڪتاب الذخائر والتحف. ڊڪٽر حميدالله ايڊٽ ڪيو ۽ اهو ڪويت ۾ سن 1959ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب الهند:

ڪتاب الهند، دنيا جي جڳ مشهور رياضي دان ۽ سنسڪرت جي عالم البيروني جو لکيل آهي جو غزني جي سلطان مسعود جي دور جو آهي ۽ سندس دربار جو اهم رڪن هو. ابو ريحان محمد بن احمد البيروني کي ننڍي کنڊ جي علم ۽ سائنس ۾ نهايت ئي گهڻو چاه هو، ۽ انهيءَ بابت هن هي ڪتاب تصنيف ڪيو. هن ٻيا بہ گهڻا ئي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ آثارالباقيہ عن قرون الخاليہ، بہ وڏي دلچسپي رکي ٿو. ڪتاب الهند ۾ سنڌ جي مختلف حصن، اتي جي ٻولين، صورتخطي ۽ پڻ مختلف شهرن جي وچ ۾ فاصلن جو ذڪر ڪيل آهي.

ڪتاب الهند جو عربي نسخو، اي، زخاؤ ايڊٽ ڪيو ۽ 1925ع ۾ ليپزگ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

## طبقات الأمَـم:

هي عربي تصنيف، اسپين جي مشهور عالم ابن صائد الاندلسي جي آهي جو قرطبہ جو رهاڪو هو. هن اهو ڪتاب سن 450 هہ/1058ع ۾ لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اهو پڻ ظاهر ڪري ڏيکاريو ويو آهي، تہ هي علم ۽ سائنسون، ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت عربن کي حاصل ٿيون، ۽ ڪهڙن وسيلن جي معرفت ٻين قومن جا ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا. هن هڪ باب، سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جي علمي ۽ ادبي ڪتابن لاءِ مخصوص ڪيو آهي، جنهن ۾ هن سنڌي عالمن ۽ انهن جي بغداد ۾ آندل ڪتابن جو تذڪرو ڪيو آهي. ابن صائد جو سڄو نالو ابوالقاسم صائد بن احمد بن عبدالرحمان بن مخمد ابن صائد هو. هُو قرطبہ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي سن 462 هہ /1070ع ۾ وفات ڪيائين.

طبقات الامم جون ڪئين ترتيبون تيار ڪيل آهي، جن ۾ آخري ترتيب سن 1913ع واري آهي ۽ اها بيروت (لبنان) مان ڇپجي پڌرو ٿي.

## معجم البلدان:

جاگرافي جي مشهور ڪتابن ۾، جن ۾ وچئين دور جي اسلامي دنيا جي ملڪن جو ذڪر آهي. معجم البلدان، نهايت ئي اهم ۽ نادر تصنيف آهي. اهو ڪتاب جاگرافي جي هڪ مڪمل فهرست آهي، جا ياقوت الحموي تصنيف ڪئي. ياقوت الحموي جو مڪمل نالو، الشيخ الامام شهاب الدين ابي عبدالله يعقوب بن عبدالله هو ۽ هُو اصل ۾ ايشيا مائنر (اناطوليہ) جو رهاڪو هو. ڪيس هڪ عرب سوداگر حماة شهر ۾ آندو. انڪري سندس نالو الحموي پئجي ويو. هو غلام بنايو ويو هو پر جڏهن تہ هو لکي پڙهي ڄاڻندو هو، ان ڪري ڪائنس ڪلارڪي جو ڪم ورتو ويندو هو. آخر ۾ هن پنهنجي آزادي خريد ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ بغداد جو رهاڪو ٿيو. علم ۽ ڪوجنا جو چٽڪ شيدائي هو. انهيءَ ڪري هو ڪيترن ئي شهرن ۾ ويو. ڪتابن جو مطالعو ڪيائين ۽ ضروري مواد جمع ڪندو ويو. نسخن ڪي لکڻ ۽ انهن جو وڪرو سندس مشغلو هو. سندس پنهنجو چوڻ آهي تہ سن 1219ع ۾، خوارزم تي ڪيل تاتاري حملي سبب اهڙو تہ توائي ٿي پڳو جو تن بدن جي خبر بہ ڪانہ رهيس. ڪپڙا پائڻ بہ وسري ويس ۽ ائين اگهاڙو ڊوڙيو، جيئن قيامت جي ڏينهن مڙدا قبر مان اٿي ڊوڙندا.

معجم البلدان، وچئين دور جي اسلامي ملڪن جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت، واپار، هلچل، سڪو، ماڻهن جي حالت ۽ بين اهم ڳالهين تي ڄاڻ جو ڀنڊار آهي. ياقوت الحموي سن 626 هہ/ 1229ع ۾ بغداد ۾ وفات ڪئي. معجم البلدان 1324 هہ/ 1906ع ۾ قاهره ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سنڌ تي اهم مواد جلد 4، جلد 8 ۽ جلد 9 ۾ ڏنل آهي.

## نزهة المشتاق في اختراق الآفاق:

جاگرافيءَ جي هيءَ اهم تصنيف "الادريسي" جي آهي جو وچئين دور جو جاگرافي ۽ نقشن ڪڍڻ جو ماهر هو. سندس ڪتاب ۾ سنڌو ماٿر بابت اهم مواد موجود آهي. جنهن ۾ پنجين صدي هجري جي سياسي سماجي، معاشرتي ۽ ثقافتي سرگرمين جو منصل احوال ڏنو ويو آهي. ابو عبدالله محمد بن محمد الادريسي سبط ۾ ڄائو هو جو مراڪش ۾ آهي. سندس ڄم جو سال 1100

عيسوي هو. هو سسلي جي ڪرستان نارمن بادشاهه رُجر (Roge) جو درٻاري هو ۽ انهيءَ جي حڪم تي هن پنهنجي تصنيف لکڻ شروع ڪئي ۽ متس ”ڪتاب الدجر“ يعني ته روگر جو ڪتاب نالو ڏنو. پر جڏهن اها تصنيف عربي ۾ هئي ان ڪري ان انهيءَ جو نالو ”نزهة المشتاق في اختراق الافاق“ عام ٿي ويو. جنهن جي معنيٰ آهي انهن ماڻهن لاءِ تفريح جو سامان جيڪي جدا جدا ملڪن جي سفر جو اشتياق رکندا هجن. هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو هڪ نادر نمونو آهي، جنهن ۾ حقيقت ڪي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

الادريسي پنهنجي محسن نارمن بادشاهه لاءِ هڪ آسماني گولو پڻ ٺاهيو ۽ خالص چانديءَ مان زمين جو نقشو پڻ تيار ڪيو.

نزهة المشتاق ليدن مئڊرڊ، روم، بون ۽ بين هنڌن تي ۽ پڻ علي ڳڙهه ۾ سيد مقبول احمد ايڊٽ ڪيو ۽ 1954ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سنڌ بابت ان ۾ ڏنل تفصيل ٻئي حصي ۾ موجود آهي.

## تاريخ الخلفاءَ:

تاريخ الخلفاءَ يعني ته خليفن جي تاريخ جلال الدين سيوطي عربي ٻوليءَ ۾ تصنيف ڪئي ۽ اها اسلام جي هڪ مختصر تاريخ آهي، مصنف جو سچو نالو ابوالفضل عبدالرحمن بن ابي بکر بن محمد جلال الدين السيوطي الخضيري الشافعي. هڪ نهايت ئي عالم قسم جو ماڻهو هو. هو مملوڪ دور جو ليکڪ آهي. جيتوڻيڪ اصل ۾ هو ايراني هو پر پوءِ مصر جي سيوط شهر ۾ بود وباش اختيار ڪرڻ سبب السيوطي مشهور ٿي ويو. سندس ڄمَ جي تاريخ 1 رجب 849 هه / 13 آڪٽوبر 1445ع ٻڌائي وئي آهي. سندس پيءُ شيخونيه مدرسي ۾ فقه جو استاد هو ۽ هن جي هڪ صوفي دوست جلال الدين کي پنهنجو پٽ بنايو. جلال الدين جي مشهوري انهيءَ حقيقت مان واضح آهي ته هن پنهنجي قلم سان 561 ڪتاب لکيا. کيس پوءِ شيخونيه مدرسي ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ اهو اعزاز کيس سن 872 هه ۾ مليو. هن قاهره، مڪو، مدينو، دمشق ۽ ٻين شهرن ۾ علم حاصل ڪيو. سندس خاص دلچسپي دينيات ۽ تاريخ جي علم ۾ هئي. جنهن تي هن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. سندس ٻه ڪتاب نهايت ئي مشهور آهن. تاريخ الخلفاءَ ۽ ٻيو الحصن المعافره في اخبار المصر والقاهره. پويون ڪتاب قاهره ۽ مصر جي تاريخ آهي. تاريخ سنڌ لاءِ هڪ اهم

واقعو تاريخ الخلفاءَ ۾ مذڪور آهي. اهو ديبل جي شهر جي غرق ٿيڻ متعلق آهي ۽ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن جو تفصيل آهي جيڪي مري ويا هئا.

تاريخ الخلفاءَ جو عربي مسودو لاهور ۾ سن 1309هه/1896ع ۾ ايڊٽ ٿيو ۽ ڇپيو.

## تذڪرة الحفاظ:

تذڪرة الحفاظ جي مشهور تصنيف حافظ شمس الدين بن ابي عبدالله الذهبي جي لکيل آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور عالمن جو تذڪرو ڏنل آهي. يعني ته اُهي عالم جن دينيات جي علم ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ تصنيفون ڇڏيون. الذهبي بغداد جو رهاڪو هو ۽ اتي ئي هن سن 748هه/ 1352ع ۾ وفات ڪئي.

تذڪرة الحفاظ جو عربي مسودو حيدرآباد دکن ۾ ايڊٽ ٿي سن 1333 هه /1915ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب الآغاني:

يعني ته گيتن جو ڪتاب وسطي دور جو هڪ عظيم ديوان آهي، جنهن ۾ عربي ٻوليءَ جي مشهور شاعرن جي زندگي ۽ ڪارنامن جو تفصيل ڏنل آهي. هي ڪتاب 20 (ويهن) جلدن ۾ آهي ۽ انهيءَ ۾ اهي سڀ شاعر ڏنل آهن. جي اسلام کان اڳ عرب دنيا ۾ پيدا ٿيا ۽ پڻ اسلام کان پوءِ چوٿين صدي هجري تائين پيدا ٿيندا رهيا. ڪتاب الاغاني جي مصنف جو سچو نالو ابوالفرج علي بن حسين بن محمد بن احمد القرشي هو. پر جيئن ته اهو اصفهان ۾ ڄائو هو، ان ڪري سندس نالو اصفهاني مشهور ٿيو. هو بنو اميه خاندان مان هو ۽ سندس شجرو مروان ٻئي کان شروع ٿئي ٿو. ان کي عباسين جنگ ۾ شڪست ڏئي اسلامي دنيا جي حڪومت تي قبضو ڪيو. مذهب جو شيعو هو ۽ سيف الدولة جي دربار سان وابسته هو جو همداني خاندان جو مشهور بادشاهه ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي تعليم بغداد ۾ پرائي ۽ اتي ئي زندگي جو وڏو حصو صرف ڪيو. بغداد ۾ 14 ذوالحجه 356 هه /30 نومبر 967ع ۾ وفات ڪيائين.

الاغاني، عربي ادب جو نادر شاهڪار آهي ۽ انهيءَ ۾ عربن جي سماجي، ثقافتي، معاشرتي ۽ ادبي زندگي جي ڄاڻ ۽ سندن تاريخ جي مختلف دورن جو

احوال تفصيل سان قلمبند ڪيل آهي. الاغاني جو 16 (سورهون) جلد وڌيڪ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ هڪ سنڌي شاعر ابوعطا جو ذڪر آهي. جنهن عربي ادب ۾ نالو ڪڍيو ۽ اهڙا شعر لکيا جو اڄ تائين عربن جي زبان تي آهن.

الاغاني: 20 (ويهن) جلدن ۾ سن 1888 عيسوي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. پر اهو ڇاپو ڪي قدر ناقص هو. ان ڪري 1927ع وارو مصر جو ڇاپو سهڻو ۽ ڪمائتو آهي.

## الشعر والشعراءَ:

هي ڪتاب عربي ادب جي بهترين شاعرن جي شعر جو مجموعو آهي. جنهن ۾ شاعرن جي زندگي تي بہ ڪارآمد مواد موجود آهي. اهو ڪتاب محمد بن مسلم بن قتيبه الدينوري مرتب ڪيو. ابن قتيبه الدينوري بغداد ۾ سن 889 عيسوي ۾ وفات ڪئي.

الشعر والشعراءَ سن 1364 هه / 1945ع ۾ قاهره ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو بيروت (لبنان) ۾ 1964ع ۾ پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ ابوعطا سنڌي جي زندگي ۽ سندس چيل عربي شعر جا نمونا ڏنل آهن.

## ديوان الحماسه:

ديوان الحماسه حبيب بن اوس الطائي مرتب ڪيو ۽ انهيءَ ۾ عربي شاعرن جي بهترين شعرن جو مجموعو ڏنل آهي. ابوتمام حبيب، دمشق جي ويجهو هڪ ڳوٺ نالي جاسم ۾ سن 180 هه يا 188هه ۾ ڄائو. سندس پيءُ اصل ۾ ڪرستان هو ۽ سندس نالو تيودويس هو پر پوءِ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجو نالو اوس رکيو. ابوتمام جو تعلق طي قبيلي سان هو، جو اسلام کان اڳ يمن جو طاقتور ۽ نالي وارو قبيلو هو. هن پنهنجي ڏنڌي جي شروعات دمشق جي هڪ ڪوريءَ وٽ ڪئي پر پوءِ اتان لڏي حمس ويو ۽ آخر ۾ قاهره ۾ جامع مسجد ۾ پاڻي پرڻ جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو. ڪيس جيڪي بہ وقت ملندو هو اهو پڙهڻ لکڻ ۽ علم پرائڻ ۾ ڪم آڻيندو هو. هن مصر ۽ شام جي جدا جدا شهرن جو دورو پڻ ڪيو ۽ سندس علم ۽ ڄاڻ سبب ڪيس وقت جا خليفا جهڙوڪ المعتصم سندس پٽ احمد ۽ سندس پوٽو واثق بالله مالي امداد پڻ ڪندا رهندا هئا. هو عراق ۽ ايران جي شهرن ۾ بہ ويو هو ۽ اتي جا گورنر پڻ سندس امداد

ڪرڻ لڳا. ابوتمام عربي ادب جا ڇهه مجموعا مرتب ڪيا جن ۾ هن وقت "ديوان الحماسه" باقي رهيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور عربي شاعر "ابوعطا سنڌي" جا بيت ڏنل آهن. جنهن پنهنجي علم ۽ شعرگوئي سبب عرب دنيا ۾ نالو ڪڍيو.

ديوان الحماسه سن 1353 هه/ 1934ع ۾ ديوبند (هندوستان) ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ديوان فرخي:

هي ديوان فرخي سيستاني نالي شاعر جو آهي جو سلطان محمود غزنوي جي درٻار جو عالم هو. هي سڄو سارو فارسي ۾ آهي. فرخي، غزنوي سلطانن جي شان ۾ لکيو آهي. هن ديوان ۾ سلطان محمود جي سنڌ تي حملي جو احوال ڏنل آهي. جنهن منصوره جي حاڪم تي ڪاهه ڪري ان جي لشڪر کي شڪست ڏئي منصوره تي قبضو ڪيو. فرخي جو ڏنل احوال ابن اثير جي عربي تاريخ ۾ ڏنل احوال جي تائيد ڪري ٿو، جنهن ۾ پڻ منصوره جي حاڪم تي غزنوي سلطان جي حملي جو احوال موجود آهي.

## آثار قديمه ۽ کوٽائي:

سنڌ جي عربي دور تي آثار قديمه محڪمي طرفان تمام گهٽ روشني وڌل آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڏس ۾ تمام گهٽ کوٽائي ڪئي وئي آهي. اهي هنڌَ ۽ ماڳ جتي نهايت ئي آباد ۽ ڳتيل شهر هئا اتي مٽي ۽ واري جا ڍڙا پيا ڏسجن. بي رحم وقت انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. درحقيقت وقت تي ئي سڄي انساني تهذيب ۽ اٿ ويهه جو دارومدار آهي جيئن ته قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي. تلڪ الايام نداولها بين الناس. اهو وقت آهي جو ماڻهن جي وچ ۾ ڦرندو رهي ٿو. ڪنهن مهل ڪنهن سان ان جو ساٿ آهي ته ڪنهن مهل ڪنهن سان. ديبل جي مشهور بندر جو ماڳ اجا تائين مقرر نه ٿي سگهيو آهي. نيرون ڪوٽ پڻ صفحه هستي تان غائب آهي. جيتوڻيڪ ان کي هاٺوڪي حيدرآباد سان تشبيهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. منصوره جنهن کي دلور جو پڙي سان مشابهت ڏني وئي آهي، شهدادپور جي پر ۾ آهي ۽ ان ۾ رڳي سڙيل سرن جا ڍڙا آهن. آثار قديمه جي محڪمي طرفان انهيءَ

طرف ڪو بہ ڏيان نہ ڏنو ويو آهي. انهيءَ محڪمي جو خاص ڌيان. ڀنڀور جي ڪنڊرن طرف آهي، جتي بار بار کوٽائين ڪرڻ کان پوءِ بہ ڪائنئن ڳالهہ ظاهر نہ ٿي آهي. پر آثار قديمه وارن هروڀرو انهيءَ کي سنڌ جي مشهور بندرگاهہ ديبل سان تشبيهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر مسٽر بلاسس. نالي هڪ انگريز، انگريزن واري دور ۾ انهيءَ دڙي جي ٿي پيرا کوٽائي سن 1883-1884 ۾ ڪرائي. پر اها فقط شروعاتي ڪوشش هئي. الور (اروڙ) جيڪو صدين کان سنڌ جي تختگاهہ بنيو رهيو. ان ۾ هاڻي تاريخ جي شاگرد لاءِ ڪا بہ ڪم واري ڳالهہ نہ ٿي ملي. ان جو قلعو برج ۽ بچاءَ وارا هنڌ، ڪا بہ شيءِ موجود نہ آهي. پر اروڙ جو نالو سکر جي سامهون درياءَ جي ڀئي ڪپ تي روڙي (روهڙيءَ) نالي ننڍڙي شهر سان اجان تائين وابستہ آهي. سيوستان (يا سيوهڻ) جيتوڻيڪ اجا تائين قائم آهي. پر عربن واري دور بابت ان ۾ ڪي ڪين آهي. چون ٿا تہ سيوهڻ جو شهر خدائي عذاب سبب تباهہ ٿي ويو ۽ اهو انهيءَ ڪري جو اتي جو راجا چربٽ نهايت ئي ظالم ۽ عياش هو. سيوهڻ جو قلعو هڪ پراڻي دڙي ۽ ڦٽل ديوارن جو مجموعو آهي. جنهن بابت هڪ عظيم روايت قائم ڪيل آهي تہ اهو قلعو سڪندر اعظم نهرايو هو.

جيئن تہ ڪيترن دڙن ۽ پڙن جي کوٽائي اجان نہ ٿي آهي ان ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ تاريخ جا ڪهڙا ڪهڙا خزانا اجا لڪل آهن. عربن سنڌ ۾ اچڻ سان شروعات ۾ مندر ٽوڙڻ ۽ قلعن جي تباهہ ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي، پر پوءِ هنن پنهنجو هٿ جهليو. ان جو سبب اهو بہ هو تہ مندرن مان تمام گهڻي ڪمائي ٿيندي هئي. انهن ۾ ملتان جو سج جو مندر بہ شامل آهي جنهن ۾ هر سال هزارين زائرين زيارت ڪرڻ ايندا هئا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون پيش ڪندا هئا.

هن ڪتاب ۾ هڪ باب قديم عربن جو بہ ڏنل آهي. جنهن تي تمام گهڻو مواد موجود آهن. عرب، سامي نسل جي هڪ شاخ آهن، جنهن جو قديم دور ۾ دنيا تي ڌاڪو هو. هونئن بہ عرب، عراق ۽ مصر جي وچ ۾ هئڻ ڪري، انهن ٻنهي تهذيب کان پوري طرح واقف هئا. ان ڪري انهن کي بابل ۽ مصر جي قديم تهذيبن جو وارث تصور ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن انهن ٻنهي تهذيبن جي مکيہ ڳالهين (اصولن) تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو هو. قديم عربن جي تهذيب متعلق جيڪي ڪجهہ مليو آهي، انهن ۾ ماريءَ (معري) جو دفتر خانو وڏي مشهوري رکي ٿو. جنهن ۾ ويهہ هزار دستاويز، جيڪي مٽي جي

فرهين تي لکيل موجود آهن. ماريءَ وارو علمي خزانو هاٿوڪي ”مراة النعمان“ شهر جي پر ۾ مليو آهي. نينويٰ جي مشهور کنڊرن وري آشوري تاريخ تي تمام گهڻو مواد ڏنو آهي. اهو مواد آشور بني پال جي ڪتب خاني مان مليو آهي. جنهن ۾ تخليق (انسان ۽ ٻين جي پيدائش) جا داستان، ٻوڏ واري ڏند ڪٿا، گلگميش وارو دور، سارگان (شرجون) جي سوٽن واريون ڦرهيون، اشنونا جاقانون، نرم سين جو بت، حمواربي جو ڪوڊ، ڪتي واري نديءَ جون لکتون، شالمنيسر جو يادگار، روزيتا وارو پهڻ ۽ ٻيون انيڪ لکتون، عُر، بابل، عرخ، اشور ۽ ٻين ماڳن تان مليون آهن. جنهن ۾ تاريخ جي ڇاڻن لاءِ نه فقط گهڻو پر قيمتي مواد موجود آهي.

عربستان ۾ پڻ تاريخ کان اڳ ۽ پوءِ جي دورن جون ڪيئي جايون موجود آهن، جي حجاز، اتر عربستان، يمن، حضر موت، عمان، ڪويت، ۽ ٻين علائقن ۾ موجود آهن. پر پوءِ به انهن جي ڪوتائي اجا تائين نه ٿي سگهي آهي. يمن ۾ نهايت ئي قديم تهذيب جا آثار ڏٺا ويا آهن، جن ۾ قلعن، عمارتن، بندرن، محلاتن ۽ ٻين جاکنڊر اجا موجود آهن ۽ ماڻهن کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏين. انهيءَ ڏس ۾ يورپ جي انهن عالمن جن کي ”اورينٽلسٽ“ سڏيو وڃي وڃي. جن جي محنت ۽ جاکوڙ کي نه ٿو وساري سگهجي. اهو سندن ئي ڪارنامو آهي جنهن سبب عربن جي قديم تاريخ پڌري ٿي پئي آهي ۽ انهيءَ تي ڪمائتو ۽ جامع مواد هٿ ڪري سگهجي ٿو.

قديم عربن جي اعلي تهذيب ۽ عظيم تمدن، نقب الحجر، غمدان جي محلات ۽ مارب بند مان ظاهر آهي جي يمن ۾ آهن. اهڙي طرح اتر ۾ پطرا ۽ پالميرا جا کنڊر، حضر موت ۽ عمان ۾ پراڻن قلعن ۽ شهرن جا آثار ثابت ڪن ٿا ته، عربن جو نهايت ئي اعليٰ قسم جي تهذيب ۽ ثقافت سان واسطو ۽ واهپو هو ۽ اهي دنيا جي ڪنهن به قديم قوم کان گهٽ ڪين هئا. رُب الخالي جنهن ۾ هينئر فقط واري جا دڙا آهن. تاريخي نقطه نگاه کان نهايت ئي اهم علائقو آهي. انهيءَ ايراضيءَ ۾ شداد جو بهشت پڌايو وڃي ٿو جنهن جو ذڪر قرآن ۾ ٿيل آهي. چون ٿا ته شداد عاد قوم جو هو ۽ سندس بهشت، جنت جي باغن کان گهٽ ڪين هو. ان ڪري متس خدائي عتاب آيو ۽ جڏهن ئي هو پنهنجي نهرايل عجوبي ۾ داخل ٿي رهيو هو، تيئن موت جي فرشتن سندس روح قبض ڪري ورتو. اهو بهشت جنت جي اٺن بهشتن مان هڪ آهي. ۽ ان جو نالو جنت الفردوس آهي.

# حوالا ۽ سمجھاڻيون

(1) بلاذري، بلاذور مان نڪتل آهي جا هڪ نشيدار دوا آهي، ۽ ذاتوري سان مشابهت رکي ٿي جيڪو سنڌ ۾ موجود آهي . اها دوا پنگ کان مختلف آهي، جنهن کي عرب دنيا ۾ ”حشيش“ سڏيو ويجي ٿو. حشيش جي مشهوري وچئين دور ۾ اسماعيلي ملحدن جي ڪري ٿي، جي پنگ پي ماڻهن جو قتلام ڪندا هئا. ان سبب اهي حشيشين مشهور ٿي ويا. بلاذري، بلاذور جي گهٽي وزن پيئڻ ڪري گذاري ويو.

(2) سن 905 عيسوي ۾ وفات ڪيائين، تاريخ يعقوبي جلد 1، ص 1.

(3) الدينوري، اصفهان ۽ دينور ۾ رهيو ۽ دينور ۾ سن 889 عيسوي ۾ وفات ڪيائين.

(4) ابن حزم، جو درو سن 968 کان 995ع تائين بڌايل آهي. پر هٽي انهيءَ کي 994 کان 1064ع جي وچ واري دور ۾ بڌايو آهي، هسٽري آف عربس (هٽي) ص 558.

(5) مروج الذهب، جلد 1، ص 142

(6) الاصطخري، 950 عيسوي ڌاري پنهنجو ڪتاب لکيو هو.

(7) ابن خردازبہ، نہ فقط هڪ سياح هو پر عباسين جي طرفان پوسٽ ماسٽر پڻ مقرر ڪيل هو.

# سنڌ ملڪ ۽ ان جي جغرافيہ وغيره جا تفصيل

سنڌ جو ملڪ - حدون ۽ بيهڪ - طبعي بناوت ۽ ورهاست - ڍنڍون ۽ نديون - آب هوا - زمين ۽ پوک - سنڌ جا جانور - ڪاٺيون ۽ ذاتو - گهمڻ جون جايون - ڪڇ جو رڻ - آدمشماري - ٻولي ۽ رسم الخط

باب ٻيو

# سنڌ ملڪ ۽ ان جي جغرافيه

## سنڌ جو ملڪ:

سنڌ ملڪ، جيڪو هينئر مغربي پاڪستان جو هڪ صوبو آهي، ان تي اهو نالو سنڌو يعني تہ انڊس ندي جي ڪري پيو، جيڪا ان جي وچان وهي ٿي. سنڌوءَ جي لغوي معنيٰ آهي سمنڊ يا پاڻي جو وڏو تلاءُ[1]. اهو نالو انهيءَ نديءَ تي شايد آريہ قوم جي ماڻهن وڌو، جنهن ۾ ڪابل ۽ ٻين ندين جي پاڻي پوڻ ڪري، ان جو وهڪرو ۽ موڪرائي وڌيو وڃي، ۽ پڻ انهيءَ آواز جي ڪري جيڪو اٽڪ جي ويجهو جابلو لنگهہ مان زور سان وهڻ ڪري ان ۾ ٿيندو رهي ٿو. وچئين دور ۾ سنڌ جو نالو، سڄي سنڌو ماٿر تي رکيل هو، ۽ باقي هندستان تي هند نالو رکيل هو جو. سنڌ ڪان تر جي برپٽ هئڻ جي ڪري جدا ٿيل هو. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۽ هند ٻئي ڀائر هئا ۽ اهي توقير بن يقطن بن حام بن نوح جا پٽ هئا[2]. قديم زماني ۾ عظيم ٻوڏ کان پوءِ انهن ٻنهي ڀائرن جي اولاد اهي ملڪ وسايا، ان ڪري متن اهو نالو پئجي ويو. اهوئي سبب آهي جو عرب سنڌ ۽ هند جي ماڻهن کي ڪاري نسل جا ماڻهو تصور ڪندا هئا. پر سندن اها راءِ غلط خيالن ۽ روايتن تي مبني هئي. جاڪاڻ تہ تاريخي، نسلي، لساني ۽ ٻين حقيقتن جي مد نظر سنڌ ۽ هند جا ماڻهو گهڻو ڪري آريہ نسل جا ماڻهو آهن. انهن ۾ ڪي قدر دراوڙي ۽ سامي نسل جو ميلاپ پڻ ٿيل آهي. چا ٻہ هجي، سنڌوندي، سنڌ جي لاءِ ايتري اهم آهي، جيتري هڪ انسان کي رت جي ضرورت آهي. سنڌو نہ هجي ها تہ سنڌ جو ملڪ، بہ هڪ وڏو برپٽ ٿي وڃي ها، جنهن جون حدون تر ڪان فارس تائين هجن ها جو ايران ۾ آهي.

## حدون ۽ بيهڪ:

سنڌ، 23 ۽ 28 ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ جي وچ ۾ ۽ 66 ۽ 71 ڊگريون اوير ڊگهائي ڦاڪ جي وچ ۾ آهي. سنڌس ڊيگهہ اتر کان ڏکڻ تائين 360 ميل آهي ۽ ان جي سرسري ويڪر اوير کان اولهہ 170 ميل آهي ۽ ان جي ڪُل ايراضي 59166 چورس ميل آهي. سن 1955ع ۾ ون يونٽ ٿيڻ کان اڳ سنڌ جون حدون اتر ۾ پنجاب ۽ بهاولپور تائين، اوير ۾ جيسلمير ۽ جوڌپور

رياستن تائين، اولهہ ۾ لس ٻيلو ۽ قلات رياستن تائين ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ ڪڇ جي رڻ تائين پکڙيل هيون. لس ٻيلي ۽ سنڌ جي وچ ۾ حب نديءَ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هئي. سنڌ جون لساني حدون، هاڻوڪي سنڌ کان ٻاهر تائين پکڙيل آهن ۽ ان ۾ لس ٻيلو، خضدار، پاڳناڙي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جا ڪي حصا، ۽ ڏکڻ پنجاب جا ڪي علائقا اچي وڃن ٿا. سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڏٺا ويا آهن، جن ۾ هندوستان، برما، مليشيا، انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، عُمان، حجاز ۽ اوپر آفريڪا وغيره ۾ اجا ڪيترائي سنڌي رهن ٿا ۽ اهي پنهنجي ڏنڌي ۽ واپار جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. قديم ۽ وچئين دور ۾ سنڌ جو ملڪ نندي ڪنڌ جي وڏي حصي تائين پکڙيل هو ۽ ان جون حدون اتر ۾ ڪشمير تائين، ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ تائين، اوڀر ۾ راجستان تائين، ۽ اولهہ ۾ مڪران ۽ ڪرمان تائين پکڙيل هيون[3]. هاڻوڪي سنڌ جون حدون انگريزن جون مقرر ڪيل آهن، جن سن 1843ع ۾ سنڌ جو ملڪ ٽالپرن کان فتح ڪيو هو. اهي سنڌ ڪي ڏتڙيل ماتري سڏيندا هئا. پهرين سنڌ کي بمبئي صوبي سان ملايو ويو هو. پر پوءِ سن 1935ع جي گورنمينٽ انڊيا ائڪٽ موجب انهيءَ کي جدا صوبو بنايو ويو ۽ ان لاءِ جدا گورنر پڻ مقرر ڪيو ويو. هاڻوڪي سنڌ، ٽن ڊويزنن ۾ ورهايل آهي. حيدرآباد، خيرپور ۽ ڪراچي. حيدرآباد ڊويزن ۾ حيدرآباد، سانگهڙ، بدين، ٺٽو، دادو ۽ ٿرپارڪر ضلعا ۽ خيرپور ۾ خيرپور، سکر، لاڙڪاڻو، نواب شاهه ۽ جيڪب آباد جا ضلعا ۽ ڪراچي ۾ ڪراچي ضلعو شامل آهن.

## طبعي بناوت ۽ ورهاست:

سنڌ هڪ سڌو ميداني علائقو آهي. اولهہ ۾ البت جابلو ٽڪرن جي قطار آهي جيڪا اتر کان ڏکڻ تائين پکڙيل آهي ۽ اها سنڌ کي بلوچستان جي صوبي کان جدا ڪري ٿي. ننڍڙيون ننڍڙيون ٽڪريون، سنڌ جي اندر پڻ آهن، پر انهن جي ايتري مشهوري ڪانهي، ۽ اهي گهڻو ڪري چن جي پٿر جون جڙيل آهن. انهن ٽڪرين ۾ گنجو ٽڪر حيدرآباد ضلعي ۾ آهي. انهيءَ ٽڪري جي ڊيگهہ 14 ميل آهي ۽ ان جي سرسري اوچائي 50 فوٽ کن ٿيندي. حيدرآباد ۾ زيل پاڪ سيمنٽ فئڪٽري لاءِ ڪچو پٿر گنجي ٽڪر مان ڪڍيو وڃي ٿو. انهيءَ ٽڪر جي وڏي ۾ وڏي چوٽي "ڳاهو" آهي جنهن جو عمق 250 فوٽ کن ٿيندو.

جيئن تہ هن ٽڪري تي وڻ ٽڻ وغيره ڪونہ ٿو ٿئي ان ڪري انهيءَ تي "گنجو" نالو پيل آهي. طبقات الارض موجب گنجي جي اهميت گهٽجي نہ آهي پر تاريخي نقطہ نگاه کان گنجو نهايت ئي اهم جبل آهي جنهن تي سنڌ جي تاريخ جو وڏو باب اڪريل آهي. چيو وڃي ٿو تہ منجهس سوا لک ولين جو آستان آهي ۽ انهيءَ شهر سان قديم دور جي پٽالا، وچئين دور جي نيرون ڪوٽ ۽ هاڻوڪي زماني جي حيدرآباد شهرن جون تاريخون وابستہ آهن. گنجي جي اهميت شاهہ لطيف جي هن بيت مان واضح آهي:

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
چڙهي ڪيٿ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

گنجي کان سواءِ ٻي مشهور ٽڪري "مڪلي" آهي جا ٺٽي ضلعي ۾ آهي. هي ٽڪري پڻ تاريخي نقطہ نگاه کان نهايت ئي اهم ۽ مشهور آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ٽڪري تي سنڌ جي ڪجهہ سمن، ارغون، ۽ ترخان بادشاهن جون قبرون آهن. انهن قبرن مٿان وڏا گنبذ ۽ مقبرا ٺهرايل آهن جن جي تصوير، پاڪستان سرڪار جي جاري ڪيل ڏهن روپئي جي نوٽ تي اڪريل آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ مڪلي تي اهو نالو ساڳئي نالي واري هڪ عورت جي ڪري پيو هو. جنهن انهيءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو ۽ اتي ئي سندس اولاد وڌيو ۽ ويجهيو. پر تحفة الڪرام ۾ ٻڌايل آهي تہ هڪ درويش اتي اچي پنهنجو آستانو ٺاهيو. سندس خيال حج تي وڃڻ جو هو پر پوءِ جڏهن ان ٽڪريءَ تي درويشن ۽ اوليائن جو تعداد ڏٺائين، تڏهن چوڻ لڳو تہ: "هذا مڪة لي" يعني هي ئي منهنجي لاءِ مڪو آهي. ان ڏينهن کان پوءِ "مڪة لي" آهستي آهستي مڪلي ٿي ويو.[4]

گنجي ۽ مڪلي کان سواءِ ٽين مشهور ٽڪري سکر ضلعي ۾ آهي. جنهن تي روهڙي ۽ سکر جا شهر ٺهيل آهن. اها ٽڪري پڻ چن جي پٿرن مان ٺهيل آهي ۽ انهيءَ جي اهميت سنڌ جي قديم تختگاهہ اروڙ جي ڪري آهي، جنهن جا ڪنڊر انهيءَ ٽڪريءَ جي اڀرندي حصي ۾ ڏٺا وڃن ٿا.

سنڌ ڪي ٽن قدرتي حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جيڪي اتر کان ڏکڻ تائين، هڪ ٻئي جي سڌائي ۾ بلڪل آمهون سامهون پکڙيل آهن. ٽر جنهن کي ريگستان بہ سڏيو وڃي ٿو اوڀر ۾، ۽ جابلو حصو اولهہ ۾ آهي ۽ انهن ٻنهي

جي وچ ۾ آباديءَ لائق علائقو، درياءَ جي ٻنهي ڪپن تي اتر کان سمنڊ تائين پکڙيل آهي[5]. سنڌ جو جابلو علائقو هڪ عظيم ديوار مثل آهي، جا سنڌ کي قلات، خضدار ۽ لس ٻيلي جي علائقن کان جدا ڪري ٿي، ۽ بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ قدرتي حد نشان آهي. انهيءَ جبل کي عام طور کيرٿر سڏيو ويجي ٿو. پر بلوچ قبيلا انهيءَ کي هالار جي نالي سان به ياد ڪندا آهن. هيءُ جبل سليمان جبل جي هڪ شاخ آهي جيڪو افغانستان کي پاڪستان کان جدا ڪري ٿو. هالار يا کير ٿر سنڌ ۾ 28° ويڪرائي ڦاڪ ويجهو داخل ٿئي ٿو ۽ پوءِ ڏکڻ اولهه ۾ پٻ جبل سان گڏجي ۽ سمنڊ تائين وڃيو ڇيهه ڪري. کيرٿر جبل جو امق، نهايت ئي مٿاهون آهي، ڇاڪاڻ ته ان جون ڪي چوٽيون سمنڊ جي سطح کان 7000 فوٽن کان به مٿي آهن.

کيرٿر جي سڀ کان اُڀي چوٽي "ڪتي جي قبر" آهي. جا نهايت شاندار اوچائي سان وڃيو 8678 فوٽن تان پهچي[6]. يعني ته "ڪتي جي قبر" مري جبلن کان ۽ پڻ ڪوئيٽه جي جبلن کان به اڀي آهي. انهيءَ چوٽيءَ جي اتر ۾ "ڏاڙهيارو" نالي مٿاهون پٽ آهي، جنهن جو سرسري عمق سمنڊ جي سطح کان 6000 فوٽ آهي. کير ٿر جون اهم خاصيتون هي آهن ته اهو ٽن جدا جدا قطارن ۾ ورهايل آهي ۽ اهي بلڪل هڪ ٻئي جي سامهون اولهه سنڌ مان لنگهن ٿيون. پهرين قطار جا کيرٿر جي اوير ۾ آهي، انهيءَ جا پاسا ايا ۽ اڙانگا آهن ۽ اولهه طرف لڙيل آهن. ٻين قطار، يعني ته "وچ واري" هڪ وڏو مٿاهون پٽ آهي جنهن جون چوٽيون سنون ۽ سڌن پوٺن وانگر آهن ۽ انهيءَ جا پاسا گول آهن، ٽيون يعني ته اولهه وارو حصو چن جي وڏين ڇپن مثل آهن جي ميلن تائين پکڙيل آهن، اهي قطارون خاص نالن سان سڏيون وڃن ٿيون، پهرين قطار کي ڪڪريو (يعني ته ٻگل) سڏيو وڃي ٿو، ٻئي کي ڪارو ۽ ٽين قطار کي پيٽارو سڏيو وڃي ٿو. کيرٿر جا ڪي حصا سنڌ ۾ اندر گهڙي آيا آهن، ۽ انهن کي مجموعي نالو "ڪوهستان" ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ دادو ۽ ٺٽي ضلعي جا گهڻ حصا اچي وڃن ٿا . انهن جابلو قطارن ۾ لڪي، پٽ ۽ ٻڌرا وڏي مشهوري رکن ٿيون. لڪي جبل 80 ميل ڊگهو ۽ ان جو سرسري امق هڪ هزار فوٽ کن ٿيندو[7]. انهن ٽنهي جبلن ۾ ٻڌرا جبل سيني کان وڏو ۽ ويڪرو جبل آهي ۽ انهن ۾ ايپي ۾ ايو پٽ جبل آهي، جنهن جي سرسري اوچائي سمنڊ جي سطح کان 3000 فوٽ

متي آهي. ٻه ٻيون ننڍيون ٽڪريون جن مان نئن بارڻ پنهنجو رستو ڪٽي ٻاهر نڪرندي آهي. سورجاٽو ۽ سنبوڪ ۽ انهيءَ جي اتر ۾ اهري، ناريرو ۽ هوتياٽو جبل آهن. بلوچستان جا ڪي جبل ۽ ٽڪر بہ سنڌ ۾ ڇيهہ ڪن ٿا. انهن مان ڇپر، ڪُڏي، همالگ، پٻ، مور، لکڻ، چگي مشهوري رکن ٿا. 25 ويڪرائي ڦاڪ وٽ سپ جبل هڪڙي نالي يعني تہ پٻ جبل جي نالي سان سڏجن ٿا، تان جو وڃيو سمنڊ تائين رسن. سنڌ جي اڀرندي حصي ۾ ڏکڻ اوڀر ڪنڊ وٽ، پارڪر علائقي ۾ هڪ ننڍڙو جبل آهي، جو 12 ميل ڊگهو آهي ۽ ان جو سرسري امق سمنڊ جي سطح کان هڪ هزار فوٽ ٿيندو. انهيءَ جبل جو نالو ڪارونجهر پهاڙ آهي، جو راجستان جي پهاڙي سلسلي جو ڇڇي ڏار تيل ٽڪر آهي. پٻ جبل، کيرٿر کان گهٽ اپو آهي. چاڪاڻ تہ ان جو سرسري امق ڪنهن بہ حالت ۾ 2000 فوٽن کان متي نہ ٿيندو.

ڪوهستان کان پوءِ سنڌ جو ٻيو قدرتي حصو ٿر آهي، جنهن کي ريگستان ۽ وارياسو سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ خطي ۾ واري ۽ واريءَ جون ڀٽون آهن ۽ ان جي سرسري ويڪر 50 ميل ٿيندي. ٿر جو سڄو دارومدار مينهن تي آهي. پر ان جا ڪي حصا "نارا ڪينال" جي ڪري چڱا آباد ٿي چڪا آهن. چوٽي آهي تہ "وُٺو تہ ٿر نہ تہ بر" جيڪڏهن بارش پئي تہ پوءِ اهو حصو ڪير جي تر وانگر قيمتي آهي نہ تہ بريٽ آهي، جنهن مان ڪي کين تو ملي. اهو بريٽ قديم زماني ۾ نهايت ئي آباد هو، چاڪاڻ تہ ان مان سنڌو ندي ۽ هاڪڙو درياءَ جي شاخن جو وهڪرو هوندو هو. انهن ندين جا چڏيل ٻيٽ اڄ بہ انهيءَ وارياسي ۾ ڏنا وڃن ٿا. جن ۾ "پراڻ" اڄ بہ مشهور آهي[8]. سنڌ جو ٽيون ۽ آباد حصو، درياءَ جي ٻنهي ڪپن لاڳو، ڏهن کان 25 ميلن تائين ويڪرو آهي ۽ ڪشمور کان وٺي عربي سمنڊ تائين لاڳيتو آهي. اهو علائقو نهايت ئي زرخيز آهي، جو ان ۾ سال جا ٻہ فصل، پاڻ ۽ گهٽي محنت کان سواءِ اپائي سگهجن ٿا. ڪن حصن ۾ تہ ٽي فصل بہ ڪڍيا ويندا آهن. هاڻوڪي دؤر ۾ نون طريقن سان پوک ڪرڻ جو رواج پيو آهي ۽ نئون ياڻ اينگرو يوريا پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب پوک ۾ واڌارو آيو آهي. پر پاڻيءَ جي اٽاٽ سبب سنڌ جا ڪيترائي آباد علائقا سوڪ ۾ پيا آهن. اهو انهيءَ سبب جو درياءَ تي پنجاب ۽ سرحد ۾ ڪئين بند ٻڌا ويا آهن، جن درياءَ کي ئي سڪائي ڇڏيو آهي. نہ تہ سنڌوءَ کي

گهٽي پاڻي ۽ تک سبب، ”طاقتور سنڌو“ سڏبو هو. سنڌ جا طبعي حصا، سرو، وچولو ۽ لاڙ پڻ ڀڏايا وڃن ٿا. سرو اتر ۾ آهي، وچولو وچ سنڌ ۽ لاڙ ڏکڻ سنڌ جو نالو آهي. لاڙ ۾ گهٽي پاڻي ۽ پوسل هئڻ سبب ان جي زمين ڪلراٺي آهي، پر چانورن جي پوک لاءِ نهايت مفيد ثابت ٿي آهي.

## ڍنڍون ۽ نديون:

سنڌ ۾ قدرتي ڍنڍون تمام گهٽ آهن. فقط منڇر جو نالو وٺي سگهجي ٿو، جا هڪ تمام وڏي ڍنڍ آهي، منڇر کي گهڻو ڪري برسات جو پاڻي ملي ٿو، جو جبلن تي پيل مينهن، نئن جي رستي انهيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. سڀ کان وڏي نئن جا منڇر ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، نئن گاج آهي، جا بلوچستان جي خضدار علائقي مان وهي ڪيرٿر جبل کي ڪٽي سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ پنهنجو پاڻي آڻيو منڇر ۾ اوتي. منڇر کي درياءُ مان به پاڻي ملندو آهي، جو اڙل واهه جي رستي ان ۾ داخل ٿيندو آهي. آبڪلاڻي جي موسم ۾ منڇر جي ڊيگهه 20 ميل ۽ ويڪر 16 ميلن تائين وڃيو رسي ۽ اها هڪ وڏي ايراضي 180 چورس ميلن تائين پکڙجيو وڃي.

منڇر کان سواءِ سنڌ جون ٻيون ڍنڍون هي آهن: سونهري، هاليجي ۽ جوهي. تاريخي ڍنڍ ڪينجهر جا ٺٽي ضلعي ۾ آهي. ڪينجهر کي هاڻي ڪلري به سڏيو وڃي ٿو. ماڇو اتي وندر لاءِ ويندا آهن. لاڙڪاڻي جي هڏرو ڍنڍ ۽ سانگهڙ جي مکي ڍنڍ به ڪافي مشهوري رکن ٿيون. مکي ڍنڍ انگريزن جي دور ۾ مشهور حُرن بچو بادشاهه ۽ پيرو وزير جي رهائش گاهه هئي. ڪينجهر ڍنڍ، نوري ۽ ڄام تماچي جي عشقيه داستان سان وابسته آهي. انهيءَ ڍنڍ جي ڪپ تي انهيءَ محلات جا آثار ڏنا وڃن ٿا، جتي اهي ٻئي عاشق جوڙا ڪچهري ڪندا هئا. انهن ڪنڌرن کي ”انڌي انڌيءَ جي ماڙي“ سڏيو وڃي ٿو. ٻين ڍنڍن جا نالا هي آهن: ميهڙ جي پر ۾ گنيرو، لاڙڪاڻي ۾ ڦتي بلاول، چانگرو، ارڙ، ڊرگهه، هامو، لاهوري ۽ لنگ جي سڀ لاڙڪاڻي ضلعي جي قمبر تعلقي ۾ آهن.

سنڌ جي مکيه ندي ”سنڌو“ آهي ۽ انهيءَ تي ئي سنڌ جي خوشحالي جو دارومدار آهي. سنڌوءَ کي يونان ۾ سنتوس، لاتيني دنيا ۾ سندوس ۽ چيني ٻوليءَ ۾ سِن- تُو جو نالو ڏنل هو. اها ندي تبت ۾ 32 ويڪرائي ڦاڪ ۽ 81

ڏکڻائي ڦاڪ وٺ پنهنجو وهڪرو هماليہ جبلن جي قطار جي پويان، ڪيلاس پربت وٽان شروع ڪري ٿو، جنهن کي سنسڪرت ادب ۾ "ايلاسيم" جو نالو ڏنو ويو آهي. ڪيلاس جي سرسري اوچائي سمنڊ جي سطح کان 22000 فوٽ مٿي ٿيندي، ۽ اهو نهايت ئي پوتر جبل سمجهيو وڃي ٿو. جيئن ڪ حيدر بخش جتوئي فرمائي ٿو:

۽ ڪيلاش پربت منجهان شير شربت
۽ گلزار گلشن جا آٿن اتاهہ،
پلي آئين جي آئين درياءُ شاهہ

مانسرور ڍنڍ جي پير ۾ اين ۽ اوچن پهاڙن مان پاڻي هٿ ڪري، سنڌو، اتر اولهہ ڏانهن "سنگهہ ڪاباب" جي نالي سان 160 ميل وهي ٿو. اِهو، اُهو ماڳ آهي، جتان ستلج ۽ برهمپترا نديون ۽ پڻ ڪوريالہ جا چشما پاڻي هٿ ڪن ٿا، جو جبلن تي پيل برف جي ڳرڻ سبب کين ملي ٿو. منڊ وٽ سنڌوءَ جو عمق سمنڊ جي سطح کان 17000 فوٽ مٿي آهي. سپ کان پهرين ڪشمير جي گهاڙ ندي، سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي ۽ انهيءَ ڇوڙ وٽ سنڌوءَ جي سرسري اوچائي 13800 فوٽ آهي. ان کان پوءِ اها ليهہ مان 10500 فوٽن جي اوچائي تي ۽ بلتستان مان 8000 فوٽن جي اوچائي تي پنهنجو وهڪرو جاري رکي ٿي. ليهہ ۾ زسڪر ندي ۽ بلتستان ۾ شيوڪ ندي پنهنجو پاڻي آڻيو سنڌوءَ ۾ وجهن. زسڪر نديءَ جي ڇوڙ وٽ مشهور ڪارا ڪورم لنگهہ آهي، جتان وچ ايشيا ڏانهن واپاري رستو هوندو هو. ڊاڪٽر ٿامپسن جنهن انهن ايراضين جو سفر ڪيو هو، تنهن جو چوڻ آهي تہ هُن انهيءَ رستي جي لڳ ليهہ ۾ اهڙا چشما بہ ڏٺا، جن جي ڪوساڻ 174 ڊگرين کان بہ مٿي هئي ۽ انهن مان گندرف واري گيس نڪري رهي هئي[9].

ڪشمير ۽ بلتستان لتاڙي، سنڌو، هراموش جبل (24300 فوٽ) وٽ پهچي ٿي. جتي وڪڙ ڪاٽي، اوپر طرف هاتو پير جي هيٺان وهڻ شروع ڪري ٿي. انهيءَ کان پوءِ سندس وهڪرو پاڪِستان جي دير، سوات ۽ چترال ايراضين مان ٿئي ٿو، جنهن کي ڪوهستان سڏيو وڃي ٿو ۽ ان جي ڊيگهہ اٽڪل 120 ميل آهي. ڪوهستان جو علائقو لتاڙي سنڌو، در بند وٽ سرحد واري علائقي ۾ داخل ٿئي ٿي، جو مهابن جبل جي الهندي پاسي آهي. اٽڪ وٽ، ڪابل

ندي، پنهنجو ڳاڙهو پاڻي ۽ ڪنر نديءَ جو آسماني پاڻي آڻيو منجهس اوتي. جنهن سبب سنڌو جو وهڪرو ۽ طاقت وڌيو وڃي. اٽڪ تائين درياءُ جو وهڪرو 850 ميل ڪٽيو ويو آهي ۽ اٽڪ کان پوءِ عربي سمنڊ تائين سنڌوءَ جو وهڪرو 950 ميل آهي. اٽڪ وٽ هڪ ريلوي پل بہ آهي، جا 1883ع ۾ انگريزن ٺهرائي ۽ اها پشاور کي راولپنڊي، اسلام آباد سان ڳنڍي ٿي. اٽڪ کان 12 ميل هيٺ تي (ڏکڻ ۾) هاڙو ندي، مري جبلن مان 90 ميلن جو وهڪرو وهي اچيو منجهس پوي. هازوه کان سواءِ هن علائقي جي ٻي مشهور ندي سوهان آهي، جا پڻ راولپنڊي ۽ جهلم ضلعن مان هٿ ڪيل پاڻيءَ سان اچيو سنڌوءَ ۾ ميلاپ ڪري. سمنڊ کان اٽڪل 490 ميلن جي فاصلي تي پنجاب جون پنج نديون جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج، پاڻ ۾ گڏجي هڪ وهڪرو ٺاهين ٿيون، جنهن کي پنجند جو نالو ڏنل آهي ۽ اهو وهڪرو منڻ ڪوٽ وٽ اچيو سنڌوءَ سان شامل ٿئي. انهيءَ گڏجاڻيءَ کان مٿيرو سنڌوءَ جي ويڪر 600 وال. وهڪري جي طاقت ڪلاڪ ۾ پنج ميل ۽ ان جي اونهائي 12 کان 15 فوٽن تائين ۽ ان جي پاڻيءَ جو نيڪال هڪ سيڪنڊ ۾ 10000 کان 25000 ڪيوسڪ آهي. پر آبڪلاڻي جي موسم ۾ سنڌو درياءُ جي ويڪر پنجن ميلن تائين وڌيو وڃي ۽ ان جو نيڪال هڪ لک کان ڏيڍ لک تائين وڃيو پهچي. منڻ ڪوٽ کان ڪشمور تائين، سنڌو درياءُ پنجاب ۽ اڳوڻي بهاولپور رياست جي وچ ۾ حد بندي ڪري ٿو.

سنڌو ندي، سنڌ ۾ 28 ڊگريون 26 منٽ ويڪرائي ڦاڪ ۽ 69 ڊگريون 27 منٽن وٽ داخل ٿئي ٿي. ڏکڻ اولهہ طرف لڙيل 450 ميلن جو فاصلو لتاڙي وڃي سمنڊ ۾ پوي. سنڌ ۾ سنڌوءَ جي ويڪر 600 والن کان 1600 والن تائين آهي، ان جي وهڪري جي قوت 8 ميل ڪلاڪ ۾، ۽ ان جو نيڪال هڪ سيڪنڊ ۾ 190000 کان ڏهہ لک ڪيوسڪن تائين آهي[10]. سنڌوءَ جو ڊيلٽا اٽڪل 3000 چورس ميلن تائين پکڙيل آهي ۽ ان جي ڊيگهہ مونزراس کان ڪڇ جي رڻ تائين 125 ميل آهي. سنڌوءَ جا مکيہ چوڙ بہ آهن. اوڇتو جنهن کي حيدري بہ سڏبو آهي ۽ مُنڍي چوڙ. سنڌ ۾ سنڌوءَ کي عام طور درياءُ سڏيو ويندو آهي، پر وچئين دور ۾ انهيءَ کي مهراڻ سڏيو ويندو هو ۽ اهو نالو شاهہ ڀٽائي جي رسالي ۾ وري ورجايو ويو آهي:

مٿي متي مهراڻ ۾ پٿو ٽپو ڏيئي
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيٺاهہ سين.

سنڌوءَ جي ڊيلٽا وارو علائقو، نيل نديءَ جي ڊيلٽا جهڙو آهي. پر گنگا نديءَ جو ڊيلٽا انهن کان نيارو آهي. سنڌو ڊيلٽا، نيل جي ڊيلٽا وانگر اجڙ آهي جو ان ۾ وڻ ٽڻ ڪونہ ٿئي. ڊيلٽا جي آبهوا اونهاري ۾ گرم ۽ سياري ۾ ٿڌي ۽ صحت بخش آهي. پر ٻوڏ واري موسم ۾ تپاولي آٽي تي. ڏٻڻ واري حصي ۾ گاهہ پنو جام آهي ۽ ڪتي ڪتي چانورن جي پوک بہ ٿئي ٿي.

سنڌو، جهاز رانيءَ لاءِ بلڪل ناقابل آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جو وهڪرو هڪ تہ تکو آهي ۽ ٻيو تہ پيٽ بدلائڻ سبب اهو نهايت ئي تانگهو آهي. ٻي اهم ڳالهہ جيڪا انگريزن ڏٺي، اها هيءَ هئي جو سنڌوءَ جي پيٽ مان ٽن چئن هنڌن تي ٽڪرن ۽ جبلن جا ڪي حصا پار ڪن ٿا، جنهن سبب جهازن ڪي جوکو رسڻ جو امڪان پڻ آهي. اهڙو هڪ اٽڪاءُ سکر وٽ آهي تہ ٻيو وري ڪوٽڙيءَ جي پر ۾ آهي. انگريزن هڪ جهازران ڪمپني "انڊس فلوٽيلا" سن 1835ع ۾ قائم ڪئي هئي پر اها سن 1862ع ۾ بند ڪرڻي پئي. ڇاڪاڻ تہ ڪي آگبوٽ (اسٽيمر) پڇي پيا تہ ڪي وري ٻڏي ويا. ٻيو جهازران ٻيڙو سن 1855ع ۾ سنڌ ريلوي جي مدد لاءِ شروع ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ اجا ڪوٽڙي وٽ درياءُ تي پل ٻڌل ڪين هئي ۽ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي ۽ ڪوٽڙيءَ کان ڪوئيٽہ تائين ريل وڇائجي ويئي هئي. انهيءَ ڪمپني کي اورينٽل انلينڊ ڪمپني جو نالو ڏنل هو. هي سن 1882ع ڌاري بند ڪئي ويئي ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ ۾ ٿيل نقصان ان کان برداشت نہ ٿي سگهيو[11].

سنڌوءَ تي جيڪي ٻيڙيون هلن ٿيون انهن کي ڊونڊي ۽ زوراڪ سڏيو وڃي ٿو، جن تي گهڻو ڪري واپاري مال ڍويو ويندو آهي. ڪونٽل ٻيڙي پتڻ اُڪرڻ لاءِ ڪم آندي ويندي آهي ۽ ڊونڊي تي مهاڻا مڇي ڦاسا ئيندا آهن. سنڌوءَ ۾ مڇي جام ٿئي. انهن ۾ مکيہ مڇي پلو آهي جو پنهنجي سواد سبب سنڌ ۾ نهايت مشهور آهي. ٻي مشهور مڇي ڏنيرو آهي ازانسواءِ ڪرڙا، جهينگا، تيلهي، ڪڳا، ڇرڪا، ۽ ڪميون پاڻيءَ جا نانگ پڻ جام آهن. سنڌو ندي واڳن جي ڪري جڳ مشهور آهي. واڳون ٻنهي قسمن جا آهن، تکي نڪ وارا ۽ پڻ مڏي نڪ وارا تمام گهٽي انداز ۾ ڏٺا ويا آهن.

حب نديءَ جو منڍ، پب جبلن ۾ آهي، ۽ اِن جو وهڪرو پهرين ڏکڻ اوڀر طرف 25 ميل ڏکڻ طرف 50 ميل ۽ آخر ۾ ڏکڻ اولهه ۾ 165 ميل آهي، تان جو اها سمنڊ ۾ راس مونز وٽ وڃيو ڇوڙ ڪري جو 24 ڊگريون 54 منٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 66 ڊگريون 42 منٽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ وٽ آهي. حب نديءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون ٽي آهن: سَرونا، سرموٽي ۽ ويراحب. ان جو وهڪرو هڪ نهايت ئي اونهي ماٿري مان ٿئي، پر جڏهن اها قوسي لڪ اڪري ٿي، تڏهن اها ويڪري ٿئي ٿي. هن نديءَ ۾ هميشه ٿورو گهڻو پاڻي ڏنو ويو آهي: سندس منهن ڪان پنجاه ميل اندر تي انهيءَ جا ٻئي ڪپ وڻڪار ۽ ساوڪ سان پريل آهن.

سنڌوءَ ۽ حب ندي ڪان سواءِ سنڌ ۾ ٻي ڪابہ ندي ڪانهي. البت نَيون آهن جي مينهوڳي واري موسم ۾ جبلن تي پيل پاڻي سبب وهڻ لڳنديون آهن. انهن نَين ۾ سڀ ڪان وڏي ۽ اهم نئَن گاج آهي، جا بلوچستان جي جهالاوان علائقي مان نڪري کيرٿر کي ڪاٽي اچيو منڇر ڍنڍ ۾ پوي. گاج کي ڪولاچي ندي بہ سڏيو وڃي ٿو. گاج ڪان پوءِ ٻي اهم نئَن بارڻ آهي جا پڻ دادو ضلعي ۾ آهي. ٿاٽي بولاخان واري علائقي مان لنگهي ڪوٽڙي جي هيٺان سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن نئَن جي ڪُل ڊيگهہ 90 ميل آهي. ملير نئَن وري ڪراچي ضلعي جي ڪن علائقن مان لنگهي گزري بندر وٽ سمنڊ ۾ پوي ٿي. لياري، مزراٽي، ڪينجي، ڊلڻ، سَلَري، نالي، نينگ، سن ۽ بانڊي بہ ننڍڙيون ننڍڙيون نيون آهن، جي دادو ۽ ٺٽي جي ڪوهستاني علائقي مان وهن ٿيون.

## آب هوا:

سنڌ جي آبهوا نهايت ئي سخت آهي. گرميءَ جي موسم ۾ ٿرماميٽر 114 ڊگرين تائين وڃيو پهچي ۽ سياري ۾ عموماً نقطہ انجماد ڪان هيٺ ٿيو وڃي. سنڌ ۾ گرم ۾ گرم شهر جيڪب آباد آهي. جنهن ۾ سڄي پاڪستان ۾ گهٽي ۾ گهٽو ٽيمپريچر ڪٿيو ويو آهي. 15 مئي 1912ع ۾ جيڪب آباد جو ٽيمپريچر 126 ڊگريون فئرنهيٽ ڪٿيو ويو هو. لاڙڪاڻو، سکر، سيوهڻ ۽ دادو پڻ گرم علائقا آهن. هڪ ايراني شاعر جو چوڻ آهي تہ:

سيوهڻ سبي چون ساختي
دوزخ چراپرداختـــــــــــي

[جڏهن سيوهڻ ۽ سبي جا علائقا تو ناهيا تہ پوءِ دوزخ
ناهڻ جو خيال ڇو ڪيئي]

لاڙ جي آبهوا ڪي قدر معتدل ۽ وڻندڙ آهي. پر اتر جا علائقا انهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ گرم آهن. ڪراچي جي شهر جي آبهوا سمنڊ جي ڪري معتدل آهي، پر گهم سبب گرميءَ ۾ نهايت خفي ڪندڙ آهي. سنڌ ۾ فقط ٻہ موسمون ٿين. اونهارو، جو فيبروري جي وچ ڪان شروع ٿي آڪٽوبر جي وچ ڌاري پورو ٿئي ٿو ۽ پوءِ سياري جي موسم شروع ٿئي ٿي. بهار جي موسم سنڌ ۾ ٿئي ئي ڪانہ. البت سرءَ ۾ ٿپاولي وغيره ٿيندي آهي ۽ اها موسم ساوڻ جي مهيني ڪان پوءِ شروع ٿيندي آهي.

## زمين ۽ پوک:

سنڌ گرم ڪمربند جو هڪ انوکو ملڪ آهي جنهن ۾ هر ڪو فصل ٿي سگهي ٿو ۽ محنت بہ ايتري درڪار نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي مٽي نهايت زرخيز ۽ آباد آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياءُ متاهن جبلن مان مٽي ۽ ريت ڪٽي سنڌ ۾ پهچي ٿو ۽ اهو ريت جو پاڻ ڪان وڌيڪ ڪمائتو آهي. آبڪلاڻي ۾ ٻوڏ سبب، وڏي ايراضي تائين پکڙجيو وڃي. سنڌ جا ٻہ فصل خريف ۽ ربيع آهن. پر جتي پاڻي جام آهي اتي هڪ ٻيو فصل بہ ڪنيو وڃي ٿو جنهن کي آڏائون سڏبو آهي. ربيع فصل سرءَ واري موسم ۾ پوکبو آهي. ان ۾ هي جنسون پوکبيون آهن: ڪڻڪ، جَوَ، تيلي ٻج، زعفران، سنڌي، بصر، ڪڪمبر، ٿوم، ڀنگ، نير، سنا وغيره. خريف جون جنسون جي اونهاري ۾ پوکبيون آهن اُهي هي آهن: ٻاجهري، جوار، چانور، اڙد، ڇئونرا، مڱ، تر ۽ ڪپهہ. سنڌ ۾ ميوا بہ جام ٿين. جن ۾ انب تہ نهايت ئي قديم دور ڪان مشهور آهن. ساڳي اهميت ليمي ۽ نارنگي کي آهي، پر ان ڪان سواءِ ڏاڙهون، کجور، ترنج، انجير، انگور، گدرا، ڇانهيون، گدامڙي، آلو بخارا، بادام ۽ آڙو وغيره بہ ٿين ٿا. جهنگلي وڻ جيڪي سنڌ ۾ ڏٺا وڃن ٿا، اهي آهن: ٻبر، ڪنڊي، نم، ٻير، ٻاهڻ، ٽالهي، ڪبڙ، ڪرڙ، ٿوهر، ۽ ٻيون ڪيتريون ٻوٽيون ۽ ٻوٽا جي نہ فقط ڪمائتيون آهن پر ان سان گڏ دوا در مل لاءِ بہ نهايت ئي اهم آهن.

## سنڌ جا جانور:

سنڌ ۾ نہ فقط جهنگلي جانور گهڻا ڏنا ويا آهن پر گهرو جانور بہ سڀ ڪنهن قسم جا آهن. جهنگلي جانورن ۾ ڪن هنڌن تي واگهہ ڏٺو وڃي ٿو پر اهي گهڻو ڪري هاڻي ناپيد آهن. بيا جانور آهن: چراخ، گورخر، بگهڙ، گدڙ، لومڙ، سوئر، ڦاڙهو، هرڻ، سهو، سيڙهہ ۽ بيا. گهرو جانورن ۾ هڪ ڄنگهو اٺ، مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون، رڍون، گهوڙا، خچر، گڏهہ ۽ ڪتا گهڻي انداز ۾ ڏٺا ويا آهن. پکين ۾ ڳجهون، سرٽيون، تلور، بدڪون، ٻگهہ، هنج، ڪوئل، ڳيرا، تتر، ڪبوتر، آڙيون، ٽيٽا، ڪانڪنا، مينا، جهرڪيون، بلبليون ۽ ڪڪڙيون بہ گهڻيئي آهن[12].

سنڌ ۾ قسمين قسمين نانگ ۽ بلائون آهن، جن ۾ ڪاريهر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. ڪاريهر لاءِ عموماً ٻڌايو ويو آهي تہ ان ۾ انساني خاصيتون آهن ۽ هو هر حالت ۾ پنهنجو وير وٺندو آهي. ڪاريهر جي چڪ ماڻ بچڻ ناممڪن آهي پر بيا نانگ بہ گهڻ خطرناڪ نہ آهن. گدو، گهوڙيال، هڻ ڪڻ ۽ پيئڻ بہ وڏي مشهوري رکن ٿيون. پيئڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ اها سٽل ماڻهوءَ جي وات ۾ وات وجهي ان ۾ زهر هاريندي آهي، جنهن سبب اهو مري ويندو آهي. اها بلا تر ۾ ڏٺي ويئي آهي ۽ ان کان بچڻ لاءِ ماڻهو بصر يا ٿوم جي ڳڙي پاڻ وٽ رکندا آهن. هڻ ڪڻ جو قد ڇٺ انچن کان وڌيڪ نہ هوندو آهي ۽ اها بلا ٽپ ڏيئي چڪ هڻندي آهي. بلا جو وڏي ۾ وڏو نمونو ارڙ آهي. جو هڪ ٻڪريءَ کي ڳڙڪائي سگهي ٿو.

## کاڻيون ۽ ڌاتو:

سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن تي لوهہ ۽ ڪوئلي جا ذخيرا موجود آهن پر انهن کي باقاعدي طرح نہ کوٽايو ويو آهي.

گهڻي ۾ گهڻو ڌاتو ابرق آهي جيڪو ڪوهستان، گاج[13]، نديءَ جي ڪنارن تي ۽ ماريپور مان ڪڍيو وڃي ٿو. چن، ميٽ، ۽ لوڻ جيڪڏهن اهي ڌاتو آهن تہ پڻ گهڻي انداز ۾ دستياب آهن، جي نہ فقط ملڪ ۾ ڪم آندا وڃن ٿا پر اهي ٻاهر بہ موڪليا ويندا آهن. تيل ۽ گيس جا بہ اهڃاڻ سنڌ ۾ ڏٺا ويا آهن ۽ انهيءَ ڏس ۾ کوٽائي جو ڪم جاري آهي.

## گهمڻ جون جايون:

سنڌ هڪ نهايت قديم ملڪ آهي، ان ڪري انهيءَ ۾ ڪيتريون ئي اهم جايون آهن جي ڏسڻ وٽان آهن. انهن ۾ مهن جودڙو سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ جهونو آهي. آثار قديمه وارن جي وري اها دعويٰ آهي ته ڪوٽ ڏيجي، مهن جي دڙي کان به ڇهه سؤ سال پراڻو آهي ۽ انهيءَ لاءِ اجا تائين ڪي واضح دليل پيش نه ڪري سگهيا آهن. موئن جي دڙي جا کنڊر سڄي دنيا ۾ مشهور آهن ۽ انهيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ڌارين ملڪن جا عالم، سياح ۽ ٻيا ماڻهو هر سال ايندا رهن ٿا. مهن جي دڙي ۾ ڪيترائي طبقا آهن جن ۾ سڀ کان هيٺاهون تاريخ کان اڳ جو دور ڏيکاري ٿو ۽ ان کان پوءِ ٻڌ دور جا آثار آهن ۽ آخر ۾ تاريخي دور جا به ڪيئي نشان مليا آهن. کنڊرن جو وڏو حصو سنڌو درياءَ جي ٻوڏ سبب ٻهارجي ويو آهي ۽ باقي جيڪي رهيو آهي اهو پڻ پوسل ۽ ڪلرجي حملي سبب ختم ٿي وڃڻ وارو آهي. موئن جي دڙي کي بچائڻ لاءِ يونيسڪو (يونائيٽيڊ نيشن علمي، سائنسي ۽ ثقافتي آرگنائيزيشن) جي پئرس واري 28 اپريل 1969ع ۾ نهراءَ پاس ڪيو ويو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت انهيءَ کي محفوظ رکڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن[14].

آمري جا کنڊر سن جي ويجهو دادو ضلع ۾ آهن ۽ اهي به موئن جي دڙي جيترا پراڻا تصور ڪيا وڃن ٿا. آثار قديمه جي ماهرن جي هڪ جماعت ان جي کوٽائي ۾ مشغول آهي. روهڙي جي ڀر ۾ اروڙ جا کنڊر، سانگهڙ لڳ جهول جي ڀر ۾ برهمڻ آباد جا کنڊر اجا تحقيق طلب آهن. اهڙي طرح شهدادپور جي ويجهو منصوره جا کنڊر ۽ ٻيا ڪيئن ماڳ آثار قديمه جي توجه جو مرڪز نه بنيا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ڪراچي کان پري آهن ۽ محنت طلبين ٿا. جيڪا آثار قديمه جي نام نهاد ماهرن ۾ ڪانهي. اهڙي طرح ميرپور خاص لڳ ٻڌ اسٽوپا، گوڙي لڳ جين مندر، جهرڪ ويجهو ٻڌ ڌرم جا کنڊر، ساموئي جا کنڊر، ٺٽي، ڪلان ڪوٽ جا کنڊر، گوني تعلقي ۾ سُڏيرن جو ٽل، ٽنڊي فضل ويجهو ڏورا هنگورا، ريتي لڳ وڃڙوٽ (يا وڃٽوٽ) دولت پور پرسان ٽل مير رکڻ ۽ ٻيا ڪيئن ماڳ کنڊر ۽ آثار آهن. جيڪڏهن اهي کنڊر ايمانداريءَ سان کوٽائي ڪيا وڃن ته، ممڪن آهي ته سنڌ جي تاريخ جا ڪيئن لڪل باب

نڪري نروار ٿيندا. ڏکڻ سنڌ ۾ سنڌ ڊيلٽا وٽ بہ هر هڪ ڪاري ۽ هر هڪ درياءَ جي چوڙ وٽ ڪنهن نہ ڪنهن قديم شهر يا ماڳ جا ڪنڊر ۽ آثار ڏٺا ويا آهن ۽ ڪيترا تہ سمنڊ ۾ ٻڏي ويا آهن. ان ڪان سواءِ شاه بندر وٽ قديم آثار، ڏاڙاجا، لاهري، ڏبو، بدين، پوڏيسر، ڪلري، رحمڪي بزار، فتح باغ وغيره بہ تحقيق طلب آهن ۽ انهن تي اجا ڪو بہ ڪم نہ ٿيو آهي. اميد آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ادارا انهيءَ ڏس ۾ ڪو قدم کڻندا ۽ لازمي آهي تہ سندن ڪوشش جو چڱو نتيجو نڪري ۽ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جا لڪل خزانا ماڻهن جي هٿ اچي سگهن.

## ڪڇ جو رڻ:

ڪڇ جو رڻ، سنڌ ۽ ڪڇ، سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ هڪ قدرتي حد نشان جو ڪم ڏي ٿو. اهو هڪ لوڻياٺو بريٽ آهي جو اتر ويڪرائي ڦاڪ 22-55 ۽ 24-43 ڊگرين جي وچ ۾ آهي ۽ 68- 45 ڪان 71-46 ڊگرين تائين ڊگهائي ڦاڪ ۾ اچي وڃي ٿو. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي ارينا سڏيو ويندو آهي ۽ اهو نو هزار چورس ميلن جي ايراضي ۾ پکڙيل آهي. رڻ جي ويڪر 25 ڪان 35 ميلن تائين آهي، پر ڪن هنڌن تي اهو ٻن ميلن ڪان متي ويڪرو نہ آهي. علم الارض جا ماهر اجا انهيءَ فيصلي تي نہ پهتا آهن تہ اهو سمنڊ جو حصو آهي جو زمين ۾ گهڙي آيو آهي يا هڪ اندروني ڍنڍ آهي جنهن جي سمنڊ وارو بند ڌرتي ڌٻڻ سبب ٽٽي پيو آهي. عموماً اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ ڪڇ جو رڻ اصل ۾ هڪ سامونڊي ڪاري آهي جنهن جو تر زمين ڏڏڻ سبب يا ڪنهن ٻي قدرتي سبب ڪري متي کڄي آيو آهي. سڪندر اعظم جي حملي وقت (4 صدي قبل مسيح) ۽ پريپلس جي زماني ۾ (3 صدي عيسوي) ڪڇ جو رڻ هڪ وڏي ڍنڍ يا ڳچي سمنڊ (Head of Sea) هو جنهن ۾ سولائي سان جهاز راني ڪري سگهبي هئي[15]. مقامي ڏند ڪٿائن موجب ڪڇ جي رڻ جي چوڌاري وڏا وڏا بندر هئا جن مان ڪن جا ڪنڊر اجا بہ موجود آهن. رهمڪي بازار ڪان وٺي گجرات ۽ ڪانياواڙ تائين اهڙا ڪئين آثار ڏٺا ويا آهن، جن مان ڪي تاريخ ڪان اڳ جي دؤر جا تہ ڪي پوءِ جا تسليم ڪيا ويا آهن. طبقات الارض جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ رڻ، تازو ٺهيل زمين جو خطو آهي ۽ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ وڏو رڻ ۽ ٻيو ننڍو رڻ. وڏو رڻ اولهہ ڪان اوير تائين 160

بلوچستان جا قديم رهاڪو بروهي آهن. جي اصل ۾ دراوڙي نسل سان وابستہ آهن. يا گهٽ ۾ گهٽ انهن قبيلن جو مجموعو آهن جي يا تہ عراق جي سميري نسل جي شاخ آهن يا سميري دراوڙي نسلن جي امتزاج مان پيدا ٿيا آهن. سنڌن ٻولي، اٺ ويهہ جو طريقو، گرامر ۽ ثقافت، دکن جي دراوڙين سان ۽ پڻ تاريخ کان اڳ جي دور وارن سميرين سان گهڻي قدر ملندڙ آهن. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ باقي اهم ڳالهہ جا سنڌن ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ بچي آهي، اها آهي سنڌن ٻوليءَ ۽ گرامر جو اجا بہ ڪين ٻين ٻاهران آيل قومن تي فوقيت ڏي ٿي.

طبقات الارض جي ماهرن جي دعويٰ آهي تہ دکن جو اڀپيٺ اصل ۾ گوندوانا ڪنڌ جو هڪ حصو آهي جو هندي سمنڊ هيٺ ٻڏي ويو آهي. دکن دنيا جي قديم ۾ قديم زمين آهي اها ڪڏهن بہ سمنڊ ۾ نہ رهي آهي[18]. ان ڪري ظاهر ٿو ٿئي تہ ڪول ۽ سنتال جي دکن جا آڳاٽا رهاڪو هئا. انهن جو ڪنهن نہ ڪنهن نموني اوپر آفريڪا جي ملڪن ۽ قومن سان براهہ راست واسطو ۽ واهپو رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪول ۽ سنتال نسل جي ماڻهن جي بدني بناوت ۽ ٻوليءَ ۾ آفريڪا جي حبشي نسل جو اثر سمايل هو. سنڌ جا هاٿوڪا ڪولهي، گجرات ۽ ڏکڻ اولهہ راجستان مان آيا آهن ۽ گهڻو پوءِ جا آهن. ساڳيءَ ريت ڀيل ۽ مينگهواڙ قبيلا آهن جي پڻ ٻاهران آيل آهن ۽ انهن جو مکيہ ڌنڌو ڪيتي آهي، پر ڪن ڪورڪي ڪرت بہ اختيار ڪئي آهي.

مسلمانن جي اوچي ذات ۾ سيد، پٺاڻ، بروچ ۽ عربن جو اولاد آهي، جي پاڻ کي قريشي، صديقي، فاروقي، انصاري وغيره سڏائين ٿا. سنڌ جا سيد پاڻ کي گهڻو ڪري حسيني سڏائيندا آهن ۽ اهو بلڪل غلط آهي. حسيني بلڪل اٽي ۾ لوڻ مثل آهن ۽ باقي ٻيا سيد امام حسن رضہ جي اولاد مان آهن ۽ پڻ حضرت علي رضہ جي انهن پٽن مان جي ٻين شادين مان پيدا ٿيا.

افغانستان جبلن ۽ ماٿرين جو ملڪ آهي جيئن تہ اتي اناج ۽ ٻي پيدائش گهٽ ٿي ٿئي، ان ڪري ماڻهن جا قافلا هڪ ٻئي جي پٺيان سنڌ ۾ ايندا رهيا. سنڌ ۾ قدرت ايڏي تہ طاقت رکي آهي جو ڪيترا بہ ماڻهو اچن، اهي ان ۾ جذب ٿيو وڃن. سنڌ ۾ پٺاڻن جي 25 قبيلن جا ماڻهو رهن ٿا. جن سيني ۾ سدوزئي قبيلن جا پٺاڻ معزز لکيا وڃن ٿا. دراني ۽ دراني قوم جون ٻيون شاخون بہ سنڌ ۾ جام آهن جي اصل ۾ قنڌار کان سنڌ ۾ وارد ٿيا[19].

عربن جون بہ ڪئين شاخون آهن. قريشي جي اصل ۾ ڪوري هئا. پاڻ کي احساس ڪمتري سبب انهيءَ ذات مان انهيءَ ڪري سڏائين ٿا تہ. جيئن سندس عزت ڪئي وڃي. اصل صديقي ۽ فاروقي بلڪل ٿورا آهن. انصاري مڙئي ڳڻپ جي لائق آهن، پر انهن جو ڏنڌو بہ گهڻو ڪري ڪورڪو آهي. بروچ هڪ سؤ سٺ قبيلن ۾ ورهايل آهن ۽ انهن ۾ سڀ کان معتبر ٽالپر ۽ رند آهن ۽ ٻيا ڪلوئي ۽ حاجاڻا آهن جن کي مير جت بہ سڏيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ هندو بہ رهن ٿا پر 1947ع ۾ انهن مان گهڻا لڏي ويا. باقي ٿورا پائي بند ۽ لهاڻا اجا موجود آهن. تر ۾ سوڍا راجپوت ۽ ٻين هنڌن تي ڪولهي، ڀيل، ڍيڍ ۽ مينگهواڙ عام جام آهن. لهاڻا قبيلي جي واڻين کي ڪراڙ جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي جي يهودين وانگر مسلمانن کي قرض ڏيئي انهن جو الهہ تلهہ اُگهيو وڃن.

## ٻولي ۽ رسم الخط:

سنڌ جي عام ٻولي سنڌي آهي جا گهڻو ڪري سنڌي ڳالهائيندا آهن. پناهگير جي هندوستان يا ٻين ملڪن مان لڏي آيا آهن، اهي البت، اردو، پشتو، ۽ بلوچي وغيره ڳالهائين ٿا. اردو کي پاڪستان جي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو آهي. ان ڪري سنڌ جو پڙهيل لکيل طبقو بہ انهيءَ کان واقف آهي، بروچ، بلوچڪي، ملتاني ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهائين ٿا. عام لهہ و چڙ ۽ واپار ۾ سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ کي وڏيڪ وقعت حاصل آهي. پڙهيل طبقي ۽ ڪورٽ ۽ آفيسن ۾ رائج ٻولي انگريزي اهڙو تہ گهر ڪري وئي آهي جو، ان ٻوليءَ جي ڄاڻ کان سواءِ ماڻهو اڌورو رهجيو وڃي.

سنڌي جي صورتخطي عربي نموني جي آهي. ۽ ڪوفي رسم الخط سان مشابهت رکي ٿي ۽ اها صورتخطي عربن جي دور کان وٺي سنڌ ۾ رائج آهي. البيروني، يارهين صدي ۾ پنهنجي لکت ۾ ثابت ڪيو آهي تہ عربي کان سواءِ سنڌي رسم الخط بہ سنڌ ۾ چالو هو، ۽ ان جا ٽي نمونا هئا: ارڌناگري، ملواري ۽ سينڌوا. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي رسم الخط، هندي ۽ سنسڪرت رسم الخط وانگر هو ۽ ان جي لکڻ جا ٽي طريقا موجود هئا، ۽ اهي گهڻو ڪري غير مسلم ماڻهو استعمال ڪندا هئا.

هاڻوڪو سنڌي رسم الخط انگريزن جو رائج ڪيل آهي. جن سنڌي صورتخطي، گرامر، تاريخ، ادب ۽ ٻوليءَ ۾ تجديد آڻي، سنڌي کي نئين زندگي ڏياري ۽ سنڌين کي سندن تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ کان واقف ڪيو. سڀ کان پهريون سنڌي گرامر جارج اسٽئڪ لکيو جو امريڪن مشن پريس بمبئي مان 1853ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ٻيو سنڌي گرامر ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب ليپزگ جرمني مان 1872ع ۾ ايڊٽ ڪري ڇپايو. اهڙي طرح سنڌي صورتخطي کي نئين سر سڌارڻ ۾ سربارٽل فريئر نهايت گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ اهي اکر جن لاءِ اڳي موزون لفظ نہ هئا اهي ايجاد ڪيا. مثال طور "ڻ" انگريزن کان اڳ "ن" نون مٿان ننڍي نون لکڻ سان ڪم آندو ويندو هو ۽ ڇ ۽ ج ۽ گّ وغيره عجيب نموني لکيا ويندا هئا. جي فقط ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو پڙهي سگهندا هئا. پر بارٽل فريئر ۽ سندس ساٿين بي، ايچ، ايلس ۽ مسٽرگولڊ سمڊ جي مدد سان هاڻو ڪو رسم الخط ناهيو ويو. جنهن هاڻوڪي علم ۽ ادب جي واڌ ۾ تمام گهڻي مدد ڏني آهي. نہ فقط ايترو پر انگريزن سنڌي ٻولي کي پهريون دفعو سنڌ جي سرڪاري ٻولي بنايو جا حيثيت ان کي صدين کان پوءِ حاصل ٿي. شاهہ جو رسالو جو سنڌ جو پهريون ڇپيل مجموعو آهي، سڀ کان پهرين ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب سن 1866ع ۾ جرمني مان ڇپائي پڌرو ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ ان جي شاخن تي جامع ڪتاب لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا. مسٽر گريئرسن جو لکيل آهي جنهن ۾ جلد 1، حصو 1 ۽ جلد 8 ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڇاڻ سان پريل مضمون آهن. سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان تعلق ۽ ان جو ٻين تي اثر ۽ انهن جو سنڌيءَ تي اثر وغيره تي پڻ انهن ڪتابن ۾ بحث ٿيل آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي، تي اليٽ ۽ ڊائوسن صاحبن جامع ڪتاب لکيا آهن. جنهن ۾ گهڻو ڪري انهن سڀني تاريخن ۽ جاگرافيءَ جي ڪتابن جو ذڪر ۽ انهن ۾ مڪمل مواد جو ترجمو ۽ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن انگريز نہ اچي ها تہ سنڌيءَ جو نالو نشان ئي نہ هجي ها. فقط سنڌ جو نالو هجي ها، ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ پرايو هجي ها.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) امپيريل گزيٽير آف انڊيا، جلد 20، ص 399، ڊيوڊراس، سنڌ ائنڊ لئنڊ آف فائيو رورس، ص 7.

(2) معجم البلدان، جلد 9، ص 151، آثارالبلاد، ص 75.

(3) چچ نامو، ص 15.

(4) تحفة الڪرام، باب 33، ص 462، مڪلي نامو، ص 4.

(5) ان جي سمجهاڻي نقشي ۾ ڏنل آهي.

(6) ڪيرٿر جي ايي ۾ ايي چوٽي خضدار ۾ آهي جا قلات ۾ آهي. ان جو نالو زردڪ آهي ۽ اها سمنڊ جي سطح کان 7430 فوٽ اپي آهي. ڏسو امپيريل گزيٽير آف انڊيا (بمبئي پريزيڊنسي)، جلد 1، ص 154.

(7) گزيٽير آف سنڌ (هيوز)، ص 3.

(8) امپيريل گزيٽير آف انڊيا (بمبئي پريزيڊنسي)، جلد 1، ص 165.

(9) ساڳيو، جلد 1، ص 167.

(10) معجم البلدان، جلد، 8، ص 209، مروج الذهب، جلد 1، ص 82، المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 173، صورة الارض، ص 320.

(11) امپيريل گزيٽير آف انڊيا (بمبئي پريزيڊنسي) جلد 1، ص 171.

(12) امپيريل گزيٽير آف انڊيا، جلد، 22، ص 393.

(13) گزيٽير آف سنڌ (ايٽڪن)، ص 81.

(14) ڊان اخبار، تاريخ 27- 4- 1969، ص 14.

(15) امپيريل گزيٽير آف انڊيا، جلد، 22، ص 185.

(16) شاه جو رسالو، (پاتولي)، سرسورٺ، بيت نمبر10.

(17) المسالڪ و الممالڪ، ص 176، صورة الارض، ص 323، ص 326.

(18) امپيريل گزيٽير آف انڊيا (بمبئي پريزيڊنسي) جلد 1، ص 198.

(19) افغانستان جا بادشاهه گهڻو ڪري سدوزئي خاندان جا رهيا آهن ۽ اتي اهو نهايت ئي معزز قبيلو سمجهيو وڃي ٿو.

# سنڌ جي قديم تاريخ

قديم تاريخ - ذارين جون ڪاهون - ڪول ۽ سنٿال - آريہ نسل - ايرانين جي ڪاهہ - يوناني حملا - سٿيا ۽ ساڪا قومون - سفيد هُن وغيره.

## باب ٽيون

# سنڌ جي قديم تاريخ

### قديم تاريخ:

سنڌ هڪ عظيم خطو آهي، جنهن کي نهايت ئي قديم دور کان وٺي پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن رهيو آهي.*سنڌ جي قديم تهذيب، مصر ۽ بابل جي تهذيبن کان وڌيڪ اڳاٽي ٻڌائي وئي آهي. موئن جي دڙو جا ڪنڊر جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوڪري ريلوي اسٽيشن جي ڀر ۾ آهن، 2500 سال قبل مسيح جا تصور ڪيا وڃن ٿا. هي اهو دور هو، جنهن ۾ عراق ۾ اڪاد قوم جي حڪومت هئي. مصر ۾ ان وقت وچئين دؤر جي فرعونن جو راڄ هو. جي قديم دور جي فرغونن ۽ پوئين گهراڻي جي مصري بادشاهن جي وچ واري ڪڙي سڃهيا وڃن ٿا. موئن جي دڙي واري تهذيب کي مصر جي انهن فرعون بادشاهن جو همعصر تصور ڪرڻ غلط فهمي تي مبني آهي، جن مصر جا اهرام ٺهرايا هئا. مصر جا ماڻهو دنيا ۾ اڳاٽي ۾ آڳاٽا تهذيب يافته نسل جا ماڻهو آهن ۽ اهي 3000 سال قبل مسيح ذاري تهذيب ۽ تمدن جي سڀني ضروريات تي حاوي ٿي چڪا هئا. خوفو جنهن مصر جو سڀ کان وڏو پهريون اهرام (Pyramid) ٺهرايو هو، انهيءَ جو راڄ تقريبا 2800 سال ق.م جي ڪٽيو ويو آهي. نه فقط ايترو پر جيڪي پويان فرعون هئا، انهن جي تهذيب پڻ موئن جي دڙي جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو آڳاٽي هئي. ڪوٽ ڏيجي جا ڪنڊر جن کي موئن جي دڙي کان 500 سال اڳ جو ٻڌايو ويو آهي، اهي بہ پوين فرعونن جي دور کان اڳ جا نہ آهن. اهو البت ظاهر ٿيو آهي تہ موئن جي دڙي وارا ماڻهو عراق جي سميري قوم جا همعصر هئا ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي قومن جو پاڻ ۾ گهاٽو سبنڌ هو[1].

سميري قوم جنهن عراق ۾ بابل جي مشهور تهذيب جو بنياد رکيو. انهيءَ عظيم نسل جي هڪ شاخ هئي جنهن جا ماڻهو سنڌو ماٿري، ڏکڻ بلوچستان، فارس، خوزستان ۽ پڻ ڪئسپين سمنڊ جي ڏاکڻي علائقي تائين پکڙيل هئا. عالمن جي راءِ آهي تہ دکن جا دراوڙ، بلوچستان جابروهي ۽ فارس جا ڪي قبيلا، انهيءَ قديم قوم جا ماڻهو ٿي سگهن ٿا. اهو انهيءَ ڪري جو

انهن جي ٻولي قديم سميري ٻوليءَ سان ملي جلي ٿي ۽ ان جو گرامر بہ گهڻو ڪري هڪ جهڙو آهي. ڊاڪٽر راولنسن ۽ ٻين عالمن جي مطالعي اهو ظاهر ڪيو آهي. عراق ۽ سنڌو ماٿر جي ماڻهن جو قديم دور ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپو رهيو آهي ۽ انهن جو پاڻ ۾ صدين تائين واهپو ۽ وابستگي پڻ رهي آهي. ان ڪري اهو انومان ڪيو ويو آهي تہ موئن جي دڙي، ڪوٽ ڏيجي، آمري ۽ سنڌ جي ٻين قديم کنڊرات وارين ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهو يا تہ سميري قوم جا هئا يا سميري سنڌو ماٿري (Indus valley) جي قديم نسل جي هڪ شاخ هئا. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ عظيم قوم جي تهذيب جا آثار سري لنڪا، دکن، گجرات ۽ سنڌو ماٿر کان وٺي مازندران ۽ وادي فرات تائين ڏٺا ويا آهن. اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ انهيءَ قوم جو اصل ماڳ ڪهڙو هو. جيتوڻيڪ ايڇ. آر. هال جو چوڻ آهي تہ سميري قوم، سنڌ ماٿري (مغربي پاڪستان) مان هجرت ڪري، عراق جو ملڪ وسايو ۽ اتي ئي انهن پنهنجي مورتين واري صورتخطي ايجاد ڪئي[2]. بابل جي پراڻن ڪتبن ۾ انهيءَ قوم کي انس جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. يعني تہ اهو راڪاس جو ايراني نار تري عراق ۾ آيا ۽ جاهل ماڻهن کي تهذيب ۽ تمدن جي سکيا ڏني. انس جنهن مان عربي جو نالو انس (يعني تہ ماڻهو) نهيو آهي تنهن لاءِ قديم لکتن ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي تہ اها قوم اڌ مڇي ۽ اڌ انسان هئا. ان مڇيءَ مان مراد آهي تہ اهي سمنڊ جي پار ڪرڻ جا ماهر هئا ۽ اڌ انسان مان مراد آهي تہ اهي زمين جي زستي پنهنجا لڏا ڪٽي عراق پهتا هئا، ۽ اتي پهچڻ سان هنن پنهنجي اعليٰ تهذيب ۽ ثقافت کي اولهہ ايشيا جي اڻ ڄاڻ ۽ وحشي ماڻهن تائين رسايو[3]. انهن سيني کان پهرين ايلام جو ملڪ وسايو، جنهن کي هاڻي خوزستان سڏيو وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ اهي فرات ۽ دجله جي واديءَ ۾ پهتا. عراق ۾ سنڌن داخل ٿيڻ، حضرت مسيح عليہ السلام کا اٽڪل 4000 سال اڳ ٻڌايو ويو آهي. سمير، جنهن جي پنيان انهيءَ قوم کي يورپ جا عالم سميري ڪوٺين ٿا. اهو نالو هنن پاڻ ڏکڻ عراق تي رکيو جو ايراني نار جي ڪناري سان لاڳو آهي ۽ اهو علائقو اٽڪل هڪ هزار سالن تائين سنڌن چربر جو مرڪز رهيو. عالمن جو چوڻ آهي تہ هر ۽ ڦيٿو جيڪي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا، هنن ماڻهن ڏکڻ عراق ۾ رائج ڪيو. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ پوک ڪرڻ جو رواج عراق ۾ سميري قوم وڌو، جن کي پاڻيءَ جي نظام کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪافي مهارت حاصل ٿيل هئي.

هنن سڀ کان پهرين واهه کوٽارايا،[4] ۽ پڻ ڪاٽيءَ جو رواج وڌو جنهن سبب واهن کي سڄي سال لاءِ ڪارآمد بنايو ويو. قيمتي کي رائج ڪرڻ سان ، پاڻي جا نار وهڻ لڳا ۽ پڻ ڪنير جو چڪ نهيو جنهن جي وسيلي ٽانو ٽپا ۽ بيو ٺڪر جو ڪارآمد سامان ايجاد ٿيو. ساڳي ريت قيمتي سياسي زندگي ۾ به وڏي تبديلي آندي جو انهيءَ مان رت نهيا ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن ڳوناٽيون ۽ شهري حڪومتون وجود ۾ آيون. قلعا نهيا ۽ ماڻهن جي اچ وڃ ۽ مال ۽ سامان کي ڍوئڻ لاءِ يا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رسائڻ لاءِ گاڏيون ۽ ريڙهيا استعمال ٿيڻ لڳا. شهري حڪومتون پوءِ سلطنتن ۾ بدلجي ويون. اهڙي هڪ سلطنت جو باني عُرنينا هو جنهن جي حڪومت سمير ۽ اڪاد کان سواءِ آشور، اناطوليه ۽ شام تائين پکڙيل هئي. انهيءِ سلطنت جي آخرين بادشاهه ليوگل زغيزي کي اڪاد جي سامي حاڪم سارگان شڪست ڏئي سميري حڪومت جو خاتمو آندو. اهو واقعو ڪن عالمن جي راءِ موجب 2850 ق. م، ۾ ظهور پذير ٿيو ۽ ڪن جي راءِ موجب 2550 ق.م ڌاري ٿيو جو وڌيڪ صحيح پيو لڳي. سميري قوم جي طاقت کي سارگان سنڌائتو ڌڪ هنيو پر انهن جون ننڍيون ننڍيون حڪومتون اولهه ايشا جي سيني ملڪن ۾ موجود رهيون. سنڌن طاقت کي آخري ۽ ڪاپاري ڌڪ، عمورو قوم هنيو جن اٽڪل 2550 ق، م، جي. عربستان جي برپٽ مان هجرت ڪري عراق جو ملڪ وسايو ۽ سميري قوم کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته انهيءَ نئين ۽ وحشي قوم انتقامي ڪاروائي ذريعي سميري قوم جي نسل کي تباهه ڪرڻ شروع ڪيو. اهو انهيءَ ڪري به هو ته "عمورو" قوم جا ماڻهو سامي نسل جا هئا ۽ سميري قوم کي اهي ڌاريا ۽ مختلف نسل جا تصور ڪندا هئا. سنڌن اهو به خيال هو ته سميري غاصب آهن، اهي غير قانوني ۽ ناجائز طريقن سان سنڌن ملڪ تي قابض ٿيا آهن. عمورو طرفان انهيءَ تشدد جي ڪاروائي سبب سميرين پنهنجي مرڪز کي ايلام ۾ قائم ڪيو، جو ايران جي ڏکڻ اولهه ڪنڊ ۾، ايراني نار سان لاڳو علائقو آهي ۽ ان کي هاڻي خوزستان سڏيو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ايلام صدين تائين، عراق جي سامي حڪومتن لاءِ هڪ اڻ وڻندڙ ڪنڊي مثل هو جو سنڌن ڪک ۾ ڪتل هجي. اهو سلسلو 537 ق.م تائين جاري رهيو، جڏهن فرات جي وادي ۾ سامي حڪومت جي پڇاڙي آئي ۽ آريه قوم جي حڪومت شروع ٿي.

سنڌ جي قديم تاريخ جيڪڏهن اها تـاريخ چئجي، مهاڀارت جي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جنهن کي 1500 کان 1000 سال ق.م جي وچ وارو زمانو تصور ڪيو ويو آهي. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جي گادي راجا جئدرٿ جي قبضي ۾ هئي ۽ اهو آريہ نسل جو هو. جئدرٿ، سنڌ جي پاران مهاڀاري لڙائي ۾ حصو ورتو هو، ۽ هن ڪورون جو طرف وٺي جنگ ڪئي. ان ڪري لازمي طور جڏهن پانڊون يڌ کٽي تڏهن جئدرٿ جي پويان وڏو ڪٽڪ وٺي سنڌ پهتا ۽ جئدرٿ کي شڪست ڏئي قتل ڪيائون. اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ جنگ هلندي جئدرٿ چالاڪي ڪري پانڊون جي زال دورپدي کي ڏتارڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ کيس پڃائي سنڌ وٺي آيو.[5] ان ڪري پانڊون جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ آيا ۽ جئدرٿ کي ماري دورپدي کي وري حاصل ڪيائون. اها ڳالهہ سچ هجي يا ڪوڙ، پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ هندوستان (ننڍي کنڊ) جي قديم تاريخ ۽ سياست ۾ سنڌ جي ملڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مهاڀارت واري زماني کان پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ وڏو خال آهي جو ڇهين صدي قبل مسيح تائين محسوس ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ صديءَ جي وچ ڌاري سنڌو وادي تي جنهن ۾ سنڌ بہ شامل آهي، ايران کان وڏو حملو ٿيو. اهو حملو اسڪائيليڪس نالي هڪ يوناني اميرالبحر، ايران جي هخامنشي شهنشاهن جي طرفان عمل ۾ آندو. اسڪائيليڪس ڪراندا جو رهاڪو هو جو ايشيا مائنر ۾ آهي ۽ ان کي هخامنشي خاندان جي جڳ مشهور بادشاهہ دارا پهرين (داريوش) موڪليو هو، تہ جيئن سنڌ ملڪ ڏانهن خشڪي ۽ سامونڊي رستو معلوم ڪري سگهي. اسڪائيليڪس کي اهو بہ ڪم سونپيل هو تہ هو سيستان، افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ جي سروي جو ڪم ڪري تہ، جيئن اتي فوجون موڪلي مستقل طور ايراني حڪومت قائم ڪري سگهجي. اسڪائيليڪس اتر اولهہ جي لڪن مان لنگهي ڏکڻ پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ ان کان پوءِ هن هڪ بحري آرماڙ تيار ڪئي ۽ سنڌ جو ملڪ فتح ڪندو، سامونڊي رستي سان ايراني نار اڪري عراق پهتو. انهيءَ حملي جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ، ڏاکڻو پنجاب، بلوچستان جا صوبا، هخامنشي سلطنت جو حصو بنجي ويا ۽ انهن کي ويهين سٽرپي (صوبو) جو نالو ڏنو ويو. اهو نئون ناهيل صوبو، ايراني شهنشاهيت جو شاهوڪار ۾ شاهوڪار صوبو هو. ڇاڪاڻ

تہ ان جي ساليانی اپت 360 ايئوبوئڪ ٽيليٽ سون هو جو سون جي ٽڪرن ۾ حاصل ڪيو ويندو هو. سنڌ مان حاصل ڪيل سون، ايشيا جي سيني صوبن مان حاصل ڪيل سون جي ٽئين حصي جيترو هو.[6]

قديم زماني جي انهيءَ دور ۾ ننڍي ڪنڊ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هو، ۽ گهڻو ڪري هرهڪ حصي تي خود مختيار راجائن جي حڪومت هئي. اجاتشترو جو هڪ طاقتور مهاراجا جي حيثيت ۾ مگدا ۾ راڄ ڪندو هو اهو ڪجهه وقت اڳي گذاري ويو، ۽ سندس جاءِ تي (پالپتر جي تخت تي) يا تہ درسڪا هو يا وري اڏايا هو. جن ڪي پنهنجا ئي مسئلا هئا جو هنن سنڌ ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. اهو ياد رهي تہ جنهن وقت ايرانين سنڌ تي حملو ڪيو ان وقت سنڌ جون حالتون چڱيون ڪونہ هيون. پڻ وڏن مذهبن يعني تہ ٻڌمت ۽ هندو مذهب جا ماڻهو هڪ ٻئي جو ڪٽڙ جهلي رهيا هئا. مذهبي جهيڙو عام هو. ان ڪري نہ فقط سنڌ ۾ پر سڄي ننڍي ڪنڊ ۾ وڳوڙ واريون حالتون هيون. بهرحال اهو ثابت ٿيو آهي تہ ايرانين جي حڪومت سنڌ تي ڪجهه وقت رهي، ۽ ان ڪان پوءِ يونانين جو حملو ٿيو.

حضرت مسيح کان چار صديون اڳ، مقدونيہ جي ننڍڙي رياست، پنهنجي پر وارين رياستن سان لڳاتار جنگ ڪرڻ سبب اوپر يورپ ۾ هڪ وڏي حڪومت بنجي ويئي. فلپ، جنهن هڪ وڏي سلطنت جا خواب پئي ڏٺا، تنهن کي سندس زال اولمپيا جي اشاري تي قتل ڪيو ويو. اولمپيا سڪندر جي ماءُ هئي، ان ڪري هيلاس جي سيني رياستن کيس پنهنجو حاڪم اعليٰ تسليم ڪيو. سڪندر بہ پڻس وانگر هڪ وڏي سلطنت ناهڻ جو آرزومند هو، ان ڪري هو پنهنجي طاقت کي ايشيا مائنر (هاڻوڪي ترڪي) ۾ وڌائڻ لڳو. ايشيا مائنر جو اپرندو حصو ان وقت، ايران جي هخامنشي خاندان جي بادشاهن جي هٿ ۾ هو. ان سبب ٻئي طاقتون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي ويون. آئيسوس وٽ (سن 333 ق. م) هڪ فيصلہ ڪن جنگ لڳي جنهن ۾ ايران جي هخامنشي بادشاهہ دارا ٽئين هارايو ۽ ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. سڪندر، دشمن جي ڀڄيان پوڻ بدران شام تي حملو ڪيو. اتي جي شهرين بنا جنگ ڪرڻ جي آڻ مڃي ۽ سڪندر جو انهيءَ ملڪ تي آسانيءَ سان قبضو ٿي ويو. سامونڊي ڪناري جي فنيقي شهرن جهڙوڪ ٽاير ۽ گازا، البت جنگ ڪئي پر انهن کي بہ مات ڪيو ويو. شام ۽ فلسطين جا ملڪ لتاڙي سڪندر مصر تي چڙهائي

ڪئي. جتي ماڻهن سندس آدرڀاءَ ڪيو، ۽ کيس خدا جو پٽ سڏي سندس تاجپوشي ڪئي ويئي. ميمفس ۾ تخت ڏٽي تيڻ ڪري سندس حڪومت جو دائرو ڏکڻ تائين وڌي ويو جنهن ۾ نيل ندي جي ماتريءَ جو ڳچ حصو يونانين جي هٿ اچي ويو. شام، فلسطين ۽ مصر ۾ سڪندر جي ڪاميابي جو اصل سبب اهو آهي ته اهي ملڪ ايران جي زير اثر هئا، ۽ ايرانين اتي نهايت ئي ظلم ۽ زبردستي جو راڄ ڪڙو ڪيو هو. ان ڪري اتي جي عوام کي ان لاءِ بيحد نفرت هئي. مصر ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سڪندر ايرندي جو رخ رکيو ۽ هڪ دفعو وري دارا ٽئين کي اربيلا وٽ شڪست ڏنائين (سن 331 ق. م)، جو وري به ميدان ڇڏي ڀڄي ويو.[7] انهيءَ فتح کان پوءِ سڪندر جي فوجن بابل تي چڙهائي ڪئي جو ان وقت هخامنشي سلطنت جو تختگاهه هو ۽ عراق ۾ فرات ندي جي ايرندي ڪناري تي نهيل هو.

سڪندر جنهن پاڻ کي هاڻي سڪندر اعظم جو لقب ڏنو، ايراني پرڳڻن کي فتح ڪندو ۽ لتاڙيندو افغانستان ۾ پهتو ۽ اتان پوءِ اولهه پنجاب ۾ آيو. پورشيا جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ راجا پورس سڏيو ويو آهي تنهن سڪندر جي فوجن جو مقابلو ڪيو، پر شڪست کائي قيد ٿيو. سڪندر کيس معافي ڏيئي سندس ملڪ کيس واپس ڪيو ۽ هندوستان ڏانهن رخ ڪيائين. انهيءَ ڳالهه تي سندس فوج، جا گهٽي ڀاڳي ٿڪل هئي، گنگا جي ماتر ڏانهن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ بلوو ڪري وڌائون. جنهن سبب سڪندر کي سنڌ ڏانهن لڙڻو پيو. سنڌ ۾ ان وقت به خود مختيار حڪومتون هيون، جن جا نالا اوسڪانا ۽ پٽالين ٻڌايا ويا آهن. اوسڪانا جنهن کي لاڙڪاڻي ۽ ان جي آس پاس واري ايراضي سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ميوسيڪانس راجا جي گادي جو هنڌ هو،[8] جنهن سڪندر جي آڏ مڃي هئي پر پوءِ برهمڻ صلاحڪارن جي چوڻ تي هُن يونانين جي خلاف بغاوت ڪئي. پٿان نالي هڪ سردار سڪندر جي حڪم تي، ميوسيڪانس راجا کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو ۽ پوءِ ان کي برهمڻ سان گڏ ڦاهي چاڙهيو ويو. پٽالين يعني ته ڏکڻ سنڌ جي راجا موريز بنا جهيڙي جي آڏ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. پٽالين جي گادي پٽالا کي هاڻوڪي حيدرآباد واري ماڳ سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. جاڪاڻ ته اهو شهر ان وقت سنڌو ڊيلٽا جي مهڙ وٽ ٻڌل هو.

يوناني ليکڪن سنڌ جي هڪ ٻئي راجا جو بہ ذڪر ڪيو آهي جو اولهہ واري جبلن ۽ ان جي آس پاس واري ايراضي تي حڪومت ڪندو هو. سندس نالو سامبس ۽ سندس گاديءَ جو نالو سنداماند ٻڌايو آهي جنهن کي هاٿوڪي سيوهڻ سان تشبيهہ ڏنل آهي. سامبس پڻ پٽالين جي راجا موريز وانگر آڻ مڃي ۽ کيس سندس ملڪ ڏن ڏيڻ جي شرط تي واپس ڪيو ويو. يوناني ليکڪن جو چوڻ آهي تہ سڪندر، سنڌ ۾ اسي هزار ماڻهو قتل ڪيا ۽ ڳاٽيئي کان سواءِ ٻيا ماڻهو غلام بنائي وڪرو ڪيا.[9] پٽالا ۾ سڪندر وطن وڃڻ جا سانباها ڪيا ۽ پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصو سمنڊ جي رستي اميرالبحر نيارڪس جي هٿ هيٺ روانو ڪيو ۽ ٻئي حصي جي اڳواڻي هُن پاڻ ڪئي جو خشڪي جي رستي مڪران، فارس ۽ خوزستان جو ڪنارو ڏيئي بابل پهتو. سڪندر ٿي سال بابل ۾ رهيو ۽ سن 323 ق.م ۾ اُتي وفات ڪيائين. کيس سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جي آرزو هئي جا پوري نہ ٿي سگهي.

سڪندر اعظم کي ڪو بہ پٽ يا ڌي ڪونہ هو ان ڪري سندس سلطنت جرنيلن ۾ ورهائجي ويئي، جن ۾ سڀ کان وڏيڪ لائق سيليوڪس هو ۽ اهو ايرندي جي سيني ملڪن جو حاڪم اعليٰ ليکجڻ لڳو. سڪندر جي وطن واپس وڃڻ کان پوءِ چندر گپت موريا، جنهن سڪندر کي مگڌا تي حملي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي، تنهن موقعي جو فائدو وٺندي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ يونانين کي ملڪ مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو. ان کان پوءِ چندرگپت موريا وڏي فوج ڪٺي ڪري مگڌا تي حملو ڪيو ۽ نندا سلطنت جو خاتمو آڻي، پاڻ بادشاهہ بنجي ويٺو. جيئن تہ چندرگپت جي ماءُ موريا، هڪ شودر گهراڻي جي عورت هئي، ان ڪري سندس پائرن کي تخت تان دستبردار ڪري ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي گهراڻي جو نالو موريا رکيو نہ تہ سندس پيءُ اصل ۾ نندا گهراڻي جو هو. سيليوڪس کي جڏهن خبر پئي تہ پنجاب تي چندرگپت موريا جو قبضو ٿي ويو آهي تہ، ان تي وري قبضي ڪرڻ خاطر هڪ وڏو ڪٽڪ پاڻ سان وٺي آيو، پر ان کان اڳ چندرگپت جو راڄ پنجاب ۽ گنگا جي دوآبي ۾ پختو ٿي چڪو هو.[10]

اگينار جو پٽ پٽان، جنهن کي سڪندر سنڌ حوالي ڪري ويو هو، ان کي اراڪوسيا ڏانهن بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي يوڊيمس کي سنڌ جو گورنر

مقرر ڪيو ويو. يوڊيموس سن 317 ق.م تائين سنڌ جو حاڪم اعليٰ رهيو پر پوءِ يونانين جي پڇاڙي آئي ۽ سنڌ ۾ خود مختيار حڪومتون قائم ٿيون. اهو سلسلو اشوڪا راجا جي دور تائين قائم رهيو جڏهن سنڌ کي موريا سلطنت ۾ شامل ڪيو ويو. اشوڪا، چندرگپت جو پوٽو ۽ بندوسارا جو پٽ هو. شروعات ۾ هن ملڪ گيريءَ جي شوق ۾ ڪيترن ملڪن تي حملا ڪيا جنهن ۾ نهايت ئي گهڻي خونريزي ٿي. سندس آخرين جنگ ڪالنگا جي ميدان ۾ سن 261 ق. م ۾ لڙي ويئي، جنهن سندس ضمير کي ڪاري ضرب رسائي ۽ ڏک ۽ پڇتاءَ سبب قسم کنيو تہ هو وري ڪنهن سان بہ جنگ نہ ڪندو. ائين ڪندي هن ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو ۽ ان ڌرم جي پستڪن ۾ ڪيس "پاڪائي جو صاحب" ۽ "زاهد بادشاهہ" جو لقب ڏنو ويو آهي. ان هوندي بہ هن مذهب نہ بدلائڻ سبب ڪيترن ئي ماڻهن کي ترار جو ڪاڄ بنايو ۽ پڻ انهن کي سخت سزائون ڏنيون جن ٻڌمت ۾ نوان فرقا ايجاد ڪيا. ٻڌايو ويو آهي تہ اشوڪا ٻڌ ڌرم هڪ سنڌي عطر فروش اُپاگپتا جي چوڻ تي اختيار ڪيو هو. جو سندس خاص صلاحڪار بنيو[11]. اهو ڏيکاري ٿو تہ سنڌ جو ملڪ يا تہ چندرگپت جي زماني ۾ فتح ٿيو يا سندس پٽ بندوسارا انهيءَ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. چاڪاڻ تہ اشوڪا جي طاقت ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ ۽ پٽاليپترا جي وچ ۾ سياسي، سماجي، واپاري ناتا موجود هئا.

اشوڪا راجا سن 232 ق. م ۾ وفات ڪئي ۽ ساڻس گڏ موريا گهراڻي جو بہ خاتمو اچي ويو. اهو صحيح آهي تہ سنڌ تي موريا گهراڻي جي گورنر جي حڪومت ڪجهہ وقت جٽاءُ ڪيو پر جيڪو روب تاب اشوڪا جي راڄ ۾ هو، اهو ختم ٿي ويو. سن 185 ق. م ۾ موريا گهراڻي جي سپہ سالار پشيا مترا، آخرين بادشاهہ برهدرٿا کي قتل ڪري پاڻ تخت تي چڙهي ويٺو، ۽ هڪ نئين گهراڻي جو بنياد رکيائين جنهن کي تاريخ ۾ سنگا گهراڻي جو نالو ڏنو ويو آهي. هن خاندان سن 225 عيسوي تائين حڪومت ڪئي پر جيئن تہ سلسليوار تاريخ موجود نہ آهي ان ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪير ۽ ڪهڙا راجائون، ڪيئن ۽ ڪهڙي وقت تخت ڌڻي ٿيا ۽ انهن جي ايام ڪاري ۾ سنڌي ڪنهن جون ڪهڙيون حالتون هيون. پر اهو واضح ٿي چڪو آهي تہ اشوڪا راجا جي وفات کان پوءِ ڌارين ڪاهن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو، جنهن سبب سنڌو درياءَ

جي سڄي ماتر باختر جي يوناني بادشاهن جي سياسي اثر هيٺ اچي ويئي. اهي يوناني هئا جن سڪندر جي وڃڻ کان پوءِ افغانستان جي اترين حصي ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت قائم ڪئي هئي، انهيءَ حڪومت جو باني ڊيوڊوٽس هو جنهن کي پروارين حڪومتن سان لاڳيتو وڙهڻو پيو ۽ آخر سن 280 ق. م ڌاري يوٿيڊيمس نالي هڪ يوناني سردار باختر کي هڪ خودمختيار حڪومت بنائي ڇڏيو. اهو صحيح آهي ته يوٿيڊيمس پنجاب تي حملا پڻ ڪيا هئا. پر اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته ڊيوڊوٽس يا ڪانئس پوءِ يوٿيڊيمس پنجاب يا سنڌ تي حڪومت ڪئي. سڀ کان پهرين باختر جي جنهن يوناني بادشاهه سنڌو ماتر تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو، اهو ڊميٽريس هو جنهن سن 190 ق.م ۾ پنجاب ۽ سنڌ کي پنهنجي وڏنڊڙ سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ حقيقت جي تصديق پتنجلي مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ انهيءَ يوناني بادشاهه کي 'دتامترا' جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، ۽ ٻڌايو ويو آهي ته سندس حڪومت ياوانا ۽ سئوويرا قومن تي قائم هئي.[12] انهيءَ ڳالهه جي وڌيڪ پنيرائي ناسڪ جي غارن ۾ لکت نمبر 18 ۽ پڻ ڊميٽريس جي لڌل سڪن مان ٿئي ٿي جنهن ۾ سمنڊ جي ديوتا سيڊان يا نيپچون جا ٿي پالا نقش تيل آهن. اها ڳالهه اجا تحقيق طلب آهي ته اهي نشان دريائي لشڪر جا آهن يا ڪنهن بحري ٻيڙي جا، پر اهو انومان ڪڍڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ته سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ ڊميٽريس، دريائي ٻيڙو ضرور استعمال ڪيو هوندو. ساڳئي وقت هُن بحري ٻيڙي جي وسيلي گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان جا ڪناري وارا حصا به هٿ ڪيا هئا ۽ سندس فوجون اوڌ ۽ وچ هندوستان تائين پهچي ويون هيون[13]. ڊميٽريس جي حملن سبب سنگا گهراڻي جو راڄ فقط مگڌا ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن تائين محدود رهجي ويو. پر جيئن ته انهيءَ دور جي ڪا تاريخ موجود نه آهي. ان ڪري چئي نه ٿو سگهجي ته ٻنهي ڌرين جي حڪومت ڪهڙن ڪهڙن علائقن تي قائم هئي.

ڊميٽريس جيئن ته ڏورانهين ملڪن کي فتح ڪرڻ ۾ مشغول هو، ان ڪري ظاهر آهي ته سندس گهر ۾ گهوٽالو پيو. سن175 ق. م ۾ باختر ۾ هڪ فوجي انقلاب آيو جنهن ۾ يوڪريٽائيڊس نالي هڪ قسمت آزمائو جانباز، ڊميٽريس کي قتل ڪري تخت ڌٽي تيو. نئون بادشاهه يوڪريٽائيڊس ته

ڊميٽريس کان بہ گوءِ کٽي ويو. پر سندس سچو شان شوڪت ٿوري وقت لاءِ هو. چاڪاڻ تہ باختر ڏانهن واپس ورندي هُو پنهنجي پٽ اپولوڊوٽس جي هٿان قتل ٿي ويو. اپولوڊوٽس جو بہ ساڳيو حال ٿيو ۽ اهو پنهنجي پاءِ هيليوڪيلس جي هٿان مارجي ويو.[14] پيءُ جي بدلي وٺڻ سبب هيليوڪيلس کي باختر جا ماڻهو "عادل" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. وري وري انقلاب اچڻ ڪري باختر جي يوناني بادشاهن جي حڪومت ڪمزور پئجي ويئي ۽ تيسين وري طاقت ۾ نہ آئي جيسن مناندر تخت ڏٺي ٿيو. مناندر تاريخ ۾ ڪابل جو بادشاهہ تسليم ڪيو ويو آهي ۽ اهو دارا ۽ سڪندر کان پوءِ ٿيون وڏو شهنشاهہ آهي جنهن نندي ڪنڌ جي وڏي حصيَ تي حڪومت ڪئي. سندس حملن جي اڳيان دارا ۽ سڪندر جا حملا چٽڪ ٻاراٽي راند هئا. هن پنجاب ۽ سنڌ تي قبضو ڪري بلوچستان تي ڪاهہ ڪئي ۽ ان کان پوءِ ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ مهاراشٽر کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. وچ هندوستان تي پڻ سندس حملا جاري رهيا ۽ مٿرا تائين سڀ علائقا سندس فوجن جي قبضي ۾ رهيا. هو جيڪر سڄي هندوستان تي پنهنجو راڄ قائم ڪري ها. پر پوءِ جيئن تہ هن اشوڪا وانگر ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو، ان ڪري وڏيڪ جنگ نہ ڪرڻ لاءِ قسم کنيائين. ٻڌ ڌرم جي ادب ۽ ڌرمي ڪتابن ۾ سندس نالو "ملندا" ڏنو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اشوڪا کان پوءِ جنهن ٻئي بادشاهہ جو احترام ڪيو ويندو هو اهو مناندر (ملندا) هو.

سنڌ ۾ يوناني راڄ جو خاتمو پارٿين آندو، جن ساڪا ۽ يوناني حڪومتن کان لڳاتار شڪستون کائي پنهنجو وقار متراڊيٽس جي حڪومت جي دور ۾ قائم ڪيو. پر سنڌ ۽ پنجاب تي پارٿين حڪومت جو اثر گونڊوفريس جي زماني ۾ ٿيو جنهن انهن ٻنهي صوبن کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي گادي مينا نگر ٻڌائي وئي آهي جا سنڌ جي وچ ۾ هئي ۽ ان جو مکيہ بندر بار بروڪان هو جو سنڌو ڊيلٽا ۾ درياءَ جي هڪ ڇوڙ تي ٻڌل هو. پيريپلس آف يوريٿرين سي جو سن 70 عيسوي ۾ لکيو ويو آهي، تنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ سنڌ جو نالو ان وقت "سٿيا" هو چاڪاڻ تہ انهيءَ جو گهڻو حصي تي سٿ قبيلن جو راڄ هو.[15]

پارٿيا جي حڪومت جي پڇاڙي هڪ نئين ۽ وحشي قوم يوئي- چي آندي، جن ٿاڪلامڪان جي برپٽ مان هجرت ڪري وچ ايشيا جا ملڪ وسايا

هئا. سپ ڪان پهرين انهن وُو سون ۽ ساڪا قومن ڪي زير ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ باختر ۽ سگدانيا جا علائقا قبضي ۾ ڪيا. انهيءَ شڪست ڪان پوءِ ساڪا افغانستان جي اوپر علائقن مان ٿيندا پنجاب پهتا ۽ تيسين اتي رهيا جيستائين يوئي چي قوم جي ماڻهن جي يلغار ٿي. يوئي چي ۽ ساڪا قومن جي جنگين جو ڪو به رڪارڊ نه ٿو ملي. ان هوندي به اهو انومان ڪيدي سگهجي ٿو ته ساڪا قوم کي پنجاب ۽ سنڌو ماٿر جي بين علائقن ۾ زير ڪرڻ خاطر يوئي چي کي چگيرڙو وقت لڳو هوندو. هن قبيلي جو پهريون بادشاهه جنهن پنجاب ۽ سنڌ تي حڪومت ڪئي ڪيدفائيسز بيو هو. هن حاڪم جا سڪا سڄي سنڌوءَ ماٿر ۾ دستياب ٿيا آهن ۽ ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات مان به مليا آهن. پر انهيءَ ڳالهه جي هاڻي تصديق ٿي چڪي آهي ته سندس پٽ ڪنشڪا (راجا ڪنشڪ) اتر ۽ گنگاندي ۽ ڏکڻ ۾ وندِيا جبلن تائين پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي. ڪنشڪا لاءِ اهو به ٻڌايل آهي ته هن ڪشمير، ڪاشگر (ڪاشغر) يارڪند ۽ کوٽان فتح ڪيا هئا ۽ پارٿين جي خلاف به اهم سوڀون حاصل ڪيو هيون. سندس سلطنت جي گادي پرشاپورا (پيشاور) ۾ هئي، جتي هن تيرهن ماڙ اڏاوت ٺهرائي ۽ ان جي چوٽي سڄي لوهه سان ٺهرائي هئي. انهيءَ مناري جو عمق 400 فوٽ هو ۽ جڏهن چيني زوار سانگ. يون (چانگ يون) ننڍي ڪنڊ جي دوري تي آيو هو تڏهن هُن پاڻ وجي اهو ڏٺو هو.[16] ڪنشڪا لاءِ ٻڌايل آهي ته هن ٻڌ ڌرم جي مهايانا مذهب جو هڪ وڏو ميڙ ڪوٺايو هو جنهن ۾ چين، منگوليا، تبت ۽ وچ ايشيا جي ملڪن جي سيني نمائندن شرڪت ڪئي هئي. هنايانا فرقي کي شايد دعوت نه ڏني ويئي هئي يا ٿي سگهي ٿو ته هنن پاڻ انهيءَ ميڙ جو بائڪاٽ ڪيو هجي. چاڪاڻ ته ان عظيم ميڙ بابت سريلنڪا جي ماخذن ۾ ڪجهه به لکيل ڪونهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ جو ملڪ، ڪنشڪا ڪان پوءِ ساڪا يا ڪُشن گورنرن جي هٿ هيٺ رهيو. ڪنشڪا سن 123 عيسوي ۾ وفات ڪئي. ڪائنس پوءِ سندس پوٽو هوشڪا تخت ڏٺي ٻٺيو. چاڪاڻ ته سندس پٽ واسشڪا، پيءُ جي حياتي ۾ گذاري ويو. ايراني لکتن ۾ وري اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان تي ايران جي ساساني بادشاهن جي حڪومت هئي. بهرام گور نالي ايراني شهنشاه فوجون موڪلي سنڌ کي پنهنجي زير اثر ڪيو هو. پر

ايرانين جي حڪومت فقط اتر سنڌ تائين محدود هئي جنهن ۾ هنن نوان شهر بڌا يا پراڻن شهرن کي ايراني نالا ڏنا. الرود (اروڙ)، بهمن آباد، سيوستان ۽ نيرون وغيره ايراني ٻوليءَ جا نالا آهن ۽ سنڌ تي ايراني سياسي اثر جي تصديق ڪن ٿا. سنڌو درياءَ جو نالو بہ انهيءَ دور ۾ مهراڻ رکيو ويو. اهڙي هڪ ندي ايران ۾ پڻ آهي جا قشم ٻيٽ وٽ ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

اتر اولهہ ۾ ڪُشن گهراڻي ۽ اندرئين حصي ۾ انڌرا خاندان جي پڇاڙي کان پوءِ پتاليپترا ۾ هڪ نئين ۽ طاقتور گهراڻي جو پايو وڌو ويو. اهو گهراڻو تاريخ ۾ گپتا خاندان جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ گهراڻي کي نندي ڪنڌ ۾ هندو ڌرم کي وري زور وٺائڻ واري دور سان ياد ڪيو وڃي ٿو. چندر گپت جنهن گپتا گهراڻي جو بنياد رکيو اصل ۾ پتاليپترا جي پر ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت جو والي هو. سندس پيءُ گهوٽا تڪاچا جي حيثيت هڪ ڏن ڀرو راجا جي هئي. پر پوءِ لڇوي خاندان جي هڪ شهزادي سان شادي رچائڻ سبب، چندر گپت جو اثر وڌي ويو ۽ ٿوري ئي عرصي اندر هو مگڌا جو حاڪم ٿي ويو. سن 319 عيسوي ڌاري چندرگپت جو راڄ سڄي گنگانديءَ جي ماٿري تي قائم ٿي ويو جنهن ۾ ترهت، اوڌ ۽ ڏکڻ بهار جا علائقا شامل هئا. اهو سال هندوستان جي تاريخ ۾ نهايت ئي اهم سال آهي. ڇا ڪاڻ تہ هن سال چندرگپت جي پتاليپٽرا ۾ تاجپو شي ٿي ۽ ساڳئي سال کان گپتا ڪئلينڊر جي شروعات ٿي، گپتا گهراڻي جي راڄ کي نندي ڪنڌ ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي اوج جو دور پڻ ليکيو وڃي ٿو، جا ونسينٽ سمٿ جي چوڻ ۾ پراڪرت ٻولي جي هٿرادو سڌاريل ٻولي هئي. پراڪرت ان وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ رائج هئي.

گپتا گهراڻي جو هڪ راجا سمدرا گپتا جو سيني ۾ وڌو بادشاهہ تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن آريا نسل جي قديم ۽ روايتي قرباني جو رواج وڌو جنهن ۾ گهوڙو، ديوتائن کي قربان ڪيو ويندو هو. انهيءَ رسم کي ”آشوميڌ“ جو نالو ڏنو ويو هو. هن دور ۾ هندو ثقافت ڏاڍو زور ورتو ۽ سائنس ۽ ادب جي ميدان ۾ کوجنا ڪري ڪتاب لکيا ويا. پر انهن ڳالهين جو سنڌ جي ماڻهن تي خيرڪي اثر پيو جي پنهنجي مذهب ٻڌمت تي قائم رهيا. جيتوڻيڪ گپتا راجائن جي طرفان ٻڌن کي پنهنجو مذهب تبديل ڪرڻ لاءِ نہ فقط لالچايو ويو پر زور زبردستي بہ ڪئي ويئي هئي. هي اهو دور آهي جنهن ۾ سنڌ تي ايران جي

ساساني بادشاهن جو اثر پڻ هو. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين سنڌ جي هڪ مقامي راجا ديواجي (ديوائچ يا ڏياچ) موقعي جو فائدو وٺندي، سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو پايو وڌو. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ خاندان کي سنڌ ۾ پير ڄمائڻ ۾ هن قوم جي حملن سبب مدد ملي هجي جن 455 عيسوي ڌاري سنڌو ماٿر تي لڳاتار حملا ڪري ڏنا هئا. انهن حملن سبب سنڌو ماٿر ۾ وري وڳوڙ پئجي ويو ۽ راءِ گهراڻي جي حاڪمن کي پنهنجي حڪومت ۽ ان کان پوءِ پنهنجي سلطنت وڌائڻ ۾ تمام گهڻي آساني ٿي. هن قوم سنڌ سان ڪي به مستقل ناتا نه رکيا هئا ان ڪري مقامي راجائن پنهنجو اثر سالٽ رينج (لوڻ واري جبل) کان ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين وڌايو. اهڙي ريت سنڌ حڪومت تر کان مڪران ۽ سيستان تائين پکڙيل هئي.[17]

راءِ گهراڻي جو باني ڏياچ هو جو اصل ۾ ٻڌمت سان تعلق رکندڙ هو، ۽ چتور جي راجائن سان سنڌس مائٽي هئي. ان ڪري ثابت ٿيو ته اپرندي جي ٻر پٽ جو سنڌ جي سياست سان گهرو تعلق رهيو آهي. اهو تعلق ٽالپرن جي زماني تائين قائم رهيو، جن جي صاحبي انگريزن اچي ختم ڪئي. راءِ ڏياچ ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت پنهنجي گهراڻي جو بنياد رکيو ان لاءِ ڪو به لکيل مواد موجود نه آهي. پر اها پڪ آهي ته سنڌس پونين کي هڪ وڏي سلطنت هٿ ۾ هئي. جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، ڏکڻ پنجاب، سرحد جا ڪي حصا، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ شامل هئا. جيئن ته اهو هڪ نهايت ئي وڏو ملڪ هو، ان ڪري ملڪي انتظام جي خيال کان ان کي ڪيترن انتظامي يونٽن ۾ ورهايو ويو، جن جا مرڪز برهمڻ آباد، سيوستان، اسڪلنده، ملتان، ڪيڪانان وغيره ۾ هئا.

راءِ گهراڻي جي گادي جو هنڌ اروڙ ۾ هو جو پنهنجي سهڻائي ۽ خوشحالي سبب هنڌين ماڳ مشهور هو. اروڙ جي شهر جي چوڌاري مضبوط قلعا نهيل هئا، جن ۾ شاهي محلات، ويڪرا رستا، ڊگها ۽ وڏا باغ ۽ خوبصورت بستان (پارڪ) هئا. هيون چانگ (هيونتسيانگ) چيني سياح جو انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ آيو هو، تنهن جو چوڻ آهي ته راءِ ڏياچ ذات جو شودر هو، پر ملڪ آباد ۽ خوشحال هو ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. هو وڌيڪ لکي ٿو ته سنڌ جا ٻڌ پروهت (لاما) نهايت ئي لالچي هئا ۽ منجهن ڪيتريون برايون پڻ هيون. زوار هيون چانگ جو چوڻ آهي ته هو آوندا (او- فان- چان) ۾ رشي

تتاگاتا جي رک ڏسڻ لاءِ آيو هو، جنهن کي جڏهن ماڻهن ۾ ڏيکاريو ويندو هو ته ان مان نور جي روشني شعاع ڪري نڪرندي هئي[18].

راءِ ڏياچ کان پوءِ ڪيترا ئي راجا تخت ڏٺي تيا. تان جو عربن سنڌ تي ڪاهيو ۽ ان کي پنهنجي عاليشان سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. راءِ ڏياچ جي پٽ راءِ سهارس جي دور ۾ ايران جي نيمروز علائقي کان سنڌ تي حملا ٿيا. سهارس پاڻ انهيءَ حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ فوجون وٺي نڪتو، پر شڪست کائي مارجي ويو. ڪن ليکڪن جي راءِ آهي ته اهو حملو عربن طرفان ٿيو. پر ونسينٽ سمٿ جو چوڻ آهي ته انهيءَ وقت عرب طاقت ۽ مذهب جو سرچشمو اجا ڇائو ئي ڪين هو. نبي سڳورو دراصل راءِ سهاسي پهرين جي دؤر ۾ ڇائو هو، جو سهارس پهرين جو پٽ هو. راءِ سهاسي پهرين نقصان جي تلافي ڪرڻ لاءِ دشمن فوجن کي شڪست ڏيئي ملڪ مان هڪالي ڪڍيو، امن امان قائم ڪيو ويو ۽ راءِ گهراڻي جي حڪومت کي وري نئين سر جياريو ويو. راءِ سهاسي پهريون نهايت ئي عقلمند ۽ هيرو حاڪم هو. سندس دؤر ۾ ماڻهو سکيا ۽ خوشحال هئا. سرحدن کي مضبوط ڪيو ويو. بغاوت ۽ سرڪشيءَ جو خاتمو آندو ويو. راءِ سهاسي پهرين کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهارس ٻيو تخت ڏٺي ٿيو ۽ کانئس پوءِ سندس پٽ راءِ سهاسي ٻيو سنڌ جو راجا هو ۽ اهو راءِ گهراڻي جو آخرين حاڪم هو. راءِ سهاسي ٻيو بنا اولاد جي مري ويو. ان ڪري سندس وفات کان پوءِ سندس وزير ڇچ بن سيلائچ سنڌ جو راجا بڻيو. حڪومت هٿ ڪرڻ ۾ ڇچ کي راءِ سهاسي ٻئي جي زال راڻي سونهديوي مدد ڪئي هئي.

راجا ڇچ جنهن کي سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جو باني سڏيو وڃي ٿو، ذات جو برهمڻ هو ۽ سندس ڪرت لکپڙهه هئي. ڪيس اصل ۾ حڪومت جو مير منشي مقرر ڪيو ويو هو ۽ پوءِ انهيءَ عهدي تان وڌندو وڌندو وڃي وزير ٿيو. جڏهن هُن وزارت جو عهدو سنڀاليو، تڏهن راءِ سهاسي ٻئي جي زال ۽ راڻي مٿس عاشق ٿي پئي. راڻي ننڍي عمر جي جوان عورت هئي ۽ راجا وڏي عمر جو ماڻهو هو. ان ڪري راڻي جي دل وزير طرف ريلو ڪاڏو. آخر ۾ هڪ سازش عمل ۾ آئي، جنهن ۾ پوڙهي ۽ ڪمزور راجا کي اهڙي ته پڙي ڏني ويئي جو هو ويو آهستي آهستي ڍرڪندو، تان جو شيءِ وڃي ڏٺي کي پهتي.[19] اهو اجا پوري طرح ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته بادشاهه کي زهر ڏنو ويو هو يا گهوگهو ڏيئي

پورو ڪيو ويو هو. پر اها پڪ آهي تہ سندس موت جي خبر مخفي رکي ويئي، جيستائين راجا جي مائٽن ۽ واسطيدارن کي يا تہ قتل ڪيو ويو يا انهن کي بڌي زندان جي حوالي ڪيو ويو. چتور جي راجا مهورت جو راءِ سهاسي جو سوٽاٽي سوٽ هو. تنهن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هو هڪ وڏو ڪٽڪ وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. پر چچ ڪجهہ نرمي ۽ ڪجهہ سختي جي چال هلي ڪيس شڪست ڏيئي ماري ڇڏيو ۽ سندس فوجن کي سنڌ مان پڇائي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. چچ نامي مان ظاهر تو ٿئي تہ سنڌ جو تخت چچ لاءِ گلن جي سيج ڪانہ هئي. جاڪاڻ تہ ڪيس سنڌ جي جنگجو قبيلن ۽ راجا جي ڪن پراڻن ۽ وفادار ساٿين سان جنگ ڪرڻي هئي. ٻيو تہ سنڌ جا ٻڌ شمني (ٻُڌمت جا مهندار) پنهنجي منهن هڪ وڏو ۽ طاقتور ڪلاس هو، جن کي زير ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونہ هو. جت، لهاڻا، سما، سهتا ۽ چنا قبيلا جي گهڻو ڪري ٻڌ مذهب سان تعلق رکندڙ هئا، هندو راجا جي حڪومت مجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. ان ڪري چچ کي نهايت ئي سخت قدم کڻڻا پيا، جن ۾ انهن قبيلن جي ڳچ ماڻهن کي تلوار جو کاڄ بنايو ويو. اهڙي ريت مذهبي رهنمائن (ٻڌ شمني) کي راضي رکڻ لاءِ کين وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا. انهن ٻڌمت جي مهندارن جي سياسي قوت بابت چچ نامي ۾ هڪ مثال ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت برهمڻ آباد جي ٻڌ شمني وٽ چچ راجا پاڻ لنگهي ويو ۽ سندس ٽن شرطن تي ساڻس ضلح ڪيو ويو[20].

هن مثال مان اهو بہ واضح ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي راجائن جي حڪومت ۾ ٻڌ شمنين کي تمام گهڻي آزادي ڏني ويئي هئي ۽ سندن عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. جن چچ جي ڪيل اعلان سبب آڻ مڃي، تن کي نہ فقط معاف ڪيو ويو، پر انهن کي انعام ۽ اڪرام سان پڻ نوازيو ويو ۽ کين وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا. راجا چچ آهستگي ۽ چالاڪي سان ملتان، برهمڻ آباد، قندابيل (گنداوا)، ڪيڪانان، ارمن بيلہ (لس بيلو) ۽ مڪران جا علائقا هٿ ڪيا ۽ پنهنجي حڪومت عظيم سنڌ تي قائم ڪئي، جنهن جون حدون ان وقت مڪران ۽ ڪانياواڙ تائين ۽ ملتان ۽ قندابيل تائين پکڙيل هيون.

راجا چچ هڪ سياڻو حاڪم هو، جنهن دشمنن سان منهن ڏيڻ لاءِ طاقت ۽ حرفت ٻنهي کي ڪم ۾ آندو. ٻڌ شمني واري مذهبي جماعت کي نوازيو ويو

۽ انهن کي وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا . انهيءَ حقيقت جي تصديق عرب ليکڪن جي تاريخن مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عربن جي سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت وڏا شهر ۽ قلعا ٻڌ شمني جي قبضي ۾ هئا[21]. هندو البت سنڌ ۾ گهٽ هئا ۽ اُهي گهڻو ڪري جنگجو ذات کتري سان تعلق رکندڙ هئا.

چچ نامي مان ثابت ٿيو آهي تہ راجا چچ چاليهہ سال حڪومت ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ سندس ڀاءُ چندر تخت ڌڻي ٿيو. چندر اصل ۾ برهمڻ هو ۽ هُن جو سچو رُجحان مذهبي سڌارن طرف هو ۽ هُو گهڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو رهندو هو. چندر ست سال نهايت شان ۽ مان سان حڪومت ڪئي ۽ سندس شرافت ۽ امن پسندي جي ڪري سنڌ ۾ امن امان قائم رهيو. اهڙو ڪوبہ مثال نہ ٿو ملي، جنهن مان اهو ثابت ٿي سگهي تہ چندر ۾ حڪومت هلائڻ جي صلاحيت ڪانہ هئي ۽ نہ وري اهو ظاهر ٿي سگهيو آهي تہ سندس حڪومت جي دور ۾ ڪو وڳوڙ يا انقلاب آيو.

چندر جي وفات کان پوءِ راجا ڏاهر تخت تي وينو ۽ چندر جي ڪٽنب کي خوش رکڻ لاءِ هُن پنهنجي سوٽ راج کي برهمڻ آباد تي پنهنجو وائسراءِ مقرر ڪيو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ اهو بندوبست فقط ٿوري وقت لاءِ هو، ڇاڪاڻ تہ ٿورو وقت پوءِ راجا ڏاهر راج کي ڪڍي پنهنجي ڀاءُ ڏهرسين کي برهمڻ آباد جو گورنر مقرر ڪيو هو. راءِ ڏاهر ڪوبہ نئون ملڪ پنهنجي حڪومت ۾ ڪونہ ڳنڍيو ۽ پنهنجو سچو سارو ڌيان ملڪ جي انتظام ۽ سڌاري ۾ ڏنو. چچ نامي جي متعصب ليکڪ، سنڌ تي عربن جي حملي کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ، راجا ڏاهر جي اخلاق ۽ ڪردار کي اهڙو تہ ناهي نوڪي پيش ڪيو آهي، جو پڙهندڙ في الحال سوچ ۾ پئجي ويندو. اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ راجا ڏاهر تخت هٿ ڪرڻ خاطر پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي[22].

ساڳئي ليکڪ راجا ڏاهر کي هڪ گيدي انسان تصور ڪيو آهي. جنهن انهيءَ گناه ڪرڻ کان پوءِ وري نہ ماڻهن کي منهن ڏيکاريو نہ وري پنهنجي ڀاءُ کي جنهن کيس انهيءَ ڳالهہ کان منع ڪئي هئي. پر انهيءَ ساڳئي ڪتاب، راجا ڏاهر کي هڪ بهادر ۽ فراخ دل انسان سڏيو آهي. جنهن پنهنجي حڪومت ۽ وقار قائم ڪرڻ لاءِ عربن سان جنگ ڪئي، تہ جيئن سنڌ جو ملڪ آزاد ۽ خودمختيار رهي. اهو ياد رکڻ کپي تہ چچ نامو ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ لکيو

ويو هو. جنهن وقت مسلمانن جون فوجون اتر اولهہ سرحد کان نندي ڪنڊ فتح ڪرڻ لاءِ حملا ڪري رهيون هيون. ساڳئي وقت دهلي ۾ مسلمانن جو مرڪز بہ قائم ٿي چڪو هو ۽ اتر هندوستان جا ملڪ هڪ ٻئي پٺيان فتح ٿي رهيا هئا. اهڙي وقت ۾ مسلمان ليکڪن جي لکڻ جو مول مقصد ئي اهو هو تہ هندو يا ٻين غير مسلم راجائن جي اخلاق ۽ ڪردار تي حملا ڪيا وڃن. انهن کي ظالم ۽ اوباش ٻڌايو وڃي ۽ انهن جي ملڪن کي غضب ڪرڻ لاءِ انهن جي عوام کي مظلوم قرار ڏنو وڃي. اهو طريقو فقط مسلمان تاريخ دانن وٽ رائج ڪونہ هو، پر اها ساڳي روش انگريزن پڻ اختيار ڪئي، جڏهن هنن سنڌ تي حملو ڪيو هو. سنڌ جي ٽالپر اميرن کي ظالم، اوباش، انجام ٽوڙيندڙ، نشئي ۽ ٻين ڪيترن لقبن سان ياد ڪيو ويو، ۽ سنڌ جي ماڻهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي ظلم ۽ ستم جو ماريل، بيوس ۽ بي يار ۽ مددگار ٻڌايو ويو.

چچ نامي مان ظاهر آهي تہ راجا ڏاهر کي فقط هڪ زال هئي، جنهن کي هُن مايين (ماهين) جو نالو ڏنو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ جهڙي. پر مقامي ڪتابن ۾ ان جو نالو راڻي ٻائي (يا راڄ ٻائي) هو، جو وڌيڪ صحيح ٿو لڳي. راجا ڏاهر جي شڪست کائڻ ۽ مارجڻ کان پوءِ راڻي ٻائي جوهر جي رسم ادا ڪئي ۽ پاڻ کي باهہ جي مچ ۾ اڇلائي ساڙي ڇڏيو. راجا ڏاهر جي ٻي زال جو نالو لاڏي ٻڌايو ويو آهي، جنهن جي من موهيندڙ مورت کان مرعوب ٿي محمد بن قاسم ڪيس خريد ڪيو ۽ ساڻس نڪاح ڪيو[23]. ٿي سگهي ٿو تہ اها لاڏي راجا ڏاهر جي سريت هجي، جنهن نہ فقط پنهنجو پاڻ عربن جي حوالي ڪيو هو، پر سندس مدد سان ڪيترائي شهر ۽ ايراضيون عربن آسانيءَ سان فتح ڪيون هيون. انهيءَ واقعي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌ جا راجا ڪيتريون ئي زالون رکندا هئا. جن ۾ نہ فقط پرٽيل زالون هونديون هيون، پر خريد ڪيل يا جنگ ۾ هٿ آيل ٻانهيون بہ هيون. چچ جو بہ اهو ساڳيو حال هو، هن کي اڳ ئي هڪ زال هئي، جا ٻارن جي ماءُ هئي، پر هُن انهيءَ کان پوءِ راءِ سهاسي جي راڻي سونهديوي سان پڻ شادي ڪئي. نہ فقط ايترو پر هُن هڪ طاقتور جٽ قبيلي جي عورت سان بہ شادي ڪئي، جنهن مان راڻي مايين جو جنم ٿيو ۽ هي

اها نينگري هئي، جنهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اها راجا ڏاهر جي زال پڻ هئي[24].

راجا ڏاهر وڏو حوصلو رکندڙ بهادر شهزادو هو. جنهن پنهنجي جواني جي شروعات کان ئي سنڌ جي سياست ۾ حصو ورتو هو. راجا چندر جي زماني ۾ قنوج جي مهاراجا راءِ سهارس، راجا راسل ۽ برهاس جي هٿان سنڌ تي حملو ڪرايو. تڏهن اهو شهزادو ڏاهر هو، جنهن انهن سان مقابلو ڪري کين شڪست ڏني ۽ سندس لشڪر کي سنڌ جي حدن مان پچائي ٻاهر ڪڍيو. ساڳي ريت هُن رمل (راجستان) جي بادشاهه کي به شڪست ڏيئي ان جو ڪجھ ملڪ سنڌ جي حدن ۾ ملائي ڇڏيو هو. رمل جو راجا ايتريون ته فوجون وني آيو هو، جو وزير ٻڌيمان راجا کي صلاح ڏني ته گوريلا جنگ ڪئي وڃي. پر بهادر شهزادي نڪي يا دولاب سان وڙهڻ کي پنهنجي شان جي خلاف سمجهيو ۽ هُن جنگ جي ميدان ۾ کليل جنگ ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو[25].

راوڙ جي جنگ ۾ به سندس مردانگي بي مثال هئي. جنگ جي ميدان ۾ هُو اهڙي ته هنڌ تي جنگ ڪري رهيو هو، جتي هُو آسانيءَ سان قتل ٿي سگهيو ٿي. هُو هڪ هاٿيءَ تي چڙهيل هو ۽ پنهنجي فوج کان گهڻو پري دشمن جي سپاهين جي وچ ۾ جنگ ڪري رهيو هو. هنن مٿس ڪيترائي حملا ڪيا، پر انهن سڀني جو هُن پورو پورو جواب ڏنو. جڏهن سندس هاٿي کي نفط روغن جي تيرن سبب باهه لڳي، تڏهن هو وني درياءُ ڏانهن ڀڳو، جتي عربن جي ساڻه فوج موجود هئي. اهوئي سبب آهي جو هُو تازه دم فوج جي وچ ۾ وڃي ڦاٿو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بنيو. ڏاهر جو موت دشمن جي بهادري سبب ڪونه ٿيو، پر اها هڪ جنگي بدقسمتي هئي، جنهن ۾ عربن جي تير انداز جتي ڪيس درياءُ جي اندر گهيرو ڪري قتل ڪيو[26]. نه ته هونئن هو وٽ ڏيڻ جو هوئي ڪونه.

## ڌارين جون ڪاهون:

سنڌ هڪ ميداني علائقو آهي ۽ سنڌو ماٿر جو ڏاکڻو حصو آهي. ڏکڻ ۾ سمنڊ کان سواءِ ٻي ڪابه رڪاوٽ سندس سرحدن تي نه آهي جا ٻاهرين يا ڌارين قومن جي ڪاهن کي روڪي. اولهه ۾ البت ڪي جبل ۽ ٽڪر آهن، پر جيئن ته

اهي بي ترتيب آهن ۽ ايترا اُيا نہ آهن، ان ڪري سنڌ تي هميشہ ڌارين قومن جون ڪاهون ٿينديون رهيون آهن.

## ڪول ۽ سنٿال:

سنڌو ماٿر تي سڀ کان پهرين جن قبضو ڪيو، اهي ڪُول ۽ سنٿال هئا، جن کي اتر اولهہ کان ايندڙ آريا نسل جي ماڻهن قتل ڪيو ۽ باقي رهيلن کي دکن ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو. انهيءَ ڳالهہ جي اجا تائين تصديق نہ ٿي سگهي آهي تہ اهي هئا ڪير ۽ آيا ڪٿان؟ پر انساني نسل جي تاريخ ۽ ٻولين جو اڀياس ڏيکاري ٿو تہ اهي ماڻهو دکن ۽ سريلنڪا جي ماڻهن سان رشتي ۾ ڳنڍيل هئا. سائنسدانن جو خيال آهي تہ دکن، سريلنڪا، آسٽريليا، ۽ اوڀر آفريڪا هڪ وڏي کنڊ رستي پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا ۽ پوءِ جڏهن ڌرتيءَ جي چر پر ۾ ردوبدل ٿي تڏهن اهو کنڊ سمنڊ جي تري ۾ هليو ويو[27]. سنڌ جي قديم رهاڪن جي بدني بناوٽ، اٺ ويهہ جا طريقا، ذهني ڪاوشون، وارن جو رنگ ۽ نمونو ظاهر ڪري ٿو تہ اهي آسٽريليا جي اصلوڪن رهاڪن جهڙا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ هاٿوڪي دور جا ڪولهي ۽ ڀيل جي سنڌ ۾ اجا بہ گهڻا ڏٺا وڃن ٿا، انهن ماڻهن مان هجن، جن جو قديم زماني ۾ دنيا تي ڏاڪو هو. ڪولهي دکن ۽ مهاراشٽر ۾ وڏي انداز ۾ موجود آهن ۽ دراوڙي نسل جي ماڻهن سان گڏ رهن ٿا، جي پڻ انهيءَ قديم نسل سان وابستہ آهن ۽ آريا نسل کان بلڪل جداگانہ ۽ مختلف آهن. ڪولهي ۽ ڀيل پاڻ کي ڪرشڻ ڀڳوان جو اولاد سمجهن ٿا، ۽ پاڻ کي راجپوت تصور ڪن ٿا. پر راجپوتن ڪڏهن ڪين پاڻ جهڙو نہ سمجهيو آهي ۽ نہ وري ڪين اهو درجو ڏنو آهي جيڪو جدا جدا خِطن ۾ راجپوتن کي مليل آهي. اها ڳالهہ تصديق طلب آهي تہ موئن جي دڙي جا رهندڙ ماڻهو بہ انهي نسلي ميڙ سان وابستہ آهن يا نہ. پر اهو انومان ڪيي سگهجي ٿو تہ اهي بہ انهيءَ ساڳئي دؤر جي پيدائش آهن. ڪن ليکڪن جي راءِ آهي تہ موئن جي دڙي جا ماڻهو توراني نسل جا ماڻهو هئا، جن تاريخ کان اڳ جي دور ۾ هجرت ڪري سنڌ ملڪ وسايو ۽ اتي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جو ٻج ڇٽيو. بابل جي مشهور عالم ۽ پروهت، پنهنجي لکتن ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ اها سنڌو ماٿر هئي، جتان تهذيب ۽ ثقافت جو ڦهلاءُ ٿيو، جنهن جو اثر نہ فقط ايران ۽ عراق

تي رهيو، پر شام، فلسطين، ايشيا مائنر، مصر ۽ يوناني دنيا تي پڻ صدين تائين قائم رهيو[28].

## آريہ نسل:

آريہ قوم جن سنڌ ۾ اٽڪل 2000 سال کان 1000 سال قبل مسيح جي هجرت ڪئي، اچي نسل جي ماڻهن مان هئا، جن جي ٽولن جا ٽولا ايران، افغانستان، عراق، شام، اناطوليہ ۽ روس تائين پکڙجي ويا. روس مان ٿيندي اهي يورپ پهتا ۽ انهيءَ جي تصديق انهن ماڻهن جي ٻولين، اٿ ويهہ جي طريقن، بدني بناوت ۽ ذهني ڪاوش مان ظاهر آهي، جا گهڻو ڪري ساڳي آهي ۽ ان مان اهو انومان ڪيڏي سگهجي ٿو تہ ننڍي ڪنڊ، افغانستان، ايران، انا طوليہ ۽ يورپ جون آريہ قومون هڪڙي ئي نسل جي پيدائش آهن ۽ انهن جو اصل وطن بہ ساڳيو هو. آرين جو اصل ماڳ اڃا تائين مقرر نہ ٿي سگهيو آهي. جيتوڻيڪ يورپ جي عالمن جي راءِ آهي تہ اهو وچ ايشيا وارو علائقو هو. عرب وري پامير جي مٿاهين پٽ کي آريہ قوم جو اصل وطن سمجهن ٿا، جنهن کي هنن "ام البلاد" جو لقب ڏنو آهي. ان جي معنيٰ آهي ملڪن يا قومن جي ماءُ. هندوستان جا عالم انهن ٻنهي فيصلن جي ترديد ڪندي ٻڌائين ٿا تہ آريہ قوم جو اصل گهر ڀارت هو، جتان پوءِ هُو ٽڙي پکڙجي ويا. افغانين ۽ ايرانين جي بہ اها دعويٰ آهي تہ سندن ملڪ آريہ قوم جو اصلي وطن هو. حقيقت ڇا بہ هجي، پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ آريہ نسل جي ماڻهن جو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان 2000 کان 1000 سال اڳ دنيا تي ڏاڪو هو.

آريہ قوم نہ فقط هندستان، افغانستان ۽ ايران ۾ حڪومتون قائم ڪيون، پر بابل ۾ بہ هنن پهرين آريہ سلطنت جو بنياد رکيو. آخرين ڪلداني بادشاهہ شمسو دتانا جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ڪشائي آرين جو عراق، ايران، اناطوليہ ۽ شام تي قبضو ٿي ويو. آرين شام جو نالو سوريا رکيو هو، جو سندن ديوتا سج جو نالو هو. ان کان اڳ انهيءَ ملڪ جو نالو عمورو هو. اڄ بہ شام جو ملڪ سوريا جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. بابل جو آريہ بادشاهہ تشرتا (دسرٿ) جو نالي پائي هندوستان ۾ بہ هو[29] ۽ اهو دسترتا (دسترت) ايوڌيا جو حاڪم هو. هندوستاني دسترت، سري رام چندر جو پيءُ هو، جو والميڪي جي لکيل شاهڪار رامائڻ جو هيرو هو. آريہ قوم جي هڪ ٻي شاخ

مٿاني، اناطوليہ، آرمينيا ۽ اتر عراق تي پڻ حڪومت ڪئي. عراق ۽ اناطوليہ جي آرين جو ايران ۽ هندوستان جي آرين سان گهاٽو سبنڌ هو ۽ انهن جي وچ ۾ تجارتي ۽ ثقافتي ڏي وٺ پڻ ٿيندي هئي. نندي ڪنڌ جي آرين بابت ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سنڌو ماٿر ۾ پهچڻ کان اڳ وحشي ۽ جاهل هئا ۽ انهن تهذيب ۽ تمدن جا طريقا سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن کان سکيا. اها حقيقت آريہ قوم جي اصلي مذهب مان ظاهر ٿئي ٿي، جي فقط ٽن ديوتائن کي مڃيندا هئا. سوريا، ورونا ۽ اندرا. يعني تہ اُهو قدرتي طاقتن تي مبني هو، جنهن ۾ سج، چنڊ ۽ هوا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مترا يعني تہ ڍڳو ديوتا جو کيتي ۽ آباديءَ جو ديوتا آهي، اهو بعد ۾ ڳنڍيو ويو. جڏهن آريہ سنڌو ماٿر ۾ اچڻ کان پوءِ کيتي جي ڌنڌي کان واقف ٿيا. نہ فقط ايترو، پر سنڌن پهريون مذهبي ڪتاب ”رگ ويد“ بہ سنڌو ماٿر ۾ لکيو ويو ۽ انهيءَ دور ۾ هُو تهذيب ۽ تمدن جا صاحب بڻيا، جنهن کي پوءِ ”ويدڪ سولائيزيشن“ يا ويد تهذيب سڏيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ڪي آريا آيا، اهي پنچالا هئا،[30] جي ايران کان هجرت ڪري اتي پهتا. پر انهن جو نندي ڪنڌ جي ٻين آرين سان تعلق صدين تائين قائم رهيو. سنڌ جي راجا جئدرٿ جو مها ڀارت جنگ ۾ حصو وٺڻ ظاهر ٿو ڪري تہ سنڌ جي آرين جو هندوستان جي آرين سان لاڳاپو قائم رهيو. جيئن تہ تاريخ يا واقعن جو لکت ۾ سرمايو بلڪل گهٽ رکيو ويو آهي. ان ڪري فقط انومان کان ئي ڪم وٺي سگهجي ٿو. البت اهو تصديق سان چئي سگهجي ٿو تہ آرين جي اچڻ ڪري ۽ انهن جي نندي ڪنڌ جي ماڻهن سان ميل جول سبب هڪ نئين تهذيب جنم ورتو، جنهن کي اندو آريہ تهذيب جو نالو ڏنو ويو آهي. هڪ نئين ٻولي پڻ وجود ۾ آئي، جا آريہ قوم جي ٻولي ۽ سنڌو ماٿر جي قديم ماڻهن جي ٻوليءَ سان ملي محاوري ۾ ڪم اچڻ لڳي. انهيءَ ٻوليءَ کي سنسڪرت سڏيو وڃي ٿو، جا نندي ڪنڌ جي ٻولين جي ماءُ تصور ڪئي وڃي ٿي. سنسڪرت اصل ۾ سمسڪريتا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گاڏڙ يا مليل جليل ۽ ان جي ابتڙ آهي. پراڪرت (يا پراڪريتا)، جنهن جي معنيٰ آهي پاڪ يا اصل. عالمن جي راءِ آهي تہ اها پراڪرت آهي، جنهن مان سنڌي ٻولي جنم ورتو. پر موئن جي دڙي مان لڌل ڪتبن ۽ پڻ وچ اوڀر مان لڌل لکتن مان ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌي ٻولي پراڪرت کان بہ وڌيڪ پراڻي ۽ قديم ٻولي آهي.

## ايرانين جي ڪاهه:

آرين جي اچڻ کان پوءِ، پهرين جنهن قوم نندي ڪنڌ جي حدن سان هٿ چراند ڪئي، اهي پارسي هئا، جن ڇهين صدي قبل مسيح جو ايران ۾ هڪ وڏي سلطنت قائم ڪئي. انهيءَ سلطنت جو باني ڪوروش اعظم هو، جو اصل ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت جو والي هو. پر پوءِ هُن ايران جي ٻن وڏين قومن ميد ۽ پارس کي پاڻ ۾ گڏي، ڪلداني شهنشاه نبونئدو کي شڪست ڏيئي بابل جو تخت هٿ ڪيو. ڪلداني بادشاهه نبونئدو هڪ عالم هو، جنهن کي حڪومت ۽ انتظام سان گهٽ ۽ تاريخ ۽ آثار قديمه سان وڌيڪ دلچسپي هئي. ان ڪري هُن حڪومت جون واڳون پنهنجي پٽ بيل شيزار جي حوالي ڪيون، جو هو ته بهادر پر عياش قسم جو نوجوان هو. بيل شيزار پڻ جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ايرانين جو بابل تي قبضو ٿيو، جو ان وقت دنيا جو متمدن ۽ تهذيب يافته شهر هو. بين الاقوامي سياست، واپار ۽ سازش جو مرڪز هو. اهو شهر عراق ۾ هو ۽ بخت نصر جي ٺهرايل "لٽڪيل باغن" جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور هو.

ڪوروش اعظم، جنهن کيَ سامي قومن جي تاريخ ۾ ذوالقرنين سڏيو ويو آهي، هڪ نهايت ئي فراخ دل بادشاهه هو. اهو لقب کيس انهيءَ ڪري مليو جو هُن يهودين کي ڪلدانين جي قيد کان آزاد ڪيو ۽ کين اجازت ڏنائين ته اهي فلسطين واپس وڃن ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جو ماڳ وسائين. ڪوروش اعظم جي طاقت ۾ اچڻ ڪري سامي ديوتا بيل (بيل مردوڪ) جو روحاني تسلط ختم ٿيو ۽ ان جي جاءِ آرين قوم جي ديوتا "آهور مزدا" ورتي ۽ اهو سڄي ايراني سلطنت جو خدا تسليم ڪيو ويو. ڪوروش کان پوءِ سندس پٽ زرقزيس تخت تي ويٺو ۽ ان کان پوءِ داريوش (دارا) پهريون تخت نشين ٿيو. دارا پهرين جي زماني ۾ ان وقت جي سڄي تهذيب يافته دنيا شامل هئي ۽ انهن بادشاهن جو راڄ يونان، مصر، شام، عراق، نوبيا (سوڊان)، وچ ايشيا، ايران، افغانستان ۽ سنڌو ماٿر تي رهيو. اهوئي سبب هو جو دارا پهرين بهستون جبل تي هي ڪتبو لڪائڻ تي مجبور ٿي ويو، جنهن مان سندس قوت ۽ طاقت، سلطنت ۽ حشمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

”آءٌ داريوش آهيان، وڏو بادشاهه، بادشاهن جو بادشاهه، سيني ملڪن ۽ قومن جو شهنشاهه ۽ سڄي روءِ زمين جو شاهه آهيان. وشتا سپ (گشتاسپ) منهنجي پيءُ جو نالو جو هخامنشي جي اولاد مان هو. هخامنشي پارسي هو ۽ پارسي جو پٽ ۽ پڻ هو آريه هو ۽ آريه جي اولاد مان.“

دارا پهريون بادشاهه آهي، جنهن نپيل (ضرب ڪيل) سڪا رائج ڪيا ۽ انهن کي دارائي سڪا سڏيو ويندو هو. دارائي سڪو سون جو ٺهيل هو ۽ اهو قديم دؤر جي هڪ شيڪل جي برابر هو. چانديءَ جا سڪا به رائج ڪيا ويا، جي 86½ ڪڻن (ان جي داڻن) جي وزن جا هئا ۽ انهن جي قيمت دارائي سڪي جي 1/20 هئي. دارا پنهنجي سلطنت کي ننڍن يونٽن ۾ ورهايو هو، جن کي هُن ”سٽرپي“ جو نالو ڏنو ۽ هرهڪ سٽرپي تي هُن گورنر مقرر ڪيا هئا. فوجي انتظام وري هڪ ٻئي عملدار جي حوالي ڪيو ويو هو. اهو عملدار ۽ گورنر ٻئي هڪ ٻئي کان آزاد هئا ۽ عموماً هڪ ٻئي تي چوڪسي رکندا هئا.

دارا پهرين کي هڪ وڏي سلطنت هٿ ۾ هئي، پر هُو انهيءَ تي راضي نه رهيو ۽ هُن سنڌ ۽ هند ڏانهن هڪ شاهي مهم ڏياري مُڪي. اها مهم 512 ق. م ۾ عمل ۾ آئي، جڏهن سندس يوناني امير البحر اسڪائيليڪس هڪ وڏو ڪٽڪ وٺي پنجاب ۾ داخل ٿيو ۽ اتي جي ماڻهن جي مدد سان هُن پاڻي جي جهاز جي هڪ وڏي آڙ ماڙ ناهي ۽ انهن جي مدد سان سنڌ ۾ پهتو. سنڌ جا جيڪي به راجائون ۽ حاڪم هئا، اُهي يا ته مارجي ويا يا ته انهن ايرانين جي آڻ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. اسڪائيليڪس پنهنجا گماشتا سنڌ ۾ ڇڏي، مڪران جو سامونڊي ڪنارو ڏيئي عراق پهتو ۽ سنڌ ان کان پوءِ هخامنشي خاندان جي ايراني سلطنت جو هڪ حصو بنجي ويئي. ايرانين سنڌو ماٿر کي ”ويهين سٽرپي“ جو نالو ڏنو ۽ ان مان جيڪو ساليانو ڏن مرڪزي حڪومت ڏانهن عراق موڪليو هو، اهو سون جا ٽي سو سٺ ٽيلينٽ هو. اهو سون ڀوري جي شڪل ۾ موڪليو ويندو هو ۽ ان جي هاڻوڪي قيمت ڏهه لک پائونڊ هئي. يعني ته اڍائي ڪروڙ پاڪستاني رپيا. اهو ڏن ايراني ڪٿ موجب سڄي سلطنت جي مليل ڏن جو چوٿون حصو هو.[32]

دارا پهرئين ڇٽيهه سال حڪومت ڪئي ۽ پوءِ ڪيترائي بادشاهه تخت نشين ٿيا. تان جو دارا ٽئين (336 کان 330 ق.م) جي دور ۾ هخامنشي

سلطنت جي پڇاڙي ٿي. دارا ٽيون سڪندر اعظم جي هٿان ٻن مشهور ۽ فيصلا ڪن جنگين آئيسوس (333 ق.م) ۽ اربيلا (331 ق.م) ۾ يونانين هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ، جنگ جو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو ۽ پنهنجن ماڻهن هٿان همدان ۾ مارجي ويو. سندس موت کان پوءِ ايراني سلطنت ورثي ۾ سڪندر اعظم کي ملي، جنهن وري نئين سر انهيءَ کي پنهنجي زير اثر آڻڻ لاءِ انهن تي حملو ڪيو.

## يوناني حملا:

يوناني، پارسين (ايرانين) سان لڳاتار جنگين سبب هڪ نهايت ئي طاقتور قوم ٿي ويئي، جاڪاڻ تہ پارسي سندن ملڪ هڙپ ڪري ويا هئا. يونانين نہ فقط ايرانين سان خونريز جنگيون ڪيون پر يونان ۾ پنهنجو پاڻ ۾ بہ لڙايون لڙيون. آخر مقدونيہ جي حڪومت، سيني يوناني حڪومتن کان گوءِ کٽي ويئي ۽ ان جي بادشاھ فلپ يونانين کي ٻڌيءَ ۾ آڻي، ايشيا تي حملو ڪرڻ چاهيو ٿي، پر سندس غيرقدرتي موت سبب اها رٿ ڪامياب نہ ٿي سگهي. سندس پٽ سڪندر جو اڃا ننڍو جوان هو، تنهن حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهليون. هيراس جي ٻين حڪومتن کي زير ڪري سن 334 ق.م جي هيلسپانٽ کي اڪري ايشيا مائنر تي حملو ڪيو. سڪندر اعظم جي فوج جو تعداد مختلف ليکڪن 30000 کان 40000 تائين ٻڌايو آهي. ٿوري عرصي اندر سڪندر ايشيا مائنر جي سيني شهرن ۽ ايراضين تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي جو اصل ۾ ايراني شهنشاهيت جو هڪ صوبو هو. ايران جي بادشاھ دارا ٽئين لشڪر وٺي سڪندر سان مقابلو ڪيو ۽ آئيسوس وٽ هڪ نهايت ئي خونريز جنگ لڳي جنهن ۾ دارا ٽيو شڪست کائي ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. سندس ڪٽنب جا ماڻهو جي پويان رهجي ويا تن جو بہ ڪو خيال ڪونہ ڪيائين. پر سڪندر جي حڪم سان انهن کي عزت ۽ احترام سان رهايو ويو.

سڪندر، دارا جي پويان پوڻ جي بدران ڏکڻ اولهہ طرف رخ ڪيو ۽ منام ملڪ ۾ آيو جو پڻ ان وقت ايراني سلطنت جو هڪ حصو هو. پر اتي سندس ڪنهن بہ قسم جي مخالفت نہ ٿي. 332 ق.م جي اونهاري ۾ سڪندر پنهنجي فوجن سان مصر تي حملو ڪيو ۽ ايرانين جي رهيل کهيل ماڻهن کي اتان تڙي ڪڍيو. مصر جا ماڻهو ايرانين جي ظلم ۽ ستم سبب ايترا تہ ستايل

هئا، جو انهن سڪندر اعظم جو نهايت ئي سني نموني آڌر ڀاءُ ڪيو. خوشيون ڪيون ۽ ڪيس "خدا جو پٽ" سمجهي سندس تاج پوشي ڪئي.[33] مصر جو انتظام ويساهه جهڙن ماڻهن جي حوالي ڪري سڪندر اعظم وري به ايران جو رخ ڪيو. اربيلا وٽ ايرانين ٻيهر سندس مقابلو ڪيو پر وري به شڪست کاڌائون. دارا ٿيو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو پر همدان وٽ پنهنجي ماڻهن هٿان قتل ٿي ويو. اهو واقعو 331 ق.م ۾ ٿيو ۽ ايران جي هخامنشي خاندان جو خاتمو ٿيو. سڪندر اعظم دارا جي تختگاهه پرسيپولس (تخت جمشيد) تي جهل ڪئي ۽ ان کي باهه ڏيئي ان جو وڏو حصو ساڙي ڇڏيو. پر دارا ٽئين جي لاش کي عزت ۽ احترام سان بادشاهي طريقي جي رسم سان دفنائڻ جو حڪم ڏنو. ٿوري ئي عرصي اندر ايراني سلطنت جا سڀ صوبا فتح ڪيا، ۽ آخر ۾ ڪابل تي قبضو ڪيو. پرسيپولس کان ڪابل تائين سڄو ملڪ فتح ڪرڻ ۾ سڪندر کي پنج سال لڳي ويا. 326 ق.م جي بهار جي موسم ۾ سڪندر اعظم افغانستان ڇڏي سنڌو ماٿر پهتو. سڀ کان پهرين ٽئڪسيلا جي راجا امڀي سڪندر جي آڻ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. راجا امڀي، سڪندر اعظم کي رسد ۽ جنگ جي سامان جي وڏي مدد ڏني ۽ پاڻ به وڏي فوج وٺي سڪندر سان شامل رهيو. ڏکڻ پنجاب جي راجا پوروشيا (پورس) سڪندر جو مقابلو ڪيو. پر شڪست کائي قيدي ٿيو ۽ سڪندر هُن کي قتل ڪرائڻ بدران معافي ڏني ۽ سندس ملڪ کيس واپس ڪيو.[34] سڪندر جي اها آرزو هئي ته هُو سڄو هندوستان فتح ڪري ۽ ان وقت نندي ڪنڊ جي حالت به اهڙي هئي جو هُو سڄو هندوستان لتاڙي وڃي بنگال تائين پهچي ها. پر سندس فوج جا نهايت گهڻو ٿڪجي پيئي، تنهن اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪن سردارن بغاوت پڻ ڪئي. ان ڪري سڪندر سنڌونديءَ جي رستي واپس وطن ورڻ جي خيال کان سنڌ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو.

سنڌ ۾ ان وقت ٽي حڪومتون هيون، جن جا تختگاهه اوسڪانا، سنديمانا ۽ پٽالا هئا. اوسڪانا وارو ماڳ لاڙڪاڻي جي آس پاس ٻڌايو ويو آهي، جتي سڪندر پنهنجي فوجن جي بچاءَ لاءِ هڪ نئون ڪوٽ پڻ اڏايو هو ۽ ان جا کنڊر ماهوٽا واري ايراضي ۾ ڏنا ويا آهن. اوسڪانا جي راجا جو نالو موسيڪانس ٻڌايو ويو آهي. جنهن سڪندر جي آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽

جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو. سڪندر، اتر سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ پنجاب جون فوجون ڪم آنديون ۽ پنهنجي فوجن کي آرام ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. اوسڪانا کان پوءِ سڪندر پٽالا تي حملو ڪيو. جنهن جو راجا موريز ڀڄايو ويو. پٽالا جي راجا، مقامي راجائن جي شڪست کائڻ سبب دل هاري ويٺو ۽ سڪندر جي آڻ مڃيائين. پٽالا جي ماڳ کي هاٽوڪي حيدرآباد سان تشبيهه ڏني ويئي آهي جو مٽاهين پٽ تي اڏيل هو ۽ سنڌو ڊيلٽا جي منڍ وٽ هو. سڪندر اعظم پٽالا مان فوجون موڪلي سنڌيمانا تي قبضو ڪيو، جنهن جو راجا سمبو (سامبس) قلعو ڇڏي ڀڄي ويو. سڪندر اعظم هڪ قلعو سنڌيمانه ۾ به نهرايو هو، جو سيوهڻ شهر جي اتر ۾ هڪ وڏي ڏڀ تي نهيل آهي.[35]

پٽالا ۾ ساهي ونڻ وقت سڪندر، سنڌو ندي (يا هاڪڙي) جي هڪ شاخ رستي ڪڇ جي رڻ نديءَ جو سير به ڪيو هو. جنهن کي هاڻي رڻ يا واهندا جو نالو ڏنل آهي. سنڌو دريا ءِ جا پراڻا ڊورا، جن جي وسيلي دريا ءِ جو پاڻي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، اڄ به موجود آهن ۽ اهي لوهاڻو، پراڻ ۽ ونگو ڊورن جي نالي سان سڃاتا وڃن ٿا.

سن324 ق. م جي سڪندر وطن واپس وڃڻ لاءِ پنهنجي فوجن کي تيار ڪيو. هڪ حصو نرخوس (نيارڪس) جي حوالي ڪيائين، جو سندن امير البحر هو. ٻيو حصو پنهنجي ڪمان هيٺ رکيائين. نيارڪس فوجن کي جهازن رستي سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي عراق پهتو. سڪندر وري مڪران وارو ڪنارو ڏيئي فارس مان ٿيندو بابل پهتو جو پڻ عراق ۾ هو. سڪندر کي راجا پورس سان جنگ ڪرڻ وقت ڇنگهه ۾ جيڪو گهاءُ رسيو هو اهو ناسور ٿي پيو. چاڪاڻ ته سڪندر شراب تمام گهڻو پيئندو هو. ان ڪري علاج مان ڪو به فائدو نه رسيو ۽ اهو ماڻهو جو سڄي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هو، هڪ ننڍڙي ڦٽ سبب بيمار ٿي مري ويو. سڪندر اعظم 323 ق.م ۾ بابل جي شهر ۾ وفات ڪئي.[36] سندس موت جي خبر ٻڌي سنڌو ماٿر جي بادشاهن بغاوت ۽ سنڌ جي راجائن گڏجي، سڪندر جي وائسراءِ پيٿان کي سندس فوجن سميت ڀڄائي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. چندرگپت جنهن پهرين سڪندر اعظم کي گنگاندي جي ماٿر ۾ حملي ڪرڻ لاءِ همٿايو هو، تنهن موقعي جو فائدو وٺي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ اتان فوجون وٺي پٽاليپترا تي ڪاهي ويو. ننڍا شهنشاهيت پوين

پساهن ۾ هئي، ان ڪري چندرگپت ٿوري عرصي اندر سڄي اتر هندستان جو مالڪ بنجي ويو.

سڪندر کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ هو ان ڪري سندس نائب، سندس سلطنت جا وارث بنجي ويا. سيليوڪس کي عراق ۽ ايرندي جا ملڪ مليا انٽياگونس يويان ۾ بادشاهہ ٿيو ۽ بطليموس مصر جو والي بنجي ويو. سيليوڪس کي جڏهن خبر ملي تہ هند ۽ سنڌ جا بادشاهہ بغاوت ڪري خود مختيار ٿيا آهن، تڏهن هو هڪ وڏو لشڪر وٺي اچي پنجاب تي ڪڙڪيو. جهلم جي ڪناري تي هڪ وڏي جنگ لڳي جنهن ۾ سيليوڪس شڪست کاڌي. هن نہ فقط پنجاب ۽ سنڌ تان هٿ کنيو پر ان سان گڏ جنگ جي چٽي پري ۾ پنهنجي ڌيءُ جو سنگ چندرگپت کي ڏنو. انهيءَ رشتي سبب قديم زماني جو هڪ مشهور ليکڪ ميگامستنيز، پٽاليپترا ۾ ايلچي بنجي آيو. هن هندوستان ۾ رهي هندوستان بابت نهايت ئي ڪارآمد مواد لکيو آهي، جنهن مان ان وقت نندي ڪنڌ جي سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جو پتو پوي ٿو. ميگاستنيز جون لکتون پوءِ جي تاريخ دانن ۽ ليکڪن لاءِ هڪ ماخذ جو درجو رکن ٿيون[37] ۽ ڪيترن ئي يوناني ليکڪن ان مان حوالا ۽ مضمون هٿ ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيا آهن.

چندرگپت هڪ نهايت ئي طاقتور بادشاهہ هو، ان ڪري جيستائين هو جيئرو هو تيستائين ڪنهن بہ ڌارئي قوم کي، نندي ڪنڌ تي حملي ڪرڻ جي همت نہ ٿي. سندس پٽ بندوسارا ۽ پوٽو اشوڪا بہ چندرگپت وانگر طاقتور حاڪم هئا ۽ پوءِ موريا گهراڻي جا بادشاهہ سست ۽ نااهل ٿي ويا. جنهن سبب سنڌو ماٿر تي ٻاهريان حملا جاري رهيا. سڀ کان پهرين جن انهيءَ ڏس ۾ پاڻ ملهايو اهي باختر جا يوناني هئا، جن سڪندر جي وفات کان پوءِ اتي هڪ آزاد ۽ طاقتور حڪومت ناهي هئي. يوٿيڊيوس پهريون باختري بادشاهہ هو جنهن سنڌو ماٿر تي حملو ڪري پنجاب ۽ سنڌ جي ڪجهہ حصن تي قبضو ڪيو.[38] ڪائنس پوءِ سندس پٽ ڊميٽريس، هندوستان تي حملو ڪري سڄي سنڌو ماٿري کي پنهنجي تصرف ۾ آندو. باختري يونانين جي انهيءَ ساڳئي خاندان مان مناندر نہ فقط سنڌ ۽ پنجاب کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو[39] پر ان سان گڏ راجپوتانا، مالوا ۽ ڪاٺياواڙ تي بہ ڪامياب حملا ڪيا. هن هندوستان جي

تختگاھ پتاليپترا تي قبضي ڪرڻ خاطر وڏي ڪٽڪ سان حملو ڪيو ۽ متَرا تي قبضو ڪري اتي ماڻهن جو قتلام ڪيائين. سنڌس حملي کي سنگا گهراڻي جي شهزادي پشيامترا نهايت ڪاميابي سان روڪيو ۽ ڪيس مجبور ڪيو تہ واپس وڃي.[40] انهن لاهن چاڙهن هوندي بہ مناندر جو قبضو نہ فقط سنڌو ماٿر تائين محدود رهيو پر ان سان گڏ ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ بہ سنڌس سياسي زير اثر رهيا. باختر جي يونانين جي حڪومت گهڻو جٽاءُ نہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ڪين سنڌن ملڪ ۾ پارٿين بادشاهن هٿان شڪستون مليون ۽ پهرين صدي. ق.م جي سنڌس پڇاڙي آئي. ان ڪري سنڌن حڪومت جو دائرو افغانستان جي ڪن حصن ۽ سنڌو ماٿر تائين محدود رهجي ويو.

## ستيا ۽ ساڪا قومون:

جڏهن تہ مٿي بيان ڪيل واقعا، باختر ۾ ٿي رهيا هئا. ان وقت هڪ نئين قوم ايرندي ڪان منهن ڪديو ۽ باختر ۽ بين علائقن ۾ پکڙجي ويئي. اها يوچي قوم هئي جي گهڻو ڪري خانہ بدوش وحشي هئا ۽ سنڌس رهڻ جو هنڌ تاڪلا مڪان ۽ سڪيانگ جا بيا علائقا هئا. سنڌن ڦر لٽ وارين ڪاروائين کي ختم ڪرڻ لاءِ، چين جي شهنشاھ چن - شي - هئانگ - تي (247 کان 210 ق.م) ڪين پهنجي ملڪ مان تڙي ڪديو. پر تاريخ مان ثابت ٿيو آهي تہ لڏپلاڻ جو اصل سبب اهو هو جو تاڪلا مڪان وارو بر پٽ سنڌن گذران لاءِ بلڪل بيڪار ثابت ٿي چڪو هو. ان ڪري هو پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ۽ پنهنجي مال جي گاھ پني هٿ ڪرڻ لاءِ اولهہ طرف آباد ملڪن ڏانهن جهلون ڪرڻ لڳا. لڏپلاڻ ڪرڻ وقت هنن هڪ لک تير انداز تيار ڪيا جن کي هو اڳواٽ موڪليندا رهيا تہ جيئن اهي ميدان صاف ڪندا رهن. نيتجو اهو نڪتو جو تورڙي ئي وقت اندر اهي وچ ايشيا جا مالڪ ٿي ويا. باختر جي يوناني حڪومت جنهن اڳيئي پارٿيا هٿان گهڻو ڪي سنو هو، سا يوچي لوڪن جي حملن سبب ختم ٿي ويئي. يوچي جي هڪ شاخ جنهن کي ستيا سڏيو وڃي ٿو افغانستان کان ٿيندي، سرحد اڪري، نندي ڪنڌ تي حملو ڪيو ۽ پنجاب جي وڏي حصي تي قبضو ڪري ورتو. سنڌ ۽ سنڌوماٿر جا بيا حصا ڪجهہ وقت پوءِ ڪُشن سلطنت ۾ ڳنڊيا ويا جي پڻ ستيا قوم مان هئا. هن قوم جو پهريون بادشاھ

جنهن پنجاب تي پنهنجو تسلط قائم ڪيو، ڪڊ فائيز پهريون هو جنهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هن ٽيهه سال (15-45ع) حڪومت ڪئي. ڪائنس پوءِ سندس پٽ تخت تي ويٺو جنهن جو نالو پڻ ساڳيو هو. ان کان پوءِ ڪنشڪا تخت تي ويٺو. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ڪنشڪا هڪ باهمت ۽ طاقتور بادشاهه ٿي گذريو آهي. سندس دور ۾ ڪُشن سلطنت جو حدون باختر کان بنارس تائين ۽ ڪشمير کان ڪانياواڙ تائين پکڙيل هيون.[41] هن چين کي فتح ڪرڻ خاطر پڻ فوجون موڪليون پر اهي ڪا خاص سوڀ حاصل نه ڪري سگهيون. چاڪاڻ ته چين ۽ ڪُشن سلطنت جي وچ ۾ اڙانگا رستا هئا. جبلن ۽ بيابانن سبب رسد جو سامان فوجن کي رسي نه سگهيو. پر ان هوندي به هن لائق بادشاهه جي حڪومت باختر، سيڪانگ، ڪوٽان ۽ اولهه تبيٽ تي قائم ٿي چڪي هئي. جا هڪ وڏي سوڀ سمجهڻ گهرجي. ڪنشڪا راجا ٻڌ مذهب جو وڏو سرپرست تصور ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته سندس ڪوشش سان اهو مذهب سنڪيانگ، منگوليا ۽ چين جي ڪن حصن ۾ نهايت تيزي سان پکڙي رهيو هو.

ڪنڪشا 28 سال حڪومت ڪئي ۽ ڪائنس پوءِ سندس پٽ هوسشڪا تخت تي ويٺو. هوسشڪا پنهنجي لاءِ هڪ نئون تخت گاهه ڪشمير ۾ ٺهرايو، جنهن کي هن هوسشڪاپور نالو ڏنو. انهيءَ شهر کي هن سهڻي محلاتن. اعليٰ قسم جي مندرن ۽ مڙهين (خانقاهن) سان سجايو. اهڙي طرح جو اهو پوءِ انهن ٻڌمت جي ياترين لاءِ زيارت گاهه بنجي ويو جيڪي ڏوراهين ملڪن مان ننڍي کنڊ ۾ ايندا هئا. ٻڌ ڌرم جي برتري کي ننڍي کنڊ ۾ هوسشڪا جي پٽ واسديو ڪاري ضرب رسائي. جو هن ٻڌ ڌرم کان بيزاري ڏيکاري هندو ڌرم کي وري زور ونايو. انهيءَ حقيقت جي تصديق واسديو جي سڪن مان ٿئي ٿي جن تي شومهاراج ۽ سندس ڍڳي جو شڪليون ڏنيون ويون آهن. ساڳئي وقت واسديو آرين جي پراڻي رسم، گهوڙن جي قربانيءَ جو رواج پڻ وڌو. جنهن سبب ڪيس هندو مذهب جو وڏو همتائڻ وارو مڃيو ويو آهي. اها قرباني پوءِ گپتا گهراڻي جي شهنشاهن به رائج ڪئي، جي ڪُشن گهراڻي کان پوءِ ننڍي کنڊ جي سياسي اقتدار جا مالڪ بنيا. ڪُشن گهرائي ۾ مذهبي ۽ سياسي قوت سبب انهيءَ جو اثر واسديوکان پوءِ بلڪل گهٽجي ويو.[42] پر ان هوندي به انهن جا شهزادا سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا. تان جو گپتا گهراڻي جي بادشاهه

چندرگپت سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو. پر اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪيترو حصو سنڌن اثر هيٺ رهيو. ڇاڪاڻ تہ ايران ۾ ان وقت هڪ نهايت طاقتور سلطنت ساساني گهراڻي طرفان قائم ڪئي ويئي هئي. جنهن جو سنڌ جي وڏي حصي تي اثر هو. ڀانئجي ٿو تہ سنڌوندي جي اولهہ وارو ملڪ سلسانين جي هٿ ۾ هو ۽ اوڀر وارو حصو گپتا گهراڻي جي زير اثر رهيو.

## سفيد هُن:

سفيد هن بہ سٿيا قوم وانگر وچ ايشيا مان هجرت ڪري سنڌو ماٿر ۾ پهتا، ۽ انهن جي يلغار سبب گپتا گهراڻي جي پڇاڙي آئي. هو اتر اولهہ وارن علائقن ۾ ٽيهن سالن تائين طاقتور رهيا ۽ انهن هندوستان جي اندرين علائقن ۾ ڪيترائي حملا ڪيا. هن قوم جا بہ بادشاهہ نهايت ئي طاقتور سمجهيا وڃن ٿا. تورمانا (500 کان 510ع) ۽ مهوڪولا (510 کان 540)، ۽ انهن مان پويون تہ وحشي صفت ظالم هو. پنجاب ۽ سرحد جي مقامي راجائن گڏجي مهوڪولا سان جنگ ڪئي ۽ کيس شڪست ڏيئي ڪشمير ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو. مهوڪولا ڪشمير ۾ هڪ گهراڻي جو بنياد پڻ وڌو، پر پوءِ هن گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪيو ۽ سن 540ع ۾ گذاري ويو.[44] سندس موت سبب سنڌو ماٿر ۽ پڻ نندي ڪنڌ هُن قومن جي حملي جو ڊپ ختم ٿي ويو ۽ هر هنڌ خودمختار حڪومتون قائم ٿي ويون. سنڌ ۾ پڻ راءِ ڏياچ نالي هڪ ٻڌمت جي راجا، جنهن جو چتور جي راجائن سان مائٽاڻو سٻنڌ هو تنهن پنهنجي خاندان جي حڪومت جو بنياد وڌو. جنهن کي چچ نامي ۾ راءِ گهراڻي جو نالو ڏنو ويو آهي. انهيءَ گهراڻي جي حڪومت جو دائرو اتر ۾ ڪشمير ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين وڌيل هو ۽ اوڀر ۾ ٿر کان ونئي اولهہ ۾ مڪران تائين سيني قبيلن تي سندس راڄ هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مڪران ۽ بلوچستان جي علائقن کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي راجائن، ايران جي ساساني فوجن سان ضرور جنگ ڪئي هوندي. راءِ گهراڻي جي حڪومت جي پڇاڙي راءِ سهاسي ٻئي جي زماني ۾ ٿي جو هو پاڻ بي اولاد مري ويو ۽ سندس راڻي سندس وزير چچ سان ساز باز ڪري کيس تخت تي ويهاريو. چچ جيئن تہ هندو برهمڻ هو انڪري هن برهمڻ خاندان جي حڪومت جو پايو وڌو.[45] برهمڻ گهراڻي جا ئي

راجائون تخت تي وينا. چچ پهريون راجا هو ۽ ڪائنس پوءِ سندس ڀاءُ چندر اٺ سال حڪومت ڪئي. چندر کان پوءِ چچ جو پٽ راجا ڏاهر سنڌ جو ڌڻي ٿيو. سندس حڪومت جي دور ۾ سنڌ تي ايران کان عربن طرفان ڪئين حملا ٿيا، پر اهي ناڪامياب ويا. آخر ۾ محمد بن قاسم حملو ڪيو. راجا ڏاهر راوڙ جي ميدان ۾ عربن سان جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو. اهو واقعو سن 93هه/ 711-712ع جي عمل ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ عربن جي حڪومت قائم ٿي ويئي. پهرين دمشق جي خليفن جا گورنر ايندا رهيا ۽ ان کان پوءِ عباسين جا نمائندا. تان جو منصوره ۾ عربن جي هڪ خود مختار حڪومت قائم ٿي جنهن جو خاتمو راجستان مان حملو ڪندڙ سومرا قوم جي راجپوتن هٿان ٿيو.

---

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، ص 174، 594.

(2) اينشنٽ ٽائمس، ص 111، اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، ص174، 597.

(3) هسٽري آف پرشيا، جلد 1، ص 62.

(4) اينشنٽ ٽائمس، ص 128-129.

(5) گزيٽير آف سنڌ (ايڪٽن)، ص 85.

(6) ايراني شهنشاهت جي ويهين سئٽرپي (صوبي) جي حدن جو پورو پورو ڪاٿو نہ ڪيو ويو آهي. پر اهو ظاهر آهي تہ ان ۾ سالٽ رينج کان عربي سمنڊ تائين سڄو علائقو شامل هو. هندوستان جي اوائلي تاريخ (دي سمٿ)، ص 368.

(7) دارا ٽئين سڪندر کي، سلطنت ورهائڻ جي آڇ بہ ڪئي هئي جنهن ۾، فرات ندي جي اولهہ وارا سڀ ملڪ هن يونانين کي ڏيڻا ڪيا ۽ پڻ پنهنجي ڌيءَ رخسانہ جو سڱ بہ سڪندر کي ڏيڻو ڪيو هو. ڏسو، شام جي تاريخ، ص 233.

(8) اوسڪانا کي اروڙ ۽ پڻ مهورتا وارين ايراضين سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي. ڏسو ڪننگهام جو ڪتاب، هندوستان جي قديم جاگرافي، جلد 1، ص 283، ونسينٽ سمٿ ان کي الور سان تشبيهہ ڏني آهي. هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 105.

(9) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 106.

(10) ايضاً، ص 118.

(11) ايضاً، ص 167، 199.

(12) باختر ۽ هندوستان جا يوناني، ص 142.

(13) ايضاً، ص 155.

(14) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 238.

(15) ايضاً، ص 245.

(16) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 277.

(17) چچ نامو (فارسي)، ص 15.

(18) هندوستان جي قديم جاگرافي، جلد 1، ص 270.

(19) چچ نامو (فارسي)، ص 23.

(20) ايضاً، ص 40، 41.

(21) فتوح البلدان، ص 442.

(22) چچ نامو (فارسي)، ص57، 58.

(23) ايضاً، ص 186.

(24) ايضاً، ص 44.

(25) ايضاً، ص 70.

(26) ايضاً، ص 182، 183.

(27) امپيريل گزيٽير (بمبئي پريزيڊنسي)، جلد 1، ص 198.

(28) وچ اوڀر جي قديم تاريخ، ص 176.

(29) ايضاً، ص 272.

(30) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 228، 390، 391.

(31) دارا پهرئين جو ڪتبو، ڏسو فارس جي تاريخ، جلد 1، ص 156.

(32) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 37.

(33) شام جي تاريخ، ص 233.

(34) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 71.

(35) سنڌ گزيٽير (ايٽڪن)، ص 86.

(36) شام جي تاريخ، ص 235.

(37) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 121.

(38) حيرت انگريز هندوستان (ڀاشر)، ص 58.

(39) باختر ۽ هندوستان جا يوناني، ص 142.

(40) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 225.

(41) هندوستان جي هڪ تاريخ (مورليئنڊ ۽ چيٽرجي)، ص 76.

(42) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 272.

(43) ايضاً، ص 273.

(44) ايضاً، ص 319.

(45) چچ نامو (فارسي)، ص 25.

# عربن جي فتح کان اڳ
# سنڌ جون حالتون

سياسي حالتون - انتظامي جوڙجڪ - قانون ۽
انصاف - سماجي حالتون - گهرو زندگي - ريتون
رسمون - کاڌو يا کاڄ - اقتصادي حالتون -
ٻولي ۽ ادب - مذهبي حالتون

### باب چوٿون

# عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ جون حالتون

## سياسي حالتون:

سنڌ هڪ ميداني علائقو آهي ۽ ڏکڻ ۾ هندي سمنڊ کان سواءِ ٻي ڪا بہ روڪ نہ آهي، جيڪا ٻاهرئين حملي کي روڪي سگهي. اوڀر ۾ البتہ ڪي ٽڪريون ۽ جبل آهن. پر اهي ايترا اوچا نہ آهن جو دشمن جي لشڪر کي روڪي بيهارين. ان ڪري سنڌ جي سرحدن تي هر وقت جدا جدا قومن جا حملا ٿيندا رهيا. جن مان ڪي ڪامياب ويا تہ ڪي ناڪامياب. سنڌ جا ماڻهو پڻ صلح پسند ۽ سادا آهن. ان ڪري سنڌ جو مُلڪ دشمن قومن لاءِ هڪ قسم جو شڪارگاهہ ٿي رهيو. جنهن سبب هر ڪو فاتح جيڪو خيبر مان لنگهي پنجاب ۾ داخل ٿيو ان سنڌ تي پڻ حملو ڪيو. خيبر کان سواءِ بولان لڪ مان بہ دشمن قومن جون فوجون حملا ڪنديون رهيون. پر ٽيون رستو جيڪو مڪران جي ڪناري کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو، سنڌ جي عرب دؤر لاءِ نهايت ئي اهم هو. ڇاڪاڻ تہ هي اهو رستو آهي جيڪو عربن جي لشڪر سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو. اهو ساڳيو رستو سڪندراعظم سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس ويندي اختيار ڪيو هو.

عربن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ تي هڪ هندو راجا ڏاهر جي حڪومت هئي جنهن جو عراق جي وائسراءِ الحجاج سان جهڳڙو ٿي پيو.[1] راجا ڏاهر برهمڻ گهراڻي جو ٽيون نمبر بادشاهہ هو ۽ ان جو باني سندس پيءُ راجا چچ بن سيلائج هو. چچ جي مرڻ کان پوءِ سندس وصيت مطابق سندس ڀاءُ چندر تخت ڏٺي ٿيو. چندر کان پوءِ راجا ڏاهر سنڌ جي تخت تي ويٺو. چچ اصل ۾ برهمڻ ذات جو هو ۽ مير منشي هو. هو وزارت جي عهدي تي پنهنجي اعليٰ لياقت ۽ صلاحيت تي پهتو ۽ ان کان پوءِ هن سنڌ جي برهمڻ خاندان جي حڪومت جو پايو وڌو. سنڌ جي برهمڻ ۽ راءِ خاندان جي ڇاڻ چچ نامي مان پوي ٿي، جو پڻ ڪن حالتن ۾ اعتبار جوڳو نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪو تاريخي سلسلو چچ نامي ۾ ڏنل آهي، ان جي پنيرائي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ ٿيل آهي. اهو ظاهر تو ٿئي تہ گپتا گهراڻي جي سلطنت شاهي جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ سنڌ تي انهن ماڻهن

خودمختار حڪومت قائم ڪري ڇڏي، جي ان وقت اثر رسوخ وارا هئا يا گپتا گهراڻي جي پاران اتي گورنر مقرر ڪيا ويا هئا. گپتا خاندان جي وڏي ۾ وڏي ۽ اهم ڪوشش اها هئي تہ هندو مذهب کي نئين ڪنڌ جي سيني حصن ۾ وري اوج تي رسايو وڃي. پر سنڌو ماٿر ۾ سنڌن اها ڪوشش بلڪل ناڪام ثابت ٿي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا ماڻهو، ٻڌمت تي قائم رهيا ۽ اهو مذهب نہ رڳو ان وقت سنڌوءَ جي واديءَ ۾ زور هو پر ان جو زوردار اثر افغانستان ۽ وچ ايشيا تائين پڻ محسوس ڪيو ٿي ويو. اهو ثابت نہ ٿي سگهيو آهي تہ سنڌ ۾ ٻڌ مذهب جي راءِ گهراڻي جي حڪومت جو پايو ڪڏهن ۽ ڪيئن پيو. پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ انهيءَ خاندان جي پنجن راجائن سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ سنڌن راڄ جو جملي عرصو 184 سال هو.[2] راءِ ڏياچ (ديواجي) جنهن لاءِ چيني سياح هيونتسيانگ ٻڌايو آهي تہ هو شودر هو جو هن گهراڻي جو باني هو. هيونتسيانگ لکي ٿو تہ سنڌ ۾ ان وقت ڏهہ هزار ٻڌ پروهت (شمني) هئا ۽ اهي گهڻو ڪري سست ۽ نشئي هئا. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي هيٺين حصي جو نالو او - تئن - پو - چي- لو هو ۽ ان جو مکيہ شهر "پي - تو- چي - لو" هو. پي - تو- چي - لو (پٽالا) تائين پهچڻ جي لاءِ هيونتسيانگ، ڪڇ جي شهر ڪوٽيسر مان 700 لي (119 ميل) پنڌ ڪيو ۽ پوءِ اتان 300 لي (51 ميل) پنڌ ڪري آوندا پهتو جنهن کي هن "او - فان - چا" جو نالو ڏنو آهي. آواندا کي هاٽوڪي برهمڻ آباد جي ڪنڊرن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، ۽ اُهي اڄ بہ حيدرآباد شهر کان اٽڪل 51 ميل جي فاصلي تي آهن. هيونتسيانگ جو چوڻ آهي تہ هو آوندا ۾ رشي تٿاگاتا جي رک جو ديدار ڪرڻ آيو هو، جنهن جي ڏيلي ڪولڻ سان نور جو شعاع لاٿون ڪري ٻاهر نڪرندو هو،[3] ۽ زيارتي حيرت ۾ پئجي سجدي ۾ ڪري پوندا هئا. چچ جي زماني ۾ آوندا يا برهمڻ آباد جو شهر جت ۽ لهاڻا قبيلن جي قبضي ۾ هو. ان جو ٻڌ شمني اهڙو تہ طاقتور هو جو چچ کي صلح ڪرڻ خاطر سندس شرط مڃڻا پيا.

سنڌ جي حڪومت جنهن ۾ ان وقت بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب جا ڪجهہ حصا شامل هئا طاقتور ۽ آباد هئي. ان جي زمين زرخيز ۽ ماڻهو خوشحال هئا. اها هندوستان کان هاڪڙي / واهندا درياءَ جي وسيلي جدا هئي جو، هاٽي ٿر جي واديءَ اندر سڪي ويو هو. هيونتسيانگ درياءَ جو نالو "سن تو" ٻڌايو

آهي. ساڳيو نالو سنڌ ملڪ جو هو. راءِ ڏياچ کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهارس پهريون تخت ڌڻي ٿيو ۽ ان کان پوءِ راءِ سهاسي پهريون سنڌ جو راجا ٿيو. راءِ سهارس پهرين جي زماني ۾ ايران جي نيمروز علائقي مان سنڌ تي حملو ٿيو جو پائنجي ٿو تہ ايران جي شهنشاه يزدجرد جي طرفان ٿيو.[4] يزدجرد، عربن جي هٿان شڪست کائي ڪرمان ڏانهن ڀڳو هو. اهو بہ ممڪن آهي تہ اها چڙهه عربن طرفان تي هجي جن يزدجرد جي ڳولا ۽ پڻ مال غنيمت جي هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجيون فوجون موڪليون هجن. راءِ سهارس مقابلو ڪيو پر هن شڪست کاڌي ۽ جنگ ۾ مارجي ويو. ايران مان آيل فوجن اڳتي وڌڻ جي بدران، هٿ ڪيل مال غنيمت تي اڪتفا ڪئي ۽ واپس پنهنجي ملڪ جو رخ رکيو. راءِ سهاسي ٻيو جو انهيءَ کان پوءِ تخت تي وينو تنهن جنگ ۾ ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو. سرحدن کي وري نئين سر مضبوط ڪيو ۽ ملڪ ۾ امن امان آندو.

راءِ سهاسي ٻيو بنا اولاد جي مري ويو ۽ ڪائنس پوءِ سندس وزير چچ تخت نشين ٿيو، جنهن ۾ محلاتي سازش ۽ ٻيوهہ راڻيءَ جو وڏو هٿ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.[5] اهي حالتون وزير جي اخلاق ۽ ڪردار جي عڪاسي ڪن ٿيون جنهن پنهنجي مطلب خاطر پنهنجي مالڪ سان دغا ڪئي. اهو طريقو پوءِ بہ ڪيترين ئي حالتن ۾ جاري رهيو . چچ جنهن سچا سارا چاليهہ سال سنڌ تي حڪومت ڪئي تنهن کي مشهور ڪرڻ ۾ رام جو هٿ هو، جو ان وقت راءِ سهاسي جو وڏو وزير ۽ مک صلاحڪار هو. هن پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات "مير منشي" جي عهدي سان ڪئي. رام جي وفات کان پوءِ کيس ئي وزير مقرر ڪيو ويو. انهيءَ نئين عهدي تي رسڻ سبب، هن جي محلات جي رهواسين سان لهہ و چڙ، خاص ڪري راڻي سونهديوي سان، جا چچ جي جواني تي هرکي پئي ۽ راجا جي گذاري وڃڻ لاءِ پهہ پچائيندي رهي. راءِ سهاسي ٻيو پنهنجي موت مئو يا کيس زهر ڏنو ويو، انهيءَ بابت تصديق سان ڪجهہ ڪين ٿو چئي سگهجي. پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ چچ، راڻيءَ جي عشق ۽ ان جي اڪير کي پهرين نڪرائيندو رهيو. پر ان هوندي بہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ غير فطري لاڳاپو جاري رهيو. اهو ئي سبب آهي جو راجا جو موت وقت کان اڳ ٿيو. جنهن ۾ هو موت جي بستري تي گهڻو وقت رهي گذاري ويو. گمان آهي تہ راڻي پوڙهي راجا کي ٿارڻ لاءِ زهر جي پڙي ڏني تہ جئين چچ سندس جگهہ تخت ڌڻي ٿي

سگهي. عالم آشڪار آهي تہ راجا جي مرتيي جي خبر ڳجھ وقت لڪائي رکي ويئي هئي، جيستائين راجا جا قرابتي ۽ عزيز، جيل نہ موڪليا ويا هئا. ان ڪان پوءِ اها ڳالھہ ظاهر ڪئي ويئي ۽ ماڻهن تي زور رکيو ويو تہ اهي نئين راجا جي آڻ مڃين، ۽ ان کي پنهنجو بادشاھہ تسليم ڪن. انهن چچ ۽ بي وفا راڻيءَ جي ڪيل گناھ جي ڪابہ پرواھہ نہ ڪئي، ۽ چچ کي پنهنجو راجا مڃڻ تي مجبور ٿي ويا.

چچ سنڌ ۾ برهمڻ خاندان جي حڪومت جو باني تسليم ڪيو وڃي ٿو. اصل ۾ سنڌي هو ۽ هن ملڪ جو رهاڪو هو. ان ڪري هو پهريون خاندان آهي جو سنڌ جي تاريخ ۾ مقامي حيثيت رکي ٿو. چچ نامي مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ راءِ گهراڻي جا راجائون بہ درحقيقت پاهريان آيل هئا. يعني تہ ذاريان هئا، ۽ راجپوتانا جا رهاڪو هئا. راءِ سهاسيءَ جي وفات ڪان پوءِ جڏهن چچ تخت تي ويٺو تڏهن چتور جي راجا، راڻي مهورت جو راءِ سهاسي ٻئي جو سوٽ هو سنڌ تي حملو ڪيو.[6] پر چچ حڪمت عملي ڪان ڪم وٺي ڪيس شڪست ڏني. انهيءَ واقعي مان بہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. يا تہ راءِ گهراڻي وارا راجائون اصل ۾ چتور جا هئا، يا تہ چتور ۽ ان جا گڏ ٻيا علائقا، ان وقت سنڌ جي سلطنت ۾ شامل هئا، جنهن جون حدون ڏکڻ ۾ گجرات ۽ ڪانياواڙ، اتر ۾ پنجاب ۽ پاڳناڙي، اولهہ ۾ قلات ۽ مڪران تائين وڌيل هيون.

راجا چچ چاليهن سالن جي حڪومت ۾ سنڌي سلطنت جا سيئي علائقا هٿ ڪيا. باغي حاڪمن خلاف جنگيون ڪيون ۽ ملڪ کي وري نئين سر منظم ڪيو. سندس دؤر ۾ سنڌ جون حدون اتر ۾ ڪشمير تائين ۽ اولهہ ۾ مڪران ۽ ڪيڪانان تائين وڌيل هيون. جنهن ۾ اسڪلنده، ملتان، سيوستان، برهمڻ آباد، ارمابيل، قندابيل ۽ ٻيا شهر اچي ٿي ويا. ثابت ٿيو آهي تہ برهمڻ آباد جي جتن ڪان سواءِ، ٻئي ڪنهن بہ هنڌ چچ جي مخالفت نہ ٿي. چچ انهن کي نہ فقط شڪست ڏيئي زير ڪيو، پر انهن تي اهڙيون مصيبتون مڙهيون جو اهي وري اسري نہ سگهيا. چچ سنڌ جو پهريون حاڪم آهي جنهن سنڌ ۽ ڪشمير جي وچ ۾ سرحدون مقرر ڪيون. چچ نامي ۾ لکيل ڪشمير مان مراد آهي اتر پنجاب جنهن ۾ لاهور ۽ پنڊيءَ جا علائقا اچي وڃن ٿا.

راجا چچ پنهنجي پاءُ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو. ان ڪري سندس مرڻ ڪان پوءِ راجا چندر تخت تي ويٺو ۽ هن اٺ سال حڪومت ڪئي.

چندر اصل ۾ هڪ برهمڻ هو ان ڪري هُن برهمڻن ڪي زور وٺايو. هو پنهنجو سچو وقت مذهبي ۽ فلسفي بحث مباحثي ۾ صرف ڪندو رهيو. هن برهمڻن ۽ اعليٰ تعليم يافته ماڻهن کي انتظامي جوڙ جڪ ۾ اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيو. جنهن سبب ملڪ جو انتظام نهايت ئي اعليٰ درجي جو ٿي ويو. مخالفت ۽ بغاوت ختم ٿي ويئي ۽ عوام امن سان خوشحالي جي زندگي گذارڻ لڳو. چندر جي وفات کان پوءِ راجا چچ جو پٽ ڏاهر تخت تي ويٺو. ۽ اهو ڏاهر ئي آهي، جنهن جي حڪومت جي دؤر ۾ محمد بن قاسم الثقفي جي هٿ هيٺ عربن جو حملو ٿيو، ۽ سنڌ برهمڻ خاندان کان کسجي عربن جي هٿ ۾ آئي.

راجا ڏاهر هڪ نهايت ئي لائق ۽ ڏاهو بادشاهه هو. پر هن سنڌ جي عوام کي مستقل طور تشدد ۽ ظلم هيٺ رکيو. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌ جو عوام ٻڌ مذهب جو پوءِ لڳ هو. راجا ڏاهر ۽ ان جو خاندان هندو برهمڻ هو. ان ڪري حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ اتڪاءُ لازمي هو. چاڪاڻ ته راجا چچ جي زماني کان وني ٻڌمت جي ماڻهن تي تذليل آميز بندشون ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون هيون. انهن کي گهٽ ذات جو تصور ڪيو ٿي ويو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهن ۾ عام ناراضگي هئي. سنڌ جي مکيه ذاتين جهڙوڪ سما، سهتا، ٻٽا، لهاڻا، جت، ميد وغيره خلاف ظلم ۽ زبردستي روا رکي ويئي ته، جيئن اُهي حڪومت جي خلاف ڪجهه ڪري نه سگهن. مذهب کان سواءِ ٻي اهم ڳالهه هي هئي جو هندو راجائن سنڌ جو تخت ٺڳي ۽ دولاب جي طريقن سان هٿ ڪيو هو. يعني ته راڻي سونهديوي سان عشق رچائي، راءِ گهراڻي جي راجائن کان حڪومت کسي هئي. ان ڪري سنڌ جي عوام ۾ ناراضگي ڦهليل هئي. چاڪاڻ ته انهن راءِ گهراڻي وارن کي سنڌ جو جائز ۽ قانوني حاڪم تصور ڪيو ٿي ۽ نه ٻئي ڪنهن کي. چچ نامي مان ثابت آهي ته سيوهڻ ۽ نيرون ڪوٽ جي گورنرن، محمد بن قاسم جي حملي کان گهڻو اڳ عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي سان تعلقات قائم ڪيا هئا. لکپڙهه رستي آڻ به مڃي هئي ته مقرر ڪيل ڏن به اڳواٽ ڏياري موڪليو هو.

جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ۾ پهتو تڏهن انهن پنهنجي شهرن جي قلعن جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ نه فقط کين کاڌ خوراڪ ۽ رسد مهيا ڪري ڏنائون پر فوج جا جٿا به عربن سان شامل ڪيائون ته جيئن انهن کي سنڌ جي ٻين شهرن

۽ حصن کي فتح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. چچ نامي ۾ ڏنل بيان ته راجا ڏاهر تخت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي بلڪل غلط آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته مسلم تاريخ نويسن هندو راجا کي بدنام ڪرڻ خاطر اهو فقرو جوڙيو آهي ته جيئن دنيا جي اڳيان ڪيس اخلاق جو ڪريل ثابت ڪيو وڃي. تاريخ مان جنهن جو سچو سارو ماخذ، مخالف جي قلم وسيلي حاصل ٿيو آهي، ان مان ظاهر آهي ته راجا ڏاهر هڪ بهادر، دلير، ديانتدار، مهمان نواز ۽ عزت وارو اعليٰ انسان هو. هن پنهنجي اعليٰ عزم ۽ اخلاق جو مظاهرو انهيءَ وقت ڪري ڏيکاريو، جڏهن ڪيس حجاج بن يوسف ثقفي ڪان اهڙو مراسلو پهتو، جنهن ۾ ڪيس تنبيهه ڪيل هئي ته هو پنهنجي ملڪ مان انهن عربن سپاهين کي ڪڍي ڇڏي، جن حجاج جي ظلم ۽ ستم کان تنگ اچي سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهه ورتي هئي. اهي عرب علافي قبيلي جا هئا جن جو اڳواڻ محمد بن معاويه علافي هو. انهن مڪران جي گورنر کي قتل ڪري سنڌ ۾ پيچي پناهه ورتي. راجا ڏاهر کي انهيءَ ڳالهه جي به خبر هئي ته انڪار ڪرڻ جي حالت ۾ ڪيس وڏي مصيبت کي منهن ڏيڻو پوندو. پر مهمان نوازي ۽ انساني همدردي جي اصول تي ڪارفرما هئڻ سبب، هن حجاج جي نياپي جي ڪا به پرواهه نه ڪئي ۽ عرب پناهه گيرن کي پنهنجي ملڪ مان لوڏي ڪڍڻ ڪان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو انڪار سبب عربن سنڌ تي حملو ڪيو، ۽ راجا ڏاهر کان اهو ملڪ کسي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

وچئين دؤر جو سنڌ هڪ نهايت ئي عظيم ۽ وڏو ملڪ هو. جنهن جون سياسي حدون مغربي پاڪستان جي وڏي حصي تائين پکڙيل هيون ۽ ان جا چار وڏا صوبا يا پرڳڻا هئا: پهريون صوبو سنڌو ندي جي ايرندي ڪپ تي هو ۽ ان ۾ برهمڻ آباد. نيرون ۽ ديبل بندر جهڙا شهر هئا. ٻيو حصو الهندو سنڌ هو جنهن ۾ سيوستان، بڌيه، جنڪان، ڪوهه پايه ۽ روجهاڻ جا ملڪ شامل هئا ۽ اهو مڪران تائين ڦهليل هو. ٽئين صوبي ۾ اسڪلنده، پاٽيه، ڪتالواڙهه ۽ چچ پور جا شهر هئا. چوٿين ۾ ملتان، سڪ، برهمپور، ڪروڙ، اشهر، ڪميا ۽ ٻيا شهر شامل هئا ۽ ان جون حدون ڪشمير تائين وڌيل هيون.[7] انهن صوبن تي جدا جدا گورنر مقرر ڪيل هئا جي هر سال ڏن جي صورت ۾ مقرر ڪيل مال مرڪزي حڪومت ڏانهن ڏياري موڪليندا هئا. جيئن ته اهي پنهنجي حدن اندر

آزاد حاڪم هئا ان ڪري ائين بہ تيندو هو تہ اهي مرڪزي حڪومت خلاف بغاوت بہ ڪندا رهندا هئا. تاريخ مان ثابت آهي تہ اگهم (اگهيم) لهاڻو جو برهمڻ آباد جو گورنر هو تنهن موقعي جو فائدو وٺي چچ جي خلاف بغاوت ڪئي هئي، ۽ ڪيس ڏاڍي جاکوڙ کان پوءِ زير ڪيو ويو.[8] صوبن کان شهرن لاءِ بہ جدا جدا گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ اهو ساڳيو طريقو پوءِ عربن پڻ اختيار ڪيو. چچ نامي مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ گورنري جو عهدو گهڻو ڪري ٻڌ شمني کي ڏنو ويندو هو. اهو انهيءَ ڪري بہ هو جو عوام گهڻو ڪري ٻڌ مذهب جو هو انهن ٻڌ شمنين جو ماڻهن تي تمام گهڻو اثر رسوخ هوندو هو. ساڳئي وقت انهن ۾ دنيوي مال گڏ ڪرڻ جي لالچ پڻ ڪانہ هوندي هئي ۽ اهي نهايت پاڪ صاف مذهبي زندگي گذريندا هئا.

## انتظامي جوڙجڪ:

سنڌ جي سياسي جوڙ جڪ ۾ راجا جو مرتبو سيني کان وڏيڪ ۽ اعليٰ هو. سندس زبان مان ڪڍيل لفظ قانون جي حيثيت رکي ٿي ۽ عوام انهيءَ ڪي مڃڻ لاءِ ٻڌل هو. بادشاهہ کي وزير کان سواءِ هڪ محلاتي ناظر پڻ هوندو هو، جنهن جي ڊيوٽي محلات جي نظرداري، محلات جي انتظامن ۽ دربار جي تياري وغيره هوندي هئي. خزاني جي ڏيتي ليتي ۽ انتظام جو خرچ پکو بہ ناظر جي هٿ وس هو. ملڪي انتظام هلائڻ لاءِ بادشاهہ کي ڪامورن ڪڙن جي هڪ وڏي سيڪريٽريٽ (انتظاميہ) هئي جنهن ۾ ڪلارڪ ۽ ليکڪن جو وڏو تعداد رکيو ويندو هو. وزير هميشہ پڙهيل لکيل طبقي مان ڪنيو ويندو هو. اهڙي ماڻهوءَ کي انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ويندو هو جو تعليم سان گڏ حڪومت جي انتظام جي اعليٰ مهارت رکندڙ هجي. تکي سمجهہ، اعليٰ تعليم، سياسي ڄاڻ، ۽ گهڻو آزمودو، لياقتون هيون جيڪي هڪ وزير جي مقرري لاءِ ضروري هيون. اهڙي طرح ناظر لاءِ بہ اعليٰ لياقتن جو هجڻ لازمي هو ۽ انهيءَ جو عهدو وزير کان وڏيڪ اهم ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ اهو راجا ۽ عوام جي وچ ۾ "وچتر" جيان هو. جنهن جو ڪم هو بادشاهہ جي حڪمن کي عوام تائين رسائڻ ۽ عوام جي ڏک سور کي راجا تائين پهچائڻ. بادشاهہ وانگر ڪيس بہ هڪ انتظامي ادارو مليل هو ۽ هو هاڻوڪي حڪومت جي مک سيڪريٽري جيان هو. ناظر جو اهو بہ ڪم هو تہ هُو سرڪاري دفترن جي ديک بال ڪري ان جي

حفاظت ڪري ۽ جيڪا بہ روزاني لکپڙه ٿئي ان کي راجا جي اڳيان پيش ڪري. گورنرن ڏانهن ويندڙ لکپڙهہ، ڪاغذ پٽ وغيره جي حفاظت ۽ ان جي آمدني ۽ روانگي بہ ناظر جي سپرد ٿيل هئي.

حڪومت جي انتظاميہ ۾ راجا، وزيرن جي چوڻ سان راڄ هلائيندو هو، ۽ ڪو بہ اهڙو ڪم نہ ڪندو هو جنهن ۾ وزيرن جي صلاح نہ هجي. اها ٻڌيمن جي صلاح هئي جنهن جي وسيلي راجا ڏاهر پنهنجي پاءُ ڏهر سين تي سوڀ حاصل ڪئي جنهن الور جي قلعي کي گهيرو ڪري، ڪيس تمام گهڻو تنگ ڪيو هو.[9] ڪن حالتن ۾ راجا وزيرن جي صلاح کي ريٽي پنهنجي ذهن، عقل ۽ فڪر موجب ڪم ڪندو هو يا قدم کڻندو هو. ٻڌيمن وزير راجا ڏاهر کي اها بہ صلاح ڏني هئي تہ هو عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي سان صلح ڪري پر انهيءَ کي سنڌ جي خود سر راجا پسند نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ راجا ڏاهر موت کي ذلت جي زندگي کان وڌيڪ سٺو سمجهيو ۽ انهيءَ آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيائين.

سياسي انتظام جو مک ۽ وڏو هئڻ سان گڏ راجا ملڪ جو سالار اعليٰ پڻ هو. هو پنهنجي سر فوجون وٺي جنگ ڪندو هو ۽ ڌارين حملا آور فوجن خلاف صف آرائي پڻ ڪندو رهيو. انهيءَ ڏس ۾ تاريخن ۾ ڪافي مواد موجود آهي. راءِ سهاسي ٻئي پاڻ نيمروز مان ٿيل سنڌ تي حملي کي روڪيو هو.[10] اهڙي طرح چچ جو اصل ۾ برهمڻ هو ۽ ڪڏهن بہ سپهہ گيري جو فن نہ سکيو هو. انهيءَ پڻ باغي اميرن ۽ قبائلي سردارن کي زير ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪيون. چتور جي راجا مهورت کي بہ راجا چچ حملو ڪري ماري وڌو ۽ سندس آندل فوجن کي شڪست ڏيئي منتشر ڪري ڇڏيو. سندس پٽ راجا ڏاهر عربن خلاف نهايت بهادري سان مقابلو ڪيو پر جنگ ۾ مارجي ويو.[11]

سنڌ جا راجائون ڪافي فوجون پاڻ وٽ رکندا هئا. انهن کي فوجي اهميت جي تربيت ڏني ويندي هئي. ڪانئن فوجي مشقون پڻ ڪرايون وينديون هيون تہ جيئن اهي مقابلي لاءِ هر وقت تيار رهي سگهن. بندرن، شهرن ۽ سرحدي قلعن تي پڻ فوجون رکيون ويندريون هيون، ديبل بندر تي فوجن جو طاقتور جٿو رکيو ويندو هو تہ جيئن وقت تي ڌارين جي حملي جو مقابلو ڪري سگهجي. ديبل ۾ رکيل فوجن جي طاقت جو اندازو انهيءَ حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو، جو انهيءَ بندر تي محمد بن قاسم کان اڳ گهڻا ئي حملا ٿيا ۽

ناڪامياب ويا. عبدالله بن نبهان السلمي ۽ بديل بن طهفة الباهلي جهڙا آزمودگار جرنيل ديبل وٽ شڪست کائي مارجي ويا. پر اهي اهو بندر فتح نہ ڪري سگهيا.

مقابلي لاءِ جنگي جوڌا هندو طبقي مان پرتي ڪيا ويندا هئا. هندو ان وقت اقليت ۾ هئا. سنڌ جا ٻڌمت جا ماڻهو لڙائي، جنگ، جهيڙي ۽ خونريزي کان نہ فقط لهرائيندا هئا پر نفرت پڻ ڪندا هئا. البت جت قبيلا جي هاٿي پاڻ کي ٻروچ سڏائين ٿا، سنڌ جي راجائن کي گهٽي قدر مددگار ثابت ٿيا. ڇاڪاڻ تہ اهي نہ فقط ويڙهاڪ هئا پر سواريءَ ۽ جنگ ۾ لڏي ڪٽڻ، رسد جو مال پهچائڻ ۽ ندين تي پلون ٻڌڻ جا پڻ ماهر هئا. سنڌ جي عوام، راجا ڏاهر سان ڪا بہ همدردي ڪانہ ڪئي. ان جو سبب هيءُ هو جو راجا ڏاهر هندو مذهب جو پوءِ لڳ جو هو ۽ ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌ مذهب جا هئا. ٻيو تہ سنڌ جا ماڻهو راجا ڏاهر کي هڪ غاصب جو پٽ سمجهندا هئا، جنهن سندن موروثي ۽ جائز بادشاهہ جي حقن کي غضب ڪري، نڳيءَ ۽ دولاب سان سنڌ جو تخت هٿ ڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو عربن سان جنگ ڪرڻ خاطر راجا ڏاهر پورو لشڪر ڪنو نہ ڪري سگهيو ۽ ان ڪري شڪست کاڌائين ۽ مارجي ويو.

سنڌ جا قلعا ۽ ڪوٽ نهايت ئي طاقتور هئا ۽ اهڙي نموني ٺهيل هئا جو غنيم انهن تي سولائي سان سوپ حاصل نہ ڪري سگهيو. سنڌي قلعن جي مضبوطي بابت اسان کي ڪئين حوالا ملن ٿا. عرب پاڻ سان طاقتور جنگي مشينون ڪٺي آيا هئا. وٽن جيڪڏهن منجنيق ۽ دبابہ جهڙيون مشينون نہ هجن ها تہ، اهي ديبل جو ڪوٽ ڪيرائي نہ سگهن ها ۽ ساڳي ڪار سنڌ جي ٻين قلعن ۽ شهرن سان هئي. منجنيق مشينن جي رستي وڏيون وڏيون ڇپون قلعن جي ڀتين کي ڀڃڻ لاءِ اڇلايون وينديون هيون ۽ دبابہ جي رستي روغن ۽ بارود کي باهہ ڏيئي قلعي جي اندر اڇلايو ويندو هو، تہ جئين جاين، ڀتين، اناج جي ڀنڊارن ۽ ماڻهن کي باهہ وڪوڙي وڃي ۽ حملي آور فوجن کي قلعي ۾ گهڙي قتلام ۽ ڦرلٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. منجنيق مشين لاءِ ٻڌايل آهي تہ ان کي پنج سو ماڻهو گڏجي ڇڪيندا هئا تڏهن اها پٿر جا گولا قلعن ڏانهن اڇلائي سگهندي هئي. ڇچ نامي مان ثابت ٿيو آهي تہ طاقتور جنگي مشينن کان وڌيڪ وهم ۽ سوڻ جو ماڻهن تي اثر پيو. ديبل بندر جي اسٽوپا تي جيڪو

جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو انهيءَ باري ۾ سنڌين جو چوڻ هو تہ، انهيءَ جي حفاظت لکين ديوتائون ڪري رهيا هئا ۽ اهو ڪڏهن بہ ڪرڻ جهڙو نہ آهي. پر جڏهن عربن منجنيق جي پٿرن سان جهنڊو ڪيرائي وڌو، تڏهن سنڌي عوام کي يقين ٿيو تہ سوپ عربن جي آهي. انهن ڳالهين هوندي بہ اروڙ ۽ ملتان جي قلعن جو گهيرو ڪافي وقت جاري رهيو ۽ برهمڻ آباد جو گهيرو تہ ڇهن مهينن کان بہ وڌيڪ هلندو رهيو.[12] اهو ڏيکاري ٿو تہ سنڌ جا قلعا مضبوطي جي خيال کان نهايت ئي پڪا ۽ پختا هئا ۽ عربن جي ڪيل حملن خلاف پوري طاقت رکندا هئا. پر ان هوندي بہ اهي ڏارين هٿان فتح ٿي ويا. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌين پنهنجي خلاف پاڻ دغا ڪئي، ۽ اهي قلعا غداري ۽ بي ايماني سبب عربن جي ور چڙهي ويا.

اڪبر بادشاهہ جي درباري، ابوالفضل پنهنجي ڪتاب ۾ برهمڻ آباد جي قلعي جو تذڪرو ڪيو آهي، جو سنڌ جو اونهاري واري موسم جو تختگاهہ هو. سندس چوڻ آهي تہ برهمڻ آباد جي قلعي ۾ چوڏهن سو برج هئا[13] ۽ هر هڪ برج هڪ ٻئي کان ڪافي فاصلي تي ٺهيل هو. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ برهمڻ آباد واري قلعي چڱي موچاري ايراضي والاري هوندي ۽ اهو نهايت عقل، هوشياري، دور انديشي ۽ فن تعمير جي سيني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي ٺهرايو ويو هو. سندس اهو بہ چوڻ آهي تہ انهيءَ قلعي جا ڪي برج ان وقت بہ موجود هئا. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ جڏهن اهو قلعو زبون ٿي ڪنڊرن ۾ بدلجي چڪو هو، ان هوندي بہ ان جي برجن جو ٺهيل تلهو، چاليهہ فوٽ اپو هو. انهن برجن مان هڪ ڊنل برج کي چورن پنهنجو مرڪز بنايو هو، جو اتان وڏي ايراضيءَ تائين اهي مال ۽ ماڻهن جي چرپر تي نظر رکندا هئا. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي پوءِ انهيءَ برج کي ڊهائي پٽ ڪري ڇڏيو.[14]

سنڌي فوج ۾ سوار ۽ پيادا فوج شامل هئي، جيڪا وقت سر استعمال ڪئي ويندي هئي. تير انداز فوج کي جنگ وقت اڳئين صف ۾ بيهاريو ويندو هو. پر ڪن حالتن ۾ هاٿين جي اڳيان رکيو ويندو هو تہ جيئن اهي پنهنجي طاقت سان دشمن جي ڪيل اڳرائي کي روڪي سگهن. راوڙ جي جنگ ۾ راجا ڏاهر حملي آور فوج جي خلاف هاٿين کي فوج جي مهاڙ ۾ رکيو هو ۽ فوج جي اڳئين جٿي جي اڳواڻي بہ هُن پاڻ ڪئي هئي.[15] هاٿي طاقت جو سرچشمو

سمجهيا ويندا هئا. پر ساڳئي وقت اهي شڪست جو به وڏو سبب ثابت ٿيندا هئا. قادسيه جي جنگ ۾ ايرانين هاٿين جو هڪ وڏو تعداد جنگ ۾ آندو هو. انهيءَ مقصد لاءِ ته جيئن دشمن تي رعب وڌو وڃي، پر عربن انهيءَ کي مات ڪرڻ لاءِ اٽڪلي طريقا استعمال ڪيا ته جيئن انهن ديو جهڙن جانورن کي ڊيڄاريو وڃي. انهن اٽڪلن ڪان سواءِ، عربن جي فوج ۾ ”آپگهات جٿو“ پڻ هوندو هو، جنهن جو ڪم هو هاٿين تي هڪدم حملو ڪري، انهن جون سونڊيون وڍڻ. انهيءَ جتي جا ڪيترا ماڻهو هاٿين جي پيرن ۾ چيپاٽجي پوندا هئا، پر سونڊن کي چيپيندا، ماريندا، واپس موٽ ڪائيندا هئا. جنهن سبب هاٿي استعمال ڪندڙ فوج کي نهايت ئي ڳرو نقصان پوندو هو ۽ شڪست ملندي هئي. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي ته عرب جنگ جي وقت ٻلين يا ننڍڙا جانور استعمال ڪندا هئا، ته جيئن هاٿي ميدان ڇڏي پٺي وڃن. هنن انهيءَ ڏس ۾ ڪيترائي مثال ڏنا آهن، جي ڪافي دلچسپ به آهن ته عجيب به. مشهور عرب جاگرافي دان المسعودي جو چوڻ آهي ته ايران جا شهنشاهه پاڻ کي هاٿين جي حملي کان بچائڻ لاءِ، هاٿين جي اڳيان ٻلين جو هڪ وڏو تعداد اڇلائي ڇڏيندا هئا، جن کي ڏسي اهي پربت جهڙا جانور، پويان پير ڪري پڇندا هئا. سندس اهو به چوڻ آهي ته اهو طريقو سنڌ ۾ هند جي راجائن وٽ به عام هو. اهو به ٻڌايل آهي ته هارون بن موسيٰ نالي گورنر جو سنڌ ۾ هڪ قلعي جو مالڪ هو، ان تي هڪ هندو راجا وڏي فوج سان حملو ڪيو، جنهن ۾ هاٿي پڻ هئا. جڏهن ٻيئي فوجون هڪ ٻئي جي سامهون صفون ٻڌي بيٺيون، تڏهن هارون جنهن هڪ ٻلي پنهنجي ڪپڙن ۾ لڪائي آندي هئي، تنهن امالڪ اها ٻلي هاٿين جي بيمثال جتني اڳيان ڪٽي اڇلائي. هاٿين جڏهن ٻليءَ کي ڏٺو، تڏهن وٺي پڳا ۽ پنهنجي فوجين کي چيپيندا ويا. هاٿين جي انهيءَ پٺ ڊوڙ سبب هندو راجا جي فوج ۾ افراتفري جو عالم پيدا ٿي ويو ۽ هُو شڪست کائي مارجي ويو. المسعودي جو اهو به چوڻ آهي ته هاٿي سوئرن کان به ڊڄندا آهن،[16] پر مسلمان انهيءَ ڏڪار آميز جانور کي ڌارڻ کان پرهيز ڪندا هئا.

## قانون ۽ انصاف:

انصاف جو انتظام اهو ئي هو، جيڪو ننڍي کنڊ جي ٻين حصن ۾ رائج هو. اهو هڪ نهايت ئي پختي ۽ قانون جي ڪارائتي نظام تي مبني هو، جنهن

۾ بادشاھ کي ملڪ جي اعليٰ ۾ اعليٰ ڪورٽ تصور ڪيو ٿي ويو. راجا جي عدالت کي سڀا، ڌرمستانا، ڌرمڌيڪرنا جا نالا ڏنل هئا ۽ ان کي برهمڻ، وڏن وزيرن جي صلاح سان فيصلا ڪرڻا پوندا هئا، جي گهڻو ڪري سياست ۽ حڪومت جي فن کان واقف هئا. ڪيسن ۽ ڦڏن جو فيصلو، ججن، وزيرن (منترين) برهمڻن، پروهتن ۽ مشيرن جي مدد سان ڪيو ويندو هو.[17] برهاسپتي، سڀا جو مڪمل ڍانچو بيان ڪري ٻڌايو آهي. سندس چوڻ موجب سڀا جا ڏھ انگ (عضوا) آهن، جنهن ۾ راجا، چيف جج، منشي، اڪائونٽنٽ، سرشتيدار ۽ بيلف شامل هئا. حڪومت جو وڏو جج، پراسيڪيوٽر جي حيثيت ۾ قانون جو اعلان ڪندو هو ۽ راجا انهيءَ هيٺ ڏوهاري کي سزا ڏيندو هو. منشي جو وري هي فرض هو تہ هُو دعوائن ۾ آيل ملڪيت جو معائنو ڪندو هو. سرشتيدار، ڪيس ۾ هلندي بيانن کي لکندو رهندو هو ۽ فيصلو بہ گهڻو ڪري هُو ئي لکندو هو. اڪائونٽنٽ (خزانچي) ملڪيت يا مال جي قيمت مقرر ڪندو هو ۽ بيلف جو ڪم هو جوابدار، مدعاليہ، شاهدن ۽ منشين تي نوٽيس ڪڍڻ ۽ انهن کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪرڻ. پوءِ جي سمرتين ۾ راجا ۽ سندس ڪورٽ تي، روحاني، اخلاقي ۽ قانوني بار وڌو ويو هو تہ، جيئن اها انصاف جي معاملي ۾ بنا ڪنهن رواداري جي صاف ۽ قانوني فيصلا ڏي. راجا جي عدالت کان سواءِ ٽن قسمن جي ٻين ڪورٽن جو بيان آيل آهي، جن کي ڪولاس، سريناس ۽ گناس جو نالو ڏنو ويو آهي. پر اهي گهڻو ڪري امينن جون عدالتون هيون، جن ۾ ماڻهن جي جهيڙن جو فيصلو ٽياڪڙ ذريعي ڪرايو ويندو هو.[18]

اسلام جي اچڻ کان اڳ هندوستان ۽ سنڌ جي ڪورٽن ۾ ڪم آندل طريقو ۽ سرشتو نهايت ئي ترقي يافتہ هو ۽ انهيءَ مان هندو قانونن جو جوڙجڪ جي وڏائي واضح آهي. قانون جي ڪاروبار جا نرادا جي چوڻ موجب چار ڏاڪا هئا ۽ اهي هي هئا: (1) اطلاع جو ملڻ (يعني تہ پهرين رپورٽ) (2) ڪهڙي قانون هيٺ اهو اطلاع آهي، ان جو مقرر ڪرڻ. (3) ڌرين جا بيان، حجتون ۽ دليل ۽ (4) آخر ۾ فيصلا ۽ حڪم احڪام. برهاسپتي انهن چئن ڏاڪن کي هن ريت ورهايو آهي، جو گهڻو ڪري ديواني دعوائن سان لاڳو آهن. يعني تہ (1) دعويٰ، (2) انهيءَ جو جواب، (3) ٻنهي طرفن جون شاهديون (4) ۽

فيصلو. ويد وياس هڪ ٻئي پويان ايندڙ قانون جي سرشتي جا ڏاڪا ٻڌايا آهن، جي سندس چوڻ موجب هيٺين آهن: (1) فرياد يا دعويٰ (2) جواب (3) فتويٰ کان اڳ گرفتاري (4) بيان ۽ شاهديون (5) ۽ ڪورٽ جو فيصلو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ فوجداري توڙي ديواني معاملن کي نبيرڻ لاءِ قانوني ڪاروبار جا پنج ڏاڪا هئا.[19]

انصاف جي معاملي ۾ اڪلاءَ لاءِ مقرر ڪيل قاعدا هئا. پنهنجي ڪيس کي سچو ثابت ڪرڻ جو ذمو مدعي (دعويدار) تي هو، پر خاص دليل يا اڳئين فيصلي جي حالت ۾ اهو ذمو مدعاليه تي رکيو ٿي ويو. ثابتيون ٻن قسمن جون هيون، انساني ۽ خدائي. انساني ثابتي لاءِ شاهدن، دستاويزن، قبضي وغيره جو هجڻ ضروري سمجهيو ٿي ويو ۽ خدائي ثابتي لاءِ سخت آزمائش مان گذرڻو پوندو هو. پر آزمائش فقط انهن حالتن ۾ روا رکي ويندي هئي. جڏهن انساني ثابتي نہ ملي سگهي. ڪتاين۾نا اهو اصول مقرر ڪيو تہ جيڪو بہ دعويدار ڪنهن معاملي ۾ پنهنجو ڪيس ثابت نہ ٿو ڪري سگهي تہ اهو وري انهيءَ ڪيس لاءِ نئين دعويٰ نہ ڪري سگهندو. ڏنو ويندو تہ اهو اصول شاهديءَ جي هاڻوڪي قانون سان ڪيتري قدر نہ نهڪي ٿو اچي، جنهن کي اسان جي قانون ۾ اسٽوپيل سڏيو وڃي ٿو. ٽين صدي هجري جي مشهور عرب سياح سليمان تاجر جو چوڻ آهي تہ نندي ڪنڌ جي غير مسلم قومن ۾ عجيب قسم جي آزمائش جو رواج هو. ڳرن ڏوهن ۾ تهمتي (ملزم) کي هٿ ۾ نهايت ئي گرم ڪيل لوهہ جهلڻو پوندو هو. انهيءَ کان پوءِ سندس هٿ کي چمڙي جي هڪ ٿيلهي ۾ بند ڪري انهيءَ کي سيل مهر ڪيو ويندو هو. ٽن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ کي ساريال جو هڪ سنگ ڏنو ويندو هو تہ جيئن هو اُنهيءَ مان ان جو داڻو ڪڍي. جيڪڏهن هُو ائين ڪري ويو تہ ڪيس بيڏوهي قرار ڏنو ويندو هو ۽ فرياديءَ تي هڪ مڻ سون تائين ڏنڊ وڌو ويندو هو. ان وقت جو هڪ مڻ سون هاڻوڪي پائونڊ جي تور برابر هوندو هو. ڪنهن مهل وري ٽهڪيل پاڻيءَ مان ملزم کي مُندي ڪڍائي ويندي هئي. چوري ۽ زنا جي ڏوهہ ۾ ڦاسي جي سزا ڏني ويندي هئي.[20] سزا ڏوهہ جي نوعيت ۽ ڏوهاري جي سماجي درجي تي منحصر هئي. شاهي رستن تي ڦر ڪرڻ يا ٻارن کي چوري ڪري اغوا ڪرڻ جا ڏوهہ بہ واجب القتل هوندا هئا. گئو هتيا لاءِ پڻ موت جي سزا مقرر ڪيل

هئي.[21] جيڪڏهن ڪو برهمڻ ڏوهه ڪندو هو ته ان سان رعايت ڪئي ويندي هئي، پر شودر سان ڪنهن به قسم جي رواداري ڪان ڪم نه ورتو ويندو هو. ننڍن ننڍن ڏوهن لاءِ شودر کي موت جي سزا پڻ ڏني ويندي هئي. جيڪڏهن ڪو برهمڻ، ٻئي ذات واري جو خون ڪندو هو ته ان کي پراسچت ڪرڻو پوندو هو. جنهن جي معنيٰ آهي عبادت تي زور. روزا (ورت) رکڻ ۽ غريب کارائڻ. ڪن حالتن ۾ ڳرن ڏوهن جهڙوڪ خون، ڳئو هتيا، شراب پيئڻ ۾ موت جي سزا ڏيڻ بدران ڏوهاري جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي هئي. يا انهن کي ملڪ بدر (جلا وطن) ڪيو ويندو هو.[22] چوري جي ڏوهه ۾ ماليت موجب سزا ڏني ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته برهمڻن ۽ ڪترين کي به انڌي ڪرڻ ۽ عضوا وڍڻ جي سزا ڏني ويندي هئي. پر عام ماڻهوءَ کي چوريءَ جي ڏوهه لاءِ بنا ڪنهن رعايت جي موت جي سزا ڏني ويندي هئي.

## سماجي حالتون:

سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين حصن ۾ غير مسلم قومون چئن مکيه ذاتين ۾ ورهايل هيون، جن کي ورڻا سڏيو ويندو هو. اهي ورڻا هن ريت هئا: برهمڻ، شتريه، ويسيا ۽ سُودرا. جن جي باري ۾ اعتقاد هو ته اهي خلقيندڙ جي مٿي، ٻازن، رانن ۽ پيرن مان پيدا ٿيا آهن.[23] عرب ليکڪن جو وري چوڻ آهي ته ننڍي کنڊ جنهن ۾ سنڌ به اچي ٿي ويو، تنهن جو عوام ستن ذاتين ۾ ورهايل هو، جي هي هيون: برهمڻ، شتريا، کتري، ويش، شودر، چنڊال ۽ ڏوم.[24] شتريا ڪنهن جي به اڳيان نه جهڪندا هئا، پر ٻين کي جهڪڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. عوام ۾ انهن جي عزت هوندي هئي ۽ جڏهن به ڪو راجا يا بادشاهه چونڊيو ويندو هو ته اهو انهيءَ جاتي مان ڪڍندا هئا. شتريا کان پوءِ ٻئي نمبر تي برهمڻ هوندا آهن، جي نه شراب پيئندا هئا ۽ نه وري ڪترين کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات مان شادي وغيره ڪندا هئا، پر انهن کي به پنهنجيون ڌيون ڪونه ڏيندا هئا. ڪتري ٽن پيگن تائين شراب استعمال ڪندا هئا ۽ برهمڻن کي پنهنجيون نياڻيون ڏيڻ ۾ فخر ڪندا هئا. شودر ذات هارپو ڪندڙ هو، جن کي هينئر ڪڙمي سڏيو وڃي ٿو ۽ ويش واپاري طبقي جو نالو هو. چنڊال ۽ ڏوم نهايت ئي گهٽ درجي جا ماڻهو تصور ڪيا ٿي ويا ۽ انهن جو ڪم هو ڳائڻ، نچڻ ۽ وڏن ماڻهن کي پنهنجي فن رستي وندرائڻ.

## گهرو زندگي:

نندي ڪنڊ جي گهرو زندگي ”پيءُ“ تي ٻڌل هئي، جنهن ۾ ڪيس وڏيون اختياريون مليل هيون ۽ اها ڳالهہ يونان ۽ روم جي سماجي زندگي ۾ پڻ واضح هئي، جنهن ۾ گهر جي وڏي کي پنهنجي خاندان جي فردن تي وڏي طاقت حاصل هئي. پيءُ کي اختيار مليل هو تہ هو پنهنجي ٻارن کي وڪڻي ڇڏي يا قتل ڪري ڇڏي ۽ ان لاءِ حڪومت بہ ڪيس ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهي. گهرو ضابطي جو بهترين مثال اسان کي راجرسوا مان مليو آهي جو پڻ... ٿو، جنهن کي سندس پيءُ انڌو ڪري ڇڏيو هو.[25] گڏيل خاندان جو سرشتو غير مسلم قوم ۾ موجود هو ۽ اهو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي، جهڙي طرح ٻين پدري سرشتن ۾ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نندي ڪنڊ جي هندو ۽ ٻڌمت جي ماڻهن ۾ بہ وڏو پٽ هميشہ پيءُ جي مال ۽ ملڪيت جو وارث هوندو هو ۽ سندس درجو بہ اهوئي رهندو هو، جيڪي سندس پيءُ جو هو. سندس پاڻ، چاچا، سوٽ ۽ خاندان جا ٻيا ماڻهو سندس حڪم ۾ هوندا هئا. اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڏسڻ ۾ نہ آئي، جنهن مان اهو سمجهجي تہ عورتن جو درجو مردن کان گهٽ هو. رگ ويد ۾ شاديءَ جو جيڪو گيت ڏنو ويو آهي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ نئين وهانو ڪيل ڪنوار جو پنهنجي ساهرن تي راڄ هو.[26] شادين ڪرائڻ جو فيصلو گهٽو ڪري مائٽ ئي ڪندا هئا ۽ شادين لاءِ عمر جي ڪابہ پابندي ڪانہ هئي. پنهنجي ذات ۾ شادي ڪرڻ کي وڏيڪ اهميت حاصل هئي. عشق ۽ ياري رکڻ جو رواج پڻ موجود هو ۽ ٻنهي جنس جي ماڻهن کي پنهنجو جيون ساٿي چونڊڻ جو اختيار پڻ مليل هو. گهڻين زالن (حرم) رکڻ جو رواج راجائن ۽ سرندي وارن وٽ هو، پر غريب غربو بہ انهيءَ بيماري ۾ مبتلا هو. راجا ڏاهر کي بہ ٻہ زالون ۽ ڪيتريون ئي سريتيون هيون. انهن مان هڪ زال چچ نامي جي لکت مطابق محمد بن قاسم جي هٿ آئي هئي.[27]

هڪ عورت کي ٻهاڄ وارو نياڻپ بہ سَهڻو پوندو هو، جيڪڏهن اها ڇري هوندي هئي، يا ٻنا ٻار يا سنڍ يا گهڻيون ڌيون ڄڻيندڙ يا سندس مڙس طبيعت ۾ پورالو هوندو هو. سمرتي قانون موجب (مَنو مهراج جو قانون) هڪ بيوَهہ کي شرافت جي زندگي گذارڻي هئي ۽ پاڻ تي قبضو رکڻو هو. پر برهاسپتي انهيءَ جو ٻيو طريقو بہ ٻڌايو آهي ۽ اهو هي آهي تہ عورت کي مڙس جي مرڻ

ڪان پوءِ پاڻ کي مڙس سان گڏ چڪيا تي چڙهڻ گهرجي. پنهنجي مڙس سان گڏ سڙي مرڻ جو حڪم برهاسپتي ڪان سواءِ سنڪا، آگيراس ۽ هاريتا پڻ ڏنو آهي. برهمڻ عورت جنهن جو مڙس مري وڃي، ان کي البت معاف ڪيو ويو آهي. پيٿيناسي، آگيراس، وياگهراپاد، اسوناس جو چوڻ آهي تہ برهمڻ جاتي جي وڌوا جيڪڏهن چاهي تہ اها مڙس جي مري وڃڻ ڪان پوءِ رهي سگهي ٿي. پر ويدوياس ٻڌايو آهي تہ چڪيا تي چڙهڻ ئي حقيقت ۾ انهيءَ لاءِ بهتر آهي. نہ تہ پوءِ سندس زندگي نهايت ئي ڪٺن گذرندي ۽ ڪيس شرمساري جو منهن ڏسڻو پوندو. وڌوا جنهن کي "پُنريو" جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، اها جيڪڏهن عشق ۾ ٻڌل هجي ۽ پنهنجي جذبات کي ڪنٽرول نہ ڪري سگهي، سا پاڻ کي اهڙيءَ ماڻهوءَ سان ملائي سگهي ٿي، جنهن کي سندس خواهش هجي ۽ جيڪو ڪيس خوش رکي سگهي. ساڳئي وقت عوامي رايو پڻ بيوهہ جي ٻئي ڪنهن سان گڏجي رهڻ جي حق ۾ هو، پر ڪيس گرهستي زندگي جو درجي وارو مزو ڪڏهن بہ ميسر نہ ٿي سگهندو هو.[28]

شادي شده عورت ۽ بيوهہ جي وچ واري درجي تي گنيڪا جو درجو هو. جيتوڻيڪ اها هڪ خريد ڪيل ڇوڪري وانگر هئي. پر سماج ۾ پنهنجي موهڻي مورت، اٿ ويهہ جي طريقي ۽ فن جي ڪري عزت جي نگاه سان ڏٺي ويندي هئي. گنيڪا جي مشابهت رکندڙ عورتون ديوداسيون جي ديوتائن جي مندر ۾ انهن کي راضي رکڻ خاطر ناچ جون محفلون رچائينديون هيون. عربن جي اچڻ وقت اهڙيون ديوداسيون ديبل جي مندر ۾ موجود هيون ۽ پڻ ملتان واري سورج (سج) ديوتا جي مندر مان عربن هٿ ڪيون. مشهور چيني سياح هيونتسيانگ جنهن ڇوٿين صدي عيسويءَ ۾ ننڍي کنڊ جو دورو ڪيو، تنهن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۽ راجپوتانا جي مندرن ۾ هُن ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪريون ڏٺيون، جن کي مندرن ۾ ناچ ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو ويندو هو. چچ نامي مان ثابت آهي تہ محمد بن قاسم فقط ديبل جي مندر مان ست سو ديوداسيون هٿ ڪيون هيون،[29] جي هُن فوج ۾ ورهائي ڇڏيون.

شادي ڪيل عورتن سان زنا، گهٽ درجي جو ڏوهہ سمجهيو ويندو هو ۽ ان لاءِ فقط پراشچت (Atonment) جي ضرورت هئي. ڪاما سوترا (ڪام شاستر) ۽ برهات سمهيتا اهڙا ڪيترائي موقعا مهيا ڪري ڏنا آهن، جنهن ۾

ڪاري ڪاريءَ جو ميلاپ ڏيڪاريل آهي. فقط ڪن خاص معاملن ۾ سزا ڏيڻ جو حڪم آيل آهي. اهي هي آهن تہ انهيءَ عورت ڪنهن شودر يا گهٽ ذات جي ماڻهوءَ ڪان زنا ڪرايو هجي يا حرامي ٻار پيدا ٿيو هجي يا انهيءَ عورت مڙس کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هجي يا جنهن مڙس کي بلڪل ڇڏي ڏنو هجي. انهن سيني ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ ۽ هندوستان جي عورتن کي ان وقت سڄي دنيا جي عورتن کان وڌيڪ درجو مليل هو، جو ٻين سماجن ۾ موجود نہ هو.

ذات پات جي پيڌ سبب ماڻهن تي ڪي قدر برو اثر پيل هو. فقط ٻہ ذاتيون يعني تہ برهمڻ ۽ کتري اعليٰ قسم جا ماڻهو سمجهيا ويندا هئا ۽ ٻيا گهٽ ذات جا، جن ۾ ويش، شودر ۽ ڪيتريون ئي ٻيون ذاتيون شمار ڪيون وينديون هيون. چچ جي حڪومت هٿ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جون ڪيتريون ئي ذاتيون ۽ قبيلا گهٽ ذات جا شمار ڪيا ويا ۽ انهن کي شودر جو درجو ڏنو ويو هو. عربن جي اچڻ وقت سَما، سهتا، لوهاڻہ، لاکا، جت، چنا ۽ ٻيا گهٽ ذات جا قبيلا هئا ۽ انهن تي حڪومت جي طرفان بندشون پيل هيون. نہ تہ هُو چڱو ڪپڙو ڍڪي سگهندا هئا ۽ نہ وري مٿي تي پٽڪو ٻڌندا هئا. ڪين فقط ٻن ڪپڙن اوڍڻ جو حڪم هو ۽ اهي هئا ڪاري گوڏ ۽ ڪلهن تي کهري ڪپڙي جو پوتڙو. بندش جو هي حال هو جو انهن جي رئيسن ۽ چڱن مڙسن کي بہ گهوڙي تي چڙهڻ نہ ڏنو ويندو هو. فقط ڪن خاص حالتن ۾ اهڙو اجازت نامو ڏنو ويندو هو ۽ اهو بہ وقت جي راجا جي مرضي سان. انهيءَ کان پوءِ بہ ڪين گهوڙي تي هنو يا سنج رکڻ جي اجازت ڪانہ هئي. فقط تل رکڻ جي اجازت هئي.[30] گهٽ ذات جي ماڻهن لاءِ اهو بہ حڪم هو تہ جڏهن بہ هو راجا سان يا سندس گورنر سان ملڻ وڃن تہ پاڻ سان ڪتو وٺي وڃن ۽ انهيءَ کي غلامي جو نشان سمجهيو ويندو هو. قبيلن جا رئيس پنهنجي ماڻهن جي گفتار ۽ ڪردار لاءِ ٻڌل رهندا هئا ۽ ڪين ئي حڪومت کي جواب ڏيڻو پوندو هو.

## ريتون رسمون:

عرب ليکڪن سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جي صفائي، سترائي ۽ چڱي عادتن جي ساراهہ ڪئي آهي. "فخر السودان علي البيضان" جي مصنف انهيءَ ڏس ۾ ٻڌايو آهي تہ سنڌ ۽ هند جا ماڻهو، چين جي ماڻهن کان بہ گوءِ کڻي ويا

آهن. اهي صبح جو اٿڻ سان پنهنجا وات صفا ڪن ٿا ۽ روزانو وهنجن ٿا. اهي رلڻا ملڻا آهن ۽ سنڌن عادتون سهڻيون آهن. سنڌن زالون پڻ خوبصورت ۽ وڻندڙ آهن ۽ اهي رڌ پچاءَ جي معاملي ۾ تکيون ۽ هوشيار آهن. سنڌ جا مڙس چالاڪ ۽ ايماندار آهن ۽ پيسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ انهن کان وڌيڪ هوشيار ڪوبہ ڪونهي. اهي حساب ڪتاب رکڻ ۾ ايڏا تہ وڏي ويل آهن، جو عرب صراف (سونارا) ۽ واپاري انهن کي پاڻ وٽ منشي رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا.[31]

سنڌي طهر ڪونہ ڪرائيندا هئا، پر ڏاڙهيون ڊگهيون رکائيندا هئا. ڪن حالتن ۾ تہ اها ٿن والن کان بہ مٿي هوندي هئي.[32] چچ نامي ۾ هڪ ڊگهي ڏاڙهي جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن محمد بن قاسم کي تماشو ڏيکاريو هو. هڪ ماڻهوءَ چا ڪيو جو پنهنجي ڊگهي ڏاڙهيءَ جو هڪ چيڙو هڪ پير جي آڱوٺي ۾ ٻڌو ۽ ٻيو چيڙو ٻئي پير جي آڱوٺي ۾ ۽ ونئي بولانيون ڏنائين. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو محمد بن قاسم کي کيس ۽ سندس ڪٽنب جي ماڻهن کي امان ڏيڻي پيئي. سلسلة التاريخ، ۾ ٻڌايل آهي تہ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي عزيز ۽ مٽ مائٽ جي مرتيي تي ڏاڙهي ۽ مٿو ڪوڙائيندا هئا ۽ سٽن ڏينهن تائين ڪنهن بہ اهڙي ماڻهوءَ کي ڪاڏو نہ ڏيندا هئا، جنهن تي ڏنڊ پيل هجي يا جيل جي سزا مليل هجي. اهي ڪاڏي جي تيسين ويجهو نہ ويندا هئا، جيستائين پنهنجو وات صفا نہ ڪن ۽ ٽڙ نہ لاهين. ساڳي طرح ڪپڙن اچڻ جي وقت اهي عورتن جي ويجهو نہ ويندا هئا ۽ ڪن حالتن ۾ تہ انهن کي گهر مان بہ ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا.[33]

ماڻهن جو تناسخ ۾ اعتقاد هو. ان ڪري اهي باهہ جي رستي آپگهات ڪرڻ کي همٿائيندا هئا. سنڌن خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان سنڌن روح هي بدن ڇڏي، هن کان وڌيڪ اعليٰ زندگي اختيار ڪندو. جڏهن بہ گهر جو ڪو ياتي ڪمزور يا لاچار ٿي ويندو هو تہ سندس ويجها عزيز کيس زور ڪندا هئا تہ هُو پاڻ کي ساڙي ڇڏي يا ٻوڙي ماري.[34] هُن کي پنهنجي مرضي جي خلاف ائين ڪرڻو پوندو هو. ننڍي کنڊ جي تاريخ عجيب ۽ خطرناڪ قسم جي آپگهاتن سان مشهور آهي. ڪي ماڻهو چا ڪندا هئا جو ڪڏون ڪوٺي، انهيءَ ۾ باهہ جا مچ ٻاريندا هئا ۽ پاڻ کي ان ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. ٻيا وري پنهنجو پيٽ پنهنجي هٿن سان ڦاڙي آنڊا ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا. ڪي تہ پنهنجي بدن جا

عضوا هڪ هڪ ڪري وڍيندا هئا، تان جو ساهه نڪري ويندو هو. ڪي جبل جي چوٽيءَ تي يا متاهين ڪڏ تي چڙهي پاڻ کي مٽي پر ڪيرائيندا هئا. ڪي اهڙا به هئا جي بک ۽ اڃ رستي پنهنجا پساهه پورا ڪندا هئا. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي ته پورنماسي يا ٻين خاص موقعن تي سوين ماڻهو گنگانديءَ جي ڪپن تي اچي جمع ٿيندا هئا ۽ پنهنجي زندگي پوڄارين جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. جي انهن کي ترار سان به ٽڪر ڪري پاڻي ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا.[35]

سيراف جي مشهور سياح ۽ ليکڪ ابوزيد جو چوڻ آهي ته ملڪ جي راجا جي موت کان پوءِ آپگهات جو رواج عام هو ۽ اها رسم نديءَ ڪنڌ ۾ گهٽو ڪري جتي ڪتي هئي. چيو وڃي ٿو ته بادشاهه جي تخت نشين ٿيڻ وقت تي چار سو ماڻهو دربار ۾ اچي حاضر ٿيندا هئا ۽ بادشاهه جي بچايل اوبر مان ڪجهه کائيندا هئا. اِئين ڪرڻ ڪري بادشاهه جي موت تي ڪين آپگهات ڪرڻو پوندو هو.[36] البيروني جو چوڻ آهي ته آپگهات گهٽو ڪري گهٽ ذات جا ماڻهو جهڙوڪ ويش ۽ شودر ڪندا هئا. چاڪاڻ ته برهمڻ ۽ ڪترين کي خاص قانون ذريعي خود ڪشي جي ممانعت ٿيل هئي. ويش يعني ته واپاري طبقي ۽ شودر يعني ته ڪمي طبقي جو اهو خيال هو ته آپگهات ڪرڻ ڪري، اهي گهٽ درجي جي زندگيءَ مان نجات حاصل ڪري اعليٰ زندگي حاصل ڪندا ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اهي موت جي وسيلي برهمڻ يا ڪتري جي بدن ۾ وري دنيا ۾ موٽي اچن.[37]

سنڌ جا هندو ۽ ٻيا غير مسلم اقوام پنهنجي مُڙدن کي باهه جي وسيلي ساڙي ڇڏيندا هئا. سندن اعتقاد هو ته باهه انسان جي روح کي بلند ڪري ۽ وڃيو الله سان ملائي. اهو ساڳيو اعتقاد يونانين ۾ به موجود هو ۽ جالينوس جي تفسير مان واضح آهي، جنهن جو حوالو البيروني ڏنو آهي. ٻڌ مذهب لاءِ لبيروني جو چوڻ آهي ته انهيءَ مت جا ماڻهو پنهنجي مڙدن کي پاڻي ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. چاڪاڻ ته مهاتما ٻڌ کين اهڙو حڪم ڏنو هو.[38]

## ڪاڏو يا ڪاڄ:

عربن جي لکت مان واضح آهي ته سنڌ جا ماڻهو ڪٽڪ جي بدران چانور اپرائيندا هئا. چين وارن لاءِ سندن چوڻ آهي ته اهي ٻنهي جنسن مان کائيندا هئا. پر نديءَ ڪنڌ ۾ چانورن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي هئي. ظاهر آهي ته

اهو طريقو اڄ بہ سنڌ ۾ لاڙ واري حصي ۾ موجود آهي، جتي ڏينهن جو چانورن جي ماني ۽ رات جو پٽ عام رواج آهي. شهرن ۾ البت ڪڻڪ جي ماني کائيندا آهن، پر اها بہ فقط پڙهيل لکيل طبقي تائين محدود آهي. چانورن جو ڪاڌو، مڇيءَ سان گهڻو مزو ڪندو آهي. ان ڪري سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ جهڙو اڳ تهڙو هاڻي، چانور ۽ مڇي ماڻهن جي عام غذا آهي.

## اقتصادي حالتون:

وچئين دؤر جي سنڌ، ليکڪن جي لکت موجب هڪ نهايت ئي آباد علائقو هو ۽ ان سبب ماڻهو گهڻو ڪري خوشحال هئا. ان وقت سنڌ مان بہ درياءُ لنگهندا هئا. سنڌو ۽ هاڪڙو درياءُ، جن جا پيٽ اڄ بہ ٿرپارڪر ۽ لاڙ واري حصي ۾ ڏنا وڃن ٿا. جيئن تہ دريائن تي بند وغيره ٻڌل ڪونہ هوندا هئا، ان ڪري آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ عموماً ٻوڏ ٿيندي هئي، جنهن سبب وڏيون ايراضيون ندين جي پاڻيءَ هيٺ اچي وينديون هيون. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جو وڏو حصو پوک هيٺ آيل هو ۽ هر هنڌ ساوڪ ئي ساوڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. چين جو مشهور سياح ۽ ياتري هيونتسانگ، راءِ گهراڻي جي حڪومت جي دؤر ۾ جڏهن سنڌ آيو، تنهن جو چوڻ آهي تہ سنڌ هڪ نهايت ئي آباد ۽ زرخيز علائقو آهي ۽ ساري زمين پوک ۽ باغن سان ڀري پئي آهي. پر ان هوندي بہ سنڌ جا ماڻهو چوري ۽ ڌاڙي ۾ رڌل آهن ۽ ڪنهن بہ مسافر جي جان ۽ مال سلامت نہ آهي.

عرب تاريخ دانن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ اناج ۽ ڪمند جي پوک جام ٿيندي هئي. ٻنين ۾ ڪمند ۽ باغن ۾ ميوو جام هو. انب ۽ نارنگيون سنڌ جو خاص ميوو هو. ليمون بہ تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندو هو. پر هندو راجا ٻاهرئين واپار کي گهڻي اهميت نہ ڏيندا هئا. ديبل سنڌ جو مشهور بندر هو، جتي ڪيترن ئي ملڪن جا جهاز اچي لنگر هڻندا هئا. هر ڪنهن قسم جي جنس ۽ شي سنڌ ۾ دستياب هئي، پوءِ چونہ اها چين جهڙي ڏورانهين ملڪ ۾ ٺهندي هجي ۽ قيمتون بہ ڪريل هيون. سنڌ جو ملڪ ڪٽي جي برآمد لاءِ مشهور هو ۽ اها جنس سنڌو درياءُ جي رستي ڪشمير مان سنڌ پهچندي هئي. ساڳئي وقت ديبل جو شهر عطريات، چيني جي سامان، سرهاڻ ۽ مصالحن جي وڏي مارڪيٽ هئي.[39] اهي شيون ايرندي مان چين ۽ انڊونيشيا مان ايندين

هيون ۽ يمن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. اسلامي سلطنت جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ يمن جي بدران عراق ۾ ابله جو شهر انهن جنسن جي مارڪيٽ مثل هو. سنڌ جو ٺهيل سنهو ڪپڙو، ململ ۽ وائل عرب دنيا ۾ گهڻو پسندو هو. انهيءَ ڪپڙي جي نفاست ۽ هلڪائي بابت يهودين جي مذهبي ڪتاب تورات ۾ پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ تہ قديم دؤر ۾ پڻ اهو ڪپڙو شام ۽ مصر ڏانهن موڪليو ويندو هو. اهي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ سنڌ جو ملڪ آباد ۽ خوشحال هو ۽ ماڻهو گهڻو ڪري سکي هئا. سنڌ جي خوشحالي ۽ شاهوڪاري جي تصديق عربن کان ايران جي شهنشاهي ڪتبن مان ملي ٿي. ٻڌايو ويو آهي تہ هخامنشي خاندان جي دور ۾ سنڌ جو علائقو ايراني سلطنت جو ويهون صوبو هو ۽ اتان 360 ٽئلينٽ سون جو ڀورو، خراج طور ملندو هو. جو ڏهن لکن پائونڊن جي برابر آهي.[40] ايراني سلطنت کي مليل اهو ساليانو ڏن، سڄي ايشيا جي ٻين ملڪن جي ڏن جو ٽيون حصو هو ۽ انهيءَ مان سنڌ جي شاهوڪاري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سنڌ جو هندستان جي بندرن سان واپار ۽ پڻ عرب دنيا سان ڏيتي ليتي وچئين دور جي لکتن مان ثابت آهي. نہ فقط ايترو، پر سنڌي جهاز راني ۾ ايڏو تہ هوشيار هئا، جو اهي پنهنجي ٻيڙين جي معرفت سمنڊ ۾ واپاري جهازن تي حملا ڪري، انهن جو مال کسي وٺندا هئا. چچ نامي ۾ جنهن ڦر جو ذڪر ڪيل آهي، انهيءَ ڏس ۾ فقط هڪ مثال آهي. عربي لفظ ناخذا اصل ۾ فارسي ناخدا آهي، جو پڻ هندي لفظ ناؤ (ٻيڙي) مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ناکئو. اهو نالو اڄ بہ سنڌ ۾ مشهور آهي. اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ عرب ۽ ايرانين کي سمنڊ تي ٻيڙين هلائڻ جو فن بہ نبدي ڪنڌ جي ماڻهن وٽان مليو، جنهن ۾ سنڌ جو صوبو سيني کان اڳرو هو.

## ٻولي ۽ ادب:

عربن کان اڳ سنڌ ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، ان لاءِ تحقيق سان ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. پر عرب ليکڪن جي بيانن مان ظاهر آهي تہ سنڌ ۾ سمنڊ کان وٺي ملتان تائين سنڌي ٻوليءَ ڳالهائي ويندي هئي. هاڻوڪي کوجنا مان ثابت ٿو ٿئي تہ پراڪرت جي بگڙيل شاخ، جنهن کي اپڀرمشا جو نالو ڏنل هو. سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ ان جون هي خصوصيتون هيون:

1- ’ر‘ جي گنجائش
2- ’ر‘ کي جملي جي ميل ۾ ٻيو نمبر ڏيڻ
3- حرف صحيح جي استعمال ۾ اصلي ۽ نرم ڪيل آواز.
4- فاعليءَ جي صيغي ۾ عدد واحد لاءِ ـُ (پيش) جو استعمال ۽ اضافت جي صيغي ۾ لفظ جي پيڇڙيءَ طور س جو استعمال
5- ٻوليءَ ۾ اچار ۾ بحر وزن جو عمل.[41]

ٻڌايو ويو آهي تہ اها ٻولي اپيراس رائج ڪئي ۽ ان کي سنڌيا ڀاشا جو نالو ڏنل هو. جنهن جي معنيٰ آهي شفق جي ٻولي. ايف. ايڊگرٽن جي خيال موجب انهيءَ جو صحيح نالو سنڌا ڀاشا هو. جنهن جو مطلب آهي نشانين واري يا ارادي سان ڳالهايل ٻولي. اپيرمشا جي اکري معنيٰ آهي بگاڙيل، يا ڪريل. پر شاعرن ڪڏهن بہ ان کي ائين نہ سمجهيو ۽ اهي انهيءَ کي ديسي ٻوليءَ جو نالو ڏيندا رهيا، جنهن جي معنيٰ آهي ديس جي ٻولي.

## مذهبي حالتون:

سنڌ ۽ هند جا ماڻهو ڪيترن ئي مذهبي فرقن ۽ جماعتن ۾ ورهايل هئا. ابن نديم جو چوڻ آهي تہ هندو، ٻڌ، وڻن ٽڻن ۽ جانورن جي پوڄا ڪندڙ، مابعي ۽ ٻيا ڪيترائي فرقا آزادي سان پنهنجي پنهنجي نموني جي پوڄا ڪندا هئا. سنڌ ۾ وڏو تعداد ٻڌ مذهب وارن جو هو، جي ٻڌ جي بت جي پوڄا ڪندا هئا. انهن ۾ ڪئين فرقا هئا. جن مان هڪ فرقو ٻڌ کي خدا جو مظهر تصور ڪندو هو ۽ ٻيا ان کي پيغامبر تصور ڪندا هئا. ٻڌ جو بت ماڻهوءَ وانگر نهيل هو. ڪرسي تي ويٺل، سندس منهن مان مشڪ نظر ايندي هئي. سندس هٿ جون آڱريون اهڙي نموني نهيل هيون، ڄڻڪ 32 ڳڻي رهيو آهي. ٻيو وڏو گروپ هندن جو هو جن کي مها ڪاليہ سڏيو تي ويو. اهي شيطان جهڙي هڪ بت جي پرستش ڪندا هئا. اهو بت رنگ جو نيرو ۽ ان کي چار هٿ، ڊگها ڏند ۽ اگهاڙو پيٽ هوندو هو. سندس پٺ هاٿيءَ جي کل سان ڍڪيل هئي، جنهن مان رت وهندو رهندو هو. سندس جيڪي چار هٿ هئا، انهيءَ مان هڪ ۾ نانگ، ٻئي ۾ ڏنڊو، ٽئين ۾ ماڻهوءَ جي مُنڍي ۽ چوٿون خالي پرمٿي کڄيل هو. انهيءَ بت جي مٿي تي کوپرين جو تاج ۽ ڳچيءَ ۾ کوپرين جي تسبيح يا هار پيل هو. ان جا پوڄاري انهيءَ اعتقاد جا هئا تہ مهاڪاليہ وڏي طاقت جو مالڪ آهي، جو ڏکئي وقت ۾ کين وڏي مدد ڪندو آهي.[42]

ٽيون مذهبي فرقو دناڪتيا (آدتڪيا) وارن جو هو جي سج جي پوڄا ڪندا هئا. سج جو بت ڇهن گهوڙن واري گاڏيءَ تي رکيل هو ۽ ان جي هٿ ۾ روشني ڏيندڙ ائٽم رکيل هو. انهن جو چوڻ هو تہ سج خلا جو بادشاهہ آهي، ان ڪري سڀ ملائڪ ان جي حڪم ۾ آهن ۽ سج جا پوڄاري دهلن ۽ دمامن سان انهيءَ بت جي چوڌاري طواف ڪندا هئا. چندر ڀڳتيہ وري چنڊ جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن جو نمونو بہ اهو ساڳيو ئي هو. البت اهي روزا گهڻا رکندا هئا. چوڏهين تاريخ چنڊ جي ڪان سنڌن ورت شروع ٿيندو هو ۽ اهو نئين چنڊ تائين وڃي پورو ٿيندو هو. انشيٽا، بڪرنتيا، گنگا ياترا ۽ احمريا وغيره بہ نندي ڪنڌ جا مذهبي فرقا هئا. انشينا، ڪاڏي پيتي ڪان پري رهندا هئا. بڪرنتيا وري نفس ڪي مارڻ لاءِ پاڻ ڪي زنجيرن ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئا. اهي هڪ نندي لانگوٽي (لنگ) ڪان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين پهريندا هئا ۽ اڪيلائي ۾ گذاريندا هئا. پنهنجي فرقي جي ماڻهن ڪان سواءِ اهي ٻئي ڪنهن سان بہ ڪونہ ڳالهائيندا هئا ۽ پن تي سندن گذر هوندو هو. گنگا ياترا، گنگا جي زيارت ڪندا رهندا هئا ۽ اتي وهنجڻ، ڪي وڏي عبادت سمجهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ گنگا ۾ وهنجڻ ماڻهن جي گناهن ڪي ڌويو ڇڏي. احمريا وري بادشاهہ ڪي پوڄيندا هئا ۽ پاڻ ڪي انهن تان قربان ڪرڻ ڪي عبادت سمجهندا هئا. اهي دنيا جي خوشين ڪان ۽ عورتن جي سنگت ڪان پري رهندا هئا.[43]

ايران جي مشهور جاگرافي جي ماهر ۽ سياح ابن خردازبہ جو ٽين صدي هجري جو آهي ۽ جنهن نندي ڪنڌ جي ڪناري وارن ملڪن جو سير ۽ سفر پڻ ڪيو هو. ٻڌائي ٿو تہ نندي ڪنڌ جا ماڻهو ڇاليهن مذهبي فرقن ۾ ورهايل آهن. جن مان ڪي اهڙا آهن جن جو خدا ۽ ان جي پيغمبرن ۾ ايمان آهي. ٻيا اهڙا بہ آهن جي خدا ڪي تہ مڃين ٿا، پر پيغمبرن لاءِ انهن ڪي انڪار آهي. پر اهڙن ماڻهن جو وڏو تعداد آهي جي نہ تہ خدا ڪي ٿا مڃين ۽ نہ وري پيغمبرن ڪي. فقط ڪن منترن ۾ انهن جو ايمان آهي. منترن لاءِ سندن چوڻ هو تہ انهن جي پڙهڻ سان خوشحالي ملي سگهي ٿي ۽ بيمارين ۽ نياڳ مان نجات ملي سگهي ٿي.[44] ابن خردازبہ جي بيان جي تصديق مطهر بن طاهر المقدسي پڻ ڪئي آهي جو چوٿين صدي هجري جو سياح هو. مطهر ٻڌائي ٿو تہ نندي ڪنڌ جي ملڪ جا ماڻهو 900 فرقن ۾ ورهايل هئا، پر ڪيس فقط نوي فرقن جي خبر آهي. اهي نوي فرقا، 42

مذهبن مان نڪتل آهن، جن جو ننڍي ڪنڊ ۾ زور هو. پر ٻه فرقا سيني ۾ زور هئا. يعني تہ برهمڻ ۽ شمني. برهمڻ فرقو هندن جي پوڄاري طبقي جو هو ۽ شمني وري ٻڌ مذهب جا پوڄاري هئا ۽ طوطميت ڏانهن مائل هئا.[45]

هندو برهمڻن جو فرقو ٽن جماعتن ۾ ورهايل هو، جن مان ڪي خدا جي وحدانيت جا قائل هئا ۽ پيغمبرن ۾ بہ انهن جو ايمان هو. ٻيا وري انسان جي اندر خدا جي حلول جا قائل هئا. يعني تہ اوتارن ڪي مڃيندا هئا. سنڌن ٽيون فرقو پيغمبرن کي ڪو نہ مڃيندو هو، پر جزا ۽ سزا جي اصول ۾ سنڌن اعتقاد هو. تناسخ (ٻي جوڻ) ۾ تہ هندن توڙي ٻڌ مذهب وارن جو ايمان هو. ٻڌ شمني پڻ تناسخ کي مڃيندا هئا، پر رسولن ۾ انهن جو اعتقاد ڪونہ هو. خدا جي باري ۾ بہ انهن جو اعتقاد منڌل نموني جو هو. چاڪاڻ تہ سنڌن چوڻ هو تہ انسان کي اندر جي روشني فقط پاڻ کي فنا ڪرڻ ۽ تڪليفن سان ملي ٿي. ان ڪري ڪنهن بہ خدا جي پوڄا ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ٻڌ مذهب وارا مهاتما ٻڌ کي خدا تصور ڪندا هئا. ٻيا ان کي خدا جو موڪليل نبي سمجهندا هئا.[46]

برهمڻ ۽ شمني کان سواءِ ٻيا بہ ڪئين مذهبي فرقا موجود هئا، جن ۾ ناشتيا، پاپوزيا، دامنيا، مسفداح، جلهڪيا مشهور هئا. ناشتيا باهہ جي پوڄا ڪندا هئا. قتل ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ کان پرهيز ڪندا هئا. اهي ڳئون جي پوڄا پڻ ڪندا هئا ۽ گنگا کي اڪرڻ گناهہ سمجهندا هئا. پاپوزيا ٻتن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ دنيا جون سڀ خوشيون ماڻيندا هئا. هن فرقي جي هڪ شاخ، جنهن جو نالو ڪباليا هو، شو مهراج جي پوڄا ڪندا هئا. انهن شِـو جو ٻت انسان جي عضوي تناسل وانگر ٺاهيو هو[47] ۽ زناني عضوي کي بہ ان سان گڏ رکي عبادت ڪندا هئا. فقط هڪ فرقو دامنيا، جو خدا ۽ ان جي پيغمبر ۾ ايمان هوندو هو. رِشيڪيا وري گهڻو وقت جهنڊ هيٺ عبادت ۾ مشغول رهندا هئا يا جهنگ منهن ڪري وڃي مونن ۾ منهن وجهي ڪري خالق کي ياد ڪندا هئا. اهي گوشت يا باهہ تي پڪل شيءِ ڪونہ کائيندا هئا. ميوو ۽ ڀاڄيون سنڌن خاص کاڄ هو. مفسد فرقي وارا پنهنجي بدن کي لوهہ جي زنجيرن ۽ شيخن سان ٻڌي ڇڏيندا هئا. انهيءَ لاءِ تہ متان گهڻي علم سبب سنڌن بدن جا حصا ڦاٽي نہ پون. انهيءَ فرقي جي هڪ شاخ مهاڪاليہ وري ڪالي ديوي جي پوڄا ڪندا هئا، جنهن جي پٺي تي هاٿي جي کل رکيل هوندي هئي ۽ انساني کوپڙين

جو تاج سندس مٿي تي رکيل هو. هر ڪنهن قسم جي قرباني جو رواج هو. پر ماڻهن جي قرباني منجهن عام هئي. جلهڪيا فرقي وارا پاڻيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ انهن جو اعتقاد هو تہ پاڻي زندگيءَ جو بنياد آهي ۽ سڀ جاندار ۽ انسان پاڻيءَ مان پيدا ٿيا آهن. اڪتاهوتريا باهہ جي پوڄا ڪندا هئا، پر پنهنجي مڙدن کي ڪونہ پوريندا هئا.[48]

آپگهات رستي پنهنجو پاڻ کي ناس ڪرڻ کي همٿايو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ کي ئي نجات جي واٽ سمجهيو ويندو هو. آپگهات جو بهترين نمونو باهہ جي رستي پاڻ کي ساڙڻ جو هو. ڇاڪاڻ تہ باهہ جي رستي ساڙڻ سان روح بلنديون اختيار ڪري ٿو ۽ خاڪي زندگي مان انهيءَ کي ڇوٽڪارو ملي ٿو. باهہ جي رستي پاڻ کي ساڙڻ جا ڪئين طريقا هئا. ڪي ڪڏون کوٽي، انهيءَ ۾ باهہ ٻاري پاڻ کي ان ۾ اڇلائيندا هئا يا ماڻهن کي چوندا هئا تہ ڪين ڏڪو ڏين. ٻيا وري ڇيٽا گڏ ڪري وڏو ڍڳ ٺاهيندا هئا ۽ پاڻ انهيءَ جي وچ ۾ ويهي ان کي باهہ ڏيندا هئا. اهي پنهنجي جاءِ تان ذرو بہ ڪونہ چرندا هئا، جيستائين سڙي خاڪ نہ ٿي وڃن. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي مٿي تي ڪونئر ۽ سرس جو وڏو ڍڳ ٻڌي، پوءِ ان کي باهہ ڏيندا هئا. ائين ڪرڻ ڪري سندن مغز ۽ اکيون وگهري ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ هو تڙپي مري ويندا هئا. ڪي ماڻهو زمين ۾ ڇرون کوٽي ان کي تيل، رنگ ۽ لوبان سان ڀري ان کي باهہ ڏيندا هئا. جڏهن اهي ڇرون باهہ ۽ تو جي ڪري ڳاڙهيون ٿي وينديون، تڏهن ڪيترائي ماڻهو گڏجي ان ۾ ٽپ ڏيندا هئا ۽ سڙي ڀسم ٿي ويندا هئا. ڪي وري وڏا پٿر باهہ ۾ گرم ڪري پيٽ تي رکندا هئا، جنهن سبب سندن آنڊا وات ۽ ڳچيءَ مان ٻاهر نڪري ايندا هئا. اڃا بہ ڪي اهڙا هئا، جي درياءَ جي ڪپ تي ٻاهين جا مچ ٻاريندا هئا، پوءِ هڪ ٽپ باهہ ۾ ڏيندا هئا تہ ٻيو ٽپ پاڻيءَ ۾ جيستائين مري نہ وڃن. اهو بہ منجهن اعتقاد هو تہ جيڪو ماڻهو باهہ ۽ پاڻي جي وچ ۾ مري ويو تہ ان کي مڪتي (نجات) حاصل نہ ٿي سگهندي.[49]

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) فتوح البلدان، ص441، چچ نامو، ص 85، 86، 87.

(2) گزيٽير آف سنڌ (هيوز)، ص 23-24.

(3) هيونتسيانگ، ڪتاب نمبر 4، ص 151.

(4) چچ نامو، ص 16.

(5) ايضاً، ص 19.

(6) ايضاً، ص 26.

(7) ايضاً، ص 15.

(8) ايضاً، ص 42.

(9) ايضاً، ص 17، 18، 19.

(10) ايضاً، ص 64-65.

(11) ايضاً، ص 16.

(12) ايضاً، ص 204-238.

(13) آئين اڪبري، ص 555.

(14) گزيٽيئر آف سنڌ (هيوز)، ص 137.

(15) چچ نامو، ص 183.

(16) مروج الذهب، جلد 3، ص 17.

(17) ڪلاسيڪل ايج، ص 362.

(18) ڪلاسيڪل ايج، ص 363.

(19) ڪلاسيڪل ايج، ص 364.

(20) سلسلة التاريخ، ڪتاب پهريون، ص 54.

(21) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 12.

(22) ڪتاب الهند، ص 281.

(23) ويدڪ ايج، ص 388.

(24) المسالڪ والممالڪ (ابن خردازبہ)، ص 71.

(25) ويدڪ ايج، ص 387.
(26) ايضاً، ص 387.
(27) چچ نامو، ص 207.
(28) ڪلاسيڪل ايج، ص 571-572.
(29) فخر السودان، ص 81.
(30) سلسلة التاريخ، ڪتاب 3، ص 55.
(31) فخر السودان، ص 81.
(32) سلسلة التاريخ، ڪتاب 3، ص 56.
(33) ڪتاب البلدان ص 12، سلسلة التاريخ، ڪتاب پهريون، ص57.
(34) سلسلة التاريخ، ڪتاب 2، ص 120.
(35) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 17.
(36) سلسلة التاريخ، ڪتاب 2، ص 81.
(37) ڪتاب الهند، ص284.
(38) ڪتاب الهند، ص283.
(39) معجم البلدان. جلد 7. ص 137.
(40) ارلي هسٽري آف انڊيا (سمٿ). ص10.
(41) امپيريل ايج (ڪنوج)، ص215.
(42) الفهرست، ص487.
(43) الفهرست، ص488.
(44) الفهرست، ص490.
(45) المسالڪ والممالڪ، ص71، 72.
(46) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 10.
(47) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 19.
(48) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص14.
(49) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص16.

## ايام العرب - اسلام کان اڳ جا عرب

# مختصر جائزو

اسلام کان اڳ جا عرب - عربن جي ورهاست - عرب بائده - اڪاد - بائيبلائين قوم - حمورابي جا قانون - اسيريا - ڪلداني - ڪنعاني ۽ آرامي قوم - ثمود، طسم، جديس، ۽ عمالقہ - عرب العاربہ - معين جو دور - سباجي قوم - حمير خاندان - عرب مستعربہ - پطراجي حڪومت - پالميرا جي حڪومت - بصريٰ جي غساني حڪومت - حيره جا بنولخم - حضرموت جا بنو ڪنده - بنو قريش ۽ ان جي اهميت - قريش جي اصليت - حجاز تي ٻاهرين مذهبن جو اثر -

## باب پنجون

# ايام العرب

## اسلام کان اڳ جا عرب:

اسلام کان اڳ جي عربن مان مراد آهي، اُهي عرب قومون جي عربستان کان سواءِ آباد هلال (Fertile Cresent) ۽ مصر ۾ قديم زماني کان رهندا تي آيا. آباد هلال جي معنيٰ آهي عراق، شام ۽ فلسطين جون آباد ايراضيون. عرب لفظ جي لغوي معنيٰ آهي هر فن موليٰ ۽ اهو لقب عربن پنهنجي مٿان پنهنجي اعليٰ خوبين جي ڪري رکيو هو جنهن سبب اهي دنيا جي ٻين ماڻهن کي عجم يا گونگو سڏيندا هئا[1]. عرب، سامي نسل سان وابسته آهن. يعني ته اهو نسل جنهن جا ماڻهو ڪا نه ڪا سامي ٻولي ڳالهائيندا هجن. علم لسان جي ماهرن ۾ اڪادي، بابلي، اشوري، ڪلداني، آرامي، عبراني (يهودي)، ڪنعاني، عربي ۽ حبشي زبانن کي سامي ٻولين ۾ شمار ڪيو آهي، ۽ جيڪي ماڻهو انهن مان ڪابه هڪ ٻولي ڳالهائيندا هجن انهن کي سامي يا سيميٽڪ نسل جو نالو ڏنو آهي[2]. ڏٺو وڃي ته عرب ۽ سامي، هڪ ئي حقيقت جو نالو آهي ۽ انهيءَ ۾ اهي سڀ قومون اچي وڃن ٿيون جي عراق، شام، فلسطين، مصر، اردن، لبنان، اتر آفريڪا، سوڊان ۽ عربستان ۾ رهنديون هيون يا رهن ٿيون. تورات ۾ بيان ڪيل اصول موجب سامي يا عرب قومون، سام بن نوح جي اولاد مان آهن جو عظيم ٻوڏ کان پوءِ اولهه ايشيا جي سيني قومن جو ڏاڏو آهي. اهوئي سبب آهي جو يهودي ۽ عرب قومون پاڻ کي ارفخسد جو اولاد تصور ڪنديون آهن جو سام بن نوح جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو.[3] هاڻوڪي دور ۾ سامي قوم جون فقط ٻه شاخون عرب ۽ يهودي موجود آهن: جن جو قديم زماني ۾ سڄي دنيا جي ماڻهن تي ثقافتي اثر رهيو ۽ انهن جي تهذيب ۽ تمدن جو ڀهرين، ٻين ۽ ٽين هزار سال قبل مسيح ۾ دنيا تي ڌاڪو هو.

اسلام کان اڳ جي سامي قومن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اُيرندي وارا سامي ۽ اُلهندي وارا سامي. ايرندي واري سامي قومن ۾ فرات جي وادي واريون قومون جهڙوڪ اڪادي، بابلي، آشوري ۽ ڪلداني شامل آهن، ۽

## عرب بائده:

بائده نسل ۾ سڀ کان پهرين عاد جو نالو آهي، جنهن کي قرآن جي لکت موجب نوح واري ٻوڏ کان پوءِ سڄي دنيا جي. حڪومت ڏني ويئي هئي.[6] انهيءَ قوم جو مرڪز يمن ۾ هو. جتان پوءِ اهي مصر، اوڀر آفريڪا، عربستان ۽ عراق تائين پکڙجي ويا، ۽ اتي حڪومتون قائم ڪيائون. قرآن ۽ ٻين ڪتابن مان اهو ٻه ظاهر ٿيو آهي ته عاد اڏاوتن ناهڻ ۾ ماهر هئا.[7] پر انهن جي اڏايل جاين مان ڪابه موجود نه آهي. جنهن مان اڏاوتن جي بناوٽ ۽ فن تي ٺيڪا ٺپڻي ڪري سگهجي. پر اهو ٻڌايو ويو آهي ته اهي خدا جي ڏمر سبب تباه ٿي ويا. ڇاڪاڻ ته انهن منجهن موڪليل خدا جي پيغمبر حضرت هود عليه السلام جي مخالفت ڪئي ۽ نافرماني ڪئي.[8] هاڻوڪي کوجنا مان ثابت قرآن ۾ بيان ڪيل عاد قومون حقيقت ۾ يمن جي معين، عراق جي عاد ۽ مصر جي هائيڪسوس قومن ڏانهن اشارو آهي، جي پنهنجي اڏاوتن جي ڪري قديم زماني ۾ مشهور هئا.

مينائين يا معين قوم جو يمن تي حڪومت جو زمانو 650 ق.م کان 1850 ق.م. تائين ٻڌايو ويو آهي. انهن جي گاديءَ جو هنڌ قرنه هو. ڪانئن پوءِ سبا قوم جو يمن ۾ عروج ٿيو جن يمن ۾ 950 ق.م ڌاري هڪ ننڍڙي ايراضيءَ تي پنهنجي حڪومت جو آغاز ڪيو هو. مينائين يا معين لفظ عربي جي عين مان نڪتل ڏسجي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي چشمو يا پاڻيءَ جو ذريو.[9] اهو نالو ظاهر ٿو ڪري ته معين حڪومت جو دائرو پهرين ڪن چشمن تائين محدود هو پر پوءِ اهو آهستي آهستي وڌندو يمن ۽ ٻين ايراضين تائين پکڙجي ويو. پيترا جي پر ۾ معان واري آبادي ۽ انهيءَ نالي سان وابسته ڏکڻ عراق جا ٻيا ماڳ، هو ثابت ڪن ٿا ته معين قوم جو عربستان ۾ وڏو اثر هو. اهو مسيح کان ست سو صديون اڳ تائين، عراق ۽ شام ۾ پڻ قائم رهيو. عربستان جي ڏکڻ واري ريٽ حضرموت مان جيڪي معين جا ڪتبا هٿ آيا آهن، انهن ۾ مولر صاحب معين بادشاهن جا 26 نالا هٿ ڪيا آهن.[10] جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته معين هڪ وڏو گهراڻو هو جنهن وڏي عرصي تائين عربستان ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن تي حڪومت ڪئي. معين جو نالو اڄ به معين نالي هڪ آبادي مان

واضح آهي جا يمن جي هاڻوڪي تختگاهہ صنعا جي اتر اوير ۾ ڏکڻ جوف واري علائقي ۾ موجود آهي.

انهيءَ ساڳئي دور ۾جڏهن معين حق ۾ جي يمن ۾ حڪومت هئي تڏهن سامي نسل جي هڪ ٻي قوم نالي هائيڪسوس مصر تي حملو ڪري نيل ندي جي ماتري تي قبضو ڪيو، ۽ اتي سامي نسل جي حڪومت قائم ڪئي. مصر جي مشهو پادري ۽ ليکڪ مانيٿو جو چوڻ آهي تہ مصر جي فرعون جو پندرهون ۽ سورهون خاندان سامي نسل جو هو ۽ انهن جا نالا بہ خالص عربي هئا.[11] يعقوب ايل، اسيس ۽ ٻيا نالا جن وادي نيل تي راڄ ڪيو. يهودي ادب جي يعقوب نبي ۽ عزيز سان مشابهت رکن ٿا. ٻڌايو ويو آهي تہ، نبي حضرت يوسف عليہ السلام، عزيز مصر جي حڪومت جي دؤر ۾ مصر ۾ وڪاڻو هو ۽ پوءِ اتان وڌندو وڌندو وڏن عهدن تي پهتو. مانيٿو جو اهو بہ چوڻ آهي تہ مصر جا ماڻهو هائيڪسوس جو مقابلو نہ ڪري سگهيا، ڇاڪاڻ تہ انهن جا هٿيار وڌيڪ تکا، انهن جا وهٽ وڌيڪ ڦڙت ۽ انهن جو جنگ جو طريقو وڌيڪ اعليٰ هو. نيل نديءَ جي ماتر ۾ هائيڪسوس جي هجرت درحقيقت انسان ذات جي رهائش ۾ تبديل سبب ٿي. اها تبديل آرين نسل جي قومن جي شام تي بلغار سبب عمل ۾ آئي، جيئن تہ اتر ۽ اولهہ طرف آريہ پوري طرح قابض ٿي چڪا هئا. ان ڪري فقط ڏکڻ ڏانهن سينا جو رڻ پٽ ڪليل هو جنهن جي وسيلي مصر کان پوءِ ٻيو ڪو بہ آباد ملڪ هائيڪسوس لاءِ نہ رهيو هو. هائيڪسوس جو مصر ۾ وڃڻ، مصر لاءِ ۽ پڻ سڄي دنيا لاءِ ثقافتي اعتبار کان نهايت ئي اهم تاريخي واقعو آهي. ڇاڪاڻ تہ هائيڪسوس پهريان ماڻهو هئا جن مصر ۾ گهوڙي کي رائج ڪيو جنهن جي مصرين کي ڪابہ خبر نہ هئي. گهوڙي سان گڏ رٿ جو رواج پڻ پيو ۽ ان سان گڏ لوهہ ۽ رڪ جا هٿيار پڻ مصر ۾ آندا ويا. هائيڪسوس کان اڳ مصر جي فوج گهڻو ڪري پيادن جي فوج هئي ۽ سوار فقط هاٿي يا گڏهہ استعمال ڪندا هئا. اهڙي طرح مصر ۾ ڪم آندل هٿيار بہ گهٽ درجي جا هئا يعني تہ ٽامي ۽ ڪنجهي جا ٺهيل هئا.[12] اهوئي سبب آهي جو هائيڪسوس ٿوري عرصي اندر مصر جي ماڻهن تي غالب پئجي ويا. پر جيئن تہ مصر جا ماڻهو ڌارين جي راڄ کي حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا. ان ڪري بغاوتون ٿيون ۽ آزادي لاءِ هڪ طويل جنگ کان پوءِ هائيڪسوس کي

جي وسيلي مال ۽ لڏو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ سهوليت ٿي. چڪ مان رٿ جا ڦيٿا ٺهيا. جن جي وسيلي جنگ جي حرفت ۾ ترقي آئي ۽ پوءِ گهيري ڪرڻ جون مشينون ۽ ٻيا اوزار ۽ سامان ٺهيا. سلطنتون وجود ۾ آيون ۽ ملڪ گيريءَ جو شوق وڌيو. پر سڀ کان وڏي ايجاد ميخي رسم الخط (Cuneiform Script) جي هئي، جا سميري قوم جو دنيا تي وڏو احسان آهي. اها صورتخطي جا آليءَ مٽيءَ جي ڦرهي تي قلم سان لکي ويندي هئي. سڪڻ کان پوءِ لکيل دستاويز، حڪم نامي، هدايت، خط و ڪتابت ۽ صحيفي جي صورت ۾ ڪم آندي ويندي هئي. ميخي رسم الخط، اٽڪل ٻه هزار سالن تائين ماڻهن ۾ ڏي وٺ، اظهار ۽ لکت جو واحد طريقو هو. پر پوءِ جڏهن الف- ب- ت- ث واري آئيوٽا فنيقي قوم طرفان ايجاد ٿي، تڏهن به هي سلسلو هڪ هزار سال پوءِ به قائم رهيو. انهيءَ جي تصديق داريوش، ايران جي هخامنشي خاندان جي بادشاهه ۽ آشور بني پال ۽ ٻين آشوري بادشاهن جي ڪتبن مان ملي ٿي، جي اٽڪل 750 ق.م کان 500 ق.م تائين واري عرصي ۾ لکيا ويا آهن.

موئن جي دڙي مان لڌل مهرن ۽ عراق مان لڌل مهرن ۾ تمام گهڻ فرق ڏٺو ويو آهي[16]. جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سميري قوم هڪ عظيم سلطنت جي مالڪ هئي، جنهن جي حڪومت جو دائرو گجرات کان عراق ۽ شام تائين وڌيل هو. سميري اوج جو دور مسيح کان 4000 سال کان 3000 سال اڳ جو ڪيو ويو آهي.

سميري حڪومت جي عراق ۾ پڄاڻي، اهڙن ماڻهن آندي جي اصل ۾ برپٽ جا رهاڪو هئا. پر پوءِ اُهي تاريخ ۾ اڪاد جي نالي سان ياد ڪيا وڃن ٿا. عالمن جي راءِ آهي ته اڪادي عربستان جي برپٽ مان پهرين هجرت جو نتيجو آهي، جا اٽڪل 3000 هزار سال ق. م جي عمل ۾ آئي.

سو سالن جي رهائش کان پوءِ عربستان جي برپٽ مان هجرت ڪيل سامي قبيلا طاقت وٺي ويا ۽ انهن سارگان پهرين (سرجون) جي سرڪردگيءَ ۾ سميرين خلاف بغاوت ڪري، ملڪ تي قبضو ڪيو. سميرين جي آخرين شهنشاهه لوگل زغيزي شڪست کائڻ کان پوءِ قتل ڪيو ويو ۽ اڪادي گهراڻي جو عراق ۾ پايو وڌو ويو.

سارگان پهرين اڪاد جو شهر ٻڌو ۽ اهو نالو هُن اُڪي جي نالي پنيان رکيو. جو اصل ۾ ٻخالي هو ۽ هُن سارگان کي درياءَ ۾ لڙهندو ڏسي، ان کي اتان ڪڍيو ۽ کيس پالي نپائي وڏو ڪري، مالهيءَ جي ڌنڌي تي لڳايو هو. جيئن تہ سارگان کي ڇمڻ شرط درياءَ حوالي ڪيو ويو هو، ان ڪري هو اڪي کي پنهنجو پيءُ سمجهندو هو. آخر ۾ اهو مالهي يعني تہ سارگان ڏکڻ عراق ۾ رهندڙ عرب (سامي) قبيلن جو ليڊر بنيو، جن کيس "مسيحا" (آزادي ڏياريندڙ) جو لقب ڏنو. ڇاڪاڻ تہ اهو سارگان هو، جنهن سامي قوم کي سميرين جي ظلم ۽ ستم کان ڇڏايو ۽ انهن کي بئبيلان ۾ حڪومت، تخت ۽ تاج جو مالڪ بنايو. سنڌن ڇوڻ (ڇيل ڳالهيون) ۽ ڪرڻ کي ڪانئس بعد ۾ ايندڙ سامي قومن پنهنجي زندگيءَ جي رهنمائي جا اصول سمجهندا هئا ۽ سندس آزمايل سوٽن کي هنن مشعل راهہ بنايو. جيڪڏهن هن سوڻ وقت ۽ ماحول ۾ سارگان جنگ ڪئي تہ انهيءَ ساڳئي سوڻ کي خيال ۾ رکندي، ڪانئس پوءِ ايندڙ بادشاهن، شهنشاهن ۽ جنگي جوڌن ساڳي ريت جنگيون ڪئيون ۽ ملڪ فتح ڪيا.[17] انهيءَ جي ثابتي لاءِ بابل ۽ نينوا جي بادشاهن جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا، جن ڪڏهن بہ هار نہ کاڌي ۽ اهو سڀ ڪجهہ سارگان جي سوٽن کي برڪت سبب سمجهيو ويندو هو.

سارگان جي سوٽن بابت کي ڪتبا ۽ هڪ پٿر جو وڏو ڪتبو، جنهن کي نرم- سين جو ڪتبو سڏيو وڃي ٿو، اڪادي دور جا يادگار آهن. انهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ اڪادي دؤر ۾ پٿر تي نهايت ئي سهڻي نموني ۾ لکڻ جو فن موجود هو. اڪادي مهرن ڏسڻ سان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ اهي اهڙيون ئي آهن، جهڙيون سنڌ مان لڌل موئن جي دڙي جون مهرون. انهيءَ مشابهت مان تصديق ٿئي ٿي تہ قديم دور ۾ سنڌ ۽ عراق جي وچ ۾ واپاري ۽ ٻيا ناتا بدستور قائم هئا. اڪاد جو مذهب بہ ٻين قديم قومن جي مذهب وانگر فطرت پرستي تي ٻڌل هو، جنهن ۾ قدرتي شين جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. سڀ کان وڏو خدا انليل هو، جو زمين جو خدا تصور ڪيو ويندو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اڪادي زندگيءَ جو دارومدار پوک تي هو. زمين، هوا ۽ پاڻي تي سندن اقتصادي حالت جو ڍانچو ٻڌل هو، ان ڪري اهي اُنو، خلا جو خدا، انليل زمين جو خدا ۽ اِي پاڻيءَ جي خدا جي پرستش ۽ بندگي ڪندا هئا. انهن ديوتائن کي

خوش رکڻ لاءِ اهي خدائن جي نيت ۾ پاڻي ۽ ساون پٽن جو ارداس ڪندا هئا، تہ جيئن اهي راضي ٿين ۽ ملڪ کي پاڻي ۽ ساوڪ سان پري ڇڏين. سماجي زندگي ۾ پوڄاري طبقو سڀ کان وڏيڪ ۽ اعليٰ سمجهيو ويندو هو. ان ڪري ملڪ جو بادشاهہ انهيءَ طبقي سان وابستہ رهندو آيو. بادشاهہ لاءِ اهو ضروري هو تہ هُو حڪومت هلائڻ سان گڏ مذهبي رسمون بہ ادا ڪندو رهي. انهيءَ جو مثال اسان کي اسلام جي قائم ڪيل پهرين حڪومت مان پڻ ملي ٿو، جنهن ۾ پيغمبر اسلام، هڪ مذهبي رهنما هئڻ سان گڏ مديني ۾ ناهيل قرآني حڪومت جو سربراهہ پڻ هو ۽ اها ساڳي پوزيشن سندس خليفن جي هئي، جي بادشاهہ هئڻ سان گڏ، نبيءَ جا پوءِ لڳ هئڻ جي حيثيت ۾ اسلام جي شريعت کي نافذ ڪرڻ لاءِ ذميوار پڻ هئا. جيئن تہ بادشاهہ کي خدا جو خليفو تصور ڪيو ويندو هو، ان ڪري ماڻهن تي اهو فرض هو تہ اهر مقرر ڪيل وقتن تي ڍلون، ٽيڪس ۽ تحفا ڪيس پيش ڪندا رهن، جي گهڻو ڪري جنسن ۾ ادا ڪندا رهندا هئا. يعني تہ ان، ماکي، گيهہ، ميوا، مڇي، پٽ ۽ روڪڙ. پر ان جو رواج گهٽ هوندو هو. واپار کي ڪابہ اهميت حاصل ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ پوک تي دارومدار هئڻ سبب هر ڪنهن وٽ ان ۽ ٻيون ضروري شيون موجود هيون. سڀ کان وڏي ۾ وڏو اڪادي دور جو ڪارنامو هي آهي جو انهيءَ دور ۾ سندن ٻولي، سڄي وچ اوير ايشيا ۾ پکڙجي ويئي ۽ ماڻهن جي عام ٻولي تي ويئي. اهو انهي، ڪري بہ جو اڪادي قوم ان وقت جي رسم الخط "خط ميخي" کي انهن سيني ملڪن ۾ رائج ڪيو، جي هاڻي پاڻ کي عرب ملڪ سڏين ٿا. ميخي رسم الخط اصل ۾ مورتن واري صورتخطي (Pictographic Script) کي سڌاري ٺاهيو ويو هو. ان ۾ 560 نشان هئا،[18] جنهن مان هرهڪ نشان ڪنهن لفظ يا جملي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. اها صورتخطي ڪچي مٽيءَ جي ناهيل ڦرهين تي سَر جي ڪاني سان لکي ويندي هئي ۽ جڏهن انهن ڦرهين کي آوي ۾ پچايو ويندو هو، تڏهن اهي ڪيترا ئي سال جٽاءَ ڪنديون هيون. ڪاني سان لکڻ سبب انهن ۾ ڪنڊون ٺهي ونديون هيون. اهوئي سبب آهي جو ان کي ميخي رسم الخط سڏيو وڃي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪنڊن واري صورتخطي.

عرب ليکڪن "عاد" نسل ۾ نہ فقط بابلي، آشوري، ڪلداني، ڪنعاني ۽ هائيڪسوسن کي گڏ آندو آهي. پر انهن آرامي قوم کي بہ عاد سان وابستہ

ٻڌايو آهي. اهڙي طرح انهن تاريخ جي دور واري قومن کي تاريخ کان اڳ واري دور سان وچي ملايو آهي. اهو صحيح آهي ته اهي قومون، عربستان مان هجرت ڪرڻ سبب پيدا ٿيون ۽ اهڙيون هجرتون (لڏ پلاڻ) مقرر ڪيل ميعاد کان پوءِ عربستان جي برپٽ مان عراق ۽ شام جي آباد علائقن ۾ ٿينديون رهنديون هيون. انهيءَ قسم جي لڏ پلاڻ جو سبب اقتصادي هوندو هو، ڇاڪاڻ ته عربستان جو علائقو فقط محدود تعداد کي پاڻ ۾ ضم ڪري سگهيو ٿي. جڏهن به ماڻهو وڌي ويا ٿي، تڏهن انهن پاسي وارن ملڪن ۾ وڃڻ شروع ڪيو ٿي ۽ جيئن ته ندين واريون واديون پر ۾ هيون، ان ڪري انهن عراق ۽ شام ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون.

## بائيبلائين قوم (بابلي):

بابلي / بائيبلائين قوم پڻ اهڙي هڪ هجرت جي پيدائش هئي، جنهن 2500 ق.م ڌاري عربستان جي برپٽ مان هجرت ڪري، عراق جو ملڪ وسايو هو. اهي پهريان ماڻهو هئا، جن هڪ وڏي سلطنت جو بنياد وڌو. جيتوڻيڪ ڪانئن اڳ اڪاد قوم جي بادشاهه سارگان پهرين پنهنجي هڪ ڪتبي ۾ اها دعويٰ ڪئي هئي ته هُن سج ايرڻ واري جاءِ کان وني سج لهڻ جي ماڳ تائين سڀ ملڪ فتح ڪيا آهن ۽ پاڻ کي دنيا جي چئن ڪندن جو شهنشاهه ٻڌايو آهي.[19] پر حقيقتن جو جائزو وٺبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سارگان ۽ ڪانئس پوءِ نرم سين ۽ ٻين اڪادي بادشاهن جي حڪومت جو دائرو سمير ۽ اڪاد واري علائقي تائين محدود هو. اڪادي خاندان جا فقط ڇهه بادشاهه ڪتبن مان ثابت آهن ۽ انهن ۾ هڪ جو نالو دودو هو. ساڳئي نالي جو بادشاهه سنڌ جي سومرا قوم جي تاريخ مان به ثابت آهي.

بابلي قوم جي عراق جي واديءَ ۾ هجرت سالن تائين هلندي رهي. ڪين اصل ۾ "عمورو" جو نالو ڏنل هو ۽ انهن جون ٻه شاخون هيون. هڪ شاخ شام ملڪ ڏانهن هجرت ڪئي ۽ ٻيءَ عراق ڏانهن. شام واري شاخ "ماري" کي پنهنجو تختگاهه بنايو، جنهن جا ڪنڊر "مراة النعمان" وٽ موجود آهن. عمورو جي ٻي شاخ، جنهن فراتِ جي واديءَ ڏانهن هجرت ڪئي، انهن اڪاد وارو علائقو هٿ ڪيو ۽ پوءِ سمير تي به قبضو ڪيو. انهيءَ خاندان جو باني سمو-ابو ٻڌايو ويو آهي، جنهن بابل (باب = گهر ۽ ايل = خدا) جو شهر ٻڌايو.

اهوئي سبب آهي جو ڪين بابلي يا بئبيلائين سڏيو وڃي ٿو. بابل جي پهرين پنجن بادشاهن جي حڪومت جو دائرو فقط بائيبلائين (سمير ۽ اڪاد) تائين محدود هو، پر پوءِ سن- مبلط، ايلام (خوزستان) ۽ آشور (اولهه ايران ۽ اتر عراق) فتح ڪيو ۽ هڪ وڏي طاقتور حڪومت جو بنياد وڌو. سن- مبلط کان پوءِ سندس پٽ حمورابي (امورافي + ايل) هڪ وڏو فاتح ٿي گذريو آهي. سڀ کان پهرين هُن ايلام ۽ آشور کي مستقل طور فتح ڪيو ۽ ان کان پوءِ آرمينيا، اناطوليه ۽ شام ڏانهن فوجون موڪليون. شام ملڪ ۾ هن زمري- ليم کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو ۽ سندس تختگاهه "ماري" کي تباهه ڪري ڇڏيو. انهيءَ شهر کي اهڙي طرح تباهه ڪيو ويو هو، جو ان جو نالو ۽ نشان گم ٿي ويو ۽ چئن هزار سالن تائين اهو مٽيءَ جي دڙن ۾ پوريو پيو هو. ويجهڙائي ۾ هڪ فرينچ جماعت ائندري پئرٽ جي سرڪردگيءَ ۾ "تل الحريري" جي کوٽائي ڪئي[20] ۽ ماريءَ جي پراڻي شهر کي کڏي ٻاهر ڪيو. کوٽائي مان اٽڪل ويهه هزار ڪتبا، مٽيءَ جي ڦرهين جي شڪل ۾ مليا آهن، جي اڪادي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. اها ٻولي انهيءَ دور ۾ سڄي اولهه ايشيا جي ٻولي هئي ۽ ان سان گڏ ان کي پنهنجي صورتخطي به هئي. انهن ڪتبن ۾ زمري - ليم ۽ ڪانئس جي اڳ جي بادشاهن جو سرڪاري رڪارڊ آهي، جنهن ۾ حڪمناما ۽ خط پڻ آهن. جن ۾ حڪومت جي انتظام، اقتصادي حالتن جو جائزو ۽ بيون رپورٽون ڏنل آهن. انهن ڪتبن مان اهو به ثابت ٿيو آهي ته گهوڙي وارا رٿ ۽ ٻاهه جي رستي خبردار ڪرڻ وارا سگنل پڻ رائج هئا. جن کي قومي دفاع يا اهم خبرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. ايلام ۾ حمورابي جي حاصل ڪيل فتوحات کي ڪن ليڪن شڪ جي نگاهه سان ڏٺو آهي. ڇاڪاڻ ته ايلام جو بادشاهه شيدرو ليمار (شيدرولا-عمر) طاقت ۾ ڪانئس وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي.

## حمورابي جا قانون:

حمورابي جي مشهوري سندس قانون ۽ قانوني اصلاحن جي ڪري آهي. هن هڪ پٿر جي وڏي ڇپ تي لکائي ڇڏيو هو، جا اٺ فوٽ ڊگهي آهي. پهرين جي اها ڇپ سن 1902ع ۾ موسا واري ايراضي مان کوٽائي ڪندي هٿ آئي ۽ هاڻي پئرس جي جڳ مشهور ميوزيم (عجائب گهر) لووير ۾ محفوظ آهي.[21] موسيٰ عليہ السلام جي قانون وانگر انهيءَ کي به هڪ قدرتي قانون جي

مسودي جي حيثيت حاصل آهي. جنهن کان پوءِ بيا قانون بعد ۾ اينڊڙ سامي (عرب) قومن مرتب ڪيا. ڪتبي ۾ لکت جي مٿان حمورابي جي تصوير آهي. جو بندگيءَ جي نموني ۾ سج ديوتا "شمس" جي اڳيان بيٺو آهي ۽ قانون جو مسودو ڪائنس وٺي رهيو آهي. حمورابي جي قانون ۾ ڪل 2300 سٽون آهن ۽ انهن ۾ قانون جا ڪل 283 فقرا ڏنا ويا آهن جن جو سڄو سارو دارو مدار ڏند ڪٿائن، رسمن ۽ رواجن تي هو. انهيءَ قانون مان سميري ۽ سامي قومن جي زندگيءَ ۽ انهن جي رسم ۽ رواج جو پتو پوي ٿو. جيئن ته قانون جو سڄو سارو ڍانچو امير ۽ شاهوڪار طبقي جي ڪاروائي تي منحصر آهي، ان ڪري ان ۾ ڪي گهٽتايون پڻ آهن. سزا ڏيڻ جو طريقو به ماڻهوءَ جي سماجي ۽ اقتصادي درجي تي دارومدار رکندو هو ۽ نه ڏوهه جي نوعيت تي. قانون جا ڪي فقرا نهايت ئي سخت ۽ ظالمانه هئا. پر ڏسجي ٿو ته انهيءَ دور جي ماڻهن لاءِ موزون هئا. مثال طور جيڪڏهن ڪو گهر ڪري پري ۽ گهر جي مالڪ جي پٽ کي ماري وجهي ته گهر ٺاهيندڙ رازي کي سزا ڏيڻ بدران سندس پٽ کي قتل ڪيو ويندو هو، جو در حقيقت معصوم (بي ڏوهي) هو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو ماڻهو آپريشن ڪندي مري پوي ته آپريشن ڪندڙ سرجن جون آڱريون ڪپيون وينديون هيون. جيڪو به ماڻهو بهتان بازي جو ڏوهه ڪندو هو ته ان کي درياءَ ۾ اُڇليو ويندو هو. جيڪڏهن هو چڱو ڀلو ٻاهر نڪري آيو ته پوءِ بهتان مڙهيندڙ جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي هئي ۽ ان مان اڌ مال جوابدار کي ڏنو ويندو هو.[22]

حمورابي هڪ وڏو معمار هو. هن ڪيترائي قلعا ۽ مندر ٺهرايا ۽ هڪ وڏو حرم "مردوڪ" جي نالي تي ٺهرايو. جو بابل جي ماڻهن جو مک خدا تصور ڪيو ٿي ويو. انهيءَ حرم جي حدن اندر وڏا وڏا گودام ٺهرايا ويا، جتي اناج ۽ ٻيو مال گڏ ڪيو ويندو هو. سندس حڪومت جي دور ۾ بابل جو شهر بين الاقوامي شهرت جو مالڪ ٿي ويو ۽ واپاري چلتي ۾ به ان جو مقابلو ڪرڻ وارو ٻيو شهر وچ اوڀر ۾ ڪونه هو. بابل جي مشهوريءَ اِن کان پوءِ وري ڪلداني دور ۾ وڌي، جڏهن انهن جو راڄ سڄي اولهه ايشيا تي قائم ٿي ويو. حمورابي کان پوءِ پنجن بادشاهن بابل تي راڄ ڪيو، پر انهن ۾ ڪو به سندس جهڙي طاقت ۽ شهرت حاصل نه ڪري سگهيو. بابلي گهراڻي جو آخرين بادشاهه شمسو- دتانا

هو، جو عراق تي حملہ آور آرين سان جنگ ڪندي مارجي ويو. آرين ايران مان گاندش جي سرڪردگي ۾ سن1925 ق.م جي يلغار ڪئي، جنهن سبب سامي (عرب) حڪومتن جي عراق ۾ پڇاڙي آئي. عراق جا نوان بادشاهہ پاڻ کي ڪُشن سڏائيندا هئا ۽ انهن ٽن سون سالن تائين سڄي واديءَ تي حڪومت ڪئي. ڪانئن پوءِ آرين نسل جي ٻي شاخ متاني عراق تي حڪومت ڪئي ۽ انهن جي حڪومت جو دائرو آرمينيا ۽ انا طوليا تائين وڌيل هو. متاني حڪومت جو پايو سترهين صدي قبل مسيح ۾ پيو. اهي ٻين آرين قومن وانگر ٽن خدائن جا پوڄاري هئا. جن کي ورونا، اندرا ۽ نتسيا جا نالا ڏنل هئا. متاني قوم جو هندوستان جي آرين سان سبنڌ ثابت ٿيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جا قائم ڪيل ادارا ۽ انگن اکرن جو نمونو هندستان جي اکرن ۽ انگن سان ملندڙ جلندڙ هو. متاني قوم جي هڪ بادشاهہ جو نالو تشرت ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو نالي پائي دسرت، هندستان ۾ پڻ هو.[23] يعني تہ رامايڻ جي هيرو سري رامچندر جو پيءُ. جنهن وقت ڪُشن ۽ متاني جي حڪومت عراق ۾ قائم هئي، ان وقت عربن جون ننڍيون ننڍيون رياستون پڻ موجود هيون. انهن عرب رياستن ۾ آشورين جي هڪ ننڍي حڪومت پڻ هئي، جنهن جو اتر عراق جي ڪن حصن تي زور هو. اهي آشوري هئا، جن آخر ۾ ٻنهي حڪومتن: متاني ۽ ڪُشن جي پڇاڙي آندي ۽ سندن ملڪ کي اسيريا جو نالو ڏنو ويو.

## اسيريا (آشور):

اسيريا (آشور)، روم وانگر نهايت ئي مختصر رياست هئي، جا پوءِ آهستي آهستي وڌندي هڪ سلطنت بنجي ويئي. شروعات ۾ انهيءَ جو دائرو آشور شهر تائين محدود هو، پر پوءِ انهن دجلہ نديءَ جي ٻنهي ڪپن تي هڪ ننڍڙو ملڪ ناهي وڌو. آشور شهر جو بنياد اصل ۾ آشوري قوم جي خدا آشور جي نالي پنيان رکيو ويو هو. سميري قوم جي هڪ ننڍڙي جماعت انهيءَ شهر کي سن3000 ق.م ڏاري ناهيو.[24] پر پوءِ 2500 ق. م ڏاري اهو شهر ڪانئن ڇڏائجي ويو ۽ عربن جي برپٽ مان هجرت ڪرڻ سبب اهو سڄو ملڪ سامي نسل جي ماڻهن سان والارجي ويو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ آشوري قبيلن جي هجرت بہ انهيءَ ساڳئي وقت عمل ۾ آئي، جڏهن عمورو قوم جي هڪ شاخ ڏکڻ عراق تي حملو ڪري بابل جي حڪومت جو بنياد رکيو. سامي قومن پوءِ سميري

تهذيب، رسم ۽ رواج اختيار ڪيو ۽ مذهب بہ اهوئي اختيار ڪيائون. جيڪو سميرين وٽ هو. انهيءَ سبب آشور، انهيءَ ملڪ ۽ ماڻهن جو مک خدا تصور ڪيو تي ويو ۽ آرمينيا جي جابلو ايراضيءَ کان وني، ٻنهي دريائن (يعني تہ دجلہ ۽ فرات) جي پاڻ ۾ ويجهو پوڻ تائين، سڄو ملڪ اسيريا سڏجڻ لڳو. آشوري حڪومت جو دائرو اتر عراق تائين محدود سمجهڻ گهرجي، جنهن جو ڪنهن مهل ٿوري ايراضي تي تہ، ڪنهن وقت وڏي ايراضي تي راڄ هو ۽ اهو آشوردان تائين قائم رهيو. اسيريا بابت سڀ کان پهريون بيان آشور- ابالت جو ملي ٿو، جنهن 1355 ق.م ڌاري حڪومت ڪئي. ان وقت سنڌس ڪردار "بادشاهہ تائيندرا" جو هو ۽ هُو ئي بابل تي بادشاهن کي مقرر ڪندو ۽ لاهيندو هو. ان وقت بابل جي تخت تي سنڌس ڏهٽو هو. جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سامي ۽ آريہ نسل جو پاڻ ۾ مائٽي جو ناتو پئجي ويو هو ۽ ٻئي نسل ان وقت پاڻ ۾ ملي جلي ويا هئا. آشورين فرات جي سڄي وادي (عراق) تي پنهنجي مڪمل حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ ٽي دفعا، شالمينسر پهرين، تگلات پائليسر پهرين ۽ آشور نصير پال جي زماني ۾ ڪوشش ڪئي پر اهي سڀ ناڪام ثابت ٿيون. آشورين جو اهو طريقو ٿي ويو تہ جڏهن بہ ڪنهن ملڪ تي حملو ڪندا هئا ۽ قلعو فتح ڪندا هئا تہ ان کي باهہ ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ ماڻهن جو قتلام ڪندا هئا. جيڪي قتلام مان بچي نڪرندا هئا، انهن جا هٿ پير ۽ عضوا وڍيندا هئا ۽ انهن جا ڍڳ ناهي شهر جي ٻاهران ڦٽو ڪندا هئا. اس، گرمي يا مکين سبب جڏهن انهن ۾ ڏپ ٿيندي هئي تہ اهو خود بخود گهٽجي مري ويندا هئا.[25] تورن ڏينهن کان پوءِ اهڙن ڍڳن کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويندو هو. اهو نمونو آشورين انهيءَ لاءِ ڪم آندو تہ جيئن ماڻهو آشورين جي فوجن جي آڏو اچڻ جي جرئت نہ ڪن ۽ ٿيو بہ ائين. قلعن ۽ شهرن جا ماڻهو آشورين جي اچڻ جو ٻڌي، شهرن جا دروازا کولي ڇڏيندا هئا.

تگلات پائليسر ٽيون (727-725 ق. م) پهريون آشوري بادشاهہ هو، جنهن اسيريا کي هڪ عالمگير طاقت بنايو. سندس اصلي نالو پولو هو ۽ تڪلت اپال + اشرا وارو لقب هُن پوءِ پاڻ تي رکيو، جنهن جي معنيٰ آهي جنهن کي اشرا (آشور) جي مدد هجي. تخت تي ويهڻ کان پوءِ هُن دمشق، گلياد، گليلي ۽ شارون جي ميدانن کي فتح ڪيو. بابلي حڪومت کي بہ اهڙو تہ سوڙهو گهٽيائين جو انهيءَ آخر زيردستي قبول ڪئي. عُرارتو ۽ آرمينيا کي

فتح ڪيائين ۽ پڻ عربستان جي اپرندي حصي کي پنهنجي زير اثر آندائين. ٿوري وقت اندر سندس حڪوه -، جو دائرو ايران جي جابلو علائقي کان وٺي مصر جي حدن تائين وڃي پهتو ۽ اتر ۾ آرمينيا کان وٺي ڏکڻ ۾ نار تائين سڀ ملڪ سندس سلطنت ۾ شامل ٿي ويا. سندس پٽ شالمينسر پنجين فقط پنج سال حڪومت ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ سارگان ٻيو تخت تي ويٺو.

سارگان ٻيو در حقيقت آشوري سلطنت جو باني سمجهيو وڃي ٿو. شالمينسر پنجين پنهنجي دور ۾ اسرائيل جي حڪومت جي گادي ساماريه کي گهيرو ڪيو هو ۽ گهيرو ڪندي گذاري ويو. پر سارگان ٻئي گهيري کي زور وٺايو ۽ ساماريه جي شهر کي تباهه ڪري ڇڏيو. اهو واقعو سن721 ق.م جو آهي.[26] اسرائيل جو ملڪ يهودين جي وڏي ۽ طاقتور حڪومت هئي. جنهن جو راڄ اتر فلسطين تي قائم ٿي ويو. اها حڪومت يهودين جي پاڻ ۾ نا اتفاقي سبب سندن بادشاهه سليمان عليه السلام جي وفات کان پوءِ وجود ۾ آئي. جڏهن يهودين جا ڏهه قبيلا سليمان عليه السلام جي اولاد کان جدا ٿي ويا ۽ اسرائيل کي وجود ۾ آندائون. يهودين جا فقط ٻه قبيلا سليمان عليه السلام جي اولاد سان وفادار رهيا. جن فلسطين جي ڏکڻ ۽ اردن واري علائقي ۾ هڪ ٻي حڪومت ناهي، جنهن جي گادي جو هنڌ يروشلم هو. سارگان ٻيو اسرائيل جي تباهي آڻڻ بعد اتي جي باقي بچيل ماڻهن کي پاڻ سان گڏ اسير ڪري وٺي ويو. جتان پوءِ انهن کي ميديا ۽ ٻين اوپر جي ملڪن ۾ جلاوطن ڪيو ويو. بينجامن آف تديلا جو چوڻ آهي ته نيشاپور جي جابلو علائقن ۾ رهندڙ قبيلا در اصل ملڪ بدر ڪيل يهودين جو اولاد آهن ۽ اهي اوپر ايران ۾ رهن ٿا. سارگان ٻئين، دُر شروگين جو نئون شهر ٻڌايو، جنهن ۾ هُن سهڻا محلات، مندر ۽ ٻيون عمارتون ٺهرايون. اهڙيءَ طرح هُن بابل جي شهر کي وري نئين سر ٻڌايو. اهو شهر سندس پيءُ پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ تباهه ڪرايو هو. ڪلداني وحشي قبيلا جن ان وقت عرب جي بيابان مان نڪري حملا ڪيا هئا، تن کي به سيڪت ڏني ويئي ۽ انهن کي عراق مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ اناطوليا ۽ شام جي ننڍڙين حڪومتن کي مجبور ڪيو ويو ته اهي آشوري شهنشاهن جي بالادستي قبول ڪن يا تباهي لاءِ تيار ٿي وڃن. اهي سڀ قدم انهيءَ ڪري کنيا ويا ته جيئن مصر جي بادشاهت کي سيڪت ڏني وڃي. مصر جا بادشاهه

شاور ۽ فلسطين جي سياسي معاملن ۾ ٽنگ اڙائيندا هئا. ان ڪري سارگان مصر تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪيون، ته جيئن "ڪتن ۽ ٻلن کي پوڇيندڙ سازشين" کي سزا ڏئي سگهجي.[27] هن نيٺ مصر تي هڪ وڏو حملو ڪيو، جنهن ۾ ميمفس کي بزور شمشير فتح ڪيو ۽ شهر جي ماڻهن جو قتلام ڪرايو. بادشاهه تيرهڪاهه تخت گاهه ڇڏي ٿيبس ڏانهن ڀڄي ويو، پر سندس راڻي ۽ پٽ اتنجور، آشورين کي هٿ چڙهي ويا، جن کي قيدي بڻايو ويو. اتر مصر جي علائقن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سارگان واپس موٽيو، پر رستي تي گذاري ويو. تيرهڪاهه اهو ٻڌي ڏکڻ مان فوجون وٺي ميمفس آيو ۽ آشورين جي حفاظتي جٿن کي قتل ڪري وري به پنهنجي ملڪ تي قابض ٿي ويو. سارگان کان پوءِ اميرحدان (آشور - اخ - ادان) آشوري شهنشاهه جي حيثيت ۾ مصر تي سن 669 ق. م ۾ حملو ڪيو، پر اهو به موٽندي بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو.[28]

آشورين جي قديم آرزو آشور بني پال جي دور ۾ پوري ٿي. جڏهن سندن قبضو اتر ۽ ڏکڻ مصر تي ٿي ويو. آشور بني پال نينوئ جو آخرين شهنشاهه هو، ۽ هن 43 سال حڪومت ڪئي (669 ق.م کان 626 ق. م). تيرهڪاهه وري به ڏکڻ ڏي ڀڄي ويو ۽ شيدين جي ملڪ ۾ پهتو. سندس ڀڄي وڃڻ ڪري آشورين پنهنجو ماڻهو "پساماتڪ" ٿيبس ۾ وائسراءِ بڻائي مقرر ڪيو، پر ميمفس ۾ پنهنجو آشوري مقرر ڪيائون. آشوري بني پال جي حڪومت جي دور ۾ آشورين جو سڄي مهذب دنيا تي راڄ هو، جنهن ۾ وچ اوڀر جا مصر ۽ سوڊان سوڌا سڀ ملڪ شامل هئا. سندس دور ۾ سندس ڀاءُ شمس- شوم- اڪين بغاوت ڪئي، جنهن ملڪ ۾ ڏقيڙ وجهي ڇڏيو. آشورين ۾ به پارٽيون ٿي ويون. ايلام ۾ به بغاوت جي باهه ڀڙڪي اٿي ۽ آشور بني پال جي مرڻ کان پوءِ اناطوليه، شام، فلسطين ۽ مصر ۾ آشورين جي خلاف فساد ٿيا ۽ جنگيون لڳيون. عربستان جي ٻرپٽ مان ڪلدانين عين ان وقت حملو ڪري ايراني نار سان لاڳو ڏکڻ بائيبلان جو ملڪ والاريو. ڪلدانين جي ليڊر بنو پوليسر، ميد ۽ ست قوم جي ليڊرن مدياس ۽ ڪئخسرو سان منصوبو ٺاهي، آسيريا تي حملو ڪيو ۽ ان جي تختگاهه نينوئ جو گهيرو ڪيائون. اهو گهيرو ڇهه مهينا هليو، جنهن ۾ نينوئ جو سهڻو ۽ عاليشان شهر تباهه ڪيو ويو ۽ اتي جي ماڻهن جو ڪيترا ڏينهن سانده قتلام جاري رهيو. انهيءَ صدمي کان پوءِ نينوئ جو شهر

وري نہ اٿي سگھيو ۽ ٿوري عرصي اندر مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويو. هي واقعو 612 ق.م ڌاري پيش آيو.[29] ملڪ کي تقسيم ڪيو ويو ۽ ان جو هيٺيون حصو ڪلدانين کي مليو، جن بابل ۾ مختصر عرصي لاءِ حڪومت ڪئي، جنهن کي 587 ق.م ڌاري ايرانين ختم ڪيو.

## ڪلداني:

نبوپوليسر هڪ وڏو فاتح ٿي گذريو آهي. آشوري شهنشاهن کان پوءِ هيءُ پهريون بادشاهه آهي، جنهن سڄي وچ اوڀر ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ آفريڪا ۾ مصر جي شهنشاهت کي ختم ڪري، ڪلداني سلطنت جون حدون ليبيا ۽ ائيسينيا تائين وڌايون. بنو پوليسر جي ڏينهن ۾ بخت نصر مصر تي حملو ڪيو ٿي، پر پيءُ جي موت جو ٻڌي واپس بابل پهتو. تخت تي ويهڻ کان پوءِ هُــن مصر کي فتح ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو، پر مصر ۽ شام جي وچ ۾ يهودين جي حڪومت، جنهن جو داهه (يهودا) سڏيو ويندو هو، حائل هئي. جنهن سبب سڀ کان پهرين يهودا کي ختم ڪرڻو هو. يهودا کي ڪلداني فوجن ختم ڪري جيروشلم تي قبضو ڪيو ۽ سڄي شهر کي بنيادن تائين تباهه ڪري ڇڏيائون. انهيءَ تباهيءَ جو منظر قرآن مجيد ۾ پڻ ڏنو ويو آهي.[30] جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عمارتن جون ڇتيون پهرين ڪيرايون ويون ۽ پٽيون انهن جي مٿان پيل هيون. يهودين ۽ عربن جي ادب ۾ ڏند ڪٿائن ۾ بہ بخت نصر هڪ نهايت ئي ظالم بادشاهه ٿي گذريو آهي. جنهن نبي سڳورن جي ڪابہ پرواهه نہ ڪئي ۽ سندن تعليم ۽ نبوت جي مرڪز کي تباهه ڪري ڇڏيو. بهرحال جيروشلم جي تباهي کان پوءِ يهودين جي بادشاهه کي زنجيرن ۾ ٻڌي بخت نصر جي آڏو پيش ڪيو ويو. بخت نصر سندس اکين اڳيان سندس ٻن پٽن کي ڦاهي ڏياري ۽ ان کان پوءِ کيس انڌو ڪيو ويو. ان کان پوءِ کيس قيدي بنائي بابل موڪليو ويو. يهودا جي ملڪ ۾ جيڪي بہ يهودي قتلام کان بچيا، تن کي بابل جي تهخانن ۾ قيد ڪيو ويو ۽ اتي انهن جون پيڙهيون گذري ويون. بخت نصر انهن کان پنهنجي ملڪ ۾ محلاتن ۽ مندرن ناهڻ ۾ زبردستي پورهيو وٺندو هو.

بخت نصر هڪ وڏو معمار هو. هُن ميڊيا جي هڪ شهزاديءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ هُــن محلات جي ڇت تي عظيم باغ نهرايو، جنهن کي بابل جي لٽڪيل باغ جو نالو ڏنو ويو آهي. قديم دور ۾

بئبيلان جا اهي باغ، دنيا جي عجائبات ۾ شامل هئا،[31] ۽ انهن جو ذڪر يونان، روم، مصر ۽ يهودين جي لکتن مان ثابت آهي. ڪلداني خاندان جي حڪومت گهڻو وقت نہ هلي سگهي. ڇاڪاڻ تہ بخت نصر جا پويان نا اهل ۽ نڪما ثابت ٿيا ۽ ان ڪري اهي ايرندي ڪان ٿيندڙ حملن کي روڪي نہ سگهيا. انهيءَ دور ۾ ايران ڪان ميد ۽ پارسي قومن عراق کي فتح ڪرڻ خاطر ان تي حملا شروع ڪري ڏنا. ڪلدان جو آخرين بادشاهہ بنو نئدو مذهبي رنگ ۾ رڱيل بادشاهہ هو ۽ ساڳئي وقت هُو هڪ وڏو عالم پڻ هو. ڪيس جنگ ڪرڻ سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي. ان ڪري هُــن حڪومت جون واڳون پنهنجي نوجوان پٽ بلشزار جي حوالي ڪيون ۽ پاڻ وڃي عجائب گهر ۾ ويٺو، جتي هُــن ڪيترائي بت، ڪتبا ۽ بيون قديم ۽ تاريخي شيون گڏ ڪيون هيون. انهيءَ موقعي جو ڪوروش (سائرس) پورو فائدو ورتو. هُــن پارسي ۽ ميد قبيلن کي ملائي 587 ق.م ۾ بابل تي حملو ڪيو. بلشزار حملي کي منهن ڏنو، پر شڪست کاڌائين ۽ مارجي ويو. بنو نئدو کي سندس ناهيل مندرن مان هٿ ڪري قيد ڪيو ويو ۽ سڄي وادي فاتحن جي هٿ ۾ اچي ويئي. بنو نئدو قتل ڪيو ويو ۽ بابل ۾ ڪوروش جي بادشاهي قائم ٿي ويئي. آريہ نسل (قوم) جي حڪومت عراق ۽ وچ اوڀر جي ملڪن تي قائم ٿي ويئي ۽ اها هڪ هزار سالن تائين قائم رهي. تان جو حضرت عمر رضي الله عنہ جي زماني ۾ وري عربن حملو ڪري، عراق فتح ڪيو ۽ سامي قوم جي وري اولهہ ايشيا تي حڪومت قائم ٿي ويئي.

ڪوروش اعظم معتدل طبيعت جو ماڻهو هو ۽ هن جو ٻين مذهبن جي ماڻهن ڏانهن رويو رواداري تي مبني هو. هُنِ فتح ٿيل قومن ڏانهن رحم ۽ مهرباني جو جذبو ڏيکاريو. يهودين کي قيد ۽ زندان مان آزاد ڪري، ڪين سندن ملڪ واپس وڃڻ جو حڪم ڏنائين. ان ڪري يهودين جي مذهبي ڪتابن ۾ ڪيس مسيحا، آزادي ڏيندڙ، قرنين (ٻن سڱن وارو)، ۽ ٻيا ڪيترا ئي لقب ڏنا ويا آهن.[32] عربن جي ڏند ڪٿائن ۾ بہ ڪيس عظيم شهنشاهہ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو ۽ اهي سندس نالو عزت ۽ احترام سان وٺندا هئا. ڪوروش اعظم جي قائم ڪيل بادشاهي گهراڻي کي سندس ڏاڏي جي نالي تي هخامنشي خاندان سڏيو ويجي ٿو، جنهن جي آخرين بادشاهہ دارا ٿئين کي

سڪندر اعظم يوناني آئيوس ۽ اربيلا جي جنگين ۾ شڪست ڏيئي بابل ۽ اوپر جي ٻين ملڪن تي حڪومت ڪئي.

## ڪنعاني قوم:

ڪنعاني ۽ آرامي قومون هڪڙي وقت تي شام ۾ بر سر حڪومت ڏنيون ويون هيون. ڪنعاني سمنڊ جي ڪناري وارو ملڪ والاريو ۽ آرامي شام جي وچ ۽ اوپر وارو ملڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. انهن ٻنهي قومن ڪي عربن جي تاريخ ۾ ڏند ڪٿائن ۾ عاد سڏيو ويو آهي. تاريخي تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ ڪنعاني قوم، شام جي ڪناري واري ملڪ تي 2500 ق. م کان 1800 ق. م جي وچ واري دور ۾ قبضو ڪيو ۽ هنن شام جي ساموندي ڪناري تي ڪائيسز کان گازا تائين طاقتور شهري حڪومتون قائم ڪيون. اهي شهري حڪومتون پنهنجي منهن ۾ آزاد هيون، پر جڏهن بہ ڪنعان تي ٻاهريان حملو ٿيندو هو، تڏهن اهي شهري حڪومتون پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويندیون هيون.

ڪنعان اصل ۾، ڪنعا مان نڪتل آهي، جو اصل ۾ اڪادي ٻوليءَ جو لفظ آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪنعان اصل ۾ عبراني ٻوليءَ مان ورتل هجي. جنهن جي معنيٰ آهي: تير يا تير پيدا ڪندڙ ملڪ. يوناني انهيءَ کي فنيقيا (فنيشيا) سڏيندا هئا، جو پڻ فائنڪس مان نڪتل آهي،[33] جنهن جي معنيٰ واڱڻائي، سوسو، نير وغيره آهي. جيئن تہ شام جي ساموندي علائقي وارو ملڪ قديم دور کان وڻي رنگ ۽ نير وغيره جي صنعت ڪري مشهور هئو، ان ڪري اهو نالو مٿس پئجي ويو. ڪنعان جو ملڪ سمنڊ ۽ جبلن جي وچ ۾ آهي. اهوئي سبب آهي جو ان کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو. قديم سامي ٻوليءَ ۾ ڪنعان لفظ جي معنيٰ آهي ميداني علائقو ۽ ان جي برعڪس جابلو ملڪ کي لبنان جو نالو ڏنو ويو. جنهن جي معنيٰ آهي مٿاهون پٽ. ڪنعان جي شهرن جي کوٽائي مان خاص ڪري جيريڪو، بيت شين ۽ ميگيدو جي کوٽائي ظاهر ڪيو آهي تہ اهي شهر 3000 ق.م کان بہ اڳ جا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪنعاني قوم جي هجرت اڪادي قوم جي هجرت واري دور ۾ ٿي. اڪا، طائر، سدان، گبلا، ارڪا ۽ سمرا اٽڪل 1500 ق. م ۾ وجود ۾ آيا ۽ انهن کان پوءِ بوتيرس، بابيلس، گازا، اردوس، عسقلان، گيذر، لڪيش، حذر، سيشم ۽ جيروشلم پوءِ نهرايا ويا ۽ اهي سڀ ڪنعاني قوم جي محنت جو نتيجو آهن.

ڪنعان جي بيھڪ ان ڪي قديم دور جي سلطنت شاھين جي وچ ۾ ڪيتي جي حيثيت ڏني. اهي وڏيون طاقتون مصر، بائيبلان ۽ انا طوليا هيون. اھوئي سبب آهي جو ڪنعاني قوم ڪي انهن حڪومتن جي جهيڙن ۽ ڊپلوميسي ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پيو. ڪنعانين جي ڊگهي تاريخ مان ثابت ٿيو آهي تہ ڪنعاني طبيعتاً امن پسند ماڻهو هئا. فوجي ڏيکاءَ ۽ جنگي ڪردار کان گريز ڪندا رهندا هئا. اھوئي سبب آهي جو انهن واپار ۽ صنعت ڪي جنگ کان وڌيڪ اهميت ڏني، ان ڪري هنن واپار، صنعت، فن، ادب ۽ مذهب ۾ وڏي ترقي ڪئي. ڪنعاني قوم جا جيڪي شهر اندر تي هئا، انهن جي ماڻهن جو خاص ڌنڌو پوڪي راهي هئي، جنهن جا نشان اڄ بہ موجود آهن. جيئن تہ فنيقي شهر پاڻمرادو ۽ اڪيلا هئا، ان ڪري اهي هميشہ ڌارين جي حملي جي مصيبت ۾ رهندا آيا، جن حلال اخضر ۾ حڪومتون يا سلطنتون ناهيون. پر اهڙا بہ واقعا آهن جن ۾ گڏيل مفاد خاطر فنيقي شهرن جي پاڻ ۾ ٻڌي بہ رهي ۽ گڏجي مقابلي ڪرڻ جو مظاهرو پڻ ڪيو هو. انهيءَ حقيقت جو مثال قرقر جي جنگ مان ملي ٿو،[34] جنهن ۾ شام جي مختلف حصن جي بادشاهن ۽ فنيقي شهرن پاڻ ۾ گڏجي آشوري شهنشاهہ جو مقابلو ڪيو هو.

ڪنعاني، دنيا جا پهريان ماڻهو آهن، جن وڏي پيماني تي سامونڊي جهاز ناهيا ۽ سمنڊ جي رستي واپار ۽ نو آبادياتي نظام قائم ڪيو. هنن سامونڊي جهازن جا آڙ ماڙ ناهيا، جي نهايت ڦڙت هئا. انهن دنيا ۾ هر هڪ ملڪ ۾ پهچي واپار ڪيو ۽ پنهنجا مرڪز قائم ڪيا. ڪنعاني پهريان ماڻهو هئا، جن بحر ظلمات (Atlantic Occian) ڳولي ڪڍيو ۽ اهي پهريان ماڻهو هئا، جن آفريڪا جي چوڌاري ڦيرو ڪاٽي، اوڀر جي ملڪن ڏانهن واپاري رستو ڳولي ڪڍيو. ساڳئي واپاري جهازن جي سهوليت خاطر هنن هڪ واهہ بہ ناهيو هو، جو نيل نديءَ کي ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍيندو هو. اهو واهہ واريءَ سبب لٽجي ويندو هو، پر ان کي صاف رکڻ لاءِ ان جي کوٽائي پڻ ڪئي ويندي هئي. ڪنعاني قوم جي ايجاد ڪيل انهيءَ خيال کي اوڻيهين صديءَ ۾ هڪ فرينچ انجينئر پايہ تڪميل تي رسايو. اهو ماهر ڊي. ليسپس هو جنهن سئيز واهہ کوٽائي تيار ڪيو. سئيز واهہ ڳاڙهي سمنڊ کي يورپ سمنڊ سان ڳنڍي ٿو. فنيقين جو واپار گهڻو ڪري هر هڪ جنس ۾ هوندو هو. جنهن ۾ ڌاتن مان

نهيل مال، عاج جو نهيل سامان، شيشو ۽ ريشم جو ڪپڙو خاص مشهوري رکي ٿو. جيريڪو جي قديم شهر جي کوٽائي مان پالن جون لوهي نرڪون، ڪپ، جنگ جون ڪهاڙيون، آرون، نچڪٽا ۽ ٻيو لوهي مال گهڻي انداز ۾ مليو آهي. ڪنجهي، سون ۽ چانديءَ جون چوڙيون، ڪنگڻ، والا، واليون ۽ بروچ ڪيترن ئي فنيقي شهرن ۾ کوٽائي وسيلي هٿ آيا آهن. حيفا جي پر ۾ تل ابو حوران واري دڙي مان 1400 ق.م جي دور جا جهانجهہ (ڪنجهيون) هٿ آيا آهن. اهڙي طرح هڏي ۽ عاج مان نهيل، چن جي پٿر جو نهيل سامان، زمرد ۽ عقيق بہ مليا آهن، جنهن ۾ صنعتي فن ۾ وڏي ترقي ڏٺي وئي آهي.

سامونڊي واپار ڪنعاني قوم کي يونچ سمنڊ جي ڪناري واري هرهڪ حصي تي حاوي ڪري ڇڏيو. اهي جتي بہ ويا، اتي انهن پنهنجيون بينڪون قائم ڪيون تہ جيئن سندن جهازن کي لنگر هڻڻ ۽ مال جي ڏي وٺ ۾ تڪليف نہ ٿئي. انهن بينڪن مان ڪي ترقي ڪري وڏا ملڪ بنجي ويا ۽ انهن مان هڪ ڪارٿيج (ڪرت- حدشت) وڏي سلطنت بنجي ويئي. يونچ سمنڊ ۾ ڪنعاني قوم جون پهريون بينڪون قبرص ۽ ائجن سمنڊ ۾ قائم ٿيون. ڪريٽ، سموس ۽ مالٽا وغيره جا نالا شامي ٻوليءَ جا نالا آهن[36] ۽ ظاهر ڪن ٿا تہ اهي ڪنعاني قوم جا رکيل نالا آهن. يورپ جي سڀ کان پهرين تهذيب ڪريٽ ۾ ترقي ورتي ۽ اها سڄي ساري شام ملڪ مان ڪنعاني تاجرن اتي پهچائي. زوس ۽ يوريا (اوروپا) جي ڏند ڪٿا انهيءَ حقيقت جي تصديق تي ڪري تہ ڪريٽ ۾ اوائلي تهذيب جا اصول ڪنعاني اثر هيٺ اجاگر ڪيا ويا. يورپ جو پهريون قانون دان مائينوس ڪريٽ ۾ ڄائو هو، سندس لاءِ چوڻ هو تہ اهو زوس جي يوريا جي زوري زنا ڪرڻ سبب پيدا ٿيو. يوريا اصل ۾ تاير (طاير) جي فنيقي بادشاهہ اگنار جي ڌيءُ هئي، جنهن کي زوس، ڍڳي جي شڪل اختيار ڪري سندس شهر مان ڪٽي ويو هو. يوريا تان يورپ جي کنڊ تي اهو نالو پيو.[37] فنيقين اٿينس جو شهر ٻڌايو ۽ اتي جو مشهور محلات (اڪروپوليس) قدميا نهرايو. اٿينس جو شهر اصل ۾ اتيڪا هو، جنهن جي سامي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي پراڻو شهر. اهڙيءَ طرح قدميا جو نالو پڻ قدموس تان ورتل آهي. جو يوريا جو ڀاءُ هو ۽ کيس سندس پيءُ، پيڻ جي ڳولا ۾ ملڪ کان ٻاهر موڪليو هو. قدميا جي سامي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي نوان آيل ۽ انهن نون آيلن تريس ۾

بينڪون قائم ڪري، سون جي ڳولا خاطر، ڪوٺائي جو ڪم جاري رکيو. اليريس جو نالو اڄ بہ اولهہ ٿريس جي هڪ حصي تي اڃا بہ موجود آهي، جنهن ڪي هاڻي البانيا سڏيو وڃي ٿو. اليريس دراصل قدموس جو پٽ هو ۽ انهيءَ ملڪ تي قابض ٿي ويو هو.

فنيقي بينڪون فقط يونچ سمنڊ جي يوربي ڪنارن تائين محدود ڪونہ هيون، پر انهن اُتر آفريڪا جي بربري ڪناري تي بہ پنهنجو راڄ قائم ڪيو هو. انهن بينڪن ۾ اُتيڪا (عتيقا) ۽ ڪارٿيج (ڪرت- حدشت) جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪارٿيج جي نو آبادي ايڏي تہ طاقت ور ٿي، جو انهن روم جي سلطنت شاهي جي خلاف عظيم سوپون حاصل ڪيون. هملڪار برقا ۽ سندس پٽ هينيبال تاريخ ۾ وڏا فاتح مشهور آهن. هينيبال روم تي حملو پڻ ڪيو هو، جنهن ۾ هُن هاٿي استعمال ڪيا هئا ۽ انهن ڪي يورپ تائين پهچائڻ ۾ پاڻيءَ جا وڏا جهاز ڪم آندا ويا هئا. اسپين ۽ آلپس ڪئي اُڪري هينيبال روم تي طاقتور حملو ڪيو، پر پوءِ سُتت ئي کيس اتر آفريڪا واپس وڃڻو پيو. سن 202 ق.م ۾ رومين، هينيبال ڪي زمہ جي جنگ ۾ شڪست ڏيئي پٺڀرو ٿي مجبور ڪري وڌو. هُو شام ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو جتي شام جي بادشاهہ اينٽياڪُس سان وڃي مليو، پر کيس وري بہ (183 ق.م) بي شڪست ملي.[38] جنهن سبب هو دلشڪستو ٿي پيو ۽ آپگهات ڪيائين.

ڪنعاني قوم (فينقين) جو شام ملڪ ۾ ظهور، دنيا جي تهذيب لاءِ نهايت ئي اهم ۽ ڪار آمد ثابت ٿيو. اولهہ ايشيا ۾ اهي پهريان ماڻهو هئا، جن لوهہ ۽ رُڪ جو استعمال ڪيو ۽ پهريان ماڻهو هئا، جن گهوڙو ۽ رٿ ڪم آندو. بحر ظلمات ۽ آفريڪا جي چوڌاري سامونڊي رستو ڳولي هٿ ڪرڻ بہ ڪنعانين هٿان ٿيو. پر سڀ ڪان وڌيڪ انهن جو اثر انساني تعليم تي ٿيو. ڇاڪاڻ تہ هي دنيا جا پهرين ماڻهو هئا، جن الف- ب- وارو سرشتو رائج ڪيو. اهڙيءَ طرح دين ۽ مذهب ۾ بہ انهن جو ڪردار اوليت جو درجو رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪنعاني پهريان ماڻهو هئا، جن هڪ خدا (ديوتا) جي پرستش جو رواج وڌو. الف - ب - ت وارن اکرن جي ايجاد جو دارومدار هيرو غليفي رسم الخط تي هو، جو سينا جا ماڻهو ڪم آڻيندا هئا ۽ ان تي مصر جي لکت جو وڏو اثر هو. الف - ب - ت واري صورتخطي ۾ ڪُل 22 نشان رکيا ويا هئا،

جي هڙ ئي ڪنهن نہ ڪنهن سامينڪ ناليِ تان ورتل هئا. الف دراصل ڍڳي جي متي تان، ۽ ب، بيت تان ورتل هو، جنهن جي معنيٰ آهي گهر. اهڙيءَ طرح ميم اکر پاڻي لاءِ، ريش متي لاءِ ۽ يد هٿ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. الف - ب - ت واري حرفن جي ايجاد کان اڳ وچ اوڀر جا ماڻهو يا تہ تصويري صورتخطي استعمال ڪندا هئا يا تہ مورڳو ميخي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا، جنهن ۾ ماڻهو منجهي پوندو هو. ڪنعانين جي ايجاد کان پوءِ اها صورتخطي آرامي ٻوليءَ جي معرفت سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويئي. يورپ ۾ پڻ يوناني ٻوليءَ رستي اها سيني ٻولين ۾ ڪم آندي ويئي، جنهن جو اثر ايران، هندستان ۽ چين تائين پهچي ويو هو. چاڪاڻ تہ آخرين ڪنعاني دور ۾ آرامي زبان دنيا جي بين الاقوامي ٻولي ٿي ويئي هئي ۽ ان جو اثر گهٽ ڪري دنيا جي هر ڪنهن ٻوليءَ تي ٿي ويو هو.

فنيقي هڪ خدا جي پوڄا ڪندا هئا. جنهن کي هنن بعل جو نالو ڏنو هو. بعل در حقيقت بل (مردوڪ) آهي، جو درحقيقت اڪاد قوم جو هڪ ديوتا هو. ان کي گهٽ ڪري ايل (يا عيل) سڏيو ويندو هو ۽ اهو ساڳيو ايل، ڪنعاني ۽ يهودي دنيا جو خدا بنجي ويو. ايل کي هڪ ساٿياڻي هئي، جنهن کي اشترت جو نالو ڏنو هو. اشترت اصل ۾ اشتر آهي، جنهن جي بابل ۾ خُدائڻ جي حيثيت ۾ پوڄا ٿيندي هئي. اها خدائڻ پوءِ گريس (يونان) ۾ ايفروڊائيٽ ۽ روم ۾ وينس جي نالي سان مشهور ٿي ويئي ۽ آبادي جي ديوتا تصور ڪئي ويندي هئي.[39] اهو ڪنعان هو جتان يهودين خدا جي هيڪڙائي جو سبق حاصل ڪيو ۽ ان کي جيهووا يا يهريو (ياهُو) جو لقب ڏنو.

## آرامي قوم:

جنهن وقت ڪنعانين جو سامونڊي ڪناري تي راڄ هو، ان وقت شام جي اندرين حصي تي ٻهرئين عمورو ۽ ان کان پوءِ آرامي قومن جي حڪومت هئي. شام جي اندرين حصي تي عمورو قوم جي هجرت انهيءَ ساڳئي وقت عمل ۾ آئي، جڏهن يهودين فلسطين واري علائقي تي سينا جي رڻ پٽ مان جلهون ڪيون هيون. آرامين شام ۾ هڪ مرڪزي حڪومت قائم ڪئي هئي، جنهن جو پهريون مرڪز زوبہ ۽ پوءِ دمشق هو. آرامين شام ۾ 1500 ق.م ڌاري هجرت ڪري اهو ملڪ والاريو هو.[40] قرقر جي جنگ کان سواءِ ٻي ڪنهن

ٻہ وڏي لڙائيءَ جو آرامين جي تاريخ ۾ ٻيو ڪوبہ مثال نہ ٿو ملي. ان ڪري اهو انومان ڪڍڻ صحيح ٿيندو تہ آرامي امن پسند قوم هئي ۽ انهن جي اقتصاديات جو دارومدار واپار تي هو. قرقر جي جنگ دمشق جي آرامي بادشاهہ بن حدد، شام جي ٻين بادشاهن سان گڏجي آشوري شهنشاهہ شالمينسر جو مقابلو ڪيو هو، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين سوڀ جي دعويٰ ڪئي آهي. بن حدد کان پوءِ آرامي تاريخ ۾ ٻيو نالو حزائيل جو آهي، جنهن آشورين جي جنگ ۾ گهڻ دلچسپي وٺڻ ڪري، سڄي شام ملڪ تي پنهنجو قبضو ڄمايو هو. تاريخ مان ثابت ٿيو آهي تہ آرامين ڪي شام ۾ پنهنجو وجود قائم رکڻ لاءِ آشوري، فنيقي، مصري ۽ يهودي طاقتن سان لڳاتار جنگ ڪرڻي پيئي. آرامي حڪومت جي پڄاڻي آشورين هٿان ٿي، جڏهن تگلات پائليسرٿئين 732 ق.م ۾ دمشق تي حملو ڪري، انهيءَ شهر جون پٿيون ٿوڙي ڇڏيون. ماڻهن جو قتلام ڪرايو ۽ باقي بچيل ماڻهن کي جلاوطن ڪيو.

آرامي مملڪت سياسي ۽ جنگي ڪارنامن کان وڌيڪ واپاري ۽ ثقافتي ترقيءَ کي گهڻي اهميت ڏني. انهن شام ملڪ جو سڄو اندروني واپار پنهنجي قبضي ۾ رکيو ۽ ٻاهرين ملڪن سان واپار ۾ بہ هڪ هٽي قائم ڪئي، پر اها فقط خشڪي جي رستن تائين محدود هئي. ڇاڪاڻ تہ سامونڊي واپار تي فنيقين جو قبضو هو. آرامين جي واپار جون مشهور جنسون هي هيون: ڪنعان جو تير، آفريڪا ۽ يمن مان سوٽي ڪپڙو، زريءَ جو پرت (مقيش)، پڪراج، ٽامو، آبنوس ۽ عاج جو سامان ۽ ايراني نار مان موتي. اهي آرامي واپاري هئا، جن آرامي ٻوليءَ جي لفظن ۽ صورتخطي کي عرب ملڪن ۽ ايران ۾ رائج ڪيو ۽ اهو اثر واري سنڌ تائين پڻ پهچي ويو. آرامي ٻوليءَ ۾ ايڏو تہ دنيا تي اثر هو جو دارا پهرئين ان کي پنهنجي سلطنت جي سرڪاري ٻولي بنائي ڇڏيو ۽ جنهن ۾ سنڌو ماٿريءَ کان وٺي مصر تائين سڀ ملڪ اچي ٿي ويا. آرامي ٻوليءَ جو اهو اوج سڪندر اعظم جي دور تائين قائم رهيو. هڪ ٻوليءَ جو ايڏو اثر، جا ڪنهن بہ سياسي قوت جي زور تي نہ هجي. دنيا جي تاريخ ۾ اهڙو ٻيو ڪو بہ مثال نہ ڏنو ويو آهي. آرامي ٻوليءَ جو اثر گهڻو ڪري دنيا جي هرهڪ ٻوليءَ تي ڏنو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ اوپر هجي يا اولهہ. انهن سڀني ملڪن جي الف - ب - ت ۽ گرامر تي آرامي ٻوليءَ جو نمايان اثر محسوس

ڪيو ويو آهي. اها ساڳي حقيقت اتر واري عربي ٻوليءَ ۾ به واضح آهي، جنهن ۾ قرآن نازل ٿيو ۽ لکيو ويو. پهلوي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جا بنيادي اکر پڻ آراميءَ تان ورتا ويا آهن. سنسڪرت جي الف - ب - ت کي هندوستان مان ٻاهر جي ملڪن ۾ رائج ڪرڻ ۾ ٻڌ مذهب جيَ شمنين جو وڏو هٿ هو، جن اهو افغانستان، وچ ايشيا، تبت، منگوليا، چين، هند چين ۽ انڊونيشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ تبليغ جي وسيلي پکيڙيو. آرامي لکت جو بهترين نمونو ٺڪر جي هڪ وڏي جمن مان مليو ٿو، جو ڪوٽائي مان مليو آهي. اهو جمن دمشق جي بادشاهه بن حدد، شهر جي مشهور ديوتا ملڪ- قرت کي نذراني طور پيش ڪيو هو. حماهه جي بادشاهه ذاڪر جو هڪ ڪتبو پڻ مليو آهي، جنهن ۾ هُن دعويٰ ڪئي آهي ته هُن شام ملڪ جي سترهن بادشاهن سان يڪي سر مقابلو ڪيو ۽ سيني جي گڏيل لشڪر کي شڪست ڏني هئائين.[41]

## ثمود، طسم، جديس ۽ عمالقہ قبيلا:

ثمود قبيلن جو اصل وطن حجاز، وادي قريٰ، اردن جو ڏاکڻو حصو، ۽ سينا جو رڻ پٽ هو. قرآن پاڪ موجب ثمود دنيا جي ٻي قوم هئي، جنهن کي عاد کان پوءِ روءِ زمين جي بادشاهي ڏني ويئي هئي.[42] عرب انهن کي اصحاب الحجر سڏيندا هئا. اهو انهيءَ ڪري جو انهن جو مرڪز جبلن جي وچ ۾ ٺهيل هو ۽ اهو شهر بين الاقوامي واپاري رستي تي هئڻ ڪري شام کي مصر سان ۽ يمن کي شام سان ڳنڍيندو هو. انهن لاءِ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته سندن تباهي انهيءَ ڪري عمل ۾ آئي جو اُهي ڪوڙا ۽ ڪسا، تور ۽ ماپ استعمال ڪندا هئا ۽ ماڻهن سان دولاب ڪندا هئا. انهيءَ قوم ڏانهن هڪ نبي حضرت صالح عليه السلام موڪليو ويو هو، جو پاڻ سان گڏ ڪرامت جون ظاهر نشانيون ڪنيو آيو. اهي نشان ڏاچي ۽ سندس گوري هئا. پر هنن نبي سڳوري جي نصيحت تي ڪوبه عمل نه ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح اهي پنهنجن گناهن سبب تباهه ٿي ويا. تاريخي نقطہ نگاهه کان اهو اشارو نبطي (نباط) قبيلن ڏانهن آهي، جن بالميرا ۽ پطرا ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي. انهن حڪومتن ۾ اتر عربستان کان سواءِ شام جو به ڪجھ ملڪ شامل هو. پطرا، اصل ۾ لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ لفظ عربي حجر سان مشابهت رکي ٿو ۽ ٻنهي جي معنيٰ آهي پٿر. اهو نالو انهيءَ ڪري رکيو ويو هو جو اهو شهر سڄو سارو جبل ٽڪي

ٺاهيو ويو هو. اتر عربستان ۾ هٽڻ ڪري اهو چوڏاري اهڙن جبلن ۾ ڍڪيل هو، جو ماڻهو تہ ماڻهو جي ماڳ پر دشمن جو ڪوبہ لشڪر رسي نہ ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو صدين تائين اهو شهر دشمن جي چنبي کان محفوظ رهندو آيو. پطرا جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ان جي جاءِ پالميرا ورتي. جنهن جا کنڊر شام جي برپٽ ۾ هڪ عجيب ڏيکاءُ ڏين ٿا، پر انهن تي اڃا تائين ڪابہ تحقيق ڪانہ ٿي آهي. اوج جي دور ۾ پالميرا جي حڪومت روم ۽ پارتيا جي وچ ۾ هڪ قسم جي وچٿري حڪومت هئي. پر پوءِ آخر ۾ رومي شهنشاهيت انهيءَ کي 272 ق.م ۾ ختم ڪري ڇڏيو.[43]

پطرا ۽ پالميرا جي تهذيب چڱيرڙي ترقي ڪئي. خاص ڪري پٿر جي گهڙائي ۽ بت سازي ۾ تہ انهن وڏي مهارت حاصل ڪئي. ماڻهن، جانورن، پکين وغيره جا نهيل مجسما وڏي انداز ۾ اتان مليا آهن. انهيءَ تان عرب سون پرست جاهلن اها ڳالهہ گهڙي ورتي تہ اهو شهر ۽ ان جا ماڻهو، خدا جي ڏمر سبب پنڊ پهڻ ٿي ويا. ثمود قبيلن جي باري ۾ سارگان ٻئي جي ڪتبن ۾ پڻ مواد مليو ٿو، جنهن سن 722 عيسوي ۾ سندن خلاف تاديبي ڪاروائي ڪئي هئي. يوناني ليکڪن انهن کي ثمودائي لکيو آهي. جن کي روم جي شهنشاهہ فوج ۾ ڀرتي ڪري، سندن عزيزن کي نابط يا نباطي قبيلن خلاف استعمال ڪيو ويو هو، جي شام جي ڏاکڻي ايراضين ۾ رهندا هئا.

طسم ۽ جديس جا قبيلا يمامہ، بحرين ۽ عُمان ۽ اڀير عربستان جي علائقن ۾ رهندا هئا. سياسي قوت ۾ طسم جي قبيلي جو سيني ٻين قبيلن تي اثر هو. عرب تاريخ دانن جو چوڻ آهي تہ طسم ۽ جديس قبيلا، اصل ۾ عاد نسل جي هڪ شاخ هئا، جن کي وڏي ٻوڏ کان پوءِ سڄيءَ دنيا جي بادشاهي ڏني ويئي هئي. جديس جي بغاوت سبب طسم قبيلي جي حاڪم عملوق يمن جي تبع خاندان جي بادشاهہ جُشن کان مدد طلب ڪئي، جنهن سبب انهن علائقن تي يمن جو راڄ قائم ٿي ويو.[44] درحقيقت اهو قبائلي جهيڙو بيابان ۾ خيابانن تي قبضي متعلق هو. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ اهو جهيڙو تاريخي دور جو آهي، پر جيئن تہ اهو قديم هو، ان ڪري انهن قبيلن کي عاد سان ملايو ويو آهي. طسم ۽ جديس جو مڪمل خاتمو ٿي ويو هو ۽ سندن ماڳ يا تہ يمني عربن وسايا هئا، يا تہ مورڳو اهي مصري قبيلن جي ور چڙهي ويا. پيغمبر

اسلام حضرت محمد ﷺ جن جي بعثت جي وقت ڪوبہ ماڻهو انهن قبيلن مان زندھ ڪونہ هو. رڳو سندن ياد رهجي ويئي هئي.

## عرب العاربہ:

عرب العاربہ جي معنيٰ آهي اصل عرب ۽ اهو نالو يمن جي عربن پنهنجو پاڻ تي رکيو هو. انهيءَ لاءِ تہ اهي عربستان جا اصلوڪا رهاڪو هئا ۽ اصل کان وٺي اتي رهندا ٿي آيا. انهن جي دعويٰ هئي تہ اُهي قحطان (تورات واري يقطن) جو اولاد آهن، جو سندن خيال موجب انهن سيني قبيلن جو ابو هو، جي يمن، حضر موت ۽ ڏکڻ عربستان جي ٻين حصن ۾ رهندا ٿي آيا. تورات ۽ عربي ماخذن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قحطان کي تيرهن پٽ هئا، جنهن ۾ سبا ۽ حمير جو اولاد، اسلام کان اڳ وڏي اثر رسوخ جا مالڪ هئا. انهن يمن ۾ طاقتور حڪومتون قائم ڪيون هيون، جن جو اثر سڄي عربستان تي پڻ رهندو آيو. قحطان جي پٽن جا نالا، عربستان جي اپبيٺ ۾ ڪيترن ئي ماڳن ۽ ملڪن تي رکيل هئا ۽ اتي جي رهندڙ قبيلن جا نالا پڻ ساڳيا ئي هئا. انهيءَ حقيقت جي تصديق يوناني جاگرافي دان پليني جي لکت مان ٿئي ٿي، جنهن جو چوڻ آهي تہ سبا جو اولاد، ڏکڻ عربستان ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ۽ مشهور هو ۽ انهن جي حڪومت ٻن سمنڊن جي وچ ۾ هئي.[45] پليني جي ٻن سمنڊن مان مراد آهي ڳاڙهو سمنڊ ۽ ايراني نار. يوناني ليکڪن جي ڄاڻ جو دارومدار، سبا سان سندن واپاري لاڳاپن جي ڪري هو. بنو قحطان (قحطان جو اولاد) جي اولاد جي قديم تاريخ بابت ڄاڻ جو تمام گهٽو مواد آهي. پر اها پڪ آهي تہ اهي اصل کان وٺي يمن ۾ رهندا ٿي آيا ۽ سندن رهائش حضرت مسيح عليہ السلام کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ تسليم ڪئي وئي آهي.

عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ عاربہ نسل جا عرب يمن ۾ 2500 ق.م ۾ پڻ موجود هئا. جا ڳالھ ظاهري وڏاءُ ڏسڻ ۾ ٿو اچي. انهيءَ دعويٰ جو بنياد شايد تورات جون ڏند ڪٿائون آهن يا عبيد بن شريہ جرهمي جون لکتون آهن، جي ٻئي مستند مواد جي حيثيت نہ ٿيون رکن. ڇاڪاڻ تہ تاريخي سلسلو انهن ٻنهي ۾ ناپيد آهي. جيڪي ڪتبا يمن مان لڌا ويا آهن، اهي پڻ ٿورڙا آهن ۽ ايترا تہ گهٽ درجي جا آهن جو انهن مان ڏکڻ عربستان جي قدامت تي ڪابہ روشني نہ ٿي وجهي سگهجي. جنهن جو وڏو حصو اڃا تائين پراسرار لڪ ۾

لکيل آهي. پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ قحطان جي اولاد نهايت ئي طاقتور حڪومتون قائم ڪيون هيون. جن جو احوال جيتوڻيڪ ٿورو آهي، پر اهو مستند ماخذن مان حاصل ٿيو آهي. انهن بادشاهتن جا نالا هي آهن: منائين (معين)، سَبا ۽ حمير، جن جي حڪومت جو دائرو ۽ زمانو محمد رسول الله ﷺ جي زماني تائين جاري رهيو.

## معين جو دور:

يمن جي پهرين خاندان جو نالو منائين يا معين ٻڌايو ويو آهي، جن جو ڏکڻ عربستان تي سياسي تسلط 1800 ق.م جي لڳ ڀڳ ٻڌايو ويو آهي. معين يا معون دراصل عين لفظ مان جڙيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاڻيءَ جو چشمو ۽ اهو ڏيکاري ٿو تہ معين جي حڪومت جو دائرو اهڙي ملڪ تي هو، جتي پاڻيءَ جا چشما گهڻا هئا ۽ اهو اهڃاڻ عربستان ۾ يمن کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ملڪ سان نہ ٿو لاڳو ڪري سگهجي. اهو بہ ممڪن آهي تہ معين جو مرڪزي شهر ڪنهن اهڙي ٽڪر تي واقع هجي، جتي چشمن مان پاڻي هٿ ڪيو ويو هجي. عرب تاريخدانن معين کي قدامت سبب، عرب بائده ۾ شمار ڪيو آهي، جن جي سڄي دنيا تي حڪومت هئي. پر پوءِ قدرت جي ڏمر سبب اها صفحہ هستي تان متجي ويئي. تاريخي مواد ڏيکاري ٿو تہ معين جي حڪومت جو مرڪز الجوف ۾ هو، جو يمن ۾ آهي،[46] پر اهو بہ ممڪن آهي تہ سندن واپار جي چرپر ۽ سياسي قوت جو دائرو اتر ۾ شام جي شهرن عُلا ۽ تبوڪ تائين پکڙيل هو. انهن ماڳهن جو نالو اڃ تائين مَعان شهر تي موجود آهي جو پطرا واري علائقي ۾ واقع آهي. اهو شهر سندس مشهور ڪالوني ۽ واپاري مرڪز پڻ هو. جنهن سان هنن واپار رستي شام کي يمن سان ملايو هو. معين جو تختگاھ قرناءَ هو، جنهن کي هاڻي معين جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ اهو يمن جي هاڻوڪي تختگاھ سناءَ جي پر ۾ آهي. سندن مذهبي مرڪز ياثل ۾ هو، جنهن کي هاڻي براقيش سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو مارب بند جي اتر ۾ ڪجھہ فاصلي تي نهيل هو. معين جي ٻولي بہ اها ساڳي هئي، جيڪا پوءِ سبا وارا ڪتب آڻيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو فرق هو تہ اهو فقط محاوري جو آهي. معين جي مندرن جا کنڊر ۽ انهن مان هٿ آيل ڪتبن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ٿانو، هرٽيون ۽ ٻيا جانور قرباني جي مندر ۾، انهيءَ لاءِ رکيا ويندا هئا تہ جيئن

ديوتائون راضي رهن. معين جي ٻولي واري صورتخطي ۾ 29 نشان (اکر) هئا، جن جا ڪردار سينا واري الف - ب - ت تان ورتل هئا. سينا ۾ ايجاد ڪيل الف - ب واري رسم الخط کي فنيقي الف - ب - ت ۽ مصري هيرو غليفي صورتخطي جي وچ ۾ ناتو جوڙيندڙ ڳنڍ يا ڪڙو تصور ڪيو ويو آهي. ڪتبن مان المقه (مه گاهه) يعني تہ چنڊ جي مندرن هجڻ جو اهڃاڻ ملي ٿو، جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ چنڊ ۽ ٻين تارن وغيره جي پوڄا جو رواج ٻڻ منجهن موجود هو. کوٽائي مان 25 بادشاهن جا نالا دستياب ٿيا آهن، جي معين گهراڻي مان هئا. ان ڪري اهو انومان ڪرڻ صحيح ٿيندو تہ معين جو راڄ گهٽي عرصي تائين يمن ۾ قائم هو. حمزه اصفهاني جو قديم عرب تي هڪ سند جي حيثيت رکي ٿو، تنهن جو چوڻ آهي تہ اهل معين جو يمن تي راڄ هڪ هزار سالن تائين رهيو،[47] پر جرمن مستشرقين جهڙوڪ، گليزر ۽ هوميل وغيره سندن راڄ ڇهہ سؤ سالن (1500 ق.م - 900 ق.م) تائين مقرر ڪيو آهي.[48]

معين جي تهذيب جو اثر پوءِ جي آيل لحيان گهراڻي تي ٻڻ ڏنو ويو آهي، جن پطرا جي تباهي کان پوءِ اتر عربستان ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي. بنو لحيان جو تختگاهہ ديدان، اصل ۾ معين جي سياسي بينڪ ۽ واپار جو وڏو مرڪز هو، جتي يمن هندوستان ۽ پونج سمنڊ جي ملڪن جو مال نيڪال ڪيو ويندو هو. هاڻوڪي تحقيق مان کي اڪاد جي سارگان پهرين سان ڳنڍيو آهي، جنهن سندس بادشاهہ منعم کي شڪست ڏني هئي. نگاش جي پٽيسي پنهنجي هڪ ڪتبي ۾ هن ريت ڄاڻايو آهي تہ هُن مگان جي خلاف فوج ڪشي ڪئي هئي ۽ اتان پنهنجي مندر جي تعمير لاءِ پٿر ۽ ڪاٺ هٿ ڪيو هو. مگان جو نالو هنن ۽ ٻين لکتن ۾ ملوگا يا مالقہ سان ڳنڍيو ويو آهي، جو درحقيقت عمالقہ جو بگڙيل لهجو آهي ۽ اهو ڏيکاري ٿو تہ معين جي تمدن جو اثر عربستان جي هڪ وڏي علائقي تائين پکڙيل هو، ۽ هيءَ قوم عرب بائده جي عمالقہ قوم مان هئي، جن جو يمن، حجاز، سناءَ ۽ ٻين ملڪن تي سياسي اثر هو.

## سبا جي قوم:

سبا جنهن کي يورپ جي ليکڪن سبائين جو نالو ڏنو آهي، دراصل سبا يا اسبا تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: واپار يا ڏنڌو. اهو نالو سَبي تان

ٻہ ورتل ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جنھن جي معنيٰ آھي غلام يا ٻانھو. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ سبا قوم ۾ غلامي جو رواج ايتري قدر وڌيل ھو، جو ھُو انھيءَ ڌنڌي ۾ واپار پڻ ڪندا ھئا. سبا جنھن معين کان پوءِ يمن تي حڪومت ڪئي، تن جو سياسي اثر ڏکڻ عربستان جي ٻين حصن جھڙوڪ حضر موت، اسير، اومان وغيره ۽ پڻ اٿوپيا (حبش) تائين پکڙيل ھو، جو آفريڪا ۾ آھي. سبا جي حڪومت جو دور ٻن حصن ۾ ورھايل آھي. مڪارب سبا ۽ ملڪ سبا- سبا جو پھريون دور 1200 ق.م کان 450 ق.م تائين ٻڌايو ويو آھي، جنھن ۾ سبا جا حاڪم سياسي حڪومت سان گڏ روحاني پيشوا پڻ ھئا ۽ پوئين دور ۾ سندن روحاني برتري کي پائمال ڪيو ويو ۽ کين فقط ملڪ جو سياسي بادشاھ تسليم ڪيو تي ويو. مڪارب سبا جي ٻن بادشاھن ياٿي امر ۽ ڪريبا ايل جا نالا آشوري شھنشاھن سارگان ٻيو ۽ سخريب جي شاھي لکتن ۾ موجود آھن.[49] مڪارب جو تختگاھ، سيرواھ جا ڪنبر، جن کي ھاڻي ڪريبا سڏيو وڃي ٿو. مارب کان ھڪ ڏينھن جي پنڌ تي آھن ۽ جيڪي ڪتبا اتان لڌا ويا آھن، انھن ۾ ھڪ بادشاھ يدع ايل لاءِ ٻڌايل آھي تہ ھُن انھيءَ شھر جي قلعي جي ھڪ ديوار تعمير ڪرائي ھئي. تورات ۽ عربن جي تاريخي رڪارڊ مان ظاھر ٿو ٿئي تہ سبا جي حڪومت، حضرت دائود عليہ السلام جي يھودي حڪومت جي ھمعصر ھئي، جنھن جو ھن اردن جي علائقي ۾ بنياد وڌو. ٻنھي حڪومتن جي وچ ۾ ثقافتي ۽ تجارتي تعلقات موجود ھئا. حضرت دائود عليہ السلام جي پٽ سليمان عليہ السلام جي دور ۾ يمن تي بلقيس نالي ھڪ عورت جي حڪومت ھئي،[50] جنھن کي سبا جي راڻي جو لقب ڏنو ويو آھي. سليمان عليہ السلام پوءِ بلقيس سان شادي ڪئي، جنھن سبب يھودين جو يمن سان ناتو جڙيو ۽ انھن جي واپار وڏي ترقي ڪئي. اٿوپيا /ائيپنيا (حبش) جي بادشاھن جي خاندان جي اھا دعويٰ آھي تہ اھي سليمان عليہ السلام ۽ بلقيس جي اولاد مان آھن. مڪارب سبا جي دور ۾ معين جون رياستون يمن ۾ قائم ھيون، جن کي سبا ختم تہ نہ ڪيو، پر انھن کي زيردست بڻايو.

سبا جو ٻيو دور سن 610 ق.م جي شروع ٿيو، پر ڪريبا الوتار جي ڪتبي (450 ق.م) مان ظاھر ٿو ٿئي تہ ھُو پھريون بادشاھ ھو، جنھن "ملڪ سبا" جو لقب اختيار ڪيو. ھن دور ۾ يمن جو تختگاھ مارب ڏانھن منتقل

ڪيو ويو، جو سناءَ کان سٺ ميلن جي فاصلي تي آهي. اهو گادي جو هنڌ ٽڪر تي ٺاهيو ويو هو، جنهن جو امق 3900 فوٽ ٻڌايو ويو آهي ۽ انهيءَ جي قلعي جي ڪن برجن جو بيانِ مشهور ليکڪ همداني پنهنجي اڪليل ۾ ڏنو آهي.[51]

سبا جو دور مارب جي بند جي ڪري وڌيڪ مشهور آهي، جو انجينري جي فن جو بهترين مثال آهي. ڪتبي مان ثابت ٿو ٿئي تہ انهيءَ بند جي نهرائيندڙ سمع علي ينوف ۽ سندس پٽ ياثع امر بين هئا. ۽ انهيءَ بند جي مرمت ڪائڻ پوءِ شرحبيل يافور ۽ پڻ ابرهہ اڪسومي ڪرائي هئي، جو يمن تي حبش پاران گورنر مقرر ٿي آيو هو.[52] عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ اهو بند لقمان بن عاد ٻڌايو هو. جا حقيقت هڪ ڏند ڪٿا کان وڌيڪ نہ آهي. معين ۽ سبا سان گڏوگڏ ڏکڻ عربستان ۾ ٻہ ٻيون حڪومتون پڻ قائم ٿيون، جن مان هڪ حضر موت ۾ ۽ ٻي قطبان ۾ قائم ٿي، جو عدن جي اوپر ۾ واقع هو. قطبان جي بادشاهي چار سو سال هلي ۽ سندن گادي جو هنڌ تمنع ۾ هو، جنهن کي هاٿي کهلون سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ شهر جي شاهي محلات جا کنڊر اڄا بہ اتي موجود آهن. حضر موت ۾ قائم ڪيل حڪومت جو عرصو 450 ق.م کان 100ع تائين جاري رهيو.[53] ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي ٻئي حڪومتون خودمختيار تہ ڪونہ هيون ۽ انهن جي آزاديءَ جو دائرو پنهنجي ملڪ جي حدن اندر محدود هو. اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ قطبان ۽ حضر موت جون حڪومتون سبا جي زيردست هيون جي ڏکڻ عربستان ۾ سيني حڪومتن لاءِ حاڪم اعلىٰ واري حيثيت رکندڙ هئا.

ڏکڻ عربستان جي حڪومتن ۾ سبا وارا سڀ کان پهريان ماڻهو هئا، جن تهذيب جي دائري ۾ پنهنجي تمدن جو بنياد رکيو. انهن جو طرز عمل فنيقي قوم جهڙو هو، ڇاڪاڻ تہ اهي بہ انهن وانگر ڏاکڻي سمنڊن ۽ ان جي بندرن ۽ ٻيٽن کان واقف هئا. هندي وڏي سمنڊ جي خطرناڪ هوائن کان واقف ٿيڻ کان پوءِ، هنن سامونڊي واپار تي قبضو ڪيو، جنهن تي 15 صدين تائين سندن هڪ هٽي قائم رهي. سبا جي سامونڊي جهازن آفريڪا جي چوڌاري جهاز راني پڻ ڪئي هئي، جنهن ڪين پوءِ جي آيل قومن مثلا يوناني، رومي ۽ ٻين قومن جو رهنما ۽ استاد بنايو. يمن جي سبا قوم جو ڳاڙهي سمنڊ، ايراني نار، هندي سمنڊ تي پورو ضابطو هو، جنهن سبب ڪين سِيلون ۽ اوپر جي ٻيٽن

جاوا، سماترا وغيره سان بہ واهپو رهندو آيو. دنيا جي سڀني ملڪن جي مصالح جات جو واپار يمن جي هٿ ۾ رهيو ۽ اهو ملڪ صدين تائين خوشبوءِ دار شين، ڪئونر، لوبان، عطريات ۽ عاج جي سامان جي وڏي مارڪيٽ هو.

ڏکڻ عربستان جي مختلف هنڌن تان ڪيترائي ڪتبا مليا آهن، جيڪي جوزف هالوي ۽ ايڊوئرڊ گليسر جا هٿ ڪيل آهن ۽ انهن لکتن جي معنيٰ پڻ ڪڍي ويئي آهي. انهن سڀني ۾ نقب الحجر جا ڪتبا وڏيڪ اهميت رکن ٿا،[54] ڇاڪاڻ تہ اهي پهريان ئي ڪتبا آهن، جن علمي دنيا کي ڏکڻ عربستان جي لکت ۽ صورتخطي کان واقف ڪيو. انهيءَ مان اهو بہ ظاهر ٿو ٿئي تہ عربي رسم الخط جا ان وقت 29 اکر هئا ۽ اهي يا تہ سينا جي الف - ب - تان ورتل هئا يا تہ فنيقي رسم الخط مان ورتل هئا. پر جديد تحقيقات اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ انهيءَ قديم صورتخطي جا اڌو اڌ اکر نندي ڪنڌ جي ناگري رسم الخط تان ورتل هئا.

## حمير خاندان:

حمير خاندان جنهن سبا کان پوءِ يمن ۾ سياسي حڪومت قائم ڪئي، ڏکڻ عربستان جو آخرين خاندان هو، جنهن اسلام کان اڳ ڏکڻ عربستان ۾ راڄ ڪيو. عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ حمير يا حِمير، سبا جو پٽ جو پاڻ قحطان بن فلج جي پيڙهي مان هو ۽ قحطان بابت اها راءِ قائم ٿي چڪي آهي تہ هُو ڏکڻ عربستان جي سڀني قبيلن جو جد اعليٰ (ڏاڏو) هو. حمير جو نالو نہ فقط يونان جي لکتن ۾ ڏنل آهي، پر سندن بيان حبش جي ڪتبن ۾ پڻ ڏنل آهي ۽ اهو ٻڌايل آهي تہ اهي يمن جا بادشاهہ هئا. سندن گادي جو هنڌ ظفر ۾ هو، ڇاڪاڻ تہ هنن معين جي تختگاهہ قرنيٰ ۽ سبا جي گادي مارب کي پنهنجي انتظاميہ جي مرڪز بنائڻ کان پاسو ڪيو. اهي شهر يمن جي سياسي قوت ۽ ثقافتي ورثي جو مرڪز سمجهيا ويندا هئا. پر حمير خاندان جي بادشاهن پاڻ تي سبا جو لقب پڻ رکيو هو ۽ ان سان گڏ هُو پاڻ کي ذوريدان پڻ سڏائيندا هئا. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ حميري، سبا قوم جي هڪ شاخ هئي، جن سبا جي هوندي يمن ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي. ٻنهي حڪومتن جو هڪ وقت تي هجڻ حمزه اصفهانيءَ جي تصنيفن مان ثابت آهي، جنهن کي ڏکڻ عربستان جي تاريخ ۽ ثقافت تي سند جي حيثيت حاصل آهي. سندس وڏيڪ

چوڻ آهي تہ انهن پنهي حڪومتن ۾ حارث الرياح اتحاد آندو جو پاڻ کي تُبع سڏائيندو هو.[55] ان ڪري ڪانئس پوءِ جيڪي بہ بيا بادشاهہ آيا، اهي پاڻ کي تبع سڏائيندا رهيا. عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ حمير خاندان جا ڪُل 15 بادشاهہ پهرين حمير دؤر ۾ ڏکڻ عربستان جا مالڪ هئا. پوئين دور ۾ نون حمير بادشاهن جا نالا ڏنا ويا آهن، پر مليل ڪتبن ۾ پنهي خاندانن جا فقط 15 نالا ملن ٿا. انهن نالن ۾ ۽ پڻ حبش جي بادشاهن جي نالن ۾ هڪ جهڙائي ڏٺي ويئي آهي. ان ڪري ظاهر ٿو ٿئي تہ يا تہ حمير جو اثر حبش، اوير آفريڪا ۽ صوماليہ تائين پکڙيل هو، يا تہ مورڳوئي انهن ملڪن جو سياسي اثر يمن تي قائم ٿيل هو. حمير جي ڏنل تاريخ مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ يمن تي سنڌن حڪومت جو دور متواتر ۽ سلسيلوار ڪونہ هو. حبش ڪان وقت بوقت مٿن حملا ٿيندا رهندا هئا. جن جي بادشاهن کي "اڪسومي" نالو ڏنو آهي. تبع لفظ اصل ۾ حبشي ٻوليءَ جو آهي ۽ ڏيکاري ٿو تہ حبش جو يمن تي ۽ يمن جي ٻوليءَ تي قديم دور ڪان وٺي اثر رهندو ٿي آيو. حمير جي تاريخ جو وڏو حصو ڏند ڪٿا تي ٻڌل آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌن حڪومت سڄي ايشيا تي قائم ڪيل هئي ۽ سمرقند ڪان وٺي حبش تائين سڄو ملڪ سنڌن سياسي اثر هيٺ هو. عرب تاريخ دانن تہ ايتري قدر دعويٰ ڪئي آهي تہ هندوستان، چين، تبت ۽ اوير آفريڪا جا سڀ ملڪ حمير جي سلطنت ۾ شامل هئا.

حمير خاندان جي حڪومت جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو "غمدان جو محلات"[56] جو ايلي شريحا نهرايو هو ۽ انهيءَ بادشاهہ جو راڄ پهرين صدي عيسويءَ جي اوائل ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. هيءَ محلات جو در حقيقت هڪ مضبوط قلعي جي اندر ٺهرايل هو، تنهن بابت ٻڌايل آهي تہ اهو ويهہ ماڙ هو ۽ هر هڪ ماڙ ڏهن ڪيوبٽن تي ٺهيل هئي. اهو محلات درحقيقت، دنيا جو پهريون "اسڪاءِ اسڪريپر" (آسماني محلات) سڏيو وڃي ٿو. عرب تاريخ دانن جو چوڻ آهي تہ اهو سڄو محلات پڪي پهڻ مان ٺاهيو ويو هو. جنهن ۾ سنگمرمر ۽ بيو سهڻن رنگن جو پٿر پڻ استعمال ڪيو ويو هو. ويهين ماڙ تي محلات جي ڇت هڪ اهڙي پٿر جي بلاڪ سان ڍڪيل هئي، جو بلڪل شفاف هو. ايتري قدر جو بادشاهہ محلات ۾ ويٺي يا دربار ۾ ڪم ڪندي، آسمان ۾ ڏسڻ سان، هڪ ڪانگ ۽ سرڻ ۾ فرق محسوس ڪري سگهيو ٿي. محلات جي

ٿنڀن ۽ دروازن کي جدا جدا رنگن جي پٿرن سان سينگاريو ويو هو ۽ ان جي چئن ڪنڊن تي پٿر جا نهيل شينهن رکيل هئا. اُهي پٿر جا شينهن اهڙي ته ڪاريگريءَ سان ناهيل هئا، جو جڏهن به هوا جو زور ٿيندو هو ته اُهي سچي شينهن وانگر گجگوڙ ڪندا هئا. الهمداني انهيءَ محلات کي پنهنجي هڪ نظم ۾ ساراهيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اهو هڪ انسان وانگر اپو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جنهن کي ڪڪرن جو پٽڪو ۽ سنگ مرمر جو پٽو ٻڌل هو. انهيءَ عاليشان محلات جون ڪي ماڙيون اسلام جي ظهور تائين موجود هيون.[57] پر پوءِ اتر جي بت شڪن عربن انهيءَ کي ٽوڙي تباهه ڪري ڇڏيو. حمير خاندان جو آخري بادشاهه ذونوس هو، جنهن يهودي مذهب اختيار ڪيو هو. مذهبي تعصب سبب هُن نجران جي ڪرستانن کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ انهن کي ايذاءَ ڏنا. جيئن ته حبش جا بادشاهه ڪرستان هئا، ان ڪري هنن يمن جي خلاف اُبرهه جي اڳواڻي هيٺ لشڪر ڏياري موڪليو. ذونوس مقابلو ڪندي مارجي ويو ۽ حبشين جو يمن ۽ حجاز تي قبضو ٿي ويو.[58] يمن جا نوان حاڪم اڌ صدي تائين ڏکڻ آفريڪا تي قابض رهيا ۽ ان کان پوءِ ايرانين جو يمن تي قبضو ٿيو. اهو انهيءَ ڪري جو يمن جا ماڻهو اڪسومي حبشين کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. هنن ايران جي ساساني بادشاهه کي حيره جي عرب حاڪم جي معرفت يمن تي ڪاهه ڪرڻ ۽ کين شيدين کان آزاد ڪرائڻ جي التجا ڪئي. پر جيئن غلام قومن سان هميشه ٿيندو رهيو آهي، ايرانين حبش جي اڪسومين کي شڪست ته ڏني، پر پاڻ ملڪ تي قابض ٿي ويا. ايرانين جو يمن تي راڄ 6 هه / 628ع تائين قائم رهيو. پر پوءِ يمن جي ايراني گورنر باذان اسلام قبول ڪيو ۽ يمن تي حجاز جي عربن جي حڪومت تسليم ڪئي ويئي.

حميري خاندان جو ٻيو دور مارب بند جي ڀڄي پوڻ سبب مشهور آهي. جنهن زبردست ٻوڏ آندي ۽ ڪيترا قبيلا ٻوڙي ڇڏيا. اهو ذڪر قرآن مجيد ۾ پڻ بيان ڪيل آهي.[59] انهيءَ بند جي ڀڄي پوڻ سبب ڏکڻ عربستان جي ڪيترن قبيلن جهڙوڪ غسان، تنخ، ڪنده ۽ طي يمن ڇڏي اتر عربستان ڏانهن هجرت ڪئي هئي. حميري بادشاهن پنهنجي دور ۾ سون، چاندي ۽ ٽامي جا سڪا رائج ڪيا هئا، جي ڪيترن هنڌان دستياب ٿيا آهن. انهن سڪن مان ڪيترن سڪن تي بادشاهه جي تصوير هڪ پاسي ۽ ٻئي پاسي ڇٻري يا ڍڳي جي منڍي

ڏنل آهي. ڪنجهي جا مجسما ۽ پڻ ٻيون ڪيتريون شيون لڌيون ويون آهن، جي يونان ۽ ايران جي ٺهيل شين سان گهڻي قدر مشابهت رکن ٿيون. حميري دور جو سماج چئن ورڻن ۾ ورهايل هو، جنهن ۾ بادشاهه، جاگيردارن ۽ مذهبي رهنمائن جو راڄ هو. ذات پات ۽ قبيلي وغيره جو پيڙ پڻ منجهن هو. گهر ۽ قبيلي جو سڄو ڍانچو يا تہ ڏاڏاڻي يا ناناڻي آڪهہ تي هو. حميري مذهب ٽن ديوتائن جو جوڙ هو، جنهن ۾ چنڊ ديوتا کي وڏيڪ اهميت حاصل هئي. چنڊ کي وَد جو نالو پڻ ڏنل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي محبت يا پيار. سبا جا ماڻهو انهيءَ کي اَلمقاهہ ۽ قطبان ليس عم (چاچو) سڏيندا هئا. چنڊ جي حيثيت هڪ نر ديوتا جي هئي، جنهن جي مقابلي ۾ سج ديوتا يعني تہ شمس مادي ديوتا تصور ڪيو ٿي ويو. شمس، چنڊ ديوتا يعني تہ سن جي زال هئي ۽ ٻنهي جي پاڪ اولاد جو نالو اشتر (اشتوريت) هو. شمس ديوتا کي ال لات جو نالو پڻ ڏنل هو.[60] جو حجاز جي عربن وٽ اسلام کان اڳ وڏي اهميت جي مالڪ هئو. وحدانيت جي اصول وارا مذهب پڻ يمن ۾ رائج هئا، پر انهن جا پوئلڳ تمام ٿورا هئا.

## عرب مستعربہ:

عرب مستعربہ يعني تہ جن رهائش جي وسيلي عرب قوميت حاصل ڪئي. اهي قبيلا هئا جن اتر کان هجرت ڪري، حجاز، نجد ۽ اتر عربستان جا علائقا والاريا. ٻڌايو ويو آهي تہ اُهي اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان آهن، جو ابراهيم عليہ السلام جو پٽ هو. اسماعيل عليہ السلام جي ماءُ حاجره لاءِ اهو لکيل آهي تہ اها مصر جي هئي. ان ڪري يهودين ڪين پنهنجي تاريخ، سياسي ۽ مذهبي زندگيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو هو. سندس اولاد کي گهٽ درجي جو تصور ڪيو ٿي ويو. تورات ۾ مذڪور آهي تہ اسماعيل عليہ السلام جي اولاد پنهنجي اصل مرڪز تان جدا ٿي فاران وارو علائقو والاريو جو اتر حجاز ۾ آهي.[61] ان ڪري اهي پوءِ (اسلام کان اڳ) حجازي عرب مشهور ٿي ويا. حجاز، وادي القريٰ، نفود، سينا ۽ ٻين اتر عربستان جي علائقن ۾ رهندڙ قبيلن جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي تہ مستعربہ قبيلا ڪنهن هڪ نسل يا قوم سان وابستہ ڪونہ هئا، پر انهن جو ڪيترين ئي اصليتن سان وابستگي هئي. انهن مان ڪي بنو اسماعيل هئا، تہ ڪي وري بنو لوط، بنو حاران، بنو

مدين، بنو عيشاؤ، بنو آدم، بنو عمان، بنو مصاب وغيره هئا. قرآن پاڪ ۾ ٻين ڪتابن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ حجازي عربن جي وڏي حضرت اسماعيل عليہ السلام جي والده بي بي هاجره کي اُميد واري حالت ۾ الله تعاليٰ جي حڪم تي حضرت ابراهيم عليہ السلام فاران جي رڻ پٽ ۾ ڇڏي ويو. بيبي هاجره کي اميد ٿيڻ جي ڪري سندس ساهيڙي بي بي ساره ڏکويل رهندي هئي ۽ پوءِ کيس بہ ترت اميد واري ٿي ۽ هڪ پٽ کي جنم ڏنائين، جنهن جو نالو اسحاق عليہ السلام رکيو ويو. هوڏانهن فاران جي بر پٽ ۾ بي بي حاجره کي بہ هڪ پٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو حضرت اسماعيل عليہ السلام رکيو ويو. بي بي ساره جي پٽ حضرت اسحاق عليہ السلام کي شاديءَ کان پوءِ هڪ پٽ يعقوب عليہ السلام پيدا ٿيو، جنهن کي گهڻو پٽاٽو اولاد ٿيڻ جي ڪري بني اسرائيل سڏيو ويو. بني اسرائيل جي معنيٰ وڏي ڪٽنب وارو آهي.

انهيءَ خدائي حڪم جي نتيجي ۾ ڪعبي جي عمارت ناهي ويئي، جا هڪ خدا جي عبادت جو عربستان ۾ پهريون مرڪز شمار ڪيو وڃي ٿو. انهن ماخذن مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ اسماعيل عليہ السلام کي 12 پٽ هئا، جن مان نابط ۽ قيزار جي اولاد، عربستان جي قديم تاريخ ۾ چڱو نالو ڇڏيو. پطرا ۽ پالميرا جا نبطي جن اتر عربستان ۾ طاقتور حڪومتون قائم ڪيون، انهيءَ نابط جي اولاد مان هئا. قيدار جي اولاد کي وري عربستان ۾ مذهبي معاملات ۾ شرف حاصل هو. چاڪاڻ تہ انهن جي هڪ شاخ قريش، ڪعبة الله جا متولي ۽ سنڀاليندڙ هئا. بنو قريش مڪي ۾ شهري حڪومت بہ قائم ڪئي هئي، جنهن جي انتظام ۾ قريش جا ڏهہ ئي قبيلا شريڪ رهندا آيا. انهيءَ شهري حڪمت جي پڄاڻي پيغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ جن آندي، جنهن اسلام جي ٽين دولت مشترڪ موجب مديني ۾ اسلامي حڪومت جو بنياد وڌو.

جيڪي بہ قبيلا اتر عربستان ۾ رهندڙ هئا، انهن پاڻ کي بنو اسماعيل جي عظيم قبيلي ۾ ضم ڪري، پنهنجي انفرادي نسلي اصليت کي اسماعيلي نسل ۾ ملائي ڇڏيو. ان ڪري اهي سيئي قبيلا بنو اسماعيل جي نالي سان سڏجڻ لڳا. ان ڪري اهو پڻ صحيح نہ ٿيندو تہ انهن قبيلن يا تہ پاڻ کي بنو اسماعيل جو زبردست بنائي ڇڏيو، يا تہ جنگ سبب بنو اسماعيل انهن جا مرد ماري ڇڏيا ۽ سندن زالون ۽ ٻار پنهنجي غلامي ۾ آندا هجن. اهوئي سبب

آهي جو اهي سڀ قبيلا اسماعيل جي پوٽي معز جي نالي معزي يا بنو معز قبيلا سڏجڻ لڳا ۽ اهو سلسلو اسلام کان پوءِ صديون جاري رهيو. حجاز جي عربن جو رايو آهي تہ معز جيئن تہ ڪعبة الله جو متولي هو، ان ڪري سندس مذهبي اثر عربستان جي سڀني قبيلن تي هڪ جهڙو رهيو. معز کان پوءِ مڪي ۽ ڪعبة الله جي توليت بنو اسماعيل جي هٿن مان نڪري ٻين قبيلن جي هٿ ۾ هلي ويئي هئي. پڻ ابراهيم عليہ السلام ۽ سندس پٽ اسماعيل عليہ السلام جي دور ۾ مڪي جو شهر بنو جرهم جي هٿ ۾ هو، جي اصل ۾ ڏکڻ عربستان جي يمن ملڪ سان وابستہ هئا. جرهم کان پوءِ بنو خزاءَ مڪي تي قبضو ڪيو ۽ آخر ۾ معز جي اولاد مان قصيٰ بنو قريش ڪي طاقت ۾ آڻي مڪي تي قبضو ڪيو[62] ۽ اتي شهري حڪومت جو بنياد وڌو. معز جي مشهوري انهيءَ ڪري وڌي ويئي جو هو نہ فقط اسماعيل بن ابراهيم عليہ السلام جو پڙ پوٽو هو، پر ان سان گڏ هو قريش جو ڏاڏو پڻ هو، جن جو مذهبي اثر عربستان جي سڀني عربن مٿان هو، جي انهن کي سندن ديوتائن جو پاڙيسري ۽ مذهبي رهنما تصور ڪندا هئا. ازانسواءِ دين اسلام جو باني عظيم پيغمبر محمد ﷺ پڻ معز جي اولاد مان هو[63] ۽ انهي پيڙهيءَ مان سڏائڻ ۾ هميشہ فخر محسوس ڪندو هو.

## اتر عربستان جون رياستون

### پطرا جي حڪومت:

اسلام جي عاليشان سلطنت نهڻ کان اڳ اتر عربستان ۾ ٽن وڏين حڪومتن جو اهڃاڻ ملي ٿو، جي شام ۽ عرب ملڪن ۾ قائم ڪيون ويون هيون. انهن مان ٻہ پالميرا ۽ پطرا جون حڪومتون مشهور آهن، جن جي اصليت نابط نسل مان هئي. ان سبب انهن کي تاريخ ۾ نباطين (نبطي) جو نالو ڏنو ويو آهي، ٽين حڪومت جو مرڪز بُصريٰ ۾ هو، جا بنو غسان قائم ڪئي ۽ اهي جيئن تہ قحطان جي اولاد مان هئا، ان ڪري انهن کي يمني نسل جو ٻڌايو ويو آهي. نباطين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي خانہ بدوش قبيلن جو مجموعو هئا، جن جو شهري زندگي سان پري جو بہ واسطو ڪونہ هو. اها حقيقت انهن قبيلن جي باري ۾ 600 ق.م ذاري ٻڌائي ويئي آهي. اُهي تنبن ۾ رهندا هئا. شراب کان نفرت ڪندا هئا ۽ پوک سان سندن دلچسپي بلڪل ڪانہ هئي. نباطين

قبيلن ڏانهن پهريون اشارو ڊيوڊورس جي لکت مان ملي ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هنن نه فقط ائنٽيگونس جي ڪمان هيٺ يونانين جي ڪيل حملي کي روڪيو هو، پر انهن کي تمام گهٽي قتلام سان واپس ڊوڙائي ڪڍيو.[64] انهن لکتن ۾ کين "جبل جا ماڻهو" ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو عربي ۾ ترجمو "اصحاب الحجر" ٿيندو. اهو نالو در حقيقت حجاز جي عربن اڻ ڇاڻائي سبب ثمود قوم کي ڏنو هو. پطرا لفظ يوناني زبان ۾ پٿر کي چئبو آهي ۽ اهو نبطين جي مرڪزي شهر سبب هو جو جبل کي ٽُڪي گهڙي ٺاهيو ويو هو. اهي جبل حجاز ۽ شام جي واپاري رستي تي اتر عربستان ۾ واقع آهن. هن شهر کي قدرتي پاڻي سان نوازيو ويو هو جو ايتري قدر با افراط هو، جو ان جي وسيلي نه فقط شهري ضرورتون پوريون ڪيون ويندون هيون، پر پوک به ڪئي ويندي هئي. شهر جي ٽن پاسن کان اڀا پهاڙ هئا، ان ڪري ان ۾ اندر وڃڻ جو رستو اتر طرف هڪ سوڙهي لنگهه وانگر هو. ان ڪري دفاعي خيال کان اهو شهر نهايت ئي مضبوط هو. بين الاقوامي واپاري رستي تي هئڻ ڪري اهو شهر انهن سيني ڪاروانن لاءِ هڪ قسم جي آرام جي جاءِ هئي. اهي رستا گهڻو ڪري يونيج سمنڊ جي بندرگاهه گازا (غزه)، ڳاڙهي سمنڊ جي بندرگاهه ايلاءَ ۽ پڻ ايراني نار جي انهن سيني واپاري مرڪزن کي ڳنڍيندڙ هئا. جيئن ته چشمن مان حاصل ڪيل پاڻي پوري مقدار ۾ حاصل نه ٿي سگهيو. ان ڪري هنن وڏي مهارت سان اونها کوهه کوٽارايا ۽ پنهنجي شهر کي ۽ ان جي آس پاس ياچين ۽ ميون جا باغ رکارايا. اهوئي سبب آهي جو پطرا جو شهر پهاڙ جي اندر هوندي به ساوڪ ۽ وڻن سان مالامال هو.[65]

نبطي رياست، سيلوڪڊ دور ۾ وڏي اهميت حاصل ڪئي هئي. جڏهن هنن مڪابين سان گڏجي يونانين جو مقابلو ڪيو هو. پر نبطي بادشاهت جو سچو باني حارث هو، جنهن نه فقط اتر عربستان جو وڏو حصو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو هو، پر يونانين جي شهرن تي حملا ڪري، تمام گهڻو مال غنيمت هٿ ڪيو. هن گهراڻي جي ٻئي بادشاهه عبيده، گليلي، حوران ۽ جبل الدروز جا علائقا پنهنجي ملڪ ۾ ملائي ڇڏيا. عبيده کان پوءِ سندس پٽ حارث ٽيون، نبطي گهراڻي جو وڏي ۾ وڏو بادشاهه تصور ڪيو ويو آهي. ٻڌايو ويو آهي ته هُن جوداه جي يهودي حڪومت کي شڪست ڏيئي جروسلم جو

گهيرو ڪيو هو. 85 ق.م ۾ هُن دمشق جو شهر فتح ڪيو ۽ پاڻ کي شام، اردن ۽ اتر عربستان جو بادشاهه سڏايو. هن بادشاهه فوج جو اهڙو تہ اعليٰ انتظام ڪيو هو جو روم جو لشڪر بہ ساڻس پڄي نہ سگهيو. هُن رومي لشڪر کي پامپي جي ڪمان ۾ زبردست شڪست ڏيئي، ڪين واپس پڇائي ڪڍيو.[66] سندس وفات کان پوءِ پطرا کي روم جي زيردست حڪومت جي حيثيت حاصل ٿي. اهو عبيده هو، جنهن معز جي رومي گورنر ائلس گائلس کي حجاز تي حملي ڪرڻ لاءِ پڙڪايو هو. انهيءَ جلهہ جو مقصد اهو هو تہ يمن جي مصالحہ جي واپار تي قبضو ڪيو وڃي، پر اهو ڪامياب نہ ويو. ڇاڪاڻ تہ نبطي سونهن رومي لشڪر کي اهڙي تہ اوجهڙ ۾ وجي وڌو، جو انهن جو وڏو حصو تباه ٿي ويو. حارث چوٿون جيتوٽيڪ هڪ وڏو بادشاهه هو، پر ان هوندي بہ جيئن تہ هو زوال جي دور ۾ آيو هو، ان ڪري اهو خاندان گهڻو وقت نہ هلي سگهيو ۽ 106 عيسويءَ ۾ انهيءَ گهراڻي جي پڇاڙي آئي. سندن سڄي ملڪ تي رومين جو قبضو ٿي ويو ۽ پطرا جو شهر پنتي پئجي نيٺ تباهہ ٿي ويو. انهيءَ شهر جا ڪنڊر اڄ بہ انهن ماڻهن لاءِ عبرت جو سامان آهن، جيڪي اتان واپار يا گهمڻ سانگي لنگهندا رهن ٿا.

هيل تائين مليل لکتن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ نبطي قوم جي واپاري ڇرپر ۽ ناتا ڏورانهين ملڪن تائين پکڙيل هئا. اٽلي ۾ پٽولي، ايراني نار تي ڳرها، رهوڊس، مليطه ۽ نيل ندي جو ڊيلٽا نبطي واپار جا مرڪز هئا. بين الاقوامي واپار ۾ سندن مهارت جي تصديق چين جي لکتن ۽ رڪارڊن مان پڻ ٿي آهي. جنهن مان سندن شاهوڪاري ۽ اقتصادي قوت جو پتو پوي ٿو.[67]

نباطين جو ثقافتي اثر نہ فقط اتر عربستان تي رهيو آهي، پر حجاز ۾ بہ سندن همه گير اثر جو جائزو ورتو ويو آهي. ٻولي، رسم الخط، فن ۽ پڻ مذهب ۾ پطرا وارن جو حجاز تي تمام گهڻو اثر ڏٺو ويو آهي. نبطي حڪومت جي سرڪاري ٻولي آرامي هئي ۽ سندن لکڻ جو طريقو بہ انهن کان ورتل هو. پر پوئين دور ۾ آرامي ٻوليءَ تي ۽ پڻ حجاز جي ٻوليءَ تي نبطي اثر پاڻ وڌيڪ ڏٺو ويو. نبطي اکر عربي جي اوائلي لکتن مان ظاهر ٿين ٿا، خاص ڪري قرآن جي لکت ۾ سڄا سارا نباطين رسم الخط تان ورتل آهن. سندن مذهب جو طور طريقو بہ ابن ڏاڏن جي پرستش تي ٻڌل هو، جن ۾ پوک ڪندڙ قومن وانگر

پوڄا ڪئي ويندي هئي. خيربت التنور جي کنڊرن مان هڪ چورس قسم جي پيتي جهڙو ڪوڪو مليو آهي، جو هوبهو ڪعبي جهڙو آهي ۽ چئني ڪنڊن تي ان ۾ ڪارو پٿر لڳل آهي.[68] تارن جي پوڄا جو رواج پڻ منجهن هو، جنهن ۾ سج کي چنڊ کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي. سج ديوتا جو نالو ذوالشرع (ذوشارا) هو ۽ کيس پنهنجو گهر ۽ ڪٽنب هو. سندس زال رات کي چنڊ سان تشبيهه ڏني تي ويئي ۽ هبل سندن پٽ هو ۽ مناة ۽ العزيٰ سندس ڌيون هيون. اهي ديوتائون يعني تہ لات، منات، عزيٰ وغيره حجاز ۾ بہ پوڄيا ويندا هئا ۽ انهن جا بت ڪعبة الله ۾ رکيل هئا. جن ۾ هُبل سڀني کان وڏو خدا تصور ڪيو ويندو هو. پطرا جا شهري نانگ جي پوڄا پڻ ڪندا هئا ۽ اها اڄا تائين لبنان ۽ اردن جي علائقن ۾ ڪن قبيلن ۾ رائج آهي. نباطين سماج گهڻو ڪري زرعي قدرن تي ٻڌل هو ۽ نہ فقط امن پسند هو، پر جمهوريت جو قائل پڻ هو. اهو صحيح آهي تہ منجهن بادشاهي جو رواج هو، پر هُو ايترا تہ جمهوريت پسند هئا، جو بادشاهہ کي بہ پنهنجي ڪيل ڪمن جو حساب ڏيڻو پوندو هو. ان هوندي بہ اهڙا مثال ملن ٿا، جن ۾ بادشاهہ کي مذهبي برتري حاصل هئي ۽ ان کي روحاني طور اعليٰ سمجهي، ان جي پرستش پڻ ڪئي ويندي هئي. اهو سماجي ورثو ڪيتري زماني تائين منجهن موجود رهيو ۽ اسلام اچڻ کان پوءِ انهن سماجي باقيات جو ڪٿي ڪٿي اثر ڏنو ويو. اهي ماڻهو پنهنجي ويجهي رت جي رشتن جهڙوڪ سوٽن، ماساتن، مارون ۽ پڦاٽن سان شاديون ڪندا هئا. اها حقيقت پٽيولي جي ڪتبن مان ظاهر آهي تہ انهن لکتن مان ڪي عربي نالا جهڙوڪ علي، حبيب، سعيد، قبر، غير، عمر وغيره مليا آهن. اومري (عومري) جنهن کي اسرائيل جي يهودي حڪومت جو باني سمجهيو وڃي ٿو، دراصل نباطين عرب هو.[69] نباطين سڪا پڻ يوناني ۽ رومي سڪن جهڙا مليا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهي اتان در آمد ڪيا ويا هجن. عبيده جي درهم ۾ بادشاهہ ۽ راڻيءَ جي گڏيل شڪل ڏنل آهي. بادشاهہ جي ڏاڙهي مڇون چٽ آهن، پر مٿي جا وار وڏا ڏيکاريا ويا آهن. راڻي کي اسٽيفن ۽ هار پيل آهي. سڪي جي ٻيءَ واري پاسي ڇٻري جو مجسمو ڏنل آهي، جنهن کي انهيءَ دور ۾ زور ۽ طاقت جو نشان سمجهيو ويندو هو.

نباطي صورتخطي جيتوڻيڪ آرامي رسم الخط مان ورتل آهي، ان هوندي بہ اها عربي الف - ب - ت ۽ صورتخطي جي ماءُ سمجهي وڃي ٿي. نباطين ٻولي ۽ رسم الخط جو اثر يونان ۽ لاطيني ٻولين ۽ رسم الخط تي پڻ ڏٺو ويو آهي. نباطين ادب ۽ فن جي ساراهہ بائيبل ۾ پڻ ڪئي وئي آهي. اهي ڏاها ماڻهو جن کي ميجي (يا مجومي) نالو ڏنو ويو هو. در حقيقت نباطين عرب هئا. نباطي اثر ٻنهي مذهبن عيسائيت ۽ اسلام تي هاڃي مچيو ويو آهي. انهيءَ جو همہ گير اثر يهودي مذهب تي پڻ رهيو هو. حنيف، جنهن جو قرآن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي اسلام کان اڳ عربستان جا موحد سمجهيا ويا آهن، در حقيقت آرامي، نباطي اصليت سان وابستہ هئا. تعمير جي فن ۾ نباطي ڪمرن ۾ گهٽو ڪري قبو يا گنبذ استعمال ڪيو ويندو هو، پر سنڌن ڪمال انهن مندرن، گنبذن، گهرن ۽ ٻين جاين ۾ ڏٺو وڃي ٿو، جيڪي هنن جبل ٽڪي ناهيا هئا.[70] سنڌن ٽڪراٽو بہ نهايت ڪاريگري سان نهيل ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ ايڏو تہ سنهو ۽ نفيس آهي جو عقل دنگ رهجيو وڃي.

## پالميرا جي حڪومت:

پطرا جي پڇاڻي کان پوءِ پالميرا جا ماڻهو تاريخ ۾ ظاهر ٿيا، جن جو مرڪز پطرا کان گهٽو پري اتر طرف شام جي خيابانن ۾ هو. پالميرا، جنهن کي عرب تدمر سڏيندا هئا، سڀ کان پهرئين آشوري شهنشاهہ تگلاٿ پلپسر پهرئين جي زماني ۾ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.[71] جنهن سنڌن خلاف تاديبي ڪارروائي ڪئي هئي. تدمر جو محاورو اجا تائين سمجهي نہ سگهيو آهي، جيتوڻيڪ ڪن ليکڪن انهيءَ کي تمر سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تمر جو وڻ انهيءَ ايراضيءَ ۾ گهٽي انداز ۾ ڏٺو ويو آهي. پالميرا نالو انهيءَ شهر تي يوناني ۽ لاطيني ٻولين ۾ رکيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ کجيءَ جي وڻن جو شهر، عرب ۽ شام جي بيابانن ۾ کجيءَ جو وڻ، پاڻي ۽ آباديءَ جو اهڃاڻ تصور ڪيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو هن شهر تي اهو نالو رکيو ويو هو. عرب تاريخدان پالميرا جي محلاتن ۽ جاين جي کنڊرن کان ايتري قدر تہ متاثر ٿيل هئا، جو سنڌن خيال هو تہ اهو خطو سليمان عليہ السلام نبي والاريو هو ۽ هُن اهو شهر جنن کان ٺهرايو هو.

پالميرا جو شهر بين الاقوامي تاريخ ۾ پهريون دفعو عيسوي سن پهرين صديءَ ۾ مشهور ٿيو. پر ٻي صدي عيسويءَ ۾ ان جي پوزيشن روم جي هڪ زبردست پرڳڻي کان وڌيڪ ڪانہ هئي. روم جي حڪومت انهيءَ کي فارس (ايران) جي خلاف پنهنجي مقصدن خاطر استعمال ڪندي رهندي هئي. پالميرا تي جيتوڻيڪ روم جو تسلط هو، ان هوندي بہ انهن تاريخ ۾ ترقي ۽ فارغ البالي جا دور ڏٺا. پالميرا جي ڪيترن ئي بادشاهن جا نالا مليا آهن، جن جا نالا تہ عربي هئا، پر انهن جا لقب رومي هئا. انهن مان آخرين بادشاهہ اڏيناٿس (عـُزينـہ) هو، جنهن روم جي پاران ايرانين کي فرات جي ڪناري شڪست ڏيئي، انهن کي سندن گادي پرسيپولس تائين پچائي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. رومي شهنشاه وليرين جو ايرانين جي قيد ۾ هو، تنهن کي تہ هُو ڇڏائي نہ سگهيو، پر ايراني شهنشاه شاپور جون ڪي زالون هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو.[72] رومين سندس وفاداري جو بدلو انهيءَ شڪل ۾ ڏنو جو ڪيس حمص ۾ گهرائي، ڪيس ۽ سندس وليعهد کي قتل ڪرائي ڇڏيائون. عزينہ جي راڻي زينب (زنوبيا) حڪومت جون واڳون پنهنجي نابالغ پٽ وهب الله (وهب اللات) جي پاران هٿ ۾ ڪنيون. چون ٿا تہ زينب ڪثرت ڊوڙ ۽ گهوڙي سواري جي ماهر هئي، ان ڪري هـُـن بادشاهي هلائڻ ۾ بہ انهيءَ ساڳئي جذبي کان ڪم ورتو. ساڳي ريت هـُن روم سان جنگين ۾ بہ بهادري جو زبردست مظاهرو ڪري ڏيکاريو. هـُـوءَ هڪ روشن دماغ عورت هئي ۽ ٽي ٻوليون، يوناني، لاطيني ۽ آرامي لَسَ ڳالهائي ويندي هئي. هـُن اوير جي ملڪن جي تاريخ پڻ مرتب ڪئي هئي ۽ سندس دربار ۾ لانجينوس جهڙا فلسفي رهندا هئا.[73]

زينوبيا هڪ نهايت عالي دماغ ۽ لائق راڻي هئي، جنهن جي حڪومت جي دور ۾ پالميرا جي حڪومت هڪ وڏي شهنشاهيت ۾ بدلجي ويئي، جنهن شام، اردن، اتر عربستان ۽ ايشيا مائنر (ترڪي) جا ڪيترائي علائقا اچي ٿي ويا. نہ فقط ايترو پر مصر تي نباطي جرنيل زبده جو ڪيتري وقت تائين قبضو رهيو ۽ اتي هـُن وهب ال لات جي نالي جا سڪا پڻ رائج ڪيا. اهو دور پالميرا جي ترقي جو چوٽ جو دور هو ۽ ان کان پوءِ انهيءَ جو زوال شروع ٿيو. سن 272 عيسويءَ ۾ آريلين (رومي شهنشاه) نباطين فوج کي ايشيا مائنر ۾ شڪست ڏني ۽ ان کان پوءِ پالميرا کي گهيرو ڪيو. شهر جي ماڻهن آڻ مڃي پر شهر

ڪي نہ ڇڏيو ويو ۽ سڄو شهر تباهہ ڪيو ويو.[74] زينب کي گرفتار ڪري روم نيو ويو، جتي هُن هڪ روميءَ سان شادي ڪئي ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪئي.

پالميرا جا ڪنڊر بيابان ۾ نہ فقط هڪ عجيب ڏيکاءُ آهن، پر حيرت ۾ وجهندڙ پڻ آهن. انهن جي محلاتن جون ڪمانون ۽ ٿنيا ۽ دربار جا نشان ڏيکارين ٿا تہ جن انهيءَ کي ٺاهيو، اهي وڏي فن ۽ مهارت جا صاحب هئا. بيل جو مندر جو انهيءَ تباهيءَ کان بچي ويو هو، هاڻي ميوزيم (عجائب گهر) ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. پالميرا جا گنبذ پڻ اڃا تائين موجود آهن، جن کي اُهي ماڻهو "سدائين جا گهر" سڏيندا هئا. انهن جون ماڙيون يا ڪوٺيون جن تي عجيب قسم جون تصويرون نهيل هيون، اڃا تائين ٿنڀن تي اڏيل ڏسڻ ۾ آيون آهن. پالميرا هڪ اهڙي هنڌ تي نهيل هو، جتي اوپر توڙي اولهہ جو تمدن اچي گڏ ٿي ٿيو. ان ڪري پالميرا جي تهذيب يوناني، لاطيني (رومي) شامي، عرب ۽ ايراني تهذيب جو نچوڙ هو ۽ اها حقيقت سندن ڪتبن مان ظاهر آهي. انهن جو مذهب پڻ خدائن ۽ ديوتائن جي مجموعي تي نهيل هو. انهن ديوتائن جو مک بعل (بيل) هو ۽ ان کي آسماني خدا تصور ڪيو ٿي ويو. بابل (بائيبلان) جي مردوڪ وانگر هُن جو خلا جي سيني ديوتائن تي راڄ هو ۽ هُو ماڻهن جي قسمت جو مالڪ پڻ هو. سج ديوتا شمس، چنڊ ديوتا اگلي بال، حجاز واري ديوتا ال لات جي بہ پوڄا ڪئي ويندي هئي. انهن مان هرهڪ لاءِ جدا جدا مندر نهيل هئا، ملڪ بهل، خدا جو سفير يا ايلچي يونانين جي هيوم ۽ يهودين ۽ قرآن جي جبرئيل جهڙو هو، تنهن جي پڻ پرستش ڪئي ويندي هئي. ڪتبن مان جن ٻين ديوتائن جا نالا مليا آهن، اهي هئا: اٽراٽيهہ (اسٽرگٽيس) ارمو، شي القوم، عزيزو ۽ ٻيا جي گهڻو ڪري يونان، روم، شام، مصر ۽ بابل وغيره کان برآمد ڪيا ويا هئا.[75]

## بصريٰ جي غساني حڪومت:

پالميرا جي نباطي حڪومت جي پڄاڻي کان پوءِ اتر عربستان جي بيابان ۾ نون ماڻهن جو ظهور ٿيو جي نباطي قوم جي ابتڙ يمن جي قهطاني اصليت سان وابستہ هئا. يمن مان سندن هجرت جو سبب گهرو لڙائي ٻڌايو ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾مارب جو بند ٽٽي پيو[76] ۽ سندن آباديون يا تہ ٻڏي ويون يا بلڪل تباهہ ٿي ويون .وادي القري ۽حوران ۾سندن بينڪون عيسوي ٻين يا ٽين

صدي جي وچ ڌاري قائم تي ويون .ڇاڪاڻ تہ چوٿين صدي عيسوي ڌاري، عيسائين انهيءِ خطي ۾ هڪ طاقتور حڪومت قائم ڪري ڇڏي هئي. پر اها هئي رومين جي زيردست. غساني راڄ جو باني جفنہ بن امر ٻڌايو ويو آهي پر اجا تائين اهو ثابت نہ ٿي سگهيو آهي تہ اهو هو ڪير ۽ ڪهڙي دور ۾ هن بصريٰ تي حڪومت ڪئي. علامہ اصفهاني، غساني گهراڻي جا 32 بادشاهہ لکيا آهن جن لاڳيتو حڪومت ڪئي . پر المسعودي ۽ ابن قتيبہ انهن جو تعداد گهٽائي 11 ڪيو آهي، جي وڌيڪ صحيح تا لڳن.[77]

غساني تاريخ ۾ اهم شخصيت حارث بن جبلہ ۽ سندس پٽ المنذر جي ٻڌائي وئي آهي جن ٻنهي پنجاهہ سال کان مٿي عرصو حڪومت ڪئي. اهو عرصو غساني حڪومت جي چوٽ جو دور هو، جنهن ۾انهيءَ بين الاقوامي سياست ۾ چڱو حصو ورتو. حارث بن جبلہ (529 ـ 569) پاڻ ۾ بنو لخم جي خلاف جنگين ۾ چڱو موڪيو. بنو لخم ايرانين جي اثر هيٺ حيره ۾ هڪ ٻي حڪومت قائم ڪئي هئي. اهي ٻئي قبيلا ڏکڻ عربستان جي يمني قبيلن مان هئا. جن ڪي وقت جون وڏيون حڪومتون يعني تہ ايراني ۽ بازنطين پنهنجي مطلب خاطر وڙهندا رهندا هئا. حارث جي همعصر لخمي بادشاهہ المنذر ٽئين جنگ ۾ حارث جي هڪ پٽ کي قيد ڪري ان کي سندن خدا العزيٰ جي بت اڳيان قربان ڪيو هو .حارث انهيءَ جو ترت بدلو ورتو ۽ پنهنجي دشمن (المنذر) کي پنهنجي هٿ سان حليمہ واري جنگ ۾قتل ڪيو. حليمہ جي جنگ 554ع ۾ لڙي هئي ۽ ان تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو جو ان ۾ حارث جي ڌيءَ، حليمہ پنهنجي پيءُ جي بهادر سپاهين کي پنهنجي هٿ سان جنگ لڳڻ کان اڳ عطر هنيو هو. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ وڏيون طاقتون انهن وحشي قبيلن کي پاڻ ۾ ويڙهائي مٿن پنهنجو تسلط قائم رکنديون آيون.[78] انهيءَ جو مقصد ٻٽو هو. هڪ تہ ٻنهي حڪومتن جون سرحدون هڪ ٻئي کان جدا رهن ۽ اهو انهن حڪومتن جي وجود کان سواءِ غير ممڪن هو. ٻيو تہ اهي حڪومتون بين الاقوامي واپار ۾ وڏين طاقتن لاءِ اقتصادي هڪ هٿي قائم رکنديون آيون. انهن حڪومتن جي ڪري عرب وحشي قبيلا شام ۽ عراق جي وسندڙ شهرن تي حملا نہ ٿي ڪري سگهيا، جنهن سبب امن ۽ آشتي جو راڄ قائم ٿي ويو هو. وڏين طاقتن مان هر هڪ جو اهو ارادو هو تہ اهي ان وقت يمن جو واپار دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو هو ان تي قبضو ڪيو وڃي.

حارث، شهنشاهه جسٽينين جي سڏ تي سن 564ع ۾ قسطنطنيه ويو هو. جتي هن پنهنجي خوفائتي شڪل ۾ ڏيل جو بازنطين دربار تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو، جو دربار جو چئمبرلين جڏهن بہ شهزادي جسٽين کي ڪيٿو ڪندي ڏسندو هو تہ ڪين ڊپ ڏياري چوندو هو: ”چپ ڪرنہ تہ سڏيان ٿو حارث کي.“ [79]

حارث، ڪرستان هو ۽ وحدانيت واري مسلڪ سان وابستہ هو ۽ ساڳيو طريقو سندس پٽ المنذر (569-582) اختيار ڪيو. اهوئي سبب آهي جو پوءِ شهنشاهه جسٽينين سندس عقيدن سبب ساڻس ناراض ٿي پيو. 580ع ۾ شهنشاهه تبرياس ٻئي، منذر کي وڏو مرتبو عطا ڪيو ۽ سندن مٿي تي پنهنجي هٿن سان تاج رکيو. هن ڪيس پنهنجي طرفان سڄي شام مٿان نائب بنايو. انهيءَ مان ۽ شان ملڻ ڪان پوءِ منذر، ايرندي جي لغر حڪومت تي حملو ڪيو ۽ ان جي تختگاهه حيره کي باهه ڏني. ايڏي خدمت جو بدلو المنذر کي هن ريت مليو جو شام جي بازنطين گورنر جي دعوت تي جڏهن هو شام ويو تڏهن حوارين جي چرچ ۾ عبادت ڪندي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. ڪيس پوءِ سندس زال ۽ ٽن پٽن سان قسطنطنيه موڪليو ويو. سندس پٽ لقمان بہ سال پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي حڪومت ڪئي پر انهيءَ کي بہ نڳيءَ رستي ڦاسايو ويو، ۽ قيد ڪري قسطنطنيه موڪليو ويو. غساني حڪومت جي پڇاڙي سبب طوائف الملوڪي پکڙجي ويئي. تان جو 611ع ۾ ايرانين شام تي حملو ڪري ان کي فتح ڪري ورتو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ غساني حڪومت کي هريڪليس وري نئين زندگي بخشي ۽ 625ع ۾ ان کي وري اوج تي آندو. غساني گهراڻي جو آخرين بادشاهه جبلہ من ايهم عرب مسلمانن جي خلاف يرموڪ جي جنگ ۾ حصو ورتو (جا 636ع ۾ لڳي). [80] پر پوءِ هن اسلام قبول ڪيو. خليفي عمر جي فيصلي خلاف هن اسلام تان هٿ ڪنيو ۽ قسطنطنيه هليو ويو. جبلہ درحقيقت هڪ عرب بدوي کي طواف ڪندي چماٽ هنئي هئي. ڇاڪاڻ تہ هن سندس چوغي تي لت رکي هئي. خليفي عمر فيصلو ڪيو تہ جيڪا چماٽ هن بدوي کي هنئي آهي اهڙي چماٽ ڪيس لڳڻ گهرجي، جنهن تان هو ناراض ٿي پيو.

غسانين کي جيتوڻيڪ وحشي ۽ ظالم ظاهر ڪيو ويو آهي. پر جيڪڏهن صحيح جائزو وٺبو تہ حالتون ٻي طرح نظر اينديون. اهي نهايت ئي متمدن ۽ تهذيب يافتہ هئا. علم ۽ ادب جا وڏا قدردان هئا. غساني دربار

عربي ادب جا ڪي بهترين شاعر پيدا ڪيا. جنهن ۾ نبيغہ الضبياني ۽ حسان بن ثابت وڏي مشهوري رکن ٿا. حسان بن ثابت پوءِ پيغمبر اسلام جو درباري شاعر پڻ بنيو. غساني دربار جي عظمت ۽ انهن جي علمي ڪمن ۾، دلچسپي بابت ڪيترا ئي مثال عربي ادب جي ڪتابن مان ملن ٿا. غساني بادشاهہ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ جڏهن مديني ۾ گهڙيو تڏهن سنڌس مٿي تي موروثي تاج پيل هو. جنهن ۾ ٻہ موتي ڪبوتر جي آنن جيترا وڏا هئا.[81] غسانين جي ترقيءَ جو دارومدار پاڻي تي هو. جو اهي مينهن جي پاڻيءَ، چشمن ۽ کوهن مان گڏ ڪري ڪم آڻيندا هئا. غسانين جي اوج جي تصديق انهن ٽي سو شهرن ۽ ڳوٺن مان ٿئي ٿي جيڪي حوران جبل جي لاهين تي ڏٺا ويا آهن. اهي غساني ئي هئا جن نباطين رسم الخط کي حجاز تائين پهچايو ۽ انهيءَ ۾ ئي اسلام جو نازل ٿيل ڪتاب قرآن لکيو ويو.

## حيره جا بنو لخم:

بنو لخم غسان جيان يمن جي قحطاني نسل سان وابستہ هئا ۽ انهن فرات جي ڪناري تي ٽين صدي عيسوي ۾ هجرت ڪري اولهہ عراق جو علائقو والاريو هو. انهن جو اصل نالو تنخ هو. انهن ئي حيره جو بنياد رکيو جو شامي ٻوليءَ جي حرتہ لفظ تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڇانوڻي، يا لشڪرگاهہ. اهوئي بنو لخم جو مرڪزي شهر ٿي رهيو. عربن جي لکت موجب حيره شهر جو بنياد مالڪ بن فهم الازدي وڌو هو. جو سنڌن چوڻ موجب ايران جي شاهہ اردشير جو همعصر هو. پر انهيءَ مرڪز جو اصل ۽ سچو باني سنڌس ڏهٽو عمرو بن عادي ابن نصر بن ربيعہ بن لخم هو. سنڌس ماءُ مالڪ بن فهم جي پٽ جزيمہ جي هڪ غلام سان شادي ڪئي هئي.[82] انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ اسلام ۽ محمد ﷺ جي ظهور کان گهڻو اڳ، عربن ۾ غلامن کي اعليٰ درجو مليل هو. بنو لخم جي تاريخ ۾ 20 بادشاهہ ڳڻيا ويا آهن. جنهن ۾ امرءالقيس (328ع)، النعمان پهريون الاعوار (400-418ع) المنذر پهريون (418-462ع)، المنذر ٽيون (505-514ع) ۽ عمرو بن هند ڪافي مشهوري رکن ٿا . النعمان لاءِ ٻڌايل آهي تہ هو وڏو معمار هو. هن الخورناق، الصادر ۽ ٻيا قلعا ۽ محلات عربستان جي بيابان ۾ نهرايا هئا. المنذر وري ايرانين جي طرفان وڙهندي شام تي حملو ڪيو ۽ سڄي ملڪ کي پيلي ڇڏيو. سنڌس

سوپون ڪيس انطيوڪ تائين وٺي ويئون پر پوءِ ڪيس غسانين شڪست ڏيئي واپس ڪيو. سندس پٽ عمرو بن هند جيتوڻيڪ هڪ وحشي ظالم بڌايو ويو آهي، ان هوندي بہ هن علم ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي. هن شاعرن ۽ عالمن جي پنهنجي دور ۾ تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. عرب جي قديم ۽ مشهور ستن معلقات مان ٽن جا ليکڪ عمرو بن هند جا درباري شاعر هئا. اهي ٽي شاعر هي هئا. طرفه بن العبد، الحارث بن حليزه ۽ عمرو بن ڪلثوم.[83] اسلام کان پوءِ حيره جو شهر خالد بن وليد 633ع ۾ فتح ڪيو.

پطرا، پالميرا ۽ غسان جي عرب حڪومتن جي پيٺ ۾ حيره جا عرب تهذيب ۽ ثقافت ۾ ايڏي ترقي نہ ڪري سگهيا. حيره جا عرب عربي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا. پر سندن لکڻ جو طريقو سامي رسم الخط سان وابستہ هو. ساڳئي وقت اهي ڪرستانن جي نسطوري چرچ سان ڳنڍيل هئا. سندس مذهب سندس لکڻ ۽ پڙهڻ وغيره سيني تي شام جو اثر هو. ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حيره جي بادشاهن جو اثر هو جنهن سبب نجران ۾ عرب قبيلن ڪرستان مذهب اختيار ڪيو. بنو لخم طرفان تبليغ جو سلسلو سڄي عربستان ۾ جاري رهيو. ابن رستہ جو چوڻ آهي تہ اهو حيره هو جتان مڪي جي قريشي قبيلن لکڻ جو فن ۽ ايمان آڻڻ جا مختلف طريقا سکيا[84]. اهو ڏيکاري ٿو تہ ايران جو ثقافتي اثر بنو لخم جي حڪومت جي معرفت سڄي عربستان تي اسلام کان اڳ پکڙجي چڪو هو.

## حضرموت جا بنو ڪنده:

بنو ڪنده قبيلو جو پڻ نسلي نقطہ نگاه کان يمن جي عربن سان وابستہ هو. انهيءَ لاءِ پڻ ٻڌايل آهي تہ هنن حضرموت تي تبع بادشاهن جي هٿ هيٺ هڪ حڪومت قائم ڪئي. عربستان جي سڄي اپيٺ ۾ ڪنده جا بادشاهہ واحد حاڪم هئا جن کي ملڪ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. ان هوندي بہ سندن اختيار جو دائرو تمام ٿوري ايراضي تائين محدود هو. بنوڪنده وارو گهراڻو سندن ٽئين بادشاهہ الحارث بن عمرو بن حجر هو، جنهن بنولخم کي شڪست ڏيئي حيره تي قبضو ڪيو هو. پر پوءِ حيره المنذر ترت بدلو وٺي ڪيس شڪست ڏني ۽ قتل ڪيو[85]. اهو واقعو 529 ع جو آهي ۽ انهيءَ ۾ بنولخم جي مدد ايران جي شهنشاه طرفان ٿي هئي. جنهن سبب اهي ڪامياب

ويا. منذر فتح کان پوءِ انهيءَ خاندان (بنوڪنده) جي پنجاهه ماڻهن کي قتل ڪرايو هو ته جيئن بيو ڪو به عرب قبيلو حيره تي حملو نه ڪري سگهي. عرب تاريخي ماخذن مان ثابت ٿو ٿئي ته بنوڪنده جو سياسي اثر نه فقط حضرموت تي هو پر وچ عربستان ۾ نفود تائين پکڙجي ويو هو. هن شڪست کان پوءِ بنوڪنده جو خاندان وري اسري نه سگهيو ۽ ان کان پوءِ سندن ٽٽل طاقت جو زور فقط حضرموت تائين محدود رهيو. الاصفهاني ۽ ابن قتيبه جن کي عربن جي قديم تاريخ ۾ سند جي حيثيت حاصل آهي، تن جو چوڻ آهي ته بنوڪنده جي حڪومت جو باني حجر درحقيقت سبا بن قحطان جي اولاد مان هو[86]. انهيءَ گهراڻي جو آخرين بادشاهه وائل بن هجر هو. سن 10 هجري ۾ مسلمان گورنر علي بن ابي طالب ڪائنس حڪومت ڪسي پاڻ وٽ رکي ۽ معاذ بن جبل ۽ ابو موسيٰ اشعري کي دين اسلام جي تبليغ جي سلسلي ۾ ڏانهنس موڪليو ويو هو. بنوڪنده اسلام قبول ڪيو. سن 6 هجري ۾ نبي محمد (ﷺ) ڪنده جي حاڪم ڏانهن خط لکيو پر انهيءَ جو وقت جي حاڪم تي ڪو به اثر ڪو نه ٿيو. هن نئين مذهب کي قبول ڪرڻ کان نابري واري. پر پوءِ سن 10 هجري ۾ وائل بن حجر طاقت جي اڳيان سر جهڪائيندي دين اسلام قبول ڪيو.

## بنو قريش ۽ ان جي اهميت:

بنو قريش جو قبيلو جنهن دين اسلام ۽ ان جي تبليغ ۾ اهم حصو ورتو دراصل بنو مضر جي هڪ شاخ هئي ۽ انهن جي رهڻ جو هنڌ قديم دور کان وني مڪي جو شهر هو. قريش جي مشهوري چورس شڪل جي عبادتگاهه جي ڪري هئي جنهن کي ڪعبو سڏيو ويجي ٿو. ڪعبو يعني ته ڪعبة الله عربن جي مذهبي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو مرڪز هو ۽ اهو واحد وسيلو هو جنهن جي ڪري وحشي ۽ جنگجو عرب قبيلن جو پاڻ ۾ سماجي، ثقافتي، مذهبي ۽ سياسي سبنڌ قائم رهندو آيو. ڪعبو جنهن کي بيت الله به سڏيو ويندو هو، ان ۾ ڪيترا ئي بت رکيل هئا. جن مان هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن عرب قبيلي جو خدا يا ديوتا تصور ڪيو ٿي ويو. عرب ليکڪن جي چوڻ موجب ڪعبي جي پهرين عمارت حضرت آدم عليه السلام يعني پهرين ماڻهوءَ رکي هئي ۽ پوءِ حضرت نوح عليه السلام واري طوفان ۾ ٻوڏ ۾ اها لڙهي ويئي. ان کان پوءِ

حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام سان گڏجي انهيءَ عمارت کي وري نئين سر نهرايو ۽ عرب قبيلن کي دعوت ڏني تہ انهيءَ گهر جي عزت ڪن ۽ ان جي عبادت ڪن. حضرت اسماعيل عليه السلام لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ ھِن کي سندس ماءُ بيبي حاجره سان گڏ فاران جي رڻ پٽ ۾ ڇڏيو ويو هو. اهو عمل حضرت ابراهيم عليه السلام خدا جي طرفان ڪيل حڪم مطابق ڪيو.[87] حضرت اسماعيل عليه السلام جي ماءُ، مصر جي بادشاهہ (فرعون)، پنهنجي ڌيءُ حضرت بيبي ساره کي ٻانهي ڪري ڏني هئي ۽ گهڻن ديوتائن جي عبادت ختم ڪري هڪ ديوتا جي عبادت جو حڪم ڏنو. چون ٿا تہ پاڻي نہ ملڻ سبب بيبي حاجره کي انهيءَ واديءَ ۾ ڊوڙڻو پيو پر سندس ٻار پنهنجي ڪڙين سان واري ۾ کڏ ڪري پاڻيءَ جو اهڃاڻ ڏنو. اها جاءِ اُها آهي جتي هاڻي زم زم جو کوهہ آهي. اهو کوهہ اسلام کان پوءِ پاڻ وڏيڪ اهميت جو مالڪ ٿي ويو آهي جو، هر سال هزارين حاجي انهيءَ کوهہ جو پاڻي ڍڪن، شيشن ۽ بين ٿانون ۾ ڪٺي پنهنجي پنهنجي ملڪ ويندا آهن ۽ اتي تبرڪ طور ماڻهن ۾ ورهائيندا آهن. بيبي حاجره جي ڊوڙ پڻ حج جي ارڪانن ۾ موجود آهي. جنهن ۾ حاجي صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙندا آهن. حج جون بيون رسمون پڻ ابراهيمي قبيلي جي طفيل آهن، جن جي اولاد بابل مان هجرت ڪري حجاز ۽ فلسطين جو ملڪ وسايو هو .

تورات جي بيان موجب حضرت اسماعيل عليه السلام کي 12 پٽ هئا.[88] ۽ اها ساڳي حقيقت حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف لاءِ بہ ٻڌايل آهي جيڪي يهودي قوم جا وڏا هئا. حضرت اسماعيل عليه السلام جي پٽن جا نالا هي هئا. نابط يا نبايوط، قيدار، ادباعيل، مبشام، مشماع، دومه، حدد، تيمه، يافور، نافش، ميشا ۽ قيدماح. اهي ٻارهن پائر اسماعيلي عرب قبيلن جا وڏا آهن جن حجاز، اتر عربستان، سينا ۽ فلسطين ۾ بينڪون قائم ڪيون ۽ اهي ملڪ والاريا. حضرت اسماعيل عليه السلام لاءِ اهو پڻ ٻڌايل آهي تہ ان کي هڪ ڌيءَ نالي بسمه هئي جنهن کي سندس سوٽ اسحاق جي پٽ عيشاؤ سان پرڻايو ويو هو. بيبي ساره کي پڻ وڏي عمر ۾ هڪ پٽ ڄائو هو جنهن جو نالو اسحاق عليه السلام رکيو ويو هو ۽ اسحاق عليه السلام جو پٽ يعقوب عليه السلام جنهن کي اسرائيل جو نالو پڻ ڏنل هو. پاڻ بني اسرائيل يعني

يهودي قوم جو ڏاڏو هو. اهوئي سبب آهي جو قرآن ۾ يهودين کي بني اسرائيل جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جو ٽيون پٽ مدين جنهن جي ماءُ قطوره هئي، تنهن سينا جو بريٽ والاريو، ان ڪري سندس اولاد کي بنو مدين سڏيو ويندو هو. سندس پيڙهي ۾ شعيب عليه السلام نبي پيدا ٿيو. جنهن وٽ موسيٰ عليه السلام مصر مان پڇي نڪرڻ کان پوءِ پناهه ورتي هئي. موسيٰ عليه السلام پوءِ سينا مان علم ۽ فن حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس مصر ويو،[89] ۽ يهودين کي فرعون جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته سينا جو رڻ پٽ مصر جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ثقافت جي ميدان ۾ سکيا جو گهر هو. جنهن يهودين کي علمي ۽ سياسي ميدان ۾ طاقت بخشي ۽ ڪين اردن (اردن) جي واديءَ جو مالڪ بڻايو. يهودي سينا جي رڻ پٽ ۾ چاليهن سالن کان به وڌيڪ عرصو رهيا هئا.

## قريش جي اصليت:

قريش جي اصليت فهر بن مالڪ کان منسوب ڪئي ويئي آهي، جو پاڻ مضر بن نزار جي اولاد مان هو. مضر وري قيذار بن اسماعيل جو پوٽو هو. قريش لفظ جي معنيٰ آهي، منافع هٿ ڪرڻ. اهو لقب فهر جي اولاد تي انهيءَ ڪري پيو جو اُهي واپار جهڙي نفع بخش ڌنڌي ۾ لڳل هئا. انهيءَ حقيقت جي تصديق قرآن مان پڻ ٿئي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اها قوم سياري توڙي اونهاري ۾ واپار ۾ رڌل رهندي هئي.[90] "رحلة الشتاءِ والصيف" قريش عرب انهيءَ ساموندي جانور کي به چوندا هئا جيڪو ماڻهن کي کائي ويندو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته قريش طاقت ۽ اختيار جا مالڪ هئا ۽ ماڻهن سان تعلق ۾ هو وحشي صفتن جو مظاهرو پڻ ڪندا هئا. قريش جا قبيلا بن حصن ۾ ورهايل هئا. هڪڙا اهي هئا جيڪي خانه بدوش هئا ۽ حجاز ۾ ڪيترن هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل هئا. ٻيا قبيلا شهري هئا ۽ انهن جو مرڪز مڪي جو شهر هو. خانه بدوش قبيلن ۾ محارب، تم الادرم، خزيمه، مهائد، جشم ۽ حارث جا نالا قابل ذڪر آهن ۽ شهري قبيلا بنو قصيٰ ۽ بنو ڪعب مان هئا. قريش جا قبيلا تڏهن مشهور ٿيا جڏهن قصيٰ بن ڪلاب جو فهر بن مالڪ جي ڇهين پيڙهي مان هو تنهن مڪي جي شهري حڪومت جو بنياد وڌو. شام ۽ يمن سان واپار سبب قريش جا ماڻهو انهن سڀني حقيقتن ۽ ادارن کان واقف ٿي ويا هئا

جيڪي انهن ملڪن ۾ رائج هئا. شام ۾ شهري حڪومتن جي ناهيل نظام تي قريش پڻ مڪي ۾ هڪ شهري حڪومت جو بنياد وڌو. جنهن جو سڄو سارو ڍانچو جمهوري اصولن تي رکيل هو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ شهري حڪومت جو انتظام، قريشن جي ڏهن قبيلن ۾ هڪ جيترو ۽ هڪ جهڙائي واري اصول تي ورهايو ويو هو. مڪي جي شهري حڪومت جو دارو مدار ڪعبي (ڪعبة الله) تي هو جنهن ۾ ان جو انتظام چوڏهن شعبن ۾ ورهايل هو. هيٺيون خاڪو انهيءَ انتظامي ڪارواين تي روشني وجهي ٿو جيڪو قريش اسلام کان اڳ شهري انتظام لاءِ مقرر ڪيو هو. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ بنو قريش جمهوري قدرن جا قائل هئا ۽ مڪي جي ناهيل شهري حڪومت ۾ سيني کي هڪ جيترو حق هو جو رواداري ۽ مساوات جي اصول تي مبني هو.

| شعبو (کاتو) | ڪم | قبيلو | عيوضي |
|---|---|---|---|
| 1- سقايہ | حاجين جي رهائش ۽ کاڌو | بنو هاشم | عباس بن عبدالمطلب |
| 2- امارة | ڪعبي جي مرمت | بنو هاشم | عباس بن عبدالمطلب |
| 3- رفاده | حاجين جي مال جي حفاظت | بنو نوفل | حارث بن عامر |
| 4- سدانہ | ڪعبي جي حفاظت ۽ ڪنجيون | بنو عبدالدار | عثمان بن طلحہ |
| 5- ايثار | بتن جي خدمت | بنو جمہ | صفوان بن اميہ |
| 6- ندوه | ڪورٽ ۽ ڪميٽي روم جو انتظام | بنو عبدالدار | عثمان بن طلحہ |
| 7- مشوره | صلاح مشورو | بنو اسد | يزيد بن زمعہ |
| 8- حڪومتہ | فيصلا | بنو سهم | حارث بن قيس |
| 9- عقاب | قريش جو جهنڊو | بنو اميہ | ابو سفيان بن حرب |
| 10- قبہ | فوجي ڇانوڻي | بنو مخزوم | خالد بن وليد |
| 11- اموال مهاجره | بتن جي اڳيان پيل تحفا | بنو سهم | حارث بن قيس |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 12- آئنه | گهوڙيسوار دستي جي ليڊري | | بنو مخزوم | خالد بن وليد رضہ |
| 13- سفارة | سفارت | | بنو عدي | عمر رضہ بن الخطاب |
| 14- اشناق | خون بها | | بنو تميم | ابوبکر رضہ بن ابو قحافہ |

مڪي جي شهري حڪومت جو ليڊر قصيٰ هو. جو انهيءَ جو باني پڻ هو. ڪانئس پوءِ مڪي جو انتظام جو سندس اولاد ۾ هلندو آيو ۽ اهو سلسلو پيغمبر اسلام تائين قائم رهيو. پيغمبر اسلام جي ڄم وقت مڪي جو امير سندس ڏاڏو عبدالمطلب هو. جنهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هُو مال جو، ڏٽي ۽ وڏي اثر رسوخ وارو شخص هو. اهو سڀ ڪجهہ ڪعبة الله جي ڪري هو. جنهن سان سندن خاندان يعني تہ بنو اسماعيل جو صدين کان وٺي تعلق رهندو آيو. عبدالمطلب کي ڏهہ پٽ هئا ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ٻارنهن پٽ. جنهن مان پنجن پٽن، يا تہ اسلام جي خدمت ۾ يا ان جي مخالفت ۾ گهڻو نالو ڪڍيو. اهي پنج پٽ هي هئا: ابو لهب، ابو طالب، عبدالله (پيغمبر اسلام جو والد) حمزه ۽ عباس. ابو لهب جو رنگ ڳاڙهو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو اهو نالو مٿس رکيو ويو هو. ابو طالب اسلام قبول ڪرڻ کان سواءِ گذاري ويو، پر سندس پٽ علي رضہ، اسلام جي ڪن وڏن مخالفن جا بدر جي جنگ ۾ ڪنڌ لاهي ڇڏيا. حمزه کي ڪوبہ پٽ ڪونہ ٿيو ۽ عباس جي اولاد جنهن کي عباسي سڏيو ويو آهي، تن 500 سالن تائين بغداد ۾ اسلامي دنيا مٿان حڪومت ڪئي. هلاڪو جي بغداد تباهہ ڪرڻ کان پوءِ عباسين قاهره ۾ اڍائي سو سالن تائين حڪومت ڪئي.

قريش جي ڏهن قبيلن مان بہ قبيلا بنو هاشم ۽ بنو اميہ نہ فقط تعداد ۾ وڌيڪ هئا، پر مال دولت ۾ بہ ٻين قبيلن کان وڌيڪ سرند ۽ طاقتور هئا. اهوئي سبب آهي جو اهي هڪ ٻئي جا رقيب ۽ پوءِ دشمن ٿي پيا. عبدالمطلب جي موت کان پوءِ بنو هاشم ۾ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ رهيو، جو قريش جي سڄي قبيلي تي پنهنجو اثر قائم ڪري سگهي. ان ڪري بنو اميہ جي ليڊر حرب بن اميہ، امارت تي قبضو ڪيو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ابو سفيان بن حرب، قريش

جو امير هو ۽ پيغمبر اسلام جو وڏي ۾ وڏو مخالف بڻيو رهيو. سن8 هه /630ع ۾ جڏهن مڪو فتح ٿيو، تڏهن ابو سفيان اسلام قبول ڪيو. ڏسڻ ۾ ته اچي ٿو ته بنو اميه جي مخالفت جو مکيه سبب سياسي هو. چاڪاڻ ته سندن خيال هو ته محمد ﷺ، اسلام جي تبليغ انهيءَ ڪري ڪري رهيو آهي، جو هُو پنهنجي ڏاڏي جي وجايل طاقت ۽ مهنداري حاصل ڪرڻ جو خواهان آهي. ڏنو ويندو ته بنو هاشم ۽ بنو اميه هڪڙي ئي پيڙهي جا آهن. سندن ڏاڏو عبد مناف بن قصيٰ هو، جنهن مڪي جي شهري حڪومت جو بنياد وڌو. عبد مناف کي ٻه پٽ هئا: هاشم ۽ عبدالشمس. هاشم بنو هاشم جو ڏاڏو ٿيو ۽ عبدالشمس جو پٽ اميه، بنو اميه خاندان جو مورث اعليٰ بڻيو. بنو هاشم ۽ بنو اميه جي رقابت جا دشمني تائين وڌي ويئي هئي، تنهن جو سلسلو عباسين جي اسلامي سلطنت جي تسلط کان پوءِ ختم ٿي ويو. بنو اميه جو خاتمو هجري ٻي صدي جي ٻي چوٿائيءَ ۾ ٿيو ۽ ان کان پوءِ انهن يورپ ۾ اسپين جهڙي ڏورانهين ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت ڪڙي ڪئي. اها حڪومت بغداد ۾ قائم ڪيل عباسي حڪومت لاءِ ٽن سون سالن تائين رقيب وارو ڪردار ادا ڪندي آئي. بنو اميه جي حڪومت جو مرڪز دمشق مان بدلجي قرطبه ۾ قائم ٿيو ۽ اهو شهر عرب اسلامي تهذيب جو سرچشمو ٿي ويو. چاڪاڻ ته اتان ئي علم جي روشني جو آغاز ٿيو، جنهن جو اثر يورپ تي آهستي آهستي قائم ٿي ويو.

## حجاز تي ٻاهرين مذهبن جو اثر:

قرآن ۾ فقط ڇهن مذهبن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اهي آهن اسلام، يهوديت، ڪرستان ۽ صابعي. صابعي اهي هئا، جيڪي قدرتي شين ۽ تارن جي پوڄا ڪندا هئا.[91] ۽ انهن مان هرهڪ لاءِ هنن خيالي بت ٺاهيا هئا. عربن جو ٻه اهو ساڳيو حال هو، چاڪاڻ ته انهن ٻه قدرتي شين ۽ آسماني تارن جا بت ٺاهي ڪعبي ۾ رکيا هئا. شمس ديوتا دراصل سج هو. عم ديوتا چنڊ جو مجسمو هو. اهڙيءَ طرح اشتر ۽ وينس ٻئي هڪڙي تاري جو نالو هو. عربن جو چوڻ هو ته اهي آسماني تارا ۽ گرهه انسان جي زندگي تي تمام گهڻي قدر اثر انداز ٿين ٿا ۽ انهن جي قسمت ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ ۾ سندن وڏو هٿ آهي. قريش جو وڏي ۾ وڏو ديوتا هبل هو، جو اصل ۾ سندن ڏاڏي ابراهيم جو پٽ هو. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته ابن ڏاڏن جي پرستش جو رواج پڻ عربن ۾ موجود هو.

اسلام کان اڳ جا عرب ايتري قدر تہ مجھول هئا، جو انسان جي ڪن خاصيتن کي بہ ديوتا جو درجو ڏنو هئائون ۽ ان جي پوڄا ڪندا هئا. مثال طور ود، محبت جو ديوتا تصور ڪيو ويندو هو. حول طاقت جو. نڪوره دشمني جو. اميانس بچاءَ جو. يغوث مدد جو ۽ يعوق سفارش جو. يمن ۽ وچ عربستان جا عرب پٿرن ۽ وڻن کي پوڄيندا هئا. حجاز جا عرب لات، منات ۽ العزي کي پوڄيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ اهي خدا جون ڌيون هيون. سندن چوڻ هو تہ دنيا جو انتظام انهن جي صلاح سان هلندو هو. العزيٰ (سڀ کان طاقتور) دراصل وينس تاري جو عربي نالو هو. جنهن جو عبادتگاهہ نخلع ۾ هو ۽ اتي تي وڻ هئا. ڪيس العزين جي اعليٰ لقب سان ياد ڪيو ويندو هو ۽ سندس بت ڪعبة الله ۾ پڻ رکيل هو، جنهن کي قريش جا قبيلا پوڄيندا هئا. لات دراصل چنڊ ديوتا جو نالو هو ۽ طائف جا عرب انهيءَ جي پوڄا ڪندا هئا ۽ اهوئي دراصل سندس پوڄا جو مرڪز هو. هن ديوتا جي ايتري تہ عزت ڪئي ويندي هئي جو انهيءَ جي عبادتگاهہ جي ويجهو نہ تہ ڪو قتل ڪيو ويندو هو ۽ نہ وري ڪو وڻ يا ٿاري وڍي ويندي هئي. منات جا در اصل قسمت جي ديوتا هئي، اوس ۽ خزرج قبيلن جي خدائڻ تصور ڪئي ٿي ويئي. ان جي عبادتگاهہ ۾ ڪارو پٿر لڳل هوندو هو، جنهن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. اهو ڪارو پٿر اڄ بہ ڪعبة الله ۾ لڳل آهي ۽ حاجين جو حج تڏهن مڪمل سمجهيو ويندو آهي، جڏهن انهيءَ پٿر کي نمي چمي ڏني ويندي آهي.

بت پرستي کان سواءِ دنيا جي ٻين مذهبن جهڙوڪ يهوديت، عيسائي، زردشتي وغيره جو بہ عربن جي خيالات تي ڪافي اثر رهيو. يهودين جا ڪيترائي قبيلا حجاز ۾ رهندا تي آيا. امير، نجران ۽ يمن ۾ پڻ يهودي مذهب جا ماڻهو رهندا هئا. ڪرستانن جي تبليغ پڻ قديم دور کان عربن ۾ جاري هئي، جنهن لاءِ مکيہ ڪردار ڪرستانن جي عرب حڪومتن، غسان ۽ لخسم پوري طرح ادا ڪيو. حبش جي ڪرستان حڪومت انهيءَ ڏس ۾ طاقت جو استعمال پڻ ڪيو. پيغمبر اسلام جي ڄمر واري سال پڻ اهڙي هڪ مهم مڪي جي خلاف موڪلي ويئي هئي[92]. انهن حملن ۽ تبليغي سرگرمين جو اهو اثر ٿيو جو عربن ۾ وحدانيت واري اصول جو ٻج گهٽي قدر ڇٽجي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو مڪي ۽ آس پاس وارن عرب قبيلن ۾ هڪ اهڙي جماعت جو وجود

ٻٽيو جي وحدانيت جا قائل هئا. انهن کي حنيف سڏيو ويندو هو. ورقہ بن نوفل، عبدالله بن جحش، عثمان بن حويرث، زيد بن عمرو بن نوفل کي تورا نالا آهن، جي مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. اهي پاڻ کي ابراهيم عليہ السلام جا پوئلڳ سمجهندا هئا ۽ انهن کي بت پرستي ۽ شرڪ جي ڳالهين کان نفرت هئي.

زردشتين جو تعداد بلڪل گهٽ هو ۽ اهي آيا بہ دير سان هئا. يعني تہ ساساني سلطنت جي آخرين دور ۾. انهيءَ وقت بنو لخم جو تختگاهہ حيره ساساني شهزادن جي سکيا جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. ايرانين پنهنجو اثر يمن ڏانهن پڻ وڌايو. جڏهن تہ عربن کين اڪسومي حملن کي روڪڻ لاءِ عرضداشت ڪئي هئي. ايرانين جو يمن تي تمام ٿورو وقت قبضو رهيو، پر ان هوندي بہ انهن جي مذهب جو مٿن چڱو اثر پيو. چڱائي ۽ برائي، شيطان ۽ يزدان، پسم ڪندڙ باهہ يعني تہ دوزخ جو تصور، جبر ۽ قدر، اسلام جا ڪي ضروري اصول آهن ۽ مسلمانن جو انهن تي اعتقاد آهي. مخلوق جي پيدائش، ٻوڏ وارو واقعو، ماڻهن جو اصل نسل، پيغمبرن ۽ نبين جو ظهور، مسيحا جو وري موٽڻ، عبادت جا طريقا، قيامت جو ڏينهن، بهشت وارو مسئلو وغيره يهودي ۽ ڪرستان مذهبن تان ورتل آهن. اسلام درحقيقت سامي نسل جي روحانيت جي ترقي جو آخرين ڏاڪو هو، جنهن ۾ 'هڪ اهڙي مذهب جو پرچار ڪيو ويو، جو آساني سان دنيا جا ماڻهو قبول ڪري سگهن.

اسلام، سامي نسل جي خيالات ۽ اعتقاد جو اعليٰ ۾ اعليٰ مجموعو آهي. اهو ئي سبب آهي جو محمد (ﷺ) کي آدم عليہ السلام کان وٺي سندس دور تائين سڀني پيغمبرن جو سرتاج ۽ خاتم النبيين جو نالو ڏنو ويو آهي.

# اسلام کان اڳ عربن جو نسب نامو



# بنو قريش جو نسب نامو




عبد مناف
هاشم
عبدالشمس
نوفل
اُميـَه
(بنو اميہ جو ڏاڏو)
حرب
ابو العاص
ابو سفيان
عفان
عاص
معاويہ (بنو اميہ
خلافت جو باني)
عثمان
(ٽيون خليفو)
حڪم
عمرو
(مصر جو فاتح)
يزيد
مروان
(بنو اميہ جي ٻي خلافت جو باني)
عبدالمطلب
عبدالله
عباس
حمزه
ابوطالب
حارث
ابولهب
عبدالله
(عباسي خليفن جو ڏاڏو)
علي
محمد
(پيغمبر اسلام)
حسن
حسين
محسن
(فاطمي خليفن جو ڏاڏو)

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) اصل نالو "عربة" ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو وقت سان تبديل ٿي "عرب" بنجي ويو. هن جي تصديق جاهليه دور جي شعر ذريعي ٿئي ٿي.

اسد بن جهل: و عربة ارض جد في شرا هلها
كما حد في شرب النفاخ ظماء

ابن منفذ: لنا اهل لم بطمث الذل بينها
بعربة ماواها بقرن فا بطها
ولوان قومي طا و عتني سراته

ابو سفيان: امرتهم الامرالذي كان اريحا

ابونا رسول الله و ابن خليله - بعربة بواء نا فنعم المركب

ابو طالب بن عبدالمطلب:

و عربة دارلا يحل حرامها - من الناس الااللوذعي الحلاحل

(2) هسٽري آف عربس (هٽي)، صـ 9.

(3) جينيسس، باب 11، آيت 12 - 13.

(4) انسائيڪلو پيڊيا آف ايٿڪس اينڊ رليجن، جلد 1، صـ 373.

(5) معجم البلدان، جلد 1، صـ 67.

(6) قرآن، سورة الاعراف، آيت 69.

واذكرو اذ جعلكم خلفاءِ من بعد قوم نوح.

(7) قرآن، سورة الفجر، آيت 8.

الم تركيف فعل ربک بعاد ارم ذات العماد التي لم يخلق مثلها في البلاد.

(8) قرآن، سورة الاعراف، آيت 65.

والي عادٍ اخاهم هودًا

(9) هسٽري آف عربس (هٽي)، صـ 52.

(10) ارض القرآن، صـ 216، هسٽري آف عربس، صـ 216.

(11) سريا (هٽي)، صـ 146.
(12) ايضاً، صـ 147.
(13) هائيڪ (شيڪ) ۽ سوس (شيفرڊ) گڏجي هائيڪسوس کي وجود ۾ آندو آهي، معنيٰ تہ ڌنار بادشاهہ. اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ (هال)، صـ 212.
(14) هسٽري آف پرشيا (سائيڪس)، جلد 1، صـ 62، اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ (هال)، صـ 174 - 597.
(15) اينشنٽ ٽائمز (بريسٽيڊ)، ص 108.
(16) اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ (هال)، صـ 174، 594، 597.
(17) ايضاً، صـ 186.
(18) اينشنٽ ٽائمز، صـ 111.
(19) هسٽري آف پرشيا، جلد 1، صـ 67، اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، صـ 189.
(20) مري (Mari) جاءِ تان 20،000 تختيون مليون آهن. هسٽري آف سريا، صـ 66، 67.
(21) اينشنٽ نيئر ايسٽ (پچرڊ)، صـ 137 - 168.
(22) ايضاً، صـ 139.
(23) تشرتا غالباً عراق ۾ 1375 ق. م. ڌاري حڪومت ڪئي. هي آمينهيٽپ III ۽ آمينهيٽپ iv جو همعصر هو. تشرتا جي هڪ ڌيءَ، جنهن جو نالو گلکپا (Gilukhipa) هو، ان جي شادي امينهيٽب iv سان ٿي. پر مڪيہ راڻي نيفرتتي (Nefertiti) هئي جا اخيناٽن (Akhenton) جي ٻي زال هئي. اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، صـ 262.
(24) اينشنٽ ٽائمز، صـ 141.
(25) اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، صـ 445.
(26) هسٽري آف سريا، صـ 196، 197.
(27) ڪنگز، باب 19، آيت 35.
(28) اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، صـ 499.
(29) ايضاً، صـ 510.
(30) قرآن، سورة البقرة، آيت 259.

(31) اينشنٽ ٽائمز، صہ 166.
(32) قرآن، سورة ڪهف، آيت 82، ايزرا، باب 1، آيت 5.
(33) لبنان ان هسٽري، صہ 70.
(34) سريا جي بادشاهن جي اتحاد، جنهن ۾ دمشق جو بن حداد، اسرائيل جو احاب ۽ هماس جو ارخلوني شامل هئا، اشورين جي حملي کي منهن ڏنو، جنهن جي ذاتي طرح قرقر ۾ 854 ق. م. ڌاري شالمينسر III قيادت ڪئي هئي. جنگ ۾ ڪنهن به نہ ڪٽيو، پر ٻنهي ڌرين پنهنجي سوڀ جو اعلان ڪيو. عربس (هٽي)، صہ 37، سريا (هٽي)، صہ 66، اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، صہ 440.
(35) سريا (هٽي)، صہ 100.
(36) ايضاً، صہ 103، 104، 105.
(37) ايضاً، صہ 105.
(38) ايضاً، صہ 108.
(39) اينشنٽ ٽائمز، صہ 134.
(40) سريا (هٽي)، صہ 64.
(41) ايضاً، صہ 69، 70.
(42) قرآن، سورة الاعراف، آيت 74.
(43) عربس (هٽي)، صہ 76، سريا (هٽي)، صہ 395، 396.
(44) ارض القرآن، صہ 201.
(45) عربس (هٽي)، صہ 44، 45.
(46) ايضاً، صہ 52.
(47) ارض القرآن، صہ 210.
(48) ايضاً، صہ 217.
(49) عربس (هٽي)، صہ 38.
(50) سريا (هٽي)، صہ 190.
(51) عربس (هٽي)، صہ 55.
(52) ايضاً، صہ 55، 56.
(53) عربس (هٽي)، صہ 55، ارض القرآن، صہ 228، 2، 23.
(54) عربس (هٽي)، صہ 57.
(55) ايضاً، صہ 56.

(57) ايضاً، صہ 57.
(58) قرآن، سورة الفيل، آيت، 4.
(59) قرآن، سورة سبا، آيت، 16.
(60) عربس (هٽي)، صہ 72.
(61) ارض القرآن، صہ 44.
(62) بذو التاريخ، صہ 166.
(63) حضرت محمد ﷺ جو شجرو هن ريت آهي:
محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصي بن كلاب بن مُره بن كعب بن لوئي بن مدركة بن غالب بن فهر بن مالك بن نضر بن كنانه بن خزيمه بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن قيدر بن اسماعيل بن ابراهيم. ارض القرآن، ص 97.
(64) عربس (هٽي)، ص 68.
(65) سريا (هٽي)، ص 378.
(66) ايضاً، ص 382.
(67) ايضاً، صہ 385.
(68) ڪنگز، باب 16، آيت 24.
(69) عربس (هٽي)، صہ 72، 73.
(70) سريا (هٽي)، ص 388، ڪنگز، باب 9، آيت 18، ايذرا، باب 47، آيت 19، ۽ باب 48، آيت 28.
(71) سريا (هٽي)، صہ 392.
(72) ايضاً، صہ 393.
(73) هسٽري آف عربس (هٽي)، صہ 68.
(74) سريا، صہ 377.
(75) هسٽري آف سريا (هٽي)، صہ 378.
(76) هسٽري آف عربس، صہ 64 - 65.
(77) ايضاً، صہ 78.
(78) سريا، صہ 403.
(80) فتوح البلدان، صہ 438.
(81) هسٽري آف سريا، صہ 405.

(82) هسٽري آف عربس، صہ 82.

(83) ايضاً، صہ 83.

(84) اعلاق النفيسه، صہ 192.

(85) هسٽري آف عربس، صہ 85.

(86) ارض القرآن، جلد 1، صہ 233، 234.

(87) جينيسس، باب 21، آيت 12، 19، 21.

(88) ايضاً، باب 25، آيت 16.

(89) ايڪسوڊس، باب 3، آيت 1.

(90) قرآن، سورة 106، آيت 2.

(91) ارض القرآن (ندوي)، صہ 97.

(92) قرآن، سورة 105، آيت 4.

---

# سنڌو- عرب ناتا

# ۽

# سنڌ تي حملي جا ڪارڻ

- سنڌ تي عربن جا اوائلي حملا
- سنڌ تي عرب حملي جا ڪارڻ

## باب ڇهون

# سنڌو- عرب ناتا

سنڌ جا عرب دنيا سان نهايت قديم دور کان ناتا رهيا آهن، جي تاريخ کان اڳ جي دور سان ملن ٿا. ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌ جا قديم رهاڪو هجرت ڪري عراق پهتا ۽ اتي وڃي انهن بابل ۾ سميري ۽ سامي تهذيب جو بنياد رکيو. لکيل ڪتبن مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ هڪ راڪاس قوم جنهن جو اڌ مڇي ۽ اڌ ڌڙ ماڻهو جو هو، اهي ايراني نار تري، فرات جي واديءَ ۾ پهتا ۽ انهن لکڻ جو فن ۽ پڻ تمدن جا ٻيا فن اتي رائج ڪيا. سڀ کان اهم هر ۽ ڦيٿو آهي، جو انساني تهذيب جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو ۽ اهي ٻئي شيون عراق ۾ سنڌو ماتريءَ جي ماڻهن ايجاد ڪري ڏنيون. انهن عراق تي "سينار" جو نالو پڻ رکيو جو صدين تائين هلندو آيو[1]. عالمن، انهن ماڻهن جو نالو "سميري" رکيو آهي، جو سمير مان نڪتل آهي ۽ اهو نالو سنڌوماتر مان آيل ماڻهن، ڏکڻ عراق تي رکيو جو ايراني نار جي آس پاس وارو ملڪ آهي. راڪاس قوم مان مراد آهي اهڙا ماڻهو جنهن جهڙو ڪم ٻيو ڪوبہ ڪري نہ سگهي. اڌ ڌڙ مڇي ۽ اڌ ڌڙ ماڻهوءَ جو مطلب آهي تہ اهي سمنڊ جي رستي ۽ پڻ خشڪي رستي عراق ۾ پهتا هئا. انهيءَ قوم پنهنجي اعليٰ تهذيب جا آثار بلوچستان، مڪران، فارس ۽ خوزستان جي ڪناري سان ڇڏيا آهن جي اڄ بہ پسجن ٿا. عراق ۾ پهچڻ کان اڳ انهيءَ قوم جي ماڻهن اهي ماڳ وسايا هئا، جتان لنگهيا، اتي پنهنجي تهذيب جو ٻج ڇٽيندا ويا. هي اُهي ماڻهو آهن، جن دنيا کي پهريون رسم الخط ڏنو، جنهن کي خط ميخي (Cuniform Script) جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ اها صورتخطي پوءِ دنيا جي سڀني ٻولين ۾ رائج ڪئي وئي. اها صورتخطي دنيا جي قديم قومن جي علم، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي واڌ جو واحد ذريعو هو. خط ميخي رسم الخط 1200 ق.م تائين اولهہ ايشيا ۾ رائج هو ۽ ان کان پوءِ الف – ب – ت صورتخطي ايجاد ڪئي وئي. ان هوندي بہ خط ميخي صديون پوءِ ايران، عراق، اناطوليہ ۽ شام ۾ قائم رهيو. اها حقيقت انهن ڪتبن ۽ لکتن مان واضح آهي، جي انهن ملڪن مان لڌيون ويون آهن.

ساليانو ڏن 360 ٽيلنٽ سون جي ڀوري جا موڪليا ويندا هئا[4]. جا هاڻوڪي ڪاٿي موجب پنجاھ لک پائونڊن جي برابر هئي. تي سگهي ٿو تہ اهو ليکڪن جو وڌاءُ هجي، پر ان مان سنڌ جي آبادي ۽ ان جي زرخيزي جي تصديق ٿئي ٿي ۽ ظاهر ٿئي ٿو تہ انهيءَ قديم دور ۾ پڻ سنڌ هڪ آباد، زرخيز ۽ خوشحال ملڪ هو.

سڪندر اعظم جنهن بابل جو تخت ايرانين کان هٿ ڪيو، تنهن پڻ وڏي فوج سان، ايران جي رستي سنڌ تي حملو ڪيو ۽ پوءِ مڪران ۽ فارس جو ڪنارو ڏيندو واپس بابل پهتو. سندس پوئلڳن جي سندس سلطنت جا وارث بنيا، تن جي بہ اهائي ڪوشش هئي تہ وادي سنڌ سان لاڳاپا قائم رکجن. انهيءَ ڏس ۾ سڀ کان پهرين سيليوڪس نڪيٽر، وادي سنڌ ۽ نندي ڪنڌ سان لاڳاپا قائم رکڻ جي نيت سان حملو ڪيو. پر چندر گپت موريا جي هٿان شڪست کائي واپس موٽيو. ان هوندي بہ هُن، ناتن کي بحال ڪرڻ خاطر پنهنجي ڌيءَ جو سڱ چندر گپت کي ڏنو ۽ ان سان گڏ سفارتي ناتا قائم ڪرڻ خاطر ميگاستينز نالي هڪ ايلچي بہ پتاليپترا ڏياري موڪليو. جنهن جي لکتن ۾ يونان ۽ اولهہ جي ملڪن جا نندي ڪنڌ سان سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ واپاري رشتن تي تمام گهڻي روشني وڌل آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ سنڌ جا عراق ۽ اولهہ جي ٻين ملڪن سان نهايت قديم دور کان وٺي تعلقات رهيا آهن. جنهن سبب سنڌ جي انهن ملڪن ۾ هاڪ هئي. ايران جا ساساني جڏهن طاقت ۾ آيا ۽ اولهہ ايشيا جي سيني ملڪن تي قابض ٿي ويا، تڏهن هنن سنڌ ڏانهن بہ پنهنجون فوجون موڪليون هيون. اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ ايران جي ساسانين جو سنڌ تي ڪيترو سياسي اثر هو، پر سنڌن ثقافتي ۽ تمدني دٻاءَ جو سنڌ تي تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ اهو انهن شهرن ۽ ماڳن جي نالن مان ظاهر آهي،[5] جي ماڳهين هاڻوڪي دور تائين رائج آهن. الرود، مهراڻ، بهمن آباد، سيوستان، نيرون ڪوٽ وغيره نالن مان ايراني اثر نمايان آهن. الرود ڦري اروڙ ٿيو. مهران سنڌو نديءَ جو ٻيو نالو آهي. سيوستان ڦري شو آستان يا سيوهڻ ٿيو. نيرون ڪوٽ حيدرآباد واري ماڳ جو نالو آهي ۽ بهمن آباد جو اصل ۾ بهمن جاذويہ جو بڌايل شهر هو. هندن جي طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ برهمڻ آباد ۾ بدلجي ويو. انهيءَ جي تصديق نالن ۾ پويان ڳنڊيل علامتن جهڙوڪ آستان، آباد، ڪوٽ مان ظاهر آهي.

ساساني شهنشاه خسرو نوشيروان، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ عراق جي سيسفان شهر ۾ هو، تنهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هُن کي سنڌو ماتري جيَ علم، خاص ڪري طب جي علم سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. ان ڪري هُن پنهنجو خاص حاڪم برزويہ سنڌ ڏانهن انهيءَ مقصد سان موڪليو تہ هُو طب ۽ ٻين علمن ۾ مهارت حاصل ڪري اچي ۽ اتي جون جڙيون ٻوٽيون هٿ ڪري، انهن تي ريسرچ ڪري. برزويہ سنڌ ۾ ڪجھ وقت رهڻ کان پوءِ سيسفان واپس هليو ويو ۽ پاڻ سان گڏ ڪي ڪتاب ۽ ٻيون ڪمائتيون شيون ڪٺائي ويو. برزويہ جي ٺيل ڪتابن ۾ حڪيم ويد وياس[6] جو مشهور شاهڪار پنچتنترا پڻ هو. جو پوءِ ايران جي مشهور اڪاڊمي (درسگاهہ) گنديشاپور ۾ پهلوي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ مٿس نئون نالو "ڪليلہ و دمنہ" رکيو ويو. عربن جي عباسي دور ۾ اهو ڪتاب پهلوي مان عربي ۾ ترجمو ڪيو ويو[7] ۽ پوئين دور ۾ وري فارسي ۾ نقل ڪيو ويو. هن وقت انهيءَ ڪتاب جا دنيا جي اٽڪل چاليهن ٻولين ۾ ترجما موجود آهن ۽ ايڏو تہ مقبول ويو آهي، جو انهيءَ جو هڪ نهايت ڏورانهين ۽ برف سان ڍڪيل ملڪ آئسلينڊ جي ٻوليءَ ۾ بہ ترجمو ڪيو ويو آهي. پنچتنترا کان سواءِ ٻيون اهم عجائبات، شطرنج ۽ چوسر جون رانديون آهن، جي پڻ نوشيروان جي زماني ۾ سنڌ مان عراق ۽ ايران پهتيون.

ساساني دور ۾ ايراني سلطنت جو مشهور بندرگاهہ ابلہ هو، جو ان وقت واپار ۽ جنسن جي ڏي وٺ جو دنيا ۾ وڏو مرڪز هو. انهيءَ دور ۾ پڻ عربن جي سامونڊي ۽ خشڪي جي واپار تي هڪ هٿي هئي ۽ اهي سنڌ ۽ هند جي بندرن، شهرن، ماڻهن ۽ قومن کان چڱي طرح واقف هئا. ابلہ جو بندرگاهہ عربن جي اسلامي سلطنت جي ٻئي خليفي عمر بن الخطاب رضي الله عنہ جي زماني ۾ عربن هٿان فتح ٿيو، جنهن کان پوءِ انهيءَ بندر جي اهميت گهٽجي ويئي. انهيءَ کان پوءِ عُمان ۽ پوءِ بصره جا بندر عربن جي واپاري ۽ فوجي چرپر جا مرڪز بنجي ويا ۽ اتان ئي عربن پنهنجي جنگي آزمائش جي وسيلي سنڌ ۽ هندوستان جي سامونڊي علائقن تي حملا شروع ڪري ڏنا.

سنڌ تي عربن جي حملي کان اڳ، عربن جي واپاري ناتن جو بلڪل گهٽ اثر رهيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا راجائون (قدامت پسند هئڻ ڪري) ڌارين قومن لاءِ سنو خيال رکندڙ ڪونہ هئا ۽ انهن جا مخالف هئا. اهو انهيءَ ڪري

جو ڏارين قومن جڏهن بہ سنڌ تي حملو ڪيو، تڏهن اتي ظلم ۽ بيداد جي باهہ ڪڙي ڪري ڏني. قتلام، زوري زنا، ڦرلٽ ۽ ماڻهن کي قيدي بنائي وڪڻڻ سندن عام رواج هو. ان ڪري عربن بہ سنڌ ڏانهن پنهنجي رغبت ڪانہ ڏيکاري، جيڪا هنن هندوستان جي ڪناري وارن ملڪن جهڙوڪ گجرات، ڪانياواڙ، ملبار ۽ ڪارو منڊل ڏانهن ظاهر ڪئي. عربن گجرات، ڪارومنڊل، ملبار ۽ ڪڇ جي ڪناري وارن شهرن ۾ پنهنجا مرڪز قائم ڪيا ۽ اتي مسجدون ۽ مسافر خانا تعمير ڪرايا[8]. سيلون (سري لنڪا) لاءِ ٻڌايل آهي تہ اهو عربن جو سڀ کان پهريون واپاري مرڪز هو ۽ عربن اتي پنهنجون ڪالونيون پڻ قائم ڪيون هيون. عربن اتي مقامي عورتن سان شاديون ڪيون ۽ هڪ چڱي خاصي جماعت وجود ۾ اچي ويئي. عربن جون عورتون ۽ ٻار جي سنڌ تي عربن جي حملي جا ڪارڻ بنيا ۽ جيڪي واپاري ٻيڙين رستي عراق وڃي رهيا هئا، اهي اصل ۾ سيلون جا رهاڪو هئا. انهن ٻيڙن تي سنڌي بحري لٽيرن حملو ڪيو ۽ عربن کان مال ڦري ماڻهن کي قيد ڪيو هو. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ عربن جا سريلنڪا سان گهاٽا ۽ اڻ ٽٽندڙ لاڳاپا هئا[9].

ٻڌايو ويو آهي تہ سري لنڪا جي ماڻهن کي جڏهن حضرت محمد ﷺ جي ظهور جي خبر پيئي، تڏهن هنن پنهنجو هڪ معزز ماڻهو عربستان ڏياري موڪليو تہ مڪي ۾ وڃي انهيءَ نئين نبيءَ جي باري ۾ خبر چار هٿ ڪري ۽ ٻڌائي تہ سندس اخلاق ۽ ڪردار ۽ تعليم ڪهڙي آهي؟ اهو ماڻهو جنهن جهاز ۾ چڙهيل هو، سو طوفان سان ڏڪجي وڃي ڏورانهين سمنڊن ۾ پيو، پر پوءِ نيٺ اچي مديني پهتو. نبي سڳورو تہ رحلت ڪري ويو هو، پر سندس جانشين عمر بن الخطاب ان وقت اسلامي دنيا جو خليفو هو. لنڪا جي ان ماڻهو حضرت عمر رضي الله عنه سان ملاقات ڪئي ۽ دين اسلام جي خوبين ۽ تعليم کان واقف ٿي وطن ڏانهن واپس اسهيو. جڏهن سندس غوراب مڪران وٽ پهتو، تڏهن اهو ماڻهو جو ٻڌ مذهب جو هو، گذاري ويو. پر سندس هندو نوڪر خير سان پنهنجي ملڪ پهتو ۽ ماڻهن کي دين اسلام ۽ خليفي عمر بن الخطاب بابت واقف ڪيائين، جو سندس چوڻ موجب سادن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ خدا جو هڪ نيڪ ٻانهو هو[10]. اهو ئي سبب آهي جو لنڪا جا ماڻهو مسلمانن لاءِ محبت جو جذبو رکندڙ آهن ۽ انهن سان چڱي طرح پيش ايندا آهن. عربن

جو لنڪا ۾ رهائش يا دلچسپي جو سبب اتي جي زالن جو حَسين هجڻ پڻ هو، جي عربن کي تمام گهڻيون وڻنديون هيون[11].

سري لنڪا کان پوءِ ٻئي نمبر تي عربن جي دلچسپيءَ جو مرڪز مالديپ ٻيٽن جي ميڙ ۾ هو، جو هندي سمنڊ ۾ هندستان جي ملبار جي ڪناري جي ويجهو آهن. عرب انهن کي جزيرة المعل سڏيندا هئا، جو مالديپ جو بگڙيل اچار آهي. مشهور مسلمان سياح ابن بطوط، جڏهن انهن ٻيٽن جو دورو ڪيو هو، تڏهن اتي هُن هڪ بنگالي مسلمان عورت نالي خديجه جي حڪومت ڏٺي هئي ۽ اتي جا رهندڙ ماڻهو گهڻو ڪري مسلمان هئا. ابن بطوط ٻڌايو آهي ته مالديپ جا رهاڪو يا ته عرب هئا يا عربن جو اولاد جي ايامن کان وٺي اتي رهندا ٿي آيا[12].

ملبار ڪناري تي به عربن انهيءَ ساڳئي دور ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون هيون ۽ انهيءَ ڪري جو ملبار جو سامونڊي ڪنارو ۽ اندر وارو ملڪ پنهنجي قيمتي پيدائش، خاص ڪري مصالحن لاءِ سڄي دنيا ۾ مشهور هو. ايريال (اگر)، چندن، ڪافور، ناريل، امبر ۽ ٻيون قيمتي شيون دکن ۽ دکن جي ڪناري وارن ملڪن جي خاص پيدائش هئي، جتان اهي عرب دنيا ڏانهن موڪليون وينديون هيون. اسلام کان اڳ عربن کي ڪارو منڊل ڪناري جي پڻ خبر هئي ۽ ان جو مکيه بندرگاهه ڪارو منڊل هو، جو بهترين قسم جي اگر جي برآمد جو ننڍي ڪنڊ ۾ وڏو مرڪز هو. پر سڀ کان وڌيڪ ۽ اهم مرڪز ۽ عربن جو رهائش گاهه گجرات هو، جنهن جي راجا کي عرب بلهارا سڏيندا هئا ۽ اهو عربن کي تمام گهڻو پيائيندو هو[13]. بلهارا جو ولڀ راءِ جو بگڙيل اچار آهي، گجرات جي ولڀي خاندان ڏانهن اشارو آهي، جن رواداري جي جذبي کان ڪم وٺي عربن کي پنهنجي ملڪ ۾ بينڪون قائم ڪرڻ ڏنيون ۽ ڪين اجازت ڏني ته راجائن جي رعيت جو اعتقاد هو ته سندن راجا وڏي عمر انهيءَ ڪري ماڻين ٿا، جو اهي عربن سان رعايتون ڪندا رهن ٿا. ولڀ راءِ خاندان جي عربن ڏانهن ڏيکاريل مروت جي تصديق انهن عرب سياحن ۽ واپارين پڻ ڪئي آهي، جن گجرات ۽ هندوستان جي ڪيترن حصن جو تفصيلوار سفر ڪيو هو ۽ پنهنجي اکين سان اتي جون حالتون ڏٺيون ۽ قلمبند ڪيون.

هندوستان جي غير مسلم راجائن ۽ حاڪمن، خاص ڪري بحر هند جي ڪناري وارن ملڪن جي گادي نشين جو عربن ڏانهن رعايت جو هٿ ڊگهو ڪرڻ جا ﭴ مقصد ٿي سگهن ٿا. هڪ تہ عرب گهڻو ڪري واپاري طبقي سان وابستہ هئا، ان ڪري انهن مان خطرو ڪي قدر گهٽ هو ۽ ٻيو تہ ڪناري واري بندرن تي عربن جي رهائش سبب، انهيءَ ملڪ تي عربن جي آڙماڙ جا حملا ڪين ٿيندا هئا. اسلام کان پوءِ عربن ۽ عربن جي ناهيل جهازن جو اهو معمول ٿي ويو هو تہ اهي هندي سمنڊ جي ڪناري وارن شهرن ۽ ٻين آبادين تي حملو ڪري ماڻهو قتل ڪندا هئا ۽ ڦر لٽ ڪري مال ۽ دولت ۽ زالون زوري ڪڍي ويندا هئا. انهن سامونڊي حملن سبب ماڻهن جي تباهي اچي ويندي هئي. عربن جي ٻيڪن قائم ٿيڻ کان پوءِ اهڙا ظالماڻا حملا بلڪل گهٽجي ويا ۽ ڪناري تي رهندڙ ماڻهو امن ۽ سلامتي سان رهڻ لڳا. عربن جا سياح ۽ جاگرافي جي ماهرن جن هندوستان جو سامونڊي ڪنارو ۽ گجرات جو دورو ڪيو هو، تن پنهنجي تصنيفن ۾ ٻڌايو آهي تہ جيڪي ٻہ شهر هنن ڏٺا، انهن سيني ۾ مسلمانن لاءِ مسجدون هيون ۽ هر ڪنهن کي اها اجازت هئي تہ اهي پنهنجي مذهبي رسمن مطابق آزادي سان عبادت ڪري سگهن[14].

## سنڌ تي عربن جا اوائلي حملا:

سنڌ تي عربن جا اوائلي حملا، ڦرمار جي اصول تي مبني هئا، جن ۾ سڀ کان پهرين بحري جنگي جهاز استعمال ڪيا ويا هئا. اهي جهلون مڪران، سنڌ، گجرات ۽ ملبار جي سامونڊي ڪناري تائين محدود هيون. سنڌ تي سڀ کان پهريون حملو عمان مان ٿيو، جو عربستان جي اوڀر ۾ هڪ صوبو آهي ۽ اها يلغار سن 15 هہ/ 637ع ۾ ڪئي ويئي. انهيءَ حملي جو منظر، عُمان جو گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي هو ۽ هُن پنهنجي ڀاءُ مغيره کي سنڌ ۽ هند جي ڪناري کي لٽڻ لاءِ ڏياري موڪليو. مغيره پهرين بحرين ۾ آيو ۽ اتي هڪ وڏي آڙماڙ جو انتظام ڪري، ديبل تي حملو ڪيو. جو ان وقت سنڌ جو بحري بندرگاهہ هو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جو راجا چچ (برهمڻ خاندان جو باني) هو، جنهن ماڻهو موڪلي اتي جو تحفظ ڪرايو. ديبل جي گورنر عربن جي فوج سان مقابلو ڪيو، پر شڪست کاڌائين ۽ عربن جو آڙماڙ سلامتي سان عُمان پهتو[15]. اهو بيان چچ نامي جو آهي، جو يڪ طرفو ۽ تعصب تي مبني ڏسڻ ۾

ٿو اچي. البلاذري جو وڌيڪ صحيح آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ عثمان بن ابي العاص الثقفي بہ وڏيون فوجون بحري جهازن رستي پنهنجي ڀائرن جي سرڪردگيءَ ۾ سنڌ ۽ هند ڏانهن موڪليون. مغيره کي هن ديبل ڏانهن موڪليو ۽ مغيره جي هٿي ڀاءُ حڪم ٺاڻي تي حملو ڪيو. مغيره البت ديبل جي خلاف جنگ ڪندي مارجي ويو، پر حڪم غنيمت جو جهجهو مال هٿ ڪرڻ کان پوءِ، واپس عمان پهتو[16].

خليفي عمر رضي الله عنه کي جڏهن انهيءَ حقيقت کان واقف ڪيو ويو، تڏهن ڪيس عمان جي گورنر طرفان ڪيل ڪارروائي تي خدشو ٿيو ۽ ڪيس خبردار ڪيائين تہ اڳتي لاءِ اهڙي جوکائتي مهم ۾ هٿ وجهڻ کان پاسو ڪري. فتوح البلدان جي مصنف خليفي عمر رضي الله عنه جي حڪمنامي جو ذڪر عجيب نموني سان بيان ڪيو آهي، جنهن مان حجاز جي عربن جي ذهن جو پتو پوي ٿو. جي سمنڊ جي جهازن ۽ ان ۾ مسافري ڪرڻ جي طريقي کان بلڪل غير واقف هئا[17].

حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ وري بہ بصره جي گورنر ابو موسيٰ اشعري هڪ ساموندي مهم، ربيع بن زياد الحارثي جي هٿ هيٺ ڪرمان ۽ مڪران جي ڪنارن ڏانهن انهيءَ مقصد سان موڪلي تہ جيئن سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ، انهن پرڳڻن جو پورو پورو جائزو وٺي سگهجي. ربيع، مڪران ۽ بلوچستان جي ساموندي ڪنارن کان واقف ٿي، اهڙي رپورٽ ڏياري موڪلي، جنهن ۾ هُن ٻڌايو تہ ماڻهو اجايو زيان ٿيندا[18]. باقي ورندو ڪي ڪين. انهيءَ سببان خليفي جي حڪم سان خشڪي توڙي پاڻيءَ رستي، سنڌ ڏانهن حملي ڪرڻ تي بندش وڌي ويئي.

عمر رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ، ايراني سلطنت جا صوبا جهڙوڪ فارس، خراسان، سيستان ۽ ڪرمان، عربن جي حڪومت خلاف بغاوت ۾ اٿي کڙا ٿيا. اهو انهيءَ ڪري بہ هو جو ايران جو پويون ساساني شهنشاه يزد جرد اڃا جيئرو هو ۽ ايران جي ماڻهن کي عربن خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ ڀڙڪائيندو رهيو. خليفي عثمان رضي الله عنه کي اها خبر پيئي، تڏهن هُن عبدالله بن عامر بن ڪريز کي عراق جو گورنر مقرر ڪيو ۽ ڪيس هدايتون موڪليون تہ حالتن کي منهن ڏي. سن 30 هہ / 652ع ۾ عبدالله بن عامر بن ڪريز پاڻ

خراسان تي حملو ڪيو ۽ مجاشع بن مسعود اسلمي کي ڪرمان ڏانهن موڪليائين. مجاشع، باميند ۽ بروخروهہ جا شهر هٿ ڪري شير جان کي گهيري هيٺ آندو، جو ان وقت ڪرمان جو مرڪزي شهر هو. آخر ۾ انهيءَ شهر کي طاقت جي زور سان هٿ ڪيو ويو[19] ۽ اتي جا سڀ ماڻهو قتل ڪيا ويا. اسلامي تاريخ ۾ اهو پهريون مثال آهي، جنهن ۾ دشمن ملڪ جي شهري آبادي کي بنا ڪنهن جنس يا عمر جي فرق جي بيدردي سان قتل ڪيو ويو. باقي جيڪي رهجي ويا، انهن کي يا تہ غلام بنايو ويو، يا وري ايراني نار جي پيٽن ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. شير جان جي سوڀ کان پوءِ عربن، جيرفت، هرمزد ۽ بين شهرن تي آساني سان قبضو ڪري ورتو ۽ ڪيترن ئي عرب قبيلن، ماڻهن کي قتل يا جلاوطن ڪري، پنهنجيون بينڪون قائم ڪيون ۽ مستقل طور انهن ايراضين کي آباد ڪيو. عربن جا اهي ظلم ۽ تشدد جا داستان، فقط آشوري قوم جي انسان ذات سان ڪيل تعدي سان ڀيٽي سگهجن ٿا، جي پڻ عربن جا مائٽ هئا ۽ انهن پنهنجي ظلم ۽ تشدد جي ڪارنامن جي هڪ غير انساني لهر سان اولهہ ايشيا ۽ اوير آفريڪا جي ملڪن ۾ ڌهڪاءُ ڦهلائي ڇڏيو هو. ٻنهي قومن يعني تہ عربن ۽ آشورين ۾ فرق فقط هي هو تہ عرب پاڻ کي امن ۽ سلامتي واري دين (اسلام) جو طرفدار (سرڪردا) سڏائيندا هئا ۽ آشوري پاڻ کي آشور يعني تہ جنگ جي ديوتا جا پوئلڳ ڪوٺائيندا هئا[20].

حضرت عثمان رضي الله عنه جي حڪم هيٺ عبدالله بن عامر بن ڪريز، هڪ ساموندي مهم پڻ سنڌ ڏانهن ڏياري موڪلي هئي، جنهن جو ليڊر حڪم بن جبله العبدي هو. ڏسڻ ۾ تو اچي تہ اها مهم ماپ ۽ جائزي وٺڻ تي مبني هئي، جنهن جو مقصد اهو هو تہ خليفي کي سنڌ تي حملي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي مسئلي تي سچي ۽ صحيح صلاح ڏيئي سگهجي. حڪم بن جبله جڏهن پنهنجو مشن پورو ڪري واپس آيو، تڏهن کين خليفي جي حضور ۾ موڪليو ويو تہ جيڪي هُن ڏٺو يا ٻانيو آهي، ان کان کيس واقف ڪري. حڪم جڏهن خليفي وٽ پهتو، تڏهن سچي حقيقت جو ٽن سٽن ۾ بيان ڏيئي ڇڏيائين:

ماءُ هاوشل ثمرهادقل و الصها بطل - ان قل الجيش بهاضاعوا وان

[اي امير المؤمنين! پاڻي جا وسيلا گهٽ آهن، ميوا نڙ گهٽ آهن ۽ چور گلي ڪٺ آهن. جيڪڏهن ٿوري فوج موڪلبي تہ مارجي ويندي (چورن

هٿان)، ۽ جي جهجهي موڪلبي تہ بہ ڪانہ بچندي (يعني تہ بک ۽ اڃ وگهي مري ويندي.)[21]

حڪم جي انهيءَ اڻ سهائينڊڙ ۽ مخالف رپورٽ سبب حضرت عثمان رضي الله عنہ سنڌ جي خلاف فوج ڪشي ڪرڻ جي منع ڪري ڇڏي.

سن 33 هہ/ 645ع ۾ سهيل بن عاديہ ڪرمان تي وري حملو ڪيو ۽ سڄو ملڪ فتح ڪري ويو. ڪرمان جي ايراني مرزبان (گورنر) مقابلو ڪيو، پر شڪست کائي مارجي ويو. ڪرمان کان پوءِ عربن سيستان واري علائقي تي حملا ڪيا ۽ ان تي سوڀون حاصل ڪيون. سيستان فتح ڪرڻ کان پوءِ عربن حڪم بن عمرو التغلبي جي سرڪردگيءَ هيٺ مڪران تي حملو ڪيو. مڪران جو حاڪم سنڌ جي راجائن جو دوست (حليف) هو، ان ڪري سندس مدد لاءِ ڪي فوجون پڻ موڪليون. پر عربن سنڌ، مڪران ۽ سيستان جي گڏيل لشڪر کي هيلمند ندي وٽ شڪست ڏيئي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو[22]. فاتحن (سوڀارن) کي تمام گهڻو غنيمت جو مال هٿ آيو، پر ڏسڻ ۾ تو اچي تہ هنن اهي علائقا مستقل طور فتح ڪونہ ڪيا هئا ۽ سندن مقصد فقط ڦرلٽ جو مال هٿ ڪرڻ هو.

سن 38/39 هہ/ 661ع ۾ حارث بن مره العبدي، حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جي اڱواڻ ورتل اجازت سان، سنڌ جي سرحدن تي حملا ڪيا. هُن جتي ڪٿي (هر هنڌ) سوڀون حاصل ڪيون ۽ تمام گهڻو مال هٿ ڪيو. هن مهم ۾ حارث جي فوجن ايترا تہ غلام هٿ ڪيا جو هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ورهايا ويا[23]. پر حارث هڪ اهڙي حملي ۾ قيقانان (قلات) وٽ مقامي ماڻهن هٿان مارجي ويو ۽ اهو واقعو سن 42 هہ/ 664ع ۾ عمل ۾ آيو. ٻن سالن کان پوءِ يعني سن 44 هہ ۾ مشهور عرب جرنل مهلب بن ابي صفره، قيقانان تائين فوجون وٺي پهتو. پر مقامي ماڻهن هٿان ڪيس تمام گهڻو نقصان پهتو ۽ هو سنڌ تي حملو نہ ڪري سگهيو. ٻڌايو ويو آهي تہ انهيءَ حملي ۾ مهلب جي فوجن بنول ۽ اهواز جا شهر فتح ڪيا، جي ملتان ۽ ڪابل جي وچ ۾ هئا[24]. مهلب جون اهي سوڀون بلڪل عارضي هيون، ڇاڪاڻ تہ ٿوري وقت کان پوءِ اهي علائقا وري بہ عربن جي هٿان نڪري ويا ۽ بلوچستان جي ماڻهن وري بغاوت ڪري عربن کي اتان تڙي ڪڍيو.

حضرت عليءَ رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ جڏهن امير معاويہ، اسلامي دنيا جو حاڪم ۽ خليفو تسليم ڪيو ويو، تڏهن هن سنڌ جي سرحدن تي عبدالله بن سوار العبدي کي عربن جو سالار اعليٰ مقرر ڪيو. عبدالله سيي کان پهرين قيقان يا قيقانان تي حملا ڪيا ۽ اتان جا بهترين گهوڙا معاويہ جي خدمت ۾ دمشق روانا ڪيا. عبدالله بيون بہ گهڻيئي قيمتي سوکڙيون خليفي ڏانهن موڪليون، جنهن ۾ هڪ آرسي "آئينہ جهان نما" پڻ هئي. انهيءَ آرسيءَ ۾ اهڙي تہ اتڪل رکيل هئي، جو انهيءَ جي وسيلي هر ڪو ماڻهو پنهنجي سڄي زندگي جو احوال معلوم ڪري سگهيو ٿي. اها آرسي شاهي خزاني ۾ رکي ويئي ۽ جڏهن بنو اميہ جي حڪومت جي پڇاڙي ٿي، تڏهن اها عباسي خاندان جي هٿ ۾ آئي، جي سن 759هہ ۾ طاقت ۾ آيا. عبدالله بن سوار العبدي پڻ قيقانان ۾ ترڪن سان جنگ ڪندي مارجي ويو. هڪ شاعر سندس لاءِ هيئن چيو آهي:

وابن سوار علي عداتہ- موقد النار وقتال السغب[25].

[ابن سوار سڄو وقت باهہ جو بارڻ قائم رکيو ۽ ماڻهن جي بک کي ماريندو رهيو]

چون ٿا تہ هُو هڪ نهايت سخي مرد هو ۽ کيس ميزباني جو گهڻو شوق هو. هُن ڪڏهن بہ پنهنجي فوجي ڪئمپ ۾ ٻئي ماڻهوءَ جي باهہ ٻرڻ نہ ڏني. سڀ ڪنهن کي پنهنجي دسترخوان مان کاڌو پهچائيندو هو. هڪ رات هُن هڪ ٻئي هنڌ ٻريل باهہ ڏٺي، پڇا ڪيائين تہ ڇا آهي؟ چيائون تہ هڪ عورت ويائي آهي، ان ڪري سندس لاءِ ڪجور جو حلوو ٺاهي رهيا آهن. اهو ٻڌي هُن حڪم ڏنو تہ ڪئمپ جي سڀني ماڻهن کي ٽي دفعا ڪجور جو حلوو ڏنو وڃي. پر چچ نامي جي مصنف جو چوڻ آهي تہ ٽي دفعا ڪجور جو حلوو انهيءَ وياميل عورت ماڻهن کي کارايو، ڇاڪاڻ تہ کيس باهہ ٻارڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي[26].

چچ نامي ۾ اهو بہ مذڪور آهي تہ عبدالله بن سوار جي پيشقدمي ڪرمان جي ماڻهن روڪي هئي ۽ عربن کي وڏو جاني نقصان ٿيو. عبدالله پاڻ بہ هن جنگ ۾ مارجي ويو ۽ سڄو ميدان لاشن سان پرجي ويو. هڪ سپاهي حاتم بن قتيبہ الباهلي جو چوڻ آهي تہ هو انهيءَ فوج ۾ هو. هُن پاڻ هڪ سو منڊيون دشمن جي مئل فوجين جي آڱرين مان لاٿيون، جن ۾ تمام سهڻيون ۽ قيمتي ٽِڪون لڳل

هيون. ابن سوار جي بهادري ۽ سخاوت جو چوِ ٻول هو ۽ انهيءَ لاءِ هي عربي بيت معاويہ بن ابو سفيان، وقت جي خليفي اڳيان پڙهيو ويو:

مـــن كـــابن ســـوار اذ جاشـــت مراجلــــه
فـــي الحـــرب لا اوقـــدت نارلهـــا بعـــده
كـــــانت مراجلـــــه لـــــلرزق ضامنـــــة
فـــانهن بنـــات الحـــرب والجـــوده[27]

عبدالله بن سوار جي وفات کان پوءِ، زياد بن ابيہ، معاويہ کي ٻن ماڻهن جا نالا ڏنا تہ جيئن انهن مان هڪ کي سنڌ جي سرحدن جو حاڪم بنايو وڃي. اهي هي هئا: احنف بن قيس ۽ سنان بن سلامہ بن المحبق الهذلي. معاويہ احنف جو نالو ڪاٽي ڇڏيو ۽ سنان بن سلامہ کي سنڌ جي سرحد مٿان گورنر مقرر ڪيو. اهو انهيءَ ڪري جو احنف بن قيس جون حضرت علي ۽ ان جي اولاد سان وابستگون ۽ همدرديون هيون. سنان بن سلامہ وڏو ڪٽڪ وٺي مڪران جو باقي رهيل علائقو فتح ڪيو ۽ سنڌ تي حملي ڪرڻ خاطر اهم مرڪز قائم ڪيا. هُو هڪ خدا پرست انسان هو ۽ پهريون ماڻهو هو، جنهن عرب فوجن ۾ زالن کي طلاق ڏيڻ واري قسم جو رواج وڌو. هُن مڪران ۾ نهايت ئي عمدو انتظام قائم ڪيو ۽ اتي امن ۽ انصاف رائج ڪيو. هڪ شاعر سندس لاءِ هن ريت چيو آهي:

رايـــت هذيـــلا احدثـــت فـــي يمينهـــا
طـــلاق نســـاء مـــا يســـوق لهـــا مهـــرا
لهـــان علـــي حلفـــت ابـــن محبـــق
اذا رفعـــت اعناقهـــا حلقـــا صفـــرا[28]

[مون هذيل (هندلي) کي سنجيدگيءَ سان قسم کڻندي ڏٺو تہ (جيڪڏهن ثابت قدم نہ رهياسين) زالن کي طلاق ڏينداسين جن کي ڪوبہ ڏاج ڪونهي. منهنجي لاءِ پڻ ابن محبق سان قسم کڻڻ ۾ سولائي ٿي. جڏهن هنن پنهنجي ڳچي مان سونا زيور لاهي ڦٽا ڪيا].

عراق جي گورنر جنرل زياد بن ابيہ، سنان بن سلامہ کي برطرف ڪري، سندس جاءِ تي راشد بن عمرو الجديدي کي مقرر ڪيو ۽ کيس هدايت ڪيائين

تہ قيقان تي حملو ڪري. سنڌ جي سرحدن ڪي پختو ڪري. راشد، قيقان جي علائقي مان تمام گهڻو مال هٿ ڪيو ۽ ان کان پوءِ سيستان جي جابلو علائقي تي پڻ حملو ڪيائين. پر مقامي ميد قبيلن مقابلو ڪري کيس شڪست ڏني ۽ هو مارجي ويو[29]. راشد جي موت کان پوءِ سنان الهذلي کي ٻيهر سندس جاءِ تي سنڌ جي سرحدن جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ هُو انهيءَ عهدي تي ٻہ سال رهيو. سنان پڻ ٻڌيہ (ٻاڳناڙي) واري علائقي ۾ جتن ۽ ميدن سان وڙهندي مارجي ويو[30].

سنان الهذلي جي موت کان پوءِ، سندس جاءِ تي منذر بن جارود بن بشر کي سنڌ جي سرحد مٿان حاڪم اعليٰ مقرر ڪيو ويو ۽ اهو واقعو سن61 هہ / 683ع ۾ عمل ۾ آيو. جڏهن هُو عبيدالله بن زياد وٽ پنهنجي عهدي جو حڪم نامو وٺڻ ويو، تڏهن سندس قميص ڪاني جي هڪ ڪُتَ ۾ اٽڪي ڦاٽي پيئي. ابن زياد انهيءَ کي خراب سوڻ تصور ڪيو جو بلڪل صحيح نڪتو. منذر بن جارود مڪران جو ڪنارو ڏيئي سنڌ تي حملو ڪيو ۽ لس ٻيلي واري علائقي تائين پهتو. پر پورال ندي تي پهچڻ کان پوءِ هُو اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ حڪم بن منذر ڇهن مهينن تائين پيءُ جي جاءِ سنڀالي[31]. البلاذري جو وڌيڪ صحيح آهي، تنهن لکيو آهي تہ منذر بن جارود پهرين بوقان ۽ پوءِ قيقان تي حملا ڪيا ۽ نهايت ئي گهڻو لُٽ جو مال حاصل ڪيو. هُن پوءِ قصدار تي حملو ڪيو ۽ ان تي سوڀ حاصل ڪيائين. هڪ شاعر سندس شان ۾ هي گفتا چيا آهن:

حـــــَــل بقصـــدار فـــاضحي بهـــا
فـــي قبـــر لم يغفـــل مـــع الغـــافلين
لا لله قصـــــــــــدار و اعنابهَـــــــــــا
اي فتـــيٰ دنيـــا اجنـــت وديـــن[32]

[هو قصدار ۾ آيو ۽ اتي ئي پنهنجي قبر (موت) ڏنائين. هو انهن سان خوشي ۾ شريڪ نہ ٿيو، جيڪا هو ملهائي رهيا هئا. قصدار ۽ ان جا انگور الله لاءِ (ٻجا) آهن. افسوس ڪهڙو تہ دنيا ۽ دين جو سرڪردو اتي دفن ڪيو ويو].

ڏسڻ ۾ تو اچي تہ قصدار فتح ڪرڻ کان پوءِ منذر بن جارود، لس ٻيلي تي حملو ڪيو ۽ اتان ديبل تي فوج ڪشي ڪرڻ وارو هو، پر ڪنهن مهلڪ بيماري سبب سندس سچي اسڪيم ڪامياب نہ ٿي سگهي.

اسلام جي تاريخ ۾ سن 63 ھ کان 73 ھ تائين وارو عرصو، نهايت ئي وڳوڙ ۽ افراتفري وارو دور هو. معاويہ جي فرزند يزيد پھرينءَ جي مري وڃڻ کان پوءِ، اسلامي دنيا جي مرڪزي سياست ۾ خال پيدا ٿي ويو. انهيءَ سببان عبدالله بن زبير رضي الله عنه، مڪي ۾ پاڻ کي اسلامي دنيا جو خليفو هجڻ جو حقدار سمجهي، خلافت جو اعلان ڪيو. ان کان پوءِ هُن پنهنجي پاءُ کي عراق موڪلي ان کي بہ پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. حجاز ۽ عراق تي پنهنجو راڄ قائم ڪرڻ کان پوءِ هُن شام تي پنهنجو اثر قائم ڪرڻ لاءِ ضحاڪ بن قيس کي پنهنجو نمائندو بنايو. شام ۽ فلسطين ۾ پڻ حالتون بگڙيل ويون هيون ۽ عربن جي ٻن حصن (گروپن) ۾ طاقت جي ڪشمڪش سبب هر هنڌ جهيڙو شروع ٿيو. عربن جي مضري پارٽي عبدالله بن زبير جي حامي هئي ۽ انهن جو ليڊر ضحاڪ بن قيس هو. ٻئي طرف يمني قبيلا هئا. جي شروعات کان وٺي بنو اميہ خاندان جا حامي هئا ۽ ان وقت بہ انهن جون وفاداريون بنو اميہ سان وابستہ هيون.

يزيد جي وفات کان پوءِ سندس پٽ معاويہ ٻيو نامزد خليفو هو. تنهن دمشق جي مسجد ۾ پنهنجي دستبرداري جو اعلان ڪيو. ان ڪري بنو اميہ خاندان ۾ پڻ تخت هٿ ڪرڻ لاءِ ٻي پارٽيون پيدا ٿي ويون، جن کي پنهنجو پنهنجو اميدوار هو. هڪ پارٽيءَ يزيد جي ٻئي پٽ خالد بن يزيد جي حق ۾ هئي تہ ٻي پارٽي مروان بن حڪم جي فائدي ۾. ٽيون اميدوار عمرو بن سعيد بن العاص هو. آخر ڇڳن مڙسن جي چوڻ تي بنو اميہ خاندان جو صلح ٿيو ۽ هڪ ترڪيب عمل ۾ آئي، جنهن موجب مروان بن حڪم کي پھريون خليفو چونڊيو ويو ۽ کانئس پوءِ خالد بن يزيد ۽ ان کان پوءِ عمرو بن سعيد بن العاص جو حق تسليم ڪيو ويو. ڪيل عهد ۽ ذمون هڪ دستاويز ۾ لکيو ويو، جنهن موجب مروان جي وفات کان پوءِ خالد ۽ خالد کان پوءِ عمرو خليفو ٿيندو، مروان جيتوڻيڪ لکي ڏنو، پر پوءِ جڏهن حڪومت جو ڏٺي ٿيو، تڏهن هُن واعدو ڪونہ پاڙيو ۽ خالد ۽ عمرو جا نالا خارج ڪري، هُن پنهنجي پٽ عبدالملڪ ۽ ان کان پوءِ عبدالعزيز کي هڪ ٻئي پٺيان مسلمانن جو حاڪم نامزد ڪري ويو. بنو اميہ جي انهيءَ صلح سبب انهن جي قوت وڌي ويئي ۽ اهي يمني قبيلن جي مدد سان مرج راهط جي ميدان ۾ وڃي گڏ ٿيا.

عبدالله بن زبير رضي الله عنه جو عيوضي ضحاڪ بن قيس پنهنجون فوجون وٺي اڳتي ميدان جهليو بيٺو هو. ٻن ڌرين هڪ ٻئي سان نهايت بهادري سان مقابلا ڪيا، جنهن ۾ ضحاڪ بن قيس کي شڪست ملي ۽ هُو جنگ جي ميدان ۾ مارجي ويو. هي جنگ اسلامي تاريخ جي نهايت ئي اهم ۽ فيصلا ڪُن جنگ آهي، جنهن بعد بنو اميہ کي ٻيو دفعو حڪومت جو موقعو مليو. يمني قبيلا وري بہ طاقت ۾ اچي ويا ۽ معزين جو شام ۾ خاتمو اچي ويو. چاڪاڻ تہ ان کان پوءِ مضري قبيلن جي اهم ماڻهن کي ڳولي ڳولي ماريو ويو.

مروان پهرين خلافت تہ هٿ ڪئي، پر جيئن تہ هُو وڏي عمر جو ٿي چڪو هو، ان ڪري هُو گهڻو وقت جالي نہ سگهيو. عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ مروان خالد بن يزيد جي ماءُ يعني تہ يزيد پهرين جي بيواهہ سان نڪاح پڻ ڪيو. پر پوءِ جڏهن هُن خالد جو نالو خلافت تان خارج ڪيو، تڏهن انهيءَ عورت کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هُن مروان کي زهر ڏيئي، سندس پڄاڻي آندي. مروان کان پوءِ سندس لائق فرزند عبدالملڪ شام ۾ خليفو بڻيو ۽ اسلامي دنيا کي متحد ڪرڻ لاءِ هُن کي عبدالله بن زبير سان جنگ ڪرڻي پيئي جو حجاز ۽ عراق جي صوبن ۾ خليفو بنيو وينو هو. انهيءَ ڏس ۾ عبدالملڪ بن مروان هڪ اسڪول ماستر حجاج بن يوسف الثقفي جو انتخاب ڪيو، جنهن ابن زبير کي شڪست ڏيئي حجاز تي قبضو ڪيو. رقيب خليفو مڪي جي بنو اميہ جي فوجن طرفان ڪيل گهيري ۾ جنگ ڪندي مارجي ويو ۽ اهو واقعو سن 73 هہ/692ع ۾ عمل ۾ آيو.[33]

ابن زبير جي موت کان پوءِ عربن ۾ گهرو لڙائي جو خاتمو آيو، جنهن سڄا سارا ڏهہ سال هنن جي طاقت ۽ وسيلن کي وڏو نقصان رسايو. سن 74 هہ/ 694ع حجاج بن يوسف کي عراق جو وائسراءِ بنايو ويو، جنهن جو مرڪزي شهر ڪوفه هو. حجاج سلطنت شاهي جو ڪوڏيو هو، ان ڪري ڪيس سندس جنگبازي واري ذهن آرام ڪرڻ نہ ڏنو. پنهنجي عهدي تي مقرر ٿيڻ کان پوءِ هُن هڪدم سنڌ جي سرحدن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ سعيد بن اسلم بن ذراع الڪلابي کي مڪران جو گورنر مقرر ڪيو. پر سعيد کي علافي قبيلي جي ٻن ماڻهن معاويہ بن حارث ۽ محمد بن حارث قتل ڪري وڌو، جن سنڌ جي سرحدن تي پنهنجو راڄ قائم ڪري ڇڏيو هو. تاريخ جي ورقن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ

سعيد بن اسلم جڏهن مڪران ۾ آيو، تڏهن هن عرب رئيسن کي پاڻ وٽ گهرائي کين هدايت ڪئي تہ اهي پاڻ ۾ پنهنجا ماڻهو وٺي سندس فوج ۾ شامل ٿين. صفهوي بن لام الهمامي جو بنو ازد قبيلي جو رئيس هو، تنهن صاف انڪار ڪيو، جنهن تي سعيد کيس قتل ڪرائي ڇڏيو. صفهوي بن لام، جي علافي خاندان سان رشتيدار هئي، ان ڪري هنن رات جو حملو ڪري سعيد بن اسلم کي ماري وڌو. جڏهن حجاج کي انهيءَ حقيقت جي خبر پيئي، تڏهن هُن حڪم جاري ڪيا تہ حڪومت جي ڏوهارين کي هٿ ڪري کين سخت سزا ڏني وڃي. انهيءَ حڪم هيٺ علافي خاندان جا ڪي ماڻهو هٿ ڪيا ويا ۽ کين ڦاهي ڏني ويئي. پر محمد ۽ معاويہ علافي مڪران مان ڀڄي نڪتا ۽ اچي سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهہ ورتائون[34].

سن 85 هـ / 705ع ۾ الحجاج، مجاعہ بن سعر کي خُراسان جو گورنر مقرر ڪيو ۽ کيس هدايت ڪئي تہ گنداوا ۽ سنڌ تي حملا ڪري. مجاعہ فوجون وٺي مڪران تائين پهتو، پر بيماري سبب مري ويو. الحجاج ان کان پوءِ محمد بن هارون النمري کي مڪران جو گورنر مقرر ڪري، کيس حڪم ڏنو تہ علافي ڏوهارين کي ڳولي هٿ ڪري، جو هنن گورنر کي قتل ڪرڻ جهڙو ڏوهہ ڪيو هو. محمد بن هارون گهڻي ڳولا کان پوءِ هڪ بہ علافي هٿ ڪيا ۽ انهن کي قتل ڪيائين ۽ ٻين جي ڳولا جاري رهي. انهن واقعن مان عربن خاص ڪري الحجاج جي ذهني لاڙي جو پتو پوي ٿو، جنهن سعيد بن اسلم جي بدلي ۾ علافي قبيلي جا ٽي ماڻهو قتل ڪيا، پر اجا بہ سندس وير جي پورائي نہ ٿي سگهي. الحجاج جي مرضي هئي تہ سڄي علافي قبيلي کي ناس ڪيو وڃي، جو بلڪل غير ممڪن هو. ڇاڪاڻ تہ علافي قبيلي جا پنج سو ماڻهو سنڌ ۾ پهچي چڪا هئا ۽ راجا ڏاهر جي پناهہ ۾ هئا. الحجاج لاءِ ٻڌايل آهي تہ هُن پنهنجي ايامڪاري ۾ هڪ لک ويهہ هزار ماڻهو قتل ڪرايا ۽ انهن کان وڌيڪ تعداد کي بيعزتو ۽ خوار ڪيو. ايتري قدر جو رسول عربي جا اصحابي بہ انهيءَ مصيبت مان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهيا. حديث جو مشهور راوي ۽ رسول پاڪ جي ويجهي دوست انس بن مالڪ رضہ کي بہ نہ ڇڏيو ويو ۽ ان جا ڪلها گهوڙن وانگر داغيا (ڏنييا) ويا. اهو انهيءَ ڪري جو حجاج کي شڪ هو تہ هُو حزب مخالف سان همدردي رکندڙ هو[35].

ٻڌايو ويو آهي تہ انهيءَ دور ۾ سرانديپ (سري لنڪا) جي راجا الحجاج ڏانهن سوکڙيون پاکڙيون موڪليون هيون ۽ ڪن مسلمان عورتن کي بہ انهيءَ جهاز ۾ موڪليو هو تہ وڃي بيت الله جو حج ڪن[36]. ٻيو بيان وري هن ريت آهي تہ اهي عورتون انهن عرب تاجرن جي خاندان مان هيون، جن سري لنڪا کي پنهنجو مسڪن بڻايو هو[37]. جڏهن اهي جهاز سنڌ جي ديبل بندر جي پسگردائيءَ ۾ پهتا، تڏهن سنڌي لٽيرن انهن تي حملو ڪري مال ۽ موڪليل سوکڙين تي قبضو ڪيو ۽ عورتن کي قيد ڪيو. انهن قيدي عورتن مان هڪ عورت جا بنو عزيز قبيلي جي هئي، تنهن نا اميدي ۽ ياس ۾ وٺي فرياد ڪيو: اغثني! اغثني! او حجاج اغثني! ["او حجاج! اسان جي مدد ڪر."] ۽ جڏهن اها حقيقت حجاج جي اڳيان بيان ڪئي ويئي تڏهن هُن برجستہ وراڻيو: "اجهو آيس[38]." ۽ ائين چئي هڪ وڏي فوج سنڌ ڏانهن رواني ڪئي. البلاذري جو چوڻ آهي تہ اها عرب عورت بنو يربوع قبيلي جي هئي، جنهن جا وڏا سري لنڪا جا رهندڙ هئا[39].

چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ الحجاج، سنڌ جي راجا ڏاهر ڏانهن سفير موڪليو هو تہ جيڪي سوکڙيون چوري ڪيون ويون آهن، اهي موٽائي ڏي ۽ عورتن کي قيد مان آزاد ڪري. راجا ڏاهر جو جواب نهايت واجبي ۽ موزون ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جنهن ۾ هُن الحجاج کي لکيو تہ اهو ڏوهہ ساموندي لٽيرن ڪيو آهي، جنهن تي سنڌ جي حاڪمن جو ڪوبہ اثر نہ آهي[40]. نہ وري انهن جو ڪو پتو آهي. عرب وائسراءِ کي راجا ڏاهر جو اهو جواب نہ وڻيو ۽ هُن ڪيس سيکت ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪيو. وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ جي اڳواٽ اجازت سان هُن هڪ فوج عبدالله بن نبهان السلمي جي هٿ هيٺ سنڌ جي خلاف موڪلي. عبدالله سنڌ جي بندرگاہ ديبل تائين پهتو، پر جنگ ڪندي مارجي ويو[41]. ڪانئس پوءِ الحجاج ٻي فوج بديل بن طهفة البجلي جي هٿ هيٺ ڏياري موڪلي. طهفة البجلي ديبل جي قلعي کي گهيرو ڪري قبضو ڪرڻ وارو هو تہ راجا ڏاهر جو پٽ جيسين چار هزار فوج ۽ چئن هاٿين سان اچي پهتو. جنگ ۾ بديل نهايت مردانگي سان مقابلو ڪيو، پر پوءِ سندس گهوڙي جي ڪنڌائڻ سبب هُو ڪري پيو ۽ مارجي ويو. چچ نامي ۾ لکيل آهي تہ بديل جي ڪمان هيٺ ٽي هزار ٽي سو گهوڙي سوار هئا[42]. البلاذري جو چوڻ آهي تہ بديل بن طهفة سنڌ ڏانهن ايندي ٻڌا (ٻاگناڙي) جي جتن هٿان مارجي ويو[43].

اجان بہ ٽين لکت موجب عبدالله بن نبهان السلمي ۽ بديل بن طهفة البجلي ٻئي ساڳئي وقت جدا جدا رستن کان ديبل ۽ نيرون کي فتح ڪرڻ خاطر موڪليا ويا هئا ۽ ٻئي بنا ڪنهن ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي مارجي ويا. بديل بن طهفة البجلي جي شڪست الحجاج کي وڏيڪ ڪاوڙائي وڌو ۽ هُن سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ گهڻي سوچ ويچار کان ڪم ورتو. هُن انهن حالتن تي بہ نظر ثاني ڪئي، جي ڪيس خبرن رسائڻ وارن ماڻهن پهچايون هيون. چون ٿا تہ عامر بن عبدالله حجاج کي غير رسمي طور عرض بہ ڪيو هو تہ ڪيس فوجون ڏيئي سنڌ ڏانهن موڪليو وڃي، پر حجاج سندس عرضداشت کي رد ڪري ڇڏيو. الحجاج گهڻي سوچ ويچار ۽ صلاح ڪان پوءِ پنهنجي سوٽ عماد الدين محمد بن القاسم الثقفي کي انهيءَ مهم لاءِ چونڊيو[44]. محمد بن قاسم جو تقرر ٻن سببن ڪري عمل ۾ آيو. هڪ تہ محمد، حجاج جو سوٽ هو ۽ ان سان گڏ هُو هڪ بهادر ۽ نہ ڊڄندڙ جنگجو هو. جيڪڏهن هُو ڪامياب ويو تہ اهو حجاج جي بنو ثقيف قبيلي لاءِ هڪ اعزاز ٿيو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ انهن اڳيئي ڪيترين ئي اهم ۽ ناقابل تسخير مهمون سر ڪيون هيون. انهيءَ سبب جي ڪري ثقفي قبيلي جا ماڻهو، اوير جي ملڪن ۾ نهايت ئي اهم ۽ اعليٰ عهدن تي فائز هئا ۽ ٻيو تہ سنڌ جي فتح هڪ نهايت ئي ڏکيو مرحلو هو، جنهن کي محمد بن قاسم کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عرب سردار حل نہ ٿي ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ تہ محمد بن قاسم ۾ بهادري سان گڏ استقلال جو مادو پڻ هو. جنهن سبب هن ڏکئي ۾ ڏکيون مهمون ڪاميابي سان سر ڪيون هيون. هو پنهنجي بهادري جو جوهر عراق ۽ ايران جي پهاڙي (جابلو) ڪردن کي زير ڪرڻ ۾ ڏيکاري چڪو هو. هو پنهنجي طاقت جو جلوو ايران جي ري واري علائقي ۾ بہ ظاهر ڪري چڪو هو، جنهن ۾ هُن نہ فقط بغاوتن کي ٻنجو ڏيئي ڇڏيو، پر اتي جو اهڙو تہ سهڻو انتظام ڪيو جو دوست ۽ دشمن ٻئي منجهانئس خوش رهيا. حجاج، محمد بن القاسم جي طاقت کي تورڻ خاطر ۽ پنهنجي دل ۾ ٿيندڙ هرکر کي لاهڻ لاءِ اهو انتخاب ڪيو. ڪيس پڪ هئي تہ جيڪڏهن محمد سنڌ فتح ڪئي ۽ ڪامياب ويو تہ اهو سندس خاندان لاءِ وڏو اعزاز ٿيندو ۽ سندس قبيلي جو مان وڌي ويندو. پر جيڪڏهن هُن شڪست کاڌي ۽ مارجي ويو تہ ان لاءِ اهو سبب ڏيڻ سولو آهي تہ وڏي عمر وارا آزموده رکندڙ سپهہ سالار شڪست کائي مارجي

ويا. ان ڪري هن نوجوان جيڪڏهن ڪاميابي حاصل نہ ڪئي تہ ڪهڙي اربع خطا تي پئي.

## سنڌ تي عرب حملي جا ڪارڻ:

سنڌ تي حملي ڪرڻ بابت، روايتي ۽ وري وري ٻڌايل سبب، هي ٻڌايو ويو آهي تہ عربن جا جهاز جي مال ۽ سوکڙين سان ڀريل هئا، اهي جڏهن ديبل جي ڀرسان اچي لنگهيا تہ سنڌي لٽيرن انهن تي حملو ڪري مال لٽي ڇڏيو. چچ نامي جي مصنف جو چوڻ آهي تہ سيلون (سري لنڪا) جي بادشاھ، دمشق جي خليفي سان دوستي جي ناتي ڳنڍڻ خاطر، واپاري جهازن رستي ڪي قيمتي سوکڙيون عراق ڏانهن موڪليون، تہ جيئن اهي خليفي کي پهچايون وڃن. سري لنڪا جي راجا، عرب تاجرن جي زالن ۽ ٻارن کي بہ انهيءَ جهازن رستي عراق موڪليو هو جن جا وارث مري ويا هئا. انهن جهازن تي سنڌي لٽيرن جن کي نڪامرہ لکيو ويو آهي، حملو ڪري سوکڙيون ۽ مال ڦري ورتو ۽ عورتن کي قيد ڪيو. انهن بيواهن مان هڪ عورت بنو يربوع قبيلي جي هئي ۽ ان دردناڪ آواز ۾ وڏي رڙ ڪري چيو تہ اي حجاج! اسان جي مدد ڪر. انهيءَ واقعي سبب حجاج، سنڌ جي خلاف فوجون موڪليون ۽ آخر اهو ملڪ فتح ڪري بنو اميہ جي شاهي سلطنت ۾ شامل ڪيو ويو. ڏسڻ ۾ تہ اچي تہ هيءَ آکاڻي، عرب ليکڪن پنهنجي طرفان گهڙي ناهي آهي. انهيءَ لاءِ تہ سنڌ تي عربن جي حملي کي واجبي ٺهرايو وڃي. وري اها ڳالهہ تہ عربن جي فتح کان پوءِ ديبل جي قلعي مان عرب قيدي هٿ ڪيا ويا پيو وڏو ڪوڙ آهي. تاريخن ۾ ڏنل مواد ۽ بيان ڪيل حقيقتون انهيءَ آکاڻيءَ جي بلڪل ابتڙ آهن.

سنڌ تي عربن جي حملي جا سچا ۽ صحيح ڪارڻ بہ هئا: هڪ تہ سنڌ جي راجا، وتس پناھ وٺندڙ علافي قبيلي جي ماڻهن کي، جنهن ۾ محمد بن معاويہ علافي ۽ پنج سو ماڻهو ٻيا هئا، تن کي حجاج ڏانهن واپس موڪلڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ ٻيو تہ بنو اميہ جي عرب سلطنت جون حدون سنڌ جي سرحدن تائين پهچي ويون هيون. ان ڪري سلطنت شاهي سان سنڌ جي راجائن جو ٽڪر لازمي هو. مڪران جو اصل ۾ سنڌ جي حڪومت جو هڪ پرڳڻو هو. خليفي عثمان جي دور ۾ عربن هتان فتح تي چڪو هو. پر جيئن تہ مرڪز ۾ حالتون سازگار نہ هيون، ان ڪري اهو صوبو عربن هتان نڪري ويو هو. الحجاج جي

عراق ۾ وائسراءِ جي عهدي تي مقرر ٿيڻ کان پوءِ مڪران جو علائقو مستقل طور فتح ڪيو ويو. محمد بن هارون النمري جنهن کي سنڌ جي سرحدن تي گورنر مقرر ڪيو ويو هو، تنهن جي اچڻ کان پوءِ بہ مڪران جا بہ وڏا شهر پنجگور ۽ ارمائيل سنڌ جي راجائن جي قبضي ۾ رهيا. بنو اميہ جي خلافت جي انهيءَ ساڳئي دور ۾ خارجي فرقو، اسلامي سلطنت جي خلاف هڪ خطرناڪ طاقت بنجي ويو، جنهن سبب اوير جي علائقن ۾ فوج ۽ انتظام رکڻ لاءِ بنو اميہ جي وسيلن کي وڏو نقصان پهتو. پيسي ڏوکڙ جي گهٽتائي کي منهن ڏيڻ خاطر ۽ پڻ حڪومت جي خزاني کي پرڻ خاطر، اپت پيدا ڪرڻ جا نوان ارادا ۽ وسيلا تلاش ڪيا ويا. پر اهو بہ سبب ٿي سگهي ٿو تہ نون ملڪن تي حملن ڪرڻ سبب هڪ تہ مال غنيمت ۽ غلامن ملڻ جو آسرو هو تہ ٻئي طرف عربن جي پاڻ ۾ خانہ جنگي واري ارادي کي پائمال ڪرڻ هو. الحجاج انهيءَ ڏس ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو، انهيءَ لاءِ تاريخ ۾ بيان ڪيل حقيقتون واضح آهن. سڀ کان پهرين هڪ وڏي فوج عبدالرحمان بن محمد بن اشعث جي سرڪردگيءَ هيٺ ڪابل موڪلي وئي، تہ جيئن گذريل سالن جي ڏن جي بقايا وصول ڪئي وڃي[45]. ٻي فوج قتيبہ بن مسلم الباهلي جي هٿ هيٺ جيهون ندي (اُوڪس يا آمو درياءُ) جي هُن پار موڪلي وئي، جنهن شاش، سغد، بلخ ۽ خوقند تي قبضو ڪيو. ان کان پوءِ قتيبہ وچ ايشيا جا ٻيا علائقا فتح ڪري ڪاشغر تائين وڃي پهتو، جو چيني ترڪستان ۾ آهي. رسد ۽ فوج جي گهٽتائي سبب هُو چين ۾ اڳتي وڌي نہ سگهيو. ان ڪري هن چيني عملدارن سان صلح ڪيو ۽ ڪاشغر کي چين ۽ اسلامي عرب سلطنت جي وچ ۾ سرحد مقرر ڪيو ويو[46].

سنڌ جي فتح پڻ حجاج جي ٺاهيل اسڪيم ۾ شامل هئي، پر ان لاءِ ڪي هالو چالو بهانا ڳولها هئا. حجاج سنڌ جي سرحدن تي سعيد بن اسلم الڪلابي کي مقرر ڪيو هو، جنهن کي علافي ڀائرن ماري وڌو، پر حجاج جي خوف سبب هو مڪران مان ڀڄي نڪتا ۽ سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهہ ورتائون. عرب دنيا جي مشهور شاعر فرزدق، سعيد الڪلابي لاءِ هيءُ بيت چيو آهي:

سقي الله قبرا من سعيد فاصبحت
نواحيه ارهي عليک ترابها
لقد ضمنت ارض بمکران سيدا
کريماً جواد لايواکف سحابها[47]

حجاج، راجا ڏاهر کي علافين کي واپس ڪرڻ لاءِ ڪا لکپڙهه ڪئي هئي يا نہ، ان لاءِ تصديق سان ڪجهه نہ ٿو چئي سگهجي. جيتوڻيڪ چچ نامي ۾ لکيل آهي تہ ٻنهي ڌرين وچ ۾ چڱي خط و ڪتابت ٿي هئي. همعصر مورخ ۽ ليکڪن جهڙوڪ البلاذري ۽ پڻ اليعقوبي انهيءَ بابت ڪجهه بہ نہ ڄاڻايو آهي. پر اهو صحيح آهي تہ حجاج سنڌ جي راجا جي خلاف فوجون انهيءَ لاءِ موڪليون هيون تہ جيئن سلطنت شاهي جي دشمن علافي ۽ سندس ماڻهن کي سيکت ڏني وڃي، جي سندس گورنر کي قتل ڪري مڪران مان ڀڄي نڪتا هئا. شروع ۾ جيڪي بہ فوجون موڪليون ويون هيون، انهن جو مقصد اهو هو تہ سنڌ جون فقط حالتون معلوم ڪيون وڃن. پر سنڌ جي راجائن جي طاقت ۽ فوجي قوت جو بہ اندازو لڳائي سگهجي. علافي خاندان جا ماڻهو جن راجا ڏاهر وٽ پناهہ ورتي هئي، اهي پڻ غدار ثابت ٿيا ۽ انهن عربن لاءِ مخفي جاسوسي جو ڪم سر انجام ڏنو. هُو پاڻ کي جيتوڻيڪ ٻاهران حجاج جو دشمن چوائيندا رهيا، پر اندران ئي اندران هُو عربن ڏانهن فوجي ۽ سياسي اهميت جون وڏيون ۽ اهم خبرون موڪليندا رهيا ۽ کين سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندا رهيا. جڏهن عربن جي فوج سنڌ ۾ پهتي ۽ ديبل فتح ٿيو، تڏهن علافي پناهگير، پنهنجي عرب ڀائرن کي سنڌ جي دربار ۾ ٿيل ۽ ٻاهران آيل هر هڪ خبر کان خبردار ڪندا رهيا ۽ کين راجا ڏاهر جي طرفان دفاع بابت ڪيل سيني تدبيرن جو احوال پڻ پهچائيندا رهيا. راجا ڏاهر جو منجهن ايترو تہ اعتماد ۽ ڀروسو هو، جو هُن سان جنگ ڪرڻ بابت صلاح مشورو پڻ ڪندو هو[48]. راوڙ جي فيصلا ڪن جنگ، جنهن سنڌ جي قسمت کي سيل مهر ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ۾ راجا ڏاهر کي ڳاٽي ڀڳي شڪست ملي، علافي برادران جي غلط ۽ منافقانہ مشوري سبب ناڪام ويئي. علافي جتي جو ڀهريون ڏينهن عربن جي مقابلي ۾ ميدان جنگ ۾ ظاهر ٿيڻ، فقط ڏيکاءَ خاطر هو، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو خلوص يا سچائي جو جذبو ڪونہ هو. علافين جو اهو منافقانہ رويو، راجا ڏاهر جي مٿن مهربانين ۽ مهمانوازي جو بدلو هو، جو هنن پنهنجي طرفان ادا ڪيو.

سنڌ مٿان عربن جي جلهہ جو هڪ سبب هي بہ هو تہ سنڌين پاڻ بہ غداري ڪئي ۽ پنهنجي راجائن سان وفادار نہ رهيا ۽ اهو گهڻو ڪري مذهبي ۽ سياسي دشمني جي ڪري ٿيو. سنڌ جا ماڻهو گهڻو ڪري، ٻڌ مذهب جا هئا ۽

سندن راجائون برهمڻ هندو هئا، جن ۾ عوام لاءِ ڏکار ۽ تعصب هو. اهو زمانو هندو مذهب جي وري اوج ۾ اچڻ جو زمانو هو، جنهن جو بنياد اصل ۾ گپتا گهراڻي جي سلطنت شاهي تورو اڳ وڌو هو. مذهبي تعصب جي ڪري سنڌ جي ٻڌ قبيلن کي دٻاءَ هيٺ رکيو ويو ۽ انهن سان غلامن (ٻانهن) جيان ورتاءُ ڪيو تي ويو. سنڌ جي هندو راجائن، سما، سهتا، چنا ۽ لهاڻا قبيلن تي ذليل ڪندڙ بندشون وڌيون ۽ انهن کي غلاميءَ هيٺ آڻي ڇڏيو. جيڪڏهن انهن مان ڪو هلڪو گناهه يا ڏوهه ڪندو هو ته انهن کي وڏي سزا ڀوڳڻي پوندي هئي. يعني ته اها سزا جيڪا ننڍي ڪنڌ ۾ شودر لاءِ رکيل هئي. جنهن ۾ نه فقط ڦاهو ڏنو ويندو هو، پر ان سان گڏ ڏوهاري جي ملڪيت به ضبط ڪئي ويندي هئي. اهو قانون ان وقت سنڌ جي هندن سان لاڳو ڪونه هو. ٻڌ شمني (ٻاوا) جن جو عوام ۾ وڏو اثر هو، انهن کي البت وڏا عهدا ڏنا ويا هئا. جي پڻ همدردي جي بنياد تي ڪونه هئا، پر سياسي مصلحت سبب انهن کي اهڙن عهدن تي رکيو ويو هو ته جيئن اهي پنهنجي اثر رسوخ سان ٻڌ عوام کي هندو راجائن خلاف بغاوت ڪرڻ کان روڪي سگهن ۽ انهن کان ساليانو ڏن وصول ڪري حڪومت تائين رسائين. ٻڌ مذهب جي شمنين کي جيتوڻيڪ وڏن عهدن تي رکيو ويو، پر ان هوندي به اهي هندو راجائن سان وفادار نه رهيا ۽ پنهنجي محسنن جي خلاف عربن سان ڳجهي طرح لکپڙهه ڪندا رهيا. چچ نامي مان ظاهر آهي ته نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي شمني گورنر، عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان گهڻو اڳ، حجاج بن يوسف ثقفي سان لکپڙهه به ڪئي هئي ۽ ساليانو ڏن به ڏياري موڪليو هو[49]. وڌيڪ احوال پڙهڻ سان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته ٻڌ شمني گهڻو ڪري غدار ثابت ٿيا ۽ اهوئي سبب آهي جو عربن کي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ڪا گهڻي ڏکيائي محسوس نه ٿي. اهي شمني اِنهيءَ ڪري به وڏن عهدن تي رکيا ويا هئا، جو هُو مذهبي پرهيزگار هئڻ سان گڏ سندن پيشي جي ڪري صلح پسند پڻ ليکيا ويندا هئا.

سياسي نقطہ نگاهه کان پڻ سنڌ جا ماڻهو (عوام) سندن حاڪمن جي خلاف هئا. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌ تي هڪ ٻڌ خاندان جي ڪجهه وقت کان وٺي حڪومت هئي. انهيءَ گهراڻي جي پڇاڙي سندن هندو وزير چچ جي ڪري ٿي، جنهن سنڌ جي آخرين ٻڌ راجا راءِ سهاسي ٻئي جي گهر واري راڻي سونهن ديوي

سان سازباز ڪري تخت تي قبضو ڄمايو. جيئن ته سنڌ جو عوام ٻڌ مذهب جو پابند هو، ان ڪري انهن ڪي هندو وزير طرفان ڪيل ساز باز نه وڻي ۽ اهي ڪيس هڪ غاصب تصور ڪندا رهيا. ٻيو ته هُن مئل راجا جي زال سان ناجائز تعلقات به رکيا هئا. هن پوءِ راڻي سونهن ديوي سان شادي پڻ ڪئي، پر ماڻهن ۾ چچ جي انهيءَ ڪردار سبب ڌڪار ۽ حقارت پيدا ٿي، جنهن وڃي دشمني جو روپ ورتو. جيئن ته چچ هڪ طاقتور راجا هو ۽ هن پنهنجي حڪومت ڪي سختي سان هلايو، ان ڪري ماڻهو سندس خلاف گوڙ نه ڪري سگهيا. جن به ٿورو ڪڇيو يا ڪيو ٿي، انهن ڪي مثالي سزائون ڏنيون ويون ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي قبيلن ڪي طاقت جي زور سان دٻايو ۽ هيسايو ويو. ظلم ۽ زبردستي جو اهو راڄ، چچ کان پوءِ سندس پٽ چندر ۽ سندس پٽ راجا ڏاهر جي حڪومت جي دور ۾ پڻ قائم رهيو، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي رعايت نه ٿي ڪئي ويئي. هندو راجائن جي انهيءَ هلت سبب ماڻهو عاجز ٿي پيا ۽ موقعي جي تلاش ۾ هئا ته ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت هندن جو راڄ ختم ڪيو وڃي. ماڻهن جو نون فاتحن ڪي ڪليل هٿن سان ملڻ، انهن جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ ۽ انهن جي سوڀ حاصل ڪرڻ تي خوشيون ملهائڻ، ظاهر ٿو ڪري ته سنڌ جو عوام هندو راجائن جي استحصال سبب ڪيترو نه تنگ ٿي چڪو هو. ٻڌن جي انهيءَ دغا ۽ ڌوهه مان ڪين ڪي ڪين وريو. ڇاڪاڻ ته عرب مسلمانن به مٿن اهي ساڳيون بندشون ۽ ڪمزوريون مڙهيون، جيڪي هندو راجائن مٿن نافذ ڪيون هيون. اهي بندشون هي هيون ته انهن مان ڪوبه گهوڙي تي سوار نه ٿيندو ۽ نه وري ريشم جو ڪپڙو پهري سگهندو. پنڪي ٻڌڻ جي به ڪين منع ٿيل هئي ۽ جڏهن به هُو عربن جي پاڙي يا ڳوٺ يا شهر ۾ ويندا هئا ته ان وقت ڪين پيرين اگهاڙو وڃڻو پوندو هو. اها رسم اڃا تائين قائم آهي جو سنڌ جا جاهل مريد اڄ به پيرن، سيدن ۽ وڏن ماڻهن جي گهر، اوطاق، يا حاضري ۾ ويندي پنهنجو جوتو ٻاهر لاهي اگهاڙي پيرين اندر گهڙندا آهن. پيرن ۽ سيدن جي حالت ۾ ته به ٽي فرلانگ پري جوتو لاٿو ويندو آهي ۽ اهو آهي عرب تهذيب جو سنڌ جي ماڻهن تي اثر[50]. انهن بندشن کان سواءِ اهو به قائدو هو ته جيڪڏهن ڪوبه مقامي ماڻهو گورنر يا عرب رئيس سان ملڻ وڃي ته ڪتو پاڻ سان وٺي وڃي ۽ اها ان وقت حقارت جي نشاني سمجهي ويندي هئي. عرب گورنر پوءِ هڪ

آرڊيننس نافذ ڪري، سنڌ جي ماڻهن سان لاڳو ڪيو، جنهن موجب هرهڪ سنڌيءَ تي اهو فرض عائد ڪيو ويو ته جيڪو به عرب سياح، واپاري، سپاهي، ڪيانتو يا ڪو لوفر ڪٿين ڏسڻ ۾ اچي ته انهيءَ کي پاڻ وٽ ٽي ڏينهن ٽڪائي ۽ انهيءَ جي مهمان نوازي ڪري. ٻي حالت ۾ ڪيس سزا ڏيڻ جو ڊپ ڏياريو ويو هو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪي عرب اوباش، ماڻهن وٽ وڏي عرصي تائين ترسي پوندا هئا ۽ انهن جي رن به ڪٽي ويندا هئا ته رکي به. ڪوبه داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونه هو.

ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته محمد بن معاويه علافي جي درحقيقت سنڌ تي عرب حملي جو باعث بنيا. سي سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ڪشمير ڏانهن هليا ويا. سندن اهو قدم جاسوسيءَ جي هڪ ڪڙي هئي، جنهن موجب سنڌو ماٿري ۽ ڪشمير کي عرب سلطنت شاهي ۾ شامل ڪرڻ جي منصوبي کي پورو ڪرڻو هو. حجاج بن يوسف ثقفي پنهنجي زندگي ۾ ڪشمير تي حملي ڪرڻ جي اسڪيم (رٿا) تيار ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن ڪيس وقت ڏنو وڃي ها ته جيڪر هُو انهيءَ تي به فوجون موڪلي ها. پر موت جي فرشتي ڪيس سندس لوڀ جو پورائو ٿيڻ نه ڏنو ۽ هُو وقت کان اڳ مري ويو ۽ ان سبب فتوحات جو سلسلو بلڪل رڪجي ويو.

سنڌ جي مقامي فارسي ڪتاب "تاريخ معصومي" جو سن 1009 هه /1601ع ۾ لکيو ويو، انهيءَ حقيقت جي اها تصديق ٿو ڪري ته سنڌ تي حملي جو سبب، سنڌي لٽيرن جو عرب جهازن تي حملي ۽ قُرمار سبب هو. پر انهيءَ جي آڪاٽيءَ انهيءَ ڪهاڻيءَ کان بلڪل نرالي آهي، جا گهڻو ڪري ڪيترن ڪتابن ۾ ڏني ويئي آهي. تاريخ سنڌ جي نسخي جو حوالو ڏيندي، تاريخ معصومي جو مصنف ٻڌائي ٿو ته خليفي عبدالملڪ پنهنجا ڪي ڇاڙتا سنڌ ۽ هند ڏانهن ٻانهن خريد ڪرڻ لاءِ موڪليا هئا. شام جا عرب واپاري جڏهن ٻانها ۽ غلام خريد ڪري چڪا، تڏهن انهن کي جهازن ۾ ڪٽي، ساموندي رستي کان ديبل جي پر مان اچي لنگهيا. سنڌ جي ماڻهن عربن جي جهازن تي حملو ڪري، انهن کان اهي ٻانها کسي ورتا. ڪي عرب سوداگر مارجي ويا، ٻيا اتان بچي نڪتا، جن وڃي خليفي وٽ دانهيو. خليفي پڪو ارادو ڪيو ته انهن ماڻهن کي سيڪت ڏجي، پر هُو انهيءَ ارادي کي عملي جامو پهرائڻ کان اڳ گذاري ويو.

ڪانئس پوءِ سندس پٽ وليد بن عبدالملڪ پيءُ جي خواهش ڪي پوري ڪرڻ خاطر هڪ فوج ڏياري موڪلي تہ جيئن انهن امن پسند سوداگرن ۽ واپارين جي خون جو بدلو ورتو وڃي[51].

تاريخ معصومي جي مصنف اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ راجا ڏاهر انهيءَ ڏس ۾ نہ فقط موزون جواب ڏياري موڪليو هو، پر ان سان گڏ انهن عرب واپارين ۽ غلامن ڪي پنهنجي اعتبار جوڳن ماڻهن هٿان ڏياري موڪليو هو. پر جيئن تہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سنڌ جي راجا جي جواب جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو ويو ۽ ان ڪي ڪوڙو ۽ غلط سمجهي جنگ جون تياريون ڪيون ويون. جيئن تہ هڪ فوج اڳئي تيار ڪئي ويئي هئي، ان ڪري خليفي جي خاص حڪم هيٺ محمد بن قاسم ڪي انهيءَ جو مهندار مقرر ڪيو ويو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ جو ڪم ڪيس سونپيو ويو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ارادو اڳيئي ڪيو ويو هو. عرب جهازن تي سنڌ جي بحري قزاقن جو حملو مسلمان ليکڪن، عربن جي اڳرائي ڪي واجبي ڏيکارڻ لاءِ هڪ بهانو ناهي ڏيکاريو آهي.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) ڪتاب پيدائش (تورات)، باب 11، آيت 2.

(2) تاريخ معصومي، ص 61.

(3) تشرتا (يا دسرت) مصر جي فرعون آمينهيٽپ ٽئين ۽ آمينهيٽپ چوٿين جو همعصر هو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ دوستي جو ناتو هو. ڏسو اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، ص 262.

(4) ارلي هسٽري آف انڊيا (سمٿ)، ص 37.

(5) اروڙ اصل ۾ الرود آهي. جنهن جي معنيٰ آهي دريا جي ڪپ وارو شهر. سيوستان معنيٰ سيوي قوم جو مسڪن ۽ برهمڻ آباد اصل ۾ بهمن آباد آهي ۽ اهو شهر بهمن جاذويہ (ارد شير درازدست) جو ٻڌايل هو يا انهيءَ جي نالي تي سندس گورنر ٻڌو. پر جڏهن برهمڻ خاندان طاقت ۾ آيو، تڏهن بهمن آباد جو نالو بدلائي برهمڻ آباد رکيو ويو.

(6) اسلامڪ ڪلچر، جلد 2، ص 22.

(7) وفيات الاعيان (ابن خلڪان)، جلد 1، ص 266، 269.

(8) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 173، صورت الارض (ابن حوقل)، ص 320.

(9) فتوح البلدان، ص 438.

(10) عجائب الهند، ص 117.

(11) فتوح البلدان، ص 441.

(12) عجائب الاسفار (ابن بطوطه)، جلد 2، ص 126.

(13) سلسلة التاريخ، ڪتاب 2، ص 25.

(14) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 173، صورت الارض، ص 320.

(15) چچ نامه (فارسي)، ص 72، 73.

(16) فتوح البلدان، ص 438.

(17) ايضاً، ص 438.

(18) چچ نامه، ص 73.
(19) فتوح البلدان، ص 398.
(20) مٿس آف بئبيلان ۽ اسيريا، ص 278. پر تورات جي ڪتاب پيدائش ۾ آشور کي سام جو پٽ ٻڌايو ويو آهي. جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته ابي ڏاڏي جي پرستش جو رواج سامي قومن ۾ به موجود هو. ڏسو باب 22.
(21) فتوح البلدان، ص 438، چچ نامه، ص 75.
(22) ڪامل في التاريخ، جلد 3، ص 22.
(23) فتوح البلدان، ص 438.
(24) ايضاً، ص 438.
(25) ايضاً، ص 439.
(26) ايضاً، ص 439.
(27) چچ نامه، ص 80.
(28) فتوح البلدان، ص 439.
(29) ايضاً، ص 439.
(30) چچ نامه، ص 83.
(31) ايضاً، ص 85.
(32) فتوح البلدان، ص 440.
(33) ڪامل في التاريخ، جلد 4، ص 193.
(34) چچ نامه، ص 88.
(35) تاريخ طبري، جلد 3، ص 854، 855.
(36) چچ نامه، ص 89.
(37) فتوح البلدان، ص 441.
(38) چچ نامه، ص 90.
(39) فتوح البلدان، ص 441.
(40) چچ نامه، ص 92.
(41) فتوح البلدان، ص 441.
(42) چچ نامه، ص 92.
(43) فتوح البدان، ص 441.

(44) چچ نامه، ص 94.

(45) تاريخ العبر (ابن خلدون)، جلد 3، ص 67.

(46) تاريخ طبري، جلد 2، ص 193.

(47) چچ نامه، ص 86.

(48) ايضاً، ص 162.

(49) ايضاً، ص 43.

(50) تاريخ معصومي، ص 6.

(51) ايضاً، ص 7.

# محمد بن قاسم هٿان سنڌ جو فتح ٿيڻ

محمد بن قاسم، سنڌس اصليت ۽ اوائلي زندگي - سنڌس ڪارناما - سنڌ تي حملو - ديبل جو گهيرو - راوڙ جي جنگ - برهمڻ آباد جي فتح - اروڙ جي فتح ملتان تي قبضو - محمد بن قاسم جي معزولي ۽ موت - سندس ترت ڪاميابي جا سبب - محمد بن قاسم جو اخلاق ۽ حاصلات.

# باب ستون

# محمد بن قاسم الثقفي هٿان سنڌ جو فتح ٿيڻ

## محمد بن قاسم، سندس اصليت ۽ اوائلي زندگي:

محمد بن قاسم بنو ثقيف قبيلي مان هو، جا اصل ۾ قيس عيلان[1] نالي هڪ قبيلي جي شاخ هئي ۽ انهن جو تعلق اتر عربستان جي قبائلي نسل سان هو. تورات جي لکت مان ثابت ٿو ٿئي تہ اتر عربستان جا قبيلا ورهاست ۾ جدا جدا نسل ۽ اصليت جا هئا. پر ساڳئي قسم جي دلچسپي ڪري اُهي هڪ نالي بنو معز مان سڃڻ لڳا ۽ اهو نالو قديم توڙي وچئين دور ۾ انهن قبيلن تي هلندو آيو. تان جو عربن جي بادشاهي ۽ اثر رسوخ ختم ٿي ويو. عربن جي خلافت جو خاتمو عثماني ترڪن سن 1517ع ۾ آندو، جڏهن انهن شام، فلسطين ۽ مصر تي قبضو ڪري، عباسي خليفي کي قاهره مان قيد ڪري قسطنطنيہ آندو ۽ خلافت کي ترڪيءَ ڏانهن منتقل ڪيو. اتر عربستان جي قبيلن ۾ ڪيترائي قبيلا جهڙوڪ: بنو هاران، بنو لوط، بنو عيثاءَ، بنو ناحور، بنو قطوره، بنو اسماعيل وغيره اچي وڃن ٿا، جن ۾ ڪيترا قبيلا عرب ڪونہ هئا. پر عرب برادريءَ ۾ گڏجي ويا ۽ انهيءَ اجتماعي برادري کي "معز" جو نالو ڏنو ويو. معز لاءِ ٻڌايل آهي تہ هُو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي وڏي پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان هو. پر جيئن تہ دين اسلام جي ظهور کان گهڻو اڳ "معز" پنهنجي طاقت، قوت ۽ گهٽائي سببان نالو ڪڍيو هو، ان ڪري اتر عربستان جا قبيلا بنو معز جي نالي سان مشهور ٿي ويا. بنو معز کي بنو عدنان جو نالو بہ ڏنو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ عدنان، معز جو پيءُ هو ۽ اسماعيل عليہ السلام جو پوٽو هو. ظاهر ٿيو تہ اتر جا عرب، معزي، عدناني ۽ اسماعيلي عربن جي نالي سان مشهور هئا ۽ اهي پنهنجي اها انفرادي ۽ جداگانہ حيثيت صدين تائين قائم رکندا آيا. محمد بن قاسم جو خاندان بہ عدناني عربن مان هو ۽ ان کي آل ابي عقيل سڏيو ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ ابي عقيل، حجاج بن يوسف ۽ محمد بن قاسم ٻنهي جو ڏاڏو هو. انهيءَ روايت

موجب محمد بن قاسم، حجاج بن يوسف جي سوٽ جو پٽ هو. جيئن تہ ثقفي خاندان جي شجري مان ظاهر آهي[2].

ثقفي يا ثقيف خاندان جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي، ثقيف بن منبہ جي نالي پٺيان سڏجي ٿو، جو عدنان بن قيذار جي يارهين پيڙهيءَ مان هو. عدنان، اسماعيل عليہ السلام جو پوٽو هو ۽ ابراهيم عليہ السلام جو پڙپوٽو، جو اسحاق جي معرفت يهودي قوم جو بہ ڏاڏو لکيو وڃي ٿو. ثقيف قبيلي جو مرڪزي ماڳ طائف هو، جنهن ۾ نخلستان هئڻ ڪري پاڻي ۽ ساوڪ جهجهي هئي، پر انهيءَ قبيلي جون شاخون سڄي عربستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود هيون. انهيءَ قبيلي جي ٻن شاخن بنو جشم ۽ بنو عوف، راشده ۽ اميہ خلافت جي دور جي سياست ۾ وڏو حصو ورتو. نہ فقط ايترو پر دين اسلام جي تبليغ ۾ بہ ثقفي قبيلي جون خدمتون تحسين جوڳيون آهن. چيو وڃي ٿو تہ پيغمبر اسلام، بنو عوف جي هڪ شخص نالي مُطلب ڪي، ثقفين ڏانهن ڏياري موڪليو هو تہ جيئن انهن وٽ وڃي دين اسلام جو پرچار ڪري. پر سندس مشرڪ مائٽن کيس قتل ڪري ڇڏيو، جنهن سبب اهو ڪم اڌورو رهجي ويو. بنو عقيل قبيلو جنهن محمد بن قاسم جهڙو عرب جرنيل پيدا ڪيو، اصل ۾ انهيءَ بنو عوف قبيلي جي هڪ شاخ هئي. اهڙي طرح ثقفين جي هڪ ٻي شاخ بنو جَشم بہ دين اسلام لاءِ اهم شخصيتون پيدا ڪيون. جن ۾ عثمان بن ابي العاص الثقفي ۽ سندس ٻن ڀائرن مغيره ۽ حڪم سنڌ جي خلاف اوائلي حملن ۾ چڱو نالو ڪڍيو. انهيءَ ساڳئي خاندان جو هڪ فرد عبدالرحمان، معاويہ جي دور حڪومت ۾ ڪوفہ جو گورنر هو. اهڙي طرح مصعب بن محمد ثقفي، محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو ۽ کيس فوج جي هڪ حصي جي اڳواڻي سونپي ويئي هئي[3].

بنو ثقيف خاندان جو دنيا جي تاريخ ۾ مشهور ٿيڻ، حجاج بن يوسف ثقفي جي زماني ۾ ٿيو. جڏهن کيس عراق جو حاڪم اعليٰ مقرر ڪيو ويو ۽ اسلامي سلطنت جي سيني اوڀر وارن صوبن لاءِ کيس وائسراءِ بنايو ويو. ڪوفي جو شهر ان وقت وائسراءِ لاءِ مرڪزي شهر مقرر ڪيو ويو. جتان نہ فقط هن سوين جو هڪ سلسلو جاري ڪيو، پر فتح ڪيل ملڪن جي پوري پوري انتظام جو بندوبست پڻ ڪيو. وائسراءِ ٿيڻ کان اڳ، کيس عبدالله بن زبير رضي الله عنہ

ڪي سيڪت ڏيڻ جو ڪم سونپيو ويو هو. چاڪاڻ تہ يزيد بن معاويہ جي وفات کان پوءِ عبدالله بن زبير رضي الله عنه پاڻ کي حجاز جو بادشاهہ سڏائڻ لڳو ۽ مڪي ۽ مديني تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هُــن بنو اميہ طرفان مقرر ڪيل سرڪاري ڪامورن کي حجاز مان نيڪالي ڏيئي، خزاني تي بہ قبضو ڪيو هو. عبدالله بن زبير رضي الله عنه خلاف مهم لاءِ مقرر ٿيڻ کان اڳ حجاج، طائف ۾ اسڪول جي ماستر جي حيثيت ۾ گمنام زندگي گذاريندو رهيو[4]. تلوار جو ڌڻي ٿيڻ کان پوءِ بہ هُن ساڳيا ئي جوهر ڏيکاريا. رقيب خليفو عبدالله بن زبير رضي الله عنه مڪي جي حجاج طرفان ڪيل گهيري ۾ جنگ ڪندي شهيد ٿي ويو.

محمد بن قاسم جي پيءُ نہ سياست ۾ گهڻي دلسچپي ورتي ۽ نہ وري عربي علم ۽ ادب ۾. محمد جي ڄمڻ وقت سندس پيءُ بصري جو گورنر هو، پر هُن اهو عهدو فقط ٿورو وقت ماڻيو. ستت ئي پوءِ خاندان جي پرئي مڙس جي حيثيت ۾ پنهنجو مدو پورو ڪري ويو ۽ ان وقت جي واقعن ۽ وارداتن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنائين. محمد جي ماءُ جو نالو حبيبة العظميٰ هو، جنهن مان اهو انومان ڪدي سگهجي ٿو تہ اها هڪ معزز ۽ نالي واري خاتون هئي[5].

گورنر جو پٽ هئڻ ڪري محمد کي بصري ۾ ان وقت جي موزون تعليم نصيب ٿي ۽ ڪيس سياست ۽ جنگ جي فن ۾ پوري پوري تربيت ۽ سکيا ڏني ويئي. انهيءَ حقيقت جي تصديق انهيءَ عظيم فوج مان ملي ٿي، جا سنڌ جي خلاف، سندس مهنداري ۾ موڪلي ويئي هئي. سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ محمد بن قاسم جي قوت ۽ جنگي فن کي ايران جي رَي واري علائقي ۾ بہ پرکيو ويو هو. جنهن ۾ هُــن ڪردن کي سيڪت ڏيئي، انهن کي آڻ مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ڪري محمد بن قاسم ۾ رواداري وارو جذبو ان وقت جي ٻين عرب ڪماندرن کان وڌيڪ هو. چاڪاڻ تہ هُــن نہ تہ گهڻي سختي کان ڪم ورتو ۽ نہ وري ڪنهن جي مجبوريءَ جو فائدو ورتي، ان کي بدني يا ذهني ايذاءَ رسائڻ جي ڪوشش ڪئي.

## سندس ڪارناما:

محمد پنهنجي پيشي جي شروعات عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي جي هٿ هيٺ ڪئي، جنهن کي بنو اميہ قبيلي جي هڪ شاخ بنو حڪم خاندان جي ٻئي خليفي عبدالملڪ بن مروان، عراق جو حاڪم اعليٰ بنائي

موڪليو هو. محمد بن قاسم کي سپ کان پهريون ڪم سن90 هه/ 709ع ۾ سونپيو ويو، جنهن ۾ ڪيس ايران جي مشهور علائقي فارس ۾ فسادي قبيلن سان جنگ ڪرڻي پيئي. انهيءَ خطي ۾ ايران جي آرين نسل جي ماڻهن جن کي "ڪرد" سڏيو وڃي ٿو، عربن جي ظالمانه راڄ خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. محمد بن قاسم نهايت ئي سختي سان انهن جي وڳوڙ کي ختم ڪيو ۽ ڪردن جي طاقت کي ٽوڙي ڇڏيو. ظاهر آهي ته انهيءَ بدقسمت قبيلي جو ايڏو ته قتلام ڪرايو ويو جو، پوءِ صدين تائين انهن کي عرب حڪومت جي خلاف ڪوبه موقعو هٿ نه اچي سگهيو. عربن کي ايرانين سان نفرت هئي ۽ اهوئي سبب آهي جو هڪ ٻئي لاءِ ذڪار سبب عربن اهڙو ڪوبه موقعو نه ڇڏيو، جنهن ۾ ايرانين کي زبون نه ڪيو ويو هجي ۽ ائين ڪرڻ ۾ نهايت ئي وحشياڻي قسم جو ڪردار ادا ڪيو ويو هو. نوجوان ماڻهن کي قتل ڪرڻ يا ڪين قيد ڪري غلام بڻايو ويندو هو. سندن زالن تي قبضو ڪيو ويندو هو ۽ ٻارن ٻچن کي وڪرو ڪيو ويندو هو. يا انهن کي ملڪ بدر ڪيو ويندو هو. اهڙن ملڪن يا خطن ۾ جيڪي نهايت ئي ڏورانها تصور ڪيا ويندا هئا[6]، اهڙي قسم جون ظالمانه حرڪتون ڪانئن اڳ فقط هڪ قوم جي تاريخ ۾ ڪيون ويون آهن ۽ اهي هئا آشوري، جي پڻ عربن وانگر سامي نسل سان وابسته هئا. انهن سفاڪانه ڪاروائين جو مقصد اهو هو ته ايران جا ماڻهو عربن جي خلاف مدافعت ڪرڻ ڇڏي ڏين ۽ انهن تي فاتحن جو دٻپ طاري رهي. عرب تاريخ نويس جو چوڻ آهي ته محمد بن قاسم شيراز جي شهر جو بنياد رکيو ۽ ان کي پنهنجي فوجي طاقت ۽ انتظاميه جو مرڪز بنايائين، وچئين دور جي مشهور جاگرافي دان الاصطخري جو رايو آهي ته اصطخر جي فتح ٿيڻ کان پوءِ عربن شيراز کي پنهنجي فوج جو مرڪز بنايو هو[7]. انهيءَ راءِ جي تائيد ابن حوقل ۽ ڪانئس پوءِ قلقشندي پڻ ڪئي آهي ۽ اها ئي ڳالهه نقل ڪئي آهي، جيڪا الاصطخري شيراز جي بنياد پوڻ بابت ڪئي آهي[8]. فارس نامه جي مصنف جو وري چوڻ آهي ته شيراز جو شهر حجاج جي ڀاءُ محمد بن يوسف الثقفي ٻڌايو هو ۽ اهوئي انهيءَ شهر جو باني هو. ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم کان اڳ محمد بن يوسف ثقفي شيراز جو گورنر هو[9]. عربن طرفان شيراز جي ٻڌجڻ بابت اهي ٻئي بيان، هاڻوڪي کوجنا، غلط ثابت ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته شيراز هڪ نهايت ئي قديم

شهر آهي ۽ ان جو وجود عربن ۾ اسلام جي اچڻ کان گهڻو اڳ جو آهي. ثابت ٿيو آهي تہ اهو شهر شيراز نالي هڪ شخص جو ٻڌايل هو، جو ايران جي ڏند ڪٿا ۾ پيشداديان خاندان جي ٽئين بادشاهہ طهمرث جو پٽ هو[10]. انهيءَ ڏس ۾ ايران جي حڪومت هڪ ننڍو ڪتابچو ڇپرايو آهي، جنهن ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ شيراز جو شهر پرسيپولس (الاصطخر) کان بہ اڳ جو ٺهرايل هو. مٽيءَ جون ڦرهيون جن تي ڪتبا لکيل آهن، پرسيپولس مان پروفيسر ڪئمرون جي هٿ لڳيون جو، شڪاگو يونيورسٽيءَ پاران اتي ڪم ڪري رهيو آهي. انهن ڪتبن ۾ شيراز، ات، ايش نالي ماڳ جو ذڪر ٿيل آهي، جتان پرسيپولس جي اڏائڻ لاءِ رازا ۽ اڏاوت جا ماهر هٿ ڪيا ويا هئا. انهن ڪارندن کي، ڪتبن جي لکت مطابق، ڪيل ڪم جي عيوض چاندي ڏني ويئي هئي، جا ان وقت ۾ ناڻي جي ڏي وٺ ۾ ڪم ايندي هئي. انهيءَ ڪتابڙي ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ شيراز جو شهر ايران جي ٽن مشهور ۽ قديم هستين مان ڪنهن هڪ جي هٿان ٺهيو ۽ اهي هي هئا: طهمرث، هوشنگ يا جمشيد. هخامنشي خاندان جي حڪومت جي دور ۾ شيراز مددي فوج جي هڪ چوڪي هئي ۽ اها پرسيپولس (الاصطخر) جي بلڪل پر واري ايراضي ۾ واقع هئي.

ساساني دور ۾ شيراز جو شهر ارد شير خُرد جي گاديءَ جو هنڌ هو[11]، پر پوءِ جڏهن اصطخر ايرانين جو مذهبي مرڪز قائم ٿيو، تڏهن شيراز جي اهميت گهٽجي ويئي ۽ اهو شهر پوئتي پئجي ويو. ان هوندي بہ شيراز هڪ چڱو سهڻو شهر هو ۽ عربن جي ايران ۾ اچڻ کان اڳ ان جي چڱي چوکي آبادي هئي ۽ شهر وسندڙ هو. ان ڪري اهو ثابت.ٿيو تہ شيراز بابت عرب ليکڪن وڏاءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ اهو شهر انهن جو ٻڌايل ڪونہ هو. ساڳئي وقت ايرانين جو چوڻ آهي تہ عربن اسلام جي جهنڊي هيٺ جڏهن ايران تي حملا ڪيا، تڏهن هنن جيڪا بہ چڱي شيءِ ڏٺي، ان کي تباهہ ڪري ڇڏيائون. خاص ڪري اصطخر[12] جو شهر جو ايران جي قديم زردشتي مذهب جو وڏي ۾ وڏو مرڪز هو. ان ڪري گمان آهي تہ اصطخر جي تباهي کان پوءِ عربن شيراز کي پنهنجي فوج لاءِ "جُندي" بنايو هجي تہ جيئن مقامي ماڻهن جي ڪيل بغاوت يا بغاوت جي خيال کي ٻنجو ڏيئي سگهجي.

ڪردن جي تباهي کان پوءِ محمد بن قاسم کي رَي شهر[13] ۽ ان جي آس پاس واري علائقي ۾ باغين جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ موڪليو ٿي ويو. پر پوءِ اهو حڪم واپس ورتو ويو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٻن عرب فوجن کي شڪست نصيب ٿي هئي. حجاج طرفان موڪليل ٻه جرنيل عبدالله بن نبهان السلمي ۽ بديل بن طهفة البجلي، سنڌ ۾ جنگ ڪندي مارجي ويا. ان ڪري سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي فوج ۽ هڪ آزمودگار جرنيل کي موڪلڻ جا سانپاها ٿي رهيا هئا. انهيءَ مهم لاءِ حجاج، محمد بن قاسم کي چونڊيو، جو نه فقط سندس قبيلي مان هو پر مائٽ پڻ هو. محمد بن قاسم جي مقرري ٻن سببن ڪري ٿي، هڪ ته هُو حجاج جي سوٽ جو پٽ هو ۽ جيڪڏهن هُن سوپ ڪٽي ته اها سندس ۽ سندس خاندان جي سوپ هئي، جو ان وقت انتظاميه ۾ چوٽي جو خاندان تصور ڪيو ٿي ويو. ٻيو سبب هيءُ هو ته محمد بن قاسم نهايت ئي ڏکين مهمن ۾ نه فقط ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، پر ان سان گڏ فتح ڪيل ملڪن جو سهڻو انتظام پڻ رکيو هو. اهي خاصيتون ان وقت ٻئي ڪنهن به جرنيل ۾ نه ڏٺيون ويون هيون. اهوئي سبب آهي جو ڪيس سنڌ جي فتح لاءِ چونڊيو ويو. ايراني نهايت ئي سخت ماڻهو هئا ۽ انهن عربن سان ڏکيون ۽ خونريز جنگيون جوٽيون هيون. عربن جي تاريخن مان واضح آهي ته هن گول زمين تي جنهن قوم نهايت بي جگري سان عربن جو مقابلو ڪيو، اهي ايراني هئا ۽ محمد بن قاسم ايرانين سان چوٽون کائي چڪو هو. انهيءَ جي برعڪس سنڌ جا ماڻهو امن پسند ۽ مانيٽا هئا. سنڌ جي ماڻهن جو مذهب به ان وقت ٻڌ مذهب هو، جنهن ۾ ماڻهن سان جنگ ڪرڻ يا انهن کي قتل ڪرڻ ته نهيو، پر جانورن ۽ جيتن کي مارڻ کان به منع ٿيل هئي. حجاج کي پڪ هئي ته ڪاميابي عربن جي آهي، پر ان لاءِ ڪو بهادر سپهه سالار هٿ ڪجي ۽ اهڙو مهندار ڪيس سندس ڪٽنب مان ئي حاصل ٿي ويو. محمد بن قاسم جهڙو بهادر نوجوان سندس خاندان ۾ ٻيو ڪونه هو، اهوئي سبب آهي جو ڪيس رَي ڏانهن موڪلڻ بدران سنڌ ڏانهن موڪليو ويو ته جيئن اهو ملڪ ڪاميابي سان فتح ڪري سگهجي.

## سنڌ تي حملو:

سنڌ تي حملي ڪرڻ جون تياريون شيراز ۾ ڪيون ويون ۽ هڪ وڏي فوج آخري جلهه لاءِ تيار ڪئي ويئي. البلاذري جو چوڻ آهي ته محمد بن قاسم

جي فوج ۾ ڇهه هزار شامي گهوڙي سوار هئا ۽ چونڊ سپاهين جا ڪيترائي جٿا پڻ شامل ڪيا ويا[14]. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته عربن جي فوج ڪنهن به حالت ۾ ويهن هزارن گهوڙي سوارن کان گهٽ ڪانه هئي. پيادا ۽ ٻيو سپاهه ان کان سواءِ هو. انهيءَ فوج کي اهڙي ته نموني ۾ مستعد ڪيو ويو هو جو سئي ۽ ڌاڳي جو به بندوبست رکيو ويو[15]. عربن پاڻ سان گهيري ڪرڻ خاطر منجنيق ۽ دبابه مشينون پڻ آنديون، جن کي ٻيڙين رستي سنڌ جي مشهور بندر ديبل ڏانهن منتقل ڪيو ويو. محمد بن قاسم سنڌ ڏانهن انهيءَ ساڳئي رستي آيو هو، جو ڪانئس اٽڪل هڪ هزار سال اڳ سڪندر اعظم وطن واپس وڃڻ لاءِ اختيار ڪيو هو. يعني ته مڪران ۽ فارس وارو ڪنارو. محمد بن قاسم جڏهن مڪران پهتو، تڏهن اتي جو گورنر محمد بن هارون نمري پنهنجن فوجن سان اچي ساڻس شامل ٿيو. سنڌ ڏانهن ايندي محمد بن قاسم رستي تي قنزپور (پنجگور) ۽ ارمن بيله (ٻيلو) جا شهر هٿ ڪيا[16]. اهي شهر سنڌ جي حڪومت سان وابسته هئا ۽ انهن جي فتح محمد بن قاسم لاءِ سنڌ جو رستو کولي ڇڏيو. مڪران جو گورنر محمد بن هارون بن ابي زرع نمري بيمار هئڻ سبب ارمن بيله (هاڙوڪي لس ٻيلي) ۾ گذاري ويو ۽ اتي ئي دفنايو ويو. محمد بن قاسم پوءِ ديبل جو رخ رکيو ۽ جمعي جي ڏينهن رمضان جي مهيني ۾ سن 93 هه تي شهر جي ويجهو پهتو[17]. هُن پنهنجي فوج کي وقت جي هنر مطابق پنجن حصن ۾ ورهايو. جنهن ۾ مهڙ جو مهندار صاحب بن عبدالرحمان مقرر ڪيو ويو. سڄي پاسي عطيه بن سعد الڪوفي ۽ کٻي بازو تي موسيٰ بن سنان الهذلي، وچ تي پاڻ ۽ پوئين حصي تي جهم بن زهر الجعفي کي مقرر ڪيائين. پويون سپهه سالار هڪ نهايت ئي آزمودگار فوجي هو ۽ هُن ايران ۽ عراق ۾ ڪيترن ئي جنگين ۾ وڏا وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا هئا. ديبل ڏانهن پيشقدمي نهايت ئي سوچ ويچار کان پوءِ ۽ حجاج بن يوسف جي هدايتن مطابق ڪئي وئي جو ان وقت عراق جو وائسراءِ هو. گهيري جون مشينون جنهن ۾ منجنيق اهميت رکي ٿي، خوش قسمتيءَ سان وقت تي پهچي ويون ۽ انهن کي پڻ مقرر ڪيل جاين تي نصب ڪيو ويو.. الحجاج نوجوان فاتح کي اهي به هدايتون ڏنيون هيون ته فوج جي بچاءَ لاءِ خندقون کوٽي. قلعي جي مٿان پٿرن سان وسڪارو ڪري. منجنيق جنهن جي وسيلي وڏا پٿر قلعي جي

پٿين تي اڇلايا ويندا هئا. ايڏي تہ ڳري هئي، جو ان جي رسن کي ڇڪڻ لاءِ پنج سو ماڻهن جي ضرورت هوندي هئي[18].

## ديبل جو گهيرو:

ديبل هڪ وڏو شهر هو ۽ سمنڊ جي ڪناري تي آڏيل هو. ان جي چوگرد هڪ وڏو ۽ مضبوط قلعو پڻ هو. شهر جي وچ ۾ هڪ مندر هو، جنهن جي قبي مٿان هڪ ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو، جنهن لاءِ شهرين جو اعتقاد هو تہ ديوتائن جو هڪ وڏو تعداد انهيءَ جهنڊي جي حفاظت ڪري رهيو هو. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ ديبل جي انهيءَ مندر جو عمق 120 وال (360 فوٽ) هو ۽ انهيءَ تي آنگاس ڪُتل هو، جنهن جي بيرق ايڏي تہ ڊگهي ۽ وڏي هئي جو جڏهن بہ واءُ گهلندو هئو، تڏهن اها بيرق سڄي شهر جي مٿان پيئي ڦيرا پائيندي هئي[19]. ديبل جي گهيري ست ڏينهن لاتا، پر ڪي ڪين وريو. ائين ڏينهن هڪ شخص ٻاهر نڪري آيو ۽ امان حاصل ڪرڻ کان پوءِ عربن کي ٻڌايائين تہ شهر فتح ڪرڻ لاءِ سڀ. کان پهريون ڪم جهنڊي کي ڪيرائڻ جو آهي. جي اهو ڪريو تہ سوڀ اوهان جي آهي، ٻي حالت ۾ اوهان هي شهر فتح نہ ڪري سگهندا. محمدبن قاسم انهيءَ وقت جهنڊي ڪيرائڻ لاءِ فوج جي انجنيئر محمد بن جعوبہ السلمي کي ڏهن هزارن درهمن جي انعام جي آڇ ڪئي. نائين ڏينهن پٿرن جي وسڪاري آنگاس ڪيرائي وڌو، جنهن شهر جي ماڻهن ۾ هراس وجهي ڪين فاتحن اڳيان جهڪڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. قلعي جي پٿين ۾ شگاف پئجي ويا ۽ عربن جي فوج شهر کي ۽ شهر جي ماڻهن کي چوڏاري وڪوڙي ويئي[20]. هي چچ نامي جو بيان آهي. پر البلاذري جو چوڻ آهي تہ عربن جي فوج قلعي ۾ ڏاڪڻين رستي داخل ٿي ۽ سڀ کان پهريون ماڻهو جيڪو ديبل جي شهر اندر داخل ٿيو، اهو ڪوفي جي مشهور قبيلي بنو مراد مان هو[21].

. ديبل جي قلعي کي زبردستي فتح ڪيو ويو ۽ اتي جي ماڻهن کي تلوار جو ڪاڄ بنايو ويو. امن امان لاءِ منٿن ڪندي بہ امان نہ ڏني ويئي ۽ ٽن ڏينهن تائين ماڻهن جو عام ڪوس جاري رهيو. ايتري قدر جو مذهبي رهنما ۽ درويش جي جنگ ڪرڻ کان غير واقف هئا، تن کي بہ نہ ڇڏيو ويو ۽ نهايت بيدرديءَ سان انهن کي بہ قتل ڪيو ويو. ديبل جي مندر مان عربن کي اٿاهہ خزانو هٿ آيو، جنهن ۾ نقدي کان سواءِ سون ۽ چانديءَ جا زيور ۽ قيمتي پٿر بہ

هٿ آيا. انهيءَ ساڳئي مندر مان محمد، ست سو خوبصورت ديوداسيون بہ هٿ ڪيون[22]. محمد اتي هڪ مسجد ٺهرائي ۽ ہن هزار نون مسلمانن کي ديبل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. ديبل شهر تي حامد بن وداع النجدي کي گورنر مقرر ڪيو ويو، پر پيسي ڏوڪڙ ۽ اقتصادي انتظام لاءِ ٻڌ مذهب جي هڪ پوڄاري کي مقرر ڪيو ويو، جنهن قتل ٿيڻ جي ڊپ کان اسلام قبول ڪيو هو[23].

ديبل جي سوپ کان پوءِ محمد بن قاسم، برهمڻ آباد جو رخ رکيو، جو سنڌ جي راجائن جو اونهاري جو تخت گاهہ هو. انهيءَ شهر ڏانهن ويندي نيرون ۾ سيوستان جي ماڻهن سندس آڻ مڃي ۽ ڪين ڏن ڏيڻ قبول ڪي و. جيئن ئي عربن جي فوج نيرون جي ويجهو پهتي، تيئن ئي اتي جا چڱا مڙس ٻاهر نڪري آيا ۽ محمد بن قاسم کي قلعي اندر وٺي ويا. البلاذري جو چوڻ آهي تہ نيرون ڪوٺ جي ٻڌ شمني، بديل بن طهفة البجلي جي شڪست کان پوءِ حجاج بن يوسف سان مخفي صلح ڪري چڏيو هو. ان ڪري محمد بن قاسم جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻڌ مذهب جا پڄاري سندس حاضري ۾ رهيا[24]. نيرون ڪوٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ محمد بن قاسم کي مقرر ڪيل ڏن ڏنو ويو ۽ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح جا شرط مقرر ڪيا ويا. محمد بن قاسم پاڻ نيرون ڪوٽ ۾ آرام خاطر ترسي پيو ۽ پنهنجي هڪ زيردست محمد بن مصعب بن عبدالرحمان کي سيوهڻ ڏانهن هڪ فوجي جٿي سان ڏياري موڪليائين. سيوهڻ جي رهاڪن محمد بن مصعب جي هٿ تي آڻ مڃي ۽ قلعو سندس حوالي ڪيو. عربن جي فوج کي ڪنهن بہ قسم جي مخالفت جو منهن نہ ڏسڻو پيو ۽ انهن کي مقرر ڪيل ڏن خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. ٻڌايو ويو آهي تہ ٻڌ پوڄارين جن کي شمني سڏيو ويندو هو، تن ماڻهن جي پاران صلح جا شرط مرتب ڪيا ۽ واعدو ڪيو تہ اڳتي لاءِ بہ هُو مقرر ڪيل ڏن بنا ڪنهن غفلت جي ڏيندا رهندا. سيوهڻ جو گورنر راءِ بجهرا انهيءَ حقيقت کان واقف ٿيڻ ڪري قلعي جي ٻئي دروازي کان ٻچي نڪتو ۽ ايڏو تہ ڊپ ٿيس جو برهمڻ آباد يا اروڙ ڏانهن وڃڻ بدران ڪيرٿر جبل اڪري جهالاوان علائقي ڏانهن وڃي نڪتو. محمد بن مصعب سيوهڻ جي ماڻهن کي امان تہ ڏني، پر انهن کان ڳرو ڏن وصول ڪيو ۽ نيرون ڪوٽ موٽي آيو. واپس وڃڻ وقت هو پاڻ سان چار هزار جت بہ نيرون ڪوٽ وٺي ويو، جن راوڙ جي جنگ ۾ مددي فوج جو ڪم ڏنو[25].

ٻڌايو ويو آهي ته محمد بن قاسم، راجا ڏاهر سان جنگ ڪرڻ کان اڳ سيسم نالي هڪ قلعو به هٿ ڪيو هو. راجا ڏاهر سنڌ جون فوجون گڏ ڪري رهيو هو ۽ انهن کي پنهنجي سڌي ڪمان هيٺ رکيو هئائين. ٻئي طرف محمد بن قاسم، عراق جي وائسراءِ سان لکپڙهه جاري رکندو آيو ۽ اهو سلسلو تيز رفتار گهوڙن جي رستي ايترو ته جلد رکيو ويو جو ٽپال هر ٽئين ڏينهن عراق ۾ پهچندي هئي ۽ ان جو جواب به ٽئين ڏينهن ملي ويندو هو. حجاج بن يوسف کي پڻ سنڌ جي حملي بابت هرکر لڳل هئي ۽ ان ڪري هُو روزانو سنڌ مان تازي خبر جو انتظار ڪندو رهندو هو. سيسم جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم راوڙ جو رخ رکيو ۽ درياءَ جي ڪاهي ڪپ تي پنهنجي ڪئمپ قائم ڪئي.

سنڌ جو بادشاهه راجا ڏاهر به ڪو ٻي اونو ڪونه هو. کيس روزانو انهن جي واڌ جي خبر پوندي رهندي هئي. جڏهن عربن جي فوج درياءَ جي ٻي پر پهتي، تڏهن کيس انهيءَ کي پنهنجي سر ڏسڻ جو خيال ٿيو. هُن حڪم ڏنو ته سندس هاٿي تيار ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان تي چڙهي درياءَ جي ٻي پر عرب فوج جي بلڪل سامهون اچي بيهي رهيو. شام ملڪ جو هڪ گهوڙيسوار عرب جو تيراندازيءَ جي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، تنهن راجا ڏاهر کي هاٿي تي سوار ڏسي گهوڙي کي درياءَ ۾ ڊوڙايو، انهيءَ مقصد سان ته ٿورو ويجهو وڃي مٿس حملو ڪري. اهو ڏسي راجا ڏاهر پنهنجي ڪمان ۽ تير هٿ ۾ ڪنيو ۽ اهڙو ته تير هنيائين جو اهو تير وڃي درياءَه جي پراڙ وڃي سندس ڳچيءَ کي لڳو. راجا تيز کي اهڙو ته چٽي هنيو هو جو اهو سوار ته گهوڙي تي رهجي ويو، پر سندس منڍي وڃي ڳپ ۾ ڪري ۽ قتل ٿي ويو[26]. اهو واقعو ظاهر ڪري ٿو ته راجا ڏاهر هڪ ماهر تير انداز هو، ڇاڪاڻ ته سندس تير ايڏي وڏي فاصلي تان به ڪونه گُٿو. اها حالت ڏسي ڪوبه ٻيو عرب سپاهي اڳتي نه وڌيو ۽ راجا ڏاهر پنهنجا ماڻهو حفاظت لاءِ ڇڏي راوڙ جي قلعي ڏانهن موٽيو.

راوڙ جي جنگ کان اڳ عربن جي فوج ۽ جانورن ۾ بيماري ٿي پيئي ۽ ان سبب ڪيترائي گهوڙا مري ويا. پر حجاج بن يوسف انهيءَ کوٽ جي پورائي خاطر ٻه هزار گهوڙا ٻيا ڏياري موڪليا. ساڳئي وقت سرڪي جو به وڏو انداز عراق مان موڪليو ويو. ڇاڪاڻ ته هوا جي تبديلي ۽ پڻ وقت تي کاڌي نه ملڻ سبب، عربن کي بدهضمي ٿي پيئي هئي ۽ پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي پيا

هئا. وقت جو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم، راجا ڏاهر ڪي قاصد بہ موڪليا هئا پر ڳالهين مان ڪي ڪين وريو. ايتري ۾ محمد بن قاسم پنهنجي ڪئمپ ڪي ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ فوج ڪي واپس ديبل ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. مقصد هيءُ هو تہ راجا ڏاهر ڀانئي تہ عرب واپس موٽي ويا، پر اها هڪ فوجي چال هئي. محمد بن قاسم جو لشڪر جهم جي راجا، موڪي پٽ وسائي جي مدد سان هٽ ڪيل علائقا لتاڙي ساڪري ۾ وڃي ڪئمپ هنئي ۽ اتان رات جي وقت ڪڇ جي راءِ راجا راسل جي مدد سان سنڌو نديءَ تي پل ٻڌي. اها پل ٻيڙين جي پل هئي، جنهن جي وسيلي عرب فوجون درياءُ اڪري ٻئي پار پهتيون. راجا ڏاهر جنهن سمجهيو تہ عرب شايد اڳين بن شڪستن ڪائڻ جي ڪري، احتياط ڪان ڪمر ورتو آهي ۽ اهي ديبل ۽ ان جي آس پاس وارين ايراضيءَ تي تسلط ڄمائي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ گهرن ٿا. پر جڏهن درياءُ اڪرڻ جي خبر ڪيس پيئي، تڏهن ڪيس پڪ ٿي تہ هاڻي معرڪو مشڪل آهي ۽ هڪدم جنگي ڪائونسل جو اجلاس گهرايو ويو. انهيءَ ڪائونسل جي (ميٽنگ). گڏجاڻي هلندي محمد بن معاويہ علافي عربن سان جنگ ڪرڻ کان نابري واري ۽ اهڙي ڏکئي وقت ۾ ڏاهر ڪان ڪنهن پاسي نڪري وڃڻ جي اجازت گهري. راجا جي وڏي وزير سِندرڪو صلاح ڏني تہ عربن سان کليل ميدان ۾ پڄي ڪونہ سگهبو، ان ڪري گوريلا جنگ (لڪي ڇپي) ڪرڻ گهرجي. راجا ڏاهر جيڪڏهن انهيءَ صلاح تي عمل ڪري ها تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪامياب وڃي ها، پر هُن نڱي ۽ دولاب وارين ڪاروائين ڪان نابري واري ۽ ميدان ۾ جنگ ڪرڻ جي تياري جو حڪم ڏنائين. هُن پنهنجي پٽ جئسين کي هڪ فوجي جٿي سان اڳواٽ موڪليو تہ هُو عربن جي چرپر تي نظر رکي ۽ انهن جي واڌ بابت راجا ڏاهر ڪي خبرون رسائيندو رهي[27].

## راوڙ جي جنگ:

محمد بن قاسم درياءُ ٽپڻ کان پوءِ هڪدم راوڙ جو رخ رکيو، جو پڻ درياءَ جي ڪپ تي نهيل هو. هاڻوڪي تحقيقات مان ظاهر ٿو ٿئي تہ راوڙ جو قلعو لاڙ واري حصي ۾ ديبل ۽ برهمڻ آباد کان وڏي فاصلي تي اڏيل هو. وچئين دور جي لڪتن مان اهو بہ ظاهر ٿو ٿئي تہ اهو شهر نيرون ڪوٽ جي ويجهو هو ۽ ان ڪري اهو حيدرآباد ضلعي جي ڪنهن حصي ۾ واقع هو. ميجر

جنرل هيگ جي راءِ آهي تہ راوڙ جو قلعو فتح باغ واري ايراضي تي يا انهيءَ جي پر ۾ هو[28]، جو هاڻي گوني تعلقي ۾ آهي. پر اها ڳالهہ اجا تحقيق طلب آهي. ايران جي مشهور جنگ قادسيہ وانگر راوڙ جي جنگ بہ هڪ فيصلہ ڪُن جنگ هئي جا چار ڏينهن هلندي رهي. پنجين ڏينهن وڃي جنگ جو فيصلو ٿيو ۽ ڇئن ڏينهن جي دوبدو جنگ ۽ پنجين ڏينهن جي عام جنگ بابت جيڪي تفصيل مليا آهن، انهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌ جي راجا، ۽ سندس ساٿين ڪيڏي نہ بهادري ۽ حب الوطني جو مظاهرو ڪيو. سندن خاص مقصد اهو هو تہ سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ کان نجات ڏياري وڃي.

پهريون ڏينهن (6 رمضان 93 هہ):

پهرين ڏينهن جي دوبدو جنگ جو هيرو راجا راسل هو جو بيٽ جي قلعي جو گورنر هو ۽ اهو راجا ڏاهر جو زبردست هو. هُن جيڪا جنگ ڪئي اها فقط ڏيکاءَ خاطر ۽ دولاب پڻ ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ جيڪو جٿو ساڻس گڏ جنگ ۾ موڪليو ويو هو، ان مان هڪ ماڻهو بہ واپس نہ موٽيو. ڇچ نامي جي ليکڪ جو چوڻ آهي تہ راجا راسل عربن سان مليل هو ۽ انهيءَ جنگ کان اڳ هُن ڪين درياءُ اڪرڻ ۾ بہ وڏي مدد ڪئي هئي. سڀ کان ڪڌو ڪم جو هن غدار ڪيو، اهو هي هو جو هُن عربن کي جنگ جي سڄي حرفت ۽ راجا ڏاهر جي فوجي قوت کان واقف ڪيو، تہ جيئن اُهي آساني سان سنڌين کي شڪست ڏيئي سگهن. اهو راجا راسل هو جنهن عربن کي جٿپور[29] تي حملي جي صلاح ڏني. اها اهڙي حرفت هئي، جنهن سبب سنڌي فوج کي عربن جي فوج ٻنهي طرفن کان وڪوڙي ويئي ۽ کين جنگ کان سواءِ ٻي ڪابہ واهہ نظر نہ آئي. نجومين طرفان سوڻ، وهم ۽ گمان بہ گهٽي قدر هندن جي ذهن تي اثر ڪيو. ان ڪري اهي مستعد ٿي جنگ ڪرڻ کان گسائيندا رهيا. انهن گهٽتاين هوندي بہ دوبدو جنگ ۾ ٻنهي طرفن کان ٻي جڳري سان حملا ٿيندا رهيا.

ٻيو ڏينهن (7 رمضان 93 هہ):

ٻئي ڏينهن تي عام جنگ شروع ٿي ويئي، جنهن ۾ ڏاهر جي سيڪريٽري جو نظر کان گهٽ هو، پنهنجي فوج وٺي سخت ڪاوڙ ۾ وڃي عربن جي فوج تي ڪڙڪيو. پره ڦٽيءَ کان وٺي سج لٿي تائين جنگ جاري رهي، پر ان جو ڪوبہ فيصلو ڪونہ ٿيو[30].

تيون ڏينهن (8 رمضان 93 هه):

ٽئين ڏينهن جو جوڌو جهين هو، جو پنهنجي بهادري ۽ تلوار بازي جي فن ۾ مشهور هو. هن پنهنجي فوج سان عربن تي حملو ڪيو ۽ گهڻي سورهيائي ڏيکاري، پر آخر ۾ مارجي ويو ۽ سندس فوج ڇڙوڇڙ ٿي ويئي[31].

چوٿون ڏينهن (9 رمضان 93 هه):

چوٿين ڏينهن راجا ڏاهر پاڻ جنگ جي ميدان ۾ آيو. ڪيس زره پيل هئي ۽ هُو اڇي رنگ جي هاٿيءَ تي چڙهيل هو. پالڪي ۾ ساڻس ٻه سهڻيون ڇوڪريون ويٺل هيون. جنهن مان هڪ ڪيس تير ڏيئي رهي هئي ته ٻي وري ڪيس سوپاريون ڪٽي ڏيئي رهي هئي[32]. ڇچ نامي ۾ جيڪي انگ اکر ڏنا ويا آهن، انهن مان ظاهر آهي ته راجا ڏاهر جي فوجن جو تعداد هن ريت هو: پنج هزار سوار، سٺ هاٿي ۽ ويهه هزار پياده فوجون. اهو بيان وڌاءَ تي مبني آهي. ڇاڪاڻ ته راجا ڏاهر عربن سان وڙهڻ لاءِ پوريون فوجون جمع نه ڪري سگهيو. اهو انهيءَ ڪري به هو جو سندس رعيت جو نوي سيڪڙو ماڻهو ٻڌ مذهب جا ماڻهو هئا، جي جنگ ۽ خونريزي جي بلڪل خلاف هئا. ازانسواءِ سنڌي فوج ۾ بدنظمي ۽ انتشار به ڦهليل هو، جنهن سبب انهن ۾ ٻڌي ڪانه هئي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي فوج کي نهايت ئي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا ۽ گهڻو ڪري سڄي ساري تباه ڪئي ويئي.

محمد بن قاسم پڻ پنهنجي فوج کي ورهائي، ٻه جرنيل مبرز بن ثابت ۽ اويس بن قيس کي ڇهه ڇهه هزار سپاهي ڏيئي اڳواٽ مقابلي لاءِ ڏياري موڪليو. هن عطا بن ملڪ القيسي ۽ ذڪوان بن علوان البڪري کي انهن جي پٺيان ايتري ئي فوج سان انهيءَ لاءِ موڪليو ته جيئن ڏکئي وقت ۾ انهن جي مدد ڪري سگهي. انهيءَ ڪاٿي موجب محمد بن قاسم جي فقط مقدمة الجيش واري فوج جو تعداد 18 هزار هو. ان ڪري سڄي فوج جنهن ۾ اڃا چار حصا بيا پڻ هئا، جي تعداد جي حساب جو تخمينو ڪرڻ آسان ٿي پيو آهي. قلب يعني ته فوج جي وچ واري حصي جي ڪمان محمد بن قاسم پنهنجي هٿ ۾ رکي ۽ مبرز بن ثابت کي صلاح خاطر پاڻ وٽ رکيو. راجا ڏاهر پڻ پنهنجي فوج کي ٽن حصن ۾ ورهايو ته جيئن عربن سان جنگ جوٽي سگهي. پر سندس اها اسڪيم ڪامياب نه ويئي. ڇاڪاڻ ته سنڌي فوجون عربن جي طريقه جنگ

ڪان واقف نہ هئڻ ڪري، انهن سان پڇي نہ سگهيون. بهرحال راجا ڏاهر ساڄي هٿ تي ارجن جي پٽ اپي، وڏي ڪنور ۽ پنهنجي سوٽ جئبين کي مقرر ڪيو ۽ کٻي پاسي تي بشر بن ڊول، گهہ بن بشر، ڌهرسين بن ڏاهر، جهونو ۽ مشبد، پيلن ۽ جتن جي سردارن کي مقرر ڪيو ۽ مرڪزي فوج جي ڪمان پنهنجي هٿ ۾ رکي، جنهن سان هُن سيني ڪان اڳ پاڻ حملو ڪيو. اهو جلهہ اهڙو تہ خطرناڪ ثابت ٿيو جو مبرز جي سڄي فوج تباه ٿي ويئي ۽ پاڻ بہ مارجي ويو. سڄي ڏينهن جي جنگ ڪان پوءِ زات جو ٻئي فوجون جدا ٿيون. عربن جو ڳرو نقصان انهيءَ ڪري ٿيو جو راجا ڏاهر جي هاٿين عرب فوج ۾ افراتفري جي حالت پيدا ڪري ڇڏي ۽ ماڻهو چيپندا قتل ڪندا ويا[33]. هاٿين جي سونڊن ۾ تلوارون ٻڌل هيون، جنهن سان هن ڪيترائي عرب ڪيرائي وڌا ۽ ٻين کي پٺڻ تي مجبور ڪري وڌائون ۽ جيڪي پڳا ٿي، انهن کي وري تير اندازن تيرن سان ڊاهي ٿي وڌو. هڪ ٻئي جرنيل حسن بن محبت جو انهيءَ جنگ ۾ اڱونو وڍجي ويو ۽ سندس فوجي جٿو پڻ مارجي ويو.

پنجون ڏينهن:

جنگ جو پنجون ڏينهن خطرناڪ يڌ سان شروع ٿيو. جنهن ۾ ٻنهي فوجن وس ڪان ڪين گهٽايو. حجاج جي حڪم موجب محمد بن قاسم مهڙ واري فوج (مقدمة الجيش) تي نو سو تير انداز بيهاري ڇڏيا تہ جيئن هاٿين کي ڊيڇاريو وڃي[34]. عربن انهيءَ وقت يونانين ڪان هڪ نئين قسم جي جنگ جو طريقو معلوم ڪري ورتو هو، جنهن ۾ نفط ۽ بارود جو استعمال شامل آهي. نفط سان وڇڙندڙ باهہ لڳائي سگهبي هئي ۽ بارود جي رستي قلعي کي بنياد ڪان اڏايو ويندو هو. روغن نفط جي وسيلي هاٿين جي پالڪين ۾ باهہ لڳائي سگهبي هئي ۽ اهو هٿيار پوءِ ايڏو تہ طاقتور ذريعو ثابت ٿيو جو ان سان شهر ۾ جاين ۽ محلاتن کي بہ باهہ سان ساڙيو ويندو هو. اڳ ۾ عربن وٽ اهي هٿيار ڪونہ هئا. چاڪاڻ تہ قادسيہ واري جنگ ۾ عربن هاٿين کي ڊيڇارڻ خاطر انن کي ڳاڙهو لباس پهرائي بيهاريو هو، پر اهو ايتري قدر ڪامياب نہ ويو. ايرانين کي پنهنجيون غلطيون ڪين سامهون آيون.

راوڙ جي جنگ جي شروعات ٻنهي فوجن جي مهڙ وارن جٿن جي وچ ۾ چڪري لڳڻ سان ٿي. جنهن ۾ هندن جي فوج شڪست کاڌي ۽ انهن جو ڳچ

حصو ناس ٿي ويو. اهو ڏسي راجا ڏاهر پاڻ جنگ جي ميدان ۾ گهڙي آيو ته جيئن سنڌين جي ڪريل همت کي ڏڍ ملي. پر دغا ۽ سازش سبب سندس سڀ ڪوششون ناڪام ويون. چاڪاڻ ته مددي فوج جا سيئي جٿا جنگ جو ميدان ڇڏي وڃي عربن سان شامل ٿيا. جت قوم جي دستن ته اٽلو راجا ڏاهر جي فوج جي پنيان وڃي انهن کي قتل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. انهن گهٽتائين هوندي به راجا ڏاهر نهايت بي جگري سان جنگ ڪندو رهيو ۽ دشمن جي فوج جي وچ ۾ پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکارڻ لڳو. چچ نامي جي ليکڪ جو چوڻ آهي ته راجا ڏاهر وٽ تلوارن جو نهيل هڪ چڪرو هٿ ۾ هو ۽ اهو چڪرو هن سوار ڏانهن به ٿي اڇلايو ته پيادي ڏانهن به. ان ۾ اهڙي ته اٽڪل رکيل هئي، جو جيڪو به ويجهو ٿي ويو، اهو واپس نه ٿي موٽيو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي جرئت نه ٿي ٿي ته راجا ڏاهر جي ويجهو وڃي. انهيءَ وچ ۾ راجا ڏاهر جي چار سو چونڊيل بهادرن اهڙو ته ونئي حملو ڪيو، جو عربن جي فوج کي چيري وڃي محمد بن قاسم جي ويجهو پيا ۽ دشمن فوج پچڻ شروع ڪري ڏنو. ان وقت شجاع حبشي (شيدي) جو تلوار بازي جي فن ۾ مشهور هو، تنهن تڪڙ ڪري راجا ڏاهر ڏانهن گهوڙو ڊوڙايو ۽ وڃي هاٿي جي ويجهو ٿيو. راجا ڏاهر تير ڪمان هٿ ۾ ڪنيو ۽ چست ٿي شجاع تي تير جو اهڙو ته وار ڪيو جو سندس ڪنڌ نڙيءَ وٽان ڪٽجي وڃي ڊوڙ ۾ ڪريو. راجا ڏاهر جو سندس ساٿين جي حملي ۽ عرب فوج ۾ ياچ سبب افراتفري جي حالت پيدا ٿي ويئي. محمد بن قاسم پاڻ به توائي ٿي پيو ۽ خشڪي سبب وٽي رڙيون ڪيائين ته "اطمعني الماءَ" ته مون کي پاڻي ڪارايو[35]. ڪيس چوڻ ڪپندو هو ته پاڻي پيياريو.

راجا ڏاهر لاءِ ٻڌايل آهي ته هُن غير معمولي بهادري سان جنگ ڪئي ۽ جيڪي به اڳيان آيس ٿي، ان کي تباهه ڪندو ويو. عرب، سنڌين جي ڪيل حملي کي سڌي طرح پچي نه سگهيا، ان ڪري اٽڪل کان ڪم وٺڻ شروع ڪيائون. نفط تير اندازن کي حڪم ڏنو ويو ته اهي روغن نفط ۾ ٻڏل ۽ باهه لڳل تير هاتين ڏانهن اڇلائين. ائين ڪرڻ ڪري هاتين مٿان پيل سنج ۽ پالڪين کي باهه لڳي ويئي. راجا ڏاهر واري سفيد هاتي کي پيل پالڪي کي به باهه ورائي ويئي ۽ هاتي جي ڪل کي تو لڳڻ سبب اهو جانور درياءَ ڏانهن وٺي پڳو، جتي عربن جي فوج جو مرڪز هو. عرب تير اندازن جا ڪي تير به راجا

ڏاهر کي ڇيي ويا ۽ انهن مان هڪ تہ بلڪل ڇاتيءَ ۾ دل وٽ اچي لڳس. ان هوندي بہ هُو جنگ ڪندو رهيو. سندس هاٿي درياءَ جي پاٽيءَ ۾ ويهي رهيو. اهو ڏسي عرب سوارن جي هڪ جٿي اڪيلي ڏاهر تي حملو ڪري ڏنو ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائون. جيئن تہ گوڙ گهڻو هو، ان ڪري اهو ثابت نہ ٿي سگهيو تہ ڪنهن راجا ڏاهر کي قتل ڪيو. پر سندس منڍي گپ مان هڪ شمنيءَ سڃاڻي ڪڍي، ڇاڪاڻ تہ ان مان راجا ڏاهر جي استعمال ڪيل عطر جي خوشبوءِ اچي رهي هئي[36]. هندو فوج کي جڏهن راجا ڏاهر جي موت جي خبر پيئي، تڏهن ميدان ڇڏي وٺي ڀڳا ۽ عرب نهايت اطمينان سان سندن سسيون ڪپيندا ويا.

راوڙ جي جنگ ۾ عربن زيادتي کان بہ ڪم ورتو ۽ انهن سڀني قيدين کي قتل ڪري ڇڏيو، جيڪي جنگ هلندي قيد ڪيا ويا هئا. عربن جو اهو قدم ان وقت جي مڃيل بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي هئي. فقط ٿورڙن ماڻهن کي امان ڏني ويئي، جنهن ۾ گهڻو ڪري ٻڌ شمني (پوڄاري طبقو) ۽ زالون هيون، پر انهن کي بہ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو. راوڙ جي جنگ اسلامي تاريخ جي فيصلہ ڪُن جنگ تصور ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جنگ ۾ عربن کي هڪ نهايت ئي عظيم سوڀ حاصل ٿي. انهيءَ سوڀ جا اثرات تمام گهڻا ۽ وسيع ثابت ٿيا. ڇاڪاڻ تہ سڄي سنڌو ماٿريءَ تي ان کان پوءِ عربن جو آساني سان قبضو ٿي ويو. ڦرلٽ جو تمام گهڻو مال عربن جي هٿ آيو، جنهن جو پنجون حصو (خُمس) ڪوفہ ڏانهن، ڪعب بن مخارق الراسي جي ڪمان ۾ موڪليو ويو. راجا ڏاهر جو سر ٻين هندو راجائن جي سرن سان گڏ، جن عربن خلاف جنگ ڪئي هئي. سارم ابن ابي سارم جي هٿان حجاج بن يوسف ڏانهن ڪوفي موڪليو ويو. اهي هندو راجا ۽ راڻا سنڌ جي مختلف حصن تي راجا ڏاهر پاران حڪومت ڪندا هئا ۽ انهن راوڙ جي جنگ ۾ عظيم الشان بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو هو.

راوڙ جي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڏاهر جو پٽ جئسين (جئسيہ) راوڙ جي قلعي ۾ پهچي ويو ۽ اتان پوءِ برهمڻ آباد ۾ وڃي ويٺو ۽ عربن جو انتظار ڪرڻ لڳو. سندن غير حاضريءَ ۾ مايين، راجا ڏاهر جي راڻي، جنهن کي ڇڇ نامي راجا جي ڀيڻ ٻڌايو آهي، تنهن قلعي کي بچائڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي جنگ ڪئي هئي، پر عربن جي وڌندڙ طاقت اڳيان ڪجهہ بہ نہ ڪري

سگهي. جڏهن ڏٺائين تہ عربن سان پڄڻ جي پيٽي ناهي، تڏهن رهيل کهيل سپاهين کي حملي ۾ نوڪرن چاڪرن کي چڪيا ناهڻ جو حڪم ڏنائين. سپاهين پاڻ کي راڻي تان قربان ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن عربن جون فوجون قلعي ۾ داخل ٿيون، تڏهن راڻي، پنهنجي ٻانهين ۽ راجا جي ٻين زالن سان گڏ باهہ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ساڙي ڇڏيو[37]. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ راوڙ جي قلعي کي عربن بنياد ۾ بارود وجهي اڏايو هو ۽ راڻيءَ اهو ڏسي، پاڻ کي ڳٺون ڪائيندڙ عربن کان بچائڻ لاءِ چڪيا تي ساڙڻ مناسب سمجهيو. راجا ڏاهر جي فقط هڪ سريت راڻي لاڏي، محمد بن قاسم جي هٿ آئي ۽ ان کي آزاد ڪري محمد بن قاسم ساڻس نڪاح ڪيو. اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ راوڙ جي قلعي هٿ ڪرڻ کان پوءِ خزانو، هٿيار، ملڪيتون ۽ زيورات عربن جي هٿ آيا. عربن راوڙ جي قلعي مان ٽيهہ هزار ماڻهو هٿ ڪري انهن کي غلام بنايو، جن ۾ ٽيهہ ڇوڪريون، سنڌ جي مشهور راجائن جون ڌيون هيون. انهن ٻانهين ۾ هڪ ٻانهي راجا ڏاهر جي ڀائٽي هئي ۽ سندس نالو حسنہ ٻڌايو ويو آهي جو شايد سنڌي لفظ جو فارسي ترجمو آهي. حسنہ جي سونهن لاجواب هئي ۽ ان سان گڏ سندس ڳالهائڻ جو طور طريقو بہ اهڙو وڻندڙ هو جو جڏهن کيس خليفي جي اڳيان پيش ڪيو ويو تہ ان کي ڏندين آڱريون پئجي ويون[38].

جڏهن ڏاهر قتل ٿيو، تڏهن سندس پٽ جئسين برهمڻ آباد جي قلعي ۾ وڃي پناهہ ورتي ۽ جنگ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو. هُن سنڌ ۽ هند (ڀارت) جي راجائن کي خط لکيا ۽ ماڻهو موڪليا. پر ڪنهن بہ کيس مدد ڪانہ ملي تہ جيئن هُو پنهنجي وطن کي ٻاهرين حملا آورن جي خلاف بچائي سگهي. هڪ خط هن پنهنجي ڀاءُ گوپيءَ کي لکيو جو اروڙ جي شهر جو حاڪم هو. ٻيو خط پنهنجي سوٽ چچ کي لکيائين، جو ڌهرسين جو پٽ هو ۽ ڀائيہ واري علائقي جو گورنر هو. ٽيون خط ڏاول پٽ چندر کي لکيائين، جو سندس سوٽ هو ۽ ٻڌيہ (جهالاوان) ۽ قيقانان (قلات) جو حاڪم هو. مطلب تہ پنهنجن پراون سڀني کي هن قومي ڪم لاءِ چيائين، پر ڪنهن بہ ڪو قاصد ڪامياب ڪونہ ٿي آيو. البت انجام گهٽا ٿي ڪيا ويا. آخر هُن اڪيلي سر مقابلي ڪرڻ جون تياريون ڪيون ۽ اهي سڀ اپاءَ ورتا، جيڪي هڪ طاقتور دشمن سان وڙهڻ لاءِ ضروري هئا.

## برهمڻ آباد جي فتح:

راوڙ جي معاملن کي نبيرڻ کان پوءِ، محمد بن قاسم برهمڻ آباد جو رخ رکيو، جو ان وقت سنڌ جي اونهاري واري موسم جو تختگاهه هو. ڏاهر جو پٽ ڄئسين برهمڻ آباد ۾ موجود هو. کيس ڪٿان به مدد جو آسرو نه مليو، ڇاڪاڻ ته هندو راجائون پاڻ ۾ وڙهيو وينا هئا ۽ بيو ته حسد ۽ ساڙ سبب انهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ تعصب هو. اهوئي سبب آهي جو هو گڏيل محاذ ناهي عربن سان وڙهي نه سگهيا. وٽس نهايت محدود ۽ گهٽ فوج هئي. هندو فوج جو وڏو حصو تباهه ٿي چڪو هو. ان ڪري ڄئسين قلعو بند ڪري جنگ ڪرڻ مناسب ڄاتو. محمد بن قاسم انهيءَ وچ ۾ برهمڻ آباد ڏانهن ايندي به قلعا دهليله ۽ ٻهرور فتح ڪيا. ٻهرور جي قلعي ۾ ڳاٽيٽي جيترن مٿيرن عربن جو اهڙو ته مقابلو ڪيو جو ڪين قلعي فتح ڪرڻ ۾ پورا ٻه مهينا لڳا. آخر ۾ انهيءَ قلعي کي بنيادن کان اڏايو ويو ۽ اتي جي رهاڪن کي تلوار جو ڪاڄ بنايو ويو. دهليله جي قلعي ۾ به عربن کي ٻه مهينا لڳا ۽ اهو به اهڙي طرح بارود سان اڏايو ويو. اٿاهه ڦرلٽ جو مال عربن کي هٿ آيو، جن مان پنجون حصو (خُمس) مرڪزي خزاني لاءِ عراق موڪليو ويو.

محمد بن قاسم جُلوالي (ڄراري) اُڪري اچي برهمڻ آباد جي سامهون خيما کوڙيا. اهو سن94 هه / 713ع جي رجب جو مهينو هو. عربن جي فوج منجنيق رستي شهر جي قلعي تي پٿر اڇلايا، پر اهو ايڏو ته مضبوط هو جو عربن جون مشينون به ان کي ڪو نقصان نه رسائي سگهيون. هندو فوج روزانو قلعي کان ٻاهر نڪري عربن سان جنگ ڪندي رهندي هئي. اهو سلسلو ڇهه مهينا جاري رهيو، جنهن ٻنهي ڌرين کي ڪڪ ڪري وڌو. عربن کي رسد جي سامان جي تنگي ٿي پئي ۽ قلعي جي اندر سازش شروع ٿي ويئي. موڪه بن وسايو، اندران ئي اندران عربن سان مليل هو ۽ هُن ڄئسين جي غير حاضري ۾ هڪ رات قلعو حملي آورن جي حوالي ڪيو. ڄئسين انهيءَ رات رسد جو سامان هٿ ڪرڻ ۽ عربن جي رسد وارن رستن کي بند ڪرڻ خاطر قلعي کان ٻاهر نڪري ويو هو. عربن دغا سان اهو قلعو هٿ ڪيو ۽ اتي جي پهريدار فوج جو قتلام ڪرايو[39]. ٻڌ شمني (برهمڻن) ۽ واپارين کي امان ڏني ويئي، پر انهن کان به جزيه وصول ڪيو ويو. البلاذري جو چوڻ آهي ته برهمڻ آباد جي قلعي ۾

اٺ هزار سنڌي قتل ڪيا ويا. چچ نامي ۾ وري بي طرح ٻڌايل آهي تہ برهمڻ آباد جو قلعو راجا ڏاهر جي سريت (راڻي) لاڏي جي معرفت هٿ ڪيو ويو، جا عربن سان ملي ويئي هئي. لاڏي راوڙ جي جنگ کان پوءِ برهمڻ آباد پهتي ۽ ڄئسين جي غير حاضري ۾ هُن قلعي جا دروازا کولرائي ڇڏيا[40]. انهيءَ ساڳئي ماخذ مان واضح آهي تہ عربن برهمڻ آباد جي شهر ۾ سورنهن هزار سنڌي تلوار جو کاڄ بنايا ۽ شهر کي باهہ ڏئي، ان جو وڏو حصو تباهہ ڪري ڇڏيو. شهزادو ڄئسين جو برهمڻ آباد جي آس پاس ڪئمپ لڳايو ويٺو هو، سو پنهنجي بچيل فوج سميت چتور ڏانهن قنوج ۽ اجمير جي راجائن کان مدد حاصل ڪرڻ جي خيال سان روانو ٿي ويو.

برهمڻ آباد ۾ جيڪي بچيا، انهن سان عربن عهدنامو ڪيو. جنهن موجب محمد بن قاسم انهن کي ذمي جو درجو ڏنو، جو هن کان اڳ ٻين ملڪن ۾ عرب فاتحن يهودين، ڪرستانن ۽ باهہ جي پوڄارين کي ڏنو هو. ان کان پوءِ محمد هرهڪ طبقي جي ماڻهن لاءِ ٽئڪس مقرر ڪيو، پر انهن کي جزيہ ڏيڻ معاف ڪيو ويو، جن "سچو دين" قبوليو. برهمڻ آباد جي ماڻهن جو ڳاڻيٽو ڪيو ويو ۽ هر پيشي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ان ۾ شامل ڪيا ويا. ڪُل تعداد ڏهہ هزار ٿيو، جي جنگ مان بچي نڪتا هئا ۽ غلام نہ بنايا ويا هئا. هرهڪ ماڻهوءَ تي چاندي جا ٻارنهن درهم جزيہ مقرر ڪيو ويو ۽ جن ڏيڻ کان انڪار ڪيو يا نہ ڏيئي سگهيا، انهن کي غلامي ۾ جڪڙيو ويو. هُن اتي جا ٽي ماڻهو جزيہ گڏ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا تہ جيئن ماڻهن ۾ بچاءَ يا هڪ ٻئي جي مدد جي پڪ ٿي سگهي. برهمڻ، شمني يا مذهبي اڳواڻن کي سندن اصلوڪي درجن تي آندو ويو، پر انهن جي اختيارين ۾ ڦير گهير آندي ويئي. جيئن تہ انهن جو ماڻهن تي اثر هو، ان ڪري جزيہ جي وصولي لاءِ بہ انهن کي ئي ذميوار بنايو ويو. ٽئڪس جي وصولي مان ڪين ٽن کان پنج في صد تائين ڪميشن (چوٽ) پڻ ڏني ويئي تہ جيئن هُو خوش رهن. اهو انهيءَ ڪري بہ هو جو انهن مذهبي اڳواڻن پنهنجي راجائن سان دغا ڪري عربن جو طرف ورتو هو. چچ نامي جو بيان آهي تہ محصول جي اوڳاڙي، انهن ماڻهن کي ورثي ۾ ڏني ويئي هئي. يعني پيءُ مري تہ پٽ يا پاءُ. اها نہ تہ انهيءَ خاندان مان واپس ورتي ويئي ۽ نہ اها ڪنهن ٻئي کي بدلائي ڏني ٿي ويئي. انهن کي اهو بہ اختيار هو تہ

وڏن نوابن، رئيسن ۽ مکين لاءِ الائونس مقرر ڪن، جن ڏاهر جي خلاف عربن جي مدد ڪئي هئي. عربن جيڪي ڪامورا شهرن ۾ ڍوڻن جي انتظام لاءِ مقرر ڪيا هئا، انهن جو پگهار بہ شمني يا برهمڻ ڏيندا هئا. برهمڻ آباد جي آس پاس جت، سما، لاکا ۽ لوهاڻا قومن تي جيڪي بندشون هندو راجائن مڙهيون هيون، اهي ساڳيون محمد بن قاسم برقرار رکيون[41].

محمد بن قاسم، وداع بن حامد نجدي کي برهمڻ آباد جو گورنر مقرر ڪيو ۽ کيس مدد ڏيڻ لاءِ اوور، سيئر ۽ گماشتا پڻ مقرر ڪيا، تہ جيئن انتظام ۾ رخنو نہ پوي. پر پيسي ڏوڪڙ جي وار ڦير مقامي صرافن جي هٿ ۾ ڇڏيائين جن کي خاص سندون مليل هيون. راوڙ جي قلعي تي نوبہ بن درس ۽ دهليلہ تي حنذلہ بن اخي نباتہ الڪلابي کي مقرر ڪيو. البلاذري اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ برهمڻ آباد جو قلعو بزور شمشير فتح ڪيو ويو ۽ حفاظتي فوج کي قتل ڪيو ويو[42].

برهمڻ آباد ۾ انتظامي ڪاروائين مڪمل ڪرڻ کان پوءِ محمد، ساوندي جو رخ رکيو ۽ منهل نالي ڳوٺ جي پرسان ڏاهو ڪيو. اتي هڪ نهايت سهڻي ڍنڍ ۽ ان جي چوطرف وڻندڙ چراگاهہ هئا، جن کي وڪر وهار سڏيو تي ويو. فاتح اتي انهيءَ ڪري پنهنجي ڪئمپ لڳائي هئي جو برهمڻ آباد واري جنگ سندس لشڪر کي تڪائي وڌو هو ۽ گاهہ داڻي جي گهٽتائي سبب گهوڙن کي بہ پورو گاهہ ملي نہ سگهيو هو. انهيءَ ايراضيءَ جا رهاڪو جت هئا، جي گهڻو ڪري هاري طبقي جا هئا. جڏهن انهن عربن جي اچڻ جو ٻڌو، تڏهن سندن استقبال خاطر دهل، شرنايون ۽ گهنڊ وڄائي نچڻ لڳا. محمد بن قاسم ڪانئن خوشي ٿي مٿن خريم بن عمر کي گورنر مقرر ڪيو. اروڙ ڏانهن ويندي محمد بن قاسم، لهاڻا ۽ سهتا قبيلن جي ايراضين مان گذريو، جن پڻ ساڳي ريت سندس استقبال ڪيو ۽ فاتح کي ملڻ خاطر مٿي ۽ پيرين اگهاڙو اچي گڏ ٿيا ۽ ڪانئس رحم جي درخواست ڪرڻ لڳا[43]. محمد بن قاسم کين حفاظت جو انجام ڪيو ۽ ڪانئن ڏن بہ ورتو تہ يرغمال بہ ورتو. انهن ماڻهن کيس رستي جا سونها بہ ڏنا تہ جيئن کيس اروڙ ڏانهن وڃڻ ۾ تڪليف، نہ رسي.

## اروڙ جي فتح:

اروڙ جو شهر سنڌ جي گادي هئي، اهو نهايت ئي سهڻو ۽ شاهوڪار شهر هو. اهو شهر هڪ ٽڪر تي سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ٻڌل هو. شهر جو گورنر راجا ڏاهر جو پٽ گوپي هو. جنهن عربن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تياريون ڪيون، پر اندروني سازش سبب سندن سڀ ڪوششون ناڪام ويون. علائقي خاندان جو هڪ عرب جو ان وقت اروڙ ۾ هو، تنهن ڇا ڪيو جو هُن پنهنجي عرب ياڻرن کي سچي حقيقت کان واقف ڪري ڇڏيو. اها حقيقت هُن هڪ خط ۾ لکي. تير رستي اهو خط عرب ڪئمپ ۾ اچلايو[44]. عوام ۾ بہ اها پروپيگنڊا ڪئي ويئي تہ عربن سان پڄڻ محال آهي، ان ڪري بهتر طريقو اهو آهي تہ ساڻن صلح ڪيو وڃي. شهر جي ماڻهن، جن جو گهڻو تعداد ٻڌ مذهب جو هو ۽ اهي هندن جي راڄ مان اڳيئي بيزار هئا، تن پنهنجا نمائندا محمد بن قاسم ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ شهر بنا ڪنهن جنگ جي عربن جي حوالي ڪيو ويو. ماڻهن مقرر ڪيل ڏن ڏيڻ قبول ڪيو ۽ گوپيءَ جي راڄ کان بيزاري ڏيکاري. شهزادو گوپي شهر ڇڏي نزوالا سندل نالي ايراضي ڏانهن اروڙ شهر لاءِ رسد جو سامان گڏ ڪرڻ ويو هو. ان جڏهن اها حقيقت ٻڌي، تڏهن ڀاڻس وانگر چتور جو رخ رکيائين ۽ اتي وڃي جئسين سان گڏيو. محمد بن قاسم، رواح بن اسد[45] کي اروڙ جو گورنر مقرر ڪيو ۽ انصاف جو ادارو موسيٰ بن يعقوب ثقفي جي حوالي ڪيائين. جو نہ فقط شهر جو قاضي ٿيو، پر سڄي اتر سنڌ لاءِ هُن کي قاضي القضاة جو عهدو ڏنو ويو.

اروڙ کان پوءِ محمد بن قاسم، ڀاٽيہ شهر تي حملو ڪيو، جو بياس ندي جي ڪنڌيءَ تي ڏکڻ پنجاب جو هڪ اهم قلعو ۽ شهر هو. انهيءَ شهر جو حاڪم ڪاڪسه پٽ چندر هو، جو راجا ڏاهر جو ڀائٽيو هو. هُن راوڙ جي جنگ ۾ بہ حصو ورتو هو، ان ڪري عربن جي فوجي طاقت کان بخوبي واقف هو. هُن دور انديشي کان ڪم وٺي آڻ مڃي ۽ مقرر ڪيل جزيہ ڏيڻ قبول ڪيو. ان کان پوءِ ملتان ڏانهن ويندي محمد بن قاسم اسڪلنده ۽ سڪه شهرن کان ٿيندو ويو. راجا ڪڪسه، عربن جي ڏکڻ پنجاب ۾ واڌ ۾ تمام گهڻي مدد ڏني. اسڪلنده جي راجا عربن سان ست ڏينهن مقابلو ڪاڏو، پر نيٺ

شڪست کاڌائين ۽ سندس قلعو بارود رستي ڍاٺو ويو. سڪه ۾ تہ عربن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. ڇاڪاڻ تہ سترهن ڏينهن جي گهيري هلندي محمد بن قاسم پنهنجا بهترين دوست ۽ جرنيل ضايع ڪيا. ان تي هُن ڪاوڙجي قسم کنيو تہ کنهن کي بہ ڪونہ ڇڏيندس ۽ ڪيائين بہ ائين. قلعي فتح ڪرڻ کان پوءِ سڄو شهر ناس ڪيو ويو ۽ ماڻهن ۾ قتلام ڪرايو ويو. ڪوبہ ماڻهو زنده نہ ڇڏيو ويو ۽ زالون ۽ ٻار غلاميءَ ۾ جڪڙيا ويا. قلعي جي حاڪم راجا بجهراءِ ڀڄي وڃي ملتان ۾ پناه ورتي ۽ اتي جي راجا کي عربن خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ همٿايو.[46]

## ملتان تي قبضو:

ملتان جي راجا ڪندا ڀهرين عربن سان کليل ميدان ۾ جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪيون، پر پوءِ ڪيس قلعو بند ڪري جنگ ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ ان لاءِ هُن ڪافي مال ۽ رسد جو سامان گڏ ڪيو هو. ملتان جو گهيرو بہ مهينا هليو ۽ انهيءَ دوران عربن قلعي تي منجنيق، دبابہ، نفطہ ۽ اسٽين گيس (بارودي گيس) سان حملا ڪيا. پر ورڻو ڪجهہ بہ نہ. ڇاڪاڻ تہ قلعو نهايت ئي مضبوط هو ۽ ان کي ٿي ديوارون هيون. عربن جي رسد جو سامان ۽ کاڌو پڻ ختم ٿي ويو. ايتري قدر جو اهي گڏهہ جو گوشت کائڻ لڳا. کاڌي جي سامان جي ايڏي تہ کوٽ هئي، جو هڪ گڏهہ جي مُنڍي پنج سو درهمن ۾ ٿي وڪاڻي.[47] اهڙي حالت ۾ وري بہ سازش پنهنجو ڪم ڪري ورتو. هڪ ماڻهو قلعي مان ٻاهر نڪري آيو ۽ هُن محمد بن قاسم کي اهو لنگهہ ٻڌايو، جتان شهر کي پاڻي ملندو هو. عربن اهو لنگهہ بند ڪري ڇڏيو، جنهن سبب ماڻهو اڃ سهي نہ سگهيا ۽ شهر فاتحن جي حوالي ڪيائون. هيءَ بلاذري جو بيان آهي. چچ نامي ۾ وري هن ريت مذڪور آهي تہ عربن درياءَ جي ڪپ تي قلعي جي پٽ هيٺان بارود جي سرنگهہ وجهي قلعي کي اڏائي ڇڏيو ۽ شهر زبردستي فتح ڪيو. ملتان جي حفاظتي فوج جنهن جو تعداد ڇهہ هزار ٻڌايو ويو آهي، تن سڀني کي قتل ڪيو ويو ۽ انهن جي خاندان جي ماڻهن کي غلام بنايو ويو. جيئن تہ دغا جي رستي شهر تي قبضو ڪيو ويو هو، ان ڪري ڪمي، ڪڙمي، پيشہ ور، واپاري ۽ عوام جي ٻين ماڻهن کي امن ۾ رکيو ويو ۽ مٿن جزيو مڙهيو ويو. جيئن تہ ملتان جو شهر سخت تڪليف ۽ آزمائش کان پوءِ فتح ڪيو

ويو هو. ان ڪري ڦرلٽ جو مال سڄو سارو سپاهين ۾ ورهايو ويو. هرهڪ گهوڙي سوار کي چانديءَ جا چار سو درهم ڏنا ويا ۽ ان سان گڏ غنيمت جي مال ۾ پانهن مان بہ موزون حصو ڏنو ويو. ملتان ۾ عربن کي ملتان جي مندر مان سون جو هڪ نهايت ئي وڏو دفينو هٿ آيو ۽ اهو بت جي هيٺان پوريل هو. اها حقيقت هڪ پڌ شمني ٻڌائي. جڏهن کوٽيو ويو تہ چاليهہ لوٽا سون جا اتان هٿ آيا، جن ۾ تيرهن هزار بہ سؤ عربي مڻ هئا. محمد بن قاسم جي فوج مٿان ڪُل خرچ سٺ هزار درهم ٿيو. پر جيڪو ڦرلٽ جي مال مان حجاج کي حصو موڪليو ويو، ان جي قيمت هڪ سو ويهہ هزار درهم هئي. ملتان مان ايڏي مقدار ۾ سون ملڻ سبب اهو شهر "فرج بيت الذهب"[48] جي نالي سان مشهور ٿي ويو ۽ اهو نالو ٻارهين صدي هجري تائين مٿس قائم رهيو.

محمد، شهر جي معزز ماڻهن سان صلح جا شرط مقرر ڪيا ۽ هڪ مسجد نهرائڻ جو حڪم پڻ ڏنو. هُن بنو اميہ خاندان جو خطبو پڙهيو ۽ وليد بن عبدالملڪ جي نالي سان سڪا پڻ ضرب ڪري جاري ڪيا. هُن دائود بن نصر عوماني کي ملتان شهر جو گورنر مقرر ڪيو ۽ آس پاس جا علائقا عڪرمہ بن ريحان شامي جي قبضي ۾ ڏنا[49].

ملتان مان محمد بن قاسم ابو حڪم شيباني جي هٿ هيٺ ڏهن هزارن جي هڪ فوج اڏيپور ڏانهن اڳواٽ ڏياري موڪلي[50]. پاڻ اتر طرف وڌندو ويو، تان جو پنج مهيات نالي هڪ ماڳ وٽ پهتو ۽ اتي ڪشمير ۽ سنڌ جي وچ ۾ سرحدن کي مضبوط ڪيو ويو. محمد بن قاسم وٽ هاٿي ايڏي تہ فوج جمع ٿي چڪي هئي، جو هُن هندوستان جي اندر قنوج ۽ ٻين علائقن تي حملن جا سانباها شروع ڪري ڏنا. ٻڌايو ويو آهي تہ اڌ لک فوج محمد بن قاسم وٽ موجود هئي، پر حجاج جي بي وقتي موت سبب، عربن جي اڳرائي کي وڏو ڌڪ لڳو. ان هوندي بہ محمد بن قاسم اوپر ۽ ڏکڻ جي ملڪن ۾ خاص ڪاميابيون حاصل ڪيون. نيلما ۽ سرسوت تي پڻ قبضو ڪيو ويو. اهي علائقا جٽ ۽ ميد قوم جا ڳڙهہ هئا، جتان اهي سنڌ جي آباد ايراضين تي حملا ڪندا رهندا هئا. جنهن وقت سنڌ ۾ اهي واقعا ٿي رهيا هئا، ان وقت دمشق ۾ خليفو تبديل ٿي ويو هو. وليد بن عبدالملڪ سن96 هہ /17-716ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس جاءِ سندس ڀاءُ سليمان بن عبدالملڪ ورتي. خليفي سليمان، محمد بن قاسم

کي برطرف ڪري سندس جاءِ تي يزيد بن ابي ڪبشة سڪسڪي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ۽ کيس حڪم ڏنائين تہ محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري عراق موڪليو وڃي[51].

## محمد بن قاسم جي معزولي ۽ موت:

محمد بن قاسم کي برطرف ڪرڻ کان پوءِ کيس سندس پٽڪي ۾ ٻڌو ويو ۽ عراق ڏانهن روانو ڪيو ويو. اتي پهچڻ کان پوءِ کيس ڪوفي جي عامل، صالح بن عبدالرحمان واسط جي زندان ۾ قيد ڪرايو، اتي محمد بن قاسم کي بدني ۽ ذهني ايذاءَ ڏيئي، بک ۽ اڃ ۾ ماري ڇڏيو ويو. اهو انهيءَ ڪري جو صالح بن عبدالرحمان جو ڀاءُ آدم کي هن کان اڳ حجاج بن يوسف، خارجي هئڻ جي ڏوهہ ۾ قتل ڪرايو هو[52]. ان ڪري هُن ان جو بدلو ورتو.

چچ نامي ۾ بيان ڪيل قصو تہ محمد بن قاسم کي راجا ڏاهر جي شهزادين جي چغليءَ تي قتل ڪيو ويو هو، هڪ هٿ ناٺ داستان آهي، جنهن کي فتح نامي جي مصنف انهيءَ ڪري گهڙي ورتو آهي تہ، جيئن اهڙي وڏي فاتح جي غير انساني قتل تي ڪک وجهي سگهجن. ٻڌايو ويو آهي تہ برهمڻ آباد جي فتح کان پوءِ غلام ۽ ٻانهن جو هڪ جٿو جڏهن خليفي جي حضور ۾ حاضر ٿيو، تڏهن هو راجا ڏاهر جي شهزادين کي ڏسڻ سان هڪڙيءَ تي چڪن ٿي پيو ۽ هُن کي پنهنجي محلات ۾ ڏياري موڪليائين. انهيءَ ڇوڪري خليفي جي نيت کي خراب ڏسي انهيءَ اعزاز کان انڪار ڪيو ۽ کيس ٻڌايائين تہ محمد بن قاسم کيس اڳيئي ڪمائي چڪو آهي. ان ڪري هوءَ سندس لائق نہ آهي. خليفي جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن مس ۽ قلم گهرائي اوڏي مهل حڪم ڪيائين تہ محمد بن قاسم جتي بہ هجي، اتي کيس ڍڳي جي کل ۾ بند ڪري، تختگاهہ ڏانهن موڪليو وڃي. حڪم جي تعميل سبب محمد بن قاسم جو ساهہ ٻن ڏينهن کان پوءِ نڪري ويو ۽ اهڙي طرح هُو رنن جي مڪر جو شڪار ٿي ويو[53]. پر اهو غلط آهي.

محمد بن قاسم جي زوال جو اصلي سبب سندس حجاج سان مائٽي ۽ ابي عقيل خاندان مان هئڻ ڪري هو. سليمان بن عبدالملڪ جو وليد کان پوءِ دمشق ۾ اسلامي دنيا جو خليفو بڻيو، سياسي اختلاف سبب حجاج بن يوسف جو دشمن هو. حجاج، وليد بن عبدالملڪ خليفي جو مک صلاحڪار ۽ دوست

هو ۽ اهو هميشہ وليد کي اها صلاح ڏيندو رهيو تہ وراثت جي دستاويز کي منسوخ ڪري سليمان جو نالو ان مان ڪڍي ڇڏي ۽ پنهنجي پٽ عباس کي ڪانئس پوءِ خليفو مقرر ڪري. ڇاڪاڻ تہ عباس فوج ۾ بہ مقبول هو[54]. پيو تہ حجاج، مهلب بن ابي صفره ۽ سندس خاندان جو دشمن هو. حجاج مهلب جي ٽنهي پٽن يزيد، معاويہ ۽ حبيب کي سندن عهدن تان برطرف ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ تہ هنن خزاني جي پيسن سان هٿ چراند ڪري، عوامي پيسو خرد برد ڪيو هو. انهن ٽنهي ڀائرن کي حجاج قيد ڪري ڇڏيو. پر اهي اٽڪل ڪري اتان ڀڄي نڪتا ۽ سليمان وٽ پناهہ ورتائون. حجاج هنن جون ملڪيتون ضبط ڪري ۽ انهن کي سزا ڏيڻ خاطر ماڻهو موڪليا. پر سليمان وچ ۾ پيئي هنن جو طرف ورتو ۽ کين حجاج جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان سبب حجاج ڪيترن ئي موقعن تي سليمان بن عبدالملڪ کي ٽوڪيندو رهيو ۽ وليد جي دربار ۾ هڪ بہ دفعا شهزادي جي بي عزتي پڻ ڪئي هئي. حجاج ۽ سليمان جو اهو جهيڙو هلندو رهيو، تان جو حجاج گذاري ويو. پر سليمان قسم کنيو هو تہ هُو جڏهن خليفو ٿيندو تہ سندس خاندان مان انهيءَ ظلم جون ڪسرون ڪڍندو ۽ ٿيو بہ ائين. وليد جي موت کان پوءِ جڏهن سليمان اسلامي دنيا جو خليفو بنيو، تڏهن هُن طاقت ۾ اچڻ شرط پهرين حجاج جي قبر کوٽائي ۽ ان جا هڏا ڪڍي برسر عام باهہ ۾ ساڙايا. ان کان پوءِ هُن محمد بن قاسم کي برطرف ڪري ان جي جاءِ تي صالح بن عبدالرحمان کي انتظام ڏنو ويو. محمد بن قاسم کي برطرف ڪرڻ کان پوءِ گرفتار ڪري عراق موڪليو ويو، جتي سندس ڀانهن صالح بن عبدالرحمان جي حوالي ڪئي ويئي. حجاج جو ٻيو جرنيل قتيبہ بن مسلم کي بلخ ۾ قتل ڪرايو ويو ۽ اهڙيءَ طرح حجاج ۽ سندس پارٽي جي ماڻهن مان هرهڪ کان وير ورتو ويو. آل ابي عقيل مان باقي جيڪي بچيا، انهن کي يمن ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. يمن جي گورنر ڏانهن اهي هدايتون موڪليون ويون تہ هُو انهن جي اٿ ويهہ ۽ چر پر تي نظر رکندو رهي. اهو خاندان جنهن اوير جي ملڪن تي خليفي عبدالملڪ ۽ سندس پٽ وليد پهرين جي دور حڪومت ۾ بادشاهي ڪئي، تن جي نهايت ئي ذليل ڪن پڄاڙي ٿي. اهو بہ ياد ڏيارڻ ضروري آهي تہ محمد بن قاسم کي گرفتار ڪرڻ خاطر يزيد جو ڀاءُ معاويہ بن مهلب کي خاص طور ڏياري موڪليو ويو تہ هُو

اهو ڪم پنهنجي نظر داري ۾ ڪري[55]. محمد بن قاسم کي سندس پٽڪي سان ٻڌو ويو، ڪيس قيدي جي حالت ۾ واسط پهچايو ويو جو عراق ۾ آهي. اتي ابي عقيل خاندان جي ٻين فردن کي بہ نظر بند ڪيو ويو. حمزه بن بائض حنفي انهيءَ واقعي کي هن ريت قلمبند ڪيو آهي:

ان المـــروة والسماحـــة والنـــدي
لمحمـــد بـــن القاســـم بـــن محمـــد
ســاس الجيــوش لســبع عشــرة حجــه
ولداتـــه عـــن ذلک فـــي اشـــغال[56]

[بهادري، سخاوت ۽ مروت محمد بن قاسم بن محمد جو مرڪ هو. هن سترهن سالن جي عمر ۾ فوجن جي مهنداري ڪئي. انهيءَ عمر جا ماڻهو ان وقت اجا راند روند ۾ مشغول هوندا آهن]

محمد، پاڻ بہ پنهنجي افسوسناڪ پڇاڙيءَ تي هن ريت هنجون هاريون آهن:

اضـــاعوني واي فتـــي اضـــاعوا
ليـــوم ڪريهـــة وســـداد ثغـــر

[افسوس هنن مون کي ضايع ڪيو ۽ ڪهڙو نہ فاتح هنن وڃايو. اهڙو جيڪو ڪين ڏڪئي وقت ڪم اچي ها ۽ سرحدن جو دفاع ڪري ها].

## سندس ترت ڪاميابيءَ جا سبب:

محمد بن قاسم ثقفي جي تڪڙي ۽ اچرج ۾ وجهندڙ ڪاميابي جا ڪيترائي سبب بيان ڪيا ويا آهن. جنهن بلڪل ٿوري عرصي اندر سنڌو ماٿر جو گهڻو حصو فتح ڪري ورتو. سڀ کان اولين سبب مذهبي ٻڌايو ويو آهي. سنڌ جا ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌ مت جا هئا ۽ متانئن جيڪي راجا حڪومت ڪري رهيا هئا، اهي برهمڻ خاندان جا هئا ۽ هندو هئا. ٻيو تہ هندو راجائون قانوني طور ملڪ ۽ حڪومت جا مالڪ ڪونہ بنيا هئا. پر هنن نڳي ۽ دولاب کان ڪم ورتي، سنڌ جي موروثي راجائن کان حڪومت کسي هئي. برهمڻ خاندان جو باني چچ، اصل ۾ سنڌ جي ٻڌ راجائن جو وزير هو ۽ هُـن راءِ گهراڻي جي راجا راءِ سهاسي ٻئي جي زال راڻي سونهديوي سان ناجائز تعلقات رکي تخت تي قبضو ڪيو هو[57]. ان ڪري سنڌ جو عوام هندو راجا ڏاهر جي خلاف هو،

چاڪاڻ تہ راجا ڏاهر چچ جو پٽ هو. اهم ڳالهہ هيءَ بہ هئي تہ سنڌ جو عوام ٻڌ مذهب جو هئڻ جي ڪري جنگ، جهيڙي ۽ خونريزي جي خلاف هو. چاڪاڻ تہ ٻڌ مت ۾ ڪنهن بہ جاندار شيءِ کي مارڻ يا خونريزي ڪرڻ حرام آهي. چچ نامي ۾ ڏنل بيانن مان ظاهر آهي تہ نيرون ڪوٽ جي شمني ۽ عوام، محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ کان گهڻو اڳ حجاج بن يوسف سان صلح ڪيو هو ۽ ساليانی ڏن جي رقم پڻ ڏياري موڪلي هئي. تاريخ مان اهو بہ ثابت آهي تہ سنڌ جي عوام عربن جو مقابلو ڪونہ ڪيو هو ۽ عربن جي اچڻ ڪري پاڻ خوش ٿيا هئا. اهو انهيءَ ڪري بہ جو سنڌ جي هندو راجائن، سنڌ جي ٻڌ مذهب وارن قبيلن تي بندشون مڙهيون ۽ انهن جي تذليل ڪئي ويئي هئي. راوڙ جي جنگ کان پوءِ سنڌ ۾ معمولي مخالفت بہ ڪانہ ڪئي هئي، فقط قلعن ۾ هندو فوج مقابلو ڪاڏو. پر اهو غير موثر ثابت ٿيو. عربن بہ هندن سان ڪابہ رعايت نہ ڪئي. جتي بہ هندو مليا ٿي، اتي انهن کي قتل ڪيو ٿي ويو ۽ سندن گهر جي ماڻهن کي جنهن ۾ زالون ۽ ٻار اچي ٿي ويا غلام بنايو ويو. پر ٻڌ مذهب وارن سان رواداري کان ڪم ورتو ويو. اهو انهيءَ ڪري نہ تہ عربن کي انهن سان ڪا محبت هئي. پر فقط انهيءَ ڪري تہ هندن جو قتلام ڪرڻ خاطر سندن همدردي حاصل ڪري سگهجي. انهيءَ چال ۾ هُو گهڻي قدر ڪامياب ويا.

علافي عرب جن حجاج بن يوسف جي ظلم کان تنگ اچي سنڌ ۾ پناه ورتي هئي. ۽ راجا ڏاهر طرفان مهمانوازيءَ سان نوازيا ويا هئا. انهن پنهنجي ميزبان سان ذوکو ڪيو ۽ کين ڳري نقصان ۾ وجهي ڇڏيو. اهي پنهنجي عرب پائرن سان ناتو قائم رکندا آيا. جڏهن عرب سنڌ ۾ داخل ٿي چڪا، سڏهن اهي علافي کين هندن جي فوجي طاقت، سنڌ جي اهم مرڪزن. سنڌين جي جنگ جي نموني، سنڌ جي مختلف طبقن ۽ راجا ڏاهر جي فوجي چر پر بابت کين سچي خبرچار پهچائيندا رهيا[58]. سنڌ جا وڏا قبيلا ۽ طاقت جو سرچشمو سما، سهتا، چنا، لهاڻا، ميد ۽ جت قبيلا هئا. انهن کي نہ فقط گهٽ ذات جو تصور ڪيو ٿي ويو، پر ان سان گڏ مٿن سختيون پڻ ڪيون ويون. انهن قبيلن جي ماڻهن کي اها منع ٿيل هئي تہ اهي نہ پنهنجو مٿو ڍڪين ۽ نہ وري پيرن ۾ جوتا وجهن. مٿن اها بہ بندش هئي تہ ريشمي ڪپڙو نہ پائين. گهوڙي تي سواري نہ ڪن، ٽامي جا ٿانو ڪم نہ آڻين، پر نڪر جا ٿانو ڪم آڻي سگهن ٿا، ۽ جڏهن

به راجا جي درٻار ۾ وڃن يا گورنر جي سلام تي اسهن ته ڪتو پاڻ سان وٺي وڃن. ڪانئن ٻنيون پوکايون وينديون هيون، پر پيدائش جو وڏو حصو حڪومت ڪٽي ويندي هئي. اهڙي طرح انهن کان ڍور ڍڳا، مال برداري لاءِ اٺ، گهوڙا ۽ گڏهه، زبردستي وصول ڪيا ويندا هئا. جنهن سبب سنڌن حالت غلامن کان به ڪريل هئي. اهوئي سبب آهي جو هنن هندو حڪمرانن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ حملي آور عربن جو ساٿ ڏنو. پر جڏهن سنڌ فتح ٿي، تڏهن سنڌن حيرت جي حد نه رهي، جڏهن هنن ڏٺو ته عربن به مٿن ساڳيون بندشون مڙهيون، جيڪي راجائن طرفان مٿن عائد ٿيل هيون.[59] پاڻ وڌيڪ اهو به حڪم نامو جاري ڪيو ويو ته جيڪو به عرب ڪنهن قبيلي جي حدن اندر اچي ته، ان قبيلي جي ماڻهن جو فرض آهي ته سندس ٽن ڏينهن تائين مهماني ڪئي وڃي. نتيجو اهو نڪرندو هو جو عرب مهمان، سنڌي جي زال يا ڌيءَ به کڻي ويندو هو ۽ ان جو ڪو به داد فرياد ڪونه ٿيندو هو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي "موالي" جو درجو ڏنو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي زيردست. عرب، موالين کان شادي ڪرڻ خاطر زالون ته وٺندا هئا، پر پنهنجيون ڇوڪريون انهن کي ڪونه ڏيندا هئا. ملڪ سان غداريءَ جو انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو انعام ملي سگهي ٿو.

عربن جي سوڀ جو هڪ وڏو سبب هي به هو جو عربي فوجن کي رسد جي سامان جي لڳاتار مدد ملندي رهي. ان سان گڏوگڏ هٿيار، گهوڙا ۽ نوان فوجي جٿا به ايندا رهيا. ان ڪري سنڌن تعداد ۽ طاقت ۾ اضافو ٿيندو رهيو. هندو فوجون راوڙ جي شڪست کان پوءِ کليل ميدان ۾ جنگ ڪرڻ کان نٽائينديون رهيون. اهو انهيءَ ڪري جو عوام ۾ سندن لاءِ ڪا به محبت يا همدردي جو جذبو ڪونه رهيو. سنڌ جا جيڪي به شهر هئا، تن پنهنجا دروازا معمولي مقابلي کان پوءِ کولي ڇڏيا ۽ اهو انهيءَ ڪري جو مذهبي رهنمائن دغا ڪئي ۽ کاڌ خوراڪ جو سامان ختم ٿي ويو. راجا ڏاهر جو پٽ سنڌ ۾ فوجون گڏ ڪرڻ يا ٻاهران مددي فوجون هٿ ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويو، ڇاڪاڻ ته ماڻهن مان سندن لاءِ چاهه ختم ٿي ويو. هو راجپوتانا ۾ چتور ڳڙهه ۽ ٻين علائقن ۾ ويو. ايتري قدر جو ڪشمير تائين هن پنهنجون ڪوششون جاري رکيون، پر وريو ڪي ڪين. هو تيستائين جلاوطن رهيو، جيستائين محمد بن قاسم سنڌ ۾ هو ۽ جڏهن واپس موٽي آيو ته سنڌ جي ماڻهن ڪيس هٿن تي کنيو ۽ سندس

وڏي آجيان ڪئي، پر جيڪا ڳالهہ هئي اها ختم ٿي چڪي هئي. ان هوندي بہ هن فوجون گڏ ڪري پنهنجي پيءُ جي ملڪ جو ڪجھ حصو فتح ڪري ورتو[60]. پر ستت ئي پوءِ ڪيس شڪست ڏيئي قتل ڪيو ويو. اهو بہ دل ۾ سانڍڻ گهرجي تہ بنو اميہ جي اسلامي سلطنت آڏو سنڌ جو ملڪ هڪ نهايت ئي ننڍو ملڪ هو. اسلامي دنيا ۾ ان وقت مڪران کان وٺي مراڪش تائين سڀ ملڪ اچي ٿي ويا ۽ عين ان وقت جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ويو، اسپين تي بہ عربن جا حملا شروع ٿي چڪا هئا. اهم ڳالهہ هيءَ بہ هئي تہ عرب، بيابان جا رهاڪو هئڻ سان گڏ تازه دم ۽ وحشي پڻ هئا. ان ڪري انسان ذات جي قتل ڪرڻ ۽ انهن کي غلامي ۾ جڪڙڻ انهن لاءِ هڪ معمولي ڳالهہ هئي. ان سبب عربن جي جنگي جنون کي وڏي تقويت ملي. جيئن تہ عرب قبيلا جاهل ۽ وحشي هئا، ان ڪري جنگ جي ميدان ۾ اهي سنڌين کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيا. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا ماڻهو هڪ تہ اهنسا جي مذهبي اثر هيٺ هئا ۽ ٻيو تہ هزارن سالن جي تهذيب ۽ تمدن سبب سست ٿي چڪا هئا، ان ڪري انهن ۾ لڙائي لڙڻ جو جذبو ڪي قدر گهٽ هو. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ عربن جيڪي فوجون سنڌ ۾ آنديون، اهي پاڻ سان ان وقت جا نهايت ئي مهلڪ هٿيار کڻي آيون. گهيري جون مشينون، جن کي منجنيق ۽ دبابہ سڏيو ويو ٿي ۽ جن سان قلعن ۽ شهرن جون پٽيون پٽيون ويون، انهن کان سنڌي واقف ڪو نہ هئا. عربن پاڻ سان گڏ بارود ۽ روغن نفط جهڙا هٿيار بہ آندا هئا، جن جي وسيلي قلعن کي بنياد کان اڏائڻ، شهرن ۽ فوج ۾ جنگ هلندي باهہ پکيڙڻ اهڙا تہ نوان جنگي فن هئا، جن سنڌين کي منجهائي وڌو. راجا ڏاهر جي موت جو وڏو سبب عربن جي بهادري ڪانہ هئي، پر روغن نفط جا تير هئا، جن سندس هاٿيءَ جي پالڪي ۾ باهہ لڳائي ڇڏي.

عموماً ائين سمجهيو ويو آهي تہ جنگ هلندي راجا ڏاهر جي هاٿيءَ کي اڃ لڳي، ان ڪري هو راجا ڏاهر سوڌو درياءَ ڏانهن ڀڳو. پر اهو غلط آهي. روغن نفط جي تيرن هاٿي تي پيل ٽپڙن ۾ باهہ لڳائي ڇڏي هئي، جنهن سبب سندس ڪل سڙڻ لڳي. اهوئي سبب آهي جو هو پالڪي سميت درياءَ ڏانهن وٺي ڀڳو ۽ پاڻيءَ ۾ وڃي ويهي رهيو تہ جيئن باهہ وسامي ۽ سندس ڪل ٺري. درياءَ جي ڪناري تي بيٺل عرب فوجي جتن هاٿيءَ کي گهيري ۾ آندو ۽ راجا ڏاهر کي قتل ڪري ڇڏيو. سنڌين جا هٿيار پراڻا ۽ بي سود ثابت ٿيا ۽ ساڳئي وقت

جي ماٺهن سان نرمي ۽ ناهہ جو رويو اختيار ڪيو هو[61]. هُــن ڪان جيترو پڇي سگهيو، اوترو هُــن خونريزي ڪان پاسو ڪيو ۽ جتان بہ صلح جي آڇ ٿي ٿي تہ ان کي هو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. سندس رواداري جو مادو انهيءَ حقيقت مان ظاهر آهي تہ هن ڪو بہ مندر نہ ڊانو ۽ نہ وري ڪو بت ڀڳائين. جيڪي بہ مندر هئا يا هندن جا ٽڪاڻا هئا اهي سندس واپس وڃڻ تائين برقرار رهيا.

دين اسلام جي فقہ جو اهو اصول ۽ شريعت جو قانون آهي، تہ بت پرستي کي ڪنهن بہ حالت ۾ برداشت ناهي ڪرڻو، ۽ مسلمانن تي اهو فرض آهي تہ بت پرست جتي بہ ملن انهن کي قتل ڪيو وڃي. پر محمد بن قاسم انهيءَ اصول جي خلاف سنڌ جي ٻڌ مذهب ۽ غير مسلم هندو قبيلن کي اهي ساڳيون رعاتيون ڏنيون جيڪي قرآن ۾ اهل ڪتاب لاءِ مقرر ڪيل آهن. يعني تہ يهودي ۽ ڪرستان. ان ڪان سواءِ هن ٻڌ ۽ هندو مذهب جي مذهبي رهنمائن کي خاص رعايتون ڏيئي انهن کي اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيو. انهن مان ڪيترن کي ڪليڪٽر بنايو ويو تہ جيئن اهي مقرر ڪيل ڍلون، لوازما ۽ ٽيڪس اڳاڙي سگهن. محمد بن قاسم اهو بہ حڪم نامو ڏنو تہ سنڌ جي غير مسلم رعيت جي رسمن، ريتن ۽ انهن جي مذهبي قوانين سان ڪٿونس نہ ڪئي وڃي. هن انهن کي پنهنجي خود مختار ادارن جي رعيتي فيصلن نبيرڻ جي آزادي ڏني، ۽ پنچائتن رستي انصاف حاصل ڪرڻ جو حڪم نامو پڻ جاري ڪيو.

محمد بن قاسم هڪ بهادر ۽ اعليٰ ڪردار جو مالڪ جرنيل هو. سندس بهادري ۽ بي ڊپائي ضرب المثل هئي ۽ اهي خاصيتون سندس عمر جي لحاظ ڪان نہ فقط وڏيون ۽ عظيم پڻ هيون. هن ننڍي عمر ۾ عرب فوجن جي مهنداري ڪئي ۽ شيراز جي علائقي ۾ وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون. انهيءَ عمر ۾ ڪيس واديءَ سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو ۽ اها ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ ڪائنس اڳ بہ آزمودگار جرنيل عبدالله بن نبهان ۽ بديل بن طهفہ، سنڌ ۾ شڪست کائي چڪا هئا ۽ سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويا. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ محمد بن قاسم خداداد قابليت جو مالڪ هو. فوجي حرفت ۾ بہ ورلي ڪو سندس مقابلو ڪري سگهندو. اهو سندس شخصي قابليت جو نتيجو هو، جنهن سبب هن هڪ وڏو ملڪ جنهن ۾ سنڌ، ڏکڻ پنجاب، راجپوتانا ۽ گجرات جا ڪي حصا، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جو علائقو فتح ڪيو ۽ اهو بہ ٽن سالن جي مختصر عرصي اندر.

محمد بن قاسم جي ڪردار ۾ خاص ۽ اهم خاصيت سندس عزم هو. جنهن ۾ هو ڏکئي ۾ ڏکئي حالتن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سنڌ جي ڪافرن پنهنجي قلعن کي مضبوط ڪيو. شهرن ۾ زهد جو مال گڏ ڪيو. عربن جي کاڌ خوراڪ بند ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. راتين جو عرب فوج تي حملا ڪيا. انهيءَ خيال کان ته عرب ڪڪ تي گهيرو ٽوڙيندا ۽ واپس هليا ويندا. پر سندن اهي سڀ چالون محمد بن قاسم جي عزم آڏو بي اثر ثابت ٿيون. ملتان جي گهيري ۾ عربن جي کاڌ خوراڪ جو سڀ سامان ختم ٿي ويو. ايتري قدر جو اهي گڏهن جو گوشت کائڻ لڳا ان هوندي به هنن گهيرو نه ڇڏيو. اهو سڀ محمد بن قاسم جي ڪري هو جنهن عزم ڪيو هو ته هو سنڌ کي اوس فتح ڪندو ۽ ٿيو به ائين.

چچ نامي ۾ ڏنل بيانن مان اهو به ظاهر ٿو ٿئي ته محمد بن قاسم فضيلت ۽ اخلاق جي بلندي جو به بهترين مظاهرو ڪري ڏيکاريو. اسلام جي سچي فرزند جي حيثيت ۾ هن انهيءَ سيني برائين کان پاسو ڪيو جيڪي جنگ جي ڪري يا جنگ جي نتيجي ۾ ٿينديون آهن. شراب جا دؤر، زوري زنا، ماڻهن کان زبردستي ڦر ڪرڻ، بي جا قتل کان جيتري قدر ٿي سگهيو پرهيز ڪئي ويئي. زال حاصل ڪرڻ ۾ به سندس چوند هڪ وڏي عمر جي عورت راڻي لاڏي تي هئي جا راجا ڏاهر جي بيوه يا سريت هئي، ۽ اها به هن اڪيلي زال رکي.[62] ٽن سالن جي عرصي ۾ ديبل کان وٺي ملتان ۽ لس ٻيلي کان وٺي اڏيپور تائين ڪيترا شهر قلعا ۽ ماڳ فتح ٿيا ۽ هزارين ڇوڪريون مال غنيمت ۾ هٿ ڪيون ويون. پر محمد، لاڏي کان سواءِ ٻي ڪنهن به عورت سان جنسي تعلقات نه رکيا. هو ٻين زيادتين کان به پري رهيو. محمد جي وڏائي انهيءَ حقيقت مان واضح آهي ته هو نه فقط پنهنجي فوج ۾ هر دلعزيز هو پر سنڌ جي عوام ۾ به ڪيس عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويو. ايتري قدر جو جڏهن ڪيس برطرف ڪري قتل ڪيو ويو هو ته سنڌ جي ماڻهن سندس بوتو بنايو هو ۽ ڪيرج جي شهر ۾ ان کي رکيو. سندس اخلاق ۽ ڪردار سبب هو سالن جا سال سنڌ جي ماڻهن جي دل تي نقش ٿي ويو.[63]

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) اسلامڪ ڪلچر، جلد 27، ص 243.

(2) ڏسجي ثقفي قبيلي جو حسب نسب.

(3) چچ نامو، ص 155، 174، 180.

(4) جمهره في اللغات (ابن دريد)، جلد 2، ص 187.

(5) اسلامڪ ڪلچر، جلد 27، ص 187،

(6) فتوح البلدان، ص 398، 399، ڪامل، جلد 3، ص 21، 22.

(7) المسالڪ و الممالڪ (اصطخري)، ص 124. .

(8) صورة الارض ص 196، صبح العشا، جلد 4، ص 344.

(9) فارس نامه، ص 170.

(10) شيراز (عزيز حطمي)، جنوري 1965ع، (ايراني سفارت خانو)، ص 18.

(11) ايضاً، ص 19.

(12) فتوح البلدان، ص 440.

(13) فتوح البدان، ص 441.

(14) ايضاً، ص 441. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ محمد وٽ پنهنجي شخصي فوج ڇهہ هزار سوار هئي ۽ ڇهہ هزار شامر مان موڪليا ويا هئا. ڇهہ هزار اٺ سوار هئا ۽ ٽي هزار بخاتي (بغدي) يعني ٻہ ٻن ٿوهن وارا اٺ هئا جي مال برداريءَ لاءِ رکيل هئا. ان ڪانسواءِ جهازن جي رستي منجيق. دبابہ ۽ ٻيون مشينيون موڪليون ويون، جن سان پڻ وڏو تعداد فوجن جو موجود هو. ان ڪري ٿوري ۾ ٿوري حساب موجب محمد بن قاسم جي فوج جو تعداد چاليهہ هزارن ڪان مٿي هو. ان جي ابتڙ راجا ڏاهر ويهہ هزار فوج مس گڏ ڪري سگهيو، ڏسو چچ نامو، ص 99.

(15) فتوح البلدان، ص 441، ڪامل، جلد 4، ص 257.

(16) فتوح البلدان، ص 442، چچ نامہ، ص 104، ڪامل، جلد 4، ص 257، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 60.

(17) چچ نامه، ص 102.
(18) ايضاً، ص 101.
(19) فتوح البلدان، ص 442، چچ نامه، ص 104، ڪامل، جلد 4، ص 258.
(20) چچ نامه، ص 102.
(21) فتوح البلدان، ص 442، ڪامل، جلد 4، ص 258.
(22) چچ نامه، ص 108.
(23) ايضاً، ص 109.
(24) فتوح البلدان، ص 443.
(25) ايضاً، ص 444.
(26) چچ نامه، ص 145.
(27) ايضاً، ص 154، 163.
(28) هسٽري آف انڊيا (ايليٽ ۽ ڊائوسن)، جلد 2، پليٽ سي.
(29) چچ نامه، ص 160. ڊاڪٽر دائود پوٽـ پنهنجي تشريح ۾ ان کي جيپور سڏيو آهي.
(30) ايضاً، ص 168.
(31) ايضاً، ص 169.
(32) ايضاً، ص 173.
(33) ايضاً، ص 174.
(34) ايضاً، ص 174.
(35) ايضاً، ص 180.
(36) ايضاً، ص 184.
(37) ايضاً، ص 194، 195.
(38) ايضاً، ص 196.
(39) البلاذري جو چوڻ آهي تـ اٺ هزار ماڻهو برهمڻ آباد ۾ قتل ڪيا ويا. پر بي روايت موجب هو ائين بہ ٻڌائي ٿو تـ برهمڻ آباد ۾ قتل عام ڪيو ويو ۽ سورنهن هزار ماڻهو تلوار جو کاڄ بڻيا. ڏسو فتوح البلدان، ص 444.
(40) چچ نامه، ص 204، 205، 206.
(41) ايضاً، ص 215.

(42) فتوح البلدان، ص 444.

(43) چچ نامه، ص 219، 220، 221.

(44) ايضاً، ص 224.

(45) ايضاً، ص 235.

(46) ايضاً، ص 237.

(47) ايضاً، ص 238.

(48) فتوح البلدان، ص 245، ڪامل، جلد 4، ص 255، المسالڪ والممالڪ، ص 175. صورة الارض، ص 321، الفهرست، ص 486.

(49) چچ نامه، ص 241.

(50) چچ نامه، ص 242.

(51) فتوح البلدان، ص 44 6.

(52) فتوح البلدان، ص 446، ڪامل جلد 4، ص 282.

(53) چچ نامه، ص 244، 245.

(54) اسلامڪ ڪلچر، جلد 27، ص 258.

(55) فتوح البلدان، ص 446.

(56) ڪامل، جلد 4، ص 282.

(57) ڏسڻ ۾ تو اچي تہ راڻي راجا کي زهر ڏئي پورو ڪيو. چاڪاڻ تہ سندس موت جي خبر لڪائي وئي ۽ هو گهڻو وقت دربار ۾ نہ تي ڏنو ويو. چچ نامه، ص 22.

(58) چچ نامه، ص 140، 160، 161، 162.

(59) چچ نامه، ص 215.

(60) ڪامل، جلد 4، ص 282، 283.

(61) محمد بن قاسم جي هلت مان اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ هو هڪ امن پسند ماڻهو هو. هن سنڌ جي ماڻهن سان نرمي انهيءَ ڪري بہ اختيار ڪئي هجي تہ جيئن اهي پنهنجي هندو راجائن جي خلاف ٿي وڃن.

(62) چچ نامه، ص 222.

(63) فتوح البلدان، ص 446، ڪامل، جلد 4، ص 282.

# سنڌ جا عرب گورنر

بنواميہ دور جا گورنر: يزيد بن ابي ڪبشه السڪسڪي - حبيب بن مهلب بن ابي صفره - عمرو بن مسلم الباهلي - جنيد بن عبدالرحمان المري - تميم بن زيد العتبي - حڪم بن عوانه الڪلبي - عرو بن محمد بن قاسم الثقفي - يزيد بن عرار - منصور بن جمهور الڪلبي.

عباسي دور جا گورنر: مغلس العبدي - موسيٰ بن ڪعب تميمي - هشام بن عمرو تغلبي - عمرو بن حفص المهلبي - دائود بن يزيد المهلبي - بشر بن دائود المهلبي - موسيٰ بن يحيٰ برمڪي - عمران بن موسيٰ برمڪي - گورنري دؤر جو مختصر جائزو

باب انون

# سنڌ جا عرب گورنر

## بنو اميہ دور جا گورنر:

**عراق جي وائسراءِ:** حجاج بن يوسف ثقفي بن جرنيلن قتيبہ بن مسلم الباهلي ۽ محمد بن قاسم ثقفي کي هداتيون ڏنيون هيون تہ جيڪو بہ ٻنهي مان چين تي قبضو ڪندو، ان کي اوير جي سڀني ملڪن جو حاڪم اعليٰ مقرر ڪيو ويندو. پر اها رٿا ناڪام ويئي. امڪان هو تہ قتيبہ بن مسلم باختر ۽ شاش جي فتح کان پوءِ چيني سرحد تائين پهچندو. پر محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪري ڪشمير جي سرحد تائين وڃي پهتو هو، پر حجاج جي وفات ڪرڻ سبب کيس عراق واپس گهرائي قتل ڪيو ويو. ان ڪري ٻنهي فوجن جي گڏجي چين تي حملي ڪرڻ وارو پروگرام اتي جو اتي رهجي ويو، ۽ اهو سڀ ڪجهہ حجاج بن يوسف جي اوچتي موت سبب ٿيو. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ راجا ڏاهر جي موت ۽ سنڌ جي فتح کان پوءِ علافي عرب جن راجا ڏاهر وٽ پناهہ ورتي، ان جو تختو اونڌو ڪيو هو. اهي ڪشمير هليا ويا هئا[1]. انهيءَ مقصد سان تہ جئين اهو ملڪ آساني سان عرب جي قبضي ۾ اچي سگهي. ڪشمير فتح ڪرڻ ان وقت ڪو ڏکيو ڪم ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ اتي بہ بدامني جو دور هو. مردن بدران عورتن جو راڄ قائم هو. محمد بن قاسم قنوج جي سلطنت تي بہ حملي ڪرڻ جا سانباها ڪيا هئا ۽ هڪ فوج اڳواٽ اڌيپور ڏياري موڪلي هئي جنهن جو مهندار ابوحڪم شيباني هو[2]. قنوج جو ملڪ مندرن ۽ خزانن جو ملڪ ليکيو ويندو هو، ۽ محمد بن قاسم چاهيو ٿي تہ مندرن ۾ جمع ڪيل دولت کي هٿ ڪجي پر قسمت جي لکئي انهيءَ رٿا کي عمل ۾ آڻڻ نہ ڏنو. حجاج بن يوسف جي موت کان هڪدم پوءِ خليفي وليد بن عبدالملڪ جو پڻ انتقال ٿي ويو. انهيءَ سبب ڪري عرب سامراجي قوتن کي وڏو ڌڪ لڳو ۽ مسلم سلطنت سنڌو ماٿريءَ جي فتح کان پوءِ اڳتي وڌي نہ سگهي. محمد بن قاسم جهڙو فاتح خود پاڻ بہ هڪ وڏي آزمائش هيٺ اچي ويو هو، جنهن ۾ سندس شان شوڪت ۽ مشهوري سان گڏ سندس زندگي پڻ تلف ٿي ويئي.

ثقيف خاندان جي قسمت جو ستارو حجاج جي موت کان پوءِ لهڻ شروع ٿيو، جو سن 95 هه /715ع ۾ ٿيو. وليد بن عبدالملڪ جي وفات تائين، ثقفين کي ڪجهه نہ ڪجهه اهميت ڏني ٿي ويئي پر اها ستت ئي ختم ٿي ويئي. وليد کان پوءِ سندس ڀاءُ سليمان بن عبدالملڪ اسلامي دنيا جو خليفو ٿيو ۽ هو حجاج بن يوسف جو دشمن ۽ حبيب بن مهلب بن ابي صفره جي پٽن جو دوست هو. دمشق ۾ تخت تي ويهڻ کان هڪدم پوءِ هن يزيد بن مهلب کي عراق جو وائسراءِ بڻايو يعني اهو عهدو جو ڪائنس اڳ حجاج بن يوسف، وليد جي دور ۾ ماڻيو هو. سليمان کي جيئن تہ حجاج جي مائٽن، دوستن ۽ ساٿين کان وير وٺڻو هو. ان ڪري محمد بن قاسم کي برطرف ڪيو ويو ۽ ان کي گرفتار ڪري عراق جي عامل (ڪليڪٽر) صالح بن عبدالرحمان جي حوالي ڪيو ويو. جنهن کي پڻ حجاج سان پراڻي دشمني هئي. صالح، محمد بن قاسم کي زندان ۾ اچلارائي ڇڏيو جتي کيس روزانو ڦٽڪن جي مار ڏني ويندي هئي ۽ اجيو بکيو رکيو ويندو هو. سنڌ جي عظيم فاتح لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ ان جي گهٽي مار سبب ڪل لهي ويئي هئي ۽ هو انهيءَ حالت ۾ مار ڪائيندي ڪائيندي گذاري ويو. صالح بن عبدالرحمان اهو ظلم انتقامي ڪاروائي سبب ڪيو هو، ڇاڪاڻ تہ سندس ڀاءُ آدم بن عبدالرحمان کي حجاج بن يوسف، خارجي هئڻ جي شڪ ۾ ساڳئي ريت زندان ۾ قتل ڪرايو هو.[3] بنو ثقيف جو خاندان جو ان وقت عراق ۾ ثروت، طاقت ۽ ملڪيت جو مالڪ هو، تن جون زمينون ۽ مال ضبط ڪيا ويا ۽ انهن کي يمن ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح انهيءَ قبيلي جي تباهي آندي ويئي،

## يزيد بن ابي ڪبشه السڪسڪي:

محمد بن قاسم کان پوءِ يزيد بن ابي ڪبشه السڪسڪي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو گهڻو وقت جالي نہ سگهيو. سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ هو 18 ڏينهن کان پوءِ گذاري ويو.[4] سندس عهدي جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ئي هو جو محمد بن قاسم جي فوج اڳيان بيعزتي ڪري کيس سندس پٽڪي سان ٻڌو ويو ۽ ان کان پوءِ گرفتاريءَ جي حالت ۾ کيس عراق موڪليو ويو.

ڪري حبيب بن مهلب کي برطرف ڪيو ويو ۽ سندس ڀاءُ يزيد بن مهلب کي پڻ وائسراءِ جي عهدي تان لاٿو ويو.

## عمرو بن مسلم الباهلي:

خليفي عمر بن عبدالعزيز الاموي، حبيب بن مهلب جي جاءِ تي عمرو بن مسلم باهلي کي گورنر بنائي سنڌ ڏانهن موڪليو. سنڌ ان وقت ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي، اولهه سنڌ، جنهن تي عربن جو راڄ هو ۽ ان ۾ سنڌ جو تختگاهه اروڙ، ديبل بندر ۽ سيوستان (سيوهڻ) جا شهر شامل هئا ۽ اوڀر سنڌ جنهن جو تخت گاهه برهمڻ آباد هو، راجا ڄئسين جي قبضي ۾ رهيا. چاڪاڻ تہ هن پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪيو هو[7]. راجا ڄئسين جو راڄ جنهن علائقي تي هو، ان ۾ هاٿوڪو نواب شاهہ، سانگھڙ ۽ ٿرپارڪر ۽ خيرپور جا ضلع اچي وڃن ٿا. اهو علائقو عرب دور ۾ نهايت ئي آباد هو. چاڪاڻ تہ سنڌو درياءُ جي شاخن ۽ ڦاٽن ڪان سواءِ هاڪڙو درياءُ بہ اتان وهندو هو. انهيءَ حقيقت جي تصديق ڦٽل ڊورن ۽ درياءُ جي پيٽن مان ظاهر آهي، جن جي چوڌاري ڪيترن ئي شهرن جا کنڊر لڌا ويا آهن. خليفو عمر بن عبدالعزيز ڏيڍ سال کان گهٽ عرصي تائين حڪومت ڪري گذاريو ويو ۽ ڪانئس پوءِ سندس سوٽ يزيد بن عبدالملڪ اسلامي دنيا جو خليفو بڻيو. تاريخ ۾ ڪيس يزيد ٻيو سڏيو وڃي ٿو. پهريون يزيد امير معاويہ جو پٽ هو، جنهن ڪربلا ۾ حسين بن علي ۽ سندس خاندان جو قتلام ڪرايو هو.

## جنيد بن عبدالرحمان المري:

يزيد ٻئي تخت تي وهڻ سان جنيد بن عبدالرحمان المري کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ۽ جنيد اهو عهدو نہ فقط يزيد جي دور ۾ پر يزيد کان پوءِ سندس ڀاءُ هشام بن عبدالملڪ جي خلافت جي دور ۾ پڻ ماڻيو. جنيد پهريون ديبل پهتو ۽ اتان سنڌ جي اندرين حصي ڏانهن رخ رکيائين. جڏهن هو درياءَ جي ڪناري تي پهتو، تڏهن هُن راجا ڄئسين کي نياپو ڏياري موڪليو تہ خراج جي رقم هڪدم ڏياري موڪلي ۽ جزيو گڏ ڪري اچي پيش پوي. راجا ڄئسين جواب ۾ چوارائي موڪليو تہ هُو مسلمان ٿيو آهي ۽ خليفي عمر بن عبدالعزيز کيس سنڌ جي حڪومت جو پروانو پڻ ڏنو آهي. پر جنيد انهيءَ ڳالهہ کي مڃڻ

ڪان انڪار ڪيو ۽ جئسين تي زور پريو تہ هـو آڻ مجي ۽ ڏن جي رقم پيش ڪري. جنيد جي زور ڪرڻ ڪري جئسين اسلام تان هٿ ڪنيو ۽ مرتد ٿي پيو. ان ڪان پوءِ هـُـن فوجون جمع ڪيون ۽ جيئن تہ آبڪلاٿي جي موسم هئي ۽ سخت بارشون وسي رهيون هيون، ان ڪري جئسين دريائي جنگ جا سانباها ڪرڻ لڳو. هـُن هڪ وڏو ٻيڙو تيار ڪيو ۽ جنيد پڻ انهيءَ حقيقت ڪان آگاه ٿي ساڳئي نموني جون تياريون ڪرڻ لڳو. سنڌو درياءَ تي ٻيڙن جي وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ راجا جئسين هارايو ۽ ڪيس قيد ڪيو ويو. جڏهن ڪيس جنيد جي اڳيان پيش ڪيو ويو، تڏهن هـُن ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيو. راجا جئسين جو ڀاءُ نالي ڇڇ، معاهدي جي ڀڃڪڙي بابت فرياد ڪرڻ لاءِ عراق وڃي رهيو هو، تنهن کي بہ دولاب رستي ڪوڙو آسرو ڏيئي قيد ڪيو ويو ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ قتل ڪيو ويو[8]. اهڙي طرح محمد بن قاسم ڪان پوءِ ٻهريون دفعو سڄي سنڌ تي عربن جو قبضو ٿيو.

جنيد بن عبدالرحمان بهادر سپاهي هو، چاڪاڻ تہ هـُـن سنڌ جي باغي قبيلن تي حملا ڪري ڪين زير ڪيو ۽ ڪائن جزيو ۽ خراج وصول ڪيو. هن گجرات ۽ نيلما تي حملا ڪيا ۽ جهجهو غنيمت جو مال هٿ ڪيو. بلاذري جو چوڻ آهي تہ جنيد، اجين ۽ مالوا تائين حملا ڪيا هئا ۽ تمام گهڻو ڦر لٽ جو مال هٿ ڪيو. هـُن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ ايڏو مال غنيمت هٿ ڪيو ويو هو، جو گورنر هٿ ڦاڙ تي خرچ ڪيو. ان هوندي بہ هـُـن چاليهہ ارب درهم بچايا، جي مرڪزي خزاني ۾ دمشق موڪليا ويا[9]. ان ڪان سواءِ غلامن ۽ ٻانهين جو تعداد اڻ ڪٿ هو. اليعقوبي جو پڻ همعصر تاريخ دان جي حيثيت رکي ٿو، تنهن انهيءَ رقم جو تعداد اسي ارب درهم ٻڌايو آهي، جي خليفي ڏانهن بيت المال جو حصو ڪري موڪليا ويا[10]. مدائني جو حوالو ڏيندي، قاضي رشيد بن زهير لکيو آهي تہ هندوستان جي هڪ بادشاهہ سنڌ جي عربن جي حملن کي ٽارڻ لاءِ ۽ سنڌ جي گورنر سان دوستي جو ناتو ڳنڍڻ لاءِ ڪيس هڪ ڏاچي ڏياري موڪلي هئي جا آبنوس جي نهيل هئي ۽ مٿس هيرا ۽ جواهر جڙيل هئا. انهيءَ ڏاچي جا ٻـُـبا بہ وڏن موتين جا نهيل هئا، جي نهايت ئي قيمتي هئا ۽ اڻ جي ڳچي بہ قيمتي پٿرن سان جهنجهيل هئي. اها ڏاچي چانديءَ جي گاڏيءَ ۾ رکيل هئي. جڏهن اها زمين تي رکبي هئي تہ زندهہ ڏاچي وانگر هلڻ شروع ڪري ڏيندي هئي[11].

جنيد بن عبدالرحمان اها قيمتي سوکڙي هشام بن عبدالملڪ ڏانهن دمشق ڏياري موڪلي ۽ ان کي بادشاهي خزاني ۾ رکيو ويو. جڏهن عباسين، بنو اميہ کان حڪومت ۽ خلافت کسي، تڏهن اها ڏاچي سندن خزاني ۾ دارالسلام ڏانهن منتقل ڪئي ويئي، جو عباسي خليفن جو پهريون تختگاهه هو.

## تميم بن زيد العتبي:

جنيد بن عبدالرحمان کان پوءِ تميم بن زيد العتبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. تميم وڏين خوبين جو مالڪ هو ۽ سخاوت ۾ تہ ڪو شايد ورلي ساڻس مقابلو ڪري سگهندو هو. طبيعت جو ٿڌو ۽ مزاج جو حليم هو. هو ديبل بندر وٽ بيماريءَ سبب گذاري ويو[12]. ان ڪري سندس جاءِ تي حڪم بن عوانہ الڪلبي کي مقرر ڪيو ويو.

## حڪم بن عوانہ الڪلبي:

حڪم بن عوانہ هڪ بهادر جرنيل ۽ جنگ جو ڪوڏيو هو ۽ هن سڄي سنڌ وري نئين سئين فتح ڪئي. تميم بن زيد العتبي جي نرم پاليسي سبب سنڌ جي ڪجھ حصي تي وري بہ مقامي ماڻهن ۽ راجائن قبضو ڪري ورتو. جڏهن حڪم سنڌ ۾ پهتو، تڏهن هُن ڏٺو تہ عرب مسلمانن لاءِ اجهي جي ڪابہ جاءِ ڪانہ هئي ۽ اهي ڇڙوڇڙ ٿيا پيا هئا. سڄي سنڌ تي وري بہ اصلوڪن رهاڪن (غيرمسلم) جي يلغار ٿي ويئي ۽ مسلمان فقط جان بچائڻ جي فڪر ۾ هئا. حڪم پاڻ سان گڏ فوجون آنديون هيون. ان ڪري هُن سڀني عرب قبيلن کي هڪ جاءِ تي جمع ڪرڻ ۽ مقامي قبيلن خلاف پنهنجي مهم جاري رکڻ خاطر درياءَ جي اوڀرندي ڪناري تي هڪ شهر ٻڌايو، جنهن جو نالو هن "المحفوظہ" رکيو. جنهن جي معنيٰ آهي پناه جي جاءِ. محفوظ ٿوري وقت اندر نہ فقط عربن لاءِ هڪ محفوظ ماڳ نهي پيو، پر فوجي مرڪز پڻ بڻجي ويو. جتان مختلف ملڪن، ماڳن، علائقن ۽ شهرن ڏانهن فوجون موڪليون وينديون هيون. سنڌ ۾ جنگي مهمن کي سر ڪرڻ ۾ حڪم جو وڏي ۾ وڏو صلاحڪار عمرو بن محمد بن قاسم پڻ هو. جنهن کي هُن هڪ وڏي مهم تي موڪليو. جيئن تہ عمرو ڪامياب ٿي موٽيو، ان ڪري هُن درياءَ جي ٻئي پر، ساڄي ڪپ تي هڪ ٻيو شهر ٻڌو، جنهن جو نالو "منصوره" رکيو ويو.[13] منصوره ٿوري عرصي اندر هڪ

وڏو شهر بنجي ويو ۽ عربن جي انتظامي ۽ جنگي ڪاروائن جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز ٿي ويو. حڪم ڪان پوءِ جيڪي بہ گورنر آيا، منصوره انهن جي گادي جو هنڌ رهيو ۽ پوءِ عباسي دور ۾ جڏهن خليفن جي ڪمزوري سبب سنڌ جي انتظام ۾ هو ٽنگ اڙائي نہ سگهيا، تڏهن عربن جي هباري خاندان اتي هڪ خودمختيار گهراڻي جي حڪومت جو بنياد وڌو، جنهن جو ٻن صدين تائين سنڌ تي راڄ هو. اهو حڪم بن عوانہ الڪلبي هو، جنهن سان گڏ منذر بن زبير هباري[14] سنڌ ۾ آيو هو ۽ عمر بن عبدالعزيز هباري سندس پوٽو هو، جنهن سنڌ ۾ هباري خاندان جي خود مختيار حڪومت جو پايو وڌو.

## عمرو بن محمد بن قاسم الثقفي:

حڪم بن عوانہ الڪلبي سنڌ جي مقامي ماڻهن سان جنگ ڪندي مارجي ويو ۽ ڪانئس پوءِ سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم جي پٽ عمرو بن محمد کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. عمرو جي گورنري جي دؤر ۾ عربن جي ٻن فرقن بنو معز ۽ بنو حمير جي وچ ۾ گهرو لڙائي لڳي، جنهن وڌي بغاوت جي شڪل ورتي. باغين جي قوت سان مقابلي جي طاقت نہ هئڻ ڪري عمرو قلعو بند ڪري ويهي رهيو. جيڪڏهن عراق جي گورنر يوسف بن عمر ثقفي جي وقت سر مدد ڪيس نہ ملي ها تہ هُو مارجي وڃي ها ۽ منصوره جو شهر بہ تباهہ ٿي وڃي ها. بهرحال سندس جان بچائي ويئي، پر ڪيس سندس عهدي تان وليد ٻئي برطرف ڪري ڇڏيو[15] ۽ سندس جاءِ تي يزيد بن عرار کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

## يزيد بن عرار:

يزيد بن عرار ۾ انتظام رکڻ جون صلاحيتون موجود هيون ۽ هُن اچڻ سان امن امان قائم ڪيو ۽ سڄي سنڌ کي پنهنجي حڪومت جي دائري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪيون. پر ڪيس ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو ۽ هُو هڪ وڏي ارادي رکندڙ ماڻهوءَ منصور بن جمهور الڪلبي جي سازش جو شڪار ٿيو جو شام مان ڀڄي نڪتو هو. منصور اصل ۾ بنو اميہ جي ڪرندڙ طاقت جو باغي سردار هو، جنهن جو يزيد ٻئي جي پٽ وليد ٻئي جي خون ۾ وڏو هٿ هو.[16] عباس بن هشام بن عبدالملڪ ۽ عبدالله بن معاويہ جي بغاوتن ۾ پڻ حصو ورتو هو. پر

جيئن تہ هُو پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. ان ڪري شام مان پڇي نڪتو ۽ اچي سنڌ ۾ پهتو. سنڌ جي گورنر يزيد بن عرار کي سندس چرپر ۽ ارادن جي پوري خبر هئي. ان ڪري هُن اهڙا حڪم جاري ڪيا، جنهن سبب کيس منصوره جي حڪومت جي حدن اندر اچڻ کان روڪيو ويو. منصور پنهنجو مٽ پاڻ هو، تنهن ڇا ڪيو جو مخالف عرب رئيس کي ڳجهي طور پاڻ سان ملائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ انهن جي مدد سان هن سيوهڻ جو قلعو فتح ڪري وڌو. ان کان پوءِ هُن درياءَ تي ٻيڙين جي پل ٻڌائي، درياءَ اڪري منصوره تي حملو ڪيو. يزيد بن عرار کي انهيءَ چال جي ڪابہ خبر نہ پيئي، ان ڪري شڪست کائي منصوره جي قلعي ۾ پڇي ويو. ان کان پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهيون هليون ۽ يزيد قلعو انهيءَ شرط تي منصور جي حوالي ڪرڻ جو واعدو ڪيو تہ کيس ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ڏني ويندي. منصور پنهنجو ڪيل واعدو نہ پاڙيو ۽ يزيد کي نهايت ئي دردناڪ نموني ۾ قتل ڪرايو ويو. ٻڌايو ويو آهي تہ يزيد کي اوڏن جي تازي ٺهيل پٽ ۾ بند ڪرائي، مٿس تير وسايا ويا هئا ۽ پوءِ ليپو ڏيئي کيس ديوار جي اندر بند ڪيو ويو[17]. اهڙي سزا شايد ورلي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڪنهن کي ملي هجي.

## منصور بن جمهور الڪلبي:

يزيد بن عرار جي شڪست ۽ موت کان پوءِ منصور سڄي سنڌ جو مالڪ ٿي ويو. هُن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو. اپرندو حصو، جنهن جو مکيہ شهر منصوره هو، هن پنهنجي سڌي قبضي هيٺ رکيو ۽ مغربي سنڌ، جنهن ۾ سيوستان (سيوهڻ)، ديبل ۽ گنداوا جا شهر اچي ٿي ويا، تي پنهنجي ڀاءُ منظور کي مقرر ڪيو[18]. هُن وڏي عزم ۽ استقلال سان ملڪ جي وري نئين سر خبر ورتي. بغاوتن کي ختم ڪيو ۽ امن امان قائم ڪيو. جڏهن سنڌ ۾ اهي وارداتون ٿي رهيون هيون، ان وقت عرب دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي ويو هو. يعني تہ اها گهرو لڙائي، جنهن آخر ۾ هڪ نئين ۽ طاقتور خاندان کي خلافت ڏياري ۽ اهي هئا بغداد جا عباسي خليفا. يزيد بن وليد، جنهن پنهنجي پيءُ جي موت کان پوءِ سن 126 هہ ۾ خلافت سنڀالي، ڇهہ مهينا مس پنهنجي عهدي تي قائم رهيو. ڪانئس پوءِ سندس ڀاءُ ابراهيم بن وليد تخت تي ويٺو. پر ان کي مروان ٻئي شڪست ڏيئي تخت تان لاٿو ۽ پاڻ اسلامي دنيا جو خليفو بڻجي

ويو. مروان عزم ۽ طاقت جو مالڪ هو، پر جيڪو وقت کيس مليو اهو نهايت ئي خراب هو. اسلامي دنيا ۾ عربن جي ٻن طبقن معز ۽ حمير جي وچ ۾ طبقاتي ڪشمڪش سبب جتي ڪٿي وڳوڙ لڳو پيو هو ۽ خونريزي جي بازار گرم هئي. ازانسواءِ خارجي، بنو اميه ڪي جيترو ڏکيو لڳا، اوترو ٻيو ڪوبه طبقو تڪليف نه ڏيئي سگهيو. بنو اميه جي شاهي خاندان جا شهزادا به خليفي سان ٻڌل ڪونه هئا ۽ انهن مان هرهڪ چاهيو ٿي ته هو خليفو بنجي. اهڙي طرح شيعان علي جنهن جي تحريڪ خراسان ۾ زور ورتو هو، اها پڻ ايران ۽ عراق ۾ طاقت وٺي ويئي هئي. ان وقت ان جا ليڊر عباسي هئا، جي به پاڻ کي اهلبيت مان سڏائي رهيا هئا. ان ڪري مروان ٻئي کي نه فقط ٻاهرين دشمنن سان مقابلو ڪرڻو پيو، پر ان کي پنهنجي گهر ۾ پيل رولي کي به ٺيڪ ڪرڻو هو. دمشق ۽ شام جي ٻين شهرن ۾ ٿيل بغاوتن کي ٻنجو ڏنو ويو. پر مروان ان وقت هڪ اها غلطي ڪري وڌي جو پنهنجو فوجي ۽ اقتصادي نظام جو هيڊ ڪوارٽر منتقل ڪري هاران ڪٽي ويو جو عراق ۾ آهي[19]. سندس خاص مقصد هي هو ته خارجين کي ناس ڪيو وڃي، پر انهيءَ ڪوشش ۾ هُو پاڻ ناس ٿي ويو. عباسي، جن شيعا تحريڪ ۾ جان وڌي، اهي خراسان ۾ هڪ با اثر ماڻهو ابو مسلم خراساني جي مدد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جنهن پنهنجي ڊپلوميسي رستي بنو ازد کي پاڻ سان شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مروان ٻئي خارجين سان ڪيترين ئي جنگين جوٽين پر هُو وٽ ڏيڻ جا ڪونہ هئا. تاريخ اسلام ۾ جن بنواميه جي خلافت جي خلاف جنگ جوٽي، انهن ۾ خارجين کان وڌيڪ بهادر ۽ دلير ڪو ورلي پيدا ٿيو هو. هو شڪست کائڻ کان پوءِ به وري تازه ٿي پوندا هئا. وري به ساڳي بي جگري سان جنگ ڪندا هئا. بهرحال انهيءَ جو بنو اميه حڪومت تي اهو برو اثر پيو، جو خلافت جون بهترين فوجون يا ته مارجي ويون، يا زائل ۽ بيڪار ٿينديون رهيون ۽ ٻيو ته بنو اميه جي وسائل کي خارجين جي جنگ حد درجي جو نقصان پهچايو جنهن جي ڪابه تلافي نه ٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو مروان ٻيو پنهنجي اعليٰ صلاحيتن جي باوجود وقت جو مقابلو نه ڪري سگهيو ۽ عباسين کان شڪست کائي مارجي ويو. سڀ کان پهرين عباسين جو ڪارو جهنڊو خراسان ۾ ڦڙڪايو ويو. خراسان جي گورنر نصر بن سيار، فوجي ڪمڪ لاءِ درخواست ڪئي پر ڪنهن نه

ٻڌي. ڇاڪاڻ تہ بنو اميہ جي فوجن جو وڏو حصو جزيره (اتر عراق) ۾ خارجين سان جنگ ۾ مشغول هو. اهوئي سبب آهي جو ابو مسلم خراساني کي خراسان ۽ ايران فتح ڪرڻ ۾ ڪابہ دقت پيش نہ آئي. نصر بن سيار کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ مرو ۾ عباسي حڪومت جو بنياد وڌو ويو. هُن بنو ازد جو پاسو ڪٽڻ ڪري شيعن کي بہ پنهنجي طرف ڪري وڌو ۽ اهڙي طرح هُو رَي، اصفهان، نهاوند ۽ هلوان فتح ڪري اچي ڪوفہ وٽ پهتو. ڪوفہ جي گورنر يزيد بن هبيره، خراساني فوج جو مقابلو ڪيو، پر قحطبہ بن شبيب جي هٿان شڪست کائي مارجي ويو. يزيد بن هبيره جي شڪست جو ٻڌي هڪ يمني رئيس محمد بن عبدالله قسري، پنهنجي پيءُ جي قتل جو بدلو وٺڻ خاطر، پنهنجا ماڻهو گڏ ڪري ڪوفي جي گورنر جي عيوضي زياد بن صالح تي حملو ڪري کيس ڪوفي مان ڀڄائي ٻاهر ڪڍيو ۽ خزاني تي قبضو ڪيو. ابوالعباس عبدالله بن علي ۽ سندس ڀاءُ ابو جعفر عبدالله بن علي، جيڪي ان وقت ابو سلمہ خلال جي گهر ۾ لڪل هئا ٻاهر نڪري آيا. عباسي دعات ۽ سندن ساٿي کين ڪوفي جي مسجد ۾ وٺي ويا ۽ وڏي ڀاءُ يعني تہ ابوالعباس عبدالله بن علي جي بيعت ڪئي ويئي ۽ کيس عباسي خاندان جو پهريون خليفو تسليم ڪيو ويو. هُن پنهنجو پهريون خلافت جو خطبو پڙهيو (تقرير ڪئي)، ۽ السفاح جي نالي سان اسلامي تاريخ ۾ مشهور ٿيو. اهو واقعو ربيع الاول سن 132 هہ / 30 آڪٽوبر 749ع ۾ ٿيو هو ۽ ان کان پوءِ عباسي خليفا اسلامي دنيا تي پنج سو سالن تائين حڪومت ڪندا رهيا. مروان ٻئي عباسي فوجن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ فوجون گڏ ڪيون، پر دجلہ ندي جي هڪ شاخ زاب وٽ، هو ٽئين خليفي جي چاچي عبدالله بن علي عباسي جي هٿان شڪست کائي شام ڏانهن ڀڄي نڪتو. پهرين هو هاران ويو ۽ اتان پوءِ شام مر. پر اتي جي شهرين سندس لاءِ دروازا بند ڪري ڇڏيا. آخر هو باقي بچيل فوج سان مصر ويو ۽ بُسير جي ويجهو عباسين جي هڪ فوجي دستي سان جنگ ڪندي مارجي ويو[20]. ڪن تاريخ دانن جو رايو آهي تہ هُو مصر جي تختگاهہ نسطاط ۾ ويو هو ۽ مسجد ۾ پناهہ وٺندي عباسين جي هٿ لڳو، جن سندس ڪنڌ ۽ خلافت جا نشان لاهي عباسين کي ڪوفي ۾ وڃي رسايا. اهڙي طرح هڪ بهادر، اولي العزم ۽ عظيم منتظم پنهنجي جان ۽ بادشاهي سان گڏ پنهنجي خاندان کي بہ تباهہ ڪري ڇڏيو، جنهن جو هڪ طويل ۽ دردناڪ داستان آهي.

## عباسي دور جا گورنر:

عباسين جڏهن پنهنجي خاندان جي حڪومت کي عراق ۾ مضبوط ڪيو ۽ مروان بہ ابو عون بن علي عباسي جي فوجي جٿي سان جنگ ڪندي قتل ٿيو. تڏهن سفاح ابو مسلم خراساني جي فوجي خدمتن سبب ڪيس اوير جي سيني ملڪن جو وائسراءِ تسليم ڪيو. ابو مسلم سڀ کان پهرين مغلس العبدي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

## مغلس العبدي:

مغلس العبدي طخارستان جي رستي سنڌ ۾ آيو. پر منصور الڪلبي جي ڀاءُ منظور سندس مقابلو ڪيو. جيئن تہ مغلس هڪ تازي فوج سان آيو هو، ان ڪري منظور مارجي ويو ۽ مغلس منصوره ڏانهن وڌيو. منصور کي جڏهن انهيءَ واقعي جي خبر پيئي، تڏهن هُن فوجي تياريون ڪيون ۽ مغلس سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ نئون عباسي گورنر مارجي ويو ۽ سندس فوج کي بہ ڇڙوڇڙ ڪيو ويو[21]. مغلس جي شڪست ۽ موت جي جڏهن ابو مسلم کي خبر پيئي، تڏهن هُن موسيٰ بن ڪعب تميمي کي هڪ وڏي فوج ڏيئي سنڌ جو گورنر بنائي موڪليو.

## موسيٰ بن ڪعب تميمي:

موسيٰ بن ڪعب سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي خيما کوڙيا ۽ انهن عرب قبيلن کي بہ دعوت ڏياري موڪلي، جي منصور ڪلبي جي خلاف هئا تہ اچي ساڻس شامل ٿين. ڇاڪاڻ تہ منصور ڪلبي ڪنهن جو بہ مقرر ڪيل نہ هو ۽ هڪ غاصب هو، جو طاقت جي زور تي سنڌ تي قبضو ڪيو ويٺو هو. آخر ٻنهي ڌرين ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ منصور ڪلبي شڪست کائي ٿر ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتي اڃ ۽ بک وگهي مري ويو[22]. البلاذري جو چوڻ آهي تہ منصور جو ڀاءُ منظور ڪلبي، موسيٰ بن ڪعب سان جنگ ڪندي مارجي ويو ۽ نہ مغلس عبدي سان. منصور وري راجپوتانا جي برپٽ ۾ وڃي جان ڏني[23]. ڇا بہ هجي منصور جي شڪست سنڌ جي ملڪ کي سڌي طرح عباسين جي قبضي ۾ آندو ۽ آهي عوام جو استحصال ڪرڻ خاطر پنهنجا ماڻهو

موڪليندا رهيا. هن نهايت هوشياري سان سنڌ تي حڪومت ڪئي. بغاوتن کي ختم ڪري ٻاهر آندي ۽ پاڙيسري ملڪن تي حملا ڪري مال غنيمت ۾ اضافو آندو. هُن منصوره جي شهر جي نئين سر منصوبه بندي ڪئي. ان کي وڌايو ۽ اتي جي جامع مسجد کي ويڪرو ڪري ان کي وري نئين سر ٺهرايو.

خليفو السفاح ڇئن سالن کان گهٽ عرصي تائين حڪومت ڪري مري ويو ۽ ڪانئس پوءِ ابو جعفر منصور اسلامي دنيا جو خليفو بڻيو. ابو جعفر منصور تخت تي ويهڻ کان پوءِ موسيٰ بن ڪعب تميمي کي برطرف ڪري سندس جاءِ تي هشام بن عمرو تغلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

## هشام بن عمرو تغلبي:

هشام بن عمرو تغلبي هڪ وڏو بهادر جرنيل هو. هُن سنڌ جا اهي سڀ علائقا فتح ڪيا، جيڪي اڳئين گورنر کان رهجي ويا هئا. هُن هڪ وڏو بحري بيڙو پڻ تيار ڪيو هو، جنهن جي مدد سان هُن گجرات، ڪاٺياواڙ جا ساموندي ڪناري وارا علائقا فتح ڪيا هئا. سندس امير البحر عمرو بن جمال هو، جنهن جي بيڙن جا حملا مڪران، فارس ۽ ايراني نار تائين وڌي ويا هئا. هُن هندوستان جي ڪيترن ئي حصن تي حملا ڪيا هئا، جنهن ۾ مالوا، سرسوت ۽ راجستان جا علائقا شامل آهن. بلاذري جو چوڻ آهي ته هشام جي فوجين ڪشمير پڻ فتح ڪيو هو جو حقيقت ۾ اتر پنجاب ڏانهن اشارو آهي. چاڪاڻ ته ملتان کان پوءِ ڪشمير جون حدون شروع ٿيون ٿي ۽ ان ۾ لاهور ۽ ٻيا شهر شامل هئا. ملتان جو بنو اميه جي دور ۾ آزاد رياست بڻجي ويو هو ان کي به فتح ڪيو ويو. ان کان پوءِ هشام گنداوا (قندابيل) جي عرب قبيلن کي ماري مڃايو، جن گهڻي وقت کان وٺي خراج ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هو ۽ خودمختيار ٿي ويا هئا. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته هشام جون سوڀون ڪانئس اڳ آيل سڀني گورنرن کان وڌيڪ هيون. ايتري قدر جو قنڌار تي پڻ حملو ڪيو ويو ۽ اتي جي ٻڌ مندر کي تباه ڪيو ويو. هشام انهيءَ مندر جي جاءِ تي هڪ مسجد پڻ تعمير ڪرائي، جا گهڻو وقت هلي[24]. سندس اعليٰ انتظام جي ڪري سنڌ ملڪ ترقي ڪئي ۽ ماڻهن ۾ خوشحالي وڌڻ لڳي. جنهن مان مراد آهي عرب آبادي ۽ نه مقامي ماڻهو. عرب تاريخ دانن سندس نالو ساراهه جوڳن

لفظن سان ياد ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هُو نہ فقط هڪ وڏو فاتح هو، پر ان سان گڏ انتظامي صلاحيتن جو مالڪ پڻ هو. سندس گورنري جي دور ۾ سنڌ جي سرحدن سان ڪنهن بہ قسم جي ڪئونس نہ ڪئي ويئي ۽ نہ وري ڪو عربن کي ڪنهن هنڌان تڪليف پهتي.

## عمرو بن حفص المهلبي:

موسيٰ بن ڪعب کان پوءِ عمرو بن حفص المهلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. چون ٿا تہ سندس گورنري جي دؤر ۾ امام حسن رضي الله عنہ جي اولاد مان محمد بن عبدالله العلوي عراق مان پڇي سنڌ پهتو ۽ پاڻ کي گهوڙن جو واپاري ظاهر ڪيو هئائين. عمرو بن حفص کي جڏهن سندس آمد جي خبر پيئي، تڏهن ان جو آدر ڀاءُ ڪيائين ۽ ڪيس اجازت ڏنائين تہ هُو جيترو وقت چاهي سنڌ ۾ رهي سگهي ٿو. اها خبر جڏهن عباسي خليفي کي پيئي تڏهن هُن سنڌ جي گورنر کي تنبيهہ ڪئي ۽ ان کان پوءِ ڪيس بدلي ڪري اتر آفريڪا موڪليو ويو. سندس جاءِ تي هشام بن عُمرو التغلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. جنهن محمد بن عبدالله العلوي کي قتل ڪري سندس منڊي بغداد ڏياري موڪلي[25]. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تاريخن ۾ ڏنل نالا سلسليوار نہ آهن. البلاذري جو چوڻ آهي تہ عمرو بن حفص کان پوءِ دائود بن يزيد بن حاتم سنڌ جو گورنر مقرر ٿي آيو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ بشر بن دائود اهو عهدو ماٺيو ۽ اهو خليفي مامون عباسي جو دور هو.[26] پر اليعقوبي جو وڌيڪ صحيح لڳي ٿو، تنهن جو چوڻ آهي تہ عمرو بن حفص کي خليفي منصور عباسي جي دور ۾ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. ڪانئس پوءِ هشام بن عمرو تغلبي، معبد بن خليل، روح بن حاتم، نصر بن محمد بن اشعث، زبير بن عباس ۽ مصبح بن عمرو تغلبي خليفي مهدي عباسيؔ جي دور ۾ هڪ ٻئي پٺيان گورنر مقرر ڪيا ويا.[27] خليفو مهدي عباسي گهراڻي جو ٽيون خليفو هو ۽ خليفي هارون جو پيءُ هو.

خليفو هارون الرشيد عباسي جو انهيءَ خاندان جو پنجون خليفو هو. تنهن پنهنجي خلافت جي دور ۾ سليم يونسي، طيفور بن عبدالله، عبدالرحمان بن عبدالملڪ هاشمي ۽ دائود بن يزيد مهلبي کي هڪ ٻئي پويان سنڌ جو

گورنر مقرر ڪيو. پر انهن مان ڪنهن به سنڌ جي معاملن ۾ ڪا به دلچسپي ڪا نه ڏيکاري. هُو فقط پيسا اوڳاڙڻ ۽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم نه ڪري سگهيا. سنڌ جا عرب جي ان وقت ٻن طبقن مُضر ۽ حمير ۾ ورهايل هئا، تن ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو ويو ۽ عربن ۽ سنڌين ۾ به جهيڙي جو بنياد رکيو ويو، ته جيئن آساني سان ملڪ جي مختلف طبقن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ملڪ جو ناڻو پاڻ ڪائين ۽ ٻيو خليفن ڏانهن بغداد ڏياري موڪلين.

## دائود بن يزيد المهلبي:

هارون عباسي جي دور جو آخري گورنر دائود بن يزيد هو، جيئن ته پاڻ يمن جو هو ان ڪري هُن بنو معز قبيلي جي عربن کي تڪليف ڏيڻ شروع ڪئي، جنهن سبب سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن تي فساد ٿيا. معزي قبيلن گڏجي سنڌ جي عرب تختگاهه منصوره تي حملو ڪيو، پر دائود ڏاهپ ڪان ڪم ورتي، سنڌين کي پنهنجي طرف ڪيو. خاص ڪري جت قبيلن کي، جن نهايت خونريز جنگ ڪان پوءِ معزين کي شڪست ڏيئي ڀڃائي ڪڍيو[28]. هي واقعو سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن جنگ ۾ نزاري (حجازي يا معزي) عربن جي طاقت کي ڀڳاتي ڀڳو ڌڪ لڳو، پر اهي وري به ٿوري وقت ۾ طاقت وٺي ويا.

## بشر بن دائود المهلبي:

مامُونَ عباسي جنهن پنهنجي ڀاءُ امين سان جنگ ڪري بغداد جي خلافت هٿ ڪئي، تنهن بشر بن دائود کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. بشر بن دائود جنهن کي سنڌ جي حمير (يمني) قبيلن سان گڏ سنڌين جي به حمايت حاصل هئي، سو ايڏو ته ڦونڊ ۾ پرجي ويو جو هُن کلم کلا عباسي خلافت خلاف بغاوت ڪئي ۽ ساليانو ڏن موڪلڻ ڪان انڪار ڪيو. انهيءَ سبب ڪيس گورنري تان معزول ڪيو ويو ۽ غسان بن عباد کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. بشر بن دائود، گورنري تان هٽڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. پر مرڪزي فوجن هٿان شڪست کائي قيد ٿيو. هڪ روايت موجب هُن پنهنجو پاڻ گورنر جي حوالي ڪيو، انهيءَ لاءِ ته ڪيس ڪنهن قسم جي تڪليف نه ڏني وڃي. ان ڪري ڪيس قيد ڪري مدينة السلام (اسلام جي شهر = بغداد) موڪليو ويو. غسان بن عباد پاڻ به سنڌ ۾ گهڻو وقت ڪونه ترسيو ۽ موسيٰ بن يحييٰ برمڪي کي سنڌ تي پنهنجو نائب مقرر ڪري عراق ڏانهن اسهيو.[29]

## موسيٰ بن يحييٰ برمڪي:

موسيٰ بن يحييٰ برمڪي جنهن سنڌ تي گورنر جي نائب جي حيثيت ۾ حڪومت ڪئي، اعليٰ لياقتن جو مالڪ هو ۽ ملڪ تي نهايت هوشياري ۽ تدبر سان حڪومت ڪئي. هُن ماڻهن جو ڌيان بدلائڻ خاطر گجرات ۽ ڪڇ واري علائقن تي حملا ڪيا. گجرات جي راما بلهه راءِ (ولڀ راءِ). سنڌي فوجن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هُو شڪست کائي مارجي ويو. پڌايو ويو آهي ته ولڀ راءِ، موسيٰ کي ڇهه لک درهم ڏيڻا ڪيا ته جيئن ملڪ تي آيل بلا ٽري وڃي پر اهي قبول نه پيا.[30] موسيٰ بن يحييٰ انهيءَ ناٽي کان چئوٽو ناٽو هٿ ڪيو ۽ ان سان گڏ بيو مال ۽ غلام هٿ ڪيا. موسيٰ لاءِ پڌايل آهي ته هُن نهايت ئي اعليٰ زندگي گذاري ۽ وڏي عمر ۾ سن 221 هه ۾ وفات ڪئي. کانئس پوءِ سندس پٽ عمران بن موسيٰ برمڪي سنڌ جي گورنري جو عهدو سنڀاليو.

## عمران بن موسيٰ برمڪي:

جڏهن عمران پيءُ جي جاءِ تي سنڌ جو گورنر ٿيو، ان وقت بغداد ۾ خليفو به بدلجي ويو. مامون گذاري ويو هو ان ڪري سندس ڀاءُ المعتصم بالله، عمران کي سنڌ جي گورنري جو پروانو ڏنو. هُن پنهنجي لياقت ڏيکارڻ خاطر جتن جي خلاف مهمون سرانجام ڏنيون، جنهن ۾ هن قيقانان (قلات) جي جتن کي شڪستون ڏيئي ڪين زير ڪيو. بلوچستان جا جت سنڌ جي آباد ايراضين تي حملا ڪري ماڻهن کي قتل ڪندا هئا ۽ انهن جو مال، زالون ۽ ٻار ڪٺي ويندا هئا. عمران جي هيءَ مهم قندابيل (گنداوا) جي عرب حاڪم محمد بن خليل جي خلاف هئي، جنهن پاڻ کي خود مختيار حاڪم جي حيثيت ڏني هئي. ان مان ظاهر آهي ته منصوره جي گورنرن جو سياسي دائرو ڏکڻ پنجاب ۽ ملتان کان سواءِ، بلوچستان جي به ڪيترن ئي علائقن تائين ڦهليل هو. باغي گرفتار ٿيو ۽ ڪزدار آندو ويو، جتي هو قيد ٿيو. ڪزدار ان وقت هڪ نهايت ئي سهڻو ۽ آباد شهر هو ۽ سنڌ جي گورنر جي ماتحت هو.

عمران هڪ وڏو معمار پڻ هو. هُن بيضاءَ جو شهر ٻڌايو ۽ انهيءَ جي قلعي ۾ هڪ وڏي حفاظتي فوج پڻ رکي هئي. هُن سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾

هڪ شاهي رستو ٺهرايو، ۽ پڻ هڪ چانوڻي جنهن کي "سڪر الميد" سڏيو ٿي ويو.[31] اهو رستو انهيءَ ڪري وجود ۾ آيو جو بلوچستان جا جت ۽ ميد، سنڌ تي حملا ڪندا رهندا هئا ۽ انهن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ فوجن جي اچ وڃ نهايت ئي وڏي پيماني تي ٿيڻ لڳي. اروڙ کي هن پنهنجي فوج جو هيڊ ڪوارٽر بنايو ۽ سنڌ توڙي بلوچستان ۾ ٽر جي جتن جي سردارن کي گهرائي انهن کان بيعت ورتائين ۽ انهن جي هٿن تي مهرون هٽائي ڇڏيائين. اهو اهڃاڻ ان وقت غلاميءَ جو اهڃاڻ تصور ڪيو ويندو هو.[32] عمران سنڌ جو پهريون عرب گورنر هو، جنهن برهمڻ خاندان جي جاري ڪيل فرمانن کي وري عمل ۾ آندو. يعني ته جڏهن به جت، ميد، چنا، سما، سهتا، لهاڻا يا ٻين قومن جا سردار گورنر سان يا سندس زيردست آفيسر سان ملڻ وڃن ته پاڻ سان ڪتو گڏ وٺي وڃن ۽ اهو سندن ذلالت جو اهڃاڻ سمجهيو ويندو هو. ازانسواءِ عمران جتن ۽ ميدن تي جن مان ڪِجھ قبيلا هاڻي پاڻ کي ٻروچ ۽ ٻيا چنا سڏائين ٿا، تمام ڳريون ڇٽيون وڌيون ته جيئن اهي وري اسري نه سگهن.

انهن اعليٰ لياقتن هوندي به عمران عربن جي ٻن حصن يعني ته معز ۽ حمير کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ ۽ ٻڌي ۾ رهڻ واري پاليسي ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. اهي قبيلا نسلي امتياز جي ڪري هر وقت ۽ هر دور ۾ پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. عمران جون همدرديون حمير شاخ طرف هيون، ان ڪري هو معز قبيلن ۾ عزت حاصل نه ڪري سگهيو. معزي قبيلا سنڌ ۾ حمير يا يمني قبيلن کان تعداد ۾ وڌيڪ هئا. جڏهن ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو، تڏهن عمران، يمنين جو طرف وٺي معزي قبيلن تي سختيون ڪرڻ شروع ڪيون. معزي قبيلن جو سردار ان وقت عمر بن عبدالعزيز هباري هو، جنهن عمران کي شڪست ڏيئي کيس قتل ڪري ڇڏيو[33]، ۽ پاڻ سنڌ تي قبضو ڪري ويهي رهيو. کيس خبر هئي ته عباسي خليفي جي منظوري کان سواءِ هُو گهڻو وقت هلي نه سگهندو. ان ڪري هن همعصر عباسي خليفي المتوڪل علي الله کي لکي موڪليو ته کيس عمران جي جاءِ تي گورنر مقرر ڪري.

مشهور تاريخ دان اليعقوبي جو چوڻ آهي ته عمران بن موسيٰ کان پوءِ هارون بن ابي خالد سنڌ جي گورنري تي قائم رهيو. هُن سن 240 هه / 857ع ۾ وفات ڪئي. سندس موت کان پوءِ عمر بن عبدالعزيز هباري، عباسي خليفي

کي لکي موڪليو تہ ڪيس سنڌ جي گورنري ڏني وڃي ۽ اها درخواست خليفي المتوڪل قبول ڪئي[34]. يعقوبي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ مامون الرشيد جي زماني ۾ بنو سمح قبيلي جي آزاد ڪيل غلام فضل بن ماهان، سندان فتح ڪيو جو ڪڇ ۾ آهي. هُن مامون ڏانهن جيڪي سوڪڙيون موڪليون هيون، انهن ۾ هڪ هاٿي بہ هو ۽ سندان جي جامع مسجد ۾ هُن خليفي مامون جي نالي تي خطبو پڙهايو. سندس موت کان پوءِ سندس پٽ محمد پيءُ جي جاءِ سنڀالي. محمد ستر جهازن جي هڪ بحري آرماڙ ناهي ميدن[1] تي حملا ڪيا، جي عربن جي سامونڊي جهازن کي هندي سمنڊ (عربي سمنڊ) ۾ ستائيندا ۽ ڦريندا هئا. محمد جو سمنڊ ڏانهن نڪري وڃڻ کان پوءِ سندس ڀاءُ ماهان، سندان تي قبضُ ڪري ويهي رهيو. هُن عباسي خليفي کي خوشامد ڪرڻ خاطر سوڪڙيون موڪليون ۽ هڪ پٽڪو موڪليو، جو ايڏو وڏو هو جو ان جهڙو عربن ڪڏهن ڪونہ ڏٺو.[35] ماهان، گهڻو وقت جٽاءِ ڪونہ ڪري سگهيو، ڇاڪاڻ تہ ڪڇين گڏجي سندن خلاف بغاوت ڪئي. ماهان مارجي ويو ۽ ساڳي طرح سندس ڀاءُ محمد پڻ قتل ٿي ويو. ان کان پوءِ ڪڇ جو ملڪ مسلمانن کان ڇڏائجي ويو.

## گورنري دور جو مختصر جائزو:

سنڌ تي عرب گورنرن جو دور اٽڪل ڏيڍ صدي تائين قائم رهيو ۽ انهيءَ دور ۾ سنڌ کان سواءِ پنجاب جو ڏاکڻو اڌ، بلوچستان ۽ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا ڪي حصا سندن ماتحت هئا. گورنرن جي پوزيشن فقط محصول اڳاڙيندڙ عملدارن تائين محدود هئي. جنهن ۾ هُو انهيءَ هٿ ڪيل مال مان پنهنجو خرچ ۽ انتظاميہ جو خرچ ڪڍي سگهيو ٿي. هُن تي اهو لازم هو تہ هُو مقرر ڪيل وقت تي مرڪزي حڪومت ڏانهن، مقرر ڪيل ڏن يا گڏ ڪيل محصول موڪليندو رهي. ٻي حالت ۾ ڪيس برطرف ڪيو ويندو هو. سنڌ مان مرڪز ڏانهن ساليانو اپت جو دارومدار گورنر جي لياقت ۽ هوشياري ۽ سندس ڏيهي ماڻهن سان اختيار ڪيل رويي تي منحصر هوندو هو. وحشي ۽ سخت قسم جا گورنر ماڻهن جو مال ڦري ڪين غلامي واري زندگي ۾ رهڻ تي مجبور ڪندا هئا. جيتوڻيڪ ڪن قبيلن اسلام قبول ڪيو بہ هو. ان هوندي بہ ڪائنن جزيو ورتو ويندو هو. عمر بن عبدالعزيز الاموي بنو اميہ جي

---

[1] ميد = سامونڊي ميربحر جيڪي سچي سنڌ جي سامونڊي ڪناري کان وٺي ڪڇ، جوناڳڙهہ ۽ ڏکڻ هندستان جي ساحلن تي سندن ڪيترائي نسل آباد آهن. (ادارو)

خاندان جو اڪيلو خليفو هو، جنهن نون مسلمانن تي جزيو معاف ڪيو. پر ان جي حڪومت ٻن سالن کان به گهٽ عرصي تائين هلي. گورنر پنهنجي مرضي جا مالڪ هئا. چاڪاڻ ته اهي اسلام جي انتظامي ڍانچي جي اصولن ۽ پڻ خليفي طرفان موڪليل حڪم احڪامن جي ڪليل انحرافي ڪندا رهندا هئا. نون مسلمانن کان جزيو وصول ڪرڻ عمر بڻين جي دور ۾ جاري هو. جيئن ته سنڌ جو ملڪ خليفي جي انتظامي مرڪزن دمشق ۽ بغداد کان گهڻو ڏور هو، ان ڪري اهي پنهنجي گورنرن جي ظالمانه روش تي ڪنهن به قسم جو ضابطو نه رکي سگهيا. بنو اميه کان پوءِ بنو عباس اسلامي دنيا جا مالڪ بنيا، پر انهن جي دل ۾ به فتح ڪيل ملڪن جي ماڻهن لاءِ ڪنهن به قسم جي همدردي ڪانه هئي. سندن وزير دراصل آتش پرست خاندان سان تعلق رکندڙ هئا، تن اها ڪوشش ڪئي ته غير مسلم اقوام سان، جي سندن سلطنت ۾ موجود هئا، ڪي قدر سٺو ورتاءُ ڪجي. پر عربن جو عام رويو ساڳيو رهيو. صورتحال جو وڌيڪ خراب ٿيڻ انهيءَ ڪري به هو جو عرب قبيلن سنڌ ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون ۽ سنڌ جي شاهوڪاري کان متاثر ٿي، ان ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ لڳا. عرب جيئن ته فاتح ۽ راڄ ڌڻي هئا، ان ڪري انهن جو ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگي ۾ مان هو. سنڌ جون آباد ۽ زرخيز زمينون سڀ عربن ۾ ورهائجي ويون. عرب جاگيرن جا مالڪ بنيا. خشڪي ۽ سامونڊي واپار سندن هٿ ۾ رهيو ۽ انتظاميه ۾ به وڏن وڏن عهدن تي انهن جو تقرر ٿيندو هو. زمين ۽ واپار عربن کي اتاهه ڌن جو مالڪ بنائي ڇڏيو. پر انهن ۾ جيڪا عصبيت (نسلي ساڙ) هئي، انهيءَ ثقافتي ترقي ۾ ڪنهن به قسم جي واڌ ڪانه آندي. عربن جا ٻه طبقا هئا: هڪ معزي ۽ ٻيا يمني. معزين کي نزاري، عدناني ۽ حجازي عربن جا نالا ڏنل آهن ۽ اُهي يمنين کان مختلف نسلُ جا هئا. يمنين کي حمير، سبا ۽ قحطان جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. معزي ۽ يمني قبيلن ۾ اسلام کان گهڻو اڳ دشمني هلندي ٿي آئي ۽ اهي هميشه پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. پيغمبر اسلام پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار جي زور تي عربن جي باغيانه ڪردار تي ڪي قدر ڪنٽرول ڪري ورتو. پر سندن وفات کان پوءِ اهو ڳن اها ڪهاڙي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ دشمني ۽ قتلام بنو اميه جي دور خلافت ۾ ايترو ته وڌي ويو، جو خلافت جون پاڙون ڪمزور ٿي ويون ۽ بنو اميه جو زوال آيو. عباسين به پنهنجي طرفان گهڻي ڪوشش ڪئي ته جيئن انهن دشمني وارين ڪاروائين کي ٻنجو اچي، پر اهي به ناڪامياب ويا. چاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪنهن به هڪ

صوبي ۾ تيل فساد جي خبر عباسي سلطنت جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ بہ پوندي هئي تہ اتي بہ فساد تي پوندا هئا ۽ خونريزي ٿيندي هئي. عربن جي انهيءَ قبائلي جهيڙن ۾ ڏيهي ماڻهن کي گهڻو ڪي سهڻو پوندو هو. انهن جنگين ۾ نہ فقط موالي يعني تہ نوان مسلمان، پر ان سان ذمي (غير مسلم) رعيت کي بہ شامل ٿيڻ لاءِ گهليو ويندو هو. عربن جي انهيءَ عصيبت ۾ موالين ۽ ذمين کي نہ فقط خرچ برداشت ڪرڻو پوندو هو، پر انهن کي بوهي ۾ پڻ وڏو ويندو هو. جڏهن بہ ڪا هڪ جماعت ڪامياب ٿيندي هئي، تہ اها انتقام (وير) وٺڻ خاطر مقامي ماڻهن تي ڳرا ڏنڊ ۽ بيون چٽيون وجهندي هئي. پر جيڪڏهن شڪست کاڌل طبقو ڪجهہ وقت کان پوءِ طاقت وٺي ڪامياب ٿيندو هو تہ اهو بہ سنڌ جي ماڻهن ۽ رعايا مان ڪسر ڪيندو رهندو هو. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ جا گورنر بلڪل بيوس هوندا هئا. چاڪاڻ تہ وحشي عربن کي راهہ راست تي آڻڻ نہ فقط ڏکيو ڪم هو پر بلڪل ناممڪن هو. اهو ثابت تي چڪو آهي تہ اٽڪل ٽي سو سال يا ان کان ٿورو گهٽ عرصو، سنڌ جا ماڻهو عربن جي بينڪي راڄ ۽ قانون جي زير اثر هئا، جن ماڻهن کي پيڙي ڪين تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو هو.

گورنر جيڪي سنڌ تي مقرر ڪيا ويا هئا، انهن تي ٻن قسمن جا فرائض مڙهيل هئا. هڪ تہ جيڪي عرب سنڌ ۾ گهر ڪري وينا هئا، انهن جي سار سنڀال لهڻ ۽ ٻيو تہ سنڌ ۽ هند جي انهن حصن تي ٻنا ڪنهن اڳرائي جي حملا ڪرڻ، جيڪي غير مسلم حاڪمن جي هٿ هيٺ هئا. انهيءَ جا بہ بہ مقصد هئا: هڪ تہ مال غنيمت هٿ ڪرڻ، ٻيو تہ غلام ۽ ٻانها. اهي حملا انهيءَ ڪري بہ ڪيا ويندا هئا تہ جيئن پاڙيسري ملڪن ۾ سنڌن طاقت ۽ قوت جو ڌهڪاءُ رهي ۽ ڪوبہ سنڌ تي حملو نہ ڪري سگهي. گورنري کي قائم رکڻ لاءِ اُهي خليفي ڏانهن خمس کان سواءِ ٻيو بہ، گهڻو مال متاع ۽ قيمتي سوکڙيون موڪليندا رهندا هئا. غلام ۽ ٻانها ٻنهي جنسن جا موڪليا ويندا هئا ۽ انهن کي کليل مارڪيٽن ۾ جانورن وانگر نيلام ڪيو ويندو هو. سنڌي غلامن کي عرب نهايت ئي سدورو سمجهندا هئا. چاڪاڻ تہ ان جي هٿ ڪرڻ کان پوءِ سندس عرب مالڪ جو ڀاڳ کلي پوندو هو. انهن مان گهڻا لکي پڙهي ڄاڻندا هئا. جنهن سبب بغداد ۾ سنڌن وڏي ضرورت هئي. سنڌي غلام اعتبار جوڳا ۽ ايماندار ٻڌايا ويا آهن. چاڪاڻ تہ هُو پنهنجي مالڪ جي غير حاضري ۾

سندس حساب ڪتاب رکندا هئا[36] ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ قسم جي ڪا غلطي نہ ڪندا هئا. سنڌي عورتن لاءِ البت عربن ڪي سٺو خيال ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ اهي گهرونديون (سگهڙ) عورتون تہ هيون، پر سندن سونهن ۽ خوبصورتي جو ڪوبہ ڀروسو ڪونہ هو. پهرين ٻار ڄمڻ ڪان پوءِ سندن حسن تباهہ ٿي ويندو هو.[37] ان ڪري اهي همبستري لاءِ موزون ثابت نہ ٿي سگهيون. سنڌي غلامن عرب دنيا ۾ وڏو نالو ڪڍيو. خاص ڪري علم ۽ ادب ۾. ابو عطا سنڌي، ابو ضلع سنڌي، ڪشاجم بن شاهڪ سنڌي، امام الاوزاعي، خلف بن سالم ۽ ٻيا ڪيترا يا تہ غلام هئا يا ابن غلام.

خليفي مامون عباسي جي دور ۾ عربن سنڌ جي علم ۽ سائنس ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي. سنڌ جي گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي، سنڌي عالمن جو هڪ جٿو بغداد ڏياري موڪليو. جي پاڻ سان سنڌ مان ڪيترائي ڪتاب ۽ اهم تصنيفون کڻائي ويا هئا. انهن مان ڪيترن عالمن کي بغداد ۾ بيت الحڪمة (اڪادمي) ۾ اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيو ويو هو. اهو انهيءَ لاءِ تہ اهي عرب عالمن کي سنڌي ڪتابن جي ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ڪن. عرب ليکڪن انهن سنڌي عالمن جا نالا مخلوط ڪري ٻڌايا آهن ۽ اهي هن ريت آهن: سنڪا (ماڻڪ)، بهلا (ٻولارام) ابن ڏن (ڏنو)، ڪنڪا (گنگارام)، باجهر (وياگهر)، سنجهل وغيره[38]. ڪنڪا در حقيقت ڪنڪانيہ ٿي سگهي ٿو جو طب جي علم ۾ سند جي حيثيت رکي ٿو ۽ ڏنو يا ڏنواتري، ديوتائن جو پراسرار طبيب هو، جنهن جو ذڪر منو مهراج جي قانوني ۽ ٻين ڪتابن ۾ موجود آهي.

سڀ کان پهريون سنڌي ڪتاب، جيڪو عربي ۾ ترجمو ٿيو ۽ دنيا ۾ فلسفي جو مشهور ڪتاب آهي "ڪليليہ و دمنہ" هو، جو عبدالله بن مقفع ترجمو ڪيو. ڪليلہ و دمنہ - اصل ۾ سنڌي ڪتاب پنچتنتر جو فارسي ۾ ترجمو هو. اهو ڪتاب نوشيروان عادل جي زماني ۾ سندس خاص طبيب برزويہ سنڌ مان آندو هو[39]. ۽ گنديشاپور واري ايراني اڪادمي ۾ ترجمو ٿيو. هن ڪتاب سنڌ جي عرب دنيا ۾ وڏي مشهوري حاصل ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ ٻيا انيڪ ڪتاب هندي مان عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا، جي مختلف علمي شعبن تي قلمبند ٿيل هئا.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) چچ نامو، ص 203.
(2) ايضاً، ص 242.
(3) فتوح البلدان، ص 446.
(4) ايضاً، ص 446.
(5) ايضاً، ص438، ڪامل، جلد 3، ص 221، 225.
(6) فتوح البلدان، ص 447، ڪامل، جلد 4، ص 283.
(7) فتوح البلدان، ص447.
(8) فتوح البلدان، ص 447، ڪامل، جلد 4، ص 64.
(9) فتوح البلدان، ص 448، ڪامل، جلد 4، ص 283.
(10) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 50.
(11) ڪتاب ذخائر والتحق، ص 14، 15.
(12) فتوح البلدان، ص 448.
(13) فتوح البلدان، ص 448، ڪامل، جلد 4، ص 238.
(14) فتوح البلدان، ص 450.
(15) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 56.
(16) ڪامل، جلد 5، ص 135.
(17) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 66.
(18) ايضاً، ص 67.
(19) تاريخ طبري، جلد 2، ص 1943.
(20) ايضاً، ص 49، 50.
(21) فتوح البلدان، ص 449.
(22) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 66.
(23) فتوح البلدان، ص 449.
(24) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 91.

(25) ڪامل، جلد 5، ص 281- 283، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 198، 199.

(26) فتوح البلدان، ص 450.

(27) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 109.

(28) ايضاً، جلد 3، ص 152.

(29) ايضاً، جلد 3، ص 153.

(30) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

(31) فتوح البلدان، ص 450.

(32) چچ نامو، ص 215، 216.

(33) فتوح البلدان، ص 450.

(34) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 177.

(35) فتوح البلدان، ص 451.

(36) فخر السودان، ص 81.

(37) رنيسانس آف اسلام، ص 161. سنڌي عورتون ڍگهن وارن ۽ سنهي چيلهه سبب مشهور هيون.

(38) عيون الانباء، جلد 2، ص 32، 35.

(39) طبقات الامم، ص 14.

# منصوره جو هباري گهراڻو

هباري گهراڻي جو بنياد - اصليت ۽ نسب -
عمر بن عبدالعزيز هباري - عبدالله بن عمر
هباري - موسيٰ بن عمر هباري - عمر بن عبدالله
هباري - محمد بن عمر هباري - منصوره
حڪومت جي پڇاڙي -

## باب نائون

# منصوره جو هباري گھراڻو

### هباري گھراڻي جو بنياد:

خليفو المتوڪل بغداد جي عباسي گھراڻي جو آخري بااثر حاڪم هو. ترڪ حفاظتي جٿي هتان سندس موت، عباسي گھراڻي کي پوين پساهن ۾ آڻي ڇڏيو. ترڪ حفاظتي جٿا خليفي المعتصم بالله عرب ۽ خراساني طاقت کي ٻنجو ڏيڻ خاطر ڀرتي ڪيا هئا. پر انهن جي اثر کي گھٽائيندي، ترڪي جٿا سياست ۾ حصو وٺڻ لڳا، جنهن سبب خليفي جو حڪم بغداد جي شهر کان ٻاهر، انهن جي مرضي کان سواءِ نه ٿي هلي سگھيو. عظيم اسلامي سلطنت جي خليفن سان نهايت ئي غير انساني ۽ ظالمانه سلوڪ روا رکيو ويو ۽ انهن کي مرضي مطابق معزول ڪري وري ٻيو ماڻهو تخت تي ويهاريو ٿي ويو. خليفن کي معزول ڪرڻ کان پوءِ زندان خاني ۾ موڪليو ويو ٿي، جي انهيءَ خاص مقصد سان زمين جي هيٺان تهه خانن ۾ ٺهرايا ويا هئا. ترڪ حفاظتي فوج خليفن جي بي عزتي ڪرڻ کان سواءِ انهن کي انڌو ڪري ٿي ڇڏيو. ٽي عباسي خليفا القاهر بالله، المتقي بالله ۽ المستقفي بالله، کي زبردستي معزول ڪيو ويو هو، انهن کي انڌو ڪري جيل حوالي ڪيو ويو. ترڪي جٿن جي من مستي ايتري قدر وڌيل هئي، جو انهن عورتن کي انصاف جون ڪرسيون ڏنيون ۽ ڪدڙن کي شهرن تي قاضي ڪري مقرر ڪيو. ملڪ جو انتظام هلڪڙي طبيعت جي غير تربيت يافته نا اهل ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو. رشوت ۽ حرامڪاري جي بازار گرم ڪئي ويئي. ايتري قدر جو خليفي جي دربار ۾ داد عيش ڏيڻ جو رواج پئجي ويو. ان وقت عراق ۾ شيدين جي زنج بغاوت منهن ڪڍيو. جنهن سبب بصري، واسط ۽ اهواز جا سهڻا شهر تباهه ۽ برباد ٿي ويا. زنج بغاوت سبب پنج لک ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترا ئي ٻيا درياءَ ۾ ٻوڙيا ويا، يا اغوا ڪيا ويا. جنهن ۾ مرد، عورتون، ٻار سڀ شامل هئا. زنج بغاوت کان سواءِ اسماعيلي فرقي جي هڪ شاخ جنهن کي قرمطي سڏيو ٿي ويو، تن ڪوفي، بصري ۽ سامرا تي حملو ڪري، اهي شهر ڦري ماڻهن کي تباهه ڪري ڇڏيو. بغداد جو شهر البت بچيل رهيو، پر ماڻهو سک سان سمهي ننڊ نه ڪري

سگهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ خطرو پنهنجي جاءِ تي موجود هو. قرمطين کي ڪافر بي دين ٻڌايو ويو آهي. مڪي تي بہ حملو ڪيو ويو هو. انهن حاجين کي قتل ڪري ڪعبة الله جي بيحرمتي ڪئي ۽ ڪعبي جون ديوارون ڀڄي "حجر اسود" (ڪارو پٿر) پاڻ سان ڪڍي ويا، جنهن کي مسلمان نهايت تعظيم ڏيندا آهن ۽ ان جي چمڻ کان سواءِ حج مڪمل نہ سمجهيو ويندو آهي. اهو ڪارو پٿر، سڄا سارا ٻاويهہ سال قرمطين وٽ رهيو ۽ ڪعبي کي تڏهن واپس ڪيو ويو، جڏهن مصر جي فاطمي خليفي انهيءَ لاءِ حڪم ڏنو[1].

اهڙين حالتن ۾ عباسي سلطنت جي ڏورانهين صوبن پنهنجي پنهنجي اڳواڻن جي هٿ هيٺ بغاوت ڪري آزاد ملڪ ناهيا. سڀ کان پهرين مصر جي ملڪ، اتي جي ترڪي گورنر احمد بن طولون جي سرڪردگيءَ ۾ آزادي حاصل ڪئي. خراسان، فارس ۽ سنڌ ۾ بہ ساڳي ريت گورنرن پاڻ کي آزاد سمجهي، گهراڻا قائم ڪيا ۽ عباسي سلطنت اندر خود مختيار رياستون قائم ڪيون. طاهري، صفاري ۽ ساماني خاندانن پڻ انهيءَ جي تقليد ڪندي، وڏا وڏا ملڪ هٿ ڪري، پنهنجون پنهنجون سلطنتون قائم ڪيون ۽ انهن ملڪن تي راڄ ڪرڻ لڳا، جي اصل ۾ عباسي سلطنت جا صوبا هئا. ديلمين وري ايران ۽ عراق کي پنهنجي قبضي ۾ رکي متعصب شيعا فرقي جي گهراڻي جو بنياد وڌو. جنهن جو مرڪز شيراز ۾ هو. "امير الامراءَ" جيئن تہ آل بويہ (ديلمي) خاندان کي نالو ڏنو ويو هو، حڪومت ۽ طاقت جو سرچشمو هئا. عباسي سلطنت جو سڄو انتظام پنهنجي قبضي هيٺ رکيو. خليفي کي ڪوبہ اختيار ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ ان کي بيوس بنائي سندس حرم کي پوريو ويو تہ جيئن هُو سدائين عورتن جي صحبت ۽ ٻين رنگ رلين ۾ مشغول رهي. بد انتظاميءَ جو ٻج جيڪو عربن خليفي مامون جي زماني ۾ اسلامي سياسي زندگي ۾ ڇٽيو، ان جو ڦل خليفي المتوڪل جي دور ۾ ظاهر ٿيو. المتوڪل علي الله جيتوڻيڪ هڪ با رعب خليفو ۽ اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ هو، ان هوندي بہ هُو عباسين جي ڪرندڙ طاقت کي سنڀالي نہ سگهيو. خلافت جي عزت ۽ ناموس جي بچاءَ واري جدوجهد ۾ ڪيس، سندس حفاظتي ترڪي جٿي قتل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ اهو قتل المتوڪل جي پٽ المنتصر جي چرچ تي ٿيو[2]. پر انهيءَ واقعي عباسي خلافت جي رهيل کهيل عزت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو ۽

ان کان پوءِ عباسين ۾ خير کو اهڙو خليفو پيدا ٿيو. جنهن جو آواز عباسي حرم جي ٻاهران ٻڌي سگهجي، يا جنهن جو حڪم دربار کان ٻاهر مڃيو وڃي.

سنڌ جو عباسي سلطنت کان ڇڄي ڌار ٿيڻ جو سال سن 257 هه/ 875ع ٻڌايو ويو آهي. انهيءَ سال خليفي المعتمد، يعقوب بن ليث صفاري جي دشمنانه فوجي ڪاروائين کي ٻنجو ڏيڻ خاطر کيس بلخ، طبارستان ۽ سنڌ جي صوبن جو حاڪم اعليٰ مقرر ڪيو. اهي علائقا، سجستان ۽ ڪرمان کان سواءِ هئا، جن تي هُن جو راڄ اڳيئي تسليم ڪيو ويو هو. پر يعقوب بن ليث، خليفي جي انهيءَ آڇ کي نڪرائي ڇڏيو ۽ عراق تي فوج ڪشي ڪري واسط تي قبضو ڪيو ۽ بغداد ڏانهن وڌيو. المعتمد کيس شڪست ڏيئي سندس فوجن کي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو. ان ڪري هو سجستان پٺي ويو، جتي عباسين کان وير وٺڻ خاطر وري به فوجون جمع ڪرڻ لڳو. پر اوچتو سندس ڏينهن اچي پورا ٿيا، هو ڪولنج جي بيماري وگهي سن 265 هه/ 879ع ۾ گذاري ويو[3]. سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ عمرو بن ليث صفاري عباسي خليفي سان صلح جون ڳالهيون ڪري خراسان جي سند حاصل ڪئي، پر خليفي ان کي آسري ۾ رکي اهڙو ته ور ڏنو جو هو جهلجي پيو. کيس قيد ڪري بغداد آندو ويو، جتي سندس تشهير تي ۽ اُن کان پوءِ کيس ڦاهي ڏني ويئي. اهو واقعو سن287هه/900ع ۾ عمل ۾ آيو[4].

سنڌ جو ملڪ ان وقت ٻن رياستن ملتان ۽ منصوره ۾ ورهائجي چڪو هو ۽ انهن ٻنهي حصن تي عربن جي حڪومت هئي. ملتان جي حڪومت جنهن ۾ ڏکڻ پنجاب ۽ بهاولپور جا علائقا اچي ٿي ويا، ان تي بنو اسد قبيلي جي حڪومت هئي ۽ منصوره جنهن ۾ هاٺوڪي سنڌ شامل هئي، هبار بن الاسود جي اولاد جي هٿ ۾ هئي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اهي حڪومتون خود ڪار ۽ خودمختيار هيون، پر وقت جي نزاڪت ۽ موقعو ڏسندي، هن يعقوب بن ليث صفار ۽ ٻين عباسي نائبن جي زيردستي قبول ڪئي. تاريخ ۾ ڪٿي به اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته ابن ليث صفاري، سنڌ تي حڪم هلايو هو. جيئن ته صفاري پاڻ عراق ۽ ايران ۾ رڌل هئا، ان ڪري هنن سنڌ جي انتظاميه ۾ خير کي دلچسپي ڏيکاري، جيڪو سندس مرڪز کان تمام گهڻو پري هو. اولهه ايشيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو، انهيءَ کان اهي ٻئي حڪومتون بلڪل بي

خبري جي عالم ۾ پنهنجي خودمختياري قائم رکنديون آيون. ان هوندي بہ خليفي جي زباني مجد[1] ۽ زيردستي رکي ويندي هئي ۽ ان جي ثابتي قائم رکڻ لاءِ انهن حڪومتن جا سربراه، خاص موقعن تي انهن ڏانهن سوکڙيون پاکڙيون ۽ تحفا ڏياري موڪليندا هئا. جهڙوڪ اڇو هاٿي، بازن جو جوڙو، ريشمي وڳو يا مشڪ عنبر جا ڪي پائونڊ (مڻ)[5]. سندس سفير پڻ بغداد جو چڪر ڪاٽيندا رهندا هئا تہ جئين عباسي خليفي کي خوشامد رستي راضي ڪري سگهجي. جڏهن امير الامرا طاقت ۾ آيا تڏهن سنڌ جو سفير بغداد جي بدران شيراز جي دربار ۾ رهندو هو.

ملتان جي عرب حڪومت جون حدون ڪشمير کان وٺي اروڙ تائين پکڙيل هيون. ڪشمير مان عرب تاريخ دانن جو مطلب هو اتر پنجاب، چا ڪاڻ تہ لهور (لاهور) جو شهر ڪشمير جو شهر ليکيو ويندي هو. منصوره جون حدون اروڙ کان وٺي عربي سمنڊ تائين (يعني تہ هاٺوڪي سنڌ) ٻڌايون ويون آهن. جن ۾ ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جا ڪي حصا بہ شامل ڪيا ويا هئا. ٻڌايو ويو آهي تہ منصوره جي آخري حاڪم اسماعيلي قرمطي مذهب قبول ڪيو هو. ان ڪري غزنوي سلطان سنڌ تي حملو ڪيو هو[6]. ان کان پوءِ عربن جي حڪومت جي پڄاڻي آئي، ۽ غزنوي سنڌ جا مالڪ ٿيا. پائنجي ٿو تہ منصوره جا حاڪم قرمطي داعين کان متاثر ٿيا هجن. جن جو اثر سنڌ تي 375هہ /987ع ڌاري ثابت ٿي چڪو آهي. ابن الهيثم ۽ حلم بن شيبان اوائلي اسمائيلي داعي هئا جن ملتان جي عرب حاڪمن کي پنهنجي مذهب ۾ آندو. شيعن جو سنڌ تي اثر سن 150هہ /767ع کان وٺي ٻڌايو ويو آهي. جڏهن امام حسن جي اولاد مان عبدالله بن محمد الاشتر سنڌ ۾ آيو. سنڌ جي گورنر سندس تمام گهڻي تعظيم ڪئي ۽ پڻ پيسي ڏوڪڙ جي بہ مدد ڪئي. هو درحقيقت گهوڙن جي واپاريءَ جو ويس بدلائي آيو هو. عباسي خليفي کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن سنڌ جي گورنر عمر بن حفص کي اتان بدلي ڪري اتر افريڪا روانو ڪيائين ۽ سندس جاءِ تي هشام بن عمرو کي موڪليائين جنهن عبدالله بن الاشتر کي قتل ڪري سندس سر بغداد ڏياري موڪليو. عبدالله بن الاشتر شيعن جو پهريون ليڊر هو جنهن کي عباسي گورنر سنڌ ۾ قتل ڪرايو هو[7].

## اصليت ۽ نسب:

بنو هبار گهراڻو جيئن تہ سنڌن نالي مان ظاهر آهي، هبار بن الاسود جي اولاد مان آهي. هو بنو اسد قبيلي مان هو. هبار بن الاسود اسلام دشمني سبب مسلمانن ۾ بدنام هو. ڇاڪاڻ تہ هو پيغمبر اسلام محمد ﷺ جي خلاف بهتان بازي ۽ غلط ڳالهيون ناهيندو رهندو هو. جيئن تہ هو شاعر پڻ هو ان ڪري جڏهن بہ نبي سڳورو ﷺ جن ڪٿي وڃي تبليغ ڪندا هئا تہ هي اتي پهچي ويندو هو، ۽ بيت ناهي ماڻهن ۾ وڏي سڏ پيغمبر ﷺ تي ٺوڪ ٺاڙي ڪندو هو، ۽ ايڏو تہ گوڙ ڪندو هو جو ماڻهو دين جون ڳالهيون ٻڌڻ بدران سنڌس ناهيل گيت ٻڌڻ لڳندا هئا[8]. قريش جي سردارن هن کي انهيءَ ڪم تي رکيو هو تہ جتي بہ محمد ﷺ وڃي اتي هي بہ پهچي ويندو هو. سنڌس خلاف ڪوڙيون ۽ بدنام ڪندڙ ڳالهيون گهڙي راڳ جي صورت ۾ ڳائيندو رهندو هو. سنڌس اسلام دشمن ڪاروايون ايتري قدر تہ وڌيل هيون جو هن طائف ۾ بہ حضرت جن کي نہ ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو تبليغ ٻڌڻ بدران هبار بن الاسود جا بيهودا بيت ٻڌي پاڻ کي وندرائيندا رهندا هئا. هبار جو پاءُ زمعة بن الاسود قريش جي انهن سردارن مان هو جنهن پنهنجي قبيلي جي سرداري جي حيثيت ۾ بدر جي جنگ ۾ حصو ورتو. زمعة بن الاسود پنهنجن ٻن پٽن پائرن سميت قتل ٿي ويو جنهن سبب هبار بن الاسود جي دشمني پاڻ وڌيڪ ٿي ويئي. هن پنهنجي قتل ٿي ويل پائرن لاءِ مرثيہ ناهيا جي نهايت سوز سان پريل هئا. هو قريش جي ماڻهن کي روئيندي ڳائي ٻڌائيندو هو، تہ جيئن هنن ۾ انتقام جو جذبو پيدا ٿئي. اُحد جي جنگ جنهن ۾ مسلمانن جو وڏو تعداد مارجي ويو هو درحقيقت هبار بن الاسود جي شاعري جي اثر هيٺ ٿي هئي. هن پاڻ بہ بدلي خاطر حضرت محمد ﷺ جن جي نياڻي کي قتل ڪيو هو. ٻڌايو ويو آهي تہ سن 2 هہ ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي نياڻي بيبي زينب مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ خاطر اٺ تي چڙهي وڃي رهي هئي تہ هبار سنڌس پٺ ورتي ۽ اهڙو نيزو هنيائينس جو اٺ تان ڪري پيئي، ۽ ڪيس ڪاري زخم رسيا. بيبي صاحبہ ان وقت ٻن جيئن سان هئي ان ڪري مديني پهچڻ کان پوءِ گذاري ويئي[9].

هباري خاندان، بنو قريش جي مشهور شاخ بنو اسد جو هڪ حصو هو. انهيءَ قبيلي جون حضرت محمد ﷺ سان مائٽاڻيون رشتيداريون پڻ هيون. حضرت خديجہ رضي الله عنها ، پيغمبر ﷺ جي پهرين گهر واري بنو اسد قبيلي مان هئي ۽ هبار بن الاسود جي سوٽاٽي سوٽ هئي. عبدالله بن زمعة سان ام سلمہ جي ڌي زينب پرڻيل هئي ۽ ام سلمہ پاڻ وري حضرت جن جي گهرواري هئي[10]. اسلام کان اڳ ۽ پوءِ بنو اسد قبيلو نهايت اهم سمجهيو ويندو هو. حضرت محمد ﷺ جن جي ظهور وقت مڪي جي شهري حڪومت ۾ بنو اسد کي "مشوري" (صلاحڪار) جو ڪاتو ڏنو ويو هو. انهيءَ قبيلي جو عيوضي ان وقت يزيد بن ربيعة هو. ڪو بہ ڪم سنڌس صلاح کان سواءِ نہ ڪيو ويندو هو. هبار جو پيءُ الاسود بن مطلب، قريش جي قبيلي جو اهم رڪن هو، ۽ ان سان گڏ هڪ با اثر شخص پڻ هو. هبار پاڻ شاعر هو ان ڪري لباڙون هڻندو رهندو هو. پر سندس ڀائر زمعہ بن الاسود، ۽ عقيل بن الاسود مٿير مرد هئا ۽ بهادري ۾ سندس مٽ ثاني ڪو نہ هو جي بدر جي جنگ ۾ قتل ٿي ويا. هبار جو ڀائٽيو حارث بن زمعہ پڻ هن خونريز جنگ ۾ مارجي ويو. جنهن سبب هبار جي دين اسلام ۽ پيغمبر ﷺ سان دشمني وڌي ويئي.

زمعة جي الاسود جي ٻين ٻن پٽن يزيد بن زمعة ۽ عبدالله بن زمعة اسلام قبول ڪيو. اهي نبي سڳوري ﷺ جي اصحابن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. يزيد بن زمعة رضہ، طائف واري ڏينهن تي جنگ ڪندي شهيد ٿيو. عبد الله رضہ وري ام المومنين ام سلمہ جي ڌيءَ زينب سان شادي ڪئي. عبد الله جو پٽ يزيد، مديني جي دفاع ۾ يزيد بن معاويہ جي شامي فوجن سان جنگ ڪندي[11]، حره جي ڏينهن قتل ٿيو. بنو اسد خاندان جو ٻيو مشهور ماڻهو زبير بن العوام رضہ هو، جو حضور ﷺ جن جو نهايت ئي ويجهو ۽ اعتبار جوڳو ساٿي هو. هي انهن ڏهن خوش قسمت اصحابن مان هو جنهن کي بهشت جي مرڻ کان اڳ خوشخبري ڏني وئي هئي. اهوئي سبب آهي جو انهن اصحابن کي "العشره المبشره" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. حضرت زبير رضہ پوءِ حضرت علي رضہ جي خلاف جمل (اٺ) واري جنگ ۾ پيغمبر ﷺ جي گهر واري بيبي عائشہ رضي الله عنها جو طرف وٺي وڙهيو هو. پر گهڻن زخمن رسڻ ڪري ستت ئي پوءِ گذاري ويو. بيبي عائشہ رضہ، زبير بن العوام رضہ جي

سالي هئي، چاڪاڻ تہ حضرت ابوبڪر رضہ جي ڌيءَ حضرت زبير رضہ سان پرڻيل هئي. حضرت زبير بن العوام جي ٻن پٽن عبدالله بن زبير رضہ ۽ حضرت مصعب بن زبير رضہ، بنو اميہ سان جنگ ڪرڻ سبب چڱو نالو ڪڍيو ۽ هجرت کان پوءِ سٺ سال زنده رهيا[12]. حضرت عبدالله بن زبير رضہ ڏهن سالن تائين بنو اميہ سان برابري ڪري، ڏھ سال خلافت جو عهدو ماڻيو. اهو انهيءَ ڪري جو اسلامي سياست جي نقطہ نظر کان، اسلام جا ٻئي پاڪ شهر مڪو ۽ مدينو سندس قبضي ۾ هئا. سندس همعصر بنو اميہ جا خليفا مروان بن حڪم بن العاص ۽ سندس پٽ عبدالمالڪ بن مروان هئا. جن جي حڪومت حجاز ۽ عراق کان سواءِ اسلامي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ تسليم ڪئي ويئي هئي. آخر ۾ عبدالله بن زبيررضہ بنو اميہ جي فوجن طرفان مڪي جي گهيري واري عرصي ۾ شڪست کائي قتل ڪيو ويو ۽ سندس لاش کي ٽي ڏينهن چاڙهي ٽنگيو ويو. مڪي جو گهيرو طائف جي هڪ اسڪولي ماستر حجاج بن يوسف ثقفي جي طرفان، بنو اميہ خليفي عبدالمالڪ بن مروان پاران سن 73 ھ / 962ع ۾ ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ڪعبة الله جي پٿين کي ڏاهي پٽ ڪيو ويو ۽ ان کي باهہ ڏني ويئي هئي. عبدالله بن زبير ڪعبة الله ۾ مورچو قائم ڪري جنگ ڪئي هئي پر بچي نہ سگهيو.

مڪي جي فتح ٿيڻ کان پوءِ پيغمبر اسلام جهڙي طرح ٻين ڏوهارين کي جي بنو قريش مان هئا تن کي معاف ڪيو. اهڙي طرح پاڻ سڳورن هبار بن الاسود کي بہجيٺدان ڏيئي، اعليٰ اخلاقي ڪردار جو مظاهرو ڪيو. هن اسلام قبول ڪيو ۽ سندس اولاد پوءِ بنو اميہ ۽ بنو عباس جي خلافت جي دور ۾، عرب اسلامي سلطنت جي انتظاميہ ۾ چڱو ڀهرو ورتو. هبار جي پوٽي منذر بن زبير کي عباسي خليفي سفاح، قرقيسيا ۾ هڪ اهم عهدي تي مقرر ڪيو هو[13]. اها دعويٰ طبري جي آهي پر بلاذري ٻڌائي ٿو تہ اهو ساڳيو منذر بن زبير، سنڌ جي اميہ دور جي گورنر حڪم بن عوانہ ڪلبي سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. سندس خاندان پوءِ سنڌ ۾ رهي پيو ۽ سياست ۾ ڀهرو وٺڻ لڳو.

عباسي خليفي المعتصم بالله جي حڪومت جي دور ۾ سنڌ جي ٻن عرب طبقن يعني تہ معز ۽ حمير ۾ گهرو لڙائي جو آغاز ٿيو جو سڄي سنڌو ماٿر ۾ پکڙجي ويو. ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جا ڪيترائي ماڻهو ماري وڌا. سنڌ جي

گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي، حمير (يمني) قبيلن جو ساٿ ڏيئي مضرين (حجازي عربن) تي ظالمانہ ڪاروايون ڪرايون ۽ انهن جو ڪوس ڪرايو. انهيءَ وڳوڙ وارين حالتن جو فائدو وٺي مضري قبيلن هبار بن الاسود جي اولاد مان عمر بن عبدالعزيز هباري کي پنهنجو اڳواڻ بنايو. جنهن گورنر عمران کي شڪست ڏيئي منصوره جي شهر ۽ خزاني تي قبضو ڪري ورتو[14]. گورنر جي موت ۽ سندس ساٿين جي قتل تي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جو سڄو صوبو هبارين جي هٿ اچي ويو. مضري قبيلا طاقت جو سرچشمو ٿي ويا. پنهنجي سوڀ کي جائز ڪرائڻ خاطر عمر بن عبدالعزيز هباري، عباسي خليفي متوڪل کي سفير ۽ سوکڙيون، ڏن سميت ڏياري موڪليا ۽ درخواست ڪئي تہ کيس عمران جي جاءِ تي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو وڃي. خليفي سندس درخواست منظور ڪئي ۽ کيس اهڙي سند ڏياري موڪلي. اليعقوبي اهو واقعو سن 240 هہ جو ٻڌايو آهي. عمر بن عبدالعزيز پهريان عباسي گورنر جي حيثيت ۾ راڄ ڪندو رهيو. پر پوءِ عباسي خلافت جي ڪمزوري جو فائدو وٺي هو هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ جو والي بنجي ويو. جنهن کي منصوره جي عرب حڪومت سڏيو ويو آهي.

## عمر بن عبدالعزيز هباري:

عمر بن عبدالعزيز نہ فقط منصوره جي عرب رياست جو باني هو، پر ان سان گڏ هُن هڪ اهڙي گهراڻي جو پايو رکيو، جنهن سنڌ تي هڪ سو ستر سالن کان وڌيڪ حڪومت ڪئي. عمر بن عبدالعزيز لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هُو هبار بن الاسود جنهن جو اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن جي پنجين پيڙهي مان هو[15]. هبار بن الاسود پاڻ بہ بنو اسد قبيلي جو با اثر شخص هو. عمر بن عبدالعزيز سنڌ جي نزاري (معزي) قبيلن جو ليڊر هو ۽ جڏهن عربن جي پنهي طبقن ۾ جنگ شروع ٿي، تڏهن هن سنڌ جي گورنر کي شڪست ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ صوبي تي حڪومت ڪرڻ لڳو. کيس خبر هئي تہ عباسي خليفي کان سند وٺڻ کان سواءِ ماڻهو کيس سک سان سمهڻ ڪونہ ڏيندا. ان ڪري هُن بغداد جي همعصر خليفي المتوڪل کي هڪ عريضي ڏياري موڪلي. خليفي المتوڪل عباسي جي خلافت جو دور اسلامي دنيا لاءِ اپاڃو ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دور ۾ قدرتي آفتن سبب ڪيترن ئي اسلامي ملڪن

۾ ماٺو مٺا ۽ ٻيو زيان ٿيو. ساڳئي وقت بغاوتن پڻ منهن ڪڍيو، جنهن سبب هو هميشه پريشان رهندو هو. عمر بن عبدالعزيز هباريءَ جي هيءَ درخواست سندس لاءِ خوشيءَ جو باعث بڻي ۽ هُن هڪدم انهيءَ تي عمل ڪيو ۽ ڪيس سنڌ جي حڪومت جي سند ڏياري موڪلي[16]. جيتوڻيڪ هو عباسي خلافت جي طرفان نامزد ڪيل گورنر هو، پر هُن عباسي خلافت جي ڪمزوري مان پورو پورو فائدو ورتو. خليفو المتوڪل عباسي، سندس حفاظتي جٿي هٿان سن 246هه /861ع ۾ قتل ٿي ويو ۽ اهو سال سنڌ جي منصوره واري عرب رياست جي خود مختياري جو سال سمجهڻ گهرجي. عمر بن عبدالعزيز هڪ خبردار انسان هو، ان ڪري پاڻ عباسين جو خطبو مسجدن ۾ جاري ۽ سال به سال ڏن جا پيسا پڻ بغداد جي مرڪزي خزاني ڏانهن، سوکڙين پاکڙين ۽ تحفن سميت موڪليندو رهيو.

## اوائلي زندگي ۽ ڪردار:

عمر بن عبدالعزيز هباري جي اوائلي زندگي ۽ ڪردار بابت تمام ٿورو مواد ملي سگهيو آهي. پر اها پڪي ڳالهه آهي ته هو سنڌ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي سندس پرورش ٿي. پائنجي ٿو ته هُو بانيه جي شهر ۾ ڄائو، جو منصوره جي ڏکڻ ۾ هڪ ننڍڙو پر سهڻو شهر هو. حڪومت هٿ ڪرڻ کان پوءِ ۽ پڻ آخري عمر ۾ هُن بانيه ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو هو ۽ اهو اهجاڻ سندس دلي محبت جي تصديق ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو هُن منصوره جي وڏي شهر کي ڇڏي، پنهنجو محلات ۽ گهر بانيه ۾ نهرايو ۽ اهوئي سندس دور ۾ انتظام جو مرڪز هو.

عمر بن عبدالعزيز پنهنجي سياسي زندگي جي شروعات آساني سان ڪانه ڪئي هئي. جڏهن هُو سنڌ جو حاڪم ٿيو ته ان کان اڳ سندس سنڌ جي معزي عرب قبيلن تي ڪافي اثر هو، جن گڏجي کيس پنهنجو مهندار بنايو هو. عربن جي ٻئي مشهور طبقي يعني ته حمير (يمنين) ۾ به عمر بن عبدالعزيز جي عزت ڪئي ويندي هئي. ڇاڪاڻ ته قريش جا قبيلا اسلام کان اڳ به ڪعبة الله جي پاڙيسري هئڻ ڪري سڄي عربستان ۾ عزت ۽ احترام جا لائق سمجهيا ويندا هئا. پر عمر بن عبدالعزيز ۾ پنهنجيون لکيل صلاحيتون موجود هيون. جنهن سبب هن ٿوري عرصي اندر ترقي ڪري ورتي. جيئن ته عربن جي ٻن طبقن ۾ صدين کان وٺي ڪشمڪش هلندي ٿي آئي، ان ڪري هرڪو طبقو

اهو چاهيندو هو تہ بئي کي زير ڪيو وڃي ۽ انهيءَ خواهش کي پوري ڪرڻ خاطر هڪ لائق، ايماندار، ذهين ۽ طاقتور انسان جي ضرورت هئي. جو قبيلن جي مهنداري جا فرائض سرانجام ڏيئي سگهي. عمران بن موسيٰ جو ان وقت سنڌ جو گورنر هو، عباسي دور جي برمڪي خاندان سان وابستہ هو، جي علم ۽ لياقت ۽ انتظامي صلاحيتن جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور هئا. عمر بن عبدالعزيز هباريءَ جو، معزي قبيلن کي متحد ڪري، عمران جي خلاف ڪاميابي حاصل ڪرڻ هڪ اهڙي سوڀ آهي، جنهن کي ڪنهن بہ حالت ۾ فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. يمني قبيلن جي مدد سان معزي قبيلن تي ظلم ۽ زبردستيون ڪرڻ ۽ انهن کي ايذاء رسائڻ ايترو تہ وڌي ويو، جو معزي قبيلا پنهنجي نجات ۽ ڪاميابي متعلق بلڪل نا اميد ٿي چڪا هئا. اهو عمر بن عبدالعزيز هو، جنهن ماريل (مظلوم) طبقي کي متحد ڪري انهن ۾ نئون روح ڦوڪيو[17]. ايتري قدر جو اهي پاڻ کان وڌيڪ طاقتور قبيلن کي ماري مڃائڻ ۾ ڪامياب ويا ۽ ڪانئس سنڌ جي حڪومت بہ کسي ورتائون. اهو سڀ ڪجهہ عمر بن عبدالعزيز جي قيادت ۾ ٿيو. هُن اهڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ معزي قبيلن جي رهنمائي ڪري، ڪين ملڪ جي سياسي قوت ۽ اقتدار جو مالڪ بنايو. اها ڪا گهٽ ڪاميابي ڪانہ هئي. سنڌ جو عباسي گورنر جو مرڪزي سرڪار جو نمائندو هو مارجي ويو. سندس حمايتي شڪست کائي پنهنجو وقار وڃائي وينا ۽ آڻ مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا. عمر بن عبدالعزيز قبيلن ۾ پيدا ٿيل دشمني ۾ ناپر آڻي ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو ۽ عباسي خليفي کان سنڌ جي گورنري جي سند بہ حاصل ڪئي، انهيءَ شرط تي تہ هُو عباسي خليفن جو نالو جمعي واري نماز جي خطبي ۾ پڙهائيندو ۽ ساليانو ڏن بغداد موڪليندو رهندو[18].

## عمر بن عبدالعزيز هباري، بادشاهہ جي حيثيت ۾:

عمر بن عبدالعزيز انتظامي صلاحيتن ۾ بہ وڏو ڪمال حاصل ڪيو ۽ انهيءَ اعليٰ سياسي درجي لاءِ نهايت ئي موزون ثابت ٿيو، جنهن ۾ ڪيس منصوره جي عرب حڪومت ۾ حاڪم اعليٰ جي حيثيت ۾ ملڪ جو مالڪ بنايو ويو هو. سندس قائم ڪيل عرب حڪومت جون حدون اروڙ کان سمنڊ تائين هيون يعني تہ هاٺوڪي سنڌ تي سندس راڄ قائم هو. هُن پنهنجو رشتو مرڪزي سرڪار سان ختم ڪرڻ مناسب نہ ڄاتو، ان ڪري عباسي خليفن جو

نالو جمعي نماز ۾ سيني مسجدن ۾ خطبي ڪندي پڙهيو ويندو هو. جنهن مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته هو عباسين جي مرڪزي حڪومت جو زيردست آهي ۽ سندس نائب جي حيثيت ۾ سنڌ تي حڪومت ڪري رهيو آهي. ابن خلدون لکي ٿو ته خليفي المعتمد عباسي، يعقوب بن ليث صفاري جي خراب نيت کي (بغداد تي حملو ڪرڻ) بدلائڻ خاطر ڪيس سنڌ جي حڪومت جو پروانو پڻ موڪليو. پر هُن انهيءَ کي رد ڪندي بغداد تي حملو ڪيو. جنهن ۾ هُو ناڪامياب ويو ۽ پوءِ سجستان ڏانهن پڇي ويو[19]. جتي پهچڻ کان پوءِ ستت مري ويو. ان ڪري ظاهر ٿيو ته يعقوب بن ليث جو سنڌ تي خير ڪو سياسي اثر رهيو، ڇاڪاڻ ته هُو فارس جي مسئلن ۾ ايترو ته منجهيل رهيو جو کيس سنڌ جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ جو ڪو موقعو ئي نه مليو. ان ڪري سنڌ جو صوبو عمر بن عبدالعزيز هباري جي بادشاهي ۾ نهايت ئي اطمينان سان، سهٽي انتظام هيٺ ۽ عباسين جي نالي ماتر حڪومت هيٺ هلندو رهيو. صفارين جو ڪوبه اثر سنڌ تي قائم نه ٿي سگهيو، پر جيڪڏهن هو ته اهو به نالي ماتر سمجهڻ گهرجي. هبارين جو صفارين جي هٿ هيٺ زيردست ٿي ڪم ڪرڻ ڪنهن به ماخذ مان ثابت نه ٿي سگهيو آهي. عمر بن عبدالعزيز بنا ڪنهن گڙٻڙ جي آرام سان سنڌ تي حڪومت ڪري گذاري ويو. عباسي خليفي جي هٿان صفارين جي سند رد ڪرڻ تاريخ مان ثابت آهي ۽ اهو به ظاهر ٿيو آهي ته خليفي المعتمد سن261هه / 875ع ۾ پنهنجي ڀاءُ الموفق کي ڪيترن ئي اوڀر جي صوبن تي پنهنجو وائسراءِ (نائب) مقرر ڪيو هو ۽ ان ۾ سنڌ جو صوبو پڻ شامل هو[20].

اهو ڪٿي به ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته عمر بن عبدالعزيز گهڻو وقت منصوره تي حڪومت ڪئي جا ان وقت سنڌ جي گادي هئي. پر اهو ظاهر ٿيو آهي ته هُن گهڻو عرصو سنڌ تي حڪومت ڪئي. انهيءَ ڏس ۾ ايران جي مشهور سياح بزرگ بن شهريار جي لکت موجود آهي، جنهن ٻڌايو آهي ته سن 270 هه 888ع ۾ سنڌ جو عرب حاڪم عبدالله بن عمر هو[21]. ڪتاب الذخائر والتحف ۾ وري هن ريت مذڪور آهي ته سن 271 هه ۾ سنڌ جو عرب بادشاهه موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز هباري هو. انهيءَ بادشاهه عباسي خليفي المعتمد ڏي بغداد ڏانهن ڪي تحفا ۽ سوکڙيون پڻ موڪليون هيون، جن ۾ ڪي سهٽا

هاٿي، چانديءَ جا ٺي پتلا، مشڪ ۽ عنبر جا ڪي مڻ، ريشم جي ڪپڙي جا ٿانَ ۽ اهڙا هرڻ جن جو قد ڍڳن جيڏو هو. پڻ صندل جو ٺهيل هڪ تخت بہ ڏانهس موڪليو هو[22]. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ عمر بن عبدالعزيز هباري ۽ سندس پٽ عبدالله بن عمر، ٻنهي جي حڪومت جو گڏيل عرصو ٽيهہ سال هو ۽ موسيٰ بن عمر هباري خاندان جو ٽيون بادشاهہ هو.

عمر الهباري منصوره جي شهر کي پنهنجي حڪومت جو تختگاهہ بنايو، پر پنهنجي رهائش لاءِ هُن بانيہ شهر جو انتخاب ڪيو[23]، جو منصوره کان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هڪ ننڍڙو شهر هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ بانيہ ۾ رهائش جو انتظام ٻن ڳالهين جي ڪري هو. هڪ تہ آبهوا جي خيال کان ۽ ٻيو تہ گوڙ ۽ گهمسان کان بچڻ خاطر. بانيہ جو شهر، عرب ليکڪن جي بيان موجب هڪ نهايت سهڻو شهر هو، جنهن ۾ ڪيترائي باغ هئا ۽ انهن ۾ جام ميوو پيدا ٿيندو هو. اتي سستائي بہ گهڻي هئي[24].

عمر بن عبدالعزيز هباري جو دور حڪومت امن وارو دور هو ۽ سنڌ ۾ خوشحالي هئي. خاص ڪري عرب تہ نهايت ئي خوشحال هئا. ڇاڪاڻ تہ ملڪ جو سڄو پيسو، زمينون ۽ مال انهن وٽ ئي هو. عمر جو پاڙي وارن هندو راجائن سان بہ سٺا ناتا هئا. انهيءَ سبب انهن ڪڏهن بہ سنڌ تي ڪاهہ ڪانہ ڪئي. ساڳئي وقت عمر بن عبدالعزيز هڪ طاقتور ۽ منظم فوج جو پڻ سنڌ ۾ بندوبست ڪيو هو، جنهن سبب ڪنهن بہ دشمن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ٿي ۽ اها وقت سر حڪومت جي بچاءَ لاءِ ميسر ٿي سگهندي هئي.

## عبدالله بن عمر هباري:

تاريخ ۾ سلسليوار مواد نہ ملڻ سبب چئي نہ ٿو سگهجي تہ هباري خاندان جي اميرن ڪيترو وقت حڪومت ڪئي. پر اهو ثابت ٿيو آهي تہ عمر کان پوءِ سندس پٽ عبدالله تخت ڌڻي ٿيو هو. عبدالله بن عمر جا ڪي سڪا دلور جي پڙي مان هٿ آيا آهن، جنهن کي منصوره جي کنڊرن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي[25]. عبدالله جي دور حڪومت ۾ قرآن پاڪ جو پهريون ترجمو مقامي ٻوليءَ ۾ ٿيو.

## قرآن شريف جو پهريون ترجمو:

عجائب الهند جو مصنف ٻڌائي ٿو تہ ڏکڻ ڪشمير جي هڪ راجا، جنهن جو نالو مهروق بن رائق هو، تنهن عبدالله بن عمر ڏانهن نياپو موڪليو تہ ڪو اهڙو عالم ڏانهس موڪلي، جيڪو کيس قرآن جي تعليم تفسير ڪري ٻڌائي. عبدالله بن عمر، عراق جو هڪ عرب عالم، جنهن کي ننڍي ڪنڌ جون ڪيتريون ٻوليون اينديون هيون. انهيءَ راجا ڏانهن ڏياري موڪليو. اهو عالم انهيءَ راجا وٽ ٽي سال رهيو. قرآن جو تفسير بيان ڪندي جڏهن هو سورت يٰسٓ جي هن آيت: "قال من يحي العظام وهي رميم" تائين پهتو، تڏهن راجا تخت تان لهي فرش تي آيو ۽ پاڻ کي زمين تي ڪٽي اڇلايائين. پوءِ هو گهڻو وقت سجدي ۾ رهيو ۽ ايڏو تہ رنو جو سندس مٿو ۽ منهن مٽيءَ سان پرجي ويو. ان کان پوءِ هُن پنهنجي درٻارين ڏانهن منهن ڪندي چيو تہ: "بيشڪ اهو الله آهي جو اڪيلو خدا آهي ۽ سڄي ڪائنات جو پالڻهار آهي." قرآن جي تفسير مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اهو عالم منصوره ڏانهن موٽي آيو ۽ پنهنجي فرض جي ادائگي بابت عبدالله بن عمر هباري کي احوال ڏنو. انهيءَ عالم جو چوڻ آهي تہ اهو راجا سچي دل سان مسلمان ٿي ويو هو، پر تخت جي ڪري پنهنجي ارادي کي هُن ماڻهن کان مخفي رکيو[26]. ڏکڻ ڪشمير مان مراد آهي پنجاب جو ڏاکڻو حصو، جتي اڄان تائين لهندا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، جا سنڌي ٻوليءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي.

## عبدالله بن عمر هباريءَ جا سڪا:

عبدالله بن عمر هباري جا ٽي سڪا هٿ آيا آهن، جن ۾ هڪ چانديءَ جو آهي ۽ ٻہ ٽامي جا. اهي سڪا 1882ع ۾ دلور جي پر وارن ڪنڊرن مان لڌا ويا آهن، جيڪي شهدادپور شهر جي پر ۾ آهن[27]. سڪن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ منصوره جا هباري امير، عباسي خليفن جا زيردست ڪين هئا. جاڪاڻ تہ انهن جو نالو ڪٿي بہ ثابت نہ آهي. ان سان گڏ اها حقيقت بہ واضح ٿئي ٿي تہ سنڌ جي عربن کي منصوره ۾ پنهنجو ضربخانو هو، جتي سڪا ضرب ڪيا ويندا هئا.

عبدالله هباري سنڌ تي 270 هہ تائين حڪومت ڪئي. ڇاڪاڻ تہ ٻئي سال يعني تہ سن 271هہ ۾ سندس پاءُ موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز

هباري، منصوره جي عرب رياست جو امير بڻايو ويو آهي. مشهور تاريخدان البلاذري ٻڌائي ٿو تہ منصوره ۾ انهيءَ وقت هڪ وڏو انقلاب آيو هو، جنهن ۾ هباري خاندان جي حڪومت ٿوري وقت لاءِ ختم ڪئي ويئي هئي. انهيءَ انقلاب جو ليڊر صمه بن ابو صمه هو، جو اصل ۾ بنو ڪنده جي عرب قبيلي جو آزاد ڪيل غلام هو[28]. هُن منصوه تي زبردستي قبضو ڪري، پنهنجي حڪومت جو اعلان ڪيو. پر ساڳئي سال ڪيس شڪست ڏني ويئي ۽ منصوره تي وري بہ بنو هبار جو راڄ قائم ٿي ويو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ عبدالله بن عمر انهيءَ انقلاب ۾ مارجي ويو ۽ سندس پاءُ باغين کان بدلو ونئي، وري پنهنجو تخت هٿ ڪيو. بغداد جي عباسي خليفي کي خوش ڪرڻ خاطر هُن کي سوڪڙيون پاڪڙيون بہ، ڏانهس موڪليون تہ جيئن سنڌ تي سندس حڪومت تسليم ڪئي وڃي.

## موسيٰ بن عمر هباري:

موسيٰ بن عمر هباري، چڱيرڙو وقت حڪومت ڪئي، پر سندس ڪارنامن تي ڪابہ روشني وجهي نہ ٿي سگهجي. مشهور مورخ ۽ جاگرافي جو ماهر المسعودي ٻڌائي ٿو تہ سن 300 هہ ۾ منصوره جو عرب حاڪم عمر بن عبدالله هباري هو[29]. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ موسيٰ بن عمر کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. اهوئي سبب آهي جو سندس وفات کان پوءِ سندس ڀائٽيو عمر بن عبدالله تخت نشين ٿيو. ائين بہ ممڪن آهي تہ عبدالله بن عمر وراثت جي قانون ۾ ترميم آڻي، پهرين پنهنجي ڀاءُ موسيٰ بن عمر ۽ ان کان پوءِ پنهنجي پٽ عمر بن عبدالله کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هجي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ باغين کان فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ چاچي يعني تہ موسيٰ بن عمر ۽ ڀائٽي عمر بن عبدالله جي وچ ۾ تخت تان جهيڙو ٿيو هجي ۽ عمر بن عبدالله ڪامياب ويو هجي. جيئن تہ تاريخ مان ڪي بہ ڪين ٿو ملي، ان ڪري فقط انومان ئي ڪري سگهجي ٿو تہ موسيٰ بن عمر سن 300 هہ تائين يا ان کان ٿورو اڳ منصوره جو بادشاهہ هو، جڏهن دنيا جو مشهور سياح المسعودي سنڌ ۾ آيو هو. جيڪڏهن اهو انومان صحيح آهي تہ پوءِ هيٺيان ڏنل واقعا موسيٰ بن عمر جي دور جا آهن:

## ديبل جي تباهي:

سن 289 هه 894ع ۾ سنڌ جي ديبل بندر ۾ هڪ وڏو زلزلو آيو. ڌرتي ڌبڻ وقت طوفاني هوائون ۽ زوردار مينهن پڻ وسيو ۽ ديبل جو شهر زمين دوز ٿي ويو. زلزلي جي تباهيءَ جو اثر انهيءَ حقيقت مان واضح آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويا. سيوطي ۽ ابن اثير جو چوڻ آهي ته ڪريل جاين جي ڍيرن مان هڪ لک پنجاهه هزار ماڻهن جا لاش ڪڍيا ويا هئا[30]. جاني ۽ مالي نقصان هوندي به ديبل جو شهر وري به ڏڪ پچائي ويو ۽ ڪريل عمارتن جي جاءِ تي نيون جايون ٺاهيون ويون. بشاري مقدسي جڏهن سن375هه 988ع ۾ سنڌ ڏسڻ آيو، تڏهن ديبل پنهنجي اوج ۽ شاهوڪاري جي دور ۾ هو ۽ اتي جا ماڻهو خوشحال ۽ فارغ البال ٻڌايا ويا آهن.

## محمد بن ابي شوراب جو موت:

موسيٰ بن عمر جي حڪومت جي دور ۾ منصوره جي قاضي محمد بن ابي شوراب جو موت واقع ٿيو ۽ سندس علم ۽ ڄاڻ جو عراق ۽ عرب دنيا ۾ چرچو هو. هو سنڌ جو قاضي القضاة هو ۽ انهيءَ عهدي تي هو ڇهه مهينا قائم رهيو[31]. پر ان هوندي به هُن انصاف ۽ قانون جي بالادستي سبب سنڌ ۾ چڱو نالو ڪڍيو. المسعودي جو چوڻ آهي ته منصوره جي هباري اميرن ۽ قاضي ابي شوراب جي وچ ۾ مائٽاڻو سبنڌ هو[32]. جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته سفارش ۽ پاس خاطري جو مرض سنڌ ۾ تمام آڳاٽو ۽ عربن جي دور ۾ به اهو نمونو قائم رهندو آيو.

موسيٰ بن عمر هباري لاءِ ٻڌائي نه ٿو سگهجي ته هن ڪيترا سال حڪومت ڪئي. پر ويجهڙائي ۾ ڇپايل تصنيف 'الذخائر والتحف' جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي ته هن هڪ آزاد ۽ خودمختيار حاڪم جي حيثيت ۾ سنڌ تي ٻين هباري حاڪمن وانگر چڱو عرصو حڪومت ڪئي.

## عمر بن عبدالله هباري:

عمر بن عبدالله هباري، هباري خاندان جو چوٿون نمبر حاڪم هو، پر هُو منصوره جو وڏي ۾ وڏو بادشاهه تسليم ڪيو ويو آهي. هن پنهنجي دربار جو طريقو مشرقي ظالمن جي نموني تي رکيو هو ۽ ڪيس حڪومت جي انتظام

هلائڻ لاءِ وزيرن جو هڪ وڏو تعداد هو. المسعودي ٻڌائي ٿو تہ منصوره جي عرب حڪومت جو وڏو وزير رياح ۽ منصوره جي دربار عالمن، معزز ۽ وڏن ماڻهن سان سينگاريل هئي. عرب جاگرافي دان وڌيڪ چوي ٿو تہ هُن اتي هڪ عرب سردار ڏٺو، جنهن جو نالو حمزه هو ۽ ڪيس منصوره جي دربار ۾ وڏي فوقيت حاصل هئي. هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هُن اتي ڪيترائي ماڻهو ڏٺا، جي پاڻ کي علي جو اولاد سڏائيندا هئا. اهي گهڻو ڪري محمد بن علي ۽ عمر بن علي جي اولاد مان هئا ۽ سنڌ جهڙي ڏورانهين ملڪ ۾ حڪومت جي ظلم سبب لڏي آيا هئا[33]. المسعودي ظاهر ڪيو آهي تہ منصوره جي عرب حاڪم ابوالمنذر عمر بن عبدالله هباري پنهنجي سر سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ڪين وڏي عزت ڏني ويئي. ابوالمنذر عمر جا ڪي سڪا ڀڙي جي ڪنڊرن مان مليا آهن، جن کي منصوره سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي ۽ اهي هي آهن:

## عمر بن عبدالله جا چانديءَ جا سڪا:

ابوالمنذر عمر بن عبدالله جا پنج چانديءَ جا سڪا، مسٽر بيلاسس جي ڀڙي ۾ کيل کوٽائي مان مليا آهن ۽ اهي انهيءَ ساڳئي بادشاهہ جا تصور ڪيا ويا آهن. انهن مان هرهڪ سڪو 1½ قطر ۾ آهي ۽ ان جي تور نون رتين جيتري ٿيندي.

سبتو: پنجن سٽن ۾ ابو المنذر عمر بن عبدالله

پاسن کان ليڪا ۽ ٽبڪا

ابتو: ڪوفي رسم الخط ۾ ٽي سٽون

بالله محمد رسول الله

## عمر بن عبدالله جو ٽامي جو سڪو:

3½ انچ قطر ۽ تور 21 رتيون.

سبتو پاسو: ڳنل ۽ خالي

ابتو پاسو:

وچ ۾: بنو ...... عمرويه منذر

پاسن ۾: س بالمنصوره سنة اربع.

المسعودي وڏيڪ لکي ٿو تہ منصوره جي قاضيءَ جو عهدو بہ موروثي هو ۽ اهو عراق جي مشهور قاضي ابي شوراب جي خاندان ۾ هلندو آيو[34]. عمر بن عبدالله هڪ طاقتور بادشاهہ هو. وٽس باقاعدي منظم فوج رکيل هئي، جنهن ۾ اسي هاٿي هئا. هرهڪ هاٿي کي پنج سو ماڻهن جو جٿو هو، جو جنگ ۾ پيادل فوج جو ڪم ڏيندو هو[35]. انهيءَ حساب موجب منصوره جي عرب حڪومت جي پياده فوج جو تعداد چاليهہ هزار ٿيندو جو در حقيقت وڏاءُ آهي. پر ان هوندي بہ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ منصوره جي فوج جو تعداد چڱو وڏو هوندو. اهو انهيءَ ڪري بہ آهي جو سنڌ هڪ ميداني علائقو آهي ۽ ان وقت ان جي چوڌاري دشمن جو وڏو علائقو هو ۽ ايران مان بہ هر وقت فوج ڪشي جو خطرو هو. ان ڪري چاليهہ يا پنجاهہ هزار فوج ڪو وڏو تعداد ڪونهي. محمد بن قاسم الثقفي سنڌ فتح ڪرڻ وقت پنجويهہ هزارن کان وڏيڪ فوج آندي هئي. ساڳئي وقت فوج کان پوليس جو ڪم بہ ورتو ويندو هو تہ جيئن ملڪ اندر وڳوڙي حالتن کي منهن ڏيئي سگهجي. ان ڪري اهو تعداد ڪو وڏيڪ ڪونہ آهي.

## محمد بن عمر هباري:

عمر بن عبدالله هباري جي موت کان پوءِ پائنجي ٿو تہ سندس پٽ محمد تخت ڏٽي ٿيو، جنهن جو المسعودي پنهنجي سفرنامي ۾ ذڪر ڪيو آهي. المسعودي کان پوءِ جيڪي بہ سياح ۽ جاگرافي دان آيا، انهن منصوره جي عربي حڪومت جو ذڪر تہ ڪيو آهي، پر بادشاهن جا نالا ڪونہ ڏنا آهن. فقط هن ريت هڪ سٽ ۾ انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي: "وملکهم من قريش يقال انه من ولد هبار بن الاسود[36]." پڙي جي کوٽائي مان مسٽر بيلاسس کي هن عرب بادشاهہ جو هڪ ٽامي جو سڪو بہ هٿ آيو آهي، جنهن جي ماپ 3 انچ آهي. ابتو پاسو گنل ۽ حلي آهي ۽ اڪر واري پاسي بالله محمد لکيل آهي[37]. پڙي جي کنڊرن مان پيا بہ گهڻا ئي سڪا مليا آهن. جن مان هڪ ٻئي عرب حاڪم "احمد" جو نالو ملي ٿو. هباري عرب خاندان جو منصوره جي عرب حڪومت تي قبضو الاصطخري، ابن حوقل ۽ بشاري مقدسي جي سنڌ ۾ اچڻ وقت ثابت آهي. ان ڪري اهو انومان ڪيي سگهجي ٿو تہ اهو بادشاهہ شايد محمد کان پوءِ تخت ڏٽي ٿيو هجي. احمد جو سڪو هن ريت آهي[38]:

اکر: لا الـه الاالله وحده لا شريـک لـه

ابتو پاسو: محمد رسول الله الامير احمد.

اها هڪ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ عرب سياحن، سنڌ ۾ اچڻ وقت، وقت جي حاڪم جو نہ نالو ڏنو آهي ۽ نہ وري ان جو ڪو ذڪر ڪيو آهي. ان ڪري بادشاهن جو هڪ ٻئي پنيان سلسليوار تخت تي وهڻ بابت تمام گهٽ معلومات ملي آهي. اهو انهيءَ ڪري بہ آهي جو وقت جي بادشاهن انهن سياحن ڪي ڪا لفٽ نہ ڏني هجي يا جيئن تہ اهي بادشاهہ سنڌ ۾ خود مختيار حيثيت جا مالڪ هئا، ان ڪري اهي سياح جي دراصل عباسي سامراج جا جاسوس هئا، ان ڪري انهن انهيءَ ڪي خاص اهميت نہ ڏني هئي.

## منصوره جي عرب حڪومت جو خاتمو:

ابن حزم ۽ ابن خلدون ٻنهي جي دعويٰ آهي تہ منصوره جي عرب حڪومت جو خاتمو غزني جي سلطان محمود غزنوي جي هٿان ٿيو[39]. پر هنن انهيءَ جا ڪي بہ سبب ڪونہ ڏنا آهن. ابن اثير جو چوڻ آهي تہ منصوره جو حاڪم مرتد ٿي ويو هو، ان ڪري سلطان محمود کيس سزا ڏيڻ خاطر هڪ وڏي فوج وٺي، سندس ملڪ تي ڪاهہ ڪئي.

منصوره جو حاڪم پناڻن سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت نہ ساري جهنگ منهن ڪري ڀڳو. پر سلطان محمود جي فوج نہ ڇڏيس. لاچار ٿي مقابلو ڪيائين، جنهن ۾ هُو پاڻ مارجي ويو ۽ سندس فوج جو گهڻو حصو تباهہ ٿي ويو. ابن اثير جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ جنگ ۾ قتل ٿي وڃڻ کان سواءِ، منصوره جي فوج جو وڏو تعداد درياءَ ۾ ٻڏي مئو. سلطان محمود فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڀاٽيہ جي رستي غزني روانو ٿيو[40].

مقامي تاريخ معصومي جي مصنف جو چوڻ آهي تہ سلطان محمود ملتان ۽ اچ فتح ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو مرڪز ملتان ۾ قائم ڪيو ۽ اتان هُن افغان فوجن کي پنهنجي وزير عبدالرزاق جي مهنداري ۾ منصوره جي حڪومت خلاف ڏياري موڪليو. عبدالرزاق سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ بکر، سيوستان ۽ ٺٽو فتح ڪري، ملڪ کي غزنوي سلطنت سان ملائي ڇڏيو. ڪيترن ئي عربن کي سنڌ مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو ويو، پر ٻين سان رعايتون ڪيون ويون ۽ کين پينشن ڏني ويئي[41]. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ معصومي جو بيان تاريخي حقيقت جي بلڪل

ابتڙ آهي. سلطان محمود کي عبدالرزاق نالي ڪوبہ وزير ڪونہ هو. سندس وزير جو نالو خواجہ احمد حسن ميمندي هو. احمد حسن کي هڪ پٽ نالي عبدالرزاق هو، جنهن کي سلطان محمود جي پوٽي مودود سلطان جي زماني ۾ سيستان جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. اهو واقعو تمام گهڻو دير کان پوءِ عمل ۾ آيو. پيو تہ نئي جو شهر، جنهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اجا وجود ۾ ڪونہ آيو هو. بکر ۽ سيوستان (يعني تہ سيوهڻ) جا شهر موجود هئا. پر منصوره جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. مصنف معصومي ٻڌل ڳالهين تي بکر کي منصوره تصور ڪيو آهي جو بلڪل غلط آهي.

سلطان محمود سن 416 هہ / 1025ع ۾ سومنات تي حملو ڪيو. پر هو سنڌ مان ڪونہ لنگهيو هو. هو جيسلمير جي رستي ٿر جو برپٽ پار ڪري، انهيلواڙا (پٽن) پهتو هو. اتان سومنات تي حملو ڪري، ان جو قلعو ۽ بت تباهہ ڪيائين ۽ غزني ڏانهن واپس اسهيو. واپسي مهل هُو سنڌ مان لنگهيو هو. ان ڪري گمان غالب آهي تہ هُن منصوره تي بہ انهيءَ ساڳئي وقت حملو ڪيو هجي. ڇاڪاڻ تہ مسلسل جنگ ۽ سفر سبب سندس فوج ٿڪجي پيئي هئي. ان ڪري هُن ابوءَ جي راجا پرماديو سان جنگ ڪرڻ کي مناسب نہ سمجهيو جو سندس رستو روڪيو بيٺو هو. ان ڪري هُو سنڌ مان پنهنجون فوجون وٺي واپس وطن ڏانهن ويو. تاريخ ۾ منصوره جي خلاف محمود جي فوج ڪشي جو ڪوبہ احوال تفصيل سان نہ ڏنل آهي. فقط ابن اثير انهيءَ ڳالهہ جو انڪشاف ڪيو آهي تہ سنڌ جو منصوره وارو حاڪم مرتد ٿي ويو هو، ان ڪري سلطان ڪيس سزا ڏني. سلطان محمود جي دور جي تاريخ دانن عتبي، بيهقي ۽ گرديزي انهيءَ بابت بلڪل خاموشي ڏيکاري آهي. فرخي سيستاني نالي هڪ همعصر شاعر البت انهيءَ حملي بابت پنهنجي ديوان ۾ تفصيل وار ذڪر ڏنو اهي. هُو ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو حاڪم جو دين کان ڦري ويو هو، سو نہ فقط مرتد هو پر گيدي پڻ هو. ڇاڪاڻ تہ سلطان جي فوجن جي پهچڻ سان هو پنهنجو تختگاهہ ڇڏي جهنگ ڏانهن ڀڄي ويو[42]. ساڳئي وقت فرخي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ منصوره جي فوج ۾ هاٿي پڻ هئا. ان ڪري اهو ثابت ٿو ٿئي تہ هندوستان جي ٻين راجائن وانگر منصوره جي حاڪمن وٽ بہ هڪ طاقتور فوج هئي. فرخي جي مجموعي مان هي شعر انهيءَ ڏس ۾ ڏجن ٿا:

وازان حمار بمنصوره روي كرد و براند
بران ستاره كجا راند حيدر از خيبر
خفيف را سپه و پيل و مال چندان بود
دران گذشت و بجوي اندر افتاد و بحر
باب شور و بيابان پر گزند افتاد
بماندش خانه ويران زطارم وطرز
خفيف راسپه و پيل و مال چندا بود
كه بيش ازان بنود در هوا هماتازر
نداشت طاقت سلطان زپيش او بگريخت
چنانك زو بگريزيد صد هزار دگر

ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ محمود جو منصوره تي حملو، مذهبي خيال کان وڌيڪ مال هٿ ڪرڻ لاءِ هو، تہ جيئن سنڌ جي ماڻهن کي پيڙيو وڃي ۽ ٿيو بہ ائين. ٻئي جو مال ڪائڻ لاءِ اسلام جي نعري هٿڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ سولو بهانو نہ آهي، ائين ڪرڻ سان نہ فقط اڻ ڄاڻ عوام جي حمايت حاصل ٿي سگهندي، پر ان سان گڏ دين جي عالمن جو پڻ ساٿ ملندو، جي اهڙن ڪمن لاءِ فتويٰ ڏيڻ ۾ دير نہ ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ رڳو ملتان جي گهيري ۾ هُن ملتان جي عرب حاڪم کان بہ ڪروڙ چاندي جا درهم تاوان ورتو ۽ هزارين ماڻهن کي بنا ڪنهن سوچ جي قتل ڪري ڇڏيو. ٻڌايو ويو آهي تہ سلطان محمود ملتان ۾ ايترن تہ ماڻهن جو قتلام ڪرايو، جو انسان جي رت جو درياءُ لوهاري دروازي کان وهڻ لڳو. ساڳئي وقت سلطان جو هٿ، گهڻي رت لڳڻ سبب تلوار جي قبضي اندر ڄمي ويو هو[43]. جو پوءِ گرم پاڻيءَ رستي جدا ڪيو ويو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ سلطان پاڻ بہ ڪيترا نہ ماڻهو انهيءَ جنگ ۾ ماريا هوندا. حالانڪ ملتان ۾ ان وقت آباديءَ جو وڏو تعداد عربن جو هو جي مسلمان هئا.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) ڪامل في التاريخ، جلد 8، ص 153، 154.
(2) تاريخ طبري، جلد 3، ص 1452 کان 1465، ڪامل، جلد 7، ص 60.
(3) وفيات الاعيان، جلد 2، ص 316، 317، ڪامل، جلد 7، ص 96.
(4) ڪتاب العبر، جلد 3، ص 318.
(5) هسٽري آف انڊيا (ايليٽ ۽ ڊائوسن)، جلد 1، ص 453.
(6) ڪتاب العبر، جلد 2، ص 327.
(7) ڪامل، جلد 5، ص 281-283، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 198، 999.
(8) جمهره انساب العرب (ابن حزم)، ص 110، ڪتاب العبر، جلد 2، ص 327.
(9) سيرة النبوية (ابن هشام)، جلد 2، ص 309، جمهره انساب العرب، ص 110، تاريخ طبري، جلد 1، (3)، ص 1349.
(10) ڪتاب العبر، جلد 2، ص 327.
(11) سيرة النبوة، جلد 2، ص 297-300، جمهره انساب العرب، ص 110.
(12) جمهره انساب العرب، ص 111.
(13) تاريخ طبري، جلد 3، (4)، ص 2355، 2356.
(14) فتوح البلدان، ص 450.
(15) ابن حزم هن ريت عمر بن عبدالعزيز جو شجرو ڏنو آهي: عمر بن عبدالعزيز بن منذر بن عبدالرحمان بن هبار بن الاسود. ڏسو جمهره انساب العرب، ص110 ۽ پڻ ابن خلدون جي تاريخ، ڪتاب العبر، جلد 2، ص 327.
(16) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 177.
(17) فتوح البلدان، ص 449.
(18) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 177.
(19) وفيات الاعيان، جلد 2، ص 320.
(20) ڪتاب العبر، جلد 3، ص 312.

(21) عجائب الهند بره و بحره، ص 3.
(22) ذخائر والتحف، ص 24، 25.
(23) صورة الارض، ص 323.
(24) المسالک والممالک (الاصطخري) ، ص 175.
(25) انڊين اينٽيڪئري، جلد 11، ص 92.
(26) عجائب الهند، ص 4.
(27) انڊين اينٽيڪئري، جلد 11، ص 93.
(28) فتوح البلدان، ص 450.
(29) مروج الذهب و معادن الجواهر، جلد 1، ص 142.
(30) ڪامل في التاريخ، جلد 7، ص 185.
(31) ڪامل، جلد 7، ص 191.
(32) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(33) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.
(34) انڊين اينٽيڪئري، جلد 11، ص 92، 93.
(35) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.
(36) المسالک والممالک (الاصطخري)، ص 175، صورة الارض، ص 320، احسن التقاسيم، ص 485.
(37) انڊين اينٽيڪئري، جلد 11، ص 92.
(38) انڊين اينٽيڪئري، جلد 11، ص 93.
(39) جمهره انساب العرب، ص 109، ڪتاب العبر، جلد 2، ص 326.
(40) ڪامل، جلد 9، ص 33.
(41) تاريخ معصومي، ص 32، 33.
(42) ديوان فرخي سيستاني، ص 74-75.
(43) تاريخ يميني، ص 211.

# منصوره جو شهر

منصوڙه جـو بنيـاد - منصـوره جـي بيهـڪ -

منصوره جو اوج

زڪريا قزويني جي بيان جي تائيد ابن الوردي القرشي پڻ ڪئي آهي، جنهن جو پڻ اهو رايو آهي تہ انهيءَ شهر جو بنياد خليفي منصور عباسي جي دور ۾ رکيو ويو هو ۽ اهوئي در حقيقت منصوره شهر جو باني هو[5].

ياقوت حموي جو تيرهين صدي عيسوي جو هڪ وڏو جاگرافي جو ماهر ۽ انسائيڪلوپيڊسٽ تصور ڪيو وڃي ٿو، تنهن منصوره جي بنياد بابت ٽي حقيقتون پيش ڪيون آهن. حسن بن احمد مهلبي جي روايت جي مد نظر هو ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو شهر، ٻئي نمبر عباسي خليفي ابو جعفر منصور جي دور ۾ ٺهرايو ويو هو ۽ ان سبب انهيءَ شهر جو نالو منصوره سندس نالي پٺيان رکيو ويو هو. پر شهر جو بنياد عمرو بن حفص بن الاهزارمرد مهلبي رکيو هو، جو ابو جعفر منصور جي پاران ان وقت سنڌ جو گورنر هو[6]. هُن ٻيون ٻہ حقيقتون المسعودي ۽ هشام جي سند تي پيش ڪيون آهن، جنهن موجب منصور بن جمهور الڪلبيءَ کي منصوره جو باني ٻڌايو آهي[7]. ياقوت جي راءِ ڏيڻ کان اڳ الادريسي انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري چڪو آهي تہ خليفي المنصور عباسي جي دور ۾ چار نوان شهر ٻڌايا ويا هئا، انهن مان هڪ بغداد عراق ۾، منصوره سنڌ ۾، المصيصہ يونچ سمنڊ تي ۽ رفيقہ جزيري (موصل وارو علائقو) ۾ ٺهرايا ويا هئا[8].

البلاذري جو سيني کان جهونو تاريخ نويس هو، تنهن انهن سيني حقيقتن جي ابتڙ ٻڌايو آهي تہ شهر منصوره جو باني عمرو بن محمد بن قاسم ثقفي هو ۽ اهو شهر سنڌ جي بنو اميہ دور جي گورنر حڪم بن عوانہ الڪلبي جي گورنري ۾ ٺهرايو ويو هو[9]. انهيءَ حقيقت بابت هُن نهايت ڪليل ۽ منصل بيان ڏنو آهي. هُو ٻڌائي ٿو تہ بنو اميہ خليفي هشام بن عبدالملڪ جي دور ۾ تميم بن زيد العتبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سندس ڪمزور رويي (رواداري يا شرافت) سبب سنڌ جي ماٺهن ملڪ جو ڳچ حصو وري فتح ڪري ورتو ۽ عرب خاندان جي هن ملڪ ۾ گهر ناهي وينا هئا، تن کي سندن ماڳن تان تڙي ڪڍيو ويو. ان سبب مرڪزي حڪومت حڪم بن عوانہ الڪلبي کي سنڌ جو گورنر بنائي موڪليو. جيئن تہ ملڪ سڄو غير مسلم قومن جي قبضي ۾ اچي ويو هو، ان ڪري هُن سنڌ ۾ رهندڙ عرب قبيلن کي هڪ هنڌ جمع ڪرڻ خاطر هڪ شهر ۽ قلعو اڏايو، جنهن جو نالو هُن محفوظہ رکيو[10]. اهو

شهر سنڌو درياءَ جي پراڻي ڊوري، جنهن کي عربن بحيره لکيو آهي، ان جي ساڄي ڪپ تي نهرايو هو ۽ اهو هند جي بلڪل آمهون سامهون هو. بحيره مان مراد آهي سنڌو نديءَ جي شاخ. اهو شهر نہ فقط عربن لاءِ پناه جي جاءِ نهي ويو، پر ان سان گڏ اهو سندن مرڪز قائم ٿي ويو، جتان هُو مقامي باغين جي خلاف پنهنجيون فوجي ڪارروايون ڪري سگهن. انهن ڪاروواين سبب سنڌ ملڪ جو وري ڪجهہ حصو عربن جي قبضي هيٺ اچي ويو. حڪم بن عوانہ الڪلبي جي مکيہ صلاحڪارن ۾ عمرو بن محمد بن قاسم ثقفي جو نالو ٻڌايو ويو آهي، جنهن کي فوجي اهميت جي هڪ وڏي مهم سر ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. هُو اتان ڪامياب ٿي موٽيو ۽ پنهنجي حاصل ڪيل سوڀ جي خوشي ۾ هُن سنڌو درياءَ جي ٻي پر يعني تہ اولهندي ڪپ تي هڪ ٻيو شهر ٻڌايو ۽ ان جو نالو ”منصوره“ رکيو[11].

بلاذري جي ڏنل هن بيان کي ٻن وڏن تاريخدانن ابن الاثير ۽ يعقوبي جي پٺڀرائي حاصل آهي، جن پڻ ساڳيو بيان پنهنجي ڪتابن ۾ قلمبند ڪيو آهي. انهن جي بہ اها ئي دعويٰ آهي تہ منصوره جو شهر حڪم بن عوانہ الڪلبي جي گورنري جي دور ۾ محمد بن قاسم ثقفي جي فرزند عمرو ٻڌايو هو[12]. اليعقوبي، جو بلاذري وانگر هڪ همعصر ليکڪ جو درجو رکي ٿو، تنهن جو چوڻ آهي تہ تميم بن زيد عتبي کان پوءِ حڪم بن عوانہ الڪلبي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ هُن ڪڇ تي حملو ڪري، اُن کي فتح ڪيو ۽ ان کان پوءِ هُن محفوظه جو شهر ٻڌايو. جنهن سبب سندس راڄ سڄي سنڌ تي قائم ٿي ويو. سندس گورنري جي دور ۾ عمرو بن محمد بن قاسم جو ساٿس گڏ سنڌ ۾ آيو. تنهن پڻ هڪ ٻيو شهر محفوظه جي بلڪل آمهون سامهون درياءَ جي ٻئي ڪپ تي نهرايو ۽ ان جو نالو منصوره آهي[13].

ابو ريحان البيروني جنهن يارهين صدي عيسوي ۾ لکيو آهي، تنهن منصوره بابت بلڪل مختلف بيان پيش ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ محمد بن قاسم ثقفي سجستان مان سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ سڄو ملڪ فتح ڪرڻ کان پوءِ هُن برهمڻ آباد جو نالو بدلائي منصوره رکيو ۽ ملتان جو نالو بدلائي معموريہ رکيائين[14]. اڪبر بادشاهہ جي درٻاري ليکڪ ابوالفضل ٻڌايو آهي تہ ٻکر جو شهر دراصل منصوره هو، ڇاڪاڻ تہ عربن سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي

تختگاهہ اروڙ ۽ ان جي آس پاس واري علائقي تي منصوره جو نالو رکيو هو[15].
اهو نالو هنن سنڌ مٿان پنهنجي سوڀ ملهائڻ خاطر رکيو هو.

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ منصوره جو اصل باني ڪير هو؟ جيڪي بہ ليکڪ مٿي بيان ڪيا ويا آهن، انهن ۾ فقط المسعودي اڪيلو شخص هو، جو سنڌ ملڪ گهمي ويو هو ۽ منصوره جو شهر پڻ ڏسي ويو هو، پر منصوره جي نهڻ بابت سندس بيان تاريخي حقيقتن جي بلڪل ابتڙ آهي. سندس اهو چوڻ تہ منصوره جو شهر منصور بن جمهور الڪلبي بڻايو هو، بلڪل غلط ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ اهو شهر منصور الڪلبي جي اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ موجود هو ۽ منصور بن جمهور انهيءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ گهيرو پڻ ڪيو هو[16]. ٻڌايو ويو آهي تہ منصور بن جمهور جي سازشي حرڪتن سبب ڪيس منصوره جي حدن اندر (سنڌ ۾) گهڙڻ کان منع ڪيل هئي. ان وقت سنڌ جو گورنر يزيد بن عرار هو، جو عمرو بن محمد بن قاسم ثقفي کان پوءِ سنڌ جو گورنر مقرر ٿي آيو. منصوره بن جمهور ان ڪري سياسي چال ڪيڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويو، جنهن وسيلي هُن سيوهڻ جي قلعي تي قبضو ڪري ورتو. اتي ئي هُن منصوره تي قبضي ڪرڻ خاطر فوج گڏ ڪئي[17]. جيڪڏهن منصوره جو شهر سندس نهرايل هجي ها تہ پوءِ ان تي حملو ڪري ان کي هٿ ڪرڻ خاطر هُو فوجون گڏ نہ ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ هو اصل ۾ شام ملڪ جو رهاڪو هو ۽ سنڌ ۾ فقط هڪ مختصر جماعت سان قسمت آزمائڻ خاطر وارد ٿيو هو. اهڙي طرح اهو چوڻ بہ نامناسب آهي تہ منصوره جو شهر عباسي خليفي ابو جعفر منصور جو نهرايل هو. ڇاڪاڻ تہ منصوره جو شهر عباسي گهراڻي جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ جي عرب گورنرن جو مرڪزي شهر ۽ تختگاهہ هو[18]. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اهو شهر عباسين، منصور بن جمهور کان ڇڏايو هو، جو زبردستي ان تي قبضو ڪري ويٺو هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ عمرو بن حفص المهلبي جو خليفي منصور عباسي جي دور ۾ سنڌ جو گورنر هو، تنهن انهيءَ ڳالهہ کي هوا ڏيئي اها پروپيگنڊا ڪرائي هجي تہ شهر خليفي منصور عباسي جو ٻڌايل آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دور کان پوءِ اهو شهر عباسي خليفي جي نالي پويان سڏجڻ لڳو. عمرو بن حفص کان پوءِ جيڪي بہ گورنر آيا، اهي عباسي خليفن جا ڇاڙتا ۽ پگهاردار نوڪر هئا. ان ڪري انهن انهيءَ ڳالهہ کي وڏيڪ مشهوري ڏني تہ

اهو شهر يعني تہ منصوره، خليفي منصور عباسي جو ٻڌايل آهي. ان ڪري المسعودي جو سن 300 هہ / 813ع ۾ سنڌ ۾ گهمڻ آيو. تنهن پڻ انهيءَ تاثر تي عمل ڪيو ۽ انهيءَ لکڻ تي مجبور ٿي ويو تہ منصوره جو شهر عباسي خليفي ابو جعفر منصور جو نهرايل آهي. ڇاڪاڻ تہ هُن انهيءَ حقيقت بابت ماڻهن جي واتان اهي ڳالهيون ٻڌيون هيون.

اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ منصوره جو بنياد محمد بن قاسم ثقفي رکيو هو، جيئن تہ البيروني ظاهر ڪيو آهي[19]. ڇاڪاڻ تہ المعموريه، المصيصه جو ٻيو نالو هو[20]، ۽ اهو شهر خليفي منصور عباسي 140 هہ ۾ نهرايو هو[21]. ملتان تي المعموريه جو نالو ڪڏهن بہ ڪونہ رکيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ اهڙي حقيقت ڪنهن بہ همعصر يا پوءِ جي لکيل ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڏنل نہ آهي. ساڳئي وقت البيروني جو اهو چوڻ تہ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ وقت طخارستان مان آيو هو بلڪل غلط آهي. ٻائنجي تو تہ البيروني اها روايت پنهنجي طرفان پيش ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ تي اڪتفا ڪئي آهي تہ جيئن تہ، سنڌ تي عربن جي وڏي ۾ وڏي فتح محمد بن قاسم هٿان ٿي، ان ڪري برهمڻ آباد جو نالو منصوره بہ محمد بن قاسم جي زماني ۾ پيو. ڇاڪاڻ تہ سندس زماني ۾ بہ برهمڻ آباد، منصوره جي نالي سان مشهور هو[22]. اهڙي ساڳي غلطي ابوالفضل پڻ ڪئي آهي، جو اڪبر بادشاهہ جو خوشامدي درباري هو. ان سبب ماڻهن ۾ مونجهارو پيدا آهي تہ بکر دراصل منصوره هو[23]، ۽ اهوئي عربن جو تختگاهہ هو. ڏسڻ ۾ تو اچي تہ ابوالفضل پاڻ بہ منڌل هو، ڇاڪاڻ تہ هُن انهيءَ بيان تي پنهنجو بيان تيار ڪيو تہ عربن جو تختگاهہ درياءَ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ تي ٻڌل هو[24]. اهو ٻيٽ سندس خيال موجب بکر وارو ئي ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو ٻيو. اهوئي سبب آهي جو ابوالفضل منصوره جي بيهڪ بابت صحيح راءِ نہ ڏيئي سگهيو آهي. سندس اعتقاد هيءُ ڏسڻ ۾ تو اچي تہ جيئن تہ اروڙ سنڌ جو قديم تختگاهہ هو، ان ڪري عربن جو ٻڌايل شهر بہ انهيءَ تختگاهہ جي ويجهو تي سگهي ٿو ۽ نہ ڪنهن ٻئي هنڌ. ان سبب هُن بکر جي شهر کي منصوره جي ماڳ تي اڏايل ٻڌايو آهي[25].

اوائلي لکتن مان واضح تو ٿئي تہ منصوره جو شهر، برهمڻ آباد جي پر ۾ ٻن فرسخن (6 ميل) جي فاصلي تي اڏايو ويو هو ۽ محفوظه جي

بلڪل آمهون سامهون نهرايل هو. محفوظه جو شهر حڪم بن عوانه الڪلبي جي سوين ڪان پوءِ درياءَ جي ايرندي ڪناري تي نهرايو ويو هو تہ جيئن هندوستان مان ٿيندڙ حملن ڪي روڪي سگهجي. اهو بہ واضح آهي تہ منصوره جو شهر عمرو بن سحمد بن قاسم ثقفي ٻڌايو ۽ اهوئي حڪم بن عوانه الڪلبي ڪان پوءِ سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو[26]. جيئن تہ تاريخن ۾ سلسليوار مواد بلڪل گهٽ آهي، ان ڪري اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ اهو شهر عمرو بن محمد بن قاسم ڪهڙي سال نهرايو. پر اهو ظاهر آهي تہ حڪم بن عوانہ الڪلبي جنهن سان عمرو بن محمد بن قاسم گڏجي سنڌ ۾ آيو هو، خالد بن عبدالله القسري طرفان مقرر ڪيل هو[27]. خالد بن عبدالله القسري 15 سال (105 هہ ڪان 120هہ) عراق جو وائسراءِ ٿي رهيو ۽ حڪم سندس زماني ۾ سنڌ جو ٻيو نمبر گورنر مقرر ٿي آيو. ان ڪري انومان ڪڍي سگهجي ٿو تہ حڪم جو تقرر سن 110 هہ ۾ ٿيو هوندو ۽ جيئن تہ حڪم اچڻ سان.مقامي ماڻهن سان جنگيون شروع ڪري ڏنيون، ان ڪري اهو چوڻ صحيح آهي تہ منصوره جي شهر جو بنياد 110 هہ ڪان 120 هہ واري دور ۾ پيو هوندو. جيئن تہ ملڪ فتح ڪرڻ ۾ بہ چار سال لڳي ويا هئا، ان ڪري منصوره جو شهر لڳ ڀڳ 115 هہ/ 734ع ۾ اڏايو ويو. اهو شهر محفوظه شهر جي اڏجڻ ڪان ٿورو عرصو پوءِ اڏايو ويو هو[28].

هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ ۾ اها راءِ ڏني آهي تہ منصوره جو شهر عمرو بن محمد بن قاسم اڏايو هو ۽ انهيءَ ۾ هُن جي راءِ جو سڄو سارو دارومدار البلاذري جي لکت تي آهي جو سڀ ڪان آڳاٽو تاريخدان آهي. راورٽي جنهن البلاذري، المسعودي ۽ الادريسي جي لکتن سان اتفاق ڪيو آهي، تنهن پنهنجو نتيجو هن ريت ظاهر ڪيو آهي:

"جيڪڏهن اهي ٽيئي ليکڪ پنهنجي لکت ۾ صحيح آهن تہ پوءِ منصوره شهر جو بنياد حڪم بن عوانه جي زماني ۾ رکيو ويو. منصور بن جمهور جي زماني ۾ ان کي ترقي وٺائي ويئي ۽ اهو ساڳيو نالو ابو جعفر منصور سان بہ سندس دور ۾ لاڳو ڪيو ويو[29]."

## منصوره جي بيهڪ:

منصوره جي بيهڪ بابت پڻ مختلف قياس آرايون ڪيون ويون آهن. پر عالمن جو وڏو حصو انهيءَ راءِ جو آهي ته اهو شهر يا ته برهمڻ آباد واري ماڳ تي نهيل هو، يا گهڻ ۾ گهٽ ان جي بلڪل ويجهو. البلاذري انهن ۾ پهريون ليکڪ آهي جنهن جو چوڻ آهي ته منصوره جو شهر انهيءَ ڍنڍ يا ڍوري جي اولهندي ڪناري تي نهيل هو، جنهن جي اپرندي ڪپ تي محفوظه جو شهر حڪم بن عوانه الڪلبي ٻڌايو هو. اهو ڍورو هند ۽ سنڌ جي وچ ۾ سرحد تصور ڪيو تي ويو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اهو شهر برهمڻ آباد کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي نهرايو ويو هو. سندس اهو به چوڻ آهي ته سندس لکڻ وقت برهمڻ آباد جو شهر ان وقت کنڊرن ۾ تبديل ٿي چڪو هو[30]. حمزه اصفهاني جي لکت جو حوالو ڏيندي، ياقوت الحموي ٻڌائي ٿو ته منصوره در حقيقت برهمڻ آباد جو بيو نالو هو. ان جي بيهڪ 93 ڊگريون اتر اوير ۽ 22 ڊگريون ڏکڻ اوير تي هئي ۽ درياءُ (مهراڻ) جي هڪ شاخ ان کي قيرو ڏيئي، ان کي بيٽ مثل بنائي ڇڏيو هو[31].

ابو اسحاق الاصطخري جنهن اوير جي ملڪن جو دورو ڪيو هو ۽ جنهن پنهنجي جاگرافي تي لکيل تصنيف ڏهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري پوري ڪئي، تنهن جو چوڻ آهي ته "منصوره" جو سنڌيءَ ۾ نالو برهمڻ آباد آهي. اهو شهر هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي ۽ ان جي چوڌاري مهراڻ نديءَ جو وهڪرو آهي." منصوره" سندس لکت موجب درياءَ جي مکيه شاخ جي الهندي ڪپ تي ٻڌل هو (يعني ته اپرندي واري شاخ)، ۽ ان جي آب هوا نهايت گرم هئي[32]. ٻئي جاگرافي دان ابن حوقل جو الاصطخري کان پوءِ آيو، تنهن پڻ ساڳيو احوال منصوره بابت قلمبند ڪيو آهي[33]. ابن حوقل سنڌ جو نقشو پڻ ڏنو آهي، جو هڪ نهايت ئي اهم دستاويز آهي ۽ سنڌ جي ڪيترن شهرن جي صحيح بيهڪ معلوم ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ڪمائتو آهي. سنڌ جي انهيءَ نقشي ۾ ابن حوقل منصوره کي درياءُ جي ٻن شاخن جي وچ ۾ بيٽ تي ٻڌل ڏيکاريو آهي. اهو به ظاهر ٿو ٿئي ته درياءَ جون ٻه شاخون ڪلري شهر وٽ جدا ٿي منصوره جي پر مان وهندي، منصوره جي ڏکڻ ۾ وري هڪ ٻئي سان مليو وڃن[34]. اپرندي واري شاخ البت اهڙي ريت ڏيکاري ويئي، ڄڻ ته وچولي جو وڏو حصو

انهيءَ مان آباد ٿيندو هو. پر ابن حوقل پنهنجي همعصر الاصطخري جي ڏنل بيان جي ابتڙ هي ورجايو آهي تہ منصوره جو شهر الهندي واري شاخ تي ٻڌل هو ۽ اها ئي مهراڻ نديءَ جي مکيہ شاخ هئي. ڇاڪاڻ تہ ديبل کان منصوره ويندي ماٿهو مهراڻ درياءَ کي نيرون وٽ اڪرندا هئا جو ان وقت سنڌ جو اهم پتڻ هو[35].

الادريسي جو ڇهين صدي هجري جو سياح ۽ جاگرافي دان هو، تنهن منصوره بابت هيءُ بيان قلمبند ڪيو آهي:

"مهراڻ درياءَ ڪلري وٽ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيو وڃي ۽ اهو شهر آهي تہ ننڍڙو پر آهي سهڻو ۽ مضبوط ۽ ساڳئي وقت واپار جو مرڪز پڻ آهي. درياءَ جي وڏي شاخ جو رخ پهرين اتر الهندي ڏانهن آهي ۽ پوءِ سڌو اتر ۽ آخر ۾ اولهہ طرف آهي. درياءَ جون ٻئي شاخون آخر ۾ منصوره جي ڏکڻ ۾ ٻارنهن ميلن جي فاصلي تي مليو هڪ وهڪرو بنايو ڇڏين[36]. منصوره جي باري ۾ سندس چوڻ آهي تہ اهو بيٽ مثل آهي، ڇاڪاڻ تہ درياءَ جو وهڪرو سندس چوڌاري آهي ۽ اهو شهر درياءَ جي ايرندي واري شاخ تي ٻڌل هو[37].

يارهين صدي جي مشهور عالم ۽ تاريخدان ابو ريحان البيروني پڻ ڪانئس اڳ آيل ليکڪن جي تصديق ڪئي آهي ۽ منصوره جي بيهڪ بابت هن ريت لکيو آهي:

سندس چوڻ آهي تہ: "اروڙ سنڌو درياءَ جي وچ ۾ ٻاٽي (ٻاٽيہ) کان 15 فرسخن (45 ميل) جي فاصلي تي ٻڌل آهي. ٻاٽيہ جو شهر بياس ندي تي نهيل آهي ۽ هندوستان ۾ آهي. منصوره جنهن کي ٻهمندا (برهمڻ آباد) سڏيو ويجي ٿو، اروڙ کان 5 فرسخن تي ۽ لوهراڻي کان جنهن کي هيگ ديبل سان تشبيهہ ڏني آهي، پندرهن فرسخن جي فاصلي تي آهي ۽ ٻاٽيہ (ٻاٽي) جو شهر ان کان 30 فرسخ پري آهي[38]."

انهن بيانن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ برهمڻ آباد ۽ منصوره هڪڙي ئي موقعي تي ٻڌل هئا. يا هڪ ٻئي جي ايترو تہ ويجهو نهيل هئا، جو ٻنهي کي ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو هو[39]. هاڻي سوال ٿو اٿي تہ برهمڻ آباد جو شهر ڪٿي نهيل هو. شهدادپور کان اٺن ميلن جي فاصلي تي هڪ شهر جا ڪنڊر آهن، جن کي ٻنهي قديم شهرن منصوره ۽ برهمڻ آباد سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي. اهو ڦٽل شهر اٽڪل هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي ۽ جمڙائوءَ

سان لڳ 44/3 نمبر موري جي پر ۾ آهي. جتان هڪ رستو انهن کنڊرن وٽان لنگهي ٿو. اهي کنڊر ڏيکارين ٿا تہ جيڪو شهر انهيءَ هنڌ نهيل هو، سو نهايت اعليٰ نموني جو هو ۽ سوچ ويچار سان ٺاهيو ويو هو. پر هو درياءَ جي ڪپ تي يعني تہ سنڌو درياءَ جو ان وقت انهيءَ جوءِ مان وهندو هو. درياءَ جو پيٽ اجا بہ ظاهر آهي ۽ ميلن ۾ پکڙيو پيو آهي. انهيءَ ڦٽل شهر کي دلور جو پڙو سڏيو وڃي ٿو، پر ڪن انهيءَ کي پنيرا جو ٺل نالو ڏنو آهي. انهن کنڊرن جي پر ۾ بيا ڪي بہ کنڊر ڪين آهن، پر ايرندي ۽ ڏکڻ طرف ننڍڙا ننڍڙا پڙا موجود آهن، جن کي دفاني، متهلو ۽ بيا نالا ڏنل آهن. دلور جي پڙي کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي هڪ ٻئي وڏي شهر جا کنڊر موجود آهن، جي جهول جي ڏکڻ ۾ واقع آهن ۽ انهن جو سلسلو دلور جي پڙي تائين ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڦٽل شهر کي ڏيپر گهانگهرو سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو شهر بہ درياءَ جي وهڪري سبب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي[40]. ڏسڻ ۾ تو اچي ٿو تہ لايذ براج رٿا جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ اهو سڄو ملڪ کنڊرن سان ڀُريل هو، جنهن جي ايراضي اٺن ميلن ۾ پکڙيل هئي. پر هاڻي ان جو نقشو ئي بدلجي ويو آهي. بيڪار پيل زمين کي پوک هيٺ آندو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ وڏي ايراضي ۾ ٻنيون ۽ ساوڪ پکڙجي ويئي آهي.

دلور جي پڙي ۽ ڏيپر گهانگهري تي ڳوڙهي نظر رکڻ سان معلوم ٿيندو تہ منصوره جو شهر انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ موقعي تي نهيل هو. ٻنهي کنڊرن جي وچان درياءَ جو پيٽ آهي ۽ جيئن تہ عرب ليکڪن ٻڌايو آهي تہ منصوره ۽ المحفوظه جا شهر هڪ ٻئي جي آمهون سامهون درياءَ جي ڪپ تي ٻڌل هئا[41]. جيڪڏهن ڏيپر گهانگهري کي منصوره جي قديم شهر جا کنڊر تسليم ڪجن تہ پوءِ برهمڻ آباد کي دلور جي پڙي ۾ ئي ڳولي سگهجي ٿو. پر ٻنهي ويرانن جي جانچ پڙتال مان ابتڙ ظاهر ٿئي ٿو. دلور جي پڙي کي ڏسڻ سان ئي اهو فيصلو ڏيئي سگهجي ٿو تہ اهو شهر مسلمانن جو ٻڌل هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪي سرون انهيءَ جي اڏاوت ۾ استعمال ڪيل آهن، اهي سنهيون ۽ چيٽريون آهن، جي مسلمانن جي اچڻ کان اڳ ڪڏهن بہ ننڍي ڪنڊ ۾ استعمال نہ ٿي ڪيون ويون[42]. ازانسواءِ انهن کنڊرن مان ڪيترائي سڪا لڌا ويا آهن، جن تي عربي رسم الخط استعمال ڪيل آهي ۽ انهن تي عرب گورنرن جا نالا مذڪور آهن. انهن مان ڪي منصوره جي هباري خاندان جي حاڪمن جا سڪا

پڻ هٿ آيا آهن[43]. جيڪي بہ اڻ لڀ شيون اتان دستياب ٿيون آهن، انهن مان ڪنهن بہ هڪ تي هندي يا سنسڪرت ۾ لکيل ڪي ڪين آهي. ننڍي ۾ ننڍي لڌل شيءِ تي بہ عربي عبارت لکيل آهي ۽ اها بہ ڪوفي رسم الخط ۾. ٻاهرين ماهرن مان جن دلور جي پڙي جي کوٽائي ڪئي هئي، مسٽر بيلاسس جو نالو قابل ذڪر آهي. ڇاڪاڻ تہ هو اڪيلو يورپي هو، جنهن انهيءَ ڪنڊرن جي چڪاس ڪري، ٽي دفعا انهن جي کوٽائي ڪئي هئي. سندس راءِ هن ريت ڏنل آهي: دلور جو پڙو جنهن کي هو پاڻ بہ برهمڻ آباد سڏي ٿو، سندس چوڻ آهي تہ: "جيڪي بہ شيون اتان مليون، انهن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ فن ۽ مهارت پنهنجي چوٽ تي هئي." انهيءَ ڏس ۾ هُن اهڙين عبارتن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي عقيق، يمني ۽ سنگ سيلامين جهڙن نفيس پٿرن تي نقش ڪيل هئا. هُو اهو بہ چوي ٿو تہ: "جيڪو فن هن دلور جي پڙي جي ڪنڊرن ۾ ڏٺو، اهو هاٿي ڏند تي چڪو آهي. جيڪي شيون هٿ آيون، انهن مان ڪن تي ڊڳي جي مورت تہ ڪن تي شينهن جي شڪل نقش ٿيل هئي. ڪن تي فقط عربي ۾ نالو لکيل هو ۽ ڪن تي ديوناگري ۾ پڻ نقش ٿيل مليو آهي. ننڍي ۾ ننڍي شيءِ جيڪا مون کي ملي اهو هڪ ڇهہ ڪنڊو سلينڊر هو، جو مون سمجهيو تہ يا تہ ڪانيءَ جو آهي يا عاج جو ۽ ان تي عربي جي ڪوفي رسم الخط ۾ ڪجهہ لکيل هو. اهو ٽي انچ ڊگهو هو ۽ ان جو گهيرو 3/4 انچ هو. اهو يا تہ جادوءَ جو نقش هو يا تعويذ جو ڪپڙي يا چمڙي ۾ ويڙهي ٻانهن ۾ ٻڌو ٿي ويو يا ڳچيءَ ۾ لڙڪايو ويندو هو. بدقسمتيءَ سان جڏهن انهن کي هٿ لڳو، تڏهن اهو ڀري پيو. پر رڄرڊسن انهيءَ کي سرس سان ڳنڍي ناهي ڇڏيو ۽ ان ۾ هي اکر عربي ۾ لکيل ڏسڻ ۾ آيا: "بسم الله الرحمان الرحيم"[44]."

انهن حقيقتن کان سواءِ اها پڻ عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ دلور جي پڙي مان اڄ تائين ڪو بہ هڪڙو بت يا مورتي نہ ملي آهي، جنهن جي هندو ۽ ٻڌمت وارا ماٿهو پوڄا ڪندا هئا. جيڪڏهن دلور جي پڙي جا ڪنڊر برهمڻ آباد جا هجن ها تہ پوءِ ڪونہ ڪو بت يا مورت ضرور ملي ها. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ شهرين جو وڏو تعداد هندن ۽ ٻڌن جو هو ۽ سنڌ ملڪ ۾ بہ ان وقت سندن آبادي وڌيڪ هئي ۽ عرب مسلمان تمام ٿوري تعداد ۾ هئا.

هينري ڪزنس پڻ چوي ٿو تہ دلور جي پڙي جو وڏو حصو ڪنهن مسلمان شهر جو هو ۽ وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ جاين جي مٿين حصن ۾ چن جو ڪيل راڳو ۽ لڏل نڪراٽو ڏيکاري ٿو تہ اهي مسلمانن جا ئي هئا ۽ نہ هندن جا. خاص ڪري ٿانو ۽ ٺپا يعني تہ گهر ۾ استعمال ٿيندڙ برتن[45]. ساڳئي وقت کنڊرن ۾ ٿوري ايراضي کوٽائڻ دوران ٽن مسجدن جا کنڊر پڻ مليا آهن، جي انهيءَ حقيقت جي وڌيڪ تصديق ڪن ٿا تہ اهو شهر مسلمانن جو وسايل هو. جيڪڏهن شهر هندن يا ٻڌ مذهب وارن جو هجي ها تہ مسجدون ملڻ مشڪل هو. ازانسواءِ کنڊرن جي هڪ ميل ڊيگهہ ۽ هڪ ميل ويڪر، پڻ انهيءَ بيانن جي پنيرائي ڪن ٿا، جيڪي عرب ليکڪن منصوره جي باري ۾ پنهنجي تصنيفن ۾ قلمبند ڪيا آهن[46]. آخر ۾ جيڪا اهم حقيقت واضح ٿئي ٿي، اها هي آهي تہ اهي کنڊر چئني طرفن کان سنڌو درياءَ جي پيٽ سان وڪڙيل نظر اچن ٿا. جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اهو شهر ڪنهن پيٽ تي ٻڌل هو. سنڌوءَ جو مک وهڪرو انهيءَ شهر جي اتر اوڀر کان هو ۽ اها ڳالهہ الاصطخري، الادريسي ۽ ٻين جاگرافي جي ماهرن منصوره جي عربي شهر بابت قلمبد ڪئي آهي[47].

مسٽر بيلاسس دلور جي پڙي کي برهمڻ آباد سان تشبيهہ ڏني آهي: پر وري ائين بہ ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو عربي شهر بہ انهيءَ هنڌ تي ٻڌل هو. هُو پنهنجي بيان جو رد ڏيندي اها بہ راءِ ڏي ٿو تہ: ”جيڪي شيون هن کنڊرن مان مليون آهن، انهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ برهمڻ آباد تي مسلمانن ڪڏهن بہ راڄ ڪونہ ڪيو هو[48].“ ڪننگهام دلور جي پڙي کي منصوره سان تشبيهہ ڏني آهي، پر ائين بہ ٻڌائي ٿو تہ: ”منصوره جو شهر برهمڻ آباد واري ايراضي تي ئي ٻڌايو ويو هو[49]. هينري ڪزنس پڻ انهيءَ راءِ جي تائيد ڪئي آهي. پر وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ٿي سگهي ٿو تہ دلور واري ايراضي تي المحفوظہ جو شهر ٻڌل هو، جا دراصل سنڌ ۾ عربن جي سڀ کان اوائلي بستي هئي[50].

ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ ايم. آر. هيگ پنهنجي راءِ ۾ وڌيڪ صحيح آهي. جڏهن هو چوي ٿو تہ: ”دلور جو پڙو در اصل منصوره جا کنڊر آهن ۽ ڏيپر گهانگهري جا کنڊر قديم برهمڻ آباد جا آهن[51].“ بلاذري جي لکت مان ظاهر ٿو ٿئي تہ منصوره ۽ برهمڻ آباد ٻئي جدا جدا ايراضين تي ٺهيل هئا ۽ ٻنهي شهرن جي وچ ۾ ڇهن ميلن جي وٿي هئي. هُو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ برهمڻ آباد

تباھ ٿي چڪو ھو ۽ ان جي بدران منصوره جو شھر، عربن جو سنڌ ۾ عظيم مرڪز ھو[52]. ان ڪري واضح ٿيو تہ منصوره جو شھر، برھمڻ آباد واري ايراضي تي نھيل ڪونہ ھو ۽ ٻئي شھر الڳ الڳ ھنڌن تي ٻڌل ھئا. اھو ممڪن آھي تہ عربن نئين شھر جي ٺاھڻ وقت سرون ۽ ٻيو ضروري سامان برھمڻ آباد جي کنڊرن مان ھٿ ڪيو ھجي ۽ اھا حقيقت انھن ٿلھين سرن مان ظاھر ٿئي ٿي، جيڪي دلور جي کنڊرن جي اوپر واري حصي مان لڌيون ويون آھن. گمان آھي تہ انھن ٿلھين سرن، سر بيلاسس، ڪننگھام ۽ ڪزنس کي انھيءَ راءِ ڏيڻ تي مجبور ڪري وڌو ھجي تہ انھن کنڊرن جو اوپر وارو حصو ھندن جي ڪنھن شھر جو ھو، جنھن کي ھنن برھمڻ آباد سمجھيو آھي.

راورٽي جنھن پڻ ھيگ جي بيان جي تائيد ڪئي آھي، تنھن جو بہ اھو چوڻ آھي تہ دلور جو پڙو منصوره جي عربي شھر جا کنڊر آھن ۽ برھمڻ آباد جا کنڊر ڏيپر گھانگھري وٽ آھن[53]. ھاڻي جيڪڏھن اسين پڙي جي کنڊرن کي منصوره شھر جا تسليم ٿا ڪريون تہ پوءِ برھمڻ آباد جي ويراني کي ڇھن ميلن جي اندر ڳولڻ گھرجي. ڇاڪاڻ تہ بلاذري صاف صاف ٻڌايو آھي تہ برھمڻ آباد جو شھر منصوره کان ڇھن ميلن جي پنڌ تي ھو[54]. جيئن تہ اڳ ٻڌايو ويو آھي تہ پڙي جي پر ۾ کي بہ ٻيا وڏا کنڊر ڪونھن. پر ننڍا ننڍا پڙا موجود آھن، جي جھول شھر تائين پکڙيل نظر اچن ٿا. جھول جي پر ۾ ڏيپر گھانگھري جا کنڊر آھن، جن کي برھمڻ آباد شھر سان تشبيھہ ڏيئي سگھجي ٿي. انھن کنڊرن جي معائني مان ثابت ٿو ٿئي تہ اھو شھر سنڌ ۾ عربن جي حملي وقت موجود ھو ۽ وڏو شھر پڻ ھو.

ايم. آر. ھيگ، انھيءَ ويراني کي برھمڻ آباد سان تشبيھہ ڏيڻ خاطر محمد بن قاسم جي يلغار واري واٽ ڌيان ۾ رکي ھوندي. عرب فاتح جي واڌ جو رخ ڏکڻ اولھہ کان اتر اوپر طرف ھو ۽ نہ اتر کان ڏکڻ، جيئن البيروني لکيو آھي[55]. بيان ڪيل آھي تہ نيرون ڪوٽ جي فتح ڪرڻ ۽ سيوھڻ جي معاملي کي نبيرڻ کان پوءِ، محمد بن قاسم برھمڻ آباد تي حملو ڪيو ھو. اوڏانھين ويندي واٽ تي جيڪو آخرين شھر ھُن فتح ڪيو، اھو دھليلہ (دليل) ھو[56]. ان کان پوءِ ھُن پنھنجي فوجي ڪئمپ جلوالي (جرواري) جي ڪپ تي لڳائي، جو شايد درياءَ جو پراڻو ڊورو ھو يا ان وقت ڪا ڍنڍ ھئي. جيئن تہ آبڪلائي جي

موسم هئي، ان ڪري اها تازي پاڻيءَ سان پريل ٻڌائي ويئي آهي. جلوالي ڪان پوءِ محمد بن قاسم سڌو برهمڻ آباد تي حملو ڪيو. جلوالي ڪي جيڪڏهن البلاذري جي بحيره سان مشابهت ڏني وڃي ته پوءِ منصوره جو شهر تمام گهڻو پري اتر طرف ڳولڻ گهرجي ۽ محفوظ هاٿوڪي ڏيپر گهانگهري وٽ. پر اهو صحيح نه آهي. چچ نامي ۾ بيان ڪيل جلوالي اڄا به مشهور بستي آهي ۽ دلور جي پڙي جي پرسان آهي. ان جو نالو البت جراري آهي[57]. البلاذري جو بيان ڪيل بحيره تي سگهي ٿو ته سنڌو يا هاڪڙي درياءَ جي ڪا شاخ هجي ۽ هي اها شاخ هئي، جنهن جي اپرندي ڪناري تي محفوظ جو شهر حڪم بن عوانه الڪلبي ٻڌايو هو. الاصطخري جي سفرنامي ۾ ڏنل مقالي موجب منصوره جو شهر نديءَ جي اولهندي ڪپ تي ٻڌل هو، جو دراصل درياءَ جو مک وهڪرو هو[58].

ابن حوقل جي ڏنل نقشي ۾ پڻ منصوره کي درياءَ جي اپرندي واري شاخ جي اولهه تي ٻڌل ڏيکاريو ويو آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته البلاذري جو ٻڌايل بحيره، شايد درياءَ جي ڪا ڇنڊڻ هجي، جا نديءَ جي مکيه وهڪري کان ڪلري جي پر ۾ جدا ٿي ويئي هجي. ڪلري جو ماڳ اڄا به سڪرنڊ جي اوپر ۾ آهي، پر هاڻي هڪ ڳوٺ کان وڌيڪ حيثيت نه ٿو رکي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته اهو بحيره درياءَ جي ٻي شاخ هجي، جا ڪلري وٽ جدا ٿي منصوره جي پر ۾ وري اچي مک درياءَ سان ملي. اها پوئين راءِ وڌيڪ موزون آهي. ڇاڪاڻ ته منصوره شهر کي درياءَ جي ٻن شاخن جي وچ ۾ اڏيل ٻڌايو ويو آهي. جنهن سبب اهو ماڳ هڪ ٻيٽ مثل هو. منصوره جو قلعو درياءَ جي اولهندي ڪپ تي انهيءَ ڪري به ٻڌايو ويو هجي جو انهيءَ وقت اها ڳالهه شهري دفاع لاءِ نهايت ضروري هئي. عالم آشڪار آهي ته ٿر جي بربٽ مان جت، ميد ۽ ٻين وحشي قومن جا حملا ٿيندا رهندا هئا ۽ ان سبب شهري ماڻهن کي تمام گهڻي تڪليف پهچندي رهندي هئي. درياءَ جي وچ ۾ هئڻ ڪري منصوره جا شهري ٻاهرين حملن کان گهڻي قدر محفوظ ٿي ويا هئا. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته درياءَ جو وهڪرو ڏکڻ ۾ ڇهن ميلن جي پنڌ تي سنڌو نديءَ جي ٻي شاخ کي وڃي ملندو هو، جنهن کي هاڻي لوهاڻو ڍورو سڏيو وڃي ٿو. درياءَ جو قديم پيٽ اڄا به انهيءَ ايراضيءَ ۾ موجود آهي، جنهن جون ڪيتريون ئي شاخون سانگهڙ، نواب

شاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ اجا تائين ڏٺيون وڃن ٿيون. اهي حقيقتون انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪن ٿيون تہ ڪلري وٽ درياءُ جون ٻہ شاخون هيون، جي وري اچي منصوره جي ڏکڻ ۾ پاڻ ۾ گڏبيون هيون[59].

ايم. آر. هيگ جنهن انهيءَ ايراضيءَ جو گهڻي قدر معائنو ڪيو آهي، تنهن هڪ خاڪو پڻ ڏنو آهي، جنهن ۾ منصوره شهر جي بيهڪ تي چڱي روشني ڏنل آهي. سندس چوڻ آهي تہ جلوالي دراصل سنڌو درياءَ جو پيٽ هو ۽ ان جو وهڪرو برهمڻ آباد (دلور جو پڙو) جي اوپر کان گذري ڏکڻ طرف وڃي، درياءَ جي لوهاڻي شاخ سان ڏهن ميلن جي پنڌ تي وڃي ملي ٿو. انهيءَ شاخ جي اپرندي ڪناري تي محمد بن قاسم پنهنجي ڪئمپ لڳائي هئي ۽ نوبہ بن ڌارس کي پاڻ وٽ سڏايو هو[60]. هيگ جو وڌيڪ چوڻ آحي تہ جلوالي جو نالو اڄ بہ هڪ ننڍي ڳوٺ واري ايراضي تي موجود آهي، جنهن کي جراڙي (جرواري) سڏيو وڃي ٿو ۽ اها ايراضي دلور جي پڙي جي اتر ۾، ۽ ڏيپر گهانگهري جي اولهہ ۾ آهي[61]. ان وقت اهو خطو نهايت ئي گهڻي ساوڪ سان ڀريل هو، جتي عربن جي فوج ۽ سندن تکل گهوڙن آرام جو ساهہ پٽيو.

اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ برهمڻ آباد جي فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم اروڙ تي چڙهائي ڪئي ۽ رستي تي متهلي وٽان لنگهيو هو. متهل وٽ هن پنهنجي فوج کي ڪجهہ وقت آرام ڏيڻ خاطر ڊاہو پڻ ڪيو هو[62]. چاڪاڻ تہ برهمڻ آباد ۾ جنگ ڪرڻ سبب عرب فوجن کي گهڻي جدوجهد ڪرڻي پيئي هئي. متهلو اڄ بہ دلور جي پڙي وٽ آهي ۽ چڱو خاصو مشهور آهي. اهي سڀ حقيقتون منصوره جي بيهڪ بابت اهي اهڃاڻ ڏين ٿيون، جنهن مان کوجنا ڪندڙن کي ٻنهي شهرن يعني تہ منصوره ۽ برهمڻ آباد جي ماڳن کي مقرر ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. لکيو ويو آهي تہ منصوره جو شهر نيرون کان 15 فرسخ (45 ميل) پري هو ۽ اها حقيقت سڌي ماپ مان واضح آهي. اڄ بہ دلور جو پڙو حيدرآباد کان 44 ميلن جي فاصلي تي آهي[63]. انهيءَ حساب موجب برهمڻ آباد جو شهر حيدرآباد کان 51 ميلن تي هئڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ برهمڻ آباد ۽ منصوره جي وچ ۾ ڇهن ميلن جو فاصلو هو. ڏيپر گهانگهري جا کنڊر جن کي برهمڻ آباد سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، اهي اڄ بہ حيدرآباد کان 50 ميلن جي فاصلي تي آهن ۽ ميڪمرڊو ٻڌائي ٿو تہ انگريزن جي اچڻ کان ٿورو اڳ ڏيپر

گهانگهري کي ديبل ڪانگڙا سڏيو ويندو هو[64]. جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ پوءِ اهي کنڊر قديم برهمڻ آباد کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي شهر جا نہ ٿا ٿي سگهن.

ڏيپر گهانگهري جي کنڊرن مان نهايت ئي قديم دور جا آثار ۽ شيون مليون آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو شهر هندو مت جي وري سنڌ ۾ رائج ٿيڻ کان گهڻو اڳ موجود هو. ٻڌايو ويو آهي تہ هن شهر جو بنياد ساساني دور ۾ ايران جي شهنشاه بهمن ارد شير درازدست رکيو هو ۽ ان جو نالو بهمن آباد هو. اهو نالو ايراني آهي، تنهن بابت ڪنهن بہ قسم جو اختلاف نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ "آباد" جو لفظ فارسي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ جو نہ ٿو ٿي سگهي. پر جڏهن سنڌ ۾ برهمڻن زور ورتو، تڏهن انهيءَ شهر جو نالو بهمن آباد مان ڦري برهمڻ آباد ٿي ويو. عربن جي حملي وقت سنڌ جي ٻين شهرن وانگر برهمڻ آباد جو شهر ٻڌ مت جي ماڻهن سان آباد ٿيل شهر هو. هندو پڻ انهيءَ شهر ۾ چڱي انداز ۾ موجود هئا، پر اهي يا واپاري طبقي سان وابستہ هئا، يا فوجي سپاهي هئا، جن کي قلعي جي بچاءَ لاءِ اتي رکيو ويو هو.

ڏيپر گهانگهري جا کنڊر گهڻو ڪري ٻڌ مذهب جي وهارن سان ڳتيا پيا آهن ۽ ان مان ڪيتريون اهڙيون شيون لڌيون ويون آهن، جن جو تعلق مهاتما ٻڌ سان آهي. اڃا تائين ڪوبہ مسلم سڪو يا ڪا ٻي اسلامي شيءِ نہ لڌي وئي آهي. ايم. آر. هيگ، منصوره جي تشبيهہ بابت ٽي اهم رايا ڏنا آهن، جي هن ريت آهن:

1- جنرل ڪننگهام، هيونچانگ جي او- فان- چا برهمڻ آباد کي تصور ڪري ٿو ۽ نيرون جي باري ۾ سندس خيال آهي تہ اهو پي- تا- سي- لو (پٽسيلا) هو. ياتري جي چوڻ موجب ٻنهي جي وچ ۾ 300 لي جو فاصلو هو. يعني تہ 50 ميل ۽ اوفان چا ٿورو اور پرو هو. هن مضمون ۾ بيان ڪيل برهمڻ آباد، سنڌي فاصلي موجب حيدرآباد کان 49 ميل جي پنڌ تي آهي.

2- ابوالفدا ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو شهر نيرون کان 15 فرسخن جي فاصلي تي هو ۽ هن ۾ بيان ڪيل منصوره، حيدرآباد کان ذري گهٽ 45 ميل پري آهي.

3- الادريسي جو قول آهي تہ منصوره جو شهر نيرون کان ٽن ڏينهن جي پنڌ کان ٿورو پريرو هو ۽ ديبل ۽ نيرون جي وچ ۾ فاصلو ٽن ڏينهن جو هو. پر

ابن حوقل جو وڏيڪ صحيح ٿو لڳي، ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو شهر نيرون (ڪوٽ) کي ديبل کان وڌيڪ ويجهو هو. اڄ بہ سڌي پنڌ وسيلي انگريزي ڪامورا انهيءَ فاصلي کي ٽن ڏينهن اندر طئہ ڪندا آهن يعني تہ 16 يا 17 ميل في ڏينهن. ان ڪري جيڪا بہ حقيقت هٿ آئي آهي، ان موجب قديم شهرن جي سڃاڻپ، فاصلن کي خيال ۾ رکي، صحيح طريقي سان ڪئي ويئي آهي[65].

ايم. آر. هيگ ان ڪري وڌيڪ بحث جاري رکڻ لاءِ ڪا بہ گنجائش نہ ڇڏي آهي. اهو اعتراف ڪرڻو پوندو تہ دلور جي پڙي وارا ڪنڊر منصوره کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ شهر جا نہ ٿا ٿي سگهن ۽ ڏيپر گهانگهري وارا ڪنڊر ڏنل حقيقتن جي مد نظر برهمڻ آباد جا ئي ٿي سگهن ٿا.

المحفوظه جي عربي شهر بابت هينري ڪزنس جي ڏنل تشبيهہ غلط آهي[66]. المحفوظه جو شهر جيئن تہ عرب تاريخ دانن ٻڌايو آهي، منصوره اتر اوير طرف درياءَ جي ٻئي ڪپ تي نهيل هو، ان ڪري انهيءَ جي تلاش بہ اوڏانهين ڪرڻي آهي. ايم. آر. هيگ جو گمان تہ المحفوظ جو شهر دلور جي پڙي وارن ڪنڊرن جي بلڪل آمهون سامهون اتر واري حصي ۾ ڳولڻ گهرجن، صحيح آهي[67]. اها حقيقت ڪنڊرن جي معائني مان واضح ٿيو وڃي، جن کي اسان منصوره سان تشبيهہ ڏني آهي. درياءَ جي سڪل ٻوري جي الهندي ڪپ کان اتر ايرندي طرف هڪ اهڙي شهر جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن جو وڏو حصو واري هيٺ لٽجي ويو آهي. پر جيڪي ٿانو ٺپا ۽ سڪا انهن مان لڌا ويا آهن، سي گهڻو ڪري اهڙا ئي آهن، جيڪي دلور جي پڙي مان دستياب ٿيا آهن. ان سبب اهو گمان ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي تہ اهو دبيل شهر بہ عربن جو ئي نهرايل هو ۽ نہ هندن يا ٻي ڪنهن غير مسلم قوم جو. شهر جي تعمير ۾ استعمال ڪيل سرون بہ گهڻو ڪري ساڳيون آهن، جيڪي دلور جي پڙي ۾ موجود آهن. پيرون فقير[68] ٻڌايو تہ اتان کي سڪا بہ مليا هئا، جي عربي دور جا هئا ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو توري ناڻي تي خريد ڪري ٿي ويا.

هينري ڪزنس جنهن دلور جي ڏکڻ اوير حصي کي المحفوظہ سان تشبيهہ ڏني آهي، تنهن پنهنجي دعويٰ جو بنياد شايد البلاذري جي ڏنل بيان تي قائم ڪيو هجي. جنهن لکيو آهي تہ المحفوظه جو شهر هڪ وڏي ڍنڍ يا درياءَ جي وڏي شاخ (وهڪري) جي ٻئي ڪناري تي ٻڌايل هو. دلور جي پر ۾

هڪ وڏو خالي ميدان ڏنو ويجي ٿو. جيڪو کنڊرن جي هڪ حصي کي ٻئي کان جدا ڪري ٿو. اهو به ڏنو ويو آهي ته درياءَ جو وهڪرو انهيءَ ٻنهي کنڊرن جي اتر اوڀر کان وهندڙ هو. ان ڪري اهو نتيجو ماخذ ڪري سگهجي ٿو ته کنڊرن جو اهو حصو جيڪو ڏکڻ ۾ آهي، درحقيقت انهيءَ نئين شهر جو هو جو بعد ۾ منصوره ۾ وڌندڙ آبادي سبب شهر جي پر ۾ ٺاهيو ويو هو. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته شهر جو اهو حصو غير مسلم مقامي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيو ويو هجي، جن برهمڻ آباد جي تباهي کان پوءِ هجرت ڪري اهو شهر وسايو هو. تاريخن ۾ اهو واضح ڪيل آهي ته برهمڻ آباد جو شهر تلوار جي زور سان فتح ڪيو ويو هو ۽ اتي جي جاين کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو هو. نه فقط ايترو پر برهمڻ آباد ۾ رهندڙ ماڻهن جو وڏو تعداد قتل پڻ ڪيو ويو. ان ڪري باقي جيڪي ٿورا رهيا، انهن کي وري نئين سر منصوره جي پر ۾ آباد ڪيو ويو. انهيءَ حقيقت جي وڌيڪ وضاحت کنڊرن جي معائني مان ٿئي ٿي. چاڪاڻ ته اڏاوت ۾ جيڪي سرون ۽ ٻيو مال ڪم آندو ويو آهي، اهو گهٽو ڪري ان وقت جي غير مسلم ماڻهن طرفان استعمال ڪيو ويندو هو. ازانسواءِ منصوره جو شهر درياءَ جي الهندي ڪپ تي نهيل هو[69]، ۽ نه ايرندي ڪپ تي. چاڪاڻ ته هو پاسو تر جي طرف کان وحشي قبيلن جي ٿيندڙ حملن لاءِ بلڪل کليل هو. جن کي عربن جت ۽ ميد ٻڌايو آهي[70]. اهي قبيلا اڄ ڪلهه به سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود آهن ۽ جتن کي هاڻي بلوچ پڻ سڏيو وڃي ٿو.

البلاذري جو چوڻ آهي ته المحفوظه جو شهر مهراڻ درياءَ جي ايرندي ڪپ تي هندستان جي بلڪل آمهون سامهون ٻڌايو ويو هو[71]. انهيءَ ڪري ته ايرندي کان ٿيندڙ حملن جو بچاءُ ٿي سگهي. گمان غالب آهي ته درياءَ جي سڪل پٽي جي ٻئي طرف ايرندي ڏانهن، واري اندر پوريل شهر جا کنڊر المحفوظه جا ٿي سگهن ٿا ۽ نه ڪنهن ٻئي شهر جا. المحفوظه عربن جو ٻيون نهرايل شهر هو.

## منصوره جو اوج:

منصوره هڪ وڏو شهر هو ۽ اهو هڪ اهڙي ٻيٽ تي ٻڌل ٻڌايو ويو آهي جنهن جي چوڌاري مهراڻ جو درياءَ هو. اهو شهر هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل

موڪرو هو ۽ ان جي بچاءَ لاءِ مضبوط قلعو پڻ اڏايو ويو هو جنهن کي چار دروازا هئا. انهن دروازن جا نالا هي هئا.باب البحر (سامونڊي دروازو)جو ڏکڻ اولهه طرف هو. باب سندان ڏکڻ اوڀر طرف، باب ملتان اتر ڏانهن ۽ باب توران اولهه طرف[72]. اهي دروازا منصوره جي واپاري رستن جي نشاندهي ڪندڙ هئا. يعني تہ سامونڊي دروازو ديبل جي رستي سمنڊ جي واپار لاءِ. باب سندان، ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ لاءِ. باب توران، بلوچستان، ايران ۽ خراسان جي واپار لاءِ. باب ملتان، پنجاب، ڪشمير ۽ اتر هندوستان سان واپاري قافلن سان ڳنڍيل هو. منصوره شهر جو نقشو ۽ رٿا بندي دمشق جي شهر جي مشابهت سان ڪئي وئي هئي، ۽ ان جون اڏاوتون گهڻو ڪري مٽي ۽ ڪکن جون ٺاهيل هيون. پر منصوره جي مسجد سهڻي نموني جي ٺهيل هئي. چاڪاڻ تہ ان ۾ پٿر ۽ گچ جو استعمال ڪيو ويو هو. شهر جي آبهوا نهايت گرم هئي. اهوئي سبب آهي جو سياري جي موسم ۾ بہ مينهن گهڻو وسندو هو. شهر ۾ ٻن قسمن جو ميوو جام ٿيندو هو جن کي انب ۽ ليمون سڏيو ويندو هو. پر منجهس انگور ڪونہ هئا. منصوره جي پسگردائي ۾ ڪجي ۽ ڪمند جي تمام گهڻي پوک ڪئي ويندي هئي.

مشهور جاگرافي دان الادريسي جنهن جو دور يارهين صدي عيسوي هو، اهو ٻڌائي ٿو تہ منصوره واپار جو مرڪز هو. اتي ملڪي ۽ غير ملڪي جنسن جو وڏو واپار ٿيندو هو. شهر جي جاين جي تعمير ۾ سرون ڪاشي ۽ چن جو گچ ڪم آندو ويندو هو. شهر جون بازارون ماڻهن سان ڳتيل ۽ هر هڪ قسم جي مال سان ڀريل نظر ٿي آيون. غريب ماڻهن جي پوشاڪ ايراني پوشاڪ جهڙي هئي پر شهزادن جو لباس ٻي طرح جو هو. يعني تہ انهن ۾ ڪڙتن جو رواج هو ۽ اهي پنهنجا وار چڙهي ڏيندا هئا تہ جئين اهي هندو راجائن جي وارن جيان ڀنيان لڙڪندا رهن. مڇي جام هئي ۽ گوشت پڻ سستو هو. مقامي ٿوڙي ٻاهريون آيل ميوو لاتعداد هو. سڪا چاندي ۽ ٽامي جا ٺهيل هئا. دينار جو ملهہ درهم کان پنجوڻ ٿي هو. شهر عباسي خليفي منصور جي خلافت جي اوائلي دور ۾ ٺاهيو ويو هو. چاڪاڻ تہ انهيءَ شهزادي جيئن مختلف شهرن تي، نيڪ فال طور پنهنجي طرفان اهي نالا ڏنا تہ جيئن اهي سدائين قائم رهن. ٻهريون شهر بغداد هو جو عراق ۾ آهي، ٻيو منصوره آهي جو سنڌ ۾ آهي،

ٽيون المصيصه آهي جو پونچ سمنڊ تي آهي، ۽ چوٿون رفيقيه آهي جو ميسوپوٽيميا ۾ آهي[73]. پر الادريسي اکين ڏٺو احوال ڪونہ ڏنو آهي. جيڪي ڪي افواهي يا ڪتابي صورت ۾ مواد مليو ان کي هن جمع ڪيو آهي. ان هوندي بہ هن جيڪي ڪجهہ بيان ڪيو آهي ان سان منصوره شهر جي اوج ۽ ان جي چلتي جو پتو پوي ٿو. عرب دنيا ۾ منصوره جي اوج جوڏاڪو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي عالم، مورخ، جاگرافي جا ماهر، ۽ پيا سنڌ ۾ وارد ٿيندا رهيا. انهن سڀني مان پهريون المسعودي هو جو منصوره جو شهر پاڻ گهمي ويو هو. سندس چوڻ آهي تہ هو سنڌ ۾ چوٿين صدي هجري جي اوائل ۾ آيو هو. يعني 300 هه يا 303 هه. هو ٻڌائي ٿو تہ:

"آءُ انهيءَ دور ۾ منصوره جي ملڪ (سنڌ ملڪ) ۾ داخل ٿيس. ان وقت انهيءَ ملڪ جو حاڪم ابوالمنذر عمر بن عبدالله هو. مون اتي سندس وزير زياد ڏٺو ۽ پڻ سندس بہ پٽ محمد ۽ علي مون ڪي هڪ عرب رئيس نالي حمزه پڻ ڏسڻ ۾ آيو جنهن جو اتي وڏو اثر هو ۽ خليفي عليءَ جي ٻن پٽن عمر بن علي ۽ محمد بن علي جي اولاد سان ملڻ ٿيو. جن کي عباسي خليفن جي ظلم ۽ تشدد سنڌ ۾ پناه وٺڻ تي مجبور ڪيو هو. منصوره جو قاضي ابي شوراب هو ۽ هو منصوره جي حاڪمن سان مائٽي جي رشتي ۾ ڳنڍيل هو. منصوره جا حاڪم هبار بن الاسود جي اولاد مان آهن پر اهي پاڻ کي بنو عمر بن عبدالعزيز سڏائين تا جو منصوره جي عرب حڪومت جو باني هو. منصوره جو نالو، بنو اميہ جي دور ۾ سنڌ جي گورنر منصور بن جمهور جي نالي پٺيان رکيل آهي. منصوره جي بادشاهہ کي اسي هاتي آهن ۽ هر هڪ هاتي لاءِ پنج سو سپاهين جو جٿو آهي جو جنگ جي وقت وڏو ڪم ڏي ٿو. اهي هاتي جنگ ۾ هزارين گهوڙن (سوارن) جو مقابلو ڪري سگهن تا[74].

المسعودي کان پوءِ الاسطخري سنڌ ۾ آيو ۽ هو هن ريت رقمطراز آهي:

"منصوره جو شهر اٽڪل هڪ ميل ڊگهو ۽ اوترو ئي ويڪرو آهي، ۽ درياءَ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ تي ٻڌل آهي. جنهن کي مهراڻ چون تا. اتي جا ماڻهو گهڻو ڪري مسلمان آهن ۽ حاڪم قريش مان هبار بن الاسود جي اولاد مان آهي. انهن جو ڪيترين پيڙهين کان وٺي سنڌ تي قبضو آهي. خطبو عباسي خليفي جي نالي پڙهيو وڃي ٿو. شهر ۽ ان جي آس پاس کجور ۽ ڪمند جون پوکون

آهن پر صوف، ڇانهين ۽ ناريل اتي ناپيد آهن. شهر نهايت گرم آهي. ميوي جون ٻه جنسون جن کي انب ۽ ليمون سڏيو وڃي ٿو گهڻي انداز ۾ پيدا ٿين ٿا. ليمون (نارنگي) صوف جيترو هوندو آهي پر آهي کٽو. انب، شفتالو جيڏو آهي. اهي جنسون ٿوري گهڻي انداز ۾ دستياب آهن. نقدي سڪا "قاهري" سڏيا وڃن ٿا. جن جو وزن هالو چالو سڪي جي پنجوڻ جي برابر آهي ۽ دينار پڻ ڪم آندا وڃن ٿا ۽ انهن کي طاهري (طاطري) سڪو سڏيو وڃي ٿو. عام ماڻهن جو لباس اهوئي آهي جيڪو عراق ۾ پهريو وڃي ٿو. پر بادشاهن جو لباس مختلف آهي ۽ هندوستان جي غير مسلم راجائن جهڙو آهي[75]."

الاصطخري کان پوءِ ابن حوقل، منصوره بابت پنهنجو رايو هن ريت قلمبند ڪيو آهي:

"منصوره جو شهر هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي ۽ درياءَ جي وچ ۾ ناهيل ٻيٽ تي آهي. ماڻهو اتي جا مسلمان آهن ۽ بادشاهه قريشي، هبار بن الاسود جي اولاد مان آهي. انهن جو ملڪ تي ڪيترين پيڙهن کان قبضو آهي پر خطبو عباسي خليفي جي نالي سان پڙهيو ويندو آهي. شهر جي آبهوا گرم آهي. ڪجور جي پوک جام ٿئي ٿي. انگور، صوف، ناريل ۽ ٻيا ميوا گهٽ پيدا ٿين ٿا. ڪمند جي پوک جو ته ڪاتو ئي ڪونهي. ڪمند مان هتي جا ماڻهو بهترين قسم جي ڪنڊ ناهين ٿا. ليمون ٻه هڪ ميوو آهي جو صوف جيڏو آهي پر آهي کٽو. انب تمام گهڻو ٿئي ٿو، ۽ شفتالو جيڏو آهي. ان جو مواد ٻــ انهيءَ جهڙو آهي. قيمتون گهٽ ۽ ڪاڏي جوڻ شيون وڏيڪ. نقدي جو نالو قنذاريات آهي، ۽ ان جي قيمت 5½ درهم آهي. ٻيا سڪا طاطري سڏجن ٿا جن کي دناشير پڻ ڪونيو ويندو آهي. انهن جي قيمت مڪاني سڪن کان سوائي هئي. ماڻهن جو لباس اهوئي آهي جيڪو عراق ۾ پهريو وڃي ٿو. پر حاڪمن جي لباس ۾ اختلاف آهي. ڇاڪاڻ ته سٿڻ ۽ ڪڙتو هندستان جي غير مسلم راجائن سان گهڻي مشابهت رکي ٿو[76]."

عرب سياحن ۾ جيڪو سياح سڀ کان پوءِ آيو اهو بشاري مقدسي هو. سنڌ ۾ سندس اچڻ جو سال 375 هه جي لڳ ڀڳ سمجهڻ گهرجي. سندس بيان هن ريت آهي:

”منصوره سنڌ جو مکيہ شهر آهي ۽ ان جي گادي جو هنڌ آهي. ان جون جايون گچ ۽ سرن جون ٺهيل آهن. پر ان جي جامع مسجد پٿر ۽ چن سان جڙيل آهي ۽ ان اڏاوت جو نمونو بہ عمان (مسقط) جي مسجد جهڙو آهي. قلعي جا چار دروازا آهن: جن جا نالا باب البحر، باب سندان، باب ملتان ۽ باب توران آهن. ماڻهو مهمان نواز، پڙهيل ۽ دين تي محڪم آهن. صفائي سترائي، سخاوت ۽ ميل جول جا ڪوڏيا آهن. مينهن جام پوي ٿو. شهر ۾ مينهن جا بهترين نمونا آهن. جامع مسجد شهر جي وچ ۾ آهي. جتي سيئي رستا اچيو گڏجن. ريتون رسمون بہ ساڳيون عراق جهڙيون آهن. شهر تمام گرم آهي ۽ منجهس اڪيچار مکيون آهن. ڪافرن جو ملڪ ۾ زور آهي ڇاڪاڻ تہ منصوره جي چوگرد بستيون تباه حال ۽ برباد ٿي ويون آهن. اشراف (عرب) گهٽجي ويا آهن[77].“

ياقوت حموي، جنهن سن 626 هہ ۾ وفات ڪئي. ٻڌائي ٿو تہ: ”منصوره سنڌ جو وڏو شهر آهي. اهو آباد ۽ ڳتيل شهر آهي، ۽ ان ڪي هڪ وڏي جامع مسجد پڻ آهي. ان جي چوڌاري مهراڻ درياءُ جون شاخون آهن. حمزه جو چوڻ آهي تہ منصوره دراصل برهمڻ آباد آهي. رڳو نالو بدلايو ويو آهي. المسعودي وري ٻڌائي ٿو تہ اهو شهر بنو اميہ خاندان جي موڪليل گورنر منصور بن جمهور الڪلبي جي پنيان سڏيو وڃي ٿو. منصوره جو ملڪ ٽيون نمبر ولايت آهي. ان جي بيهڪ 83 ڊگري ڊگهائي ڦاڪ ۽ 22 ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ تي آهي. هشام جي دعويٰ آهي تہ اهو شهر منصور بن جمهور ٻڌايو هو. ان کي هارون الرشيد جي خلاف بغاوت ڪرڻ سبب ڪڍيو ويو. حسن بن احمد المهلبي جو چوڻ آهي تہ اهو شهر عباسي خليفي منصور جي خلافت جي دور ۾ عمرو بن حفص المهلبي ٺهرايو هو. اهو شهر هڪ اهڙي ٻيٽ تي ٻڌل آهي جنهن جي چوڌاري مهراڻ درياءُ جي شاخ آهي. اتي جا ماڻهو مهمان نواز، دين جا پڪا، ۽ فضيلت جا صاحب آهن. واپاري طبقو خوشحال آهي. شهر جي آبهوا گرم آهي ۽ ان ۾ مکيون تمام گهڻيون آهن. منصوره ۽ ديبل جي وچ ۾ ڇهن مرحلن جو فاصلو آهي. منصوره ۽ ملتان جي وچ ۾ ٻارنهن منزلن ۽ منصوره کان توران جي وچ ۾ 15 منزلون آهن. منصوره جي حڪومت جون حدون ٻڌا سان ملنڌڙ آهن. ان جو فاصلو منصوره کان 5 مرحلن تي آهي. منصوره جا رهاڪو مسلمان آهن. حاڪم قريش مان آهن ۽ هبار بن

الاسود جي اولاد مان آهن. خطبو عباسي خليفي جي نالي تي پڙهيو ويجي ٿو. ضوف، هنداڻو، انگور، ڪاٺ گدرو ناپيد آهي. پر ڪمند جو فصل جام پوکيو ويجي ٿو. اتي ڪٿو ميوو صوف جي قد جيڏو آهي جنهن کي ليمون سڏيو وڃي ٿو. انب بہ تمام گهڻو ٿئي ٿو جنهن جو قد ۽ سواد شفتالو جهڙو آهي. قيمتون گهٽ آهن. قاهريات ۽ طاطري، سڪا استعمال ڪيا وڃن ٿا. طاطري سڪو، مقامي سڪي جي1-1/4 جي برابر آهي[78]."

عرب جاگرافي دانن ۽ سياحن جي بيان مان واضح ٿو ٿئي تہ منصوره جو شهر عربن جي حڪومت جو سنڌ ۾ گادي جو هنڌ هو. اهو ديبل کان ڇهن منزلن جي فاصلي تي ٻڌل هو. ملتان کان ان جو فاصلو 12 منزلن ۽ طوران (جهالاوان) تائين 15 منزلون هو. الرون (اروڙ) ۽ منصوره جي وچ ۾ ست منزلون فاصلو هو پر نيرون جو شهر منصوره کان ٻن ڏينهن جي فاصلي تي هو. اهو شهر انهيءَ شاهي رستي تي ٻڌل هو جنهن ديبل کي نيرون سان ڳنڍيو ٿي. منصوره ڳتيل شهر هو منجهس ماڻهو گهڻا هئا. شهر جون جايون درحقيقت سرن جون ٺهيل آهن، جيڪي اڄ بہ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ موجود آهن.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(2) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 66.
(3) فتوح البلدان، ص 449، كامل في التاريخ، جلد 5، ص 216.
(4) آثار البلاد، ص 83.
(5) خريدة العجائب، ص 62.
(6) معجم البلدان، جلد 8، ص 177.
(7) ايضاً، ص 177.
(8) نزهة المشتاق، ص3 1.
(9) فتوح البلدان، ص 448.
(10) ايضاً، ص 448.
(11) ايضاً، ص 447.
(12) كامل في التاريخ، جلد 4، ص 83، كتاب العبر، جلد 3، ص 67.
(13) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 55.
(14) كتاب الهند، ص 11.
(15) آئين اكبري، ص 550.
(16) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 66.
(17) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 66، اسلامڪ ڪلچر، جلد 16، ص 36.
(18) فتوح البلدان، ص 447، كامل في التاريخ، جلد 4، ص 283، كتاب العبر، جلد 3، ص 67.
(19) كتاب الهند، ص 11.
(20) معجم البلدان، جلد 8، ص 100.
(21) نزهة المشتاق، ص 31.
(22) كتاب الهند، ص 11.
(23) آئين اكبري، ص 555.

(24) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 173، صورة الارض، ص 320، آثار البلاد، ص 38، نزهة المشتاق، ص 30، معجم البلدان، جلد 8، ص 177.
(25) بکر جو قلعو درياءَ جي وچ ۾ روھڙي وٽ واقع آھي.
(26) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 62.
(27) ايضاً، ص 50.
(28) فتوح البلدان، ص 448، تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 50، ڪامل في التاريخ جلد 4، ص 283، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 67.
(29) انٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 63.
(30) فتوح البلدان، ص 444.
(31) معجم البلدان، جلد 8، ص 177.
(32) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 171، 173.
(33) صورة الارض، ص 320.
(34) ابن حوقل جو نقشو، ص 320، جي سامھون ڏنل.
(35) صورة الارض، ص 328.
(36) نزھة المشتاق، ص 33، 38.
(37) ايضاً، ص 30.
(38) ڪتاب الھند، ص 100.
(39) گزيٽيئر آف سنڌ (ھيوز)، ص 126.
(40) انھن ڪنڊرن کي ڏيپر گھانگھرو پڻ سڏيو وڃي ٿو. ڏسو چچ نامو سنڌي ايڊيشن، ص 400.
(41) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 62.
(42) انٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 67.
(43) انڊين انٽيڪئري، جلد 11، ص 89 کان 93.
(44) گزيٽيئر آف سنڌ (ھيوز)، ص 132، 133.
(45) انٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 67.
(46) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 174، صورة الارض، ص 320، نزھة المشتاق، ص 30.

(47) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 175، صورة الارض، ص 320، نزهة المشتاق، ص 30، معجم البلدان، جلد 8، ص 177، آثار البلاد، ص 83.
(48) ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 65.
(49) ايضاً، ص 66.
(50) ايضاً، ص 70.
(51) جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز. جلد 16، ص 284.
(52) فتوح البلدان، ص 449.
(53) مهراڻ، ص 230.
(54) فتوح البلدان، ص 449.
(55) ڪتاب الهند، ص 100.
(56) چچ نامه، ص 199 .
(57) ايضاً، (سنڌي ايڊيشن)، ص 496، 497.
(58) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 176.
(59) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 173، صوره الارض، ص 320، نزهة المشتاق، ص 30.
(60) چچ نامه، ص 202.
(61) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز، جلد 16، ص 135.
(62) چچ نامه، ص 218.
(63) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز، جلد 16، ص 135.
(64) ايضاً، جلد 16، ص 285.
(65) صورة الارض، ص 323.
(66) ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 65.
(67) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز، جلد 16، ص 29.
(68) پيرون فقير، منصوره جي کنڊرن تي حڪومت جي طرفان محافظ آهي.
(69) فتوح البلدان، ص 448.
(70) مروج الذهب، جلد 1، ص 143،
(71) فتوح البلدان، ص 449.

(72) احسن التقاسيم، ص 479.

(73) نزهة المشتاق، ص 31.

(74) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.

(75) المسالک والممالک (الاصطخري)، ص 176.

(76) صورت الارض، ص 324.

(77) احسن التقاسيم، ص 479، 480.

(78) معجم البلدان، جلد 8، ص 177.

# منصوره جا هاڙوڪا ڪنڊر

## سنڌ جي عربي دور جو تختگاهه

## باب يارهون

# منصوره جا هاٽوڪا ڪنبر

منصوره جا هاٽوڪا ڪنبر ديهہ 42 جمڙائو تعلقو سنجهورو ضلع سانگهڙ ۽ شهداد پور جي هاٽوڪي شهر کان ڏکڻ اوڀر ۾ انن ميلن تي واقع آهن[1]. اهي ڪبر هڪ وڏي ميدان تي آهن. جيڪو هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي ۽ انهن جي پير ۾ درياءُ جو پراڻو پڌو ۽ جمڙائو واهہ آهي. ٻيا بہ ڪيئن ڪنبر انهيءَ ايراضي ۾ موجود آهن. انهن مان دوفاني ۽ متهلو اجا بہ چڱي مشهوري رکن ٿا. منصوره کان سواءِ ٻيا وڏا ڪنبر ڏيپر گهانگهري جا آهن، جن کي قديم برهمڻ آباد جي شهر سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي[2]. برهمڻ آباد جو شهر عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جي راجائن جو آرهڙ جي موسم ۾ گاديءَ جو هنڌ هو. منصوره جي ڪنبرن ۾ سيني طرفن کان رستا موجود آهن. پر سيني کان آسان ۽ اهم رستو جمڙائو جي 44/3 موريءَ وٽان آهي، جيڪو ڪنبرن جي وچ کان لنگهي ٿو. سڀ کان پهرئين پڌري شي جيڪا ڏسندڙ کي ملي ٿي اها منصوره جي قلعي جي ديوار آهي. جا جيتوڻيڪ زبون ٿي ويئي آهي ان هوندي بہ اها زمين جي سطح کان 20 کان 25 فوٽ مٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ديوار جي معائني مان ظاهر ٿو ٿئي تہ تہ اها نهايت ئي موڪري آهي. ڇاڪاڻ تہ ان مٿان ڍڳي گاڏي آسانيءَ سان هلي سگهي ٿي. ديوار تي چڙهي ڪنبرن کي ڏسڻ سان عجب جي حد نہ ٿي رهي تہ هيڏو وڏو شهر ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح مڪمل طور تباهہ ٿي ويو آهي. هي اهو شهر هو جيڪو ڪجهہ عرصي تائين عربن جي تهذيب ۽ ثقافت، واپار ۽ انتظاميہ جو مرڪز هو.

ساڳئي وقت اهو شهر عربن جي قائم ڪيل هباري خاندان جي حڪومت جو تختگاهہ پڻ هو. پر هاڻي اتي ڪي بہ ڪينهي جنهن مان انهيءَ شهر جي تباهي جو سراغ ملي سگهي. فقط هڪ پڳل منارو آهي جنهن کي منصوره جي جامع مسجد سمجهيو ويو آهي. انهيءَ مناري جي پير ۾ هڪ وڏي کڏ آهي جنهن ۾ هڪ کوهہ پڻ آهي پر اهو گهٽي قدر سڪي ويو آهي. اتر اوڀر طرف ٿورن قدمن تي مهراڻ درياءُ جو سڪل پڌو آهي جو ان وقت منصوره جي قلعي جي پٺين جي لڳ وهندو هو.

درياءَ جي سڪل پٽي جي الهندي ڪناري تي بيهڻ سان ٻئي طرف يعني ته پٽي جي پراڙ هڪ ٻئي شهر جا ڪنڊر آهن جي واري هيٺ دٻجي ويا آهن. ڪنڊرن جا رستا موڪرا آهن جن ۾ جيپ تي ويهي سير ڪري سگهجي ٿو. پر ڪنڊرن جي مڪمل جانچ پڙتال لاءِ گهوڙي جي سواري جو هجڻ ضروري آهي. بيان ڪيل مناري کان اترين ڪنڊ تائين اڌ ميل جو فاصلو آهي ۽ انهيءَ ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ هڪ وڏي سرنگهه آهي. جنهن لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته انهيءَ ۾ خزانو پيل هو. لواري جا پير اهو دفينو ڪوٺائي ڪٽي ويا. قلعي جي ديوار مضبوطي سان ٺاهيل آهي ۽ اها درياءَ جي ڪپ سان لاڳو ڏسڻ ۾ تي اچي. ان ڪري ديوار ٺاهيندڙن جي ڄاڻ ۽ فن کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهجي نه ٿو سگهجي. اهو بہ ظاهر ٿو ٿئي ته درياءَ جو وهڪرو انهيءَ شهر جي چوڌاري هو ۽ شهر هڪ ٻيٽ تي نهيل هو[3]. وڌيڪ اهو ثابت ٿو ٿئي ته شهر رٿابندي موجب نهرايل هو ۽ ان جو جايون پڪسريون هيون. پر ڇتين تي ڪاٺ، ڪک ۽ گارو استعمال ڪيل ٿو ڏسجي[4]. ڇاڪاڻ ته ڪابہ ڇت اڃا تائين صحيح سلامت نه ملي آهي. ويراني ۾ سرن جا ڍير آهن انهن جي وچ ۾ ننڍا ميدان ۽ کليل پيچرا آهن، جن مان ثابت ٿو ٿئي ته اهي شهر جا رستا ۽ مکيہ چونڪ هئا. ڪنڊرن جي پر ۾ هڪ قبرستان آهي، جنهن ۾ هڪ پراڻو قبو پڻ آهي. پر اهو قبرستان گهڻو پوءِ جو آهي. قبرستان جي اوپر ۾ هڪ وڏو ميدان آهي، جو يا ته شهر کي پاڻي رسائڻ جو تلاءُ هو يا تي سگهي ٿو ته اها بندرگاهه جي گودي هجي. ڇاڪاڻ ته منصوره سنڌ جو بندرگاهه پڻ هو، جتي واپاري ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا. سرن جي ڍيرن ۾ هڏن کان سواءِ ٻيو ڪي ڪينهي، جي گهڻن هنڌن تي وڏي انداز ۾ ڏٺا وڃن ٿا. انهن کليل ميدانن جي ٻنهي پاسن کان ننڍين ڪوٺين جون پيڙهيون ڏٺيون وڃن ٿيون، جي يا ته عوامي حمام هئا يا فوجين جو بيرڪون. ڇاڪاڻ ته وچئين دور جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اهي گهٽي انداز ۾ ڏٺيون ويون آهن[5].

اڏاوتن جي نموني ۽ شهري رٿابندي تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي، ته منصوره جو شهر وچئين دور جي ٻين شهرن وانگر هڪ ڳتيل شهر هو ۽ ماڻهو منجهس جام هئا. اڏاوتن جي پيڙهين جي معائني مان اهو بہ ظاهر ٿو ٿئي ته اهي 2½ کان 3½ ويڪريون آهن ۽ سڀ جايون گهڻو ڪري تلهن تي نهيل آهن،

جيڪي ٿن فوٽن کان پنجن فوٽن تائين شهر جي عام سطح کان مٿي ٺهرايا ويا هئا. مسٽر بيلاسس جو اهو چوڻ بلڪل صحيح آهي تہ: "سنڌ ۾ اهڙو ڪوبہ شهر موجود نہ آهي، جيڪو جيڪڏهن زلزلي هيٺ اچي وڃي، تہ ڪنڊرن جو اهڙو مظاهرو نہ ڪندو، جيڪو هن شهر ڪيو آهي[6]."

گمان ڪيو ويو آهي تہ ڏکڻ اوڀر طرف ڪنڊرن جو ڊار ٿيل حصو، محفوظ جي شهر جو آهي. پر جيڪڏهن انهيءَ تي ڳوڙهو معائنو ڪبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ درياءَ جي پڏي جي پراڙ اتر اوڀر ڪنڊ جي آمهون سامهون جيڪي ڪنڊر نظر اچي رهيا آهن، اهي ئي در اصل محفوظہ جا ڪنڊر ٿي سگهن ٿا. انهيءَ حيقت جي تصديق البلاذري ۾ بين عرب ليکڪن جي لکتن مان واضح ٿئي ٿي، جن جو چوڻ آهي تہ المحفوظہ جو شهر منصوره جي بلڪل آمهون سامهون مهراڻ درياءَ جي ڪپي ڪپ تي ٺهيل هو[7].

اها راءِ تہ منصوره ۽ برهمڻ آباد جا ٻئي شهر هڪ هنڌ تي ٺهيل هئا غلط ثابت ٿي آهي. جاڪاڻ تہ انهيءَ راءِ جي ڪنهن بہ ليکڪ طرفان پٺڀرائي نہ ٿيل آهي. پر ايليٽ ۽ ٻين يورپي ليکڪن جو اعتقاد آهي تہ منصوره ۽ برهمڻ آباد ٻئي هڪڙي ئي موقعي تي ٺهيل هئا[8]. البلاذريءَ جو چوڻ آهي تہ برهمڻ آباد جو شهر منصوره کان ٻن فرسخن جي پنڌ تي هو[9]. پر ابوالفضل جي لکت مان[10] ۽ پڻ ڪنڊرن جي معائني مان جيڪي تمام وڏي ايراضي ۾ پکڙيل آهن، ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ برهمڻ آباد جو شهر هڪ وڏي ايراضي تي ٻڌل هو ۽ انهيءَ جو ماڳ پڙي (منصوره) ۽ هاٿوڪي شهر جهول جي وچ واري ايراضي تي هو. پڙي جي ڏکڻ اوڀر ۾ واقع ڪنڊرن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اهي شايد برهمڻ آباد شهر جو هڪ حصو هجن ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪنڊر برهمڻ آباد جي حاڪمن جو ان وقت سرڪاري رهائش گاه هجي[11].

ابوالفضل لکيو آهي تہ برهمڻ آباد جي قلعي ۾ (1400) چوڏهن سو برج هئا ۽ هر هڪ جي وچ ۾ جڳو فاصلو رکيل هو. انهن برجن مان ڪي برج سندس زماني ۾ بہ موجود هئا، جن مان برهمڻ آباد جي عظمت ۽ ان جي والاريل ايراضي جو پتو پوي ٿو. هينري ڪزنس جي ڏنل نقشي ۾ منصوره جي اتر اوڀر طرف ڏيپر گهانگهري جا ڪنڊر ڏنل آهن، جن کي برهمڻ آباد جي قديم شهر سان تشبيهہ ڏيئي سگهجي ٿي. البلاذري جو قول آهي تہ جنهن وقت هو

پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب لکي رهيو هو، ان وقت ڪيس ٻڌايو ويو هو تہ برهمڻ آباد جو شهر تباهہ ٿي چڪو آهي ۽ ڪنڊرن ۾ بدلجي ويو آهي[12]. ان ڪري اهو گمان ڪرڻ صحيح ٿيندو تہ عربن جيڪي بہ نوان شهر المحفوظہ ۽ منصوره ان جي پر ۾ ناهيا هئا، تنهن لاءِ سرون ۽ ٻيو اڏاوت جو سامان برهمڻ آباد مان ئي هٿ ڪيو ويو هوندو. برهمڻ آباد جي تباهي بابت ڪوبہ مفصل احوال نہ ٿو ملي. پر اهو انومان ڪيڻ غلط نہ ٿيندو تہ ان جي پڇاڙي حڪومت جي بدلجڻ سبب ٿي، جنهن ۾ اتي جي ماڻهن جو قتل عام ڪرايو ويو هو. عالم آشڪار آهي تہ برهمڻ آباد جو شهر عربن فوجي طاقت سان هٿ ڪيو هو ۽ انهيءَ شهر جي آبادي جي وڏي حصي کي ترار جو ڪاچ بنايو ويو[13]. محمد بن قاسم جي موٽي وڃڻ کان پوءِ انهيءَ شهر وري ساهہ پٽيو بہ هجي، پر ڪيس اها ساڳي وقعت ۽ شهرت نہ ملي سگهي، جيڪا هندو راجائن جي دور ۾ هئي. ٻيو تہ نئين حڪومت (عربن) طرفان سندس پر ۾ ۽ بلڪل ويجهو بہ نوان شهر وجود ۾ اچي ويا. ان ڪري جيڪا بہ ٿوري گهڻي اهميت منجهس وڃي رهي هئي اها بہ ختم ٿي ويئي. نتيجو اهو نڪتو جو اهو شهر آخر ۾ زبون ۽ پڙپانگ ٿي ويو. ٿورا گهڻا ماڻهو جيڪي باقي وڃي منجهس بچيا هئا، اهي بہ لڏي منصوره ڏانهن هليا ويا، جو ٻن سو سالن کان مٿي عربن جو سنڌ ۾ مرڪزي شهر ۽ تختگاهہ بنجي ويو هو. پر سنڌ جي مقامي ماڻهن کان پنهنجي قديم ۽ آباد شهر جي ياد وسري نہ سگهي. ان ڪري اهو انومان ڪيڻ صحيح ٿو لڳي تہ هنن منصوره جي شهر کي نئين برهمڻ آباد جو نالو ڏنو تہ جيئن انهيءَ شهر جي ياد تازي رهندي اچي. الاصطخري جي سنڌ ۾ اچڻ وقت منصوره جي عربي شهر کي برهمڻ آباد پڻ سڏيو ويندو هو[14] ۽ اهي ٻئي نالا يارهين صدي عيسوي تائين قائم هئا. انهيءَ جي تصديق مشهور عالم البيروني جي ڪتاب الهند مان ٿئي ٿي، جنهن منصوره جي شهر کي ٻهمنوا جي نالي سان پڻ سڏيو آهي[15].

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ منصوره جو شهر ڪيئن ۽ ڪڏهن تباهہ ٿيو. عام افواهہ هي آهي تہ اهو شهر قدرت جي ڏمر سبب ڌرتيءَ ڌٻڻ جي ڪري ٿي ويو. چاڪاڻ تہ ان جو بادشاهہ دلوراءِ نهايت ئي ظالم ۽ اوباش هو. اهو ئي سبب آهي جو انهن ڪنڊرن کي اڄ ڏينهن تائين دلور جو ٻڙو سڏيو وڃي ٿو. ڪن جي

وري اها راءِ آهي تہ اهو شهر جي تباهي درياءَ جي وهڪري بدلائڻ سبب عمل ۾ آئي، جنهن سبب ماڻهو منجهانئس لڏي ويا ۽ خالي شهر جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ تباهہ ٿيندو کنڊرن ۾ بدلجي ويو. پر ڪي ليکڪ انهيءَ شهر جي تباهي جو باعث ٻاهرين حملي کي قرار ڏين ٿا جنهن ۾ شهر کي ساڙيو ويو ۽ ماڻهن جو ڪوس ڪرايو ويو هو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو ويا گهٽبا ۽ سڄو شهر آهستي آهستي ڦڙپانگ ٿي ويو.

منصوره جي کنڊرن جو معائنو ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن، ليکڪن، سياحن ۽ تاريخدانن ڪيو آهي. پرڏيهي ليکڪن ۾ هينري ڪزنس ۽ بيلاسس اهڙا شخص هئا جن انهن کنڊرن ۾ خاص دلچسپي ڏيکاري آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن انهيءَ بابت وڏا مقالا تصنيف ڪيا آهن. بيلاسس منصوره جي کنڊرن کي "سنڌ جو پامپئي" سڏيو آهي[16]. هُو اڪيلو يورپي هو، جنهن انهن کنڊرن جي معائني ونڻ خاطر کوٽايون پڻ ڪرايون هيون. بيلاسس جون ڪيل کوٽايون جيتوڻيڪ ننڍي پيماني تي ڪيل هيون، پر ان هوندي بہ انهن مان کنڊرن جي تباهي تي ڪافي مواد دستياب ٿيو آهي. ٻيا پرڏيهي عالم ۽ ليکڪ جن منصوره جي کنڊرن کي ڏٺو ۽ ان بابت پنهنجا رايا قلمبند ڪيا، انهن ۾ رچرڊسن، ڪُننگهام، راورٽي، برنس، ميڪمرڊو، ايليٽ ۽ ايم. آر. هيگ جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن نہ فقط کنڊرن جو معائنو ڪيو، پر ان سان گڏ هنن منصوره جي شهر جي نهڻ، ان جي ترقي ونڻ ۽ ان جي تباهہ ٿيڻ بابت پنهنجا رايا پڻ ظاهر ڪيا آهن.

ايم. آر. هيگ جي راءِ آهي تہ منصوره جو شهر سنڌو درياءَ جي وهڪري جي بدلجڻ سبب تباهہ ٿي ويو هو[17]. هُو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ "منصوره جيڪو انين صدي عيسوي جي وچ ڌاري نهيو هو، سو گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. ياقوت انهيءَ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ابوالفدا ٻڌايو آهي تہ چوڏهين صدي (عيسوي) جي پهرئين اڌ ۾ اهو شهر اوير ۾ ساڳئي نالن وارن ٻين شهرن وانگر، کنڊرن ۾ بدلجي چڪو هو. جيڪڏهن اهي ٻئي ليکڪ پنهنجي لکت ۾ صحيح آهن تہ پوءِ سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڪو عظيم ڦيرو ضرور آيو هوندو ۽ وهڪري جي بدلجڻ وارو واقعو تيرهين صدي جي پوئين اڌ ۾ يا چوڏهين صدي جي اوائل ۾ عمل ۾ آيو هوندو، جو آخر ۾ منصوره جي تباهيءَ جو سبب بڻيو[18]."

ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ هيگ پنهنجي راءِ جو سچو سارو دارومدار انهن آکاڻين تي رکيو آهي، جيڪي سنڌ ۾ صدين کان وٺي پڙايون وڃن ٿيون. انهن ۾ سيف الملوڪ ۽ ڇُتي امراڻي جا قصا پڻ آهن، جن بابت چيو وڃي ٿو تہ انهن درياءَ جي وهڪري کي هٿرادو وسيلن ۽ ڪرامت سان هڪ هنڌان بدلائي ٻئي هنڌ ڪيو هو[19]. انهيءَ راءِ کي انهن کنڊرن جي معائني مان پڻ هٿي ملي ٿي، جيڪي سنڌو درياءَ جي پراڻن وهڪرن جي ڪپن تي ڏٺا ويا آهن. درياءَ جي وهڪري بدلائڻ سبب اهي شهر آهستي آهستي تباهہ ٿي ويا ۽ وري نہ اسري سگهيا. اها راءِ حقيقت جي ڪيترو ويجهو آهي، ان لاءِ سنڌو درياءَ جي هاڻوڪي وهڪري ۽ مستي مان ئي ظاهر آهي. جو هاڻوڪي سائنسي طريقن ۽ مختلف بندن ۽ بيراجن جي باوجود بہ، هن درياءَ کي اجا تائين قبضي ۾ نہ آڻي سگهيو ويو آهي.

هينري ڪزنس، منصوره جي تباهي جو سبب ٻاهرين حملي کي قرار ڏنو آهي ۽ اهو بہ اوير جي راجپوتانا واري علائقي مان. انهيءَ حملي سبب ماڻهن جو قتل عام ٿيو ۽ شهر کي مڪمل طور تباهہ ڪيو ويو[20]. ڪزنس جي راءِ، ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ عرب ليکڪن جي بيانن تي مبني آهي، جن جو چوڻ آهي تہ سنڌ تي ايرندي جي بربٽ مان جت، ميد ۽ ٻين وحشي قومن جا حملا ٿيندا رهندا هئا. انهن حملن ۾ ماڻهن تي عقوبتون ٿينديون هيون ۽ آباديءَ جو وڏو حصو، تلوار جو کاڄ بنجي ويندو هو. جيستائين عرب طاقت ۾ هئا، تيستائين نہ فقط اهي حملا روڪيا ويندا هئا، پر عربن جون فوجون انهن جي پنيان پونديي راجستان، ڪڇ، گجرات ۽ مالوا تائين وڃي پهچنديون هيون. عربن جي ڪمزوري جو فائدو وٺندي منصوره تي حملو ڪيو ويو ۽ ان جو وڏو حصو ساڙي تباهہ ڪيو ويو[21]. اها حقيقت منصوره جي اوچتو غائب ٿيڻ ۽ سنڌ ۾ سومرن جي ظهور وارن واقعن مان وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ سومرن جو چوڻ هو تہ اهي راجپوت نسل جا آهن[22]. غزني جي سلطان محمود منصوره کي تباهہ ڪونہ ڪيو هو. هُن فقط اتي جي قرمطي ملحد حاڪم کي پڇائي ڪڍيو هو. پر هُن شهر جو انتظام عربن جي حوالي ڪيو هو. ڪزنس جو اهو انومان آهي تہ سلطان محمود جي پٽ سلطان مسعود جي دور ۾ غزنوي حڪومت جي ڪمزوري جو فائدو وٺندي سومرن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ اهي ئي دراصل منصوره جي تباهي جو باعث بڻيا[23].

رچرڊسن، ڪننگھام، بيلاسس ۽ راورٽي، سيئي انهيءَ ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿا تہ منصوره جو شهر ذرتي ڌٻڻ سبب ناس ٿيو[24]. اها راءِ هيٺين سببن جي ڪري وڌيڪ موزون ڏسڻ ۾ ٿي اچي. جيڪڏهن منصوره جي تباهي درياءَ جي وهڪري ڦيرائڻ سبب هجي ها تہ پوءِ اهو مڪمل طور ناس نہ ٿي وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ شهر خالي ڪرڻ وارو سلسلو گهڻو وقت جاري رهي ها ۽ اتي جا ماڻهو پنهنجا قيمتي زيور ۽ پيسا ڏوڪڙ پاڻ سان کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها. پر منصوره جي کنڊرن مان سوين سون ۽ چانديءَ جا سڪا ۽ ٻيو قيمتي سامان مليو آهي[25]. ان ڪري انهيءَ شهر جي تباهي درياء جي وهڪري بدلائڻ سبب ڪانہ ٿي هئي. ٻيو تہ ڪي جايون يا ٻيون اڏاوتون ڪجهہ وقت قائم رهي سگهن ها. ڇاڪاڻ تہ اڏاوتن جو بنياد ڏيکاري ٿو تہ اهي گهڻو ڪري مٽي ناهيل ٿلهن تي جڙيل هيون. درياء جي رخ بدلائڻ جو انهيءَ شهر تي ايڏو اثر نہ ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ تہ زير زمين پاڻي گهٽي انداز ۾ موجود رهيو. هيٺئر بہ انهن کنڊرن ۾ هڪ قديم کوهہ ڏٺو ويو آهي، جنهن جو پاڻي صحت مند ۽ پيئڻ جهڙو آهي[26]. ازانسواءِ پڙي جي ڇڪاس مان ظاهر ٿو ٿئي تہ انهيءَ ۾ اٽڪل ٻن هزار کوهن جا بنياد موجود آهن. ان درياء جي رخ بدلائڻ سبب انهيءَ شهر تي ڪو خاص اثر نہ پئجي سگهي ها. وڌ ۾ وڌ انهيءَ جو واپار تي ڪي اثر ٿئي ها. ڇاڪاڻ تہ منصوره جو داخلي واپار دنگين ۽ ٻيڙن وسيلي، سنڌو درياءَ تي هلندو هو. بيلاسس جي کيل کوٽائي ۾ ڪيترن ئي قسمن جو ٺڪراٺو هٿ آيو آهي ۽ اهو ٺڪراٺو سنڌ ۾ ڪم ايندڙ ٺڪراٺي کان وڌيڪ اعليٰ ۽ وڌيڪ مضبوط ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اهڙي طرح چيني جا ٺهيل ٿانو پڻ هٿ آيا آهن. شيشي ۽ بلور جا ٽڪرا، ڪوپن، ساسرن، بوتلن ۽ پليٽن جا ڳپل حصا بہ دستياب ٿيا آهن. سهڻا ۽ قيمتي پٿر، چانديءَ ۽ ٽامي جا سڪا ۽ زيور بہ هٿ ڪيا ويا آهن[27]. جيڪڏهن انهيءَ شهر کي باقاعدي طور خالي ڪيو وڃي ها تہ پوءِ اهي شيون ملي نہ سگهن ها. ان کان سواءِ شهر جا ماڻهو پنهنجو چوپايو مال پاڻ سان گڏ ونيو وڃن ها، جن جا اڪيچار هڏا مسٽر بيلاسس کي کوٽائي وقت ٺنهي گهرن مان دستياب ٿيا هئا[28]. سنڌ ۾ اهو طريقو اجا تائين هليو اچي جنهن ۾ چوپايو مال گهر جي اڱڻ ۾ ئي ٻڌو ويندو آهي. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ شهر تي جيڪا آفت نازل ٿي، ان وقت مال، ڍور ڍڳا ۽ ٻيو چوپايو گهرن ۾ ئي ٻڌل هو ۽ ٻاهر نہ ڪڍيو ويو هو.

اها راءِ ته منصوره جو شهر، عربن جي ڪنهن دشمن غنيم هٿان تباهه ٿيو، پڻ مجڻ جهڙي حقيقت نه آهي. انهيءَ ڏس ۾ رچرڊسن جو اهو خيال ته جيڪڏهن هرهڪ اڏاوت جي هيٺان بارود جا جيڪڏهن ويهه پيپ (ڊرم) رکي باهه ڏجي ها، تڏهن به اهي ايڏيون ته مضبوط هيون جو ڊهي نه سگهن ها ۽ اهو شهر اهڙي طرح کنڊرن ۾ بدلجي نه وڃي ها. ان کان سواءِ دشمن فوج جا سپاهي ڪيڏي به هٿ چراند ڪن ها، پر اُهي پاڻ سان سموري ملڪيت ۽ نقدي ڪٽائي وڃن ها. پر کنڊرن مان گهٽي انداز ۾ چانديءَ ۽ سون جي سڪن ۽ قيمتي پٿرن ۽ زيورن جو ملڻ ظاهر ٿو ڪري ته اهو شهر ڌارئين حملي جي ڪري تباهه نه ٿيو آهي. ساڳئي وقت حملي ڪندڙ فوج پاڻ سان سڀ ڪنهن قسم جو چوپايو مال ڪٺي وڃي ها ۽ جيئن ته ان وقت رواج هو. شهر جو وڏو حصو ساڙي تباهه ڪيو وڃي ها[29]. کنڊرن جو صحيح معائنو ڏيکاري ٿو ته شهر تي باهه جي رستي ڪنهن به قسم جي زيادتي نه ڪئي ويئي آهي. جيڪو به ڪوئلو وغيره کوٽائي مان مليو آهي، اهو ايترو آهي جيترو گهرن ۾ رڌ پچاءَ ۾ باهه ٻارڻ سبب ٿيو هجي[30]. جيڪڏهن شهر کي باهه ڏنل هجي ها ته پوءِ نازڪ قسم جو سامان جهڙو زالن جا ڪنگڻ ۽ چوڙا، شيشي، عاج ۽ ٽامي جو ٺهيل هيو سامان سڙي رک ٿي وڃي ها. پر اهڙي قسم جو سامان تمام گهٽي انداز ۾ مليو آهي ۽ مينهن وسڻ کان پوءِ ته سڪا ۽ قيمتي زيور به ملندا رهندا آهن. باهه تي ته سخت شيون ۽ لوهه جهڙو ڌاتو به ڳري وڃي ها يا بد زيبو ٿي پوي ها. دشمن جي فوج وڏ ۾ وڏ اڌ شهر کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ها ۽ باقي ماڻهو انهيءَ کي نئين سر تعمير ڪرائي وري آباد ڪري سگهن ها.

بيلاسس ٻڌائي ٿو ته، "اسان کوٽائي لاءِ وچ بازار جي چوڪ وٽ هڪ وڏو دڙو منتخب ڪيو. ٿورن منٽن جي کوٽائي کان پوءِ اسان هڪ جاءِ جي سنڌي وٽ پهتاسين. صاف ڪرڻ تي پيو سنڌو هٿ آيو. اهڙي طرح هڪ وڏي جاءِ، جنهن ۾ ڪيترا ئي ڪمرا هئا ظاهر ٿي پيئي. اجا به فوٽ ڪن مس کوٽيوسين ته ڪيترا ئي هڏا نمودار ٿيا ۽ ٿورڙو هيٺ تي ايترا ته هڏاون پڃرا نظر آيا جو ڪوڏر هڻڻ وقت مٽيءَ جي بدران هڏا ئي هڏا نڪرندا آيا. جيتري قدر منهنجو خيال آهي اهي گهٽو ڪري انساني هڏا هئا ۽ ٻيا چوپائي مال ۽ گهوڙن جا هڏا هئا. ماڻهن جا هڏاون پڃرا گهڻو ڪري جاين ۽ ڪوٺڙين جي

درن وٽ نظر آيا. اهڙي طرح ڇڻ تہ اهي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندي دٻجي ويا هئا ۽ ڪي انساني هڏا ڪمرن جي ڪنڊن ۾ بہ دستياب ٿيا. ڪيترائي انساني ڍانچا اهڙا تہ مڪمل طور مليا جو انهن مان ماڻهوءَ جي ان وقت جي حالت ۽ ڪيفيت جو پتو ٿي سگهيو. انهن ڍانچن مان ڪي وينل، ڪي بيٺل، ڪي نوڙيل تہ ڪي وري ستل بہ نظر آيا. هڪڙو انساني پڃرو تہ اهڙي طرح ڏسڻ ۾ آيو، ڇڻ تہ اهو ماڻهو گهر مان تيز نموني ۾ ڊوڙي ٻاهر نڪري رهيو هو ۽ ڇت يا ڀت جي ڪرڻ سبب دٻجي مري ويو هجي. سندس منهن زمين ڏانهن هو ۽ اهو اونڌو پيل نظر آيو. جيڪي بہ هڏا کوٽائي مان مليا، انهن مان گهڻا انساني هڏا هئا ۽ ٻيا چوپائي مال جا جن ۾ اٺ، گهوڙا، ڍڳا، رڍون، ڪتا وغيره شامل هئا. پڪين ۾ ڪڪڙين جا هڏا پڻ دستياب ٿيا آهن[31].

بيلاسس جي کوٽائي ۽ سندس لکيل رپورٽ مان اهو ثابت ٿيو وڃي تہ اهو شهر ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت تباه ٿيو. انهيءَ مان انهيءَ ڳالهہ جي بہ تصديق ٿئي ٿي تہ اهو شهر ذرتي ڌٻڻ سبب تباهہ ٿي ويو ۽ اها وائي خاص عام جي وات آهي. ويچارا بدقسمت رهاڪو پنهنجي گهرن ۾ آرام جي ننڊ ڪري رهيا هئا تہ اها آفت شهر تي نازل ٿي. ڪي ماڻهو ننڊ مان اٿيا بہ هئا، پر جيستائين هوش ۾ اچن، تيستائين ڀتين ۽ ڇتين جي ڪرڻ سبب اهي مختلف جاين تي دٻجي مري ويا. جيڪي انساني ڍانچا دروازن وٽ مليا آهن، انهن مان ائين پڻ ظاهر ٿو ٿئي تہ اهي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي جاين جي سرن ۽ مٽي هيٺ اچي ويا هئا. زلزلي جي خطرناڪ جهٽڪي ڪين گهرن کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو. ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪا شيءِ ڪري ۽ ڀُري پيئي. ڍڳن، اٺن، گهوڙن ۽ ٻين جانورن ۽ پکين جا هڏا اهو بہ ظاهر ڪن ٿا تہ اهي گهرن ۾ اندر ئي هئا جو آسماني آفت جو نزول ٿيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ چوپايو مال ڏينهن جو چرڻ لاءِ ٻاهر موڪليو ويندو آهي. ان ڪري اهو انومان ڪيڻ غلط نہ ٿيندو تہ اهو زلزلو رات جي پوئين پهر ۾ ٿيو هوندو، جڏهن ماڻهو نهايت گهاٽي ننڊ ۾ هوندا آهن[32].

رجرڊسن جو چوڻ آهي تہ جيڪي بہ هڏا مليا، اهي نهايت ئي خراب حالت ۾ مليا ۽ اهي اهڙا تہ نرم ۽ ڀرڻا هئا جو آڱرين جي وچ ۾ رکڻ سان اٿو ٿي ٿي ويا. ان ڪري اهو انومان ڪيڻ صحيح آهي تہ اهي ماڻهو باقاعدي طور دفن نہ ڪيا ويا هئا. ڇاڪاڻ تہ پوءِ اهي ستل پوزيشن ۾ ملن ها ۽ نہ اهڙي طرح جيئن تہ هاڻي مليا آهن[33].

اهو سوال تي سگهي ٿو تہ اهو منارو، جنهن جو احوال هن کان اڳ ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو سڀ کان اڳ تباهہ ٿي ويجي ها، سو ڪيئن جٽاءُ ڪري ويو. انهيءَ لاءِ بيلاسس جو چوڻ صحيح آهي تہ اهو منارو نهايت ئي مضبوطي سان ٺاهيو ويو هو ۽ ان جي ڊيگهہ ۽ ويڪر جو پورو پورو خيال رکيو ويو هو. پر اهو نهايت ئي اپو منارو هو ۽ جيڪي ڪجهہ هاڻي بچيو آهي، اهو اصلي عمارت جي هڪ پتي بہ ڪانہ آهي[34]. ڪلهوڙن جي دور ۾ اهو منارو ايڏو تہ اپو هو جو انهيءَ جوءِ جا ڏاڙيل ڦر ڪرڻ لاءِ، انهيءَ کي گهڻي قدر استعمال ڪندا رهيا. غلام شاهہ ڪلهوڙي پوءِ انهيءَ جو ڪجهہ حصو ڪيرائي ڇڏيو تہ جيئن چورن جي چرپر تي ضابطو آڻي سگهجي. چاڪاڻ تہ سماج دشمن عناصر انهيءَ مناري کي پسگردائي تي نظر رکڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا[35].

منصوره ڪڏهن تباهہ ٿيو، ان لاءِ تاريخ ۾ ڪوبہ مستند مواد نہ ٿو ملي. الاصطخري جي سنڌ ۾ اچڻ وقت اهو شهر وسندڙ ۽ آباد هو ۽ البشاري المقدسي پڻ ساڳي حقيقت انهيءَ شهر لاءِ پنهنجي سنڌ واري سفر ۾ بيان ڪئي آهي[36]. البيروني پڻ سندس جڳ مشهور تصنيف ۾ انهيءَ شهر کي "منصوره بهمنوا" سڏيو آهي تہ اهو يارهين صدي ۾ بہ موجود هو[37]. غزني جي سلطان محمود، جنهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هُن سنڌ ۾ عربي حڪومت جي پڄاڻي آندي، تنهن پڻ منصوره کي تباہ ڪين ڪيو هو. هُن فقط پنهنجا ماڻهو انهيءَ شهر جي انتظام لاءِ مقرر ڪيا هئا تہ جيئن ملڪ جو انتظام هلي سگهي. ٻڌايو ويو آهي تہ منصوره جو حاڪم قرمطي مذهب جو هو ۽ محمود جي لشڪر جي حملي جو ٻڌي جهنگ ۾ لڪي ويو پر سلطان محمود جي فوجن نہ ڇڏيس ۽ ڪڇي جي ڏٻڻ ۾ حملو ڪري سندس ڪجهہ لشڪر ماري وڌو. ڪجهہ فوج درياءَ ۾ ٻڏي مئي. اهڙي طرح افغان فاتح عربن کي شڪست ڏيئي، واپس وطن ڏانهن وريو[38]. طبقات ناصري جو مصنف ٻڌائي ٿو تہ جڏهن هو اچ ۾ هو، تڏهن خلج قبيلي جي هڪ شاخ، منگولن کان بچڻ خاطر منصوره ۾ پناهہ ورتي هئي. اهو سن 623 هہ / 1226ع جي برابر آهي جو واقعو آهي[39]. ان وقت منصوره جو شهر ناصر الدين قباچہ جي گورنري ۾ شامل هو ۽ سيوستان ضلع جو مشهور شهر هو. ان ڪري ظاهر ٿيو تہ منصوره جو صدين کان وٺي عربن جي حڪومت جو تختگاهہ ۽ اهم انتظامي مرڪز هو، تنهن جي اصلوڪي اهميت ختم ٿي

ويئي هئي ۽ ان جي جاءِ سيوستان ورتي جو سيوهڻ جي نالي سان مشهور آهي[40]. ميجر راورٽي جو رايو آهي تہ خلج قبيلي جي ظهور وقت منصوره جو شهر غالباً غير آباد هو ۽ جيڪڏهن منجهس ماڻهو هئا بہ تہ اهي بلڪل ٿورا هئا[41]. اهو بہ ممڪن آهي تہ خلج قبيلي جي ماڻهن انهيءَ غير آباد شهر کي پناه جي خيال کان استعمال ڪيو هو تہ جيئن منگولن جي حملي کي روڪي سگهجي. انهيءَ دور ۾ منگولن جا نندا نندا جٿا، قرلغ ۽ قتل ڪرڻ خاطر سنڌ جي اترين حصي ۾ گهمندا رهندا هئا.

ياقوت حموي، جنهن پنهنجو عظيم ڪتاب تيرهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ لکي پورو ڪيو، ٻڌائي ٿو تہ منصوره جو شهر ان وقت وسندڙ ۽ آباد هو[42]. ابوالفدا جنهن جي لکت چوڏهين صدي جي پهرئين اڌ سان وابستہ آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ اهو شهر ٽن ٻين ساڳئي نالي رکندڙ شهرن سان گڏ پڙيانگ تي ويو آهي[43]. جيڪڏهن انهيءَ ٻنهي محققن جي لکت صحيح آهي تہ پوءِ ائين چوڻ حق بجانب ٿيندو تہ منصوره جي تباهي چوڏهين صدي جي اوائلي سالن ۾ عمل ۾ آئي هوندي.

ميجر راورٽي جيڪو منصوره جي ڌرتي ڌٻڻ سبب تباهہ ٿيڻ جو قائل آهي، اهو ٻڌائي ٿو تہ: "اهو مشهور آهي تہ برهمڻ آباد ڌرتي ڌٻڻ سبب تباه ٿيو. پوءِ منصوره جيڪو انهيءَ شهر کان فقط ڇهہ ميل پري هو سو ڪيئن ٿو تباهي کان بچي سگهي[44]." پر جيڪو بہ اوائلي مواد هٿ آيو آهي، ان مان ظاهر آهي تہ برهمڻ آباد جو شهر نائين صدي عيسوي ۾ ئي تباه ٿي چڪو هو[45]. ان ڪري اهو انومان غلط آهي تہ برهمڻ آباد، گهٽو وقت پوءِ تباه ٿيو هو. اهو منصوره جو شهر هو، جيڪو پوءِ تباه ٿيو. ڇاڪاڻ تہ جنهن وقت منصوره جو شهر تباه ٿيو، ان وقت برهمڻ آباد جو شهر وجود ۾ هو ئي ڪونہ. پر منصوره کي سنڌ جا ماڻهو برهمڻ آباد بہ ڪوٺيندا هئا. ان ڪري مقامي لکتن ۾ جيڪي ڪجهہ برهمڻ آباد جي تباهي لاءِ ٻڌايو ويو آهي اهو دراصل منصوره لاءِ لکيل آهي هينري ڪزنس جو چوڻ آهي تہ ڌرتي ڌٻڻ وارو قصو، فقط افسانو آهي، جا ڳالهہ بلڪل غلط آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڌرتي ڌٻڻ بابت جيڪي واقعا نقل ڪيا ويا آهن، انهن ۾ وڌاءَ کان ڪم ورتو ويو آهي.

تاريخي حقائق مان واضح ٿو ٿئي تہ سنڌ ۾ ڌرتي ڌٻڻ جا ڪيترا ئي واقعا ٿيا آهن. اهڙو هڪ زلزلو سن 280 هہ / 893ع ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ ديبل جو سڄو سارو بندر تباهہ ٿي ويو هو. اهو واقعو خليفي المتوڪل عباسي جي حڪومت جي دور ۾ ٿيو ۽ ان ۾ فقط ديبل جي شهر ۾ هڪ لک پنجاهہ هزار ماڻهو مري ويا هئا[46]. پر جيئن تہ ديبل هڪ بندرگاهہ هو، ان ڪري اهو وري بہ ٺهي ويو. پر منصوره جي تقدير ٻي طرح ٺهيل هئي. اهو شهر سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ۽ رڻ پٽ جي وچ ۾ ٺهيل هو. ان ڪري اهو قدرت جي موڪليل ٻن آفتن جو مقابلو ڪري نہ سگهيو. يعني تہ زلزلو ۽ ان سان گڏ درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرائڻ، جنهن ڌرتي ڌٻڻ سبب ٿئي هنڌان وهڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن درياءَ پنهنجو وهڪرو نہ ڦيرائي ها تہ پوءِ هي شهر وري بہ آباد ٿي سگهيو ٿي. ڇاڪاڻ تہ منصوره جي شاهوڪاري جو دارومدار سندس واپار تي ۽ اهو واپار درياءَ جي رستي ڪيو ويندو هو. درياءَ جي وهڪري بدلائڻ سبب منصوره جو چلتو ۽ واپار گهٽجي ويو ۽ جيئن تہ عرب حڪومت جي بہ پڇاڙي ٿي ويئي، ان ڪري اهو وڌيڪ وقت جالي نہ سگهيو ۽ آهستي آهستي خالي ٿيندو ويو. تان جو بلڪل تباهہ ٿي ويو.

---

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) انهن ڪندبرن جي ڪوٽائي جاري آهي ۽ جيئن تہ 6-6-1978ع واري ڏان ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ ڪي چانديءَ ۽ سون جا سڪا پڻ اتان لڌا ويا آهن.

(2) هينري ڪزنس، انٽيڪئٽيز، ص 66.

(3) عرب جاگرافي دانن جو چوڻ آهي تہ منصوره جو شهر درياءَ جي وچ ۾ هڪ بيٽ تي ٻڌل هو. ڏسو الاصطخري (المسالڪ)، ص 173، ابن حوقل، صورة الارض ص 320، الادريسي، نزهة المشتاق، ص 30.

(4) البشاري المقدسي، احسن التقاسيم، ص 479.

(5) قرطبہ جي شهر ۾ جيڪو اسپين ۾ آهي، عرب دور ۾ ٻہ هزار عوامي حمام هئا ۽ اها ساڳي حالت بغداد، قاهره ۽ دمشق جي هئي.

(6) هيوز، گزيٽيئر آف سنڌ، ص 138.

(7) البلاذري، فتوح البلدان، ص 449.

(8) ايليٽ ۽ ڊائوسن، جلد 1، ص 323.

(9) البلاذري، فتوح البلدان، ص 449.

(10) ابوالفضل، آئين اڪبري، ص 555.

(11) هينري ڪزنس، انٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 66.

(12) البلاذري، فتوح البلدان، ص 444.

(13) هينري ڪزنس، انٽيڪئٽيز، ص 71.

(14) الاصطخري، ص 173.

(15) البيروني، ڪتاب الهند، ص 11.

(16) هيوز، گزيٽيئر آف سنڌ، ص 138.

(17) ايم. آر. هيگ، انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 73.

(18) ايم. آر. هيگ، انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 74.

(19) تحفة الڪرام، جلد 3، (نولڪشور ايڊيشن)، ص 137.

(20) هينري ڪزنس، انٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 71.

(21) المسعودي، مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

(22) ايم. آر. هيگ، انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 73.

(23) تاريخ معصومي، ص 60.

(24) راورٽي، مهراڻ، ص 199، هيوز، گزيٽيئر آف سنڌ، ص 135.

(25) ڊان اخبار، تاريخ 6 جون 1967ع، ص 4، مارننگ نيوز 6-6-1967ع، ص 3.
(26) هينري ڪزنس، ائنٽيڪئٽيز، ص 70.
(27) هيوز، گزيٽيئر آف سنڌ، ص 131.
(28) هيوز، ص 136.
(29) هيوز، ص 135.
(30) هيوز، ص 133.
(31) هيوز، ص 132.
(32) ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مصنوره ۾ آيل زلزلو بہ ڪوئيٽا جي زلزلي جهڙو هو جو 1935ع ۾ ٿيو. ٿورن سيڪنڊن اندر هزارين ماڻهو مري ويا.
(33) هيوز، گزيٽيئر آف سنڌ، ص 137.
(34) هيوز، ص 136.
(35) هيوز، ص 137.
(36) البشاري المقدسي، احسن التقاسيم، ص 479.
(37) البيروني، ڪتاب الهند، ص 100.
(38) ابن الاثير، ڪامل في التاريخ، جلد 9، ص 143.
(39) منهاج الدين سراج، طبقات ناصري، ص 143.
(40) سيوستان، سيوهڻ - ٻنهي جي معنيٰ ساڳي آهي ۽ هي شهر پاڪستان جو نهايت ئي قديم شهر آهي. اهو اصل ۾ سيوي قوم جو مسڪن هو، جنهن جي نالي پنيان پاڪستان جا شهر سيوي، سبي، شور ڪوٽ اچا تائين مشهور آهن. سيوهڻ اصل ۾ ملتان، ٽئڪسيلا، پشاور ۽ حيدرآباد ڪان بہ پراڻو شهر آهي. سيوهڻ جو ٻيو اُچار شو واهڻ مان نهيل ٿو ڏسجي. هي شهر شو لنگم جي پوڄا جو اهم مرڪز هو ۽ هتي يڳ پوڄا بہ ٿيندي هئي.
(41) راورٽي، مهراڻ، ص 199.
(42) ياقوت حموي، معجم البلدان، جلد 8، ص 177.
(43) ڪزنس، ائنٽيڪئٽيز، ص 65.
(44) البلاذري، فتوح البلدان، ص 444.
(45) البلاذري، فتوح البلدان، ص 445.
(46) ابن الاثير، ڪامل، جلد 7، ص 185، السيوطي، تاريخ الخلفاءِ، ص 234.

# سنڌ ۾ عرب انتظاميہ

فوجي انتظام - منصوره جا هاٿي - بچاءَ ۽
جنگي ترڪيبون - مالياتي انتظام - خراج ۽
عشر - زڪوات ۽ صدقه - جزيہ يا پول ٽئڪس
- غنيمه ۽ خمس - عشور - عدالتي نظام -
جيل ۽ قيد خانہ - غير مسلمن سان ورتاءَ -
اقتصادي ترقي - زرعي سڌارا - واپاري مال -
واپاري سرگرميون - زرمبادلہ - عربن جا سڪا

## باب ٻارهون

# سنڌ ۾ عرب انتظاميه

عربن سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جو اندروني انتظام مقامي ماڻهن جي حوالي ڪيو ۽ ان ۾ گهٽ قدر دخل نه ڏنو. اهو انهيءَ ڪري به هو ته عربن کي ملڪ جي حالتن ۽ اتي جي رهندڙ ماڻهن جي ريتن رسمن جي گهٽ خبر هئي. ازانسواءِ اهي ٻهريان حملي آور عرب، دراصل فوجي هئا ۽ اهي ملڪي انتظام بابت بلڪل اڻ ڄاڻ هئا. ملڪ جا ماڻهو عربن جي مذهبي اصول مطابق ڪافر هئا، جن کي نه ته دين اسلام ۾ آڻي سگهيو ٿي ويو ۽ نه وري انهن کي قتل ڪري ختم ڪيو ٿي ويو. شروعات ۾ عرب فوجين شهرن کي مسمار ڪيو، ٻاهيون ڏنيون، مندر ڊاٿا ۽ ماڻهن جو قتل عام ڪيو. پر پوءِ انهيءَ عمل کي روڪيو ويو ۽ غلام قومن ڏانهن شفقت جو هٿ وڌايو ويو. اهو انهيءَ ڪري نه ته عربن کي سنڌ جي ماڻهن سان همدردي هئي، پر انهيءَ ڪري جو انهن مان مال ڪيڏو هو. فتح کان پوءِ سنڌ جا ماڻهو عربن جا مستقل گراهڪ ٿي ويا. جن کان ڍل جو سلسلو ٽي سو سالن تائين جاري رهيو. عربن سنڌ ۾ اهو ساڳيو نظام جاري رکيو، جيڪو هندو راجائن جي وقت ۾ هو. يعني ته ڳوناٽو پنچاتي نظام، جنهن ۾ مقامي قانون، رسمن ۽ روايتن کي اهميت ڏني ويئي ۽ ماڻهن کي اجازت ڏني ويئي ته اهي پنهنجا اهنج ۽ فيصلا پنهنجي ماڻهن هٿان نبيرين. عربن جي دور ۾ غير مسلم قومن ڏانهن ڪي قدر رواداري جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي هئي جا وقت ۽ حالتن جي ضرورت پٽاندر هئي ۽ انهيءَ شرط سان ته ماڻهو جزيه باقاعدي ادا ڪندا رهندا[1]. شمني (ٻڌ مذهب جا ڀاوا) ۽ هندو برهمڻن کي خاص رعايتون مليون ۽ ڪين حڪومت جي انتظام ۾ پڻ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو[2]. فاتحن انهن تي اعتبار ڪندي، انهن کي وڏن عهدن تي رکيو. اهو انعام ڪين سنڌن هندو راجائن سان ڪيل غداري جي ڪري مليو. ڇاڪاڻ ته هنن عربن جي حملي ڪرڻ وقت شهري قلعن جا دروازا کولي ڇڏيا هئا، ۽ پڻ ملڪ کي ڌارين جي حوالي ڪرڻ لاءِ سازش ڪئي هئي. رعايتن جو اهو دور عارضي هو. غدارن کي آهستي آهستي انتظاميه مان خارج ڪيو ويو.

سنڌ جي شهرن تي عربن پنهنجا پنهنجا ماڻهو رکيا ۽ پڻ جنديون (جند-چانوڻي) قائم ڪيون تہ جيئن قلعن جي حفاظت ٿي سگهي. محمد بن قاسم پهريون حاڪم اعليٰ هو، جنهن سنڌ جي شهرن تي گورنر مقرر ڪيا، جن کي فقط ملڪي انتظام سونپيل هو. عدالتي انصاف ٻئي ڪاموري جي حوالي ڪيو ويو هو ، جنهن کي قاضي سڏيو ويندو هو. اروڙ جي سوڀ کان پوءِ محمد بن قاسم رواح بن اسد کي اتي جو فوجي گورنر مقرر ڪيو هو. پر انصاف جو شعبو موسيٰ بن يعقوب الثقفي کي مليو، جنهن کي اتي جو قاضي مقرر ڪيو ويو[3]. اهڙي طرح هُن ديبل، نيرون ۽ ملتان تي بہ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيا. شهرن ۾ ضرورت موجب حفاظتي فوج جا دستا رکيا ويا تہ جيئن بغاوت کي ٻنجو ڏيئي سگهجي. فوج تي پوليس جا فرائض بہ رکيل هئا. امن امان قائم رکڻ بہ سندن ذميواري هئي. وقت گذرڻ کان پوءِ پوليس جو شعبو الڳ ڪيو ويو ۽ ان کي شرطہ جو نالو ڏنو ويو. صوبي جي انتظام جو حاڪم اعليٰ "والي" هو، جنهن کي وقت جو خليفو هڪ خاص حڪمنامي سان مقرر ڪندو هو. ڪن حالتن ۾ وائسراءِ کي پڻ اهو اختيار مليل هئو. عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف، خليفي جي اجازت وٺڻ کان اڳواٽ گورنر مقرر ڪندو رهندو هو. شروعات ۾ سنڌ لاءِ فقط هڪ گورنر مقرر ڪيو ٿي ويو، جنهن جي اختيار جو دائرو سنڌو ماٿر کان سواءِ مڪران، قلات ۽ لس ٻيلي واري علائقن تائين ڦهليل هو. پر پوءِ مڪران، لس ٻيلو ۽ خاران جا علائقا ڳنڍي هڪ جدا صوبو ناهيو ويو ۽ ان کي ولايۃ (صوبو) جو درجو ڏنو ويو[4]، ۽ مٿس جدا گورنر مقرر ڪيو ويو. صوبي جي گورنر کي وري اهو اختيار هو تہ هو شهرن ۽ ٻين مقامي علائقن تي گورنر مقرر ڪري. عرب جاگرافيدان، جن سنڌ جو دورو ڪيو هو، تن جو چوڻ آهي تہ عباسي دور ۾ سنڌ جو علائقو پنجن ولايتن (صوبن) ۾ ورهايل هو ۽ انهن جا نالا هي هئا: ملتان، منصوره، ڪزدار، توران ۽ مڪران. هرهڪ تي جدا جدا حاڪم مقرر ڪيل هئا[5]. صوبي جي والي کي مقرر ٿيڻ وقت هڪ خلعت (سروپاءُ)، بہ ترارون، بہ زرهون، هڪ پرچم (جهنڊو) هڪ طوق ۽ هڪ منڊي ملندي هئي[6]. گورنر پنهنجي عهدي موجب صوبي جي فوج جو ڪمانڊر، ماليات جو ڪليڪٽر ۽ خزاني جو منتظم اعليٰ هو. ڪيس اهو بہ اختيار هو تہ هُو دشمن جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ۽ پڻ صلح ڪري. اهڙو

عهدنامو صحيح ڪري. ساڳئي وقت هو ڊلن ۽ ٻين ٽئڪسن کي گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جي طاقت پڻ رکندو هو ۽ فصلن جي تباهي سبب عام معافي جو اعلان بہ ڪري سگهندو هو. گورنر جي فرائض ۾ هي ڳالهيون شامل هيون: صوبي جو دفاع، قلعن ۾ حفاظتي فوج جو رکڻ، شهرين جي جان مال جي حفاظت ۽ هر سال مرڪزي سرڪار جي خزاني کي مقرر ڪيل ڏن يا خراج جا پيسا جمع ڪرائڻ. جيڪڏهن والي ائين نہ ڪندو هو تہ ان کي برطرف ڪري سندس جاءِ تي ٻئي ماڻهوءَ کي رکيو ويندو هو.

## فوجي انتظام:

عربن جي طاقت جو پنهنجي قديم مائٽن آشورين وانگر، دارومدار با صلاحيت ۽ طاقتور هٿياربند فوج تي هو. ان ڪري هنن فوجين لاءِ خاص قانون ناهيا، جن ۾ سندن خاندان جو مڪمل تحفظ ڪيو ويو. پگهار ڪان سواءِ انهن کي ڦر جي مال (مال غنيمت) مان حصو ڏنو ويو ۽ ان ۾ سڀ ڪنهن قسم جو مال هو. موت يا محتاج هئڻ جي حالت ۾ سندس اهل و عيال جي پرورش جي ذميواري حڪومت تي هئي. جيڪي فوجي جنگ ۾ رڌل هئا، انهن جي خاندان کي باقاعدي پينشن ملندي هئي. سوڀ جي حالت ۾، فوجين جي خدمتن جو پورو بدلو ڪين ڏنو ويندو هو. مال غنيمت سان گڏ ڪين خراج ۽ زمينون پڻ ڏنيون وينديون هيون. پهرين فوجين کي زمين حاصل ڪرڻ ڪان منع ڪيو تي ويو، پر پوءِ اهو قانون انهن فوجين لاءِ نرم ڪيو ويو، جيڪي فتح ڪيل ملڪ ۾ مستقل طور رهڻ لڳا. اهڙيءَ حالت ۾ ڪين ڍل معاف ڪئي ويئي. پر وڏن فوجي آفيسرن ڪان زڪوات ۽ صدقه وصول ڪيو ويندو هو[7]. جنگ جي ميدان ۾ فوجن کي پنجن حصن ۾ ورهايو ويندو هو، جنهن کي مقدمة الجيش، ميمنه، ميسره، قلب ۽ ساقه جا نالا ڏنل هئا. اهو ساڳيو طريقو محمد بن قاسم، راجا ڏاهر جي خلاف راوڙ جي جنگ ۾ اختيار ڪيو هو[8]. گهوڙيسوار فوج کي عربن وٽ وڏي اهميت هئي، ان ڪري ان لاءِ سٺي نسل جا تکا ۽ طاقتور گهوڙا دستياب ڪيا ويندا هئا. فوجي بارڪن جي پر ۾ شاندار اصطبل رکيا ويندا هئا، جن ۾ گهوڙن جي صحت ۽ صفائي جو خاص خيال رکيو ويندو هو. گهوڙن لاءِ وڏا چراگاه مخصوص ڪيا ويا هئا تہ جيئن گهوڙن جي چڱي طرح نشوونما ٿيّ سگهي. سٺي نسل جا گهوڙا هندوستان ۽

عربستان مان گهرايا ويندا هئا. جنگ ۾ سڀ کان پهرين پيادہ فوج حملو ڪندي هئي ۽ ان جي پنيان گهوڙي سوار حملو ڪندا هئا. عربن سنڌ ۾ جنگي مشينون آنديون، جن ڪان هتي جا ماڻهو اڳ واقف ڪين هئا. انهن ڪيَ منجنيق ۽ دبابہ سڏيو ٿي ويو. منجنيق، گهيري ڪرڻ وقت قلعي تي پٿرن ۽ گولن جو وسڪارو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو هو ۽ دبابہ جنگ جي ميدان ۾ دشمن فوجين تي نفت اڇلائڻ لاءِ ڪم ايندو هو، جنهن سبب باهہ ڦهلجي ويندي هئي. بلاذري جو چوڻ آهي تہ منجنيق کي ڇڪڻ لاءِ پنج سو ماڻهو درڪار هئا[9]. انهيءَ مان ثابت آهي تہ محمد بن قاسم نهايت ئي وڏي فوج سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ آندي هئي.

عربن سنڌ ۾ اُٺ سوار فوج پڻ ناهي هئي، تہ جيئن جنگي مشينون ۽ ٻيو جنگي ساز و سامان ۽ رسد جو مال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائي سگهجي. ڪن حالتن ۾ اٺ سوار فوج، گهوڙي سوار فوج جو ڪم ڏيندي هئي. قادسيہ جي جنگ ۾ عربن انن تي ڳاڙها ڪپڙا ڍڪي، دشمن فوج کي ڊيڄاريو هو. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جي پوئين دور ۾ هاٿي پڻ استعمال ڪيا ٿي ويا ۽ اهو رواج هندوستان ۾ عام هو. المسعودي جو چوڻ آهي تہ منصورہ جي عرب حاڪم وٽ اَسي جنگي هاٿي هئا[10]. ان وقت هاٿي طاقت ۽ قوت جو اهڃاڻ سمجهيا ويندا هئا. ساڳيو مصنف ٻڌائي ٿو تہ هرهڪ هاٿي جي پنيان پنج سو پيادہ هوندا هئا ۽ اهو ڏيکاري ٿو تہ منصورہ جو عرب حاڪم ڪيتري فوجي طاقت رکندو هو. جنگ ۾ سوڀ ۽ شڪست جو دارومدار هاٿين تي هوندو هو. هاٿي جي سونڊ ۽ خرطوم سان تلوار ٻڌي ويندي هئي ۽ پوءِ انهن کي جنگ جي ميدان ۾ موڪلبو هو، جي وچڻ سان حملو ڪندا هئا ۽ دشمن جي صفن ۾ افراتفري پيدا ڪندا هئا. ان کان پوءِ گهوڙي سوار فوج حملو ڪري قتل عام ڪندي هئي. فوج کي هميشہ تيار رکيو ويندو هو تہ جيئن ٻاهرين حملي کي منهن ڏيئي سگهجي. سنڌ ۾ ۽ پڻ سنڌ جي چوڌاري راجستان ۽ ڪڇ وارن علائقن ۾ زط (جت) ۽ ميد (مهاڻا) قومون رهنديون هيون جي وحشي هئڻ سان گڏ، سنڌ جي خلاف اڳرائي ڪنديون رهنديون هيون. پنهنجي فوجن کي تيار رکڻ خاطر، عرب پر وارن ملڪن تي لڳاتار حملا ڪندا رهندا هئا. مالوا، نيلما ۽ سرسوت تي سندن حملا تہ معمول بنجي چڪا هئا، پر ڪن حالتن ۾ اهي اجين تائين بہ وڃي پهتا[11]. اهو انهيءَ ڪري جو ان وقت هندو راجائون پاڻ ۾ نا

اتفاقي سبب گهٽي قدر ڪمزور ٿي چڪا هئا. سنڌ جي عرب حاڪمن پر واري هندو راجائن کي اهڙو تہ هيسائي ڇڏيو هو، جو اهي ڪين سندن ملڪ ۾ واپار ڪرڻ ۽ ٻين رعايتن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا هئا. گجرات جو مهاراجا جو عربن وٽ ولڀ راءِ (بلهراءَ) نالي سان مشهور هو، تنهن تہ عربن کي پنهنجي ملڪ ۾ واپاري ڪوٺيون وجهڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي ۽ ڪين اهو بہ اختيار ڏنو هو تہ اهي سندس بادشاهي جي حدن اندر جيڪي بہ شهر هئا، انهن ۾ مسجدون جوڙين[12]. عرب فوج کي هميشہ تربيت هيٺ رکيو ويندو هو ۽ انهن کي واندو نہ ڇڏيو ويندو هو. امن جي حالت ۾ انهن کي راند روند، شڪار، ڪشتي، گهوڙن جي ريس، ترڻ ۽ ٻين وندرن ۾ مشغول رکيو ويندو هو تہ جيئن هنن ۾ سستي پيدا نہ ٿئي. سنڌ فتح ٿيڻ وقت سنڌ جي سيني شهرن ۾ حفاظتي فوج جا جٿا رکيا ويا هئا. پر پوءِ جدا ڇانوٽيون مقرر ڪيون ويون. اهي ڇانوٽيون وقت گذرندي وڏن شهرن ۾ تبديل ٿي ويون ۽ ڪن حالتن ۾ اهي اسلامي تمدن، ثقافت ۽ علوم جا مرڪز بڻجي ويون. انهن ڇانوٽين مان هڪ ڇانوٽي سنڌ جي گورنر حڪم بن عوانہ الڪلبي قائم ڪئي هئي، جنهن کي المحفوظہ سڏيو ويندو هو. سندس تقليد ڪندي سنڌ جي ٻئي عرب گورنر عمرو بن محمد بن قاسم الثقفي پڻ هڪ اهڙي ڇانوٽي جو بنياد وڌو هو، جنهن جو نالو هُن منصوره رکيو[13]. منصوره شروع ۾ بنو اميہ ۽ بنو عباس خاندان جي گورنر جو انتظامي مرڪز هو ۽ آخر ۾ اهو سنڌ جي هباري عرب خاندان جي اميرن جو تختگاهہ ٿي رهيو.

## منصوره جا هاٿي:

منصوره جي ٻن هاٿين بابت مزيدار ڪهاڻيون بيان ڪيون ويون آهن. انهن ٻن جا نالا منعرفلس ۽ حيدره ٻڌايو ويو آهي، جي نهايت سياڻا ۽ ٻين خوبين جا مالڪ هئا. چون ٿا تہ هڪ دفعي هڪ هاٿي جو تربيت ڏيندڙ بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو. انهيءَ جو ان هاٿي تي ايڏو تہ اثر ٿيو جو هُن ٿي ڏينهن کو بہ کاڌو وغيره نہ کاڌو ۽ ماڻهن وانگر رڙيون ڪندو ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو[14]. ٻيو مثال هي آهي تہ هاٿين کي ايندو ڏسي هڪ عورت ٻاهوڙجي پئي ۽ رڙ ڪري، ڪِري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي. هاٿين جي ٽولي جي اڳواڻي منعر فلس ۽ حيدره ڪري رهيا هئا. بيهوشي جي حالت ۾ اها عورت اگهاڙي ٿي ويئي هئي

۽ ڪنهن کي بہ اها جرئت نہ ٿي جو ان عورت جي ويجهو وڃي ان جو ستر ڍڪي. ڇاڪاڻ تہ هاٿين جو ٽولو ان عورت جي پرسان پهچي چڪو هو. ايتري ۾ منعرفلس رستي جو وچ جهلي بيٺو ۽ ڪنهن کي بہ اڳتي وڌڻ نہ ڏنائين. هُن پنهنجي سونڊ سان انهيءَ ڪريل عورت جي اوگهڙ کي ڍڪيو ۽ تيستائين اتي بيٺو رهيو، جيستائين اها سامت ۾ آئي ۽ پنهنجو رستو وٺي هلي ويئي[15].

## بچاءُ ۽ جنگي ترڪيبون:

عربن، سنڌ ۾ اهي ساڳيون دفاعي اٽڪلون استعمال ڪيون، جيڪي ننڍي ڪنڌ جا راجائون ڪم آڻيندا هئا. بيابان ۾ عربن جو ڪم آندل طريقو ”ڪر ۽ فر“ (يعني تہ هڻ ۽ ڀڄ) پڻ عمل ۾ آندو ٿي ويو. اهو دفاعي عمل انهيءَ ڪري اختيار ڪيو ٿي ويو جو سنڌ جي اڀرندي حصي ۽ راجستان جي وارياسي مان جت ۽ ميد ۽ ٻيون وحشي قومون سنڌ جي شهرن ۽ وسندين تي حملا ڪري رڻ ٻاري ڏينديون هيون. ساڳي ڪار بلوچستان ۽ مڪران وارن علائقن ۾ رهندڙ جهنگلي قومن طرفان بہ ڪئي ويندي هئي. ان ڪري عربن پنهنجي پراڻي ۽ قديم دفاعي اٽڪل کي عمل ۾ آڻيندي انهن وحشي قبيلن کي نهايت ئي سختي ۽ بي رحمي سان زير ڪيو. جت ۽ ميد قومون نہ فقط ٿر ۽ راجستان واري علائقي ۾ ڏٺيون ٿي ويون، پر اهي مڪران، توران ۽ ٻڌا ۾ بہ وڏي تعداد ۾ موجود هيون[16]. هينئر بہ اهي قبيلا ٿر، راجستان، مڪران، توران، قلات ۽ جهالاوان علائقن ۾ موجود آهن. پر ٻين نالن سان جهڙوڪ راجستان ۾ جاٽ (جت)، سنڌ ۾ جت، بلوچستان ۾ بلوچ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ڪوسا ۽ ٻيون جنگجو قومون. جتن جو تہ ايڏو زور هو جو انهن مان ٽيهہ هزار جتن عراق تي حملو ڪري ڏنو هو. خليفي معتصم بالله جي فوجن ڪين شڪست ڏيئي 13000 ماڻهو ماري وڌا، باقي 17000 قيدي بنايا ويا ۽ انهن کي سندن ئي ٻيڙين وسيلي دجله رستي بغداد آندو ويو. جتي خليفي ۽ سندس رعيت انهن جي لباس جو معائنو ڪيو، پوءِ ڪين سليشيا جي سرحد تي آباد ڪيو ويو. يونانين جي حملي سبب انهن مان ڪيترائي مارجي ويا ۽ باقي جيڪي بچيا، تن کي غلام بنائي ٿريس نيو ويو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ هاڻوڪا بوهيمين ۽ زنگاري جپسي، انهن غريب جتن جو اولاد آهن جن کي غلام بنايو ويو هو[17]. ملتان جي عرب حاڪم، پنهنجي بچاءَ لاءِ ٻيو رستو اختيار ڪيو هو. چون ٿا تہ

جڏهن بہ ملتان تي هندو راجائون حملو ڪندا هئا، تڏهن ملتان جو حاڪم اتي جي مندر ۾ رکيل بت کي ڪيرائي ٻاهر ڪندو هو ۽ قلعي جي پٽ تي آڻي واٽين کي خبردار ڪندو هو تہ جيڪڏهن اوهان شهر جو گهيرو جاري رکندا تہ هن بت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اوهان جي اڳيان اڇلائي ڇڏبو. هندو راجائون اهو ڏسي بت جي ادب ۽ تعظيم وچان گهيرو ٽوڙي واپس هليا ويندا هئا. اهوئي سبب هو جو ملتان ۾ عربن جو راڄ ڪافي عرصي تائين قائم رهيو[18]. جيئن تہ هندوستان جي راجائن جي لشڪر ۾ هاٿين جو تعداد گهڻو هوندو هو، ان ڪري عرب هاٿين کي ڀڄائڻ خاطر ٻليون استعمال ڪندا هئا. اهو طريقو هارون بن موسيٰ عمل ۾ آندو جو هباري خاندان پاران سنڌ جي هڪ قلعي جو گورنر هو. هُن جڏهن محسوس ڪيو تہ سندس ڪمان هيٺ جيڪا فوج آهي، اها حملہ آور هندو فوج سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي، تڏهن هن پنهنجي فوج جي ڀرين قطار جي سپاهين کي اشارو ڪيو. اشاري ملندي هنن ٻلين جو هڪ وڏو تعداد هندو فوج جي هاٿين آڏو اڇلايو. اهو ڏسندي هاٿي پويان پير ڪري وٺي ڀڳا ۽ پنهنجي ئي فوج کي چيڀيندا ويا. سندن پٺيان عربن ڀرپور حملو ڪري، ڪيترائي ماڻهو ماري وڌا ۽ سوڀ حاصل ڪئي[19]. انن کي ڳاڙهي ڪپڙي سان ڍڪي، گهوڙن کي ڀڄائڻ جو رواج عرب فوجن ۾ خلفاءِ راشدين جي زماني کان رائج هو ۽ اهو طريقو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پڻ عمل ۾ آندو ويو.

## مالياتي انتظام:

عربن سنڌ ۾ بہ اهو ساڳيو نظام رائج ڪيو، جيڪو ٻين فتح ڪيل ملڪن سان لاڳو هو. عربن ٽوڙي غير عربن کان ٽيڪس وصول ڪيا ويندا هئا، جن مان ڪن جا نالا هي آهن: خراج، جزيہ، زڪوات، صدقہ، خُمس، عُشر، عُشور، وغيره. هي هڪ قسم جو سڌو محصول هو، جيڪو مرڪزي سرڪار جي طرفان وصول ڪيو ويندو هو.

### الف. خراج ۽ عُشر:

خراج يعني تہ زمين جو محصول فقط غير مسلم قومن کان وصول ڪيو ويندو هو ۽ ان جي شرح پيدائش جو 2/5 هو. اهو انهن زمينن کان ورتو ويندو هو، جنهن جي پيج سرڪاري واهہ جي وسيلي ٿيندي هئي. پر جيڪڏهن زمين

لاءِ پاڻي ڏيئي ڪنهن طريقي، يعني نار يا هرلي وغيره رستي هٿ ڪيو ٿي ويو ته، پوءِ پيدائش جو 3/5 حصو وصول ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن زمين لاءِ پاڻي ميسر نه ٿي ڪيو ويو ته پوءِ 1/4 حڪومت کي ملندو هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ حالت ۾ پوک ڪندڙ زميندار يا هاري کي ٻيا هٿرادو طريقا استعمال ڪرڻا پوندا هئا. زمين کي بنا پوک رکڻ يا ان کي ساهي ڏيڻ جي حالت ۾ پڻ انهيءَ مان حاصل ٿيندڙ پيدائش جي حساب سان 1/4 وصول ڪيو ويندو هو. اهو ڏنڊ طور انهيءَ ڪري وصول ڪيو ويندو هو ته جيئن هاري يا زميندار واندو نه وهي ۽ پيدائش ۾ گهٽتائي نه رهجي وڃي. باغن ۾ پيدا ٿيندڙ ميون ۽ پڻ ندين ۽ ڍنڍن مان حاصل ڪيل مڇين ۽ سمنڊ مان هٿ ڪيل موتين تي 1/3 وصول ڪيو ويندو هو[20]. عرب زميندارن سان نهايت ئي رعَايت ڪئي ويئي هئي. انهن کان پيدائش جو 1/10 حصو وصول ڪيو ويندو هو. ڏهين پتي کي عربي ۾ عُشر چيو ويندو آهي. ان ڪري انهيءَ ڍل کي پڻ عُشر سڏيو ويندو هو. عشر فقط انهن زمينن لاءِ هو، جن کي با افراط پاڻي ميسر ڪيو ٿي ويو. ٻي حالت ۾ يعني ته هرلو يا نار، يا باراني زمين تي 1/20 وصول ڪيو ويندو هو. اها رعايت غير مسلم زميندار ۽ ڪاتيدارن سان لاڳو ڪانه هئي، پر انهن سان به نه جيڪي تلوار يا تبليغ رستي مسلمان ڪيا ويا هئا. مقرر ڪيل قانون مطابق ڍل يا زمين جو محصول ديهه جي ڪُل ايراضي تي ورتو ويندو هو. پوءِ زمين پوک هيٺ هجي يا نه[21]. اها مقامي ماڻهن سان زيادتي هئي، جنهن سبب تباهه ۽ بدحال ٿي ويندا هئا. ڇاڪاڻ ته بارش نه هئڻ سبب يا درياءَ جي شاخن ۾ پاڻي نه ملڻ سبب انهن کي ڪجهه به پراپت نه ٿيندو هو. زميندار انهيءَ جي ڪسر غريب هارين کان ڪڍندا هئا. جنهن سبب ملڪ جو عوام نهايت ئي غير انساني ۽ گهٽ درجي جي زندگي گذاريندو هو. عرب جاگيرداري نظام جي اثر هيٺ ظلم ۽ زبردستي جو راڄ هو، جنهن جي خلاف آواز اٿارڻ جو سختي سان سد باب ڪيو ويندو هو.

## ب، زڪواة ۽ صدقه:

زڪوات فقط عرب مسلمانن کان وصول ڪئي ويندي هئي ۽ اها مقرر ڪيل ملڪيت تي وصول ٿيندي هئي. زڪوات جي شرح 2½ في صد هئي. پر

ڪن حالتن ۾ آمدني تي 12½ في صد ۽ 1/8 في صد بہ وصول ڪيو ٿي ويو.
زڪوات فقط انهن کان ورتي ويندي هئي، جيڪي بالغ مسلمان هئا ۽ سالم طبع جا مالڪ هئا. يعني تہ چڱا ڀلا ماڻهو، جي نہ تہ بدن ۾ بيمار هجن ۽ نہ ذهني مريض. ميوا، اناج، ڪجي يا ٻي پوک جي پيدائش تي زڪوات لاباري وقت وصول ڪئي ويندي هئي. پر گهرو چوپائي، سون جي زيورن، نقدي ۽ پڻ انهيءَ واپاري مال تي جيڪو ڏٺيءَ وٽ سڄو سال قبضي ۾ رهيو هجي، زڪوات ورتي ويندي هئي. انهن لاءِ هڪ خاص قسم جو نصاب يا حد مقرر ڪيل هئي. قيمتي ڌاتو يعني سون چانڊي وغيره تي يا زيورن تي زڪوات تڏهن ونبي هئي، جڏهن انهن جي قيمت بہ سو درهم يا ان کان مٿي هجي. چوپائي مال تي زڪوات جو نصاب هن ريت هو: پنج اُٺ، 30 ڍڳيون يا مينهون، 40 ٻڪريون ۽ زمين جي پيدائش پنج وسق يعني تہ ايترو اناج جيڪو پنجن گڏهن تي ڪٽي سگهجي. سرڪاري واهن تي زمين جي پوک مان ٿيل پيدائش 1/10 زڪوات طور ورتو ويندو هو. ٻي حالت ۾ زڪوات جي شرح 1/20 هئي. جانورن بابت شرح جو توازن هن ريت هو: 5 کان 9 اٺن تي ڇهن مهينن جي رڍ، 10 کان 14 اٺن تي 2 ٻڪريون. 15 کان 19 اٺن تي 3 ٻڪريون ۽ 20 کان 24 اٺن تي 4 ٻڪريون. جيڪڏهن اٺن جو تعداد 24 کان مٿي آهي تہ پوءِ اٺن ۾ زڪوات وصول ڪئي ويندي هئي يعني تہ 25 کان 35 اٺن تي، هڪ سال جي ڏاچي، 36 کان 45 اٺن تي ٻن سالن واري ڏاچي، 46 کان 60 اٺن تي ٽن سالن جي ڏاچي، 61 کان 75 اٺن تي چئن سالن جي ڏاچي، 76 کان 90 اٺن تي ٻہ ٻن سالن جي عمر واريون ڏاچيون. 91 کان 120 تي ٻن ٽن سالن واريون ڏاچيون وغيره[22]. امام ابو حنيفہ جو قول آهي تہ جيڪڏهن اٺن جو تعداد 120 کان وڌي وڃي تہ پوءِ باقي رهيل اٺن تي ساڳئي حساب سان وصولي جاري رکي ويندي. پر امام شافعي جو حڪم آهي تہ 120 اٺن کان پوءِ باقي رهيل اٺن مان هر 40 اٺن تي هڪ ٻن سالن جي ڏاچي ۽ هر پنجاهہ اٺن تي هڪ ٽن سالن جي ڏاچي وصول ڪئي ويندي هئي. چوپائي مال جو نصاب 30 هو ۽ جڏهن بہ ان جو تعداد وڌي تہ پوءِ هڪ ٿبي يا ٿبيہ (ڇهن مهينن جو گابو يا گابي) وصول ڪئي ويندي هئي. 40 کان 59 تائين هڪ مثينہ (هڪ سال جي وهڙي) 60 ٻهرن لاءِ ٻہ ٿبي ۽ 60 کان پوءِ هر 30 لاءِ هڪ ٿبي ۽ هر 40 لاءِ هڪ مثينہ ورتو

ويندو هو. ٻڪرين ۽ رڍن لاءِ 40 کان 120 تائين هڪ جذ يا ٿني، 120 کان 200 تائين ٻه رڍون، 200 کان 399 تائين ٽي رڍون مقرر ڪيل هيون. رڍن يا ٻڪرين جا تعداد جيڪڏهن 400 کان وڌيڪ آهي ته پوءِ هر هڪ سو لاءِ هڪ ٻڪري يا هڪ رڍ چارج ڪئي ويندي هئي. سون ۽ چاندي يا واپاري مال لاءِ 1/40 مقرر ڪيو ويندو هو. پر غيبي خزاني يا دفيني لاءِ زڪوات جو نرخ 1/5 هو[23].

## ت، جزيه يا پول ٽئڪس (متگي):

جزيه يعني ته ماڻهوءَ تي ٽئڪس اڳيئي موجود هو ۽ ايراني سلطنت ۾ فتح ڪيل ملڪن ۾ ورتو ويندو هو. ان جا نرخ مقرر ڪيل ڪونه هئا، ڪٿي گهٽ ته ڪٿي وڌيڪ. خليفي عمر رضي الله عنه سڀ کان پهرين انهيءَ جا نرخ مقرر ڪيا ۽ ان جا ٽي درجا رکيا. شاهوڪار کان 4 دينار، سرند کان 2 دينار ۽ غريب کان 1 دينار وصول ڪيو ويندو هو. اهو نرخ سڄي سال لاءِ ورتو ويندو هو. عورتون، ٻار، پوڙها، فقير، چريا، محتاج ۽ اهڙا بيمار جن جو مستقل طور علاج نه ٿي سگهي ۽ پڻ مذهبي رهنما، وغيره انهيءَ ٽئڪس کان مستثنيٰ هئا. جزيه درحقيقت قديم دور جي رواج مطابق هڪ اهڙو محصول هو، جنهن ۾ فاتح قوم يا بادشاهه محڪوم قوم جي ماڻهن کان سندن جان نه وٺڻ جي بدلي وصول ڪندا هئا. يعني ته جان جي معافي جو بدلو. اهو غير مسلمانن کان سندن جان ۽ مال جي حفاظت طور وصول ڪيو ويندو هو. پر بنو اميه جي دور ۾ اهو محصول نون مسلمانن کان به ورتو ويندو هو. مشهور تاريخ نويس البلاذري اهڙي قسم جي ظالمانه روش جو ذڪر ڪيو آهي. راجا ڏاهر جو پٽ راجمڪار جئسيه خليفي عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ مسلمان ٿيو هو. ان ڪري کيس سندس پيءُ جي ملڪ مان ڪجهه حصو واپس ڪيو ويو. پر سنڌ جي گورنر جنيد بن عبدالرحمان المري، جئسين کان جزيه جو مطالبو ڪيو ۽ خليفي جي حڪم جي انحرافي ڪندي جئسين جي فوج تي حملو ڪري ڏنو. انهيءَ سبب جئسين اسلام تان هٿ کڻي وري هندو بنجي ويو ۽ جنگ ۾ مارجي ويو[24]. انهيءَ کان وڌيڪ ظالمانه مثال اتر آفريڪا ۽ خراسان ۾ ملن ٿا، جن ۾ محڪوم قوم جي ماڻهن کان نه فقط جزيه وصول ڪيو ويندو هو، پر ان سان گڏ ٻارن تي ڍل پڻ ورتي ويندي هئي. يعني ته جن وٽ ٻن کان وڌيڪ ٻار هوندا هئا، انهن کان 1 يا

2 ٻار زبردستي وصول ڪيا ويندا هئا ۽ ڪين غلام بنائي يا تہ وڪيو ويندو هو يا تہ ڪين لشڪر ۾ ڀرتي ڪيو ويندو هو[25].

## ث. غنيمہ ۽ خمس:

غنيمت جو مطلب آهي لُٽ جو مال جيڪو جنگ ۾ هٿ ڪيو ٿي ويو. انهيءَ ۾ هٿيار، ڪپڙا، گهوڙا، رسد جو مال، نقدي، قيمتي مال ۽ ٻيو متحرڪ مال شامل هو. اهي جنگ جي ميدان ۾ يا قلعي تي حملي ڪرڻ وقت دشمن جي قبضي مان هٿ ڪيا ويندا هئا. انهيءَ ۾ جنگي قيدي پڻ شامل هئا. يعني تہ مرد، عورتون ۽ ٻار. حاصل ڪيل مال مان 1/5 يعني تہ خمس، مرڪزي سرڪار لاءِ جدا ڪري (يعني تہ بيت المال جو حصو) باقي فوجين ۾ ورهايو ويندو هو. سنڌ مان حاصل ڪيل غنيمت جو مال ڪنهن مهل ڪيترو وصول ڪيو ويندو هو. انهيءَ جو دارومدار وقت جي نزاڪت تي منحصر هو. سنڌ ۾ مقرر ڪيل بنو اميہ جا گورنر بيت المال ۾ جمع ڪرڻ لاءِ، سنڌ مان وڏي تعداد ۾ مال ۽ دولت، نقدي، زيور وغيره ۾ موڪليندا رهندا هئا. غلامن جو بہ مقرر ڪيل تعداد هو، جن ۾ مرد ۽ عورتون شامل هئا. اهي غلام عرب مارڪيٽن ۾ ڍورن ۽ ٻئي چوپائي مال وانگر وڪرو ڪيا ويندا هئا. محمد بن قاسم ۽ ڪانئس پوءِ جنيد بن عبدالرحمان ۽ حڪم بن عوانہ، تمام گهڻو لُٽ جو مال، عرب دنيا ڏانهن موڪليو. ڇاڪاڻ تہ انهن نہ فقط سنڌ ۾ پر سنڌ جي ڀر وارن ملڪن تي حملا ڪري اتي رڻ ٻاري ڏنو. ڪڇ، گجرات، اتر پنجاب ۽ راجپوتانا ۾ انهن جون ٽوليون ٿوري ٿوري وقت ڪان پوءِ مال غنيمت حاصل ڪرڻ لاءِ حملا ڪنديون رهنديون هيون. گورنر کي اها اجازت هئي تہ هو جيترو خرچ پاڻ تي ڪري سگهن اهو ڪن. ان هوندي بہ جنيد بن عبدالرحمان جيڪو سخاوت جي ڪري مشهور هو، ان مرڪزي بيت المال لاءِ ڪافي رقم جمع ڪئي. 12 ڪروڙ (120 ملين) درهم خليفي ڏانهن ڏياري موڪليا[26]. اهو مال فقط اروڙ جي جنگ ڪان پوءِ موڪليو ويو هو. ان ڪان پوءِ بہ ڪافي مال جمع ڪرايو ويو. ملتان جي فتح ڪان پوءِ محمد بن قاسم ٻئي مال سان گڏ تاوان ۾ 13200 مڻ سون وصول ڪيا هئا[27]. لاتعداد هيرا، موتي ۽ جواهر وغيره پڻ حاصل ڪيا ويا هئا، جنهن جو پنجون حصو دمشق ڏانهن موڪليو ويو. عربن جي دور ۾ غنيمت جو مال، حڪومت جي آمدني جو مکيہ ذريعو هو ۽ اهو مستقل طور، بنا ڇرچ جي اوچتن حملن جي وسيلي حاصل ڪيو ويندو هو.

## ج، عُشور:

اهو محصول 1/10 جي حساب سان، واپاري مال تي وصول ٿيندو هو. هي ٽئڪس خليفي عمر رائج ڪيو هو ۽ اهو گهٽ ڪري ڌارين قوم جي واپارين کان وصول ڪبو هو، جيڪي اسلامي ملڪن ۾ واپاري مال آڻيندا هئا. يعني ته يهودي ۽ ڪرستان. عرب مسلمان واپارين کان اهو محصول نه ورتو ويندو هو ته جيئن اهي غير مسلم واپارين جي حاصل ڪيل هڪ هٽي ڪي ختم ڪن. اها رعايت انهيءَ ڪري به ڪين ڏنل هئي جو مسلمان واپارين کان زڪوات وصول ڪئي ويندي هئي. جنهن جي شرح 2½ في صد هئي[28].

## عدالتي نظام:

عربن جي قبائلي ۽ جمهوري رسمن جي ڪري، قديم دور کان انصاف جو صيغو انتظاميه کان الڳ هو. پيغمبر اسلام پهريون دفعو قاضي مقرر ڪيا هئا ۽ اهو طريقو خليفن پڻ رائج ڪيو. فتح ڪيل صوبن ۾ گورنرن کي اهو اختيار حاصل هو ته اهي شهرن لاءِ قاضي مقرر ڪن. محمد بن قاسم پڻ سنڌ ۾ قاضي مقرر ڪيا هئا. اروڙ جي سوڀ کان پوءِ محمد بن قاسم، موسيٰ بن يعقوب الثقفي کي اتي جو قاضي مقرر ڪيو هو، پر اتي جي انتظاميه رواح بن اسد جي حوالي ڪئي هئي[29]. گورنر جي دور کان پوءِ جڏهن خودمختيار عرب حڪومت قائم ٿي، تڏهن منصوره جي هباري حاڪمن پڻ مختلف ماڳن ۽ شهرن لاءِ قاضي مقرر ڪيا هئا. مشهور جاگرافي دان المسعودي ٻڌائي ٿو ته جڏهن پاڻ منصوره ۾ آيو هو، تڏهن اُتي جو قاضي عرب دنيا جي مشهور شخصيت ابو شوراب جي اولاد مان هو[30]. سنڌ ۾ جيڪي قاضي رکيل هئا، انهن جا فيصلا گهڻو ڪري عربن تائين محدود هئا، پر ڪن حالتن ۾ مقامي ماڻهن جا مسئلا به حل ڪيا ويندا هئا. جنهن ۾ ظاهر آهي ته فيصلا پاس خاطري تي ٿي مبني هوندا. اهڙو ڪوبه مثال نه مليو آهي، جنهن ۾ مقامي ماڻهن يا غير مسلم رعايا سان انصاف ڪيو ويو هجي. جيئن ته اڳ ٻڌايو ويو آهي ته مقامي ماڻهن لاءِ پنهنجا قاعدا قانون هئا ۽ انهن جو فيصلو پنچائت ذريعي ڪيو ويندو هو. پر جيڪڏهن ڪنهن عرب جو حق يا واسطو هوندو هو ته پوءِ قاضيءَ جو وچ ۾ پوڻ اشد ضروري سمجهيو ٿي ويو. اهڙي حالت ۾ قاضي ڪي فيصلو

ڏيڻ ۾ هندو برهمڻ يا تہ ٻڌ شمني جي صلاح وٺڻ ضروري هئي[31]. ہي حالت ۾ غير مسلم رعايا سان ظلم ۽ زيادتي ٿيڻ جو خطرو لازمي هو. ٻين حالتن ۾ جتي معاملو مقامي ڌرين جي وچ ۾ هو تہ ان لاءِ سندن پنهنجيون پنچائتون هيون ۽ اهي عوام جا مسئلا ٻڌي فيصلو ڪنديون هيون. قاضي يا جج جو عهدو گهٽو ڪري ڪنهن عالم کي ڏنو ويندو هو، جو اسلامي شريعت جي قانون کان بخوبي واقف هوندو هو ۽ اخلاق ۽ ڪردار جو صاحب پڻ هوندو هو. شريعت جي قانون مطابق ٻنهي ڌرين لاءِ ساڳيون رعايتون هيون. مقدمو ثابت ڪرڻ لاءِ فريادي يا مدعي ذميوار هوندو هو، جتي شاهدن مهيا ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿي، اتي جوابدار يا مدعا عليہ کي قسم کڻڻو پوندو هو. اسلامي قانون مطابق سڀني معاملن يا ڌوهن ۾ رضا نامو ڪرڻ منظور ڪيو ٿي ويو. ساڳئي قانون مطابق جج جو مسلمان هجڻ، آزاد هجڻ ۽ ڪنهن بہ بدني يا دماغي بيماري يا گهٽتائي ۾ مبتلا نہ هجڻ لازمي هو[32]. فقہ اسلام جي ڄاڻ بہ ضروري سمجهي ويندي هئي.

## جيل ۽ قيد خانا:

شروعات ۾ ماڻهن کي قيد ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ جيل يا قيد خانو نہ هوندو هو، پر پوءِ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙا، فساد ۽ ڪيس جون دعوائون ٿيون، تڏهن جيلن ۽ قيد خانن جو رواج پيو. عامر عنبسہ پهريون سنڌ جو حاڪم هو، جنهن ديبل جي مندر جو ڪجهہ حصو جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو[33]. اهو جيل سڄي سنڌ لاءِ مرڪزي قيد خاني جي حيثيت سان ڪم ۾ آندو ٿي ويو. پر پوءِ ڪيترائي جيل ۽ لاڪپ سنڌ ۾ تعمير ڪيا ويا ۽ هباري خاندان جي دور ۾ تہ گهڻو ڪري هر ڪنهن شهر ۾ قيدين کي رکڻ لاءِ قيد خانا سرڪاري خرچ تي تعمير ڪيا ويا. خطرناڪ قسم جي قيدين لاءِ تهہ خانہ ٺهرايل هئا، جن ۾ هنن جي عمر ڳري ويندي هئي.

## غير مسلمن سان ورتاءُ:

عربن سنڌ جي غير مسلم قومن ۽ قبيلن سان گهڻي قدر رواداري جو ورتاءُ ڪيو. ملڪ جا ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌ مذهب سان تعلق رکندڙ هئا جي اصولاً خونريزي جي خلاف آهن. هندو تمام ٿورا هوندا هئا ۽ اهي گهڻو ڪري

اعليٰ خاندان جا برهمڻ يا جنگجو کتري يا تہ وري پڙهيل لکيل طبقو. چچ جنهن سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت جو پايو وڌو، اصل ۾ هڪ ڪاتب هو ۽ آهستي آهستي ترقي ڪندو، وزير اعظم جي عهدي تي رسيو ۽ پوءِ ملڪ جو بادشاهہ ٿيو. عرب حاڪمن ملڪ جي ماڻهن جي ريتن ۽ رسمن جو احترام ڪندي، انهن لاءِ پنهنجي قوم يا قبيلي جي ماڻهن مان پنچاتون مقرر ڪيون تہ جيئن انهن جي ڏڻن ۽ معاملن جو صحيح طريقي سان نبيرو ڪري سگهن. پراڻي رسمن جو منڍ، منو مهراج جا ڏنل قاعدا قانون هئا، جن موجب چنڊالن کي شهرن ۾ نہ رهڻ ڏنو ويندو هو ۽ کين اهو حق بہ حاصل نہ هو تہ هو ملڪيت رکي سگهن. سندن مال گڏهن، ڪتن ۽ لوهہ يا پتر جي زيورن تائين محدود هو. سنڌ جي برهمڻ حاڪم چچ، تخت تي وهندي ڪيترن ئي ٻڌ مذهب رکندڙ قبيلن تي اهي ساڳيون بندشون وڌيون، جيڪي منو مهراج جي سمرتي موجب چنڊالن تي رائج هيون. انهن ۾ چنا، سهتا، سما، لوهاڻا، جت ۽ ميد قبيلا شامل هئا. برهمڻ راجائن اهو بہ آرڊيننس جاري ڪيو تہ جيڪي انهن قبيلن جو ڪوبہ عيوضي، ايراضي جي گورنر سان ملڻ اچي تہ پاڻ سان گڏ ڪتو ضرور وٺي اچي جو درحقيقت تابيعداري ۽ وفاداري جو نشان سمجهيو ٿي ويو[34].
محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن مٿان عائد ڪيل بندشون ختم نہ ڪيون. ويتر انهن کي رائج ڪيو ۽ انهن سان گڏ مقامي قبيلن تي ڪي فرائض پڻ عائد ڪيا. جنهن موجب مقامي ماڻهن لاءِ اهو لازم رکيو تہ ڪوبہ عرب مسافر سندن حدن اندر داخل ٿئي تہ ان جي ٽن ڏينهن تائين مهماني ڪندا، انهن کي واٽ جا سونهان مهيا ڪندا ۽ عرب واپارين جي مال جي حفاظت جو ذمو بہ سندن ئي سر هو[35]. سنڌ جي ٻڌ يا هندو قبيلن جو اسلام قبول ڪرڻ بابت اوائلي ماخذن مان ڪو بہ احوال نہ ٿو ملي. خليفي عمر بن عبدالعزيز الاموي جي زماني ۾ ڪن ماڻهن سندس رواداري ۽ شرافت کان متاثر ٿي دين اسلام اختيار ڪيو هو، پر اهو دور ٿوري وقت لاءِ هو، جن ۾ نون مسلمانن جي جذبي ۽ محبت جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو جيڪي مسلمان ٿيا، اهي واپس پنهنجي ڌرم ۾ داخل ٿي ويا. سنڌ جي عرب گورنر مذهب بدلائڻ کي ڪابہ اهميت نہ ڏني. چاڪاڻ تہ مقامي ماڻهو پوءِ اهي هندو هجن يا مسلمان، ٻڌ هجن يا جين، جزيہ بدستور وصول ڪيو ويندو هو. بنو اميہ

جي دور ۾ جيڪي بہ قومون يا ماڻهو مسلمان ٿيا، انهن تي "موالي" نالو رکيو ويو ۽ انهن جو درجو عربن کان گهٽ درجي تي رکيو ويو. يعني تہ هاڻوڪي محاوري موجب سيڪنڊ ڪلاس سٽيزن. بنو اميہ جي دور ۾ هڪ نهايت ئي ظالمانہ رسم جو رواج وڌو ويو، جنهن موجب مفتوح قومن جي غير مسلم قبيلن کان "ٻار ٽئڪس" وصول ڪيو ويندو هو. يعني تہ گهٽو ڪري هر ڪنهن گهر ۾ هر ڪنهن ڪٽمب مان هڪ ٻار زبردستي کسيو ويندو هو، جنهن کي غلام بنائي وڪيو ويندو هو. وچ ايشيا جي ترڪ قبيلن ۽ اتر آفريڪا جي بربر قومن لاءِ تہ مستند طور تاريخي حوالا موجود آهن، پر ٻين قومن کان پڻ اهڙو محصول ورتو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو مختلف غير مسلم قومن ۾ بنو اميہ لاءِ ڌڪار جي مهم جنم ورتو ۽ وچ ايشيا جي قومن بنو عباس جي حمايت ڪئي. اهو نئون انقلاب اهڙو تہ ڪامياب ويو، جو ڪيترين ايران جي قومن ان جو ساٿ ڏنو، جنهن سبب بنو اميہ شڪست کاڌي ۽ عباسين حڪومت ۽ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. بنو اميہ جي قائم ڪيل عرب سلطنت ختم ٿي وئي ۽ ان جي جاءِ تي ايرانين ۽ خراسانين جي مدد سان عباسين جو راڄ عمل ۾ آيو. عرب ۽ غير عرب، مسلمان ۽ غير مسلمان جي وچ ۾ نفرت جو واءُ تڏهن ختم ٿيو، جڏهن مامون الرشيد بغداد جو خليفو بنيو. چاڪاڻ تہ ان کان پوءِ عربن جو غرور تہ اهي فاتح قوم جا ماڻهو آهن، ۽ ٻين قومن کان وڌيڪ اعلىٰ آهن ختم ٿيو. مامون کان پوءِ ستت ئي غير عرب مسلمانن اسلامي سلطنت ۾ پنهنجون پنهنجون رياستون قائم ڪيون، جنهن سبب عربن جو رهيل کهيل وقار بہ ختم ٿي ويو.

سنڌ ۾ عرب، غير مسلمانن کان جزيو بدستور وصول ڪندا رهيا. ان ڪري هنن مقامي ماڻهن کي پنهنجي ڌنڌي ۾ چڙوا ڳ ڇڏي ڏنو هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ملڪ جو اندروني واپار غير عربن جي هٿ ۾ هو ۽ ڪن خاص زمينن کان سواءِ ٻيون زمينون پڻ سندن لاءِ ڇڏيون ويون هيون تہ جيئن اهي پوک ۾ چاهہ وٺن ۽ گهٽي ۾ گهٽو ان اپائين. مستند حوالن مان ثابت آهي تہ ديبل جا غير مسلم واپاري اتي اينڌڙ جنسون گڏ ڪري رکندا هئا ۽ جڏهن بہ کوٽ ٿيندي هئي تہ انهن کي وڌي اگهہ وڪرو ڪيو ويندو هو[36]. چور بازاري عام هئي ۽ انهيءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ عربن جي مقرر ڪيل ڪامورن جو هٿ هو. انهيءَ مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ عرب حاڪمن کي سنڌ جي عوام جي تڪليف

جو ڪوبہ خيال ڪونہ هو. انهن کي واپارين کان پنهنجو حصو وصول ڪرڻو هو، پوءِ ڀلي تہ اهي ماڻهن جي کل لاهيندا رهن.

## اقتصادي ترقي:

پوئين دور ۾ عربن سنڌ جي اقتصادي ترقي لاءِ چڱي ڪوشش ڪئي. انهن جو عرب دنيا سان مستقل رابطو قائم رهيو، جنهن سبب نهايت ئي نفعي بخش واپار جو سلسلو جاري رهندو آيو. انهن پوک ۽ پاڻي رسائڻ جو بہ چڱو انتظام ڪيو. فصلن ۾ واڌ آئي ۽ هارين توڙي زميندارن کي اپت ٿي. باغن جو سنڌ ۾ اڳيئي رواج هو. عربن انهيءَ کي پڻ همٿايو. ياچين جي پوک ۾ دلچسپي ڏيکاري. ساڳئي وقت سنڌ جي مختلف هنرن ۽ ملڪ جي ڪاريگرن جي بہ همت افزائي ڪئي وئي

## زرعي سڌارا:

عرب دور ۾ سنڌ جي ماڻهن، عربن طرفان ڪيل سڌارن مان گهڻو فائدو حاصل ڪيو. ڪيترائي واهہ ۽ کوهہ کوٽايا ويا ۽ درياءَ مان پاڻي رسائڻ جو بہ انتظام ڪيو ويو. زميندارن ۽ هارين تي زمين نہ پوکڻ سبب وڏا ڏنڊ وڌا ويا ۽ کن حالتن ۾ سزائون ڏنيون ويون. جيئن تہ زمين جي ڪُل ايراضي تي ڍل وٺڻ جو رواج هو، ان ڪري ڪاتيدارن لاءِ اهو لازمي هو تہ وڌ ۾ وڌ ايراضي پوک هيٺ آڻين. ان ڪري ان جام هو. عربن جي دور ۾ سنڌ ۾ ٻن وڏن درياءُن جا وهڪرا هئا. هاڪڙو يعني تہ ستلج ۽ سنڌو جنهن کي مهراڻ سڏيو ويندو هو. اهي ٻئي درياءُ هڪ ٻئي سان اچي منصوره وٽ گڏبا هئا. پر وري جدا ٿي لاڙ واري ايراضي ۾ پکڙجي ويندا هئا. انهن مان هڪ ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندو هو ۽ ٻيو ساڪري واري ايراضي ۾ عربي سمنڊ ۾ وڃي پوندو هو. انهن وهڪرن جا پيٽ اڄ بہ ٿر ۽ لاڙ واري حصي ۾ موجود آهن ۽ انهيءَ دور جي ياد کي تازو ڪن ٿا. عرب جاگرافي دان جن ان وقت سنڌ جو دورو ڪيو هو، تن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ملڪ سائو ۽ آباد هو ۽ سڄو ملڪ ٻنين، باغن ۽ وڻن سان ڀرپور هو[37]. اناج کان سواءِ وڏيون ايراضيون ڪمند هيٺ آيل هيون. باغن ۾ انب، نارنگي، ترنج ۽ ليمي جو فصل وڏي تعداد ۾ حاصل ڪيو ويندو هو.

عرب دنيا سان لاڳاپي جي ڪري ڪيترائي نئين قسم جي جنسن جا فصل پوکيا ويا، جي نهايت ئي سستي اگهه ملي سگهندا هئا[38].

زمين مان حاصل ڪيل جنسن مان ڪنڊ، قسط (ڪٺو) چانور، ادرڪ، پان، گدامڙي وغيره ٻاهر موڪليا ويندا هئا. ووڻ سنڌ مان ئي عراق ۾ واقف ڪرايا ويا هئا. سڀ کان پهرين آشوري شهنشاه سنخريب انهيءَ ۾ دلچسپي ورتي هئي، جنهن جو اولهه ايشيا تي ڇهين صدي عيسوي ۾ راڄ هو. ووڻن کي ان وقت "اُنَ جهليندڙ وڻ" سڏيو ويندو هو[39]. آبادي جي واڌاري سبب سنڌ عربي دنيا ۾ نهايت ئي آباد صوبو ليکيو ويندو هو. ان ڪري ماڻهو خوشحال ۽ سکيا ستابا هئا. روزانو ڪم ايندڙ جنسن جا اگهه سستا هئا. خوشحالي جو احوال تي سگهي ٿو ته عرب رهاڪن لاءِ استعمال ڪيو ويو هجي. چاڪاڻ ته زمينداري ۽ واپار تي عربن جي هڪ هٽي قائم ڪيل هئي. غير مسلم رعايا جو حال اهڙو ئي هو، جيڪو هڪ مذهبي ظالمانه نظام هيٺ هوندو آهي. يعني ته نهايت ئي سقيم ۽ اڻ وڻندڙ پر ان هوندي به بشاري مقدسي انهن کي چڱي حال ۾ ٻڌايو آهي جو عرب رواداري جي تصديق ڪري ٿو. هُن جو وڏيڪ چوڻ آهي ته چانڊي جي هڪ درهم سان ٽيهه مڻ ڪاڏي جو سامان حاصل ڪري سگهبو هو[40]. ظاهر آهي ته ان وقت جو مڻ، هاڻوڪي پاءُ جي برابر هجي، پر ان مان اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته ملڪ ۾ سستائي هئي ۽ بک يا بيروزگاري ڪانه هئي.

## واپاري مال:

عربن لاءِ ٻڌايل آهي ته هنن ملڪ جي آبادي وڌائڻ خاطر تمام گهڻي محنت کان ڪم ورتو ۽ جيڪي به قدرتي وسيلا موجود هئا، انهن کي جيڪڏهن ملڪ جي بهتري لاءِ نه ته پنهنجي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو. ڪمند جي پوک ايتري تہ وڌيل هئي، جو ان مان ڪنڊ ناهي ويندي هئي. ڪنڊ ناهڻ جو ڏنڌو جيئن ته هاڻي آهي تيئن ان دور ۾ عام جام هو. عربن کجور مان ڪنڊ ناهڻ جو طريقو پڻ ايجاد ڪيو ۽ ان مان مختلف قسم جي مٺاين ناهڻ جو رواج وڌو[41]. جيئن ته عربن کي هميشه جتن ۽ ميدن خلاف جنگي ڪاروائي ڪرڻي پوندي هئي، ان ڪري جنگي ساز ۽ سامان ناهڻ جا ڪارخانا لازمي هئا. ديبل جي شهر ۾ تلوارون ناهيون وينديون هيون، جي نه فقط تکيون مجيون ٿي ويون، پر

جڻاءَ واريون تصور ڪيون ٿي ويون. ڪپھ جي پوک سبب سُٽ ۽ ڪپڙي جا آڏاڻا هئا، جتي مقامي طور ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. ديبل بندر مان سنڌ جي بهترين ململ، عرب دنيا ڏانهن موڪلي ويندي هئي. چمڙي جا ڪارخانا بہ گهڻي انداز ۾ هئا، جتي مختلف نمونن جا جوتا ٺاهيا ويندا هئا. منصوره جا ٺهيل جوتا بغداد ۾ ايڏا پسند ڪيا ٿي ويا، جو هنن جو اگهہ چوٽ چڙهيل هو. اهڙا بوٽ فقط وڏا ماڻهو ئي خريد ڪري سگهيا ٿي. چمڙي جون پيٽيون، بٽگون ۽ ٻيو سامان تمام گهڻي انداز ۾ عرب دنيا ۾ موڪليو ويندو هو[42].
عربن سنڌ ۾ ڪڪڙين پالڻ جا فارم بہ ٺهرايا. جن ۾ نہ فقط ڪڪڙيون، پر مور بہ گهڻي انداز ۾ پاليا ٿي ويا. اهو ڌنڌو نهايت ئي آمدني وارو هو. ملڪ ۾ سستائي هئي، ايتري قدر جو هڪ رپئي ۾ 20 (ويهہ) ڪڪڙيون ملي سگهنديون هيون. چوپائي مال لاءِ بہ فارم ٺاهيل هئا. سنڌ جون مينهون عرب دنيا ۾ گهڻي کير ڏيڻ سبب مشهور هيون. ٻن ٿوهن وارو اُٺ جو اصل ۾ سنڌ جو آهي، ايران ۾ درآمد ڪيو ويو ۽ اتان پوءِ وچ ايشيا ۾ نيو ويو. ان کي عرب بختي يا بغدي اٺ ڪري سڏيندا هئا. ڪپڙي اُڻڻ جا بہ ڪئين ڪارخانا سنڌ ۾ ٻڌايا ويا آهن، چاڪاڻ تہ هرهڪ گهر ۾ آڏاڻا موجود هئا. آڏاڻن جو رواج پهرين عربن وچ ايشيا ۾ رائج ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ اسپين ۽ يورپ تائين پکڙجي ويو. عرب انهيءَ کي ناغوره سڏيندا هئا پر هسپانوي محاوري ۾ اهو نوريا مشهور ٿي ويو. سنڌ ۾ ڪاٺيءَ جي پيتين جا بہ ڪارخانہ هئا جن ۾ نهايت ئي وڏيون ۽ مضبوط پيتيون ٺهنديون هيون. انهن مان ڪي تہ ايڏيون هيون جو انهن مان هر هڪ ۾ 800 مڻن ڪان وڌيڪ ڪڻو رکيو ويندو هو[43].
ٽامي ۽ پتل جا ڪارخانا بہ هئا جن ۾ انهن ڌاتن جو مال تيار ڪيو ويندو هو. هر هڪ شهر ۾ ٽامي ۽ پتل جي سامان جون خاص بازارون هيون ۽ ٻڻ عاج مان نهايت ئي نفيس شيون تيار ڪيون وينديون هيون، جن جو نہ فقط سنڌ ۾ پر عرب دنيا ۾ بہ مان هو.

## واپاري سرگرميون:

عرب رهاڪن جو مکيہ ڌنڌو واپار هو. پر مقامي ماڻهن کي بہ سهوليتون حاصل هيون چاڪاڻ تہ انهن کان سواءِ واپار کي اڳتي وڌائڻ يا ترقي وٺائڻ ناممڪن هو. ملڪ جو اندروني واپار گهڻو ڪري سنڌين جي هٿ ۾ هو.

عرب ليڪڪن جو چوڻ آهي تہ ديبل جو بندر گهڻو ڪري غير مسلم ماڻهن جو رهائش گاه هو. جيڪي ملڪ جي اندروني حصن مان مال جمع ڪري گودام پري چڏيندا هئا. جڏهن بہ ڪا جنس گهٽجي ويندي هئي تہ پوءِ اهو مال ٻاهر ڪڍي بليڪ مارڪيٽ ۾ نيڪال ڪيو ويندو هو. سنڌ جو ان وقت عرب دنيا سان گهاٽو سٻنڌ هو ۽ اها ٻن واپاري رستن ذريعي ايران سان ڳنڍيل هئي. هڪ رستو مڪران جي ڪناري ڪان ٿيندو فارس پهچندو هو ۽ ٻيو (ڪڇي) واري علائقي ڪان ٿيندو سيستان ويندو هو. ملتان جا واپاري قافلا گهڻو ڪري اهو ئي رستو اختيار ڪندا هئا. قافلن جو لڳاتار ۽ اڻ ٽٽندڙ سلسلو اسلامي دنيا جي هر هڪ شهر سان لاڳو رهندو آيو. ان ڪري سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ جنسون يا ناهيل مال جڳ مشهور هو. واپار نهايت ئي اپت وارو ڏنڌو هو پر ڪن حالتن ۾ ان ۾ وڏي نقصان جو انديشو بہ لاحق ٿي ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ واپاري قافلا دنيا جي نهايت ئي خطرناڪ ايراضين مان گذرندا هئا. جن ۾ هڪ بلوچستان وارو علائقو هو. زط (جت) ۽ ميد جهڙيون خوفناڪ ۽ وحشي قومون ان وقت اتي رهنديون هيون جن جي اولاد هاڻي پاڻ کي بلوچ نالو ڏنو آهي[44]. اهي وحشي قبيلا نہ فقط زمين تي ميداني ڌاڙا هڻندا هئا ۽ ڦرڪندا هئا. ليڪن سمنڊ تي بہ انهن جو راڄ هو. ان سبب اهي امير البحر ۽ پوءِ مير بحر مشهور ٿي ويا. قافلن جي بچاءَ لاءِ هر هڪ ڪاروان کي پنهنجا ماڻهو رکڻا پوندا هئا تہ جيئن حملي جي حالت ۾ بچاءُ ٿي سگهي. عرب دنيا سان واپار جو ٻيون رستو سمنڊ جي ذريعي هو. جنهن سان اومان، بصره، يمن ۽ عرب دنيا جا ٻيا بندر ڳنڍيل هئا. اهڙي طرح سنڌ جو بندرگاه ديبل پڻ پڙوچ، ٿاڻہ، کنيات ۽ اولهہ هندستان جي ٻين بندرن سان ڳنڍيل هو. هندوستان سان سنڌ جي واپار جون سرگرميون نهايت ئي وسيع ۽ ڦهليل هيون. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا غوراب، سريلنڪا، ڪارومنڊل، ملبار، انڊونيشا ۽ چين تائين سامان جي ڏي وٺ ڪندا رهندا هئا. عرب، اسلام کان گهڻو اڳ هندستان جي سامونڊي ڪناري، سيلون (لنڪا) وغيره کان واقف هئا. ديبل، اناج ۽ ٻئي واپاري جنسن جي مکيہ مارڪيٽ هئي. اتي چين جو مال ۽ هندستان جون خوشبودار شيون آنديون وينڊون هيون[45]. ديبل جا سيٺيون وڏي انداز ۾ اهو مال خريد ڪري گودامن ۾ جمع ڪري رکندا هئا ذخيره اندوزي سبب انهيءَ مال جي قيمت ۾ وقت بوقت

اضافو ٿيندو رهندو هو جنهن سبب وڏا نفع حاصل ڪيا ويندا هئا. عربن جي دور ۾ سنڌ جو برآمدي مال ڪتو، اعليٰ قسم جو سوٽي ڪپڙو، ڪنڊ، اناج ۽ ڪڪڙيون وغيره هو. ٻيلن مان حاصل ڪيل ماکي، لاک، ڪئنور، بانس جو ڪاٺ ۽ مور به ٻاهر موڪليا ويندا هئا. عربن ڪي مور جو گوشت تمام گهڻو پسند هو. اهو عرب دنيا ۾ فقط وڏن ماڻهن جي استعمال لاءِ وڪرو ڪيو ويندو هو. انهن جنسن جي بدران عرب دنيا مان گهوڙا، بلوري شيشو، قنديل، عطر ۽ ميندي برآمد ڪيا ويندا هئا. عربي گهوڙو سنڌ ۾ ان وقت تفريح جو ائٽم سمجهيو ويندو هو.

## زر مبادلہ (مٺاسٽا جو ذريعو):

سنڌ جي زرعي مال ۽ واپاري جنسن جي عرب دنيا ۾ تمام گهڻي گهر هئي، ان ڪري سنڌ کي اٿاهہ زرمبادلہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي رنڊڪ نہ ٿيندي هئي. ان هوندي بہ سنڌ ۾ پنهنجو سڪو جاري ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ طاطري ۽ قاهري سڪو بہ عام جام هو. اهي سڪا هاڻوڪي امريڪي ڊالر ۽ انگريزي پائونڊ جو ڪم ڏيندا هئا. طاطري سڪو جاوا (انڊونيشيا) جو هو، ۽ قاهري. مصر جو سڪو هو. ان ڪري مصر کان وٺي چين تائين عربن کي واپار ڪرڻ ۾ ڪابہ دقت نہ ٿيندي هئي. ڪن ليکڪن قاهري جي بدران قنڌاري سڪو لکيو آهي، ۽ ان جي قيمت مقامي عربي سڪي کان پنجوڻ تي ٻڌائي آهي. طاطري سڪو گهٽ قيمت جو هو ۽ ان هوندي بہ منصوره جي ڏيڍ سڪي جي برابر هو[46]. ابن حوقل ٻڌائي ٿو تہ طاطري سڪو خالص سون جو ٺهيل هو ۽ منصوره جي سڪي کان سوايو هو (يعني ان جي 1-1/4 جي برابر) هو[47]. اهي ٻئي سڪا سنڌ ۾ 12 صدي تائين رائج هئا. جنهن جي تصديق مشهور جاگرافي دان الادريسي پڻ ڪئي آهي[48]. سنڌ جي اقتصادي ترقي جي تصديق هيٺين خراج مان ٿئي ٿي جيڪو، هر سال عباسين جي مرڪزي بيت المال ۾ جمع ڪرايو ويندو هو.

1- نقد رقم 1،10،00،000 درهم (هڪ ڪروڙ ڏهہ لک درهم).

2- ڪاڌي جون شيون 10،00،000 ڏهہ لک خروار يا خرار.

3- هاٿي تعداد 3.

4- هشي چوغا 2000.

5- ڪمر بند 4000.

6- هندوستاني لوبان 100 مڻ.

7- ٻينُ قسمن جي خوشبوءِ ۽ صندل جو ڪاٺ 150 مڻ.

8- جوتا 2000 جوڙا[49].

انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ عربن سنڌ ۾ زرعي ۽ صنعتي سڌارا آندا يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي همت افزائي ڪئي. پر پوءِ انهيءَ ڏن جو انداز گهٽجي ويو. هباري خاندان جي حاڪمن ساليانو خراج بند ڪري ڇڏيو. فقط ڪڏهن ڪڏهن خليفن کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ ٻہ سوکڙي موڪلي ويندي هئي.

## عربن جا سَڪا:

عربن جي دور ۾ مختلف سڪا ڪم آندا ويندا هئا، جن مان ڪي منصوره ۾ ضرب ڪيا ويندا هئا. ٻيا سڪا طاهري يا طاطري هئا جيڪي واپاري پاڻ سان کڻي ايندا هئا. قاهري سڪا بہ سنڌ ۾ فاطمين جي اثر سبب رائج ٿيا ۽ سنڌ تي قرمطين جو راڄ قائم ٿيڻ کان پوءِ ڪتب آندا ويا. سنڌ ۾ رائج ٿيندڙ سڪا 1854ع ۾ مسٽر بيلاسس هٿ ڪيا هئا. جن جا تفصيل انڊين انٽيڪئري جي جلد 11 ۾ ڏنا ويا آهن. اهي سڪا هي آهن:

## هباري حاڪمن جا سڪا:

1. چانديءَ جو سڪو: ماپ $1\frac{1}{2}$، وزن 9 گرين (عمر بن عبدالله).

سبتو پاسو. پنج سٽون.

بالله

محمد

رسول

الله

عمر

پاسا ڊٺل ۽ صاف.

ابتو پاسو. ڪوفي خط ۾ سٽون

بالله

بنو عمر ابو

منذر

2. چانديءَ جو سڪو. ماپ 2، وزن 8.4 گرين (عبدالله ابن عمر)

سبتو پاسو

لا الـه الا الله وحده لا شريک لـه

محمد رسول الله الامير عبدالله

ابتو پاسو.

بالله ولي

عبدالله و ملک[50]

3. ٽامي جو سڪو. عبدالله. قد $3\frac{1}{2}$، وزن 18 گرين.

سبتو پاسو. وچ تي چئن ڪنڊن وارو تارو. ان جي چوگرد گول دائري ۾ هي اکر پڙهي سگهجن ٿا. لا الـه الا الله وحده لا شريک لـه.

ابتو پاسو. نالو ٻن حصن ۾ عبد ۽ الله. پاسا هر چورس جن تي هي اکر آهن. محمد رسول الله الامير

4. عبدالله جو چانديءَ جو سڪو.

سبتو پاسو

محمد

رسول الله

عبدالله

ابتو پاسو

بالله ولي

عبدالله

و ملک

5. محمد جو ٽامي جو سڪو. قد 3.

سبتو پاسو. بلڪل خالي

ابتو پاسو. بالله محمد

6. احمد جو ٽامي جو سڪو

سبتو پاسو

لا الـه الا

الله وحده

لا شريڪ لہ

ابتو پاسو

الامير احمد

7. ٺامي جو سڪو، نمبر 2 سڪي واري لکت. ان فرق سان تہ ان تي الامير لکيل آهي، جو منصوره جي حاڪمن جو لقب هو.

اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ منصوره جو ضرب خانو، عمر بن عبدالعزيز هباريءَ جي وفات کان پوءِ قائم ٿيو. جيتوڻيڪ پاڻ آزاد حاڪم هو پوءِ بہ هن سڪو نہ ٺهرايو. هي ڳالهہ مليل ثابتين ذريعي معلوم ٿي آهي. جيئن حقيقت آهي تہ عمر بن عبدالعزيز، نيم خودمختيار حاڪم هو ۽ هن عباسي خليفن جي بالادستي تسليم ڪئي ٿي. هن جو ڪو بہ سڪو دلور جي پڙي يا ڀنڀور مان نہ مليو آهي، جن ماڳن تي پاڪستان جي کوٽائي کاتي جو وڌيڪ توجهہ رهيو آهي. مسٽر جي برگس غلط طرح سان، سڪي نمبر 1 کي عمر بن عبدالعزيز ڏي منسوب ڪيو آهي. جڏهن تہ عمر بن عبد الله سندس پوٽو هو ۽ اهو سڪو بہ ان جو آهي. المسعودي لکي ٿو تہ ان حاڪم جو لقب ابو منذر بہ هو[51].

سڪو نمبر 2 عبدالله بن عمر هباري جو آهي جو عمر بن عبدالعزيز جو پٽ ۽ پڻ جانشين هو. عبدالله هڪ آزاد حاڪم هو ۽ عباسي خليفن ڏي نالي ماتر جوابده هو. هي پهريون حاڪم هو جنهن منصوره مان سڪا جاري ڪرايا. سڪو نمبر 3 ۽ 4 بہ هن جا آهن.

سڪو نمبر 5 محمد بن عمر جو آهي، جو شايد عمر بن عبدالله هباري جو وڏو پٽ هو، جنهن کي المسعودي دربار ۾ ڏٺو هو. سندس ٻيو پٽ احمد هو، جنهن جو سڪو پڻ منصوره مان مليو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ محمد ۽ احمد والد جي وفات کان پوءِ، هڪ ٻئي پٺيان حڪمران بنيا هئا.

دلور جي ٻڙي مان هڪ غاصب نالي منصور بن جمهور الڪلبي جا سڪا پڻ مليا آهن، جنهن عباسين جي طاقت ۾ اچڻ کان ٿورو وقت اڳ منصوره تي زبردستي قبضو ڪيو ۽ سنڌ جو مالڪ بنيو هو. هڪ ٺامي جو سڪو مليو آهي جنهن جو قد 6، ۽ وزن 33 گرين آهي. سڪي جي ٺهڻ جو سال نہ ڏنو ويو آهي. ان ڪري ممڪن آهي تہ اهو منصوره جي شهر ۾ عباسي خليفي ابو جعفر

المنصور جي حڪم سان ٺاهيو ويو هجي. ابوجعفر ٻيو نمبر عباسي خليفو هو. المنصور بن جمهور الڪلبي منصوره تي صرف چار سال حڪم هلايو، تنهن پنهنجا سڪا رائج نہ ڪيا هئا. ڪي سڪا غلط طور تي هن ڏي منسوب ٿي ويا آهن. اهڙي هڪ سڪي تي هي عبارت لکيل آهي[52].

سبتو پاسو

لا اله الاالله وحده لا شريک له

ڪنارو ڊٿل

ابتو پاسو

محمد رسول الله

ڪنارو

بسم الله ضرب بالمنصوره مما امريه منصور

(الله جي نالي ۾، هي منصوره ۾ منصور جي حڪم تي ٺهيو).

مسٽر بيلاسس کي ٽي سڪا مذڪوره جاءِ تان ابو مسلم خراساني جا بہ مليا آهن. هڪ سڪي تي 133 ھ /751ع سال لکيل آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ 132 ھ /750ع ذاري زاب جي جنگ کان پوءِ عباسين، ابو مسلم کي سنڌ وارو علائقو ڏنو هجي.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) اسلام ۾ ٻئي ڪنهن به مذهب جي گنجائش نه آهي. هر ڪنهن ماڻهو کي دين اسلام قبول ڪرڻو آهي. فقط اهل ڪتاب لاءِ (يهودي ۽ ڪرستان) جزيه جي رعايت ڏيڻي آهي. باقي ٻئي هر هڪ ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻو آهي ۽ ان جي اهل خاندان کي غلام بنائڻو آهي. پر پوءِ وقت جي نزاڪت سبب اها رعايت هندن، ٻڌن، زردشتين سان لاڳو ڪئي ويئي.

(2) ڪن شمنين کي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ، گورنري جي عهدن تي برقرار رکيو ويو. ڏسو چچ نامو، ص 131، 132.

(3) چچ نامو، ص 235. سندس نالو موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد شعبان بن عثمان الثقفي هو.

(4) فتوح البلدان، ص 442، ڪامل، جلد 4، ص 257، چچ نامو، ص 100.

(5) المسالڪ والممالڪ، ص 177، 178، صورة الارض، ص 325.

(6) اسلامڪ ڪلچر، جلد 1، ص 189.

(7) اسلامڪ ڪلچر، جلد 1، ص 200.

(8) چچ نامو، ص 172.

(9) فتوح البلدان، ص 442.

(10) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.

(11) فتوح البلدان، ص 447، ڪامل، جلد 4، ص 283.

(12) مروج الذهب، جلد 1، ص 144، المسالڪ والممالڪ، ص 176، صورة الارض، ص 320.

(13) فتوح البلدان، ص 449، ڪامل، جلد 4، ص 283، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 67.

(14) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

(15) مروج الذهب، جلد 1، ص 144.

(16) المسالڪ والممالڪ، ص 180، صورة الارض، ص 324، 326.

(17) شارٽ هسٽري آف ساراسنز، ص 283.

(18) المسالڪ والممالڪ، ص 174.

(19) مروج الذهب، جلد 3، ص 14.

(20) اسلامڪ ڪلچر، جلد 13، ص 125.

(21) عرب ائڊمنسٽريشن، ص 196.

(22) عرب ائڊ منسٽريشن، ص 24.

(23) عرب ائڊ منسٽريشن. ص 23.
(24) فتوح البلدان، ص 447، ڪامل في التاريخ، جلد 4، ص 282.
(25) عرب ائڊمنسٽريشن، ص 123.
(26) فتوح البلدان، ص 445.
(27) چچ نامو، ص 240.
(28) عشر جو نرخ 1/10 هو ۽ اهو واپاري مال تي ورتو ويندو هو.
(29) چچ نامو، ص 235.
(30) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(31) اسلامڪ ڪلچر، جلد 17، ص 125.
(32) عرب ائڊمنسٽريشن، ص 352.
(33) تاريخ يعقوبي، جلد 3، ص 153.
(34) چچ نامو، ص 215.
(35) چچ نامو، ص 215، ڪامل، جلد 4، ص 258.
(36) نزهة المشتاق، ص 29.
(37) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(38) المسالڪ والممالڪ، ص 173، صورة الارض، ص 320.
(39) اينشنٽ ٽائيمز (بريسٽيڊ)، ص 160.
(40) احسن التقاسيم، ص 480.
(41) مناٿي کي فاتيذ سڏيو ويندو هو. ڏسو المسالڪ والممالڪ، ص 177.
(42) مروج الذهب، جلد 1، ص 353.
(43) المسالڪ والممالڪ (ابن خردزابه)، ص 57.
(44) المسالڪ والممالڪ (الاصطخري)، ص 180، صورة الارض، ص 326.
(45) نزهة المشتاق، ص 29.
(46) المسالڪ والممالڪ، ص 173، معجم البلدان، جلد 8، ص 178.
(47) صورة الارض، ص 321.
(48) نزهة المشتاق، ص 33.
(49) عرب ائڊمنسٽريشن، ص 20.
(50) انڊين ائنٽيڪئري، جلد 11، ص 93.
(51) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(52) انڊين ائنٽيڪئري، جلد 11، ص 91.

# ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون

(عرب دور ۾ عربي ادب ۾ واڌارو)

ادبي سرگرميون - عربي نظم - عربي نثر - ديني ادب - عربي گرامر - ٻولي ۽ رسم الخط - عربي انگ - ثقافتي سرگرميون - زراعت - صنعت - واپار ۽ تجارت - تجارتي رستن جا فاصلا - چوپايو مال - لباس، رسمون ۽ هلت چلت - سنڌ ۾ عرب تعميرات

## باب تيرهون

# عرب دور ۾ عربي ادب جو واڌارو

### ادبي سرگرميون:

سنڌ جو عربي دور ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون دور فتوحات جو هو ۽ ان کان پوءِ عرب گورنرن جو دور ۽ آخر ۾ منصوره ۽ ملتان جي آزاد عرب حڪومتن جو دور. منصوره جي حڪومت جو آخر ۾ سلطان محمود غزنوي جي هٿان خاتمو ٿيو. جنهن سن 416هه / 1026ع ۾ سنڌ ۽ ملتان کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. عربي دور جو عرصو 313 سال هو ۽ انهيءَ دور ۾ عربن پهرين دمشق، پوءِ بغداد ۽ آخر ۾ ٻين اسلامي مرڪزي شهرن سان پنهنجي تعلقاتن کي مضبوط رکيو. انهيءَ سبب ڪري عرب ۽ اسلامي دنيا مان علم ۽ ثقافت جي روشني جي پالوٽ ٿي. جنهن جو نه فقط سنڌ تي پر ننڍي کنڊ جي ٻين حصن تي پڻ اثر ٿيو. سنڌ جي ماڻهن نه فقط وقت جي تهذيب ۽ تمدن مان فائدو حاصل ڪيو، پر انهيءَ جي واڌاري ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون ۽ ان ۾ اضافو آندو، جو انساني تهذيب ۽ ثقافت توڙي علم ۽ ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. عربي ادب ۾ پڻ سنڌ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان جي واڌاري ۽ تڪميل ۾ اهڙا فرد پيدا ڪيا آهن، جن جو نالو عرب دنيا ۾ ياد رهندو. سنڌ ۾ نه فقط عربي نظم ۾ واڌارو ٿيو، پر نثر، ٻولي ۽ رسم الخط ۾ به خاصي ڪوشش ورتي ويئي. سنڌ جي عرب گورنرن ۽ ان کان پوءِ منصوره جي آزاد عرب حڪومت جي اميرن، عرب شاعرن، عالمن ۽ ليکڪن جي همت افزائي ڪئي ۽ انهن کي سنڌ ۾ گهرايو، جنهن سبب عربيءَ ادب ۾ واڌارو ٿيو. اهو واڌارو سنڌي عالمن جو عرب دنيا ڏانهن وڃڻ ۽ عرب عالمن جو سنڌ ڏانهن اچڻ واري پروگرام واري عمل سبب ٿيو. جڏهن ته شاعرن، طبيبن، سائنسدانن، عالمن ۽ ليکڪن جي ڏي وٺ جي ڪري علم جي هرهڪ شعبي ۾ ڪافي ڪتاب لکيا ويا ۽ ان کان پوءِ انهن تصنيفن تي عمل ڪرڻ سان ڪيتريون ئي نيون ايجادون پوءِ جي دور ۾ عمل ۾ آيون. سنڌي عالمن پنهنجي علمي ڪاوشن ۽ محنت ۽ تجسس جي عمل سان، علمي دنيا ۾ وڏو نالو ڪديو ۽ انهيءَ جي تصديق وچئين دور جي تصنيفن مان عالم آشڪار آهي.

## عربي نظم:

اسلام جي پهرين صدي ادب جي واڌاري لاءِ سازگار ثابت نہ ٿي سگهي. عرب انهيءَ دور ۾ جنگين ۾ مصروف هئا ۽ فتوحات جو هڪ اهڙو سلسلو جاري ٿيو، جنهن آخر ۾ وڃي ڪين گهرو لڙائي ۾ وڌو. جاني ۽ مالي نقصانن سبب ادب جي واڌاري ڏانهن تمام گهٽ لاڙو ڏيکاريو ويو. پهرين صدي جي آخر ۾ بنو اميہ جو دور شروع ٿيو، جنهن ۾ قديم عرب جاهليت وارو دور وري نئين سر طاقت وٺي سر عام آيو. عرب قوميت وارو اصول جيڪو عصبيت تي مبني هو، عربن جي ذهن تي ڇائنجي ويو ۽ اهي دنيا جي ٻين قومن کي پنهنجي مقابلي ۾ بلڪل تڇ سمجهڻ لڳا. اهو صحيح آهي تہ پيغمبر اسلام اهڙي شاعري جي مخالفت ڪئي هئي، جيڪي واهيات قسم جا بيت ناهي، پيغمبر اسلام ۽ ان جي دين تي حملا ڪندا هئا. پر هُن اهڙن شاعرن جي هميشه همت افزائي ڪئي، جيڪي اسلام جي ساراهہ ڪن ۽ سندس شان ۾ قصيدا چون. اخلاقي دائري ۾ رهڻ، شاعري جو خاص اصول مقرر ڪيو ويو هو. خلفاءِ راشدين ۽ بنو اميہ جي زماني ۾ وسيع فتوحات سبب مال ۽ زر جي فراواني ۽ غلامن جي جهاجهہ ٿي پيئي ۽ اسلامي دنيا جا سڀ شهر شاهوڪاري ۽ ناٺ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي ويا. مڪي ۽ مديني جي شهرن کي بہ مال غنيمت مان چڱو حصو مليو. نتيجو اهو نڪتو جو عربن ۾ عيش ۽ نشاط جي زندگي گذارڻ جو فهم پيدا ٿيو. موسيقي، ڳائڻ وڄائڻ، نچڻ ٽپڻ جو جتي ڪٿي رواج ٿي ويو. مشهور اصحابي ابو ذر غفاري رضي الله عنہ، اهڙين وارداتن جي خلاف جيڪي اسلامي تعليم جي خلاف هيون احتجاج ڪيو. پر اميرن جو ايڏو تہ زور هو جو حضرت عثمان رضي الله عنہ کي، جو ان وقت اسلامي دنيا جو خليفو هو. رسول الله ﷺ جي متقي اصحابي ۽ ساٿي کي آخر ۾ مديني مان شهر بدر ڪرڻو پيو ۽ ان کي طائف ڏانهن موڪليو ويو. ٿوري عرصي کان پوءِ ابو ذر غفاري رضي الله عنہ کي طائف ۾ بہ رهڻ نہ ڏنو ويو ۽ هڪ بهانو ناهي کيس دمشق ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو.

بنو اميہ جو دور در حقيقت عربي ادب جي واڌاري ۽ ترقي جو شروعاتي دور هو. انهيءَ دور ۾ عربي نظم ۽ نثر توڙي پڻ عربي گرامر ۽ صورتخطي ۾

وڏي حد تائين ترقي ٿي. بنو اميہ جي مشهور شاعرن ۾ عمر بن ربيعه جو نالو سر فهرست آهي. هُو مڪي جي هڪ شاهوڪار واپاري جو پٽ هو. انَ ڪري هُو سدائين سُهڻين ڇوڪرين جي ڪَڏَ هوندو هو ۽ اهي ڇوريون ڪيس ڳائڻ لاءِ اڪسائيندي رهنديون هيون. سندس ناهيل شعر اهڙا تہ دل کي ڏتارينڌڙ ۽ مفتون ڪندڙ هئا، جو پرهيزگار مسلمان انهن کي ورجائي ڳائڻ يا پڙهڻ کي عظيم گناه تصور ڪندا هئا. ٻڌايو ويو آهي تہ عبدالله بن عباس جهڙو قرآن جو مفسر ۽ ديني عالم، جنهن کي قرآن ۽ حديث تي سند جي حيثيت حاصل هئي، اهو پڻ عمر بن ربيعه جي شاعريءَ تي مفتون هو. هُن کي سندس ڪيترائي عشقيہ بيت ياد هئا، جيڪي عمر بن ربيعه ڪيس ڇئي ٻڌايا هئا[1].

بنو اميہ دور جا ٻيا ماهر الڪلام شاعر، الاخطل، فرزدق ۽ جرير هئا. انهن مان فرزدق ۽ جرير هڪ ٻئي جا رقيب هئا ۽ سالن جا سال هڪ ٻئي کي ڪليل ڪچهرين ۾ ننديندا رهندا هئا. سندن دشمني ايتري قدر تہ وڌيل هئي، جو اهي عوامي ميڙن ۾ شعر ٻڌائيندي هڪ ٻئي تي بهتان مڙهيندا هئا ۽ نهايت ئي گهٽ درجي جون گاريون استعمال ڪندا هئا. انهن ٽنهي شاعرن ۾ جهونو غياث بن غَوِث هو. پر هُو الاخطل جي نالي سان مشهور آهي. الاخطل مذهب جو ڪرستان هو ۽ ميسو پوٽيميا (عراق) جي مشهور عرب قبيلي بنو تغلب مان هو. هُن اسلام قبول ڪرڻ کان انهيءَ ڪري انڪار ڪيو جو انهيءَ ۾ شراب پيئڻ جي اجازت نہ هئي. جيتوڻيڪ خليفي عبدالملڪ بن مروان ڪيس انهيءَ ڏس ۾ (مذهب بدلائڻ) لاءِ ڏهہ هزار ماهانہ ڏيڻ جي آڇ پڻ ڪئي هئي. پر انهيءَ جو اهو مطلب بلڪل نہ آهي تہ هُو وري دين مسيحي تي بہ ڪو پختو هو. هڪ دفعي يروشلم جو وڏو پادري، جنهن کي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي خليفي جو درجو عطا ٿيل هو دمشق گهمڻ آيو. الاخطل جي زال نهايت سڪ سان پنهنجي مڙس کي چيو تہ هلي ان جي زيارت ڪراءِ. انهيءَ پادري لاءِ ماڻهن جا هشام وجي جمع ٿيا، جي قطارون ناهي بينا ۽ پادري گڏهہ تي سوار ٿي، انهن کي آشيرواد ڏيندو اڳتي وڌندو ويو. پادري جي سواري جڏهن الاخطل ۽ انهيءَ جي زال جي ڀر مان لنگهي، تڏهن انهيءَ پوڙهيءَ دعا ۽ برڪت حاصل ڪرڻ خاطر، پادري جي چوغي کي هٿ رکڻ لاءِ اڳتي وڌي ۽ پنهنجو هٿ وڌايو. پر پادري جو گڏهہ اڳتي وڌي ويو ۽ عورت جوَ هٿ وڃي گڏهہ جي پڇ تي پيو.

عورت کي ان تي رنج ٿيو. پر الاخطل سندس دلجوئي خاطر ڪيس اهو آٿت ڏيئي سرچايو تہ هن (گڏهہ جي پيچ) ۾ هُن (پادري) ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي[2].
الاخطل، يزيد اول جي دور جو شاعر پڻ هو. جنهن ڪيس مديني جي انصارين خلاف شعر ناهڻ لاءِ چيو هو. انصارين يزيد جي خلافت نهايت ڪراهت آميز پروپيگنڊا ڪئي هئي ۽ يزيد جي ڀيڻ جي بي عزتي ڪئي هئي. الاخطل هڪ وڏو نظم انصارين جي خلاف جوڙيو، جنهن جي آخرين مصرع هن ريت هئي[3]:

ذهبت قريش بالمكارم والعلا
واللوم تحت عمائم الانصار

[قريش وارا عزت ۽ احترام ۾ گوءِ کڻي ويا ۽ انصارين جي پٽڪن هيٺان لعنت ۽ ملامت کان سواءِ ٻيو ڪي ڪينهي.]

فرزدق ۽ جرير جي ادبي جهيڙي ۾، الاخطل جون همدرديون فرزدق لاءِ هيون، جنهن قصيدي، هجو (گلا)، ۽ عشقيہ شاعري ۾ الاخطل جي مهارت تسليم ڪئي هئي. انهيءَ دور جو ٻيو وڏو شاعر فرزدق (حمام بن غالب) بنو تميم مان هو ۽ بصره ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ ۽ ڏاڏو، رواداري، سخاوت ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جا حامي هئا ۽ پنهنجي وقت جا وڏا ماڻهو تصور ڪيا تي ويا. پر هاڻي اهي خاصيتون ماڻهن ۾ جهڪيون ڏسڻ ۾ تي آيون. هُن کي پنهنجي پيءُ سان ۽ عليءَ جي خاندان سان خاص الفت هئي ۽ اهو جذبو هُن بنو اميہ جي خليفن کان بہ نہ لڪايو. هُن هشام بن عبدالملڪ جي اڳيان زين العابدين جي ساراهہ ۾ هڪ عاليشان قصيدو پڙهيو هو. ڪربلا جي مشهور حادثي ۾ حسين بن علي جي ناحق قتل جي بدلي وٺڻ خاطر هُن ڪيترائي شعر جوڙيا ۽ عراق جي ماڻهن جي غيرت کي للڪاريو، جن مان هڪ بيت جو آخري بند هي آهي[4]:

فان انتم لم تثاروا لابن خيركم
فالقو الصلاح واغزلوا بالمغازل

[جيڪڏهن اوهان انهيءَ جو جيڪو اوهان سڀني کان چڱو هو، تنهن جي پٽ جو بدلو نہ ٿا وٺو، تہ پوءِ اوهان لاءِ بهتر آهي تہ پنهنجا هٿيار اڇلائي ڇڏيو ۽ ڪتڻ وارين سان گڏجي ڪتيو]

شاعرن جي انهيءَ ٽلهر جو ٽيون شاعر ابو حذرا جرير بن عطيہ هو، جو در حقيقت حجاج بن يوسف جو درباري شاعر هو. هُن وقت جي خليفي عبدالملڪ بن مروان جي شان ۾ مان ۾ ڪئين قصيدا لکيا هئا. ڪن ادبي نقادن جي راءِ آهي تہ جرير، فرزدق کان وڌيڪ اعليٰ ۽ سنو شاعر هو، ۽ هو فرزدق جي خلاف هميشه شعر لکندو رهندو هو. شعر، ڇئن قسمن جا هوندا آهن ۽ انهن ڇئني ۾ جرير نهايت اعليٰ مهارت حاصل ڪئي هئي[5].

عربن ۾ شاعري جو شوق فقط ادبي حلقن تائين محدود ڪونہ هو، پر سڄي قوم ۾ عام مروج سمجهڻ گهرجي. بادشاهہ زاده، سياست دان، فوجي ۽ هر ڌندي جا ماڻهو شعر چوندا هئا. نہ فقط ايترو پر عورتن ۾ بہ اهو شوق نهايت ئي گهڻي قدر وڌيل هو. سنڌ ۾ عربي ادب جي واڌاري ۾ محمد بن قاسم پهريون شخص هو جنهن انهيءَ ڏس ۾ شعر چيا. سندس چيل بيت شخصي هئا، جن ۾ هُن پنهنجي بهادري، سخاوت ۽ مجبورين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهي شعر وچئين دور جي همعصر ماخذن ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن. محمد، سڄي سنڌو وادي کي ملتان تائين فتح ڪيو هو ۽ اهو بہ ٽن سالن جي قليل عرصي ۾. هُن وچ هندوستان ۾ قنوج تي حملي ڪرڻ جا سانباها پڻ ڪيا هئا. انهيءَ ڏس ۾ هُن هڪ فوج ابو حڪيم شيباني جي ڪمان ۾ اڏيپور ڏانهن موڪلي هئي. پر جيئن تہ دمشق ۾ خلافت تبديل ٿي، ان ڪري کيس واپس گهرائي اذيتون ڏيئي موت جي حوالي ڪيو ويو. هُن پنهنجي گمنام پڇاڙي بابت هن ريت واويلا ڪئي آهي[6]:

اضـــاعوني واي فتـــي اضـــاعوا
ليـــوم كريهـــة وســـداد ثغـــر

[مون کي ضايع ڪري ڇڏيائون ۽ ڪهڙو نہ فاتح هنن ضايع ڪيو، جيڪو ڪين ڏکئي ڏينهن ۽ سرحدن جي حفاظت ۾ ڪم اچي ها]

واسط جي زندان ۾ هُن پنهنجي مجبوري جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جتي کيس عراق جي عامل صالح بن عبدالرحمان قيد ڪري رکيو هو. اهڙي ڏکئي مصيبت جي وقت ۾ پڻ هو فارس ۾ پنهنجي ڪيل ڪارنامن کي نہ ٿو وساري، جتي هُن ڪيترائي بهادر تلوار جو کاڄ بنايا هئا.

فلئـــن ثوبــت بواســـط و بارضهـــا
رهـــن الحديـــد مكبـــلا مغلـــولا
فــلرب فتيــه فــارس قــد رعتهـــا
ولـــرب قـــرن قـــد تركـــت قتيـــلا

[جيتوڻيڪ آءٌ واسط ۾ ان جي زمين ۾ لوھ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ هٿڪڙين ۾ پيل آهيان، پر رب تو ڄاڻي تہ مان ڪيترن ئي جوانن سان فارس ۾ وڙهيس ۽ خدا شاهد آهي تہ مون ڪيترن کي ميدان ۾ قتل ڪري ڇڏيو]

وڌيڪ هن ريت چيو آهيس[7]:

لــو كنــت اجمعــت القــرار لــو طئــت
انـــاث اعـــدت للوغـــي و ذكـــور
ومــا دخلــت خيــل السكاســک ارضنــا
ومــا كــان مــن عــک علــي اميــر
ومــا كنــت العبــد المزونــي تابعــا
فيـــالک دهـــر بـــالكرام عثـــور

[مان جيڪڏهن محاذ قائم ڪريان ها تہ اهو مون لاءِ نهايت آسان هو. گهوڙا ۽ گهوڙيون (يعني تہ ٻنهي قسمن جا گهوڙي سوار) مون لاءِ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ها. پوءِ سڪاسڪ جا گهوڙا اسان جي زمين (سنڌ) ۾ نہ اچي سگهن ها ۽ اسان تي پوءِ عڪ خاندان جي حڪومت قائم نہ ٿي سگهي ها ۽ نہ وري اسين هڪ گهٽ درجي جي غلام جي تابع هجون ها. پر افسوس اي زمانا تنهنجون اشرافن سان ڏاڍايون]

انهن ڇهن سٽن ۾ المرزباني جي مُعجم (مجموعي) ۾ ڏنل هي ڇهہ سٽون وڌيڪ ڳنڍيون ويون آهن[8]:

اتنســي بنــو مــروان سمعــي و طــاعتي
وانـــي علـــي مـــا فـــاتني لصبـــور
فتحــت لهــم مــا بيــن ســابور بالقنــا
الـــي الهنـــد منهـــم زاحـــف و مغيـــر
فتحــت لهــم مــا بيــن جرجــان بالقنــا
الـــي الصيـــن القـــي مـــرة واغيـــر

[ڇا مروان جي اولاد منهنجي وفاداري وساري ڇڏي آهي. ان هوندي بہ آءُ پنهنجي حق تلفي تي صابر آهيان. هنن لاءِ مون سابور ۽ هند جي وچ وارا ملڪ پالن سان فتح ڪيا ۽ پڻ هنن لاءِ مون اهي سڀ ملڪ فتح ڪيا، جيڪي جرجان ۽ چين جي وچ ۾ آهن]

محمد بن القاسم جي پچاڙي سچ تہ نهايت ئي ڏکاري هئي. هُو سٺي اخلاق ۽ رواداري جي اصولن واري خاصيتن سان سجايل هو. دشمن ۽ دوست سندس قدر ڪندا هئا. ڪيرج شهر جي ماڻهن سندس ياد داشت قائم رکڻ لاءِ سندس اعليٰ خاصيتن کان متاثر ٿي، سندس هڪ پتلو ٺاهيو هو. حمزه بن بائذ الحنفي، محمد بن القاسم جي خاصيتن کي هن ريت ساراهيو آهي:

ان المـــروة والسماحـــة والنـــدي
لمحمـــد بـــن قاســـم بـــن محمـــد
ســاس الجيـوش لسـبع عشـرة حجــة
يــا قــرب ذلک ســود دامـــن مولــد
ســاس الجيـوش لسـبع عشـرة حجــة
والداتـــه عـــن ذلک فـــي اشـــغال

[مروت، مهرباني ۽ سخاوت، محمد بن قاسم جون خاص خصلتون هيون. سترهن سالن جي عمر ۾ هُن فوجن جي اڳواڻي ڪئي. ڇا اها خاصيت سندس جسم مطابق هئي. سترهن سالن جي عمر ۾ هُن فوجن جي اڳواڻي ڪئي. يعني تہ انهيءَ عمر ۾ جڏهن تہ ٻيا ماڻهو ٻين ڪمن ۾ مشغول هوندا آهن]

عربن جا سنڌ ۾ ڪيل ڪارناما همعصر شاعرن ڳايا آهن. سنڌ جي فتح بابت هن ريت مذڪور آهن[9]:

نحـــن قتلنـــا داهـــرا و دوهـــرا
والخيـــل تـــردي منســـرا فمنســـرا

[اسين آهيون اهي جن داهر ۽ دوهر کي قتل ڪيو. جتن پنيان جٿا ميدان ۾ ڪڏندا هليا]

قابل بن هشام نالي هڪ فوجي جنهن راوڙ جي جنگ ۾ حصو ورتو، جنگ هلندي هي رجز ڳايو:

الا فاصبحـاني قبـل وقعـة داهـر
وقبـل منايـا قـد غـدون بواكـر
وقبـل غـد يـا لهـف نفسـي عداغـد
اذا مـا غـدا صحبـي ولسـت ببـاكر

[اي دوستو پاڻيءَ جو ڪو پيالو مون کي پياريو. متان ڏاهر سان جنگ نہ شروع ٿئي. جهٽ ڪريو جو موت جو پيالو منهنجي لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. سڀاڻي جڏهن سڀ دوست خوشيءَ جي تقريب ۾ (شربت جي) پيالي لاءِ جمع ٿيندا، تڏهن يارو مون لاءِ نہ ترسجو. افسوس آءٌ اتي هوندس ئي ڪونہ].

محمد بن قاسم جي معزول ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا ئي گورنر سنڌ ۾ هڪ ٻئي پٺيان آيا. جن پاڻ سان ڪيترائي شاعر آندا. انهن گورنرن سنڌ ۾ جيڪي بہ ڪارناما سرانجام ڏنا، انهن متعلق ابن جويره، جرير، فرزدق، حمزه الحنفي گهڻو ڪي لکيو آهي. جنيد بن عبدالرحمان مري جي باري ۾ جرير هن ريت رقمطراز آهي:

اصبـح زوار الجنيـد وصحبـه
يحيـون صلـت الوجـه جمـا مواهبـه

[جيڪي دوست يا مهمان جنيد وٽ ويندا هئا، انهن جا منهن سندس ڏنل تحفن سبب وٺائنس موڪلائڻ وقت ٻهڪندا نظر ايندا هئا]

جنيد بن عبدالرحمان مري جي اعليٰ خاصيتن جو پوتاميل، ابن جويره هن ريت ڏنو آهي:

لـو کـان يقعـد فـوق الشـمس مـن کـرم
قـوم باحسـانهم او مجدهـم قعـدوا
محسـدون علـي مـا کـان مـن کـرم
لا يـنزع الله منهـم مالـه حسـدوا

[سخاوت جي ڪري جيڪڏهن سج تي وهڻ ممڪن هجي ها تہ پوءِ ڪي ماڻهو پنهنجي خاصيتن ۽ اعليٰ ڪردار سبب ضرور ويهن ها. سڀ ماڻهو انهن تي (جنيد جهڙن ماڻهن) رشڪ ڪن ٿا. شل خدا مٿس پنهنجي رحم ۽ ڪرم جي پالوت ڪندو رهي ۽ جيڪي هُو گهرن کين ڏيندو رهي]

سنڌ جو هڪ گورنر تميم بن زيد العتبي هڪ نهايت ئي هٺ جو ڇوٽ ۽ سخي انسان هو. جڏهن هُو سنڌ ۾ آيو تڏهن هُن اتي 18 (ارڙهن) ڪروڙ درهم چاندي جا سڪا ڏٺا. هُن اڇڻ سان اهي ماڻهن (غربن) ۾ ورهائي ڇڏيا. بنو يربوع قبيلي جو هڪ جوان نالي خنيس سندس فوج ۾ هو. انهيءَ جوان جي ماءُ جا بنو طئي مان هئي، فرزدق وٽ لنگهي ويئي ۽ ڪيس وينتي ڪيائين تہ تميم کي سندس پٽ کي واپس موڪلڻ لاءِ لکي. انهيءَ مائي فرزدق کي سندس پيءُ غالب جي قبر جو واسطو وڌو هو ۽ فرزدق تميم کي هي مصرعون لکي موڪليون[10]:

اتتنــي فعــاذت يــا تميــم بغــالب
وبــالحضرة الســافي علميــا ترابهــا
فهــب لــي خنسـيا واتخـذ فيــه منــه
لينحوبــه امر مـــا يســوغ شــرابها
تميــم بــن زيــد لا تكونــن حــاجتي
بظهــر ولا يجفــي عليــک جوابهـــا
فــلا تكثــر الــترداد فيهــا فــانني.
ملــول لحاجــات بطـــي طلابهـــا

(اي تميم هڪ عورت مون وٽ آئي ۽ مون کي غالب جي مٽي ڇڙهيل قبر جو واسطو وڌائين. سو خنيس کي مون ڏانهن موڪل ۽ مون کي ٿورائتو ڪر ۽ انهيءَ ماءُ جون دعائون وٺ، جنهن جو پٽ جي جدائي ۾ ڏک نہ ٿو هيٺ لهي. اي تميم بن زيد، منهنجي درخواست تي غور ڪر ۽ هُن مائي کي جواب ڏي. دير نہ ڪر ڇاڪاڻ تہ جڏهن ماڻهو منهنجي ڪم ۾ دير ڪندا آهن تہ پوءِ آءٌ بيقرار ٿي پوندو آهيان)

عرب جيترو وقت بہ سنڌ ۾ رهيا، تہ انهن نہ فقط خليفن جي سرشري شهرن سان پنهنجا سياسي، سماجي، واپاري ۽ ثقافتي تعلقات قائم ڪيا. پر اسلامي دنيا جي ٻين شهرن سان بہ ناتا ڳنڍيا. انهيءَ سبب شاعرن، محدثن، عالمن، ليکڪن، فوجين ۽ صنعتڪارن جي ڏي وٺ ٿي ۽ مختلف قومن ۽ ماڻهن جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيو. فاتحن ۽ محڪوم قومن جي وچ ۾ سازگار ماحول پيدا ٿيڻ سبب، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ واڌ ٿي ۽ اها حقيقت انهيءَ ڳالهہ مان واضح آهي تہ سنڌي شاعرن، عالمن، سائنسدانن ۽ ٻين عرب دنيا ۾

بہ نالو ڪڍيو. ابو عطا سنڌي ۽ ابو ضلع سنڌي جو نالو ايڏو تہ مشهور ٿي ويو آهي جو اڄ تائين اهو عرب دنيا ۾ پيو ڳائجي.

## ابو عطا سنڌي:

افلح بن يسار، ابو عطا جو اصل نالو هو ۽ هُو عراق جي مشهور شهر ڪوفي ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ يسار لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هُو غلام هو ۽ سنڌ مان آندو ويو هو. هُو بنو اميہ دربار جو قصيده گو شاعر هو ۽ انهن لاءِ هُو نہ فقط قلم سان، پر تلوار سان بہ وڙهيو. هُن بنو اميہ جو زوال ۽ بنو عباس (عباسين) جو چڙهندڙ تخت ڏٺو، جن ڪڏهن بہ سندس همت افزائي نہ ڪئي.
ابو عطا سنڌي، بنو اسد قبيلي جو موالي هو ۽ هُن غلامي مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ دوست کان 4000 چار هزار درهم جو عطيو ورتو هو. اهو دوست الحر بن عبدالله قرشي هو، جنهن لاءِ عطا هي ساراه جا ڊڪ پڙيا آهن[11]:

آتيتــک لا مــن قربــة هــي بنينــا
ولا نعمـــــة قدمتهـــــا اســـــتيثها
ولكــن مـع الراجيــن ان كنــت مــوردا
اليـــه بغـــاة الديـــن تهفــو قلوبهـــا
اغثنــي بســجل مــن نــداک يكفنــي
وقــاک الــردي مــرد الرجــال وثيبهــا
تســمي ابــن عبــدالله حــرا كوصفــه
وتلـک العلـي يعنـي بهـا مـن يعيبهـا

[آءٌ تو وٽ انهيءَ تعلق سبب ڪونہ آيس، جيڪو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهي ۽ نہ وري آءٌ انهيءَ تحفي لاءِ جيڪو تو ڏنو ۽ مون قبول ڪيو. پر آءٌ انهيءَ آسري ۾ آيس تہ جيئن ديني جذبو تنهنجي دل ۾ پيدا ٿئي. منهنجي مدد ڪر. اهڙي تحفي سان جيڪو مون لاءِ بہ ڪافي هجي ۽ تولاءِ بہ تہ جيئن اهو توکي خراب ماڻهن جي بد نظر کان بچائي. تنهنجو نالو الحر بن عبدالله آهي ۽ اهو ايڏو تہ وڏو نالو آهي جو ماڻهو پلي توسان دشمني رکن. ان هوندي بہ هو توکي ڪابہ گزند نہ ٿا رسائي سگهن].

ابو عطا قادر الڪلام شاعر هو، سندس نالو عربي ادب ۾ سر فهرست آهي. سندس شاعريءَ جو نصر بن سيار ۽ حماد الراويہ جهڙن ماڻهن قدر ڪيو

آهي، جن مان پويون اسلام کان اڳ جي عرب شاعرن تي سنڌ جي حيثيت رکي ٿو. پر ابو عطا، خوشامدي قسم جو ماڻهو پڻ هو، جڏهن عباسي طاقت ۾ آيا، تہ هُن هنن لفظن ۾ سنڌن ساراهہ ڪئي:

ان الخيـــار مـــن البريـــه هاشـــم
وبنـــو اميـــه ارذل الاشـــرار
وبنـــو اميـــه عودهـــم مـــن خـــزوع
ولهاشـــم فـــي المجـد عـــود نضـــار
امـــا الدعـــاة الـــي الجنـــان فهاشـــم
وبنـــو اميـــه مـــن دعـــاة النـــار

[بنو هاشم ماڻهن ۾ بهترين مخلوق آهي ۽ بنو اميہ بدترين. بنو اميہ ائين آهي، جيئن سڪل وڻ جي ڪاني ۽ بنو هاشم سائي وڻ جي ٽاري مثل آهن. بنو هاشم اوهان کي جنت جي دعوت ڏيئي رهيا آهن ۽ بنو اميہ اوهان کي باهہ ڏانهن سڏي رهيا آهن]

پر عباسين سندس ڪو بہ قدر نہ ڪيو، ان ڪري هُن ڪاوڙ وچان مٿن هن ريت طنز ڪئي[12]:

بنـــو هاشـــم عـــودوا الـــي نخلاتكـــم
فقـد قـام سـعر التمـر صاعـــا بدرهـــم
فـــان قلتـــم رهـــط النبـــي و قومـــه
فـان النصـاري رهـط عيسـيٰ بـن مريـم

[اي عباسي واپس وڃو پنهنجي نخلستان (ڪجين جا باغ) ڏانهن. ڇاڪاڻ تہ ڪجيءَ جو اگهہ وڌندو ٿو وڃي. اوهان ۾ ۽ عيسائين ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. جهڙي طرح عيسائي پاڻ کي عيسيٰ سان منسلڪ ڪن ٿا. اهڙي طرح اوهان بہ پاڻ کي نبي ۽ ان جي قوم سان ڳنڍيو ٿا. مطلب تہ اوهان عيسائين وانگر ڏوڪيباز ۽ ڪوڙا آهيو. اوهان مان چڱائي نہ ٿيڻي آهي. ان ڪري اوهان حڪومت ڪرڻ جي لائق نہ آهيو. اوهان لاءِ بهتر آهي تہ وڃي ڪجين جو واپار ڪريو]

آغاني جا صفحا هن شاعر جي ساراهہ سان پريا پيا آهن. ڇاڪاڻ تہ هي ماڻهو في البديهہ هر فن مولا شاعر هو. سندس ناهيل شعرن جو ذڪر ديوان

الحماسه، ابن قتيبه جي شعر والشعراءَ ۾ بين عرب شاعري جي مجموعن ۾ ڪيو ويو آهي. هيئين بيت جيڪو ديوان الحماسہ ۾ پنجين نمبر تي آهي، عربي ادب ۾ مثالي بيت تصور ڪيو وڃي ٿو[13]:

ذكرتك والحطي يخطر بيننا
وقد نهلت منا المثقفه السمر
فوالله ما ادري واني لصادق
اداءِ عراني من حبابک ام سحر
فان كان سحرا فاعذريني علي الهويٰ
وان كان داءَ غيره فلک العذر

[تون مون کي ان وقت بہ ياد هئين، جڏهن خطي ڀالا اسان جي وچ ۾ هئا (يعني تہ جنگ جي وقت) تڪا ٽيل نيزن ۾ رتو ڇاڻ لاءِ تيار هئا. پر ان هوندي بہ آءٌ بي خود هوس (عشق ۾ مون کي پنهنجي بہ خبر ڪانہ ٿي رهي). اهو سچ آهي، بلڪل سچ. خبر نہ ٿي پوي تہ اهو تنهنجي عشق جو اثر آهي يا مون تي جادو ٿيو آهي. جيڪڏهن اهو جادو آهي تہ پوءِ آءٌ معافي جو حقدار آهيان. پر جيڪڏهن اها عشق جي بيماري آهي تہ پوءِ سڄو ڏوهہ تنهنجو آهي]

## ابو ضلع السنڌي:

ابو عطا ڪان پوءِ، ابو ضلع جو نالو مشهور آهي جو دراصل عباسي خليفي موسيٰ الهادي جو موالي هو. ڪي ليکڪ کيس علي بن ابي طالب جي ياءِ جعفر جو موالي ٻڌائين ٿا. هُو هڪ گهمنڊڙ ڦرنڊڙ سيلاني في البديع شاعر هو، جو پنهنجي ٺاهيل بيتن تي وڏا شرط لڳائيندو هو. هُو اصل ۾ سنڌي هو پر بغداد جو رهاڪو هو ۽ هارون الرشيد جي زماني جو شاعر هو. هُن اوير جي ملڪن جو دورو ڪيو هو ۽ نِنڊي ڪنڊ ۾ بہ هُو ڪيترا دفعا آيو هو. هُن نِنڊي ڪنڊ جي.شان ۾ هڪ وڏو قصيدو لکيو آهي، جنهن مان سندس اصلي وطن لاءِ محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو بيت هن ريت آهي[14]:

لقد انكر اصحابي وما ذلک بالامثل
اذ ما مدح الهند وسهم الهند في المقتل
لعمري انها ارض اذا القطر بها ينزل

- يعيـر الـدر واليـاقوت والـدر لمـن يعطـل
فمنهـا المسـک والکـافور والعنبـر والصنـدل
واصنـاف مـن الطيـب يسـتعمل مـن يتفـل
وانـواع الافاديـه وجـوذ الطيـب والسـنبل
ومنهـا العـاج والسـاج ومنهـا العـود والصنـدل
وان التوتيـا فيهـا کمثـل الجبـل الاطـول
ومنهـا الببـر والنمـر ومنهـا الفيـل والدغفـل
ومـن الکـوک والببغـاء والطـاؤس الجـوذل
ومنهـا شـجر الرابـغ والساسـم والفلفـل
سـيوف مالهـا مثـل قـد استعنت عـن الصيقـل
وارمـاح اذا اهتـرت اهتـز بهـا السـجحفل
فهـل ينکـر هـذا الفضـل الا الرجـل الاخطـل

ابو ضلع جي شاعري ۾ نصحيت آميز سبق پڻ آهي، خاص ڪري انهن ماڻهن لاءِ، جن جو زندگي مان اعتماد نڪري ويو هجي ۽ هن دنيا جي بي وفائي سبب اهي دل شڪسته ٿي ويا هجن[15]:

يـا نفـس صبـرا لا تهلکـي ياسـا
قـد فـارق النـاس قبلـک اناسـا
صبـرا جميـلا فلسـت اول مـن
اورثـه الظـاعنون وسواسـا

[اي دل صبر ڪر ۽ اميد کي هٿان نہ ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ توکان اڳ بہ هن ہين کي ذوکو ڏنو آهي. صبر ڪر ڇاڪاڻ تہ صبر ئي اهڙي حالت ۾ مفيد آهي. ڇاڪاڻ تہ تون فقط اڪيلو نہ آهين، جنهن کي نا اميدي جي تيرن نہ ستيو هجي.]

## ڪشاجم:

سنڌي شاعرن مان ڪشاجم بن شاهڪ السندي جو نالو پڻ ڏنو وڃي ٿو، جو هارون الرشيد جي زماني ۾ بغداد ۾ رهندو هو. سندس لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هو السندي بن شاهڪ جي اولاد مان هو. پر هُو پاڻ عباسي خليفي جي محافظ فوج جو سپاهي هو. سندس شعر جو جو نمونو هن ريت ڏنو ويو آهي[16]:

والدهر حرب للحي وسلم ذي الوجه والوقاح
وعلي ان اسعي وليس علي ادراڪ النجاح

[وقت درحقيقت فيصلو ڪندڙ معرڪہ آهي، ۽ معزز ماڻهوءَ لاءِ امن ۽ بهتري آهي. منهنجو ڪم آهي پنهنجي طرفان ڪوشش ڪرڻ. پر ڪاميابي جي ذميواري مون تي نہ آهي. يعني تہ اها الله جي هٿ ۾ آهي]

## محمد بن محمد السندي:

سنڌ جي هڪ فقيه جو نالو پڻ عربي شاعري ۾ ڏنو ويو آهي ۽ اهو هو محمد بن محمد بن احمد بن رجع السندي جنهن جو لقب ابوبڪر هو. ابن الوردي القريشي جي تصنيف ڪتاب الانساب ۾ سندس هڪ قطع ڏنل آهي جو هيئن آهي[17]:

من لم يکن لک منصفا - في الود. فابغ به بديلا
ومن استخف بنفسه - زرعت له قبال و قيلا

[دوستيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو بي انصافي ڪري ٿو يعني تہ سنگت نہ ٿو نباهي تہ پوءِ ٻئي سان ياراڻي رکجي. باقي اجائي جهڳي هٹڻ بيڪار آهي. بڪ ڪرڻ ڏيکاري ٿو تہ اهو ماڻهو احساس ڪمتري ۾ مبتلا آهي]

## عربي نثر:

عربي ۾ نثر لکڻ جي شروعات معاويہ جي دور ۾ ٿي. جڏهن عربن ۾ سندن قديم تاريخ لکڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ انهن ڪهاڻين ۽ ڏند ڪٿائن کي ڪٺو ڪرڻ جو رواج منجهن پيو. ٻڌايو ويو آهي تہ معاويہ جي دلچسپي عبيد بن شريہ الجرهمي جي ٻڌايل آکاڻين ۾ هئي، جنهن کي عرب بائده جو اڪيلو عيوضي ظاهر ڪيو ويو آهي. معاويہ سندس لاءِ هڪ چڱي چوکي پينشن مقرر ڪئي تہ جيئن هو روزگار جي تنگيءَ کان متاثر ٿي مقرر ڪيل ڪم کان هٿ نہ ڪڍي. هو خاصو پڙهيل لکيل انسان هو ۽ تورات جي ڄاڻ بہ هئس. ان ڪري هو معاويہ ۽ سندس درٻارين کي عربن جون قديم آکاڻيون ٻڌائي وندرائيندو رهندو هو. انهن مان ڪي آکاٽيون، ڏندڪٿائن کان وڌيڪ اهميت واريون ڪونہ هيون. ڇاڪاڻ تہ اهي ڳالهيون نهايت ئي قديم دور کان پيءُ جي واتان پٽ کي منتقل ٿينديون رهيون هيون.

عبيد لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هن ڪيتريون تصنيفون ڇڏيون، جن ۾ ڪتاب الملوڪ و اخبار المدائن اهم آهي، جنهن جا نسخا المسعودي جي زماني ۾ ڪيترن ئي ماڻهن وٽ ڏٺا ويا[18].

عربي نثر جو لکڻ نهايت ئي منجهيل طريقي جو هو. جنهن ڪي فقط عرب ئي سمجهي سگهيا ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو سڌا پڻ اچارڻ ٿي هو. باقاعدي عربي لکڻ لاءِ ان وقت سلسليوار ۽ واضح صورتخطي جي ضرورت هئي. يعني تہ اهو رسم الخط جيڪو غير عرب بہ سمجهي ۽ لکي سگهن. عراق جي مشهور وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي، اهڙي ضرورت کي محسوس ڪندي آوازن ۽ اچارن لاءِ جدا جدا اکرن کي ڪم آندو، ۽ انهن تي زير زبر، شد مد ۽ ٻڙين وغيره جو انتظام پڻ ڪرايو. تاريخ ۾ حجاج کي هڪ خون پياڪ ظالم ٻڌايو ويو آهي، پر جيڪڏهن صحيح جائزو ورتو وڃي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ هو هڪ مهذب انسان ۽ علم جو قدردان هو. ظلم ۽ زيادتي وقت جي تقاضا هئي نہ تہ عرب قوم اهڙي نود قوم آهي جو ان کي سڌو ڪرڻ لاءِ هڪ سخت قسم جي آمر جي ضرورت هئي. هي اهو ماڻهو آهي جنهن ڪوفي ۽ بصري ۾ قرآن ۽ حديث تي تدريس ۽ تحقيق لاءِ مڪتب کوليا ۽ علمي ڪاوشن کي وڏي پيماني تي همٿايو.

عربن جي اصليت ۽ تاريخ جا اوائلي ليکڪن ۾ وهب بن منبہ ۽ ڪعب بن اهبار جا نالا ملن ٿا. انهن مان پويون، ڪتاب التيجان في ملوڪ الحمير جو مصنف هو. هيءَ ڪتاب سندس پوئين حصي احنار العبيد سان گڏ سن 1347 هہ / 1928ع ۾ حيدرآباد دکن ۾ پڻ ڇپايو ويو آهي[19]. قديم بادشاهن، اميرن، پهلوانن ۽ قومي هيرن بابت گڏ ڪيل ٽوٽڪن، آکاڻين ۽ روايتن جو رواج، پيغمبر اسلام جي زندگيءَ سان پڻ لاڳو ڪيو ويو. اهڙيون ئي آکاڻيون ايجاد ڪيون ويون جن ۾ پيغمبر ۽ سندس اصحابن جو ذڪر ڪيو ٿي ويو. انهي ريت سوانح ۽ حديث لکڻ جو رواج پيو. رسول الله ﷺ جي سوانح، جنهن ۾ سنت ۽ حديث جو فن شامل آهن، مسلمانن کي قرآن تي شرح لکڻ لاءِ همٿايو ۽ آخر ۾ فقہ جو وجود پڻ عمل ۾ آيو. ابن اسحاق، ابن هشام، هشام بن محمد، الواقدي ۽ ابن سعد پيغمبر اسلام جي زندگي ۽ سندس ڪيل جنگين تي مستند ڪتاب لکيا. سڀ کان پهرين قرآن تي توجهہ ڏنو ويو تہ جيئن ان کي صحيح

طريقي سان اچاريو وڃي. جيئن تہ عربستان ۾ ان وقت ڪئين مقامي لهجا هئا، ان ڪري قرآن جي قابل قبول پڙهڻي ۾ رنڊڪون ۽ ان جي تشريح ۾ غلطين ڪرڻ جو امڪان موجود هو. قرآن جي جمع ڪرڻ جو ڪم ابوبڪر رضہ جي زماني کان شروع ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ يمامہ جي جنگ ۾ قرآن جي ياد حافظن جو وڏو تعداد قتل ٿي ويو هو. پر حضرت عثمان رضہ سڀ کان پهريون خليفو آهي، جنهن خدا جي زبان کي سلسليوار نمبر ڏيئي مڪمل طور جمع ڪرايو. هن مديني ۾ پيل نسخن کي صحيح تسليم ڪيو ۽ حڪم ڪيو تہ ٻيا نسخا جتي بہ هجن اهي ضايع ڪيا وڃن. قرآن جي هاٿوڪي سلسلي ۾ ان کي ڪتاب جي صورت ۾ آڻڻ جي لاءِ عباسي دور جا بہ وزير ابن مقليٰ ۽ ابن عيسيٰ ذميوار هئا، جن ابن مجاهد جي مدد سان، قرآن کي هاٿوڪي صورت ۾ آڻي، ان جا نسخا اسلامي دنيا ۾ شايع ڪرايا. ابن مجاهد قرآن جون ست پڙهڻيون روا رکيون. ڇاڪاڻ تہ ان وقت تائين پوري طرح نقطا ۽ نشان قرآني اکرن کي نہ ڏنا ويا هئا. قرآن کي پڙهڻ جي فن يعني تہ قرات ۽ حديث ۾ عبدالله بن عباس ۽ عبدالله بن ڪثير جا نالا سر فهرست آهن ۽ اهي ٻئي مڪي جا رهاڪو هئا. عبدالله بن عباس، نبي ﷺ جو سوٽ هو ۽ کيس حبر (ڊاڪٽر) ۽ بحر (سمنڊ) جي لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. هن لاءِ اهو مشهور آهي تہ هن قرآن، فقہ جي اهم مسئلن، اسلام کان اڳ جي تاريخ، ۽ عربي شاعريءَ تي ڪيترا ئي حوالا ۽ سمجهاڻيون گڏ ڪيون هيون. اسلامي قانون، حديث جي مسئلن تي ڪائنس صلاح مشورو ڪيو ويندو هو ۽ سندس ڏنل فتويٰ کي آخري تصور ڪيو ويندو هو. سندس بہ مشهور تصنيفون اسناد ۽ تفسير آهن، جن ۾ اسلامي فقہ ۽ قرآن جون سمجهاڻيون ۽ سورتن تي مڪمل تشريح ڏنل آهي[20]. ابن ڪثير وري قرات ۾ نالو ڪڍيو ۽ قرآن جي صحيح پڙهڻي مرتب ڪئي ۽ هر هڪ اکر جا اچار مقرر ڪيا. هو مڪي جو رهاڪو هو ۽ عمرو بن علقمہ الڪناني جو متولي هو. قرآن جي صحيح پڙهڻي کي ابن ڪثير جي ٻن شاگردن محمد بن عبدالرحمان المخزومي ۽ احمد بن محمد الفارعي رائج ڪيو. پهرئين عالم کي ڪنبل جو لقب ڏنل هو ۽ هُن 291 هہ ۾ وفات ڪئي ۽ ٻيو عالم جنهن کي البازي سڏيو ويندو هو، سن 270 هہ ۾ وفات ڪئي[21].

سنڌ جي عربي نثر ۾ مذهبي ادب اهم ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ ڏس ۾ پهريون اشارو چچ نامي ۾ موجود آهي. جنهن ۾ حجاج بن يوسف الثقفي، پنهنجي سوٽ محمد بن قاسم کي هڪ وظيفو ورد ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. انهيءَ جو مقصد هي هو ته نوجوان فاتح کي انهيءَ جي معجزي يا ڪرامت جو احساس ڏياري ڪيس انهيءَ جي ورد ڪرڻ جي تلقين ڪئي وڃي ته جيئن شڪست کي سوڀ ۾ بدلائي سگهجي. وظيفي جا لفظ هن ريت آهن:

اللهمْ انا نسئلک ذٰلک بانک انت الله الحي القيوم لا تاخذه سنة ولا نوم لک ما في السموات وما في الارض من ذا الذي يشفع عندک الا باذنک تعلم ما بين ايدينا وما خلفنا ولا يحيط بشيءٍ من علمک الا بما شئت وسع کرسيه السموات والارض ولا يؤدک حفظهما وانت العلي العظيم- فارزقنا مع ذلک شکرا لنعمتک ومعرفة لحقک وعملا برضوانک والسلام عليک ورحمة الله وبرکاته[22].

عربي نثر ۾ هي اڪيلو ٽڪر آهي، جيڪو اصلي فتح نامي تان ڇهين صدي هجري ۾ ڪاپي ڪيو ويو آهي. اهو صحيح آهي ته سنڌ تي عرب گورنرن جو حڪم هڪ ٻئي پٺيان پنجونجاهه سالن تائين جاري رهيو. پر انهيءَ سڄي دور ۾ ڪنهن به قسم جي ڪنهن به ادبي يا ثقافتي سرگرمي جو اهڃاڻ نه ٿو ملي. جيڪي به گورنر سنڌ تي مقرر ڪيا ويا، انهن جو درجو فقط محصولن جي اڳاڙي تائين محدود هو. انهن جو اهو معمول ٿي ويو هو ته مال غنيمت هٿ ڪرڻ خاطر پر وارن ايراضين جهڙوڪ پنجاب، گجرات، راجستان ۽ ڪڇ تي حملا ڪرڻ. ان هوندي به انهن اسلامي تبليغ کي تيز ڪرڻ ۽ عربي علم جي واڌاري خاطر مسجدون ۽ مڪتب تعمير ڪرايا. انهن مرڪزن ۾ قرآن، حديث ۽ ديني علم پڙهايو ويندو هو. جيئن ته فاتح قوم پاڻ کي مفتوح ماڻهن کان الڳ رکيو، ان ڪري ٻنهي ڌرين ۾ هڪ ٻئي سان ملي رهڻ ۾ ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو ملي نه سگهيو. عربن مقامي سنڌي ٻولي ۽ علم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا دلچسپي ڪانه ڏيکاري. ان ڪري هنن سنڌ جي ماڻهن جي ڪا به همٿ افزائي ڪانه ڪئي. اهو طريقو عمران بن موسيٰ برمڪي جي گورنري جي دور تائين جاري رهيو. برمڪي خاندان جو اصل ۾ ٻڌ مذهب سان

تعلق هو ۽ اهي بلخ جي نوهار جا پوڄاري هئا. اهوئي سبب آهي جو عمران مقامي علم ادب ۽ ثقافت ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ سنڌ مان عالمن جو هڪ وفد بغداد موڪليو. انهيءَ وفد جي موڪلڻ جو مقصد هي هو تہ سنڌ ۾ رائج سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جا ڪتاب بغداد جي بيت الحڪمة ۾ ترجمو ٿي سگهن ۽ انهن مان لاڀ پرائي سگهجي. عمران جيڪي سنڌ مان عالم موڪليا، انهن مان ڪن جا نالا هي آهن: منڪہ (ماڻڪ)، ٻهلا (پولا يا پلا)، ڪنڪہ (گنگا)، راجا، باجهر، ڏنو تراءِ ۽ ٻيا. عالمن جو اهو وفد پاڻ سان ڪيترائي ڪتاب کڻي ويو هو[23]، جن ۾ سوريہ سڌانت، آريہ ڀٽ، برهمگپت، کنڊ کانڊيڪ، ارٿ شاستر، مهاڀارت ۽ ٻيا ڪافي مشهوري رکن ٿا. انهن ۽ ٻين ڪتابن جي ترجمن سبب عربي ادب ۾ ڪافي واڌارو ٿيو ۽ ننڍي کنڊ جي علمي ڪاوشن جي دنيا کي خبر پيئي. انهيءَ کان اڳ خسرو نوشيروان جي زماني ۾ سنڌ جي مشهور ڪتاب، پنجتنتر جو فارسي ۾ ترجمو ڪرايو ويو هو. برمڪين انهيءَ کي وري نئين سر عربي ۾ ترجمو ڪرايو. ترجمي کان پوءِ انهيءَ ڪتاب کي نئون نالو ڪليلہ و دمنہ ڏنو ويو ۽ اهو فلسفي ۽ سياڻپ تي پهريون ڪتاب آهي، جنهن عربي ادب ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو. سوريہ سڌانت جنهن کي پوءِ سنڌ هند سڌيو ٿي ويو، بيت الحڪمة ۾ محمد بن ابراهيم الفزاري ترجمو ڪيو. انهيءَ ترجمي جو اهو اثر ٿيو جو علم رياضي (حسابن جي علم) ۾ ٻڙي يا "صفر" ايجاد ٿيو، جنهن جي معنيٰ آهي خالي يا بنا ڪنهن قيمت جي. ڪن عالمن جي اها بہ راءِ آهي تہ 1 کان 9 تائين انگ پڻ انهيءَ ڪتاب جي اثر هيٺ ايجاد ٿيا ۽ عربن وٽان اهي يورپ جي ماڻهن تائين پهتا. يورپ جا عالم انهيءَ انگن کي "عرب نيو مرلس" يعني تہ عربن جا انگ سڏيندا رهيا. پر عرب پاڻ انهن کي حروف الغبار سڏيندا هئا ۽ الحساب الهندي پڻ ڪوٺيندا هئا[24]. سنڌي ڪتابن جي ترجمي سبب طب جي علم ۾ پڻ واڌارو آيو. سنڌي حڪيم گنگا، پنهنجا لکيل ڪتاب پڻ بغداد ۾ نيا هئا، جن جا عربي نالا هي ٻڌايا ويا آهن: ڪتاب النمودار في الاعمار، ڪتاب اسرار المواليد، ڪتاب قرانات الڪبير، ڪتاب قرانات الصغير، ڪتاب في الطب ۽ ٻيا[25]. هڪ ٻئي سنڌي پنڊت سنڪهل ڏانهن پڻ هڪ ڪتاب "ڪتاب المواليد" منسوب ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ماڻهن، جانورن، پکين ۽ جيتن متعلق ڳجها

۽ اهم تفصيل قلمبند ڪيا ويا آهن. هن جو ۽ ٻئي سنڌي حڪيم جو جوڙر جو انهيءَ ساڳئي مضمون تي هڪ ڪتاب "ڪتاب المواليد" ٻئي بغداد ۾ عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. ٽيون مشهور حڪيم جنهن عرب دنيا ۾ نالو ڪڍيو نايڪ هو، جنهن جي تصنيف انساني زندگي جي اهم پاسن ۽ انساني مسئلن تي لکيل هئي. مها پارت جو ڪتاب جنهن ۾ آڪاٽيون ۽ ڏند ڪٿائون جمع ڪيل آهن. انهيءَ ساڳئي دور ۾ ابو صالح بن شعيب عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ ساڳئي ڪتاب جو ٻيو دفعو عربي ۾ ترجمو سن 417 هه ۾ ابوالحسن علي الجبلي، بويه خاندان جي حڪم تي ڪيو. ان ڪري ظاهر ٿيو ته سنڌ مان موڪليل ڪتابن عربي ٻولي ۽ ادب ۾ ڪافي اضافو آندو ۽ اهو طريقو سڄي عباسي دور ۾ جاري رهيو. جيڪو علم ۽ ادب جي خيال کان اسلامي تاريخ جو سونهري دور تصور ڪيو ويو آهي.

## ديني ادب:

سنڌ ۾ ديني ادب، عربي ادب جي واڌاري ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. قرآن ۽ حديث تي تشريحون لکيون ويون ۽ ڪتاب لکيا ويا. جيڪي مختلف پڙهائي جي درجن لاءِ مقرر ڪيا ويا. مسجدن ۾ مذهبي تقريرون، بحث مباحثا ڪيا ويا ۽ مختلف ديني ۽ مذهبي مسئلن تي ماڻهن جا رايا قلمبند ڪيا ويا. عربن سڄي سنڌ ۾ علمي مرڪز قائم ڪيا هئا، جن ۾ ديبل، منصوره، قضدار جي علمي مرڪزن عرب دنيا ۾ نالو ڪڍيو. منصوره جي مشهور عالم احمد بن محمد منصوري جو نالو ڪنهن نه ٻڌو هوندو.

## احمد بن محمد المنصوري:

احمد المنصوري جيئن ته نالي مان ظاهر آهي منصوره جو رهاڪو هو ۽ اتي ئي ڄائو هو. هن ديني تعليم فارس ۽ بصري ۾ حاصل ڪئي. فارسي ۾ هن جو استاد ابوالعباس الاثرام ۽ بصري ۾ هن احمد الغزالي کان علم حاصل ڪيو، جنهن کي ابو روق سڏيو تي ويو[26]. احمد، اراجان جو قاضي پڻ مقرر ڪيو ويو هو ۽ ڪيس امام دائود بن علي اصفهاني جي به مذهب تي سند جو درجو حاصل هو. احمد ڪيترا ئي ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪتاب المصباح الڪبير، ڪتاب الهادي ۽ ڪتاب النير مشهور آهن[27]. علامه سمعاني، سندس

زندگي جو احوال ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ هُن جڙتو حديثون پڻ گهڙيون هيون تہ جيئن هُو پنهنجو الڳ علمي حلقو قائم ڪري سگهي[28].

ابو جعفر منصوري ۽ محمد بن ابي شوراب جيڪي پاڻ بہ منصوره جا رهاڪو هئا، حديث جا عالم ۽ علم فقہ جا ماهر هئا. هنن پڻ فقہ ۽ علم حديث تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. پر اهي گهڻو ڪري گُم ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ همعصر ڪتابن ۾ انهن جو ڪوبہ حوالو نہ ٿو ملي.

ديبل جو شهر جيئن تہ عرب دنيا سان ڳنڍيل هو، ان ڪري اتي ڪيترا ئي دين جا عالم ۽ محدث اچي رهيا هئا. انهن عالمن مان ڪن جا نالا السمعاني، ابن الوردي، القرشي ۽ ياقوت حموي جي تصنيفن ۾ ڏنا ويا آهن. ابو جعفر ديبلي انهن مان هڪ هو.

## ابوجعفر المنصوري:

ابوجعفر المنصوري اصل ۾ عبدالله بن جعفر آهي، جنهن جو تعلق منصوره سان آهي. ڪيس علم حديث ۾ وڏي ڄاڻ هئي[29]. پاڻ حڪيم نيشاپوريءَ جو استاد هو. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪي مذهبي ڪتاب پڻ لکيائين.

## محمد ابن ابي شوراب:

پاڻ منصوره جو قاضي القضاة هو. هباري دور ۾ جيڪي مشهور ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ٿي گذريا، ابي شوراب انهن مان هڪ هو. پاڻ اسلامي فقہ جو وڏو ڄاڻو هو. ان ريت پاڻ منصوره جي حاڪمن جي وڏي خدمت ڪيائين، جي ڪانئس پيچيده مسئلن تي راءِ وٺندا رهندا هئا. مشهور عرب جاگرافي دان المسعودي لکي ٿو تہ منصوره جي قاضي ۽ هباري خاندان ۾ مٿين مائٽين جو سلسلو هو. پاڻ ڇهہ مهينا هن عُهدي تي رهيو ۽ سن 280 هہ/ 894ع ۾ وفا ڪري ويو[30].

## ابو جعفر ديبلي:

محمد بن ابي جعفر، جنهن کي ابو جعفر ديبلي سڏيو ويندو هو. هڪ وڏو محدث ۽ عالم هو ۽ ان وقت جي حديث جي استادن ۾ ڪيس اعليٰ مقام حاصل هو. هُن پنهنجي اوائلي تعليم ديبل ۾ حاصل ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ

وڏيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هو مڪي ۽ مديني پڻ ويو[31]. سنڌس لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هُن ٻن ڪتابن تي ڪافي دسترس حاصل ڪئي ۽ انهن تي تنقيدي نوٽ پڻ لکيا آهن. اهي ٻہ ڪتاب هي هئا: ابن عيونہ جو ڪتاب البر والصلہ ۽ ابن مبارڪ جي مشهور حديث جي تصنيف[32]. هن ٻنهي ڪتابن تي مفصل شرح لکيا. ان ريت عربي نثر ۾ اهم واڌارو ڪيائين. ان ڪان سواءِ ٻيون بہ ڪي مذهبي تصنيفون ڇڏيائين. بعد ۾ سنڌس حوالي سان ابو الحسين احمد ابن ابراهيم الفارس ۽ محمد ابن ابراهيم المقري علم حديث جو پرچار ڪيو[33].

## احمد بن عبدالله ديبلي:

احمد ديبلي ابو جعفر ديبلي جو شاگرد هو ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هُن اسلامي دنيا جي علمي مرڪزن جو سفر اختيار ڪيو. دمشق ۾ هُن علي بن عبدالرحمٰن ۽ محمد بن الريان ڪان فيض حاصل ڪيو. بيروت ۾ حافظ احمد بن عمير، حاران ۾ حافظ حسين بن ابي معشر، بصري ۾ قاضي الخليفه ۽ بغداد ۾ احمد بن جعفر الفاريابي، سان ملاقاتون ۽ بحث مباحثو ڪري علمي فضيلت حاصل ڪئي. آخر ۾ هُو مڪي ۾ وڃي رهيو ۽ حديث جي علم ۾ پنهنجي استاد ابو جعفر ديبلي ڪان فيض پرايائين ۽ پڻ معدل بن محمد الجندي ڪان پڻ تعليم حاصل ڪيائين[34]. ان ڪان پوءِ ڪامل اُستاد جي حيثيت ۾ هُن نيشاپور وڃي وسايو ۽ حسن بن يعقوب الحداد جي خانقاه ۾ تارڪ الدنيا جي حيثيت ۾ وڃي رهيو. احمد ديبلي سن343 هہ ۾ نيشاپور ۾ وفات ڪئي ۽ الحيره جي قبرستان ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ صوف جو هڪ شاهي جبو ڪيس پيل نظر ايندو هو ۽ هُو گهڻو ڪري نويڪلائي وارين جاين تي ڏسڻ ۾ ايندو هو[35]. حديث جا جيڪي بہ ڪتاب هُن لکيا آهن، اهي ناپيد آهن، پر انهن جو حوالو ان وقت جي ڪتابن ۾ موجود آهي.

## الحسن بن حامد ديبلي:

الحسن بن حامد ديبلي جيئن تہ هڪ واپاري هو، ان ڪري هُن مرڪز بغداد ڏانهن منتقل ڪيو، جتي هُن هڪ ريسٽ هائوس يا ڪاروان سراءِ ٺهرائي هئي. اها سراءِ خانِ حامد جي نالي سان مشهور هئي[36]، ۽ آهستي آهستي غريبن ۽ مسڪينن لاءِ هڪ پناه جي جاءِ بنجي ويئي، جتي ڪين مفت ڪاڌو ۽

ڪپڙو مهيا ڪيو ٿي ويو. خان حامد ۾ بحث مباحثا، تقريرون ۽ حديث جي علم جو پرچار ڪيو ويندو هو. الحسن پاڻ حديث جو علم بغداد جي مشهور محدثن علي بن محمد الموصلي، محمد النقاش ۽ ابو عبد التمري کان حاصل ڪيو[37]. هُو پوءِ شام ۾ ويو ۽ اتان مصر جو رخ رکيائين. هُن سالن جا سال دمشق ۽ قاهره جي علمي مرڪزن ۾ تقريرون ڪيون ۽ آخر ۾ سن407 هه ۾ قاهره جي شهر ۾ وفات ڪئي.

## احمد بن محمد ديبلي:

احمد ديبلي، سنڌ جي ديبل شهر ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو. ان کان پوءِ هُن ري ڏانهن هجرت ڪئي جو ايران ۾ آهي. ان ڪري هُو الرازي جي لقب سان پڻ مشهور آهي. هُو آخر ۾ بغداد جي حربيه علائقي ۾ وڃي رهيو. ان ڪري ڪيس حربي به سڏيو ويندو هو. حديث جو علم هُن بغداد جي مشهور عالم جعفر بن محمد الفاريابي ۽ ڪوفي جي محدث احمد بن شارڪ کان حاصل ڪيو. هُو هڪ وڏو زبردست قاري پڻ هو. قرات جي علم ۾ هن ڪيترائي شاگرد ڇڏيا[38].

## خلف بن محمد ديبلي:

خلف بن محمد اصل ۾ علي بن عيسيٰ ديبلي جو شاگرد هو، پر پوءِ هُو بغداد ويو، جتي هُن ڪيترن جاين تي علمي تقريرون ڪري نالو ڪڍيو. هُن جي علمي برتري انهيءَ حيثيت مان واضح آهي ته بغداد جا مشهور عالم حسين الجندي ۽ احمد بن عمير سندس شاگرد هئا. هنن جو چوڻ هو ته جيڪي به هنن حاصل ڪيو، اهو خلف بن محمد ديبلي جي مهرباني سبب ٿيو[39].

## محمد بن محمد ديبلي:

محمد ديبلي، ديبل جو رهاڪو هو. پر پوءِ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد، بصري ۽ فارياب ڏانهن ويو. حديث جي علم ۾ هُن جعفر بن محمد الفاريابي، قاضي ابو خليفه، عبدان بن محمد، محمد بن حسن الفاريابي ۽ ٻين کان فيض پرايو. آخر ۾ محمد، حديث جي علم جو وراق بنجي ويو. الحڪيم نيشاپور جهڙن ماڻهن حديث ۽ ورق جو علم ڪانئس حاصل ڪيو. هُن سن346هه ۾ وفات ڪئي[40].

سنڌ جي انهن عالمن کان سواءِ انهن اهل قلم حضرات، جن عرب دنيا ۾ هجرت ڪئي ۽ جيڪي اتي ڇاوا، انهن پڻ وچئين دور ۾ چڱو نالو ڪڍيو. علم ادب ۾ ڪيترائي اهڙا نالا ملن ٿا، جن ۾ امام الاوزاعي ۽ ابو معشر السندي، تمام گهڻي مشهوري حاصل ڪئي.

## شيخ الاسلام الاوزاعي:

عبدالرحمن بن عمرو بن ابي عمرو، جنهن کي الأوزاعي جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، پنهنجي وقت جو وڏو عالمُ ۽ محدث ٿي گذريو آهي. اسپين ۽ شام جا ماڻهو اهم مذهبي مسئلن تي ڪانئس فتويٰ وٺندا هئا. ڪيس وقت جو امام مڃيو ويندو هو[41]. شام ۽ اندلس جا ماڻهو هن جي مذهب تي هلندڙ هئا. هُن حديث ۽ اسلامي قانون (فقه) تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪتاب سنن في الفقه، ڪتاب المسائل ۽ المسند الاوزاعي اهم ۽ مڃيل تصنيفون آهن. هُن حديث جي ستر هزار مسئلن تي پنهنجي راءِ ڏني آهي. ان ڪري ڪيس حديث جي ڇهن مشهور عالمن مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. الاوزاعي لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هُو اصل سنڌ جو هو[42]. سندس وڏن کي غلام ڪري يمن آندو ويو هو. ابن خلڪان جو چوڻ آهي ته هُو يمن جو رهاڪو هو[43]. اتان پوءِ هو شام لڏي ويو. دمشق جي مشهور محلي الاوزاءِ ۾ هُن پنهنجو گهر ٺاهيو، ان ڪري ڪيس الاوزاعي سڏيو وڃي ٿو. هُــن بيروت جي شهر ۾ سن158هه ۾ ستر سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي[44].

## ابو معشر السندي:

ابو معشر نجيح بن عبدالرحمان السندي اصل ۾ هڪ سنڌي غلام جو پٽ هو ۽ بنو مخزوم جو موالي هو. عباسي خليفي ابو جعفر المنصور جي ذيءَ ام موسيٰ کيس خريد ڪري آزادي بخشي[45]. هُـو هشام بن عروة جو شاگرد هو، ان ڪري ڪيس حديث ۽ مغازي ۾ سند جي حيثيت حاصل ٿي. سندس علم جو امام احمد بن حنبل پڻ اعتراف ڪيو آهي[46]، جو اسلامي سني طريقي جي چئن مذهبن ما هڪ يعني ته حنبلي مذهب جو امام هو. هن جو تعلق سنڌ سان هو. مديني ۾ تعليم جي تڪميل کان پوءِ خليفي المهدي جي ڪوٺ تي بغداد ويو، جنهن سندس لاءِ ڏهه هزار درهمن جي پينشن مقرر ڪئي[47]. چيو وڃي ٿو ته

ڪيس تابعين جي صحبت حاصل ٿي، ان ڪري ڪيئي حديثون برزبان ياد هئس. هن پيغمبر اسلام جي غزوات تي هڪ ڪتاب لکيو هو، جو هاڻي موجود ڪونهي پر پوءِ جي عالمن ان جو ذڪر ڪيو آهي. هن بغداد ۾ رمضان 170 هه/ 787ع ۾ وفات ڪئي.

هن ٻه نامور شاگرد ڇڏيا، علي ابن مجاهد الرازي الڪندي ۽ علي ابن محمد المدني، جن کي حديث، مغازي ۽ سيرت طيبہ تي سند مجيو وڃي ٿو. سفيان الثوري ۽ محمد ابن عمر الواقدي جن، ڪتاب السيره ۽ تاريخ المغازي لکيا، پڻ هن سنڌي عالم کان متاثر ٿيا هئا[48].

## ابونصر السندي:

ابونصر (فتح بن عبدالله) سنڌ جو هڪ غلام هو، جنهن کي پوءِ آزاد ڪيو ويو هو. پاڻ ابو علي احمد الثقفي وٽ مذهبي علوم ۽ فقه جي تعليم ورتائين. مڪتبي علمن ۾ پڙهو ان ڪري نالو ڪڍيائين. پاڻ ٻاتو هو ان ڪري درست عربي نہ ڳالهائي سگهندو هو. سندس عربي گفتگو تي سنڌي جو اثر حاوي ڏسڻ ۾ ايندو هو. چيو وڃي ٿو تہ هڪ ڀيري پاڻ عالمن جي صحبت ۾ وڃي رهيو هو. هڪ اوچي ذات جي عرب جنهن گهڻو شراب پيتو هو ۽ گپ ۾ ڪري پيو هو، تنهن ابونصر کي مذڪوره مجلس ۾ وڃڻ تي ڇنڊ ڪڍي. ”تون ڪيئن ٿو عربن جي محفل ۾ اوچي ڳاٺ وڃين، جڏهن آءٌ گپ ۾ ڦاٿو پيو آهيان“. اصل ۾ پاڻ ٻانهو هو پر آزاد ٿيڻ سبب ڪيس موالي جو درجو ڏنو ويو، ان کي اصل عرب پاڻ کان گهٽ سمجهندا هئا. هي ٻڌي ابونصر ان عرب کي تکڙو جواب ڏنو تہ تون منهنجي بزرگن جي راهہ تي آهين ۽ اءٌ تنهنجن وڏن جي عمل تي هلندڙ آهيان[49].

## ابو محمد السندي:

ابو محمد خلف ابن سليم ٻيو ماڻهو هو، جنهن روايتي علمن تي مهارت حاصل ڪئي هئي. پاڻ خليفي المتوڪل عباسي جي دور سان تعلق رکي ٿو. هن بغداد ۾ 848ع ۾ وفات ڪئي. حديث جي واڌاري لاءِ وڏو ڪم ڪيائين. بغداد ۾ شاگردن جو وڏو تعداد ڇڏيائين[50].

## عربي گرامر:

عربي گرامر جي سائنسي طريقي تي شروعات ڪوفي ۽ بصره ۾ ٿي. ڇاڪاڻ ته اهي عرب زندگي ۽ ثقافت جا عراق ۾ به مکيه مرڪز هئا. انهيءَ ٻنهي شهرن ۾ رهندڙ عرب گهڻو ڪري بدوي هئا ۽ جدا جدا قبيلن ۽ ماڳن سان سندن تعلق هو. عربن کان سواءِ غير عرب جيڪي گهڻو ڪري ڪمي ۽ ڪاسبي هئا، گهڻي انداز ۾ اتي اچي گڏ ٿيا. ان ڪري عربي ٻوليءَ جي خالص هجڻ ۽ ان ۾ ملاوٽ جي انديشي کي روڪڻ لاءِ، اهڙن اپائن جي ضرورت محسوس ٿي ته ڳالهائڻ جي طريقي کي سڌاريو وڃي. سڀ کان اهم ضرورت قرآن جي صحيح پڙهڻ لاءِ محسوس ڪئي ويئي ته جيئن ان جا اچار ۽ طريقو ٺاهيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هر ڪو عرب ان کي پنهنجي علائقائي ٻوليءَ موجب پڙهندو رهندو هو. اهوئي سبب آهي جو عربي جي گرامر، اصولن کي ٺاهڻ ۽ ان موجب قرآن جي قرائت پڙهڻ جو صحيح طريقو ايجاد ڪيو ويو. گرامر ٺاهڻ ۾ سڀ کان اڳ ابو الدعيلي جو نالو آهي، جو بنو اميه دور جو عالم هو ۽ بصري ۾ هن وفات ڪئي. ابو الدعيلي جيئن ته هڪ شيعو هو، ان ڪري هُن اها دعويٰ ڪئي ته گرامر جا اصول ۽ صحيح قراءت جو طريقو هُن علي بن ابي طالب کان حاصل ڪيو هو[51]. پر هُن اهي اصول ڪنهن جي اڳيان ظاهر ڪرڻ کان بلڪل نابري واري. امير معاويه جي زماني ۾ ڪوفي جي گورنر زياد بن ابيه، کيس حڪم ڏنو ته قرآن جي پڙهڻ ۽ صحيح تلفظ استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي گائيڊ ٺاهي، ته جيئن خدا جو ڪلام سمجهي سگهجي. ان ڪري کيس عربي ٻولي جي بصري واري مڪتب جو اڳواڻ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جو مشهور عيوضي ابو عمرو بن العلاءَ هو. ان کان پوءِ گرامر تي ڪوفي ۽ بصري ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا ويا، جن ۾ ڪتاب العين، ڪتاب السبويحي، ميرد جو ڪامل، مقصوره، جمهره في اللغاة ۽ ڪتاب الاشتقاق عربي ادب ۾ وڏي مشهوري رکن ٿا. عراق ۾ عربي ادب جي اصولن جو ٺاهيل طريقو سڄي اسلامي دنيا ۾ رائج ڪيو ويو ۽ اهو پراڻو طريقو اڄ به سنڌ جي مسجدن ۽ مڪتبن ۾ سيکاريو وڃي ٿو.

## ٻولي ۽ رسم الخط:

عربن سنڌ ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي رائج ڪيو ۽ ان کي سرڪاري ٻولي مقرر ڪيو. ان ڪري جيڪا بہ لکپڙھ ٿيندي هئي، اها ۽ پڻ مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهائي بہ عربي ۾ ڪئي ويندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو عربي ٻولي ٿوري عرصي اندر سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي. اها حقيقت انهن عربن ليکڪن ۽ سياحن جي تصنيفن مان واضح آهي، جيڪي عربي دور ۾ سنڌ ۾ آيا هئا ۽ اتي جي حالتن کان واقف ٿيا. سندن چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربي ٻولي ڳالهائڻ جو رواج پڻ هو ۽ اهو طريقو ديبل کان ملتان تائين رائج هو[52]. افسوس جو مقام آهي تہ عربي دور جي ڪا بہ لکت، خط، لکپڙھ يا شعر جي صورت ۾ نہ ملي سگهي آهي. پر ڪيترائي اهڙا سڪا ۽ ڪتبا مليا آهن، جي سنڌ جي عربي دور سان تعلق رکن ٿا.

مسٽر بيلاسس کي پڙي وڻان جنهن کي منصوره سڏيو ويو آهي، عاج جي ننهيل هڪ تعويذ جو ٽڪرو مليو آهي، جنهن تي ڪوفي رسم الخط ۾ الله الرحمان الرحيم لکيل آهي[53]. منصوره ۾ ضرب ٿيل سڪن تي ڪوفي رسم الخط موجود آهي.ان ريت سنڌ ۾ عرب حاڪمن جي حيثيت ظاهر ٿئي ٿي، جيڪي مرڪز کان مڪمل طرح آزاد هئا. سڪن تي ڪجهہ لکتون هن ريت آهن:

ابو مسلم جو ٽامي جو سڪو:

اڪر: لا الہ الاالله وحده

پوري: محمد رسول الله

ساڄو پاسو: بسم الله مما امربہ الامير عبدالرحمان بن مسلم

کاٻو پاسو: فلا لا اسئلکم: عليہ اجرا: الا المودة: في القربيٰ[54]

عمر بن عبدالله الهباري جو چانديءَ جو سڪو:

اڪر (پنجن سٽن ۾) بالله محمد رسول الله عمر

پوري: بالله بنو عمريہ منذر[55]

ان مان ظاهر ٿيو تہ عربيءَ جو ڪوفي رسم الخط، سنڌ ۾ عربن جي دور کان رائج هو ۽ اهو ساڳيو خط هباري حڪومت ۾ پڻ رائج هو. ڪراچي جي پر ۾ پنپور جي کنڊرن جي کوٽائي مان هڪ اهڙو ڪتبو هٿ آيو آهي،

جنهن تي 109 هـ جو سن اڪريل آهي[56]. ساڳئي وقت شهدادپور جي پرسان دلور جي پڙي جي ڪنڊرن مان عاج جو هڪ تعويذ هٿ آيو آهي، جنهن تي پڻ ڪوفي رسم الخط ۾ بسم الله الرحمان الرحيم اڪريل آهي. پر سنڌ جا هندو ناگري صورتخطي استعمال ڪندا هئا، جنهن جا ڪيترا ئي نمونا ڏيپر گهانگهري جي ڪنڊرن مان مليا آهن. محمود جي دربار جو مشهور عالم البيروني جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ ٽن نمونن جي صورتخطي ڪم آندي ويندي هئي. اردناگري، ملقاري ۽ سيندب يا سينڌوا. اردناگري، سڌا متريڪا ۽ ناگرا جي ميلاپ مان نهيل هئي ۽ اها ياتيہ ۽ اتر سنڌ جي ڪن حصن ۾ رائج هئي. ملقاري جا دراصل ملواري هئي، ملواشان ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڪم آندي ويندي هئي. پر سينڌوا يا سيندب، سنڌ جي وچ واري حصي ۾ ۽ منصوره جي آس پاس لکي ويندي هئي[57]. ڀنڀور جي کوٽائي مان هڪ اهڙي رسم الخط جا نمونا مليا آهن[58]، جيڪا پاڪستان نهڻ ڪان اڳ واٽڪي صورتخطي سان گهڻي ملندڙ جلندڙ هئي.

مشهور عالم ۽ الفهرست جي مصنف ابن نديم جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ جيڪا صورتخطي ڪم آندي ويندي هئي، سا ڪبي ڪان سڄي لکي ويندي هئي[59]. پر عربي ساڄي ڪان کابي ڪم آندي ويندي هئي ۽ اها گهڻو ڪري هندو ۽ ٻڌ مت جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا. پر مسلمان عربي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. عربي ٻوليءَ جو سنڌ تي ايڏو تہ اثر آهي، جو ڪيترائي عربي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا ويا. ڪاتي، پوتي، ٿلهو، ڳُٽو، اجرڪ، قميس، ٿوم، بصر، سٽ، نخ، رئو، اوتيو، نائٽ (تعويذ)، غاشو، بقال، ڪلف، مودي ۽ ٻيا ڪيترا ئي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربيءَ تان ورتل آهن.

ادبي ميدان ۾ پڻ عربيءَ جو تمام گهڻو اثر ڏنو وڃي ٿو. سنڌي لوڪ ادب جو سڄو بنياد عربي ادب تي آهي ۽ اهو عربي اثر هيٺ ناهيو ۽ ڳايو وڃي ٿو. مداح، مناقبا، مناجات، مولود، مناظرا، واقعاتي معجزه وغيره عربي بنيادن تي لکيا ۽ ڳايا وڃن ٿا.

## عربي انگ:

ساڳئي وقت سنڌ ۾ جيڪي انگ استعمال ڪيا ويندا هئا، اهي پڻ عربن جهڙا هئا. درحقيقت اهي انگ سنڌ مان برآمد ڪيل ڪتابن رستي، عرب دنيا کي مليا هئا. محمد بن ابراهيم الفزاري پهريون عرب سائنسدان هو، جنهن

انهن انگن کي عرب دنيا ۾ رائج ڪيو ۽ پڻ صفر يعني ته ٻڙي ايجاد ڪئي. سنڌ ۽ هندوستان جي پنڊت ۽ ساڌو انهن انگن کي زمين تي لکي سمجهائيندا هئا. ان ڪري عرب، انگن کي حروف الغبار سڏيندا هئا. پر جيئن ته يورپ کي اهي انگ عربن وٽان پهتا، ان ڪري اهي انهن کي عرب نيومرل سڏيندا هئا. ابن نديم ٻڌائي ٿو ته انگن جو استعمال جهڙو عربن وٽ هو، اهڙو ساڳيو سنڌ ۾ هو. فرق رڳو هي آهي ته ان وقت انگن کي ٻڙيون اڳيان ڏيڻ بدران هيٺيان ڏنيون وينديون هيون. جيئن ته هن مان ظاهر آهي: ١ ٢ ٣ يعني ١٠٠، ٢٠٠، ٣٠٠ وغيره[60].

## ثقافتي سرگرميون:

سنڌ جي ماڻهن کي عربن مان اهو به لاڀ مليو هو جو هنن ملڪ کي هڪ بهترين انتظاميه ڏني هئي، هنن ماڻهن ان دور جي سڌريل زراعت ڏئي هن ڌرتي کي سڪيو ستابو بڻائي ڇڏيو هو. اهو به چيو ويو آهي ته عربن سنڌ ۾ ڪي نيون زرعي جنسون متعارف ڪرايون هيون جن مان هڪ جنس ڪجور جو وڻ آهي.

## زراعت:

سنڌ جي خوشحالي ۽ پوکي راهي جي اوسر جو ترقي ۾ گهڻو دارومدار آهي. هن مقصد لاءِ عربن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ نوان واهه ۽ کوهه کوٽايا هئا، جنهن جو مقصد پوکي راهيءَ جي اوسر کي هٿي ڏيڻ هو. عرب بنيادي طور تي ويڙهو نسل سان تعلق رکي ٿو جنهن ڪري هنن کيتي وارو ڌنڌو سنڌين جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هنن بيو اهم ڪم اهو ڪيو هو جو هنن زمين جي ڍل واري شرح هيڪاندي گهٽائي ڇڏي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو آباد ايراضيءَ جو انگ وڌي ويو هو ۽ پوکي راهي گهڻي منافعي واري ڪرت بڻجي وئي هئي. پر ساڳئي وقت هنن ڪن ٻين علائقن ۾ ڳاتي پڳي ڍل مڙهي ڇڏي هئي. پر سهيوڳي ذريعن اهڙي ڏاڍ جو ذڪر ڪيو آهي. وچئين دور جا ڪي عرب جاگرافيدان به سنڌ آيا هئا جن سنڌ جي خوشحالي ۾ ماڻهن جي رياڪار هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. سندن وڏيڪ چوڻ آهي ته سنڌ جي معياري زمين ساون فصلن، باغن ۽ ڪمند جي پوک سان ڍڪي پئي آهي[61]. اهڙن بيانن مان معلوم ٿي وڃي ٿو ته ڪمند سنڌ جو نفعي بخش فصل هو. موجوده دور ۾ کنڊ جي ڪارخانن تيار ٿيڻ ڪري هي فصل نقد رقم وارو فصل ٿي ويو آهي. ڪمند

جي گهٽي ايراضي پوک ٿيڻ ڪري ڪنڊ جي پيداوار گهٽي وڏي وئي آهي. باغن جي پيداوار ۾ ليمن ۽ انبن کي وڏيڪ اهميت هئي جن جي پيداوار بہ گهٽي هجي ٿي

اهي ڦل ملندا بہ سستا هئا. ٻيلا بہ وڏا ۽ جهجا هئا جن مان پارڻ ملي ويندو هو. هنن ٻيلن مان قيمتي شيون ۽ ٻوٽيون ملنديون هيون جيڪي دوائن طور ڪم ايندڙيون هيون ۽ وچ اوپر ڏانهن برآمد ڪيون وينديون هيون. ان ڪان سواءِ نير، زعفران، ووڻ ۽ چانور بہ سنڌ ۾ جهجا ٿيندا هئا. عرب جاگرافيدانن سنڌ ۾ انگورن، صوفن، ڪارڪن، اکروٽن نہ ٿيڻ جي شڪايت ضرور ڪئي آهي. پر انب ۽ ليما جهجا هئا ۽ ڏاڍا سستا هئا.

اناج بہ ڏاڍو سستو هو[62]. البشاري المقدسي جو بيان آهي تہ اناج جا ٽيهہ مڻ هڪ درهم ۾ ملندا هئا جو شايد وڌاءُ آهي. سندس هي بہ چوڻ آهي تہ ڪليءَ بازار مان هڪ درهم ۾ ماکي جا ٽي مڻ ملندا هئا[63].

## صنعت:

معلوم ائين ٿي رهيو آهي، تہ عرب دور ۾ ڪمند سان لاڳاپيل صنعت سنڌ ۾ موجود هئي. هن ڪان سواءِ ٻي صنعت ڪپڙي جي هئي جنهن مان ملڪي ضرورت ڪانپوءِ اضافي ڪپڙو ٻاهرين ملڪن ڏانهن بہ موڪليو ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي هر گهر ۾ ڪپهہ ڪتڻ جي مقصد سان ائٽ هوندو هو. ان ڪان پوءِ ڪپهہ جو اهوائٽ اولهہ ايشيا ۽ يورپ ۾ متعارف ڪرايو ويو هو. جنهن کي عرب ناراهہ سڏيندا هئا. اسپين وارا وري هن کي نوريا چوندا هئا[64]. ان ڪان سواءِ سنڌ ڪاٺ جي وڏين صندوقن ناهڻ ۾ بہ مشهور هئي، جن ۾ خوشبودار جڙي ٻوٽيون ۽ ڪاٺ (Costus) رکي عرب دنيا ڏانهن موڪليو ويو هو. هي صندوقون ايتريون وڏيون هونديون هيون جو هڪ صندوق ۾ اٺ سو مڻ خوشبودار جڙي ٻوٽيون ۽ خوشبودار ڪاٺ (Costus) رکي سگهبو هو.

هن ڪان سواءِ سنڌ ۾ تلوارن ناهڻ جي بہ صنعت موجود هئي جن مان هڪ منصوره ۾ ٻي ديبل ۾ قائم هئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌو ماتريءَ جا اهي بہ وڏا شهر هئا. هي تلوارون ڏاڍيون تکيون ۽ جاندار هيون تنهن ڪري ڏاڍيون مشهور هيون[65]. هتي ٿامي جي واهپي جون شيون بہ جڙنديون هيون. اهڙين شين جي وڪري لاءِ سنڌ جي شهرن ۾ جدا بازارون هونديون هيون[66]. سنڌ اندر عاج

جي شين جو عام استعمال هوندو هو. هي شيون ڏات ۽ ڏانءَ سان ناهيون وينديون هيون. انگريزن جي فتح کان اڳ هن صنعت ۾ حيدرآباد، هالا ۽ شڪارپور گهڻو مشهور هئا. هيءَ صنعت سنڌ جي ڏوراهن شهرن ۾ اجا بہ موجود آهي.

## واپار ۽ تجارت:

عربن جا عراق ۽ شام سان رابطا موجود هئا. تنهن ڪري واپار ۽ تجارت کي ڏاڍي ترقي ملي. اهڙي تجارت قافلن وسيلي هلي هئي. اهڙيءَ ريت اوڀر ۽ اولهہ جي وچ ۾ تجارتي ڏيتي ليتي شروع ٿي وئي هئي. اهڙيءَ تجارت ۾ Costus، تلوار، زعفران، نير ۽ ٿامي جون تيار شيون ۽ اناج شامل هو[67]. هن شين جي عرب دنيا ۾ گهڻي طلب هئي. اهڙيءَ ريت ايريو، سنڌل، گرم مصالح، عطر، خوشبودار شيون ۽ ريشم ڏور اوڀر ۽ هندستان مان گهرايو ويندو هو.

عرب دنيا ۽ سنڌ جي وچ ۾ هلندڙ تجارت وارو رستو مڪران جي ساموندي پٽيءَ سان گذرندو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ هي بين القوامي تجارتي رستو هو، جنهن وسيلي مختلف مذهبن جا ماڻهو سنڌوءَ ۽ فرات ماٿرين وچ ۾ واپاري آند نيد جي ڏنڌي سان واڳل هئا. هن تجارتي رستي سان بيهہ (Bch(gch)، بند (Band)، قصر قند (Qasar Qand)، ڪز،Kiz ڪيز (Kez (Kech)، قنز بار (Qanz bar)(پنگور)، ارمائيل (Araman Bala) (Armail)، ديبل، نيرون (حيدرآباد) منصوره، اروڙ ۽ ملتان نالي منزلون هيون[68]. هن کان سواءِ ٻيو تجارتي رستو ايران جي فهراج شهر کان شروع ٿيندو هو جيڪو اتر - اولهہ بلوچستان جي قلات، خضدار، گنداوا ۽ ملتان کي ڳنڍيندو هو. هڪ اهڙو بہ تجارتي رستو هو جيڪو خضدار ۽ سيوهڻ کي ملائيندو هو، جيڪو منصوره جي سامهون ۽ دريا جي ساڄي ڪناري سان واقع هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ ماٿري جو اڪيلو ساموندي بندر ديبل هو. جنهن وسيلي اوڀر ملبار تائين ۽ اولهہ، عرب ملڪن تائين واپار هلندو هو. هن ساموندي رستي کان سواءِ هڪ خشڪ رستو هو جيڪو سنڌ جي شهرن کي گجرات ۽ ڪانياواڙ جي شهرن سان ملائيندو هو[69]. چيو ويندو آهي تہ گجرات جي راجا وليراءِ پنهنجي ملڪ ۾ عربن کي واپاري وسنديون قائم ڪرڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي هئي، ۽ عربن سان

سندس سنو رويو هوندو هو. عربن هن ملڪ ۾ مسجدون تعمير ڪري ورتيون هيون ۽ ڪين تبليغ ڪرڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي هئي[70].

## تجارتي رستن جا فاصلا:

عرب جاگرافي دانن جا بيان ڪيل فاصلا جيڪڏهن صحيح نہ آهن تہ گهڻو غلط بہ نہ آهن. مختلف شهرن جو طرف ۽ واقع هجڻ وارو ماڳ ڏيکاري ٿاڪ ۽ ويڪرائي ٿاڪ ۽ فاصلن جون ماپون هڪ مجموعي قسم جي نشان جي معلومات ڏين ٿيون، جنهن وسيلي اهڙن ماڳن جي سڃاڻ تي وڃي ٿي جيڪي هاڻي دڙن جي شڪل ۾ موجود آهن. انهن مان ڪي ماڳ اهڙا بہ آهن جن کي وقت جي ظالم هٿن ڌرتيءَ جي مٽاڇري کان ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو آهي. ايتري قدر جو هاڻي جاگرافيدان اهو بہ ٻڌائي ڪونہ ٿا سگهن تہ مختلف ماڳن وچ ۾ ڪيترو فاصلو هو. تنهن ڪري ٻڌايل فاصلي کي ڏسي اهو يقين ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي. هڪ ڪان ٻئي پراڻي شهر تائين ڪيترو فاصلو ٿي سگهي ٿو. تيز Tiz (موجوده ڪيچ مڪران) کان ارمائيل تائين وچ تي فقط هڪ منزل ڪرٽي پوندي هئي. ڪيچ ۽ ارمن ٻيلي جي وچ تي ڇهن منزلن جيترو فاصلو هو جيڪو ٻاهتر ميلن جي برابر هو. ارمن ٻيلي (هاٿوڪي لسي ٻيلي) کان ديبل تائين بہ ڇهن منزلن جيترو پنڌ هو. اهڙي ريت ڪيچ ۽ ديبل جي وچ وارو مفاصلو 142 ميل ٿئي ٿو[71]. پر اهو غلط آهي جڏهن تہ موجوده دور جي ماپ مطابق ڪيچ ۽ ديبل واري امڪاني ماڳن جي وچ وارو فاصلو 350 ميل آهي. ديرڪ (Dirak) کان تيز ويندڙ تجارتي رستي فاصلو ڇهہ منزلون ۽ قنزبور کان تيز تائين ٽي منزلون ۽ توران جي راڄڌاني قضدار کان ملتان تائين ويهہ منزلون هو. جڏهن تہ گنداوا (قندابيل) تائين پنج منزلون ۽ عرب راڄڌاني منصوره کان تيرهن منزلون هو[72].

جيتري قدر سنڌ جي مختلف ماڳن وچ ۾ فاصلي جو تعلق آهي تہ ديبل کان منصوره تائين ڇهن منزلن ۽ منصوره کان ملتان تائين ٻارهن منزلن جيترو پنڌ هو. هي تجارتي رستي منجاباري، نيرون، منصوره، ڪلري، بلڙي، اروڙ، باسمد ۽ ملتان نالي ماڳ واقع هئا. ديبل ۽ نيرون جي وچ ۾ فاصلو چئن منزلن جهڙو ۽ اتان کان منصوره تائين ٻن منزلن جيترو پنڌ هو. جڏهن تہ سارو فاصلو

ڇهه منزلون هو. منصوره کان ڪلري هڪ ڏينهن جو پنڌ ۽ اتان کان اتري (Attari) کان ٻه منزلون امان ۽ اتان کان اروڙ تائين چار منزلون اتان کان باسمد تائين ٽي منزلون ۽ اتان کان ملتان ٻه منزلون پري هو. بلڙي جو شهر ڪلري کان چئن ڏينهن جيتري پنڌ تي هو. عرب حڪمران جي رهائش گاهه وارو شهر بانيه، منصوره کان هڪ ڏينهن جي پنڌ جيترو پري هو. سنڌ ۽ گجرات جو تجارتي رستو قامهل (Qamhel) وچان گذرندو هو جتان منصوره اٺ منزلون پري هو. قامهل کان ڪامبي (Cambay) تائين ڇهن منزلن، ڪامبي کان سوبارا (Ssobarah) چئن ڏينهن ۽ ڪامبي کان ڪيچ جي سندان تائين پنجن ڏينهن جيترو فاصلو هو[73].

عرب جاگرافيدانن جي بيانن مان پتو پوي ٿو تہ فاصلو ڏينهن ۾ ڪيل سفر جي حساب سان ڪٿيو ويندو هو. جنهن مان هاڻي پتو پوي ٿو تہ اهو ٻارهن ميلن جيترو فاصلو هو. پر قافلا هڪ ڏينهن ۾ ڪو منفرد ماپ جيترو پنڌ ڪونہ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن تورو ڪڏهن گهڻو فاصلو طئي ڪري ويندا هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ ڪڏهن هڪ ڏينهن اندر ويهه پنڌ بہ ڪري ويندا هئا. ادريسي اڳ ۾ آيل جاگرافيدان سان هن ڳالهه ۾ سهمت آهي تہ منصوره کان ڪلري تائين هڪ ڏينهن جو پنڌ هو. پر ٻڌائي ٿو تہ اهي ٻئي شهر هڪ ٻئي کان چاليهہ ميل پري هئا. هن ڳالهه مان معلوم ٿي وجي ٿو تہ ڪي قافلا هڪ ڏينهن ۾ چاليهہ ميل سفر ڪري سگهندا هئا. اسطخري جو چوڻ آهي تہ منصوره ۽ نيرون جي وچ ۾ ٻن منزلن جيترو پنڌ آهي. پر ان بابت ادريسيءَ جو خيال مختلف آهي. سندس بيان آهي تہ هنن ٻني شهرن جي وچ ۾ ٽن منزلن جو فاصلو آهي.

جيڪڏهن اسان في ڏينهن جو سفر چاليهہ ٻڌنداسون تہ منصوره کان نيرون 80 کان 120 ميل پري بيهي ٿو. پر اهو فاصلو صحيح ڪونہ آهي. ساڳئي حساب سان منصوره کان ديبل جو فاصلو 240 ميل ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ اهي ٻئي شهر هڪ ٻئي کان ڇهہ منزلون پري هئا. موجوده دور جو في ڏينهن ٻارهن فاصلو بہ هن مسئلي کي حل ڪري ڪونہ ٿو سگهي[74]. چاڪاڻ تہ ان حساب سان منصوره ۽ نيرون جي وچ وارو فاصلو ڇٽيهہ ميل ٿئي ٿو. جڏهن تہ حيدرآباد (نيرون ڪوٽ) ۽ دلور جو ڀڙو (منصوره جو امڪاني ماڳ) هڪ ٻئي کان 47 ميل پري آهن. هن مفاصلي ۾ ابوالفدا جو ٻڌايل فاصلو وڌيڪ

مناسب معلوم ٿئي ٿو. ايم. آر. هيگ جو بيان آهي تہ موجوده دور ۾ انگريز عملدار نصرپور کان ٽن ڏينهن ۾ سفر طئي ڪري سگهن ٿا، جيڪو في ڏينهن 16 کان 17 ميل بيهي ٿو[75].

## چوپايو مال:

عرب جانورن جي پالڻ جي سائنس ۽ ٽيڪنڪ ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي نٽدي ڪنڌ ۾ موجود لٽريچر جي ذريعي هتي جي جانورن کان چڱيءَ ريت واقف هئا. هنن ماڻهن جانورن جي فطرت ۽ جسم ۾ بيمارين جو مطالعو ڪيو هو، تنهنڪري هو بيمار جانور جو چڱيءَ ريت علاج ڪري سگهندا هئا. عرب جانورن ڪي ائين پالڻ لڳا هئا جيئن موجوده دور جا ٻهراڙي جا ماڻهن چوپايو مال ڌاريندا آهن. پر وڏيڪ دلچسپي پنهنجي رڻ جي ساٿي اٺ ۽ جنگ جي گهوڙي ۾ وٺندا هئا. سنڌ جي ٻن ٿوهن واري بختي اٺ کي عرب وڏيڪ پسند ڪندا هئا[76]. اٺ جي هيءَ جنس ڏاڍي خوبصورت ۽ خاصتين ۽ خصلتن ۾ بہ عمدي هئي. هن کان سواءِ عربن هاٿين کي بہ ڌارڻ شروع ڪيو هو. جيڪي هندستان مان گهرايا ويندا هوندا يا هندستان جي راجائن تي حملا ڪري هٿ ڪيا ويندا هوندا.

هن جانور کي جنگ ۾ هراول دستي طور رکيو ويندو هو جيڪي دشمن تي حملو ڪري ان کي منتشر ڪري ڇڏيندا هئا. چيو ويندو آهي، تہ منصوره جو حاڪم هاٿين جي باقاعده ڪُڙهہ رکندو هو. المسعودي جي بيان مطالق انهن هاٿين جو تعداد اسي هو[77]. ان کان سواءِ عرب ماهيي مال ۾ بہ دلچسپي وٺندا هئا، جيڪو اڄ بہ سنڌ جو هڪ عام گهرو جانور آهي. هن قسم جو جانور درياءَ ۾ يا اٿل جي پاڻيءَ وارن تلاون ۾ پيو سارو ڏينهن ترڳندو هو. تنهنڪري عرب سنڌو درياءَ کي ماءُ الجواميس جي نالي سان سڏيندا هئا جنهن جي معنيٰ آهي مينهن جو درياءَ[78].

اهڙيءَ ريت عربن مرغي خانا بہ کوليا هئا. هتي بي شمار ڪڪڙيون پاليون وينديون هيون. اهي ڪڪڙيون عراق بہ موڪليون وينديون هيون، جيڪي في درهم ۾ چوويهہ ملنديون هيون. اهي ڳائي مال جي خالص جنس جو گهڻو خيال رکندا هئا. ان ڪري هتي ڳائي مال جي ڪوس تي پابندي وڌل هئي.

حجاج بن يوسف ڳائي مال جي ڪوس تي پابندي هٽي هن چوپائي مال کي ختم ٿي وڃڻ کان بچائي ورتو هو[79].

## لباس، رسمون ۽ هلت چلت:

سنڌ جا ماڻهو عرب فاتحن سان رلي ملي ويا هئا سندن لباس عربن وارو هو. هنن جو رسمون ۽ هلت چلت بہ عربن جهڙي ٿي وئي هئي. هن دور ۾ عرب جاگرافيدان سدائين ٻيا ايندا هئا جن جو چوڻ آهي تہ سنڌي عراقين جهڙو يا پر وارن مسلمان ملڪن جي ماڻهن جهڙو لباس پائيندا آهن. پر حاڪمن جو لباس وري هتي کان ٻيو هو جيڪي پر وارن هندو راجائن جهڙو لباس اوڍيندا هئا. ليڪن خاص ڪري ڪڙتي ۽ وارن ۾ انهن سان هڪ جهڙائي رکندا هئا[80]. هن مان اهو معلوم ٿي وڃي ٿو تہ سنڌ جي رسم رواج ۽ ثقافت گهڻو اثر ڪيو هو ۽ انهن هندن جون ڪيتريون رسمون اختيار ڪري ورتيون هيون. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هتان جي هندن ۽ علمائن جو لباس هڪ جهڙو هو. سنڌو ماتريءَ جي لاڙ واري حصي ۾ گرمي تمام گهڻي هئي. تنهن ڪري ڪڙتو يا پهراڻ وڌيڪ پسند ڪيو ويندو هو، جيڪو سنڌين جي لباس جو حصو هو. واپاري عراق ۽ ايران جي واپارين وانگي چولو، ڊگهو چولو يا چوغو ڍڪيندا هئا[81].

ڪڙتو ۽ ڪائنچ سنڌ جو عام لباس هو. ادريسي ٻارهين صدي عيسوي ۾ سنڌ آيو هو جنهن پنهنجي تصنيف ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ سنڌ جي عام ماڻهوءَ جو لباس اهو آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ منصوره جي حاڪم جا هندو راجائن وانگي وار ڊگها آهن ۽ هو هندن جيان ڪنن ۾ والا پائيندو آهي[82]. ملتان ۽ منصوره جي حڪمرانن کي مسلمان امير ۽ هندو مهاراجا سڏايندا آهن[83].

سنڌ جي ماڻهن لاءِ چيو ويندو هو تہ اهي سخي، مهمان نواز ۽ بااخلاق آهن، جيڪي مذهب جا سخت پابند آهن. البشاري المقدسي 375هہ /986ع دوران سنڌ آيو هو. سندس چوڻ آهي تہ سنڌ اندر ڪوبہ مذهبي فرقو موجود ڪونہ آهي. هتان جا مسلمان حنفي فرقي سان تعلق رکن ٿا[84]. اهڙي ساڳي ڳالهہ ياقوت الحموي بہ ڪئي آهي. سندس بيان آهي تہ وڏا عالم ۽ فقيہ منصوره ۾ رهندا آهن. انهن مان هڪ وڏو عالم ابو محمد المنصوري آهي جيڪو دائودي مسلمانن جي سني فرقي جو اڳواڻ آهي[85]. سنڌ جا ماڻهو مذهبي

آهن جيڪي ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندا آهن ۽ ڏيتي ليتي ۾ پختا ۽ سچا آهن. شراب ۽ زنا کان پاسو ڪندا آهن. هنن مان گهڻا عرب آهن جيڪي پڙهيل ۽ ڏاڍا هوشيار آهن. اهي ڏاڍا سخي ۽ مهمان نواز آهن ۽ غريبن ڪنگالن جي گهڻي واهر ڪندا آهن. عورتن کي گهڻي عزت ڏني ويندي آهي، جيڪي بي پردگي ۾ گهمڻ ڦرڻ کان پرهيز ڪنديون آهن. البشاري جو چوڻ آهي تہ هو جيترو وقت منصوره ۾ رهيو تہ هن ڪنهن بہ عورت کي گهر کان ٻاهر ڪونہ ڏٺو هو[86]. غيرمسلمان گهڻو ڪري ٻڌ آهن جيڪي بت پرست آهن ۽ ٻڌ جي مورتي جي پوڄا ڪندا آهن، پر ڪي ٻيا ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي پاڻي، ستارن ۽ باهہ جي پوڄا ڪندا آهن. سنڌي هندو ڏاڍا سيبتا ۽ ڪرا آهي جيڪي عرب واپارين جو ليکو چوکو سنڀاليندا آهن. اهو بہ چيو ويندو هو تہ، عراق جي مشهور شهرن جي عرب واپارين جا خزانچي سنڌي هئا[87]. اهڙو ڪو مثال موجود ڪونہ آهي جو انهن پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ بد ديانتي ڪئي هجي يا پنهنجي مالڪ جي پئسن ۾ ڪپت ڪئي هجي.

## سنڌ ۾ عرب تعميرات:

عربن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. ان عرصي دوران سنڌن تعميراتي ڪم گهٽ بلڪ نہ جهڙا آهن. جيڪي اسلام اچڻ کان پوءِ بت پرست ڪو نہ رهيا هئا پر تعميراتي ڪمن جا ماهر ضرور هئا. هنن اهڙي فن جو شام، مصر ۽ اسپين ۾ وڏو مظاهرو ڪيو هو، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ اهي تعميراتي ڪمن جي خوبصورتي کان چڱيءَ ريت واقف هئا. هنن نہ رڳو قديم فن کي زنده رکيو هو پر ان دور جي تعميراتي فن کي بہ اڳتي وڌايو هو. اهڙي ريت انساني تهذيب ۾ هنن جو ڪردار بي مثال هو. اميہ دور جو تعميراتي فن نہ رڳو لاثاني هو پر ان وچين دور جي سڄي دنيا ۾ هن جو مٽ مقابلي جو ڪونہ هو. اهو معلوم ٿي رهيو آهي تہ عربن، يوناني ۽ رومي فن تعمير جو نقل ڪيو هو. پر ڪي مثال اهڙا بہ آهن جن ۾ پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ بہ ڏيکاريو هو جيڪو اڄ بہ اپيٽ جهڙي عرب علائقي ۽ پرپاسي ۾ موجود آهي. اهڙي ريت پيٽر (Petra) شهر جي خوبصورتي ان جو هڪ مثال آهي. چاڪاڻ تہ جبل کي ڪوٽي عبادتگاهون، رهائشگاهہ، توشاخانہ، حرم، ڪائونسل هال ۽ شاهي دربار جهڙيون وسيع جايون ناهيون ويون آهن. سنڌن ڪاريگريءَ جو اهڙو عمدو مثال سموري اولهہ ايشيا ۾ ڪونہ ملندو.

هندستان جا اجنتا ۽ ايلورا وارا جبلن ۾ اڪيريل غار متي بيان ڪيل ڪاريگري سان پيتائي سگهجن ٿا ۽ ايلورا ۾ بيتر ۾ هڪ واضح فرق اهو آهي جو ايلورا ۾ پٿر تي نازڪ ۽ نفيس گُل ڪاري موجود ڪانهي.

ان ڪان سواءِ يمن جا قديم ڪنڊر آهن جيڪي عربن جي ذات ۽ ڏانءَ جا ناقابل ترديد تهذيبي نشان آهن. سندن ڪمال ڪاريگري مان ائين لڳي رهيو آهي تہ هو پنهنجي هنر ۽ فن ۾ يڪتائي روزگار هئا جنهن ڪي اتر جو ڪنهن بہ قسم جو اثر محسوس ڪونہ ٿو ٿئي. امڪان آهي تہ قديم دور ۾ يمن ۽ شام وچ ۾ تجارتي ناتا رابطا هئا، تنهنڪري يمن ۾ ڏکڻ عربستان جي بين ماڳن ڪي ترقي ڪرڻ جا موقعا ملي ويا هوندا. هن ڪان سواءِ صنعا پرسان معارب نالي هڪ ڍير نهيل آهي جيڪو سمنڊ جي سطح ڪان 3900 فوٽ متي آهي. هي انجنئيرنگ جو ڪم عربستان ۾ گهڻي شهرت رکي ٿو. ٻي هڪ عجيب غريب تعمير غمدان جو قلعو آهي جيڪو يمن ۾ همورابي دور جي تعمير آهي. هن قلعي ڪي عربي ادب ۾ هڪ لاثاني حيثيت حاصل آهي. هن قلعي ڪي وچين دور ۾ همداني بہ ڏوري اچي ڏٺو هو. چيو وڃي ٿو تہ هي ويهہ ماڙ قلعو آهي جنهن جي هڪ ماڙي ڏهہ پُرهہ (ڏهہ هٿ) متي هجڻ ۽ سڀ ڪان متين ماڙي جي ڇت ايتري شفاف هئي جو وقت جو حڪمرانن هلندي دربار دوران متي نهاري ڪانو ۽ سرڻ ۾ فرق ڪري سگهندو هو.

اسلام جي ظهور ڪان پوءِ عربن تعميراتي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي ۽ شام، عراق ۽ مصر ۾ شاندار عمارتون جوڙايون هيون. اهڙي ريت دمشق واري مسجد، جبل وارو قبو، Madinah Sanctuary ۽ مسجد اقصيٰ بني اميہ دور جون شاهڪار تعميرات آهن. عين التعمير ويجهو شاهي بني اميہ جي رهائشگاهہ واري عمارت الاخيادر، اردن واري مشطا، سمنڊ جي پر ۾ واقع قصر امار واري عمارت بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن ۽ تعمير جي نئين فن سان واسطو رکن ٿيون. جن ۾ رومي - عرب فن جو امتزاج نظر ايندو. اهڙيءَ ريت مصر ۾ فسطات، اتر آفريڪا ۾ ڪئراوان ۽ اسپين ۾ ڪورڊووا واريون مسجدون بہ شاندار تعمير جو مثال آهن. عراق ۾ ڪوفي ۽ بصري ۾ توڙي ٻين شهرن جون خوبصورت عمارتون عرب فن تعمير جون بي مثالي روايتون آهن. مسجدن جون جايون عرب فن تعمير جو هڪ نادر نمونو هو جيڪو سنڌ ۽ ٻين مفتوح علائقن ۾ موجود آهي.

سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم ثقفي لاءِ چيو ويندو آهي، تہ هن سنڌ ۾ ڪجهہ مسجدون جوڙايون هيون. هن پهرين مسجد ديبل ۾ تعمير ڪرائي هئي جڏهن هن 4000 عربن کي آباد ڪيو هو جنهن ۾ مندر جو ڪجهہ حصو بہ شامل ڪيو ويو هو[88]. ديبل وارو قديم ماڳ اجا تائين لڌو ڪونہ ويو آهي. تنهنڪري پڪ سان چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ سنڌ جي هن فاتح مذڪوره مسجد جو بنياد ڪهڙي طرز تعمير مطابق رکيو هو. ڀنڀور واري مسجد کي غلطيءَ وچان ديبل جي مسجد سمجهيو ويو هو. پر هن مسجد جي طرز تعمير مان پتو پوي ٿو تہ ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. ان ڪان سواءِ ايتري ڪشادي ڪونہ آهي جنهن ۾ ديبل ۾ آباد ڪيل 4000 عرب ماپي سگهن. ديبل جي عروج واري زماني ۾ جڏهن اوير ۽ اولهہ جو تجارتي مال هتان چڙهندو ۽ لهندو هو، تڏهن هن شهر جي آدمشماري 300000 (ٽي لک) هئي[89]. تنهنڪري هي ڳالهہ ويساهہ جوڳي ڪا نہ آهي تہ هي مسجد ديبل واري هوندي، جنهن ۾ نماز پڙهڻ لاءِ پنج سو ماڻهو بہ ماپي ڪونہ سگهندا. ٻي مسجد اروڙ ۾ تعمير ڪئي وئي هئي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها اجا بہ موجود آهي. اهڙي رپورٽ باب الاسلام واري ڏينهن تي پاڪستان جي هر اخبار ۾ آئي هئي. سنڌ ۾ رهڻ دوران عربن ڪيترا شهر ۽ قلعا بہ جوڙايا هئا . المحفوظہ وارو قلعو حڪم بن عوانہ الڪلبي ۽ منصوره وارو عمرو بن محمد بن قاسم تعمير ڪرايو هو. جڏهن بيضا (Bayda) واري شهر جو بنياد عمران بن موسيٰ برمڪي رکيو هو ۽ بانيہ (Baniyah) شهر جو بنياد منصوره جي هباري خاندان جي حڪمران رکيو هو. اتفاق جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي سيئي شهر ڦٽا ۽ پڙ ڀانگ لڳا پيا آهن. تنهن ڪري انهن لاءِ حتمي طور ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن دلور واري پڙي جي بنيادن جو چڱيءَ ريت جائزو ونبو تہ اهو معلوم ٿي ويندو تہ هن تعمير جا بنياد ڏاڍا مضبوط ۽ منصوبہ بندي سان رکيا ويا هئا ۽ اهو بہ سمجهيو پيو وڃي تہ، اهو پڙو منصوره جو آهي. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سڀ جڳهيون پراءِ وجهي مٽي جي دڙي تي ٺاهيون ويون آهن ۽ انهن جا بنياد اڏائي فوٽن ڪان پوٽا پنج فوٽ ويڪرا آهن. شهر جي چوڌاري ڪوٽ جي پٽ بہ مضبوط ۽ ويڪري آهي. هي ڪوٽ بہ داڙا ڦاڙا ٿي ويو آهي. پر پوءِ اچ بہ ان مٿان موجوده دور جون گاڏيون گذري سگهن ٿيون. ليڪن هن مسجد جي تعمير

۾ وڏيڪ اهم جامع مسجد جي مناري جي بناوت آهي[90]. هن جي اصل تعمير ته پڇي پور تي وئي آهي پر پوءِ بہ مناري جي ايراضيءَ اندر وڏيڪ اهم ۽ پرڪشش آهي. هن مناري جي اوساريءَ ۾ ڪم آندل سرون ننڍڙيون ۽ سنهڙيون آهن. ميناري جي چوٽيءَ تائين ڏاڪڻ جوڙيل هئي جنهن جي تعمير ۾ رازن پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ جا اصلي جوهر ڏيکاريا آهن. هي مسلمانن جي وچين دور جي تعميري خوبصورتيءَ جو هڪ مثال آهي.

البشاري المقدسي 375 هـ ڌاري سنڌ ۾ آيو هو جنهن سنڌ جي عرب راڄڌاني منصوره جي جڳهين ۽ جامع مسجد جو احوال قلمبند ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ هي مسجد ڪشادي ۽ پڪين سرن جي ٺهيل آهي جنهن جي اوساري ۾ گارو ۽ چونو ڪتب آندو ويو آهي. ڪيس چار وڏا دروازا آهن جيڪي اتر، اولهہ، ڏکڻ ۽ اوپر ڪان آهن. جن مان هڪ جو باب ملتان، ٻئي جو باب البحر، ٽئين جو باب سندان ۽ چوٿين جو باب توران نالو آهي[91]. پر اڄ منصوره ۽ بانيہ شهرن جو نالو نشان بہ موجود ڪو نہ آهي. بيضا شهر جو بہ ساڳيو حال آهي جيڪو ٻڌ جي علائقي ۾ ٺهرايو ويو هو.

عباسي دور جي هڪ گورنر بيضا نالي شهر جو بنياد رکيو هو. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن سنڌ ۾ اتر اولهہ واري علائقي ۾ هڪ پل ۽ ڏکھو رستو بہ تعمير ڪرايو هو. ان پل کي سـ ڪرالميد جي نالي سان سڏيندا هئا[92]. هن پل جي تعمير جو مقصد اتر اوڀر بلوچستان جي ميدن ۽ جتن جي بغاوتن تي قبضو ڪرڻو هو، جي سنڌ جي پرامن علائقي ۾ اچي ڌاڙا ۽ ڦريون ڪندا هئا. سنڌ جي ٻئي گورنر عنبس بن اسحاق الاعبتي جنهن ديبل جي مندر کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي تاريخ ۾ قيدخاني جو اهو پهريون مثال آهي. هن جيل ۾ عباسين جا سياسي مخالف ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو رکيل هئا، جتي عدالتي معاملا پڻ هلندا هئا. هي عباسي خليفي المعتصم باالله جو زمانو هو. عباسي خاندان جو هي آخري خليفو هو جنهن سنڌ جي حالتن تي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ابو تراب نالي هڪ درويش مجاهد جي قبر ۽ ان مٿان مزار آهي. ڪن عالمن جو خيال اهي تہ اهو ماڻهو اسلام جي ابتدائي دور سان واسطو رکندو هو.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) ڪتاب الاغاني، جلد 1، ص 43.

(2) عربن جي ادبي تاريخ، نڪلسن، ص 241.

(3) ڪتاب الاغاني، جلد 13، ص 148.

(4) ايضاً، جلد 19، ص 34.

(5) وفيات العيون، جلد 1، ص 294، 295.

(6) فتوح البلدان، ص 446، ڪامل، جلد 4، ص 282.

(7) فتوح البلدان، ص 448.

(8) فتوح البلدان، ص 446، ڪامل في التاريخ، جلد 4،ص 282.

(9) فتوح البلدان، ص 448.

(10) ايضاً، ص 448.

(11) شعر و الشعراءِ، جلد 2، ص 746.

(12) ڪتاب الاغاني، جلد 16، ص 82.

(13) ديوان الحماسا، جلد 1، ص 372.

(14) آثار البلاد، ص 85.

(15) ڪتاب الاورق، ص 91.

(16) ڪتاب الانصاب (المقدسي)، ص 78.

(17) ايضاً، ص 77.

(18) مروج الذهب، جلد 4، ص 89.

(19) عربن جي تاريخ (هٽي)، ص 244.

(20) انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام، جلد 1، ص 40.

(21) وفيات العيون، جلد 2، ص 352.

(22) چچنامو، ص 352.

(23) معجم البلدان، ص 95، 96.

(24) عربن جي تاريخ، ص 573.

(25) عيون الانباءُ، جلد 2، ص 32، اخبار الحڪماءِ، ص 175، تذڪرة الحفاظ، جلد 1، ص 216، 217، ڪتاب الانساب(سمعاني)، ص 313.

(26) لسان الميزان، جلد 1، ص 272.
(27) الفهرست، ص 306.
(28) كتاب الانساب(سمعاني)، ص 543.
(29) ايضاً، ص 544.
(30) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(31) معجم البلدان، ص 118.
(32) الفهرست، ص 318، 319.
(33) كتاب الانساب(سمعاني)، ص 266.
(34) ايضاً، ص 137، 138.
(35) ايضاً، ص 237.
(36 ) تاريخ بغداد، جلد 7، ص 303، 304.
(37) ايضاً، جلد 12، ص 82.
(38) ايضاً، جلد 5، ص 113، 114.
(39) ايضاً، جلد 13، ص 333.
(40) كتاب الانساب (سمعاني)، ص 237.
(41) لسان الميزان، جلد 6، ص 238، تذكرة الحفاظ، جلد 1، ص 168.
(42) تذكرة الحفاظ، جلد 1، ص 168، تهذيب التهذيب، جلد 6، ص 239.
(43) وفيات العيون، جلد 1، ص 342.
(44) كتاب الانساب (سعماني)، ص 53.
(45) تذكرة الحفاظ، جلد 1، ص 216، تاريخ بغداد، جلد 13، ص 428.
(46) ايضاً، ص 216، 428 جيئن متي بيان ٿيل آهي.
(47) تذكرة الحفاظ، جلد 1، ص 216، تاريخ بغداد، جلد 13، ص 428.
(48) اخبار الرسل و الملوڪ، جلد 2، (3)، ص 1407، تاريخ بغداد، جلد 13، ص 427، 431، تذڪرة الحفاظ، جلد 1، ص 216، 217، ڪتاب الانساب (سمعاني)، ص 313، ڪتاب الانساب (مقدسي)، ص 77.
(49) ڪتاب الانساب (مقدسي)، ص 77.
(50) تذڪرة الحفاظ، جلد 2، ص 59.
(51) وفيات العيون، جلد 1، ص 429، 430.

(52) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 177، صورة الارض، ص 324.
(53) گزيٽيئر آف سنڌ (هيوز)، ص 133.
(54) انڊين ائنٽيڪئٽي، جلد 11، ص 92.
(55) ايضاً، ص 92.
(56) روزنامہ ڊان، تاريخ 18-6-1960ع.
(57) ڪتاب الهند، ص 82.
(58) پنهور، قديم آثارن جي چوويڙي، ص 3.
(59) الفهرست، ص 33.
(60) ايضاً، ص 34.
(61) مروج الذهب جلد، ص 142، المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 175، صورت الارض، ص 320.
(62) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 17 3، صورت الارض، ص320.
(63) احسن التقاسيم، ص 479.
(64) تفصيل لاءِ ڏسو، تاريخ تمدن سنڌ، ص 147.
(65) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(66) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 174.
(67) عجائب الهند، ص 3، مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(68) المسالڪ و الممالڪ، (اصطخري)، ص 179، نزهت المشتاق، ص 27.
(69) نزهت المشتاق، ص 28.
(70) المسالڪ و الممالڪ(اصطخري)، ص 176، صورت الارض، ص 320.
(71) مزحلا يا هڪ ڏينهن جو سفر چار فرسخ ۽ هڪ فرسخ ٽن ميلن برابر هو. بمطابق فرهنگ انٰندراج" جلد 3، ص 259.
(72) المسالڪ و الممالڪ(اصطخري)، ص 179.
(73) ايضاً، ص 179.
(74) فرهنگ انندراج، جلد 3، ص 259،
(75) جنرل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، جلد XVI، ص 284.
(76) المسالڪ و الممالڪ، ص 176.
(77) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.

(78) فتوح البلدان، ص 448.
(79) ڪتاب الهند، ص 277.
(80) المســالڪ و الممــالڪ، ص 176، صــورت الارض، ص 324، نزهــت المشتاق، ص 31.
(18) المسالڪ و الممالڪ، ص 177، صورت الارض، ص 324.
(82) نزهت المشتاق، ص 31.
(83) المسالڪ والممالڪ (اصطخري)، ص 177.
(84) احسن التقاسيم، ص 479.
(85) مجمع البلدان، جلد 4، ص 151.
(86) احسان التقاسيم، ص 480.
(87) فخر السودان (جاحظ)، ص 81.
(88) فتوح البلدان، ص 443.
(89) زلزلي ۾ ديبل جا 150000 ماڻهو مري ويا هئا. ڪامل جلد 7، ص 186، تاريخ الخلفاء، ص 254.
(90) سنڌ گزيٽيئر (هيوز)، ص 136.
(91) احسن التقاسيم، ص 480.
(92) فتوح البلدان، ص 450.

# عربي دور ۾ سنڌ جا شهر

نيرون - ديبل - اروڙ - سيوستان يا سيوهڻ -
بانيه - ڪلري - بلري - منجابري - انري -
برهمڻ آباد -

## باب چوڏهون

# عربي دور ۾ سنڌ جا شهر

عرب ليڪڪن سنڌ ۾ ڪيترن ئي شهرن جا نالا ڏنا آهن، جي سنڌن حملي وقت سنڌ ۾ موجود هئا. ديبل، راوڙ، برهمڻ آباد، سيوستان، اروڙ، نيرون، السڪه، ملتان وغيره ان وقت آباد ۽ خوشحال هئا. برهمڻ آباد ۽ راوڙ کان سواءِ، ٻيا شهر عربن جي سڄي دور ۾ جنهن جو عرصو ٽي سو سالن تائين رهيو، ساڳئي حال ۾ وسندڙ ۽ موجود هئا. راوڙ جو شهر سنڌ جي راجائن جي چانوڻي هئي ۽ جيئن ته ان جي آبهوا معتدل هئي، ان ڪري ان کي چانوڻي طور ڪم آندو ويندو هو ۽ ان ۾ فوج جا ماڻهوءَ ئي رهندا هئا. راوڙ جي مشهور ۽ فيصلہ ڪن جنگ کان پوءِ راجا ڏاهر جي باقي رهيل فوج انهيءَ ۾ پناهه ورتي هئي. پر عربن جي لشڪر انهن جا بنياد پيجي ڇڏيا ۽ هندو فوج جو قتلام ڪيو. عالم آشڪار آهي ته جيڪي به جنگ ڪندڙ ماڻهو اتي موجود هئا، انهن کي قتل ڪيو ويو ۽ انهن جي خاندان جي ماڻهن کي غلاميءَ ۾ سلهاڙيو ويو. ان کان پوءِ شهر کي بنياد کان ڪيرائي ميدان بنايو ويو. چانوڻي جي شهر جي ايتري تباهي کان پوءِ جنهن ۾ ان جي سڄي آبادي کي تلوار جو ڪاچ بنايو ويو هجي، وري سڌرڻ يا اوج وٺڻ ناممڪن هو. ان ڪري راوڙ جو نالو تاريخ تان ڇڻ ڪ گم ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه آيو.

برهمڻ آباد، جنهن لاءِ ٻڌايل آهي ته اهو سنڌ جي اونهاري واري موسم ۾ راڄڌاني هئي. ان جي بيهڪ اوپر سنڌ ۾ اهڙي هنڌ تي هئي، جنهن جي ٻئي طرف تر جو وارياسو هو. هاڪڙي درياءَ جي هڪ شاخ ان جي پرسان لنگهندي هئي، جنهن سبب اهو شهر ۽ ان جي آسپاس جي پسگردائي پوکن ۽ باغات سبب سائي ۽ آباد هئي. اهو شهر پڻ بلڪل تباه ڪيو ويو ۽ ان جي سڄي بادي کي غلامي جو ڳٽ وڌو ويو. انهيءَ شهر لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته عربن جي باهه ڪارين کان پوءِ به اهو شهر وري ڪجهه وقت لاءِ آباد ٿيو، پر اها ساڳيو وج نه وٺي سگهيو. چاڪاڻ ته محمد بن قاسم جي واپسي کان پوءِ وڳوڙ ۽ ڙاتفري جون حالتون قائم ٿي ويون هيون. راجا ڏاهر جو پٽ راجڪمار جيسين

(جئسين) جيڪو برهمڻ آباد جي فتح کان پوءِ چتور پهچي ويو هو، واپس سنڌ موٽي آيو ۽ اچڻ سان برهمڻ آباد کي فتح ڪيائين. هُن ڪافي عرصو برهمڻ آباد تي حڪومت ڪئي ۽ ملڪ جو ڪجھ حصو پنهنجي سياسي اثر هيٺ آندو. بنو اميه جي (خاندان) خليفي عمر ٻئي جي دور ۾ سنڌ جي عرب گورنر، جنيد بن عبدالرحمان ڪيس ڏوڪو ڏيئي قتل ڪيو. ان کان پوءِ جنيد برهمڻ آباد جي شهر تي ٻيهر حملو ڪري ان جو ڪجھ حصو ڊاهي ڇڏيو ۽ باقي کي باهه ڏياري ساڙائي ڇڏيائين. ان وقت جي جنگ جو اهو طريقو هو ته جتي به ڪنهن شهر جا ماڻهو پنهنجي آزادي لاءِ وڙهندا هئا، يا شهر جو بچاءَ ڪندا هئا ته ان شهر جي قلعي کي بنياد کان ڊهرائي، اتي جون جايون يا ته ڪيرائي پٽ ڪيون ويندبون هيون، يا ته وري ساڙائي خاڪ ڪيون وينديون هيون. اهو انهيءَ لاءِ ته ٻين شهرن جا ماڻهو سبق پرائين ۽ حملي ڪندڙ غنيم جي خلاف مقابلو ڪرڻ ترڪ ڪري ڇڏين. اها حقيقت سنڌ ۾ پوءِ جي ٿيندڙ واقعن مان ظاهر آهي. ٿورو وقت پوءِ جڏهن حڪم بن عوانه الڪلبي سنڌ ۾ آيو، تڏهن هُن سنڌ ۾ رهندڙ عرب قبيلن کي گڏ ڪرڻ لاءِ برهمڻ آباد جي پر ڀرئي منصوره جو شهر ٻڌايو. جو نه فقط عرب فوجن جو مرڪز بنجي ويو، پر بعد ۾ اهو عربن جي حڪومت جو تختگاهه پڻ ٿي رهيو. برهمڻ آباد جو ان وقت گهڻي قدر تباهه ٿي چڪو هو، منصوره جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ بلڪل ختم ٿي ويو ۽ وري اوج نه وٺي سگهيو. ليڪن ٻڌايو آهي ته منصوره جي نهڻ ۾ برهمڻ آباد جي تباه ٿيل شهر جو وڏو هٿ هو. چاڪاڻ ته سرون ۽ ٻيو سامان برهمڻ آباد مان ئي هٿ ڪيو ويو هو. باقي ماڻهو جيڪي برهمڻ آباد ۾ وڃي رهيا، انهن پڻ اهو مناسب سمجهيو ته برهمڻ آباد مان لڏي وڃجي. چاڪاڻ ته ماڻهن جو وڏو تعداد به دفعا قتل عام ٿيڻ سبب باقي ڪي ڇڏا پاڌا وڃي رهيا. منصوره جيئن ته هڪ تختگاهه جي حيثيت ۾ ابريو، ان ڪري برهمڻ آباد جو نالو نشان مٽجي ويو.

## نيرون:

عربن جي چوڻ موجب نيرون جو شهر سنڌ جي بندرگاه ديبل ۽ سنڌ جي تختگاهه منصوره جي وچ ۾ ٻڌل هو[1]. ياقوت حمويءَ انهيءَ شهر کي النيروز لکيو آهي[2]. جو دراصل فارسي لفظ نيمروز جو بگڙيل اچار ٿو ڏسجي. پوءِ اهو التيروز هو يا النيروز يا البيرون. ال جدا ڪرڻ سان خالص فارسي نالو آهي جو

پائنجي ٿو تہ انهيءَ شهر تي ساساني دور ۾ رکيو ويو. نيرون لاءِ اهو بہ ٻڌايل آهي تہ اهو شهر مهراڻ (سنڌو) درياءَ جي اوڀرندي ڪپ تي اڏيل هو ۽ منصوره ڏانهن ويندڙ رستو انهيءَ شهر جي پرسان هو. اهو شهر دراصل هڪ چوڪسي يا پتڻ مثل هو[3]، جتي ماڻهو سنڌ جي اندروني حصي ڏانهن وڃڻ لاءِ لنگهندا هئا. نيرون شهر جا جيڪي پار پتا بيان ڪيل آهن، انهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اهو شهر شاهوڪار هو ۽ ان جا ماڻهو خوشحال هئا. چچ نامي ۾ لکيل آهي تہ عربن جي حملي کان اڳ اتي هڪ ٻڌ شمني (پوڄاري) حڪومت ڪندو هو ۽ ديبل وٽ بديل بن طهفہ جي موت کان پوءِ هُن عراق جي وائسراءِ الحجاج بن يوسف ثقفي سان لکپڙهہ جاري رکي هئي[4]. عربن پنهنجي حملي وقت نيرون تي ڪابہ جلهہ وغيره ڪانہ ڪئي. چاڪاڻ تہ اتي جي ماڻهن محمد بن قاسم جي فوجن جي اچڻ وقت انهيءَ سان صلح ڪيو ۽ مقرر ڪيل ڏن ڏيڻ قبوليو هو. بلاذري جي انهيءَ ڏنل بيان جي تصديق اليعقوبي ۽ ڪانئس پوءِ الطبري ۽ پڻ ابن اثير بہ ڪئي آهي ۽ ابن خلدون بہ ساڳيو بيان پنهنجي تاريخ ۾ قلمبند ڪيو آهي[5]. چچ نامو جيڪو تمام پوءِ جو لکيل ڪتاب آهي ۽ فارسي ۾ تصنيف ڪيو ويو آهي، انهيءَ ۾ بہ ساڳي عبارت کي تفصيلوار بيان ڪيو ويو آهي[6]. سنڌ تي عربن جي حڪومت جي دور ۾ المسعودي، الاصطخري، ابن حوقل ۽ بشاري مقدسي وغيره نيرون گهمي ويا ۽ سيني جاگرافي دانن انهيءَ شهر کي ڳتيل ۽ ان جي پسگردائي کي آباد ٻڌايو آهي.

چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ نيرون هڪ ٽڪر تي ٺهيل هو ۽ ان جي پير ۾ هڪ وڏو تلاءُ يا ڍنڍ هئي، جا درياءَ سان ڳنڍيل هئي ۽ اتي محمد بن قاسم جي بحري ٻيڙي لنگر هنيو هو[7]. سر هينري ايليٽ نيرون جي شهر کي جهرڪ سان مشابهت ڏني آهي. ۽ ڍنڍ کي ڪلري سان. يعني ڪينجهر ڍنڍ[8]. پر ڪينجهر ڍنڍ، درياءَ سان ڪڏهن بہ ڳنڍيل ڪانہ هئي. ٻيو تہ سنڌ ۾ بيان ڪيل شهرن جي وچ ۾ جيڪو فاصلو ڏيکاريل آهي اهو پڻ جهرڪ شهر سان نہ ٿو ملي. نيرون جي ڪنهن بہ شهر سان جيڪڏهن ڪا مشابهت ڪرڻي آهي، تہ ان لاءِ ان وقت جي (سنڌ جي) مرڪزي شهر منصوره کي بہ ڌيان ۾ رکڻو پوندو. ساڳئي وقت سنڌ جي بندرگاه ديبل کان انهيءَ جو صحيح فاصلو بہ متعين ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ تہ عرب سپاهي، عالم، جاگرافر، واپاري، مسافر سيئي پهرين

ديبل ۾ ايندا هئا ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي تختگاهه منصوره ڏانهن وڃڻ لاءِ تياري ڪندا هئا ۽ وهٽ وغيره پاڙي تي ڪندا هئا. منصوره جي باري ۾ هاڻي اها متفق راءِ آهي تہ اهو شهر دلورجي پڙي واري پڊ تي نهيل هو. جو شهدادپور جي پر ۾ آهي. پر ديبل لاءِ اجا تائين ڪيترين ئي قياس آرايون ڪيو ويون آهن. ”پاڪستان جي ڪوٽائي واري کاتي“ وارن جو چوڻ آهي تہ ديبل جو شهر ”ڀنڀور وارن ڪنڊرن“ واري ايراضي تي ٻڌل هو[9]. پر اها دعويٰ، وچئين دور جي جاگرافي دانن جي ڏنل بيان جي بلڪل ابتڙ آهي.

الاصطخري جو چوڻ آهي تہ نيرون جو شهر ديبل ۽ منصوره جي وچ ۾ هو. پر ان جو فاصلو ديبل جي مقابلي ۾ منصوره طرف ڪي قدر گهٽ هو[10]. ابن حوقل بہ ساڳيو بيان دهرايو آهي. هن سنڌ جو هڪ نقشو پڻ ڏنو آهي جنهن ۾ نيرون جي شهر کي سنڌو درياءُ جي الهندي ڪپ تي ڏيکاريو ويو آهي[11]. الادريسي ٻڌائي ٿو تہ نيرون هڪ ننڍو شهر هو ۽ ماڻهو بہ منجهس گهٽ هئا. پر ان جو قلعو مضبوط ۽ طاقتور هو. ماڻهو سڪيا ستابا هئا ۽ ملڪ آباد هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ نيرون جو شهر، منصوره کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو[12]. پر ياقوت الحموي، نيرون کي منصوره ۽ ديبل جي وچ تي ٻڌايو آهي ۽ چوي ٿو تہ نيرون، ديبل کان پنجن ڏينهن جي فاصلي تي هو. نيرون جي بيهڪ هن 82 ڊگريون 20 منٽ ۽ 23 ڊگريون 30 منٽ تي ٻڌائي آهي[13]. جو ان وقت جاگرافي دانن طرفان مقرر ڪيل زمين جي ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ مطابق هو. وچئين دور ۾ دنيا جي ماپ ۽ حصن جو تخمينو ازين (اجين) کان ڪيو ويندو هو جو هندستان ۾ آهي. ان ڪري عرب جاگرافي جي ماهرن جو اهو قائم ڪيل اسڪيل هاڻوڪي گرين وچ واري اسڪيل کان بلڪل مختلف آهي. وچئين دور جي ماهرن جي قائم ڪيل راءِ مان ظاهر آهي تہ نيرون ۾ جيتوڻيڪ وٽڪاري گهٽ هئي ان هوندي بہ اهو نهايت ئي آباد ماحول جي وچ ۾ نهيل هو. الادريسي ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي ٻين قديم شهرن وانگر نيرون پنهنجي اڳوڻي شهرت وڃائي رهيو هو. چاڪاڻ تہ ڪيترائي ٻيا نوان شهر جهڙوڪ: بکر، سيوهڻ، ٺٽو وغيره ان وقت نئين سر وري اسري رهيا هئا.

نيرون جي مشابهت عرب ليکڪن جي ڏنل اهڃاڻن موجب فقط هڪڙي شهر سان ٿي سگهي ٿي ۽ اهو آهي حيدرآباد جو شهر. ابوالفدا جي ڏنل ماپ،

تہ اهو شهر ديبل کان 25 فرسخ ۽ منصوره کان 15 فرسخ پري هو. الاصطخري ۽ ابن حوقل جي ڏنل ذري گهٽ صحيح فاصلي سان مليو اچي. ميجر جنرل هيگ جنهن سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ جاکوڙ ڪري مختلف ماڳن بابت ماپون ڪيون هيون، اهو چوي ٿو تہ حيدرآباد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ شهر يا ماڳ وسطي دور جي نيرون ڪوٽ سان نہ ٿو ملي سگهي[14]. انهيءَ ڏس ۾ هُن محمد بن قاسم جي فوجن جي حملي واري رستي جو ڏس پتو معلوم ڪرڻ لاءِ ديبل جو تعين ڪيو ۽ ان کان پوءِ برهمڻ آباد ۽ اروڙ جو ماڳ معلوم ڪيو. ان ڪري هُن جو چوڻ آهي تہ محمد بن قاسم جي واڌ، ڏکڻ کان اتر طرف هئي. پهرين ان جو رخ ڏکڻ اولهہ کان اتر اوڀر هو. پر برهمڻ آباد اکرڻ کان پوءِ اهو بدلجي ڏکڻ کان اتر طرف ٿيو. هُن نيرون کي لاڙ جو هڪ شهر ٻڌايو آهي، جو سنڌو ندي ڊيلٽا جي منهن تي اڏيل هو. ان ڪري حيدرآباد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو ماڳ نہ آهي، جنهن کي وچئين دور جي نيرون جي مقابلي ۾ آڻي سگهجي. هيگ جي ڪيل ماپن مان اهو بہ ظاهر ٿيو آهي تہ راوڙ جو شهر فتح باغ جي پر ۾ اڏيل هو جو گوني تعلقي ۾ آهي. ان ڪري نيرون جي حيدرآباد سان مشابهت اٽل آهي. هيگ جي اها دعويٰ آهي تہ سنڌو درياءَ جو اهو وهڪرو، جنهن جي رستي سڪندر اعظم، ڪڇ جي رڻ جو دورو ڪيو هو، هاٽوڪو ڪڏرو درياءَ آهي، جو گهاري وهڪري سان گڏ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ۽ اهوئي مُنهن (چوڙ) در حقيقت سنڌو درياءَ جو الهندي وارو چوڙ هو[15]. يوناني ليکڪن جي ڏنل ماپ ۽ تخميني موجب پٽالا جو شهر پڻ انهيءَ ماڳ تي ٻڌل هو، جتي هاٽوڪو حيدرآباد نهيل آهي.

ايرين ۽ ڪرٽيس جو بيان آهي تہ مقدونيہ وارو سڪندر، پٽالا کان نديءَ جي رستي ڏکڻ طرف جڏهن 400 اسٽيڊيہ (46 ميل) جي فاصليٰ تي پهتا، تڏهن سندس ڪماندرن کي پهريون دفعو سمنڊ جي هير محسوس ٿي[16]. اهو ماڳ جهرڪ يا ان جي آس پاس واري ايراضي کي سمجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ جهرڪن جو شهر، حيدرآباد کان 30 ميلن تي آهي ۽ ان جو فاصلو سنڌو نديءَ جي رستي 45 ميل آهي. هن جاءِ تي سڪندر اعظم پاڻ سان اهڙا سونهان ننيان، جي نديءَ جي چوڙن کان پوري طرح واقف هجن ۽ انهن جي مدد سان هو ڪڏڙي يا گهاري جي چوڙ تائين وڃي پهتو. تنين ڏينهن هُن ڇاتو تہ سندس

ٻيڙو سمنڊ جي ڀر ۾ آهي. چاڪاڻ تہ اتي ڪيس سمنڊ جي وير ڏسڻ ۾ آئي، جا سنڌو درياءَ ۾ سمنڊ کان گهٽ ۾ گهٽ 50 ميلن جي فاصلي تي محسوس ڪئي وڃي ٿي. سنڌو درياءَ جي اولهہ وارو منهن، جنهن ۾ ٻيئي ڪاريون گهارو ۽ ڪڏڙو ڦٽي نڪرن ٿيون، نديءَ جي رستي سمنڊ کان 50 ميل ۽ خشڪيءَ رستي 35 ميل پري آهي. اهو فاصلو سڪندر جي ٻيڙي ٽئين ڏينهن درياءَ جي رستي سر ڪيو هوندو[17]. اهو ڏيکاري ٿو تہ سڪندر جي فوج پٽالا کان سمنڊ تائين 113 ميل سفر ڪيو، جو در حقيقت انهيءَ فاصلي سان مليو اچي، جيڪو ارسٽوبولس ڏنو آهي. يعني تہ 1000 اسٽيڊيا (115 ميل). بطليموس جي لکت موجب ڊيلٽا جو منهن اوسڪانہ ۽ لوني بيئر آسٽر جي وچ ۾ هو ۽ لوني ان وقت سنڌو درياءَ جو اوڀر وارو چوڙ هو. اها ماپ پٽالا کي حيدرآباد واري ماڳ تي آڻيو بيهاري. چاڪاڻ تہ اهو شهر مهورٽا (اوسڪانہ) ۽ ڪوري چوڙ جي وچ ۾ آهي ۽ اهوئي لوٽي درياءَ جو بہ چوڙ آهي. اونيسيڪريٽس جي بيان موجب سنڌو ڊيلٽا جي شبيهہ هڪ ٽڪنڊي وانگر هئي، جنهن جي ٽنهي پاسن جي ڊيگهہ هڪ جيتري هئي. ڊيلٽا جي منڍ جي سمنڊ کان فاصلو هڪ هزار اسٽيڊيا (115 ميل) جيڪو ارسٽوبولس ڏنو آهي، اهو نرچس جي ڏنل فاصلي (1800 اسٽيڊيا) ۽ اونيسيڪريٽس جي فاصلي 2000 اسٽيڊيا کان وڌيڪ صحيح آهي. ڪڏڙي کان وني ڪوري تائين سمنڊ جو ڪنارو 120 ميلن کان ڪجهہ گهٽ آهي ۽ حيدرآباد جو هاٿوڪو فاصلو ڪڏڙي کان 113 ميل ۽ ڪوري کان 117 ميل آهي. سڪندر جي زماني کان اڄ تائين سمنڊ جي ڪناري ۽ درياءَ جي وهڪري ۾ گهڻي قدر ڦير ڦار اچي چڪي آهي. ان هوندي بہ يوناني ماخذن ۾ ڏنل فاصلن موجب حيدرآباد جو شهر ئي اهڙو ماڳ آهي، جنهن کي قديم دور جي شهر پٽالا سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي.

پٽالا يا پٽالين جيئن تہ يونانين لکيو آهي، پوٽا لفظ مان نڪتل ڏسجي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي ٻيڙو، غوراب يا سامونڊي جهاز. ان ڪري اهو چوڻ تہ پٽالا سامونڊي ٻيڙن جو مرڪز هو، ڪي قدر صحيح پيو لڳي. اهو بہ ممڪن آهي تہ پٽالا، پتالا يا پاتال جو بگڙيل اچار هجي، جو در اصل انهيءَ ايراضي جي شڪل ظاهر ڪري ٿو، جيڪا انهيءَ ماڳ کان سمنڊ تائين ڏسجي ٿي يا ڏني ويئي آهي. يعني تہ توتاري وانگر يا انهيءَ گل وانگر جيڪو پاڻيءَ ۾ پيدا

ٿئي ٿو ۽ جيئن ته پٽالا جو شهر درياءَ جي ٻن شاخن جي وچ ۾، ۽ ڊيلٽا جي منهن وٽ ٻڌل هو، ان ڪري حيدرآباد کان سواءِ ٻيو ڪوبه شهر قديم پٽالا ۽ وسطي دور جي نيرون جي مقابلي ۾ نه ٿو آڻي سگهجي.

## ديبل:

عربن جي حملي وقت ديبل جو شهر سنڌ جو ساموندي بندرگاهه هو ۽ هڪ وڏو شهر هو، جنهن جي چوڌاري مضبوط قلعو ٻڌل هو. انهيءَ شهر ڏانهن پهريون اشارو فتوح البلدان ۾ ملي ٿو جو البلاذري جو لکيل آهي. سنڌ جي عربن هٿان فتح ٿيڻ بابت پهريون ۽ مستند مواد انهيءَ ڪتاب ۾ ئي ڏنل آهي. ٻڌايو ويو آهي ته عربن جو سڀ کان پهريون حملو اومان (عُمان) مان ٿيو. اهو حملو اومان جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي ڪرايو هو، جنهن پنهنجي ڀاءُ مغيره کي ديبل خلاف فوجون ڏيئي سمنڊ جي رستي موڪليو هو[18]. ديبل جي گورنر سمه بن ديوائچ قلعي ۾ رکيل حفاظتي فوج سان مقابلو ڪيو، جنهن ۾ مغيره مارجي ويو[19]. پر سندس فوج جو رهيل حصو اومان واپس پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ديبل تي عربن جو ٻيو حملو بنو اميه جي خليفي وليد پهرئين جي زماني ۾ ٿيو. حملي آور فوج جي ڪمان عبدالله بن نبهان السُلمي ڪئي. پر اهو به ديبل جي قلعي جي ٻاهران جنگ ڪندي مارجي ويو. ٽيون عرب جرنيل، جنهن ديبل تي حملو ڪيو، بديل بن طهفة البجلي هو، پر ان جي فوجن به شڪست کاڌي ۽ بديل پاڻ به قتل ٿي ويو. اهو بلاذري جو بيان آهي. پر ان جي ابتڙ چچ نامي ۾ مذڪور آهي ته اهو بديل بن طهفة البجلي هو، جنهن ديبل تي حملو ڪيو هو ۽ نه عبدالله بن نبهان، جو ڪڏهن به سنڌ ۾ ڪونه آيو[20]. عربن جو ٽيون حملو عماد الدين محمد بن قاسم الثقفي جي ڪمان هيٺ ٿيو، جنهن ۾ ديبل جو قلعو تباهه ڪيو ويو ۽ شهر تي قبضو ڪيو ويو ۽ عرب فاتحن اڳ ۾ مليل شڪستن جو پورو پورو بدلو شهر ۽ شهر جي ماڻهن کان ورتو.

عربن جي حڪومت جي سڄي ساري دور ۾ ديبل وڏي شهرت وارو بندر ۽ اهم مرڪز هو. سنڌ جو ان وقت اهو ئي واحد ساموندي بندر هو، پر ان جي ڀيٽ سنڌو درياءَ کان ڪجهه فاصلي تي هئي. ٻڌايو ويو آهي ته ديبل سمنڊ جي

ڪناري تي اهڙي هنڌ ٻڌل هو، جو سمنڊ جون لهرون ان جي قلعي جي پٽين سان ٽڪرائينديون رهنديون هيون[21]. اهو شهر واپار جو وڏو مرڪز هو ۽ ان جي آبادي ڳتيل هئي. پاٽي جا جهاز (غوراب) اولهه توڙي اوڀر جي ملڪن مان مال سان ڀرجي اتي اچي لنگر انداز ٿيندا هئا، ان ڪري واپاري شين جي هر ڪا جنس اتي موجود هئي. ديبل جي درآمد جون مکيه جنسون ريشم، ريشم جو مال ۽ چيني جو سامان هو، جيڪو چين مان گهرائبو هو. هندوستان مان عطر ۽ ٻيون خوشبودار جنسون پرجي ايندون هيون. کجور، مختلف قسمن جا شراب، غلام، شيشو ۽ بلور جو سامان، عرب دنيا ۾ درآمد ڪيا ويندا هئا. ديبل جا واپاري اهو مال سستي اگهه خريد ڪري گدامن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيندا هئا. جڏهن انهن جنسن جي کوٽ ٿيندي هئي ته انهن جي چور بازاري ڪندا هئا ۽ وڏا نفعا حاصل ڪندا هئا[22]. انهيءَ مان ظاهر آهي ته بلئڪ مارڪيٽنگ جو ڌنڌو عرب اسلامي دور ۾ چالو هو ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪوبه قاعدو يا قانون ڪونه هو. اهو به ثابت ٿو ٿئي ته انهيءَ معاشرتي برائي کي قائم رکڻ ۾ عرب ڪامورن جو هٿ هو، جن کي وڏيون رقمون رشوت طور ڏنيون وينديون هيون. ديبل جي برآمد جون مکيه جنسون هي هيون: قسط (ڪُٺ) کنڊ، ليمون ۽ انب. ديبل جي مشهور صنعت تلوارون هيون، جيڪي مضبوطي ۽ تکائي (تيز ڌار) جي ڪري سڄي عرب دنيا ۾ مشهور هيون[23].

عرب جاگرافي جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ديبل جو شهر سنڌي ريت نهيل هو ۽ پڻ شاهوڪار شهرن مان شمار ڪيو ٿي ويو. جيتوڻيڪ ان جي پسگردائي غير آباد هئي. اهو شهر جابلو علائقي ۾ نهيل هو. جتي نه ته ڪو وڻ ٿي ڏٺو ويو ۽ نه ڪجي، جيڪا عربن کي گهڻي قدر وڻندي هئي. پر البشاري لکي ٿو ته ديبل جي آس پاس اٽڪل هڪ سو ڳوٺ هئا[24]. ديبل جي شاهوڪاري ۽ واکاڻ جي ثابتي، انهن انگن اکرن مان ملي ٿي، جيڪي عرب ليکڪن ڏنا آهن. سن 280 هه /894ع ۾ جيڪا ڌرتي ڌٻي، انهيءَ ۾ ديبل جي تباه ٿيل عمارتن جي کنڊرن هيٺان جن ماڻهن جا لاش مليا، انهن جو تعداد هڪ لک پنجويهه هزار ٻڌايو ويو آهي. ان ڪري ظاهر ٿيو ته ديبل جي آبادي ان وقت انهيءَ تعداد جي جيڪڏهن ٽيڻ نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻ ضروري هوندي[25]. عرب ليکڪن جو اهو به چوڻ آهي ته ديبل واپارين ۽ سوداگرن جو مرڪز هو، جي گهڻو ڪري غير مسلم هئا.

ديبل جي بندر کي ڀنڀور سان مشابهت ڏني ويئي آهي، جيڪو گهاري واري ڪاري تي نهيل هو ۽ هاڻي کنڊرن ۾ بدلجي ويو آهي. اهو ويرانو ڪراچي کان 20 ميل پري قومي شاهراه تي آهي ۽ ان جو نالو، ديبل جي نالي سان ملايو ويو آهي ته انهن ٻنهي نالن جي معنيٰ ساڳي آهي. ڪن ماڻهن اڻ ڄاڻائي ۽ جهالت سبب ڀنڀور جي کنڊرن کي ديبل سان اجايو ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ڪوتائي ڪاتي وارا به انهيءَ دليل کي نه ٿا مڃين. ڄاڪاڻ ته ديبل جو بندر ۽ قلعو عربن جي سنڌ تي حملي کان گهڻو اڳ موجود هو. ان جو قلعو وڏو ۽ مضبوط هو ۽ ان جي وچ ۾ هڪ اسٽوپا هو، جنهن جي مٿان ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو. چچ نامي جي مصنف جو چوڻ آهي ته ديبل جو مندر 40 وال اپو هو ۽ ان جي مٿان نهيل قبو پڻ 40 وال اپو هو[26]. ان مان ظاهر ٿيو ته انهيءَ اسٽوپا جي ڪُل اوچائي 120 وال هئي. اهوئي سبب آهي جو ان جي مٿان ڪتل جهنڊو تمام پري کان ڏسڻ ۾ ايندو هو. عرب ليکڪن جيڪو ديبل بابت پنهنجو بيان قلمبند ڪيو آهي اهو واضح نه آهي. بلڪ هڪ ٻئي جي ابتڙ آهي. ان ڪري انهيءَ تي ڀروسو نه ٿو ڪري سگهجي. المسعوديٰ جو پاڻ سنڌ ۾ آيو هو، تنهن جو چوڻ آهي ته ديبل، سنڌو درياءَ جي الهندي واري ڇوڙ کان ٻن ڏينهن جي فاصلي تي نهيل هو[27]. الاصطخري ۽ ابن حوقل انهيءَ کي مهراڻ (سنڌو) دٌرياءَ جي ڇوڙ کان اولهه طرف سمنڊ جي ڪناري تي آباد ٻڌايو آهي[28]. ۽ اهو ساڳيو احوال البشاري پنهنجي تصنيف احسن التقاسيم ۾ ڏنو آهي. الادريسي وري هن ريت رقمطراز آهي ته ديبل جو بندر درياءَ کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي ٻڌل هو. هن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ديبل هڪ ٻيٽ تي ٻڌل آهي ۽ ان جي چوڌاري ملڪ جابلو آهي، جتي ڪجهه به نه ٿو پيدا ٿئي. جبل جو نالو هُن ڪسڪهار ٻڌايو آهي، پر ڪن تصنيفن ۾ اهو ڪير سر لکيو ويو آهي، جو شايد ڪير ٿر جو بگڙيل اچار ٿو ڏسجي. اهو اهڃاڻ سمنڊ جي ڪناري تي واقع انهن سيني ماڳن سان مليو اچي، جن تي ڪراچي، واگهوڌر، ڪورنگي ۽ ٻيا شهر يا ڳوٺ واقع آهن. سر هينري ايليٽ جو چوڻ آهي ته وچئين دور جو ديبل ڪراچي واري ماڳ تي نهيل هو[29]. اها ساڳي راءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي آهي. انهيءَ ڏس ۾ انهن جي راءِ جو دارومدار عبدالله شاهه اصحابي جي قبر آهي، جا ڪلفٽن تي جبل جي ڪڙ وٽ موجود آهي. جنهن ڪي هنن

عبدالله بن نبهان السلمي[30]، جي قبر سمجهيو آهي، جنهن کي حجاج بن يوسف الثقفي سنڌ جي خلاف فوجون ڏيئي موڪليو هو. مشهور مورخ البلاذري جو چوڻ آهي تہ عبدالله بن نبهان السلمي ديبل تائين آيو هو ۽ اتي جنگ ڪندي مارجي ويو[31]. پر چچ نامي مان ظاهر آهي تہ عبدالله بن نبهان السلمي ڪڏهن بہ سنڌ ۾ ڪونہ آيو. ڪيس مڪران واري علائقي تي گورنر مقرر ڪيو ويو هو. اهو در حقيقت بديل بن طهفة البجلي هو، جنهن کي 3000 فوج سان سنڌ جي خلاف ڏياري موڪليو. بديل جي باري ۾ بہ مختلف قياس آرائيون ڪيون ويون آهن ۽ ساڳي ڪيفيت سندس قسمت جي باري ۾ آهي. چچ نامي ۾ ٻڌايل آهي تہ بديل جو موت ديبل جي پر ۾ ٿيو، پر البلاذري جو وڌيڪ صحيح ٿو لڳي، ان لکيو آهي تہ بديل، بلوچستان ۾ ٻڌا واري علائقي ۾ جتن (زط) سان وڙهندي مارجي ويو[32].

ياقوت الحموي جنهن پنهنجي مشهور انسائيڪلوپيڊيا ڇهين صدي هجري ۾ لکي پوري ڪئي، لکي ٿو تہ ديبل 83 ڊگريون 20 منٽ اولهہ ڊگهائي ڦاڪ ۽ 24 ڊگريون ٽيهہ منٽ ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ تي هندي سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل هو. هُو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ديبل سمنڊ جي هڪ ڪاريءَ تي نهيل هو جنهن کي هُن ”خورديبل“ جو نالو ڏنو آهي. يعني تہ ديبل جي ڪاري[33]. عربي زبان ۾ خور، سمنڊ جي اهڙي شاخ کي چئبو آهي، جيڪا ڪجهہ فاصلي تائين، زمين ۾ داخل ٿي وڃي. پر اهو لفظ ڪاري ۽ ساموندي نار ڪُـنَ يا ڊنڍ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ڏاکڻي ڪناري سان لاڳو سمنڊ جي ڪناري تي فقط ٽي مکيہ ڪاريون آهن ۽ اهي راس مانري ڪان وٺي، سنڌو ندي جي اولهہ واري شاخ جي وچ ۾ واقع آهن. اهي ڪاريون هي آهن. ڪڏڙو، گسري ۽ گهارو. انهن ٽنهي ڪارين تي قديم شهرن جا پراڻا ڪنڊر موجود آهن. جن کي ماري موررڙو، واگهودر ۽ ڀنڀور جو نالو ڏنل آهي. ڪڏڙو ۽ گسري ڪارين تي جيڪي بہ ڪنڊر ماري موررڙو ۽ واگهو ڊر جا آهن، جيڪي ديبل جهڙي وڏي شهر جا ڪنڊر ٿي نہ ٿا سگهن. ٽين ڪاري گهاري تي ڀنڀور جا ڪنڊر آهن ۽ انهن کي ٿي ڪن ليڪن ديبل جي شهر سان مشابهت ڏني آهي. ڀنڀور جو شهر جيئن تہ تاريخ مان ظاهر آهي، ديبل کان گهٽو پوءِ وجود ۾ آيو ۽ انهيءَ شهر جو بنياد ڀنڀو راجا وڌو. جيئن تہ عربن جي زوال کان پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ وڏو خال

آهي. سلطان مسعود غزنوي کان وٺي قطب الدين ايبڪ جي دور حڪومت تائين تاريخ جو سلسلو ڪٽجيو وڃي. ازانسواءِ مڪران کان وٺي سنڌو ڊيلٽا تائين عربي سمنڊ جو سڄو ڪنارو پراڻن ڪندرن سان ڀريو پيو آهي. ڪراچي جي پير ۾ بہ هڪ کاري تي قديم شهر جا ڪندر آهن. ليکڪن جي ڏنل اهڃاڻن موجب ديبل جو شهر ڪنهن اهڙي هنڌ نهيل هو، جنهن تي سمنڊ جي وير جو اثر هجي ۽ پڻ منو پاڻي آساني سان ملي سگهي. ساموندي ڪناري جي جانچ پڙتال مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن وقت مڪران کان وٺي سنڌو درياءَ جي الهندي واري شاخ تائين بہ مشهور اپسمنڊ يا کاريون آهن. هڪ تي سونمياڻي ۽ ٻيءَ تي ڪراچي جا شهر نهيل آهن. اهي ٻئي شهر پوءِ جا نهيل آهن. انهيءَ جو اهو مطلب نہ آهي تہ انهن تي اڳاٽي دور ۾ ڪوبہ شهر نهيل نہ هو. سونمياڻي سنڌو درياءَ کان تمام گهڻو پري آهي. پر ڪراچي واري کاري عرب جاگرافي دانن جي ڏنل بيانن مطابق اهڙي ماڳ تي آهي، جو سنڌ جي مشهور بندر ديبل لاءِ ٻڌايو آهي. ڪراچي وارو اپسمنڊ يا کاري عربي سمنڊ ۾ اڪيلو ماڳ آهي، جيڪو وڏن غورابن ۽ ٻيڙن لاءِ پناه جي جاءِ وانگر ڪم آندو ٿي ويو. اها حقيقت يوناني ليکڪن جي تصنيفن مان پڻ واضح آهي، جن انهيءَ پناه جي جاءِ کي "اليگزيندرس هيون" يا سڪندر اعظم جي پناه جي جاءِ ڪري لکيو آهي. جيئن تہ هندي وڏو سمنڊ ۽ عربي سمنڊ اونهاري جي موسم ۾ طوفاني سمنڊ ليکيا ٿي ويا. ان ڪري سڪندر اعظم جي ساموندي سينا جي سپہ سالار (امير البحر) نيرڪس، ساموندي هوائن ۽ زوردار لهرن کان بچڻ لاءِ پنهنجن ٻيڙن سميت هن جاءِ تي پناه ورتي هئي.

مشهور جاگرافي دان المسعودي جو پاڻ سن 300 هہ ۾ سنڌ جو دورو ڪري ويو هو، اهو ٻڌائي ٿو تہ مهراڻ (سنڌو) درياءَ ساڪري واري ايراضي مان وهي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ديبل جو بندر درياءَ جي الهندي واري ڇوڙ کان ٻن ڏينهن جي فاصلي تي ٻڌل هو[34]. اهو ساڳيو فاصلو گهاري لاءِ بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو، جنهن تي پنيور جو شهر ٻڌل هو. پر گهارو ڪڏهن بہ سنڌو درياءَ جو ڇوڙ ڪونہ ٿي رهيو. چون ٿا تہ هڪ واهہ نالي نانيا واهہ پنيور شهر جي پرسان وهندو هو[35]. جو پانڌي ٿو تہ تازي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان ڪوٺيو ويو هجي. اهو بہ ممڪن آهي تہ اهو

واهہ پر پاسي واري ڍنڍن مان ڪڍيو ويو هجي. ڇاڪاڻ تہ درياءَ جي ڪابہ ويجهي شاخ اتي موجود ڪانہ هئي. ڍنڍن ۾ جمع ٿيل پاڻي گهٽجو ڪري مينهن جو هوندو هو جو اڄ بہ موجود آهي. ٻيو تہ راجا ڏاهر جي حڪومت ۾ ٻنيور جو وجود ۽ اچڻ عربن جي دور کان گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي. اهو شهر هڪ عشقيا داستان جي ڪري مشهور هو، جنهن کي سسئي پنهون جو نالو ڏنل آهي.

الادريسي جو چوڻ آهي تہ ديبل جو شهر هڪ ٻيٽ تي ٺهيل هو ۽ ان جي آس پاس جابلو علائقو هو. جتي وڻ ٽڻ ڪونہ هو، جو ڪراچيءَ واري ماڳ سان مليو اچي. اهو بيان ڏيبو ٻيٽ سان پڻ مليو اچي، جيڪو ڏيبو ۽ سيسا ڪاري جي وچ ۾ واقع آهي. ڏيبو وٽ جنهن قديم شهر جا کنڊر آهن، اهي بہ نهايت ئي اعليٰ درجي جي تهذيب جو ڏيکاءُ ڏين ٿا. ماڻهن، جانورن ۽ پکين جا ٺهيل بوتا ۽ پڻ جاين جا پڪا ۽ پختا بنياد، انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪن ٿا تہ اهي کنڊر ڪنهن وڏي شهر جا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهي ديبل جا هجن. انهيءَ ڏس ۾ تواريخ ۾ ڏنل اهڃاڻن ڏانهن ڌيان ڏيو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ محمد بن قاسم جي جلهہ جو لنگهہ ۽ گس پڻ انهيءَ جڳهہ کان ٿيندو هو. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ محمد بن قاسم جو بحري ٻيڙو هڪ اهڙي بندر وٽ لنگر انداز ٿيو هو، جيڪو ڪڇ جي ويجهو هو ۽ اهو ڪڇ جو راجا هو، جنهن محمد بن قاسم جي فوج جي درياءَ اڪرڻ لاءِ ٻيڙين جي پل ٻڌي هئي[36]. ڪن ليکڪن فتح باغ کي راوڙ جي شهر سان تشبيهہ ڏني آهي ۽ جيڪڏهن اها صحيح ثابت ٿئي ٿي تہ پوءِ ديبل جو شهر ۽ بندر ڏبي جي آس پاس هئڻ گهرجي. ڏبي جو نالو خود انهيءَ ڳالهہ جي شهادت آهي تہ اهو اصل ۾ ديب + ايل هو، جو گهٽجي ڏبو ٿي ويو ۽ اها سنڌ ۾ عام رواجي ڳالهہ آهي.

اليگزينڊر ڪننگهام ديبل جي ٺيهڪ لاهري يا لاهوري بندر وٽ ٻڌائي آهي[37]. انهيءَ ڏس ۾ هن ابن بطوطہ جي لکت تي عمل ڪيو آهي، جيڪو تيونس مان سنڌ ۾ آيو هو. سندس چوڻ آهي تہ هُن لاهري بندر وٽ هڪ وڏي شهر جا کنڊر ڏٺا هئا[38]. ايم. آر. هيگ، ڪڪر بڪيرا کي ديبل سڏيو آهي[39]. جا در حقيقت ساڪري واري ايراضي ۾ سمنڊ کان اندر ٿي آهي. راورٽي ٻڌائي ٿو تہ ديبل جو ماڳ پير پٺي واري ايراضي آهي[40]. خلاصة التاريخ جو حوالو ڏيندي هُو ٻڌائي ٿو تہ ديبل موتين جي صفت جي ڪري مشهور هو، جيڪي

اتان وڏي انداز ۾ سمنڊ مان ڪڍيا ويندا هئا. اهو ايڏو تہ وڏو بندر هو جو اتي 4000 (چئن هزار)[41]، بحري ٻيڙن جي لنگر هڻڻ جو بندوبست ڪيل هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ راورٽي ابوالفضل جي بيان کي بہ وڏي اهميت ڏي ٿو، جيڪو اڪبر بادشاهہ جي نون رتنن مان هڪ هو ۽ انهيءَ ڳالهہ سان بہ اتفاق ڪيو آهيس تہ ٺٽي سگهي ٿو تہ ٺٽو بہ ديبل واري ماڳ تي اڏيل هجي[42]. ابوالفضل هڪ ٻي بہ اهڙي غلطي ڪئي آهي، جنهن ۾ هُن ٻڌايو آهي تہ درياءَ جي وچ ۾ بکر وارو قلعو ۽ ماڳ دراصل منصوره شهر جو ماڳ آهي[43]، جو عربن جي دور ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. ڇاڪاڻ تہ عرب ليکڪن ۽ جاگرافي دانن منصوره کي درياءَ جي وچ ۾ هڪ اهڙي ٻيٽ تي ٻڌل ٻڌايو آهي، جنهن جي چوڌاري درياءَ جو وهڪرو هو. ڊيوڊراس، ڪننگهام ۽ هيوز انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ قديم ديبل، ڀنڀور يا ان جي آس پاس واري ايراضي تي ٻڌل هو ۽ ان لاءِ هنن پنهنجا پنهنجا دليل ڏنا آهن.

ڪراچي جي ڀر ۾ ڪورنگي وٽ، ريڙهي جي بلڪل آمهون سامهون، ٻن ٽن فرلانگن جي فاصلي تي سمنڊ ۾ اندر هڪ ٻيٽ تي، ڪنهن عظيم تهذيب جي وڏي شهر جا ڪنڊر موجود آهن. انهن ۾ جيڪي جايون، عمارتون يا ٻيون اڏاوتون آهن، اهي پڪي پٿر جون ٺهيل آهن، پر انهن جون فقط ڪي پيتيون ۽ بنياد وڃي رهيا آهن. پٿر جا ٺهيل گولا پڻ گهڻي انداز ۾ اتان هٿ آيا آهن، جي يا تہ بچاءَ لاءِ استعمال ڪيا ٿي ويا، يا تہ اڳرائي لاءِ. اسان کي ياد آهي تہ محمد بن قاسم جڏهن ديبل تي حملو ڪيو هو، تڏهن هُن منجنيق جي وسيلي ديبل جي قلعي ۽ مندر تي پٿر جا گولا اڇلايا هئا[44]. ديبل جي قديم ماڳ کي ڳولڻ لاءِ محنت ۽ کوجنا جي ضرورت آهي. سنڌوءَ جي ڊيلٽا جي حالت گهڻي قدر بدلجي ويئي آهي ۽ پتو نہ ٿو پئجي سگهي تہ کهڙو شهر کهڙي ماڳ تي نهيل هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ ديبل جو اصلي بندر جيڪو وچئين دور ۾ واپار جو وڏو مرڪز هو، سن 280 هہ/894ع ۾ ڌرتي ڌٻڻ سبب تباهہ ٿي ويو. ان کان پوءِ ٻيا ڪيترا بندر ڊيلٽا واري ايراضي ۾ وجود ۾ آيا، جن کي پڻ ديبل جو نالو ڏنو ويو هو. ايتري قدر جو ٺٽي جو شهر جو سمنڊ کان گهڻو پري درياءَ جي ڀر ۾ ٻڌل هو ۽ جنهن جون نهيل مصنوعات ٻاهرين مارڪيٽن ۾ مشهور هيون، اهو پڻ ديبل جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ديبل جي ماڳ جو سچو ۽ صحيح

پتو تڏهن پئجي سگهندو، جڏهن تہ ساموندي ڪناري ۽ ان تي موجود مختلف ماڳن تي موجود ڪندرن جو جائزو ورتو وڃي. ازانسواءِ سنڌو درياءَ جي مختلف دورن ۾ جدا جدا وهڪرن جي پڻ جاچ پڙتال ضروري آهي. جيستائين انهيءَ ڏس ۾ صحيح قدم نہ کڻبو، تيستائين فقط گمانن ۽ ڏُڪن تي ئي گذارو ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ علم ۽ کوجنا لاءِ ڪابہ گنجائش يا سهوليت مهيا ڪيل نہ آهي. ڪوبہ هڪ شخص ايڏي محنت ۽ خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ يا تہ تيار نہ آهي، يا ان جي ڪيس طاقت نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ايندڙ نسلن جو ذهن، سنڌن تاريخ جي اهم ڳالهين بابت هميشہ لاءِ منجهيل رهندو.

## اروڙ:

اروڙ جو شهر جيڪو سنڌ جي ٻُڌ حڪمرانن جو صدين تائين گاديءَ جو هنڌ رهندو تي آيو، اهو هاڻي ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. ان جي بيهڪ هاڻوڪي روهڙي شهر کان پنجن ميلن تي ٿيندي. روهڙي نالو در حقيقت اروڙ جو ننڍڙو فارم آهي ۽ ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهو شهر اروڙ جي تباه ٿيڻ کان پوءِ وجود ۾ آيو آهي. اروڙ يا اروڙ ۽ روهڙي نالن جو مطلب ساڳيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو اشتقاق روڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پٿر يا ٽڪر. يعني تہ ٽڪريءَ تي ٻڌل شهر. اروڙ ڪي ٻين نالن جهڙوڪ الروڌ، الرود، الروز پڻ لکيو ويو آهي، جا در حقيقت صورتخطي جي غلطي سمجهڻ گهرجي. اروڙ کي اتر سنڌ جي قديم شهر اوسڪانا سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، جو سڪندر اعظم جي سنڌ ۾ اچڻ وقت ميوميڪانس راجا جي گاديءَ جو هنڌ هو. انهيءَ شهر جي هاڻوڪي بيهڪ 27 ڊگريون 39 منٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 68 ڊگريون 59 منٽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي آهي ۽ گهٽي قدر انهن اهڃاڻن سان ملي اچي، جيڪي يوناني ليکڪن اوسڪانا شهر بابت ڏنا آهن، پر اليگزينڊر ڪننگهام، اوسڪانا شهر جو ماڳ مهورتا وٽ ٻڌائي ٿو[45]، جو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي ۽ موئن جي دڙي جي مشهور ڪنڊرن جي پر ۾ آهي.

چچ نامي جي بيان موجب اروڙ جو شهر هڪ نهايت ئي خوبصورت جاءِ تي نهيل هو ۽ ان ۾ عاليشان جايون، مندر، باغ ۽ نهرون پڻ هيون. انهيءَ جي چوڌاري پيٽي ديوار ڏنل هئي ۽ منجهس سير ۽ تفريح جو خاصو انتظام ٿيل هو. عربن جي حملي وقت انهيءَ شهر جو حاڪم راجا ڏاهر جو پٽ گوپي هو.

جنهن کي شهرين جي غداري سبب فوج سميت قلعو خالي ڪرڻو پيو. ان هوندي به اهو شهر محمد بن قاسم جي فوج جي گهيري هيٺ رهيو. آخر ۾ ٻڌ پوڄارين عرب فوجن سان ڳالهين رستي شرط پيش ڪرڻ ڪان پوءِ، آڻ مڃي ۽ شهر کي حملي آور فوجن جي حوالي ڪيو[46]. ٻنهي طرفان قبول ڪيل شرطن هوندي به شهر ۾ رهندڙ ماڻهن مان ڪيترن ئي هندن کي قتل ڪيو ويو ۽ انهن جي خاندان کي غلام بنايو ويو. شهر والارڻ کان پوءِ رواح بن اسد (احنف بن قيس جي ڏهٽي) کي اتي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. پر انصاف جو ڪاتو موسيٰ بن يعقوب الثقفي جي حوالي ڪيو ويو، جنهن کي شهر جو قاضي بنايو ويو. اروڙ جو شهر ڪجھ عرصي تائين سنڌ جي عرب گورنرن جي گاديءَ جو هنڌ هو، پر پوءِ جڏهن منصوره جو شهر ٻڌو ويو، تڏهن انتظامي مرڪز اروڙ مان ڦري منصوره ٿيو.

عربن جي بنو هبار خاندان جي دور حڪومت ۾ اروڙ جو شهر منصوره کان پوءِ ٻئين نمبر تي هو. اهو ملتان شهر جيڏو هو، پر ان جي آدمشماري ملتان کان وڌيڪ هئي[47]. اروڙ جو ماڳ مهراڻ درياءَ جي اوپر ۾ ٻڌايو ويو آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌوندي انهيءَ جي قلعي جي لڳ اولهه طرف کان وهندي هئي. اروڙ جي اهميت حڪومت جي تبديل ٿيڻ سبب ڪي قدر گهٽجي ويئي هئي. پر ان هوندي به اهو شهر واپاري قافلن جي مرڪز هئڻ سبب پنهنجي حيثيت برقرار رکندو آيو. ملتان، توران، ٻڌا، سيستان ۽ منصوره جا واپاري قافلا هتي ايندا رهندا هئا ۽ جنسن جي مٽا سٽا ٿيندي رهندي هئي. جيئن ته اهو شهر سنڌ جي اترين سرحد تي هو، ان ڪري انهيءَ جي چوڌاري بچاءَ لاءِ ٻن ديوارن وارو مضبوط پيو قلعو هو.

اروڙ دراصل روڙ مان نڪتل ٿو ڏسجي، جنهن جي معنيٰ آهي ٽڪري، پر ان جي ٻي معنيٰ گوڙ يا شور به ٿي سگهي ٿو. اهي ٻئي ڳالهيون انهيءَ ماڳ جي تصديق ڪن ٿيون، جتي اروڙ جو شهر ٻڌل هو، يعني ته جابلو ٽڪر ۽ درياءَ جو شور ۽ گوڙ جو ان وقت پنجن ندين جي ميلاپ کان پوءِ اتي ٿيندو هو. اهو به ممڪن آهي ته شهر جو اصل نالو الرود به هجي، جنهن جي معنيٰ آهي درياءَ تي ٻڌل. اهو فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ايرانين جو سنڌ تي صدين تائين تسلط رهيو ۽ انهن قبول ڪيل شرطن کي مڃڻ کان پوءِ به ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد جو گهٽي قدر هندو جاتي مان هو قتل ڪيو ويو. محمد بن قاسم ان ڪان پوءِ

احنف بن قيس کي اروڙ جو گورنر مقرر ڪيو، پر شهر تي قاضي جو تقرر پنهنجي خاندان مان موسيٰ بن يعقوب الثقفي جو ڪيو ويو. اروڙ جو شهر سنڌ جي عرب گورنرن جو تختگاهه تي رهيو. پر پوءِ جڏهن منصوره جو شهر ٻڌو ويو، تڏهن هن شهر جي اهميت گهٽجي ويئي، ڇاڪاڻ تہ پوءِ عرب انتظاميہ جو مرڪز انهيءَ شهر ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

بنو هبار خاندان جي دور حڪومت ۾ اروڙ جو شهر سنڌ صوبي جو ٻيو نمبر وڏو شهر ليکيو تي ويو. انهيءَ جي پکيڙ ملتان شهر جي ايراضي جيتري هئي، پر آدمشماري جي لحاظ کان اهو ملتان کان وڌيڪ گهٽيل هو. اروڙ جي بيهڪ مهراڻ درياءَ جي ايرندي ڪناري تي ٻڌائي ويئي آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياءَ انهيءَ جي قلعي جي اولهہ کان وهندڙ هو. حڪومت جي تبديل ٿيڻ سبب اروڙ جي اهميت گهٽي قدر گهٽجي ويئي، پر ان هوندي بہ پنهنجي بيهڪ ۽ واپار سبب هُو سڄي عربي دور ۾ وڏي اهميت رکندڙ هو. اروڙ واپار جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز هو. ڇاڪاڻ تہ ملتان، توران، ٻڌا، سيوستان، منصوره ۽ ٻين هنڌن کان واپاري قافلا هتي اچي گڏ ٿيندا هئا. اروڙ منصوره جي حڪومت جي اترين سرحد تي ٻڌل هو ۽ ان جي چوڌاري مضبوط پٿر ديوار هئي[48].

اروڙ جو شهر روڙا يا روڙي مان نڪتل تو ڏسجي. اهو انهيءَ ڪري بہ آهي جو اروڙ جو شهر جابلو علائقي ۾ واقع هو. گمان غالب آهي تہ اهو نالو متس ايرانين رکيو هو، جن جي سنڌ تي قديم زماني کان وني حڪومت هئي. اصل ۾ اهو شهر الرود هو، جو پوءِ مٽجي اروڙ ٿيو. ايرانين ٻين بہ ڪيترن ئي شهرن تي نالا رکيا، جن ۾ سيوستان، نيرون، بهمن آباد اجا بہ مشهور آهن. اهڙي طرح سنڌو درياءَ تي بہ مهراڻ جو نالو ايرانين رکيو. ڇاڪاڻ تہ مهراڻ درياءُ ايران ۾ آهي، جنهن جو ڇوڙ ايراني نار ۾ قشم ٻيٽ وٽ آهي. چيني سياح هيونچانگ جنهن عربن جي فتح کان پنجاه سال اڳ سنڌ جو دورو ڪيو هو. تنهن جو چوڻ آهي تہ وچولي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پي- چين- پولا هو، جو تي سگهي تو تہ وچولا پورا جو بگڙيل اچار هجي. ٻيو وڏو شهر ان وقت او- فان- چا (آوندا) هو، جنهن جي مندر ۾ رشي تتا گاتا جي رک رکيل هئي[49].

هيونچانگ، پي- چين- پولا ۽ اوفان چا جي وچ ۾ جيڪو فاصلو ٻڌايو آهي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اوفان چا (آوندا) جو شهر سانگهڙ ضلع جي ٻن ماڳن ڏيپر

گهانگهرو يا دلور مان ڪنهن ﺑـﻪ هڪ ماڳ جي پر ۾ پڌل هو. ساڳي ريت پٽا چيلو شهر حيدرآباد يا ان جي پاس واري ايراضي تي پڌل هو. پٽاچيلو درحقيقت پٽ سلا يا پٽ سلو آهي ۽ اهو ساڳيو ماڳ آهي، جنهن تي وچئين دور جو نيرون ڪوٽ ٺهيل هو.

اروڙ جا ڪنڊر هڪ ننڍي ٽڪر جي ڪاڌل حصي تي موجود آهن، جنهن جي ڏيگهه بکر ڪان ڏکڻ طرف ويهه ميل ڪٽي ويئي آهي. اهو ڪاڌل هنڌ اصل ۾ سنڌو درياءَ جي وهڪري سبب ٺهي ويو هو، جو اتان صدين تائين وهندو رهيو ۽ اهوئي شهر جي اتر اولهه طرف دفاع جي خيال کان بچاءُ تصور ڪيو تي ويو. ٽن ميلن جي فاصلي تي اتر اوپر طرف هڪ ٻي نديءَ جو وهڪرو هو ۽ اها هاڪڙو ڪان سواءِ ٻيو ڪوﺑـﻪ درياءَ ﻧـﻪ ٿو ٿي سگهي. ان وقت ستلج درياءَ، پنجاب جي ٻين چئن ندين سان ڪونه گڏبو هو. پر سنڌ ۾ داخل ٿي، اروڙ جي اتر اوپر کان وهندي، سنڌو درياءَ سان منصوره جي عربي شهر کان 12 ميلن جي پنڌ تي اچي گڏبو هو. سنڌو ۽ هاڪڙي درياءَ جا پيٽ اجا تائين موجود آهن ۽ عربن جي لکت جي تصديق ڪن ٿا. انهيءَ دور ۾ ٿر ۽ پارڪر وارا علائقا ساوا ۽ آباد هئا، پر هاٽي وهڪرن جي تبديلي سبب غير آباد ٿي ويا آهن.

## سيوستان يا سيوهڻ:

سيوستان يا سيوهڻ، ملتان وانگر سنڌ جو نهايت قديم شهر آهي. سيوستان کي سيستان ﻧـﻪ سمجهڻ گهرجي، جو افغانستان ۾ آهي. سيستان جو ڪجهه حصو اجا تائين ايران ملڪ جو هڪ حصو آهي. سيوستان، سِو يا سِوي مان ورتل آهي، جا هڪ وڏي جاتي يا قبيلو هو. اهو قبيلو يا قوم ايڏي ته وسيع هئي، جو ان جو افغانستان، ايران ۽ پاڪستان جي وڏي حصي تي حڪومت ۽ ڌاڪو هو. شوي، سئي، سبي، شوڪوٽ، سيوستان جا ماڳ انهيءَ قوم جي عظمت جي تصديق ڪن ٿا.[50] انهيءَ قبيلي جو هڪ وڏو حصو، جنهن کي ملوئي سڏيو ويو آهي، هندستان جي اندر وچي مالوا جو ملڪ آباد ڪيو. هندو، وري سوي کي پنهنجي هڪ ديوتا سِوا يا شو سان ڳنڍين ٿا، جنهن جو هڪ وڏو مندر سيوهڻ ۾ وچئين دور تائين موجود هو. سيد عثمان مروندي، قلندر شهباز پهريون صوفي درويش هو، جنهن سيوهڻ کي پنهنجو رهائش گاه

بنايو ۽ ڪيترن هندو قبيلن کي مسلمان بنايو. شو ديوتا جي جسم جو هڪ حصو اجا تائين درگاه ۾ ٽنگيل ڏٺو وڃي ٿو. جنهن لاءِ عوام جو چوڻ آهي ته اهو بهشت مان لٿو آهي. اهوئي سبب آهي جو هندو توڙي مسلمان قلندر کي مڃين ٿا ۽ ان جي تعظيم ڪن ٿا. هندن جو اهو به اعتماد آهي قلندر لعل (لال) جي درگاه دراصل راجا ڀرتري جي سماڌي آهي[51].

سيوستان کي سندامانا سان تشبيهه ڏني ويئي آهي جنهن جو راجا، سڪندر اعظم جي فوجن سان جنگ ڪرڻ بدران ويجهڙائي جي جبلن ۾ لڪي ويو هو. اهو شهر راجا سامبس جي گادي جو هنڌ هو[52]. جنهن جو راڄ درياءَ جي اولهه ۾ کير ٿر جبل ۽ ان جي شاخن ۾ رهندڙ وحشي قبيلن تي قائم هو. اهي قبيلا جت ۽ ميد سڏيا ويا آهن، جن نه فقط سنڌ پر بلوچستان، ڪڇ، ڪانياواڙ، پنجاب ۽ ٿر واري علائقي ۾ بينڪون قائم ڪيون هيون. سڪندر اعظم لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هُن هڪ قلعو پڻ اتي ٻڌايو هو، جو شهر جي ٻاهران ڏيکاريو ويندو آهي. اهو قلعو نهايت ئي زبون حالت ۾ آهي ۽ اصلي قلعي جو ٿورو حصو آهي، پر سڪندر جو نهرايل نه ٿو لڳي. عربن جي سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت سيوستان قديم سنڌ جي هندو حڪومت جي هڪ صوبي جو تختگاهه هو ۽ نهايت ئي شاهوڪار ۽ ڳتيل شهر هو. ان وقت اتي جو گورنر ٻڌ مذهب جو هڪ شمني (ٻانيڻ) هو، جنهن پنهنجي راجا خلاف حجاج بن يوسف سان ساز باز ڪئي هئي. محمد بن قاسم سيوهڻ جي خلاف هڪ معمولي فوج موڪلي ان تي قبضو ڪيو. مصعب بن عبدالرحمان الثقفي، جيڪو انهيءَ فوج جو مهندار هو، تنهن کي بنا جنگ جي قبضو ملي ويو. چاڪاڻ ته اتي جي گورنر ڪنهن به قسم جو ڪوبه مظاهرو نه ڪيو. چچ نامي ۾ چاٿايل آهي ته سيوستان جو گورنر چندرام هو. جنهن سان ٻڌ شمني ٺڳي ڪري، قلعو عربن جي حوالي ڪيو. چندرام به اها ساڳي ڪار ڪئي، جيڪا ڪانئس اڳ سڪندر جي حملي وقت راجاسامبس ڪئي. يعني ته جبلن ۾ ڀڄي ويو. حملي ڪندڙ فوج ماڻهن سان عقوبتون ڪيون ۽ انهن مان ڪيترن کي ئي قتل ڪيو. محمد بن قاسم جي فوج ۾ چار هزار جت سيوهڻ ۾ ئي شامل ڪيا ويا هئا. جنهن سبب سنڌ جو باقي حصو آساني سان فتح ٿيو[53].

عربن جي دور ۾ سيوستان جي شهر کي خاص اهميت مليل هئي، ڇاڪاڻ تہ ان کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ ڪنجي جي حيثيت حاصل هئي. اهو انهيءَ ڪري جو هڪ رولاڪ عرب منصور بن جمهور الڪلبي جڏهن شام مان سنڌ ۾ آيو، تڏهن هُن پهرين سيوستان تي قبضو ڪيو هو. ائين ڪرڻ سان هُن آساني سان منصوره تي قبضو ڪري ورتو، جو ان وقت عربن جي گادي جو هنڌ هو. پر سيوستان جي اهميت ان جي واپار جي ڪري هئي، جو توران ۽ ٻئا سان هلندڙ هو. عربن جو چوڻ آهي تہ سيوستان شهر چشمن ۽ نخلستانن جو شهر هو. جنسن جا نرخ گهٽ ۽ سستا هئا ۽ مال جام هو. واپاري طبقو نهايت ئي شاهوڪار هو، پر عام ماڻهو بہ سکيا ستابا هئا[54].

## بانيہ (هباري خاندان جي سرڪاري رهائش گاهہ):

بانيہ جو شهر جنهن کي سنڌ جي عرب حاڪمن جي رهائشگاهہ ٺاهيو ويو آهي. منصوره جي پر ۾ ٻڌل هو. ڏسڻ ۾ تو اچي تہ منصوره جي ڳتيل ۽ بي ترتيب شهر ۾ آدمشماري جي وڌڻ ۽ فوجي ڇانوڻي سبب، شهر جي گوڙ گهمسان واري ماحول کان بچڻ خاطر انهيءَ نئين شهر جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ جيئن تہ بانيہ جو شهر ساوڪ ۽ وٽڪار ۾ گهيريل هو، ان ڪري ان کي شاهي خاندان جي رهائش گاه لاءِ وڌيڪ موزون سمجهيو ويو. عرب حاڪمن جي محلات کان سواءِ بانيہ جو شهر عرب انتظاميہ جو مرڪز هو. جٿي سرڪاري آفيسون، قاضي ڪورٽون، فوجي بارڪون ۽ ٻيا دفتر نهيل هئا. جيئن تہ ملڪ ڇوڏاري آباد هو، ان ڪري کاڌي جون شيون سستيون ۽ دستياب هيون. شهر جا ماڻهو پڻ سکيا ستابا هئا. بانيہ جي شهر جي ڪنهن بہ ماڳ سان اجا تائين تشبيهہ نہ ڏني ويئي آهي. جيتوڻيڪ سر هينري ايليٽ انهيءَ کي پاٿيہ سان مد مقابل بيهاريو آهي[55]، جو پنجاب ۾ هو. عربن جو چوڻ آهي تہ پاٿيہ جو شهر منصوره کان آمهل يا قامهل واري رستي تي نهيل هو ۽ قامهل جو شهر سنڌ ۽ گجرات جي سرحد تي ٻڌل هو. آمهل کي انهيل واڙا پٽن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، جو ڪنهن وقت گجرات جو مرڪزي شهر هو ۽ بانيہ کان ڇهن ڏينهن جي فاصلي تي ٻڌل هو. انهيءَ ساڳي ڪتا موجب بانيہ جو شهر، منصوره کان ٽن منزلن جي فاصلي تي هو. الادريسي جو چوڻ آهي تہ بانيہ جو شهر سنڌو ڊيلٽا ۾ واقع هو ۽ منصوره

ڪان ديبل جي ويجهو هو. هُن ان جو ديبل ڪان فاصلو ٻن منزلن تي ٻڌايو هو[56].
آمهل، قامهل يا مامهل جي بـاري ۾ جيڪـي ڪجهـ عـرب ليکڪـن جي لکتـن مان مليو آهي، ان لاءِ وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ڪابہ گنجائش نہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي تہ اهو شهر گجرات ۾ هو ۽ ان جو فاصلو ڪنبات ڪان پنجن ڏينهـن جي پنڌ تـي هو. انهيءَ مان ثابت آهيُ تہ بانيـه جو شهر يا تہ ٿر ۾ پراڻ درياءُ جي ڪنڌي تـي هو، يا تہ وري لاڙ ۾ ڪنهن اهڙي هنڌ تي ٿهيل هو، جتان ڪڇ ۽ گجرات ڏانهن ويندڙ قـافلا لنگهندا هئا. جيڪڏهن بانيـه کي لاڙ جي ٻنـي واري شـهر سـان مشابهت ڏجي تہ غلط نہ ٿيندو. چيو وڃي، ٿو تـہ اهو شهر عمر بـن عبدالعزيز هباري پنهنجي گورنري جي دور ۾ ٻڌايو هو. جتي سندس پونيـرن سنڌ تـي ڏيڍ سو سال ڪان وڌيڪ حڪومت ڪئي[57].

## ڪلري:

ڪلري شهر لاءِ عربن جو چوڻ آهي تہ اهو نهايت ئي آبـاد، سرسبز ۽ سنڌ جي شاهوڪار حصي ۾ ٿهيل هو. هاڻي انهـيءَ شـهر کـي سـڪرنڊ جـي اوير ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، جو نواب شـاهہ ضلـع ۾ آهي[58]. ڪلري ننڍڙو پـر سهڻو ۽ ڪـاروهنوار وارو شـهر هـو ۽ اهـو شـهر درياءَ جـي اپرنـدي ڪنـاري تـي ٻـڌل هـو. ملتـان ۽ منصـوره جـي وچ ۾ اهـو هڪڙو اهم شهر هو، جتان واپاري قافلن کي مال مهيا ٿي ملندو هو. يعنـي تہ ان وقت ۾ سنڌ جي مارڪيٽن مان هيءُ شـهر هڪ عظيـم مـارڪيٽ هـو. عرب ليکڪن جو احوال ٻڌائي ٿو تہ هي اهو شهر آهي، جتي سنڌ جـو درياءَ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو هو[59]. انهن مـان مکيـہ وهڪرو اولهندي طرف ڪان وهي منصوره جي پر ڪان لنگهندو هو ۽ اهو شهر هن جي الهندي ڪـپ تي ٿهيل هو. درياءَ جي ٻي شاخ اپرندي ڪان ٿيندي، اتـر اولهـہ طرف ۽ پـوءِ اولهہ ڏکڻ طرف ڪـان وهـي وڃـي مرڪـزي شـاخ سـان، منصوره جي ڏکڻ ۾ وڃي ملندي هئي. منصوره ۽ ڪلري جي وچ ۾ هڪ ڏينهن جو فاصلو ٻڌايـو ويو آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو شهر منصوره ڪان 40 ميلن جي پنـڌ تي هو ۽ سيوهڻ جو شهر ان ڪان ٽن ڏينهن جي فاصلي تـي هـو. ڪلري جـو واپار هلندڙ هو ۽ ماڻهو خوشحال هئا.

## بلري:

بلري جو شهر ڪلري جي اتر ۾ مهراڻ درياءَ جي ڪپي ڪپ تي نهيل هو. پر انهيءَ شهر کي اجا تائين ڪنهن ماڳ سان تشبيهه نه ڏني ويئي آهي. سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ بلڙي جو شهر اجا تائين موجود آهي، جو حيدرآباد کان ڏکڻ طرف 30 ميلن جي پنڌ تي آهي. متعلوي سادات جو مرڪز آهي. هتي سنڌ جي مشهور شاعر شاهه عبداللطيف جي وڏي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جي تربت ۽ مقبرو آهي. عرب ليکڪن موجب بلري جو شهر، سنڌ جي تختگاهه منصوره کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو. هن جاءِ تي سنڌ جا ٻه درياءَ هاڪڙو ۽ سنڌو اچي هڪ ٻئي سان گڏبا هئا ۽ پوءِ يڪو وهڪرو ناهي منصوره جي طرف وهندا هئا. بلري (بلڙي) جو شهر پڻ آباد ۽ خوشحال ٻڌايو ويو آهي[60]. اهو شهر واپاري رستي تي هڪ اهم مرڪز سمجهيو ويندو هو. خراسان ۽ وچ ايشيا جا ڪاروان هتان ئي لنگهندا هئا ۽ جنسن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. هاڻوڪي بلڙي کي ڪنهن به حالت ۾ وچئين دور جي بلري شهر سان مشابهت ڏيئي نه ٿي سگهجي. چاڪاڻ ته ڏنل پار پتن موجب بلري جو شهر سڪرنڊ کان مٿيرو خيرپور ضلع جي ڪنهن ماڳ تي نهيل هو. منصوره ۽ اروڙ جي وچ ۾ هڪ جيتري فاصلي تي هو. اهو به ممڪن آهي ته بلري، سنڌ جي ٻين شهرن جيان وقت جي ڏارا ۾ وهي ويو هجي يا درياءَ جي اٿل پٿل سبب زمين دوز ٿي ويو هجي.

## منجابري يا منجيرانگري:

ڪن ليکڪن منجابري کي منحاتري لکيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اهو شهر سنڌو درياءَ جي الهندي ڪپ تي هو ۽ ديبل ۽ نيرون جي وچ تي هو. الادريسي جو چوڻ آهي ته منجابري جو شهر سنڌ جي بندرگاهه ديبل ۽ پنجگور جي وچ ۾ هو. ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو[61]. اهو ظاهر ٿو ڪري ته منجابري بلوچستان ۾ پنجگور ۽ لس ٻيلي جي وچ ۾ ڪنهن هڪ ماڳ تي جڙيل هو جا ڳالهه بلڪل غلط آهي. راورٽي جي راءِ آهي ته منجابري جو شهر بدين کان ٽيهن ميلن جي پنڌ تي اولهه طرف هو ۽ نيرون ڪوٽ کان 30 ميل پري شڪرپور وٽ هو. هيگ، منجابري کي هاڻوڪي ڪراچيءَ جي پر ۾ ٻڌل سمجهيو آهي ۽ جيڪڏهن اهو صحيح سمجهجي ته پوءِ نيرون ڪوٽ جو شهر هاڻوڪي نصرپور

وٺ هوندو. سر هينري ايليٽ منجابري کي ننٽي سان مشابهت ڏني آهي، جنهن کي اڳ مين نگرا (مين نگر) سڏيو ويندو هو. اهو شهر مين قوم جو مرڪز هو، جي دراصل ميد هئا ۽ مهاڻڪو ڌنڌو ڪندا هئا[62]. مين نگر کي عربي ٻوليءَ ۾ مين نجر ۾ آساني سان بدلائي سگهجي ٿو. جيئن جمال ۽ ڳمال لفظ آهن ۽ ساڳي معنيٰ رکن ٿا. سنڌ جي شهرن ۽ ماڳن بابت دراصل تمام گهٽ مواد موجود آهي ۽ جيڪي آهي، اهو پڻ اڻ پورو ۽ غير تصديق ٿيل آهي. ان ڪري ڪنهن به هڪ شهر کي مقرر ڪيل ماڳ سان مشابهت نه ٿي ڏيئي سگهجي.

منجابري لاءِ جيڪي به مختلف بيان مليا آهن، انهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته منجابري جو شهر نيرون جي سامهون درياءَ جي ٻئي ڪپ تي ٺهيل هو[63]. اهڙو ماڳ ننٽي کي ڪڏهن به نه مليو. انهيءَ ڏس ۾ ڊيوڊ راس جي راءِ وڌيڪ صحيح ٿي لڳي، جنهن جو چوڻ آهي ته جهرڪ جي پر ۾ جيڪي کنڊر آهن، اهي در حقيقت منجابري يا منجيرانگري جا آهن. اهو شهر راءِ منجهيرا اڏايو هو. انهن کنڊرن کي آس پاس جا ماڻهو ڪافر ڪوٽ سڏيندا آهن[64]. اڄ به اتي ٻڌل جاين جا نشان، موريون، مندر ۽ پڻ اهڙيون لڪتون مليون آهن، جي هندوستان جي قديم دور سان وابسته آهن. حيدرآباد ۽ جهرڪ جي وچ ۾ جيڪو فاصلو آهي، اهو پڻ الاصطخري جي لکت موجب صحيح پيو لڳي. جنهن جو چوڻ آهي ته نيرون ۽ منجابري جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جو فاصلو هو. ان وقت ۾ واپاري قافلا ۽ پڻ ٻي سواري رستي هڪ ڏينهن ۾ 15 کان 17 ميل طئه ڪري سگهبا هئا. ان ڪري منجابري کي جهرڪ سان مشابهت ڏيڻ وڌيڪ صحيح آهي ۽ انهيءَ ساڳي راءِ موجب ديبل جي ماڳ کي دڀي واري ايراضي سان مد مقابل آڻڻ پڻ وڌيڪ موزون ٿو لڳي. چاڪاڻ ته چچ نامي موجب ديبل جو بندر ڪڇ جي رڻ جي ويجهو هو.

## انري (يا اتري):

عرب جاگرافي دانن جي لکت موجب انري جو شهر بلري ۽ ڪلري جي وچ ۾ هو ۽ ان جو فاصلو ٻنهي شهرن کان هڪ جيترو هو[65]. انري کي آمري سان تشبيهه نه ٿي ڏيئي سگهجي، جو هن وقت دادو ضلع ۾ سن جي پر ۾ آهي. آمري مان نهايت ئي اعليٰ قسم جو ٺڪراٺو ۽ ٻيو سامان مليو آهي، جنهن کي آثار قديمه جي خيال کان وڏي اهميت حاصل آهي. هن وقت اٽلي جي

آثار قديمه جي ماهرن جي هڪ ٽولي اتي کوٽائي ڪري رهي آهي ۽ جڏهن اهو ڪم پورو ٿيو ته پوءِ اميد آهي ته اها سنڌ جي قديم تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندي. پر ائين به آهي ته انري، در اصل آمري هجي، چاڪاڻ ته سنڌي يا بلوچي ٻوليءَ جو لفظ عربي ۾ مختلف اچار سان لکيو ويندو هو ۽ جيئن ته سنڌ جو مک درياءَ ان وقت سنڌ جي اپرندي حصي ۾ وهندڙ هو، ان ڪري ممڪن آهي ته اهي شهر پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا. چاڪاڻ ته ان وقت نواب شاهه، خيرپور ۽ سکر ضلع جو ڪجھ حصو سنڌو درياءَ جي اولهه ۾ هو. انهيءَ جي تصديق انهن ڪنڊرن مان واضح آهي، جيڪي اڄ به سنڌو ۽ هاڪڙي دريائن جي پراڻن وهڪرن جي ٻنهي ڪپن تي ڏٺا ويا آهن. اهي ويرانا اروڙ کان وٺي ڪڇ جي رڻ تائين اڃا موجود آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته انري جو شهر به انهن مان هڪ هجي.

## برهمڻ آباد:

برهمڻ آباد جي قديم شهر کي اڃا تائين ڪنهن به ڪنڊر سان پڪي طور مشابهت نه ڏني ويئي آهي. جيتوڻيڪ ڪن ليکڪن ان کي دلور جي پڙي سان ته ڪن وري ڏيپر گهانگهري جي ڪنڊرن سان انهيءَ جو نالو ڳنڍيو آهي، جي ٻئي سانگهڙ ضلع ۾ سنجهوري تعلقي ۾ آهن. برهمڻ آباد جو نالو خود فارسي يا ايراني اثر جي تصديق ڪري ٿو. آباد فارسي ٻولي جو جوڙ آهي. زين الاخبار جي مصنف گرديزي لکيو آهي ته "ساساني شهنشاهه ارد شير درازدست" جنهن کي بهمن جاذويہ به سڏيندا هئا، تنهن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ فتح ڪرڻ کان پوءِ هُن هڪ شهر جو بنياد رکيو، جنهن کي سندس نالي پنيان بهمن آباد سڏيو ويندو هو[66]. صدين تائين انهيءَ شهر تي اهو نالو قائم رهيو، پر پوءِ جڏهن ساسانين جو زور ٽٽو ۽ سنڌ تي برهمڻ خاندان جي حڪومت آئي، تڏهن اهو نالو بهمن آباد مان بدلجي برهمڻ آباد ٿي ويو. برهمڻ آباد لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته اهو سنڌ جي راجائن جو اونهاري جو تختگاهه هو. چاڪاڻ ته سمنڊ جي هير ان تائين پهچندي هئي. گمان غالب آهي ته اهو شهر هيونچانگ وارو او- فان- چا هو. جنهن کي سنڌ جا ماڻهو آوندا سڏيندا هئا. چيني سياح هتي پي- تا- چي- لوَ پتميلا يا پٽالا کان آيو هو. هُن جو چوڻ آهي ته هو انهيءَ شهر ۾ هڪ ياتري جي حيثيت ۾ آيو هو، چاڪاڻ ته اتي ٻڌ مهارشي تتا گاتا جي رک رکيل هئي. اهوئي سبب آهي جو هُن 300 لي جو سفر طئہ ڪري آوندا جو شهر

ڏنو هو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن تتا گاتا جي رڪ جو ڪيس ديدار ڪرايو ويو، تڏهن انهيءَ مان نور جون لاٽون نڪري رهيون هيون[67]. چيني سياح، سنڌ جي شهرن بابت جيڪي فاصلا ڏنا آهن، اهي عرب سياحن جي ڏنل فاصلن سان مليو اچن. البلاذري ۾ پين عرب ليکڪن جو چوڻ آهي تہ برهمڻ آباد جو شهر منصوره کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي هو[68]. ساڳئي وقت منصوره ۽ نيرون جي وچ ۾ 15 فرسخ جو فاصلو ٻڌايو ويو آهي، جو هاٽوڪي ڪٿ موجب 45 ميل ٿيندو. منصوره جو شهر، نيرون کان اتر اوپر طرف هو[69]. نيرون کي حيدرآباد سان مشابهت ڏني ويئي آهي ۽ منصوره جنهن کي دلور جي پڙي سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، حيدرآباد کان 44 ميلن جي فاصلي تي آهي. ڏيپر گهانگهري جا کنڊر ٻڻ ڇهن ميلن جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. ڏنو ويندو تہ دلور کان وٺي جهول تائين سڄو ملڪ کنڊرن سان پريو پيو آهي. ازانسواءِ ڏيپر گهانگهري جا کنڊر، دلور جيان ٻن حصن ۾ ورهايل آهن ۽ وچ ۾ درياءَ جو پيٽ آهي.

برهمڻ آباد جو شهر عربن هٿان اهڙي طرح تباہ ٿيو جو وري نہ اسري سگهيو. پر جيئن تہ سنڌ جي ماڻهن جي ان سان هڪ خاص قسم جي انسيت هئي، ان ڪري ان جي پر ۾ جيڪي بہ شهر آباد ٿيا، انهن کي برهمڻ آباد جي نالي سان ياد ڪيو ويو. منصوره کي پڻ برهمڻ آباد سڏيو ويندو هو[70]. اهو نالو يارهين صدي عيسوي تائين قائم رهيو. ابوالفضل جنهن سورهين صدي ۾ لکيو آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ برهمڻ آباد هڪ نهايت ئي وڏو شهر هو ۽ ان جو قلعو هڪ وڏي ايراضي ۾ پکڙيل هو. هُو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ برهمڻ آباد جي قلعي کي 1400 (چوڏهن سو) برج هئا ۽ هر هڪ برج ٻئي برج کان چگيرڙي فاصلي تي نهيل هو[71]. تي سگهي ٿو تہ اهو وڏاءُ هجي. ڇاڪاڻ تہ برهمڻ آباد ان وقت تباہ ٿي چڪو هو ۽ ابوالفضل جو بيان ٻڌل ڳالهين تي هو. پر جيئن تہ برهمڻ آباد جا کنڊر دلور کان وٺي جهول تائين پکڙيل آهن، ان ڪري ابوالفضل جو ڏنل بيان ڪي قدر صحيح پيو لڳي. طبقات ناصري جو مصنف جو ابوالفضل کان اڳ جو آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ منگولن جڏهن خلجي ترڪن کي شڪست ڏني هئي، تڏهن انهن منصوره ۾ پناہ ورتي جو سنڌ ۾ آهي. برهمڻ آباد جو نالو وچئين دور ۽ ان کان پوءِ جي دورن ۾ مشهور هو. چون ٿا تہ دلوراءِ نالي هڪ ظالم راجا برهمڻ آباد تي حڪومت ڪندو هو. ان

ڪان اڳ دلوراءِ جي گادي اروڙ ۾ هئي، جو ڌرتي ڌٻڻ سبب تباه ٿي ويو. برهمڻ آباد بہ ساڳي ريت تباه ٿيو يعني تہ دلوراءِ جي ظلم سبب. جيئن تہ تاريخ جو سلسلو صحيح طور نہ لکيو ويو آهي، ان ڪري اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ دلوراءِ ڪڏهن ۽ ڪيئن حڪومت ڪئي. دلوراءِ عمراڻي خاندان مان هو، جي پڻ هندو هئا ۽ سومرن سان انهن جو نسلي رشتو هو. ان ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ دلوراءِ وارو دور سومرن جي دور وارو زمانو هو، جنهن وقت سنڌو ماٿر ۾ غزنوي ۽ غوري خاندانن جو تسلط هو.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) المسالڪ الممالڪ (الاصطخري)، ص 175، صورة الارض، ص 323.
(2) معجم البلدان، جلد 8، ص 356.
(3) چچ نامو، ص 116.
(4) فتوح البلدان، ص 443.
(5) تاريخ طبري، جلد 2، ص1533، ڪامل في التاريخ، جلد 6، ص 258، ڪتاب العبر، جلد 3، ص 66.
(6) چچ نامو، ص 118.
(7) چچ نامو، ص 116.
(8) هسٽورينس آف سنڌ (ايليٽ)، جلد 2، ص 155.
(9) پنيور (ڪتابڙو)، ص 1، 4.
(10) المسالڪ والممالڪ، ص 175.
(11) صورة الارض، ص 323.
(12) نزهة المشتاق (وصف الهند)، ص 29.
(13) معجم البلدان، جلد 8، ص 356.
(14) جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز، جلد 16، ص 284.
(15) گهاري واري ڪاري ڪڏهن بہ سنڌو درياءَ جو ڇوڙ نہ رهيو آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ اهو پاسي وارين ٽڪرين تي مينهن پوڻ سبب گڏ ٿيل پاڻيءَ جو ڇوڙ هو.
(16) اينشنٽ جاگرافي (ڪننگهام)، جلد 1، ص 282.
(17) اينشنٽ جاگرافي (ڪننگهام)، جلد 1، ص 283.
(18) فتوح البلدان، ص 242، 243.
(19) چچ نامو، ص 73.
(20) چچ نامي ۾ ٻڌايل آهي تہ بديل بن طهفة البجلي جي موت کان پوءِ عبدالله بن عامر، حجاج کي عرض ڪيو هو تہ ڪيس سنڌ جو گورنر بنائي

موڪلي. پر حجاج ان کي رد ڪري محمد بن قاسم الثقفي کي سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليو. چچ نامو، ص 93.

21) احسن التقاسيم، ص 479.

22) نزهة المشتاق، ص 29.

23) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

24) احسن التقاسيم، ص 479.

25) ڪامل في التاريخ، جلد 8، ص 185، تاريخ الخلفاء، ص 254.

26) چچ نامو، ص 104.

27) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

28) المسالڪ والممالڪ، ص 175، صورة الارض، ص 323.

29) هسٽورينس آف سنڌ، جلد 2، ص 12 9.

30) چچ نامو، ص 255.

31) فتوح البلدان، ص 441.

32) فتوح البلدان، ص 441.

33) معجم البلدان، جلد 6، ص 118.

34) مروج الذهب، جلد 1، ص 143.

35) نانيہ واه لاءِ ٻڌايل آهي تہ اهو هڪ واه هو، جو سڌي طرح سنڌو درياءَ کان وهندو هو.

36) چچ نامو، ص 103.

37) اينشنٽ جاگرافي، جلد 1، ص 342.

38) عجائب الاسفار، جلد 2، ص 7.

39) انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 44.

40) مهراڻ (راورٽي)، ص 123.

41) مهراڻ، ص 319.

42) آئين اڪبري، ص 556.

43) آئين اڪبري، ص 551.

44) چچ نامو، ص 106، 107.

45) اينشنٽ جاگرافي، جلد 1، ص 383.

(46) چچ نامو، ص 224، 225.
(47) المسالک والممالک، ص 175، صورة الارض، ص 322، نزهة المشتاق ص 34.
(48) نزهة المشتاق، ص 34.
(49) هيونتسيانگ، ڪتاب 4، ص 461.
(50) جرنل پنجاب هسٽاريڪل سوسائٽي، جلد 1، نمبر 2، ص 174، 175.
(51) اينشنٽ جاگرافي، جلد 1، ص 264.
(52) اينشنٽ هسٽري آف انڊيا، ص 100، 101.
(53) فتوح البلدان، ص 443.
(54) نزهة المشتاق، ص 33.
(55) هسٽورينس آف سنڌ (ايليٽ)، جلد 2، ص 119.
(56) نزهة المشتاق، ص 33.
(57) المسالک والممالک، ص 175.
(58) ڪلري جو فاصلو سڪرنڊ کان 30 ميل اوير ۾ آهي. اهي ٻئي شهر نواد شاه ضلعي ۾ آهن.
(59) نزهة المشتاق، ص 35.
(60) المسالک والممالک، ص 180، صورة الارض، ص 326.
(61) نزهة المشتاق، ص 36.
(62) هسٽورينس آف سنڌ، جلد 2، ص 145.
(63) المسالک والممالک، ص 175.
(64) لينڊ آف فائيو رورس اينڊ سنڌ، ص 27.
(65) المسالک والممالک، ص 175.
(66) مهراڻ (راورٽي)، بحوالہ زين الاخبار، ص 197.
(67) هيونتسيانگ، ڪتاب 4، ص 151.
(68) فتوح البلدان، ص 444.
(69) جنرل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي سيريز، جلد 16، ص 284.
(70) فتوح البلدان، ص 444.
(71) آئين اڪبري، ص 555.

# سنڌ ۾ ملتان جي عرب حڪومت

ملتان نالي جي اصليت - ملتان ۾ ان جي مندر جي قدامت - ملتان جي عرب حڪومت - ملتان جا حاڪم - ملتان جو بت - ملتان جو عرب دور - ملتاني عرب حڪومت جي پڄاڻي -

## باب پندرهون

# ملتان جي عرب حڪومت

### ملتان نالي جي اصليت:

ملتان، عربن جي وسيع سلطنت جي اپرندي واري صوبي سنڌ جو مکيہ شهر هو ۽ ملتان جي عرب حڪومت جو تختگاهہ هو. ان جو حاڪم قريش خاندان مان هو، جيڪي بنو اسد مان هئا ۽ سامہ بن لوئي جي پيڙهي سان تعلق رکندڙ هئا. ملتان جي عرب حڪومت جي پڇاڙي سلطان محمود غزنوي جي هٿان ٿي، جنهن انهيءَ کي پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو.

ملتان، لفظ دراصل سنسڪرت مليستانہ (مالي- استن) جو بگڙيل اچار آهي. يعني تہ مالي قوم جو رهائش گاهہ. ٿي سگهي ٿو تہ مالي، يوناني ليکڪن جو ”ملوئي“ هجي[1]. اها ۽ شبي (شوي) قوم، سنڌو ماٿريءَ جون نهايت ئي قديم قومون ليکيون ويون آهن. ڪيترا ئي شهر ۽ ماڳ انهيءَ نالي سان وابستہ آهن، جن ۾ مالوا (هند)، سبي (بلوچستان)، سيوستان (سنڌ)، شو ڪوٽ يا شور ڪوٽ (پنجاب)، انهيءَ ٻن قومن جي ثقافتي اثر جي تصديق ڪن ٿا. ملتان جو قديم نالو ڪسياپا پورا ٻڌايو ويو آهي، جو اصل ۾ رشي ڪسياپا جي ڪري رکيو ويو هو. ڪسياپا منو مهراج جو پٽ هو ۽ منو، برهما جي پيڙهي مان هو[2]. منوءَ کي ست پٽ هئا ۽ انهن کي وڏي رڇ جي ستن تارن سان تشبيهہ ڏني وڃي ٿي. ڪن ليکڪن جو چوڻ آهي تہ ملتان، مول مان نهيل آهي، يعني تہ سورج ديوتا[3]، ۽ ان جي تصديق سورج ديوتا جي مورت مان ٿئي ٿي، جا ملتان جي مندر ۾ نهايت ئي قديم دور کان وٺي رکيل هئي. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي تہ ملتان جو مندر، ننڍي ڪنڌ ۾ سج جي پوڄا جو اهم مرڪز هو. مول جي سنسڪرت ٻولي ۾ معنيٰ آهي اصل يا بنياد. ول جون ٻيون معنائون آهن آڪاش، خلا، وايو منڊل، هوا يا خدا ۽ انهن مان ڪهڙو بہ نالو سج سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو، جو هن ڪائنات جو صاحب اعليٰ آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ ملتان جو مندر سڀ کان پهرين ڪرشن مهراج جي فرزند راجا سميا، سج جي پوڄا لاءِ ٺهرايو هو. هُن انهيءَ جو نالو آديہ استنا رکيو هو، جنهن جي معنيٰ آهي پهريون عبادتگاهہ[4]. آديہ، آدتيہ (يعني سج) جو بگڙيل اچار آهي.

جنهن کي آدت ۽ پوءِ آديہ پڙهيو ٿي ويو ۽ آخر ۾ اهو ايت ٿي ويو[5]. جيئن تہ آدتواڙا يا ايتوار (آرتوار) مان ظاهر آهي يعني تہ سج جو ڏينهن. سج جي پوڄا جو رواج ملتان ۾ تمام قديم آهي ۽ ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان کي مشهور ڀڳت پرهلادا رائج ڪيو. پرهلادا ديتيا (يا هريانہ ڪپيسو) جو پٽ هو، جو منو مهراج جي ستن پٽن مان هڪ هو. سنسڪرت جي مشهور عالم البيروني جو چوڻ آهي تہ ملتان جو مندر ڪرتاجگ واري دور ۾ ٺهيو هو ۽ اهو سندس حساب موجب 2 21643 سال پراڻو هو[6].

## ملتان ۽ ان جي مندر جي قدامت:

ملتان ۽ ان جي مندر جي قدامت بابت ڪئين روايتون ۽ رايا قلمبند ڪيا ويا آهن. انهيءَ جو نالو يوناني امير البحر اسڪائيلاڪس جي لکتن ۾ موجود آهي. اسڪائيلاڪس، ايران جي شهنشاهہ دارا پهرين جي حڪم سان هندستان آيو هو ۽ پنجاب ۽ سنڌ مان ٿيندو سمنڊ رستي واپس عراق پهتو. علم تاريخ جي يوناني ماهرن هيروڊوٽس ۽ بطليموس، ڪسيا پاپورا بابت جيڪي بيان ڏنا آهن، اهي ملتان جي ماڳ ۽ شهر سان مليو اچن. سڪندر اعظم پڻ اهو مندر ڏٺو ۽ انهيءَ جي ديوتا جي مجسمي کي قبي جي وچ ۾ مقناطيس جي وسيلي ٽنگيل ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ اهڙي رپورٽ هن پنهنجي استاد ارسطاليس (ارسطو) کي ڏياري موڪلي[7]. چيني سياح هيونچانگ پڻ ملتان جهڙو شهر ڏٺو هو. جنهن ۾ هن سج جي مندر کي او- فا- تسون لکيو آهي. يعني تہ آدتيہ (سج ديوتا). ملتان کي هُن مولا سان پولا (مولسٿن پورا) جو نالو ڏنو آهي ۽ ٻڌائي ٿو تہ سورج ديوتا جي مورت ڪچي سون مان ٺهيل هئي ۽ ان ۾ هر ڪنهن قسم جا قيمتي پٿر جڙيل هئا[8]. ان وقت ملتان جو شهر راوي ندي جي ايرندي ڪناري تي اڏيل هو، پر هاڻي اهو گهٽو پري هٽي ويو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن ميلن جي فاصلي تي آهي.

اليگزينڊر ڪننگهام جنهن 1856ع ۾ هن ايراضيءَ جو تفصيلي دورو ڪيو هو، تنهن پنهنجي رپورٽ ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ پوڙ جي وقت راوي ندي ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي ڇڏيل پراڻي ڊوري مان وهندي رهي ٿي[9]. عربن جي ڪاهہ وقت ملتان جو شهر ۽ ان جو مندر، ننڍي کنڊ جو هڪ وڏو ۽ اهم مذهبي مرڪز هو. جتي زيارت جي موسم ۾ هندوستان جي کنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو ايندا

هئا. جڏهن عربن هي شهر فتح ڪيو، تڏهن انهن ملتان جي بت کي يهودين جي نبي حضرت ايوب عليه السلام سان تشبيهه ڏني هئي[10]. عربن جي اچڻ کان اڳ ملتان جو شهر هندو سلطنت جي هڪ صوبي جو مرڪزي شهر هو. اهو شهر راءِ سهاسي ٻئي جي موت کان پوءِ راجا چچ پنهنجي بازوءَ جي قوت سان فتح ڪيو هو. عربن جڏهن ملتان تي حملو ڪيو، تڏهن اتي جو حاڪم راجا ڪندا هو. هُن نہ فقط ڏارين جو مقابلو ڪيو، پر عربن کي رسد جي مال پهچڻ ۾ بہ وڏيون رڪاوٽون پيدا ڪيون هيون. ان سبب عربن کي مجبور ٿي گڏهہ جو گوشت کائڻو پيو. چچ نامي ۾ مذڪور آهي تہ گوشت نہ ملڻ جي حالت ۾ گڏهہ جي منڍيءَ جو اگهہ 500 درهم تي وڃي پهتو هو[11]. ملتان جي مها پوڄاري گهيري جي تڪليف کان عاجز اچي عربن سان صلح ڪيو ۽ قلعو سندن حوالي ڪيو. عربن کي ملتان مان تمام گهڻو سون هٿ آيو. ايتري قدر جو انهن ملتان جو نالو "فرج بيت الذهب" رکيو هو[12]. محمد بن قاسم ملتان جي شهر تي دائود بن نصر اوماني کي گورنر مقرر ڪيو. پر پسگردائي واري ايراضي عڪرمه بن طيهان الشامي جي حوالي ڪئي ويئي[13]. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اڳي وانگر ملتان شهر کي سنڌ جي گادي اروڙ جي ماتحت رکيو ويو هو.

## ملتان جي عرب حڪومت:

تاريخي مواد جي گهٽتائي سبب اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ ملتان جي حڪومت جو بنياد ڪڏهن پيو يا ڪنهن وڌو ۽ نہ وري انهيءَ لاءِ تصديق ڪري سگهجي ٿي تہ اها ڪيترو وقت قائم رهي. پر انهيءَ حقيقت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ملتان ۽ ان جي آس پاس وارين ايراضين تي بنو قريش جي هڪ شاخ بنو سامه جي حڪومت محمود غزنوي جي حملي تائين قائم هئي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ دائود بن نصر الاوماني جنهن کي محمد بن قاسم ملتان تي حاڪم مقرر ڪيو هو، تنهن ۽ ان کان پوءِ سندس اولاد جي بنو سامه مان هئا، پنهنجي حڪومت کي ملتان تي برقرار رکيو ۽ سنڌ تي مقرر ڪيل گورنر ۽ پڻ بنو اميہ ۽ بنو عباس جي دور ۾ هڪ ٻئي پنيان ايندڙ خليفن کي راضي رکيو. سندن پوزيشن هڪ زبردست امير جي هئي ۽ جڏهن خليفي متوڪل جي زماني ۾ اسلامي عرب سلطنت مرڪز جي ڪمزوري سبب پڇي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي، تڏهن ملتان جي حاڪمن بہ پاڻ کي خودمختيار بنايو ۽ سندن اها حيثيت سلطان محمود جي دور حڪومت تائين برقرار رهندي آئي.

## ملتان جا حاڪم:

تاريخي مواد جي گهٽتائي سبب اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ ٻن سو سالن جي دور ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا حاڪم ملتان جي عربي خاندان مان پيدا ٿيا يا حڪومت ڪئي. عرب جاگرافي دان جن عربي دور ۾ سنڌ جو دورو ڪيو، تن بہ انهيءَ ڏس ۾ ڪنهن قسم جو ڪوبہ اهڃاڻ نہ ڏنو آهي. المسعودي پنهنجي سفرنامي ۾ ملتان جي حاڪم جو نالو ڏنو آهي، جنهن ڪي هو ابوالدلهاث المنبہ بن اسد القرشي ٻڌائي ٿو. المسعودي، سنڌو ماٿر جو دورو سن300 هہ/919ع ڌاري ڪيو هو. پر سندس قول آهي تہ ابن اسد القرشي ۽ سندس وڏا هن علائقي تي عربن جي اوائلي حملن جي وقت کان وٺي قابض هئا[14]. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ملتان جي عرب حاڪمن جي اصلي حيثيت هڪ گورنر جي برابر هئي، پر عباسين جي ڪمزوري کان پوءِ اهي خود مختيار امير بنجي ويا. علامہ يعقوبي جي چوڻ موجب ملتان عربن جي اوائلي حملي کان پوءِ وري بہ مقامي غير مسلم ماڻهن جي ور چڙهي ويو هو. پر پوءِ اهو عباسين جي دور حڪومت ۾ سن 151 هہ/768ع ۾ هشام بن عمرو تغلبي جي هٿان فتح ٿيو[15]. دراصل ميد ۽ زط قومون جن جو سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان ۾ زور هو، انهن پاڻ ۾ گڏجي عربن کي ملڪ مان ڪڍڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون هيون. انهيءَ وڳوڙ کي بغداد جي عباسي خليفن طاقتور فوجون موڪلي ختم ڪيو. پر اهو بہ ٿوري وقت لاءِ قائم رهيو. چاڪاڻ تہ وري بہ مقامي ماڻهن عربن کي شڪست ڏيئي اتان ڪڍي ڇڏيو. ملتان کي ٻيو دفعو سن 184هہ/ 800ع ۾ محمد بن عادي فتح ڪيو. پر ان کي بہ ماڻهن ڇڏڻ تي مجبور ڪيو[16]. چئي نہ ٿو سگهجي تہ ملتان تي غير مسلم مقامي ماڻهن جي حڪومت هئي يا ان تي منصوره جي مرڪزي شهر مان گورنر موڪليا ويندا هئا. هندو شاهي خاندان جي تاريخ ۾ واضح طور ٻڌايو ويو آهي تہ ملتان جي عرب حڪومت جو ڏکڻ پنجاب جي وڏي حصي تي قبضو هو[17]. هڪ چانديءَ جو سڪو پڻ ٻڙي واري کنڊرن مان مليو آهي، جنهن ۾ هيٺين عبارت مذڪور آهي:

| | |
|---|---|
| بالله | محمد |
| بنو داؤد | رسول |
| واصہ | الله[18]. |

اهو سکو ڪن ماڻهن جهالت سبب دائود پوٽن ڏانهن منسوب ڪيو آهي. جو دراصل بنو دائود بن نصر الاوماني خاندان سان تعلق رکي ٿو. منبه بن اسد القرشي، جنهن جو المسعودي پنهنجي سفرنامي ۾ ذڪر ڪيو آهي، بنو داؤد خاندان مان هو. پر سبڪتگين جي زماني ۾ ملتان جو حاڪم شيخ حامد هو، جنهن غزنوي فوجن جي سپه سالار سان صلح ڪيو هو[19]. شيخ جو لقب ڏيڪاري ٿو ته يا ته اهو اسماعيلي قرمطي هو يا قرمطي دهشت پسندن جي خوف کان اتي جي عرب حاڪم اهو لقب اختيار ڪيو ته جيئن پنهنجي حڪومت ۽ مان بچائي سگهي. هي اهو وقت هو، جڏهن اسماعيلين جي تبليغ جو سنڌو ماٿر ۾ زور هو. ابن الهيثم ۽ جلم بن شيبان جهڙا ماڻهو سنڌ ۾ وارد ٿي چڪا هئا ۽ انهن جي اثر هيٺ ملتان ۽ منصوره جون عرب حڪومتون تباهه ٿي ويون. اسماعيلين اچڻ سان ملتان جي جامع مسجد کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ ان جو سبب هي ٻڌايو ته اها بنو اميه جي ظالمانه دور جي نشاني آهي. اها مسجد سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم ٺهرائي هئي[20]. جيئن ته تاريخ جي ڪتابن ۾ ملتان جي عرب حاڪمن بابت مواد اڻ پورو ۽ غير مصدقه آهي، ان ڪري انهن جي باري ۾ ڪابه ڳالهه تحقيق سان نه ٿي چئي سگهجي. بيو ته ملتان جي گورنر جا ڪي به سڪا هٿ نه آيا آهن. ان سبب اجا تائين پڪ سان اها دعويٰ نه ٿي ڪري سگهجي ته ڪهڙا ۽ ڪيترا امير ملتان تي حڪومت ڪندا رهيا.

## ملتان جو بُت:

ملتان جو بت جنهن کي عربن حضرت ايوب عليه السلام نبي سان تشبيهه ڏني هئي، اهو نندي ڪنڊ جي وڏن ديوتائن مان شمار ڪيو ٿي ويو. نهايت ئي ڏورانهين ملڪن جا ماڻهو اتي اچي جمع ٿيندا هئا ۽ نذرانه ۽ تحفا پيش ڪندا هئا. عربن جي دور ۾ اهو بت ملتان جي حاڪمن لاءِ آمدني جو وڏو ذريعو هو. ملتان جي بت لاءِ ٻڌايل آهي ته اهو ماڻهو وانگر هو ۽ ڪرسي تي وينل هو. سندس سڄو بدن ڳاڙهي رنگ جي کل يا پوشاڪ سان ڍڪيل هو. فقط ٻه اکيون ظاهر هيون جي دراصل ٻه وڏا هيرا هئا ۽ اهڙي طرح ڪوپن ۾ جڙيل هئا، جيئن ته سچيون اکيون هجن. ابن نديم ٻڌائي ٿو ته اهي هيرا جهرڪي جي آنن کان وڏا هئا ۽ مندر ۾ ائين پئي جرڪيا جيئن رات جو آسمان ۾ تارا[21]. انهيءَ بت جي مٿي تي سون جو تاج پڻ رکيل هو ۽ اهو اهڙي طرح

وهاريل هو، ڇٽڪ چار ڳٽي رهيو آهي. ملتان ۾ ٻہ ٻيا بہ بت هئا، جن مان هڪ ڪي جنبڪت ۽ ٻئي کي زنبڪت سڏيو تي ويو ۽ ٻئي بت پٿر جي ڇپن کي گهڙي ناهيا ويا هئا. انهن بتن کي اسي والن جي اوچائي تي رکيو ويو، جنهن سبب اهي تمام گهٽو پري کان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جڏهن بہ پري کان پوڄارين جي نظر انهن بتن تي پوندي هئي تہ اهي سواري ڇڏي پير اگهاڙا ڪري اوڏاهين نهايت عزت ۽ احترام سان هلڻ شروع ڪندا هئا[22]. سوکڙيون ۽ تحفا تمام گهٽي انداز ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا. ڪي پوڄاري تہ هڪ هزار ميلن جو سفر ڪري اتي اچي پهچندا هئا. سڀ ڪنهن قسم جي قرباني جو رواج هو جيئن حج ۾ آهي. اهڙيءَ ريت ملتان جي بت جو بہ طواف ڪيو ويندو هو ۽ حاجين وانگر زائرين مٿو پڻ ڪوڙائيندا هئا. قرباني جا عجيب طريقا عرب ليکڪن قلمبند ڪيا آهن. ڪني ماڻهو چاقوءَ سان پنهنجون اکيون ڪڍي بت جي قدمن ۾ اڇلائيندا هئا. ڪي وري بانس جي لٺ کي تکو ڪري، پنهنجي دُن تي رکي اهڙو زور ڏيندا هئا جو اها ڪاني آنڊن مان آرپار ٿي ويندي هئي ۽ ٽُڪي ٽُڪي جان ڏيندا هئا[23]. ابن رستہ جنهن پنهنجي تصنيف سن 290 هہ / 903ع ۾ مڪمل ڪئي، تنهن هن ريت اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي:

"ملتان جو بت ويهہ وال ڊگهو هو ۽ ماڻهوءَ جهڙو هو. مقامي ماڻهن جو قول هو تہ اهو آسمان مان آيو آهي ۽ اسان کي حڪم ڪيو اٿس تہ سندس عبادت ڪريون. اهو بت ۽ ان جو مندر ملتان جي عرب حاڪمن لاءِ آمدني جو وڏو اهم ذريعو هو. شاهوڪار ماڻهو پنهنجيون ملڪيتون انهيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا هئا تہ جيئن سندن نجات ٿي سگهي. مندر جا پوڄاري گوشت ۽ شراب کان ڪِري ڪندا هئا ۽ هميشہ صاف ۽ سترا رهندا هئا. بت کي چانور، مڇي، پاڇيون وغيره ڪاڌي لاءِ ڏنا ويندا هئا ۽ ان وقت موسيقي ۽ ناچ ٿيندو هو. ٿوري وقت کان پوءِ اهو ڪاڌو جانورن، پکين ۽ جيتن ۾ ورهايو ويندو هو. بت سڄو سارو لوہ جو ٺهيل هو ۽ مندر جي وچ ۾ مقناطيس جي وسيلي بيٺل هو[24]."

ابن نديم نالي هڪ ٻئي ليکڪ هن ريت لکيو آهي:

"ملتان جو بت ست وال ڊگهو آهي ۽ اهو هڪ اهڙي مندر ۾ رکيل آهي، جنهن جو امق هڪ سو اسي وال آهي. بت جا چار منهن آهن ۽ هر هڪ منهن مندر جي چئن دروازن جي سامهون آهي. جتان پوڄاري مندر ۾ داخل ٿيندا آهن[25]."

البيروني جو چوڻ آهي تہ ملتان جو بت ڪاٺيءَ جو ٺهيل آهي ۽ ان تي چمڙي جو ڪَور چڙهيل آهي[26]. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اصل بت جيڪو سون جو ٺهيل هو، اهو عرب پاڻ سان کڻي ويا ۽ ان جي جاءِ تي ڪاٺيءَ جو بت رکيو ويو. ملتان تي جڏهن اسماعيلي قرمطين جو قبضو ٿيو، تڏهن انهن اهو ڪاٺ وارو بت جلم بن شيبان جي حڪم سان پيجي پورا ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي بہ پوڄاري ان وقت موجود هئا، انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو[27].

عربن لاءِ ملتان جي بت جي تمام گهڻي اهميت هئي. نہ رڳو رياست لاءِ هي بت ڪمائيءَ جو ذريعو هو، پر ساڳئي وقت بچاءَ لاءِ بہ ان جي اهميت هئي. جڏهن بہ غير مسلم حملو ڪندا هئا، تڏهن عرب ان بت کي ٻاهر ڪڍي قلعي جي ديوار تي رکندا هئا ۽ انهن کي ڊيڄاريندا هئا تہ حملي جي صورت ۾ بت کي ڀڃو ويندو[28]. ان ريت غير مسلم جنگ کان ٽارو ڪندا هئا ۽ ائين عرب حڪومت جي عمر وڌندي وئي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن محمد بن قاسم الثقفي ملتان تي قبضو ڪيو، تڏهن ان جي خوشحالي ۽ مندر جي آسودگيءَ جو سبب معلوم ڪيائين. کيس ٻڌايو ويو تہ ان بت جي ڪري مندر ۾ ايتري دولت گڏ ٿي آهي. سڄي هندستان مان ماڻهو مندر واسطي قيمتي تحفا آڻيندا هئا، جن کي ايندڙ ڪيئي نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويندو هو. محمد بن قاسم بت کي ناس ٿيڻ کان بچايو، البت ٺٺول طور ان جي ڳچيءَ تي ڍڳي جي گوشت جو ٽڪرو لٽڪائي ڇڏيو هو[29].

## ملتان جو عرب دور:

عرب جاگرافي دانن جو چوڻ آهي تہ ملتان جي عرب حڪومت جون حدون ڪشمير کان وٺي اروڙ تائين محڪم هيون. ملتان جو شهر آباد ۽ ڳتيل هو ۽ ان جي آس پاس ملڪ آباد ۽ وسيل هو. سڄي ملڪ ۾ ٻنيون، باغ ۽ چراگاهہ ڪثرت سان موجود هئا. المسعودي جو چوڻ آهي تہ ملتان جي عرب حڪومت ۾ هڪ لک ويهہ هزار شهر ۽ ڳوٺ موجود هئا[30]. جو تي سگهي ٿو تہ وڌاءَ هجي. پر انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ملڪ آباد ۽ وسيل هو ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. المسعودي جو مڪمل بيان هي آهي:

”ملتان، منصوره کان 75 سنڌي ڪوهن (فرسخ) جي فاصلي تي آهي. سڄو ملڪ پوک هيٺ آيل ۽ سائو آهي. وڻ ٽڻ جام آهن. پر ان جا حاڪم ميد

نسل جي ماڻهن سان هر وقت جنگ ۾ رڌل آهن. ملتان، هندستان جي غير مسلمانن خلاف عربن جو مضبوط مورچو آهي، جتي تمام پري پري جا ماڻهو زيارت ڪرڻ ايندا آهن. اهي پاڻ سان نقدي، زيور، قيمتي پٿر، چندن ۽ ٻيون خوشبودار شيون کڻي ايندا آهن ۽ نذراني طور بت جي آڏو پيش ڪندا آهن. انهن سڀني شين ۾ ڪمار (راس ڪماري) جو چندن وڏي اهميت رکي ٿو جو نهايت قيمتي آهي. ان جو هڪ مڻ 200 سون جي دينارن ۾ ملي ٿو. جڏهن به غير مسلمانن طرفان ملتان تي حملو ٿيندو آهي، تڏهن اتي جو حاڪم ملتان جي مندر مان بت کي ڪڍائي قلعي جي ديوار تي آڻي بيهاريندو آهي ۽ ڪافرن کي دڙڪو ڏيندو آهي ته جي حملو ڪندؤ ته هُو بت کي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو. اهو ڏسي هندن جون فوجون واپس هليون وينديون آهن[31]."

الاصطخري، جنهن المسعودي کان پوءِ سنڌ جو دورو ڪيو، هن ريت رقمطراز آهي:

"ملتان جو شهر منصوره جي اڌ جيترو آهي. ان کي فرج بيت الذهب چون ٿا. اتي هڪ بت آهي، جنهن جي سڄي هندوستان ۾ تعظيم ڪئي وڃي ٿي. ڏورانهين ملڪن مان ڪيترا ئي ياتري ملتان جي بت جي زيارت ڪرڻ اچن ٿا ۽ پاڻ سان ججها پيسا، سون ۽ قيمتي پٿر آڻين ٿا. اهي سڀ بت تي خرچ ڪريو ڇڏين يا نذراني طور ڏيو ڇڏين. ملتان شهر جو نالو بت جي نالي ڪري آهي، جنهن کي پڻ ملتان سڏين ٿا. اهو مندر جي وچ ۾ رکيل آهي ۽ مندر شهر جي وچ ۾ هڪ اهڙي چونڪ تي آهي، جتي سڀ رستا اچيو گڏ ٿين. مندر جي چوڌاري پوڄارين ۽ ششن جا گهر آهن. اِهو بت ماڻهوءَ جي شڪل جو آهي ۽ اهو پلٿي ماريو ويٺو آهي. سندس وهڻ جي جاءِ هڪ تخت مثل آهي جو سرن ۽ گچ جو ٺهيل آهي. سندس سڄو بدن کل سان ڍڪيل آهي. فقط اکيون ظاهر آهن، جي هيرن وانگر روشن ۽ ٻرندڙ آهن. ڪن جي راءِ آهي ته بت ڪاٺ جو ٺهيل آهي ته ڪي وري ٻي ڳالهه ٿا ڪن، پر سندس بدن اگهاڙي ڪرڻ جي منع آهي. ان ڪري ڇٽي نه ٿو سگهجي ته اهو ڇا جو ٺهيل آهي. بت جي مٿي تي تاج رکيل آهي، جو سڄو سارو سون جو آهي. سندس هٿ گوڏن تي رکيل آهن ۽ ائين ڏيکاريل آهي، ڄڻ ته چار ڳڻي رهيو آهي. ملتان جا امير پنهنجو ۽ پنهنجي انتظاميه جو خرچ انهيءَ مندر جي ڪمائي مان ڪن ٿا. جڏهن به ملتان

تي حملو ٿيندو آهي، تڏهن ملتان جا حاڪم مندر مان بت کي ڪيرائي قلعي جي پٽ تي آڻي بيهارين ٿا ۽ پوءِ هيٺ گڏ ٿيل هندو فوج کي ڌمڪي ڏيندا آهن ته جيڪڏهن شهر جي ويجهو ايندا ته هُو بت کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندا. ان سبب حملي آور فوجون موٽيو وڃن، نه ته گهٽا ڏينهن اڳ اهو تباهه ٿي وڃي ها. ان ڪي فرج بيت الذهب به سڏين، ڇاڪاڻ ته اتان تمام گهڻي انداز ۾ سون هٿ آيو هو[32]."

هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته: "ملتان کان هڪ ميل جي پنڌ تي عربن جي ڇانوڻي ۽ امير جو محلات آهي. ملتان جو حاڪم شهر ۾ ڪڏهن به نه ايندو آهي. فقط جمع جي ڏينهن ۾ اهو به نماز لاءِ هاٿيءَ تي چڙهي ايندو آهي. اهو امير سامه بن لوي جي اولاد مان آهي ۽ آزاد بادشاهه آهي، پر خطبو عباسي خليفن جي نالي پڙهيو ويندو آهي[33]."

ابن حوقل، جنهن لاءِ پڻ ٻڌايل آهي ته هُن الاصطخري کان پوءِ سنڌ جو دورو ڪيو، تنهن به گهڻو ڪري ساڳيو بيان قلمبند ڪيو آهي. الاصطخري جي بيان جي ابتڙ ابن حوقل ملتان جي ڇانوڻي جو نالو ڏنو آهي. يعني ته جند راور ۽ اها مهراڻ جي اپرندي ڪناري تي ٻڌل هئي[34]. بسمد جو شهر به ملتان جي حدن اندر هو. اهو شهر درياءَ کان ايتري ئي فاصلي تي ٻڌل هو، جيتري تي ملتان ۽ جند راور نهيل آهي[35]. البشاري المقدسي چوٿون جاگرافي جو ماهر هو، جيڪو ابن حوقل کان پوءِ عربي دور ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. هُن منصوره جي عرب حڪومت جو احوال تفصيل سان ڏنو آهي، پر ملتان جي باري ۾ فقط به چار حقيقتون ڏنيون آهن. ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته ملتان ان وقت عربن جي هٿ مان نڪري اسماعيلي قرمطي باغين جي هٿ ۾ اچي ويو هو، جن شايد بشاري جي ملتان ۾ داخلا تي بندش وڌي هجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته بشاري پاڻ به ملتان وڃڻ کان نٽايو هجي. انهيءَ سبب ته قرمطي ڪيس منصوره جي سني عرب حڪومت جو جاسوس نه سمجهن. ان هوندي به سيني ليکڪن جي اها متفق راءِ آهي ته ملتان سنڌو ماٿريءَ ۾ واپار جو اهم مرڪز هو. ان جون بازارون ماڻهن سان ڀريل هيون ۽ هر ڪنهن قسم جو مال موجود هو. عاج ۽ ٽامي جو سامان ڪثرت سان هو. اگهه نهايت ئي سستا هئا. ملتان جي ماڻهن جو لباس اهڙو ئي هو، جيڪو منصوره جي ماڻهن وٽ هو. پر اميرن جي ڊريس هندستان جي غير

مسلم راجائن جهڙي هئي. عربي ۽ سنڌي ٻوليون ملتان ۾ عام هيون[36]. ملتان جو رسم الخط ارد ناگري هو. جو ناگري ۽ سڌامتريڪا جو ميلاپ هو. ملتان جو شهر سنڌو ماٿريءَ ۾ ٻاهرين ۽ اندرين واپار جو اهم مرڪز هو، جتي ڏورانهين ملڪن جا قافلا هر ڪنهن قسم جو مال کڻي ايندا هئا. ملتان جو اندروني واپار ٻڌا، طخارستان ۽ منصوره سان هلندڙ هو. واپاري قافلا اوير ۾ قنوج تائين ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين هلندڙ هئا. سستائي هئي ۽ هر ڪا شيءِ آساني سان دستياب ٿي سگهندي هئي. ماڻهن جي خوشحالي جو اندازو انهيءَ حقيقت مان واضح آهي تہ چانديءَ جي هڪ سڪي ۾ ٽيهہ مڻ ماني ۽ ٽي مڻ ڪنڊ ملي سگهندي هئي[37]. ملتان جي عرب حڪومت جي باري ۾ پرتاهيرا گهراڻي جي لڪتن ۾ بہ اشارو ڪيل آهي، جن سان سنڌن جنگ هلندڙ هئي[38]. ملتان جي اهميت غزنوي حملي کان پوءِ گهٽجڻ لڳي. جن ملتان تي حملو ڪري قتلام ڪيو ۽ آخر ۾ ملتان جي حڪومت جي سن 401 هہ / 1010ع ۾ پڄاڻي آندي.

## ملتاني عرب حڪومت جي پڄاڻي:

ملتان جي حڪومت، اسلامي عرب سلطنت جي هندوستان ۾ آخرين آئوٽ پوسٽ هئي. عربن جي آخرين دور ۾ اها قرمطي باغين جي اثر هيٺ اچي ويئي، جيڪي قرآن ۽ سنت جي ابتڙ تبليغ ڪندا رهيا. ان وقت افغانستان ۾ غزنوي ترڪن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي، جن شاهي خاندان کي شڪست ڏيئي پنجاب جو وڏو حصو پنهنجي قبضي هيٺ آندو. سلطان محمود جو اهل سنت جو وڏو چئمپين هو، تنهن کي ملتان جي قرمطي حاڪمن جي حرڪتن مجبور ڪيو تہ هُو انهن کي سيڪت ڏي. سن 306 هہ / 1006ع ۾ محمود ٻارهن هزار فوج سان ملتان تي حملو ڪيو. رستي ۾ پنجاب جي راجا انند پال مقابلو ڪيو پر کيس شڪست ملي. ملتان جي حاڪم بہ غزنوي حملي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪي ڪين وريو. هُو ڀڄي ويو. ملتان جي ماڻهن صلح لاءِ عرض ڪيو پر اهو نہ قبوليو ويو. العتبي ۽ گرديزي ٻئي انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ سلطان محمود ملتان جي ماڻهن کان ٻہ ڪروڙ درهم ڏنڊ طور وصول ڪيا[39]. مال غنيمت انهيءَ کان سواءِ هو، جيڪي ڀڄي ويل امير کان هٿ ڪيو ويو. پر قرمطين آڻ نہ مڃي، ان ڪري سلطان جي فوجن انهن ۾

اهڙو تہ لابارو وڌو، جو ڪيترائي انسان تلوارن جو ڪاچ ٿي ويا. لاهوري دروازي وٽ رت جو درياءُ وهي هليو ۽ سلطان ايترا تہ ملحد ماريا جو سندس هٿ تلوار جي قبضي ۾ ڄمي ويو ۽ گرم پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ ڪان پوءِ ڇڏايو ويو. ملتان جي مشهور مسجد جيڪا جلم بن شيبان ٺهرائي هئي. اها پڻ محمود ڊهرائي ڇڏي[40]. قرمطين وري بہ ملتان تي قبضو ڪري ورتو. پر سلطان محمود سن 401 هہ / 1010ع ۾ وري لشڪر وٺي آيو ۽ ملتان جي حاڪم ابوالفتح دائود کي قيد ڪري وٺي ويو. ڪيس قنڌار کان 50 ميلن جي فاصلي تي غره نالي شهر ۾ قيد ڪيو ويو. ملتان ۽ ان جي آس پاس وارو ملڪ غزنوي سلطنت سان ملايو ويو.

---

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) لينڊ آف فائيو رورس ائنڊ سنڌ، ص 92.

(2) ايضاً، ص 92.

(3) اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا، جلد 1، ص 234.

(4) ايضاً، ص 263.

(5) ڪتاب الهند، ص 56.

(6) ڪتاب الهند، ص 56. المسعودي جو چوڻ آهي تہ ملتان جو مندر سندس وقت کان 396000 سال پراڻو آهي. تنبيهہ والاشراف، ص 33.

(7) آثار البلاد، ص 62.

(8) هيونستيانگ، ڪتاب 4، ص 152.

(9) اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا، جلد 1، ص 230.

(10) فتوح البلدان، ص 445.

(11) چچ نامو، ص 238.

(12) فتوح البلدان، ص 445، ڪامل، جلد 4، ص 258.

(13) چچ نامو، ص 240.

(14) مروج الذهب، جلد 1، ص 242.

(15) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 91.

(16) تاريخ اليعقوبي، جلد 3، ص 117.

(17) امپيريل ايج (قنوج)، ص 128، 129.

(18) انڊين ائنٽيڪئري، جلد 11، ص 94.

(19) تاريخ فرشتہ، جلد 1، ص 18.

(20) ڪتاب الهند، ص 50.

(21) الفهرست، ص 486.

(22) الفهرست، ص 486.

(23) اعلاق النفيسہ، ص 136.

(24) اعلاق النفيسه، ص 138.
(25) الفهرست، ص 486.
(26) ڪتاب الهند، ص 56.
(27) ڪتاب الهند، ص 56.
(28) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(29) ڪتاب الهند، ص 56.
(30) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(31) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(32) المسالڪ والممالڪ، ص 175.
(33) المسالڪ والممال ڪ، ص 175.
(34) صورة الارض، ص 322.
(35) المسالڪ والممالڪ، ص 175.
(36) احسن التقاسير، ص 480.
(37) احسن التقاسير، ص 480.
(38) ..............
(39) تاريخ يميني (العتبي)، ص 212، زين الاخبار، ص 67، 68.
(40) ڪتاب الهند ص 117.

# سنڌ جا قرمطي

قرمطين جي اصليت - انهن جو سنڌ ۾ اچڻ -
اسماعيلي فاطمين تي غلبو حاصل ڪرڻ -
سنڌ ۾ آخرڪار اسماعيلين جي سياسي
تسلط جو خاتمو

## باب سورهون

# سنڌ جا قرمطي

قرمطي اسماعيلي برادري جي هڪ ڇاڙهہ هئا. جيڪي اسماعيلي مسلڪ سان تعلق رکندڙ مسلمانن جي هڪ ٻي وڏي اڪثريت هئا. القشندي جي خيال مطابق اسلام اندر شيعہ فرقو هڪ ٻيو طائفو هو جيڪو شيعہ Shaya علي جي تائيد ڪندا هئا. سندن خيال هو تہ وقت جو امام ڪنهن جي ظلم ۽ زبردستي کان سواءِ پنهنجي امامت جو ورثو ڪونہ ڇڏيندو آهي، جنهن ۾ سندس مرضي يا تقيہ (dissimulation) شامل ڪانہ هوندي آهي[1].

شيعا مکيہ طور ٽن حصن ۾ ورهايل آهن جن مان هڪ اثنا عشري، ٻيو اسماعيلي ۽ ٽيون زيديہ آهي. اثنا عشري نالي مان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ اهو ٻارنهن امامن جي مسلڪ سان واسطو رکي ٿو، جيڪو حضرت علي کان وٺي ٻارهين امام محمد المهدي جو معتقد آهي. اسماعيلي فرقي وارا ستين امام کان پوءِ ڪنهن کي امام مڃڻ لاءِ تيار ٿي ڪونہ هوندا آهن ۽ ستين امام اسماعيل کي پنهنجو اڳواڻ تسيلم ڪندا آهن جيڪو امام جعفر صادق جو وڏو پٽ هو. پر زيدي فرقي کي مڃڻ وارن جو تعداد تمام ٿورو آهي. هن مسلڪ جا ماڻهو زيد بن علي کي پنهنجو امام مڃيندا آهن. هيءَ ڪربلا ۾ شهيد ٿيل امام حسين بن علي جو پوٽو هو.

اسماعيلي فرقي جو اصول پيٿاگورس جي اصول جيان ستن جي انگ ۾ عقيدو رکندو هو. سندن عقيدو آهي تہ ستن جي انگ ۾ تقدس جو عنصر موجود آهي ۽ سمجهندا آهن تہ ڪائنات جي باطني علم خروج جا ست ڏاڪا آهن، جيڪي هن ريت آهن. (1) خدا تعالىٰ (2) ڪائناتي فڪر (3) ڪائناتي روح (4) تاريخ ۽ تهذيب کان اڳ وارو قديم زمانو (5) زمان (6) مڪان (7) انسان ۽ ذرتيءَ واري هيءَ موجود دنيا. هن دنيا جي اندر قانون ڏيڻ وارا ست پيغمبر آيا آهن جهڙوڪ آدمؑ، نوحؑ، ابراهيمؑ، موسيٰؑ، عيسيٰؑ، محمد ﷺ ۽ امام اسماعيل جو پٽ محمد التم[2]. هي ماڻهو ٻن قانون ڏيندڙ پيغمبرن جي وچ تي ستن صابرن جهڙوڪ اسماعيل، اورون (Aoron) ، پيٽر ۽ علي کي جڳهہ ڏيندا

آهن. هن کان سواءِ اسماعيلي فرقي وارن جو عقيدو آهي تہ آسمان ست آهن، ڌرتيون ست آهن. سيارا (Planets) ست آهن ۽ مکيہ رنگ بہ ست آهن. معلوم ٿيندو تہ هيءُ هڪ پراڻو تصور آهي. ان ڪري هنن جو ستن امامن هجڻ واري عقيدي ۾ وڏو ويساهہ آهي. يعني اهي علي، حسن، حسين، علي (زين العابدين)، محمد، جعفر ۽ اسماعيل کي پنهنجو امام سمجهندا آهن. هنن جو عقيدو آهي تہ هن کان پوءِ امامت جو سلسلو ختم ٿي ويو. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ امام جعفر صادق پنهنجي وڏي پٽ اسماعيل بجاءِ امامت جي پڳ پنهنجي ٻئي نمبر پٽ امام موسيٰ ڪاظم جي حوالي ڪئي هئي. ستن جي انگ ۾ ويساهہ رکندڙ اسماعيلين جو تصور آهي تہ امام غلطين کان پاڪ هوندو آهي. تنهنڪري هو امام موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق کي امام ڪونہ سمجهندا آهن. سندن عقيدو آهي تہ امام اسماعيل حق جو امام ۽ باطني طور مهدي آهي.

## قرمطين جي اصليت:

قرمطي مسلڪ جا ماڻهو پنهنجي اصليت همدان قرمط سان ڳنڍيندا آهن جيڪو عراق جي هڪ هاري طبقي سان تعلق رکندو هو. چيو ويندو آهي تہ هو هڪ ماهر نجومي ۽ سوشلسٽ نظرين جو حامي هو. هن پنهنجو گهر اچي ڪوفي پرسان ٺاهيو هو جنهن کي هن دارالهجرہ جو نالو ڏنو هو. بعد ۾ سندس اهو گهر اهڙن هارين جي پناهہ گاهہ بنجي ويو جيڪي ويچارا جاگيردارن جي ڏمر کان هيسجي پڇي اچي وٽس سام پيا هئا. ظاهر ظهور اها هڪ اهڙي نيات هئي جيڪا پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ واري ڪميونسٽ نظام تي ٻيئل هئي. جنهن مطابق هن تنظيم جو هر ميمبر پنهنجي آمدني جو ڪجهہ حصو تنظيم جي ڀلائي لاءِ هڪ جاءِ تي گڏ ڪندو هو. قرمط نہ رڳو اهو ڪيو پر ايران جي ڏاهي مزدڪ (Mazdak) جيان هن عورتن ۽ ٻارن جون تنظيمون بہ قائم ڪيون هيون جن کي الفہ (Ulfa) سڏيندو هو. هن تحريڪ جو وڏو زور سهپ ۽ هڪ جهڙائي تي هوندو هو. سندن جياپي جو سارو دارومدار قرآن جي آيتن بابت تنصيلي سوال جواب ۾ مذهب جي زباني هدايتن تي هو، جيڪي هر مذهبي فرقي، ذات ۽ نسل لاءِ قابل قبول هجن. اهڙي ريت پورهيتن ۽ هنرمندن جون بہ تنظيمون جوڙيون ويون هيون. اهي تنظيمون ڪي رسمون بہ ملهائينديون هيون. ساڳيءَ ريت بغداد جي "اخوان الصفا" تي غلبو حاصل ڪيو ويو هو. اخوان

الصفا جا هي ماڻهو خاص قسم جي نظرياتي فلسفي جا حامي هئا جيڪي بهترين نظرين جو انتخاب ڪندا هئا. هن تنظيم جا روح روان به اهڙا مقرر ڪيا ويا هئا جيڪي قرمطي اصولن جا ڪٽر پوئلڳ هئا. هي واپارين جي اها تنظيم هئي جنهن بعد ۾ يورپ جي واپارين کي تنظيم ناهڻ ڏانهن مرغوب ڪيو هو[3]، جنهن ۾ جبلي قسم جي همدردي سمايل هئي. هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ ضرور ڌرڻ گهرجي ته اخوان الصفا هڪ مذهبي سياسي تنظيم هئي جيڪا اسماعيلي فرقي جي نظرين ۽ اصولن تي قائم هئي، جيڪا بعد ۾ وڏي طاقت حاصل ڪري اتر آفريڪا ۾ فاطمي سلطنت قائم ڪرڻ ۾ سوڀاري ٿي وئي هئي. اخوان وٽ 52 رسالن جو هڪ مجموعو هو جن ۾ ڪي خفيه نالا درج هئا جيڪي تڪيه جي ڪري ظاهر ڪونه ڪيا ويندا هئا. شايد اهي اسماعيلي داعين جا نالا هئا جن هڙئون وڙئون سهڪار ڪري هن اسماعيلي معاشري کي ڪامياب ڪيو هو. هڪ روايت مطابق گهڻا رسالا اسماعيلي امام محمد تقي لکيا هئا جيڪو امام جعفر صادق جي چوٿينءَ پيڙهي مان هو. اسماعيلين جي مرضي موجب هلندڙ فکري نظام ۾ عام ماڻهو جي مذهبي تصور کي تباهه ڪري عباسي راڄ جي تڏا ويڙهه ڪري ڇڏجي. اها ڇاڻ انهن ڏاهن ماڻهن ۽ عالمن جي نالن مان به ملي ٿي، جن مسلمانن جي ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين کي تحرڪ ڏيارڻ ۾ پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو هو.

وچئين دور جو وڏي ۾ وڏو مسلمان فلاسافر محمد ابن محمد ابو نصر فارابي اسماعيلي هو. عمر بن خيام مشهور رياضيدان ۽ علم نجوم جو ماهر به اسماعيلي نظريي جو پوئلڳ هو. وچئين دور جا ٻيا ڏاها عالم جن پنهنجي علم ۽ دانائيءَ ۾ شهرت حاصل ڪئي تن جو تعلق پڻ اسماعيلي فرقي سان هو. اهڙن مشهور ماڻهن مان نالي وارو جاگرافيدان ابن حوقل النصيبي، ايران جو مشهور شاعر رودڪي، وچ ايشيا جو مشهور رياضيدان ۽ علم نجوم جو ماهر نصيرالدين طوسي، مشهور سياح ناصر خسرو، مصر جو قاضي نعمان ۽ ٻيا هئا. انهن وچئين دور ۾ ڄاڻ جي وڏي جوت جلائي هئي. قرمطي تشدد جا حامي هئا. پنهنجي نظريي ۽ اصول لاءِ رتوڇاڻ ۾ ويساهه رکندا هئا. انهيءَ مقصد لاءِ ڪنهن مسلمان جو خون به هنن لاءِ معاف هو. مڪمل سياسي طاقت حاصل ڪرڻ کان اڳ هنن ڏکڻ آفريڪا جي زنج واري علائقي ۾ ڪارن ماڻهن

کي بغاوت ڪرڻ جي ڇرچ ڏني هئي، جنهن کي عباسي خليفا 868ع کان 883ع تائين پورا پندرهن سال ضابطو رکي ڪونہ سگهيا هئا. اهڙي ريت ابو سعيد الحسن الجنابي قرمطي فرقي جي مبلغن ۽ داعين جي مدد سان ايراني نار جي ڏکڻ واري ساموندي ڪناري سان هڪ آزاد رياست جو بنياد رکڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو هو، جنهن جي راڄڌاني وارو شهر الاهسا هو. قرمطين جي هن نئين مرڪز جي قيام کان پوءِ هنن ماڻهن عراق جي شهرن کي ڦرڻ لٽڻ شروع ڪيو هو، جيڪو هن قسم جي غلامانہ جنگ ڪري اجڙي پينگ تي ويو هو. عباسين جي خلافت زوال جو شڪار تي چڪي هئي. قرمطي تجارتي ۽ حج وارن رستن تي قابض ٿي چڪا هئا. ابو طاهر سليمان، حسن الجنابي جو پٽ ۽ وارث هو جنهن جي حڪمراني دوران قرمطين مڪي تي حملو ڪري ڪعبي کي ڌاهي ڍير ڪري ڇڏيو ۽ حجر اسود ڪڍي هليا ويا. ڪعبي کي بچائڻ لاءِ ڪا بہ پهر ڪا نہ پهتي. هي پٿر قديم بدوي دور جو هڪ مذهبي يادگار هو جيڪو پورا ويهہ سال قرمطين جي قبضي ۾ رهيو. هي پٿر فاطمي خليفي المنصور (946-952ع) وچ ۾ پئي واپس ڪرايو هو، جيڪو بعد ۾ ڪعبي ۾ رکيو ويو هو[4].

## قرمطين جو سنڌ ۾ ظاهر ٿيڻ:

ابو طاهر سليمان هڪ طاقتور سردار هو جنهن جو اثر رسوخ ۽ سرگرمين جو دائرو يمن، شام ۽ خراسان جي ڏورانهن ملڪن ۾ بہ محسوس ڪيو ٿي ويو. هن سردار پنهنجا مبلغ ۽ داعي اِنهن ملڪن ڏانهن بہ موڪليا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن تہ قرمطين لاءِ ڪانئن مدد حاصل ڪري سگهجي. سندن خيال مطابق اسلام جي اها سچائي خدا تعاليٰ جي صفاتي ڳالهين کان انڪار هو. اهڙي ريت قرمطي داعي سنڌ بہ پهتا هئا جن مان هڪ جو نالو ابن الهشم ۽ ٻئي جو نالو جلم بن شيبان هو. پهريون دائي ابن الهشم هو جنهن کي ابو القاسم ابن هشاب موڪليو هو جيڪو منصوراليمن طور مشهور هو ۽ داعي سندس سوٽ هو. قاضي النعمان جي لکيل ڪتاب المجالس و المصريات مطابق هن داعي کي هڪ اهڙي ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن موڪليو ويو هو جتي هڪ وڏو بت موجود هو[5]. ان علائقي يا شهر جو نالو ان تحرير ۾ موجود ڪونہ آهي. پر اُتيجن مان اِئين لڳي ٿو تہ اهو ملتان کان سواءِ ڪو ٻيو علائقو ٿي ڪونہ ٿو سگهي، جيڪو انهيءَ بت ڪري عرب دنيا ۾ گهڻو مشهور هو. وڌيڪ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هن داعيءَ جي هلت چلت ۽ نقطہ نظر اسماعيلي فرقي جي اصولن

مطابق ڪونہ رهيو هو. تنهنڪري ڪيس امام (فاطمي خليفہ) موقوف ڪري ڇڏيو هو. هن ڪان پوءِ جلم يا حلم بن شيبان ڪِي موڪليو ويو هو، جنهن محمد بن قاسم ثقفي جي جوڙايل مسجد بند ڪري ڇڏي هئي[6]. وڏيڪ ڇيو وڃي ٿو تہ هن ملتان وارو بت بہ پيجي پور ڪري ڇڏيو هو. جيڪو هن علائقي جي مسلمان حڪمران جي آمدني جو وڏو وسيلو ۽ بچاءَ جو ڪارڻ هو. ابن الهيثم ڪي فاطمي خليفي المعز سازش ذريعي ميدان تان هٽائي ڇڏيو هو. سندس لکيل خط وسيلي اهڙي تصديق ٿي وڃي ٿي.

ملتان ڪي اسماعيلي داعين المعزجي دور ۾ فتح ڪيو هو. اهڙي حقيقت جي تائيد عيون الاخبار بہ ڪئي آهي[7]. پاڻ سيني فاطمي خليفن مان وڏيڪ طاقتور هو. سندس حڪمراني دوران سندس مشهور غلام الجواهر مصر کي فتح ڪري ورتو هو جيڪو اسماعيلي عقيدي سان پڻ لاڳاپيل هو. قاهره جو بنياد بہ مصر جي هن فاتح رکيو هو جنهن کي ڪئرو (Caro) بہ سڏيو ويندو آهي. الازهر مسجد بہ هن فوجي سپہ سالار نهرائي هئي جيڪا پوءِ آفريڪا جو علمي مرڪز بڻجي وئي. بعد ۾ هن نيوبيا (Nubia)، شام ۽ الحجاز جا ڪجھ علائقا فتح ڪري فاطمي خلافت سان ملائي ڇڏيا هئا. جيڪا اسرنڌ نئين فاطمي شهنشاهت هئي. هن زماني ۾ شيعہ مسلم دنيا رهنمائي لاءِ مصر جي فاطمي خليفن ڏانهن واجهائي رهي هئي، جنهن کي وقت جو امام تسليم ڪيو ويندو هو. هن حقيقت ڏانهن بہ ضرور ڌيان ڏنو وڃي تہ ان وقت ملتان جي اسماعيلي حڪمران جو ايران باطني تسلطت وارن قلعن (الموت ۽ گردوخ) سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق ڪونہ رهيو هو جن کي مسلمان تاريخ ۾ گهڻي دير سان اهميت ملي هئي. ساڳيءَ ريت دورزي فرقي جو بہ ملتان جي اسماعيلين سان ڪو لهہ لاڳاپو ڪونہ هو. چاڪاڻ تہ اهو فرقو يارهين صدي عيسوي جي پهرئين ڌهاڪي ۾ وجود ۾ آيو هو. هن فرقي جو باني محمد بن اسماعيل الدروزي هو. هي ماڻهو ڇهين فاطمي خليفي ابو علي منصور الحڪم جو اعتماد جوڳو ساٿي هو. اهو ڏاڍو جنوني هو جنهن کي انساني رتو ڇاڻ ڪندي اندر کي آٿت ملندو هو. خليفہ الحڪم کي سندس ڀيڻ ست الملوڪ (Sitt al-Muluk) جي سازش تحت قتل ڪيو ويو هو، جنهن تي هن بدناميءَ جا الزام مڙهيا هئا[8].

المعز جي هڪ مقدس تحرير 19 رمضان 354 هه /966ع ۾ لکيل ڏسجي ٿي. ساڳيءَ ريت عيون الاخبار ۾ پڻ موجود آهي. جنهن مان ثابت ٿي وڃي ٿو تہ مصر جي فاطمي خليفي جا بينر سنڌ ۾ موڪليا ويا هئا. اهو ڪم امام علي جي پيشن گوئي مطابق ڪيو ويو هو. هن چيو هو تہ، محمد ﷺ جي گهراڻي جي حڪمراني تڏهن مڪمل ٿيندي جڏهن سنڌ طرفان اهڙا بينر ايندا ڏنا وڃن[9]. هنن ڳالهين مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ مصر جي اسماعيلي حڪمرانن هڪ ڀيري ڏانهن شاهي علم موڪليا هئا ۽ ٻنهي حڪمرانن فاطمي حڪومت کي تسليم ڪيو هو. ان ڪان سواءِ عباسي خليفن کي مسلمانن جي قانوني حڪومت طور نالي ماتر بہ تسليم نہ ڪيو ويو هو. البشاري المقدسي جي بيانن مان ٿي حقيقتون معلوم ٿي وڃن ٿيون، جنهن 375هه / 986ع ڌاري سنڌ ياترا ڪئي هئي. سندس چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ عباسي خليفي جي نالي خطبي پڙهڻ بدران فاطمي خليفي جي نالي خطبو پڙهيو وڃي ٿو ۽ اسماعيلي نماز لاءِ بانگ ڏيڻ وقت حي علي خير العمل جا لفظ پڪاريندا آهن[10]. اسماعيلي اثر ملتان تائين هلي اڳتي وڌڻ ڪان بيهجي ويو هو. پر منصوره ۾ ان کي اجا بہ طاقت هئي جتي جمع جي خطبي ۾ فاطمي خليفي جو نالو ورتو ويندو هو. هن جاگرافيدان جو اهو بہ بيان آهي تہ منصوره جي حڪمران جا شيراز جي بوحد حڪمران سان سفارتي ناتا آهن ۽ سندس سفير شيراز جي دربار ۾ رهندو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ شيراز جو بوحد حڪمران فاطمي خليفي ڏانهن لاڙو رکي ٿو ۽ اهو شيعي فرقي جي اثر ڪري هو. ان ڪري عباسي خليفي بدران فاطمي خليفي کي مڃيو ويندو هو. پر ڪنهن سياسي سبب ڪري اهڙو برملا اظهار ڪونہ ڪيو ويندو هو. پر انهن جي سپهہ سالارن مان هڪ بساسيري 1058ع ۾ بغداد جو فوجي گورنر هو جنهن عباسي خليفي قائم ڪان مصر جي فاطمي خليفي المستنصر جي فائدي ۾ خلافت تان دست بردار ٿيڻ جو زبردستي دستاويز لکرائي ورتو هو. اهڙي ريت عباسي خليفي جو تاج، تخت ۽ جهنڊا اعزاز طور قاهره روانا ڪيا ويا هئا[11].

## اسماعيلي فاطمين طرفان قرمطين تي ڏاڍايون:

ملتان جي اسماعيلي حڪمرانن جا مصر جي فاطمي خليفي سان واسطا هئا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملتاني اسماعيلين جا قرمطين سان تعلقات ڪو نہ رهيا هئا جيئن عام طور سمجهيو وڃي ٿو. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو

ته قرمطين ملتان تي زبردستي قبضو ڪري ٿوري وقت لاءِ اتي سياسي تسلط قائم ڪيو هجي. پر المعز جا ملتان جي داعي ڏانهن لکيل خط آهن جن مان يقين ٿئي ٿو ته فاطمي داعين کي ملحد قرمطين مٿان غلبو حاصل هو. مسلمان عالمن هنن کي ملحد ڪري لکيو آهي. هي ماڻهو آذان ڏيڻ وقت حي علي خير العمل جا لفظ چوندا هئا. تنهن ڪري يقين ٿي وڃي ٿو ته ملتان يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي علائقي جي اسماعيلين ۽ قرمطين ۾ ڪنهن به قسم جا تعلقات موجود ڪونه هئا. ڇاڪاڻ ته هنن ٻنهي فرقن جو هڪ ٻئي جي مذهبي عقيدي ۾ ڪو ويساهه ڪونه رهيو هو.

## اسماعيلي حڪومت جو خاتمو:

اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ملتان جي اسماعيلين قرمطين بابت ابن اثير ۽ بيروني جي لکتين ڪري غلط فهميون پيدا ٿي پيون هيون. هنن ٻنهي عالمن ملتان ۽ منصوره جي حڪمرانن کي مرتد ڪري لکيو هجي ۽ چيو هو ته اسلام ئي فقط سچو دين آهي. هنن حڪمرانن کي مرتد هئڻ جو الزام ان ڪري تاقيو ويو هو جو هو ماڻهو راسخ العقيده مسلمان هئا. فاطمي خليفا بغداد جي عباسي خليفن جا مخالف هئا. تنهن ڪري انهن کي ملحد سڏيو ويندو هو ۽ انهن ماڻهن کي به مرتد ۽ ملحد ڪوٺيو ويندو هو, جيڪي فاطمي خلافت کي مڃيندا هئا. سلطان محمود غزنوي اسلام جو سچو پوئلڳ هو جنهن سمجهيو هو ته انهن ملحدن ۽ مرتدن کي ختم ڪرڻ صحيح ٿيندو جن مسلمانن ۾ ٻڙڌڪ ۽ ٻائتال وجهي ڇڏيو آهي. جيڪي ماڻهن کي مرغوب ڪرڻ لاءِ پنهنجي فرقي جي تبليغ ڪري رهيا آهن ۽ سني فرقي جي اصولن خلاف ڪم ڪري رهيا آهن.

اهڙين حقيقتن مان هن نتيجي تي پهچي وڃجي ٿو ته قرمطين جو ملتان تي قبضو ٿورو وقت هوندو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ عمان ۽ ايراني نار واريون قرمطي حڪومتون زوال جو شڪار ٿي ويون هيون, جن کي اسماعيلين نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو هو. اهي مصر جي فاطمي خليفي جي مذهبي اصولن جا پوئلڳ هئا. جڏهن البشاري 375هه / 986ع ۾ سنڌ آيو هو ته ڏنو هئائين ته ملتان جو حڪمران مصر جي فاطمي خليفي جو تابع ٿي چڪو هو. جڏهن ته منصوره جي حڪمران جا مذهبي نظريا به تبديل ٿي رهيا هئا. انهيءَ زماني ۾ هتان جي حڪمران بغداد جي خليفي جي تابعداري ڇڏي ڏني هئي ۽ شيراز جي بوحدن سان سفارتي لاڳاپا قائم ڪري ورتا هئا. اهو سمجهڻ صحيح ٿيندو ته

جڏهن سلطان محمود غزنوي هڪ طاقتور حڪمران جي صورت ۾ اڀريو هو، تڏهن سنڌ جون ملتان ۽ منصوره واريون حڪومتون مصر جي فاطمي خليفي جي تابع ٿي چڪيون هيون. محمود غزنوي مصر جي فاطمي خليفي جو سخت مخالف هو جنهن پنهنجي حڪمراني جي سرحد پرسان هندوستان ۾ موجود ننڍڙي اسماعيلي حڪومت کي پنهنجي انتقام جو نشانو بڻايو هو.

سلطان محمود نه رڳو ملتان جي اسماعيلي حڪومت کي چٽڪو چڪايو پر اڳتي وڌي منصوره جي اسماعيلي راڄ کي به منهن ڏنو جيڪو سنڌ جي صفا مرڪز ۾ موجود هو. فرخي جي شاعري مان معلوم ٿئي ٿو ته منصوره جي اسماعيلي حڪمران جو نالو خفيف هو[12]. جيڪو محمود جي حملي کان ڊڄي جهنگ ڏانهن ڀڄي ويو هو.

دروزي تحريرن مان معلومات ملي ٿي ته ان دور جو اسماعيلي داعي ابن سومار راجا بل هو پر وڌيڪ صحيح نالو بلراج پٽ سومر يا سومار ٿيندو. جيڪو عام سنڌي نالو آهي. اهڙي ريت منصوره جي اسماعيلي حڪمران کي موحد سڏيو ويو آهي ۽ کيس تاڪيد ڪيو ويو آهي ته ملتان جي اسماعيلي دائود اصغر کي غزنوي جي سلطان مسعود خلاف اڀاري. دائود شايد شاهي خاندان جو ڪو فرد هوندو. حقيقت مان معلوم ٿي وڃي ٿو ته بلراج يا راجا بل سومرو سلطان مسعود جو سهيوڳي نهايت سگهارو انسان هو. ٻي ڳالهه ته ابن سومار کي شيخ سڏيو ويو آهي جنهن مان يقين ٿي وڃي ٿو ته اهو فاطمي مذهبي اصولن سان لاڳاپيل اسماعيلي هو ۽ سندس واسطو باطني فڪر سان هو. پر ان تحرير مان اهو واضح ڪونه آهي ته جنهن گروهه کي باغي، جاهل ۽ بزدل سڏيو ويو آهي، سي ملتان جا سني فرقي جا ماڻهو آهن يا ملتان جي اوسي پاسي وارا اسماعيلي قرمطي آهن. تنهن ڪري ممڪن اهو آهي ته جن سومرن ماڻهن اسماعيلي فرقي جي اصولن کي قبول ڪيو هو تن لاڙ جي عرب حڪومت تي قبضو ڪري ورتو هوندو، جيڪا انهيءَ زماني ۾ ڪمزور ٿي چڪي هئي. چيو ويندو آهي ته هن غزنوي حملن کي منهن ڏنو هو. ممڪن آهي ته اهو سومرو هوندو. تحفته الڪرام ۾ ڏنل سومرن حڪمرانن جي نالن جي فهرست مان معلوم ٿئي ٿو ته خفيف سومرو هو، تنهن ڪري هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته لاڙ جي عرب حڪومت کي سومرن راجپوتن ختم ڪيو هو. هن سنڌ اندر اسماعيلي فرقي جي اصولن کي اڳتي وڌايو هو.

محمود غزنوي سنڌ تي ٿوري وقت لاءِ پنهنجو سياسي تسلط قائم ڪري سگهيو هو جيڪو سندس وفات تائين هليو. پر سندس پٽ مسعود سنڌ جي سياسي معاملن تي پنهنجو اثر ڄمائي ڪونه سگهيو هو. ڇاڪاڻ ته هو پاڻ خراسان ۾ سلجوقين جي اچڻ ڪري ڏچي ۾ اچي ويو هو. جيڪي ڪيس شڪستن پٺيان شڪستون ڏيندا رهيا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو مسعود خراسان ۾ افغانن جو جابلو علائقو ڇڏي اچي لاهور ۾ ساهه پٽيو هئائين. غزني تاريخ جو هي اهو دور آهي جڏهن اسماعيلي طاقت، چوڌس پکڙجي رهي هئي جنهن ساري سنڌو ماٿريءَ تي ولار ڪري ڇڏي هئي[13].

## سومرن جي حڪومت:

سومرن جي اصليت بابت مختلف رايا آهن. ابن بطوطه جو بيان آهي ته سومرا عرب آهن جيڪي حجاج بن يوسف ثقفي جي زماني ۾ عراق جي سامره مان لڏي اچي سنڌ پهتا هئا[14]. ابن بطوطه هڪ سياح هو ۽ ٿوري وقت لاءِ اچي سنڌ ۾ رهيو هو تنهنڪري سندس بيان بڌين ڳالهين تي آهي. اهڙيون ڳالهيون هن عام ماڻهن جي واتئون ٻڌيون هونديون تنهن ڪري اهي ويساهه جوڳيون ڪونه آهن. سامره جو شهر 836ع ۾ تعمير ٿيو هو يعني سنڌ جي عرب فتح کان هڪ صدي پوءِ. تنهن ڪري اهو سمجهڻ غلط آهي ته سومره سامرا شهر کان ۽ حجاج بن يوسف جي زماني ۾ سنڌ آيا هئا. تحفة الڪرام جي مؤلف جو بيان آهي ته سومرن عباسي خليفي "متوڪل" جي زماني ۾ طاقت حاصل ڪري ورتي هئي[15]. تاريخ طاهري جو مصنف هن حقيقت جي تائيد ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته سومرا هندو راجپوت آهن جيڪي قديم دور ۾ اچي سنڌ آباد ٿيا هئا[16]. سومرا عرب حڪمرانن کي خراج ڏيندا هئا. انهن جي حڪومت ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ساڳي ادائگي غزنوين ۽ انهن کان پوءِ غوري خاندان جي حڪمرانن کي ڪئي ويندي هئي. هنن جو قديم تاريخي ماخذن ۾ ڪو به ذڪر موجود ڪونه آهي. عرب نسل سان لاڳاپيل نه هجڻ جي بي ثابتي سندن سماجي ريتن رسمن ۽ گهرو زندگي مان ملي وڃي ٿي. هي نسل ۽ اصليت ۾ هندو آهن. امڪان آهي ته هي ماڻهو راجستان يا گجرات مان سنڌ آيا هجن. سومرن حڪمرانن جا نالا جهڙوڪ پونگر، دودو، تاري، سنگهار، هيمون، چنيسر، ارميل آهن، جن مان به سمجهي سگهجي ٿو ته سندن واسطو راجپوتن سان آهي، پر عرب سامي رت سان سندن تعلق ڪونه آهي.

غزني، غوري يا دهلي جي غلام گهراڻي جي تاريخن مان پتو پوي ٿو ته انهن جي حڪمراني اتر ۽ وچولي سنڌ تي قائم هئي. پر لاڙ وارو حصو سندس راڄ کان آجو هو. معلوم ٿئي ٿو ته سندن حڪومت بکر، سيوهڻ ۽ منصوره تائين محدود هئي. ڇاڪاڻ ته ان دور جي تاريخن ۾ ڏکڻ سنڌ ۾ تر جو ذڪر موجود ڪونه آهي. سومرا خاندان جي حڪمراني به ڏکڻ سنڌ تائين محدود هئي ۽ مهاتم تور سندن راڄڌاني هئي جيڪو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ هو، جنهن جو غزنوي سلطانن جي حملن کان اڳ واري دور سان واسطو هو.

نظر ائين اچي رهيو آهي ته سومرن اسماعيلي فرقي جا اصول البشاري المقدسي جي موٽي وڃڻ کان ستت ئي پوءِ اختيار ڪيا هئا، جيڪو 375هه ۾ سنڌ آيو هو. سومرن اهو فرقو اسماعيلي داعين کان متاثر ٿي اختيار ڪيو هو. معلوم ٿئي ٿو ته اسماعيلي داعين جو اثر بخارا ۽ وچ ايشيا تائين به پهچي چڪو هو. اهڙي ريت منصوره جي عرب حڪمرانيءَ جو خاتمو سومرن ۽ ملتان جي اسماعيلين جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هو، جن اسماعيلي مذهب، البشاري جي اچڻ کان گهڻو اڳ اختيار ڪري ورتو هو. چيو ويندو آهي ته جڏهن محمود غزنوي حملو ڪيو هو تڏهن سنڌ جو حڪمران خفيف هو جيڪو سومرو هو ۽ مذهب مٽائي اسماعيلي ٿي ويو هو. اهڙين ڳالهين جي تصديق ابن اثير جي بيان ڪيل حقيقت وسيلي به ٿي وڃي ٿي. هن مؤرخ اهو ڪونه ٻڌايو آهي ته ان وقت حڪمران عرب هو يا سنڌ جي ڪنهن مقامي گهراڻي سان تعلق رکندو هو. ليڪن ايترو ضرور ٻڌائي ٿو ته منصوره جو حڪمران مرتد ٿي ويو هو. محمود غزنوي هن ارادي سان مٿس حملو ڪيو ته جئين مذهب مٽائڻ جي ڪيس سڪيت ڏئي سگهي. تحفة الڪرام فارسي ٻوليءَ ۾ سنڌ جي اهم تاريخ آهي جنهن خفيف لاءِ لکيو آهي ته هو پنجون حڪمران هو. سندس تعلق سومرا گهراڻي سان آهي جيڪو محمود جي حملي کان پوءِ پوريون ٻه صديون سنڌ جو حڪمران رهيو هو. هن باري ۾ تاريخ معصومي جو بيان وڌيڪ صحيح نظر اچي ٿو جيڪو ٻڌائي ٿو ته غزنوين جو حملو سلطان محمود جي زماني ۾ ٿيو هو جنهن پنهنجي وزير عبدالرزاق کي سنڌ موڪليو هو. هتي سلطان محمود جو نالو غلطي سان اچي ويو آهي. ڇاڪاڻ ته سلطان مسعود وٽ عبدالرزاق نالي هڪ سپهه سالار ضرور هو، جنهن کي غزنوي شنهشاهت ۾ ٿيندڙ هر بغاوت کي منهن ڏيڻ لاءِ بار بار روانو ڪيو ويندو هو.

سومرا اسماعيلي مذهب رکندا هئا. اهڙي حقيقت جي پنيرائي مقامي ۽ ٻاهرين ذريعن بہ ڪئي آهي. فرشتہ جو بيان آهي تہ اچ جي سيد جلال الدين بخاري سومرن کان اسماعيلي مذهب ڇڏائي سني مذهب اختيار ڪرايو هو. هي بخاري بزرگ ملتان جي شيخ بهاؤالدين ذڪريا جو مريد هو[17]. معلوم ٿئي ٿو تہ هن دور ۾ سومرن جو سياسي اثر سنڌ کان ٻاهر نڪري ڏکڻ پنجاب جي حد تائين وڃي پهتو هو ۽ ان دور جو سومرو حڪمران جيڪو سني مذهب جو هو تنهن اچ ۽ ملتان وارن علائقن تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي هئي. هن سردار جي سني مذهب اختيار ڪرڻ کان پوءِ سومرن جو سارو قبيلو سني ڪيئن ٿيو سو سوال بہ اجا منجهيو پيو آهي. پر امڪان اهو آهي تہ مصر مان فاطمي خلافت جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ايران جي الموت، گردوخ ۽ ٻين اسماعيلي قلعن جي تباهہ ٿي وڃڻ بعد، سنڌ جي اسماعيلي مذهب وارن جي قسمت کي گرهڻ لڳي ويئي هئي. ان کان سواءِ شيخ بهاؤالدين ذڪريا ۽ سندس مريدن جي تبليغ ۽ وقت جي حڪومت جي ڪوشش سنڌ ۾ اسماعيلي دعوت جي اثر کي ختم ڪري ڇڏيو هو. ان کان سواءِ غزنوين، غورين ۽ دهليءَ جي غلام گهراڻي جي حڪمرانن بہ ساڳئي قسم جون جاکوڙون ڪيون ۽ سومرن کي راسخ العقيده سني مذهبي ڏانهن موڙڻ جون ڪوششون ڪيون جنهن جي نتيجي ۾ سڀ سومرا ڪٽي نہ پر گهڻا اسماعيلي مذهب مٽائي سني بڻجي ويا هئا. ليڪن ڪجهہ گهراڻا اجا بہ اثنا عشري مذهب جا ڪٽر حامي آهن. هنن ماڻهن جو مکيہ ڏنڌو ڏوٻڪو ۽ ڪتڪو آهي يعني ڪي ڏوٻي ۽ ڪي ڪپڙن کي رنگ ڏيڻ جي ڌنڌي سان لاڳاپيل آهن. انهن جو ڪجهہ تعداد پوکي راهي بہ ڪندو آهي. ڪجهہ سومرا گهراڻا ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ نقل مڪاني ڪري سنڌ آيا آهن جيڪي پاڻ کي راجپوت سڏائيندا آهن. سندن تعلق تجارتي برادريَ سان آهي.

سنڌ جي لاڙ واري پاڱي ۾ اسماعيلي برادري اجا بہ گهڻي مضبوط ۽ سگهاري آهي. اهي ماڻهو ڏاڍا سکيا ستابا ۽ آغا خان جي اڳواڻي ۾ هڪ منظم زندگي گذاري رهيا آهن. موجوده دور جا اهي اسماعيلي لوهاڻا آهن جيڪا هندن جي هڪ ذات آهي. هي ماڻهو ڪنهن پوئين دور ۾ پنهنجو اصلي مذهب ڇڏي اسماعيلي بنجي ويا آهن. عام طور تي هنن کي خوجا سڏيو ويندو آهي. هن وقت پاڪستان جي حيدرآباد، ٺٽي ۽ ڪراچي ضلعي ۾ اسماعيلين جو تعداد خاصو گهڻو آهي.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) صبح الاعشاء، جلد 13، ص 226.

(2) هسٽري آف عربس، ص 443.

(3) انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام، جلد 3، ص 767، 772.

(4) ڪامل في التاريخ، جلد 8، ص 153، 154.

(5) اسلامڪ ڪلچر، جلد 23، ص 299.

(6) ڪتاب الهند، ص 56.

(7) عيون الاخبار، ص 297.

(8) هسٽري آف عربس، ص 621.

(9) اسلامڪ ڪلچر، جلد 23، ص 302.

(10) احسن التقاسيم، ص 481.

(11) هسٽري آف عربس، ص 475، 622.

(12) ديوان فرخي، ص 74.

(13) عرب و هند ڪي تعلقات، ص 353.

(14) عجائب الاسفار، ص 56، 57.

(15) تحفة الڪرام، حصو 1، جلد 3، ص 67.

(16) تاريخ طاهري، ص 32.

(17) تاريخ فرشته، جلد 2، ص 416.

# عرب سائنس جي واڌ ۾ سنڌ جو حصو

رياضي - علم نجوم - علم طب - علم الحيوان - ڪيميا ۽ ٻوٽن جو علم - سياست - جاگرافي - فلسفو

ڪيون. جيڪي پوءِ جي ايندڙ حسابن جي ماهرن کي وڏي ڪم آيون. سائنس آف مئٿيميٽڪ جنهن کي وچئين دور ۾ علم الحساب سڏيو ويندو هو. انهن ترجمن جي وسيلي وجود ۾ آيو ۽ ان تي تحقيقات ٿي. ساڳئي وقت الجبرا جي سائنس پڻ ايجاد ڪئي وئي، جنهن جو اصل نالو حساب الجبر والمقابله هو. الخوارزمي جنهن الجبرا ايجاد ڪئي، تنهن اٺ سو کان وڌيڪ حسابن جا مسئلا بيان ڪيا آهن ۽ انهن جو حل تلاش ڪيو آهي. الخوارزمي جو ناهيل ڪتاب، صدين تائين وچ اوله ايشيا ۽ يورپ جي علمي درسگاهن ۾ پڙهايو ويندو هو ۽ انهيءَ ڪتاب ۽ ٻين هندي ڪتابن جي ترجمن جي ڪري علم الحساب يورپ ۾ رائج ٿي ويو. حسابن جا انگ جيڪي يورپ ۾ ظاهر ٿيا، الگورزم سڏيا ويندا هئا ۽ اهو الخوارزمي نالي جو بگڙيل اچار آهي[7]. حسابن جي علم ۾ جن ٻين عالمن قابل قدر خدمت ڪئي، انهن ۾ البتاني، البيروني، عمر الخيام، احمد النسوي جا نالا مشهور آهن. النسوي حسابن جي علم تي هڪ جامع مقالو مرتب ڪيو، جنهن کي المقنع في الحساب الهندي جو نالو ڏنل هو. انهيءَ ۾ هُن حسابن جي علم تي نهايت ئي ڏکيا مسئلا ۽ حساب حل ڪري ڏيکاريا آهن. جن يورپي علمن تي عرب عالمن جو اثر ٿيو، انهن ۾ ليوناردو فيناڪي آف پيسا، فلورينس جو ماسٽر جيڪب اهميت رکندڙ آهن، جن مسلمانن جي تقليد ڪندي ٻه درجي شڪل واري مساوات (Quadric equation) جا ڇهه نمونا پيش ڪيا آهن[8]. الخوارزمي جو ڪتاب ڪرمونا جي جرارڊ نامي هڪ عالم 12 صدي عيسوي ۾ ترجمو ڪيو ۽ انهيءَ دور ۾ يورپ جي ماڻهن کي الجبرا جي علم جي ڄاڻ ٿي. حسابن ۾ ڪم ايندڙ انگن کي يورپ جا ماڻهو عرب نيومرل (عربي انگ) سڏيندا هئا ڇاڪاڻ ته اهي انگ انهن کان يورپ تائين پهتا. پر عرب انهن کي الحساب الهندي (هندن جا انگ) ۽ پڻ حروف الغبار (مٽيءَ وارا اکر) سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته هندستان ۾ انهن انگن کي زمين تي لکي پڙهايو ويندو هو.

## علم نجوم:

اسلامي علم نجوم ۾ ٻه سنڌي ڪتابن جو اثر واضح ڏٺو ويو آهي. الفزاري، البتاني، البيروني ۽ عمر الخيام پنهنجي تحقيقات ۾ تصنيفات تي هندن جو اثر تسليم ڪيو آهي. سڌانتا جي ترجمي کان پوءِ الفزاري، علم نجوم

تي هڪ ڪتاب مرتب ڪيو جنهن جو نالو هنڊ سنڊ صغير رکيو ويو[9]. البتاني، سڌانتا، آريہ ڀٽ ۽ ڪنڊا ڪانڊري وغيره جي اثر هيٺ يوناني عالم بطليموس جي ڏنل ڪيترن ئي اصولن کي سڌاريو آهي. ساڳئي وقت هن چنڊ جي گهيري ۽ قطر جي ماپ سان گڏ ٻين گرهن وغيره جي باري ۾ پڻ اهم ۽ ڪارآمد مسئلا ٻڌايا آهن. اسلامي تاريخ ۾ عمر الخيام پهريون عالم هو جنهن شمسي ڪيلينڊر (ٽيپڻو) ناهيو. هن جو چوڻ آهي تہ اهو ٽيپڻو هن هندي ڪتاب برهم گپت جي اثر هيٺ ناهيو. برهم گپت موجب سال ۾ 365 ڏينهن، 6 ڪلاڪ، 12 منٽ ۽ 9 سيڪنڊ آهن. جڏهن تہ جديد حساب موجب سال ۾ 365 ڏينهن، 6 ڪلاڪ، 9 منٽ ۽ $9\frac{23}{100}$ سيڪنڊ آهن[10]. هاڻوڪي گريگورين ڪلينڊر ۾ 3330 سالن ۾ هڪ ڏينهن جي غلطي يا گهٽتائي آهي. پر برهم گپت جي اثر هيٺ، عمر الخيام جي ناهيل ٽيپڻي ۾ اها گهٽتائي 5000 سالن ڪان پوءِ تسليم ڪئي وئي آهي. آريہ ڀٽ جي لکت موجب ڪائنات جو وجود "وقت" تي رکيل آهي. جنهن کي "ڪلپ" سڏيو ويجي ٿو ۽ ان جو ڪاٿو چار عرب، ٻٽيهہ ڪروڙ سال آهي. ڪلپ جي پوري ٿيڻ تي زمين، چنڊ تارا مطلب تہ ڪائنات جون سڀ شيون مقرر ڪيل نقطي تي اچيو ملن. جنهن ڪري ڪائنات تباه ٿي وري نهي ٿي[11]. نئين ڪائنات پڻ اهو مدو پورو ڪري وريو تباه ٿئي ۽ اهڙي طرح دنيا جو نظام هلندو رهي ٿو. ڪلپ کي ڪيترن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. جنهن کي جگ، مهاجگ، ڪل جگ وغيره سڏيو ويجي ٿو. آريہ ڀٽ ۾ ٻڌايل آهي تہ زمين سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ پڻ پنهنجي چوڌاري گهمريون پائي ٿي. اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ زمين جو هڪ وچ آهي جتان زمين جي ماپ اتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهہ هڪ جيتري آهي. اهو هنڊ آريہ ڀٽ ۾ اجين ڏيکاريو ويو آهي جنهن کي عرب ازين يا آريہ سڏيندا هئا. سندن چوڻ موجب اهو "قبة الارض" آهي[12]. انهيءَ اصول هيٺ هاڻوڪيون ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪون وجود ۾ آيون. هندي نجوم جو عرب سائنس تي اثر انهن نالن مان ظاهر آهي، جيڪي عربن پنهنجي تصنيفن ۾ بيان ڪيا آهن. جهڙوڪ جيوا، ڪرديجا، اوج، باذماسہ، هندسہ ۽ بيا. جيوا يا ارد جيوا جنهن جي معنيٰ آهي ڪمان جي رسي[13]. انهيءَ جيوا مان ئي عربي لفظ ۽ جملا جهڙوڪ جيب التمام، جيب المنقوش، جيب المبسوتہ، ۽ مجيب وغيره نهيا[14]. ڪرديجہ دراصل سنسڪرت لفظ ڪرمجيا جو بگڙيل

اچار آهي ۽ اوج دراصل اچ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي متاهون. هندي علم نجوم لاءِ عربن جو ايڏو تہ چاه هو جو خليفي المعتصم بالله ان تي وڌيڪ تحقيقات حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو خاص ماڻهو احمد بن خافي الديلمي سنڌ ڏانهن ڏياري مڪو هو.

## علم طب:

سنڌ جو علمي اثر، عربن جي علم طب تي سڀ کان وڌيڪ هو. عرب ليکڪن ٻڌايو آهي تہ، عباسي خليفي هارون الرشيد، سنڌي طبيب ماڻڪ کان علاج ڪرايو هو، جڏهن پاڻ سخت بيمار ٿي پيو هو[15]، جو تہ سندس ذاتي طبيب علاج ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. خليفي جي سوٽ ابراهيم کي موت جي بستري تان هڪ ٻئي سنڌي حڪيم صالح بن ٻلا علاج ڪري شفاياب ڪيو هو. خليفي جي حڪيمن سندس سوٽ کي مئل ڄاڻايو هو، جنهن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو پيو ويو. صالح جيڪو نئون مسلمان هو تنهن سنڌي علاج ذريعي سندس دوا ڪئي هئي. ابراهيم پوءِ وڏي حياتي ماڻي ۽ مهدي جي ڌيءَ يا هارون الرشيد جي ڀيڻ سان شادي ڪيائين. هن کي مصر ۽ فلسطين جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن مصر ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو[16]. صالح کي وڏا انعام اڪرام ڏنا ويا جو تہ خليفو پنهنجي سوٽ سان گهڻو پيار ڪندو هو. ماڻڪ نالي طبيب سشرتاجو ترجمو ڪيو ۽ زهر تي چانڪيہ جي ڪتابن جو بہ ترجمو ڪيو[17].

اسلام جي وڏن حڪيمن الرازي ۽ الطبري پنهنجي تصنيفات ۾ هندي آيرويدڪ علاج کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي ۽ ٻڌايو اٿن تہ هنن ڪيترن ئي هندو اصولن کي پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي، ۽ ان تي تحقيقات ڪئي آهي. اسلامي علم طب ۾ فردوس الحڪمہ هڪ مشهور شاهڪار آهي. اهو ڪتاب طبري هندي ڪتابن جي اثر هيٺ تصنيف ڪيو. فردوس الحڪمہ کي وچئين دور ۾ علم طب جي بائيبل جو نالو ڏنل هو ۽ ان کي يورپ جي سيني درسگاهن ۾ پڙهايو ويندو هو. انهيءَ ڪتاب ۾ پنجاهہ فيصد مواد سشرتا جي تصنيف تان نقل ڪيل آهي. ساڳي حالت الرازي جي ڪتاب "الهاوي" جي آهي، جنهن ۾ پڻ جيڪو مواد ڏنل آهي، ان جو وڏو حصو هندو ڪتابن تان نقل ڪيو ويو آهي[18].

عرب عالمن جو چوڻ آهي تہ علم طب تي سشرتا سنگتا ۽ استنگ سنگتا ۽ چرڪا جو ڪتاب ندان، بهترين ڪتاب آهن. ندان ۾ انسان سان وابستہ سيني بيمارين جو احوال ۽ انهن جو علاج ۽ انسان جي نبض جي پيچيدگين ڪي سمجهڻ ۽ بيماري جي تشخيص جا راز بيان ڪيل آهن[19]. علم طب ۾ ٻئي هندي ڪتاب جنهن عربن تي اثر وڌو سڌ يوگا هو جو هڪ پنڊت براند جي تصنيف هئي. چرڪا جي ڪتاب ندان جو پهريون ترجمو فارسي ۾ ڪيو ويو ۽ ان ڪان پوءِ عربي ٻوليءَ ۾ عبدالله بن علي ڪيو[20]. انهيءَ ڪتاب ۾ انسان سان لاڳو 404 بيمارين جي تشخيص ۽ پنڊت نوقشل جي تصنيف ۾ هڪ سو انساني بيمارين جو احوال ۽ علاج جا نسخا ڏنا ويا آهن[21]. لڪتن مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ جراحي (وڍ ٽڪ) جي علم ۾ بہ هندن جي مهارت ٻين سيني قومن ڪان وڌيڪ صحيح ۽ گهٽ ايذاءَ ڏيندڙ هئي. رگ ويد ۾ جراحي جي وڏن ماهرن جهڙوڪ ديو داس، پار، ديواج، ۽ اشني ڪمار جا نالا ڏنا ويا آهن. جن ۾ اشني ڪمار آيرويدڪ طب ۽ جراحي جو موجد تسليم ڪيو ويو آهي. جراحي جو عمل نشي آور شي پيارڻ يا ڪارائڻ ڪان پوءِ ڪيو ويندو هو. وَڍَ ٽُڪَ جا اوزار سون، چاندي ۽ پتل جا ٺهيل هوندا هئا. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ انهن ۾ بہ ذات پات جو پيد رکيو ويندو هو. غريب لاءِ پتل جا ۽ برهمڻ لاءِ سون جا اوزار ڪم آندا تي ويا. اهي اوزار ڪاٺ جي پيتين ۾ ريشم يا ان جي ڪپڙي اندر ويڙهيل پر صفائي ۽ سترائي جي خيال ڪان هڪ ٻئي ڪان جدا ڪري رکيا هئا[22]. سُشرتا، اوزارن (جراحي) جا هڪ سو هڪ نمونا بيان ڪيا آهن. موڪا، آندي جا زخم، رحم جون بيماريون، پيٽ جون خرابيون، مطلب تہ سڀ ڪنهن قسم جون بيماريون جراحي جي عمل سان پڻ نيڪ ڪري سگهبيون هيون. ڪن اوزارن جا خاص نالا هئا. جهڙوڪ برن، وسطي، وسطي، ينتر، پشپ ينتر، شنڪاينتر، ناڪ، اڪره، گرڀ شنڪو، پرجانن، شنڪو، سرپ مسڪ وغيره. وسطي ينتر چاتي ۽ پيٽ جي صفائي لاءِ استعمال ڪبو هو. پشپ ينتر عضوه تناول ۾ دوائن وجهڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. پرجانن شنڪو وري ٻار ڪي گرڀ مان زنده ٻاهر ڪيڻ لاءِ ناهيو ويندو هو[23]. آپريشن ڪرڻ ڪان پوءِ انهن تي پٽيون ٻڌيون وينديون هيون تہ جيئن رت وڌيڪ ضايع نہ ٿئي. زخم ڪي ٽوپڻ لاءِ ڪڏهن ماڻهن جا تہ ڪڏهن جانورن جا وار ڪم آندا تي ويا. هندو

تصنيف مان اهو بہ ظاهر ٿيو آهي تہ نقلي ڏند ۽ نقلي نڪ ٺاهڻ جو علم هندوستان ۾ قديم زماني کان موجود هو. ڪن، نڪ، ۽ ڳلي جي بيمارين جو علاج نهايت ئي مهارت سان ڪيو ويندو هو ۽ گهڻو ڪري ڪامياب ٿيندو هو. يوناني عالمن اهو تسليم ڪيو آهي تہ ناگ جي ڏنگ جو علاج هندوستان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ وڌيڪ فائديمند نہ ٿو ٿئي. دوائن ۽ ٻوٽين جا نالا جيڪي اڄ بہ عرب دنيا ۾ رائج آهن هندو علم طب جي عظمت جي عڪاسي ڪن ٿا.

اهي دوائون، انهن جا نالا، علاج جو طريقو ۽ جراحي جو عمل، عربن جي معرفت ان وقت جي سنڌ مان يورپ پهتو ۽ هاڻوڪي يورپي ايليوپيٿي علاج جو بنياد رکيو. هليله (هريڙ)، بهليله (ٻهيڙا)، آمله (آنورا)، قسط (ڪٺو)، زنجيل (زنجبارا يا سنڍ)، اطريفل (ٽڪلو)، طوطيو ۽ ٻيون انيڪ دوائون يورپ تائين پهتيون ۽ ساڳي ريت رب ۽ پت ڪائڻ جو رواج پڻ جيڪو بيمار ماڻهن لاءِ مقرر ڪيو پئي ويو[24]. ٻيا سنڌي نالا هي آهن: صندل (چندن)، ڪافور، ڪرن قل (ڪنگ قل)، هيل (ايلائچي)، ليمون، نيلج (نير)، نيلوفر، قند (ڪنڊ) ساج (ساڳ) ۽ تمر الهندي (گدامڙي) وغيره وغيره[25].

هندي علم طب جا اهي ڪتاب جن جو اصلي نالو عربي نالي ۾ تبديل ٿيو ۽ جيڪي عربي دنيا ۾ صدين تائين رائج هئا انهن مان ڪي هي هئا:

## ڪتاب نموذار في الاعمال:

هن ڪتاب ۾ ماڻهن جي مختلف عمرين، انهن جي عادتن ۽ انهن جي طبيعت جي باري ۾ مفصل احوال قلمبند ڪيل آهي ۽ ڪامياب ۽ خوشحال زندگي جا راز بيان ڪيل آهن.

## ڪتاب اسرار المواليد:

هن ڪتاب ۾ ٻار ڄمڻ جا راز ۽ اسباب بيان ڪيل آهن.

## ڪتاب التوهم:

هن ڪتاب ۾ مختلف بيمارين جو علاج جهاڙ ڦوڪ ۽ ذهني طريقن سان چڱي ڀلي ڪرڻ جا راز بيان ڪيل آهن.

## ڪتاب احداث العالم:

هن ڪتاب ۾ انسان جي منزل جو ذڪر ڪيل آهي. ٻڌايل آهي ته انسان جي زندگي جي هر هڪ گهڙي ۽ ڪم تي آسمان جي تارن جو اثر رهي ٿو. تارن جو نه فقط هڪ ماڻهوءَ تي اثر رهي ٿو پر ان جو اثر قبيلن قومن ۽ سڄي انسان ذات تي مجموعي طور آهي. انسان جي موت ۽ زندگي، بيماري ۽ صحت سڀني تي ستارن جو اثر آهي.

## ڪتاب مواليد الڪبير:

هي ڪتاب هند جي مشهور طبيب عالم سنگل جو لکيل آهي. ان ۾ انسان جي پيدائش جو مفصل احوال ڏنل آهي ۽ اهي سڀ مسئلا حل ڪيل آهن جيڪي ٻار جي پيٽ ۾ رهڻ، ڄمڻ ۽ ننڍي ٿيڻ ۾ هر هڪ خاندان ۽ گهر کي درپيش ٿين ٿا.

## زجر الهند:

هن ڪتاب ۾ سوڻ ۽ منتر بيان ڪيل آهن ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته سوڻن ۽ منترن جي رستي به، ماڻهن جو علاج ڪري سگهجي ٿو.

## علم الحيوان:

هندن جو علم الحيوان تي به نهايت ئي گهڻو عبور هو. پال ڪپيه، برهاسپتي، جي دت نڪل، گن وغيره ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جن ۾ جانورن، پکين ۽ پڻ جيتن وغيره جو علاج قلمبند ڪيل آهي. پال ڪپيه جي ڪتاب گج -ورپن ۾ هاٿيءَ جي بيمارين جو تفصيل ۽ علاج بيان ڪيل آهي. هن ٻيا به ٽي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ ٻين جانورن جي علاج جا تفصيل ڏنا ويا آهن. انهن ڪتابن جا نالا هي آهن: گج، تڪسيه، گج آيورويدڪ، گج پريڪشا. جيدت جي مشهور ڪتاب آشو، چڪستيه ۾ فقط گهوڙن جي بيمارين، انهن جو علاج ۽ انهن جي ديک ڀال جو ذڪر ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ گهوڙن جو نسل، گهوڙن جو چرم، انهن لاءِ موزون اصطبل وغيره، انهن جو رنگ، ذات، جسم جا عضوا، انهن جو ڪاڏو ۽ علاج ۽ ٻيا به ڪئين مسئلا بيان ڪيل آهن. برهاسپتي جي تصنيف گويد- شاستر[26] ۾ سڀني جانورن خاص

ڪري گهرو چوپائي مال جو مفصل بيان ڪيل آهي. سشرتا ۽ چرڪا ڪي هندي طب ۾ نهايت ئي وڏو درجو ڏنل آهي. انهن عالمن جي ڪتابن ۾ جانورن، پکين ۽ رڙهندڙ جيتن جو مفصل احوال ڏنل آهي[27]. پوشيه پرائون ۾ ٻڌايل آهي ته نانگن جو لڱ مينهن جي موسم کان اڳ ٿيندو آهي. نانگڻ ڇهن مهينن جي عرصي اندر ٻه سو چاليهه آنا لاهيندي آهي. انهن مان ڪي ٻيدا نانگ پاڻ کائي ڇڏيندا آهن ۽ باقي ٻين مان ٻچا نڪرندا آهن. نانگ ستن ڏينهن ۾ پنهنجو رنگ تبديل ڪن تا ۽ ڪارو رنگ اختيار ڪن تا. ٻن هفتن اندر انهن کي ڏند اڀيو وڃن ۽ ٽئين هفتي ۾ انهن ۾ زهر پيدا ٿئي ٿو. نانگ جي ڪل ۾ 240 پٽا يا ڇٽ هوندا آهن. چاڻڪيه جو جانورن تي 'لکيل ڪتاب عباسي دور ۾ عربي ۾ ترجمو ڪيو ويو[28].

## ڪيميا ۽ ٻوٽن جو علم:

ڪيميا ۽ ٻوٽن تي ٻه ڪيترا ئي ڪتاب هندي يا سنسڪرت مان عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا. پر انهن جو عربن تي ايڏو اثر نه ٿيو، جيترو حسابن جي علم، علم نجوم ۽ علم طب ۾ ٿيو.

## سياست:

ابن نديم، سياست تي لکيل هندي تصنيفن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان ڪيترا ئي ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا. چاڻڪيه جي ڪتاب ۾ جنگ جي ميدان ۾ صفن جو ناهڻ ۽ موزون ماڻهن جو ان ۾ شامل ڪرڻ جو فلسفو بيان ڪيو آهي. ان ۾ فوجن جي انتظام، انهن جي ڪاڌي جو بندوبست ۽ جنگ ۾ زهر جي استعمال جو ذڪر آهي[29]. باجهر (وياگهر) جي ڪتاب ۾ جنگ ۾ ڪم ايندڙ هٿيارن جو ذڪر آهي ۽ تلوار جي قسمن ۽ انهن جي استعمال جي نمونن تي بحث ڪيو آهي. حڪومت هلائڻ جي ڍنگ تي هندي ڪتاب، جنهن کي عربن آداب الملوڪ (بادشاهن جو رنگ ۽ ڍنگ) نالو ڏنو آهي، ابو صالح بن شعيب عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو ٻيو دفعو ترجمو سن417 هه ۾ ٿيو ۽ اهو ابوالحسن بن علي البجلي ڪيو. انهيءَ ڪتاب ۾ حڪومت هلائڻ لاءِ حاڪمن ۽ آمرن لاءِ نهايت ئي ڪار آمد ٽوٽڪا بيان ڪيل آهن[30]. سياست جي علم تي سڀ کان وڌيڪ اهم ڪتاب ارٿا شاستر هو، جا

دراصل ڪوتليا جو تخليق آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ مملڪت جي اقتصادي انتظام جا مسئلا بيان ڪيا ويا آهن، جي هر ملڪ، قوم ۽ ملت لاءِ ڪارآمد سمجهيا وڃن ٿا. ڏٺو ويندو تہ سياست جي علم ۾ هندي ڪتابن جو عربن تي ايڏو اثر نہ ٿي سگهيو، جيڪو يوناني عالمن جو ٿيو. افلاطون جي ريپبلڪ (جمهوريت) ۽ ارسطاطاليس (ارسطو) جي سياست، عربي ذهن تي وڏيڪ اثر انداز ٿيا. اسلام کان اڳ پالميرا (تدمر)، پيترا ۽ بصري ۾ عرب حڪومتن جو قيام ۽ پڻ مڪي جي شهري حڪومت ۽ ان جو انتظام انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪن ٿا تہ عربن تي يونان ۽ روم جو ڪافي اثر هو.

## جاگرافي:

جاگرافي جي سائنس جي ترقي بنو اميہ جي دور ۾ ٿي ۽ انهيءَ ۾ يوناني جاگرافي دان بطليموس جو وڏو اثر محسوس ڪيو ويو آهي. سوريہ سڌانت ۽ ٻيا جاگرافي جا ڪتاب عربن کي زمين جي ماپ ڪرڻ ۽ ان جي وچ (مرڪز) کي مقرر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا. يوناني ۽ هندو ڪتابن جي اثر هيٺ الخوارزمي زمين جو نقشو تيار ڪيو، جنهن کي صورة الارض سڏيو ٿي ويو. ڪانئس پوءِ ابن حوقل نصيبي پڻ زمين جو نقشو بنايو ۽ ان سان گڏ سنڌ جو نقشو پڻ ناهي تيار ڪيو، جو سندس ڪتاب صورة الارض ۾ موجود آهي. انهيءَ نقشي ۾ هن سنڌ کي ملتان تائين ڏيکاريو آهي ۽ سنڌو درياءَ جو منڊ ڪشمير ۾ ڏيکاريو آهي. الادريسي، جنهن ان وقت جي مهذب دنيا جو دورو ڪيو ۽ ڪئين ملڪ ڏٺا، تنهن پڻ دنيا جو نقشو ناهيو، جو سڄو سارو چانديءَ جي گولي تي اڪريل هو. انهيءَ ۾ هن اجين کي دنيا جو وچ ٻڌايو آهي ۽ اتان ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪ جون خيالي ليڪون ناهيون آهن. اهو نقشو هن سسلي جي نارمن بادشاهہ روگر لاءِ ناهي تيار ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هُو سندس هڪ درٻاري هو[31].

## فلسفو:

فلسفي ۾ پڻ نندي ڪنڌ جو وڏو اثر، عرب فلسفي تي ڏٺو ويو آهي. رگ ويد ۾ ڏنل پڇن، اپنيشد، گيتا ۽ ٻڌن جي سمڪيا ويسيشڪا ۾ ڏنل سڪيائون، منتر ۽ دعائون انساني زندگي سان گهٽي قدر وابستہ آهن ۽ ان تي

اثر انداز پڻ ٿيون آهن. فلسفي جا ڪئين طريقا ننڍي ڪند ۾ موجود هئا ۽ اها حقيقت يوگا سوترا، سمکيا سوترا، مماسسا سوترا، برهما سوترا، نيايا سوترا ۽ ٻين ڪيترن ئي تصنيفن مان واضح آهي. هندوستان جي فلسفي واري دور ۾ اهڙن مسئلن تي بحث ڪيل آهي ۽ اهڙين باريڪ ذهني ڪاوشن جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن جي يورپ وارن کي ڪابه خبر ڪانه هئي. اهي مسئلا اهڙا تہ دقيق ۽ ڏکيا هئا، جو اولهه جي ملڪن جا عالم ڪڏهن بہ حل نہ ڪري سگهيا[32].

اپنيشد، هندو فلسفي جو بنياد ۽ سمکيا کي فلسفي تي سلسليوار ترقي ڏيارڻ جو ماخذ سڏيو ويو آهي. اپنيشد جا واضح اصول هي آهن تہ: خود يا خودي دراصل خدا آهي ۽ جيڪي بہ هُن تي اثر ڏنا وڃن ٿا، اهي ٻاهريان (ڏاريا) آهن. اهو پاڪ خود جنهن کي آتما سڏجي ٿو، سيني ۾ هڪ آهي ۽ ڪائنات ۾ جيڪا سچائي ڏني وڃي ٿي، ان سان مشابهت رکي ٿو. سمکيا فلسفو جيڪو دراصل ڪپيلا جي ايجاد آهي، ان موجب دنيا ۾ جيڪي ڏنو وڃي ٿو، آزمودي جو اهڃاڻ آهي. ڪپيلا جي ڪتاب جو نالو شستي - تنترا هو ۽ جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي، ان ۾ سٺ باب هئا. اصلي ڪتاب غائب (ناپيد) آهي، پر ان جو اپنيشد تي زبردست اثر محسوس ڪيو ويو آهي. سمکيا سکيا جا بہ مکتب آهن، يعني تہ خدا وارو، جنهن پتنجلي سان لاڳو ڪيو ويو. انهيءَ کي يوگا طريقو سڏيو ويو آهي ۽ ٻيو ڪافرانہ طريقو، جنهن جو مجيل نمونو ايشورا ڪرشنا ۾ موجود آهي[33].

هندو فلسفي جو ڪيترو اثر عرب ذهن تي نمودار ٿيو، ان لاءِ ”ڪليلہ و دمنہ“ جو مثال ڪافي آهي. اهو ڪتاب دراصل هندي تصنيف پنچتنترا جو ترجمو هو. انهيءَ ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو ابن نديم ۽ ٻين عرب ليکڪن جي ڪتابن مان ظاهر آهي، جن ان کي تمام وڏن اکرن ۾ ساراهيو آهي. انهيءَ ڪتاب جو عربي ترجمو عبدالله بن مقفہ مجوسي ڪيو ۽ هاڻي ان جا دنيا جي چاليهن ٻولين ۾ ترجما ٿيل آهن[34]. دنيا جو ڪوبہ پراڻو يا نئون ڪتاب ايڏو مقبول نہ ٿيو آهي، جنهن جا ايترا ترجما ٿيل هجن. ان ۾ جانورن جي هڪ جماعت جو ذڪر آهي، جن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ايڏو تہ هڪ ٻئي کي دوستي ۾ ڳنڍي ڇڏيو جو ڪوبہ شڪاري، پوءِ اهو جانور هجي يا ماڻهو، انهن کي ايذاءَ نہ رسائي سگهيو. اهو پنجتنترا ئي هو جنهن جي اثر هيٺ ”اخوان الصفا“ وجود ۾

آيو. انهيءَ مڪتب فڪر جو اثر غزالي، رشيد الدين سنان، ابوالعلا المعري، ابو حيان التوحيدي جهڙن عالمن تي ٿيو.

ابن نديم ۾ ٻين جي لکتن مان بوذاسف ۽ بلوهر جي فلسفي جو پڻ ذڪر ٿيل آهي. بوذاسف دراصل ٻڌ-ستوا جو بگڙيل اچار آهي ۽ بلوهر ڪي پروهتار پڙهڻ گهرجي، جنهن جي معنيٰ وڏو شش. انهيءَ ڪتاب ۾ ٻڌ مهاراج جي زندگي ۽ ان سان گڏ زندگيءَ جا اصول بيان ڪيل آهن، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي روحانيت جي اعليٰ درجي تي پهچڻ ۽ ان ڪان پوءِ خدا سان ميلاپ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڏٺو ويندو ته هندستان جي راندين جو به عربن تي تمام گهڻو اثر رهيو آهي. جنهن ۾ چترنگ ۽ چوسر (نرد) وڏي مشهوري رکن ٿيون. اهي رانديون رياضي جي اصول تي قائم ۽ حساب سان رکيون ويون آهن. انهن ٻنهي مان هندو فلسفي جي ٻن مڪتبن جو اهڃاڻ ملي ٿو. چوسر مان ظاهر آهي ته ماڻهوءَ جي قسمت مقرر ڪيل آهي ۽ هُو پنهنجي عمل ۾ آزاد نه آهي. سندس زندگي جي هر گهڙي تارن، گرهن ۽ ماڻهن جي اثر هيٺ رهي ٿي. چترنگ (شطرنج) وري اهو ظاهر ڪري ٿو ته انسان عمل ۽ قول ۾ آزاد آهي ۽ هُو خراب ڪم کي چڱي ڪم ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. ڪيس قوت ارادي ۽ عقل ڏنو ويو آهي. ان ڪري هُو جيئن وڻي تيئن ڪري سگهي ٿو. ڏٺو ويندو ته مسلمانن جا به مڪتب جبر ۽ قدر پڻ انهن راندين جي اثر هيٺ وجود ۾ آيا. جبرين جو قسمت ۾ مڪمل اعتماد هو، پر قدري انهيءَ اصول جي خلاف هئا. قدرين جي هڪ شاخ، جنهن کي معتزله سڏيو ويندو هو، ان کي المامون جي زماني ۾ عباسي حڪومت جو سرڪاري مذهب بنايو ويو. جنهن سبب نه فقط بغداد ۾ پر، سڄي اسلامي دنيا ۾ قتل، خون ۽ رتو ڇاڻ ٿي. ڪيئن مذهبي جنون رکندڙ ماڻهو مارجي ويا.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) طبقات الامم، ص 11، 14.

(2) اسلامڪ ڪلچر، جلد 11، ص 22.

(3) تاريخ يعقوبي، جلد 1، ص 96.

(4) تاريخ فرشتہ، جلد 2، ص 435.

(5) تاريخ يعقوبي، جلد 1، ص 97، هسٽري آف عربس، ص 378.

(6) العروة، ص 11، 28.

(7) انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا، جلد 19، ص 867.

(8) هسٽري آف عربس، ص 379.

(9) ابار الحڪماءَ، ص 178.

(10) عرب و هند ڪي تعلقات، ص 144.

(11) تاريخ يعقوبي، جلد 1، ص 96، 98.

(12) هسٽري آف عربس، ص 384.

(13) ليگيسي آف انڊيا، ص 366.

(14) ليگيسي آف انڊيا، ص 368.

(15) عيون الانباءَ، جلد 2، ص 365.

(16) عيون الانباءَ، جلد 2، ص 135.

(17) تاريخ فرشتہ، جلد 2، ص 365.

(18) عيون الانباءَ، جلد 2، ص 32.

(19) وچئين دور ۾ هندوستاني تهذيب، ص 144.

(20) تاريخ فرشتہ، جلد 2، ص 303.

(21) تاريخ يقوبي، جلد 1، ص 105، عيون الانباءَ، جلد 2، ص32.

(22) وچئين دور ۾ هندوستاني تهذيب، ص 148.

(23) وچئين دور ۾ هندوستاني تهذيب، ص 146.

(24) هسٽري آف عربس، ص 579، عرب و هند ڪي تعلقات، ص 152.

(25) المعارف، جلد 90، نمبر 6، ص 644-648.
(26) وچئين دور ۾ هندوستاني تهذيب، ص 148.
(27) وچئين دور، ص 149.
(28) مفاتيح العلوم، ص 167.
(29) الفهرست، ص315.
(30) عرب و هند کي تعلقات، ص 159.
(31) هسٽري آف عربس، ص 284.
(32) ليگيسي آف انڊيا، ص 100.
(33) ليگيسي آف انڊيا، ص 105، 104.
(34) هسٽري آف عربس، ص 308.

# سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر

سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر - سنڌ ۾ تصوف -

## نتيجو

# سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر

## سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر:

سنڌ تي عربن جو ثقافتي اثر، ايشيا جي سيني ملڪن کان وڌيڪ محسوس ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي ماڻهن دل ۽ جان سان ۽ وڏي چاهہ سان عربن جي ثقافت ۽ تهذيب کي قبول ڪيو. عرب تهذيب جو اثر سنڌ جي ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. پوشاڪ ۾، ڪاڌي ۾، اٿ ويهہ، ريتن ۽ رسمن ۾ سنڌي مسلمان عربن جو پاءُ آهي. عربن سنڌ ۾ پٽڪو، قميص، سلوار، جبو ۽ ٻين ڪپڙن جو رواج وڌو. ڪڙتي جو رواج بہ عربي دور ۾ پيو. عرب جاگرافي دانن جو چوڻ آهي تہ ڪڙتو نهايت ئي چاهہ سان پاتو ويندو هو[1]. عربن جو اثر رئو، قميص، سلوار، ٽائٽ ۽ ٻين نالن مان واضح آهي. جيڪي عربي ٻوليءَ مان ئي ورتا ويا آهن يا عربن عراق ۽ ايران مان حاصل ڪري سنڌ ۾ رائج ڪيا. ذهني نقطہ نگاهہ کان پڻ سنڌي، عرب سان مشابهت رکي ٿو. عام طور زورآور، پر زور جي اڳيان زاري جي اصول تي قائم آهي. عربن وانگيان هڪ کان وڌيڪ زالن رکڻ جو شوقين آهي ۽ عام عورتن سان جنسي تعلقات رکڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي. اهڙين عورتن کي سريت جو نالو ڏنل آهي. عربن جيان سنڌ ۾ عورتن جي ڪا حيثيت نہ آهي ۽ انهن کي عام شيءِ وانگر وڪرو ڪري سگهجي ٿو. هر عورت تيءَ ڪانہ ڪا قيمت رکيل آهي: عربن جي غزوہ طريقي موجب، عورتن کي چوري ڪيو وڃي ٿو يا ڀڄايو وڃي ٿو ۽ انهن کي پاڻ وٽ سريت وانگر رهايو وڃي ٿو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ انهن کي سندن مالڪن يا مڙسن کي واپس ڪيو وڃي ٿو. عورت کي ئي دراصل فساد ۽ گناهہ جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو. عورت پنهنجي يار سان ڀڄي وڃي ۽ ان سان سالن جا سال رهي، يا ٻار ڄڻي، پر ان هوندي بہ سندس مڙس وڏي چاهہ سان ان کي واپس وٺڻ جا جتن ڪندو. ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ اها سندس لڄ آهي. پوءِ پل اها واپس اچڻ گهري يا نہ. عربن وانگر سنڌين ۾ بہ بدي جو رواج عام آهي ۽ اڄ مان جيڪي برايون پيدا ٿين ٿيون، اهي عالم آشڪار آهن. هڪ عورت کي سندس مرضي جي خلاف شادي ڪرائي وڃي ٿي،

جنهن سان ان جو نباهڻ مشڪل آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪا خرابي ٿئي ٿي، ان ڪان هر ڪو واقف آهي ۽ اهوئي دراصل سنڌي معاشري کي خراب ڪرڻ جو وڏو ذريعو آهي. طبيعت جي خيال کان عرب ۽ سنڌي ۾ ڪو فرق نہ آهي. پوررالو ۽ سازشي تہ سندس جهڙو ڪو ورلي ملندو. پنهنجي شخصيت تي ڪيس ناز هوندو آهي، پر هوندو آهي خودي کان خالي. ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃيندو. هنگامي حالتن ۾ اهڙي تہ چال ڪيڏندو، جو سڄي قوم کي نگهوسار ڪري ڇڏيندو ۽ اهو رڳو پنهنجي فائدي خاطر، يعني تہ پهرين درجي جو مطلبي آهي. هڪ سچي عرب وانگر هُو نہ فقط هڪ چالباز منافق آهي، پر لاجواب سازشي آهي. پر اهو سندس ڪردار جو هڪڙو پاسو آهي. جاڪاڻ تہ سنڌي صدين کان وني سادگي ۽ رلڻي ملڻي طبيعت جا مالڪ سمجهيا ويا آهن. اهي مذهب جا سچا ۽ قول جا پڪا ٻڌايا ويا آهن. سندن مهمان نوازي جڳ مشهور آهي[2]. سنڌ جا ماڻهو پهريان ئي انسان آهن، جن دين اسلام جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ اهو مذهب قبول ڪيو. سما، سهتا، لهاڻا، چنا ۽ جت، جن تي راجا ڏاهر جي هندو حڪومت طرفان پابنديون عائد ڪيل هيون، انهن دين اسلام قبول ڪيو جيئن انهن کي مٿن مڙهيل ذلالت ۽ ظلم کان نجات ملي سگهي. ٻيو تہ عربن نون مسلمانن لاءِ ڪن خاص رعايتن جو اعلان پڻ ڪيو هو ۽ نون مسلمانن تي موالي جو نالو رکيو، جنهن جي معنيٰ آهي اصيل. عربن تلوار ۽ تبليغ جي زور سان سنڌ، ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪيترن ئي قبيلن کي مسلمان ڪيو. انهيءَ جي تصديق عرب سياحن جي لکتن مان ظاهر آهي، جن جو چوڻ آهي تہ هنن هندوستان جي الهندي ڪناري ۽ پڻ سنڌ ۽ ان جي آس پاس وارن خطن ۾ مسلمانن لاءِ مسجدون ڏٺيون[3]. ٿي سگهي ٿو تہ اهي مسجدون عرب واپارين طرفان ٺهيل هجن، جيڪي ننڍي ڪنڌ جي انهن ملڪن سان اسلام کان گهڻو اڳ وڻج ۽ واپار رکندا ٿي آيا. اهو بہ ظاهر ٿيو آهي تہ قرآن جو پهريون ترجمو ڪشمير جي هيٺين حصي ۾ ڪيو ويو جو درحقيقت پنجاب سمجهڻ گهرجي ۽ ٻولي، جنهن ۾ اهو ڪيو ويو لهندا ٿي سگهي ٿي.

سنڌ جا ماڻهو سڄي ۽ سني مذهب تي قائم هئا. انهن ۾ نہ تہ ڪا فرقہ پرستي ۽ نہ سني شيعي جو جهيڙو. البشاري مقدسي جنهن سن375هہ/987ع ۾ سنڌ جو دورو ڪيو، ان جو چوڻ آهي تہ هُن فقط ملتان ۾ فرقہ پرست

جماعت ڏني، جنهن کي قرمطي سڏيو ٿي ويو. قرمطين جي اثر هيٺ جمع نماز ۾ خطبو عباسي خليفن جي بدران مصر جي فاطمي خليفن جي نالي پڙهيو ويندو هو. جنهن مان ظاهر آهي تہ شيعن جو اثر، سنين جي اثر تي غالب پئجي چڪو هو. ڇاڪاڻ تہ عباسي خليفا سڄي اسلامي دنيا ۾ مسلمانن جا نہ فقط دنيوي مهندار، پر ديني ۽ روحاني پيشوا پڻ مڃيا ويندا هئا. هونئن بہ سنڌو ماٿر ۾ شيعن جو اثر عباسي خليفي المنصور جي زماني کان شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي، جڏهن عبدالله بن الاشتر الحسيني سنڌ ۾ گهوڙن جو واپاري بنجي آيو هو. ان وقت عباسين طرفان سنڌ جو گورنر عمرو بن حفص المهلبي هو. جنهن نہ فقط انهن کي سياسي پناه ڏني، پر سندن رهائش جو خاصو انتظام پڻ ڪرايو هو. انهيءَ سبب عمرو بن حفص کي سنڌ مان بدلي ڪري، آفريڪا (تيونس) موڪليو ويو ۽ ان جي جاءِ تي هشام بن عمرو التغلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هشام بن عمر اچڻ شرط عبدالله الاشتر کي قتل ڪرائي سندس منڊي، عباسي دارالخلافه ڏياري موڪلي ۽ ان سان گڏ عبدالله جي ڪٽنب کي بہ قيدي بنائي بغداد موڪليو.

## سنڌ ۾ تصوف:

تصوف جنهن کي "اسلامي مسٽسزم" جو نالو ڏنل آهي ۽ جنهن جو اڄ بہ سنڌ ۾ زور آهي، دراصل ڪيترن ئي خيالات ۽ اصولن جو مجموعو آهي، جن جو وچئين دور ۾ اسلامي تعليمات تي اثر رهيو. ان ۾ ڪرستانن ۽ نو افلاطوني فڪر جو وڏو جزو موجود آهي. ايران جو بہ پنهنجي طرفان ڪجهہ حصو آهي، پر درحقيقت وڏو اثر هندو ۽ ٻڌ مذهب جو آهي، جو نمايان ظاهر آهي. مسلمانن جي راءِ آهي تہ تصوف جا اصول قرآن مان ورتل آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪي آيتون انهيءَ راءِ جي نشاندهي ڪن ٿيون. دنيا جي آسائشن کان پاسو ڪرڻ ۽ خدا سان محبت وندڻ قرآني آيتن مان واضح آهي، جي انسان کي توڪل جو سبق بہ سيکارين ٿيون[4]. زهد ۽ عبادت کي روحاني زندگي لاءِ اشد ضروري سمجهيو ٿي ويو. ان سان گڏ فقر (غربت) کي بہ وڏي اهميت ڏني ٿي ويئي جو دراصل هندو ۽ ٻڌ مت جي پوڄارين جي زندگي جو اصول هو. پر سلامي فقر ۽ هندو يا ٻڌ مت جي فقر ۾ وڏو تفاوت آهي. فنا في الله، پاڻ کي تڪليف ڏيڻ، سلوڪ (طريقہ)، مراقبہ معجزو، يا ڪرامت دراصل يوگا، نروان

۽ ٻيـن هنـدو رسمـن جي عڪاسـي ڪـن ٿـا. پانشـيـنزم يـا وحـدة الوجـود (Pantheism)، هندو ويدانت جو ٻيو نالو آهي، جنهن جو اثر مسلمانن تي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ گهاٽي سٻنڌ سبب ٿيو. وڏا ۽ مجيـل اسلامي صوفـي بـايزيد بسطامي ۽ حسين بن منصور الحلاج ٻئي سنڌ ۾ آيا هئا[5]. انهـن تـي سنڌ جي تعليم جو تمام گهڻـو اثـر ٿيـو. اهـا حقيقت پوءِ جي تصوف مـان واضـح آهـي، جنهن ۾ غلو، تقصير، حلول ٻين غير اسلامي اصولن تي عمل ڪيو ٿي ويو. سـنڌ دراصل اسلامي تصوف جو گهوارو هو، جتي تصوف جي ارتقا عمـل ۾ آئـي. ڪـن ليکڪن جو چوڻ آهي تہ خدا جي وحدانيت جو اصول عربن کان اڳ موجـود ڪـونـہ هو ۽ نئين ڪنڌ جي ماڻهن کي مسلمانن وٽان مليو. پر اها دعويٰ رگ ويد جي هـن سٽ مان رد ۽ باطل سمجهـڻ گهرجي جو دنيـا جو قديـم ۾ قديـم لکيـل ڪتـاب آهي. مذڪور آهي تہ: "ماڻهو ان کي اندرا، مترا، ورونا يا آسماني گاروتمن چـون ٿا. اهي نالا فقط شاعراڻا آهن ۽ اهڙي هستي جا آهن جو هڪ آهي[6]."

تصوف ۾ وڏي ۾ وڏو نالو شيخ بهاءَ الديـن زڪريـا السـهروردي ملتـاني جو آهي، جو اصل ۾ سنڌ جي هباري خاندان جو فرد هو[7]. هبارين جـي سـنڌ تـي اٽڪل ٻہ سو سال حڪومت رهي ۽ جڏهن عربن جو اثر ختم ٿي ويو، تڏهن بهـاءَ الدين جو خاندان منصوره ڇڏي ملتـان هجرت ڪـري ويـو ۽ اتـي رهـائش اختيـار ڪيائين. اهو دراصل بهاءَ الديـن جـي هـڪ مريد مخدوم جلال الدين جهانيـان بخاري جي ڪوشش جو نتيجو آهي جو سنڌ جا سومرا دين اسلام ۾ داخل ٿيـا ۽ سني مسلڪ اختيار ڪيائون.

## نتيجو:

ڪن ليکڪن جي دعويٰ آهي تہ عربن جو سنڌ تي حملو فقط هڪ حـادثو هو، جو گهڻو وقت جٽاءَ نہ ڪري سگهيو. اها ڳالهہ ڪيتري قـدر سچ آهـي، ان جي جواب ۾ اهو چوڻ ڪافي آهي تہ عرب اوائلي سـوپ کـان پـوءِ ٻـہ اٽڪـل ٽـي سو سال سنڌ جي وڏي حصي تي قابض هئا، جنهن جون حـدون ملتـان ۽ ڪڇـيءَ تائين پکڙيل هيون. سنڌ جا ڪجهہ حصا البت هندو راجائن جي هٿ ۾ هئـا، پـر اهو فقط انهيءَ حالت ۾ جڏهن اسلام جي مرڪزي حڪومت ۾ ڪمزوري جـا آثار ڏنا ٿي ويا. جيئن تہ محمد بن قاسم جي فتوحات مان ظاهر آهي. مرڪزي حڪومت جي بدلجڻ سبب سنڌ جي ڪجهہ حصي تـي راجـا ڏاهر جي پٽ جـو قبضـو ٿي ويو. پر حڪم بن عوانـہ الڪلبي جي اچڻ کان پوءِ سڄو ملڪ وري ٻـہ

عربن جي قبضي ۾ اچي ويو. حڪم بن عوانه نه فقط سنڌ تي قبضو ڪيو، پر هُن ڪڇ، گجرات ۽ هندستان جي اندرين حصن تي پڻ حملو ڪيو[8]. عربن جي سڄي دور ۾ دمشق جي بنو اميه ۽ بغداد جي عباسين جو ملتان کان وٺي سمنڊ تائين مڪمل ڪنٽرول رهيو. ڏکڻ پنجاب، سنڌ ۽ ڪڇيءَ جا علائقا پڻ عربن جي حڪم ۾ رهيا. پر جڏهن عباسين جي حڪومت ڪمزور ٿي ويئي، تڏهن ملتان ۽ منصوره جون ٻه عرب حڪومتون قائم ٿيون. منصوره جي حڪومت جون حدون اروڙ کان سمنڊ تائين پکڙيل هيون.

سنڌ تي عربن جي حڪومت وارو دور سنڌ جو روشن دور تصور ڪيو ويو آهي. عربن: ترڪن، افغانن ۽ ٽالپرن کان وڌيڪ رواداري کان ڪم ورتو، جي ڪانئن پوءِ هن ملڪ جا والي ٿيا. دمشق ۽ بغداد سان تعلق هئڻ ڪري، سنڌ جي قديم ثقافت جو بنياد عرب تهذيب ۽ تمدن سان وابسته رهيو. سنڌ پنهنجي طرفان عربن جي علم، تهذيب ۽ ثقافت ۾ گهڻو ڪي ڏنو آهي، جنهن سبب نه فقط عربن جي تهذيب ۾ ترقي ٿي، پر چار چنڊ لڳي ويا. اهو سڀ ڪجهه برمڪي وزيرن جي ڪري ٿيو، جي اصل ۾ هندوستان سان تعلق رکندڙ هئا. اهوئي سبب آهي جو عباسي خليفن ۽ انهن کان پوءِ مختلف گهراڻن جي حڪومت ۾ سنڌي علم ۽ ثقافت کي فروغ مليو ۽ وچئين دور جي تهذيب وجود ۾ آئي، جنهن جا ان وقت شمع بردار عرب هئا. چاڪاڻ ته سياسي طور عرب، ان وقت جي مهذب دنيا جي وڏي حصي جا مالڪ بنجي چڪا هئا ۽ انهن جو دنيا جي ٻين قومن تي ڏاڪو هو. سنڌ جي ماڻهن انهيءَ تهذيب مان گهڻو ڪي پرايو. پر اهو فقط عربي دور تائين محدود رهيو. عرب، افغان، مغل ۽ بلوچ جي پوءِ سنڌ تي قابض ٿيا، انهن جي دور ۾ اسلامي تعليمات جو خير ڪو اثر رهيو. انهن هن ملڪ تي زور ۽ زبردستي جو راڄ قائم ڪيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي شڪنجي ۾ اهڙي طرح رکيو، جو انهن جي رڳن ۾ رت جو آخري ڦڙو به نه ڇڏيو. هڪ هزار سال کان وڌيڪ عرصي لاءِ سنڌ جو غلامي ۾ رهڻ سبب ۽ ظلم ۽ زور جي سياست جي ڪري، ماڻهن مان آزادي حاصل ڪرڻ جو جذبو ئي ختم ٿي چڪو آهي. اهي اڄ به غربت، جهالت ۽ انهن سيني خرابين ۾ مبتلا آهن، جيڪي هڪ غلام قوم ۾ هئڻ گهرجن ۽ سڀ کان وڌيڪ ميرن، پيرن، سيدن ۽ وڏيرن وغيره جي غلامي آهي، جي اڄا تائين سنڌ جي اٻوجهه عوام لاءِ اڌ خدا (ديوتا) جي حيثيت رکن ٿا.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) المسالك والممالک، ص 173، صورة الارض، ص 324، وصف الهند، ص 32.

(2) معجم البلدان، جلد 9، ص 151.

(3) مروج الذهب، جلد 1، ص 144، صورة الارض، ص 324.

(4) قرآن، سورة 4، آيت 96، سورة 9، آيت 13، سورة 33، آيت 41، سورة 33، آيت 47.

(5) اسلام جو هندوستاني تهذيب تي اثر، ص 46.

(6) هسٽري آف رليجن، جلد 1، ص 232.

(7) تاريخ فرشته، جلد 2، ص 404.

(8) فتوح البلدان، ص 445، 447 ۽ 449.

تعليقات - 1

# پنيور جا کنڊر ۽ انهن جي ديبل سان تشبيهه

پنيور جي بيهڪ - ڪوٽائي - نالي جي اصليت ۽ تاريخ - پنيور جو ديبل سان لاڳاپو - ديبل سان ان جي تشبيهه جا دليل

# ڀنڀور جا کنڊر ۽ انهن جي ديبل سان تشبيهه

## ڀنڀور جي بيهڪ:

ڀنڀور جا کنڊر گهاري نالي هڪ ننڍي شهر جي ڀر ۾ آهن، جو پاڪستان جي قومي شاهراهه تي ڪراچي کان اتر اوڀر طرف 23 ميلن جي فاصلي تي آهي. کنڊرن جي پکيڙ 240,000 چورس والن تي مشتمل آهي ۽ ان جي بيهڪ گهاري ڪاري جي ساڄي ڪپ تي آهي ۽ اتي هڪ عجائب گهر پڻ آهي. جاين جو بنياد ۽ ڊاڪٽيون انهيءَ حقيقت جي نشاندهي ڪن ٿيون ته اهو شهر عام سڌائي کان متيرو ناهيو ويو هو ۽ پڻ جاين جي فرش مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته انهيءَ شهر جي جاين جون پتيون ۽ فرش پٿر جا ٺهيل هئا. مٽيءَ ماٿهن جا ڪي ڍانچا پڻ لڌا ويا آهن، جن کي حفاظت خاطر شيشي جي پڃري ۾ رکيو ويو آهي. سن 1959ع ۾ اهي هڏائون پڃرا صحيح سالم هئا، پر پوءِ اهي گهم ۽ لوڻ جي اثر ڪري ڀري اٿو تي ويا. انهن پڃرن مان هڪ جي ڇاتي ۾ هڪ تير کتل هو، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته يا ته جنگ ۾ اهو تير ڪيس لڳو آهي، يا پاڻ ۾ وڙهڻ سبب. ڀنڀور جي بيهڪ 24 ڊگريون 40 منٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 67 ڊگريون 41 منٽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي مقرر ڪئي وئي آهي.

## کوٽائي:

سڀ کان پهرين ڀنڀور جي کوٽائي جو ڪم سر مجمدار 1930ع ۾ شروع ڪيو ۽ پڻ مسز ليسلي الڪاڪ، جنهن به ڪيتريون کڏون اتي کوٽايون. پر عرب اسلامي دور کان اڳ جي ڪابه شيءِ هٿ نه آئي. هينري ڪزنس هنن کنڊرن جو معائنو ڪيو ته ڪيس ڪي سڪا ۽ ٻيو ڪاشيءَ جو ٺڪراٺو هٿ آيو. پر هو به ٻڌ ۽ هندو تهذيب سان وابسته ڪا به نادر شيءِ هٿ نه ڪري سگهيو. کوٽائي کاتي طرفان سن 1960ع ۾ ڇپيل هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو هو ته انهن کنڊرن مان ڪاشيءَ جا ٿانو، ٺڪراٺو، اناج رکڻ جا ناد ۽ پڻ ناگري رسم الخط جا ڪي نمونا مليا آهن. اهڙي قسم جا ٿانو پڻ مليا آهن، جن کي ستيا،

پارٿيا دور سان وابسته ڪيو ويو آهي[1]. اتان ڪي اهڙا سڪا به هٿ آيا آهن، جن تي عرب گورنرن جا نالا اڪريل آهن. 18 جون 1960ع تي هڪ عجيب رپورٽ ڊان اخبار ۾ ڏني ويئي ته هڪ مسجد پڻ لڌي آهي، جنهن مان محمد...... نالي ڪنهن شخص جي نالي ڪتبو به دستياب ٿيو آهي. اهو دراصل هڪ هٿ ناٽ آهي، جنهن جي ثابتي سال 109 هه مان واضح آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ سال ۾ يا ان کان ٿورو اڳ يا پوءِ ڪوبه اهڙو گورنر سنڌ تي مقرر نه ٿيو، جنهن جو نالو محمد هجي. اها به پڪ ڪانهي ته اهو ڪتبو ڀنڀور مان ئي مليو هجي. ڪوٺائي ڪاتي طرفان جڙتو رپورٽ انهيءَ مقصد سان ڪئي ويئي آهي ته جيئن ان جي وجود جي ضرورت ڪي محسوس ڪيو وڃي ۽ پاڪستان جي ابوجهه عوام ڪي مغالطي ۾ رکيو وڃي. ڇاڪاڻ ته جيڪا مسجد لڌي ويئي آهي، اها ڪنهن به حالت ۾ ديبل جي جامع مسجد ٿي نه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته ديبل شهر جي آبادي ٽن لکن کان مٿي هئي[2]. لڌل مسجد جو فرش پٿر جو ٺهيل آهي ۽ ان ۾ هڪ وقت فقط هڪ سو ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا. باقي رهيو پراڻا سڪا، اهي سنڌ جي ڪيترن ئي ماڻهن وٽ موجود آهن. اهي ڳوناٽن کان گهٽ اگهه تي خريد ڪري سگهجن ٿا. جيڪي مختلف ڪنڊرن ۾ مال چاريندڙ آهن يا انهن جي پير ۾ ڪيتيءَ جو ڪم ڪن ٿا. ڏسڻ ۾ تو اچي ته نيون ۽ جڙتو ڳالهيون ناهيندڙ ماڻهن ڪي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت سان گهٽ وابستگي رهي آهي ۽ سنڌ جي ڪنڊرن بابت سندن قائم ڪيل راءِ خيالي ۽ بي مقصد آهي. 19 اپريل 1968ع ۾ هڪ خبر ڊيلي نيوز ڪراچيءَ ۾ پڙهي ويئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته عباسي خليفي هارون الرشيد جا ڪيترائي سڪا نڪر جي هڪ ٽيي مان آزر بائيجان جي خانلارسڪي خطي مان لڌا ويا آهن. انهيءَ مان اهو مطلب ڪڍڻ غلط آهي ته هارون الرشيد يا ان جي پٽن پوٽن انهن ايراضين تي حڪومت ڪئي هئي.

## نالي جي اصليت ۽ تاريخ:

تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع جو چوڻ آهي ته ڀنڀور ۽ ديبل ٻن مختلف هنڌن تي ٺهيل هئا ۽ ٻئي ساڪري واري ايراضي ۾ هئا ۽ هڪ ٻئي کان ڪجهه فاصلي تي ٻڌل هئا[3]. ڀنڀور جو شهر انهيءَ ڪري مشهور ٿيو، جو ان سان سنڌ جو عشقيه داستان سسئي پنهون وابسته آهي. سسئي

پنهونءَ جي عشق ۾ پنيور کان مڪران ويندي پب جبل جي هڪ ڪاهي ۾ ڪري پنهنجو آنت آندو. سنڌ جي مشهور شاعر شاهه عبداللطيف سسئي پنهون واري قصي سان ڪافي دلچسپي ڏيکاري آهي. اهوئي سبب آهي جو هن انهيءَ تي پنهنجي رسالي ۾ پنج سر مرتب ڪيا آهن[4]. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته پنيور جو شهر، پنيو راءِ نالي هڪ راجا ٻڌايو هو ۽ ان ڪري ان کي ڪافر ڪوٽ به سڏيو ويندو هو[5]. سنڌي ٻوليءَ ۾ پنيو لفظ جي معنيٰ آهي ڳاڙهو يا ڪڪو، پر ان جو پنيور سان ڪوبه تعلق نه ٿو ٿي سگهي. هندي ٻوليءَ ۾ پنيور لفظ جي معنيٰ گوڙ ۽ شور يعني ته اهڙي جڳهه، جتي ماڻهن ۽ مال جي اچ وڃ سبب گوڙ ۽ گهمسان هجي. بيو اکر جنهن سان پنيور کي ملائي سگهجي "پنيوا" ٿي سگهي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي، اهو فقير جيڪو بک وگهي، رستا ڦريندو رهي يا ڌاڙا هڻندو رهي.

عالم آشڪار آهي ته ساڪري وارو سڄو علائقو چورن ۽ سامونڊي ڌاڙيلن جو ڳڙهه هو ۽ اها حقيقت عرب تاريخ دانن جي لکت مان واضح آهي. چچ نامي ۾ ٻڌايل آهي ته ساڪري واري ايراضي ۾ نگامره نالي وارن ڌاڙيلن جون سمنڊ تي خوني ڪارروايون مشهور هيون ۽ جن عربن جي جهاز کي لٽيو هو، اهي به اهي ساڳيا ڌاڙيل هئا[6]. ٻڌايو ويو آهي ته انهيءَ ڦر ۾ هڪ عرب عورت قيد ڪئي ويئي هئي، جنهن ڪري عربن سنڌ تي حملو ڪيو. اها عورت بنو يربوع قبيلي جي هئي ۽ ان ڏک وچان اها رڙ ڪئي ته، "اي حجاج! اچي منهنجي مدد ڪر." جڏهن عراق جي وائسراءِ الحجاج کي اها خبر ٻڌائي ويئي ته هُن ڊرامائي انداز ۾ جواب ڏنو ته "اجهو آيس" ۽ ان کان پوءِ هُن هڪدم هڪ وڏو لشڪر سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليو[7]. ڪن ماڻهن پنيور کي بن- بهار يا ون- وهار سان ڳنڍيو آهي[8]. پر اڄ ڏينهن تائين ڪوبه وهار اتان هٿ نه آيو آهي ۽ تاريخن ۾ مذڪور آهي ته ديبل جي شهر ۾ هڪ وڏو وهارو (ٻڌن جي پانشالا) هو، جنهن جي اوچائي 360 فوٽ هئي[9]. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته جيڪي ماڻهو پنيور کي ديبل سان ڳنڍڻ چاهين ٿا. انهن ئي اهي ڏڪا هنيا آهن، جن ۾ سچائي ذرو به نه آهي. قديم ڪتابن ۾ پنيور جو نالو نه ڏنو ويو آهي، پر ٻڌايو ويو آهي ته اهو شهر عباسي خليفي هارون الرشيد جي زماني ۾ آباد ڪيو ويو هو، پر انهيءَ باري ۾ عرب تاريخي ماخذن ۾ ڪجهه به لکيل نه آهي. ان ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته پنيور جو شهر ڪنهن

پوءِ جي دور ۾ وجود ۾ آيو. جڏهن تہ عربن جو زور لاڙ ۾ ٽٽي ويو ۽ هندو راجائن پيھر انهن ايراضين تي قبضو ڪيو.

## پنڀور جو ديبل سان لاڳاپو:

ڪن ليکڪن پنڀور کي عربي دور جي ديبل سان ملايو آهي تہ ڪن وري ديبل کي ٺٽي، لاهري، ڏاراجا، واگهودر، پير پٺو، ڪراچي، دوآبو ۽ ٻين ماڳن سان تشبيهہ ڏني آهي. عرب ليکڪن جي لکت موجب ديبل جو شهر ڪراچي جيان هڪ وڏو بندر هو ۽ سامونڊي جهازن جو مرڪز هو، جتي اوڀر ۽ اولهہ جي ملڪن جو مال آندو ويندو هو ۽ ان جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. ديبل جي باري ۾ سڀ کان پهريون احوال البلاذري جي مشهور تصنيف فتوح البلدان ۾ ملي ٿو. جنهن جو چوڻ آهي تہ اهو بندر سمنڊ جي ڪناري هڪ ڪاريءَ تي ٻڌل هو، جنهن کي خور ديبل جو نالو ڏنو هو[10]. چچ نامو پڻ انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿو، جنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ ديبل سامونڊي ڪناري جو بندر هو. چاڪاڻ تہ منجنيق ۽ دبابہ مشينون جيڪي عربن سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ آنديون هيون ۽ سڏيون سوانٽيون سمنڊ جي رستي ديبل بندر تائين پهچي ويون. انهيءَ ساڳئي تصنيف ۾ وڌيڪ ڄاڻايل آهي تہ ساڪري وارو وهڪرو، جو دراصل سنڌو درياءَ جو هڪ ڇوڙ هو، ديبل کان پرڀرو ڪجهہ فاصلي تي هو[11]. عرب جاگرافي دانن، جن سنڌو ماٿر جو دورو ڪيو هو، تن پڻ ديبل جي باري ۾ ڪا واضح حقيقت پيش نہ ڪئي آهي، جنهن مان اهو پتو ڪڍي سگهجي تہ سنڌ جو اهو سامونڊي بندر ڪهڙي ماڳ تي اڏيل هو. سڀ کان پهرين المسعودي سنڌ ۾ آيو ۽ ان جو چوڻ آهي تہ ديبل جو بندر سنڌو درياءَ جي اولهندي واري ڇوڙ کان ٻن ڏينهن جي فاصلي تي ٻڌل هو[12]. سندن ٻئي ڪتاب تنبيہ والاشراف ۾ مذڪور آهي تہ ديبل سامونڊي ڪناري جو شهر هو ۽ سنڌ جو مشهور بندر هو[13].

الاصطخري بہ المسعودي جي لکت جي پوئواري ڪندي، تصديق ڪئي آهي تہ ديبل سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل هو ۽ سنڌو درياءَ جي اولهندي واري شاخ (ڇوڙ) جي اولهہ ۾ هو[14]. ڪانئس پوءِ ابن حوقل پڻ پنهنجي تصنيف ۾ ساڳيو بيان قلمبند ڪيو آهي[15]. البشاري المقدسي جو سن 375 هہ / 986ع ۾ سنڌ ۾ آيو، تنهن لکيو آهي تہ ديبل سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل هو ۽ ان جي چوڌاري هڪ سو کن ڳوٺ هئا، جن ۾ گهڻو ڪري غير مسلم رهندا هئا. هُو

وڏيڪ لڪي ٿو تہ جڏهن سمنڊ ۾ وير چڙهندي هئي، تڏهن ان جون لهرون ديبل جي قلعي جي ديوارن سان ٽڪرائينديون هيون[16]. وچئين دور جي مشهور انسائيڪلوپيڊسٽ ياقوت حموي ديبل کي هندي سمنڊ جي هڪ ڪاري تي نهيل ظاهر ڪيو آهي[17]. جنهن کي هُو خورديبل سڏي ٿو. الادريسي جو سڀ کان پوءِ جو آهي، تنهن البت کي قدر صاف بيان ڪيو آهي. هُن جو چوڻ آهي تہ ديبل جو بندر هڪ پيٽ تي نهيل هو ۽ ان جي آس پاس واري ايراضي غير آباد هئي. ساڳئي مصنف ديبل کي هڪ ٽڪريءَ تي ٻڌل ٻڌايو هو ۽ اها ٽڪري هُن ايراني نار جي ڪناري تي ٻڌائي آهي. ايراني نار مان مراد آهي عربي سمنڊ، جو دراصل ايراني نار جو ڇيڙو آهي. ديبل جي ٻئي طرف هُن ڪسڪهار يا ڪيرسر جبل جي قطار ٻڌائي آهي[18]. الادريسي جو اهو بيان ديبل کي ڪراچيءَ جي آس پاس ڪنهن ايراضي جي ويجهو آڻيو ڪدي، ان لاءِ ڪورنگي وارو علائقو وڌيڪ موزون لڳي پيو. چاڪاڻ تہ ان جاءِ تي ساموندي ڪاري آهي ۽ ٿوري فاصلي تي سمنڊ ۾ رڙي نالي ڪنڊر پڻ آهن، جن جي چوڌاري پٿر جو نهيل ڪوٽ آهي. اهو قلعو گهڻي قدر پڳل آهي، پر ان جون پيتيون، برج ۽ بنياد ثابت ڪن ٿا تہ اهو ڪنهن عظيم شهر جي بچاءَ جي ڇت هئي. ان جي پر ۾ هڪ نهايت ئي وڏو قبرستان آهي، جو پڻ قديم دور جي عڪاسي ڪري ٿو. ان ڪري اهو چوڻ تہ ڪورنگي وارو علائقو سنڌ جي وچئين دور جي ديبل جو ماڳ ٿي سگهي ٿو تہ غلط نہ ٿيندو.

مختلف لکتن مان ظاهر آهي تہ ديبل جو شهر ڌرتي ڌٻڻ سبب اڌو اڌ تباهہ ٿي ويو ۽ ان ۾ هڪ لک پنجاهہ هزار ماڻهو مري ويا[19]. ان مان ظاهر آهي تہ شهر جو ڪجھ حصو سمنڊ جي هيٺان اچي ويو هو ۽ باقي بچيل حصي، ڪجهہ وقت جٽاءَ ڪيو هجي، پر پوءِ جڏهن لاهري ۽ ٻيا بندر وجود ۾ آيا، تہ پوءِ ديبل جي اهميت گهٽجي قدر گهٽجي ويئي ۽ اها راءِ ٻين شهرن ۽ بندرن لاءِ بہ قائم ڪري سگهجي ٿي. جهڙوڪ لاهري، دوآبو وغيره وغيره. چاڪاڻ تہ اتي بہ وڏن شهرن جا ڪنڊر موجود آهن. ابن بطوطہ جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن هن لاهري جي پر ۾ هڪ وڏو شهر ڏٺو، جو پڻ ساموندي ڪاري تي ٻڌل هو[20].

جيڪڏهن البلاذري جي خور ديبل کي ڪنهن نندي اپسمنڊ سان تشبيهہ ڏجي تہ پوءِ مڪران کان وٺي سنڌو درياءَ جي ڇوڙ تائين فقط بہ اهڙيون

ايراضيون آهن، جن کي ديبل سان ملائي سگهجي ٿو. يعني تہ سونمياڻي ۽ ڪراچي، ڪراچي وارو اپسمنڊ يونانين جي تصنيفن ۾ "اليگزينڊرس هيون" جي نالي سان مشهور آهي. يعني تہ سڪندر وارو پناهہ گاهہ. ان ڪري ڪراچي جي پر ۾ ڪورنگي وارو علائقو اهڙو آهي، جنهن کي ديبل جي ماڳ سان تشبيهہ ڏيئي سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن خور، ڪاري لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ديبل جو ماڳ پنيور، دوآبو، لاهري، ڏاراجا ۽ ٻين ايراضين سان ملائي سگهجي ٿو. انهيءَ ڏس ۾ وچئين دور ۾ سنڌو درياءَ جي وهڪريءَ ۽ پڻ انهيءَ رستي جو ماڳ متعين ڪرڻو آهي، جيڪو محمد بن قاسم جي فوجن سنڌ خلاف اڳرائي ۾ استعمال ڪيو هو.

ايم. آر. هيگ جي راءِ آهي تہ عربن جي دور ۾ سنڌو درياءَ جي الهندي وارو ڇوڙ، هاٽوڪي بگهاڙ شاخ هو ۽ ان جي اڀرندي واري شاخ پراڻ درياءُ هو[21]. بگهاڙ، جنهن کي هاٿي "ڦٽو" سڏيو وڃي ٿو، ان وقت بہ منهن وسيلي وڃي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهيءَ ايراضيءَ ۾ هڪ ٻئي درياءَ جو وهڪرو پڻ موجود آهن، جنهن کي گنگڙو سڏيو وڃي ٿو. ٻڌايو ويو آهي تہ اهو بہ وچئين دور ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو هو. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ديبل شهر جو ماڳ ڊيلٽا جي اڀرندي حصي ۾ ڳولڻو پوندو. ٿي سگهي ٿو تہ دوآبو انهيءَ لاءِ موزون ماڳ هجي. چچ نامي ۾ ٻڌايل آهي تہ ڪڇ جي حاڪم، محمد بن قاسم جي فوج جي اڳرائي لاءِ سنڌو درياءَ تي ٻيڙين جي پل ٻڌي هئي[22]. اها پل محمد بن قاسم جي فوج ديبل طرف واپس وڃڻ وقت ٻڌائي هئي. ان ڪري ممڪن آهي تہ ڊوآبو جنهن جو نالو ديبل مان گهٽجي قدر ملي اچي ٿو، قديم دور جو ديبل هجي. گهارو ڪاري لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي تہ اهو ڪڏهن بہ سنڌو درياءَ جو ڇوڙ ڪونہ هو. ٻيو تہ اهي ڪنڊر گهڻو پوءِ جي دور جا آهن، ڇاڪاڻ تہ تمام گهٽي ڪوتائي ڪندي بہ ان مان ڪوبہ ٻڌ ڌرم وغيره جو وهار نہ مليو. باقي رهيو ستيا- پارٿيا دَور جو ٺڪراٺي جو ليڻ، اهو بہ جڙتو ڪوڙ ڪان وڌيڪ اهميت نہ ٿو رکي.

## ديبل سان ان جي تشبيهہ جا دليل:

سر هينري ايليٽ، ديبل کي ڪراچيءَ سان تشبيهہ ڏني آهي[23]. ڪننگهام ان کي لاهري جي مد مقابل بيهاريو آهي[24]. جنهن کي لوهراڻي بہ

سڏيو ويو آهي. راورٽي، ديبل کي ٺورو اندر ٺي پير پٺي وٽ ٻڌايو آهي[25]. ۽ ايم. آر. هيگ ان کي ڪاڪر بکيرا واري ايراضي سان وابسته ڪيو آهي[26]. ڪننگهام، مجمل التاريخ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته ديبل جي بندر تي اٽڪل 4 هزار سامونڊي ٻيڙا لنگر انداز رهندا هئا[27]، ۽ اهو بندر لاهري کان سواءِ ٻيو ٿي نه ٿو سگهي. پر سنڌ ۾ اهو طريقو رهيو آهي ته جڏهن به ڪو قديم شهر يا بندر ڊهي ويو هجي ۽ ان جي جاءِ تي ڪو نئون شهر جڙي ٿو ته اهو پراڻي نالي سان به مشهور رهي ٿو. اها ساڳي ڪار برهمڻ آباد، نيرون ڪوٽ، اروڙ وغيره سان رهي آهي. ڇاڪاڻ ته هاٿوڪا شهر جيڪي انهن ماڳن تي ٺهيا آهن، اهي پڻ گهڻي قدر پراڻن نالن سان مشهور آهن. هينري ڪزنس، جنهن سنڌ جي آثار قديمه تي هڪ نادر ۽ ناياب ڪتاب مرتب ڪيو آهي، تنهن جو چوڻ آهي ته ديبل در اصل ٺٽي واري ايراضي تي جڙيل هو.[28] ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته انهيءَ حقيقت جي ڇاڻ ڪيس ابوالفضل جي تصنيف آئين اڪبري مان ملي آهي. جنهن دعوي سان لکيو آهي ته ٺٽو، پراڻو ديبل آهي[29]. ابوالفضل، جنهن جي ڇاڻ جو معيار نهايت ئي گهٽ درجي جو آهي، ان جو اهو به چوڻ آهي ته بکر جو شهر اصل ۾ منصوره هو[30]، جو عربن جو وسطي دور ۾ سنڌ جو تختگاهه هو. ڊيوڊراس ۽ هيوز، انهيءَ راءِ جا آهن ته ديبل جو بندر، پنيور واري ايراضي تي نهيل هو[31]. پر انهن ان لاءِ ڪي صحيح سبب ڪونه ڏنا آهن. پنيور واري ايراضي سمنڊ کان گهٽو اندر آهي. يعني ته پٺي کان 20 ميل. جنهن کي سنڌو درياءَ جو الهندي وارو ڇوڙ سمجهيو ويو آهي. گهارو ڪاري، جنهن تي پنيور جا ڪنڊر آهن، ڪڏهن به درياءَ جو منهن نه رهيو آهي. پر اهڙي هڪ نئن جو منهن آهي، جيڪا پر واري ٽڪرين جي مينهن جو پاڻي ڪٽي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. پنيور مان جيڪا مسجد لڌي آهي، ۽ جنهن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اتي 109 هه جو ڪتبو به مليو آهي، سو دراصل 1109 هه جو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ڪلهوڙن جو سنڌ تي راڄ هو. تاريخي شهادت مان ڪٿي به ڪو اهڙو اهڃاڻ نه مليو آهي ته 109 هه ۾ محمد نالي ڪنهن شخص کي سنڌ تي گورنر يا والي مقرر ڪيو ويو هو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جو گورنر جنيد بن عبدالرحمان المري هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته ڪتبي ۾ ڏيڪاريل محمد شايد محمد سرفراز يا محمد مراد ياب هجي جيڪي 1109 هه ۾ سنڌ جا شهزادا ۽ مختلف علائقن جا

گورنر هئا. باقي رهيو سڪا، اهي سنڌ ۾ ڪيترن ئي با اثر ماڻهن وٽ موجود آهن ۽ آساني سان مهانگي پيسن ۾ ملي سگهن ٿا.

الادريسي جو چوڻ آهي تہ ديبل هڪ بيٺ تي نهيل هو ۽ ان جي آس پاس وارو ملڪ پيدائش جي لائق ڪونہ هو. جيتوڻيڪ اتي ڪا پوک وغيره ڪانہ ٿيندي هئي، ان هوندي بہ اتي جي آبادي گهڻيل هئي ۽ هر ڪا جنس آساني سان دستياب هئي. انهيءَ ساڳئي ليکڪ ديبل کي ايراني نار جي ڏکڻ ۾ ڪيرسر يا ڪسير جبل جي پرئين پاسي نهيل ٻڌايو آهي[32]. ايران يا ايراني نار جي طرفان جيڪڏهن ڪير ٿر جبل جي قطار اڪربي تہ پهريون بندر ڪراچي آهي. اهڙي طرح المسعودي جو چوڻ تہ ديبل ساڪري کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو[33]. ساڪرو يا سانگره ان وقت سنڌو نديءَ جي الهندي واري شاخ هئي، جنهن کي هاڻي بگهاڙ وارو منهن سڏيو وڃي ٿو. ساڪري ۽ ڪراچي جي وچ ۾ وهڻ رستي سفر ڪرڻ سان بہ ڏينهن لڳيو وڃن. پر ڪراچي جو شهر هاڻوڪي دور سان وابستہ آهي، چاڪاڻ تہ ان لاءِ ٻڌايل آهي تہ اهو شهر دوداڻي قبيلي جي هڪ عورت ڪلاچيءَ هن شهر جو بنياد رکيو[34]. پر تاريخن مان اها حقيقت واضح آهي تہ ڪلاچيءَ جي اچڻ کان اڳ انهيءَ جاءِ تي هڪ وڏي ڳوٺ يا شهر جو وجود هو. ڀنڀور تمام گهڻو پوءِ وجود ۾ آيو ۽ اهو بہ هڪ هندو راجا جي وسيلي، جنهن جو نالو ڀنڀوراءِ ڏنو ويو آهي. ان ڪري ديبل کي ڀنڀور سان ملائڻ، يا ان کي قديم شهر سان تشبيهہ ڏيڻ غلط آهي. چاڪاڻ تہ جيسين تائين ڏنل اهڃاڻن موجب سنڌ جي سامونڊي ڪناري جي مڪمل سروي نہ ڪئي ويندي، تيستائين ديبل کي ڪراچي، رڙي، ڪورنگي، ڏاراجا، وڪر، ونگو، دوآبو، لاهري ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۽ ويرانن سان تشبيهہ ڏيئي سگهجي ٿي، پر انهيءَ ڪم لاءِ پيسي ۽ جاکوڙ جي ضرورت آهي. ڪوتائي ڪاتي وارن ۾ سنڌ جي ڪنڌرن ۽ ويرانن لاءِ ڪابہ دلچسپي نہ آهي ۽ نہ وري اهي محنت ڪري سگهن ٿا. ڪين ڪراچي جي پر ۾ شل نہ ڪو ويرانو هٿ اچي وڃي. پوءِ ان ۾ ڪڏون ڪرائي ڪونہ ڪو شوشو ڇڏيندا رهندا آهن تہ، جيئن ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کي ويساه ڪن تہ ڀنڀور ئي دراصل قديم دور جو ديبل هو.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) آرڪيالاجيڪل رپورٽ (پنيور)، 1963ع، ص 7.
(2) ديبل ۾ جيڪو زلزلو آيو، ان ۾ اٽڪل هڪ لک پنجاهه هزار ماڻهو مري ويا. ڏسو تاريخ ڪامل، جلد 3، ص 185، تاريخ الخلفاءَ، ص 254.
(3) هندستان جي تاريخ (جيئن تاريخدانن لکيو آهي)، جلد 1، ص 368.
(4) شاهه لطيف سسئي پنهون واري قصي تي پنج سر مرتب ڪيا آهن: سسئي، آبري، ڪوهياري، ديسي ۽ معذوري. سسئي جي پنهنجي مڙس پنهون جي ڳولا کي تصوف جي رنگ ۾ سالڪ جي خدا جي ڳولا سان تشبيهه ڏني ويئي آهي.
(5) لينڊ آف فائيوررس ائنڊ سنڌ، ص 21.
(6) چچ نامو، ص 89، 90.
(7) فتوح البلدان، ص 441.
(8) اسلامڪ ڪلچر، جلد 26، ص 46.
(9) چچ نامو، ص 104.
(10) فتوح البلدان، ص 438.
(11) چچ نامو، ص 115.
(12) مروج الذهب، جلد 1، ص 1420.
(13) تنبيهه والاشراف، ص 32.
(14) المسالڪ والممالڪ، ص 175.
(15) صورة الارض، ص 323.
(16) احسن التقاسيم، ص 479.
(17) معجم البلدان، جلد 9، ص 151.
(18) وصف الهند، ص 28.
(19) ڪامل، جلد 3، ص 185، تاريخ الخلفاءَ، ص 254.
(20) عجائب الاسناد، جلد 2، ص 7.

(21) اندس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 44- 45.
(22) چچ نامو، ص 166.
(23) هسٽري آف انڊيا، جلد 1، ص 374.
(24) قديم جاگرافي، جلد 1، ص 384.
(25) مهراڻ (راورٽي)، ص 123.
(26) اندس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 45.
(27) مهراڻ، ص 327.
(28) ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 123.
(29) آئين اڪبري، ص 556.
(30) آئين اڪبري، ص 550.
(31) سنڌ گزيٽيئر (هيوز)، ص 180.
(32) نزهة المشتاق، ص 28.
(33) مروج الذهب، جلد 1، ص 142.
(34) سنڌ گزيٽيئر (هيوز)، ص 414.

تعليقات - 2

# حيدرآباد جي تاريخ ۽ قدامت

# حيدرآباد جي تاريخ ۽ قدامت

حيدرآباد جو شهر هاڻي پاڪستان جو ٽيون نمبر شهر شمار ڪيو وڃي ٿو. ان لاءِ ٻڌايل آهي ته اهو شهر سنڌو ماتر جي هڪ نهايت ئي قديم ماڳ تي ٺهيل آهي. اهو شهر وچئين دور جي نيرون ڪوٽ ۽ قديم دور جي پٽالا واري ايراضي تي جڙيل آهي. حيدرآباد جي هاڻوڪي شهر جو بنياد ڇيو وڃي ٿو ته غلام شاه ڪلهوڙي رکيو، جنهن حيدرآباد جو قلعو پڻ اڏايو هو..قلعي مان مليل ڪتبي ۾ ڏنل سن 1182هه / 1768ع آهي[1]. ساڳئي سال ڪلهوڙن پنهنجي گادي جو هنڌ خداآباد مان ڦيرائي حيدرآباد ۾ رکيو. پٿر جي ڪتبي تي هيءَ عبارت پڻ اڪريل آهي: رب اجعل هذا البلد آمنا [اي رب هن شهر کي امن جي جاءِ بناءِ]. ٻي لکت موجب اهو مير فتح علي خان هو، جنهن پنهنجو تختگاهه خداآباد مان بدلائي حيدرآباد ڪيو هو[2]. غلام شاه جو ٺهرايل قلعو اڃا به موجود آهي، پر ان جي حالت خراب آهي. ڪيڏي مهل به اهو ڊهي سگهي ٿو. غلام شاه هڪ ڪچو قلعو به ٺهرايو هو، جنهن جي اندر مشهور بزرگ شاه مڪيءَ جو قبو آهي. چون ٿا ته جڏهن قلعي ٺهرائڻ لاءِ غلام شاه ميدان صفا ڪرايو، تڏهن ڪيس پراڻي قلعي جي پيڙهه ۽ ٻين عمارتن جا نشان ڏسڻ ۾ آيا[3]. ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته اهي نيرون ڪوٽ شهر جا آثار هئا، جنهن نالي سان اڃا تائين حيدرآباد جو شهر مشهور آهي. 1836ع ۾ ڊاڪٽر هيڊل، قلعي متعلق جيڪو بيان ڏنو آهي، اهو قلعي جي هاڻوڪي بيهڪ سان مليو اچي. پر ٽالپر دور جون اهي جايون، جن جو هُن ذڪر ڪيو آهي، هاڻي موجود نه آهن ۽ انهن جي جاءِ تي نيون اڏاوتون نهي ويون آهن. ڊاڪٽر هيڊل جي چوڻ موجب قلعي ۽ شهر جي وچ ۾ هڪ وڏي ڪاهي هئي، جنهن جي ويڪر هُن 40 وال ٻڌائي آهي ۽ اهائي قلعي جي لاءِ مصنوعي دفاع جو ذريعو سمجهي ٿي ويئي. اها ڪاهي ٽڪريءَ جي ڏاکڻي ڪنڊ کان ڦيرو کائي ٿي ويئي، جنهن تي حيدرآباد جو شهر ٺهيل هو. ان ڪري شهر ۽ قلعي جي وچ ۾ هڪ پل ٻڌل هئي، جيڪا وڏي دورازي کي شهر جي منڊ سان ملائيندي هئي. شهر واري ايراضي کي هاڻي شاهي بازار سڏيو وڃي ٿو. قلعي جي دروازي جي بچاءَ خاطر

هڪ لوهي پڙدو ڏنل هو، جنهن کي پهچڻ لاءِ اڌ شهر جو لتاڙڻو پوندو هو. قلعي ۾ جيڪي جايون هيون، انهن ۾ ميرن جون حويليون، دربار، گهوڙن لاءِ اصطبل، شهزادن لاءِ بنگلا ۽ ماڙيون، مسجدون ۽ ٻيا شامل هئا. قلعي جي ايراضي 36 ايڪڙ ٻڌائي ويئي آهي. ان ۾ مير شهداد خان جو مشهور بنگلو هو. ان کي بعد ۾ انگريزن سرڪاري عمارت ۾ تبديل ڪندي، ان جو نالو گورنمينٽ هائوس رکيو. انهيءَ عمارت کي 1857ع ۾ بارود رکڻ خاطر ڪيرايو ويو، پر پوءِ بارود خاني کي مستقل طور سنه 1862ع ۾ ڪراچي بدلي ڪيو ويو. قلعي ۾ جيڪي ٻيون عمارتون هيون، اهي پڻ سنه 1905ع ۾ بارود ڦاٽڻ سبب تباه ٿي ويون. 15 اپريل 1905ع تي ٿيل اهو ڌماڪو سالن تائين ماڻهن کي ياد هو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ جان ۽ مال جو وڏو نقصان ٿيو هو[4].

وچئين دور جي نيرون بابت جيڪي احوال ملن ٿا، انهن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته اهو شهر آبادي جي لحاظ کان ڳتيل ۽ شاهوڪار هو. عربن جي حملي کان اڳ هن شهر تي هڪ ٻڌ شمني حڪومت ڪندو هو، جنهن عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف سان ڳجهي طرح واسطو رکيو، ان سان صلح ڪيو هو[5]. انهيءَ ڳالهه جي سنڌ جي هندو راجا کي ڪابه خبر نه هئي. عربن جي سوپ کان پوءِ هي شهر سنڌ جي بندرگاه ديبل ۽ مرڪزي شهر منصوره جي وچ ۾ واپاري قافلن جو مرڪز هو. عربن نيرون ڪوٽ تي حملو ڪونه ڪيو، پر ان کي صلح جي رستي هٿ ڪيو. الادريسي جو چوڻ آهي ته نيرون، منصوره کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو[6]. پر ياقوت حموي ان کي منصوره جي ويجهو ٻڌائي ٿو ۽ ديبل کان ان جو فاصلو پنجن ڏينهن جي مسافري هئي. نيرون جي بيهڪ 20-82 ڊگهائي ڦاڪ ۽ 23-30 ويڪرائي ڦاڪ تي ٻڌايو ويو آهي[7]. حيدرآباد کي نيرون سان تشبيهه ڏيڻ لاءِ عرب جاگرافي دانن جا بيان موجود آهن. اهي جيتوڻيڪ هڪ ٻئي سان نه ٿا ملن، ان هوندي به نيرون جي صحيح بيهڪ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪافي مددگار ثابت ٿيا آهن. ابوالفدا جي چوڻ موجب نيرون، ديبل کان 25 فرسخ (75 ميل) ۽ منصوره کان 15 فرسخ (45 ميل) جي فاصلي تي هو ۽ اها ماپ الاصطخري ۽ ابن حوقل جي ڏنل فاصلي سان، جا هنن وقت مطابق ڪٿي آهي ملپو اچي. چچ نامي جو بيان آهي ته نيرون هڪ ٽڪري تي ٻڌل هو ۽ ان جي پير ۾ هڪ وڏو تلاءُ يا ڍنڍ هئي، جا ايڏي ته ويڪري هئي جو محمد بن قاسم جي آندل ٻيڙي اتي لنگر هنيو هو. سر هينري ايليٽ نيرون کي

جهرڪ شهر سان ۽ تلاءَ يا ڍنڍ ڪي ڪينجهر سان تشبيهہ ڏني آهي[8]. پر ڪينجهر جو سنڌو درياءَ سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي. اهڙي طرح عرب جاگرافي دانن جا ڏنل بيان ۽ فاصلا، ڪنڌڙو ڪاري ۽ جهرڪ يا جهرڪ ۽ دلور جي وچ ۾ حقيقي فاصلن سان نہ ٿا ملن. دلور جي ڀڙي کي منصوره جي ڪنڊرن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي. ميڪمرڊو، ميسن، برٽن ۽ ايسٽ وڪ سڀئي انهيءَ تي متفق آهن تہ نيرون جي بيهڪ حيدرآباد وٽ هئي ۽ اهوئي شهر نيرون ڪوٽ جي نالي سان مشهور هو. مير علي شير قانع ٺٽوي انهيءَ حقيقت جي تائيد ڪندي ٻڌائي ٿو تہ اتي احسن، ملا بهاءَ الدين، شهاب ثاقب، عبدالجليل، ملا رحمت الله ۽ ملا محمد سير جهڙا شاعر رهندا هئا ۽ اهي سڀ غلام شاهہ ڪلهوڙي جي قلعي ٺهرائڻ کان اڳ جا هئا ۽ پاڻ کي نيرون ڪوٽي لقب سان ياد ڪندا هئا[9]. محب الله بکري پنهنجي تاريخ سنڌ ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ حيدرآباد جو شهر اصل ۾ نيرون ڪوٽ جي نالي سان مشهور هو. پر پوءِ جڏهن مغلن اهو شهر ترخانن کان فتح ڪيو، تڏهن ان شهر جو نالو بدلائي حيدرآباد رکيو ويو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ شهر کي "حيدر قُلي بيگ" نالي مغل سردار فتح ڪيو هو[10].

چيني سياح هيونچانگ، جنهن 641ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو هو ۽ جيڪو نيرون ڪوٽ ۾ ڪڇ جي شهر ڪوٽيشور کان اتي پهتو هو، تنهن انهن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ 7 سو لي جو فاصلو ٻڌايو آهي. ان وقت نيرون ڪوٽ جو نالو پٽالا هو، جنهن کي هن پٽ - سيلا لکيو آهي. هُو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ پٽالا کان 300 (50 ميل) پنڌ ڪري آوندا (برهمڻ آباد) پهتو هو[11]. چيني سياح، پٽالا کي پي- تو- چي- لو جو نالو ڏنو آهي، جو دراصل پٽ - سيلا جو بگڙيل اچار سمجهڻ گهرجي ۽ پٽ - سيلا جو مطلب آهي جابلو ميدان ۽ اهوئي دراصل حيدرآباد واري ماڳ جو صحيح اهڃاڻ آهي. ٽڪري کي گنجو سڏين ٿا ۽ اها حقيقت نيرون جي شهر سان پڻ لاڳو هئي. عرب جاگرافي دانن لکيو آهي تہ نيرون جي ايراضي تي ڪوبہ وڻ ٽڻ ڪونہ هو ۽ اهو جابلو علائقو هو. چيني سياح، ڪوٽيشور کان پٽ - سيلا تائين 700 لي جو فاصلو (119 ميل) ٻڌايو آهي، جو اڄوڪي فاصلي سان مليو اچي. ساڳي ريت پٽ- سيلا کان آوندا تائين ڏنل فاصلو پڻ هاڻوڪي حيدرآباد ۽ برهمڻ آباد جي ڪنڊرن جي وچ ۾ فاصلي سان نهڪيو ٺهڪيو اچي. گنجي ٽڪر جي ڏنل ايراضي هيون چانگ

ڏيڍ ميل ڊگهي ۽ 700 وال ويڪري ٻڌائي آهي، جا پڻ هاٽوڪي ايراضي جي تصديق ڪري ٿي. ان ڪري حيدرآباد جو شهر واري ايراضي، قديم پٽالا سان ڏنل اهڃاڻن، ماپن ۽ فاصلن موجب مليو اچي. ايرين ۽ ڪرٽس لکيو آهي تہ مقدونيہ جو سڪندر اعظم جڏهن پٽالا پهتو، تڏهن هُن اتان درياءَ جي سير ڪرڻ خاطر 400 اسٽيڊيا ڏکڻ طرف پنهنجي ٻيڙي سميت سفر ڪيو هو. اتي سندس اميرالبحر کي سمنڊ جي هير محسوس ٿي. اهو ماڳ جهرڪ يا ان جي آس پاس واري ايراضي ۾ هو، جو حيدرآباد کان خشڪيءَ رستي 30 ميل ۽ درياءَ رستي 45 ميل آهي (يعني تہ 4 سو اسٽيڊيا). هن جاءِ تي سڪندر، اڳتي سفر ڪرڻ لاءِ سونهان هٿ ڪيا، تان جو هُو وچي سمنڊ جي پر ۾ پهتو يعني تہ ڪنڊڙو ڪاري وٽ، جا سمنڊ کان خشڪي رستي 35 ميل ۽ پاڻيءَ رستي 50 ميل ٿيندي. ڪنڊڙي ۽ جهرڪ جي وچ ۾ يوناني ليکڪن ٽن ڏينهن جو سفر ٻڌايو آهي. ساڳي ريت پٽالا کان سمنڊ تائين 113 ميل جو فاصلو آهي، جو ارسٽوبوليس جي ڏنل فاصلي 1000 اسٽيڊيا (115 ميلن) سان مليو اچي[12].

ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب انڊس ڊيلٽا ڪنٽري ۾ ڏنل فاصلن جي صحيح ماپ ڪري حيدرآباد کي وچئين دور جي نيرون ۽ قديم دور جي پٽالا سان تشبيهہ ڏني آهي[13]. رچرڊ برٽن ۽ هينري ڪزنس پڻ انهيءَ راءِ جا آهن[14]، تہ عربي دور جو نيرون ڪوٽ دراصل حيدرآباد واري ماڳ تي ٺهيل هو[15]. پٽالا جو شهر اصل ۾ پوتا مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻيڙي يا ٻيڙو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو پاتالا يا پاتال جو بگڙيل اچار هجي، جو دراصل ان کي ٽڪنڊي شڪل جي ڊيلٽا سبب پيو هجي. اهي سڀ حقيقتون ان کي حيدرآباد سان اچيو ملائين، جو قديم دور جو پٽالا ۽ وچئين دور جو نيرون ڪوٽ هو. حيدرآباد ۾ جيڪي عمارتون بچيون آهن، اهي سڀ پوءِ جون آهن، جن ۾ پڪو قلعو، ڪچو قلعو، غلام شاه، سرفراز ۽ غلام نبي جا قبا ۽ پڻ ميرن جا قبا مشهور آهن. انهن سيني عمارتن ۾ غلام شاهہ جو قبو اهم حيثيت رکي ٿو. جو هڪ وڏي ٿلهي تي ٺهيل آهي ۽ ان جو فرش ۽ عرش چلڪندڙ ڪاشين سان مڙهيل آهي. قبي جو وڏو حصو بهترين نموني جي پينلن ۽ فارسي رسم الخط ۾ لکيل عبارتن سان سينگاريل آهي، جي هڪ ٻئي سان نهايت ئي سهڻي نموني ۾ ڳنڍيل ۽ هڪ ٻئي جي هيٺان مٿان اڪريل آهن. غلام شاه جي قبي کان ٿوري فاصلي تي غلام نبي جو قبو آهي، جنهن سرفراز

ڪان پوءِ سنڌ جو تخت سنڀاليو هو. سرفراز جو قبو اٽڪل هڪ ميل جي فاصلي تي آهي. سرفراز کي سندس چاچي ميان عبدالنبي جي حڪم موجب قتل ڪيو ويو ۽ اهڙي وقت جڏهن هُو قرآن جي تلاوت ڪري رهيو هو. اهوئي سبب آهي جو ڪيس شهيد جو لقب ڏنو ويو آهي. ٽالپرن جا قبا نورمحمد هاسٽل وٽ آهن ۽ انهن ۾ مير ڪرم علي، مراد علي، نور محمد، نصير خان، شهداد خان، غلام شاه خان، سندن حرم ۽ ٻين مائٽن جون قبرون آهن. انهن تي بہ ڪاشي ۽ ميناڪاري جو ڪم ٿيل آهي، پر اهو غلام شاه جي قبي تي ٿيل ڪم ڪان گهٽ درجي جو آهي. پڪي قلعي جي دروازي سامهون هڪ ڊگهي قبر آهي، جا ساڍا چاليهہ فٽ ڊگهي آهي، ان کي اصحابي جي قبر سڏين ٿا. ڪي وري ان کي نوگزو پير سڏين يعني تہ نو وال ڊگهو قد وارو اولياءَ. پر اصل ۾ اهو قبرن جو ميڙ آهي، جنهن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهو پوريل آهن.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) تحفة الڪرام، جلد 3، ص 177.
(2) ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 131.
(3) تحفة الڪرام، جلد 3، ص 177.
(4) سنڌ گزيٽيئر (هيوز)، ص 253، 254.
(5) فتوح البلدان، ص 443.
(6) وصف الهند (الادريسي)، ص 29.
(7) معجم البلدان، جلد 8، ص 256.
(8) چچ نامو، ص 125.
(9) مقالات الشعراءِ، ص 47، 109، 139، 158، 241 ۽ 310.
(10) ڏسو سنڌي ايڊيشن، چچ نامو.
(11) هيون چانگ، ڪتاب 4، ص 151.
(12) اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا، جلد 1، ص 282، 283.
(13) انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص 45.
(14) سنڌ ريوزيٽيڊ، جلد 1، ص 244.
(15) ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص 131.

تعليقات - 3

# سنڌي ٻولي

سنڌي ٻولي جي اصليت - لهندا ۽ داردي ٻولين سان ناتو - سنڌي لهجا - ٻاهريون اثر - سنڌي صورتخطي - سنڌيءَ جو مستقبل

# سنڌي ٻولي

سنڌي، سنڌ مان ورتل آهي ۽ ان جو اسم صفت آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي سنڌ جي. سنڌ يا سنڌي، سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڪنهن سمنڊ يا وڏي وهڪري لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي[1]. ۽ اهو نالو سنڌو درياءَ تي آريہ نسل جي ماڻهن رکيو، جن نديءَ ڪنڌ ۾ قريباً 2000 هزار سال قبل مسيح جي هجرت ڪئي ۽ پنجاب جو ملڪ والاريو. سنڌ نالو هاڻي سنڌو ماٿر جي هيٺين حصي سان لاڳو آهي، جنهن ۾ حيدرآباد، ڪراچي ۽ خيرپور ڊويزن اچي وڃن ٿيون. پشتو ٻوليءَ ۾ پڻ سنڌ هڪ اهڙي وهڪري لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو، جيڪو پرپور ۽ تيز هجي، پر ان جو مفهوم آبادي بہ ٿي سگهي ٿو. سنڌو ماٿري جي آبادي هڪ مجيل حقيقت آهي. اها سنڌ يا سنڌو آهي، جنهن تان سڄي نديءَ ڪنڌ تي اهو نالو پيو. جيئن تہ س ۽ هہ ايراني ۽ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ بدل سدل ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ايراني سنڌ کي هند ۽ اتي جي ماڻهن کي هندو ڪري سڏيندا هئا. پر يوناني، نديءَ ڪنڌ کي هند جي بدران اند ۽ انڊي سڏڻ لڳا، جو آهستي آهستي بدلجي انڊيا سڏجڻ لڳو. انڊيا جو ملڪ هاڻي ٻن خود مختيار ملڪن ۾ ورهائجي ويو آهي، جنهن کي پاڪستان ۽ ڀارت جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ سنڌي ٻولي پاڪستان جي ڏاکڻي ڀاڱي، سنڌ صوبي جي ٻولي آهي.

عرب ليکڪن جي راءِ آهي تہ نديءَ ڪنڌ تي اهو نالو هند جي ناليءَ پنيان پيو جو دراصل نوح عليہ السلام جي پٽ حام جي اولاد مان هو[2]. تورات ۽ قرآن ۾ ڏنل قصن مان واضح ٿئي ٿو تہ عظيم ٻوڏ کان پوءِ دنيا ۾ فقط ٽي نسل وڃي رهيا ۽ اهي ٽيئي نسل حضرت نوح عليہ السلام جي ٽن پُٽن کان شروع ٿيا. يعني تہ سفيد - ڪاري ۽ پيلي نسل جا ماڻهو. اڇي چمڙي جا انسان سام جو اولاد، ڪاري نسل جا ماڻهو حام جو اولاد ۽ پيلي رنگ جا انسان يافث جو اولاد سمجهيا ويا آهن. حام جي اولاد کي ڪارو رنگ انهيءَ ڪري مليو جو انهن جي ڏاڏي حام کي سندس پيءُ بددعا ڪئي هئي[3]. غور ڪيو ويندو تہ اها در حقيقت ڏند ڪٿا آهي، جيڪا يهودي قوم جي اولاد کي تنبيهہ ڪرڻ خاطر تورات ۾ درج ڪئي وئي آهي. ساڳي حقيقت قرآن مان واضح

آهي، جنهن ۾ ماڻهن کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي اطاعت ۽ خدمت جو حڪم ڪيو ويو آهي. خاص ڪري ان وقت جڏهن اهي وڏي عمر کي رسن يعني تہ پوڙها ٿـي وڃن ۽ پنهنجو پاڻ سنڀالي نہ سگهن[4]. يهودي ۽ عرب تاريخ دانن جي لکت موجب سنڌي ۽ هندوستاني، سند ۽ هند جو اولاد آهن، جيڪي هئي توقير بن يقطن بن حام بن نوح جو اولاد آهن. اهو نالو غالباً انهيءَ ڪري مٿن رکيو ويو آهي، جو ننڍي ڪنڌ جي ماڻهن کي اهي ڪاري نسل مان تسليم ڪن ٿا.

## سنڌي ٻولي جي اصليت:

سنڌي ٻوليءَ بابت عالمن ڪيترائي رايا ڏنا آهن. پر انهن مان گهڻا انهيءَ راءِ سان اتفاق رکن ٿا تہ سنڌي ٻولي در حقيقت پراڪرت ٻولي جي هڪ شاخ آهي. پراڪرت جي لفظي معنيٰ آهي پاڪ، صاف يا قدرتي ۽ اها سنسڪرت جي بلڪل ابتڙ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي هٿرادو يا گهڙيل ٻولي[5]. اهو ڏيکاري ٿو تہ پراڪرت، سنڌو ماتريءَ جي اصلي ٻولي هئي، پر آرين جي اچڻ کان پوءِ اها بدلجي ويئي. هاٽوڪي تحقيقات ظاهر ڪيو آهي تہ سنڌو ماتر جي ماڻهن تمام قديم دور ۾ عراق ڏانهن هجرت ڪئي هئي ۽ فرات جي وادي ۾ هڪ نئين ٻوليءَ کي 2500 ق.م ڌاري جنم ڏنو. پر اهو بہ ممڪن آهي تہ عراق مان سنڌ ۾ هجرت ٿي هجي. ڇاڪاڻ تہ اها حقيقت هنن لفظن مان واضح نظر اچي ٿي. ليلا، اُما، دان، ڪماچ، پان، الور، انو، سِن، دنگي، پور، من، پتر، شب، ايسر، اڪر، بيل، پتيسي، دادو، دودو، ڪنگو، رام، پال، ڪرٿ، اونس ۽ ٻيا ڪئين اکر ۽ لفظ[6].

مشهور گرامر نويس ماڻڪنديہ جو چوڻ آهي تہ پراڪرت جو هڪ بگڙيل نمونو سنڌو ماتر ۾ ڳالهايو ويندو هو ۽ اهو در حقيقت سنسڪرت جو سنڌوماتر جي ٻولين تي اثر سبب رائج ٿيو هجي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ کي اپڀرمشا پراڪرت سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي بگڙيل يا ملاوٽ ڪيل پراڪرت. اپڀرمشا لاءِ ٻڌايل آهي تہ اها ٽن حصن ۾ ورهايل هئي ۽ اهي هئا: ناگرا، وراچدا ۽ ڪيڪيا اپڀرمشا. اها وراچدا اپڀرمشا هئي، جيڪا سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. وراچدا ۾ سيئي هم جنس آواز (Sibilants) اچاريا ويندا هئا، جيئن ڪ سنسڪرت ۾ وسٿايہ، وش پڙهيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي دنيا ۽ سنسڪرت سمها، شينهن ۾ بدلايو وڃي ٿو.

مسٽر گريئرسن، پنهنجي مشهور تصنيف ٻولين جي جائزي (جلد 8، حصو 1) جيڪو ڪلڪتي ۾ سن 1919ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ راءِ جو آهي تہ سنڌي ۽ لهندا، دراصل هندو آرياڻي ٻولي جي اتر اولهہ گروپ سان وابستہ آهن ۽ اهي داردي ۽ ڪشميري ٻولين سان گهڻي مشابهت رکندڙ آهن. ان جو هڪ مثال هي آهي تہ داردي ٻولين ۾ تارونءَ مان ۽ ڏندن مان نڪتل آوازن ۾ ڪوبہ فرق نہ هوندو آهي. لهندا جي ٿلهي لهجي ۾ د هميشه ڊ ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ اها ساڳي حالت سنڌي ٻوليءَ جي آهي ۽ جنهن ۾ ت ۽ د کي عموماً ٽ ۽ ڊ يا ڏ ۾ بدلايو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو هنديءَ جو تامبا، سنڌي ۾ ٽامو ۽ هندي دينا، سنڌي ۾ ڏيڻ ٿيو وڃي. ٻنهي ٻولين يعني تہ سنڌي ۽ لهندا ۾ ٻن حرف علت جي ڳچ ۾ اِ يا اِي، رکيو وڃي ٿو، جا ڳالهہ هند آريائي ٻولين ۾ نہ ٿي ڏٺي وڃي. اها حقيقت هيٺين مثال مان واضح آهي: سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ پيتو، اصل ۾ هندي پيا جو نعم البدل آهي. ساڳي ريت سنڌي لفظ ڪيتو دراصل هندي ڪيا آهي ۽ سنڌي لفظ سُتو، هندي ٻوليءَ جو سُئا آهي.

داردي ٻولين ۾ ۽ پڻ هند آريائي ٻولين جي ٻاهرين دائري واري ٻولين جهڙوڪ: ڪشميري، سنڌي ۽ بهاري ۾ دراوڙي ٻولين جو اثر نمايان ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اها حقيقت هن مثال مان واضح آهي تہ هندو آرياڻي اندرين ٻولين ۾ آخرين اِ يا آ کي ختم نہ ڪيو ويو آهي، پر اهو اڄ اچاريو وڃي ٿو. يعني تہ حرف علت جو فقط نالو رهجيو وڃي، جيئن حرف صحيح ۾ ڏنو وڃي ٿو. سنسڪرت لفظ مورتي، سنڌي ٻوليءَ ۾ مُورتَ بنجيو وڃي ۽ بهاري ٻوليءَ ۾ مورت ٿيو وڃي.

سنڌي ٻولي، داردي ٻوليءَ کان فقط صفت جي معاملي ۾ مختلف آهي ۽ اها ڪشميري ٻوليءَ ۾ عام آهي. مثال طور لفظ ٻڊ يعني تہ وڏو، ڪشميري ٻوليءَ ۾ ٻوڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏو اچاريو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌي لفظ ڪَرَڻ، لهندا ٻوليءَ ۾ ڪَرُڻ ۽ ڪشميري ۾ ڪَرُن اچاريو وڃي ٿو. انهن ٻولين ۾ اصليت جي لحاظ کان اَ، اَو يا اُو ۾ بدلجيو وڃي. ان ڪري سنڌي ٻولي، لهندا ۽ ڪشميري کان پراڻي ڏسڻ ۾ ٿي اچي. چاڪاڻ تہ ان ۾ اڃا اها تبديلي نہ اچي سگهي آهي، جيڪا ٻين ٻولين ۾ واضح آهي.

گھڻو ڪري سيني هند آريائي ٻولين ۾ پراڪرت مان هٽ ڪيل ٻيڻو حرف صحيح (هم آواز) ڪيرايو يا ڇڏيو وڃي ٿو ۽ ان کان اڳ جي حرف علت کي ڊگھو ڪيو وڃي ٿو. ان جو مثال هي آهي ته سنسڪرت لفظ پڪتھه (پکل چانور)، اپڀرمشا پراڪرت ۾ پَتا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پَت ۾ بدلجيو وڃي. پر پنجابي ۽ لهندا ٻولين ۾ ٻيڻو حرف صحيح قائم رهيو اچي، جيئن ته لهندا ۾ اهو پَتُ ۽ ڪشميري ۾ بَتُ استعمال ٿئي ٿو. اهي مثال سنڌي ٻوليءَ جو ڪشميري ۽ ٻين داردي ٻولين سان سٻنڌ ثابت ڪن ٿا ۽ اها حقيقت مهاراجا اشوڪا جي ڪتبي مان پڻ واضح آهي، جيڪو 250 ق.م ۾ لڳايو ويو هو. اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مٿيون قانون سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪيل ٻيڻي حرف صحيح (هم آواز) سان لاڳو نه ٿو ٿي سگھي. جيئن ته: ڄ، ڃ، ڏ، ٻ ۽ ڊ وغيره ۾ ڏنو ويو آهي، جن ۾ اها ٻيڻ قائم رکي ويئي آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ جي ڪا ضرورت به ڪانهي.

| اپڀرمشا پراڪرت | سنڌي | معنيٰ |
|---|---|---|
| اڳهه | اڳ | اڳيان |
| اڄ | اڄ | اڄوڪو ڏينهن |
| ڇڏهي | ڇڏي | ڇڏڻ |
| سڏي | سڏ | آواز |
| اٻالي | اٻاري | اٻارڻ |

سنڌي ۽ ڪشميري ٻولين جي وچ ۾ گھاٽي سٻنڌ هجڻ بابت مسٽر گريئرسن ڪشمير جي هڪ مشهور لڪ ِهستي وچ جو مثال ڏنو آهي. ڪشميري ٻوليءَ ۾ هستي جي معنيٰ آهي هاٿي. پر انهيءَ ٻوليءَ ۾ وچ جو ڪوبه لفظ نه آهي. لهندا ٻوليءَ جو لفظ ونڃٹا يا وننا، سنڌي ٻوليءَ ۾ وڃڻ ٿيو وڃي، جو ڪشميري ۾ ونڃڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهو نالو ان لڪ تي انهيءَ ڪري پيو جو هاٿين جو هڪ وڏو لشڪر حملي ڪرڻ لاءِ، اتان لنگھيو هو ۽ اها تاريخي حقيقت اڃا تائين ماڻهن کي ياد آهي.

داردي ٻولي جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جو لاڳاپو رهيو آهي، ٿي سگھي ٿو ته بطليموس جو دارذراءِ، اسٽرابو جو درداءِ، پليني ۽ نونوس جو داردنئي ۽ پڻ ڊيانيس پيريگٽيس جو داردنا هجي. انهن ماڻهن کي پا سا چا سڏيو ويو آهي ۽

يونانين جو چوڻ آهي تہ اهي وحشي انسان هئا ۽ جنگلي جانورن جيان ڪچي گوشت تي سندن گذران هو. مها ڀارت ۾ پڻ مغربي پنجاب جي ماڻهن کي وحشي سڏيو ويو آهي، جو ٿي سگهي ٿو تہ مذهبي يا خيالات جي اختلاف سبب هجي. انهيءَ زماني ۾ هاڻوڪو ملڪ مغربي پاڪستان ٽن حصن ۾ ورهايل هو. جن جا نالا هي هئا: گنڌارا، ڪيڪايہ ۽ سنڌو ۽ سوويرا جو ملڪ. گنڌارا جي گادي ٽڪش، شيلا (ٽئڪسيلا) هو ۽ ان ۾ ڇهين صدي قبل مسيح ۾ هڪ وڏي يونيورسٽي هئي. انهيءَ يونيورسٽيءَ جي پر ۾ سلاتورا نالي هڪ جاءِ ۾ پاڻيني نالي هڪ وڏو گرامردان پيدا ٿيو، جنهن سنسڪرت ٻوليءَ جو اوائلي گرامر لکيو هو. ڪيڪايہ جو ملڪ (يعني ڏکڻ پنجاب) بہ علم ۽ هنر جي ڪري مشهور هو. اتي جا بادشاهہ بہ علم جا اڪابر ٻڌايا ويا آهن. ڇتدوگيا اپنشد ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪيڪايہ جو ڪتري راجا اسواپتي ايڏو تہ داناءُ هو جو يهودين جي بادشاهہ سليمان وانگر هُن دين ۽ معرفت جي مسئلن تي نهايت دقيق ۽ ڏکيا سوال حل ڪيا هئا.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جنهن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون گرامر لکيو ۽ جنهن سنڌي الف - ب - تي جي ترتيب ڏني هئي. ان جو چوڻ آهي تہ سنڌي ٻولي فقط مسخرن لاءِ ئي موزون آهي. پر اها ٻولين جي ڄاڻو ماهرن لاءِ نهايت ئي دلچسپ ثابت ٿي سگهي ٿي. ضمير جي بدران لفظن کي نشان ڳنڍڻ ۽ انهن جا حرف جر, Regular form of Passive voice غير شخصي لفظن جو استعمال، ترڪ ڪيل اتفاقي فعل ۽ ٻيون ڳالهيون ان ۾ اهڙيون خوبيون آهن جيڪي ان کي ٻين هندوستاني ٻولين کان مختلف بنائين ٿيون[10].

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جنهن پڻ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو ۽ جرمنيءَ جي شهر ليپزگ مان سن 1872ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. تنهن جو اصرار آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ پراڪرت جا ڪئين عنصر موجود آهن، جي وقت گذرڻ سان بہ ختم نہ ٿيا آهن. سندس وڏيڪ چوڻ آهي تہ سنڌي ٻولي پاڻ لاءِ هڪ اهڙو گرامر مرتب ڪيو آهي، جيڪو اندروني موزونيت ۽ انتظامي صلاحيتن جي ڪري مراهٺي، هندي، پنجابي ۽ بنگالي ٻولين کان گوءِ ڪٽي ويو آهي. جڏهن تہ ٻيون ڪيتريون ئي ٻوليون ٻين ٻولين جي اثر هيٺ انهن ۾ ضم ٿي ويون، پر سنڌي شروعاتي رد بدل هيٺ اچڻ کان پوءِ بلڪل ثابت قدم رهي آهي. اها حقيقت

پراڪرت جي مشهور گرامر جي ماهر جي قائم ڪيل اصولن مان واضح آهي. جيڪي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو آهن. اهو صحيح آهي تہ سنڌي ٻولي، ٻين هند آريائي ٻولين وانگر، هڪڙي ئي بنياد سان وابستہ آهن. پر ان هوندي بہ سنڌي ٻولي انهن کان بلڪل مختلف ۽ آزاد آهي[11].

## لهندا ۽ داردي ٻولين سان ناتو:

لهندا ۽ داردي ٻوليون، جن سان سنڌي ٻوليءَ جو گهاٽو سبنڌ آهي، اتر ۽ اولهہ پاڪستان جي حصن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. لهندا، جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي، اولهہ واري خطي جي ٻولي آهي. جنهن جون هي مکيہ شاخون آهن. اولهہ پنجابي، جتڪي، اُچي، ملتاني ۽ هندڪو. داردي ٻولي، گلگت، ڪشمير، سوات، ڪوهستان، چترال ۽ ڪافرستان ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ پڻ افغانستان جي انهن ايراضين ۾ جيڪي انهن خطن سان لاڳو آهن، جهڙوڪ لغمان، نگرهار ۽ تراهي وغيره. هاڻوڪيون داردي ٻوليون ٿي سگهي ٿو تہ بطليموس جو دارزرئي، استرابو جو داردئي، پليني ۽ نونوس جو داردي ۽ ديانيس پيريگليٽس جو داردنئي هجي. يوناني ليکڪن جو چوڻ آهي تہ اهي قومون پائساچا (پشاچ لوڪ) جي نالي سان ياد ڪيون ٿي ويون. اهي وحشي انسان هئا، جن جو گذران ڪچي گوشت تي ٿيندو هو[12].

داردي ٻولي هاڻي ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. يعني تہ ڪافر، خوار ۽ دارد ٻولي. ڪافر حصي ۾ چار ٻوليون آهن. يعني تہ باشڪلي جيڪا سياه پوش ڪافر ڳالهائين ٿا. وائي الا، جا سفيد پوش ڪافر ڳالهائين ٿا. پرسون جي ٻولي واسي، ويري يا ويرون ۽ باقي ڪافرن جي ٻولي اشڪند. خوار ٻولي هاڻي خوس قوم جي زبان آهي ۽ اهي چترال ۾ رهن ٿا. انهيءَ ٻوليءَ جو غلچاه ٻوليءَ سان گهاٽو ناتو آهي. جن جي پامير جي اتر ۾ رهائش آهي. دارد ٻولي وري ٽن حصن ۾ ورهايل آهي: شينا، ڪشميري ۽ ڪوهستاني. شينا، گلگت ۾، ۽ پڻ سنڌوماٿري ۾ بلتستان کان وٺي تنگر درياءَ تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ڪشميري، ڪشمير ۾، ۽ ڪوهستاني جنهن جو ٻيو نالو مايا آهي، سنڌو درياءَ جي ڪوهستان واري حصي ۾ ۽ چترال ۽ چيلاس جي پهاڙي علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

## سنڌي لهجا:

سنڌي ٻوليءَ جا پنج لهجا مشهور آهن ۽ اهي آهن: سريلي يا اترادي، وچولي، ٿري يا ٿريلي (ڏاٽڪي)، لاسي ۽ لاڙي. انهن ۾ ٻن وڌيڪ لهجن جو پڻ اضافو ڪري سگهجي ٿو يعني تہ ڪوهستاني يا جبلي، جيڪا ڪوهستان واري علائقي ۽ پڻ اولهندي جبلن ۾ ڳالهائي ويجي ٿي ۽ ڪڇي يا ڪڇڪي، جا ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۾ رائج آهي. سِريلي اتر سنڌ جي ٻولي آهي ۽ ان کي اترادي بہ سڏيو ويجي ٿو. اها سکر، جيڪب آباد، خيرپور، لاڙڪاڻو ضلعن ۽ دادو ضلع جي اترئين حصن ۾ ڳالهائي ويجي ٿي. ٿري يا ٿريلي، جنهن کي ڏاٽڪي نالي سان پڻ ياد ڪيو ويجي ٿو، ٿر واري علائقي ۾ ۽ پڻ پارڪر ۾ ڳالهائي ويجي ٿي ۽ پڻ سانگهڙ ۽ خيرپور ضلعن جي ايرندي حصي ۾. وچولي (ٻولي) سنڌي ٻوليءَ جو مجيل محاورو تسليم ڪيو ويو آهي ۽ اها وچ واري علائقي، جنهن ۾ نواب شاهہ، حيدرآباد جو اتريون اڌ، سانگهڙ ۽ دادو ضلع جا ڪي حصا اچي وڃن ٿا، تن ۾ ڳالهائي ويندي آهي. لاڙي، لاڙ ۾ يعني تہ بدين ۽ ٺٽي ضلعن ۾، ۽ ڪڇي ۽ ڪانياواڙي هندوستان جي ڪن حصن ۾ ڳالهائي ويجي ٿي.

لکڻ ۾ تہ سنڌي ٻوليءَ جو وچولي وارو لهجو ڪم آندو ويجي ٿو ۽ اهائي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ٻولي آهي. جيتوڻيڪ سنڌي نثر هميشه وچولي واري محاوري ۾ لکيو ويجي ٿو، پر نظم ۾ اها بندش قائم نہ ٿي سگهي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪيترن ئي شاعرن جي ڪلام ۾ سنڌيءَ جي ٻين لهجن جا لفظ، پهاڪا، جملا ۽ ٽوٽڪا استعمال ڪيا ويا آهن. اها حقيقت شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ پڻ واضح نظر اچي رهي آهي. جنهن گهڻو ڪري سڀني سنڌي محاورن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. شاهہ جو رسالو انهيءَ ڏس ۾ پنهنجو پاڻ هڪ مثال آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا محاورن ۾ تمام گهٽ درجي جو تفاوت آهي ۽ اهو بہ حرف صحيح واري جوڙ ۾ ملي ٿو، جيئن تہ ٿ ر، ڊ ر، ڊر وغيره. لاڙي لهجي ۾ پويون ر، نہ لکيو ويندو آهي ۽ نہ وري اهو اچاريو آهي. وچولي ۾ اهو لکيو تہ نہ ويندو آهي، پر اچاريو ضرور ويندو آهي. پر سريلي يعني تہ

اترادي ۾ اهو نہ فقط لکيو ويندو آهي، پر اچاريو پڻ ويندو آهي. ان لاءِ هي مثال ڪافي آهن:

| لاڙي | وچولي | سريلي |
|---|---|---|
| پٽ | پٽ (ر) | پٽر |
| چنڊ | چنڊ (ر) | چنڊر |
| ڏيڍ | ڏيڍ (ر) | ڏيڍر |

اهو بہ نوٽ ڪيو وڃي تہ وچولي ۾ اسم مفعول ماضيءَ ۾ وٺڻ لفظ وٺتو، ورتو، وتو يا وردو، سريلي ۾ وَدو بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. لاڙي ٻوليءَ ۾ لفظن کي ننڍو ڪيو وڃي ٿو. پر لاسيءَ ۾ ان جا فقط ٻہ مثال آهن. جهڙوڪ: هيڪڙو لاءِ هڪڙو ۽ ٻاهر لاءِ ٻار. جيتوڻيڪ ڪڇي ۽ لاڙيءَ ٻولين جون حدون هڪ ٻئي سان ملن ٿيون، پر ان هوندي بہ ڪڇي ٻولي وچولي سان گهڻو ملي جلي ٿي. ڪڇي ٻولي حرف صحيح ۾ وچولي جهڙي آهي. جيئن تہ هٿ مان ظاهر آهي. پر پنجابي ٻوليءَ ۾ اهو ساڳيو لفظ هَٿ (هہ + ٿ) آهي ۽ گجراتي ۾ اهو هاٿ آهي. جيتوڻيڪ اهي ٻئي محاورا هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن، ان هوندي بہ حرف علت جو سر ۽ آواز خاص ڪري ٻٽن حرف علت جهڙوڪ ڳ، ج، ڏ ۽ ٻ جملن ۾ سٽن ۾ رکيو وڃي ٿو. جيئن تہ ڪڇ وارو علائقو گجرات جي پير ۾ آهي. ان ڪري گجراتي ڳنڍيندڙ اسم مفعول ڪڇڪي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪري موجود آهي. جيئن تہ اچيني (اچڻ)، ڪريني (ڪرڻ) ڪائيني (ڪائڻ) اٿيني (اٿڻ) ۽ ونيني (وڃڻ) مان ظاهر آهي[13].

## ٻاهريون اثر:

جيئن تہ سنڌ جو ملڪ هڪ ميداني علائقو آهي ۽ سنڌو ماٿريءَ جي ڏاکڻي حصي ۾ واقع آهي، ان ڪري اهو هميشہ ٻاهرين جي قبضي ۾ رهيو آهي. انهيءَ سبب ڪري ان ۾ ڪيترن ئي قومن، مذهبن، نسلن ۽ رنگن جا ماڻهو رهن ٿا. قديم دور جا ڪول ۽ سنٿال، آريا، هٽي، ساڪا، هلنس، عرب، منگول، ترڪ، افغان ۽ ٻيون ڪئين قومون، جن جون ٻوليون ۽ تهذيب هڪ ٻئي کان مختلف آهن، اهي سنڌ ۾ رهن ٿا. انهيءَ اثر جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ فقط لفظن جي ڦير گهير ٿي آهي، پر سنڌي گرامر تي بہ ان جو گهڻو اثر آهي. ٻيون ٻوليون تہ ٺهيو، پر انگريز، جن جو سنڌ تي اٽڪل هڪ سو سال راڄ هليو،

انهن جي ٻوليءَ جو بہ سنڌي لغت تي اثر رهيو آهي. اردلي، آرماڙ، اسٽامپ، هسپتال، اسٽيشن، اسڪرو، بٽڻ، بورڊ، ٽجوڙي، ٽڪيٽ، ٽئڪس، پتلون، پينشن، جج، مئجسٽريٽ، چاڪ، شاپ، درجن، رپورٽ، رنگروٽ، ڪاليج، ڪليڪٽر، ڪوچ، ڪئپٽن، ڪوٽ، ڪورٽ، گلاس، مئڊم ۽ ٻيا ڪئين لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ٿي ويا آهن. عربي ۽ فارسي لفظ تہ نهايت ٿي گهڻي انداز ۾ اچي ويا آهن، جن کان سواءِ ٻوليءَ جو ميناج ٿي قائم نہ ٿو رکي سگهجي. پراڻا دراوڙي لفظ هي آهن: ڪٽ، نير، ڪلا، پشپا، پيهل، ٻر، روپ، پيتي، ڪپاهہ، ٻج، سون، ڪٽڪ، مڻ وغيره. سنڌي انگ سنسڪرت تان ورتل آهن: اڪ، دو، ٽريہ، چار، پنج، شهہ (ڇهہ) سپت، است، نو، دش، اڪادش، دوادش، بيشت، تريشت، پنجاشت. ترڪي ٻوليءَ جا اوطاق، ايلچي، بندوق، بورچي، چوغو، چقمق، قيطون ۽ ٻيا لفظ هاڻي بلڪل عام ٿي ويا آهن.

## سنڌي صورتخطي:

سنڌي صورتخطي دراصل عربيءَ تان ورتل آهي ۽ اها سنڌ جي تعليم کاتي طرفان انگريزن جي دور ۾ مرتب ڪئي ويئي هئي. سن 1853ع ۾ ان کي آخري شڪل ڏني ويئي ۽ ان کي اهڙو تہ ٺاهيو ويو جو اِن ۾ سڀني انساني آوازن کي آساني سان اچاري سگهجي. ڪُل 52 نشان مقرر ڪيا ويا، جي گهڻو ڪري عربي رسم الخط مان ورتا ويا. ديوناگري صورتخطي پڻ استعمال ڪئي ويندي هئي، پر اها فقط هندن تائين محدود هئي، جي واپاري طبقي سان وابستہ هئا. سنڌ جو هندو عامل طبقو عربي رسم الخط کي وڌيڪ پسند ڪندو هو. اهو انهيءَ ڪري بہ جو انگريزن جي دور ۾ ان کي سرڪاري حيثيت ڏني ويئي هئي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ بہ عربي رسم الخط رائج هو، پر ان ۾ ڪي قدر ڪوتاهي هئي، جا بعد ۾ پوري ڪئي ويئي. مثال طور سنڌي آوازن جهڙوڪ ٻ، ڏ، ڄ، ڳ، ڻ، ڱ وغيره لاءِ ڪي بہ موزون لفظ ڪونہ هئا. فقط عالم يا گهڻو پڙهيل ماڻهو، ان کي سمجهي سگهيا ٿي. جيئن تہ ڳالهہ ٻول مان ظاهر آهي، جيڪو اڳ گال ٻول لکيو ويندو هو ۽ لفظ اڳ، اگ ۽ اڄ بہ اهڙي طرح لکيو ويندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت هي آهي تہ ان ۾ چار آواز اهڙا آهن، جي دنيا جي ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ ۾ نہ ٿا ملن: جهڙوڪ: ٻ، ڄ، ڳ، ڱ. برطانيہ جي حڪومت انهن ڪوتاهين کي گهڻي قدر دور ڪيو ۽

سنڌي صورتخطي کي مسٽر ايلس جي نظر داريءَ ۾ تيار ڪرايو، جنهن کي سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل•فريئر انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيو هو. سنڌي صورتخطي تيار ڪرڻ کان پوءِ ٻن انگريز عالمن ارنيسٽ ٽرمپ ۽ جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جا گرامر تيار ڪيا. ان کان پوءِ ڪيترائي انگريزي، فارسي، عربي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو پڻ پهريون دفعو ارنيسٽ ٽرمپ مرتب ڪيو ۽ اهو جرمني جي شهر ليپزگ ۾ ڇپايو ويو. رسالي جي ڇپائي جو ڪم انگريز سرڪار پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ پڻ سنڌي ٻوليءَ جا پهريان ٻئي گرامر پڻ سرڪاري خرچ تي ڇاپي پڌرا ڪيا ويا.

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ سنڌ ۾ عربن جي دور ۾ بہ اهائي صورتخطي استعمال ڪئي ويندي هئي، جيڪا انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ مدرسن ۽ مڪتبن ۾ رائج هئي. مشهور ليکڪ ابن نديم جو چوڻ آهي تہ سنڌ جا ماڻهو سنڌي ۽ عرب عربي ٻولي ڪم آڻيندا هئا. هُن سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط جا ڪي نمونا پڻ ڏنا آهن، جيڪي هوبهو سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي صورتخطيءَ سان ملن ٿا. انگ بہ اهڙا ئي هئا، جيڪي هاڻي رائج آهن. فرق رڳو هي هو تہ هاڻوڪي انگن ۾ ٻڙي انگ جي اڳيان لکي وڃي ٿي ۽ عربن جي دور ۾ اها انگ جي هيٺان ڏني ويندي هئي. وڌيڪ تفصيل انهن تصنيفن مان واضح آهي، جيڪي انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڏنا ويا هئا. مناجات، مداح، مناظرا، مولود، مرثيہ ۽ ٻيا ڪئين ادب جا شاهه پارا عربي طرز تي لکيا ويندا هئا. سنڌي نثر جي بہ ساڳي حالت هئي ۽ اهو بہ نظم جي صورت ۾ ٿاهيو ۽ لکيو ويندو هو. انگريز جس لهڻن، جن سنڌي نثر ۽ نظم ۾ تبديلي آندي، سنڌي صورتخطي جوڙي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري زبان ٿاهي، ان کي ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ فوقيت بخشي.

## سنڌيءَ جو مستقبل:

سنڌي ٻوليءَ جو نهايت ئي شاندار مستقبل آهي. اها اهڙين ايراضين تائين پهتي آهي، جتي ان جو ناالو ۽ نشان ڪونہ هو. هندوستان جي ڪيترن حصن ۾ سنڌي ٻولي ڪافي اهميت حاصل ڪئي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، پناهگيرن جي سنڌ ۾ اچڻ سبب سنڌيءَ جو دائرو وسيع ٿي ويو آهي ۽ اها لکپڙهہ ۾ ايندڙ ٻولين مان هڪ آهي. هن وقت سنڌي ٻولي ڏهہ ملين ماڻهو

ڳالهائين ٿا. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد سٺ لک هو. جيئن تہ هاڻوڪي لڏ پلاڻ وڏي پيماني تي ٿي آهي، ان ڪري مهاجرن کي سنڌي ٻوليءَ تي حاوي ٿيڻ لاءِ وقت گهرجي. اهو صحيح آهي تہ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا خاص همدردي ڪانهي، پر ان هوندي بہ ڏنڌي ڌاڙي، واپار ۽ سماجي حالتن جي مد نظر انهن کي سنڌي ٻولي سکڻ جي ضرورت محسوس ٿي آهي. اڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ سبب سنڌيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، پر جيڪڏهن سنڌي ليکڪ ۽ مصنف ۽ پڙهيل لکيل طبقو ڪوشش ڪري تہ اها اوڻائي ختم ٿي سگهي ٿي. اهي جيڪڏهن ايمانداري سان سنڌيءَ جي خدمت ڪرڻ ۾ سندرو ٻڌي بيهن تہ شڪ نہ آهي، اهي هن قديم ۽ عظيم ٻوليءَ ۾ اهڙو واڌارو آڻي سگهن ٿا، جنهن جو ادب دنيا جي ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۽ ادب کان گهٽ درجي جو نہ آهي.

# حوالا ۽ سمجھاڻيون


(1) امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد 22، ص389، لينڊ آف فائيوررس ائنڊ سنڌ، ص37.

(2) معجم البلدان، جلد 9 ص101، تحفة الڪرام، جلد 2، ص 2.

(3) چون ٿا تہ ڪنعان جي پيءُ حام پنهنجي پيءُ جي اوگھڙ ڏٺي هئي، جڏهن تہ هو شراب جي نشي ۾ ٻڏو پيو هو. پر هُن پيءُ جي اوگھڙ ڍڪڻ بدران، اها خبر پنهنجي ڀائرن کي وڃي ٻڌائي. ڏسو تورات مقدس، ڪتاب جنيسيس، باب 9، آيت 22.

(4) قرآن، سورت 17، آيت 23.

(5) لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد 1، حصو 1، ص121.

(6) اهي لفظ رالنسن پنهنجي ڪتاب فائيو گريٽ مانرڪيز ۾ ڏنا آهن. جيڪو لنڊن مان 1862ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. رالنسن اسيرياٰلاجي تي سند جي حيثيت رکي ٿو.

(7) جنرل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، 1913ع، ص143.

(8) لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد 8، حصو 1، ص237.

(9) ايضاً، ص134.

(10) اسٽئڪ جو سنڌي گرامر، ص7.

(11) ٽرمپ جو سنڌي گرامر، ص 18.

(12) لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد 1، ص108.

(13) لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد 8، حصو 1، ص184.

# متفرقه

* عربي ۽ فارسي ڪتابن مان اقتباس
* عربي ۽ فارسي ڪتابن جي اقتباسن جو سنڌي ترجمو
* سامي نسل جي قومن جو چارٽ
* منصوره جي عرب حاڪمن جو شجرو
* سنڌ جي عرب گورنرن جي فهرست
* منصوره جي هباري حاڪمن جي فهرست
* ببليوگرافي

# الاقتباسات من الـكتب العربية و الفارسية

Jamharah Ansab al-Arab, Dar al-Ma,arif. Egypt,1948 pp.109,110.

## فولد الاسود بن مطلب

هبار بن الاسود الشاعر له صحيه وزمعة بن الاسود و عقيل بن الاسود، قتلا **يوم بدر** كافرين. **فمن ولد هبار** بن الاسود: الشاعر بن الاسود،عمر بن عبدالعزيز بن منذر **بن** زبير بن **عبدالرحمٰن** بن هبار بن الاسود صاحب السند، وليها في ابتداءِ الفتنه **الر قتل** المـوتـكـل، وقـد اول اولاده ملكها الى ان انقطع امرهم فى زماننا هذا، ايام **محمود** بـن سبـكتـكيـن صاحب مادون النهر من خراسان وكان قائدتهم المنصورة وكـان جـده الـمنذر **بن زبير** قد قام بقرقيسا ايام السفاح فاسرو صلب واسماعيل بن هبـار هـوالـذى قتـلـه **مصعب بن** عبدالرحمٰن بن عوف قتل معه قوم غيلة. وهبار كان يهجو النبى صلى الله **عليه وسلم** ايام كفره، **فلما اسلم**، محاكل ذٰلك بمدحه وحسن **اسلامه** وهـوالـذى **نخس** زينب بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم اذا حملت من **المكة الى** المدينة، فاسقطت جنيناً **و** ولد زمعة بن الاسود، عبدالله بن زمعة له صحية، **والحارث** بـن زمـعة قتل يوم بدر **كافراً** مع ابيه، ويزيد بن زمعة استشهد يوم الطائف رحـمــه الله— **و** امـا عبـدالله بـن زمعة **لتزوج** زيـنـب بـنـت ابى سلمة من ام سلمة ام المومنين، فولدت له يزيد قتل يوم الحره صبرا.

Kitab al-Ibar, Egypt, 1284 A.H., Volume II, p. 327

وهبـار بـن الاسـود بـن مـطلب بن اسد بن عبدالعزى كان من عقبه عمر بن عبـدالعـزيز بن منذر ابن الزبير بن عبدالرحمٰن بن هبار صاحب السند وليها فى ابتدا الفتنة اثر قتلِ التموكل وقد اول اولاده ملكها الى ان انقطع امرهم على يد محمود بن سبـكتـكيـن صاحب غزنة و مادون النهر من خراسان وكان قائدتهم المنصورة و كان جـده الـمـنذر بن الربيع قد قام بقرقيسـا ايام السفاح فامرو صلب و اسماعيل بن هبار قتـله، مصعب بن عبدالرحمٰن غيلة وهبار كان يهجو النبى صلى الله عليه وسلم ثم ابنه عـوف اسـلـم فـمـدحه وحسن اسلامه و عبدالله بن زمعة بن الاسود له صحبته وتزوج زيـنـب بـنـت ابى سلمة من ام سلمة ام المومنين وخديجة ام المومنين بنت خويلد بن

اسد بن عبدالعزى، والزبير بن العوام بن خويلد بن اسد بن عبدالعزى احد العشرة و ابناه عبدالله و مصعب، وحكيم بن حزام بن خويلد، عاش ستين سنة فى الاسلام.

Uyun al-Akhbar, Islamic Culture, Hyd. Deccan, Vol. XXII, p. 304.

وكان فتح السند الامير المومنين المعز لدين الله سلام الله عليه و كان فى تلك الجزيره احد الدعاة ممن خلط وغير و استجاب على يديه قوم كثير من المجوس فتركهم على كثير مما هو محرم فى الاسلام مما يستحلون فى دينهم وكان قد بلغ امير المومنين المعز لدين الله امره فاستهاله واستعظمه توضعاً لله وأحياء لملة جده محمد رسول الله وكتب الى اهل الدعوة بالسند برفض ذلك الداعى المعزلدين الله واعتزاله لتضيعه الواجب عليه فى دين الله من النهى عن المنكر والامر بالمعروف فى اقواله وافعاله واقام الداعى حلم بن شيبان فى الجريره لما هو عليه من العبادة والاستقامة وحسن النية وصفا السريرة فلم يصل كتاب امير المومنن عليه السلام الا وقد هلك ذلك الذى توانا فيما يجب عليه واقام المومنون حلم بن شيبان حتى يواذا نو الامام عليه الاسلام وينهو امرهم اليه وقدقص ذلك القاضى النعمان ابن محمد رضوان الله عليه فى بعض ما الفه حيث قال و كان بعض الدعاة بجزيرة نائية الخ.

Al- Fihrist, Egypt, 1348 A.H., p. 435.

## اسماء كتب الهند فى الطب الموجودة بلغة العرب

كتاب سسرد، عشر مقالات امريحى بن خالد بتفسيره المنكه الهندى فى البيمارستان ويجرى مجرى الكناش، كتاب استنكر الجامع تفسير ابن دهن، كتاب سيرك فسره عبدالله بن على من الفارسى الى العربى، لانه اول نقل من الهندى الى الفارسى، كتاب سند ستاق معناه كتاب صفوة النجع تفسير ابن دهن صاحب بيمارستان، كتاب مختصر للهندى فى العقاقير كتاب علاجات الحبالى للهند، نوقشتل، فيه مائة داء ومائة دواء، كتاب روسا الهنديه فى علاج النساء، كتاب السكر للهند، كتاب اسماء عقاقير للهند، فسره منكه لاسحق بن سليمان، كتاب راى الهندى فى اجناس الحيات وسموها كتاب التوهم فى الامراض و لعلل لتوقشتل الهندى.

p. 438

كتاب كليله ودمنه وهو سبع عشر بابا وقيل ثمانية عشر بابا فسره عبدالله بن المقفع وغيره، وقد نقل هذا لكتاب الى الشعر، نقله ابان بن عبدالحميد بن لاحق

عـضیـر ونـقـلـه عـن بـن داود الـی الشعر ونقله بشر بن المعتمد، والذی خرج بعضه ورأیت انا فی نسخة زیادة بابین وقد عملت شعراء العجم هذا الکتاب شعرا ونقل الی اللـغة الـفـارسیـه بـالـعربیة ولهذا الکتاب جوامع و انتزاعات عملها جماعة منهم ابن الـمقنع وسهل بن هارون وسلم صاحب بیت الحکمة والمرید الاسود الذی استدعاه الـمتوکـل فـی ایامـه مـن فـارس، ومـن کتبهم کتاب سند باد الکبیر، کتاب سند باد الـصـغیر، کتـاب البـد، کتاب بوذاسف وبلوهر کتاب–بوذاسف مفرد، کتاب ادب الهـنـد والـصیـن، کتـاب هـابـل فـی الـحکمته، کتاب الهند فی قصة هبوط آدم علیه السـلام، کتـاب طرق، کتاب دبلک الهندی فی الرجل والمراة، کتاب حدود منطق الهند، کتاب ساد برم، کتاب ملک الهند القتال و السباح، کتاب شاناق فی التدبیر، کتاب اطرفی الاشربة، کتاب بیدپا فی الحکمة.

Akhbar al -Ulama, Egypt, A.H. 1326, p. 174.

[کـنکه] الهـنـدی وربـمـا قیـل کـنـکـه قال ابو معشر فی وصفه فی کتاب الـمسـمی بالالوف انه یعنی کنکه المقدم فی علم النجوم عند جمیع العلماء من الهند فـی سـالف الـدهـر ولـم یبـلـغنا تاریخ عصره ولاشیء من اخباره لبعد داره و اعتراض الممالک بنینا و بین بلاده ولهندهم تـصانیف کنکه الهندی اشتهرت عنه کتاب النمودار فی الاعمار– کتاب اسرار المواليد، کتاب قرانات الکبیر. کتاب قرانات الصغیر.

Uyun al-Anba, Egypt, Vol. II, pp. 32, 33.

## البا الثانی عشر فی طبقات الطبأ الذین کانوا من الهند

ا۔ [کنکه] حـکیـم بارع من متقدمی حکمأ الهند واکابرهم وله نظر فی صـنـاعة الـطـب وقـوی الادویة وطـبـائع المولدات وخواص الموجودات وکان من اعـلـم الـنـاس بهیـئة الـعـالم وترکیب الافلاک وحرکات النجوم۔ وقال ابو معشر جـعـفـر بـن مـحـمد بن عمر البلخی فی کتاب الالوف ان کنکه هو المقدم فی علم الـنـجوم عند جمیع العلماء من الهند فی سالف الدهر (ولکنکه) من الکتب، کتاب الـنـموذار فی الاعمار، کتاب اسرار المواليد، کتاب قرانات الکبیر وصغیر، کتاب فـی الـطـب وهـو یـجـری مـجـری کناش کتاب فی التوهم کتاب فی احداث العالم والدور فی القِران.

٢- [صنجهل] كان من علمأ الهند وفضلائهم الخبيرين بعلم الطب والنجوم ولصنجهل من الكتب كتاب المواليد الكبير و كان من بعد لصنجهل الهندى جماعت فى بلاد الهند ولهم تصانيف معروفة فى صناعة الطب وفى غيرها من العلوم مثل باكهر. راجه. سكهِ. داهر. انكو. زنكل. جبهر. اندى. جارى، كل هولاء اصحاب تصانيف وهم من حكماء الهند واطبائهم ولهم الاحكام الموضوعة فى علم النجوم. الهند تشتغل بمؤلفات هولاءِ فيما بينهم و يفقدون بهلويتنا قلونها وقد نقل كثيرَ منها الى اللغة العربية و وجدت الرازى ايضاً قد نقل فى كتابه الحاوى وفى غيره من كتب جماعة الهند مثل كتاب شرك الهندى وهذا الكتاب فسره عبدالله بن على من الفارسى الى العربى لانه اولا نقل من الهندى الى الفارسى وعن كتاب سسرد و فيه علامات الادواء و معرفة علاجها وادويتها وهو عشر مقالات امريحى بن خالد بتفسيره وكتاب ندان فى علامات اربعمائة واربعة ادواء و معرفتها بغير علاج وكتاب سندهشان وتفسيره كتاب صورة النجح وكتاب تفسيرا سماء العقار باسماء عشرة وكتاب استانكر الجامع وكتاب فى علاجات الحبالى الهند وكتاب مختصر فى العقاقير للهند وكتاب نوفشل فيه مائة داء و مائة دواء و كتاب روسى الهندية فى علاجات النساء و كتاب السكر للهند وكتاب رأى الهندى فى اجناس الحيات وسمومها وكتاب فى التوهم فى الامراض و العلل لابى قبيل الهندى.

٣- [شاناق] ومن المشهورين ايضا من اطباء الهند- وكانت له معالجات وتجارت كثيره فى صناعة الطب وتفتن فى العلوم وفى الحكمة وكان بارعاً فى علم النجوم حسن الكلام مقدماً عند ملوك الهند ومن كلام شاناق قال فى كتاب الذى سماه مفتحل الجواهر- يا ايها.

p. 33

الوالى اتق عشرات الزمان واخش تسلط الايام و لوعة غلبة الدهر و اعلم من الاعمال جزاء فاتق عواقب الدهر و الايام فان لها غدرات فكن منها على حذر والاقدار مغيبات فاستعد لها والزمان منقلب فاحذر دولتة لثيم الكرة فخف سطوت سريع الغرة فلاتامن دولته واعلم ان من لم يداو نفسه من سقام الاثام فى ايام حياته فى ابعده من الشفاء وهى واحده لم يضبط حواسه مع قلتها و ذلتها صعب عليه ضبط الاعوان مع كثرتهم وخشونه جانبهم فكانت عامة الرعية فى اقاصى البلاد واطراف المملكته ابعد من الضبط.

[والشاناق] مـن الـكتـب كتاب السموم خمس مقالات فسره من اللسان الهـنـدی الی اللسان الفارسی منکه الهندی وکان المتولی لنقله بالخط الفارسی رجل یعـرف بـابـی خـاتم البلخی فسره لیحیٰ بن خالد بن برمک ثم نقل للمامون علی ید الـعبـاس بـن سـعیـد الجوهری مولاه و کان متولی قرأته علی المامون کتاب البیطره، کتـاب عـلـوم الـنـجـوم، کتاب منتحل الجواهر والفه لبعض ملوک زمانه وکان یقال لذلک الملک ابن قمانص الهندی.

[جودر] حـکیـم فاضل من حکماء الهند وعلمائهم متمیز فی ایامه وله نظر فـی الـطـب وتصانیف فی العلوم الحکمیه وله من الکتب کتاب المو الید وهو قد نقل الی العربی.

[منکه] کـان عـالماً بضاعة الطب حسن معالجة لطیف التدبیر فیلسوفا من جلمة المشار الیهم فی علوم الهند متقنا للغة الهند ولغة الفرس وهو الذی نقل کتاب شاناق الهندی فی السموم من اللغة الهندی الی الفارسی وکان فی ایام هارون الرشید فسـافـر مـن الهـنـد الـی العراق فی ایامه واجتمع به وداواه و وجدت بعض الکتب ان مـنـکـه الهـنـدی کان فی جملة اسحق بن سلیمان بن علی الهاشمی ونقلت من کتاب اخبـار الـخلفاء والبرامکة ان الرشید اعتل علة صعبة فعالجه الاطباء فلم یجد من علته افـافة نـقـال ابوعمر الاعجمی بالهند طبیب یقال له منکه و هو احد عباد هم وفلاسفة فـلـو بـعث الیه امیر المومنین فلعل الله ان یهب له الشفاء علی یده. قال فوجد الرشید مـن حـمـلـه و صـلـه بـصلة تعینه علی سفره فقد وعالج الرشید فبراً من علته بعلاجه فـاجـری عـلیه رزقاً واسعا واموالا کافیة. قال فبینما منکه مارا فی الخلد اذا هو برجل مـن الـمـانیه قد بسط کساعه والقی علیه عقاقیر کثیرة وقام یصف دواء عنده معجونه فـقـال فـی صـفـتـه. هـذا دواء لـلـحـمی الدائمة وحی الغب وحی الربع ولوجع الظهر والـرکبتیـن والـخـام والبواسیر والریاح ووجع المفاصل ووحی العینین ولوجع البطن والـصـداع والـشـقیـقـه وتـقـطیر البول والفالج والارتعاش ولم یدع علة فی البدن الا ذکران ذلک الدواء شفائها.

Tarikh al - Khulafa, Lahore, 1892, p . 254

وفیهـا ورد کتـاب مـن الـدیـبـل ـــ ان الـقـمر انکشف فی شوال وان الدنیا اصبحت مظلمة الی العصر فهبت ریح سوداء فدامت الی ثلث واللیل - واعقبها زلزلة

عظيمة اذهب عامة المدينة وكان عدة من اخرج من تحت الردم. مائة الف و خمسين الفا.

Ajaib al-Hind, Brill, Leyden, 1883, p. 3.

ثم جعل فى الصين والهند ثمانية اجزاء منها وجزاً فى باقى المشرق (فمما فى الهند ما حدثنا به ابو محمد الحسن بن عمرو ابن حمويه بن حرام بن حمويه للنجيرمى باللبصرة. قال كنت بالمنصوره فى سنه ثمان وثمانين ومأتين وحدثنى بعض مشايخها ممن يوثق به ان ملك الراء وهو اكبر ملوك بلاد الهند وناحية التى هو بهابين قشمير الا على وقشمير الاسفَل وكان ليسمى مهروك بن رائق كتب سنة سبعين ومأتين الى صاحب المنصورة وهو عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز يسأله ان يفسر له شريعة الاسلام بالهنديه فاحضر عبدالله هذا رجلا كان بالمنصورة اصلة من العراق حدالقريحة حسن الفهم شاعراً قد نشأ ببلاد الهند و عرف لغاتهم على اختلافها فعرفه ما سأله ملك الرأى فعمل قصيدة وذكر فيها ما يحتاج اليه وانفذها اليه فلما قرئت على ملك الرأى استحسنها وكتب وكتب الى عبدالله يسئله حمل صاحب القصيده فحمله اليه واقام عنده ثلاث سنين ثم انصرف عنه فساله عبدالله عن امر ملك الراء فشرح له اخباره وانه تركه وقد اسلم قلبه ولسانه وانه لم يمكنه اظهار الاسلام خوف من بطلان امره.

p. 4.

وذهاب ملكه وكان فيما حكاه عنه انه ساله ان يفسر له القران بالهنديه ففسره له قال فانتهيت من التفسير الى سورة يٰس قال ففسرت له قول الله عزوجل: "قال من يحى العظام وهى رميم......... خلق عليم" قال فلما فسرت له هذا وهو جالس على سرير من ذهب مرصع بالجواهر والدر لاتعرف له قميته قال لى اعد علىّ، فاعدت فنزل عن سريره ومشى على الارض وكان قد رشت بالماء وهى ندية فوضع خده على الارض و بكى حتى تلوث وجهه بالطين ثم قال لى هذا هو رب المعبود الاول القديم الذى ليس يشبه احدا. وبنا بيت لنفسيه واظهر انه يخلو فيه لمهمة وكان يصلى فيه سراً من غير ان يطلع على ذلك احد وانه وهب له فى ثلاثة دفعات ست مائة منامن ذهب.

وزلـزلـوا بـعـد ذلک خـمـس مرار و کان جملة من اخرج من تـحـت الردم مائة الف و خمسون الفا کلهم موتی.

Vol. IX, p. 143.

وقـصـد الـمنصوره و کان صاحبها قدار تد عن الاسلام فلما بلغه خبر مجی یـمیـن الدولة فارقها واجتمی بفیاض اشبه فقصده یمین الدولة من موضعین فاحاط به وبمن معه فقتلو اکثرهم و غرق منهم کثیر ولم ینج منهم الا القلیل ثم سار الی بها طیه وطاعه اهلها و دانوله فرحل الی غزنه فوصلها عاثر صفر من سنة سبع عشره وار بعمائة.

Kitab al-Hnd, Edited by E. Sachau, Ottoharassowitz. leipzig, 1925, p. 11.

دخـل مـحمد بن القاسم بن المنبه ارض السند من نواحی سجستان وافتتح بـلـد بـمهـنـوا وسماه منصورة وبلد مولتان وسماه معمورة و اوغل فی بلاد الهند الی مدینة کنوج

p. 55.

ومـن الـصنام المشهورة صنم المولتان باسم الشمش ولذلک سمی آدت وکان خشبیا ملبسا سختیان احمر فی عینیه یاقوتان.

p. 82.

وفـی حُـدود مـالـوا ایضاً خط یسمی ناگرلا یفاضل ذلک الا بالصور فقط ویتبـعـه خط یسمی اردنا کری ای نصف ناگرلانه ممزوج منهما ویکتب به فی بهاتیه وبعض بلاد السند وبعد ذلک من الخطوط ملقاری فی ملقشو فی جنوب السند نحو الساحل وسیندب فی بمهنوا وهی منصورة.

Tarikh al-Yaqubi, Dar al-Ieaq, Beirut, 1955. Vol. 1. pp. 95,96,98, p.95.

## ملوک الهند۔

قـال اهـل الـعلم ان اول ملوک الهند الذی اجتمعت علیه کلمتهم (برهمن) الـمـلـک الذی فی زمانه کان البد الاول وهو اول من تکلم فی النجوم واخذ عنه علمها والـکتاب الاول الذی تسمیه الهند "سند هند" وتفسیره "دهر الدهور" ومنه اختصر الا رجبیهـر والـمـجسـطـی، ثـم اختـصـر وامـن الا رجبهر الا رکن ومن المجسطی کتاب

بطليموس، ثم عملوا من ذلک والمختصرات والزيجات، وما اشبهها من الحساب ووضع التسعة الاحرف الهنديه التى يخرج منها جميع الحساب الذى لا يدرک

p. 96.

معوفتها وهى (١، ٢، ٣، ۴، ۵، ٦، ٧، ٨، ٩) فالاول منها واحده وهو عشرة وهو مائة وهو الف وهو مائة الف وهو الف الف وهو عشرة آلاف الف وهو مائة الف الف وعلى هذا الحساب ابدا فصاعدا و الثانى وهو اثنان وهو عشرون وهو مائتان وهو الفان وهو عشرون الفا وهو مائة الف وهو الفا الف وعلى هذا الحساب يجرى التسعة الا حرف فصاعدا غير ان بيت الواحد معروف من العشرة معروف من العشرة وكذلک بيت العشرة معروف من المائة وكذلک كل بيت واذا خلابيت منها يجعل فيه صفر ويكون صفر دارة صغير.

p. 98.

وقالت الهند ان الله عزوجل خلق الكواكب فى اول دقيقه من الحمل وهو اول يوم من الدنيا ثم سيرها من ذالک الموضع فى اسرع من طرفة العين فجعل لكل كوكب منها سيرا معلوما حتى يوافى جميعها فى عقدة ايام السند هند، الى ذالک موضع الذى خلقت فيه كما كانت كهيتها الا ولى ثم يقضى الله تبارک وتعالىٰ ما احب، فقالو ان جميع ايام الدنيا من السند هند منذ اول ما دارت الكواكب الى ان تجتمع جميعا فى دقيقه الحمل كما كانت يوم خلقت الف الف الف الف وخمس مائة الف الف الف وسبعة وسبعون الف الف الف

وسبع مائة الف الف و ستة عشر الف الف و اربع مائة وخمسون الف يوم يكون ذالک شهورا ستين الف الف الف وثمان مائة الف الف واربعين الف الف شهر، ويكون من السنين اربعة الاف الف الف وثلث مائة الف الف وعشرين الف الف سنة كاملة بسنى الشمس على مدارها والسنة ثلاث مائة وخمسة ستون يوما وربع يوم وخمس ساعات وجزء من اربع مائة من سائة.

Kitab al-Dhakhair wa al-Tuhf, Kuwait, 1959, pp. 14,15.

وذكر المدائنى ان ملک الهند اهدى الى الجنيد بن عبدالرحمان ايام ولاية السند فى خلافة هشام بن عبدالملک ناقة مرصعة بالجواهر، قد ملئت اخلافها لولؤا و نحرها ياقوتا احمر على عجل من فضة اذا تركت على الارض تحركت

العجل فمشت الناقة فبعث بها الجنيد الی هشام فاستحسنها ثم ان الذي جاء بها بزل اخلافها فانتشرو اللولؤ می علته ذهب كانت معه وفک عقها فسال الياقوت منه كانه الدهر فاعجب بها هشام وجميع من كان فی مجلسه ولم تزل فی خزائن بنی امية حتی صارت الی بنی عباس.

p.15.

واهدی موسی بن عمر بن عبدالعزيز هباری صاحب السند الی المعتمد علی الله فی سنة احدی وسبعين ومائتين هدية كان فی جملتها قيل عظيم الخلقة وجمال موالح واصنام ثلاثة من فضة ومسک وعنبر وحرير وظبئاً كانت كمثل البقر الوانها الی السداد وسرير عود و اشياء سوی ذالک

p. 166.

ذكرا الواقدی فی اخبار فتوح ان عبدالله بن سوار العبدی كان عاملا المعاوية بن ابی سفيان علی السند انه غزا بلد القيقان فاصاب منه غنائم وان ملک القيقان تغاوی منه باراء الجزية وحمل اليه من الهدايا وطرائف مافی بلد السند مالم يرا مثله وكان فی الهنديه وقطعه من مراه يذكر اهل العلم ان الله عزوجل انزلها علی آدم كما كثر ولده وانتشروا فی الارض وكان ينظر فيها فيری من يزيده منهم علی الحال التی هو عليها من خير وشر فانفذها عبدالله الی معاويه فلم تزل عنده مدت حياته ثم صارت الی ملوک بنوٰ اميه وكانت فی خزائنهم الی ايام بنی عباس فاخذوها فيما اخذ وا من اموالهم.

Al-Masalik wal-Mamalik, (Ibn Kahrdazbeh), Leyden, 1889 A.C. p. 55.

من الفهرج الی طبران من عمل مكران عشره فراسخ ثم الی مامور جان مدينة الخرون اربعة عشر فرسخا ثم الی قرية يحی بن عمرو عشره فراسخ ثم الی هذا عشرة فراسخ ثم الی مدو عشرة فراسخ ثم الی موسارة تسعة فراسخ ثم الی درک بامويه تسعة فراسخ ثم الی تجين عشرة فراسخ ثم الی مقاطعة البلوص عشرون فرسخا ثم الی جبل المالح ستة فراسخ خلف اربعة نخل تسعة فراسخ ثم الی قلمان ستة فراسخ ثم الی سرای خلف اربعة فراسخ ثم الی قنزبور ثلثه فراسخ ثم الی حبس علی طريق قندابيل مفازه عشرون فرسخا ثم الی قريه سليمان بن سميع ثمانيه

وعشرون فرسخا وقريه سليمان هذه فرضة من جاء من خراسان يريد السند والهند ثم الى المنصورة ثمانون فرسخافن اول عمل مكران الى المنصورة ثلث مائة وثمانية وخمسون فرسخا والطريق فى البلاد الزط وهم حفاظ الطريق

p.56:

ومن زرنج مدينة سجستان الى الملتان سيره شهرين وسميت الملتان فرج بيت الذهب لان محمد بن يوسف اخا الحجاج بن يوسف اصاب فى بيت بها اربعين بهارا ذهبا والبهار ثلث مائة و ثلثه وثلثون منا، فسميت فرج بيت الذهب والفرج الثغر يكون مبلغ ذلک الذهب الفى الف ثلث مائة الف و سبعة و تسعين الفا وست مائة مثقال

p. 57.

## بلاد السند القيقان و بنة ومكران الميد والقندهار قال ابن مفرغ

بقندهار ومن تكتب منية بقندهار يرجم دونه الخبر و قصدار والبوقان وقندابيل وقنزبيور وارمابيل وقنبلى وكنبايا وسهبان وسد وسان وراسک والرور وساوندرى والمولتان وسندان المندل والبيلمان وسرست والكيرج ومرمد وقالى ودهبخ وبروص وكان عمران بن موسى البر مكى ضمن السند على ان يحمل منها بعد كل نفقة الف الف درهم ثم الى ثار اسيره سبعة ايام وهى الحد بين فارس والسند ومن ثار الى الديبل سيرة ثمانية ايام ومن الديبل الى مصب مهران. نهرالسند فى البحر فرسخان ومن السند يجى القسط والقنا والخيزران.

Athar al-Bilad, Wustenfeld, 1848/50

pp, 62,63,83.

السند: ناحية بين الهند و كرمان وسجستان قالوا السند والهند كانا اخوين من ولد توقير بن يقطن بن حام بن نوح - بهابيت الذهب - قال مسعر بن مهلهل مشيت الى بيت الذهب المشهور بها فاذاهو من ذهب فى صحراء يكون اربعة فرسخ لا يقع الثلج ويثلج ماحولها وفى هذا البيت ترصد الكواكب وهو بيت تعظمه الهند والمجوس وهذه الصحراء تعرف بصحراء زردشت نبى المجوس ويقول اهل تلک الناحيه متى يخرج منه انسان يطلب دولة لم يغلب ويهزم له عسكر حيث اراد وحكى ان الاسكندر لمافتح تلک البلاد دخل هذا البيت اعجبه كتب الى ارسطاطاليس واطنب فى وصف قبة هذا البيت فاجابه ارسطو انى رئيتک تتعجب من قبة عملها الا

دميون وتدع التعجب من هذاالقبه المرفوعة فوقک وما زينت به من الكواكب وانوار الليل والنهار، وسال عثمان بن عفان، عبدالله بن عامر بن كريز عن السند فقال: ماؤها وشل وثمرها دقل ولصها بطل ان قل الجيش بها ضاعوا وان كثروا جاعوا. فترک عثمان غزوها وبها نهر عرضه كعرض دجلة او اكثر يقبل من المشرق اخذاً الى الجنوب متوجها نحو المغرب ويقع فى بحر فارس اسفل السند. قال الا صطخرى نهر مهران يخرج من ظهر جبل.

p. 63.

يخرج من بعض انهار جيحون ثم يظهر بناحية ملتان على حد سمندور تم على المنصورة ثم يقع فى البحر شرقى الديبل وهو نحر كبير عذب جدا وان فى تما سيح كما فى نيل مصر وقيل ان التماسيح نهرا السند اصغر جحما واقل فساداً وجرى نهر السند كجرى نهر النيل يرتفع على وجه الارض ثم ينصب فيزرع عليه كما يزرع بارض مصر على النيل.

p. 83.

المنصورة: مدينة مشهورة بارض السند كثيرة الخير بناها المنصور ابو جعفر الثانى من خلفاء بنى العباس وفيها ينزل الولاة لها خليج من نهر مهران يحبط بالمدينة وهى فى وسطه كالجزيره الا انها شدية الحر كثيرة البق بها ثمرتان لاتوجدان فى مدينة غيرها احدا هما الليمونه على قدر التفاح والاخرى الانيج على شبه الخوخ واهل المدينة موافقون على انهم لايشترون شيئا من المماليک السندية و سببه ان بعض رؤسائها من آل مهلب رباً غلاما سنديا فلما بلغ رآه يوما مع زوجته فجيبه ثم عالجه حتى هذا يو كان لمولاه اينان اهدهما بالغ والاخر طفل فاخذ الغلام الصبيين وصعد بهما الى اعالى سور الدار ثم قال لمولاه والله لئن لم تجب نفسک الان لارمين بهما فقال الرجل الله فى وفى ولدى فقال دع عنک هذا والله ماهى الا نفسى وانى لاسمح بهامن شربة ماء واهوى ليرمى بهما فاسرح الرجل واخذ مدية وجب نفسه فلما راى الغلام ذلک رمى بالصبيين وقال فعلت بک ما فعلت بى وزياده قتل الولدين قتل الغلام با قطع العذاب واخرج من المدينة جميع مماليک السنديه، فكانوا يتداولون فى البلاد ولا يرغب احد بالثمن اليسير فى شرائهم بها نهر مهران عرضة كعرض دجلة.

Mujam al-Buldam, Cairo, 1904. Vol. IX, p. 151.

[السند] بكسر اوله سكون ثانيه واخره دال مهلمه، بلاد بين بلاد الهند وكرمان وسجستان. قالوا السند والهند كانا اخوين من ولد توقير بن يقطن بن حام بن نوح يقال الو احد من اهلها سندى والجمع سند مثل زنجي وزنج وبعض يجعل مكران منها ويقول هى خمس كور فاؤلها من قبل كرمان مكران ثم طوران ثم السند ثم الهند ثم الملتان. وقصبة السند مدينة يقال له المنصوره ومن مدنها ديبل وهُن على ضفة بحر الهند والنتر وهي ايضاً على ساحل البحر فتحت في ايام الحجاج بن يوسف و مذاهب اهلها الغالب عليها مذهب ابى حنيفة ولهم فقيه يكنى بابى العباس داوودى المذهب له تصانيف في مذهبه وكان قاضى المنصوره - ومن اهلها اولى السندينسب ابو معشر نجيح السندى مولى المهدى صاحب المغازى سمع نافعا ونفرا من التابعين قال ابو نعيم كان ابو معشر سنديا وكان الكن وكان يقول حدثنا محمد بن قعب يريد كعب

وفتح بن عبدالله السندى ابونصر الفقيه المتكلم مولى لال الحسن بن الحكم ثم عتق وقرا الفقه والكلام على ابى على الثقفى. وقال عبدالله بن سويد وهوابن عم رمعة احد بنى شقره بن الهارث بن تميم

الاهل الى الفتيان بالسند مقدمى. على بطل قد هزه القوم ملجم قلم دنا للزجرأ ورعت نحوه. بسيف ذباب ضربة المتلوم شددت له كفى وايقنت اننى. على شرف المهوات ان لم اصمم

والسند ايضا ناحية من اعمال طلبيتره من الاندلس. والسند ايضا مدينة فى اقليم قريش الاندلس. والسند ايضا قرية من قرى بلده نسا من بلاد خراسان قريب من بلده ابيورد.

Vol. VII. p 177.

[المنصورة] مفعولة من النصر فى عدة مواضع منها المنصورة بارض السند وهى قصبتها. مدينة كبيرة كثيرة الخيرات ذات جامع كبير سواريه ساج ولهم خليج من نهر مهران. قال حمزة وبهمنا باد اسم مدينة من مدن السند سموها الان منصوره. وقال المسعودى سميت المنصورة بمنصور بن جمهور عامل بنى اميه وهى فى اقاليم الثالث طولها من جهة المغرب ثلاث و تسعون درجة وعرضها

من جهة الجنوب اثنتان وعشرون درجة وقال هشام سميت المنصوره لان منصوره بن جمهور الكلبى بناها فسميت به و كان خرج مخالفا لهارون واقام بالسند وقال الحسن بن احمد المهبلى سميت المنصورة لان عمر وبن حفض الهزار مرد المهلبى بناها فى ايام المنصورة من بنى العباس فسميت به و للمنصورة خليج من نهر مهران يحبط بالبلد فهى منه فى شبه الجزيره وفى اهلها مروة وصلاح ودين وتجارات وشربهم من نهر

p. 178.

يقال له مهران وهى. شديدة الحر كثيره البق بينها وبين الديبل ست مراحل وبينها وبين الملتان اثنا عشرة مرحلة اولى طوران خمس عشره مرحلة من المنصوره الى اول حد البدهة خمس مراحل و اهلها مسلمون وملكهم قريشي يقال انه من ولد هبار بن الاسود تغلب عليها هو واجداده يتوارثون بها الملك الا ان الخطبة فيها للخليفه من بنى العباس وليس لهم من الفاكه لاعنب ولا تفاح ولا كثمرى ولا جوز لهم قصب سكر وثمره على قدر التفاح يسمونه الليمونه شديد الحموضة ولهم فاكهة تشبح الخوخ تسمى الا نيج يقارب طعمه طعم الخوخ واسعارهم رخيصه وكان لهم دراهم يسمونها القاهريات ودراهم يقال لها الطاطرىّ فى الدرهم درهم و ثلث. متها المنصوره مدينة كانت بالبطيحة عمرها فيما احسب مهذب الدولة فى ايام بهاء الدولة بن عضد الدولة وايام القادر بالله وقد خرجت ورسومها باقيه ومنها.

VOl. VIII, p. 356.

[نيروز] مدينة من نواحى السند بين الديبل والمنصوره على نصف الطريق ولعلها الى المنصوره اقرب بينها وبين الديبل اربع مراحل فى الاقاليم الثانى طولها من جهة المغرب اثنتان وتسعون درجة وعشرون دقيقة وعرضها ثلاث وعشرون درجه وثلاثون دقيه.

Vol. IX, p. 202.

[سيوستان] بالكسر ثم السكون وفتح الواو وسكون السين الثانيه وتاء مثناه من فوق واخره نون. كورة كبيرة من السند و اول الهند على نهر السند و مدينه كبيره لها دخل واسع و بلاد كثيره. وقرى.

Vol, IV, p. 4.

[الديبل] بفتح اوله وسكون ثانيه وباء موحده مضمومه ولام مدينة مشهوره على ساحل بحر الهند. والديبل الاقليم الثانى طولها من جهة المغرب اثنتان وتسعون درجة وعشرون دقيقه وعرضها من جهة الجنوب اربع و عشرون درجة وثلاثون دقيقه وهى فرضة و اليها تفضى مياه لهور و ملتان فتصب فى البحر الملح... وقد نسب اليها قوم من الرواة منهم ابو جعفر محمد ابن ابراهيم الديبلى جاور مكة روى عن ابى عبدالله سعيد بن عبدالرحمان المخزومى وحسين بن حسن المروزى وابنه ابراهيم بن محمد الديبلى يروى عن موسى بن هارون.

Diwan-e-Farruki Sistani.

۸۔ وزران حصار بمنصوره روى كرد براند.
بران ستاره كجا راند حيدر از خيبر
۹۔ خفيف راسپه وپيل ومال چندان بود
دوان گذشت و بجوى اندر او افتاد وبحر
۱۰۔ باب شور وبيابان پر گزند افتاد
بماندش خانه ويران زطارم وز طرد
۱۱۔ خفيخ راسپه وپيل ومال چندان بود.
كه بيش از ان بنود درهوا همانازر
۱۲۔ نداشت طاقت سلطان زپيش اوبگر يخت
چنان كه زوبگر يزند صد هزار دگر

Ain Akbari, Calcutta, a872.

p. 549

هر دريا كه بسند درآيد سنده نام گيرد ودر تته مهران گويند

p. 550

بهكر گزين دژيست و آنرا دركهن نامها منصوره نويسند. هرشش دريا يكتائى گزيده ازته او گزرد و حصه از جانب جنوب قلعه ويك بخش از شمال. باران كم شود و ميوه گزين. ميان سوي و بهكر بزرگ دشتى است. بهنگام تابستان سه ماه سموم وزد.

دریای سنـد در هر چند سال از جنوب بشمال گراید و آباذی دیهانیز از پی شتابد ازین رودخانه از چوب وخس سازند

p. 555.

## ”سر کارتتة“

نخست برهمن آبادی پای تخت بزرگ شهرے بود قلعه او هزار و چها رصد برج داشت ودوری میان هر دویک طناب وامروز از برج و باره او فراوان نشان پس الور امروز تته، ودیبل آنرا گویند. شمالی کوه چند شاخ شده یک تا قندهار کشیده است وذیگر ازدریای شور تا قصبه کوه بارو این را رام گر نامند. بسیوستان انجامد وانجارا لکی خوانند. زمستانش محتاج پپوستن نیسیت و تابستانش بجز سیوستان معتدل. گونا گون میوه شود خاصه انبه که بس خوب باشد. ودر صحرائی او خرد خربزه خود روبهم رسد. گل فراوان شود شتر بسیار وخوب برآید مدار بر کشتی وبسیار گونه شور و از خرد وبزرگ چهل هزار گورخر وخرگوش وکوته پاچه وخوک و ماهی شکار کنند.

واین ولایت غله بخش است. سیوم حصه از کشاورز برگیرند وکان نمک و آهن درو. شالی بسیار وگزین پدید آید و درشش کروهی تته کان سنگ زرد درازو کوتاه ببرند وبعمارات کار برند. مدار خورش بربر نج و ماهی است. قاق سازند و کشتیها برآمده به بنادر وديگر شهرها برده سود بر گیند. وازماهی روغن کشند وبکار کشتی آید قسمی است از ماهی که پلوه گویند، به نیکوئی و خوش مزگی کم همتا. از دریای شور بسند آید. جغرات گزبده شور تا چهار ماه بپاید.

نزدیک سیهوان بزرگ کولا بسیت درازا دوروزه راه. آنرا منچور گویند. برفرازا آب زمینها ساخته برخی ماهی گیران زندگی بسر برند.

☆

# عربي ۽ فارسي ڪتابن مان اقتباس

## [سنڌي ترجمو]

ڪتاب جمهره انساب العرب - دار المعارف - قاهره - 1948ع ص 109، 110

### الاسود بن مطلب جو اولاد :

هبار بن الاسود شاعر ۽ اصحابي هو. پر سندس پائر زمعه بن الاسود ۽ عقيل بن الاسود ڪافرن مان هئا ۽ بدر جي جنگ ۾ مارجي ويا. هبار بن الاسود جي اولاد مان عمر بن العزيز بن منذر بن زبير بن عبدالرحمان بن هبار بن الاسود، سنڌ جو حاڪم ٿيو. خليفي المتوڪل عباسي جي زماني ۾ جڏهن سنڌ ۾ فتنو پيدا ٿيو، تڏهن هي اتي جو گورنر هو. ان ڪان پوءِ سندس اولاد سنڌ تي حڪومت ڪندو رهيو. تان جو محمد بن سبڪتگين غزنوي جو زمانو آيو ۽ هُو خراسان ۽ ماوراءَ النهر جو مالڪ پڻ هو. عمر بن عبدالعزيز جو ڏاڏو منذر سفاح (خليفي) جي زماني ۾ سرڪيشيا ۾ هو ۽ اسماعيل بن هبار، مصعب بن عبدالرحمان بن عوف کي قتل ڪيو هو ۽ هبار پهرين نبي ﷺ جي خلاف هجو (گلا جا بيت) چوندو هو. ان وقت هو ڪافر هو، پر پوءِ اسلام آندائين ۽ ان ڪان پوءِ حضور ﷺ جن جي شان ۾ قصيدا ڳائيندو هو. هي اهو ساڳيو آهي، جنهن رسول الله ﷺ جي نياڻي زينب جي مڪي ڪان مدينہ ڏانهن هجرت ڪندي، ان جي پٺ ورتي هئي ۽ ان کي ڏک هڻي ڪيرايو، جنهن سبب ان جو حمل ساقط ٿي ويو. زمعة بن الاسود جو هڪ پٽ عبدالله بن زمعه رسول الله ﷺ جي اصحابن مان هو. پر سندس ٻيو پٽ حارث بن زمعه بدر جي جنگ ۾ پيءُ سان گڏ ڪفر جي حالت ۾ مارجي ويو ۽ يزيد بہ زمعه، طائف واري ڏينهن شهيد ٿيو. خدا مٿس رحم ڪري. عبدالله بن زمعه، زينب بنت ابي سلمه سان نڪاح ڪيو، جا ام المؤمنين ام سلمه مان هئي. انهن جو فرزند يزيد جي لشڪر هٿان حره جي ڏينهن قتل ٿيو.

كتاب العبر و ديوان المبتدا و الخبر في ايام العرب والعجم والبربر (1284هه) جلد 2، ص.327.

هبار بن الاسود بن مطلب بن اسد بن عبدالعزيٰ جي پوين مان عمر بن عبدالعزيز بن منذر بن زبير بن عبدالرحمان بن هبار بن الاسود سنڌ جو حاڪم ٿيو هو. ان وقت جڏهن خليفي المتوڪل جي زماني ۾ فتنو ٿيو. سندس اولاد سنڌ تي حڪومت ڪندو رهيو. پر محمود غزني، خراسان ۽ ماوراءَ النهر جي حاڪم انهن جي حڪومت ختم ڪئي ۽ پنهنجو راڄ قائم ڪيو. عمر جو ڏاڏو زبير، سفاح جي زماني ۾ قرقسيا ۾ هو. اسماعيل بن هبار، مصعب بن عبدالرحمان بن عوف ڪي نڳيءَ سان قتل ڪيو هو. هبار، رسول الله جي خلاف هجو (گلا) جا بيت چوندو هو. ڇاڪاڻ ته ان جا پ پائر بدر جي جنگ ۾ مارجي ويا هئا. پر پوءِ اسلام قبول ڪيائين ۽ نبيءَ سائينءَ لاءِ ساراهه جا قصيدا پڙهندو هو. عبدالله بن زمعه زينب بنت ابي سلمه سان شادي ڪئي هئي، جا ام المؤمنين ام سلمه جي ڌيءَ هئي. هن خاندان مان خديجه بنت خويلد بن اسد بن عبدالعزيٰ جا، جا رسول الله ﷺ جي زال هئي. پڻ زبير بن عوام بن خويلد بن اسد بن عبدالعزيٰ به هو، جو عشره مان هڪ هو (يعني ته اهي ڏهه ماڻهو، جن کي جنت جي بشارت ڏني ويئي هئي). زبير جا پٽ عبدالله ۽ مصعب ۽ حڪيم بن حزام بن خويلد، اسلام کان پوءِ سٺ سال جيئرا هئا.

كتاب عيون الاخبار، اسلامڪ ڪلچر جلد 23، حيدرآباد دڪن، ص.304.

ته امير المؤمنين المعزلدين الله (فاطمي) سلام الله عليه جي زماني ۾ سنڌ کي فتح ڪيو ويو. انهيءِ بيٽ م هڪ داعي هو. جنهن اتي جي ماڻهن سان ملي ڪيترن ئي ماڻهن کي جي دراصل مجوسي هئا، مسلمان بنايو ۽ انهن کان بيعت ورتي. پر هن دين اسلام جي ڪن اصولن ۾ ڦير ڦار ڪئي، جنهن سبب المعز لدين ان کي معزول ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته هُن خدا جي دين سان هٺ چراند ڪئي ۽ پنهنجي قول ۽ فعل سان نهي عن المنڪر ۽ امر باالمعروف عمل تي نه ڪيو. ان سبب الداعي حلم بن شيبان کي ان بيٽ ۾ موڪليو. جنهن وجي اسلام جي اصولن جو پرچار ڪيو ۽ دين تي صحيح طريقي هلڻ لاءِ ماڻهن کي تلقين ڪئي. ان کان پوءِ ملڪ (سنڌ) تي المعزلدين الله جو مڪمل قبضو ٿيو ۽ اهو امام عليه السلام (علي بن ابي طالب) جي ان پيشنگوئي

جي تصديق ٿئي ٿي، جڏهن هُن چيو هو تہ دنيا ۾ اهل بيت جو راڄ تڏهن مڪمل سمجهيو ويندو، جڏهن سنڌ مان جهنڊا نمودار ٿيندا.

ڪتاب الفهرست- مصر، 1348هه، ص435

طب جا هندي ڪتاب جيڪي عرب ۾ مشهور هئا.

ڪتاب سرد (سشرت) جا ڏهه مقالا يحييٰ بن خالد جي حڪم سان مٽڪه (ماٽڪ) هندي، بيمارستان ۾ ترجمو ڪيا. ڪتاب استنگر جو مڪمل ترجمو ابن ڏن (ڏنو) ڪيو. ڪتاب سيرڪ جو عبدالله بن علي فارسي مان عربي ۾ ترجمو ڪيو. اهو انهيءَ ڪري جو ان جو هندي مان فارسي ۾ اڳي ئي ترجمو ٿي چڪو هو. ڪتاب سند ستاق، جنهن کي نجح (بيماري مان نجات) بہ سڏيو ٿي ويو، ان جو ترجمو بيمارستان (اسپتال) ۾ ابن ڏن ڪيو. ڪتاب مختصر عقاقير جنهن ۾ هند جي حامله عورتن جو علاج آهي، ان ۾ سو بيمارين جي تشخيص ۽ انهن جي لاءِ مقرر ڪيل دوائن جو ذڪر آهي. ڪتاب روسا الهنديہ ۾ زالن جي بيمارين جو علاج، ڪتاب اسماءَ عقاقير الهند ۾ انهن عورتن جو علاج آهي، جيڪي ٻار ڄڻڻ جي لائق نہ آهن. اهو ڪتاب بہ ماٽڪ اسحاق بن سليمان لاءِ ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب توهم في الامراض، جنهن کي نوقشل هندي ترجمو ڪيو ۽ راي الهندي، جنهن ۾ هر زنده شيءِ جو ذڪر آهي. ص 438.

ڪتاب ڪليله و دمنه جو 17 بابن ۾ ورهايل آهي. ڪي چون ٿا تہ 18 باب آهن. عبدالله بن المقفع ان جو ترجمو ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو منظوم ترجمو ابان بن عبدالحميد بن لاحق عضير رقاشي ڪيو ۽ پڻ عون بن داؤد ان کي نظم ۾ ترجمو ڪيو ۽ بشر بن المعتمد بہ ان جو ترجمو ڪيو هو ۽ مون (مصنف) انهيءَ (ڪتاب) جا ڪئين نسخا ڏٺا، جن ۾ ڪيترائي باب ڏنل هئا ۽ اهي فارسي مان عربي مان نقل ڪيا ويا هئا. انهن مان ابن مقفع، سهل بن هارون ۽ ٻين ماڻهن جا نالا شامل آهن، جن هن ڪتاب تي عمل ڪيو. انهن ڪتابن مان ٻيا ڪتاب سندباد ڪبير، سند باد صغير، ڪتب البد، ڪتاب بوذاسف و بلوهر، ڪتاب بوذاسف و بلوهر، ڪتاب بوزاسف مفرد، ڪتاب ادب الهند ۽ چين، ڪتاب هابل في الحڪمه، ڪتاب الهند جنهن ۾ حضرت آدم جو نزول (بيان ڪيل آهي)، ڪتاب طرق، ڪتاب دبلڪ الهندي (مردن ۽

عورتن لاءِ)، ڪتاب حدود منطق الهند، ڪتاب ساد برم، ڪتاب ملڪ الهند القتال والسباح، ڪتاب شاناق (چاڻڪيہ) في التدبير، ڪتاب اطرفي الاشربہ، ڪتاب بيدپا (ويد وياس) في الحڪمہ وغيره جي سنڌ مان عرب دنيا ۾ پهتا.

اخبار العلماءَ جو انتخاب - مصر 1326 هه، ص174

ڪنڪہ (گنگارام) الهندي ڪيس ڪنڪہ بہ سڏيو ٿي ويو. ابو معشر پنهنجي ڪتاب الالوف ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ علم نجوم ۾ ڪنڪہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هندستان جي سڀني عالمن تي سندس علم مقدم هو. ڄاڪاڻ تہ هُن ڪي وقت ۾ خلاجو مڪمل علم هو. سندس ملڪ (يعني هند) ۾ ٻين ملڪن جي ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. سندس تصنيفون هي آهن: ڪتاب نمودار في الاعمار، ڪتاب اسرار الامواليد، ڪتاب قرانات الڪبير، ڪتاب قرآنات الصغير.

عيون الانباءَ في طبقاب الاطباءَ (جو انتخاب)، جلد 2، ڇاپو مصر، ص32، 33

ڪنڪہ (گنگا) ڄاڻو حڪيم هو، جنهن جو هند جي حڪيمن مٿان ڏاڪو هو. وڏو صاحب نظر عالم هو، جنهن کي طب جي اعليٰ ڄاڻ هئي. دوائن ٺاهڻ جو ماهر، ڇم موت جي علم ۾ لاثاني، جيڪي بہ دنيا ۾ موجود آهي، ان جو ڪيس علم هو. (يعني تہ ڪائنات جو علم) حسابن جو علم ماڻهن ڪانئس سکيو ۽ پڻ آسمانن جو علم ۽ تارن جي چرپر جي ڄاڻ. ابو معشر جعفر بن محمد بن عمر بلخي پنهنجي ڪتاب "الالوف" ۾ چوي ٿو تہ گنگا علم نجوم ۾ هندستان جي سڀني عالمن کان وڌيڪ ڄاڻو هو. وقت جو عالم هو. سندس تصنيفون ڪتاب نمودار في الاعمار، ڪتاب اسرار المواليد، ڪتاب قرانات الڪبير ۽ صغير، ڪتاب في الطب، ڪتاب التوهم، ڪتاب في احداث العالم والدور في القِران.

صنجهل (سنگهلال)

هندوستان جي عالمن مان هو. ڄاڻ جو صاحب خاص ڪري طب ۽ نجوم ۾. منجهل جا ڪتاب هي آهن: ڪتاب مواليد الڪبير. منجهل کان پوءِ هندوستان جي طبي عالمن جي جماعت آهي، جن ۾ باگهر، راجه، سڪہ،

ڏاهر، ازڪو، زنڪل (جنگل)، جبهر (جهبير) اندي، جاري ۽ ٻيا، انهن سڀني جا پنهنجا پنهنجا ڪتاب آهن، جي طب ۽ نجوم جي علم تي آهن. اهي سڀ عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن. اهي ڪتاب رازي (امام رازي) پاڻ ڏنا ۽ انهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ”الحاوي“ ۾ ڪيو آهي ۽ ٻيا ٻـ عـالمن جا ڪتاب آهن، جهڙوڪ ڪتاب شرڪ الهندي، جو عبدالله بن علي فارسي مان عربي ۾ نقل ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ان جو نوشيروان عادل جـي زماني ۾ هنديءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو اڳيئي موجود هو. ڪتاب سرد (سشرت) جو ڏهن بابن ۾ آهي ۽ ان جي بيمارين جون علامتون ۽ انهن مان هرهڪ جو عـلاج بيـان ڪيـل آهي، خالد بن يحيٰ برمڪي (عباسين جي وزير اعليٰ) جي حڪم تي ترجمو ڪيو ويو. ڪتاب ندان پڻ انهن ڪتابن مان آهي، جيڪي سنڌ مان گهرايا ويا هئا. انهيءَ ۾ چار سو چار دوائن ناهڻ جو طريقو لکيل آهي ۽ ڪتاب سنڌستان (سند هند) يعني تہ سڌانتـہ اهو بہ نقل ڪيو ويو. ڪتاب صورة النجح، ڪتاب تفسير اسماءَ العقاقير باسماءَ عشره، ڪتاب استانگر الجامع ڪتاب فـي علاجـات الحبالي الهند، ڪتاب مختصر في عقاقير الهند ۽ ڪتاب نوقشل، جنهن ۾ هڪ سو بيمارين جي دوائن جو ذڪر آهي. ڪتاب روسي الهنديہ، جنهن ۾ زالن جو علاج آهي، ڪتاب السڪر الهندي ۽ ڪتاب راي الهندي، جنهن ۾ هر ذي حيات جي جنس ۽ نالو ڏنو ويو آهي ۽ ڪتاب في التوهم في الامراض ۽ ٻيا جيڪي هندستان سان وابستہ آهن، عرب دنيا ۾ مشهور ٿيا.

شاناق (چانڪيہ) هندستان جي مشهور طبيبن مان هو. عـلاج جـو ماهر هو ۽ دوائن جي تجارت ۾ مشهور طب ۽ حڪمت ۾ ماهر ۽ علم نجـوم جو ڄاڻو هو. ڳالهائڻ جي فن ۾ اعليٰ، بادشاهن جي اڳيان ڪيس عزت هئي. شاناق جو پنهنجو چوڻ آهي تہ سندس ڪتاب جو نـالو مفتحل الجواهر آهـي، جنهن ۾ وقت جي ڦير گهير، زماني جي گردش، انسان تي ايندڙ بيماريون يا تڪليفون ۽ انهن کي ٽارڻ جا طريقا، بيمارين جو علاج ۽ علم جي ٻين شعبن تي بحث ڪيل آهي ۽ سندس ڪتاب ”ڪتاب السموم“ جنهن ۾ پنج مقالا آهن، منڪـہ (مـاڻڪ) هندي مـان فارسي ۾ ترجمو ڪيو ۽ پڻ ابي حاتم بلخي ان کي فارسي ۾ ترجمو ڪيو، يحيٰ بن خالد برمڪي لاءِ. مـامون (خليفي) جي حڪم تي عباسي بن سعيد جوهري هي ڪتاب ترجمو ڪيا.

ڪتاب البطيره، ڪتاب علم نجوم، ڪتاب منتحل الجواهر، جي اصل ۾ ابن قمانص هندي نالي عالم جا هئا.

جودر: هندوستان جي مشهور حڪيمن مان هڪ ۽ عالمن ۾ به سندس نالو هو. طب تي خاص مهارت حاصل هئس. سندس ڪتاب جو نالو ڪتاب المواليد هو. جنهن جو عربي ۾ ترجمو ڪيو ويو.

ماڻڪ: طب جو ماهر ۽ علاج جي مختلف طريقن کان واقف هو. فلسفي ۾ به مهارت رکندڙ هو. هندستان جي هڙن ئي علمن کان واقف هو. ساڳئي وقت هندستان جي مڙن ئي ٻولين ۾ ڄاڻ رکندو هو ۽ فارسي ٻولي جو به عالم هو. هُن شاناق (چانڪيه) هندي جو ڪتاب هندي ٻوليءَ مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو هو. هارون الرشيد جي زماني ۾ هندستان مان عراق ۾ آيو هو ۽ سندس دوا ڪئي هئائين ۽ پڻ اسحاق بن سليمان بن علي هاشميءَ جو هُن خليفن جي تاريخ ۽ برامڪه جو احوال به قلمبند ڪيو. علاج کان پوءِ ڪنهن به قسم جي علت نه رهي. ابو عمر الاعجمي جو قول آهي ته منڪه نه فقط حاذق حڪيم هو، پر فلسفي پڻ هو. سندس هٿ ۾ شفا هئي. خليفي هارون رشيد کي اهڙي روڳ اچي ورتو جو ان جو علاج نه ٿي سگهيو ۽ پوءِ منڪه (ماڻڪ) جو انهيءَ خاص ڪم لاءِ گهرايو ويو هو، تنهن جي علاج سان اها بيماري رفع ٿي ويئي، پوءِ کيس ڪافي مال ۽ دولت ڏنو ويو. وٽس دوائن جي هڪ وڏي فهرست هئي، جنهن ۾ مختلف بيمارين جو علاج مذڪور هو. مثلاً ڪلهو، ڇاتي، بواسير، بادي، وجع مفامل، اڪيون، پيٽ جو بيماريون، آنڊي، فالج مطلب ته سيني بيمارين جو بيان ۽ انهن لاءِ معقرر ڪيل دوائون ۽ شفا حاصل ڪرڻ جو طريقو.

تاريخ الخلفاءَ - السيوطي - لاهور 1892ع - ص254

ڪتاب ۾ مذڪور آهي ته شوال جي مهيني ۾ چند گرهڻ ٿي ۽ سڄي دنيا تي اونده ڇانئجي ويئي ۽ اها حالت صبح تائين رهي. گڏوگڏ آنڌي (ڪاري هوا) زور سان لڳي، جا ٽي راتيون مسلسل جاري رهي ۽ ان جي پٺيان زلزلو آيو، جنهن شهر کي تباه ڪري ڇڏيو. ڪريل جايل مان اٽڪل ڏيڍ لک لاشا هٿ آيا.

عجائب الهند بَـره و بحره - ليدن 1883ع - ص30

هندستان مان خبر ملي تہ چيو ابو محمد الحسن بن عمرو بن حمويہ بن حرام بن حمويہ الخيرمي، جيڪو بصره جو رهاڪو هو تہ مان 288 هہ ۾ منصوره ۾ هئس ۽ اتي جي ڪن مشائخن مون کي ٻڌايو تہ هڪ بادشاهہ، جنهن کي راءِ جو لقب ڏنل هو. هندستان جي وڏن حاڪمن مان شمار ڪيو تي ويو ۽ ان جو ملڪ قشميراعلي ۽ قشمير اسفل جي درميان هو ۽ ان جو نالو مهروڪ بن رائق هو. هُــن سن270 هہ ۾ منصوره جـي حـاڪم عبـدالله بـن عمـر بـن عبدالعزيز کي لکيو تہ ڏانهس اهڙو ماڻهو روانو ڪري، جو دين اسلام جي تعليم کان مڪمل طور واقف هجي ۽ اسلامي شريعت بابت کيس تشريح ڪري ٻڌائي. پوءِ عبدالله هُن ڏانهن عراق جو هڪ باشندو ڏياري موڪليو. جو هندي ٻولين کان پوري طرح واقف هو ۽ هُــو شاعر پڻ هو. پهرين هُــن انهيءَ راجا ڏانهن هڪ قصيدو لکيو، جنهن ۾ کيس جيڪي گهربل هو، ان جو مفصل بيان ڪيو ويو. جڏهن اهو ملڪ الراءِ کي پڙهي ٻڌايو ويو، تڏهن هُــن عبدالله کي لکيو تہ قصيده ڻاهڻ واري کي ڏانهس موڪليو. چاڪاڻ تہ اهو کيس تمام گهڻو وڻيو ۽ هُن ان جي ساراه ڪئي. پوءِ اهو عالم ٽي سال انهيءَ راجا وٽ رهيو ۽ اسلام جي تعليم يعني تہ قرآن جو ترجمو ڪري کيس ٻڌايو. چون ٿا تہ هُن اسلام قبول ڪيو، پر پنهنجي ارادي کي ماڻهن کان مخفي رکيو. قرآن جو تفسير ڪندي جڏهن هُن سورت يٰس کي مڪمل ڪيو، تڏهن ان جي هيءَ آيت جيئن ڪ الله عزوجل فرمايو: قال من يحيي العظام — خلق عظيم تي پهتو، تڏهن اهو راجا تخت تان لهي زمين تي ڪري پيو. ان وقت هو سون جي زيورن ۽ بادشاهي جوڙي ۾ هو، جنهن ۾ بي بها قيمتي هيرا ۽ پٿر لڳل هئا. زمين تي هڪ ڳل جي پاسي سجدي ۾ ڪري پيو ۽ آهہ زاري ڪري روئندو رهيو. اهڙي طرح جو سندس منهن مٽيءَ ۾ ملي ويو ۽ واڪو ڪري چيائين تہ واقعي اهوئي رب معبود آهي جو سڀ کان اول ۽ قديم آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهہ نہ آهي. پوءِ هُن هڪ ننڍو گهر تيار ڪرايو، جنهن ۾ ڪافرن کان لڪي الله جي عبادت ڪندو هو ۽ جنهن قرآن جو تفسير ڪري کيس ٻڌايو هو، ان کي هُن ٽي دفعا ڇهہ سو مڻ سون جا ڏنا.

صفحو 118: ۽ سرانديپ جا ماڻهو جيڪي مسلمانن سان محبت رکن ٿا ۽ انهن سان ميل جول رکڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نہ ٿا رکن، ڪين جڏهن خبر پيئي تہ نبي ﷺ خروج (فتح) ڪيو آهي تہ انهن پاڻ مان هڪ ماڻهو (مديني) موڪليو، تہ جيئن ڪانئس سندس حڪم احڪام (دين اسلام جي اصولن) جي باري ۾ معلوم ڪري. اهو ماڻهو جڏهن مديني پهتو تہ رسول الله ﷺ وفات ڪري چڪو هو ۽ ابوبڪر بہ فوت ٿي ويو هو. سندس جاءِ تي عمر بن الخطاب رضي الله عنه حاڪم هو. پوءِ هُو ان سان مليو ۽ ان کان رسول جي امر (حڪمن) جي باري ۾ دريافت ڪئي ۽ ڪيس اسلام جي تعليم کان واقف ڪيو. پوءِ اهو ماڻهو (وطن) واپس ويندي مڪران (ملڪ) ۾ گذاري ويو. پر ساڻس گڏ هڪ هندي غلام هو، جو سرانديپ وڃي پهتو ۽ هُن اتي جي ماڻهن کي دين اسلام جي اصولن کان واقف ڪيو ۽ ابوبڪر رضي الله عنه ۽ عمر بن الخطاب رضي الله عنه جي عادات ۽ اطوار بابت ٻڌايو ۽ ٻڌايو تہ عمر بن الخطاب هڪ سادو انسان هو، جو سادا چتي لڳل ڪپڙا پائيندو هو ۽ زمين تي وهندو هو.

۽ ٻڌايو ابوالحسنِ بن عمرو تہ هُن منصوره ۾ ڪشمير جا ماڻهو ڏٺا. انهن جي ملڪ ۽ منصوره جي وچ ۾ ستر ڏينهن جو سفر آهي ۽ اهي مهراڻ (ندي) جي رستي اتي پهچن ٿا، جا دجله ۽ فرات مثل آهي.

كامل في التاريخ - جلد ستون - ص 185.

سنة ثمانين و مائتين

شوال جو چنڊ نمودار ٿيو، اهل ديبل صبح هن طرح ڪيو جو دنيا اونداهي هئي. انهن تي لاڳيتو اونداهي رهي، جڏهن ٽيون حصو رات جو آيو تہ زلزلو آيو. شهر پڙيانگ ٿي ويو. انهن جا هڙئي گهر تباھ ٿي ويا. ڪي سؤ کن گهر باقي وڃي بچيا. ان کان پوءِ پنج ڀيرا انهن تي زلزلو آيو. ملبي هيٺان جيڪي نڪتا سي ڏيڍ لک هئا ۽ سڀ جو سڀ مئل هئا.

جلد نائون - ص 143.

منصوره جو قصد ڪيائين، ان جو صاحب اسلام کان مرتد ٿي چڪو هو. جڏهن ڪيس يمين الدولہ جي اچڻ جي خبر پهتي تہ منصوره ڇڏي نڪتو.

جنهن کان پوءِ يمين الدولہ متس ٻن هندن کان ڪاهہ ڪئي. ان ۽ سندس ساٿين جو گهيراءُ ڪيائين ۽ انهن مان اڪثر ماڻهن کي قتل ڪيائون. انهن مان گهڻا غرق ٿي ويا. ٿورن کن کان سواءِ ڪوبہ ڪانئن ڇڏائي نہ سگهيو. ان کان پوءِ ڀاٽيہ ڏانهن ويو، اتي جي رهاڪن سندس اطاعت قبول ڪئي، ۽ سندس مطيع ٿيا. ان بعد غزني ڏانهن ڪوچ ڪيائين، جتي ڏهين سفر سن 616هہ ڌاري پهتو.

Kitab al-Hind, Edited by E.Sachau, Ottoharassowitz. Leipzig, 1925, p.11

كتاب الهند

محمد بن قاسم بن منبهہ سجستان جي آسپاس کان سرزمين سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ برهمڻ آباد (بهمنوا) فتح ڪيائين ۽ ان جو نالو منصوره رکيائين ۽ ملتان شهر فتح ڪيائين ۽ ان جو نالو "معموره" رکيائين هند جي شهرن ۾ ڪنوج تائين وڃي پهتو.

ص 55.

مشهور بتن مان ملتان جو شمس نالي بت بہ هڪ آهي، جيڪو ان ڪري آدت سڏيو ويندو هو. ڪاٺيءَ جو ٺهيل هو. ڳاڙهي سختيان سان ڍڪيل هو. سندس اک ۾ ٻہ ياقوت هئا.

ص. 82.

مالوا جي حدن ۾ بہ هڪ "خط" (لکت) هوندي هئي جنهن کي ناگرلا سڏيو ويندو هو. صرف صورت ۾ ٻهرئين خط کان مختلف آهي. ان جي پيرويءَ ۾ هڪ خط آهي جيڪو ارد ناگري سڏيو ٿو وڃي يعني اڌ ناگر لاٹہ. ٻنهي جو امتزاج آهي. ڀاٽيہ ۽ ڪن سنڌ جي شهرن ۾ لکيو ويندو آهي، ان کان پوءِ ٻين خطن مان ڏکڻ سنڌ جي ملقشو يعني ساحل طرف ۾ ملقاري خط آهي ۽ سيندب (سنڌي) بهمنوا (برهمڻ آباد) ۾ آهي، اهو منصوره آهي.

تاريخ اليعقوبي، دارالعراق، بيروت - 1955ع، جلد: 1، ص ص. 95، 96، 98.

ملوڪ الهند - ص.95.

علم وارن چيو آهي تہ هند جو پهريون بادشاهہ جنهن تي سڀ متفق ٿيا سو برهمڻ آهي. پهريون بادشاهہ هو جنهن جي زماني ۾ پهرين شروعات (پهريون اپار) ٿيو. پهريون ماڻهو هو جنهن نجوم جي باري ۾ ڳالهايو ۽ نجوم جو علم حاصل ڪيائين ۽ پهريون ڪتاب، جنهن کي هند وارا "السند هند" سڏين ٿا، ان جو تفسير آهي. دهرالدهور ۽ ان مان ارجبهر ۽ مجسطي نالي اختصار لکيا ويا. وري ارجبهر مان ارڪنڊ اختصار ڪيو ويو ۽ مجسطي مان بطليموس جو ڪتاب اختصار ڪيو ويو. ان کان پوءِ ان مان مختصرات ۽ نقشا ناهيائون ۽ ان جهڙيون ٻيون شيون حساب وغيره جوڙيائون. نو حرف (انگ) هندي جوڙيائون. جن مان سڄو حساب ڪڍي سگهجي ٿو. جيڪو ڪنهن کي معلوم ئي نہ هو.

ص. 96.

ان جي سڃاڻ اجها هيءَ آهي (1، 2، 3، 4، 5، 6، 7، 8، 9.) پهريون انهن مان هڪ آهي، جيڪو ڏهہ، سؤ، هزار، سؤ هزار (لک)، هزار هزار، ڏهہ هزار هزار، سؤ هزار هزار تائين جي حساب ۾ ڪم اچي ٿو. ۽ ٻيو انهن مان ٻہ، ويهہ، ٻہ سؤ، ٻہ هزار، ويهہ هزار، سؤ هزار، ٻہ هزار هزار، اهڙي طريقي سان نون تائين حساب هلي ٿو. البتہ هڪ جو گهر ڏهن مان مشهور آهي. اهڙيءَ طرح ڏهن جو گهر سؤ مان مشهور آهي. ان طرح هر گهر ۽ جڏهن انهن مان ڪو گهر خالي ٿيندو تہ ان ۾ ٻڙي ناهي ويندي ۽ ٻڙي ننڍڙو دائرو آهي.

ص. 98.

هند وارن چيو آهي تہ الله عزوجل ستارن کي حمل جي پهرين گهڙيءَ ۾ پيدا ڪيو آهي، اهو دنيا جو پهريون ڏينهن آهي، ان کان پوءِ انهن کي ان جاءِ تان اڳ چنبي کان بہ اڳ ڦيرايائين ۽ هر ستاري لاءِ معلوم سير (گردش) مقرر ڪيائين تانتہ ان سڄي (گردش) کي سنڌ هنڌ جي ڏيهن جي تعداد ۾ ان هنڌ تائين پورو اچي ڪري جتي اهو پيدا ٿيو. ان ساڳي هيئت ۾ جنهن ۾ هو پهريائين هو. تنهن بعد الله تعاليٰ

جيڪو گهرندو فيصلو ڪندو. چيو اٿن تہ سنڌ هنڌ جا ٽوٽل دنيا جا ڏيهن. ان پهرئين ڏيهن کان جڏهن کان ستارن گردش شروع ڪئي، ويندي جڏهن سڀ حمل جي گهڙيءَ ۾ وچي گڏ ٿين. جيئن پيدائش جي ڏينهن هئا، هزار هزار هزار هزار ۽ پنج سؤ هزار هزار هزار ۽ ست سؤ هزار هزار هزار آهن.

۽ ست سؤ هزار هزار ۽ سورنهن هزار هزار ۽ چار سؤ پنجاهہ هزار ڏيهن ۽ اهي مهينا سٺ هزار هزار هزار ۽ اٺ سؤ هزار هزار ۽ چاليهہ هزار هزار تيندا ۽ چار هزار هزار هزار ۽ ٽي سؤ هزار هزار ۽ ويهہ هزار هزار سج جا سال تيندا ۽ سال ٽي سؤ پنجهٺ ڏينهن، چوٿائي ڏينهن، پنجن گهڙين ۽ گهڙيءَ جي چار سؤ پاڱن مان هڪ پاڱو ٿئي ٿو.

Kitab al-Dhakhair wa al-Tuhf, Kuwait, 1959, pp. 14, 15.

مدائنيءَ ذڪر ڪيو آهي تہ هند جي بادشاهہ، جنيد بن عبدالرحمان ڏانهن، سنڌ جي هشام بن عبدالملڪ جي ولايت هيٺ هئڻ وارن ڏينهن ۾، هڪ ڏاچي جواهرن سان جڙايل تحفي طور موڪلي. ان جي پٺ موتين سان ۽ اڳ ڳاڙهي ياقوت سان پريل هو. جيڪا چانديءَ جي گاڏي تي هئي. جڏهن ان کي زمين تي چڏيو تي ويو تہ گاڏو چري پيو ۽ ڏاچي هلي پئي. پوءِ ان کي جنيد هشام ڏانهن ڏياري موڪليو. ڪيس اهو ڏاڍو وڻيو. ان کان پوءِ جنهن ان کي آندو هو تنهن ان جي پٺ چوڙي تہ موتي چانديءَ جي دٻيءَ مان نڪري ٽڙي ويا ۽ ان جي ڪل کي ٽوڙيائين تہ ياقوت ائين وهڻ لڳو جيئن مکڙيون هجن. جنهن تي هشام ۽ سندس ساٿي ڏاڍو عجب ۾ پيا. پڇاڙيءَ تائين اهو تحفو بنو اميہ جي خزانن ۾ موجود رهيو ان کان پوءِ بنو عباس ڏانهن منتقل ٿي ويو.

ص. 15.

موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز هباري سنڌ جي صاحب معتمد علي الله ڏانهن 271هہ ۾ هديو موڪليو. جنهن ۾ هڪ غظيم الخلقت هاٿي، اٺ ۽ ٽي چانديءَ جا بت، مشڪ، عنبر، حرير ۽ هرٽي هئي جيڪا ڊگي جهڙي هئي ڪاري رنگ ڏانهن مائل هئي ۽ عود جي ڪٺ ۽ ان کان سواءِ ٻيون شيون بہ هيون.

ص. 166.

واقدي اخبار فتوح ۾ لکيو آهي تہ عبدالله بن سوار عبدي معاويہ بن ابوسفيان جو سنڌ مٿان گورنر مقرر هو. تنهن شهر قيقانہ تي چڙهائي ڪئي، جنهن مان ڪيس غنيمتون هٿ چڙهيون. قيقان جي بادشاهہ جزيو ادا ڪري ڪانئس امان حاصل ڪيو، ان ڏانهن تحفا تحائف ۽ شيون. جيڪي سنڌ ۾ هيون سي موڪليائين، اهڙيون جيڪي ڪنهن ڏنيون ئي ڪونہ هيون، هند ۾ موجود هيون ۽ آئينہ جو ٽڪرو اهل علم چون ٿا تہ الله عزوجل ان کي آدم تي نازل ڪيو. جيئن سندس اولاد وڏي ۾ زمين ۾ پکڙجي وجي، ان ۾ ڏسندو هو ۽ معلوم ڪندو هو تہ منجهائن ڪير ان حالت ڪان، خير ۽ شر ۾ اڳتي وڌندو، جنهن تي هو آهن. انهن کي عبدالله معاويہ ڏانهن موڪليو، جيڪي وٽس سندس زندگيءَ ۾ موجود هئا. ان کان پوءِ بنو اميہ جي بادشاهن ڏانهن ويا ۽ انهن وٽ بنو عباس جي ڏينهن تائين رهيا. انهن کي پنهنجي غنيمت ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

ڪتاب المسالڪ و الممالڪ - از: ابن خردازبہ، ليدن 1889ع، ص 55.

مڪران جي علائقي فهرج ڪان طبران تائين ڏهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ مامور جان شهر الخرون تائين چوڏنهن فرسخ آهن. تنهن ڪان پوءِ ڳوٺ يحي بن عمرو تائين ڏهہ فرسخ ان ڪان پوءِ هيستائين ڏهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ مدو تائين ڏهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ موسارة تائين نو فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ درڪ باموِيہ تائين نو فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ تجين تائين ڏهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ بلوچ مقاطعي تائين ويهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ جبل مالح تائين ڇهہ فرسخ. چئن ڪجين پويان نو فرسخ ان ڪان پوءِ قلمان تائين ڇهہ فرسخ آهن. ان ڪان پوءِ سران تائين چئن پويان. ان ڪان پوءِ قنزبور تائين ٽي فرسخ، ان ڪان پوءِ قندابيل جي رستي تي حبس تائين ويهہ فرسخ. ان ڪان پوءِ سليمان بن سميع جي ڳوٺ تائين اناويهہ فرسخ آهي. سليمان ڳوٺ ان جو ڳوٺ آهي. جيڪو خراسان ڪان آيو هو. سنڌ ۽ هند وچڻ تي گهريائين. ان ڪان پوءِ منصوره تائين اسي فرسخ آهن. مڪران ڪان منصوره تائين ٽي سؤ انونجاهہ فرسخ آهن ۽ رستو جتن جي شهرن ۾ آهي ۽ اهي رستي جا محافظ آهن.

ص. 56.

سجستان جي شهر نرنج کان ملتان تائين پن مهينن جو سفر آهي. ملتان جو نالو فرج بيت الذهب رکيو ويو. ان جو سبب اهو ٿيو تہ محمد بن يوسف حجاج جي ڀاءُ کي هڪ اهڙو گهر هٿ آيو جنهن ۾ چاليهہ بهار سون موجود هو. ۽ بهار ٽي سو ٽيٽيهہ مڻ ٿيندو آهي. جنهن ڪري ان جو، فرج بيت الذهب نالو رکيو ويو. ۽ فرج ڇٽبو الثغر کي ان طرح ان سون جو تورُ ٿيندو بہ هزار ٽي سؤ ستانوي هزار ۽ ڇهہ سؤ مثقال.

ص. 57.

سنڌ جا شهر قيقان، بنت، مڪران، ميد ۽ قنذار ابن مفرغ چيو آهي تہ قندابيل، قنزيبور، ارمابيل، قنبلي، ڪنبايا، سهبان، سد، سان، راسڪ، الرور، قصدار، بوقان، ساوندري، ملتان، سندان المندل، بيلمان، سرست، ڪيرج، مرمد، قالي دهبخ، ايروص. عمران بن موسيٰ برمڪي سنڌ کي هن ڳالهہ تي پريو جو ان مان مڪمل خرچ کان پوءِ هزار هزار درهم ڪڍندو. ان کان پوءِ ٿاره ڏانهن ويو. جنهن جو سفر ستن ڏيهن جو ٿيندو. اها فارس ۽ سنڌ وچ ۾ حد آهي ۽ ٿار کان ديبل تائين انن ڏينهن جو سفر آهي. ۽ ديبل کان مهراڻ درياءَ سنڌ جي سمنڊ ۾ چوڙ جي جاءِ تائين بہ فرسخ آهن.

كتاب اطهر البلاد - ويستنفلڊ، 50/1848ع، ص ص 62، 63، 83.

سنڌ: هند، ڪرمان ۽ سجستان جي وچ تي هڪ علائقي جو نالو آهي، چون ٿا تہ سنڌ ۽ هنڌ بہ ڀائر هئا توقير بن يقطن بن حام بن نوح جا پٽ هئا. ان ۾ سون جو گهر آهي. مسعر بن مهلهل چيو تہ آءٌ مشهور سون جي گهر ڏانهن ويس. چا ڏسان تہ بنهہ سحرا ۾ سون جو گهر آهي، ڇٽن فرسخن جو هو. جنهن ۾ ٿڌ نہ پوندي هئي. البتہ سندس آس پاس ٿڌ پوندي هئي. هن گهر ۾ ستارن جي جڙاوت ٿيل هئي. هن گهر جي مجوسي ۽ هندي وڏي تعظيم ڪندا هئا. هن صحراءَ کي "سحراءِ زردشت" جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، جيڪو مجوسين جو نبي هو. ان علائقي جا ماڻهو چوندا آهن تہ ان مان جڏهن ڪو ماڻهو

نڪرندو آهي تہ اهو انهن شهرن جي بادشاهي گهرندو، جيڪا مغلوب نہ ٿي سگهي ۽ جتي گهري اتي لشڪر ڊوڙائي سگهي. ڳالهہ ٿا ڪن تہ اسڪندر هيءُ ملڪ فتح ڪيو تہ هن گهر ۾ داخل ٿيو ۽ ڏاڍو معجب ٿيو. ارسطاطاليس ڏانهن لکيائين ۽ هن گهر جي قبي جي وصف ۾ تمام گهڻو وڌاءُ ڪيائين. ارسطوءَ ڪيس جواب ۾ لکيو مان ڏسان ٿو تون اهڙي قبي جي بابت تعجب ۾ پئجي ويو آهين جيڪو ماڻهن ناهيو آهي ۽ هن قبي تي تعجب نہ ٿو اچئي، جيڪو تنهنجي مٿان آهي جنهن کي ستارن ۽ ڏينهن رات جي انوارن سان سينگاريو ويو آهي. عثمان بن عفان، عبدالله بن عامر بن ڪريز کان سنڌ جي باري ۾ پڇيو: ان چيو: ان جو پاڻي ڪارو، ميوو ڦوڳ ۽ ڌاڙيل خطرناڪ آهن. لشڪر ٿورو هوندو تہ ضايع ٿي ويندو گهڻو هوندو تہ بک مرندو، جنهن ڪان پوءِ عثمان ان جي فتح جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ هڪ درياهہ آهي جيڪو دجلہ وانگر يا ان کان وڌيڪ ويڪرو آهي اوير ڪان وڏي اتر ڏانهن ٿي اولهہ طرف وهي ٿو ۽ سنڌ کان هيٺ بحر فارس ۾ وڃي ٿو ڇوڙ ڪري. اصطخري چيو آهي تہ مهراڻ درياهہ جبل جي پٺ مان ٿو نڪري.

ص 63.

مهراڻ جبل جي پٺ مان ٿو نڪري جنهن مان جيحون جون ڪي نهرون نڪرن ٿيون ۽ ان کان پوءِ ملتان جي علائقي وٽان مهراڻ ظاهر ٿئي ٿو. ان کان پوءِ منصوره کان ٿيندو ديبل جي اوڀرندي دريا ۾ پئي ٿو. اهو تمام وڏو دريا آهي، تمام مٺو. چون ٿا تہ ان ۾ نيل وانگر واڳون آهن. چون ٿا تہ درياهہ سنڌ جا واڳون ٿولهہ ۾ ننڍا آهن ۽ گهٽ نقصان وارا آهن. سنڌ جو درياءَ ائين ٿو وهي جيئن نيل، زمين جي سطح تي مٿي وهندي آهي. ان تي ائين پوک ڪئي ويندي آهي جيئن مصر جي سرزمين تي نيل تي پوک ڪئي ويندي آهي.

ص. 83.

منصوره: سنڌ جو مشهور شهر آهي گهڻي پلائي وارو آهي. ان کي منصور ابو جعفر ٻئي بني عباس جي خليفي تعمير ڪيو. ان ۾ والي (حڪمران) رهندا آهن. ان وٽان مهراڻ درياءَ جو وهڪرو آهي، جيڪو شهر کي گهيرو ڪيل آهي

۽ شهر جزيري وانگر آهي پر اهو سخت گرم آهي. (شهر ۾) منگهڻ جام آهن. ان ۾ به ميوا اهڙا آهن جيڪي ٻئي هنڌ ڪٿي به ناهن. هڪ ليمو جيڪو صوف جيڏو ٿئي ۽ ٻيو انب "آڙوءَ" جهڙو شهر وارا ان تي متفق آهن ته ڪابه شيءِ سنڌي ٻانهن کان خريد نه ڪندا. ان جو سبب اهو آهي ته آلِ مهلب جي ڪنهن رئيس هڪ سنڌي غلام پاليو. جڏهن اهو وڏو ٿيو ته هڪ ڏينهن ان کي پنهنجي زال سان ڏٺائين. جنهن ڪري ان جو مرداڻو عضوو ڪٽيائين ۽ وري ان جو علاج ڪرايائين. رئيس جا ٻه پٽ هئا. هڪ بالغ هو ۽ ٻيو ننڍڙو هو. غلام ٻنهي ڇوڪرن کي پڪڙيو ۽ ٻنهي کي گهر جي چوٽي تي ديوار تي وٺي ويو. ان کان پوءِ پنهنجي مالڪ کي چيائين جيڪڏهن تو پنهنجو مرداڻو عضوو نه ڪٽيو ته هنن ٻنهي کي هيٺ اڇلائيندس. جنهن تي رئيس کيس پنهنجي ۽ ٻارن جي لاءِ الله جا واسطا وڌا. کيس چيائين: منهنجي بدلي انهن کي نه وٺ! الله جو قسم اهي منهنجي جان آهن نيٺ رئيس مجبور ٿيو ڇري کڻي پنهنجو عضوو ڪٽيائين. جڏهن غلام اهو ڏٺو ته ٻنهي ڇوڪرن کي به ڌڪو ڏئي ڇڏيائين ۽ چيائين مون توسان اهو ڪيو جيڪو تو مون سان ڪيو. ٻن پٽن جو قتل ان کان واڌاري اٿئي. ان کان پوءِ غلام کي عذاب ڏئي ماريائون. شهر مان مڙني سنڌي غلامن کي ڪڍيو ويو. اهي شهرن ۾ (وڪري جون شيون کڻي) پيا هلندا هئا پر ڪو معمولي قيمت ۾ به خريداريءَ ۾ دلچسپي نه وٺندو هو. انهن وٽ مهراڻ نهر آهي، جنهن جي دجلا جيتري ويڪر آهي.

معجم البلدان، ڪيرو، 1904ع، جلد: ٽائون، ص 151.

"السند" سين جي زير نون جي جزم ۽ دال مهمله سان هڪ ملڪ آهي. جيڪو هند، ڪرمان ۽ سجستان جي وچ تي آهي. چون ٿا ته سنڌ ۽ هند ٻه ڀائر هئا توقير بن يقطان بن حام بن نوح جا پٽ هئا. سنڌ جي هڪ ماڻهوءَ کي سنڌي ۽ گهڻن کي "سُنُدُ" (عربي جمع) جيئن زنجي ۽ زُنُجُ چيو ويندو آهي. ڪن مڪران کي به ان جو حصو ڳڻيو آهي. چون ٿا ته هيءُ پنج ڪور آهن پهريون ڪرمان جي پاسي کان مڪران پوءِ طوران پوءِ سنڌ پوءِ هند پوءِ ملتان آهي. سنڌ جو هڪ شهر آهي جنهن کي منصوره چيو ويندو آهي. ديبل به ان جي شهرن مان هڪ شهر آهي اهو هندي سمنڊ تي ٻڌل آهي ۽ نتر به هڪ شهر آهي

جيڪو ساحل تي واقع آهي سنڌ حجاج بن يوسف جي زماني ۾ فتح ٿي اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري مذهب ابو حنيفہ جا پوئلڳ آهن. انهن وٽ هڪ فقيھہ آهي. ابو العباس ڪنيو اٿس. داودي مذهب جو آهي. پنهنجي مذهب بابت ان جون تصنيفون آهن. منصوره جو قاضي هو. ابو معشر نجيح السندي، مهدي جو غلام، معازي جو مصنف پڻ سنڌ جو هو. نافع ۽ تابعين جي هڪ جماعت کان ٻڌو هئائين. ابو نعيم چيو آهي تہ ابو معشر سنڌي هو ۽ ٿورو ٻاتو هو. چوندو هو مون کي حديث ٻڌائي "قعب" مطلب ڪعب هوندو هيس.

۽ فتح بن عبدالله سنڌي بہ ابو نصر فقيھہ متڪلم حسن بن حڪم جو غلام، جيڪو پوءِ آزاد ٿيو، ۽ ابو علي ثقفيءَ وٽ فقهہ ۽ علم ڪلام پڙهيو. عبدالله بن سويد چيو آهي تہ اهو رمعتہ جو سوٽ بني شقره بن الحارث بن تميم مان هو.

۽ سنڌ اندلس جي طلبيتره سرڪار جو پڻ هڪ علائقو آهي ۽ سنڌ اندلس جو قريش اقليم جو شهر پڻ آهي ۽ سنڌ خراسان جي شهرن جو هڪ ڳوٺ آهي. ابيورد جي ويجهو آهي.

جلد ستون: ص 177.

• "المنصوره" "نصر" جو "اسم مفعول" آهي، مختلف جڳهين تي آباد آهي. اهڙن ملڪن مان هڪ سنڌ جي سرزمين تي آباد منصوره بہ آهي، هيءُ ان جو ڳوٺ آهي، تمام وڏو شهر ۽ پلارو آهي. ان کي مهراڻ درياھہ بہ لڳي ٿو. همزه چيو آهي تہ برهمڻ آباد سنڌ جي شهرن مان هڪ شهر جو نالو آهي. ان جو هاڻي منصوره نالو رکيو اٿن. مسعوديءَ چيو آهي تہ منصوره کي منصوره جو نالو منصور بن جمهور بني اميہ جي هڪ گورنر جي نالي پنيان ڏنو ويو. اهو ٽئين اقليم مان آهي. ان جي ڊيگهہ اولهندي ڪان ٽيانوي درجا آهي ۽ ان جي اتر کان ويڪر ٻاويھہ درجا آهي. هشام چيو آهي تہ منصوره ان ڪري ان جو نالو رکيو ويو آهي جو منصور بن جمهور ڪلبي ان کي تعمير ڪيو هو. جنهن ڪري ان جي نالي سان سڏيو ويو. ان هارون جي مخالفت ۾ خروج ڪيو هو ۽ سنڌ ۾ رهي پيو هو. حسن بن احمد مهلبيءَ چيو آهي تہ ان جو منصوره نالو عمرو بن حفص هزار مرد مهلبي جي ڪري پيو. جنهن ان جي منصوره بني عباس جي

ڏينهن ۾ تعمير ڪئي هئي جنهن ڪري ان جي نالي سان ان کي سڏيو ويو. منصوره لاءِ مهران نهر مان خليج آهي، مهران ان جي چوڌاري وهي ٿو ۽ شهر ان جي وچ ۾ جهڙوڪ جزيرو آهي ان جي رهاڪن ۾ مروت، اصلاح، دينداري ۽ تجارت آهي، پاڻي انهن کي نهر مان ٿو ملي.

ص. 178.

ان کي مهراڻ چيو ويندو آهي. اها سخت گرم گهٽي ..... واري ان ۽ ديبل وچ ۾ ست مرحلا آهن. ان ۽ ملتان وچ ۾ ٻارنهن مرحلا آهن. ان ۽ طوران وچ ۾ پندرنهن مرحلا آهن. منصوره کان پهرين بدهه جي حد ٽائين پنج مرحلا آهن. ان جا رهاڪو مسلمان آهن. ۽ انهن جو بادشاهه قريشي هو. چون ٿا ته هباره بن اسد وارن مان هو. اُن ۽ سندس ڏاڏن ان تي غلبو حاصل ڪيو هو. وارث طور ان جا بادشاهه ٿيندا ٿا اچن. البته خطبو بني عباس جو پڙهندا آهن. انهن وٽ فروٽ ناهن نه انگور نه صوف. انهن وٽ هڪ ڪنڊ جي ڪاٺي آهي. انهن جو ميوو صوف جيترو آهي جنهن کي ليمو (نارنگي) چوندا آهن. انهن جو هڪ (ٻيو) ميوو آهي جيڪو (خوخ) جهڙو آهي. جنهن کي انب چوندا آهن. انهن وٽ درهم آهن جن کي قاهريات سڏيندا آهن ۽ ٻيا درهم اٿن جن کي طاطري سڏيندا آهن. درهم ۾ درهم ٽيون حصو هوندو آهي. هڪ منصوره اهو آهي جيڪو بطيحه ۾ آهي منهنجي خيال ۾ ان کي مهذب الدوله بهاءُ الدوله بن عضد الدوله جي ڏينهن ۽ قادر بالله جي ڏينهن ۾ تعمير ڪيو. هاڻي ويران ٿي چڪو آهي سندس نشان اجا باقي آهي.

جلد: اٺون، ص 356.

”نيزوز“ سنڌ جو شهر آهي ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آهي غالبن منصوره کي وڌيڪ ويجهو آهي، ان ۽ ديبل جي وچ ۾ چار منزلون آهن. ٻئي اقليم ۾ اولهه پاسي کان ان جي ڊيگهه ٻيانوي درجه ۽ ويهه دقيقه آهي ۽ ان جي ويڪر ٽيويهه درجا ۽ ٽيهه دقيقه آهي.

جلد: نائون، ص 202.

"سيوستان" سين کي زير، "ي" کي جزم، ۽ واو جي زير، ٻئي سين جي جزم ۽ تا ۽ الف سان ۽ آخر ۾ نون سنڌ جو وڏو شهر آهي، اندران به وسيع آهي ته (ٻاهر به) کوڙ شهر ۽ ڳوٺ لڳنس ٿا.

جلد: چوٿون، ص 4.

"ديبل" پهريون اکر زير سان ٻئي کي جزم باء موحده پيش سان ۽ لام سان مشهور شهر آهي. بحرهند جي ساحل تي آباد آهي ۽ ديبل اقليم ثاني ۾ آهي ان جي اولهه پاسي کان ڊيگهه 92 درجا ۽ ويهه دقيقه آهي ۽ اتر کان ان جي ويکر 24 درجه ۽ ٽيهه دقيقه آهي ان ڏانهن لاهور ۽ ملتان جو پاڻي وهي اچي ٿو ۽ وڃي کاري سمنڊ ۾ ٿو ڪري. راوين جي به هڪ جماعت ڏانهس منسوب آهي جن مان هڪ ابو جعفر محمد بن ابراهيم ديبلي آهي، جيڪو مڪي ۾ رهيو، ابو عبدالله سعيد بن عبدالرحمان مخزومي ۽ حسين بن حسن المروزي کان روايت ڪري ٿو ۽ ان جو پٽ ابراهيم بن محمد ديبلي، موسيٰ بن هارون کان روايت ڪري ٿو.

ديوان فرخي سيستاني

* منصوره جي ڪوٽ /قلعي ڏانهن رخ رکيائين ۽ نڪري پيو.
* جيئن حيدر (علي) خيبر تي چڙهيو
* خفيف (سومرن جو پهريون حاڪم) کي سپاهي، هاٿي ۽ مال کوڙهو پورج جو منهن ڪري وٺي پڳو.
* پنهنجو گهر ويران ڪري بيابان جو رخ رکيائين.
* خفيف وٽ سپاهي، هاٿي ۽ مال ايترو هو.
* جو ان کان اڳ ڪنهن وٽ به نه هو.
* بادشاهه کي طاقت نه هئي، ته ان جي آڏو اچي سگهي.
* جنهن ڪري بيا لک ماڻهو به پڇي نڪتا.

ڪتاب آئينه اڪبري، ڪلڪته، سن 1872ع، ص 549.

جيڪو دريا سنڌ مان لنگهي ٿو تنهن جو سنڌ نالو ٿا وٺن ۽ ٺٽي ۾ مهران چوندا آهن.

ص. 550.

بکر مشهور قلعه آهي، پراڻن ڪتابن ۾ ان جو نالو منصوره لکن ٿا. ڇهه ئي درياهه گڏجي ان جي هيٺان ٿا وهن. هڪ حصو (قلعي جي) اتر پاسي کان ۽ هڪ شاخ ڏکڻ طرف کان وهي ٿي. بارش گهٽ ٿئي ۽ ميوو پلو سيوي ۽ بکر جي وچ تي هڪ وڏو جهنگ آهي. گرميءَ جي موسم ۾ ٿي مهينا لُڪَ لڳندي آهي.

درياءَ سنڌ هر چند سالن کان پوءِ اتر کان ڏکڻ طرف وڌندو آهي ۽ ڳوٺن جون آباديون پوئتي ڌڪبيون ويندئون آهن ۽ ان ئي سببان (گهر) ڪانين ۽ ڪکن جا ناهيا ويندا آهن.

سرڪار ٺٽه - ص. 555.

پراڻي دور ۾ برهمڻ آباد گاديءَ جو هنڌ وڏو شهر هو. ان جو قلعو هڪ هزار چار سؤ برجن تي مشتمل هو. ٻن برجن وچ ۾ وٿي هڪ طناب هئي. اڃ به ان قلعي جي برجن جا نشان موجود آهن. ان کان پوءِ الور ۽ اڄ ڪلهه ٺٽو گاديءَ جو هنڌ آهي جنهن کي ديبل چوندا آهن. اتر پاسي واري ڪوهستان جون مختلف شاخون آهن. جن مان هڪ قنذار تائين ڦهليل آهي ۽ ٻي درياءَ شور کان ڪوهه بار ڳوٺ تائين، هن جو رامگر نالو رکن ٿا، سا وڃي سيوستان تي ختم ٿئي ٿي. اتي ان کي لکي چوندا آهن. سردي اهڙي ناهي جو گرم ڪپڙن جو استعمال ڪجي ۽ گرمي سيوستان کان سواءِ ٻين هنڌن تي وچٿري آهي. قسمين قسمين ميوا ٿين ٿا. خاص طور تي انب جيڪو بس واهه جو آهي. هتي جي سحراءِ ۾ هڪ ننڍڙو خربزو پاڻ مراڍو پيدا ٿيندو آهي. گل تمام گهڻا ٿين. اٺ گهڻا، سولا هٿ اچن. سفر جو دارومدار ٻيڙيءَ تي آهي ۽ ان جا ڪوڙ سارا قسم آهن. ننڍيون وڏيون چاليهه هزار ٻيڙيون آهن. جهنگلي گڏهه، سهي، سوئر، ميداني علائقي جي هڪ ننڍن پيرن واري جانور ۽ مڇي جو شڪار ڪيو ويندو آهي.

هن ولايت ۾ گاهه جام ٿئي. ٽيون حصو ورتو ويندو آهي. لوڻ ۽ لوهه جون کاڻيون به موجود آهن. چانور جام ۽ عمدا ٿين ٿا. ٺٽي کان ڇهن ڪوهن جي پنڌ تي ڦڪي پٿر جي کاڻ آهي، جنهن مان ننڍو وڏو پٿر عمارتن ۾ ڪم آندو ويندو آهي. غذا مڇي چانور آهن. ڦاق ناهن ٿا ۽ بندرگاهن ۽ ٻين شهرن ڏانهن

اماڻين تا ۽ منافعو ڪمائن تا. مڇيءَ مان تيل بہ ڪڍن تا. ٻيڙي جي ڪم آڻين تا، مڇيءَ جو هڪ قسم بہ ٿئي جنهن کي پلو چون. تمام پلو ۽ ذائقيدار ٿئي. درياءِ شور ڪان سنڌ ايندو آهي، هتي ڍهي تمام عمدي ناهي ويندي آهي جيڪا چئن مهينن تائين رهي سگهي ٿي.

سيوهڻ جي ويجهو هڪ وڏي ڍنڍ آهي ٻن ڏينهن جيتري پنڌ جي ڊگهي. جنهن کي منڇر چون. ان ۾ ٻيٽ نهيل آهن جتي مهيرا زندگي گذارين تا.

# سامي نسل جي قومن جو چارٽ

ايرندي واري ملڪن جا سامي:

| | قوم | حڪومت جو عرصو | تختگاهہ | ملڪ |
|---|---|---|---|---|
| .1 | اڪادي | 2850 -2600 ق.م | اڪاد | ڏکڻ عراق |
| .2 | بابلي | 2450-1925 ق.م | بابل | ڏکڻ عراق |
| .3 | اشوري | 1375-612 ق.م | اسور، ڪلاح ۽ آخر ۾ نينوي | اتر عراق |
| .4 | ڪلداني | 612-535 ق.م | بابل | ڏکڻ عراق |

اولهہ واري ملڪن جا سامي:

| | قوم | حڪومت جو عرصو | تختگاهہ | ملڪ |
|---|---|---|---|---|
| .1 | ڪنعاني | 2500 - 1500 ق.م شهري حڪومتون | شام جو سامونڊي - ڪنارو | |
| .2 | ارامي | 1500-500 ق.م | دمشق | شام |
| .3 | عبراني (يهودي) | 1900-587 ق.م | جيروسلم | فلسطين |
| .4 | هائيڪسوس | 1800 - 1650 ق.م | اوريس | مصر |
| .5 | عرب | قديم زماني کان اچ تائين حڪومت جو دور 622 - 1517ع | پهرين دمشق پوءِ بغداد ۽ آخر ۾ قاهره | اسلامي دنيا |

# منصوره جي عرب حاڪمن جو شجرو

(هبار بن الاسود جو خاندان)



# سنڌ جي عرب گورنرن جي فهرست

بنو اميہ گورنر 93 ھ کان 132 ھ تائين (712ع کان 750ع)

| | | |
|---|---|---|
| (1) | محمد بن قاسم الثقفي | 93ھ - 712ع |
| (2) | يزيد بن ابي ڪبشه السڪسڪي | 96ھ - 714ع |
| (3) | حبيب بن مهلب بن ابي صفره | 96ھ - 714ع |
| (4) | عمرو بن مسلم الباهلي | 99ھ - 718ع |
| (5) | جنيد بن عبدالرحمان المري | 105ھ- 724ع |
| (6) | تميم بن زيد العتبي | 111ھ - 730ع |
| (7) | حڪم بن عوانه الڪلبي | 115ھ - 735ع |
| (8) | عمرو بن محمد بن قاسم الثقفي | 120ھ - 740ع |
| (9) | يزيد بن عرار | 125ھ - 743ع |
| (10) | منصور بن جمهور الڪلبي | 127ھ - 745ع |

عباسي گورنر 132 ھ کان 240 ھ تائين (750ع کان 855ع)

| | | |
|---|---|---|
| (11) | مغلس العبدي ابن ساره | 132 ھ - 750ع |
| (12) | موسيٰ بن ڪعب التميمي | 134ھ - 754ع |
| (13) | عيينه بن موسيٰ التميمي | 142ھ - 761ع |
| (14) | عمرو بن حفص الهزار مرد المهلبي | 151ھ - 770ع |
| (15) | معبد بن خليل التميمي | 157ھ - 777ع |
| (16) | روح بن حاتم المهلبي | 159ھ - 779ع |
| (17) | بسطام بن عمر | 160ھ - 779ع |
| (18) | نصر بن محمد بن اشعث الخزاعي | 161ھ - 780ع |
| (19) | محمد بن سليمان الهاشمي پنهنجي عيوضي عبدالمالڪ بن شهاب المسمعي جي وسيلي | 161ھ - 781ع |

| | | |
|---|---|---|
| (20) | زبير بن عباس هاشمي | |
| (21) | مصباح بن عمرو التغلبي | |
| (22) | ليث بن طريف | 164هه - 784ع |
| (23) | سليم يونسي | 170هه - 790ع |
| (24) | اسحاق بن سليمان بن علي الهاشمي | 174هه - 794ع |
| (25) | يوسف بن اسحاق الهاشمي | |
| (26) | طريف بن عبدالله | |
| (27) | جابر بن الاشعث الطائي | |
| (28) | سعيد بن سليم ابن قتيبه | |
| (29) | عيسيٰ بن جعفر بن منصور عباسي | |
| (30) | محمد بن عادي الثعلبي | |
| (31) | عبدالرحمان ابن .... | |
| (32) | ايوب بن جعفر بن سليمان | |
| (33) | دائود بن يزيد بن حاتم المهلبي | 184هه - 800ع |
| (34) | بشر بن دائود المهلبي | |
| (35) | غسان بن عباد المهلبي | 203 هه - 819ع |
| (36) | موسيٰ بن يحييٰ البرمڪي | |
| (37) | عمران بن موسيٰ البرمڪي | |
| (38) | احمد بن سعيد بن سلم بن قتيبة الباهلي | |
| (39) | عنبسه بن اسحاق الذبي | 227هه- 843ع |
| (40) | يعقوب بن ليث السفاري | 225هه - 851ع |
| (41) | هارون بن ابي خالد | |
| (42) | عمر بن عبدالعزيز الهباري | 240هه - 855ع |

# منصوره جي هباري حاڪمن جي فهرست

(1) عمر بن عبدالعزيز الهباري (هباري خاندان جو باني) 240هه - 855ع

(2) عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز 270هه - 884ع

(3) موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز 290هه - 903ع

(4) عمر بن عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز 300هه - 913ع

(5) محمد بن عمر بن عبدالله 299هه - 912ع

(6) احمد بن عمر ......

(7) خفيف سومرو، جنهن کي محمود غزنوي 416هه /1026ع ۾ شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڪيو. ان ڪري هباري خاندان جي حڪومت پنجين صدي هجري جي شروعات ۾ ختم ٿيل سمجهڻ گهرجي.

# ببليو گرافي

## عربي كتاب


(1) عجائب الهند: عجائب الهند بره و بحره. بزرگ بن شهريار (قاهره 1319هـ 1902ع).

(2) آثار البلاد: آثار البلاد و اخبار العباد. ذكريا بن محمد قزويني (وسطنفلد 1848ع).

(3) احسن التقاسيم: احسن التقاسيم في معرفت الاقاليم. بشاري مقدسي (برل - ليدن 1906ع).

(4) آثار الباقيه: آثار الباقيہ عن قرون الغاليه. ابو ريحان البيروني (ليپزنگ 1925ع).

(5) اخبار الطوال: اخبار الطوال. ابو حنيفه احمد بن دائود الدينيوري (ليدن 1912ع).

(6) اعلاق النفيسه: ابو علي احمد بن عمر ابن رسته (ليدن 1891ع).

(7) عجائب الاسفار: تحفة النظار في غرائب الامصار و عجائب الاسفار. ابن بطوطه (قاهره 1938ع).

(8) عجائب البلدان: مصعر بن مهلهل الخزرجي (قاهره 1956ع).

(9) اخبار العلماءِ باخبار الحكماءِ: جمال الدين ابوالحسن بن قاضي الاشرف اليوسف القفطي (قاهره 1908ع).

(10) فتوح البلدان: احمد بن يحييٰ بن جابر البلاذري البغدادي (قاهره 1902ع)

(11) الفهرست: محمد بن اسحاق ابن نديم (قاهره 1968ع).

(12) كتاب الهند: ابو ريحان محمد بن احمد البيروني (ليپزگ 1925ع).

(13) كامل في التاريخ: ابوالحسن علي بن عبدالكريم محمد بن الاثير (قاهره 1884ع).

(14) ڪتاب العبر وديوان المبتدا والخبر في ايام العرب والعجم والبربر، ابن خلدون (قاهره 1954ع).
(15) ڪتاب البيان والتبيين: عمرو بن جاحظ ابن بحر البصري (قاهره 1894ع).
(16) ڪتاب الانساب: علامه ابو سعيد عبدالڪريم بن محمد السمعاني (فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سنڌ يونيورسٽي لئبرري).
(17) خريدة العجائب و فريد الغرائب: علامه سراج الدين ابن الوردي القرشي (قاهره 1885ع).
(18) ڪتاب الورقه: ابو عبدالله محمد بن دائود ابن جراح (قاهره 1948ع).
(19) ڪتاب الانساب: شيخ امام الحافظ ابي فضل محمد بن طاهر المقدسي (قاهره 1938ع).
(20) لسان الميزان: شهاب الدين ابي الفضل احمد بن حجر العسقلاني (حيدرآباد دکن 1908ع).
(21) تاريخ بغداد: حافظ ابي بکر احمد بن علي الخطيب البغدادي (قاهره 1930ع).
(22) مروج الذهب و معادن الجواهر: ابوالحسن علي المسعودي (بغداد 1855ع).
(23) معجم البلدان: شهاب الدين ابي عبدالله ياقوت الحموي (قاهره 1906ع).
(24) المسالڪ والممالڪ: ابو اسحاق ابراهيم بن محمد الفارسي الاصطخري (برل - ليدن 1923ع).
(25) المختصر في اخبار البشر: امام الدعا اسماعيل ابوالغدا (قاهره 1907ع).
(26) سلسله التاريخ: ابو زيد سيرافي (پارس 1811ع).
(27) صورة الارض: ابوالقاسم محمد بن حوقل النصيبي (برل - ليدن 1938ع).

(28) سيرة النبويه: ابو محمد عبدالملڪ ابن هشام (قاهره 1936ع).
(29) المسالڪ والممالڪ: ابوالقاسم عبدالله ابن عبدالله ابن خردازبه البغدادي (ليدن 1889ع).
(30) تاريخ الخلفاءِ: شيخ جلال الدين السيوطي (دهلي 1892ع).
(31) تهذيب التهذيب: شهاب الدين ابي الفضل احمد بن الحجر عسقلاني (حيدرآباد دکن 1889ع).
(32) تذڪرة الحفاظ: حافظ شمس الدين ابن ابي عبدالله الذهبي (حيدرآباد دکن 1963ع).
(33) طبقات الامر: قاضي ابوالقاسم سعيد بن احمد الاندلوسي (بيروت 1915ع).
(34) تاريخ طبري: اخبار الرسل والملوڪ - ابو جعفر محمد بن جرير الطبري (ليدن - 1881ع).
(35) تاريخ يعقوبي: احمد بن ابي يعقوب بن جعفر اليعقوبي (دار العراق بيروت 1956ع).
(36) تاريخ يميني: ابو نصر محمد بن محمد الجبار العتبي (لاهور 1883ع).
(37) طبقات الڪبري: محمد بن سعيد الواقدي (ليدن 1904ع).
(38) طبقات الشعراءِ: محمد بن سعيد الواقدي (ليدن 1904ع).
(39) عيون الانباءَ في طبقات الاطباءَ: ابن ابي اصيبيه (قاهره 1883ع).
(40) وصف الهند وما يجاورها من ڪتاب نزهة المشتاق في اختراق الافاق: ابو عبدالله محمد بن محمد الادريسي (عليگڙهہ 1954ع).
(41) وفيات الاعيان: قاضي احمد ابن خلڪان (قاهره 1893ع).
(42) ڪتاب الورقه: ابي عبدالله محمد بن دائود ابن الجراح (قاهره 1948ع).
(43) جمهره انساب العرب: ابو محمد علي بن سعيد بن حزم (قاهره 1948ع).
(44) ڪتاب الاغاني: الامام ابي الفرج الاصفهاني (قاهره 1888ع).
(45) ڪتاب الذخائر و التحف: قاضي رشيد بن زحير (ڪويت 1959ع).

(46) ڪتاب الاعلام بيت الله الحرام: امام العالم قطب الدين حنفي (بيروت 1912ع).
(47) معجم المصنفين: رئيس العلماءِ محمد صالح الشاذلي (بيروت 1912ع).
(48) مسالڪ الابصار في ممالڪ الامصار: ابن فضائل الله العمري (قاهره 1924ع).
(49) نزهة الخواطر وبهجة المساميح والانواظر: علامه عبدالحي الحسني (حيدرآباد دکن 1931ع).
(50) الشعر والشعراءِ: ابو محمد عبدالله بن مسلم ابن قتيبه (قاهره 1945ع).
(51) الاڪليل من اخبار اليمن وانصاب الحمير: ابو محمد حسن بن احمد الحمداني (1950ع).

## فارسي ڪتاب

(1) آئين اڪبري: ابو الفضل ناگوري (ڪلڪته 1878ع).
(2) چچ نامه: علي بن حامد ڪوفي (دهلي 1939ع).
(3) ديوان فرخي: حڪيم فرخي سيستاني (تهران 1894ع).
(4) منتخب التاريخ: عبدالقادر بن ملوک شاه بدايوني (ڪلڪته 1868ع).
(5) تحفة الڪرام: مير علي شير قانع ٺٽوي (دهلي 1940ع).
(6) تاريخ بيهقي: خواجه ابوالفضل محمد بن حسين بيهقي (تهران 1906ع).
(7) تاريخ فرشته: ملا محمد قاسم هندو شاه استر آبادي (نولڪشور).
(8) طبقات ناصري: ابو عمر منهاج الدين بن سراج الدين الجوزجاني (ڪلڪته 1864ع).
(9) طبقات اڪبري: مولانا نظام الدين احمد بن محمد (نولڪشور).
(10) تاريخ معصومي: سيد محمد معصوم بکري (بمبئي 1938ع).
(11) زين الاخبار: ابو سعيد عبدالحي بن زهاڪ بن محمود گرديزي (قاهره 1909ع).

# انگريزي ڪتاب

## گزيٽيئر:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سنڌ گزيٽيئر | اي. ايچ. ايٽڪن | ڪراچي 1907ع |
| (2) | سنڌ گزيٽيئر | اي. ڊبليو. هيوز | ڪراچي 1876ع |
| (3) | سنڌ گزيٽيئر | جي. ڊبليو. سمٿ | بمبئي 1919ع |
| (4) | امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا | جلد 22 | آڪسفورڊ 1908ع |
| (5) | امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا | بامبي پريزيڊنسي جلد 1 | ڪلڪتو 1909ع |

## تحقيقاتي جرنل

| | | | |
|---|---|---|---|
| (6) | انڊين اينٽيڪئري | جلد 11 | بمبئي 1882ع |
| (7) | اسلامڪ ڪلچر | جلد 1- 4، 7، 8، 9، 17، 19- 23، 26 ۽ 27 | حيدرآباد دکن |
| (8) | جرنل آف رائل ايشياٽڪ | پراڻا جلد: 1، 5، 9، 13، 20. نوان جلد: 7، 10، 16 | |
| (9) | جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل | لاڳاپو رڪنڊز جلد | سنڌالاجي |
| (10) | العروه | انڊو - عرب ڪلچرل ائسوسئيشن | بمبئي |

## انسائيڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنريون


| | | | |
|---|---|---|---|
| (11) | انسائيڪلوپيڊيا آف برٽانيڪا | والٽ يست ايڊيشن | لنڊن 1951ع |
| (12) | انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام | هائوسما ۽ ٻيا | لنڊن 1918ع |
| (13) | شارٽر انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام | گب ۽ ڪريملو | ليڊن 1953ع |
| (14) | انسائيڪلوپيڊيا آف ايٿڪس اينڊ رليجن | جيمس هيسٽنگس | ايڊنبرگ 1953ع |
| (15) | فرهنگ انندراج | منشي محمد بخش | نولڪشور- لکنو 1892ع |


## ٻيا ڪتاب:


| | | | |
|---|---|---|---|
| (16) | اَئنٽيڪئٽيز آف سنڌ | هينري ڪزنس | ڪلڪتو 1929ع |
| (17) | آرين رول ان انڊيا | اي. بي. هويل | لنڊن 1918ع |
| (18) | اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ | ايڇ. آر. هال | لنڊن 1932ع |
| (19) | اينشنٽ انڊيا | ميڪرنڊل | ويسٽمنسٽر 1901ع |
| (20) | اينشنٽ انڊيا | پال اورسيل | لنڊن 1951ع |
| (21) | البيرونيز انڊيا | ايڊورڊ زخاؤ | لنڊن 1914ع |
| (22) | ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا | سر رچرڊ برنس | لنڊن 1957ع |
| (23) | ڪريسنٽ ان انڊيا | ايس. آر. شرما | بمبئي 1937ع |
| (24) | ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ | ڪرنل ايسٽ وڪ | لنڊن 1841ع |
| (25) | ارلي عرب جاگرافرز | ايليٽ اينڊ ڊائوسن | ڪلڪتو 1956ع |
| (26) | ارلي هسٽري آف انڊيا | ونسينٽ سمٿ | آڪسفورڊ 1914ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (27) | گريڪس ان بيڪٽريا اينڊ انڊيا | ڊبليو ڊبليو ٽارن | ڪيمبرج 1953ع |
| (28) | هسٽورينس آف سنڌ | ايليٽ اينڊ ڊائوسن جلد 2 | ڪلڪتو 1956ع |
| (29) | هسٽر آف انڊيا ايز ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽورينس | ايليٽ اينڊ ڊائوسن | لنڊن 1867ع |
| (30) | هسٽري آف انڊيا | مائونٽ اسٽوئرٽ ايلفنسٽن | لنڊن 1916ع |
| (31) | هسٽري آف عربس | فلپ هٽي | لنڊن 1953ع |
| (32) | هسٽري آف سيريا | فلپ هٽي | لنڊن 1957ع |
| (33) | هيونتسيانگ | سموئيل بيل | لنڊن 1914ع |
| (34) | هسٽري آف پريشيا | سرسي سائيڪس | لنڊن 1951ع |
| (35) | انڊس سولائيزيشن | مارٽيمر وهيلر | ڪيمبرج 1953ع |
| (36) | انفلوئنس آف اسلام آن انڊين ڪلچر | تاراچند | الهه آباد 1951ع |
| (37) | انڊس ڊيلٽا ڪنٽري | ايم. آر. هيگ | لنڊن 1894ع |
| (38) | ليگيسي آف انڊيا | جي. ٽي. گئريٽ | آڪسفورڊ 1934ع |
| (39) | ليندس آف ايسٽرن ڪئليفيٽ | جي لي. اسرينج | ڪئمبرج 1930ع |
| (40) | موورس ان اسپين | اسٽينلي لين پول | لنڊن 1890ع |
| (41) | ميمائرس آف آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا | اين. سي. مجمدار | دهلي 1934ع |
| (42) | محمود آف غزنه | محمد ناظم | ڪئمبرج 1931ع |
| (43) | مڊيول انڊيا | ايشوري پرساد | الهه آباد 1940ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (44) | مسلم رول ان انڊيا | ايشوري پرساد | الهه آباد 1939ع |
| (45) | مهران اينڊ اٽس ٽريبوٽريز | ايچ. جي. راورٽي | ڪراچي 1892ع |
| (46) | پاٽنجرس ٽريولس | هينري پاٽنجر | ڪراچي 1876ع |
| (47) | سنڌ ريوزيٽيڊ | رچرڊ برٽن | لنڊن 1877ع |
| (48) | شارٽ هسٽري آف ساراسنس | امير علي | لنڊن 1949ع |
| (49) | سنڌ اينڊ لئنڊ آف فائيوررس | ڊيوڊراس | لنڊن 1883ع |
| (50) | اسٽڊيران انڊو مسلم هسٽري | هوڙيوالا | ڪلڪتو |
| (51) | ٽريولز ان بخارا | اليگزينڊر برنس | لنڊن 1877ع |
| (52) | تاريخ سنڌ | ميرزا قليچ بيگ | ڪراچي 1887ع |
| (53) | ونڊر ديٽ واز انڊيا | اي. ايل. پاشم | لنڊن 1954ع |
| (54) | اسڪيچز فرام ايسٽرن هسٽري | ٿيوڊور نولڊيڪي | لنڊن 1892ع |
| (55) | اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا | اليگزينڊر ڪننگهام | 1871ع |
| (56) | لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد 8 ۽ 9 | گريئرسن | ڪلڪتو 1919ع |
| (57) | سنڌي گرامر | ارنيسٽ ٽرمپ | ليپزنگ 1872 |
| (58) | سنڌي گرامر | ڪرنل اسٽئڪ | بمبئي 1854ع |

## اردو ڪتاب:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | عرب و هند کي تعلقات | سليمان ندوي | الهه آباد 1930ع |
| (2) | وچئين دور ۾ هندوستاني تهذيب | گوري شنڪر اوجها | الهه آباد 1931ع |

(3) تاريخ سنڌ ابو ظفر ندوي اعظم ڳڙهـ 1947ع

(4) تمدن هند بلگرامي آگره 1913ع

## سنڌي ڪتاب:

(1) چچ نامو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد حيدرآباد 1954ع

(2) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ڀيرومل آڏواڻي ڪراچي 1941ع

# نقشاء پٹی ءِ لکت




محترم ايم. ايڇ. پنهور جي تورن سان




محترم ايم. ايچ. پنهور جي ٿورن سان

## سنڌي انگن جي پٽي

(سنڌي انگن جو عربي ۽ انگريزي تي اثر)




محترم ايم. ايڇ. پنھور جي ٿورن سان

## عربي خطاطي



عرب دؤر جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ٿيل ڪوفي گلزاري رسم الخط جو نمونو
محترم محمد عبدالغفور جي ٿورن سان

# ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ

(شخصيت ۽ علمي خدمتون)

غلام محمد لاکو

# ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ ۽ عرب دور

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ ستين جولاءِ 1927ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو عبدالرحمان هو، جو سال 1901ع ۾ قنڌار ۾ ڄائو هو. سدوزئي قبيلي سان تعلق رکندڙ عبدالرحمان، بعد ۾ حيدرآباد لڏي آيو ۽ هتي جو مستقل شهري ٿي ويو. ممتاز حسين سال 1944ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جو ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. سال 1951ع ۾ بي. اي، سال 1953ع ۾ ايل. ايل. بي ۽ سال 1954ع ۾ ايم. اي، اسلامي تاريخ ۾ ڪري ورتائين. اٿ سال پوءِ سال 1962ع ۾ پي. ايچ. ڊي، پڻ ڪري ورتائين. ميٽرڪ کان سواءِ ٻيا سڀ امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. هتي هي ٻـ ياد رکڻ گهرجي تـ ممتاز حسين پٺاڻ پهريون اسڪالر آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ (پي. ايچ. ڊي) جي سَندَ حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر ممتاز حسين ننڍي هوندي يتيم ٿي ويو. ان ڪري ميٽرڪ کان پوءِ هن کي گذر سفر لاءِ ملازمت ڪرڻي پئي. ان سان گڏ پنهنجي تعليم بـ جاري رکيائين. بعد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري، روينيو کاتي ۾ مختيارڪار بنجي ويو. سال 1954ع ۾ ايم. اي (اسلامي تاريخ) پاس ڪيائين، جنهن ۾ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ ٻيو نمبر آيو. تڏهن علامہ آءِ. آءِ. قاضي وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي صاحب جي مشوري سان، روينيو کاتي جي ملازمت ترڪ ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبي اسلامي تاريخ ۾ استاد بنيو. بعد ۾ ترقي ڪري شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. سال 1963ع ۾ هن کي يونيورسٽي ڇڏڻي پئي. بعد ۾ ٻہ سال ڪن اسلاميہ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ بہ تاريخ جو پروفيسر رهيو. ان کان پوءِ جڏهن پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ٿي آيو، تڏهن ڊاڪٽر ممتاز جي علمي ۽ ادبي ذهانت جو قدر ڪندي، کيس انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ مناسب عهدي تي رکيائين. پر ٿوري وقت

ڪان پوءِ پاڻ هميشه لاءِ ملازمت کي خيرباد چيائين. ان ڪان پوءِ وڪالت جي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. سنڌ جي هن نامياري اسڪالر ڇاهٺ سالن جي ڄمار ۾، 14 سيپٽمبر 1993ع تي وفات ڪئي. کيس حيدرآباد جي شاهه مُڪي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ سنڌ جي چند ذهين انسانن مان هڪ هو. هن کي سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي، عربي، بلوچي ۽ پشتو ٻولين تي وڏي دسترس حاصل هئي. سنڌ جي هن نامور اسڪالر: اردو، سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾، علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تاريخي مضمونن ۽ مقالن جو وڏو تعداد ڇڏيو آهي. حيدرآباد دکن جي مشهور انگريزي رسالي "اسلامڪ ڪلچر" ۾ ٻارهن مقالا، سنڌ يونيورسٽي "ريسرچ جرنل" ۾ ٻه مقالا، سه ماهي "مهراڻ" ۾ چار مقالا، اردو رسالي "نئي قدرين" ۾ ٽي مقالا، ۽ ماهنامه "نئين زندگي" ۾ سنڌس پنجاهه کن مضمون ۽ مقالا ڇپيل آهن. جيڪڏهن انهن مضمونن ۽ مقالن کي گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو وڃي ته، سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت جي باري ۾ هوند قيمتي مواد محفوظ ٿي وڃي. ان پس منظر ۾ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ کي وڏي مڃتا ملي. پاڪستان ۽ هندستان جي علمي ادارن ۽ ادبي مرڪزن ۾، ڊاڪٽر ممتاز حسين جو نالو قابل احترام ٻنجي ويو. سنڌس ڇپيل ڪتاب هي آهن.

1. **نئين مصر جا پراڻا ورق:** هي ڪتاب انگريزي زبان ۾ ڪيپٽن ايسٽوڪ لکيو، جو 1847ع ۾ "ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ" جي نالي سان لنڊن مان ڇپيو هو. محمد حنيف صديقيءَ سان گڏجي ڊاڪٽر ممتاز حسين، هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ 1973ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو.

2. **عرب ڪنگڊم آف المنصوره:** هي اصل ۾ ڊاڪٽريٽ لاءِ لکيل سنڌس تحقيقي مقالو آهي، جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران سال 1974ع ۾، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ سنڌ ۾ هباري عربن جي دور تي تحقيق ڪيل آهي. ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ، پهريون محقق آهي، جنهن هباري خاندان جي آزاد حڪومت کي تحقيق ۽ اپياس ذريعي نروار ڪيو.

3. **هسٽري آف سنڌ سيريز: جلد ٽيون، عرب پيريڊ:** هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي تاريخ بابت رٿيل نون جلدن جي رٿا هيٺ، سال 1978ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو. عربن جو سنڌ ۾ حاڪميت جو دور ٽن صدين تي پکڙيل آهي. بلاشڪ ڊاڪٽر ممتاز حسين، هن دور کي پنهنجي اهميت جي پيش نظر، وڏي محنت ۽ کوجنا ذريعي لکي نروار ڪيو آهي. ان ڪان اڳ سنڌ جي تاريخ جي هن طويل دور تي ڪو به تحقيقي ڪم شايع نـ ٿيو هو. عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تي مهارت حاصل هجڻ سبب، ڊاڪٽر صاحب هي تحقيقي ڪارنامو سرانجام ڏنو.

اڳتي هلي فاضل محقق "هسٽري آف سنڌ- عرب پيريڊ" جو پاڻ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. اتڪل روءِ اصل ڪتاب جي اشاعت ڪان ٽيهـ سال پوءِ، سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ترجمو ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌي ترجمي جي ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ ۽ درستگين جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو. لڳ ڀڳ هڪ سال جي محنت ڪان پوءِ، هن علمي ڪم کي اشاعت جي لائق بنايو ويو آهي.

اصل صورتحال هي آهي تـ ڊاڪٽر ممتاز حسين جي زندگي تڪليف ده گذري. ذاتي طرح پاڻ بـ هڪ منفرد طبيعت جو مالڪ هو. ان ڪري ملازمتن جي وڃڻ ڪان پوءِ، گذر معاش لاءِ ڪيس وڏي جفاڪشي ڪرڻي پئي. مختلف علمي ۽ ادبي ادارن لاءِ ڪم ڪندي بـ، هن کي مشڪل صورتحال سان منهن مقابل ٿيڻو پيو. ان ڪري هر ايندڙ ڏينهن تي سندس طبيعت ۾ تندي ۽ تيزي پيدا ٿيڻ فطري عمل هو. ان پس منظر ۾ پاڻ جڏهن "تاريخ سنڌ- عرب دور" ترجمو ڪيائين، تڏهن ان تي دل جمعي سان ڪم نـ ڪري سگهيو. ترجمو ڪندي جملن جا جملا ڇڏي ڏنائين. ڪجهـ بابن جا حوالا ۽ حاشيا ترجمو نـ ڪيائين. اتڪل روءِ هر باب جي متن ۾، حوالن ۽ حاشين جا نمبر داخل نـ ڪيائين. قرامطين وارو باب ترجمو ڪندي، بنهـ آزاد ٿي هي باب لکيائين، جنهن ۾ اصل انگريزي ۾ لکيل مواد ڪان روگرداني ڪري ويو. مون بورڊ کي گذارش ڪري هي باب ٻيهر ترجمو ڪرايو (هن باب جو ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو ڪيو)، جنهن کي پڻ پوري توجهـ سان ايڊٽ ڪيو ويو. پناڻ صاحب ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل تعليقات ۽ ضميمن کي پڻ اڳتي پوئتي ڪري ڇڏيو، جن کي اصل انگريزي ڇپيل ڪتاب سان ڀيٽي درست طور تي نروار ڪيو ويو

آهي. مون ڪتاب جي هن سنڌي ڇاپي تي جيڪا محنت ڪئي آهي، ان جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ، مصنف جي ڪيل ترجمي جو مسودو سندس هٿن اکرن ۾ ڏسي بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو. هي مسودو سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهي. ان سڄي ماجرا ۾ مون ڪي ڪيل تڪليف جي احساس بجاءِ خوشي ٿي رهي آهي تہ، منهنجي هٿان هڪ اهم علمي ۽ تاريخي ڪم جو اُڪلاءُ ٿي رهيو آهي.

**عرب دور بابت وڏيڪ مطالعا:**

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ صاحب جو هي ڪتاب سال 1978ع ۾ ڇپيو هو. ان کي اڄ ٽيهہ سال ٿي رهيا آهن. تحقيق ۽ کوجنا جو جهان، ڪڏهن بہ بيٺل پاڻي نہ رهيو آهي. هر ايندڙ وقت ۾ نِت نوان تحقيقي مطالعا ٿيندا رهن ٿا. هيٺ اِسين ڪجهہ وڌيڪ مطالعن جو ذڪر ڪنداسين، جي سنڌ جي عرب دور بابت ٿيا آهن.

**1. تحفة الڪرام:**

هي سنڌ جي تاريخ جو مشهور ڪتاب آهي. سنڌ جي باوقار عالم سيد حسام الدين راشدي، وڏي محنت سان "تحفة الڪرام" (فارسي) ايڊٽ ڪيو. هي ايڊيشن سنڌي ادبي بورڊ 1971ع ۾ ڇپيو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ راشدي صاحب، پهريون پيرو سنڌ تي عرب حملي آورن بنو اميہ، بنو عباس ۽ هباري خاندان جي گورنرن ۽ حاڪمن جي مفصل فهرست ڏني آهي. هن لسٽ ذريعي انڪشاف ٿيو تہ سنڌ ۾ عرب حڪومت جو خاتمو 401هہ/1010ع ڌاري ٿيو. ان بعد سنڌ ۾ سومرا خاندان جي حڪومت قائم ٿي. خفيف سومرا خاندان جو پهريون حاڪم ٿيو. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ شايد پنهنجو ڪتاب اڳ ۾ لکيو هو، ان ڪري راشدي صاحب جي تحقيق مان استفادو نہ ڪري سگهيو.

**2. Abd al-Aziz Puri: Muslim Rule in Sindh in the eighth, ninth and tenth centuries, 1936.**

سنڌ جي عرب دور متعلق هي هڪ ٿيسز آهي، جا لنڊن يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز ۾ سال 1936ع ۾ پيش ٿي. ٿيسز جي تڪميل تي عبدالعزيز پوريءَ کي لنڊن يونيورسٽي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. هي تحقيقي مقالو اڃا نہ ڇپيو آهي. هن وقت اسان کي ٿيسز جي فهرست جي معلومات ميسر ڪونهي. جڏهن تہ احمد نبي خان پنهنجي

ڪتاب ۾ (حوالو هيٺ اچي ٿو). هن ٿيسز بابت جيڪا معلومات فراهم ڪئي آهي، ان موجب هن مطالعي جو تعلق ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين صدين جي سنڌ سان آهي.

3. F.A. Khan: Bhanbhor, Department of Archaeology, Karachi, 1960.

هي مختصر ڪتاب اصل ۾ ڀنڀور ۾ ٿيل کوٽاين جي رپورٽ تي مبني آهي. کوٽاين ذريعي هڪ قديم شهر جا نشان نروار ٿيا. هتان عرب دور جا سڪا ۽ اسلامي دور جون ڪي ٻيون علامتون پڻ هٿ آيون. هن قديم ماڳ جي کوٽاين کان پوءِ، هي دليل به ڏنا ويا ته ڀنڀور اصل ۾ قديم ديبل بندر آهي. ڊاڪٽر ممتاز حسين، پنهنجي ڪتاب ۾ هن ڪتاب جو حوالو ڏنو آهي.

4. John Jehangir Bede: The Arabs in Sindh (Ph.D, dissertation), Department of History, University of Utah, 1973.

جان جهانگير گجرات (پنجاب) ۾ ڄائو. پوءِ سندس خاندان پشاور لڏي ويو. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، جان آمريڪا هليو ويو. 1973ع ۾ يوٽا يونيورسٽيءَ مان "دي عربس ان سنڌ" عنوان تي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ ورتائين. هن آمريڪا جي ڪنهن ڪاليج ۾ ملازمت ڪئي. سندس ٿيسز اڃا نه ڇپي آهي.

5. Derryl N.Maclean: Religion and Society in Arab Sindh, New York, 1989.

ڊيرل جو تعلق مڪگل يونيورسٽي (ڪئناڊا) سان آهي. سنڌ جي عرب دور سان تعلق رکندڙ هي ڪتاب سال 1989ع ۾ ڇپيو آهي. اصل ۾ هي تحقيقي مقالو ساڳي يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ اسٽڊيز ۾ لکيو ويو. جنهن جي تڪميل تي ڊيرل کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي.

6. Ahmed Nabi Khan: Al-Mansura-A Forgotten Arab Metropolis in Pakistan, Department of Archaeology, Karachi, 1990.

هي مطالعو سنڌ ۾ عربن جي ٻڌرايل شهر "منصوره" ۾ ٿيل کوٽاين تي مبني آهي. هي ڪتاب چڱو تفصيلي آهي. ڊاڪٽر احمد نبي خان آرڪيالاجي

ڪاتي جو ڊئريڪٽر جنرل رهيو. پاڻ گهڻا ڪتاب لکيائين. احمد نبي خان گذريل سال ڪراچيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

زنده قومون پنهنجي اسلاف جي ڪارنامن کي سيني سان سانڍينديون آهن. اهي پنهنجن فاتحن کي ياد ڪنديون آهن. انهن عظيم انسانن کي بہ نہ وساريو ويندو آهي، جي ڌارين حاڪمن سان وڙهي، ريٽي رت جي قرباني ڏئي، پنهنجي ڌرتيءَ کي غيرن کان ڇوٽڪارو ڏياريندا آهن. باشعور محقق ۽ ليکڪ، فردن ۽ قبيلن بجاءِ، مجموعي قومي مفادن کي وڏيڪ اهميت ڏيندا آهن. ان پس منظر ۾ خود عرب دنيا ۾، سنڌ جي عرب فتوحات، فاتحن ۽ عرب دور حڪومت کي، عربي زبان ۾ وڏي مان شان سان نروار ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ پاڻ کي ٽن ڪتابن جو پتو پئجي سگهيو آهي.

**7. الدكتور عبدالله مبشر الطرازي: موسوعة التاريخ الاسلامي و الحضارة الاسلامية لبلاد السند و البنجاب (في عهد العرب)، جده، 1983ع:**

هي ڪتاب ٻن جلدن تي پکڙيل آهي. مبشر الطرازي پنهنجي تحقيق ۾ سنڌ جي عرب فتوحات، عرب دور حڪومت، حڪومتي انتظام، اقتصادي ۽ معاشرتي حالتن توڙي اهل سنڌ جو عرب دنيا ۾ ڪردار، نهايت مفصل طرح سان مطالعي هيٺ آندو آهي. بلاشڪ سنڌ جي عرب دور بابت، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جي ڪتاب کان پوءِ هي نهايت تفصيلي مطالعو آهي. هن ڪتاب جي ڪاپي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريريءَ ۾ موجود آهي.

**8. الدكتور نافع عبدالله: محمد بن قاسم ثقفي (فاتح سند)، دبئي، 1997ع.**

فاتح سنڌ محمد بن قاسم بابت هي علمي ۽ تاريخي ڪتاب اصل ۾ عربي زبان ۾ ڇپيو. مون عربي ڪتاب نہ ڏٺو آهي. شايد ساڳئي سال ۾ هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڪراچيءَ مان ڇپيو. هي ترجمو پروفيسر ڊاڪٽر عطيہ خليل انصاري، سابق صدر شعبو عربي، ڪراچي يونيورسٽي ڪيو ۽ ان کي پاڻ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

**9. محمود شيت خطاب: قادة فتح السند و افغانستان، بيروت، سال 1998ع:**

محمود شيت خطاب جو هي ڪتاب ٽن مکيہ حصن تي مشتمل آهي. ٻيو حصو سنڌ جي فتح بابت آهي. هن حصي ۾ ٻن عرب اڳواڻن: المهلب بن ابي صفره ۽ محمد بن قاسم ثقفيءَ بابت، اٽڪل روءِ هڪ سؤ صفحا لکيا ويا آهن. سنڌ جي عرب دور بابت هي ڪتاب چڱي اهميت رکي ٿو.

سنڌي زبان ۾ عرب دور جي حوالي سان تمام گهٽ لکيو ويو آهي. هن ڏس ۾ البت محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر بابت ڪجهہ مواد ڇپيو آهي. اهڙو مواد علمي ۽ تحقيقي هجڻ بجاءِ، نظرياتي بحث مباحثي سان وڌيڪ تعلق رکي ٿو. تازو، نگارشات لاهور، از: مير بٽ جو اردو ڪتاب "راجہ داهر" ڇپرايو آهي. هي ڪتاب 2004ع ۾ نروار ٿيو. اصل ۾ هي "چچ نامہ" جو اردو متن آهي، جو سنڌي ادبي بورڊ 1963ع ۾ ڇپرايو هو. بورڊ واري ايڊيشن مان مقدمو، تعليقات ۽ نوٽس خارج ڪري، وڏي چالاڪيءَ سان ان کي "راجہ داهر" نالو ڏئي مارڪيٽ ۾ آندو ويو!

# ڏسٽي

* ڪتابن جا نالا
* ماڻهن ذاتين ۽ قبيلن جا نالا
* ملڪ ماڳ، شهر
* ٻوليون
* متفرقہ

# ڪتابن جا نالا


آ

آثار الباقيہ عن قرون الخاليہ 37

آثار البلادو اخبار العباد 22، 28

آريہ ڀٽ 406، 494، 496

آشوچڪستيہ 500

آغاني 399

آئين اڪبري 584

احسن التقاسير في معرفت الاقاليم 31، 32، 441

اخبار الطوال 23

اخبار العبيد 403

اخبار العلماء 570

ارٿ شاستر 406، 494، 501

الحصن المعافره في اخبار المصر والقاهره 39

الذخائر والتحف 307

الشعر و الشعراء 41، 400

الفهرست 27، 415، 569

الڪامل في التاريخ 33، 574

المسالڪ والممالڪ 30، 31، 32

المسالڪ والممالڪ (خردازبہ) 32، 578

المسند الاوزاعي 411

المرزباني 394

الهاوي 497

ب

بائيبل 176

برهمگپت 406، 496

ڀ

ڀوشيہ پرائون 501

ت

تاريخ الخلفاء 39، 40، 572

تاريخ المغازي 412

تاريخ بغداد 27، 28

تاريخ سنڌ 224

تاريخ طاهري 487

تاريخ طبري 21، 22

تاريخ معصومي 224، 311، 488

تاريخ يعقوبي 19، 20، 21، 576

تحفة الڪرام 487، 488، 518

تنبيهہ والاشراف 520

تورات 127، 138، 162، 165، 170، 184، 231، 537

پ

پتنجلي 79، 503

پنجتنترا 204، 288، 406، 493، 503

ج

جرارڊ نامون (ڪرمونا) 495

جمهرة انساب العرب 26، 567

جمهرة في اللغاة 413

چ

چچ نامو/فتح نامو 34، 35، 87، 110، 112، 113، 121، 217، 238، 243، 245، 247، 249، 254، 257، 262، 329،

405، 435، 441، 442، 446، 450،
465، 519، 520، 522
چرڪا 498، 501

ح

حساب الجبروالمقابله 495

خ

خلاصة التاريخ 444

د

دائره معارف 27، 29
ديوان الحماسه 41، 399
ديوان فرخي 42، 584

ڊ

ڊان اخبار 518

ر

رامائڻ 90، 148، 202
رگ ويد 91، 121، 498، 512

ز

زجر الهند 500
زين الاخبار 455

س

سڌ يوگا 498
سلسلة التاريخ 23، 124
سمهيتا 122
سوريہ سڌانت 406، 494، 495، 502
سيرة النبوية 24
سيف الملوڪ 350

ش

شاهه جو رسالو 56، 67، 519، 546
شستي تنترا 503

ط

طاهري 294، 381
طبقات الامم 37، 493
طبقات الڪبير 25، 26
طبقات ناصري 354، 456

ع

عجائب الهند بره و بحره 24، 305، 573،
574
عيون الاخبار 484، 568، 569
عيون الانباء 570

ف

فارس نامه 234
فتوح البلدان 19، 208، 439، 520
فخر السودان علي البيضان 123
فردوس الحڪم 497
فرشتہ 489

ق

قرآن پاڪ 21، 24، 28، 42، 139، 152،
160، 174، 178، 181، 185، 188، 261،
304، 305، 391، 403، 404، 405،
407، 413، 472، 780، 511، 533

ڪ

ڪتاب احداث العالم 500
ڪتاب اسرار المواليد 406، 499
ڪتاب الاشتقاق 413
ڪتاب قرانات الصغير 406
ڪتاب قرانات الڪبير 406
ڪتاب البحث في حساب الهندي 23

ڪتاب البروالصل 409
ڪتاب البلدان 20
ڪتاب البيان و التبيين 26
ڪتب التوهم 499
ڪتاب التيجان في ملوڪ الحمير 403
ڪتاب الجبر والمقابلہ 23
ڪتاب الحيوان 26
ڪتاب الذخائر والتحف 36، 303، 577
ڪتاب السبويجي 413
ڪتاب السيرة 412
ڪتاب العبر 37، 500، 575
ڪتاب العين413
ڪتاب الاغاني 40
ڪتاب المجالس والمصريات 482
ڪتاب المسائل 411
ڪتاب المصباح الڪبير 407
ڪتاب المغازي 25
ڪتاب الملوڪ واخبار المدائن 403
ڪتاب المواليد 407
ڪتاب النير 407
ڪتاب الورقه 28، 29
ڪتاب الهادي 407
ڪتاب الهند 37، 500، 575
ڪتاب سنن في الفقه 411
ڪتاب صورة الارضُ 31
ڪتاب في الطب 406
ڪتاب مواليد الڪبير 406، 500
ڪليله ودمن 204، 288، 406، 493، 503

ڪ

ڪند ڪانديڪ 406، 494، 496

گ

گج آيورويدڪ 500
گج تڪسيہ 500
گج پريڪشا 500
گج ورين 500
گوويد شاستر 500
گيتا 82، 99، 108، 222

ل

لنگئسٽڪ سروي آف انديا 67

م

مجمل التاريخ 523
مروج الذهب و معادن الجواهر 29، 30
معجم البلدان 38، 581، 582
معصومي 311
معلقات 182
مهاڀارت 406، 407، 494

ن

ندان 498
نزهة المشتاق في اختراق الآفاق 38، 39

و

وفيات الاعيان 33، 35، 36

# ماڻهن ۽ ذاتين ۽ قبيلن جا نالا


آ

آدم بن عبدالرحمان 254
آدم عليه السلام 20، 183، 190
آريلين 177
آشور ابالت 149
آشور نصيرپال 149
آغا خان 489
آهمس جو دؤر 141
آرامي 138، 154، 158
آريہ 49، 63، 73، 82، 89، 90، 93، 140، 141، 148، 153، 234، 537، 538، 544
ابراهام /ابراهيم عليه السلام 171، 172، 184، 188، 190، 192، 479
ابراهيم بن وليد 276
ابرهہ 166، 169
ابن اسحاق 24، 403
ابن الوردي القريشي 318، 402، 408
ابن الهيثم 296، 483
ابن بطوطہ 206، 444، 487، 521
ابن جراح ابي عبدالله محمد بن دائود 28، 29
ابن جويره 396
ابن حوقل محمد بن ابي القاسم النصيبي 29، 30، 31، 32، 234، 309، 324، 329، 332، 336، 380، 435، 436، 441، 471، 481، 502، 520، 530
ابن خلدون عبدالرحمـٰن 33، 34، 303، 310، 435
ابن خلکان شمس الدين احمد بن محمد 33، 35، 411
ابن ڏن 288، 406، 494
ابن شاهڪ السندي 401
ابن صائد الاندلسي 37، 403
ابن عيسيٰ 404
ابن عيونہ 409
ابن فقيہ همداني 28
ابن قتيبہ 179، 400
ابن مبارڪ 409
ابن مجاهد 404
ابن محمد علي بن احمد ابن حزم 26، 310
ابن مقليٰ 404
ابن نديم، محمد بن اسحاق بن ابي يعقوب 27، 128، 415، 416، 468، 501، 504، 546
ابن هشام عبدالملڪ 24، 403
ابوالحسن علي الجبلي 407، 501
ابوالحسن علي بن عبدالڪريم ابن اثير 33، 42، 310، 311، 319، 435، 485، 488
ابوالحسين احمد ابن ابراهيم الفارس 409
ابوالدعيلي 413
ابوالدلهاث المنبہ 466، 467
ابوالعباس الاثرام 407
ابوالعباس عبدالله بن علي السفاح 278

ابوالعلاالمعري 504
ابوالفتح دائود 473
ابوالفدا 331، 349، 355، 420، 436، 530
ابوالفضل 319، 321، 347، 445، 456، 523
ابوالقاسم ابن هشاب منصورااليمن 482
ابوالمنذر عمر بن عبدالله 308، 309، 335، 383
ابوبڪر رضہ (خليفو) 404
ابوتمام حبيب بن اوس اطائي 41
ابوجعفر المنصوري 408
ابوجعفر ديبلي 408، 409
ابوجعفر عبدالله بن علي 278
ابوجعفر محمد بن جرير الطبري 21، 33، 299، 435، 497
ابوجعفر منصور 280، 317، 318، 320، 322، 384، 411
ابوحسين الجندي 410
ابوحڪيم شيباني 253، 269، 393
ابوحنيفہ احمد بن دائود الدينوري 23
ابوحيان التوحيدي 504
ابوذر غفاري رضہ 390
ابورؤق احمد الغزالي 407
ابوريحان محمد بن احمد البيروني 37، 125، 319، 415، 464، 469، 495
ابوزيد سيراف23، 125
ابوسفيان بن حرب 187، 193
ابوسلمہ خلال 278
ابوصالح بن شعيب 407، 501
ابوضلع سنڌي 28، 288، 400، 401
ابوطالب 187، 193
ابوطاهر سليمان 482
ابوعبدالتمري 410
ابوعطا سنڌي 40، 42، 288، 398، 399
ابوعلي احمد الثقفي 412
ابوعلي احمد بن رسته 28، 182، 468
ابومنصور الحڪم 483
ابوعمرو بن العلاءَ 413
ابوعون 279
ابوڪالنجر 36
ابولهب 187، 193
ابومحمد السندي 412
ابومحمد علي بن احمد ابن حزم 26، 310
ابومسلم خراساني 277، 278، 317، 384، 414
ابومعشرالسندي 411
ابوموسيٰ اشعري 183، 208
ابونصر فتح بن عبدالله سنڌي 412
ابي صفره 271
ابي عبدالله محمد بن سعد 25
ابي عقيل ثقفي 231، 232
اُپاگپتا 78
اپولودوٽس 80
اجاتشترو 75
احسن نيرون ڪوٽي 531
احمد النسوي495
احمد بن جعفر الفاريابي 409

احمد بن حنبل 411
احمد بن خافي الديملي 497
احمد بن شارڪ 410
احمد بن طولون 294
احمد بن عبدالله ديبلي 409
احمد بن عمير 410
احمد بن محمد 407، 410
احمد بن معتصم باالله 41
احنف بن قيس 212، 447
اردشير خُرد 181، 235
ارسٹو بولس 438، 532
ارسطو 502
ارفخسد بن سام 137
ارميل 487
ارنيسٽ ٽرمپ 67
اسٽنگ سنگنا 498
اسٽرابو 540
اسٽئڪ ڪئپٽن جارج 541
اسحاق عليه السلام 171، 191
اسڪائيليڪيس 74، 93، 202، 464
اسماعيل عليه السلام 170، 171، 172، 175، 176، 182، 183، 184، 185، 187، 188، 190، 191، 205، 209، 214، 232، 246، 258، 261، 262، 271، 273، 285، 297، 298، 301، 373، 374، 379، 391، 423، 424، 479، 493، 497، 501، 510، 512
اسماعيل بن امام جعفر صادق 479، 480، 481
اسواپتي 541
اسيس 140
اشني ڪمار 498
اشوڪا 78، 80، 97، 540
اصفهاني، ابوالفرج 40، 164، 167، 183
اڪبر 116، 319، 321، 445
اڪي 143
اگنار 156
اگهم (اگهيم) لهاٽو 113
الاخطل غياث بن غوث 391، 392
الادريسي، ابوعبدالله محمد 38، 39، 318، 322، 324، 327، 331، 334، 380، 420، 422، 436، 441، 444، 454، 453، 502، 521، 524، 530
الاسود بن مطلب 298
الاصطخري، ابواسحاق بن محمد الفارسي 29، 30، 31، 32، 234، 309، 324، 327، 329، 335، 348، 354، 420، 436، 441، 454، 470، 471، 520، 530
الاعوار 181
الاوزاعي عبدالرحمان بن عمرو 411
البازي احمد بن محمد الفارعي 404
البتاني 495، 496
الجاحظ، ابوعثمان البصري 26، 30
الجواهر 483
الحارث بن جبله 179، 180
الحارث بن حليزه 182
الحارث بن عمرو بن حجر 182
الحر بن عبدالله قرشي 398

الحسن بن حامد ديبلي 409، 410
الخطيب، البغدادي حافظ ابي بڪر احمد 28
الخوارزمي 495، 502
الرازي 497
الفرازي 495
القاهر باالله 293
القشندي 479
الڪاڪ ليسلي 517
المتقي 293
المتوڪل 19، 284، 300، 301، 356، 412، 465، 487
المستعين 19
المستقفي باالله 293
المستنصر 484
المسعودي، ابوالحسن 29، 30، 117، 179، 306، 307، 308، 309، 320، 322، 335، 337، 364، 372، 383، 408، 435، 441، 443، 466، 467، 469، 470، 520، 524
المعتز 19
المعتصم باالله 41، 283، 299، 366، 426، 497
المعتمد علي اله 20، 32، 36، 295، 303
المعز 483، 484، 485
المنتصر 294
المنذر ٿيون 179، 181
المنذر پهريون 181
المنذر حڪمران 179، 180
المنصور 482، 511
الموفق 303
الناصر 34
النعمان 181
الواقدي، محمد بن عمر 25، 403، 412
اليگزيندرس هيون 522
امراءَ القيسس 181
ام سلمه 298
ام موسيٰ 411
امام ابوحنيفه 369
امام جعفرصادق 479، 480
امام دائود بن علي اصفهاني 407
امام شافعي 369
امام علي 484
امام الاوزاعي 288
امام محمد تقي 481
امير حدان (آشور- اخ- ادان) 151
امين الرشيد 282
انس 72، 141
انندپال 272
انيس بن مالڪ رضہ 216
اورون 479
اوس/تيودوريس 41
اولمپيا 75
اومري (عومري) 175
اونيسڪريٽس 438
اويس بن قيس 243
اهلريچ.آر.آءِ 25

ائنٽيگونس 173
ائلس گائلس 174
ايچ.آر.هال 72
ايڊگرٽن.ايف 128
ايڊوئرڊ گليسر 167
ايرين 437، 532
ايسٽ وڪ 531
ايليٽ. سر.هينري 347، 349، 435، 441، 451، 454، 522، 530
ايلي شريحا 168
اينتياڪُسس 157
ايوب عليه السلام 465، 467
اسماعيلي 171، 172، 184، 231، 293، 296، 466، 469، 479، 480، 481، 482، 483، 484، 485، 486، 487، 488، 489
اسلام 19، 24، 39، 41، 162، 167، 169، 170، 171، 172، 175، 176، 181، 182، 183، 187، 188، 190، 205، 209، 214، 232، 246، 258، 261، 262، 271، 273، 285، 297، 298، 301، 374، 379، 391، 424، 479، 493، 497، 502، 510، 512
افغان 90، 354، 513، 544
اڪاد 71، 73، 137، 141، 142، 143، 154، 158، 202
اڪتاهوتريا 131
اڪسومي حڪمران 168، 169
امير 40، 187، 188، 193، 211، 214، 219، 220، 232، 233، 253، 269، 274، 275، 277، 278، 285، 286، 299، 317، 318، 355، 365، 371، 375، 390، 391، 392، 398، 399، 413، 423، 424، 467
انڌرا خاندان 82
انگريز 330، 418، 421، 530، 545، 546
اوس (قبيلو) 189
ايراني 75، 76، 82، 90، 92، 93، 94، 95، 109، 117، 127، 152، 177، 179، 180، 181، 202، 203، 234، 235، 236، 247

ب

باڄهر (وياگهر) 288، 406، 501
بازنطين 180
بايزيد بسطامي 512
بديل بن طهفة البجلي 115، 217، 218، 236، 239، 261، 435، 439، 442
براند 498
برزوي 204، 288، 493
برگس. جي 383
برنس 349
برهاس 88
برهاس پتي 188، 121، 500
برهدرٿا 78
برهمڻ 120
بساسيري 484
بشاري مقدسي 29، 30، 31، 32، 307، 309، 354، 417، 422، 423، 426، 435، 440، 441، 471، 485، 488، 510
بشر بن دائود المهلبي 281، 282

بطليموس 438، 464، 496، 502، 540،
542
بل شيراز 92، 153
بلراج بن سومار (راجا بل) 486
بلقيس(راڻي سبا) 165
بن حدد 159، 160
بند وسارا 78، 97
بنو عمر بن عبدالعزيز 335
بلھ راءِ/بلھارا (ولڀ راءِ) 206، 283
بھرام گور 81
بھلا (پولايا پلا) 406
بي.ايچ.ايلس 67، 546
بيلاسس 43، 308، 326، 327، 328،
347، 349، 351، 352، 353، 381،
384، 414
بينجامن 150
بيھقي 311
بابلي 137، 145، 146
باختر يوناني سلطنت 79، 80، 97، 98
باطني 483، 486
بدوي 413، 482
بروھي 71
برھمڻ (خاندان) 83، 85، 111
بڪرنتيا (فرقو) 129
بلوچ (قبيلا) 52، 64، 65، 284، 333،
366، 379، 513
بوھيمين (قبيلو) 366
بنوازد 216، 277، 278
بنو اسد 24، 25، 295، 297، 300،
398، 463
بنواميہ 187، 399
بنو تميم 292
بنوثقيف 232
بنو جشم 232
بنوخزاء 172
بنوسامه 285، 465
بنوطئي 397
بنو عزيز 217
بنو عقيل 231، 232
بنو عوف 232
بنوقصيٰ 185
بنو قطوره 231
بنوڪعب 185
بنوڪنده 182، 183
بنومخزوم 411
بنومراد 238
بنوناحور 231
بنو يربوع 217، 397، 519

ٻ

ٻڌيمان 88، 114

پ

پارديواج 498
پنيو (راجا) 442، 444، 519، 524
پنڊرڪو 241
پونگر 487
پيل (قبيلو) 63

ت

تبرياس پيو 180
تشرتا (دسرت) 90، 148، 202
تميم بن زيدالعتبي 274، 318، 319، 397
توقير بن يقطن بن حام بن نوح 49، 538
تيرهڪاهه 151
تيمورلنگ 34
تاتاري 63
تبع بادشاهت 182
ترڪ 293، 294، 375، 456، 472، 513، 544
تر الادرم 185
تنخ قبيلو 169، 181
توراني نسل 89

ٿ

ٿيوڊويس (اوس) 41

ٽ

ٽاير (طاير) 156
ٽگلاٿ پليسر ٽيون 149، 159
ٽگلاٿ پليسر پهريون 149، 176
ٽالپر 66، 533

ث

ثقيف بن منبه 232
ثمود قبيلو 160، 161، 173، 191

پ

پارٿيا 80
پال ڪيهه 500
پامپي 174
پاندون 74
پاٽيني 541
پتيسي 164
پروهت 89
پرهلادا (هريانہ ڪپيسو) 464
پريپلس 62
پساماتڪ 151
پشيامترا 78، 98
پنهون 518
پولو (ٽگلاٿ پليسر) 149، 150
پٺاڻ 76، 77
پيٿاگورس 479
پيٽر 479
پيرون فقير 332
پناهه 65
پارٿين 81، 98
پرتاهيرا گهراڻو 472
پليني 162، 540، 542
پنچالا آريا 91

ج

جارج اسٽڪ 67
جالينوس 125
جبل من ايهم 180
جرهمتي (بنوجرهم) 172
جرير ابوخدرا بن عطيہ 391، 392، 393
جزيمہ 181
جسٽين 180
جسٽينين 180
جُشن 161
جعفر بن ابي طالب 400
جعويہ السلمي 238

جفنہ بن امر 179
جلال الدين السيوطي 39
جلم يا حلم بن شيبان 296، 467، 469، 473، 483
جمشيد 235
جنيد بن عبدالرحمان المري 272، 273، 370، 371، 396، 434، 523
جوذر 407
جوزف هالوي 167
جهم بن زهر الجعفي 237
جهين 243
جئسين 217، 241، 247، 248، 260، 271، 272، 273، 370
جيدت 500
جديس قبيلو 161، 191
جشم سبيلو 185

چ

چانڪيہ 497، 501
چچ 110
چچ بن ڏاهر 101
چچ بن ڏهرسين 247
چچ بن سيلائج 35، 84، 107
چندر 86، 107، 223
چندرام 450
چندر گپت 82
چندر گپت (پيون) 100
چندر گپت موريا 77، 78، 97، 203
چن- شي-هئانگ- تي 98
چنيسر 487
چنا 64، 65، 111، 123، 222، 257، 374، 510
چندر پگتيہ 129
چنبال 120، 374

ڇ

ڇتو امراڻي 350

ح

حاتم بن قتيبه الباهلي 211
حاجره رضہ 171، 184
حارث 173
حارث الرياح "تبع" 168
حارث بن زمعہ 298
حارث بن مره العبدي 210
حارث ٽيون 173
حارث چوٿون 174
حافظ حسين بن ابي معشر 409
حام 49، 537، 538
حامد بن وداع النجدي 239
حبيب بن مهلب 255، 271، 272
حبيبة العظمي 233
حجاج بن يوسف الثقفي 107، 111، 112، 114، 174، 215، 216، 221، 224، 233، 234، 236، 237، 240، 244، 246، 253، 254، 255، 260، 269، 362، 393، 403، 422، 435، 450، 487، 519
حجر 183
حرب بن اميہ 187
حزائيل 159
حسان بن ثابت 181

حسن 247
حسن الجنابي 482
حسن بن احمد مهلبي 318، 337
حسن بن علي 480
حسن بن محبت 244
حسن بن يعقوب الحداد 409
حسين بن علي 392، 479، 480
حسين بن منصور الحلاج 512
حڪم بن جبله العبدي 209
حڪم بن منذر 213
حڪيم نيشاپوري 408، 410
حمزه 308، 323، 335
حمزه بن بائض حنفي 256
حمزه بن عبدالمطلب 187
حمورابي 44، 146، 174
حميدالله ڊاڪٽر 36
حمير 167
حنظله بن اخي نباته الڪلابي 250
حوران 173، 178، 181
حيدر قلي بيگ 531
حارث قبيلو 185، 192
حجازي عرب 170، 171، 172، 173، 300
حمير قبيلو 24، 162، 163، 167، 168، 169، 277، 282، 284، 301
حنيف قبيلو 176، 190
حواري 180

خ

خالد بن عبدالله القسري 322
خالد بن وليد 182
خان حامد 409، 410
خديجہ رضي الله عنها 298
خزيمہ بن عمر 250
خسرو نوشيروان 204، 288، 493
خفيف 486، 488
خلف بن سالم سنڌي 288
خلف بن محمد ديبلي 410
خنيس 397
خواجہ احمد حسن ميمندي 311
خارجي 220، 254، 271، 277
خزرج 189
خزيمہ قبيلو 185
خلجي ترڪ 456
خلجي قبيلو 355
خوجا 489

د

داريوش (ٿيون) 76، 94، 95
داريوش (پهريون) 74، 92، 93، 159، 202، 464
دائود اصغر 486
دائود بن نصر عوماني 253، 465، 467
دائود بن يزيد المهلبي 282
دائود عليه السلام 165
درشروگين 150
دسترتا (دسترت) 90، 148، 202
دسرت/تشرت 149
دلوراءِ 348، 456
دودو 202، 487
دورپدي 74

ديوداس 498
دائودپوٽا 467
دوداڻي قبيلو 524

ڏ

ڏوم 120
ڏهرسين 86، 114

ڊ

ڊميٽريس 79، 80، 97
ڊيانيس پيريگٽيس 540
ڊي ليسپس 155
ڊيوڊوٽس 79
ڊيوڊورس 173

ڍ

ڍاول 247

ذ

ذاڪر بادشاھ 160
ذڪوان بن علوان البڪري 243
ذونوس 169

ر

راج 86
راجا بل (بلراج) 486
راجا پرتري 450
راجا پرماديو 311
راجا چريٽ 43
راجا ڏاھر 35، 86، 87، 88، 107، 111، 112، 114، 216، 220، 223، 225، 245، 248، 249، 250، 251، 254، 271، 363، 370، 395، 396، 433، 446
راجا راسل 88، 241، 242
راجا ڪڪسہ 251
راجا ڪندا 252، 465
راجا منجهيرا 454
راجرسوا 121
راس ڊيوڊ 445، 454، 523
راشد بن عمرو الجديدي 212
رام 109
رام چندر 90، 148، 202
راورٽي، ميجر 322، 328، 349، 351، 355، 444، 453، 523
راولنسن ڊاڪٽر 72
راءِ ٻجهرا 239، 252
راءِ ڏياچ (ديوائچ) 83، 84، 100، 108، 109
راءِ سهارس ٻيو 84، 85
راءِ سهارس پهريون 84، 109
راءِ سهارس (قنوج) 88
راءِ سهاسي ٻيون 84، 109، 110، 114، 465
راءِ سهاسي پهريون 84، 109
راءِ ڪندا 252، 465
راءِ مهورت 85، 110، 114
رچرڊ برٽن 531، 532
رچرڊسن 326، 349، 351، 352، 353
رشي ڪسياپا 463
رمل 88
رواح بن اسد 251، 362، 372، 447
روح بن حاتم 281
رودڪي 481
روگر نارمن 38، 39، 502

رهوڊس 174
رياح 308
راجپوت قبيلو 89، 487، 489
راشده دؤر 232
راءِ گهراڻو 83، 84، 100، 107
رومي قبيلو 157، 161، 166، 174، 177، 178، 423، 424

ز

زبير بن العوام 299
زبير بن عباس 281
زخائو پروفيسر 26، 37
زرقزيس 92
زمعه بن الاسود 298
زوس 156
زياد بن ابيه 212، 413
زياد بن صالح 278
زياد وزير 335
زيد بن علي 479
زيد بن عمرو نوفل 190
زين العابدين 392
زينب بنت محمد ﷺ 297، 298
زينب (زنوبيا) راڻي 177، 178
زنگاري جپسي قبيلو 366

س

ساران بي بي 171، 184
سارگان پيو 150، 161، 165
سارگان پهريون 44، 73، 142، 145
سارم ابن ابي سارم 246
سائرس (ذوالقرنين) 92
سام بن نوح 137، 191، 537
سامبس 77، 96، 450
سانگ يون 81
ساواگوت، جي 25
سبا (شيباراڻي) 162، 163، 183
سبڪتگين 467
ست الملوڪ 483
سسئي 518
سعيد بن اسلم بن ذراع 215، 216، 220
سفاح خليفو 299
سفيان الثوري 412
سڪنراس 141
سڪهل/سنجهل 288، 406، 494
سلطان محمود غزنوي 24، 27، 42، 310، 311، 312، 350، 354، 463، 472، 473، 486، 487، 488
سلطان مسعود 37، 350، 443، 487، 488
سلطان مودود غزنوي 311
سليمان بن عبدالملڪ 254، 255
سليمان تاجر 23، 119
سليمان عليه السلام 150، 165، 176، 441
سليم يونسي 281
سميا بن ڪرشنا 463
سمدرا گپتا 82
سمع علي ينوف 166
سموابو 145
سمه بن ديوائج 439
سنان بن سلامه بن المحبق الهذلي 212، 213
سنگهار سومرو 487

سن مبلط 146
سومار 486
سونهديوي 84، 109، 222، 223
سهيل بن عاديہ 210
سيد 65
سيد جلال الدين بخاري 489، 512
سيف الدولة 40
سيليوڪس نڪيٽر 77، 97، 203
سيميرامس 202
سيوطي 307
ساساني 81، 83، 100، 190، 203، 204، 208، 235، 331، 434، 493، 494
ساڪا قومون 80، 81، 544
ساماني خاندان 294
سامي 43، 63، 73، 92، 137، 138، 141، 147، 148، 153، 190، 201، 202
سبائي 163، 164، 165، 166، 167
ستيا 64، 80، 98، 100، 151، 544
سفيد هُن 100
سلجوقي 487
سما قبيلو 64، 85، 123، 222، 250، 257، 374، 510
سمير 141، 145، 201
سميري 63، 65، 71، 72، 73، 142، 148، 149
سنڪا (ماٿڪ) 288
سنگا گهراڻو 78
سو (سوي) قبيلو 449
سودرا 120
سومرا قبيلو 145، 350، 486، 487، 488، 489
سهتا قبيلو 64، 85، 123، 222، 250، 257، 374، 510

ش

شتريہ 120
شالمينسر پنجون 150
شالمينسر پهريون 149
شاهہ عبداللطيف 56، 453، 519، 543، 546
شاهہ عبدالڪريم 453
شاهہ محمد مڪي 529
شجاع حبشي 245
شرجيل يافور 166
شرغلي شري 202
شداد 44
شعيب عليہ السلام 185
شمس الدين بن ابي عبدالله الذهبي 40
شمس- شوم- اڪين 151
شمسودتانا 90، 147
شهاب ثاقب 531
شيخ بهاؤالدين ذڪريا 489، 512
شيخ حامد 467
شيخ عثمان قلندر 449، 450
شاهي خاندان 466، 472
شبي (شوي) قوم 463
شيعا 277، 278، 479، 484، 511

ص

صاحب بن عبدالرحمان 237

صالح بن يلا 497
صالح بن عبدالرحمان 254، 255، 270، 393
صالح عليه السلام 160
صفهوي بن لام الهمامي 216
صمه بن ابوصمه 306
صابعي 188
صفاري خاندان 294، 295، 303

ض

ضحاڪ بن قيس 214

ط

طرفه بن العبد 182
طسم 160، 161، 191
طهمرث 235
طيفور بن عبدالله 281
طي قبيلو 41، 169

ظ

ظاهر برقق 34

ع

عائشہ رضہ 298
عباس بن عبدالمطلب 186، 193
عبدالجليل 531
عبدالرحمان بن محمد 220، 232
عبدالرحمان هاشمي 281
عبدالرزاق 310، 488
عبدالشمس 188
عبدالمطلب (شجرو) 187، 193
عبدالملڪ بن مروان 214، 224، 233، 255، 299، 391
عبدان بن محمد 410
عبدالله بن الاشترالحسيني 511
عبدالله بن جحش 190
عبدالله بن زبير 214، 232، 299
عبدالله بن زمعة 298
عبدالله بن سوارالعبدي 211، 212
عبدالله بن عامر قريز 209
عبدالله بن عباس 391، 404
عبدالله بن عبدالملڪ (شجرو) 187، 193
عبدالله بن علي 498
عبدالله بن علي عباسي 278
عبدالله بن عمرالهباري 24، 36، 304، 305، 306، 382، 383
عبدالله بن ڪثير 404
عبدالله بن مقفع 288، 503
عبدالله بن نبهان السلمي 115، 218، 236، 261، 439، 442
عبدالشمس 188
عبدمناف (شجرو) 188، 192، 193
عبيدالله بن زياد 213
عبيد بن شريہ جرهمي 162، 402
عبيده 173، 174، 175
عتبي 311
عثمان بن ابي العاص الثقفي 207، 232، 439
عثمان بن حويرث 190
عثمان بن عفان 193، 208، 209، 210، 390، 404
عُرنينا 73
عزينا (اذيناش) 177

عضدالدولہ 32
عطا بن ملڪ القيس 243
عطيہ بن سعد الڪوفي 237
عقيل بن الاسود 298
عڪرمہ بن ريحان شامي 253، 465
علي ابن مجاهد الراضي الڪندي 412
علي ابن محمد المدني 412
علي بن ابوطالب (خليفو) 183، 187، 193، 210، 230، 308، 335، 392، 400، 413، 479، 480
علي بن حامد بن ابي بڪر 33، 34
علي بن حسين (زين العابدين) 480
علي بن زياد 335
علي بن عبدالرحمان 409
علي بن عيسيٰ ديبلي 410
علي بن محمد الموصلي 410
علامہ اصفهاني 179
علامہ سمعاني 407
عمران بن موسيٰ برمڪي 283، 284، 288، 300، 302، 405، 406، 425
عمر بن ربيعہ 391
عمر بن عبدالعزيز الاموي 272، 285
عمر بن عبدالله ابوالمنذر الهباري 307، 308، 309، 335، 381، 382، 383، 414
عمر بن علي 308، 335
عمر بن محمد دائودپوٽو ڊاڪٽر 35، 441
عمر خيام 481، 495، 496
عباسي 20، 21، 26، 27، 32، 36، 188، 211، 274، 275، 277، 278، 299، 301، 305، 317، 318، 320، 334، 335، 338، 375، 380، 383، 384، 398، 401، 404، 407، 411، 412، 466، 471، 482، 485، 487، 497، 501، 504، 511، 513
عـــرب 22، 26، 27، 40، 64، 65، 90، 127، 152، 160، 16 3، 165، 169، 170، 172، 173، 176، 178، 179، 180، 181، 182، 183، 184، 185، 188، 189، 190، 204، 294، 295، 301، 302، 303، 304، 412، 448، 487، 488، 522، 532، 544، 546
عمر رضي الله تعاليٰ عنـه 153، 180، 204، 205، 209، 370، 372
عمرو بن جمال 280
عمرو بن حفص المهلبي (سنڌ جو گورنر) 281، 296، 318، 320، 337، 511
عمرو بن عادي 181
عمرو بن عبدالعزيز هباري 36، 257، 284، 300، 301، 302، 303، 304، 374، 383، 452
عمرو بن ڪلثوم 182
عمرو بن ليث 295
عمرو بن محمد القاسم (سنڌ جو گورنر) 275، 318، 319، 320، 321، 365، 425
عمرو بن مسلم الباهلي (سنڌ جو گورنر) 272
عمرو بن هند 182
عملوق 161
عنبہ بن اسحاق الاعتبي 373
عيسيٰ عليہ السلام 399

عاد 44، 139، 144، 154، 160، 161، 191
عبراني (يهودي) 137، 138، 152، 153، 154، 158، 159،
عرب العربه 138، 162، 191
عرب المستربه 138، 170
عرب بائده 138، 139، 163، 191، 402
علافي 112، 215، 221، 251، 257، 269
عمالق (قبيلو) 160، 164، 191
عمورو (قوم) 73، 148، 158
عيسائي 399

غ

غزالي 504
غزنوي 296، 310، 350، 457، 463، 467، 472، 473، 487، 488
غسان بن عباد 282
غلام شاهه ڪلهوڙو 116، 354، 529، 531، 532
غساني 182
غوري (خاندان) 457، 488، 489

ف

فارابي محمد 388
فرخي 42، 241، 392
فرزدق 220، 309، 310، 313، 314
فريئر سر بارٽل 67، 546
فضل بن ماهان 219، 285
فلپ 75، 94
فهر بن مالڪ 139
فاطمي 381، 481، 484، 485، 486، 489
فنيقي (ڪنعاني) 154، 155، 156، 157، 158، 159، 166

ق

قابل بن هشام 395
قاضي ابوخليف 409، 410
قاضي رشيد بن زهير 373
قاضي نعمان 481، 482
قتيبه بن مسلم الباهلي 220، 255، 269
قحطان 162، 167، 172، 183، 191
قحطبه بن شبيب 278
قدموس 156، 157
قدميا 156
قزويني زڪريا 22، 28، 317
قصيٰ 172، 192
قصيٰ بن ڪلاب 185، 188، 192
قطب الدين ايبڪ 443
قطوره 185
قيدار 171، 185، 232
قرمطي 293، 294، 350، 469، 471، 472، 473، 479، 480، 481، 482، 484، 485، 486.
قريش 171، 172، 182، 183، 185، 186، 187، 188، 192، 297، 298، 299، 301، 335، 337، 463، 465
قيس عيلان قبيلو 231

ڪ

ڪارتيجَ (ڪرت- حدشت) 156، 157
ڪاڪسرپٽ چندر 251
ڪامل (ميرد متصوره) 413
ڪپيلا 503
ڪريبا الوتار 165
ڪريٽس 437، 532

ڪرشنا 503
ڪرشن پگوان 89
ڪزنس، هينري 232، 322، 327، 328، 332، 347، 349، 355، 517، 523
ڪد فائيز پهريون 99
ڪد فائيز ٻيون 81، 99
ڪشاجر بن شاهڪ سنڌي 288، 401
ڪُشن 81، 82، 98، 99
ڪعب بن احبار 403
ڪعب بن مخارب الراسي 246
ڪلاچي 524
ڪنشڪا 81، 99
ڪنڪا (گنگا) 288، 406، 494
ڪننگهام 327، 328، 331، 349، 444، 445، 464، 522
ڪوتليا 502
ڪئمرون پروفيسر 235
ڪرد 218، 233، 236
ڪشائي (آريا) 90
ڪلداني 92، 137، 151، 152، 153
ڪلهوڙا 116، 354، 523، 545
ڪنده قبيلو 34
ڪنعاني 137، 138، 144، 154، 155، 156، 157
ڪول/ڪولهي قبيلو 63، 66، 89، 544

ڪ

ڪتري/شتريا قبيلو 86، 120، 123، 125

گ

گاندش 148
گرديزي 311، 455، 472
گريئرسن 53، 9 540
گليزر 164
گن 500
گوپي بن ڏاهر 247، 251، 446
گولڊ سمٿ67
گونڊوفريس 80
گهوٽا تڪاچا 82
گپتا خاندان 82، 99، 108، 222

ل

لاڏي 87، 294
لقمان بن عاد 166
لانجينوس 177
لوط عليه السلام 145
ليوگل زغيزي 73، 142
ليونارڊوفيناڪي (پيسا) 495
لچوي خاندان 82
لحيان خاندان 164
لخمي 179، 180، 181، 182، 190
لاڪا قبيلو 123، 250
لهاڻو 64، 66، 85، 111، 123، 222، 250، 257، 374، 510

م

ماسٽر جيڪب فلورينس 495
مالڪ بن فهم الازدي 181
مامون خليفو 281، 282، 283، 285، 288، 294، 375، 504
مانيٽو 140
ماڙڪنديه 538
مائينوس 156
مايين (ماهين) 87، 246

ميرز بن ثابت 243
مجاشع بن مسعود اسلمي 209
مجاعه بن سعر 216
مجمدار 517
محب الله بکري 531
محمد ابن ابراهيم المقري 409
محمد التمر 479
محمد المهدي 479، 480
محمد النقاش 410
محمد بن ابراهيم الفزازي 406، 415، 494
محمد بن اسماعيل الدوري 483
محمد بن الريان 409
محمد بن حسن الفاريابي 410
محمد بن خليل 283
محمد بن زياد 335
محمد بن عبدالرحمان المخزومي "کنبل"404
محمد بن عبدالله قسري 278
محمد بن عمر هباري 309، 382، 383
محمد بن قاسم الثقفي 34، 87، 111، 122، 124، 218، 225، 231، 232، 233، 234، 236، 237، 238، 239، 240، 241، 243، 244، 245، 247، 247، 249، 250، 251، 252، 253، 254، 255، 256، 257، 258، 259، 260، 261، 262، 269، 270، 271، 319، 320، 321، 322، 328، 329، 330، 348، 362، 372، 374، 393، 395، 396، 433، 435، 439، 444، 445، 447، 450، 465، 469
محمد بن محمد السندي 402، 410
محمد بن مسلم بن قتيبه الدينوري 41
محمد بن مصعب 239، 450
محمد بن معاويه علافي 112، 216، 219، 241
محمد بن هارون النمري 216، 220، 237
محمد بن يوسف الثقفي 234
محمد سرفراز 523
محمد ﷺ 20، 24، 25، 162، 163، 171، 172، 181، 183، 188، 190، 193، 205، 297، 298، 299، 372، 390، 403، 404، 412، 479
محمد مرادياب 523
مخدوم امير احمد 35
مدائني 273
مدياس 151
مروان بن حکم 299
مروان بيو 276، 278
مروان پهريون 20، 193، 215
مزدڪ 480
مصبح بن عمرو تغلبي 281
مصعب بن زبير 299
مصعب بن محمد ثقفي 232
مضر بن نذار 185، 192
مطلب (بنو عوف) 232
مطهر بن طاهر المقدسي 129
معاذ بن جبل 183
معاويہ بن ابي بڪر 193، 211، 212، 232، 402
معاويہ بن مهلب 255
معبد بن خليل 281
معدل بن محمد الجندي 409

معين 163، 164
مڪارب سبا 165
ملا بهاءُ الدين 531
ملا رحمت الله 531
ملڪ سبا 165
ملا محمد سير 531
مناندر (ملندا) 80، 98
منذر بن جارود 213
منذر بن زبير هباري 275، 299
منصور بن جمهور الڪلبي 275، 276، 279، 317، 318، 320، 322، 334، 337، 384، 451
منعم 164
منڪ (ماڻڪ) 406، 494، 497
منومهراج 288، 374، 463، 464
موريز 96
موسيٰ الهادي 400
موسيٰ بن سنان الهذلي 237
موسيٰ بن عمر بن عبدالعزيز الهباري 36، 305، 306، 307
موسيٰ بن ڪعب تميمي 279، 280، 317
موسيٰ بن يحيٰ برمڪي 283
موسيٰ بن يعقوب ثقفي 251، 362، 372، 447
موسيٰ عليه السلام 146، 185، 479
موسيٰ ڪاظم 480
موسيڪانس 76، 95، 446
موڪي پٽ وسايو 241، 248
مولر صاحب 139
مونزراس 56، 58، 442
مهدي عباسي خليفو 281، 497
مهروق بن رؤق 305
مهوڪولا 100
ميان سرفراز خان 533
ميان عبدالنبي 533
ميرزا قليچ بيگ 35
مير شهداد خان 530، 533
مير علي شير قانع ٺٽوي 518، 531
مير غلام شاهه خان 533
مير فتح علي خان 529
مير ڪرم علي 533
مير نصير خان 533
مير نورمحمد 533
ميسن 531
ميڪمرود 349، 531
ميگاستنيز 97، 203
مينائين 139، 163، 164، 165، 166
مٿاني آريا 91، 148
محارب قبيلو 185
مدين 185، 191
مڪابي قبيلو 173
ملوئي قبيلو 449، 463
منگول 63، 355، 456، 544
مهاڻو قبيلو 64
ميربحر 64
ميد قبيلو 64، 92، 153، 213، 253، 257، 284، 333، 350، 366، 374، 379، 450، 454، 466
ميمڻ 64
مين قوم 454

ن

نابط 171، 172، 184
نبطي (قبيلو) 160، 161، 171، 172، 173، 174، 175، 176، 177، 178، 494
ناصرالدين قباچه 354
ناصر خسرو 481
نايڪ 407
نيو پوليسر 152
نيونڊو 92، 153
نصر بن سيار 277، 398
نصر بن محمد 281
نصيرالدين طوسي 481
نڪل 500
نگاش 164
ننڊا 96
نويه بن ڌارس 330
نوح عليه السلام 137، 139، 183، 191، 479، 537، 538
نوشيروان 406
نونوس 540
نيارڪس 77، 96
نزاري عرب 282، 300
نڪامڙه 219، 519

و

واثق باالله 41
واسديو 90، 148
واسشڪا 81
وائل بن هجر 183
وداع بن حامد نجدي 250
ورقه بن نوفل 190
وشتاسپ (گشتاسپ) 93
ولڀ راء/بلهه راء 206، 283، 418
وليد بن عبدالملڪ 217، 225، 253، 255، 254، 270، 439
وليد پيو 275
وليرين 177
ونسينٽ سمٿ 82، 84
وهب الله (وهب اللات) 177
وهب بن منبه 403
وؤسون 81
ويش 120، 123، 125
ويسيا 120

هه

هاجره رضه 171، 184
هارون بن ابي خالد 284
هارون بن رشيد 35، 281، 282، 337، 400، 401، 497، 518، 519
هارون بن موسيٰ 117، 367
هاشم 188، 193
هبار بن الاسود 24، 26، 295، 297، 298، 299، 300، 335، 336، 337
هشام 318، 377
هشام بن عبدالملڪ 272، 318، 392
هشام بن عروة 411
هشام بن عمرو تغلبي 280، 281، 296، 466، 511
هشام بن محمد 403
هلنس 544
همدان قرمط 480
همداني 166، 169، 424

# ملڪ، ماڳ، شهر


آ

آذربائيجان 518
آرمينيا 91، 146، 148، 149، 150
آسٽريليا 89
آشور 44، 73، 146، 149
آشوردان 149
آفريڪا 63، 65، 159، 165، 281، 296، 370، 375، 481، 511
آلپس 157
آمري 61، 72، 454
آمل 21
آمهل/قامهل 520، 451
آوندا (او- فان- چا) 83، 108، 331، 448، 455، 531
آئيسوس 75، 94
ابوُ 311
ابله 127، 204
ابوتراب جو مقبرو 426
اتر عربستان رياستون 172، 173، 174، 177، 178، 184
اتري/انري 420، 454، 455
اٿوپيا/ائيپنيا/حبش 165، 166، 167، 168، 189
اٿينس 156
اٽڪ 49، 55
اٽلي 174، 454
اجمير 249
اجين 273، 496
اُچ 310، 354، 489
اڏيپور 253، 269
اراجان 407
اراڪوسيا 77
اربيلا 35، 76، 94، 95
اردن 137، 160، 165، 174، 175، 177، 185
اردن واري مشطا 424
اردوس 154
ارڪا 154
ارمائيل 220، 418، 419
اڙل واهه 54
اسپين 157، 188، 259، 378، 411، 417، 424
اسڪلنده 83، 110، 251
اسرائيل 150، 175
اسير 165
اشهر 112
اصفهان 40، 278
افغانستان 90
اقصيٰ مسجد 424
الاخيادر 424
الازهر 483
الاصطخر 30، 234، 235
الاهسا 482

ت

تبت 54، 444
تبت ندي 54، 81، 168
ترهت 82
تل الحريري 146
تلوه 202
تمنع کهلون 166
توران 337، 362، 366، 448، 451
تورمانا 100
تيز 419
تيونس 34

ٿ

ٿاٽ 208، 379
ٿـــر 49، 51، 53، 108، 126، 306، 488، 543
[illegible] 543
[illegible]
ٿيبس 151

ٽ

ٽاڪلامڪان 98
ٽيڪسيلا 95، 541

ٺ

ٺٽـو 50، 51، 54، 58، 310، 436، 445، 453، 454، 489، 520، 523، 543

ث

ثيروهان 141

پ

پارٿيا 161
پارڪر 449
پاڪستان 51، 52، 63، 425، 436، 517، 518، 529، 537، 546، 547
پـــالميرا 44، 160، 171، 172، 176، 177، 178، 182، 502
پامير 90
پپ جبل 52، 53، 519
پتاليپترا 65، 82، 97، 203
پٽـــالا 76، 96، 108، 331، 437، 438، 439، 449، 455، 529، 531، 532
پٽالين 76، 77
پٽولي 174، 175
پراڻ درياءُ 30، 522
پرسيپولس (تخت جمشيد) 95
پساماتڪ 151
پشاور 56، 81
پطـــــره 44، 161، 171، 172، 173، 174، 175، 182
پنجـــاب 30، 49، 56، 74، 76، 77، 79، 80، 81، 82، 93، 97، 98، 280، 283، 296، 371، 449، 450، 463، 464، 466، 472، 489، 513، 537، 541
پنجگور 220، 237، 418، 453
پنجند 56
پيرپنو 444، 520
پيرس 36

ج

جاسم (دمشق) 41
جاوا 380
جبل الدوز 173

دلور جو پڙو 42، 325، 326، 327، 328، 329، 330، 332، 420، 436، 456، 531
دمشـــق 16، 25، 34، 35، 39، 41، 158، 159، 174، 188، 253، 254، 270، 273، 334، 389، 409، 411، 513
ديبل/الديبل 22، 33، 39، 42، 43، 112، 114، 115، 126، 207، 217، 218، 219، 221، 237، 238، 239، 241، 272، 274، 276، 307، 324، 338، 356، 362، 373، 375، 377، 378، 379، 408، 410، 417، 418، 419، 425، 433، 434، 435، 436، 439، 441، 442، 443، 444، 445، 446، 452، 453، 454، 519، 520، 521، 522، 523، 524، 530
ديدان 164
ديرڪ 419
ديوبند 42

ذ

ذاراجا 520، 522، 524

ڏ

ڏاڙهيارو جبل 52
ڏيبـر گهـانگهرو 325، 327، 328، 329، 330، 331، 332، 345، 347، 415، 448، 455، 456

ڍ

ڍورو پراڻ 90

ر

راجپوتانا 97، 110، 122، 258، 261، 279، 350، 371
راجستان 50، 350، 364، 405
رام هرمز 24
راوڙ 88، 101، 116، 221، 240، 241، 242، 243، 244، 245، 246، 247، 248، 249، 250، 257، 363، 395، 433، 437، 444
راولپنڊي 56
راوي ندي 56، 464
رُب الخالي 49
رحمڪي بزار 62
رفيقيہ 318، 335
رڻ ڪـــڇ 50، 62، 63، 96، 376، 455، 522
روجهاڻ 112
روم 39، 121، 148، 157، 158، 161، 174، 177، 178
روهڙي/الور/اروڙ 43، 51، 61، 116، 251، 271، 324، 338، 372، 418، 419، 420، 425، 433، 446، 447، 448، 449، 453، 457، 465، 469، 513، 523
ري 236، 278
ريڙهي 445، 521، 524
ريگستان وارياسو 53

ز

زوبہ 158

س

سابور 394، 395
ســـــاڪرو 241، 443، 444، 518، 519، 524

ساماريه 150
سامره 293، 487
سانگهڙ 50، 54، 272، 329، 345، 448، 455، 543
سبط 38
سبي 64، 449
ستلج ندي 55، 56، 376، 449
ستيا (سنڌ) 80
سجستان 295، 303
سبان 154
سرسوت 253
سسلي 502
سغد 220
سڪه 112، 251
سڪرنڊ 329
سڪيانگ 98، 99
سکر 50، 51، 57، 58، 455، 543
سگدانيا 81
سلاٽورا 541
سليشيا 366
سليمان جبل 52
سمرا 154
سمرقند 168
سموس 156
سن 454
سن تو/هاڪڙو/واهندا درياءُ 108
سنجهورو 345، 455
سنداماڻ 77، 95، 450
سنڌ 19، 20، 21، 22، 25، 26، 27، 28، 29، 30، 31، 32، 33، 34، 35، 36، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 43، 49، 50، 51، 52، 53، 54، 56، 57، 58، 59، 60، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 67، 71، 72، 74، 75، 76، 77، 78، 79، 80، 81، 82، 83، 84، 85، 86، 87، 88، 89، 90، 91، 93، 95، 96، 97، 98، 99، 100، 101، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 118، 120، 122، 123، 124، 125، 126، 127، 128، 201، 202، 203، 204، 205، 207، 208، 209، 210، 211، 212، 213، 215، 216، 217، 218، 219، 220، 221، 222، 223، 224، 225، 232، 233، 236، 237، 239، 240، 242، 246، 247، 248، 251، 253، 254، 256، 257، 258، 259، 260، 261، 262، 269، 270، 271، 272، 273، 274، 275، 276، 279، 280، 281، 282، 283، 284، 285، 286، 287، 288، 294، 295، 296، 299، 300، 301، 302، 303، 304، 305، 306، 307، 308، 309، 310، 311، 312، 317، 318، 319، 320، 321، 322، 324، 326، 327، 328، 331، 333، 334، 335، 336، 337، 338، 345، 346، 347، 348، 349، 350، 351، 353، 354، 355، 356، 361، 362، 364، 365، 366، 367، 370، 371، 372، 373، 374، 375، 376، 377، 378، 379، 380، 381، 383، 384، 389، 413، 414،

415، 416، 417، 418، 419، 420، 421، 422، 423، 424، 425، 426، 433، 434، 435، 436، 437، 439، 441، 442، 443، 444، 445، 446، 447، 448، 449، 450، 451، 452، 453، 454، 455، 456، 463، 464، 465، 466، 467، 470، 471، 479، 482، 484، 485، 486، 487، 488، 489، 493، 494، 496، 497، 509، 510، 531، 533، 537، 538، 539، 543، 544، 545، 546، 567، 568، 569، 571، 575، 576، 577، 578، 579، 580، 581، 582، 583، 584، 585، 586

سنڌ جو پامپئي 349

سنڌوماتر 26، 38، 49، 63، 71، 72، 79، 81، 83، 88، 89، 91، 92، 93، 95، 96، 97، 98، 100، 108، 141، 159، 201، 202، 203، 204، 224، 246، 256، 261، 362، 417، 418، 422، 466، 467، 471، 472، 511، 520، 537، 538، 544

سنڌوندي/سنڌو/مهراڻ 30، 49، 53، 54، 55، 56، 57، 59، 80، 91، 92، 93، 95، 112، 126، 202، 241، 251، 271، 272، 273، 279، 317، 319، 323، 324، 325، 327، 329، 330، 333، 337، 345، 349، 350، 351، 356، 376، 421، 435، 437، 438، 439، 441، 442، 443، 446، 447، 448، 449، 452، 453، 455، 471، 488، 520، 521، 522، 523، 524، 531، 537

سنڌوندي جي ڇوڙ وارو علائقو 521، 522، 523

سوات 541

سو/سبي/سوي ڪوٽ 449

سوڪوٽ/شورڪوٽ 64، 463

سومنات 311

سونمياڻي 443

سونهري ڍنڍ 54

سوويرا 541

سئي 449

سئيز واھ 155

سيسا ڪاري 444

سيستان 74، 208، 210، 213، 311، 379، 449

سيسفان 204

سيسم 240

سيشم 154

سيلون (سريلنڪا) 72، 89، 166، 205، 206، 217، 219، 379

سيرواھ (ڪريبا) 165

سينا جو رڻ پٽ 140، 158، 160، 170، 185

سيوستان/سيوهڻ 43، 58، 64، 82، 110، 111، 112، 203، 229، 234، 276، 311، 328، 354، 418، 433، 436، 448، 449، 450، 451، 452، 463، 488

ش

شاش 220، 269

شام 35، 41، 73، 90، 127، 137، 138،

142، 145، 150، 152، 154، 155، 156،
157، 158، 159، 160، 161، 163، 172،
173، 174، 176، 178، 180، 182، 185،
186، 214، 224، 276، 277، 278، 410،
411، 423، 424، 451، 483، 494
شاهه بندر 62
شهدادپور 42، 61، 305، 324، 345،
436
شهر الرود 447،
شيراز 234، 235، 261، 294، 484، 485
شيرجان 209

ص

صفا 184
صفين 23
صنعا 140، 163، 166، 442
صوماليا 168

ط

طائف 189، 223، 298، 299
طبارستان (ايران) 21، 295

ظ

ظفر (قديم يمن جو گاديءَ جو هنڌ) 167
طخارستان 279، 317، 472

ع

عبدالله شاهه اصحابي جو مقبرو 441
عتيقا (اُتيڪا) 157
عدن 166
عُرارتو 149
عراق 63، 65، 71، 72، 73، 74، 89،
90، 107، 127، 137، 138، 139، 141،
142، 143، 145، 146، 148، 149، 150،
153، 179، 181، 201، 202، 203، 208،
212، 214، 219، 220، 233، 237، 240،
254، 256، 269، 270، 271، 273، 275،
279، 293، 294، 295، 305، 307، 317،
318، 334، 336، 337، 377، 392،
393، 398، 403، 413، 418، 421، 422،
423، 424، 480، 482، 487، 538
عربستان 44، 137، 138، 139، 145، 148،
150، 161، 162، 163، 165، 166، 167،
176، 178، 179، 181، 182، 184، 207،
231، 232، 364، 404، 424
عربستاني برپٽ 138، 139، 141، 142،
145، 148، 160، 178، 181
عربي اپسمنڊ 162، 182
عربي سمنڊ 50، 53، 56، 296، 443، 521
عسقلان 154
عمان 44، 50، 161، 165، 204، 207،
208، 337، 379، 439، 485
عمورو 90، 145
علا 163
علي ڳڙهه 39
عين التعمير 424

غ

غرناط 34
غزني 310، 354، 487، 488
غزه 473

ف

فاران 126، 184

فـــــارس 26، 46، 52، 201، 203، 208، 234، 303، 322، 379
فاس (فيز) 34
فتح باغ 242، 437، 444
فرات وادي 72، 73، 141، 149، 177، 181، 201
فرج بيت الذهب 192، 465، 470، 471
فسطات 424
فلسطين 138، 150، 151، 184، 497
فهراج 418

ق

قاهره (مـصر) 19، 24، 26، 27، 33، 36، 38، 41، 187، 410، 483، 484
قبرص 156
قرطبہ (اسپين) 37، 188، 424
قرقيسيا 299
قرنہ 139، 163، 167
قزوين 22
قسطاليہ 34
قسطنطنيہ 180
قصر امار 242
قطبان 166
قنڌابيـل (گنـــڌاوا) 85، 216، 276، 280، 283، 418، 419
قنذار 280، 473
قنزبار 418، 419
قنزپور (پنجگور) 237، 418، 419
قنوج 88، 249، 253، 269، 393، 472
قيقانــان/قــلات 50، 52، 210، 211، 213، 247، 283، 362، 418

ڪ

ڪابل 210، 220
ڪابل ندي 49، 55، 95
ڪانيـاواڙ 50، 62، 79، 80، 81، 98، 99، 418
ڪارو منڊل 205، 206، 379
ڪارونجهر پهاڙ 53
ڪاريہ 202
ڪاشگر (ڪاشغر) 81، 220
ڪافرستان 542
ڪائيسز 154
ڪتالواڙهہ 112
ڪتي جي قبر 52
ڪتي واري ندي 44
ڪـــــڇ 50، 62، 80، 283، 285، 296، 319، 364، 371، 405، 420، 444، 510، 513، 522، 544
ڪراچـــــي 414، 441، 443، 445، 453، 489، 517، 518، 521، 522، 524، 530
ڪرانڊا 202
ڪربلا 23، 392، 479
ڪرمان 109، 208، 209، 210، 211، 295
ڪروڙ 112
ڪزدار/خضدار 31، 52، 213، 283، 362، 407
ڪسڪهار 441
ڪسياپورا (ملتان) 463، 464
ڪشمور 53، 56

ڪشـــمير 50، 55، 81، 99، 100، 112، 126، 224، 253، 258، 269، 280، 296، 305، 469، 510، 540، 542
ڪڪر بڪيرا 444، 523
ڪلدان 153
ڪلري/ ڪينجهـر 54، 324، 329، 419، 420، 431، 435، 452، 453، 454
ڪلفٽن 441
ڪلڪتو 539
ڪمبا 112
ڪنعان 154، 158، 159
ڪوٽ ڏيجي 61، 71، 72
ڪوٽڙي 57، 58
ڪوٽيشور 531
ڪورنگي 441، 445، 521، 522
ڪورون 74
ڪوري 438
ڪوريا ندي 55
ڪوفـــه 215، 232، 238، 246، 454، 278، 293، 398، 410، 413، 424
ڪوهه پايه 112
ڪوهستان 52، 53، 55، 60
ڪڙاوان 424
ڪئسپئن سمنڊ 141
ڪيرج 262، 395
ڪيز (ڪيچ مڪران) 418، 419
ڪيڪانان 110
ڪيڪايہ 541
ڪيلاش 55

ک

کنڈرو 437، 438، 442، 531، 532
کنيات 379، 420، 452
کوٽان 81، 99

گ

گاج ڪولاچي ندي 58، 60
گازا 154، 173
گبلا 154
گجـــرات 62، 63، 64، 79، 80، 205، 206، 273، 283، 296، 365، 371، 405، 420، 451، 452، 487، 510، 513، 544
گردوخ 483، 489
گريس (يونان) 158، 178
گسري 442
گلگت 542
گلياد 149
گليلي 149، 173
گنجو ٽڪر 51
گندارا 541
گنداوا 418
گنگا ندي 57، 81، 125، 129، 130
گنگا وادي 76، 82، 96
گنگڙو 522
گهـــارو (ڍورو) 437، 441، 443، 517، 522
گوندوانا 65
گوني تعلقو 242، 437
گيذر 154

گ

ڳاڙهو سمنڊ 155، 162، 166، 173
ڳاهو 50
ڳرها 174

ل

لبنان 137، 175
لاڙ 54، 59، 64، 126، 241، 437، 488، 489، 520
لاڙڪاڻو 50، 95، 446، 543
لس ٻيلو 50، 52، 362، 453
لڪيش 154
لواري پير 346
لوني بيئر آستر 438
لوٽي درياءُ 438
لوهاڻو درياءُ (ڍورو پراڻ) 96، 330
لوهراڻي 324
لاهري/لاهوري بندر 444، 520، 521، 522
لاهور 40، 280، 296، 487
ليپزگ 37
ليڊن 20، 22، 23، 26، 28، 31، 39
لايڊ براج 325

م

ماري مورڙو 442
ماڙي پور 60
ماسڪو 25
مالٽا 156
مالديپ 206
مالوا 64، 97، 273، 364، 449، 463
مامهل (انهيلواڙا) 451، 452
مانسرور ڍنڍ 55
ماهوٽا (اوسڪانا) 95، 438
متهلو 330، 345، 352
متڙا 80
منڙ ڪوٽ 56
مخي ڍنڍ 54
مدينو/يثرب 39، 171، 181، 205، 282، 297، 298، 390، 392، 404، 409، 424
مراة النعمان (ماري) 43، 104، 146
مرو 278
مروه 184
مري بگٽي 31
مشطا 424
مصر 36، 39، 41، 43، 71، 75، 76، 90، 92، 94، 137، 138، 139، 140، 150، 151، 152، 155، 157، 159، 170، 185، 278، 294، 380، 410، 423، 481، 483، 484، 485، 497، 511
معان 163، 165
معموريه 319، 321
مقدونيه 75، 94
مڪران 31، 50، 77، 96، 100، 110، 112، 141، 201، 208، 210، 212، 216، 219، 220، 237، 362، 366، 379، 442، 443
مڪلي ٺڪريون 51
مڪو 39، 51، 171، 172، 183، 185، 186، 187، 188، 189، 205، 215، 233، 294، 298، 299، 390، 391، 404، 409، 482

مگدا 75، 77، 79، 82
ملبار 205، 206، 207، 418
ملتـــان 22، 28، 30، 43، 83، 85، 110، 116، 127، 210، 252، 253، 262، 283، 280، 295، 296، 310، 312، 319، 321، 338، 362، 367، 371، 379، 393، 414، 418، 419، 420، 422، 438، 447، 452، 463، 464، 465، 466، 467، 468، 469، 470، 471، 472، 473، 483، 484، 485، 486، 489، 510، 512، 513
مليشيا 50
مليط 174
منجاباري 419، 453، 454
منچر ڍنڍ 54، 58
منصـــوره 22، 24، 27، 29، 30، 32، 42، 274، 275، 280، 282، 283، 317، 318، 319، 320، 321، 322، 323، 324، 325، 327، 328، 329، 330، 331، 332، 333، 334، 335، 336، 337، 338، 345، 346، 347، 348، 349، 350، 351، 352، 354، 355، 356، 364، 365، 372، 376، 378، 380، 381، 383، 384، 407، 408، 415، 418، 419، 420، 421، 422، 423، 425، 426، 434، 436، 445، 447، 448، 449، 451، 452، 453، 456، 467، 469، 470، 471، 472، 488، 512، 513، 523، 530، 588
منصوره بهمنوا 354
منگوليا 81، 99
منهل 250
موسا 146
موصل (رفيقہ جزيري) 318
موئن جو دڙو 61، 71، 72، 89، 142، 143، 202، 446
مهاتم تور 488
مهاراشٽر 89
مئڊرڊ 39
ميڊيا 150، 152
ميرن جا قبا 533
ميگيدو 154
ميمفس 76، 151
مينا نگر 80، 454
موريا سلطنت 78، 97

ن

نارا ڪينال 53
ناسڪ غار 79
نانيا واهه 443
نجران 169، 182، 189
نزوالا سنڌل 251
نصرپور 421، 453
نفوذ 170، 183
نـواب شـاهه 50، 272، 329، 330، 452، 455، 543
نهاوند 278
نهروان 23
نيـرون ڪـوٽ 42، 111، 112، 203، 239،

241، 257، 324، 330، 331، 332، 338، 362، 418، 419، 420، 433، 434، 435، 436، 437، 439، 448، 453، 454، 456، 523، 529، 530، 531، 532
نيشاپور 409، 410
نيلما 253، 273
نيل ندي 30، 57، 76، 140، 155، 174
نيمروز 109، 114
نينوي 43، 143، 151
نيوبيا 483

و

وادي قري 160، 170
واسط 254، 293، 295، 394، 526
واگهوڌر 441، 442، 520
وچ اوير ايشيا 144، 158، 417
وچ ايشيا 80، 98، 108، 220، 375، 378، 481، 488
وچولا پورا 448
وچ هندوستان 64، 79
وڪر 524
وڪروهار 250
ونڌيا جبل 81
ونگو 524
ون وهار 519

ھ

هاٿي لڪ 540
هاران 277، 278، 409
هاڪڙو/واهندا درياءُ 53، 96، 108، 126، 329، 376، 433، 449
هالا 418
هاليجي ڍنڍ 54
هانگ ڪانگ 50
هڏڙو ڍنڍ 54
هرمزد 209
هلوان 278
هماليه 55
همدان 94، 95
هند- پاڪ (ننڍو کنڊ) 20، 22، 23، 27، 28، 37، 49، 50، 74، 91، 92، 108، 117، 119، 120، 121، 122، 124، 125، 127، 129، 130، 167، 202، 203، 206، 366، 389، 400، 406، 421، 463، 467، 502، 503، 510، 512
هندي سمنڊ 24، 25، 107، 166، 285، 521
هوسشڪاپور 99
هيلاس 75، 94
هيلسپانٽ 94
هيلمند ندي 210

ي

ياٿل (براقيس) 163
يارڪند 81
يرموڪ 180
يمن 44، 127، 139، 140، 161، 162، 163، 164، 165، 166، 167، 168، 169، 179، 181، 182، 185، 189، 190، 255، 379، 411، 424، 482
يورپ 90، 156، 157، 347، 349، 378، 406، 417، 495، 497، 503

# ٻوليون


آ

آرامي 158، 159، 174، 177

اپيراس 128

اپيرمشا/سنٽا ياشا 127، 128، 538، 540

اردناگري رسم الخط 415، 472

اردو 66، 547

اڪادي 154

انگريزي 66

ايراني 82، 493، 537

ب

بنگالي 541

بهاري 539

ت

ترڪ 544

پ

پراڪرت 82، 91، 127، 538، 540، 541، 542

پشتو 537

پنجابي 541، 542

ح

حبشي 137

د

داردي 539، 540، 542

دراوڙي 65، 539، 545

دروزي 486

س

سامي 43، 63، 73، 92، 137، 138، 141، 147، 148، 153، 190، 201، 202

سنڌ امتريڪا رسم الخط 472

سميري 63، 65، 71، 72، 73، 142، 148، 149

سنڌي 50، 63، 66، 67، 127، 305، 414، 415، 455، 472، 519، 537، 538، 539، 540، 541، 542، 543، 544، 545، 546، 547

سنسڪرت 82، 326، 463، 464، 501، 537، 538، 540، 541، 545

سينائي 164، 167

سيندب 415

ع

عربي 19، 25، 137، 160، 182، 442، 472، 509

ڪ

ڪشميري 539، 540

ڪوفي رسم الخط 414، 415

ڪيڪيا 538

گ

گجراتي 544

ل

لاطيني 176، 177

لهندا 539، 540، 542

م

مراهٽي 541

ن

ناگري رسم الخط 27، 167، 415، 472، 494، 517، 538

و

وراچدا 538

هه

هند آريائي 539، 540

ي

يوناني 158، 173، 176، 177

# مذهبن، فرقن، ادارن، جنگين ۽ ٻيا متفرق نالا


آ

آديہ استنا (مندر) 463

آشوربني پال (لائبريري) 44، 151

آشور (خدا) 149، 191، 209

آشوميڌ (رسم) 82

آهورمزدا (ديوتا) 92

اپنيشد 502

اجنتا (غارون) 424

احمريا (مذهب) 129

اخوان الصفا (سياسي پارٽي) 480، 481، 503

اشترت 158، 170، 188

اشنونا قانون 44

اصحاب الحجر 160، 173

اڪليل 166

الاخيادر 424

الخورناق 181

الصادر 181

المقه (مه گاهه) 164، 170

الموت (قلعو) 483، 489

اميرالامراء آل بويہ ديلمي (خاندان) 294، 407

اندرا 91، 148

انشيتا (مذهب) 129

انليل (خدا) 143

ائجن سمنڊ 156

ائنڊري پيرٽ (سياسي پارٽي) 146

ايفروڊائيٽ (خدائڻ) 158

ايل (ياعيل "خدا" 158

ايلوراغار 424

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 62

او- فا- تسون (آدتيہ) "سج ديوتا" 464

ب

برهما (خدا) 463

بڪرنتيا (فرقو) 129

بوذاسف بلوهر 504

بيل/بيل مردوڪ/بعل 92، 158، 178

ٻ

ٻڌ ڌرم 78، 80، 82، 99، 113

ٻڌشمني 113، 130، 253، 373، 435، 530

ٻڌمت 75، 111، 222، 239، 256، 326، 374، 511

ڀ

ڀاپوزيا (مذهب) 130

پ

پورشيا جنگ 76

ج

جلهڪيا فرقو 130، 131

جيب التمام 496

جيب المبسوته 496
جيب المنقوش 496
جيهووا (خدا) 158

ح

حجر اسود 482
حديث 21، 391، 403، 404، 407، 408، 409، 410، 411، 412
حليم جنگ 179

خ

خورديبل 520
خيريت التنور 175

د

دارالطبعة السلطانيہ 23
دارائي سڪو 93
دامنيہ (مذهب) 130
دروزي فرقو 483
دفاني 325، 345
دناڪتيا (آدتڪيا) فرقو 129
دهليله 248، 328
ديلمي خاندان 294
ديوناگري (لکت) 326، 545

ذ

ذوريدان 167

ر

رشي تتاگاتا 83، 84، 108، 448، 455
رشيڪيا فرقو 130
روزينا پهڻ 44

ز

زاب جنگ 384
زاب شاخ 278
زردشتي مذهب 129، 190، 235
زنج بغاوت 293، 481
زم زم 184
زمه جنگ 157

س

سبا (حڪومت) 165، 167
سرو 54
سمرتين 118، 121
سمڪيا ويسيشڪا 502
سنڌي ادبي بورڊ 62

ش

شارون 149
شڪاگو يونيورسٽي 235
شالمنيسر 49

ع

عيسائيت (مذهب) 176، 189

غ

غر 44
غساني حڪومت 178، 181، 189
غمدان 44، 168

ق

قادسيہ جي جنگ 117، 242، 244، 364
قرقر جنگ 155، 158

ڪ

ڪارا ڪورم لنگهه 55
ڪافر ڪوٽ 454، 519
ڪالنگا جنگ 78
ڪاما سوترا 122
ڪباليا فرقو 130
ڪتيايانا 119

گ

گريگورين ڪيلنڊر 496
گلگميش 44
گنديسابور اڪيڊمي 493
گنگا ياترا (مذهب) 129

ل

لوهاري دروازو 312، 473
ليهه 55

م

مارب بند 44، 166، 167، 169، 178، 424
ماري (معري) ڪتب خانو 43
مترا 91
محفوظ 274، 318، 319، 322، 323، 325، 327، 329، 332، 333، 347، 425
مدرسو شيخونيه 39
مرج راهط جنگ 214
مردوڪ 147
مڪ بيل 178
مگان 164
مهاڀارت جنگ 74، 91، 541
مهاڪاليه ٻت 128، 130
مهاڪاليه فرقو 128، 130
ميجي (يامجومي) 176

ن

ناشتيا 130
نتسيا 148
نرادا 118
نرم سين 44، 143، 145
نقب الحجر 44، 167
نووهار 406

و

وروڻا 91
وينس (خدا) 158، 188

ي

يهودي مذهب 169، 176، 188، 189